

DAUGHTER OF THE EAST
محترم بينظير ڀٽو جي لکيل آتم ڪهاڻي
نئين وڌايل ڇاپي
جو سنڌي روپ
ڌرتيءَ ڌيءُ
بينظير ڀٽو
حسين بادشاه
روشني

# ڊرٽيءَ ڏيءُ

## محترم بينظير ڀٽو جي لکيل آتم ڪٿا Daughter of the East جي نئين ڇاپي جو سنڌي روپ

**بينظير ڀٽو**

**حسين بادشاھ**

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
2008ع

”ھيءَ ڪتاب سچائي، پريم، جاکوڙ، ھلچل ۽ سُورما پرستيءَ جو ڳوڙھو ڇُرندڙ پُرندڙ داستان آھي.“

- **’ايوننگ اسٽئنبرڊ‘**

”ھوءَ انتھائي سخت ۽ ويڙھاڪ عورت آھي ... اِھو ڪتاب ھُن جي آتم ڪٿا آھي، جيڪو پنھنجائپ ۽ موھيندڙ انداز سان لکيل آھي.“

- **’انڊپينڊنٽ‘**

”ھيءُ شھيد گھراڻي ۽ ان شاندار ڏيھ جي بھادر عورت جو انمول ڇُرندڙ پُرندڙ ۽ للڪاريندڙ داستان آھي، جيڪو وحشي دٻاءَ ۽ اڳرائيءَ آڏو آزاديءَ واري آتما جي برقراريءَ لاءِ جاکوڙ پيو ڪري.“

- **’سنڌي ٽائيمز‘**

# ارپنا

بلاول، بختاور ۽ آصفه

۽

پاڪستان جي سمورن ٻارن لاءِ

## فهرست


1. پہ اکر 07
2. نئين ڇاپي جو مهاڳ 09
3. 4 اپريل 1979 :منهنجي والد جو قتل 21
4. پنهنجي گھر ۾ قيد 40
5. جمهوريت ۽ منهنجي پهرين آزمائش 64
6. آڪسفورڊ جا مينارَ 88
7. ضياءَ جي غداري 112
8. بابا جو عدالتي قتل 135
9. مارشل لا سان جمهوريت جو مقابلو 187
10. هيڪلائپ، سکر جيل ۾ 199
11. ڪراچي سينٽرل جيل ۾ 235
12. اڪيلائي جا ڏيا ڀ ورهيہ نندي جيل ۾ 259
13. آمر سان مقابلو 1984ع کان 1988ع تائين 286
14. جلاوطنيءَ جا سال 286
15. ادا جي شهادت 320
16. لاهور ڏانهن واپسي ۽ آگسٽ 1986ع جو ڪوس 350
17. منهنجي شادي 396
18. جمهوريت جي نئين اميد 414
19. آگسٽ 1988ع 422
20. عوام جي سرسي 422
21. وزيراعظم ۽ پُڄاڻي 442
22. تصويري البم 487

# ٻہ اکر

پنهنجي پاڻ کي سنڌوماتريءَ جي ڌيءُ سڏرائيندڙ ۽ لاڙڪاڻي جي مٽيءَ ۾ دفن ٿيڻ جي آس رکندڙ شهيد بينظير ڀُٽو لوڪشاهيءَ ۾ ويساھ رکندڙ عالمي ۽ قومي سياسي اڳواڻ هئي، جنهن پنهنجي نظريي تي عمل ڪندي، عوامي جدوجهد دؤران شهادت ماڻي. ماڻهن ۾ ۽ سندن فيصلي ۾ پُورو پروسو رکندڙ بينظير ڀُٽو، ڪابيءَ ڌُر جي اڪثر جماعتن ۽ اڳواڻن جيان نظرين ۾ مُنجهيل نہ، پر عملَ ۽ اُپريل حالتن پٽاندر عوام تي جان نڇاور ڪندڙ باشعور فرد هئي، جنهن اُهو 27 ڊسمبر 2007ع تي راولپنڊيءَ جي لياقت باغ ۾ عوامي ميڙ دؤران شهادت ماڻڻ سان ثابت بہ ڪري ڏيکاريو.

تاريخ جي شاگرد هئڻ سبب، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان نظرياتي اختلاف هوندي بہ، مون سدائين اُن جماعت کي سنڌ جي ٻين جماعتن جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ مناسب جماعت ڀانئيو آهي، ڇو تہ شهيد بينظير ڀُٽو تاريخي طور اُن نظريي ۾ يقين رکندي هئي، تہ پاڪستان ۾ چار قومون رهن ٿيون، جن جا سنڌوماتريءَ جي سڀيتا کان پاڻ ۾ لاڳاپا ۽ سُٻنڌ رهندا آيا آهن، جن جو اهو مُقدر آهي، تہ اُهي مُلڪ جون واڳون پاڻُ سنڀاليندي جمهوريت آڻين، تہ جيئن ڪين حق پلئہ پئجي سگهن. تنهنڪري مُلڪ تي ڏاڍائيءَ سان مَڙهيل اسٽيبلشمينٽ جي اقليتي گروھ کي اُهو حق هرگز نہ آهي، تہ اُهي پاڪستان جي عوام مٿان پنهنجو فيصلو مڙهين.

پر مخالفن ۽ دهشتگردن کي اُها ڳالھ نہ وڻي، جنهنڪري پاڻُ ۾ جُٽ ٿي، انهن سازش پٽاندر سنڌ لاءِ اَملھ خزانو جي حيثيت رکندڙ بينظير ڀُٽو کي شهيد ڪرايو. اُن رتوڇاڻ واري انتهائي واقعي کان پوءِ، هر اک مان ڳوڙها وهڻ لڳا هئا. هر ڪو سوڳوار ڏسڻ ۾ پئي آيو، پر هڪڙي ڳالھ اچرج واريءَ هئي، تہ اُهو ڏُک ۽ سوڳ گهر جي ڪنهن وڏڙي يا ويجهي مائٽ کان ٿورڙو نرالو بہ هو. اُن ڏُک ۽ احتجاج ۾ پنهنجائپ سان گڏ پنهنجي مستقبل بابت ڪاوڙ ڳاڻاٽو ڳڻتي ظاهر ڪيل هئي.

سنڌ ۾ 2004ع ڌاري پاڪستان پيپلز پارٽي، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ شهيد بينظير ڀُٽو بابت ڪافي مونجهارا ڦهلايل هئا، جيڪي سوچ تي ٻڌل نہ هئا. تنهنڪري منهنجي اها ڪوشش هئي، تہ مٿين موضوعن تي ڪتاب ترجمو ڪري/ ڪرائي مارڪيٽ ۾ آندا وڃن، تہ جيئن اڻڄاڻائيءَ سبب ٿيل غلط فهميون دُور ٿي سگهن، ۽ شعور ۾ واڌارو ٿئي. انهيءَ ڏس ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جا توڙي سندس متعلق ڪجھ منهنجا

ترجمو ٿيل ڪتاب روشني پبليڪيشن وارن ڇپرائي مارڪيٽ ۾ آندا، جنهن جا سُٺا نتيجا سامهون آيا. ان ئي سلسلي جي ڪڙيءَ طور شهيد بينظير ڀُٽو جي آتم ڪهاڻيءَ جي اهميت کي سامهون رکندي، روشني پبليڪيشن ڪنڊياري جي اصرار تي ڪتاب Daughter of the East جي نئين وڌايل ڇاپي جو ترجمو ڪيو ويو، ارادو اهو هو ته، هي ڪتاب شهيد بينظير ڀُٽو جي حياتيءَ ۾ ڇپرايو وڃي، پر ڪجهه لاپرواهيءَ سبب اُن ۾ دير ٿي، جو نيٺ دهشتگردن هٿان بينظير ڀُٽو جي شهادت جو واقعو ٿيو.

**محمد حُسين بادشاهه**

# نئين ڇاپي جو مهاڳ

مون هيءَ سياسي زندگي پاڻ نہ گهُري هئي، پر اُن مونکي چونڊيو هو.
ڄمنڌئي منهنجو جيون، پاڪستان جي ڏُکن ڏوجَهرن، هاڃن ۽ سوڀن جو اولڙو آهي.
پاڪستان تي هڪ ڀيرو ڀيهر عالمي دُنيا جون اکيون کُتل آهن. اسلام جو نالو واپرائيندڙ دهشگردَ اُن جي سلامتيءَ لاءِ خطرو بڻيل آهن. لوڪشاهي قوتون ويساهه رکن ٿيون تہ آزاديءَ جي اصولن جي واڌاري ۽ اؤسر سان دهشتگرديءَ کي ختم ڪري سگهجي ٿو. فوجي آمريت، دوکي ۽ سازش جي جوڪائتي راند کيڏي ٿي. ڪو فوجي آمر پنهنجي اقتدار وڃائڻ جي ڊپ سبب، جنهن کي ڇڏڻ ڪان هو سدائين، ٽنائيندي وقت وڃائي ٿو ۽ جدت توڙي نواڻ آڻيندڙ طاقتن کي ڪناري تي لڳائي ٿو، تنهن مهل دهشتگرديءَ جا ألا اُتن ٿا.
پاڪستان ڪو رواجي ڏيهہ نہ آهي ۽ منهنجو جيون بہ ڪو رواجي جيون نہ آهي. منهنجي بابا ۽ ٻن ڀائرن کي قتل ڪيو ويو. منهنجي ماءُ، مُڙس ۽ آئون پاڻ جيل جا باندي رهيا آهيون. مون جلاوطنيءَ ۾ ڪيئي ورهيہ گهاريا آهن. پر آئون ڏکيائين ۽ پيڙائن ڀوڳيندي بہ پاڻ کي سڀاڳي سمجهان ٿي. آئون پاڻ کي سڀاڳي سمجهان ٿي، ڇو تہ آئون مسلمانن جي پهرين چونڊيل عورت وزيراعظم ٿي، روايتن جا پنجوڙ ٿوڙي سگهي آهيان. عورت کي وزيراعظم چُونڊڻ وارو اُهو عمل، اسلام ۾ عورت جي ڪردار بابت مسلمان دنيا ۾ ڪاوڙائيندڙ ڇتي بحث جو مُک نُقطو بڻجي ويو هو. اُن مان اهو ئي ثابت ٿيو تہ مسلمان عورت وزيراعظم چونڊجي سگهي ٿي، ڪنهن مُلڪ تي حڪومت ڪري سگهي ٿي، ۽ اُن کي مردن توڙي عورتن طرفان اڳواڻ طور قبولي سگهجي ٿو. آئون پاڪستاني عوام جي ٿورائتي آهيان، جن مونکي اهو اعزاز بخشيو.
۽ جيئن تہ هينئر جِدت پسندن ۽ انتها پسندن وچ ۾ بحث لڳاتار جاري آهي، پر منهنجي 2 ڊسمبر 1988ع تي وزيراعظم جي عهدي جي قسم کڻڻ کان سڄيءَ مسلمان دُنيا جون عورتون، وڏيون ڀرانگهون ڀري اڳتي وڌيون آهن.
هن دنيا ۾ رُڳو ڪجهہ ماڻهن کي ئي سماج ۾ تبديليءَ آڻڻ ۽ ڪنهن اهڙي ملڪ ۾ جديد دؤر آڻڻ جو وجهہ مليو ٿو، جنهن ۾ رڳو بنيادي سماجي ڍانچو موجود هُجي ٿو، تہ جيئن عورتن جي ڪردار بابت روايتي ويچارن ۽ کُڏن سوچن کي ٽوڙيو وڃي ۽ نيث اُنهن لکين عورتن کي تبديليءَ جي آسُ ڏني وڃي، جن وٽ ان کان اڳ ۾ ڪابہ آسُ نہ هئي.
هيءَ پاڻمرادي اُها زندگي نہ آهي، جنهن کي آئون پاڻ چونڊيان ها، پر اها موقعن، ذميدارين ۽ مقصدن جي پُورٽتا واري زندگيءَ رهي آهي. ۽ آئون ڀانئيان ٿي تہ مستقبل وٽ اجا بہ ڪي اڻ ڳڻيون للڪارون آهن، جيڪي شايد منهنجي مُلڪ ۽ مونکي پاڻ ڀوڳڻيون پون.

منهنجي زندگيءَ جي اؤسر مهل ويهه ورهيه اڳ – منهنجي بابا جو قتل، منهنجي قيد، سندس سياسي جانشيني سنڀالڻ سبب- مون وٽ پنهنجي ذاتي خوشين جي ڳولا، محبت، شادي ۽ ٻار ڄڻڻ جي ٿورڙي اُميد هئي. انگليند جي راڻيءَ ايلزبيٿ جيان، جنهن مون جيان قيد ڀوڳيو هو ۽ ڇڙي رهي هئي، مون سوچيو ته آئون سڄيءَ زندگيءَ ۾ ڪڏهن به شادي نه ڪنديس. پر منهنجي ذاتي زندگيءَ انهن محدود اُميدن کي للڪاريو ۽ ڪين نه مڃيو. مون ڏکين حالتن هوندي به شاديءَ ڪئي ۽ منجهانئس خوشي ۽ لُطف مليم. مون کي پنهنجي مُڙس جي همت ۽ وفاداريءَ تي فخر آهي، جيڪو شاديءَ جي اوڻيهن ورهين ۾ هميشه مون سان گڏ بيٺو رهيو. هُو اُنهن ورهين ۾ وزيراعظم هائوس ۾ رهيو، يا وري منهنجي سياسي ساک ۽ داءَ لاءِ سياسي قيديءَ طور يرغمال رهيو، ۽ مون ڏٺو ته جسماني جُدائيءَ ۽ هڪ ٻئي کان ڌار ٿيڻ جي ڪوشش هوندي به اسان جا لاڳاپا وڌيڪ سگهارا ٿيا.

نه، زندگي اُها نه آهي، جنهن جي آئون اڳڪٿي ڪريان ها، پر آئون نٿي ڀانئيان ته آئون تاريخ ۾ ڪنهن عورت سان پيٽ ڪائينديس.

آئون اُها عورت آهيان، جنهن کي پنهنجي ثقافتي ۽ مذهبي ورثي تي فخر آهي. آئون سَهپ ۽ سچي وحداني اسلامي مذهب بابت پنهنجي اُن ويساهه واري خاڪي پٺاندر خاص ذاتي ذميدارين کي سمجهان ٿي، ته دهشتگردن اُن مذهب کي اغوا ڪري ورتو آهي. مونکي ڄاڻ آهي ته آئون اُها علامت آهيان، جنهن کان جُڙتو 'جِهادي' يعني طالبان ۽ القائدا وارا گهڻو ڊِڄن ٿا. آئون پاڪستان ۾ جِديديت، ڀائيچاري وارن لاڳاپن، تعليم ۽ ٽيڪنالاجيءَ آڻڻ لاءِ جاڪوڙيندڙ سياسي اڳواڻ آهيان. مونکي ڀروسو آهي ته جمهوري پاڪستان ئي دنيا جي اُنهن هڪ ارب کان وڌيڪ مسلمانن جي اُميدن جي علامت بڻجي سگهي ٿو، جن کي ماضيءَ ۽ مُستقبل جي طاقتن وچ ۾ چُوند ڪرڻي آهي.

مون جيڪي سياسي جنگيون وڙهيون، سي سدائين ڪنهن مقصد لاءِ هيون. مُقصدَ آزادي ۽ سماجي انصاف تي ٻَڌل هئا. ۽ اُهي قدرَ واقعي ايڏا مُلهائتا آهن، جو سندن لاءِ ويڙهه به وڙهي سگهجي ٿي. پر مونکي ڀروسو آهي ته منهنجي سياسي جاکوڙ وڌيڪ للڪاريندڙ رهي آهي، ڇو ته آئون عورت آهيان. ظاهري طور جديد سماج ۾ عورت لاءِ اهو سڀ ايڏو سولو نه آهي، پوءِ ڀلي اُها ڪٿي به رهندي هجي. اسان کي اُن جي ثابتيءَ لاءِ اجا واڌو ميل هلڻو پوندو ته، اسان مردن جي برابر آهيون. اسان کي گهڻن ڪلاڪن تائين ڪم ڪرڻو پوندو ۽ وڌيڪ قربانيون ڏيڻيون پونديون. ۽ اسان کي جذباتي طور پاڻ کي ناانصافيءَ توڙي پنهنجي خاندان جي مرد ڀاتين طرفان ڪيل اڪثر ڇِتن حملن خلاف بچاءُ ڪرڻو پوندو. ڏک جي ڳالهه اها آهي ته، هينئر به ڪيئي ماڻهو اهو ويساهه رکن ٿا ته، مردن سندن جيون ۾ آيل پنهنجين عورتن جي رکوالي ڪن ٿا ۽ اُنهن مختلف ماڻهن کان بچائين ٿا، جيڪي هوند ڪين دٻائين.

بهرحال، اسان کي ٻِٽن معيارن بابت شڪايتن بجاءِ مٽن ضابطي لاءِ تيار رهڻ کپي. اسان کي ايئن ڪنهن عمل يا ڪم لاءِ تيار رهڻ کپي. جڻ اُهو ڪنهن مرد لاءِ ايڏو سخت ۽ ڀيٽو ڪم آهي. آئون امڙ جي ٿورائتي آهيان. جنهن مونکي اهو سيکاريو ته ڳرڀوتيءَ ٿيڻ، حياتياتي حالت آهي، جيڪا زندگيءَ جي رواجي وهنوار ۾ رنڊڪ يا رُڪاوٽ نٿي وجهي. هُن جي اُميدن پٽاندر رهڻ جي ڪوشش ڪندي، آئون پنهنجي ڳرڀوتيءَ هئڻ مهل طبعي يا جذباتي حدبندين جي ڪنهن به اشاري کان گهٽو لنوائيندي هئس. پر مونکي شِدت سان شعور هو ته، جنهن ڳالهه کي ڪنهن ڪُٽنب جو ذاتي مامرو ٿيڻ کپي ها، سو فوجي مرڪز کان ايڊيٽوريل بورڊن تائين شديد سياسي بحثن وارو موضوع بڻجي ويو هو. اُها ڳالهه ڄاڻندي، مون پنهنجي ڳرڀ واري مامري کي ڳجهو رُکيو. آئون سياڳي هئس، جو ڊاڪٽر فريڊي سيٽنا وسيلي سُني طبي چڪاس ۽ علاج مليو، جنهن اسپتال ۾ منهنجي اچڻ وارن موقعن کي ڳُجهو رکيو.

منهنجا ٽي ٻار – بلاول، بختاور ۽ آصفه آهن. هنن مون کي ڏاڍي خوشي ڏني آهي ۽ مون کي مٽن ڏاڍو فخر به آهي. جڏهن 1988ع ۾ مونکي پهريون ٻار بلاول ڄائو هو، تڏهن فوجي آمر پارليامينٽ کي ٽوڙيو ۽ عام چونڊن جو اعلان ڪيو هو. هُن ۽ سندس فوجي جنتا کي ڀروسو هو ته ڪا ڳرڀوتي عورت چونڊ مُهم نٿي هلائي سگهي. اُهي غلط هئا. مون پهرئين ٻار کي جنم ڏنو ۽ چونڊ مُهم به هلائي. مون 21 سيپٽمبر 1988ع تي بلاول جي جنم کان هڪدم پوءِ چونڊون کٽيون. بلاول جو جنم منهنجي جيون جي خوشين سان ڀرپور ڏيهاڙن مان هڪ هو. اُن سال اُهي چونڊون کٽي، مون اُها اڳڪٿي غلط ثابت ڪئي ته، ڪا مسلمان عورت ماڻهن جي دلين کي جيتي ۽ عوام جي ذهن کي کٽي نٿي سگهي.

منهنجي وزيراعظم ٿيڻ کان ٿورڙو پوءِ، امڙ مونکي چيو، ”تڪڙ ڪر ۽ هڪ ٻيو ٻار به ڄڻ.“ هُن جو ايمان هو ته، ماءُ کي ڪُٽنب جي پالنا جي ذميدارين کي سمجهندي ۽ ٻين ذميدارين جي پُورٽتا کان اڳ ٻار ڄڻڻ ۾ تڪڙ ڪرڻ کپي. مون هُن جي مشوري تي عمل ڪيو.

جيئن ته منهنجو ٻيو ڳرڀ به اجا ڳُجهو هو، تنهنڪري فوجي جنرلن مونکي پاڪستان ۾ اُتاهينءَ چوٽيءَ سياچن گليشر تي وٺي وڃڻ ۽ فوجي ڄاڻ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. پاڪستان ۽ هندستان سياچن تي 1987ع ۾ اٽڪل وڙهي چُڪا هئا (۽ وري ٻيهر 1999ع ۾ به پاڻ ۾ جڻ جنگ وڙهيا هئا) مونکي ڳٽتي هئي ته اُنهن اوچن جابلو ٽڪرين تي آڪسيجن جي کوٽ سان منهنجي ڳرڀ ۾ پيل ٻار تي اُبتو اثر ٿي سگهي ٿو. منهنجي ڊاڪٽر مون کي پڪ ڏني ته، آئون اُتي وڃي سگهان ٿي. هُن ٻُڌايو ته آڪسيجن جي کوٽ پهرين ماءُ کي متاثر ڪري ٿي، جنهن کي آڪسيجن ماسڪ ڏيئي سگهجي ٿو ۽ ٻار محفوظ رهندو. آئون انهن خاطرين هوندي به ٿورڙي ڳٽتيءَ سان اوڏانهن ويس.

پنهنجي وزيراعظم کي پاڻ سان گڏ سياچن گليشيئر تي ڏسي، اسان جي فوجين ۾ وڏي همت پيدا ٿي هئي. ۽ اُهو ڏاڍو ناهوڪو ماڳ هو. چؤڌاري برف جي اڇن جبلن جي اُڃاڻ هئي، جيڪا سانت سان آڪاش جي نيراڻ ۾ ڳري وهندي پئي وئي. اُنهن برفاني چوٽين تي ڌرتيءَ جي گوڙ جي غير موجودگيءَ سبب آڪاش جي مانار نئين معنيٰ ڏني. ڪجهه پرپرو مون هندستاني فوجي چوڪيون به ڏٺيون. انهن ثابت ڪيو هو ته امن جي موجودگيءَ وارو عمل، دوکو ڏيندڙ ٿي سگهي ٿو.
جڏهن سياسي مخالفن کي منهنجي ڳرپوتي هجڻ جو پتو پيو ته، اُهي پنهنجيون سموريون لُڇائيون ڪَتب آڻڻ لڳا. هنن صدر ۽ فوجَ کان مونکي حڪومت تان لاهڻ جو مطالبو ڪيو، هنن دليل ڏنو ته، پاڪستان جا سرڪاري قائدا قانون ڳرپوتي وزيراعظم کي ماتاپڻيءَ واري موڪل تي وڃڻ جي اجازت نٿا ڏين. هنن چيو ته ٻار ڄڻڻ مهل آئون سرڪاري ڪمن يا سرگرمين کان لاچار ٿي سگهان ٿي، تنهنڪري سرڪاري مشينري اوڏيءَ مهل ٺَپ ٿي ويندي. هنن جي ويچار ۾ اهو عمل غير قانوني هو، تنهنڪري صدر تي دٻاءُ وڌائون ته، هو فوج جي پُٺڀرائيءَ سان وزيراعظم کي عهدي تان لاهي ۽ نين چوندن لاءِ عارضي سرڪار جوڙي.
مون مخالف ڌُر جي مطالبن کي اهو چاٽائيندي رد ڪيو، ته ڪم ڪندڙ عورتن لاءِ ماتاپڻي وارا قائدا ضابطا، قانون ۾ موجود آهن. (بابا ماتاپڻيءَ واري موڪل کي قانوني ٻڌايو هو) مون دليل ڏنو ته، اُهو ضابطو مڪمل طور وزيراعظم تي به لاڳو ٿئي ٿو، پوءِ ڀلي اهو سرڪاري ڪاروهنوار تي عمل لاءِ ضابطن ۾ نه به چاٽايل هجي. منهنجي سرڪار جا رُڪن اُهو چوندي مون سان گڏ ٿي بيٺا، ته جڏهن مرد ڪو اڳواڻ ڪنهن سرڪاري سرگرميءَ کان عارضي لاچار هُجي، ته اُن عمل مان آئيني گهوٽالي جو مطلب نه ورتو وڃي. ۽ نه ئي اهو عورت اڳواڻ جي لاچاريءَ تي لاڳو ٿيڻ کپي.
مخالفن مشڪل سان راضي ۽ ماٺ ٿيندي، سرڪار ڊاهڻ لاءِ صدر تي دٻاءُ وجهڻ خاطر هڙتالن جي رٿا جوڙي. مونکي به پنهنجا منصوبا جوڙڻا پيا. بابا مونکي سيکاريو هو ته، سياست ۾ وقتائتي چال ۽ منصوبا گهڻو اهم ٿين ٿا. مون پنهنجي ڊاڪٽر سان مشورو ڪيو، جنهن مونکي خاطري ڏني ته منهنجو ٻار پوري وقت تي ڄمندو. تنهنڪري هُن جي اجازت سان مون هڙتال واري ڏينهن آپريشن وسيلي ٻار ڄڻڻ جو فيصلو ڪيو.
مون ڪنهن به اهڙن روايتي ويچارن جي پُٺڀرائي نه پئي گهُري، ته ڳرپوتيءَ وارو عمل، ڪنهن ڪارڪردگيءَ ۾ رنڊڪ وجهي ٿو. تنهنڪري ان حالت ۾ به مون بلڪل ايڏو سخت ڪم ڪيو، ۽ شايد ايترو گهڻو جيترو شايد ڪو مرد وزيراعظم ڪري سگهي ها. ڳرپ جا ڏينهن پُورا ٿيڻ مهل، مون راڄڌانيءَ ۾ ڪابينا گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪئي ۽ پوءِ ڪراچي رواني ٿيس. آئون صبح ساجهر اُٿيس، ۽ پنهنجي ساهيڙيءَ سان ڪار ۾ گڏ اسپتال رواني ٿيس.

اُها ننڍڙي ڪار هئي، جيڪا سرڪاري ذميدارين لاءِ واپرائجندڙ ڪاريءَ مرسيڊيز ڪان ٿوري مختلف هئي. حفاظت لاءِ مقرر پوليس وارن ورلي ڪا اُن ڪار ڏانهن ٻي جهاتي پاتي هئي. انهن گهر مان ويندڙ گاڏين بجاءِ ايندڙ گاڏين تي ڌيان پئي ڏنو.
اسان جيئن اسپتال پهتاسين تہ منهنجي دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي، جتي ڊاڪٽر سيٽنا اسان جي اوسيئڙي ۾ هو. آئون جيئن ڪار مان لٿيس، تہ مون اسپتال عملي جي مُکڙن تي اچرج جا پارَ ڏٺا. مونکي پتو هو تہ، موبائيل فونن ۽ پيجر وسيلي (ڏکڻ ايشيا ۽ وچ اوڀر وارن ملڪن ۾ پاڪستان پهريون مُلڪ هو، جتي اسان جي سرڪار موبائيل فون پهرين آندا هئا) اسان جي ڄُرڻ واريءَ خبر تيزيءَ سان ڦهلجڻ لڳندي. آئون تڪڙو آپريشن ٿيئٽر ڏانهن وجڻ لڳيس. مونکي پتو هو تہ، امان ۽ منهنجو مُڙس بہ اسپتال ۾ پهچڻ وارا هوندا. جيئن اسان اڳ ۾ پاڻ ۾ رٿيو هو، منهنجي اسپتال جي ريڙهيءَ کي جيئن ٿيئٽر مان نجي ڪمري ڏانهن آندو پئي ويو تہ، مونکي نشيدار دوا جي گهيرٹ مان ٿورڙي سُجاڳي ٿي، تہ مون پنهنجي مڙس کي اهو چوندي ٻُڌو، ”چوڪري ڄائي آهي.“ مون امڙ جو مُکڙو خوشيءَ وچان ٻهڪندي ڏٺو. مون پنهنجي ڌيءَ کي ’بختاور‘ سڏيو، جنهن جي معنيٰ آهي: جيڪا سُنو ڀاڳ آڻي. ۽ هُن اِهو ڀاڳ آندو بہ. هڙتال ڦُسي پئي، ۽ مخالف هلچل ناڪام ٿي.
مونکي سڄيءَ دنيا مان واڌائين جا هزارين نياپا آيا. حڪومتي اڳواڻن ۽ عام ماڻهن خوشيءَ ۾ شامل ٿيندي، مونکي واڌائين جا خط لکيا. ڪنهن عورت طرفان گهٽي للڪاريندڙ اڳواڻپ واريءَ ۽ اُتاهين حيثيت تي ڪم ۽ ٻار بہ ڄڻي سگهڻ واريءَ ڳالهہ جي ثابتيءَ وارو عمل خاص طور نؤجوان عورتن لاءِ فيصلائتي گهَڙي هئي. ٻئي ڏينهن آئون سرڪاري دستاويز پڙهندي ۽ سرڪاري فائيلن تي صحيحون ڪندي، پنهنجي ڪم تي موٽي آيس. مونکي پوءِ اهو پتو پيو تہ آئون تاريخ ۾ ڪنهن حڪومت جي پهرين اڳواڻ عورت هئس، جنهن پنهنجي عهدي تي هوندي ڪنهن ٻار کي جنم ڏنو هو. مستقبل ۾ وزيراعظم بڻجندڙ عورتن کي اجا پنهنجي ڪارڪردگين پٽاندر انتهائي چوٽين تي پهچڻو پوندو.
بختاور جنوري 1990ع ۾ ڄائي هئي. ستن مهينن ڪانپوءِ 6 آگسٽ تي، صدر غير جمهوري طريقي سان منهنجي سرڪار کي تڏهن ڊاهي ڇڏيو، جنهن مهل دنيا جو ڌيان عراق طرفان ڪويت جي والار ڏانهن تي ويو هو. منهنجي مُڙس کي گرفتار ڪيو ويو ۽ منهنجي ماءُ کي صلاح ڏني ويئي هئي، تہ آئون پنهنجا ٻارڙا پرڏيهہ موڪليان. بلاول کان ڌار ٿيڻ واريءَ گهڙي دِل کي جهٻي آئي هئي، جيڪو تڏهن سيپٽمبر 1990ع ۾ ٻن ورهين جو ٿي چُڪو هو، پر بختاور اجا هڪ ورهيہ جي مَس هئي. لنڊن ۾ رهندڙ منهنجي ڀيڻ اُنهن ٻارڙن کي پنهنجي گهر ۾ رهائڻ لڳي. منهنجن ساهرن تي لنڊن ڏانهن منتقل ٿيڻ جو دٻاءُ وڌو ويو. هيڏانهن اُن گهر ۾ آئون پوائنٽن سَپنن ۽ هيڪلائين

۾ رهڻ لڳيس، جتي آئون پنهنجي لاءِ پنهنجي ٻارڙن جون ڪُوڪون ۽ رڙيون ٻُڌندي هئس. منهنجي ڀيڻ اسان جي وچ ۾ ڪيترائي ڀيرا ٽيليفون تي ٽيل ڳالهه ٻولهه مهل مونکي ڪا ڳُڻتي نه ڪرڻ لاءِ چوندي هئي. پر اُها ويڳاڻپ الوپ نه ٿي.
منهنجي سرڪار ڊاهڻ سان، بندرگاهي شهر ڪراچي ڇُڙواڳيءَ ۽ انارڪيءَ جي وَر چڙهي ويو. دهشتگرديءَ جو رواج ٻڻجي ويو. بيگناهه ماڻهن کي گاڏيون هلائيندي يا سندن گهرن ٻاهران يا آفيسن ۾ عام قتل ڪيو پئي ويو. مونکي پتو هو ته منهنجي ٻارن لاءِ لنڊن ۾ هئڻ ٺيڪ هو، پر مونکي راتين پُٺيان راتيون ورلي ڪو ننڊ پئي آئي، ۽ رُڳو ڀوائتا ۽ ڊيڄاريندڙ سَپنا پئي آيا.
امڙ ۽ آئون هاڻي گهڻو وقت راڄڌانيءَ شهر اسلام آباد ۾ رهڻ لڳاسين. 1990ع جي چونڊن ۾ ڪٽيل منهنجي مُڙس کي پارليامينٽري ويهڪن مهل به اسان جي گهر ۾ نظربند رکيو ويو هو. مون امڙ ۽ مُڙس کي ڀروسي ۾ ورتو ته، ٻارڙن جو مونکان پري رهڻ سبب مونکي ڪيڏي نه ڀيڙا ڀوڳڻي پئي پوي. مون ڀانئيو ته آئون ڪين تياڳي رهي آهيان، ۽ ڳڻتيءَ ۾ هئس ته اهو عمل سندن جذباتي صحت توڙي واڌ کي هاڃو رسائي سگهي ٿو.
بلاول 1991ع ۾ لنڊن جي ڪوئينز گيٽ علائقي ۾ ٻارڙن جي ابتدائي اسڪول ۾ وڃڻ لڳو هو. بختاور اڃا هڪ ورهيه جي مس هئي: مون پاڻ کي آٿت ڏنو ته آئون ڪيس پاڪستان ۾ پنهنجي گهر ۾ ٺيڪ طريقي سان لڪائي رکي سگهان ٿي. آئون لنڊن پهتيس ۽ پنهنجي ڀيڻ جي فليٽ تائين پهچڻ ۾ ڪا دير نه ڪيم. جيئن دروازو کُڙڪايم ته، مون پنهنجي ڌيءُ جي رڙڻ جو اُهو ساڳيو آواز ٻُڌو، جيڪو مون پنهنجي سَپنن ۾ ٻُڌو هو. مون هڪدم هُن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀڪوڙيو ۽ پنهنجي پُٽ کي پاڻُ ڏانهن ڇڪي ڇاتيءَ سان لاتم. مون ڀيڻ کي ٻُڌايو، ”مون بختاور کي پاڻُ سان گڏ وٺي وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“ هُن سُک جو ساهه کنيو، ۽ چيائين. ”آئون توکي ڳڻتيءَ ۾ وجهڻ نٿي چاهيان، ته هن مهينن کان روئڻ بند نه ڪيو آهي.“
لفظن ڳالهائڻ ڪانسواءِ، اهو سمجهه ۾ پئي آيو ته، ٻنهي ٻارڙن کي پتو هو ته، ڇا ٿيڻ وارو آهي. آئون پنهنجي حياتيءَ ۾ اُهو لقاءُ هرگز وساري نه سگهنديس، جنهن مهل بلاول پٽ ڏي پنيءَ ڏيئي اگهڻ جي فرش تي، پنهنجي اڇيءَ قميص، نيريءَ پٽيدار سُٿڻ، اڇن جورابن ۽ ڪارن جوتن ۾ وينو هو. مون جيئن بختاور کي پاڻ سان گڏ کنيو ۽ بلاول کي ڀوئٽي ڇڏيو ته، هُو ماٺ ڪيو مون ڏانهن ڇِتائي نهارڻ لڳو هو. ڪنهن به ماءُ کي پنهنجي ٻن ورهين جي پُٽ کي ڪڏهن به ڀوئٽي نه ڇڏڻ کپي. ڪڏهن به ڪنهن ٻار کي اهو سمجهڻ جي اجازت نه ڏيڻ کپي، ته هُن جي ماءُ هڪڙو ٻار ته پاڻُ سان گڏ کڻي وئي آهي، پر ٻئي کي وري ڀوئٽي ڇڏي وئي آهي.

بختاور کي پنهنجي ٻانهن ۾ سوگهو جهلي، آئون هيٿرو ايئرپورٽ ڏانهن رواني ٿيس. هوءَ سانت سان منهنجي هنج ۾ وينل هئي. آئون پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائينز ۾ چڙهيس ۽ وڃي پنهنجيءُ سِيٽ تي ويٺيس. ٿون ڪلاڪن جي اُڏام ۾، بختاور هڪ ڀيرو به رڙ نه ڪئي. هُن پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڪُلهن تي لاڙيو ۽ سُمهي رهي. پاڪستان جي شاندار ۽ پلوڙ ڳائٽي مادام نورجهان به اُن اُڏام ۾ چڙهيل هئي. هُن منهنجي اڳيان ويٺي، اُن وٺندڙ ڇوڪريءَ کي شاباس ڏني، جنهن پنهنجي ماءُ کي ڪنهن به قسم جي ڪا تڪليف نه پئي ڏني. هُن چيو ، ”مون پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ ڪنهن اُڏام دوران ڪنهن به ٻارڙيءَ کي ايڏيءَ سانت سان وينل نه ڏٺو آهي.“

منهنجي سُهري ۽ سَسُ لنڊن ۾ ترسڻ جو فيصلو ڪيو، ته جيئن اُهي منهنجي پٽ سان بلاول جي سنڀال ۾ هٿُ ونڊائي سگهن. مونکي آٿت هئي ته، بلاول سان گڏ سندس ڪُٽنب هو، جيڪو پنهنجو ڏيان هائيڊ پارڪ ۾ پَنڌ ڪندي، ٻدڪن ۽ نوريئڙن کي چوڳو ڪارائڻ سان مٿائي چُڪو هو.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي 1990ع ۾ حڪومت ڊهڻ، اليڪشن مهم، پنهنجن ٻارڙن کان جدائي، پارٽيءَ ۽ ڪُٽنب خلاف سازشن سبب منهنجو گهٽو وزن گهٽجي ويو. 1992ع جي بُهار رُت ۾ مون ڀانئيو ته مونکي ٻيو ٻار ٿيڻو آهي. اسان چئن مان هڪڙو وڌيڪ هئڻ واريءَ ڳالهه چاٽندي مونکي ڏاڍي سُرهائي ٿي ته، اسان جو ڪُٽنب وڌندو ويجهندو. پر اُهو غير يقينيءَ وارو وقت هو. ڪراچيءَ ۾ فوجي آپريشن جو حُڪم ڏنو ويو هو. نسلي جماعت مهاجر قومي موومينٽ رت جي هولي کيڏندي، ماڻهن کي رَت ۾ وهنجارڻ لڳي هئي. نواز سرڪار اُن عمل کي مُلڪ ٽوڙڻ ۽ جناح پُور جي نالي سان الڳ رياست جوڙڻ جي سازش ڪوٺيو. فوجَ جيئن آپريشن شروع ڪيو ته، رٿيل جناح پُور رياست جا نقشا ملڻ لڳا. پر گهرو ويڙهه ۽ رتوڇاڻ کان بيزار اڪثر شهرين سُک جو ساهه کنيو ته، هاڻي ايم ڪيو ايم جي رياست منجهه رياست واري عمل کي روڪيو پيو وڃي.

فوجي ٽئنڪون جيئن جُرپر ۾ آيون ۽ ايم ڪيو ايم طرفان ماڻهن کي سوگهو ۽ قابو رکڻ لاءِ گهٽين جي مُنهن وٽ جوڙيل مضبوط دروازن کي ٽوڙڻ لڳيون ته، پاڪستان گهري گهوٽالي ۾ هليو ويو. وزيراعظم سعودي حُڪمرانيءَ واري سرشتي ۾ موهت هو. هُن پاڪستان کي مذهبي رياست ۾ بدلائڻ ۽ ملڪ ۾ مُلاپٽي جي مضبوطيءَ واري مقصد خاطر پارليامينٽ وسيلي هڪ بِل آڻڻ چاهيو ٿي. منهنجيءَ جماعت سينيٽ ۾ اُن بل تي تنقيد ڪئي. پر وقت پنهنجي گهوٽالي واري گهڙيءَ تي پهچي چڪو هو. وزيراعظم کي جيڪر 1994ع وقت سينيٽ ۾ اڪثريت هجي ها، ته هو پاڪستان کي مسلمان مذهبي رياست بڻائي ڇڏي ها.

پاڪستان کي مذھبي رياست ۾ بدلائڻ واريءَ ڪوشش جي اڪثر پاڪستانين مخالفت ڪئي . اُھي پاڪستان جي باني محمد علي جناح طرفان سيڪيولر رياست بابت ڄاڻايل تصورَ جا قائل ھئا. بھرحال، فوجي جنتا ۾ اُن مضبوط فوجي عنصرَ وزيراعظم جي پُنيرائي ڪئي، جنھن سندن پُنيرائيءَ سان پارليامينٽ جي ھيٺئين ايوان ۾ بہ پاڳي ٽي اڪثريت ماڻي ورتي ھئي.
مالياتي بدعنوانين عام شھرين جي زندگين تي موتمار اثر ڇڏيو ھو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت طرفان بجليءَ جي بنديءَ وارو ختم ڪيل عمل وري نروار ٿيو. رشوت ۽ بدعنوانين جا مامرا اخبارن ۾ وڏين سُرخين ۾ ڇپجڻ لڳا. سرحدن کان ٻاھر ھندستان ۾، ممبئي ۾ ٽيل بم ڌماڪن ٻنھي ملڪن وچ ۾ رابطن ۾ ڏڦيڙ وڌو. نئين دھليءَ سرڪار انھن بم ڌماڪن جي تُھمت اسلام آباد تي مَڙھي. 1993ع ۾ نيويارڪ ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي پھريون حملو ٿيو. پاڪستان دھشتگرد رياست ڪوٺجڻ جي ڪنڌيءَ تي پھچي چُڪو ھو.
مُخالف جماعتن پاڻُ ۾ گڏجي ھڪڙو مُک اتحاد جوڙيو، جنھن کي پاڪستان ڊيموڪريٽڪ الائنس (پاڪستان جمھوري اتحاد) جو نالو ڏنو ويو، ۽ 18 نومبر 1992ع تي راولپنڊيءَ ۾ احتجاجي گڏجاڻيءَ ڪوٺائي ويئي.
آئون تنھن وقت سنھڙي ھيس، تنھنڪري ڪنھن کي بہ اھڙو شڪ نہ ٿيو تہ، مونکي ڪو ٻار ڄمڻو آھي. وزن گھٽجڻ يا شايد ٻار سبب، مون پاڻُ کي صحتمند ۽ متحرڪ پاتئيو. اسان جي احتجاج واري سڏ سان مون ۾ وڏيڪ ڦُڙتي آئي. سڄي ملڪ مان عوام ڀرپور موٽ ڏني. پاڪستان جي چئني صوبن مان پنھنجي عوامي طاقت جي نماءَ خاطر قافلا راولپنڊيءَ ۾ گڏجڻ لاءِ روانا ٿيڻ لڳا. اُن عمل جو مقصد جمھوريت جي بحاليءَ، مذھبي رياست جي روڪٿام ۽ عوام جي عام ڪاروھنوار ۽ زندگيءَ جي گھُرجن کي منھن ڏيڻ ھو.
احتجاجي گڏجاڻيءَ واري ڏينھن اسان ٻُڌو تہ حڪومت اسان جي گڏجاڻيءَ جي روڪ لاءِ ظالماڻي طاقت واپرائڻ جو فيصلو ڪيو آھي. ”اُن جو مطلب آھي تہ حڪومت شايد ڳوڙھا گئس واپرائيندي.“ مون پنھنجي سياسي سيڪريٽري ناھيد خان کي چيو. آئون پنھنجي ڳرڀ ۾ پيل ٻار لاءِ ڳڻتيءَ ۾ ھئس. ناھيد خان اسان لاءِ اکين ۾ وجھڻ وارا ڦُڙا وٺڻ واسطي رواني ٿي. ڪجھہ ماڻھن فوجَ جيان مُنھن تي پائڻ لاءِ واپرائجندڙ ڪوپا ڏيڻ جو واعدو ڪيو، پر اُھي ٻئي صبح جو اُن واعدي تي پُورا نہ لٿا. تنھنڪري اسان پاڻُ سان گڏ پُسيل ٽُوال کنيا. عوامي ميڙ منھنجي گھر ٻاھران سڄي رات بيٺل رھيو. ٻئي ڏينھن صبح جو اسان اُٿڻ مھل گھر ٻاھران لوھي تارُون لڳل ڏٺيون. آئون جيئن جماعت جي اڳواڻن سان گڏ اڳيئين دروازي ما ٻاھر نڪتيس تہ، اسان تي لَٺيون وسايون ويون.

مونکي بچائيندڙ ۽ لوهي تارن تي چڙهي اُڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ پارٽيءَ جي اڳواڻن کي به لٺيون هنيون ويون.
اسان مان ننڍڙو ميڙ لوهي تارون اُڪرڻ ۽ هڪڙي گاڏيءَ جهلڻ ۾ سوڀارو ٿيو، تنهنڪري اسان راولپنڊيءَ کان اسلام آباد ڏانهن روانا ٿياسين. مختلف جڳهين تي اسان کي ڳوليندڙ پوليس گاڏين سان مُڪاميلو ٿيو، ۽ اسان گاڏيون آهستي هلائي پنهنجا مٿا هيٺ ڪري تي چڏيا. ته جيئن سُجاٽپ ۾ نه اچي سگهون. اسان کي هڪڙي گاڏي ڇڏڻي پئي، جيڪا لوهي تارُن ۾ ڦاسي پيئي هئي. اُتي بند ٿيل رستن تي به ڪجهه گاڏيون بيٺل هيون. اسان منجهانئن هڪڙيءَ گاڏيءَ کي چڪي ٻاهر ڪڍي ڪاهيو، جيڪا ڪنهن همدرد جي گاڏي هئي. هُن اسان کي جيپ ڏني. نيٺ آئون، پاڪستان مسلم ليگ (قاسم گروپ) جو اڳواڻ ملڪ قاسم، ايئر مارشل اصغر خان، هاڻوڪو پرڏيهي وزير خورشيد قصوري، منهنجي سياسي سيڪريٽري ناهيد خان، سندس مُڙس سينيٽر صفدر عباسي ۽ منهنجو سيڪيورٽي آفيسر مُنور سهروردي (جنهن کي 2004ع ۾ قتل ڪيو ويو) هڪڙي جيپ ۾ چڙهياسين.
لوهي تارن جي روڪَ رُڳو اسلام آباد جي چوڌاري هئي. هڪ ڀيري جڏهن اسان راولپنڊي ۽ سندس سوڙهين گهٽين ۾ داخل ٿياسين ته، ماڻهو خوشيءَ وچان هوڪرا ڪرڻ ۽ نعرا هڻڻ لڳا. اُهي نعرا هڻندي اسان جي گاڏين چوڌاري گڏجڻ لڳا. اسان لياقت باغ پارڪ راولپنڊي ڏانهن روانا ٿياسين، جتي اسان جي گڏجاڻي رٿيل هئي.
پوءِ پوليس مونکي ٻُڌايو ته جڏهن راولپنڊيءَ ۾ منهنجي موجودگيءَ جي رپورٽ انهن ڏانهن موڪلي وئي، ته اُهي ڏاڍو ڪِليا هئا، پر ڪجهه منٽن ۾ ڪين ڪيئي فونَ آيا. ته هنن، پاڻُ اُن کي مُنهن ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هنن کي رپورٽ صحيح لڳي. هاڻي راولپنڊيءَ جي گهٽين ۾ چريائپ واريءَ ڇِتي ڳولا شروع ٿي ويئي. اسان جي اڪيلي جيپ تي چوڌس ڳوڙها گئس جا گولا وسايا ويا. پري کان پوليس سائرن جا آواز ٻُڌڻ ۾ پئي آيا. هاڻي لِڪ ڇِپ واري راند شروع ٿي چُڪي هئي. ڪارن جي پيچ پيچان جيمس بانڊ فلمن يا شايد بالي ووڊ فلمن جيان ٿيڻ لڳي هئي.
عوامي ميڙ پوليس گاڏين ۽ اسان جي جيپ وچ ۾ ايندو رهيو. پوليس ڳوڙها گئس جا گولا اُڇلائڻ لڳي، ۽ پنهنجي ننجا جهڙي پوشاڪ پائي ٻاهر اچڻ لڳي ۽ عوام کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ مٿن لٺيون وسائڻ لڳي. جيئن ڳوڙها گئس جو گولو ڦاٽو ٿي، ۽ منجهانئس دونهون نڪتو ٿي ته، اسان پنهنجو طرف مٽايو ٿي يا وري ڦُٽ پاٿ تي چڙهي ٿي وياسين ۽ وري ٻيءَ گهٽيءَ ۾ روانا ٿي ٿياسين. عوامي ميڙ اسان کي شاباس ڏيڻ لڳو، ۽ سندن نعرا هوا ۾ ٻُريا پئي. وڏ ۾ وڏ پوليس تعداد کي گهُرايو ويو ۽ پوليس ڪارن ۽ جيپن سان گهٽيون بند ڪيون ويون. هاڻي پوليس سڌو سنئون ڪار جي مُک شيشن ۽ اسان تي ڳوڙها گئس جا گولا هڻڻ لڳي. گاڏيءَ جا مُک شيشا ٽُٽي پيا. نيٺ

اسان جو ڊرائيور ساٿو ٽي پيو ھُن گاڏيءَ کي بيھاريو ۽ ڪار مان ٽِپ ڏيئي نڪتو ۽ دونھي ۾ الوپ ٿي ويو. پوليس اسان کي گھيري ۾ آٽي، سينيءَ کي گرفتار ڪيو. پوءِ اسان کي ڇڏيو ويو، پر اُن ڏينھن جي واقعن حڪومت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو.
اُن ڳوڙھا گئس واقعي ڪان پوءِ، جيتوڻيڪ اھي ٻيئي واقعا پاڻ ۾ ڌار ھجن، پر مونکي پٽي جي تڪليف ٿي پيئي. آئون ھوميوپيٿڪ دوائون ڪائڻ لڳيس، پر سُور ختم نہ ٿيو. اھو اڪثر ڏاڍو ايذائيندڙ ھوندو ھو. جيڪڏھن آئون اُھا ڪيائڻ لاءِ آپريسن ڪرايان ھا، تہ مونکي پنھنجي ٻار ضايع ٿيڻ جو جوکو ھو. مون اُھو جوکو ڪٽڻ نٿي چاھيو. سُور جيئن ويتر وڌندو ويو، تہ آئون لنڊن ھلي ويس. ڊاڪٽرن مونکي مشورو ڏنو تہ مونکي ٽُرت ننيڙي سُوراخ واري آپريشن وسيلي ڀِتو ڪيرائڻ گھُرجي. 3 فيبروري 1993ع تي پورٽليند اسپتال ۾ منھنجي ننيڙي ڌيءُ آصفہ ڄائي. مون پنھنجي پياريءَ ڌيءُ کي ڀاڪر پاتو.
مونکي جيتوڻيڪ اُن وقت اھا سُڌ نہ ھئي، تہ آصفہ جي جنم سان منھنجو ڪُٽنب مڪمل ٿي چُڪو آھي. ٽُرت 24 آڪٽوبر 1993ع تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ چوندن ۾ ٻيھر ڪٽي آئي. پاڪستاني سياست جي ورجائجندڙ چڪر ۾، ٻيءَ حڪومت کي غير جمھوريءَ طور 1996ع ۾ ڊاھيو ويو ۽ منھنجي مُڙس آصف کي گرفتار ڪيو ويو. پر افسوس تہ جڏھن آصف کي 2004ع ۾ آزاد ڪيو ويو، تڏھن منھنجي عمر وڏيڪ ٻار جٽڻ ڪان وڌي چُڪي ھئي.
جڏھن اسان آصفہ جو جنم ڏينھن ملھايو، تہ مونکي ٽورڙي ڄاڻُ ھئي، تہ منھنجي ماءُ پنھنجي اُن ذھني سُستيءَ ۽ ناقابل تصور زوال واريءَ بيماريءَ ڏانھن قدم رکي چُڪي ھئي، جيڪا طبي طور الزھيمر جھڙي بيماري آھي. ھُن جي ذھني زوال ۽ موڳائپ واري بيماريءَ سان ويڙھہ جو ڳسُ حقيقت ۾ اُن ظالماڻي مارڪُٽ ۽ پھتل ڳھاوَن ڏانھن وجي ٿو، جيڪي 16 ڊسمبر 1977ع تي جنرل ضياءَ جي نڳن لاھور ۾ ڪيس رسايا ھئا، جڏھن اسان ڪرڪيٽ مئچ ڏسڻ ويا ھئاسين. ھنن اسان تي لنيون وسايون ھيون ۽ منھنجي ماءُ کي وحشياڻي طريقي سان مارڪُٽ ڪئي وئي ھئي، جنھنڪري ھُن کي مٿي ۾ گھرو ڌڪُ لڳو ھو. اُن واقعي ڪان پوءِ، ھُوءَ ڪڏھن بہ ساڄي نہ رھي. پر سندس ذھني ھاجو ۽ اکھائي لڳاتار وڌندي رھي.
مون پنھنجي سُندر، خوش پوشاڪ ۽ موھيندڙ ماءُ کي ڏنو آھي، جيڪا آھستي آھستي ڪمزور ۽ ھِيڻي ٿي ويئي ھئي. فوجي آمريت سان وڙھندڙ ۽ عورتن جي حقن جو بنياد بنجندڙ اُھا مضبوط عورت ھاڻي مشڪل سان ڪنھن کي سُڃاڻي ۽ ساڻس ڪجھہ ڳالھائي ٿي. ھوءَ مونکي اھو بہ نٽي ٻُڌائي سگھي تہ، ھوءَ ٻُڪايل آھي يا وري ڪيس ڏندن ۾ ڪا تڪليف بہ آھي. اھو منھنجي لاءِ ھنيانءُ ڏاريندڙ عمل آھي، تہ ڪيئن نہ منھنجي اَورچ امڙ لاچار بڻجي وئي آھي. پر آئون سياڳي آھيان، جوھن جي جِند اجا بہ مون سان

جڙيل آهي. هُن جي رڳو موجودگي به مونکي سگهه بخشي ٿي. هُن جو مون سان جيئرو جاڳندو ناتو آهي، جيڪو ڇمنڊڙ ڪُٽنب، اسان جي مُقدمن ۽ پريم جي ناتن سان جُڙيل آهي، اهو اهڙو ناتو آهي، جنهن کي اسان پاڻ ۾ گڏجي گهرائپ سان اُڏيو هو، جنهن پٺاندر اسان گڏجي دليريءَ سان ڏکيائين ۽ خوشين کي مُنهن ڏنو هو.
آصف جي ڊگهي وقت تائين نظربنديءَ اسان جي ڪُٽنب لاءِ ڏُکاري هئي.منهنجن ٻارن لاءِ نٺيپڻ ۾ پنهنجي شخصيت کي ناهڻ ۾ سندس والدين جي موجودگيءَ کان انڪار سَهپ کان ٻاهر هو. پهتل نقصان کي موٽائي نٿو سگهجي، پر مونکي يقين آهي ته، اهو هڪڙو ٻيو انوکو مثال آهي، جيڪو اجا به سماج ۾ ڦهليل ۽ ڇانيل آهي. ڇا ڪنهن زال کي ، سندس مُڙس جي سياسي سرگرميءَ خاطر، ڪنهن شاهديءَ يا سزا کانسواءِ اٺن ورهين تائين جيل ۾ رکيو وڃي ٿو؟ بيشڪ، نه پر اهو سيڪجهه ٿيو آهي، جيڪو اسان کي ڀوڳڻو پيو. جيل مان آزاد ٿيڻ کان هڪدم پوءِ، آصف کي ’اتڪل موتمار‘ دل جو دؤرو پيو، ۽ هُو ڇڻ موت جي منهن ۾ هو.
آئون پرڏيهه مان پنهنجي ڏيهه جي حالتن تي نهاريندي سمجهان ٿي ته، پاڪستان اڳ کان هاٺي وڏيڪ داءُ تي لڳل آهي. مونکي پڪ آهي ته، جيڪڏهن اولهندي سرمايدار دُنيا پاڪستان ۾ آزاديءَ کي دٻائيندڙ فوجي حڪمرانن جي پُٺڀرائي ڪندي رهي، ته طالبان ۽ القائدا کان پوءِ دهشتگردن جو هڪڙو پُورو جانشين نسلَ اُڀري نروار ٿيندو، جيڪي اسلام جو نالو واپرائي، سرمايدار دُنيا سان رتوڇاڻ وارو جهيڙو جوٽيندا رهندا. اهو رڳو پاڪستانين جو ڪم يا مقصد نه آهي ته، اُهي پاڪستان ۾ آزاديءَ ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ پرواهه ڪن، پر اهو مقصد سڄي دنيا ۾ رهندڙ ماڻهن جو هئڻ گهُرجي، جيڪي ’تهذيبن جي ٽڪراءُ‘ کان بچڻ چاهين ٿا.
مونکي لندن ۾ اهو لکڻ مهل ضرور مڃڻ کپي، ته منهنجي زندگي وٽندڙ هئڻ سميت ڏاڍي ڏکي به آهي. آئون هڪ سُوٽ ڪيس کان ٻيو سُوٽ ڪيس ڪٽي، سڄي دنيا جو سفر ڪندي، يونيورسٽين، واپاري جماعتن، عورتن جي تنظيمن ۽ پرڏيهي پاليسي ناهيندڙ دانشورن اڳيان اسلام، جمهوريت ۽ عورتن جي حقن لاءِ ليڪچر ڏيندي رهان ٿي. آئون لڳاتار انگليند ۽ آمريڪي ڪانگريس جي نمائندن سان به ڪچهريون ڪيان ٿي. آئون هينئر به پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرپرسن آهيان. آئون منهنجي مُڙس سان ملان ٿي، جيڪو نيويارڪ ۾ طبي علاج ڪرائي پيو. آئون پنهنجن ٻارن کي دُبئيءَ ۾ امتحان جي تياري ڪرايان ٿي. ۽ آئون پاڪستان ۾ سيڪيولر سياسي جماعتن جي گڏيل جمهوري مخالف ڌر جي 2007ع ۾ پاڪستان جي آئين ۾ اختياريءَ طور ڄاڻايل آزاد ۽ شفاف چونڊن لاءِ وڙهندي اڳواٽي ڪريان ٿي. اهو شايد ڪنهن پريل ٿالهيءَ کان گهٽو ڀانئجي، پر اهو منهنجي زندگيءَ جو ڪاروهنوار آهي، ۽ آئون اُن کي مڃان به ٿي. ڪتاب جي پُڄاڻيءَ ۾ ڄاڻايل بيان ۾ ٻُڌايو ويو آهي ته آئون ڪيئن اُن

نتيجي تي پهتيس، جو مون پنهنجي پڇاڙڪي بابُ جو نالو ”وزيراعظم ۽ پُڄاڻي“ رکيو، جنهن ۾ منهنجيءَ پهرين ڀيري ڇيپل آتم ڪهاڻيءَ کان پوءِ وارا سمورا واقعا سموهيل آهن.

منهنجي عزت ڪئي وڃي ٿي، ۽ مون تي الله جا ٿورا بہ آهن تہ عوام جون دُعائون بہ مون سان گڏ آهن، ۽ آئون سڀاڳي آهيان. الله جي مرضيءَ سان، آئون پنهنجي وطن ۾ موٽي اينديس، ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر آمرن جي قبايل اختيارن، جنرلن ۽ انتها پسندن خلاف چونڊ ميدان ۾ جمهوري طاقتن جي اڳواڻي ڪنديس. اهو منهنجو مُقدر آهي ۽ جيئن آمريڪي صدر جان ايف ڪئنيڊيءَ هڪ ڀيري چيو هو، ”آئون ڪنهن ذميداريءَ کان نٿو ٽتايان، پر ڪيس کِلي ڪيڪاريان ٿو.“

**بينظير ڀُٽو**
لنڊن
اپريل، 2007ع

# 4 اپريل 1979ع

## منهنجي والد جو قتل

هنن 4 اپريل 1979ع شروع ٿيڻ کان ڪجهه ڪلاڪ پوءِ، بابا کي راولپنڊي سينٽرل جيل ۾ قتل ڪري ڇڏيو. اتان ٻه ٽي ميل پري سهالا جي ويران پوليس ٽريننگ ڪئمپ ۾، آئون پنهنجي ماءُ سان گڏ قيد هيس، جتي مون بابا جي لاڏاڻي جي ان گهڙيءَ کي گهٽو پوڳيو. امان جيتوڻيڪ اُن ساهه نپوڙيندڙ رات گهارڻ جي ڪوشش لاءِ، مونکي ننڊ جون گوريون کارايون هيون، پر اوچتو ٻه وڳي رات جو آئون ننڊ مان ڇرڪ ڀري پنهنجي هنڌ تي اٿي ويٺيس. "نه"! منهنجي نڙيءَ مان رڙ نڪتي. "نه"! آئون ساهه به کڻي نه پئي گهيس، ۽ نه ئي مون ساهه کڻڻ گهريو ٿي. بابا! بابا! آئون سڄي ٿڌي ٿي ويس. اونهاري جي مُند هوندي به ايتري ساڻي ۽ ٿڌي ٿي وئي هئس، جو ڏڪڻي بند ئي نه پئي ٿي. امان ۽ مون وٽ ڪابه اهڙي ڳالهه نه هئي، جنهن جي ٻولڻ سان اسين هڪٻئي کي ڪو ڏڏُ ڏئي سگهون ها. انهن ويران پوليس ڪوارٽرن ۾ اسان هڪٻئي پرسان ويهي اهي ڪلاڪ گهاريا. فجر جو اسين بابا جي ميت سان گڏ پنهنجي اباڻي قبرستان ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿياسين.

"آئون عدت ۾ آهيان ۽ ڪنهن به ڌارئي ماڻهوءَ سان ڳالهائي نٿي سگهان. تون هُن سان ڳالهاءِ" امان، جيلر جي اچڻ تي مونکي چيو. هُن جي بيواهه هئڻ سبب، ڌارين کان پاڻ بچائڻ واريءَ چئن مهينن ۽ ڏهن ڏينهن جي مُدت شروع ٿي وئي هئي. آئون اُن ڪمري ڏانهن وڌيس، جنهن جي سيمنٽ واري فرش ۾ ڏار پيل هئا ۽ جيڪو اسان جي ويهڻ جو ڪمرو به هو. اُن مان ساڙي جي ڌپُ پئي آئي.

"اسين وزيراعظم سان گڏ وڃڻ لاءِ تيار آهيون". مون ننڍي جيلر کي چيو، جيڪو منهنجي اڳيان بيٺي ڏڪيو پئي.

"اُهي اڳواٽ ئي هُن کي دفنائڻ لاءِ کڻي ويا آهن." هن ٻڌايو. مون ڀانيو ڄڻ هن مونکي ڌڪ هڻي ڪڍيو هجي. "هُن جي گهر ڀاتين کانسواءِ؟" مون ڪانئس سختيءَ سان پڇيو. "فوجي راڄ ۾ ڏوهاري به ڄاڻن ٿا ته، اهو اسان جي خاندان جو مذهبي فرض آهي ته هُن جي ميت سان گڏ وڃجي، جنازي نماز پڙهجي، دفنائڻ کان اڳ سندس منهن ڏسجي. اسان جيل سپرنٽينڊنٽ کي درخواست ڏني هئي ... ..."

"اُهي هن کي کڻي ويا." هُن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيو.

"ڪيڏانهن کڻي ويا؟"

جيلر ماٺ ڪيو ويٺو ھو.
”اھو عمل ڏاڍي سانت ۾ ٿيو ھو.“ ھن نيٺ وراڻيو. ”آئون اُھي شيون کڻي آيو آھيان، جيڪي اُتي رھجي ويون ھيون.“
ھُن مونکي اُھي ڏکوئيندڙ شيون ڏنيون، جيڪي بابا جي موت واري ڪوٺڙيءَ مان ھُو پاڻُ سان گڏ کڻي آيو ھو: اُنھن شين ۾ بابا جي شلوار، قميص، ھڪ ڊگھي ۽ ڍِري پتلون، جيڪا ڪيس آخري وقت تائين پاتل ھئي، ڇو تہ بابا سياسي قيدي ھجڻ سبب سزا ڪاڏل ڏوھارين جي لباس پائڻ کان بلڪل نابري واري ھئي، ڪاڏي جو ٿفن باڪس، جو ھن آخري ڏھہ ڏينھن کائڻ کان انڪار ڪيو ھو، بسترو، جنھن جي ڪيس تڏھن اجازت ڏني وئي ھئي جڏھن کٽ جي ٽَٽل واڻُ پُنن ۾ وَڍِ وجھي ڇڏيا ھئا ۽ پاڻي پيئڻ جو پيالو ...
”ھُن جي مُنڊي ڪٿي آھي؟“ مون جيلر کان نيٺ پڇيو.
”ھن وٽ مُنڊي ھئي ڇا؟“
آئون ھن کي ڇتائيندي رھيس، جو ھن پنھنجي ڳوٺريءَ ۽ ڪيسا چڪاسڻ لاءِ ڪيئي بھانا تي ڪيا. نيٺ ھُن مونکي بابا جي مُنڊي ڪڍي ڏني، جيڪا ڇپاڙڪن ڏينھن ۾ ھُن جي ڪمزور آڱر مان کِسڪي ھيٺ ڪِري پوندي ھئي.
”سانت، ڏاڍي ھئي.“ ھُو ڀٽڪندو رھيو.
ڦاسيءَ وقت سانت ڪيئن ٿي سگھي ٿي؟
اسان جا خانداني بورچي بشير ۽ ابراھيم اسان سان گڏ جيل ۾ ھئا، ڇو تہ اختياريءَ وارا اسان کي ڪاڏو ڪونہ ڏيندا ھئا. اھي ٻئي ڪمري ۾ آيا. بابا جا ڪپڙا سڃاڻڻ سان ئي بشير جي مُنھن جو رَنو لھي ويو.
”ياالله! يا الله! ھنن صاحب کي قتل ڪري ڇڏيو! ھنن ھُن کي قتل ڪري ڇڏيو!“ ھُن دانھون ڪيون. پوءِ اسان جي روڪڻ کان اڳ ۾ ئي ھن جھَٽ ڏئي پيٽرول جو دَٻو کڻي پاڻ تي ھاريو ۽ پاڻ کي ساڙڻ تي ھو، جو منھنجي ماءُ ڊوڙندي ٻاھر نڪتي ۽ ھُن کي پاڻ ساڙڻ کان روڪيائين.
آئون اڇرج ۾ وڪوڙجي بيٺي رھيس. مونکي ويساھ ئي ڪونہ پئي آيو، تہ بابا سان ڇا ٿيو ھو. ۽ مون ويساھ ئي نہ پئي ڪرڻ گھريو. اھو بلڪل ناممڪن ھو تہ ذوالفقار علي ڀٽو، پاڪستان جو پھريون وزيراعظم، جنھن کي عوام پاڻ چونڊيو ھو، سو مري ويو ھو. 1947ع ۾ پاڪستان ٺھڻ سان ئي اتي جنرلن جي حڪومت جُڙي وئي ھئي، جنھن ۾ ڏاڍ ۽ ڏمر جو راڄُ ھو. اُن ملڪ ۾ بابا پھريون اڳواڻ ھو، جنھن لوڪشاھي آندي ھئي.جتي عوام اٿين رھندا ھئا، جيئن صدين کان پنھنجي قبائلي سردارن ۽ زميندارن جي آسري تي رھندا پئي آيا. ھُن اھڙي ڏيھہ ۾ مُلڪ جو پھريون آئين ناھيو، جنھن ۾ قانوني بچاءُ ۽ شھري حقن جي ضِمانت ڏنل ھئي، جتي جنرلن کي جمھوري حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ ڏاڍ ۽ رتوڇاڻ ڪرڻو ٿي پيو. ۽ اُن آئين ۾ شھري حڪومت

جي پارلياماني سرشتي جوڙڻ ۽ ھر پنجن ورھين کان پوءِ چونڊون ڪرائڻ جي ضمانت ڏني ھئي.
نہ، اُھو ممڪن ئي نہ ھو. ”جيئي ڀٽو! جيئي ڀٽو!“ جڏھن پھرئين سياستدان طور ھو پاڪستان جي ڏورانھن ڏتڙيل ڳوٺن ۽ وسندين ۾ ويو ھو، تہ لکين ماڻھن سندس آڌرڀاءُ ڪيو ھو. جڏھن ھن جي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي حڪومت ۾ اچڻ جو ووٽ مليو ھو، تہ ھُن ملڪ ۾ نوان سڌارا آڻڻ جي شروعات ڪئي ھئي. ھن اُھا زمين ھزارين ھارين ۾ ورھائي ھئي، جنھن تي ڪيترن ئي نسلن کان ڪجھہ ٿورڙن جاگيردارن جو قبضو ھو. ھُن لکن ماڻھن کي تعليم کان واقف ڪيو ھو، جيڪي جھالت سبب آزاديءَ کان محروم ھئا. ملڪ جي وڏين صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو ھو، مناسب اُجرت ۽ نوڪريءَ جي ضمانت ڏني وئي ھئي، ۽ عورتن ۽ اقليتن سان متڀيد وارو رَويو رکڻ کان روڪيو ويو ھو. ھُن پنھنجيءَ حڪومت جي ڇھن ورھين ۾ 5 جولاءِ 1977ع جي فجر تائين، اونداھي ملڪ ۾ روشني پکيڙي ھئي.
ضياءَ الحق، بابا جو ظاھري طرح وفادار فوجي اڳواڻ ھو. ھُو اھو جنرل ھو، جنھن آڌيءَ رات جو پنھنجا سپاھي موڪلي، بابا جي لوڪشاھي حڪومت جو تختو اونڌو ۽ ملڪ تي زوريءَ قبضو ڪيو ھو. ضياءَ الحق فوجي آمر، جيڪو پوءِ پنھنجين بندوقن، ڳوڙھا آڻيندڙ گولن ۽ فوجي قانون ذريعي بہ بابا جي مشھوري روڪڻ ۾ ناڪام ٿيو ھو، ۽ بابا کي موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ اڪيلو رکڻ کان پوءِ بہ سندس ارادن کي لوڏڻ ۾ سوڀارو ٿي نہ سگھيو ھو. ضياءُ الحق، بُڇڙو، ڀوائتو ۽ جوکائتو جنرل، جنھن اجھو ھينئر منھنجي بابا جو انت آندو ھو. ضياءُالحق اھو جنرل، جيڪو ايندڙ نَو ورھيہ پاڪستان تي بيرحميءَ ۽ ڪنورتائيءَ سان راڄ ڪندو.
آئون ننڍي جيلر آڏو ويڳاڻي بيٺي ھيس ۽ منھنجن ھٿن ۾ اھا ننڍڙي ھَڙ ھئي، جنھن ۾ بابا جون ڇڏيل سيئي شيون شامل ھيون. ھنجي ڪپڙن مان سندس پسند جي شاليمار عطر جي سُڳنڌ اچا بہ آئي پئي. مون ھُن جي شلوار کي پنھنجي سيني سان لاتو، تہ اوچتو مونکي ڪيٿلين ڪينيڊي ياد اچي وئي، جنھن پنھنجي سينيٽر پيءَ جي قتل کانپوءِ ريڊڪلف ۾ ھُن جو ڪوٽ پاتو ھو. سياست سبب اسان جي ٻن خاندانن جي سدائين پاڻ ۾ ڀيٽ ڪئي ويندي ھئي. ھاڻي اسان جي وچ ۾ ھڪ نئون ۽ ڀوائتو ٻَنڌڻ ٿيو ھو ان رات ۽ ٻين ڪيترين ئي راتين جو، سمھڻ وقت پنھنجي ويھاڻي ھيٺان بابا جي قميص رکي، مون پڻ پنھنجي پيءُ جي ويجھو رھڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي.
مون پاڻ کي بلڪل سَکڻو پائيو ھو. منھنجي زندگي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي ھئي. بابا خلاف ضياءَ جي فوجي ٽولي جيڪي ڪوڙيون تھمتون ۽ الزام ھنيا ھئا، ان سلسلي ۾ پورا ٻہ ورھيہ ھنن سان مقابلي کان سواءِ مون ڪجھہ بہ نہ ڪيو ھو. مون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان انھن چونڊن جي سلسلي ۾ ڪم ڪيو ھو، جن جو فوجي بغاوت وقت

ضياءَ واعدو ڪيو هو ۽ پوءِ اسان جي ڪاميابيءَ کي سمجهندي، هُو انهن چوندن کان ڦِري ويو هو. فوجي ٽولي مونکي ڇهه ڀيرا گرفتار ڪيو هو ۽ فوجي اختياري وارن مونکي ڪراچي ۽ لاهور ۾ پير رکڻ کان ڪيئي ڀيرا منع ڪئي هئي. منهنجيءَ ماءُ کي به اهو ئي چيو ويو هو. بابا جي نظربنديءَ واري زماني ۾ امان پاڪستان پيپلز پارٽي جي قائم مقام چيئرپرسن هئي، جنهن حيثيت ۾ هن کي اَٺ ڀيرا نظربند ڪيو ويو هو. اسين گذريل ڇهه هفتا، سهالا ۾ ۽ ان کان اڳ ڇهه مهينا راولپنڊي ۾ نظربند هيونسين. ان هوندي به ڪالهه تائين آئون پاڻ کي يقين نه پئي ڏياري سگهيس، ته جنرل ضياءَ سچ پچ بابا کي قتل ڪندو.

اها خبر منهنجن ننڍن ڀائرن کي ڪير ٻُڌائيندو، جن سياسي جلاوطنيءَ ۾ لنڊن مان بابا جي موت جي سزا خلاف ويڙهه پئي ڪئي؟ ۽ منهنجي ڀيڻ صنم کي ڪير ٻُڌائيندو جيڪا هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي پڙهائيءَ جي آخري سال ۾ هئي؟ مونکي خاص ڪري صنم جي ڏاڍي ڳڻتي هئي. هُن جو سياست سان ڪو ناتو ئي ڪونه هو. پر اسان سيني سان گڏ هن کي به اُن المناڪ صورتحال ۾ گهِلي آندو ويو هو. ڇا هاڻي هوءَ اڪيلي هئي؟ مون دعا پئي گهري ته هوءَ ڪو اهڙو بيوقوفاڻو قدم نه کڻي.

مون اهو سمجهيو، ڄڻ منهنجو جسم بنهه ٽُڪر ٽُڪر ٿي ويو هجي. آئون هاڻي اڳتي ڇا ڪري سگهنديس؟ اسان ڪوشش ڪان پوءِ به بابا جي زندگي بچائڻ ۾ ناڪام ٿيا هئاسين. مون پاڻ کي ڏاڍو هيڪلو پئي ڀانئيو. ”اوهان ڪانسواءِ آئون پنهنجي مدد ڪيئن ڪري سگهنديس؟“ مون بابا کان سندس موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ پڇيو هو. مونکي سندس سياسي نصيحت جي گهُرج هئي. جيتوڻيڪ ان لاءِ مون هارورڊ ۽ آڪسفورڊ مان سَندون ورتيون هيون، پر آئون سياستدان نه هيس. پلا هُو ڇا ٿي چئي سگهيو؟ هُن لاچاري ۽ بيوسي ڏيکاري هئي. هڪ ڏينهن اڳ مون بابا کي آخري ڀيرو ڏٺو هو. اُن گڏجاڻيءَ جي پيڙا سَهپ کان ٻاهر آهي. هُن کي ڪنهن به اهو ڪونه ٻڌايو هو، ته ايندڙ ڏينهن فجر جو ڪيس ڦاسي ڏني ويندي. اها ڳالهه انهن عالمي اڳواڻن کي ڪنهن به نه ٻڌائي هئي، جن سرڪاري طرح فوجي ٽولي کي رحم جي درخواست ڪئي هئي، جن ۾ جمي ڪارٽر، مارگريٽ ٿيچر، ليونڊ برزنيف، پوپ جان پال ٻيو، اندرا گانڌيءَ ۽ ٻيا به ڪيترائي، سمورا اسلامي ملڪ- سعودي عرب، عرب امارات، ۽ شام شامل هئا. ضياءَ جي ٽولي مان ڪنهن به ملڪن يا ماڻهن کي بابا جي ڦاسيءَ جي تاريخ جو اطلاع ڪونه ڏنو هو، جو ته پنهنجي وزيراعظم جي قتل تي عوام جي ردعمل جو ڪين گهڻو ڊَپُ هو. رڳو منهنجي ماءَ ۽ مونکي ڄاڻُ هئي ۽ اها به اسان کي اتفاق سان سُڌ ملي هئي.

2 اپريل تي صبح سوير آئون پنهنجي کٽ تي ليٽيل هيس، ته اوچتو ڪمري ۾ امان گهڙي آئي. ”پِنڪي“، هُن مونکي خاندان جي پيار واري نالي سان سڏيو، پر سندس لهجو ٻُڌڻ سان ئي منهنجو سمورو جسم سِيٽجي ويو. ”ٻاهر فوجي عملدار آيا آهن،

جيڪي چون ٿا تہ پاڻ ٻئي اڄ هلي تنهنجي بابا سان ملاقات ڪريون. اُن جو مطلب ڇا آهي؟"
اُن ڳالهہ جي مونکي بلڪل صحيح ڄاڻ هئي. اها ڄاڻ هن کي بہ هئي. پر اسان اُن کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هئاسين. اُن ڏينهن امان جي ملاقات جو وارو هو، جنهن کي هفتي ۾ هڪ ڀيرو ملاقات جي اجازت مليل هئي. منهنجي ملاقات ان هفتي پوءِ ٿيڻي هئي. هنن جي ان خواهش جو مطلب تہ اسين ٻئي وڃي ملاقات ڪريون. رُڳو اهو ئي هو تہ اها آخري ملاقات هئي. ضياءَ بابا کي قتل ڪرڻ وارو هو.
منهنجو ذهن ٻوڙڻ لڳو. اسان کي اها ڳالهہ پڌري ڪرڻي هئي. عالمي برادريءَ ۽ عوام کي آخري سَڌ ڏيڻوهو. وقت نڪري ويو هو. "هنن کي ٻڌايو تہ آئون ٺيڪ نہ آهيان." مون امان کي تڪڙو تڪڙو چيو. "هنن کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن اها آخري ملاقات آهي، تہ پوءِ آئون بلڪل اينديس، پر جيڪڏهن ڪانهي تہ پوءِ اسين سڀاڻي هلنديونسين." جڏهن امان پهريدارن سان ڳالهائڻ وئي، تہ مون جَهٽ هٽي اهو نياپو ڪولي ڪاڙي ڇڏيو، جيڪو مون اڳواٽ ويڙهي رکيو هو. مون هڪ نئون نياپو لکيو. "آئون سمجهان ٿي، تہ هنن اسان کي آخري ملاقات ڪرائڻ لاءِ گهرايو آهي." مون ٻاهر هڪ ساهيڙيءَ کي تڪڙ تڪڙ ۾ ان اميد تي لکيو، تہ هوءَ پارٽي اڳواڻن کي خبردار ڪندي، جيڪي وري ٻاهرين ملڪن جي سفيرن کي اطلاع ڪندا ۽ عوام کي تحريڪ ۾ آڻيندا. عوام اسان جي آخري اُميد هو.
"هيءُ حڪم ياسمين تائين پهچاءِ" مون پنهنجي وفادار ملازم ابراهيم کي چيو، اهو ڄاڻندي بہ تہ اهو وڏي جوکم جو ڪم هو. هُن وٽ ايترو وقت ئي ڪونہ هو، جو ڪنهن همدرد پهريدار جي ڊيوٽيءَ تي اچڻ جو اوسيئڙو ڪري ها. ممڪن هو تہ هن جي جهڙتي ورتي وڃي ها ۽ اُهي سندس ڳَڊ لڳن ها. هن ۾ اڳ ويچارڻ جي اهليت ئي ڪين هئي. خطرو تمام وڏو هو. "وڃ ابراهيم وڃ!" مون هن تي زور آڻيندي چيو. "پهريدارن کي چئو تہ تون منهنجي لاءِ دوائون وٺڻ وڃين پيو." ۽ هُو وٺي ڀڳو.
مون دريءَ مان ٻاهر نهاريو، تہ فوجي لشڪر ۾ هڪ ٻئي سان مشورا پئي ٿيا. پوءِ هنن پنهنجي وائرليس سيٽ تي نياپو اماڻيو تہ، آئون بيمار آهيان ۽ جواب اچڻ جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳا. انهيءَ مونجهاري ۾ ابراهيم دروازي تي پهتو. "مونکي بينظير ڀٽو صاحبا لاءِ جلدي دوا آڻڻي آهي. جلدي!" هُن اُنهن پهريدارن کي چيو، جن منهنجي بيمار هجڻ جي ڳالهہ ٻُڌي ورتي هئي. جڻ معجزو ٿيو جو هنن ابراهيم کي وڃڻ جي اجازت ڏني. اهو سڀ ڪجهہ منهنجي ڪمري ۾ امان جي اچڻ کان پنج منٽ پوءِ ٿيو هو. منهنجن هٿن ڏڪڻ ئي بند نہ ٿي ڪيو. مونکي سمجهہ ۾ بہ نہ ٿي آيو تہ ڇا اهو نياپو آساني سان پهچي بہ ويندو؟

دريءَ کان ٻاهر وائرليس سيٽ جي کڙکڙ ٿي. ”جيئن تہ اوهان جي ڌيءَ جي طبيعت ڇاڪ ڪانهي، تنهنڪري اوهين سياڻي ملاقات ڪري سگهو ٿيون.“ اختياري وارن نيٺ امان کي ٻڌايو. اسان بابا جي حياتيءَ جا ٻيا چوويهہ ڪلاڪ ماٺي ورتا هئا. پر ابراهيم جي وڃڻ کان پوءِ جڏهن ڪمپائونڊ جا دروازا هڪدم بند ڪيا ويا، تڏهن اسان ڀانئيو تہ ڪو ڀوائتو بدسوڻ ٿيڻ وارو هو.

مقابلو. اسان کي مقابلو ڪرڻو هو. پر ڪيئن؟ مون پاڻ کي ڏاڍو بيوس پئي ڀانئيو. آئون مورچابند ڪمري ۾ بند هيس، جڏهن تہ بابا جي موت جا پَل گهٽجندا پئي ويا. ڇا منهنجو نياپو پهچي ويندو؟ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ڪيترائي اڳواڻ جيلن ۾ بند هئا. ساڳيءَ طرح هزارين همدرد بہ بند هئا، جن ۾ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عورتون بہ شامل هيون. بيشمار ماڻهن تي ان ڏوهہ ۾ ڳوڙها آڻيندڙ بم اڇلايا ويا ۽ ڪين ڪوڙا هنيا ويا، جو هنن بابا جو نالو ورتو هو.هنن جي اڌ اگهاڙن جسمن تي ايترن ڪَوڙن جا نشان نقش ٿي ويا هئا، جيترا ڪوڙا ڪين هنيا ويا هئا. ڇا عوام نااميديءَ جي ان آخري سڏ تي ڌيان ڏيندا؟ ڇا اهي اهو ٻڌندا بہ؟

رات جو سوائين اَنين وڳي امان ۽ مون بي بي سي ايشيا رپورٽ اسان جي ريڊيي تي ٻُڌي منهنجي جسم جي هرڪا مُشڪ ڀِيڙجي وئي هئي. آئون اُن اُميد تي اُپي ٿي وينيس. جيئن بي بي سيءَ تان اها خبر آئي، تہ مُون قيد مان نياپو موڪليو آهي، تہ سياڻي 3 اپريل تي بابا سان اسان جي آخري ملاقات ٿيندي. اسان جو نياپو پهچي ويو هو! آئون بي بي سيءَ تان اسان جي اُن سڏ جي اعلان ٿيڻ جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳس، تہ عوام احتجاج لاءِ ٻاهر نڪري اچن. پر اهو اعلان ڪونہ ٿيو، اُٽلندو بي بي سي اهو ٻڌايو تہ ان خبر جي جيل سپرنٽينڊنٽ تصديق نہ ڪئي آهي. ”هوءَ ڊڄي وئي آهي.“ ريڊيو بابا جي هڪ اڳوڻي وزير جو اهو حوالو ڏيندي ٻڌايو. امان ۽ آئون هڪٻئي ڏانهن ڏسي بہ نہ سگهيوسين. اسان جي آخري اميد بہ ختم ٿي وئي هئي.

هڪ تڪڙي هلندڙ جيپ، سيڪيورٽي فوجَ ڀنيان ماڻهن جا انبوهہ ڊَپُ ۾ پنڊ پهڻ ٿيو بيٺا هئا، جن کي پنهنجي وزيراعظم جي مقدر جي ڪابہ خبر نہ هئي. جيل جا دروازا تيزيءَ سان کليا ۽ بند ٿي ويا. جيل جون سپاهي عورتون منهنجي ۽ امان جي وري جهڙتي وٺن پيون، پهرين اسان جي سهالا جيل مان نڪرڻ وقت ۽ پوءِ وري ان وقت جڏهن اسين راولپنڊي ۾ جيل پهتيون هيونسين.

”اوهين ٻئي هتي ڇو آيون آهيو؟“ بابا پنهنجي جهنم جهڙي ڪوٺڙيءَ جي اندران پڇي ٿو.

امان ڪوبہ جواب نٿي ڏئي.

”هيءَ آخري ملاقات آهي ڇا؟“ بابا پڇي ٿو.

امان جواب ڏيڻ جي همت ئي نٿي ساري.

”شايد ائين ئي آھي.“ آئون چوان ٿي.
هُو جيل سپرنٽينڊنٽ کي سڏي ٿو، جيڪو ويجهو ئي بيٺو هو. اهي ڪڏهن به اسان کي بابا سان اڪيلو نٿا ڇڏين.
”هي آخري ملاقات آهي ڇا؟“ هو ڪانئس پڇي ٿو.
”ها.“ جواب ملي ٿو. حڪومت جا منصوبا ٻڌائڻ مان لڳي ٿو ته جيل سپرينٽينڊنٽ کي شرم ٿو ٿئي.
”تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي ڇا؟“
”سڀاڻي فجر جو،“ سپرنٽينڊنٽ چوي ٿو.
”ڪهڙي وقت“
”پنجين وڳي، جيل جي قاعدن مطابق.“
”توکي اها خبر ڪڏهن پهتي؟“
”گذريل رات،“ هو ڪيٻائيندي ٻڌائي ٿو.
بابا هن ڏانهن ڏسي ٿو.
”مونکي گهر ڀاتين سان ڳالهائڻ لاءِ ڪيترو وقت مليل آهي؟“
”اڌ ڪلاڪ.“
”جيل قاعدن مطابق اسين هڪ ڪلاڪ جا حقدار آهيون.“
”اڌ ڪلاڪ“ سپرنٽينڊنٽ وراڻي ڏئي ٿو. ”مونکي اهو ئي حُڪم مليو آهي؟“
”ته پوءِ انتظام ڪر ته آئون وهنجان ۽ ڏاڙهي ناهيان.“ بابا ڪيس چوي ٿو. ”هي دنيا ڏاڍي سُندر آهي، جيڪا آئون اُجرائي ۽ سُترائيءَ سان ڇڏڻ گهران ٿو.“
اڌ ڪلاڪ، اُن شخص کان موڪلائڻ لاءِ اڌ ڪلاڪ، جنهن کي آئون پنهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ پيار ڪريان ٿي. منهنجي سيني ۾ سُور جون سِيٽون اُڀرن ٿيون. مونکي هرگز دانهڻ نه گهرجي. مونکي مايوس نه ٿيڻ گهرجي. مونکي بابا جي آزمائش کي ويتر ڏُکيو بنائڻ نه گهرجي.
هو فرش تي هڪ تڏي تي ويٺل آهي، جنهن ڪانسواءِ ڪوٺڙيءَ ۾ ٻيو ڪوبه سامان ڀيل ڪونهي. هن جي ميز، ڪرسي ۽ بسترو به ڪڍي ويا آهن.
”هي وٺ“. هو مونکي اُهي رسالا ۽ ڪتاب ڏيندي چوي ٿو، جيڪي مون اڳ سندس لاءِ آندا هئا. ”آئون نٿو چاهيان ته اُهي منهنجين شين کي ڇُهن.“
هو مونکي اهي ٻتي سِگار به ڏئي ٿو، جيڪي سندس لاءِ وڪيلن آندا هئا. ”آئون هڪڙو سِگار اڄ رات لاءِ رکان ٿو.“ هو چوي ٿو. هو شاليمار عطر جي شيشي به پاڻ وٽ رکي ٿو.

هو مونکي پنهنجي مُندي لاهي ڏيڻ گهري ٿو، پر امان کيس ائين ڪرڻ کان روڪي ٿي. ”هينئر نٿو لاهيان، پر پوءِ منهنجي مرضي آهي ته اها بينظير کي ملي.“ هو امان کي چوي ٿو.
”مون ٻاهر نياپي موڪلڻ جو انتظام ڪيو آهي.“ آئون پٽڪان ٿي، چو ته جيل اختياريءَ وارا هر لفظ ٻڌڻ لاءِ آتا آهن. آئون تفصيل ٻُڌايان ٿي ۽ هن جي مُک تي سانت ڏسجي ٿي. ”هن سياست جا اصول سمجهي ورتا آهن.“ هن جي چهري مان اها ڳالهه ٻَکي ٿي.
موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ روشني ڏاڍي جَهڪي آهي. آئون هن کي چٽيءَ طرح ڏسي نه پئي سگهان. ٻيءَ هر ملاقات وقت اسان کي ڪوٺڙيءَ ۾ گڏجي ويهڻ جي اجازت هوندي هئي، پر اڄ اها اجازت ڪانهي. امان ۽ آئون هن جي ڪوٺڙيءَ جي دروازي جي لوهي سِيخن سان چُهٽي، ساڻس جهِيڻو پيا ڳالهايون.
”منهنجي طرفان ٻارن سان پيار ڪجو.“ هو امان کي چوي ٿو. ”مِير، صَني ۽ شاهه کي چئجو، ته مون هڪ سني پيءُ ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مون گهريو ٿي ته اوهان کان موڪلايان.“ امان ڪنڌ لوڏي ٿي، پر ڳالهائي نه ٿي سگهي.
”اوهان ٻنهي چٽين ڏاڍيون تڪليفون سَنيون آهن.“ هو چوي ٿو، ”هاڻي جڏهن رات هو مونکي قتل ڪرڻ گهرن ٿا، سو آئون به اوهان کي آزاد ڪرڻ چاهيان ٿو. جيئن ته آئين معطل آهي ۽ ملڪ ۾ فوجي راڄ قائم آهي، تنهنڪري جيڪڏهن اوهان جي مرضي هجي ته اوهين پاڪستان مان نڪري وڃو. جيڪڏهن اوهين ذهني سُڪون ماڻڻ ۽ نئين زندگيءَ شروع ڪرڻ گهرو ٿيون، ته پوءِ اوهان شايد يورپ وڃڻ پسند ڪنديون. آئون اوهان کي پنهنجي طرفان اجازت ڏيان ٿو. اوهان وڃي سگهو ٿيون.“
اسان جي دلين ۾ وَڍ پيا پون. ”نه، نه.“ امان چوي ٿي. ”اسين نٿا وڃي سگهون. اسين ڪڏهن به نه وينديونسين. جنرل اهو هرگز نه سمجهن ته سندن سوبُ ٿي آهي. ضياءَ وري چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو آهي. پر الاءِ هو چونڊون ڪرائڻ جي سگهه به ساري سگهندو يا نه؟ جيڪڏهن اسين وينديونسين ته اُن پارٽيءَ جي اڳواڻي لاءِ ڪوبه ڪونه هوندو، جيڪا اوهان ساڻين سان گڏجي ناهي آهي.“
”۽ تون، پِنڪي.“ بابا مونکان پُڇي ٿو.
”آئون ته ڪڏهن به ڪونه وينديس.“ آئون جواب ڏيان ٿي.
هو مُرڪي ٿو. ”مونکي ڏاڍي سرهائي ٿي آهي. توکي ڄاڻ ڪانهي ته آئون توکي ڪيترو ڀانيان ٿو. مون توکي سدائين ڪيترو نه پيار ڪيو آهي. تون مونکي گهڻي پياري آهين. تون سدائين، مونکي عزيز آهين.“
”وقت پورو ٿيو.“ سپرنٽينڊنٽ چوي ٿو. ”وقت پورو ٿيو.“
آئون لوهي سِيخن کي سوگهو جهليان ٿي.

”مهرباني ڪري ڪوٺڙيءَ جو در کوليو.“ آئون هن کي چوان ٿي. ”آئون پنهنجي پيءَ کان موڪلائڻ گهران ٿي.“
سپرينٽينڊنٽ انڪار ڪري ٿو.
”مهرباني ڪر.“ آئون چوان ٿي. ”بابا پاڪستان جو چونڊيل وزيراعظم آهي. آئون هن جي نياڻي آهيان. هيءَ اسان جي آخري ملاقات آهي. آئون هن کي ڀاڪر پائڻ گهران ٿي.“
سپرينٽينڊنٽ وري بہ نهڪار ڪري ٿو.
آئون سِيخن مان بابا تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي. هو مليريا، ڊَستن ۽ بُکن سبب ڳري ڪَنڊا ٿي ويو آهي. پر هُو پاڻ کي ڇڪي اُڀو ڪري ٿو ۽ منهنجي هٿ کي ڇُهي ٿو. ”اڄوڪي رات آئون آزاد ٿي ويندس.“ هو چوي ٿو. هن جو چهرو ڪنهن روشنيءَ سبب ٻَهڪڻ لڳي ٿو. ”اڄ آئون پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجي پيءُ سان وڃي ملندس. اڄ آئون لاڙڪاڻي ۾ پنهنجن وڏڙن جي ڌرتيءَ ڏانهن واپس ويندس، تہ جيئن آئون اتي جي مٽيءَ جي سُڳنڌ ۽ هوا جو اُتوٽ ڀاڱو ٿي سگهان. منهنجي چوڌاري راڳ ئي راڳ هوندا. آئون اتي جي ڏندڪٿا جو حصو بڻجي ويندس.“ هو مُرڪي ٿو. ”پر لاڙڪاڻي ۾ ڏاڍي گرمي آهي.“
”آئون مقبرو جوڙائيندس.“ آئون ڪوشش ڪري چوان ٿي.
جيل اختياري وارا اندر ڪاهي پون ٿا.
”الله واهي، بابا.“ جيئن امان سِيخن مان هٿ وڌائي ڪيس ڇُهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، تہ منهنجي واتُ مان اهي لفظ نڪرن ٿا. اسين ٻئي ڏياري اڱڻ مان واپس وڃون ٿيون. آئون ڪنڌ ورائي ڏسڻ گهران ٿي، پر مون کان اهو ٿي نٿو سگهي، آئون ڄاڻان ٿي تہ آئون پاڻ جهلي نہ سگهنديس.
”ان وقت تائين جڏهن پاڻ وري ملنداسون.“ آئون هن جو آواز ٻڌان ٿي.
منهنجون ٽنگون ڪنهن نہ ڪنهن طرح چُرن ٿيون، پر آئون ڪين محسوس نٿي ڪريان. آئون پنڊ پهڻ ٿي وئي آهيان، پوءِ بہ آئون گهلبي وڃان. جيل اختياريءَ وارا اسان کي جيل وارڊن مان واپس وٺيو پيا وڃن، جيل جو اڱڻ فوجين جي تنبوئن سان سَٽيو پيو آهي. آئون سوڳ جي حالت ۾ پئي هلان. مونکي رڳو منهنجي مٽي جو احساس آهي. منهنجو ڳاٽ اوچو هجڻ ضروري آهي. هو سيئي مون ڏانهن چتائي پيا ڏسن.
ڪُلف لڳل دروازن اندر ڪار بيٺل آهي، تہ جيئن ٻاهر ماڻهن جا بيٺل انبوھ اسان کي نہ ڏسن. منهنجو جسم تہ ڳوڙو ٿي ويو آهي، جو ڪار ۾ چڙهڻ وقت مونکي ڏکيائي پئي ٿي. ڪار جيل جي دروازي مان تيزيءَ سان ٻاهر نڪري ٿي. ان کي ڏسي ماڻهن جو انبوھ اسان ڏانهن وڌي ٿو، جنهن کي سپاهي ڏاڍي سختيءَ سان پنتي هٽائين ٿا. ان انبوھ ۾ اڳيان آئون پنهنجي ساهيڙي ياسمين کي ڏسان ٿي، جيڪا بابا کي ماني پهچائڻ جي اوسيئڙي ۾ بيٺي آهي. ”ياسمين! هو اڄ رات هن کي قتل ڪري ڇڏيندا!“ آئون

ڪار جي دريءَ مان ڪوشش ڪري رڙ ڪريان ٿي. ڇا ھن منھنجو آواز ٻڌو؟ ڇا منھنجي منھن مان ڪو آواز نڪتو به يا نه؟
پنج به ٿي ويا. ڇھ ٿيا. مون جيڪو به ساھ ڪنيو ٿي، تنھن مونکي بابا جي پڇاڙڪن ساھُن جي ياد ٿي ڏياري. ”يا الله، شل ڪو معجزو ٿئي.“ امان ۽ مون گڏجي ٻاڏايو. ”ڪجھ نہ ٿئي.“ اُن ڇڪتاڻ جو احساس منھنجي ٻليءَ ’ڇن ڇن‘ کي به ٿيو، جنھن کي آئون لڪائي پاڻ سان قيد خاني ۾ ڪٽي آئي ھيس. ھن نہ پنھنجن پلونگڙن کي به ڇڏي ڏنو ھو. اُھي اسان کي ڪٿي به نظر نہ آيا.
پوءِ به اسان نِراس نہ ٿياسين. سپريم ڪورٽ يڪراءِ سفارش ڪئي ھئي، تہ بابا جي موت واريءَ سزا کي جنم ٽِيپ جي سزا ۾ بدلايو وڃي. ٻيو پاڪستاني قانون ھيٺ، ڦاسيءَ جي تاريخ جو اعلان ان تي عمل ڪان ھڪ ھفتو اڳوات ضروري آھي. اھڙو اعلان به ڪونہ ڪيو ويو ھو.
پيپلز پارٽيءَ جا جيڪي اڳواڻ ملڪ ڪان ٻاھر ھئا، تن پڻ خبر موڪلي ھئي، تہ ضياءَ سعودي عرب، عرب امارات، ۽ ٻين ملڪن جي اڳواڻن سان واعدو ڪيو ھو، تہ ھو بابا جي موت واريءَ سزا کي بدلائيندو، پر ضياءَ شروع ڪان ئي واعدا ٽوڙيا ھئا ۽ سعودي عرب جي پرڏيھي ڪاتي واري وزير ۽ لبيا جي وزيراعظم انجام ڪيو ھو، تہ جيڪڏھن ڦاسي ڏيڻ جي تاريخ جو اعلان ٿيو، تہ اُھي ملڪ ۾ پھچي ويندا. ڇا ھنن بي بي سيءَ تان منھنجو نياپو ٻڌو ھو؟ ڇا ھتي پھچڻ لاءِ ھنن وٽ وقت آھي؟ اسلام آباد ۾ چين جو ھڪ وفد آيل ھو. بابا پاڪستان جي چين سان دوستيءَ جي شروعات ڪئي ھئي. ڇا اُھي بابا لاءِ ضياءَ تي زور رڪندا؟
سھالا جي سخت گرميءَ ۾ آئون ۽ امان ڳالھائڻ ڪان سواءِ پنڌ پھڻ ٿيو وينيون ھيونسين. ضياءَ اھو به ظاھر ڪيو ھو، تہ ھو معافيءَ جي حجت رُڳو بابا طرفان يا سندس خاندان يعني اسان طرفان مڃيندو. پر بابا ان جي منع ڪئي ھئي.
موت جي اوسيئڙي ۾ اُھي گھڙيون ڪيئن ٿيون گذرن؟ آئون ۽ امان ماٺ ڪيو وينيون ھيونسين. ڪنھن وقت اسان رڙ به ڪئي ٿي. جڏھن اسان ۾ ويھڻ جي سگھہ نہ رھي، تڏھن اسين بستري تي ويھاڻن مٿان ڪِري ٿي پيونسين. ھو ھن جي حياتي جي ڏوري وڍي ڇڏيندا. آئون سوچيندي رھيس. ان ڪوٺڙي ۾ ڪنھن کي به پنھنجي ويجھو نہ ڏسي، ھو ڪيڏي نہ اڪيلائي پائيندو ھوندو. ھن کي به ڪتاب پاڻ وٽ ڪونہ رکيا ھئا. ھن ڪابہ شئي نہ رکي ھئي. ھن وٽ رڳو اھو ھڪڙو سِگار ھو. منھنجي نڙي ايتري تہ نوٽ ٿي وئي ھئي، جو مون گھريو ٿي تہ ان کي ڦاڙي کوليان. پر منھنجي مرضي نہ ھئي تہ اھي پھريدار، جيڪي سدائين اسان جي دريءَ پنيان پيا کِلندا ھئا ۽ ڳالھائيندا ھئا، سي منھنجيون رڙيون ٻُڌي خوش ٿين. ”امان، مون کان سَنو نٿو ٿئي، آئون سَھي

نٽي سگهان.“ ڏيڍ وڳي رات جو آئون وري وينيس. هوءَ ننڊ جون گوريون کٽي آئي.
”ڪوشش ڪري ننڊ ڪر.“ هن چيو.
اڌ ڪلاڪ کان پوءِ آئون هنڌ ۾ اُبي تي وينيس ۽ مون پنهنجي ڳچي ۾ پنهنجي پيءُ جو ڦندو پيل پائيو.
اُن رات آسمان برف جا ڳوڙها ڳاڙيا ۽ لاڙڪاڻي ۾ اسان جي خانداني زمينن تي ڳڙا وسيا. ويجهو ئي اسان جي اباڻي ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش جي خانداني قبرستان ۾ فوجي گاڏين جي گوڙ گهمسان سبب، ڳوناٺا جاڳي اٿيا. اها پيڙا ۽ عذاب واريءَ رات مون ۽ امان جيل ۾ پئي گذاري، ته هوڏانهن بابا جي ميت کي ڳڙهي خدا بخش ۾ دفنائڻ لاءِ ماٺ ميٺ سان هوائي جهاز ۾ کڻي ويا. فوجي حڪومت جو پهريون انتظامي جٿو اڳوات ئي ڳوٺ پهچي ويو هو، جتي هنن اسان جي ڳوناٺي ڪمدار نظر محمد تي، جنهن جي خاندان وارن ڪيترن ئي نسلن کان اسان جي خاندان سان گڏجي ڪم ڪيو هو، ميت کي دفنائڻ جي بندوبست لاءِ گهڻي سختي ڪئي هئي.

## نظر محمد جو بيانُ:

4 اپريل تي آئون پنهنجي گهر ۾ سُتو پيو هوس، ته اٽڪل ٽين وڳي ڌاري رات جو منهنجي اک کُلي ۽ مون ڳوٺ ٻاهران پنجاهه کان سٺ کن فوجي گاڏين جي تيز روشني ڏٺي. پهرين مون سمجهيو، ته هو وري ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏيڻ کان پوءِ دفنائڻ جي ايئن مشق ڪندا، جيئن هنن ٻه ڏينهن اڳ ڪئي هئي. تنهن وقت هنن چيو هو، ته اسين عام فوجي مشقَ پيا ڪريون. ڳوٺ جي ماڻهن ۾ خاص ڪري تڏهن هراس پکڙجي ويو هو، جڏهن پوليس وارا ڀٽي خاندان جي قبرستان ۾ گهڙي خبرداريءَ سان ڇڪاسڻ لڳا. ان اوڦتي وقت پوليس جڏهن مونکي پنهنجي گهر مان ٻاهر گهرايو، تڏهن سيئي ڳوناٺا، پوڙها، جوان، مرد ۽ عورتون پنهنجن پنهنجن گهرن مان ٻاهر نڪري آيا. سيني کي دَپُ هو، ته ڀٽي صاحب کي اڳوات ئي ڦاسي ڏني وئي آهي يا جلد ڏني ويندي. هر طرف روج راڙو ۽ واويلا هئي ۽ سندن مُنهن مان مايوسي پڌري هئي.
”ڀٽي صاحب کي دفنائڻ جو هڪدم بندوبست ڪيو وڃي.“ فوج ۽ پوليس جي عارضي هيڊ ڪوارٽر ۾ هنن مونکي چيو، ”اسان کي قبر جي جاءِ ڏيکار.“ مون رُنو پئي. ”اوهان کي قبر جي جاءِ اسين ڇو ڏيکاريون؟“ مون هنن کي چيو. ”اسين پاڻ هن جون آخري رسمون ڪنداسون. ڀٽو صاحب ته اسان جو آهي.“
مون هنن کي چيو، ته مونکي اجازت ڏيو ته قبر کوٽڻ لاءِ اسين پنهنجا ماڻهو وٺي اچون، ڪَچيون سِرون ڪٽائي اچون، قبر لاءِ ڪاٺ جا تختا وڍيون ۽ پنهنجيون مذهبي رسمون پوريون ڪريون. هنن مونکي ان ڪم ۾ مدد لاءِ رُڳو انن ماڻهن جي اجازت ڏني.

اسين اجا اُن دل ڏارينڌڙ ڪم ۾ رڌل ھئاسين، تہ فوج ۽ پوليس جي گاڏين نہ رڳو سڄي ڳوٺ جو گهيرو ڪيو، پر ھر ننڍي وڏي گهٽيءَ جو رستو بہ بند ڪري ڇڏيو. ڳوٺ مان ڪير بہ ٻاھر نڪري نہ پئي سگهيو، ۽ نہ ئي وري ڪير ڳوٺ ۾ اچي ئي سگهيو. اسين ھر طرف ڪان گهيري ۾ ھئاسين. صبح جو انين وڳي ڳوٺ پرسان رستي تي بہ ھيليڪاپٽر لٿا، جتي ھڪ ايمبولينس بيٺي ھئي. مون ڏٺو تہ ڏوليءَ کي لاھي ايمبولينس ۾ رکيو ويو، جيڪا قبرستان ڏانهن ھلي. ”ھيءُ گهر خالي ڪريو.“ فوج جي ڪرنل قبرستان جي ڏاکڻي ڪُنڊ واري ھڪ ننڍڙي رھائش: گهر ڏانهن اشارو ڪندي مونکي چيو. جتي قبرستان جي سنڀال ڪندڙ ۽ پيش امام پنهنجن ٻارن سميت رھي ٿو. مون ان ظلم ۽ ان سبب پيش امام ۽ سندس ٻارن کي ٿيندڙ تڪليف تي احتجاج ڪيو. پر ڪرنل نہ مُڙيو. پوءِ ان گهر جي ڇت تي ويھہ فوجي چڙھي ويا ۽ پنهنجين بندوقن جا مُنهن قبرستان ڏانهن ڪري وينا.

مرھيات جي ويجهن مائٽن لاءِ لازمي ھو، تہ اھي سندس مُنهن پچاڙڪو ڀيرو ڏسن. قبرستان سان لڳولڳ ڳڙھيءَ ۾ ڀٽي صاحب جا سئوٽ رھندا ھئا. ڀٽي صاحب جي ٻهرين گهر واريءَ پڻ ويجهي ڳوٺ نئين ديري ۾ رھندي ھئي. گهڻي ڪِتراڪَ ۽ حُجت ڪان پوءِ اختياري وارن نيٺ مونکي اجازت ڏني، تہ آئون ھن کي وني اچان. ھوءَ جڏھن اتي پهتي تڏھن اسان ڏوليءَ کي کولي، ميت کي منجهانئس ڪڍي، واڻ جي اُن کٽ تي رکيو، جيڪا مون پنهنجي گهران آندي ھئي. ڀُٽي خاندان جون عورتون پردي ۾ رھن ٿيون ۽ اوپرن ماڻهن اڳيان نٿيون اچن. خاندان جي مردن ڪان سواءِ ڪنهن بہ ڌارئي ماڻهوءَ کي اندر اچڻ جي اجازت نہ ھئي. پر فوج جا ماڻهو شرافت جا سيئي لِيڪا لتاڙي زوريءَ اندر ڪاھي آيا ھئا.

اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ جڏھن ميت ٻاھر ڪڍي آيا، تڏھن مون ڪرنل ڪان قسم کڻائيندي پڇيو، تہ مذھبي حڪمن ۽ دفنائڻ جي روايتن مطابق ميت کي غسل ڏنو ويو ھو يا نہ. ھن قسم کڻي اُن جي تصديق ڪئي. مون چڪاسي ڏٺو، تہ ميت کي سوٽي ڪپڙي جو اَڇ سبيل ڪفن پيل ھو.

اسان ميت جي ڌڙ کي ڏسي نِراس ۽ وياڪل ٿي وياسين. مونکي پڪ ڪانهي تہ اُھي ڪيس ڏسڻ جي اجازت ڏين ھا، ڇو تہ سندن ڪرتوت پڌرا ٿي پون ھا. پر ھُن جو مُنهن موتيءَ جيان پئي ٻهڪيو، ۽ سندس منهن موتي جهڙو ھو. ھو اھڙو پئي لڳو جهڙو سورھن ورھين جي جمار ۾ ھوندو ھو. ھن جي چمڙيءَ جا رنگ بہ گهٽا ڪونہ ٿي ڏٺا. نہ وري ھن جون اکيون ۽ چِپ ٻاھر نڪتل ھئي، جيئن مون انهن ماڻهن جي تصويرن ۾ ڏٺو ھو، جن کي ضياءَ ماڻهن جي وچ ۾ ڦاسيون ڏنيون ھيون. مذھبي رسم مطابق مون ڀٽي صاحب جو منهن اولهہ ڏانهن مکي طرف ڪيو. ھن جو ڪَنڌ ان پاسي لڙي

ڪونہ ڪِريو. هن جي ڪرنگهي واري هڏيءَ ٽٽل ڪين هئي؛ البت سندس نڙگهٽ تي سرڪاري مُهر جهڙا عجيب ڳاڙها ۽ ڪارا ٺُپڪا هئا.
ڪرنل ڏاڍو ڪاوڙجي پيو هو. ڳوٺ جا چوڏهن ڪان پندرهن سؤ تائين ماڻهو ڊوڪيندا ڏوليءَ ويجهو آيا ۽ شهيد جي مُنهن جو تَجلو ڏسڻ لڳا. سندن روڄ راڙي دل ۾ وَڍ ٿي وڌا. ڪرنل دڙڪا ڏنا تہ جيڪڏهن ماڻهو اتان هڪدم هٽي پري نہ ٿيندا، تہ مٿن لٺيون وَسايون وينديون.
”ميت کي هڪدم دفنايو وڃي.“ هن چيو. ”جيڪڏهن گهُرج پئي تہ اُن لاءِ اسين ڏنبي ڪان بہ ڪم وٺنداسين.“
”اُهي ماتم پيا ڪن ۽ هنن کي گهڻو سوڳ آهي.“ مون هن کي ٻڌايو. پوءِ بندوق جي زور تي اسان تڪڙ ۾ جنازي نماز پڙهي ۽ بعد ۾ مرحوم جي شانَ پٽاندر اسان سندس ميت لحد ۾ لاٿي. ان وقت هڪ طرف قرآن شريف جي تلاوت پئي ٿي، تہ ٻئي پاسي گهرن مان عورتن جي ماتم جو آواز پئي آيو.
بابا جي وفات ڪانپوءِ سهالا ۾ ڪيترن ئي ڏينهن تائين آئون ڪائي يا پي نہ ٿي سگهيس. آئون پاٽيءَ جو ڍُڪ پيئندي هيس، تہ ابڙڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي هيس. مون ڪان ڪا شيءَ ڳِڙڪي نہ سگهندي هئي، ۽ نہ وري آئون سُمهي سگهندي هيس. جڏهن بہ مون اکيون بند ٿي ڪيون، تہ مون هڪڙو خواب ٿي ڏٺو. آئون ڊسٽرڪٽ جيل اڳيان بيٺي آهيان. ان جا دروازا ڪليل آهن. ڏسان ٿي تہ ڪو شخص مون ڏانهن پيو اچي. ”بابا!“ آئون ڊوڙي هن ڏانهن وڃان ٿي. ”اوهين ٻاهر نڪتا آهيو! اوهين ٻاهر آيا آهيو! مون سمجهيو هو تہ هنن اوهان کي قتل ڪري ڇڏيو. پر اوهين تہ جيئرا آهيو!“ پر هن تائين پهچڻ ڪان اڳ ئي منهنجي اک کلي ويندي هئي، ۽ مان هڪ ڀيرو وري ياٺئيندي هئس، تہ هو هن دنيا مان هليو ويو آهي.
”تون ماني تہ کاءُ، پنڪي. توکي ضرور کائڻ گهرجي.“ امان سُوپ آڻيندي چوندي هئي. ”اسين جڏهن هتان ٻاهر نڪري چوندن لاءِ تياري ڪنداسين، تڏهن توکي طاقت ۽ قوت جي گهُرج ٿيندي. جيڪڏهن تون پنهنجي بابا جي اصولن خاطر وڙهڻ گهرين ٿي، تون هن وانگر وِڙهڻ گهرين ٿي، تہ پوءِ کاءُ. توکي ضرور کائڻو پوندو.“ ۽ آئون ٿورو کائيندي هيس.
تعزيت جا جيڪي نياپا لِڪ ڇپ ۾ اسان تائين پهچندا هئا، سي آئون پاڻ زور سان پڙهندي هيس. ”منهنجي پياري چاچي ۽ بينظير.“ 5 اپريل تي لاهور مان اسان جي هڪ خانداني ساهيڙيءَ لکيو، ”مون وٽ پنهنجو ڏک ٻُڌائڻ لاءِ لفظ ئي ڪونہ. جيڪي بہ ٿيو آهي تنهن لاءِ سڄي قوم تنهنجي جوابدار آهي. اسين سيئي ڏوهاري آهيون... هر هڪ پاڪستاني ڏکويل، مايوس، ساڻو ۽ غير محفوظ آهي. اسين سيئي ڏوهاري آهيون ۽ گناهه هيٺان دٻيل آهيون.“

اُن ساڳئي ڏينهن راولپنڊيءَ جي لياقت باغ ۾ ڏهه هزار ماڻهو گڏ ٿيا. اتي ئي ڏيڍ سال اڳ امان قيدي بابا طرفان چونڊن ۾ حصي وٺڻ لاءِ جلسو ڪرايو هو، جنهن ۾ ماڻهن جا انبوهه گڏ ٿيا هئا. پاڪستان پيپلز پارٽي جي اها مشهوري ڏسي ضياءَ چونڊون رد ڪري ڇڏيون ۽ بابا کي موت جي سزا ڏنائين. هاڻي هن جي پوئلڳن جڏهن جنازي نمازون ٿي پڙهيون ۽ بابا جي حق ۾ نعرا ٿي هنيا، ته پوليس وري مٿن ڳوڙها آٽيندڙ بم ٿي اڇلايا. انهيءَ تي ماڻهو مچرجڻ لڳا ۽ پوليس وارن تي سِرون ۽ پٿر اڇلائڻ لڳا، جيڪي لٺين سان مٿن ڌُوڪيندا آيا ۽ کين گرفتار ڪرڻ لڳا. ياسمين، سندس ڀيڻ پينرون ۽ ماءُ ان جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيون هيون. اتي منهنجي هڪ ساهيڙي امينا پراچا به هئي، جنهن سپريم ڪورٽ ۾ بابا جي مقدمي لاءِ وڪيلن جي مدد ڪئي هئي. اتي امينا جون ڀيڻ پينرون، پائٿيون ۽ سندس ستر ورهين جي ڪراڙي آيا به هئي. انهن سيني ڏهن عورتن کي ٻين سون ماڻهن سميت گرفتار ڪري ٻن هفتن لاءِ قيد ڪيو ويو هو.
هڪدم بابا جي موت بابت افواهه پکڙجڻ شروع ٿيا: جلاد چريو ٿي ويو؛ بابا جي ميت کي جنهن جهاز ۾ ڳڙهي خدا بخش موڪليو ويو هو، تنهن جي پائليٽ کي جڏهن خبر پئي، ته جهاز ۾ ڪير آهي، تڏهن هو ايترو ته گهبرائجي ويو، جو هن کي جهاز هيٺ لاهڻو پيو ۽ هڪ ٻئي پائليٽ کي گهرائڻو پيو هو. بابا جي آخري وقت بابت اخبارون ڏڪارن تفصيلن سان ڀريون پيون هيون. هن کي ايترا ته عذاب ڏنا ويا هئا، جو هو مرڻ تي هو ۽ سندس رَڳ تمام آهستي پئي هلي ۽ هن کي اسٽريچر تي کڻي ڦاسيءَ گهاٽ تائين پهچايو ويو هو. ٻيءَ پڪتي رپورٽ ۾ اها دعويٰ ڪئي وئي، ته بابا موت ڪوٺڙيءَ ۾ جهيڙي ۾ مري ويو هو. فوجي عملدارن هڪ اقرارنامي تي صحي لاءِ مٿس زور رکيو هو، جنهن ۾ لکيل هو، ته هن پاڻ فوجي انقلاب آندو هو ۽ ضياءَ کي دعوت ڏني هئي، ته ملڪ جون واڳون سنڀالي، جيڪو بيانُ حڪومت کي پنهنجي جائز هجڻ جي ثبوت ۾ گهربل هو.
اُن بيان مطابق هڪ عملدار بابا کي گهڻي زور سان ڌِڪو ڏنو هو، جنهن سبب هن جو مَٿو ڪوٺڙيءَ جي ديوار سان وڃي لڳو ۽ هو ڪِري پيو ۽ پوءِ وري هوش ۾ ئي ڪونه آيو هو. ڪيس ساهه کڻڻ لاءِ ڊاڪٽر کي گهرايو ويو هو، هن جي دل جي مالش ڪئي وئي هئي ۽ نڙيءَ ۾ نلڪي وڌي وئي هئي، جنهن سبب نظر محمد کي هن جي ڳچيءَ تي اهڙا نشان نظر آيا هئا. پر اُهو سڀ ڪجهه اجايو هو.
مون اُن ڳالهه تي ويساهه ڪيو هو. ڀلا بابا جي جسم تي ڦاسيءَ جا جسماني نشان ڇو نه ٿي ڏسڻ ۾ آيا؟ آئون ڇو رات جو ٻين وڳي جاڳي اٿيس، جڏهن ته هن کي ڦاسيءَ ڏيڻ جي وقت ۾ اجا پورا ٽي ڪلاڪ هئاادفجڪاجدلفج؟ هڪ ٻئي سياسي قيدي جنرل بابر مونکي ٻڌايو، ته هو پڻ اوچتي سياٽي سبب ٻين وڳي جاڳي پيو هو. اهڙيءَ طرح سڄيءَ

دنيا ۾ پکڙيل ٻين دوستن ۽ سياسي همدردن به ائين ئي ڀانئيو هو. لڳو ٿي ته بابا جو روح انهن سڀني وٽان ٿيندو پئي ويو، جن جو ساڻس پيار هو.
۽ افواهه ويتر وڌندا ويا.
”لاش قبر مان ڪڍائي اُن جو پوسٽ مارٽم ڪرايو.“ بابا جي سئوٽ ۽ پيپلز پارٽيءَ جي اڳوڻي اڳواڻ ممتاز ڀٽي سهالا ۾ فون تي تعزيت ڪندي مون تي زور رکيو. ”اُهو ڪم اسان کي سياسي فائدو ڏيندو.“ سياسي فائدو؟ بابا گذاري ويو هو. سندس لاش کي قبر مان ڪڍڻ سبب هو جيئرو ته ڪونه پوندو.
”هن کي قتل ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ به هنن کيس آرام سان رهڻ نه ڏنو هو.“ مون چاچي ممتاز کي ٻڌايو. ”هاڻي هو آجو ٿي ويو آهي. هن کي آرام ڪرڻ ڏيو.“
”اُن جي جيڪا تاريخي اهميت ٿي سگهندي، سا تون نٿي سمجهين.“ چاچو ممتاز ضد ٻَڌي بيٺو.
مون پنهنجو ڪَنڌ لوڏيو. ”تاريخ هن جي زندگيءَ بابت فيصلو ڏيندي. هن جي موت جا سببَ اهم ناهن.“ مون چيو ”آئون هن جو لاش قبر مان نه ڪڍائينديس. هن کي آرام جي گهُرج آهي.“
امان جي ڀاڻيجي ۽ منهنجي ننڍپڻ جي ساهيڙي سميعا وحيد کي اجازت ڏني وئي، ته سهالا ۾ اچي اسان جي ڏُک ۾ شريڪ ٿين. هنن کي اهو ڏسي اطمينان ٿيو هو، ته جيتوڻيڪ اسين بيحد ڏُکاريون هيونسين، پر اسان مايوس نه هيونسين. ”اسان ته اهو به ٻڌو، ته تون ايتري مايوس هئينءَ جو آپگهات ٿي ڪيو؟“ سميعا هڪ ٻئي افواهه جو ذڪر ڪندي چيو، جيڪو حڪومت پکيڙيو هو.
فخري، جيڪا ڏاڍي جذباتي آهي، تنهن ڊوڙي اچي امان کي ڀاڪر پاتو ۽ کيس آٿت ڏيندي فارسيءَ ۾ چوڻ لڳي ته، ”نصرت، ڪاش آئون اِهي ڏينهن ڏسڻ کان اڳ ئي مري وڃان ها.“ هن رڙيون ڪيون. ”ماڻهو چون ٿا ته ضياءَ کي ڦاسيءَ ڏني وڃي.“ فخري مونکي ڀڻ ڀاڪر پاتو. هو پهرين عورت هئي، جنهن هڪ سال اڳ مون تائين بابا جي موت جي سزا واريءَ خبر پهچائي هئي. ان وقت آئون ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گهر ۾ نظربند هيس ۽ هوءَ پوليس کان نظر بچائي مون تائين پهتي هئي. آئون پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي هيس، ته سامهون واري دروازي مان هوءَ اوچتو ڌوڪيندي اندر آئي ۽ ڪمري جي فرش تي ڪِري رڙيون ڪرڻ لڳي. ۽ ڏک وچان پنهنجي پيشاني فرش تي هڻڻ لڳي. اڌ ڪلاڪ اندر فوجي اختياريءَ وارا خود فخري جي نظربنديءَ جو حڪم کڻي آيا هئا، جنهن کي سياست جي الف ب جي به خبر نه هئي ۽ جيڪا ماهه- جونگ ۽ برج راند يون رهي پاڻ وندرائيندي هئي. هوءَ پنهنجي مڙس ۽ ننڍڙن ٻارن کان پري هڪ هفتي تائين مون سان گڏ قيد هئي.

هاڻي اسان گڏجي روئڻ شروع ڪيو. هُن اسان کي ٻڌايو، ته ڪراچيءَ ۾ اسان جي باغ ۾ سوين ماڻهو- پورهيت، ٽئڪسي ڊرائيور، گهورڙيا ٽيجهي جي ڏينهن تي اچي گڏ ٿيا هئا. ڪيترائي هفتا اڳ هر رات ڪيترين ئي عورتون، بسن ۾ چڙهي اسان جي گهر ايندڻيون هيون ۽ قرآن شريف پنهنجن مٿن تي رکي، بابا لاءِ دعائون گهرنديون هيون. فوجي لباس، جيڪو سدائين اسان جي قومي فخر جو اُهڃاڻ رهيو هو، تنهن تي هاڻي ٺٺولي ڪئي ٿي وئي. فخريءَ اسان کي اهو به ٻڌايو. ڪراچيءَ مان هوائي جهاز ۾ سفر ڪندي هن ۽ سميعا فوجي لباس پاتل ڪنهن به شخص پرسان ويهڻ کان انڪار ڪيو هو. ”قاتل.“ هنن رڙيون ڪندي چيو هو. ٻين مسافرن ڪين ڏک ۾ ڏسي، عزت خاطر پنهنجا ڪنڌ جهُڪائي ڇڏيا هئا. ڪنهن به ڪو لفظ نه ڪُڇيو. هر هڪ جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

اسان اختياريءَ وارن کي درخواست ڏني هئي، ته ٽيجهي تي اسان کي بابا جي مزار تي وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي.

7 اپريل تي صبح جو ستين وڳي اسان کي ٻُڌايو ويو، ته اوهين پنجن منٽن ۾ تيار ٿي وڃو. اسان وٽ ماتم جا ڪارا ڪپڙا ڪونه هئا، تنهنڪري قيد ۾ جيڪي ڪپڙا موجود هئا، اهي اسان پاتا. اسين هوائي اڏي وڃڻ لاءِ ڪار ۾ وينيونسين، ته فوجي حڪومت جي هڪ عملدار زور ڏيندي چيو، ”جلدي ڪريو! جلدي ڪريو!“ اهي سدائين اسان کي تڪڙو تڪڙو وٺي ويندا هئا، جو ڪين ڊپ هوندو هو ته متان عوام اسان کي ڏسي، هٿ لوڏين، دلداري ڪرائين يا ڪنهن به نموني نفرت ڏيکارين.

پر فوج جا سيئي ماڻهو ظالم ۽ ڪَنورڪو نه هئا. اسين جڏهن هوائي اڏي تي پهتيونسين، تڏهن فوجي جهاز جي عملي اسان جو مانائتو آڌر ڀاءُ ڪيو. هنن جا ڪنڌ جهُڪيل هئا. جڏهن امان ڪار مان ٻاهر نڪتي، ته انهن ڪيس سلامي ڏني. اهو ان شخص جي بيواهه جي عزت جو اشارو هو، جنهن نوي هزارن کان وڌيڪ سندن ساٿي سپاهين کي هندستان جي قيد مان آزاد ڪرائي واپس آندو هو. اها ڳالهه سيني ڪين وساري هئي. ان مختصر سفر ۾ هنن اسان کي چانهه، ڪافي ۽ سينڊوچ جي آڇ ڪئي. سندن منهن مان حيرت ۽ ڏک پڌرو هو. ڪجهه ماڻهن جو گناهه ڪيترن ئي جو ڏوهه ٿي پيو هو.

اسان جو جهاز ڳڙهي خدا بخش ويجهو موئن جي دڙي هوائي اڏي کان پوري هڪ ڪلاڪ جي فاصلي تي جيڪب آباد ۾ لٿو. مڪاني فوجي اختياري وارن وري هوائي اڏي کان ڳوٺ تائين انهن سِڌن ۽ نون رستن تان وڃڻ مناسب نه سمجهيو، جيڪي بابا ٺهرايا هئا. اُٿلندو ڪار ڪچين گهٽين مان جهوپا ۽ لوڏا کائيندي هلي ۽ ڊرائيور عام رستي تي وڃڻ کان پاسو ڪندو رهيو، ته متان ڪار جي درين تي ٿلهن پردن هوندي به

اسين ماڻهن کي نظر نہ اچون. نيٺ اسين پنهنجي خانداني قبرستان جي دروازي وٽ پهتيوسين، تہ اسين پگهر ۾ مٽيءَ ۾ پِيوت ٿي پيون هيونسين.
آئون جيئن سوڙهي ڦاٽڪ ڏانهن وڌيس، تہ هڪ فوجي عملدار بہ مون سان گڏ وڌيو، آئون بيهي رهيس.
”نہ، تون اندر نٿو وڃين سگهين. اوهان مان ڪوبہ اندر وڃي نٿو سگهي.“ هُن مونکي حُڪم ڏنو.
مون چيو. ”هيءُ اسان جو قبرستان آهي. تون ڌاريو آهين.“
”اسان کي حڪم مليل آهي، تہ اوهان تي نظر رکون“ هن مونکي چيو.
”تنهنجي اندر وڃڻ سان هن پاڪ جاءِ جي گُستاخي ٿيندي، جنهن جي آئون توکي هرگز اجازت نہ ڏينديس.“ مون وراڻيو. ”اوهان منهنجي بابا کي قتل ڪيو. اوهان هن کي هتي اماڻيو. اسين هن جي ماتم لاءِ آيا آهيون، اڪيلائي ۾.“
”اسان کي حڪم مليل آهي، تہ هر وقت اوهان سان گڏ هجون.“ هن زور رکندي چيو. ”تہ پوءِ اسين قبر تي ئي نٿا وڃون. اسان کي واپس وٺي هل.“ امان ڪار ڏانهن ويندي چيو.
هو پنتي هٽي ويو ۽ اسين قبرستان جي در وٽ پنهنجيون جُتيون لاهي اندر وياسين.
ڪيڏي نہ سانت هئي اُتي ۽ ڪيتري نہ ڄاتل سڃاتل. اتي پُٽن جي نسل جا وڏڙا دفنايل هئا، جن شاندار زندگي گذاري هئي. منهنجو ڏاڏو سر شاهنواز خان ڀٽو، جهونا ڳڙهه رياست جو وزيراعظم هوندو هو، جنهن کي هندستان جي ورهاڱي کان اڳ برطانيا جي سرڪار، بمبئي پريزيڊنسيءَ لاءِ ڪيل خدمتن خاطر ’سر‘ جو خطاب ڏنو هو. هن جي زال ليڊي خورشيد، منهنجو چاچو سڪندر ڀٽو ۽ سندس ناميارو پاءُ امداد علي، جنهن لاءِ چون ٿا تہ ايترو سُهڻو هوندو هو، جو ڪراچي جي اهم واپاري مرڪز ايلفنسٽن اسٽريٽ مان جڏهن گاڏيءَ ۾ لنگهندو هو، تڏهن انگريز عورتون هن کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر ڊوڙي اينديون هيون. اتي ٻيا ڪيترائي مائٽ پڻ دفن ٿيل آهن ان مٽيءَ ۾، جنهن اسان کي جنم ڏنو هو ۽ جنهن ۾ اسين مرڻ کان پوءِ موٽي ويندا سين. 1969ع ۾ جڏهن آئون پاڪستان مان هارورڊ يونيورسٽي پئي ويس، تہ وڃڻ کان اڳ بابا مونکي ان قبرستان ۾ وٺي ويو هو. ”تون گهڻو پري آمريڪا پئي وڃين. تون اتي ڪيتريون ئي اهڙيون شيون ڏسندينءَ جيڪي توکي اچرج ۾ وجهي ڇڏينديون. پر تون ياد رک، تون ڇا بہ ٿين، توکي نيٺ هتي موٽي اچڻو پوندو. تنهنجي جاءِ هتي آهي، تنهنجيون پاڙُون هتي آهن. لاڙڪاڻي جي مِٽي، ڌوڙ، گپ ۽ گرمي تنهنجين رَڳن ۾ آهي ۽ هيءَ ئي اِها جاءِ آهي جتي توکي دفنايو بہ ويندو.“
تنهن وقت منهنجين اکين ۾ ڳوڙها هئا ۽ آئون هن جي قبر کي ڳوليندي رهيس. مونکي اها بہ خبر نہ هئي تہ هن کي ڪٿي دفنايو ويو هو. پر جڏهن مون قبر کي ڏٺو، تہ مونکي ويساهہ ئي ڪونہ ٿي آيو. اها مٽيءَ جي هڪ ڍير وانگر ڏسڻ ۾ پئي آئي، ڪچي مٽي،

جنهن تي گلن جا پَن ڇٽڪاريل هئا. آئون ۽ امان قبر جي پيرانديءَ کان ٿي وينيونسين. مونکي يقين ئي نہ پئي آيو، تہ ڪو منهنجو پيءُ ان قبر ۾ هوندو. آئون هيٺ ڪِري پيس ۽ ان هنڌ جي مٽيءَ کي چُمڻ لڳس، جتي منهنجي خيال مطابق هُن جا پير هئا.
”بابا، جيڪڏهن مون اوهان کي ڪو ڏک پهچايو هجي، تہ مونکي معاف ڪندا.“ آئون پڪيس.
اڪيلي، مون پاڻ کي ڪيترو نہ هيڪلو ٿي پاتئيو. سيني ٻارن وانگر مون سمجهيو ٿي تہ بابا موجود آهي. پر هاڻي آئون جڏهن هن کي وڃائي ويٺي هيس، تڏهن مون اهڙي سَڪٽائي پئي پاتئي، جيڪا ڪڏهن بہ پَرجي نہ ٿي سگهي. پر مون رُنو نہ هو، ڇو تہ مسلمان هجڻ سبب منهنجو ايمان هو، تہ ڳوڙها ڪنهن آتما کي ڌرتيءَ تي ڇڪيو ٿا آڻين ۽ پوءِ هن کي ڪونہ ٿا ڇڏين.
منهنجي پيءُ پنهنجي آزادي ماڻي هئي. هن کي اهو آرام ۽ سُک ڏاڍو مهانگو پيو هو. هن جي پيڙا ۽ پوڙيا ختم ٿي وئي هئي. ”سڀ ساراهہ اُن هستيءَ جي، جنهن جي قبضي ۾ سڀئي شيون آهن، اوهين سڀيئي هن ڏانهن موٽي ويندا.“ مون قرآن شريف جي سوره ياسين پڙهي، منهنجي بابا جو روح الله وٽ بهشت ۾ هو.
هو وري اسان کي ڏکين ۽ وڏيڪ اڙانگن رستن تان تڪڙو تڪڙو هوائي اڏي ڏانهن وٺي هليا. پر اتي اهو هوائي جهاز جو ساڳيو عملو اسان جي آڌرياءُ لاءِ موجود هو. سهالا جي درن وٽ ۽ انهن پوائٽن ڪمرن ۾، جتي اسين نظربند هيونسين، اسان جي جيڪا جهَڙتي ورتي ويندي هئي، تنهن ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آيو هو. پر مون ۾ امن ۽ هڪ نئين پروسي ۽ ويساهہ جي سوچ جاڳي پئي هئي.
اُٿ ۽ ڪين لالڪارينس. هنن جو مقابلو ڪر. پوائٽن ڏکيائين سان جنگ جوٽ. دشمن کي ماري ماتَ ڪر. ننڍڙي وهيءَ ۾ بابا اسان کي جيڪي آکاڻيون ٻڌائيندو هو، تن ۾ بديءَ تي نيڪيءَ جي سدائين سوڀ ٿيندي هئي.
”اوهان کي وجهہ ملي يا اوهين اهو وڃائي ڇڏيو، اوهين تيز ۽ ويچارن سان ڀرپور هجو، اوهين زبردست باهمت هجو يا ڊڄڻا، اهي سڀيئي ڳالهيون اوهان جي اختيار ۾ آهن.“ هو سدائين اسان کي سمجهائيندو هو.“ اهو اوهان جي هٿ وس آهي تہ اوهان ڪهڙيءَ منزل تي پهچڻ گهرو ٿا.“
هاڻي جڏهن پاڪستان هڪ پوائٽي اوڙاهہ ۾ ڪِري پيو آهي، تڏهن مونکي ئي ان کي بچائڻو آهي. بابا جي قبر پَرسان بيٺي مون اهوئي سمجهيو هو. مون هن جي روح ۽ ڪامل پروسي کي پاڻ ۾ ڇوليون هڻندي پاتئيو هو. ان گهڙيءَ مون پنهنجي پاڻ سان پختو وچن ڪيو، تہ اوستائين آرام نہ ڪنديس، جيستائين پاڪستان ۾ جمهوريت نہ ايندي. مون واعدو ڪيو، تہ اُميد جي جيڪا روشني هُن ٻاري هئي سا قائم رهندي. هو

پاڪستان جو ڦهريون اڳواڻ هو، جنهن فوج ۾ خاص طبقي لاءِ نہ، پر سڀني ماڻهن لاءِ آواز اُٿاريو هو.

بابا جي ٽيجهي ڪان پوءِ امان ۾ مونکي سهالا ڏانهن واپس وڃي پئي ويا، تہ اسان جي گهر 70 ڪلفٽن جي باغ ۾ سپاهين انهن سَون ماڻهن تي ڳوڙها آڻيندڙ گولا پئي وسايا، جن بابا جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ اتي دعائون پئي گهريون. اها گوليبازي ايتري تہ شديد هئي، جو اتي چبوتري جي ڇِت ڪي باھ وڪوڙي وئي هئي. ماڻهن جو ساھ ٻُوساتجڻ لڳو ۽ اهي قرآن شريف سيني سان لائي ٽِڙي پکڙي ويا هئا.

# پنهنجي ئي گهر ۾ قيد

بابا جي وفات کان سَت هفتا پوءِ مئي 1977ع جي پڇاڙيءَ ۾ امان ۽ مونکي سهالا مان آزاد ڪيو ويو. اسين ڪراچيءَ ۾ پنهنجي خانداني گهر 70 ڪلفٽن ۾ موٽي آيونسين. اتي هر ڪا شيءِ ساڳي هئي. 70 ڪلفٽن جي وڏي در تي نالي واري پِتل جي تختيءَ تي 'ذوالفقار علي ڀٽو، بار ائٽ لا' لکيل هو. ان مٿان پِتل جي ٻي تختي هئي جيڪا وقت گذرڻ سبب ٿوري ڦِٽي وئي هئي، ان تي منهنجي ڏاڏي جو نالو سر شاهنواز ڀٽو اُڪريل هو. 1953ع ۾ منهنجي جمڻ کان ٿورو پوءِ ڏاڏي اهو ٻماڙ وڏو بنگلو جوڙايو هو. اسين ٻه ٻينرون ۽ ڀائر اتي عربي سمنڊ جي ٿڌين هوائن ۾ پلجي وڏا ٿياسين، جيڪو اتان چوٿائي ميل تي آهي. ان سانت ۽ امن امان واري گهر تي، جيڪا مصيبت ۽ پيڙا ڪِرڻ واري هئي، سا ڪنهن جي گُمان ۾ به نه هئي.

اُتي باغ ۾، جتي ناريل، ڪجيءَ ۽ انبن جا وڻ ۽ ڪراچيءَ جي ٻهراڙيءَ مان ڏاڍيءَ سِڪ سان آندل ڳاڙهن ۽ هيڊن گلن جا ٻوٽا هئا، روزانو سوين ماتمي اچي گڏ ٿين ٿا. ٻيا سوين ماڻهو پنهنجي اڳواڻ جي خاندان سان تعزيت لاءِ ٻاهر اوسيئڙي ۾ بيٺا آهن. امان اجا تائين عدت ۾ آهي ۽ ڌارين ماڻهن اڳيان اچي نٿي سگهي. هوءَ پنهنجي بدران مونکي هنن جي آدر ڀاءَ لاءِ موڪلي ٿي.

گهر ۾ هجڻ جي سوچ اسان جي پوائتي سَپني کي ويتر وڌيڪ اگرو بڻائي وڌو هو. بابا کي ڦاسي ڏيڻ کان ٻه راتيون اڳ 70 ڪلفٽن تي فوج ٻيو ڀيرو چڙهائي ڪئي هئي ۽ هنن ڇت ۽ باغ جي جهَڙتي ۽ بابا جي ڪپڙن وارن ڪٻٽن ۾ ڦرڦوٽ وڌي هئي. اسان جي ملازمن ٻڌايو. "اوهان وٽ جهَڙتي وٺڻ جو ڪو وارنٽ به آهي؟" هنن اهو سمجهندي ته شهري قانون موجود آهي، هنن کان پڇيو. "آئون جهَڙتي وٺندڙ ٽولي سان گڏ آهيان، تنهنڪري ڪنهن به وارنٽ جي ڪابه گهُرج ڪانهي." فوجي عملدار وراڻيو، جيڪو پوليس سان گڏ آيل هو. هنن ڏهن ڪلاڪن تائين اسان جي گهر جي جهَڙتي ورتي هئي. منهنجي سمهڻ واري ڪمري مان منهنجا ڪيترائي ذاتي خط ۽ ٻه ڪارا بريف ڪيس به کڻي ويا هئا، جن ۾ بئنڪ آرڊر ۽ رد ٿيل چيڪ پيل هئا، جيڪي مون بابا خلاف حڪومت جي هنيل تهمتن جي رد لاءِ ثبوت ۾ گڏ ڪري رکيا هئا.

"هتي ڳجها ڪٻٽ ۽ ڳجها رستا آهن، سي به اسان کي ڏيکاريو." ملازمن کي فوجي عملدارن حڪم ڏنو ۽ جڏهن هنن ٻڌايو ته هتي اهڙي ڪا شيءِ نه آهي، تڏهن ڪين مارڪٽ ڪئي وئي ۽ جهَڙتي وٺندي سيني ملازمن کي استقبالي ڪمري ۾ بند ڪري، ڪيس ڪُلف هنيو ويو هو. صبح جو سويل ڪير وارو آيو، ته هن کي به ٻين سان گڏ ڪمري ۾ بند ڪيو ويو. اخبارون ڪپائيندڙ سان به اهائي جُٺ ڪئي وئي. فوج ڇِتي تي

پئي هئي. ”هن ڪاغذ تي صحيح ڪر.“ هڪڙي عملدار اسان جي هڪ ملازم کي چيو. هن انڪار ڪيو. ”تو ڏنو ته تنهنجي صاحب جو ڪهڙو حشر ٿيو.“ عملدار هن کي ڌمڪي ڏني. ”جيڪڏهن تون صحيح نه ڪندين، ته تنهنجو به اهڙو ئي حال ڪنداسين.“ اسان جو ماڻهو اهڙو ڊنو، جو هن ڪٽي صحيح ڪئي.

جڏهن جهَڙتي مان ڪو ڪڙتيل ڪونه نڪتو، ته هڪ ٽرڪ ڦاٽڪ مان اندر آئي. سپاهين اُن مان هڪ ڳاڙهو غاليچو لاهي وڇايو ۽ مٿس ڪيترائي دستاويز پکيڙي رکيا، جيڪي پڻ ٽرڪ مان لاٿا ويا هئا. پوءِ اخبارن وارن کي گهرائي انهن جا فوٽا ڪڍيا، بابا خلاف ”ثبوت“ هٿ ڪيا ويا. ڪيترن ئي اهو ٿي سمجهيو ته جيڪڏهن سپريم ڪورٽ جي يڪراءِ سفارش مطابق هن جي موت جي سزا کي جنم ٽيپ ۾ ڦيرايو ويندو، ته حڪومت بابا خلاف هڪ ٻيو مقدمو گهَڙڻ جي ڪوشش ڪندي. ٽيهريءَ جو جڏهن جهَڙتي وٺندڙ وڃڻ لڳا، ته پنهنجي ”ثبوت“ سان گڏ اسان جو به ڪيتريون ذاتي شيون کڻي ويا، جن ۾ بابا جو گڏ ڪيل پراڻن نقشن جو ذخيرو به هو.

هاڻي 70 ڪلفٽن تي آئون بابا جي مزار تي حاضريءَ لاءِ لاڙڪاڻي وڃڻ جي تياري ڪريان ٿي.حڪومت کي خبر پوي ٿي، ته اُهي هوائي جهاز جي اڏامن کي روڪين ٿا، جنهنڪري آئون ريل ۾ وڃان ٿي. هر اسٽيشن تي عوام جا وڏا ميڙ مون سان ملن ٿا. جنهن هنڌ ڪا اسٽيشن ڪانهي، ته اتي ماڻهو ريل جي پٽن تي سمهي ريل گاڏيءَ کي روڪائين ٿا. ”پلئه ڪبو! پلئه ڪبو!“ هجوم وڏي واڪي چوي ٿو. ”اسان کي پنهنجي اُن سوڳ ۽ ڏک مان اها سگهه پيدا ڪرڻي آهي، جنهن سان اسين چوندن ۾ ضياءَ کي هارايون.“ ايڏي انبوهه کي ڏسي منهنجي همت وڌي ٿي ۽ آئون هنن کي چوان ٿي: ”عوام جا اهي انبوهه اسان جي سياسي مخالفن لاءِ بهترين جواب آهن، جيڪي کلم کلا اعلان ڪندا وتن ته ’ڀٽو جي طاقت هن جي قبر ۾ دفنائي وئي آهي ۽ ان سان گڏ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي طاقت به.“

ڪراچيءَ ۾ واپس ايندي، آئون صبح جو نائين ڪان رات جو نائين بجي تائين ۽ وچ ۾ ڏهن منٽن جي وڇوٽيءَ سان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن ۽ حامين سان ملاقات ڪريان ٿي. هر ٻن ٽن ڪلاڪن ڪان پوءِ آئون اتان اٿي باغ ۾ وڃي پنهنجي بابا جي ساٿين جو آڌر ڀاءُ ڪريان ٿي. مونکي ۽ امان کي ڏسي، جنهن جي عدت جو مُدو پورو ٿي ويو آهي، هنن جي اکين ۾ چمڪ پيد اٿئي ٿي. ماڻهن کي اها اميد ئي نه هئي، ته اسين ٻئي نظربنديءَ ۾ بابا جي وفات واري غم کي جالي به سگهنديون سين يا نه. چو ته اسان هنن جي سخت ۽ ڏکي زندگيءَ بجاءِ وڌيڪ سُکي ۽ آرام واري حياتي گذاري هئي. پر اسان کي پنهنجين ئي اکين سان ڏسڻ ڪان پوءِ ائين ٿو لڳي، ته هنن ۾ هڪ نئين اميد پيدا ٿي آهي. باغ مان ماڻهن جو هڪڙو گروهه وڃي ٿو، ته ٻيو گروهه اچي ٿو.

رات جو آئون پاڻ انتظامي ۽ پاليسي معاملن، شڪايتن ۽ سياسي گرفتارين جي مسئلن ۾ جُنبي وڃان ٿي ۽ انهن جو امان جي پڙهڻ لاءِ ٽَت ناهيان ٿي. آئون پانيان ٿي، ته آئون اهي ڪم پنهنجي اسڪولي ساهيڙين سميعا ۽ انهن ٻن نوجوان عورتن — امينا ۽ ياسمين جي مدد ڪانسواءِ پورو ڪري نه سگهنديس، جيڪي بابا جي موت جي سزا خلاف اپيل جي جنگ ۾ منهنجيون ساٿياڻيون هيون ۽ جن منهنجو ساٿ ڏنو هو.
بابا کي موت جي سزا ڏيڻ واري حُڪم کان اڳ ماڻهن کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ جنرل ضياءَ هڪ ڀيرو وري واعدو ڪيو، ته هُو چونڊون ڪرائي ملڪ ۾ فوجي آمريت بجاءِ شهري حڪومت جوڙيندو. پر سوال اهو هو، ته ڇا هو پيپلز پارٽي کي سوڀارو ٿيڻ جي اجازت ڏيندو؟ هن ڪِلم ڪلا ڇيو هو، ته هُو حڪومت جو واڳون انهن کي ڪونه ڏيندو، جن کان هن اُهي ورتيون آهن. ۽ هن رُڳو انهن چونڊن کي مڃيو ٿي، جن جا هن جي پسند مطابق نتيجا ٿي نڪتا.
1977ع ۾ بابا جي حڪومت ڊاهڻ کان ٽُرت پوءِ ضياءَ اُن ڏُکي صورتحال ۾ ڦاسي پيو هو، چونڊن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ڪاميابيءَ جي ڊَپ کان هن تنهن وقت چونڊون رد ڪري، پارٽيءَ جي سيني اڳواڻن کي گرفتار ڪيو هو. هن ڀيري هو ڇا ڪندو؟
سيپٽمبر ۾ پهرين مڪاني چونڊون ٿين ٿيون، جيڪي پيپلز پارٽيءَ کٽي ٿي. پوءِ قومي چونڊون ٿيڻيون آهن، جن ۾ ڪيس ڪاميابي ماڻڻ جي سخت گهُرج آهي، ته جيئن پنهنجي حڪومت کي جائز ثابت ڪري سگهي. اهو ڄاڻندي ته ان بابت قاعدن ۽ قانونن ۾ ڦيرڦار ٿي سگهي ٿي. اسان جي پارٽيءَ جا اڳواڻ 70 ڪلفٽن ۾ گڏ ٿي ان معاملي تي ويچارين ٿا، ته قومي چونڊن ۾ حصو ونجي يا سندن بائيڪاٽ ڪجي. ”چونڊن جي ويڙهه ۾ ميدان ڪڏهن به کُليل نه ڇڏجي.“ بابا مون کي جيڪي چيو هو، اُهو ياد ڪندي آئون دليل ڏيان ٿي. ان راهه ۾ ڪٽي کهڙيون به تڪليفون پيش اچن، ڪٽي قاعدا قانون ڪيترا به ڪُوڙا ڇو نه هجن، پر سدائين مخالف ڌر تي چڙهت ڪجي. اسان جيئن اميد پئي ڪئي، تيئن ئي ٿيو، جو پيپلز پارٽيءَ جيئن چونڊن ۾ حصي وٺڻ لاءِ پنهنجي فيصلي جو اعلان ڪري ٿي، ته ضياءَ قاعدن کي ڦيرائي ڇڏي ٿو.
”پاڻ کي سياسي جماعت طور ۾ رجسٽرڊ ڪرايو، نه ته اوهان حصو نٽا ونِي سگهو.“ حڪومت اسان کي اطلاع ڪري ٿي.
اسين انڪار ڪريون ٿا. رجسٽرڊ ڪرائڻ جو مطلب ضياءَ جي فوجي حڪومت کي مڃڻ آهي.
”اسين آزاد اميدوار طور حصو ونئداسين.“ اسين مخالفت ڪريون ٿا، جيتوڻيڪ اسان کي ڄاڻ آهي، ته اُن سبب ووٽ تي اسان جي پارٽيءَ جي نشان نه هجڻ سبب اسين ان سماج ۾ هڪ وڏو خطرو مڃيون، جنهن ۾ سرڪاري طرح پڙهيلن جو تعداد ستاويهه سيڪڙو ۽ غير سرڪاري طرح اٺ سيڪڙو آهي.

حڪومت حد رکي ٿي، ”آزاد اميدوارن لاءِ 51 سيڪڙو ووٽ کڻڻ لازمي آهي.“ نئون قانون چوي ٿو.
”ڏاڍو سُنو. اسين چئون ٿا. ”اسين اُهو سيڪڙو کڻنداسين.“
پر چونڊن ٿيڻ جي تاريخ کان هڪ مهينو اڳ 15 آڪٽوبر 1979ع تي پارٽيءَ جي اهم اڳواڻن جي درخواست تي پيپلز پارٽيءَ جو ميڙ گَڏنو ٿئي ٿو. چونڊن ۾ حصي وٺڻ جو سوال ٻيهر اُٿي ٿو. پارٽي ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿي. ”بائيڪاٽ ڪريو! بائيڪاٽ ڪريو!“ 70 ڪلفٽن جي ڪانفرنس واري ڪمري ۾، جيڪو ڀرين ڪاڏي جو ڪمرو هوندو هو، پارٽي جا ڪيترائي اڳواڻ امان تي زور ڀرين ٿا. مونکي خبر آهي، ته هنن مان ڪي نجي گڏجاڻين ۾ مونکي ’مُورک ڇوڪري‘ سڏين ٿا، پر آئون وري ڳالهايان ٿي. ”قاعدن کي لاڳيتو ڦيرائڻ مان لڳي ٿو، ته ضياءَ پنهنجو اعتماد وڃائي وينو آهي.“ آئون دليل ڏيان ٿي. ”پر اسان کي پنهنجو اعتماد بحال رکڻ گهرجي. اسان مڪاني چونڊون کٽيون آهن ۽ اسين قومي چونڊن ۾ به سويُ ماڻينداسين.“ رات وڏي ٿي وئي آهي ۽ پيپلز پارٽي چونڊن ۾ حصي وٺڻ جو فيصلو بحال رکي ٿي.
ٻئي ڏينهن جڏهن ضياءَ کي اسان جي ارادي جي سُڌ پوي ٿي، ته هو وائڙو ٿي وڃي ٿو. چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر 1977ع وارو پنهنجو فيصلو ورجائيندي، چونڊون بلڪل رد ڪري ٿو. هڪ ڀيرو وري پنهنجا سپاهي 70 ڪلفٽن ڏانهن اماڻي ٿو.
”گهر جو گهيرو ڪيو ويو آهي.“ آڌيءَ رات جو اسان جي ملازمن مان هڪ ڇٽو مونکي ٻڌائي ٿو. آئون تڪڙ ۾ سيئي سياسي دستاويز- پارٽيءَ جا ڪاغذ، ميمبرن جو لسٽون، خط، قيد ٿيل ماڻهن جون فهرستون- ڪٺي وڃي غسلخاني ۾ ساڙي ٿي ڇڏيان. آئون حڪومت کي بيوس ڪرڻ گهران ٿي. ٿورن ئي منٽن ۾ سپاهي گهر ۾ داخل ٿين ٿا ۽ امان کي ۽ مونکي بندوق جي زور تي لاڙڪاڻي ۾ اسان جي گهر المرتضيٰ وٺي وڃن ٿا. اسين اتي ڇهن مهينن لاءِ نظربند رهنديونسين.
آئون المرتضيٰ جي ڪمرن اڳيان هلندي ٿي رهان. جيتوڻيڪ به ورهيہ اڳ فوجي انقلاب کان پوءِ امان جي اها نئين سياسي نظربندي آهي ۽ منهنجي ستين آهي، پر آئون اُن زوري اڪيلائيءَ سان پاڻ کي هيرائي نٿي سگهان. هر قيد منهنجيءَ ڪاوڙ کي وڌائي ٿي. شايد منهنجي ڄمار ۾ خاص ڪري المرتضيٰ ۾ نظربند هوندي، ان ڪانسواءِ ڪي ٻيو سوچي نٿي سگهان.
المرتضيٰ اسان جي خاندان جو مرڪز هو: هي اهو گهر جتي اسين سياري جي موڪلن، رمضان جي سدوري مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ عيد ملهائڻ، بابا جي جنم ڏينهن ملهائڻ، خانداني شادين ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ انهن ڪيترن ئي مائٽن سان ملڻ لاءِ، جيڪي صدين کان اسان جي خانداني زمينن تي رهندا پئي آيا، دنيا جي چئني ڪُنڊن مان ڪَهي ايندا هئاسين. هاڻي حڪومت المرتضيٰ کي منهنجي ۽ امان لاءِ سب جيل ڪوٺيو ويو آهي.

حڪومت اولهندي ملڪن جي اخبارن کي ٻڌائي پئي، ته اسين ’گهر ۾ نظربند‘ آهيون. پر اُهو غلط آهي. ”گهر ۾ نظربنديءَ جو دنيا ۾ ڪو دستور ئي ڪونهي. نظربند شخص کي اجازت هجي ٿي، ته هُو دوستن ۽ گهرڀاتين سان ملاقات ڪري، اخبارن کي انٽرويو ڏئي، شهر ۽ شهر کان ٻاهر ٽيليفون تي ڳالهائي، ڪتاب رکي، ۽ ورلي موٽرڪار ۾ تڪڙو سير ڪري اچي يا ٻاهر گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿئي. سب جيل جي قاعدن هيٺ المرتضيٰ کي جيل سمجهيو ويو آهي، جتي جيل مينوئل جي قاعدن تي عمل ٿئي ٿو. اسان جو ٽيليفون ڪٽيل آهي. مونکي ۽ امان کي ڪمپائونڊ مان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڪانهي ۽ اتي ڪنهن به ملاقاتي کي اندر اچڻ جي اجازت نه آهي. البت ڪڏهن ڪڏهن صنم کي ملڻ جي اجازت ملي ٿي.

اسان جي گهر جي چوڌيواريءَ اندر ۽ ٻاهر فرنٽيئر فورس جا سپاهي، جيڪي سرحد صوبي جا قبائلي پناڻ آهن، پهرو ڏين ٿا، بابا جي وقت ۾ المرتضيٰ جي پهري لاءِ خاص ڪمانڊوز رکيل هئا. فرنٽيئر فورس هتي رڳو ان ڪري موجود آهي، ته جيئن هن جي بيواه ۽ نياڻيءَ کي اتان ٻاهر نڪرڻ نه ڏين. ضياءَ جو مقصد ئي اهو آهي ته، ملڪ ۽ دنيا وساري ڇڏي، ته ڀٽو نالي ڪو خاندان هو به يا نه.

پاڪستان ۾ اخبارون اسان جو نالو ورلي ٿيون ڇپين. 16 آڪٽوبر 1979ع کان جنهن ڏينهن ضياءَ ٻيو ڀيرو چونڊون ڪرائڻ کان ڦِري ويو هو ۽ هن امان ۽ مونکي گرفتار ڪيو هو، تڏهن فوجي ضابطن جي وڌندڙ فهرست ۾ هڪڙو واڌارو اهو به ٿيو، ته اخبارن تي مڪمل بندش وڌي وئي. فوجي قانون جي حڪم نمبر 49 مطابق هر ان تحرير جو ايڊيٽر جيڪو ’پاڪستان جي حڪومت، سالميت ۽ سلامتيءَ، يا عوام جي اخلاقي ۽ سماجي امن لاءِ خطرو ثابت ٿيندو، تنهن کي ڏهه ڦٽڪا هنيا ويندا ۽ پنجويهه سال سخت پورهئي سان سزا ڏني ويندي.‘

اسان جي پارٽيءَ جي اخبار ’مساوات‘ کي، جنهن جون رڳو لاهور شهر ۾ هڪ لک ڪاپيون وڪامجن ٿيون، بند ڪيو ويو آهي ۽ اُن جون پريسون ضبط ڪيون ويون آهن. ٻين اخبارن کي بند ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن يا جيڪڏهن اُهي حڪم جي تعميل نه ڪنديون، ته انهن کي ملندڙ سرڪاري اگهن تي ڪاغذ ۽ اشتهار روڪيا ويندا. ايندڙ ڇهن ورهين لاءِ بابا، امان ۽ منهنجيون تصويرون اخبارن ۾ ورلي ڇپيون وينديون. نه وري انهن ۾ اسان جي نالن کي ڪا سٺي جاءِ ملندي. جيڪڏهن ڪنهن اخبار ۾ اسان سان ٿوري به همدرديءَ واري خبر فوج کي نظر آئي، ته اهڙو صفحو ئي اخبار مان الڳ ڪيو ويندو. هر اخبار جو مواد ڇپجڻ کان اڳ فوج کان منظور ڪرائڻ ضروري آهي. ڪنهن وقت ته اخبار جا سيئي ڪالم خالي ڇڏيا وڃن ٿا. اهو اخبار وارن جو هڪ طريقو آهي، ته جيئن پڙهندڙن کي خبر پوي، ته ڪنهن ڇپجڻ لائق خبر کي سينسر وارن ڪڍي ڇڏيو آهي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي طاقت، ضياءَ کي پنھنجين ظالماڻين سياسي سختين کي وڌيڪ تيز ڪرڻ تي لاچار ڪيو آھي. 1977ع ۾ فوجي انقلاب کان پوءِ جيڪو بہ ماڻھو سياسي سرگرمين ۾ حصو وني ٿو، تنھن کي جيل ۾ وڌو وڃي ٿو ۽ ڦٽڪا ھنيا وڃن ٿا. پر آڪٽوبر 1979ع کان فوجي حڪومت حڪم ڪڍيو آھي، تہ خود سياسي جماعتون غير قانوني آھن. ان مان ظاھر ٿئي ٿو تہ، حڪومت جي ڪوشش آھي تہ بابا جي پاليسين جي عوامي پُذيرائيءَ کي سدائين لاءِ ختم ڪيو وڃي. ’پاڪستان ۾ سيئي سياسي جماعتون پنھنجين سڀني شاخن، گروھن ۽ ٽولين... سميت ختم سمجھيون وينديون.‘ جنرل ضياءَ جي فوجي قانون جي حڪم نمبر 48 ۾ صاف صاف چيو ويو آھي. ھاڻي ڪنھن بہ سياسي جماعت جو ڪوبہ رڪن، يا ڪوبہ ٻيو ماڻھو، جيڪو خانگي گفتگو ۾ بہ اھڙو اظھار ڪندو، تہ ان کي چوڏھن سال سخت پورھئي سان سزا ڏني ويندي. ان حڪم جي جاري ٿيڻ جي گھڙيءَ کان ئي اخبارن ۾ ’پاڪستان پيپلز پارٽي‘ لفظن جي اڳيان ’ڪالعدم‘ لفظ ڄاڻائڻ لازمي آھي. اھڙيءَ ريت اسان جي حيثيت کي گھٽايو ويو آھي ۽ امان ۽ آئون ڪالعدم جمھوريت ۾، ھڪ ڪالعدم جماعت جون ڪالعدم اڳواڻ آھيون.

1931ع ۾ لنڊن ۾ جيڪا ھندوستانين جي گول ميز ڪانفرنس ٿي ھئي، تنھن ۾ منھنجي ڏاڏي جي تصويرن، منھنجي بابا جي ڄمڻ جي سالگرہ جي جشن جي تصويرن ۽ المرتضيٰ ۾ اسان جي خانداني تاريخ جو پاڙُون ڪتل آھن. بابا ۽ ھن جون ٽي ڀينرون ھتي ڄايون ھيون. عورتن جي رھائش لاءِ منھنجي ڏاڏي، جيڪي ڪمرا ٺھرايا ھئا، انھن ۾ اھي ٻار ڄاوا ھئا ۽ ڪين ڄڻائڻ لاءِ لاڙڪاڻي پرسان موجود ھڪ ڳوٺ مان دائي آئي ھئي. جيتوڻيڪ پراڻي گھر جي جاءِ تي ھڪ وڏيڪ جديد گھر ٺاھيو ويو آھي، پر اھو احساس قائم آھي تہ المرتضيٰ ئي ڀُٽن جو صحيح گھر آھي.

وڏي در جي پاسن وارين ڀتين تي آسماني ۽ اڇي ٽائلز جي سِرن تي، 2500 قبل مسيح جي زماني جي گھٽي سُڌريل سنڌو سڀيتا جي قِتل آثارن، موئن جي دڙي جي مردن ۽ عورتن جون تصويرون نھيل آھن. ننڍي ھوندي آئون سمجھندي ھيس تہ ان کي ’منھنجو ديرو‘ ٿا سڏين. منھنجن ڀائرن، ڀيڻ ۽ مونکي ڏاڍو فخر ھوندو ھو تہ، اسين موئن جي دڙي جي ڇانوَ ۾ پلجي وڏا ٿيا آھيون، ۽ اسين ان سنڌوءَ جي ڪناري تي رھون ٿا، جيڪو وقت جي شروع ٿيڻ کان وني ھن ڌرتيءَ کي سيراب ڪندو رھي ٿو. ٻئي ڪنھن بہ ھنڌ اسان کي ماضيءَ سان اھڙي لاڳيتي لاڳاپي جو احساس نٿو ٿئي، ڇو تہ 712ع ڌاري ھندستان تي مسلمانن جي ڪاھ کان اسان جي وڏن جو سلسلو ملي ٿو. اسان جي خاندان بابت اسان جي ھڪ بزرگ پنھنجين ياداشتن ۾ تفصيل لکيا ھئا. اھي ياداشتون منھنجي پڙڏاڏي جي وقت ۾ ھڪ وڏيءَ ٻوڏ ۾ ڏوھجي ويون ھيون. پر ننڍي ھوندي اسان کي ٻڌايو ويو ھو، تہ اسين ھندستان جي ان ھندو ويڙھاڪ طبقي راجپوت جي

نسل مان آهيون، جيڪو مسلمانن جي ڪاهه وقت مسلمان ٿيو هو، يا وري اسين فاتح عربن جي نسل مان آهيون، جيڪي هندستان ۾ اسان جي سنڌ صوبي مان داخل ٿيا هئا، جنهن کي هنن ”باب الاسلام“ جو نالو ڏنو هو.
سڄي هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڀٽي قبيلي جا سوين هزارين ماڻهو رهن ٿا، جن مان گهڻا سنڌ ۾ آهن. اُهي هاري به آهن ته زميندار به. اسان جي خاندان جي چاڙ سنڌي ڀُٽن جي مشهور قبائلي سردار، سردار دودي خان جي آکهه مان هئي. اُتر سنڌ جا ڪيترائي ڳوٺ- ميرپور ڀٽو، جتي چاچا ممتاز جو خاندان رهي ٿو، ڳڙهي خدا بخش ڀٽو، جتي منهنجي پنهنجي خاندان جو قبرستان آهي- اسان جي بزرگن جي نالن تي آهن، جيڪي صوبي جي تمام وڏين زمينن جا مالڪ هوندا هئا ۽ جن جو صدين کان اتي جي سياست ۾ اثر رسوخ رهيو هو. ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ويجهو نئين ديري ۾ منهنجو پنهنجو خانداني گهر آهي، جتي عيد جي ڏينهن تي بابا ۽ ڀائر ويندا هئا ۽ پنهنجن مهمانن کي روايتي کاڌو — کنڊ ۽ گلاب جي خوشبودار پاڻيءَ ۾ رڌل چانور- کارائيندا هئا. پر منهنجي ڏاڏي جي وقت کان اسان جي خاندان جو صحيح مرڪز لاڙڪاڻي ۾ المرتضيٰ رهيو آهي.
1958ع ۾ ڀرين زرعي سُڌارن کان اڳ، صوبي ۾ ڀُٽن وٽ گهڻي ۾ گهڻا هاري هوندا هئا. سنڌ ۾ ٻين زميندارن جيان اسان جي زمين جي ماپ ايڪڙن ۾ نه، پر ميلن ۾ هئي. ننڍپڻ ۾ اسين ٻار 1843ع ۾ سنڌ جي انگريز فاتح چارلس نيپيئر جي اِها حيرت جهڙي ڳالهه ڏاڍي چاهه سان ٻُڌندا هئاسين. ”اهي ڪنهن جون زمينون آهن؟“ صوبي جي گشت ڪرڻ وقت هن پنهنجي گاڏي واري کان پڇيو هو. ”ڀٽن جون زمينون آهن.“ جواب مليو. ”جيڪڏهن اهي زمينون ختم ٿين ته پوءِ مونکي ننڊ مان اٿارجان.“ هن حڪم ڏنو. ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن هو پاڻ ئي جاڳي اٿيو، تڏهن هن کي حيرت وڪوڙي وئي. ”انهن زمينن جو مالڪ ڪير آهي؟“ هن پڇيو. گاڏي واري ساڳيو جواب ڏنو. ”ڀٽو.“ صوبي کي فتح ڪرڻ کان پوءِ انگريز فوجي اختياري وارن کي هن لاطيني ٻوليءَ ۾ جيڪو نياپو (I "Peccavi" have Sinned) يعني مون گناهه ڪيو آهي، موڪليو ته ان سبب هن جي ڏاڍي مشهوري ٿي هئي. ننڍي هوندي اسين سمجهندا هئاسين، ته اهو ٻِٽي معنيٰ وارو لفظ نه پر ڏوهه جو اقرار هو.
بابا اسان کي خاندان جون ٻيون ڳالهيون به ڏاڍي چاهه سان ٻڌائيندو هو. ”اوهان جو پڙڏاڏو مير غلام مرتضيٰ ڀٽو ڏاڍو سهڻو، نڊر ايڪيهين ورهين جو جوان هو.“ بابا اسان جي پسند جي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ شروع ڪندو هو. ”سنڌ جون ڪيتريون ئي عورتون کيس پسند ڪنديون هيون. انهن ۾ هڪ جوان انگريزياڻي به شامل هئي. انهن ڏينهن ۾ ٻئي مذهب جي پوئلڳ سان شاديءَ کي حرام سمجهيو ويندو هو. پر انگريزياڻي پنهنجي دل جي ڳالهه کي لڪائي نه سگهي. هڪ انگريز فوجي عملدار ڪرنل ميهيوُ

کي جڏهن انهن حرام لاڳاپن جي خبر پئي، تڏهن هن اوهان جي پڙڏاڏي کي پاڻ وٽ گهرايو.
انگريز عملدار کي اُن ڳالهه جي پرواهه نه هئي، ته هو ڀُٽن جي شهر لاڙڪاڻي ۾ آهي ۽ هن کي اُها به پرواهه نه هئي، ته جيستائين نظر وڃي سگهي ٿي اوستائين ڀٽن جون زمينون پکڙيل هيون. اسان جي خانداني ورثي جو انگريزن کي گهٽ احترام هو. هنن کي رڳو اسان جي ڀُوري چمڙي نظر آئي.
”توکي هڪ انگريز عورت جي پيار ماڻڻ جي جرئت ڪيئن ٿي؟“ جڏهن اوهان جو پڙڏاڏو هن جي اڳيان ويو، ته هن کيس تنبيهه ڪندي چيو، ”آئون توکي اهڙو سبق سيکاريندس جو ياد ڪندين.“ اهو چئي ڪرنل چهبڪ کنيو، پر جيئن ئي غلام مرتضيٰ کي چهبڪ هڻڻ لاءِ ڪرنل هٿ مٿي کنيو، ته اوهان جي پڙڏاڏي، عملدار کان چهبڪ ڦري هن کي وهائي ڪڍيو. ڪرنل رڙيون ڪندو هڪڙي ميز هيٺان ان وقت تائين وڃي لڪو جيستائين غلام مرتضيٰ سندس آفيس مان ٻاهر نه نڪتو. پوءِ غلام مرتضيٰ جي مائٽن ۽ دوستن کيس اتان ڀڄي وڃڻ جي صلاح ڏني ۽ چيائونس ته، ”انگريز توکي ماري ڇڏيندا.“ تنهنڪري اوهان جو پڙڏاڏو پنهنجن ڪجهه ساٿين ۽ انگريز عورت سان، جنهن ساڻس گڏ وڃڻ تي ضد ڪئي هئي، لاڙڪاڻي مان نڪري ويو.
انگريز هڪدم هُن جي ڪَڍ لڳا. غلام مرتضيٰ پنهنجن ساٿين کي ٻن حصن ۾ ورهائجڻ جي صلاح ڏني. ”هڪڙو حصو مون سان هلي. باقي ٻيا انگريزياڻيءَ سان گڏ وڃن. پر هن کي ڪنهن به صورت انگريزن جي هٿ چڙهڻ نه ڏبو. اهو عزت جو معاملو آهي.“ ۽ پوءِ هو گهوڙن تي چڙهي جدا جدا طرفن ڏانهن روانا ٿيا ۽ پنيان ايندڙ انگريزن کي ٺڳڻ لاءِ سنڌو درياءَ جي آرپار ٿيندا اڳتي وڌندا رهيا. انگريز وڏو جوکو کڻندي ان گروهه ويجهو اچي پهتا، جن ۾ انگريزياڻي به هئي. جو ته هوءَ تيزي سان سفر نه پئي ڪري سگهي. ان گروهه جي ماڻهن جلدي جلدي هڪ سرنگهه کوٽي ۽ ان ۾ لکي وينا ۽ ان جو مُنهن وڻن جي پنن سان ڍڪي ڇڏيو. پر جڏهن انگريز هنن کي ڳولهيندي سرنگهه تائين اچي پهتا، ته اوهان جي پڙڏاڏي جا ماڻهو مايوس ٿي ويا. هنن غلام مرتضيٰ سان انجام ڪيو هو، ته ڇوڪريءَ کنهن به حالت ۾ انگريزن جي هٿ نه چڙهندي. اُهي ڇوڪريءَ کي دشمن کي سونپڻ جي بيعزتي سَهي نه سگهيا ۽ انگريزن کي پنهنجي ويجهو پهچندي ڏسي، اوهان جي پڙڏاڏي جي ماڻهن هن کي قتل ڪري ڇڏيو.“
اُهو ٻُڌي اسان جون اکيون ڦاٽي ويون هيون. پر ڳالهه ته هاڻي شروع ٿي هئي. منهنجو پڙڏاڏو ڪِسڪي بهاولپور جي آزاد رياست ۾ وڃي لِڪو، پر جڏهن انگريزن رياست جي ضبطيءَ جي ڌمڪي ڏني، ته منهنجي ڏاڏي نواب جي مهمانوازيءَ جا ٽورا مجيندي وري، سنڌو درياءَ پار ڪيو ۽ افغانستان ۾ وڃي پناهه ورتي، جتي هو شاهي گهراڻي جو مهمان ٿي رهيو. انگريزن ڪاوڙ ۾ اچي هن جون سڀيئي زمينون ضبط ڪري

ڇڏيون. اسان جو خانداني گهر نيلام ڪيو ويو. اسان جا ريشمي غاليچا نيلام ڪيا ويا. اسان جا ڪوچ، جن ۾ پراڻي زماني جو ٻاهران گهرايل ريشم، اطلس ۽ بخمل لڳل هوندو هو، اسان جا خالص سون ۽ چانديءَ جا ٺهيل ٿانو، مذهبي ڏينهن تي اسين پنهنجن هزارين مٺن مائٽن ۽ ٻين ماڻهن لاءِ جن وڏين وڏين ديڳين ۾ کاڌو تيار ڪرائيندا هئاسون اهي ديڳيون شاديون وغيره جي لاءِ تنبو ۽ خيما، جن تي زريءَ جو سُهڻو ڀرت ڀريل هوندو هو، اهي سڀئي وڪامجي ويا. غلام مرتضيٰ کي سزا ڏيڻي هئي ۽ تمام سخت سزا ڏيڻي هئي. ڇو ته ڪنهن به انگريز جي بيعزتيءَ جو سوچي به نه پيو سگهجي. هندستان جي ڪجهه علائقن ۾ ته ڪنهن به ڏيهي ماڻهوءَ کي ان رستي تي به هلڻ جي اجازت نه هوندي هئي، جنهن تي انگريز هلندو هو. ڏک هڻڻ ته ڇا، ڪنهن انگريز کي جواب به نه ڏئي سگهبو هو.

نيٺ انگريزن سان ناهه جي راهه نڪري آئي ۽ غلام مرتضيٰ واپس لاڙڪاڻي موٽي آيو. پر هن جي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ وارا هئا، هو بيمار ٿي پيو ۽ ڏينهون ڏينهن ڳرندو ويو. حڪيم زهر جو شڪ ڏيکاريو، پر ڪنهن کي به خبر پئجي نه سگهي، ته زهر ڪنهن ڏنو هو. اسان جي پڙڏاڏي وٽ ڇڪاس جا اهڙا اوزار هوندا هئا، جن ذريعي کاڌي ۽ پاڻيءَ ۾ زهر جي خبر پئجي ويندي هئي، پر زهر پنهنجو اثر ڏيکاريندو رهيو ۽ ان سبب نيٺ هو ستاويهن ورهين جي ننڍي ڄمار ۾ گذاري ويو. هن جي وفات کان پوءِ خبر پئي، ته اهو زهر حُقي ذريعي ڏنو ويو هو، جيڪو هو رات جي ماني کائڻ کان پوءِ ڇڪيندو هو.

آئون اُهي خانداني ڳالهيون ايئن ڏاڍي چاهه سان ٻُڌندي هيس، جيئن منهنجا پيئر مير مرتضيٰ ۽ شاهنواز ٻڌندا هئا. اسان جي وڏڙن جن مصيبتن کي مُنهن ڏنو هو، سي اسان لاءِ جڻ اخلاقي سبق هئا. بابا جي به اها ئي خواهش هئي: وفاداري، عزت، آبرو، اصول.

غلام مرتضيٰ ڀٽي جو پُٽ، منهنجو ڏاڏو سر شاهنواز ڀٽو پهريون شخص هو، جنهن انهن جاگيرداري طور طريقن کان پاڻ ڇڏائڻ جي شروعات ڪئي، جن سبب سڄي سماج ۾ گهُٽ ۽ ٻُوسٽ هئي. سندس زماني تائين، ڀٽي خاندان جا مرد ڀٽي خاندان ۾ ئي پنهنجين سئوٽ يا ماروٽ ڇوڪرين سان شاديون ڪندا هئا. اسلام عورتن کي ورثي ۾ ملڪيت ڏيڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ زمين کي پنهنجي ئي خاندان ۾ رکڻ جو واحد طريقو شادي هو. بابا جي پنهنجي سئوٽ امير بيگم سان اهڙي 'ڪاروباري' شادي ان وقت ٿي هئي، جڏهن پاڻ رڳو ٻارهن ورهين جو هو ۽ هوءَ اٺن يا نون ورهين جي هئي. هن ان شاديءَ کان پهرين ته انڪار ڪيو، پر منهنجي ڏاڏي هن کي انگلينڊ مان ڪرڪيٽ راند جو سمورو سامان گهرائي ڏيڻ جي لالچ ڏني، ته هو راضي ٿي ويو. هنن جي شاديءَ کان پوءِ امير بيگم واپس وڃي اباڻي گهر ۾ رهي ۽ بابا اسڪول هليو ويو. پر عورتن

جي خاندان ۾ ان زوري شاديءَ ڪرائڻ جهڙي ناانصافيءَ جو اثر هن جي ذهن تي نَقش رهيو.
جيڪڏهن گهراڻي ۾ ڪو مناسب سگ نہ ملندو هو، تہ ڀٽي خاندان جون عورتون ڪنواريون ئي ويٺيون هونديون هيون. تنهنڪري منهنجون ڦُڦيون، جيڪي منهنجي ڏاڏي جي ٻيءَ زال جون ڌيئرون هيون، سڀ جي ڄمار ڪنواريون ئي رهيون. خاندان جي سخت مخالفت هوندي بہ منهنجي ڏاڏي پنهنجي ٻيءَ زال جي ڌيئرن کي ڌارين ۾ شاديءَ جي اجازت ڏني هئي. جيتوڻيڪ اهي پيار جون شاديون نہ، پر مائٽن طرفان ڪرايل هيون. هڪ نسل پوءِ منهنجي پيڻ صنم پهرين ڀٽو عورت هئي، جنهن شاديءِ جو فيصلو پاڻ ڪيو هو. منهنجين اميدن برخلاف آئون پاڻ روايتي طريقي پٽاندر مائٽن جي پسند موجب شادي ڪنديس.
بهرحال، منهنجي ڏاڏي کي ڏاڍو ترقي پسند سمجهيو ويندو هو. هن پنهنجي ٻارن کي پڙهايو ۽ ڇوڪرين کي پڻ اسڪولن ۾ موڪليو. اها اهڙي ڳالهہ هئي جنهن کي ٻيا زميندار خواري پائيندا هئا. ڪيترائي جاگيردار تہ پنهنجا پُٽ بہ ڪونہ پڙهائيندا هئا. ”منهنجن پُٽن وٽ زمين آهي، سندن پڪي پختي آمدني آهي، تنهنڪري اُهي نہ ڪڏهن نوڪريون ڪندا، ۽ نہ وري ٻين جو پورهيو ڪندا. منهنجين ڌيئرن کي بہ ورثي ۾ زمين ملندي ۽ هنن جي سنڀال سندن مُڙس يا ڀائر ڪندا. تنهنڪري تعليم جو ڪهڙو لاچار آهي؟“ جاگيردارن جي هڪ خاصيت اها بہ هئي.
انگريز حڪومت واري زماني ۾ منهنجو ڏاڏو بمبئي سرڪار جي ملازمت ۾ هو، جتي هن پڙهيل هندن ۽ شهري مسلمانن جي ترقيءَ جا سامان پاڻ ڏٺا هئا. سر شاهنواز ڀٽي پنهنجن ٻارن کي پڙهائي، ٻين سنڌي زميندارن لاءِ هڪ مثال جوڙيو هو، تہ جيئن 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي ۽ آزاد پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اسان جي سماجي ترقي رڪجي نہ وڃي. پنهنجي پيرن مرشدن جي اعتراضن هوندي بہ هن بابا کي تعليم پرائڻ لاءِ ٻاهرين ملڪ اماڻيو هو. بابا هن کي مايوس ڪونہ ڪيو. هن بي. اي. آنرز برڪلي جي يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا مان پاس ڪيو ۽ پوءِ آڪسفورڊ جي ڪرائسٽ چرچ ۾ قانون پڙهيو ۽ لنڪنس اِن مان بئريسٽر جي ڊگري ورتي، پاڪستان موٽيو ۽ وڪالت ڪرڻ لڳو.
ٻئي طرف منهنجي ماءُ شهري صنعتڪارن جي نئين طبقي مان هئي، جنهن جا ويچار زميندار طبقي کان وڌيڪ ڪُشادا ۽ روشن هئا. جڏهن تہ ڀٽي خاندان جون عورتون اڃا تائين پردي ۾ رهنديون هيون ۽ پنهنجي گهر جي چوڍيواري مان ورلي ٻاهر نڪرنديون هيون ۽ جيڪڏهن ٻاهر نڪرنديون هيون تڏهن بہ ڪاري برقعي ۾ ويڙهجي نڪرنديون هيون. پر امان ۽ سندس ڀينرون بُرقعي کانسواءِ ڪراچيءَ ۾ پنهنجون موٽرڪارون پاڻ هلائينديون هيون. سندن پيءُ ايراني واپاري هوندو هو. هنن ڪاليج ۾ تعليم ورتي هئي

۽ پاڪستان نهڻ ڪان پوءِ عورتن جي پئرا مليٽري فوج، نيشنل گارڊ ۾ آفيسر ٿي رهيون هيون. ڀٽو خاندان جي عورتن لاءِ اهڙيون ڳالهيون ممڪن ئي نہ هيون.
1951ع ۾ جڏهن بابا ۽ امان جي شادي ٿي، تڏهن امان ٻين ڀٽو عورتن وانگر پردو ڪيو ۽ ٻهرين ڪيس هفتي ۾ هڪ ڀيرو پنهنجن مائٽن سان ملڻ جي اجازت هوندي هئي، پر اهي پراڻا طريقا سيني لاءِ ورچائيندڙ ٿيندا پئي ويا. جڏهن منهنجي ڏاڏي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گهر مان ڪنهن ٻئي پاسي ويندي هئي، تہ ڊرائيور جي غير موجودگي ۾ هوءَ اڪثر امان کي ڪار هلائڻ لاءِ چوندي هئي. وري جڏهن گهر جا ڀاتي المرتضيٰ ۾ وجي رهيا، تہ بابا مرداڻي حصي ۾ رهڻ بدران زناني حصي ۾ امان سان گڏ رهڻ جي خواهش ڏيکاري. 70 ڪلفٽن جڏهن جُڙي راس ٿيو، تہ اتي عورتن جي رهڻ لاءِ ڊار ڊار ڪمرا ڪونہ هئا. جيتوڻيڪ ڏاڏا اُن گهر سامهون هڪ ٻيو گهر ورتو هو، جتي هو پنهنجن ملاقاتين سان ملندو هو. پاڪستان ۾ هڪ نئون ۽ وڌيڪ روشن دماغ نسل اُڀريو پئي.
اسان جي مرداڻي سپيتا ۾ ڇوڪرن کي سدائين ڇوڪرين کان وڌيڪ اهميت ڏني ويندي هئي ۽ نہ رڳو کين پڙهايو لِکايو ويندو هو، پر کي مثال اهڙا بہ ڏسڻ ۾ تي آيا، جو ماءُ ۽ ڀينرن کان ٻهرين هنن کي ماني ڏني ويندي هئي. اسان جي خاندان ۾ اهڙي قسم جي متپيد بلڪل ڪونہ هئي. هر موقعي تي منهنجو خاص خيال رکيو ويندو هو. آئون چئن ٻارن ۾ سيني کان وڏي هيس. منهنجو جنم 21 جون 1953ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هو. منهنجي چمڙيءَ جو رنگ ايترو تہ گُلابي هو، جو مون تي هڪدم پيار جو نالو ”پِنڪي“ رکيو ويو. منهنجو ڀاءُ مير مرتضيٰ مون کان هڪ ورهيہ پوءِ ڄائو هو. صنم 1957ع ۾ ۽ شاهنواز 1958ع ۾ ڄائو هو. ٻهريون ٻار هجڻ سبب شروع کان ئي خاندان ۾ مونکي هڪ خاص ۽ ڪڏهن ڪڏهن اڪيلي حيثيت مليل هوندي هئي.
آئون تڏهن رڳو چئن ورهين ۽ بابا اناويهين ورهين جو هو، جڏهن صدر اسڪندر مرزا کيس گڏيل قومن جي اداري ۾ موڪليو هو. بعد ۾ جڏهن بابا، ايوب خان جي صدارت هيٺ ستن ورهين تائين وزير تجارت، وزير توانائي، پرڏيهي ڪاتي جو وزير ۽ گڏيل قومن جي اداري ۾ پاڪستاني وفد جي اڳواڻ جهڙن عهدن تي رهيو هو، تڏهن هو ۽ امان گهڻو وقت گهر کان پري رهندا هئا.
مون بابا کي اخبارن جي ٻهرين صفحن تي ۽ روبرو ڪيترائي ڀيرا ڏٺو هو: گڏيل قومن جي اداري ۾ پاڪستان ۽ ٽين دنيا جي ملڪن لاءِ تقريرون ڪندي، 1960ع ۾ سوويت يونين سان مالي ۽ فني امداد جا ناهہ ڪندي ۽ 1963ع ۾ منع ڪونيل بيجنگ مان واپس ايندي، جڏهن هن اتي چين سان سرحد بابت ناهہ ڪيو هو. امان گهڻو ڪري هن سان گڏ سفر ڪندي هئي ۽ ٻار گهر ۾ گهرو ملازمن ۽ منهنجي سنڀال ۾ هوندا هئا. ”تون ٻين جو خيال رکجانءِ.“ بابا ۽ امان مونکي چوندا هئا. ”تون سيني ۾ وڏي آهين.“

منهنجي ڄمار اَٺ ورهيہ ڪن هوندي، جو بابا ۽ امان جي غيرموجودگيءَ ۾ گهر جو سمورو انتظام مونکي سونپيل هو. گهر جي خرچ پَڪي لاءِ امان مونکي جيڪي پئسا ڏيندي هئي، سي آئون پنهنجي ويهاڻي هينان لڪائي رکندي هئس. جيتوڻيڪ مون اجا اسڪول ۾ حساب سکڻ مس شروع ڪيا هئا، پر امان جي غير حاضريءَ ۾ آئون روز رات جو بورچيخاني ۾ هڪ اسٽول تي چڙهي ويهندي هيس ۽ اسان جي پراڻي ۽ وفادار ملازم بابوءَ سان گڏ، جنهن کي اسين ميجر ڊومو بہ چوندا هئاسين، حساب ڪتاب ڪندي هيس. انگ صحيح ايندا هئا يا نہ، اهو مونکي ياد ڪونهي. خوش قسمتي سان گهٽ پئسا خرچ ٿيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ سڄي گهر لاءِ ڪاڌي جو سامان ڏهن رپين يا اٽڪل ٻن ڊالرن ۾ ايندو هو.

اسان جي گهر ۾ تعليم کي گهڻي اهميت هوندي هئي. ڏاڏي جيان بابا بہ اسان کي مثالي اولاد ناهڻ گهريو ٿي، جيڪو پاڪستانين جو پڙهيل، سِکيل ۽ روشن خيال ٻيو نسل ٿيڻ وارو هو. ٽن ورهين جي ڄمار ۾ مونکي ليڊي جيننگس نرسري اسڪول ۾ ويهاريو ويو ۽ پنجن ورهين جي ڄمار ۾ ڪراچيءَ جي سيني کان سني اسڪول ”دي ڪنوينٽ آف جيزس ايند ميري“ ۾ داخل ڪرايو ويو. ان اسڪول ۾ تعليم جو ذريعو انگريزي ٻولي هئي، جيڪا اسين پنهنجي والدين جي ٻولين- سنڌي يا فارسي يا قومي ٻولي اردوءَ بجاءِ گهر ۾ گهڻي ڳالهائيندا هئاسين. اسڪول ۾ جيڪي آئرش راهبائون پڙهائينديون هيون، انهن اُتي جي پُراڻن شاگردن جي درجن جا نالا ڏاڍا اتساھ ڏياريندڙ رکيا هئا، جهڙوڪ ”تنظيم“، ”مروت“، ”جدوجهد“ ۽ ”خدمت“، پر هنن ڪڏهن بہ اسان کي عيسائي ٿيڻ جي ترغيب نہ ڏني. اهو اسڪول انهن عيسائي مبلغن جي آمدنيءَ جو سنو ذريعو هو، جن ڪافي امير ۽ دورانديش مسلمانن جي انهن ٿورن خاندان کي پنهنجي مذهب کان ڦيرائڻ جو خطرو ڪنيو هو، جن پنهنجا ٻار اتي تعليم پرائڻ لاءِ موڪليا هئا. ”آئون اوهان کي رُڳو هڪڙي ڳالھ چوندس، تہ اوهين چڱيءَ طرح سان پڙهو.“ بابا اسان کي هر ڀيري اهوئي چوندو هو. جڏهن اسين وڏا ٿياسون، تڏهن اسان لاءِ استاد رکيا، جيڪي اسان کي اسڪول مان اچڻ کان پوءِ، ٽيهريءَ جو رياضي، جاميٽري، الجبرا ۽ انگريزي جي سکيا ڏيندا هئا. بابا دنيا ۾ جتي بہ هوندو هو، اتان ٽيليفون تي اسڪول رپورٽن جي ڄاڻ وٺندو رهندو هو. خوش قسمتيءَ سان آئون سٺي شاگردياڻي هيس ۽ منهنجي لاءِ هن جا اوچا ارادا هئا ۽ آئون ڀٽو خاندان جي پهرين ڇوڪري هيس، جنهن ٻاهرين ملڪ ۾ تعليم ورتي. ”اوهين سڀئي پنهنجا پنهنجا سُوٽ ڪيس ٺاهي رکو. آئون پاڻ اوهان کي هوائي اڏي تي وٺي هلندس ۽ جهاز ۾ چاڙهي روانو ڪندس.“ جيتري قدر مونکي ياد اچي ٿو، تہ هن اسان چئني ٻارن کي ننڍي هوندي کان چوڻ شروع ڪيو هو. ”پِنڪي هتان ننڍڙي گدلي ٻارڙي وانگر ويندي، پر اتان ساڙهيءَ ۾ سُندر مُلوڪ عورت جيان واپس ايندي. شاهنواز پنهنجا ايترا تہ ڪپڙا ڪڍندو، جو هن جو سوٽ ڪيس

بند ئي نہ ٿي سگھندو. اسين لاچار ٿي بابوءَ کي سڏيندا سون، تہ ان تي چڙھي ويھي، تہ جيئن اھو بند ٿئي.“

اسان جي ڪُٽنب ۾ ڪابہ اھڙي ڳالھ نہ ٻُڌبي ھئي، تہ زندگيءَ ۾ اسان کي پنھنجن پائرن جھڙا وجھ ڪونہ ڏنا ويندا، ۽ نہ وري اسلام ۾ اھڙي اجازت ھئي. اسان ننڍي ھوندي ئي اھو سکيو ھو، تہ اسلام جي مردن جيڪا تشريح ڪئي ٿي، ان مطابق عورتن تي پابنديون پيل ھيون، جيتوڻيڪ اسان جو مذھب اھو نہ ٿو چوي. شروع کان ئي اسلام ۾ عورتن لاءِ ڏاڍي ڪشادگي ڏيکاريل ھئي: قديم وقت ۾ عرب پنھنجن ڌيئرن کي ڄمندي ئي قتل ڪري ڇڏيندا ھئا، پر اسان جي پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن اُن جي سختيءَ سان منع ڪئي ھئي ۽ ھنن کي پڙھڻ ۽ ورثي ۾ حصو وٺڻ جو حق ڏنو ھو. مغرب ۾ عورتن کي اھي حق گھڻو پوءِ مليا آھن.

بيبي خديجا ؓ، جنھن پھرين اسلام مڃيو ھو، بيواھ عورت ھئي. ھوءَ پنھنجو ڪاروبار پاڻ ھلائيندي ھئي ۽ جڏھن حضرت محمد ﷺ جن اجا ننڍيءَ ڄمار جو ھو تہ کيس پنھنجي ڪاروبار ۾ شريڪ ڪيائين ۽ پوءِ ساڻس شادي بہ ڪيائين. مسلمانن جي شروعاتي لڙائين ۾ اُم عماره مردن سان گڏجي ڪافرن سان وڙھي ھئي ۽ ھن پنھنجي بھادريءَ سان حضور ﷺ جن جي جان بچائي ھئي. ڏکڻ ھندستان جي رياست احمد نگر جي حڪمران چاند بيبي، مغل شھنشاھ اڪبر کي شڪست ڏئي، کيس پاڻ سان ٺاھ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ھو. شھنشاھ جھانگير جي راڻي ۽ ھندستان جي حقيقي حڪمران نورجھان ملڪي انتظامي معاملن جي ماھر سمجھي ويندي ھئي. اسلامي تاريخ ۾ ڪيتريون ئي اھڙيون عورتون ملن ٿيون، جن ملڪي معاملن ۾ مردن وانگر ڪاميابي ماڻي ھئي. اھڙي راھ ورتائڻ لاءِ اسلام نہ ھنن کي منع ڪئي ھئي ۽ نہ مونکي منع ڪري ٿو. قرآن شريف ۾ سوره عنڪبوت ۾ فرمايل آھي تہ ”مون ھنن تي حڪمرانيءَ لاءِ ھڪ عورت ڏني آھي، ۽ ھن کي سيئي شيون گھڻي انداز ۾ ڏنيون ويون آھن ۽ ھن جو تخت تمام طاقتور آھي.“ سوره النساء ۾ وري اھو چيو ويو آھي تہ ”مردن کي سندن ڪمائيءَ جو حصو ڏنو ويو آھي ۽ عورتن کي سندن ڪمائيءَ جو.“

روزانو ٽيپھريءَ جو اسڪول جي ڪمن کان پوءِ اسان کي قرآن شريف جون اُھي ۽ ٻيون سورتون مولوي صاحب پڙھائيندو ھو، جيڪو اسان کي ديني تعليم ڏيڻ لاءِ رکيل ھو. قرآن شريف عربيءَ ۾ پڙھڻ ۽ اُن جا سبق سمجھڻ سپ کان اھم ڪم ھوندو ھو. اسان جو ڪيترو ئي وقت ڏُکيو عربيءَ کي سمجھڻ جي ڪوشش ۾ ويندو ھو، جنھن جي الف – ب ساڳي اردو الف – ب جھڙي ھئي، پر جنھن جو صرف نحو ۽ معنيٰ اھڙيءَ طرح مختلف ھئي، جيئن انگريزي، فرانسيسي کان مختلف ھجي ٿي.

”بھشت ماءُ جي پيرن ھيٺان آھي.“ مولوي اسان کي سيکاريندو ھو ۽ قرآني احڪام ٻڌائيندو ھو تہ، ”سدائين پنھنجي ماءُ پيءُ جي عزت ڪريو ۽ سندن حڪم مڃيو.، امان

ٻه اسان کي اُهوئي چوندي رهندي هئي. مولوي اسان کي اُهو ٻه سيکاريو هو ته، ”هن دنيا ۾ اسين جيڪي عمل ڪريون ٿا، تن جو اجورو مرڻ کان پوءِ ٻيءَ دنيا ۾ ملندو. اوهان کي ٻاهه جي ماتريءَ مٿان وار جهڙي سنهيءَ پل تان لنگهڻو پوندو. اوهان کي خبر آهي ته وار ڪيترو سنهو ٿئي ٿو؟“ هو هڪ اچرج ۾ وجهندڙ انداز سان چوندو هو. ”جن ماڻهن ڏوهه گناهه ڪيا آهن، سي ان دوزخ جي ٻاهه ۾ ڪِري سڙي ويندا. پر جن چڱا ڪم ڪيا هوندا، اهي اها پل اُڪري بهشت ۾ ويندا، جتي کير ۽ ماکيءَ جون نهرون وهن ٿيون.“

امان وري مونکي عبادت جا ارڪان سيکاريا هئا. هوءَ پنهنجي عقيدي جي ڏاڍي پابند هئي.هوءَ دنيا ۾ ڪٿي ڪٿي ٻه هوندي هئي يا ڇا ٻه ڪندي هئي، پر روزانو پنج وقت نماز ضرور پڙهندي هئي. جڏهن آئون نون ورهين جي هيس، ته هوءَ منهنجي ڪمري ۾ اچي مونکي فجر جي نماز پاڻ سان گڏ پڙهائيندي هئي. اسين ٻئي وضو ڪري، مصلي تي قبلي سامهون ويهي، الله جي حضور ۾ سجدو ڪنديون هيونسين.

منهنجي امان شيعا فرقي جي هئي، جيئن اڪثر ايراني آهن، جڏهن ته اسان جي ڪُٽنب جا باقي ڀاتي سُني هئا. پر اُن سبب ڪوبه ڪِتراڳ نه ٿيو. شيعا ۽ سُني هزارين ورهين کان گڏوگڏ رهندا پيا اچن. هنن هڪ ٻئي ۾ سڱاوتيون ٻه ڪيون آهن. اسان جا اختلاف ٿورڙا هئا. اصل اصول اهو هو ته سيئي مسلمان پوءِ ڪٿي سندن فرقو ڪهڙو ٻه هجي الله جي اڳيان ڪَنڌ جهڪائين ٿا. هنن جو ايمان آهي ته الله ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه معبود ڪونهي ۽ محمد ﷺ جن آخري پيغمبر آهي. قرآن شريف ۾ هڪ مسلمان جي اها ئي تعريف ڪيل آهي ۽ اسان جي خاندان ۾ ان کي اهميت ڏني وجي ٿي.

محرم جي مهيني ۾، جڏهن پيغمبر جي پوٽي حضرت امام حسين رضي الله عنه کي ڪربلا، عراق ۾ شهيد ڪيو ويو هو، آئون ورلي ڪارا ڪپڙا پائي امان سان گڏجي، عورتن جي مجلس ۾ ويندي هيس. ”ڏيان سان ٻُڌجانءِ.“ امان مونکي چوندي هئي، ڇو ته شيعن جون اهي مذهبي رسمون سُنين جي مقابلي ۾ وڌيڪ سخت هونديون هيون. آئون مجلس پڙهندڙ کي ويچار سان ڏسندي هيس، جيڪا ڏاڍي اثرائتي نموني ۾ ان غمگين واقعي جو بيان ڪندي هئي، جنهن ۾ حضرت امام حسين رضي الله عنه ۽ سندس ڪجهه ساٿي، غاصب يزيد جي فوجن جي گهيري ۾ اچي، بيدرديءَ سان قتل ڪيا ويا هئا. امام حسين رضي الله عنه جو ڪَنڌ مبارڪ قلم ڪيو ويو ۽ هن جي ڀيڻ بيبي زينب کي اگهاڙي مٿي يزيد جي دربار ۾ آندو ويو، جتي هن پنهنجي ڀاءُ جي سِر سان، ظالم کي راند رهندي ڏٺو هو. هنن جو نسل جيڪو اڄ شيعا ٿو سڏجي، انهن ڪڏهن ٻه ڪربلا جي ان ڏکائتي واقعي کي وساريو ڪونهي.

”ٻُڌو معصوم ٻار پاڻيءَ لاءِ پيو روئي.“ ذاڪرياڻي ڏک ڀرئي جذباتي آواز ۾ چوندي هئي. ”ٻار جي روئڻ جو آواز ٻُڌي هن جي ماءُ جو ڇا حال ٿيو هوندو. هوڏانهن هن سُهڻي

مرد کي ڏسو، جيڪو گهوڙي تي چڙهيو پاٽي ڪٽڻ پيو وڃي. هو واهه جي ڪناري وٽ جهُڪي ٿو. اسين هن کي جهُڪندي ڏسون پيا. ڏسو! ڏسو! سپاهي هن تي ترارن سان حملا پيا ڪن...“ هن جي ان چوڻ تي عورتون پنهنجي ڇاتين تي غم وچان هٿڙا هڻي ماتم ڪنديون هيون. اهو بيان ايترو ته ڇٽو ۽ اثرائتو هوندو هو، جو آئون به اڪثر روئي ڏيندي هيس.

بابا پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي ٻارن کي ويهين صديءَ ۾ آڻڻ جو پختو ارادو ڪيو هو. ”ڇا ٻار خاندان ۾ شاديون ڪندا؟“ هڪڙي ڏينهن مون امان کي بابا کان اهو پُڇندي ٻڌو. ان جي جواب ٻُڌڻ لاءِ آئون ساهه روڪي بيٺس. ”منهنجي مرضي ڪانهي ته منهنجا پٽ پنهنجين سئوٽن سان شاديون ڪري، ڪين گهرن جي چؤديوارين ۾ ڇڏي ڏين ۽ نه وري پنهنجين نياڻين کي پنهنجن ئي مائٽن جي گهرن جي چؤديواري اندر دفن ٿيڻ کي آئون پسند ڪندس!“ اهو ٻڌي مونکي ڏاڍو اطمينان ٿيو. ”پهرين هنن کي پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ گهرجي. پوءِ هو پاڻ پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو ڪري سگهندا.“

هن جو اُهو جواب مونکي ان ڏينهن وڏيڪ وڻيو هو، جڏهن منهنجيءَ ماءُ مونکي پهريون پيرو برقعو پارايو هو. اسين ڪراچيءَ کان لاڙڪاڻي ويندي مهل ريل گاڏيءَ ۾ هئاسين، جو امان پنهنجي بيگ مان هڪ سنهو ڪارو برقعو ڪڍي، ان ۾ مونکي ويڙهيو. ”هاڻي تون ٻار ڪونه آهين.“ هن ٿورو ڏکائتي انداز ۾ مونکي چيو. پراڻن خيالن وارن زميندار خاندانن جي ڏيئرن جي صديون پراڻي ان رسم کي جيئن امان پورو ڪيو، ته مون ننڍپڻ جي وهيءَ مان نڪري جوانيءَ جي دؤر ۾ پير رکيو. پر اهو ڪيترو نه نراس ڪندڙ دؤر ثابت ٿيو. آسمان، وڻن ٽڻن ۽ گلن جا رنگ جهَڪا پئي نظر آيا. منهنجين نظرن اڳيان هرڪا شيءِ لڙاٽيل هئي. ريل گاڏيءَ مان جيئن ئي آئون لٿيس، ته مٽي ڪان وٺي پيرن تائين چادر ۾ ويڙهيل هجڻ سبب آئون هلي نه پئي سگهيس. گهُٽ سبب منهنجي مُنهن مان پگهر وهڻ لڳو.

”اڄ پِنڪي پهريون ڀيرو بُرقعو پاتو آهي.“ المرتضيٰ پهچڻ تي بابا کي امان ٻڌايو. گهڙيءَ ڪن لاءِ بابا ماٺ ٿي ويو هو. ”هن کي برقعو پائڻ جي ڪا گهُرج ڪانهي.“ بابا نيٺ ورائيو. ”پاڻ سڳورن ﷺ جن خود فرمايو آهي ته بهترين پردو اکين جو پردو آهي. ڇڏيو ته ڪيس سندس اخلاق ۽ ذهن مان سڃاتو وڃي ۽ نه سندس لباس مان.“ پوءِ آئون ڀٽو خاندان جي پهرين عورت هيس، جنهن دائمي مُنهن اونداهيءَ مان ڇوٽڪارو ماڻيو هو.

بابا سدائين مونکي اُن سچائيءَ جي پَرک ڏسيندو هو، ته آئون به هن مهان دنيا جو حصو آهيان، جيتوڻيڪ ورلي هن جا سبق مونکي سمجهه ۾ ئي ڪين ايندا هئا. 1963ع ۾ پرڏيهي کاتي جي وزير جي خانگي ريلوي گاڏي ۾ مون هن سان گڏ سفر پئي ڪيو، ته هن مونکي ننڊ مان جاڳائيندي چيو، ”هي سمهڻ جو وقت ڪونهي.“ هن تاڪيد ڪندي

چيو. ”ڏاڍو المناڪ حادثو ٿيو آهي. آمريڪا جي جوان صدر کي گولي هڻي وئي آهي.“ جيتوڻيڪ منهنجي ڄمار اٽڪل ڏھ ورهيہ هئي ۽ آمريڪا جي صدر بابت مون گهڻو ڪي ڪونہ ٻڌو هو، تڏهن بہ صدر جان ايف ڪينيڊيءَ جي حالت بابت تازي خبر ملڻ تائين هن مونکي پنهنجي پرسان ئي ويهاريو هو. بابا صدر ڪينيڊيءَ سان وائيٽ هائوس ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ڪئي هئي ۽ سندس آزاد سماجي خيالن سبب هن جو مداح هوندو هو.

پاڪستان ۾ جڏهن ٻاهرين ملڪن جا وفد ايندا هئا، تڏهن اڪثر بابا اسان ٻينرن ڀائرن کي ساڻن ملاقات ڪرائڻ لاءِ وٺي ويندو هو. هڪڙي ڏينهن هن جڏهن اسان کي ٻڌايو تہ اڄ اوهان کي چين جي ”مهانَ شخصيت“ سان ملاقات ڪرڻي آهي تہ آئون ڏاڍي اُتاولي ٿي هيس. بابا اڪثر چيني انقلاب ۽ ان جي اڳواڻ مائوزي تنگ جي ڏاڍي واکاڻ ڪندو هو، جنهن پهاڙن ۽ ريگستانن مان پنهنجين فوجن جي اڳواڻي ڪندي، پرائي راڄ جو اَنت آندو هو. مونکي پڪ هئي تہ انهن مان هڪ شخص ضرور مائو هوندو، جنهن جي ٽوپي، چيني انقلابيءَ جي ذاتي سوڪڙي، بابا جي ڪپڙن واري ڪمري ۾ رکي هئي. ان موقعي تي مون اهو لباس پاتو هو، جيڪو هر سال بابا نيويارڪ جي ”سيڪز ففٿ اوينيو“ مان آڻيندو هو، جتي اتي جي عورت ملازم وٽ اسان جي بدن جي ماپ هوندي هئي. پر مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو هو، جڏهن انهن ”اهم چيني ماڻهن“ ۾ مائو شامل ڪونہ هو، پر چيني وزيراعظم چو اين لائي ۽ هن جا بہ وزير چن يي ۽ ليو شائوچي هو، جيڪو پوءِ ثقافتي انقلاب جي ڏينهن ۾ جيل ۾ وفات ڪري ويو هو.

منهنجين اميدن مطابق رڳو چو اين لائي ڪراچيءَ ۾ ’اڪيلو مهمان‘ ڪونہ هو. حقيقت ۾ اسان جي ملاقات رڳو هن سان ڪين ٿي هئي. امان کي خبر هئي تہ رات جي مانيءَ تي هڪ اهم شخصيت اچڻ واري آهي، چو تہ گهر جي ٻاهرين ديوار تي روشنيءَ جي جهُومر لڳي پئي هئي. جڏهن هڪ لموزين دروازي مان اندر آئي، تہ اسان مٿان ماڙيءَ جي درين مان ڏٺو، تہ صدر ايوب خان ۽ هڪ آمريڪي معزز 70 ڪلفٽن ۾ آيا آهن. اسان شهر ۾ جيڪي فلمون ڏٺيون هيون، انهن پٽاندر مون هڪدم آمريڪي شخص کي سڃاڻي ورتو. ”اوهان کي باب هوپ سان ملي ڪا خوشي ٿي؟“ ٻئي ڏينهن مون امان کان لاپرواهيءَ مان پُڇيو. ”ڪير؟“ امان وراڻيو. ”باب هوپ“ مون چيو. ”تون ڪا ڀورڙي آهين.“ هن مونکي ٻڌايو، ”اهو آمريڪا جو نائب صدر هربرٽ همفري هو.“ بعد ۾ مونکي خبر پيئي، تہ هربرٽ همفري ڪوشش ٿي ڪئي، تہ ويٽنام ۾ آمريڪي فوجين لاءِ بيدمنٽن راند جا ريڪٽ موڪلي پاڪستان، آمريڪا جي حمايت ڪري. پر بابا، جيڪو ويٽنام جي گهرو جنگ ۾ ٻاهرين شرڪت جو مخالف هو، تنهن ان ڳالھ کي مڃڻ کان انڪار ڪيو.

جڏهن منهنجي ڄمار ڏهه ورهيه ۽ صنم جي ست ورهيه ٿي، تڏهن اسان کي ملڪ جي اُتر ۾ ديال جي وٽن سان ڊڪيل اڳوڻي انگريز هل اسٽيشن مريءَ جي رهائشي اسڪول ۾ موڪليو ويو. اسان جي نگران ماسترياڻي تڪڙو چتاءَ ڏئي انگلستان وڃڻ واري هئي. رهائشي اسڪول جو تڪڙو سُلجهاءُ هو ۽ بابا جي به اها مرضي هئي، ڇو ته هن جو خيال هو ته اتي جي پڙهائيءَ مان اسان کي سنو تجربو ٿيندو. مونکي پهريون ڀيرو پنهنجو هٿ وڇائڻو پيو هو. پنهنجيون جُتيون پاڻ پالش ڪرڻيون پيون هيون ۽ وهنجڻ ۽ ڌوئڻ ڏيڻ لاءِ ڪمري ٻاهران نلڪي مان پاڻي آڻڻو پيو هو. ”منهنجن ٻارن کي به ٻين ٻارن وانگر جيان سمجهجو.“ بابا راهبائن کي چيو هو ۽ واقعي هنن اهوئي ڪيو ۽ سخت قاعدن جي ڪنهن به ڀڃڪڙيءَ تي صنيءَ (صنم) ۽ منهنجي ڪَن مَهٽُ ڪئي هئي.
بابا پنهنجن خطن ذريعي مريءَ ۾ اسان جي سياسي سِکيا جاري رکي. جڪارتا ۾ جيڪا غير وابستا ملڪن جي سربراهي ڪانفرنس ٿي هئي، تنهن مان واپس اچڻ کان پوءِ هن اسان کي هڪ ڊگهو خط لکيو، جنهن ۾ هن گڏيل قومن جي اداري ۾ وڏين طاقتن جي ٻيائيءَ ۽ نتيجي ۾ ٽين دنيا جي ملڪن کي ڪا اهميت نه ڏيڻ جي موضوع تي تفصيل سان روشني وڌل هئي. هڪڙي راهبا، صنم ۽ مونکي اسڪول جي باغ ۾ هڪڙي بئنچ تي ويهاري اهو سڄو خط اسان کي پڙهي ٻڌايو. جيتوڻيڪ اسان کي ان جي مضمون جون تمام ٿورڙيون ڳالهيون سمجهه ۾ آيون هيون.
مريءَ ۾ اسان جي ٻئي ۽ آخري سال ۾ صنم ۽ مون سياست جا شروعاتي سبق سِکيا. 6 سيپٽمبر 1965ع تي ڪشمير جي معاملي تي هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ جنگ لڳي. ڪشميري عوام جي حق خوداختياريءَ لاءِ ۽ هندستان جي ڏاڍائيءَ خلاف ڳالهائڻ لاءِ بابا جڏهن گڏيل قومن جي اداري ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن ڪنوينٽ آف جيزس ائنڊ ميري جي راهبائن، ڀارتي حملي جي خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجين شاگردياڻين کي تيار ڪرڻ شروع ڪيو. مريءَ مان رستو سِڌو ڪشمير وڃي ٿو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن اهو پئي سوچيو ته ڀارتي فوجون پاڪستان ۾ ڪاهي اچڻ لاءِ اهوئي رستو استعمال ڪنديون.
جتي اسين پهرين رات جي ماني کائڻ کانپوءِ راند رهنديون هيونسين يا ائنڊ بلائٽن جا ڪتاب پڙهنديون هيونسين. اتي هاڻي اوچتو هوائي حملي کان بچاءَ جون مشقون ڪرڻ لڳيونسين. اُتي بليڪ آئوٽ به ٿيندو هو. راهبائن اسڪول جي وڏين شاگردياڻين تي ذميداري رکي، ته اُهي پنهنجين ننڍڙين ڀينرن کي پناهه گاهن ۾ وڃڻ لاءِ تيار ڪن. ۽ مون وري صنيءَ کي ٻڌايو، ته رات جو پنهنجا سليپر پيرن سان ٻڌي ڇڏي، ته جيئن انهن کي ڳولڻ لاءِ سنديس وقت خراب نه ٿئي. اسان جي اسڪول جون ڪيتريون شاگردياڻيون سرڪاري ڪامورن ۽ فوجي عملدارن جون ڌيئرون هيون ۽ اسان دشمن جي هٿ چڙهڻ

جي صورت ۾ وڏي اتساهه سان هڪ ٻئي تي ڪُوڙا نالا رکيا هئا. ٻاراڻي جوش ۾ اسان سيني کي اهو پئي لڳو، ته اسان کي اتان ڀڄائي جبلن ۾ ڪٽي ويندا. سترهن ڏينهن جي جنگ ۾ حملي جو اهو ڊپ ڏاڍو حقيقي ۽ خوفائتو ڀانئبو هو.

پاڪستان ۾ حالتن کي آمريڪا ويتر بگاڙي ڇڏيو. اهو ڄاڻندي ته هنن ڪميونسٽن جي خطري کي مُنهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان کي جيڪي هٿيار ڏنا هئا، سي هندستان خلاف واپرائجن پيا، ته جانسن جي حڪومت سموري ننڍي کنڊ کي هٿيار ڏيڻ تي بندش وجهي ڇڏي، پر هندستان، سوويت يونين وٽان هٿيار ورتا پئي. اسان جا سپاهي 23 سيپٽمبر تي گڏيل قومن جي اداري طرفان جنگبنديءَ جي اعلان تائين ڪاميابيءَ سان جنگ ڪندا رهيا. لڳو تي ته ملڪ کي سوڀ تي آهي. اسان نه رڳو ڀارتي فوجن کي پٺتي ڌڪي ڇڏيو هو، پر هنن جي پيٽ ۾ اسان سندن وڏي علائقي تي قبضو پڻ ڪيو هو.

پر اسان جي آڪڙ جٽاءُ نه ڪيو. روس جي ڏاکڻي شهر تاشقند ۾ ٺاهه لاءِ جيڪي ڳالهيون ٿيون هيون، تن ۾ صدر ايوب خان اهي سڀيئي شيون وڃائي ڇڏيون، جيڪي اسان جنگ جي ميدان ۾ ماڻيون هيون. تاشقند ٺاهه مطابق ٻنهي ملڪن پنهنجن فوجن کي جنگ کان اڳ واريءَ جاءِ تي واپس موڪلڻ مجبيو. بابا کي بچان لڳي ۽ هن پرڏيهي ڪاتي جي وزير واري عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. ٺاهه تي صحيحن کان پوءِ ٻئي ڏينهن جڏهن هندستاني وزيراعظم لال بهادر شاستري دل بيهڻ سبب گذاري ويو، تڏهن بابا ٺوڪَ وچان چيو، ته هن جي دل ضرور خوشيءَ سبب بيهي رهي هوندي.

اُن ٺاهه جي شرطن جي جڏهن ماڻهن کي خبر پئي، تڏهن پنجاب ۽ سنڌ صوبن ۾ وڏا مظاهرا ٿيا، جن ۾ پوليس طرفان ڏاڍيون سختيون ڪيون ويون. ان هوندي به اهي مظاهرا ٿيندا رهيا ۽ ڀٽو ڪُٽنب جي زندگي سدائين لاءِ بدلجي وئي.

جون 1966ع ۾ ايوب خان نيٺ بابا جي استعيفيٰ منظور ڪئي. ايوب ۽ بابا وچ ۾ جيڪي اختلاف هئا، سي هاڻي پڌرا ٿي پيا هئا ۽ هڪ سياسي اڳواڻ طور بابا جي عوامي حمايت گهٽي وڌي وئي. پرڏيهي ڪاتي واري وزير جي ذاتي ريلوي گاڏيءَ ۾ اسان لاڙڪاڻي تائين آخري سفر ڪيو، تڏهن ماڻهو وڏي جوش ۽ اتساهه وچان اسان جي ريل سان گڏ ڊوڙندا رهيا ۽ گاڏي جي هٿين کي جهلي ان تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا . اهي گاڏيءَ جي ڇت تي ۽ ريل جي پَٽڙين ويجهو عمارتن تي چڙهي وينا ۽ نعرا هڻڻ لڳا. ”فخر ايشيا زنده باد، ڀٽو زنده باد.“

لاهور ۾ بابا ريل گاڏيءَ مان لهي پنجاب جي گورنر وٽ ٻنپهرن جي مانيءَ تي ملاقات لاءِ ويو هو. آئون تنهن وقت ڏکي وئي هيس، جڏهن ڪنهن رڙ ڪري چيو هو، ته ڀٽي صاحب جي قميص تي رَت جو نشان آهي. منهنجي دل ان وقت تائين جڻ بيهي رهي هئي. جيستائين بابا ماڻهن جي انبوهه مان مشڪندو ۽ هٿ لوڏيندو واپس نه آيو هو. هن جي قميص ڦاٽي پئي هئي ۽ جسم تي ٿوري رَهڙ جو نشان هو. سندس ٺاءِ به ڪانه هئي.

پوءِ خبر پئي تہ اها هزارين رپين ۾ نيلام ٿي هئي. جڏهن هو پرڏيهي ڪاتي جي وزير جي گاڏي ۾ چڙهي آيو، تہ ماڻهن سڄي ريل گاڏيءَ کي لوڏڻ شروع ڪيو ۽ اهي لوڏا ايترا تہ وڏندا ويا، جو اسان سمجهيو تہ اسين ريل مان هيٺ ڪِري پونداسين.
نيٺ اسين سلامتيءَ سان گهر پهتاسين، تہ سياست جون وڏيڪ ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. اسان ننڍن ٻارن کي هاڻي 'سرد جنگ' 'هٿيارن تي پابندي' جهڙا اصطلاح ٿورڙا سمجهہ ۾ اچڻ لڳا. اسان کي گول ميز ڪانفرنس ۽ سربراهي گڏجاڻين جي ڳالهين ٻُڌڻ جي ائين واقفيت ٿي وئي هئي. جيئن ٻين ٻارن کي ورلڊ ڪپ ڪرڪيٽ اسڪور سان واقفيت هوندي هئي. پر 1966ع ۾ جڏهن بابا، ايوب خان کان ڌار ٿيو، تڏهن "شهري آزادي" ۽ جمهوريت" جا لفظ اڪثر ٻڌبا هئا، جيڪي پاڪستان جي اڪثريت لاءِ غير حقيقي هوندا هئا، جن کي ايوبي دؤر ۾ سياست ۾ حصي وٺڻ کان پري رکيو ويندو هو. نيٺ بابا 1967ع ۾ پنهنجي هڪ جماعت 'پاڪستان پيپلز پارٽي' ٺاهي.
"روٽي، ڪپڙا، مڪان" اُهي سادا واعدا هئا، جيڪي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي جلسن جلوسن ۾ نعري طور ڪتب اچڻ لڳا، جن کان پاڪستان جا لکين ماڻهو محروم هوندا هئا. مسلمان الله آڏو پنهنجو ڪَنڌُ نوائين ٿا. پر اسان جي ملڪ جو غريب عوام اجا تائين اميرن جي اڳيان پاڻ جهڪائي ٿو. "اٿي ڪڙا ٿيو! ٻين اڳيان ليٽڙون نہ پايو! اوهين انسان آهيو ۽ اوهان جا بہ حق آهن!" بابا پاڪستان جي ڏورانهن ۽ نڍڙڪن ڳوٺن ۾، جتي اڳ ڪوبہ سياستدان ڪونہ ويو هو، ماڻهن جي انبوهہ کي ٻڌائيندو هو: "جمهوريت جي گهُر ڪريو، جنهن ۾ غريب جي ووٽ جو بہ ايترو ئي وزن آهي، جيترو امير جي ووٽ جو آهي."
"ڀٽو ڪير آهي؟ ڀٽو ڇا آهي؟ ماڻهو چو ٿا چون، تہ هن کي ٻُڌڻ لاءِ هرڪو ماڻهو وڃي ٿو. جڏهن تہ رڳو ٽانگي وارا، رڪشا وارا ۽ ريڙهي وارا هن جي جلوس ۾ هجن ٿا." ايوب خان جي هڪ گورنر سرڪاري اخبارن ۾ سوال اٿاريو. اهو ٻڌي مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو هو، جو منهنجي اڳيان هڪ مقصد هوندو هو. جيتوڻيڪ اسان پنهنجن گهرن ۾ بچاءُ واري حياتي گذاري ٿي ۽ وڏن ۽ خاص اسڪولن ۾ تعليم ٿي پرائي، پر مون ماڻهن کي پيرن اُگهاڙو ۽ پنڻ اگهاڙو ڏٺو هو. وارن ۾ چيڙهہ پيل ڇوڪرين کي ۽ سُڪل سڙيل ٻارن کي ڏٺو هو. ڇا غريبن کي ماڻهن ۾ بہ شمار نٿو ڪري سگهجي؟
قرآن شريف جي تعليم مان اسان کي خبر پئي هئي، تہ اسلام جي تعليم مطابق سيئي ماڻهو الله آڏو برابر آهن. اسان جي والدين پڻ اسان کي اهو سيکاريو هو تہ: هر هڪ ماڻهوءَ جو ادب ۽ احترام ڪريو ۽ ڪنهن کي بہ پنهنجي اڳيان جهُڪي، پنهنجن پيرن ڇُهڻ يا پنئين پيرين وڃڻ جي اجازت نہ ڏيو.
"اهو ڪو الله جو قانون ڪونهي، تہ هتي پاڪستان ۾ رڳو اسين غريب هجون." بابا غريب عوام جي انبوهن کي ۽ اتي بيٺل شرميلين عورتن جي ميڙن کي لاڳيتو ٻڌائيندو

رهيو. ”اسان جو ملڪ شاهوڪار آهي. اُن ۾ گهڻا وسيلا ۽ ذريعا آهن، ته پوءِ منجهس غريبي، بک ۽ بيماري ڇو آهي؟“ اهو هڪڙو اهڙو سوال هو، جيڪو ماڻهو هڪدم سمجهي ويندا هئا. ايوب پاڪستان جي اقتصادي حالتن کي سُڌارڻ جو جيڪو واعدو ڪيو هو، سو پورو نه ٿيو هو. جڏهن ته هن جو گهراڻو ۽ ٻيا ٽورا خاندان امير ٿي ويا هئا. ايوب جو گروهه پاڪستان جي هر بئنڪ، انشورنس ڪمپني ۽ وڏي صنعت جو مالڪ ٿي ويو هو. ان ظلم ۽ تعديءَ سبب ڀڙين سوين ۽ پوءِ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو بابا جي جلسن ۾ ڇڪجي ايندا هئا، جيڪو سماجي ۽ معاشي سُڌارن جي ڳالهه ڪندو هو.

70 ڪلفٽن ۾ اسان جي گهر جي ڀرئين طبق تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو دفتر ڪم ڪرڻ لڳو. يارهن ۽ چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ منهنجي ڀيڻ ۽ مون وڏي اتساهه سان چار چار آنا فيءَ ڏيئي، پارٽيءَ جي رڪنيت ورتي، ته جيئن اسين پڻ پنهنجي ميجر ڊومو بابو جي مدد ڪري سگهون، جيڪو ماڻهن جي وڌندڙ تعداد کي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ وٺي ايندو هو، جيڪي روزانو ٻاهر دروازي تي قطارن ۾ بيٺا هوندا هئا. پر روزاني جي ان ڳٽپ ۾ اسان اهو به ٻڌو ته ايوب حڪومت، بابا کي تمام وڏي رشوت جي آڇ ڪئي آهي. ”تون جوان آهين، ۽ تنهنجي لاءِ اڃان سڄي ڄمار پئي آهي. تون ايوب کي هن جو وارو پورو ڪرڻ ڏي ۽ پوءِ تنهنجو وارو ايندو. تون اسان سان ڪم ڪر، نه ڪي اسان خلاف ۽ اسين توکي سهوليتون ڏينداسون.“ ايوب ۽ هن جا ساٿي بابا کي چوندا هئا. اهڙائي ساڳيا لفظ پوءِ مونکي به هڪ ٻئي آمر جي ايلچين کان ٻڌڻا پيا هئا. جڏهن ايوب جي رشوتن جي آڇ بابا کي ماٺ نه ڪرائي سگهي. تڏهن هن کي موت جا دڙڪا ملڻ شروع ٿيا.

اُن وقت مونکي ڏاڍ ۽ ڏمر جي دنيا جي ڪا سُڌ ئي نه هوندي هئي. هڪ پاسي سياست جي دنيا هئي، جنهن ۾ بابا رهندو هو ۽ وري ٻئي پاسي ٻارن جي دنيا هئي: اسڪول ۽ رانديون، سمنڊ جي ڪناري تي ڊوڙون ۽ ٽهڪڙا. پر اهي ٻئي دنيائون تڏهن پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويون، جڏهن بابا تي خوني حملي جون خبرون اسان تائين پهچڻ لڳيون. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي مقبول بنائڻ لاءِ بابا جڏهن رحيم يار خان، سانگهڙ ۽ ٻين جاين تي ويو، ته ايوب جي حامين مٿس گوليون هلايون. شڪر آهي جو هنن جا نشانا خطا ٿي ويا. سانگهڙ ۾ بابا جي ساٿين اڳتي اچي، سندس جان بچائي ۽ پاڻ گولين لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا.

اسان جي گهر ۾ هِراس پکڙجي ويو، پر مون پنهنجي ڊَپُ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. اُن مان ڪهڙي ڇڳائي ٿيندي؟ پاڪستان ۾ سياسي زندگي گذارڻ جا اهي ئي نتيجا هئا: موت جا دڙڪا، رشوت ۽ ڏاڍ ڏمر. اُها ئي مُلڪ ۾ حالت هئي. مون پاڻ کي ڊڄڻ جي اجازت ڪين ڏني. حقيقت ۾ مون ڪوشش ڪئي هئي، ته آئون ڪجهه به نه

ڀائيان. ۽ ان وقت بہ جڏھن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي نھڻ ڪان يارھن مھينا پوءِ ايوب، بابا ۽ پارٽيءَ جي ٻين وڏن اڳواڻن کي گرفتار ڪري قيد ۾ وجھي ڇڏيو ھو. آمرن جو اھوئي طريقو آھي، جتي بہ احتجاج ٿئي ان کي چيڀاٽيو وجي. جتي بہ اختلاف ڪندڙ ھجن، کين گرفتار ڪيو وجي. ڪھڙي قانون ھيٺ؟ اسين پاڻ قانون آھيون.

1968ع جا اھي رتوڇاڻ ۽ جھيڙيندڙ واقعا رڳو پاڪستان ۾ ڪونہ ٿيا ھئا. سڄي دنيا ۾ انقلاب جي لھر پکڙجي وئي ھئي: پيرس، ٽوڪيو، ميڪسيڪو شھر، برڪلي ۽ راولپنڊي جي ڪاليجن ۾ شاگردن فساد پئي ڪيا. پاڪستان ۾ اھي دنگل ان خبر سبب پکڙجي ويا ھئا، تہ بابا کي گرفتار ڪري پاڪستان جي خوفناڪ ميانوالي جيل ۾ بند ڪيو ويو آھي. اتان ھن کي ڪڏھي وري ساھيوال جيل ۾ رکيو ويو، جتي سندس ڪوٺڙيءَ ۾ ڪُوئن جو ڏاڍو آزار ھوندو ھو. وڳوڙن کي ٻُنجي ڏيڻ لاءِ حڪومت ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بند ڪري ڇڏيون.

انھي عرصي ۾ مونکي پنھنجي تعليمي زندگي جو ڏکيو وقت ڏسڻو پيو ھو. مونکي گڏريل ٽن ورھين جي پڙھائيءَ سميت او ليول جي امتحان ڏيڻ ۽ ريڊڪلف ۾ داخلا لاءِ امتحان جي تياري ڪرڻي ھئي. مون بابا کي چيو تہ، مونکي برڪلي ۾ پڙھڻ جي درخواست ڏيڻ جي اجازت ڏي، جتي ھو پاڻ پڙھيو ھو. پر ھن اھا ڳالھ نہ مڃي. ”ڪيليفورنيا جي آبھوا سٺي آھي.“ ھن سمجھايو ھو. ”پر ميساچوسٽس جي برف ۽ ٿڌاڻ توکي پڙھڻ تي مجبور ڪندي.“

امتحان نہ ڏيڻ جو تہ سوال ئي ڪونہ ھو، چو تہ اُن جو انتظام انگلينڊ مان سال ۾ ھڪ ڀيرو ڊسمبر مھيني ۾ ٿيندو ھو. ”تون ڪراچي ۾ ئي رھ ۽ امتحان جي تياري ڪر.“ امان مونکي چيو ۽ پاڻ ننڍن ٻارن سميت لاھور رواني ٿي وئي، جيئن اتي ھاءِ ڪورٽ ۾ بابا جي غير قانوني نظربنديءَ خلاف درخواست داخل ڪري سگھي. آئون 70 ڪلفٽن ۾ اڪيلي ھيس، جنھن ڪان پري ڪاروباري مرڪزن ۾ جھيڙا ۽ ڦڏا پئي ٿيا.

بابا جي جيل ۾ ھجڻ جي ڳڻتيءَ ڪان پاڻ بچائڻ لاءِ آئون پاڻ پڙھائي ۾ جُنبي ويس. مون پنھنجن انھن استادن جي رھنمائيءَ ۾ ھر مضمون کي بار بار پڙھيو، جيڪي روزانو گھر ۾ ايندا ھئا. شام جو ڪڏھن ڪڏھن اسان جي گھر ويجھو سنڌ ڪلب ۾، جيڪا ڪنھن وقت رڳو انگريزن لاءِ ھئي ۽ جتي ڏيھي ماڻھن ۽ ڪُتن کي اچڻ جي اجازت نہ ھوندي ھئي ۽ جيڪا ھاڻي امير پاڪستانين جي راند رھڻ جي ڪلب ھئي، آئون پنھنجين ساھيڙين فيفي، تھمينا، فاطما، ۽ سميعا سان ملڻ ويندي ھيس. اتي اسين اسڪاش راند رھنديون ھيونسين ۽ تلاءُ ۾ ترنديون ھيونسين، جيتوڻيڪ اسان سڀني کي اھا بہ خبر ھئي تہ حالتون ايتريون سٺيون ناھن، جيتريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جڏھن ڪان ايوب سان بابا جي اٽڪٽ شروع ٿي ھئي، تڏھن ڪان منھنجين ساھيڙين کي ھنن جي مائٽن ۽ سڄڻن حڪومت جي چُرچ تي خبردار پئي ڪيو، تہ ڀٽو وارن سان سُڃاڻپ

خطري کان خالي ڪونهي. سميعا جي بابا ڪي انسپيڪٽر جنرل تنبيهه ڪئي هئي، تہ سندس ڌيءُ جي مون سان ڏيٺ ويٺ سبب سندس خاندان ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي پوندؤ. سميعا ۽ ٻين ساهيڙين ڏاڍي بهادريءَ سان منهنجو ساٿ ڏنو، جيتوڻيڪ مون ڏنو تہ اسڪول جي ٻين شاگرديائڻين اسان ڪي پاسو ڪرڻ شروع ڪيو هو.

”او ليول امتحان ۾ تنهنجي ڪاميابيءَ لاءِ آئون دعاگو آهيان.“ بابا 28 نومبر تي ساهيوال جيل مان مون ڪي خط لکيو هو. ”مونکي سچ پچ فخر آهي تہ منهنجي ڌيءَ اهڙي ذهين آهي، جو پندرهن ورهين جي ننڍي ڄمار ۾ اهي امتحان ڏئي تي، جيڪي مون ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ ڏنا هئا. ان رفتار سان تون صدر ٿي سگهين ٿي.“

جيتوڻيڪ هو اڪيلائپ جي قيد ۾ بند هو، پر بابا مونکي يقين ڏياريو تہ ڪيس خاص ڳڻتي منهنجي تعليم جي هئي. ”آئون ڄاڻان ٿو تہ تون گهڻو پڙهين ٿي، پر تون ادب ۽ تاريخ ٿورڙو وڌيڪ پڙهہ.“ هن جي خط ۾ لکيل هو. ”تو وٽ اهي سڀئي ڪتاب آهن، جن جي توکي گهُرج آهي. تون نيپولين بوناپارٽ بابت پڙهہ، جيڪو جديد تاريخ جو بيحد مڪمل انسان هو. تون آمريڪي انقلاب ۽ ابراهام لنڪن بابت پڙهہ. جان ريڊ جو ڪتاب ’ڏهہ ڏينهن جن دنيا کي لوڏي ڇڏيو‘ پڙهہ، بسمارڪ ۽ لينن، اتاترڪ ۽ مائوزي تنگ بابت پڙهہ، اوائلي دؤر کان هندستان جي تاريخ پڙهہ ۽ سڀ کان وڌيڪ اسلام جي تاريخ پڙهہ.“ جيل جي ڪاغذ تي صحي هئي: ’ذوالفقار علي ڀٽو‘

مون پنهنجي خاندان سان گڏ لاهور ۾ رهڻ ٿي چاهيو، پر اهو ناممڪن هو. صنم مونکي ٽيليفون تي ٻڌايو، تہ هر ٻئي يا ٽئين ڏينهن امان، بابا جي گرفتاريءَ خلاف عورتن جي احتجاجي جلوسن جي اڳواڻي پئي ڪئي. هن اها بہ خاطري پئي ڪئي، تہ احتجاج ڪندڙ هر عورت وٽ پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ پُسيل ٽوال هجڻ گهرجي، تہ جيئن ايوب جي پوليس جي اڇلايل ڳوڙها آڻيندڙ گولن کان بچاءُ ٿي سگهي. پوليس ڪيترائي ڀيرا انهن جلوسن تي لنيون هلائي، ڪين ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيندي هئي. تڏهن بہ اهي مظاهرا جيئن جو تيئن وڌندا پئي ويا. ايوب فوج کي حڪم ڪيو، تہ ٻاهر نڪري احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪيو، پر سپاهين عورتن جي گرفتاريءَ کان انڪار ڪيو ۽ هٿ لوڏي هنن جي همت وڌائي. ايوب جي زماني ۾ بہ عورتن جي عزت رکي ويندي هئي.

نيٺ جڏهن ڊسمبر ۾ امتحانن ڏيڻ جو وقت آيو، تڏهن ڪنوينٽ آف جيزس ائنڊ ميري ڪلفٽن ۾ ئي ويٽيڪن سفارتخاني ۾، اسان کان امتحان وٺڻ جو بندوبست ٿيو. ڪراچيءَ جي ڪاروباري مرڪز کان پري هجڻ ۽ اُن جي تقدس سبب اهو سلامتيءَ وارو هنڌ هو. برطانيا ۾ شاگردن ڪيترائي ڏينهن صاف سُٿرن ڪمرن ۾ ويهي امتحان ڏنو ٿي، جڏهن تہ پاڪستان ۾ رومي چرچ جي مرڪز ۾ اسين پي آياسين ۽ وياسين.

انهيءَ وچ ۾ جهيڙا هلندا رهيا ۽ ايوب خلاف عوام جي ڪاوڙ تنهن وقت چوٽ چڙهي وئي، جڏهن پوليس مظاهرو ڪندڙن تي گوليون هلايون، جن ۾ ڪيترائي موت جو ڪاچ

ٿي ويا. هاڻي سڄي پاڪستان ۾ احتجاج ڪندڙن هڪ آواز ٿي گهر ڪئي، ته ايوب استعيفيٰ ڏي ۽ بابا ۽ ٻين سياسي اڳواڻن کي آزاد ڪيو وڃي.
بابا جي گرفتاريءَ کان ٽي مهينا پوءِ پاڪستان ۾ ايتري افراتفري پکڙجي وئي، جو ايوب خان لاچار ٿي پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن کي آزاد ڪيو. ايتري ۾ افواهه پکڙيا ته جنهن جهاز ۾ بابا کي لاهور مان سنڌس گهر لاڙڪاڻي ۾ آڻڻو هو، تنهن کي ڪيرائي بابا کي قتل ڪيو ويندو ۽ ظاهر ڪيو ويندو ته اهو حادثو اتفاق سان ٿيو. انهي تي امان هڪ اخباري ڪانفرنس ۾ ان سازش کي پڌرو ڪري، ان کي ناڪام ڪري ڇڏيو. جهاز بدران بابا کي ريل گاڏيءَ ذريعي لاڙڪاڻي آندو ويو. آئون پنهنجيءَ ڄمار ۾ اڳ ڪنهن کي به ڏسي ايترو خوش نه ٿي هيس. پر ايوب جي خلاف جدوجهد ته اڃان شروع ٿي هئي.
بابا جي آزاد ٿيڻ کان ٽُرت پوءِ لاڙڪاڻي ۾ ڪاميابيءَ جو جلوس نڪتو. ”هيٺ لهو،“ بابا رڙ ڪري مونکي ۽ صنم کي چيو. اسان جي ڪليل ڪار ماڻهن جي گوڙ مان آهستي پئي هلي، جن ”جيئي ڀٽو“ ۽ ”گرتي هوئي ديوار کو آخري ڌڪا دو“ جا نعرا پئي هنيا. ايتري ۾ ايوب جي هڪ گماشتي بابا تي سِڌي گولي هلائي. هڪ معجزو ٿيو. گولي هلي نه سگهي، پر عوام معاف ڪندڙ نه هو.
مون بابا جي ٻانهن مان جهاتي پائي اُن نؤجوان کي پئي ڏٺو، جنهن کي ماڻهن ڏاڍو ماريو هو. هر طرف کان ماڻهن هن جي ڇِڇي، مٿو، ٻانهون ۽ ٽنگون پئي چڪيون ۽ سنڌس وات مان گهڻو رَت پئي وهيو. ”تون نه ڏس،“ بابا مونکي هيٺ ڌِڪيندي ڪاوڙ مان چيو. آئون گوڏن ڀَر اوڪڙو ٿي وينيس ۽ بابا ماڻهن کي رڙ ڪندي چيو ته ”قاتل کي نه ماريو، هن کي جيئرو رهڻ ڏيو.“ لاچار ٿي هنن ڪيس ڇڏي ڏنو، پر اهو نظارو ڪيترن مهينن تائين منهنجين اکين اڳيان پئي ڦريو.
اُن وقت به منهنجي اها ساڳي حالت ٿي هئي، جڏهن مون بابا کي ايوب خان جي آمريت ۽ ڏاڍائيءَ جي طاقت خلاف لاڳيتو احتجاج ڪندي، بک هڙتال ۾ ڳرندي ڏٺو هو. هُن کي ڏينهون ڏينهن بدن ۾ لهندو ڏسي لاڙڪاڻي جا سڀيئي ماڻهو ڏُکَ ۾ ونجي ويا هئا. ’مهرباني ڪري بابا جي ڳالهه مڃ.‘ آئون دل ئي دل ۾ ايوب خان کي چوندي هيس. مونکي اهو به عجب لڳو، ته بابا سان گڏ ٻيا وينل ماڻهو ايترا تندرست ڇو ٿا ڏسجن. ”اهي رات جو جڏهن پنهنجن ڪمرن ۾ واپس ٿا اچن، ته ماني گهرائي ٿا کائين.“ اسان جي ملازمن مان هڪڙي مونکي اُن جو راز ٻڌايو. ”پر پنهنجي پيءُ کي نه ٻُڌائجان.“
بک هڙتالين جا اهي گروهه ڪنيين وانگر سڄي پاڪستان ۾ وڪيلن جي انجمنن اڳيان ۽ شهرن جي رُڌل رستن تي ڏسڻ ۾ پئي آيا. روزانو ماڻهن جا انبوهه انهن بک هڙتالين جي اخلاقي پُٺڀرائي ۽ ايوب جي استعيفيٰ جي گهُر ڪندا هئا. اهو سمجهندي ته پاڻ سنڌس پوليس به ان صورتحال تي ضابطو نٿي آڻي سگهي. ايوب نيٺ 25 مارچ 1969ع

تي اقتدار تان هٽ ڪنيو. پر اها سوڀُ ڪُوڙي هئي. اقتدار قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر ڪي سونپڻ بدران، جيئن پاڻ هن جي پنهنجي آئين ۾ لکيل هو، ايوب خان پنهنجيءَ فوج جي چيف آف اسٽاف کي پاڪستان جو نئون اڳواڻ مقرر ڪيو. هڪ ڀيرو وري پاڪستان هڪ فوجي آمر جي چنبي ۾ اچي ويو هو، جنهن هڪدم سڄي شهري قانون معطل ڪري، ملڪ ۾ فوجي قانون لاڳو ڪري ڇڏيو.

منهنجي ماءُ مونکي ٻڌايو ته، ”ريڊڪلف مان تنهنجي لاءِ خط آيو آهي.“ مون ڏڪندڙ هٿن سان ڪانئس اُهو لفافو ورتو. آئون سچ پچ وڃڻ گهران ٿي؟ ڪاليج وارن بابا کي چتاءُ ڏنو هو ته، ريڊڪلف ۾ داخلا لاءِ سورنهن ورهين جي ڄمار ننڍي آهي، تنهنڪري مونکي اُن لاءِ هڪ ٻيو سال اوسيئڙو ڪرڻ گهرجي. پر مونکي ترسائڻ لاءِ بابا کي ڪوبه سبب نظر ڪونه آيو. هن پنهنجي هڪ دوست جان ڪينٿ گيلبرائٿ کي مدد لاءِ چيو، جيڪو هندستان ۾ سفير رهي چڪو هو ۽ هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ اقتصاديات جو پروفيسر هو. مون لفافو کوليو. مونکي اجازت ملي هئي، ته 1969ع جي سرءُ ۾ آئون اتي وڃان.

روانگيءَ وقت بابا مونکي سِپ جي گل سان ڍَڪيل هڪڙو سُهڻو قرآن شريف سوکڙيءَ ۾ ڏنو. ”آمريڪا ۾ تون ڪيترين ئي اهڙين شين ڏسندينءَ، جيڪي توکي اچرج ۾ وجهي ڇڏينديون، ته ڪي وري توکي ڏڪائي به ڇڏينديون.“ هن چيو. ”پر مونکي خبر آهي ته تو ۾ سرچاءُ جي سگهه آهي. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي، ته تون پنهنجو ڌيان پڙهائيءَ ڏانهن رکجانءِ. پاڪستان ۾ گهٽ ماڻهو آهن، جن کي اهڙو وجهه مليو ٿو، جيڪو توکي مليو آهي، ۽ تون ان مان ضرور فائدو وٺجانءِ. تون اهو ڪڏهن به نه وسارجانءِ، ته توڏانهن اتي جيڪي پئسا موڪلبا سي زمين جي اُپت مان هوندا. اهي انهن ماڻهن وٽان هوندا، جيڪي انهن زمينن تي پگهر وهائين ٿا ۽ محنت ڪن ٿا. اهو هنن جو توتي قرض هوندو. اهڙو قرض جيڪو الله جي مهربانيءَ سان هنن جي زندگيءَ کي سُکيو بنائڻ لاءِ تون پنهنجي تعليم کي ڪَتب آڻي لاهيندينءَ.“

آگسٽ جي پڇاڙيءَ واري هڪ ڏينهن آئون 70 ڪلفٽن جي هڪ اُڪريل ڪاٺ جي دروازي وٽ بيٺي هيس، جڏهن امان منهنجي مٿي تي منهنجي نئين قرآن شريف جو ڇانوَ ڪيو. مون قرآن شريف وني چُميو ۽ اسين ٻئي آمريڪا وڃڻ لاءِ هوائي اڏي ڏانهن روانيون ٿيونسين.

# جمهوريت ۽ منهنجي ڀرين آزمائش

المرتضيٰ ۾ نظربند رهندي امان ۽ مونکي جيئن ٻيو مهينو شروع ٿئي ٿو، تہ اسان جي باغ کي ڇڻ سرءُ وڪوڙي وڃي ٿو. بابا جي قيد واري زماني ۾ ۽ سندس وفات کان پوءِ، انهيءَ باغ جي سنڀال ۽ زمين جي صفائيءَ لاءِ اسان وٽ ڏهن ماڻهن جي گهُرج هوندي هئي. پر جڏهن کان المرتضيٰ کي امان ۽ منهنجي لاءِ سب جيل جو درجو ڏنو ويو آهي، ضياءَ جي فوجي حڪومت رڳو ٽن باغائين کي اندر اچڻ جي اجازت ڏني آهي. باغ کي سلامت رکڻ لاءِ آئون بہ هنن سان گڏجي ڪوشش ڪريان ٿي.
مون کان گُلن جو ڪُومائجڻ اصل ڏنو ڪونہ ٿو ٿئي، خاص ڪري اهي گل جيڪي بابا جا پوکيل هئا. هو جڏهن بہ ڪنهن ٻاهرئين ملڪ جي سفر تان موٽندو هو. تڏهن پاڻ سان گڏ پنهنجي باغ لاءِ اتان جا ٻوٽا کڻي ايندو هو: واڱڻائي رنگ جا گلاب، ڳاڙهاڻ مائل نارنگي رنگ جا گلاب، گلاب جا گل جيڪي ڏسڻ ۾ گلاب جا گل نہ ٿي لڳا، پر اهي ايترا تہ پوريءَ طرح چانئيل هئا، ڄڻ اهي ڇيڪي مٿيءَ مان ناهيا ويا هُجن. هن جي پسند جو گلاب، نيري رنگ جو هوندو هو، جنهن کي 'امن جو گل' چوندا هئا. گلن جي سنڀال نہ لهڻ سبب هاڻي انهن ٻوٽن ڪومائڻ شروع ڪيو هو ۽ سندن پَن پيلا ٿي ويا هئا.
آرهڙ جي ڇيڇلائيندڙ گرميءَ ۾ آئون روزانو صبح جو ستين بجي کان باغ ۾ وڃان ٿي ۽ ولايتي ٽاٽ جا ڳرا ٽڙا ڇڪي، هڪڙي ٻاري کان ٻي ٻاريءَ تائين پاڻي ڏيڻ لاءِ باغائين جي مدد ڪريان ٿي. گهر جي ڪُنڊن وٽان فرنٽيئر فورس جا سپاهي مونکي ڏسن ٿا. باغ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ٿي ڏينهن لڳي ويندا هئا، پر اسين اهو ڪم اَٽن ڏينهن ۾ ڪريون ٿا. جيستائين اسين گلن جي آخري ٻوٽن تائين پهچون ٿا، تيستائين پهريان ٻوٽا ڪومائجڻ شروع ٿين ٿا. آئون انهن گلن کي سُڪڻ کان بچائڻ گهران ٿي، ڇو تہ مناسب پاڻي ۽ سنڀال نہ هجڻ سبب انهن جيئڻ جي جيڪا ڪوشش ٿي ڪئي، تن ۾ مونکي آزادي ڦرجي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي جياپي جي جدوجهد ٿي نظر آئي.
منهنجي زندگيءَ جو گهڻو سُنو وقت المرتضيٰ جي گلاب جي گلن ۽ ميويدار وڻن جي ٿڌيءَ ڇانوَ ۾ گذريو آهي. ڏينهن جو سڄي گهر ۾ 'ڏينهن جو راجا' گلن جي هُٻڪار هوندي هئي. اهي سهڻا ۽ اڇا گل ڪيترن ئي ٻين پاڪستاني عورتن جيان امان بہ پنهنجن وارن ۾ هڻندي هئي. سج لهندي ئي سموري هوا رات- راڻيءَ جي خوشبوءَ سان واسجي ويندي هئي، ۽ اسين انهن خوشبودار شامن ۾ گڏجي گهر جي ٿلهن تي ويهندا هئاسين.

ٽڙا وڏيڪ آندا ويا. پاڻي وڏيڪ ڏنو ويو. آئون باغ ۾ گھر جي وچ واري حصي مان وٺن جا ڳڪ پَن ٻُھاريان ٿي ۽ ڏانداريءَ سان لان صاف ڪريان ٿي. جو نيٺ منھنجيون ٻانھون سُور ۾ ونجي وجن ٿيون. ھٿن جو ٽَريون نوٽ ٿي وجن ٿيون ۽ مٿن ڦلوڪٽا ٿي پون ٿا. ”تون اھو ڪم پاڻ ڇو ٿي ڪرين؟“ آئون ٻنپھرن ڏاري جڏھن ڏاڍو ٿڪجي، اُمالڪ ڪِري پوان ٿي تہ، امان ڳِڻتيءَ وچان مونکان پُڇي ٿي. ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻو تہ آھي نہ، آئون ھن کي چوان ٿي. پر اھو ٿورڙو وڏيڪ آھي. جيڪڏھن مون ايتري گھڻي محنت ڪئي، جو منھنجي بدن جو ھر حصو ٿڪجي پيو، تہ پوءِ ٿورو بہ سوچڻ تي آئون سخت ٿڪجي پونديس. ۽ آئون فوجي راڄ ۾ پنھنجي زندگي وڃائڻ بابت سوچڻ نہ ٿي گھران.

آئون گلن جا ڪجھ نوان ٻارا پاڻ ناھيان ٿي ۽ گلاب جي گلن جا قلم ھٽان ٿي، پر اُھي لڳن نٿا. امان ڀيندين، مرچن ۽ ڦودني جي ٻوٽن تي جيڪا محنت ڪئي، تنھن ۾ ڪيس سوڀُ ٿئي ٿي. روز شام جو آئون سِيٽي وڄائي پاليل ٻگھہ پکيءَ جي جوڙي کي سڏيان ٿي ۽ جڏھن اھي پرڙا ڦڙڪائيندا روتيءَ جا ٽڪر وٺڻ لاءِ مون ڏانھن ڊوڙي ٿا اچن، تہ مونکي سرھائي ٿئي ٿي. ڪنھن جانور کي سَڏڻ تي ان جو اچڻ، ڪنھن شيءَ جو پوکڻ کانپوءِ ڦُٽڻ، اھي ڳالھيون ضروري ٿي پيون آھن. انھن مان ثابت ٿئي ٿو تہ آئون موجود آھيان.

آئون جڏھن باغ ۾ ڪم نہ ٿي ڪريان، تڏھن رڳو وقت کي گذارڻو پوي ٿو. آئون پنھنجي ڏاڏي جي ڪتابن مان ارل اسٽينلي گارڊنر جا ڪتاب ور ور ڏئي پڙھان ٿي، جيتوڻيڪ اڪثر بجلي ھلي وڃي ٿي. ۽ امان ۽ آئون ڪيترا ڏينھن ۽ راتيون اونڌھ ۾ گذاريون ٿا. اسان وٽ ٽيليويزن بہ آھي، پر جڏھن بجلي اچي ٿي تہ ان تي بہ ڏسڻ لاءِ ڪجھ نٿو ملي. بابا جي وقت ٽيليوزن تي ڊراما ڏسبا ھئا، فلمون ھلنديون ھيون ۽ سلسليوار ناٽڪ ٿيندا ھئا، انھن سان گڏ ماڻھن کي پڙھڻ سيکارڻ لاءِ تقريرون ۽ ٻيا ادبي پروگرام ھلندا ھئا. ھاڻي جڏھن آئون ٽيليويزن کوليان ٿي، تہ ان ۾ ڪي بہ نظر نہ ٿو اچي، رڳو ضياءَ ٿو ڏسجي: ضياءَ ٻي تقرير پيو ڪري، ضياءَ جي تقريرن تي مذاڪرا پيا ٿين، خبرن جا سينسر ٿيل پروگرام، جن ۾ ٻڌائين ٿا تہ ضياءِ ڪنھن ڪنھن سان مليو آھي.

رات جو سوائين اَنين وڳي امان ۽ آئون روزانو بي بي سي ريڊيي تان اردو خبرون ٻُڌون ٿا. نومبر ۾ رڳو بي بي سيءَ ذريعي اسان کي خبر پوي ٿي، تہ ڪاوڙيل ماڻھن اسلام آباد ۾ آمريڪي سفارتخانو سڄو ساڙي رک ڪري ڇڏيو، ڇو تہ ھنن سمجھيو ھو تہ، مڪي شريف ۾ خانہ ڪعبہ تي قبضي پنيان آمريڪا جو ھٿ ھو. سموري خبر ٻڌڻ کان پوءِ امان ۽ مونکي حيرت لڳي ٿي، تہ اسلام آباد ۾ بچاءَ جي سخت انتظام ۽ فوجي قانون ھوندي بہ، بسن ۽ لارين کي اجازت ڏني وئي، تہ بنياد پرست شاگردن کي ڪٽي آمريڪي سفارتخاني تائين پھچائين، جيڪي پوءِ ھنن ساڙي ڇڏيو. اھو سفارتخانو

اختياري وارن جي اکين اڳيان ڪلاڪن جا ڪلاڪ پئي سڙيو، جيڪي پيپلز پارٽيءَ جي احتجاجي جلوسن تي سدائين اک ڇنڀ ۾ اچي ڪڙڪندا هئا. آمريڪي سفارتخانو سڙي ويو ۽ ان ۾ هڪ ماڻھو مري ويو. پشيمان ضياءَ هڪدم ٽيليويزن تي اچي آمريڪن کان ڪليل معافي ورتي ۽ نقصان ڀري ڏيڻ جي آڇ ڪئي. پر هو کھڙيءَ راند ۾ رُڌل هو؟ اهو اڄ ڏينھن تائين هڪڙو راز آهي.

هڪ مهينو پوءِ بي بي سيءَ وارن جيڪي خبرون ٻڌايون، سي وڏيڪ پڙڪائيندڙ آهن. 27 ڊسمبر 1979ع تي روسي فوجون افغانستان ۾ ڪاهي پئون ٿيون. بي بي سيءَ تي جڏهن امان ۽ آئون اها خبر ٻڌون ٿا، تڏهن اهو ڄاڻندي ته ان سبب گھٽا سياسي مونجهارا ٿيندا، اسين هڪ ٻئي ڏانهن چتائي ڏسون ٿا. وڏين طاقتن جي جنگ هاڻي بنهه پاڪستان جي در تائين اچي پهتي آهي. جيڪڏهن آمريڪا گهري ٿو، ته روس جي موجودگيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ کو ملڪ اندروني طرح مضبوط هجي، ته پوءِ هنن کي هڪدم پاڪستان ۾ جمهوريت بحال ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن هو اوسيئڙي جو فيصلو ڪن ٿا ۽ ڏسڻ گهرن ٿا ته افغانستان ۾ ڇا ٿو ٿئي، ته پوءِ ضياءَ جي آمريت کي پڪتي هٿي ملي ويندي.

مونکي آمريڪا ۾ لوڪشاهيءَ جو پهريون تجربو ٿيو هو ۽ جتي مون پنهنجي زندگيءَ جا خوشيءَ ڀريا چار ورهيه گذاريا هئا. آئون هينئر به اکيون پوري هارورڊ- ريڊڪلف ڪئمپس جي تصوير ذهن ۾ آڻي سگهان ٿي. سرءُ ۾ پيلا ۽ هئڊي رنگ جا وڻ، سياري ۾ برف جو نرم تهه، بهار ۾ ساون سلن جي ڦٽڻ سبب اسان سيني ۾ تحرڪ جاڳي اٿندو هو. ريڊڪلف ۾ ئي شاگرد طور مونکي وڏين طاقتن جي خودغرضي ۽ ٽين دنيا جي بيوسيءَ جي ڄاڻ ملي هئي.

پاڪ- ا-ستان؟ ڪٿي آهي. پاڪ-ا-ستان؟" آئون جڏهن پهرين ريڊڪلف ۾ پهتيس، ته منهنجي ڪلاس جي ساٿين مونکان پڇيو. ان وقت جواب ڏاڍو سولو هو.

"پاڪستان دنيا جو سڀ کان وڏو اسلامي ملڪ آهي." مون وراڻيو. "پاڪستان جا ٻه حصا آهن، جن جي وچ ۾ هندستان آهي."

"هون، هندستان." اطمينان ڀريو جواب مليو. "اوهان جو ملڪ هندستان ڀرسان آهي." هندستان جو جڏهن به حوالو ايندو هو ته مونکي ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي، جو ساڻس اسان جون ٻه سخت جنگيون ٿيون هيون. پاڪستان کي آمريڪا جو مضبوط ساٿي سمجهيو ويندو هو، جيڪو هندستان ۽ ٻين سرحدي ملڪن – ڪميونسٽ چين، افغانستان ۽ ايران ۾ روس جي اثر رسوخ کي روڪڻ لاءِ هڪ سرحدي ملڪ هو. آمريڪا پنهنجي يو -2 جاسوسي اڏامن لاءِ اتر پاڪستان ۾ اسان جا هوائي اڏا ڪتب آندا هئا، جڏهن 1960ع ۾ گئري پاورس جو جهاز ڪيرايو ويو هو. 1971ع ۾ هينري ڪيسنجر جي اسلام آباد کان چين تائين ڳجهي اڏام وڏيڪ ڪامياب ٿي هئي، جنهن سبب ٻئي

سال صدر نڪسن چين جو تاريخي سفر ڪيو هو. ان هوندي به ائين ٿي لڳو ته آمريڪين کي منهنجي ملڪ جي بلڪل ڄاڻ ڪين هئي.
اهي ڀٽي خاندان کان پڻ اڻڄاڻ هئا ۽ ان اڻڄاڻائيءَ سبب مونکي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اُن سچائيءَ تي ڪِل آئي هئي. پاڪستان ۾ ڀٽي جو نالو سدائين سڃاڻپ هوندو هو ۽ ان سان گڏ مونکي هڪ حجاب جو احساس ڏياريندو هو. مونکي اها خبر ئي ڪين هوندي هئي، ته ماڻهو مون سان منهنجي لياقت سبب ملندا هئا يا منهنجي خانداني نالي سبب ، هارورڊ ۾ آئون پهريون ڀيرو اڪيلي هيس.
اتي پهريان ٻئي هفتا امان مون سان گڏ رهي هئي. هن ايليٽ هال ۾ منهنجي رهڻ لاءِ ڪمري کي ناهيو ۽ حساب ڪري مونکي ڪعبي جو طرف ٻڌايو، ته جيئن آئون ان طرف رخ ڪري نماز پڙهان. هوءَ جڏهن هلي وئي، ته منهنجي لاءِ اوني شلوار ۽ قميص ڇڏي وئي. هن اهي ڪپڙا منهنجي لاءِ ڏاڍي محنت سان نهرايا هئا، جن جي پاسن کان ريشم لڳل هو، ته جيئن جسم تي اوني ڪپڙي جي رهڙ نه لڳي.
هن مونکي عبادت لاءِ جيڪي هدايتون ڏنيون هيون، تن جي مون ڏاڍي پابندي ڪئي هئي، پر سندس ڏنل ڪپڙن ڏانهن بنهه ڌيان ڪونه ڏنم، جيڪي اُتي جي مينهن ۽ برفباريءَ ۾ پائڻ جهڙا ڪين هئا. ٻيو ته انهن ڪپڙن ۾ آئون شاگردن ۾ اوپري ٿي لڳيس. مون هڪدم قميص شلوار پائڻ ڇڏي وري هارورڊ مان ورتل جينز ۽ سوويٽ شرٽ پائڻ شروع ڪيا. مون پنهنجا وارَ به ڇڏي ڏنا هئا، ته ڀلي وڌا ٿين. ايليٽ هال ۾ منهنجي ساٿين چاپلوسي ڪري مونکي ٻڌايو ته آئون 'جون بيز' جهڙي لڳان ٿي. اتي مون ڪيترائي گيلن صوفن جو رس پيتو هو، برگهام جي آئيسڪريم دڪان تان بيشمار ڪَونَ وني کاڌا هئا، بوسٽن ۾ موسيقيءَ جي محفل ۾ وئي هيس ۽ پروفيسر ۽ بيگم گئلبرائٿ جي دعوتن ۾ شريڪ ٿي هيس، جيڪي اتي منهنجي والدين جيان هوندا هئا. آمريڪا جي نواڻ سان مونکي پيار هو.
اُن وقت جنگ مخالف هلچل اوُج تي هئي ۽ آئون عارضي بندش واري ڏينهن تي بوسٽن ڪامن ۾ هزارين شاگردن سان گڏ وک وک ۾ ملائي هلي هيس ۽ واشنگٽن ڊي سيءَ جي وڏن جلسن ۾ حصو ورتو هئم، جتي مزي جهڙي ڳالهه اها آهي ته مون پهريون ڀيرو ڳوڙها آڻيندڙ گئس ڏٺو هو. آئون اُن وقت ڏڪڻ لڳيس، جڏهن مون پاڻ تي پهريون ڀيرو "هاٽي چوڪرن کي واپس گهر آڻيو." جو نشان هنيو هو. جيڪڏهن آئون ڪنهن سياسي جلوس ۾ بهرو وٺندي جهلجي پوان ها، ته پرڏيهي هجڻ سبب مونکي ملڪ نيڪالي ملي ها. پر مون پنهنجي ملڪ ۾ ويٽنام جي جنگ جي مخالفت ڪئي هئي ۽ آمريڪا ۾ ان جنگ مخالفت سرگرميءَ ۾ وڏيڪ جوشيلي ٿي پئي هيس. جلوس ۾ مون سان گڏ هلڻ وارن جا ۽ منهنجا ارادا ساڳيا ئي هئا. ايشيائي گهرو جنگ ۾ آمريڪين کي شامل ٿيڻ نه گهرجي.

پاڪستان ۾ ڇئن اسڪولن جي ڇهن شاخن ۾ پڙهڻ ڪان پوءِ، هارورڊ ۾ ڇئن ورهين جو اهو عرصو مونکي ڏاڍو وڻيو هو. اتي ڏاڍي مشغوليت هوندي هئي. اُن وقت عورتن جي هلچل زور پئي ورتو ۽ هارورڊ جي ڪتاب گهر ۾ عورتن بابت ڪتابن ۽ مخزنن جا ڍير لڳا پيا هئا، جن ۾ ’ڪئمپس بائيبل‘، ڪيٽ مليٽ جو ’سيڪسيوئل پاليٽڪس‘ ۽ Ms مخزن جا پهريان پرچا به هئا. هر رات جو منهنجيون ساهيڙيون ۽ آئون گڏجي مستقبل لاءِ پنهنجين انهن خواهشن تي بحث ڪنديون هيونسين، ته جيڪڏهن اسان شاديون ڪرڻ تي راضي ٿي ويونسين، ته جن ماڻهن سان اسان جون شاديون ٿينديون، انهن سان اسانجن لاڳاپن تي ڪهڙا نوان قاعدا اثر انداز ٿيندا. پاڪستان ۾ منهنجو تعلق ان ٿورائيءَ سان هو، جيڪي شادي ۽ خاندانن کي پنهنجو بنيادي مقصد ڪونه سمجهن. هارورڊ ۾ آئون انهن عورتن جي سمنڊ جي وچ ۾ هيس، جن جي راهه ۾ پنهنجي جنس رُڪاوٽ ڪونه هوندي هئي ۽ مون به اهو ٿي پائنيو. تنهنڪري منهنجو اعتماد وڌيو ۽ مون پنهنجي اوائلي ورهين واري حياءُ تي ضابطو آندو.

پاڪستان ۾ منهنجي ڀيڻ، ڀائر ۽ آئون دوستن ۽ مائٽن جي هڪ ننڍڙي حلقي ۾ رهندا هئاسين، نتيجي ۾ آئون جن ماڻهن کي ڪونه سڃاڻيندي هيس، تن اڳيان ڏاڍي پريشان ٿيندي هيس. هارورڊ ۾ آئون پيٽر گئبلريٽ ڪانسواءِ ڪنهن کي به ڪونه سڃاڻيندي هيس، جنهن سان ڪاليج جي شروع ٿيڻ کان ٿورو اڳ سندس والدين جي گهر ۾ سڃاڻپ ٿي هئي. منهنجي حياءُ واري دقيانوسي سوچ ۾ هو ڏاڍو خوفناڪ ٿي ڏٺو. هن جا وار ڊگها هئا، هن کي پراڻا ۽ ميرا ڪپڙا پاتل هئا ۽ هن پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ اڳيان سگريٽ پئي پيتا. هڪ وڏي سفارتڪار ۽ معزز پروفيسر جو پُٽ هجڻ بجاءِ هو لفنگو پئي ڏسڻ ۾ آيو، جنهن کي هندستان ۾ اڳوڻو سفير پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر وٺي آيو هو. ان وقت مونکي اها ڄاڻ نه هئي، ته پندرهن ورهين کان پوءِ پاڪستان ۾ منهنجي نظربنديءَ مان مونکي آزاد ڪرائڻ لاءِ پيٽر ڪهڙو ڪردار نڀائيندو.

پر پيٽر ته هارورڊ ۾ هزارن شاگردن مان هڪ هو. اتي مونکي اڻڄاڻ ماڻهن وٽ وڃي لائبريري جو، ليڪچر هال جو ۽ ڊمانسٽريشن هال جو رستو پڇڻو ٿي پيو. آئون مُنهن ٻڌي ويهي نه ٿي سگهيس. آئون هڪ عجيب ۽ اوپري ڪڏي ۾ بنهه تري ۾ اچلائي وئي هيس. مونکي مٿاڇري تائين اچڻ لاءِ پاڻ ڪوشش ڪرڻي هئي.

آئون ٿُرت ئي آرام سان رهڻ لڳيس ۽ پنهنجي پهرئين سال ۾ ئي ايليٽ هال جي سوشل سيڪريٽري ٿيس ۽ پوءِ هارورڊ اخبار ”دي ڪرمسن“ لاءِ مقابلو ڪيم ۽ ڪرمسن کي سوسائٽي طرفان نون شاگردن کي يونيورسٽيءَ جا سير ڪرايم. ”هن عمارت جو سرڪاري نالو ’سينٽر آف انٽرنيشنل افيئرس‘ آهي. پر اسان سيني کي خبر آهي ته سي آءِ اي جو مطلب ڪهڙو آهي.“ آئون نون شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سازشي انداز ۾ چوندي هيس. ان موقعي تي مونکي يونيورسٽي ۾ پنهنجا اوائلي ڏينهن ياد ايندا هئا.

جڏهن اتي پهريون ڀيرو سير ڪندي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي هئي. هارورڊ جي وزيوئل – آرٽس جي تڪراري عمارت، جنهن جو نقشو فرانسيسي معمار لي ڪوربوزيئر ٺاهيو هو، اهو سنو ڪونه هو. ان لاءِ هيءُ چرچو مشهور هوندو هو ته ”جڏهن رازن عمارت جوڙي ٿي، تڏهن سندن اڳيان اهو نقشو ابتو رکيل هو.“
البت ڪي ثقافتي ڌڪا ٿي پوندا هئا، جن کان پاڻ بچائڻ ڏکيو هوندو هو. پهرئين سال جڏهن ايليٽ هال ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي گڏيل پڙهائي ٿي، تڏهن نوجوان ڇوڪرن جي بلڪل ويجهو رهڻ سبب مون کان بنهه سَنو نه ٿيو هو. جيڪڏهن ڊوبيخاني ۾ ڪو شاگرد ڏسندي هيس، ته آئون ڪپڙا ڌوئڻ ملتوي ڪري ڇڏيندي هيس. اهو مسئلو ان وقت حل ٿيو هو، جڏهن هارورڊ ڪئمپس جي ايليٽ هائوس ۾ وڃي رهيس، جتي منهنجي ڪمري جي ٻي شاگرداڻي يولنڊا ڪوڊرزيڪي هئي ۽ منهنجا پنهنجا ڪمرا ۽ غسل خانو هو ۽ جتي ڊوبيخانو ٿورڙو وڏو هو.
مون سوچيو هو، ته آئون نفسيات پڙهندس. پر جڏهن مونکي خبر پئي ته اُن جي سبقن ۾ حڪمت پڙهڻ ۽ جانورن جي وڍڪٽ ضروري هئي، ته مونکي ڏڪٽي ۽ ڊِڪار ٿيو ۽ مون ان بدران تقابلي حڪومت پڙهڻ قبوليو. بابا ڏاڍو سرهو ٿيو هو. هن ريڊ ڪلف جي صدر ميري بنٽنگ کي هڪ ڳجهي خط ۾ لکيو هو، ته هوءَ ڪوشش ڪري مونکي علم سياست ڏانهن مائل ڪري. پر مسز بنٽنگ مهرباني ڪندي مون کان پڇيو هو، ته آئون زندگي ۾ ڇا ٿي ڪرڻ گهران. هن مونکي اهو ڪڏهن به ڪين ٻڌايو، ته ڪيس بابا وٽان خط مليو آهي. تقابلي حڪومت پڙهڻ عقلمنديءَ جو فيصلو ثابت ٿيو.
هارورڊ ۾ حڪومت جي ابياس سبب مون پاڪستان کي وڌيڪ سمجهڻ شروع ڪيو. ”جڏهن ڪو پوليس وارو رستي تي هٿ مٿي ڪٽي چوي ٿو ته ”ترسو“، ته هر ڪو بيهي رهي ٿو. پر جڏهن اوهين يا آئون هٿ مٿي ڪٽي چئون ٿا ته ترسو، ته ڪوبه نه ٿو بيهي. ڇو؟“ فريشمين سيمينار ۾ ”انقلاب“ جي موضوع تي پڙهائيندي پروفيسر جان وومبڪ اسان جي ننڍي گروهه کان پُڇيو. ”ڇاڪاڻ ته پوليس واري کي آئين ۽ حڪومت اختيار ڏنو آهي، ته قانون تي عمل ڪرائي.. هن وٽ ’ترسو‘ چوڻ جو اختيار ۽ حق آهي، جيڪو اوهان وٽ ۽ مون وٽ ڪونهي.
مونکي ياد آهي ته آئون پروفيسر وومبڪ جي پڙهائڻ واري ڪمري ۾ حيران ويٺي هيس، جتي آئون اڪيلي شاگرد هيس، جنهن آمريت ۾ زندگي گهاري هئي. پروفيسر وومبڪ هڪڙو مثال ڏئي پاڪستان ۾ ايوب ۽ يحيٰ خان جي ڏينهن واري افراتفريءَ ۽ ڪاوڙ تي روشني وڌي. انهن آمرن وٽ حڪومت لاءِ اختيار پنهنجو ڏنل هو. ڪين اهو حق عوام ڪونه ڏنو هو. مونکي پهريون ڀيرو اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي، ته پاڪستان ۾ عوام اهڙي حڪومت کي قبولڻ کان انڪار ڇو نه ڪيو، ان کي ڇو نه روڪيو ويو. جتي به جائز حڪومت نه هوندي، اتي ڏاڍ، انياءُ ۽ وڳوڙ هوندو.

آئون پنھنجي پڙھائيءَ جي ٻئي سال جي اڌ ۾ ھيس، تہ پاڪستان ۾ جائز حڪومت جُڙڻ جا آثار ڏسڻ ۾ آيا. 7 ڊسمبر 1970ع تي يحيٰ خان نيٺ چونڊون ڪرايون، جيڪي تيرھن ورھين ۾ پھريون ڀيرو ٿيون. دنيا جي ٻئي طرف ڪئمبرج ۾ آئون ٽيليفون پرسان سڄيءَ رات پڙھندي رھيس. جڏھن امان فون تي مونکي ٻڌايو، تہ بابا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي، اولھہ پاڪستان ۾ اتفاق سان چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جي 138 نشستن مان 82 نشستون کٽي ڪاميابي ماڻي آھي، تہ مونکي ڏاڍي خوشي ٿي. اوڀر پاڪستان ۾ عوامي ليگ جو اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان بنا مقابلي بيٺو ھو ۽ ھن وڏيءَ اڪثريت ۾ ڪاميابي ماڻي ھئي. ٻئي ڏينھن ”نيويارڪ ٽائمز“ اخبار ۾ بابا جي سوڀ جي خبر پڙھي. انھن ماڻھن جن سان اڳ آئون ڪڏھن بہ نہ ملي ھيس، مونکي واڌايون ڏنيون ھيون.

پر منھنجي اھا خوشي عارضي ھئي. مجيب، بابا ۽ اولھہ پاڪستان جي نمائندن سان ملي، ھڪ نئون آئين ٺاھڻ بدران، جيڪو پاڪستان جي ٻنھي حصن کي قبول ھجي ھا، آزاديءَ جي ھلچل پڙڪائي، تہ جيئن اوڀر پاڪستان يا اوڀر بنگال کي وفاق کان ڇني ڌار ڪري. پاڪستان کي متحد رکڻ لاءِ، ھڪ شھريءَ طور گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ يحييٰ جي فوجي حڪومت ڊاھڻ لاءِ بابا ڪيترائي ڀيرا شيخ مجيب کي منٿون ڪيون. پر نرمي ڏيکارڻ ۽ سياسي گھُرج کي قبولڻ بدران مجيب اھڙي ضد ڏيکاري، جنھن جو منطق اڄ ڏينھن تائين منھنجي سمجھہ کان مٿي آھي. اوڀر بنگال جي باغين ھوائي اڏن تي قبضو ڪري، ھن جي آزاديءَ جي سڏ جو جواب ڏنو. بنگالي شھرين پنھنجن ٽئڪسن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. مرڪزي حڪومت جي بنگالي ملازمن ھڙتال ڪئي. مارچ تائين گھرو جنگ مٿان اچي ڪَڙڪي.

بابا سرچاءُ لاءِ اُن اميد تي مجيب سان ڳالھائيندو رھيو، تہ پاڪستان متحد رھندو ۽ اوڀر پاڪستان جي ڌار ٿيڻ تي فوجي حڪومت کي ان جو پلاند ونڻ سولو ٿي پوندو. 27 مارچ 1971ع تي ھو اوڀر پاڪستان جي گاديءَ واري شھر ڊاڪا ۾ مجيب سان ڳالھين لاءِ موجود ھو، تہ ڪيس جنھن ڳالھہ جو ڊپُ ھو، اھا ئي ڳالھہ ٿي. يحييٰ خان فوج کي حڪم ڏنو ھو، تہ فساد کي ختم ڪيو وڃي. بابا ھوٽل ۾ پنھنجي ڪمري ۾ اڪيلو ھو، جڏھن ھن ڊاڪا کي باھہ جي ڀَڙڪن ۾ ٻرندي ڏٺو. جنرلن طاقت جي جيڪو اٽڪڙ حل ڳولي لڌو ھو، تنھن تي ھن کي ڏاڍو ڏک ٿيو ھو. ڇھہ ھزار ميل پري ڪئمبرج ۾ مونکي ھڪ ڏکيو سبق سِکڻو پيو ھو.

ڦرلٽ، لڄالُٽ، اغوا، قتل. آئون جڏھن ھارورڊ آئي ھيس، تڏھن پاڪستان بابت ڪنھن کي بہ پرواھہ نہ ھئي، پر ھاڻي تہ ھر ڪنھن جي زبان تي اھو نالو ھو. سڄيءَ دنيا ۾ منھنجي ملڪ تي ڦِٽڪار پئي ٿي. اوڀر پاڪستان ۾، جنھن کي باغين ھاڻي بنگلاديش پئي سڏيو. اسان جي فوج جيڪي ظلم ۽ ڏاڍايون پئي ڪيون، تن جا تفصيل ھتي

اخبارن ۾ پڙهي، پهرين ته مونکي انهن تي ويساهه ئي ڪونه ٿي آيو. منهنجا والدين هر هفتي پاڪستان مان سرڪاري اثر هيٺ نڪرندڙ اخبارون موڪليندا هئا، جن مطابق ان ننڍڙي بغاوت کي ٻُنجو ڏنو ويو هو. ته پوءِ اهي کهڙا الزام هئا، ته ڍاڪا کي ساڙي رک ڪيو ويو آهي ۽ فوجي جٿن کي يونيورسٽي ۾ موڪلي اتي شاگردن، استادن، شاعرن، ناول نويسن، ڊاڪٽرن ۽ وڪيلن کي گوليون هڻي ماريو ويو آهي؟ مون اَويساهيءَ وچان پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. اهي به خبرون هيون ته هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن ملڪ مان ڀڄڻ شروع ڪيو آهي ۽ ڪيترن کي پاڪستاني جهازن ويجهڙائي تان گوليون هڻي ماري ڇڏيو هو، جن جا لاش رستا روڪ لاءِ رکيا ويا هئا.
اهي ڳالهيون ايتريون ته پوائتيون هيون، جو آئون ڪجهه به سوچي نه ٿي سگهيس. ريڊڪلف ۾ پهرئين سال عورتن جي لچائُپ تي اسان کي جيڪو ليڪچر ڏنو ويو هو، تنهن تي پهرين ته ويساهه ڪونه آيو هو. آمريڪا اچڻ کان پهرين مون ڪڏهن به عورتن جي لچائُپ بابت ڪي به نه ٻڌو هو ۽ ان جي امڪاني پڃُ سبب ايندڙ چئن ورهين ۾ آئون ڪڏهن به رات جو اڪيلي ٻاهر نه نڪتيس. ليڪچر کان پوءِ منهنجي لاءِ هارورڊ ۾ لچائُپ جو امڪان حقيقي ٿي پيو هو. اوڀر بنگال ۾ لچائُپ جو امڪان حقيقي ڪونه هو. مونکي پنهنجي ملڪ جي سرڪاري بيان ۾ سُڪون نظر آيو، ته مغربي ملڪن جي اخبارن ۾ جيڪي خبرون ڇپجن ٿيون تن ۾ وڌاءُ آهي ۽ هڪ اسلامي رياست خلاف اها ’يهودي سازش‘ آهي.
هارورڊ ۾ هر ڪلاسين کي مجائڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ”اوهان جي فوج وحشي آهي.“ الزام لڳندا هئا. ”اوهين بنگالين جو ڪوس پيا ڪريو.“ ”اوهين بنگالين کي قتل پيا ڪريو.“ آئون ان جو جواب ڏيندي ڪاوڙ ۾ بيوس ٿي پوندي هيس. ”اوهين اخبارن ۾ جيڪي پڙهو ٿا، ان تي اوهان کي ويساهه اچي ٿو؟“ هر ڪو اولهه پاڪستان خلاف هو. انهن ۾ اهي ماڻهو به شامل هئا، جن سان ان سال جي شروع ۾ دَر در وڃي اسان اوڀر پاڪستان جي ٻوڏ جي ستايلن لاءِ چندو گڏ ڪيو هو. الزام ڏينهون ڏينهن وڌندا ٿي ويا. ”اوهين فاشي آمر آهيو.“ مون کان ڳالهائڻ جي ڪوشش به نه ٿي هئي، جڏهن مون خاص ڪري اهو پڙهيو هو، ته هندستان هزارين پناهگير بنگالين کي گوريلا جنگ جي سِکيا ڏئي، سرحد ٽپائي، واپس ملڪ پيو موڪلي. ”اسين اهڙي بغاوت خلاف پيا وڙهون، جنهن ۾ هندستان جو هٿ آهي.“ آئون سختيءَ سان چوندي هيس. ”اسين پنهنجي ملڪ کي متحد رکڻ گهرون ٿا، جيئن اوهان پنهنجي گهرو جنگ ۾ ڪيو هو.“
پر ملامت کان بچڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو، پوءِ ڪٽي اها اچائي هئي. ”پاڪستان بنگلاديش جي عوام کي سندن راءِ جي حق کان محروم رکيو آهي.“ منهنجي پهرئين سال جي سرءُ ۾ پروفيسر والزر ”جنگ ۽ اخلاقيات“ جي موضوع تي عام ليڪچر ۾ گجگوڙ ڪندي چيو هو. اهو ٻڌي سياسي تقرير ڪئي. ”اهو سمورو بيان غلط آهي پروفيسر.“

مون هن جي اصلاح ڪندي چيو. آئون ڏکيس پئي. ”بنگال جي عوام پنهنجي راءِ جو حق 1947ع ۾ استعمال ڪيو، جڏهن هنن پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو هو.“ سڄي هال ۾ ماٺ ٿي وئي. تاريخي طرح منهنجي ڳالهه صحيح هئي. پر وڏيڪ ڏکائتو سچ اوپر پاڪستان جي نهڻ ڪان پوءِ جي مايوسي هئي، جنهن ڪان مون پاڻ ٽتايو هو.
ان وقت ڪان مون الاءِ ڪيترا ڀيرا الله ڪان پنهنجي اُن اٽجاٽائيءَ لاءِ معافيءَ جي دعا گهري آهي؟ اُن وقت منهنجو اوڏانهن ڌيان ڪونه ويو هو، ته پاڪستان ۾ جمهوري حقن جي سخت ڀيڪڙي ٿي هئي. بنيادي طرح اولهه پاڪستان جي اقليتي صوبي، اوپر پاڪستان جي اڪثريتي صوبي کي پنهنجي بينڪيت پئي سمجهيو هو. اوپر پاڪستان جي برآمد جي ايڪٽيهن بلين روپين ڪان به وڏيڪ محصولن مان، اولهه پاڪستان جي اقليت پنهنجي لاءِ رستا، اسڪول، يونيورسٽيون ۽ اسپتالون نهرايون هيون، پر اوپر پاڪستان ۾ اهڙا ترقياتي ڪم تمام گهٽ ٿيا هئا. اسان جي بيحد غريب ملڪ ۾ نوڪريون ڏيندڙ وڏي ۾ وڏي اداري فوج، پنهنجا نوي سيڪڙو سپاهي اولهه پاڪستان مان ٿي کنيا. سرڪاري نوڪرين ۾ اَسي سيڪڙو ملازم اولهه پاڪستان جا هئا. مرڪزي حڪومت ته مورڳو اردو ٻوليءَ کي اسان جي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ جو اعلان ڪيو، جنهن ٻوليءَ کي اوپر پاڪستان ۾ تمام ٿورا ماڻهو سمجهندا هئا. انهيءَ ڪري سرڪاري ۽ تعليمي نوڪرين وٺڻ لاءِ بنگالين کي مقابلي ۾ وڏيڪ رنڌڪون پيدا ٿيون هيون. جنهنڪري هنن پاڻ کي جدا ۽ مظلوم پئي سمجهيو.
هارورڊ ۾ ان ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ آئون ننڍڙي ۽ پَورڙي هيس، ته پاڪستاني فوج به ٻيءَ ڪنهن فوج جيان شهري آبادين ۾ ظلم، ڏاڍ ۽ لچالُٽ ڪري سگهندي. اها نفسيات اهڙي موتمار ٿي سگهي ٿي، جهڙي 1968ع ۾ هئي، جڏهن آمريڪي فوجن مائيلا جي معصوم شهرين کي قتل ڪيو هو. ڪيترائي سال پوءِ منهنجي اباڻي صوبي سنڌ ۾ به ضياءَ اهڙو ئي ظلم ڪيو هو. هٿياربند فوجن جا سپاهي آپي مان ٻاهر نڪري، شهرين ۾ تباهي پکيڙي سگهن ٿا. اهي شهرين کي ”دشمن“ سمجهي هنن کي گولي هڻي مارين ٿا، ڪين لُٽين ڦرين ٿا يا هنن جي بيحرمتي ڪن ٿا. ان هوندي به 1971ع جي ان ڏکائيندڙ بهار جي مُند ۾ منهنجي ذهن ۾ پاڪستاني سپاهين جي ان بهادريءَ جو ٻاراڻو خيال ويٺل هو، جن 1965ع واريءَ جنگ ۾ هندستان جي فوجن جو ڏاڍي دليريءَ سان مقابلو ڪيو هو. اهو هڪ اهڙو خيال هو، جيڪو ڏاڍو آهستي ۽ ڏکائتي نموني سان ختم پئي ٿيو.
”پاڪستان لاءِ هن وقت سخت آزمائش آهي.“ بابا مونکي هڪ ڊگهي خط ۾ لکيو، جيڪو پوءِ ڪتابي صورت ۾ ”عظيم الميو“ جي نالي سان ڇپيو هو. ”پاڪستانين جو پاڪستانين کي مارڻ وارو خوفناڪ خواب اڃا تائين ختم نه ٿيو آهي. خون اڃا تائين به وهايو پيو وڃي. هندستان جي اڳرائيءَ سبب صورتحال وڏيڪ خراب ٿي وئي آهي.

جيڪڏهن اسان اڄ جي افراتفريءَ مان جند آزاد ڪرائي، ته پاڪستان بامقصد سلامت رهندو، ٻيءَ صورت ۾ اهي فتني فساد وارا ٽرٽلا اسان کي پوري تباهيءَ ڏانهن گهِلي ويندا.“

ڦڏي ۽ گهوٽالي جا اُهي ٽرٽلا نيٺ 3 ڊسمبر 1971ع تي ٿيا، ”نه!“ ايليٽ هال ۾ مون اخبار هيٺ اچلائيندي رڙ ڪئي. امن قائم ڪرڻ لاءِ پناهگيرن کي هندستان مان واپس گهرائڻ لاءِ، جيڪا پارٽي فوج آئي هئي، ان اوڀر پاڪسان تي حملو ڪري ڏنو هو ۽ پڻ اولهه پاڪستان تي بم وسايا هئا. ڪراچي بندرگاهه جي لنگر گاهه تي اسان جي سامونڊي جنگي جهازن تي، روس جي ناهيل جديد ميزائيلن سان حملا ڪيا پئي ويا. هندستاني جهازن شهر جي اهم تنصيبات تي هيناهين تان گولا پئي وسايا. اسان جا هٿيار ايترا ته مُدي خارج هئا، جو اسين جوابي جنگ به نه وڙهي ٿي سگهياسين. هاڻي ته مورڳو منهنجي ملڪ جو وجود خطري ۾ پئجي ويو هو.

”تون سياڳي آهين، جو هتي نه آهين.“ ڪراچيءَ مان سميعا مون ڏانهن لکيو. ”روزانو رات جو هوائي حملا ٿين ٿا ۽ روشنيءَ کي لڪائڻ لاءِ اسان درين تي ڪارا ڪاغذ هڻي چڙيا آهن. اسڪولَ ۽ يونيورسٽيون بند آهن، جنهنڪري سڄو ڏينهن گهٽيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪم ئي ڪونهي. سدائين جيان اخبارن ۾ اسان کي ڪي به ٻڌايو نٿو وڃي. اسان کي ته اوڀر پاڪستان تي هندستان جي حملي جي خبر به ڪين هئي. اها خبر ان وقت پئي جڏهن ڪنهن ماڻهو اسان جو دروازو کڙڪائي رڙ ڪئي ته ”جنگ شروع ٿي وئي آهي!“ جنگ شروع ٿي وئي آهي!“هاڻي ستين وڳي وارين خبرن ۾ ٻُڌايو ويو هو، ته اسان جي فتح پئي ٿي، پر بي بي سيءَ نشريات ۾ چيو ويو، ته اسان کي ڇيهاٽيو پيو وڃي. بي بي سي ته انهن ڏڪائيندڙ ڏوهن جون خبرون پڻ نشر ڪيون آهن، جيڪي اوڀر پاڪستان ۾ فوجَ ڪيا آهن. انهن بابت تو ڪجهه ٻڌو؟

”ڪراچيءَ ۾ تنهنجو تيرهن ورهين جو ڀاءُ شاهنواز ڏاڍو جوش ۾ آهي. هن شهري دفاع جي تنظيم ۾ حصو ورتو آهي ۽ روز رات جو موٽر سائيڪل تي چڙهي پاڙي ۾ وڃي، سيني کي چوي ٿو ته بتيون وسائي ڇڏيو. باقي اسين سڀئي ڏاڍا ڊنل آهيون. هڪڙي حملي وقت آئون تنهنجي گهر ۾ صنم وٽ هيس، جتي تنهنجي ماءُ اسان کي هيٺ ڪاڏي واري ڪمري ۾ وني وئي، جنهن ۾ دريون ڪونهن. گهر ۾ آئون پنهنجي ماءُ سان گڏ سمهان ٿي. اسين ٻئي ڏاڍو پريشان آهيون. اسان جي گهر پريان جيڪا گهٽي آهي، اتي ٿي بم ڪريا آهن، پر خوشقسمتيءَ سان اهي ڪونه ڦاٽا. اسان جي باغ ۾ هر طرف شيشن جا ٽڪرا پکڙيا پيا آهن.

”هندستان جا جهاز ايترو ته هيٺ اُڏامن ٿا، جو درين مان سندن پائليٽ ڏسي سگهجن ٿا! پر اسان جي هوائي فوج جو ڪوبه جهاز انهن تي حملو نٿو ڪري، ٿي راتيون اڳ ڌڪاءُ ايڏا زوردار ٿيا هئا، جو مون سمجهيو ته هنن اسان جي پاڙيسريءَ جي گهر تي بم هنيو

آهي. آئون گهر جي ڇت تي چڙهي ويس ته ڏٺم ته سڄو آسمان ڳاڙهو ٿيو پيو آهي. ٻئي صبح جو خبر پئي ته ڪراچي بندر ۾ تيل جي ٽانڪين کي ميزائيل هنيا ويا هئا. اتي اجا تائين باهه لڳي پئي آهي. اسين اوسيٽڙي ۾ آهيون، ته ڪڏهن ٿا آمريڪي مدد ڪن.“ آمريڪا مان فوجي امداد ڪڏهن به نه پهتي. پاڪستان جو جيتوڻيڪ آمريڪا سان دفاعي ناهه ٿيل هو، پر ڪنهن غلطيءَ سبب اهڙو انتظام ٿي نه سگهيو. آمريڪي اسان کي سندن دشمنن، سوويت يونين جي حملي کان بچائڻ لاءِ تيار هئا، پر پاڪستان جو حقيقي خطرو ته سدائين هندستان رهيو هو. هاڻي به روسين خلاف افغان باغين کي جيڪا امداد ڏني وڃي ٿي، تنهن جو وڏو حصو پاڪستاني فوج جي اسلحي خاني ۾ وڃي ٿو، ته جيئن هندستان جو سخت مقابلو ڪري سگهجي.

1971ع جي گهوٽالي ۾ صدر نڪسن ڄاڻي ٻجهي فوجي مداخلت کان پاسو ڪندي، سفارتي ڪوشش جي پُٺڀرائي ڪئي ۽ اهڙو حڪم ڪيو، جنهن کي پاڪستان جي پُٺڀرائي سمجهيو ويو. 4 ڊسمبر تي، تيرهن ڏينهن جي جنگ جي ٻئي ڏينهن تي آمريڪا جي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ اڳرائين جو سمورو الزام هندستان تي هنيو. 5 ڊسمبر تي گڏيل قومن جي اداري جي سلامتي ڪائونسل ۾ جنگ بنديءَ جي قرارداد آڻڻ جو ان ذمو کنيو. 6 ڊسمبر تي نڪسن انتظاميا هندستان لاءِ واعدو ڪيل پنجاسي ملين ڊالرن جي ترقياتي قرض روڪي ڇڏيو. پر انهن حرفتن مان ڪوبه ڪڙتيل ڪونه نڪتو. اسان جو آخري مضبوط قلعو ڍاڪا هٿن مان وڃڻ تي هو. هندستاني فوجون سرحد اڪري اولهه پاڪستان ۾ داخل ٿي ويون هيون. جنگ جي ميدان ۾ هارائيندي ۽ ملڪ کي هٿان نڪرندي ڏسي، يحيٰ خان پاڪستان جي اهڙي چونڊيل اڳواڻ کي مدد لاءِ سڏ ڪيو، جنهن وٽ پاڪستان کي بچائڻ لاءِ اختيار ۽ اعتماد هو: اهو هو بابا.

”آئون گڏيل قومن جي اداري ۾ اچان پيو. تون مون سان 9 ڊسمبر تي پيري هوٽل نيويارڪ ۾ مل. ”بابا وٽان مون لاءِ نياپي ۾ لکيل هو. ”ڇا تون سمجهين ٿي ته گڏيل قومن جي اداري ۾ پاڪستان کي ڌيان سان ٻڌو ويندو؟“ آئون جڏهن بابا سان نيويارڪ ۾ مليس، ته هن مون کان پڇيو.

”ضرور بابا.“ مون ارڙهين ورهين جي ڄمار واري يقين سان وراڻيو. ”اُن کان ڪوبه انڪار نٿو ڪري سگهي، ته هندستان عالمي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي، هڪ ٻئي ملڪ تي حملو ڪري، مٿس قبضو ڪيو آهي.“

”ڇا تون اُهو به سمجهين ٿي ته سلامتي ڪائونسل هندستان جي نِندا ڪندي ۽ مٿس زور رکندي ته پنهنجيون فوجون ڪڍي وڃي؟“

”اهي ڇو نه ڪندا؟“ مون اُمالڪ جواب ڏنو.“ امن آڻيندڙ عالمي اداري طور اها سندن اختيار جي ڀڃڪڙي ٿيندي ته اهي ڪوبه قدم نه کڻن، جڏهن ته هزارين ماڻهو قتل پيا ٿين ۽ هڪ ملڪ ٽڪرا ٽڪرا پيو ٿئي.“

”تون عالمي قانون جي سٺي شاگرد تہ ٿي سگهين ٿي پِنڪي، پر آئون هارورڊ ۾ پڙهندڙن شاگردياڻيءَ سان اتفاق نٿو ڪريان.“ هن نرميءَ سان چيو. ”توکي اقتداري سياست جي ڪابہ ڄاڻ ڪانهي.“ گڏيل پاڪستان کي بچائڻ لاءِ بابا ڇئن ڏينهن تائين جيڪي اجايون ڪوششون ڪيون هيون، تن جا اولڙا اجا تائين منهنجي ذهن ۾ سمايل آهن.
سلامتي ڪائونسل ۾ هن جي پنيان ٽين قطار ۾ آئون ويٺي آهيان. جنرل اسيمبليءَ ۾ 104 ملڪن ۽ آمريڪا ۽ چين بہ ووٽ ڏئي هندستان جي نِندا ڪئي آهي. پر روس طرفان ويٽو جي ڌمڪيءَ سبب سلامتي ڪائونسل جا پنج مستقل رُڪن جنگبنديءَ تي بہ اتفاق نٿا ڪري سگهن. هندستان – پاڪستان جي گهوٽالي تي ستن گڏجاڻين ۽ ڪيئي قراردادن جوڙڻ کان پوءِ بہ سلامتي ڪائونسل هڪ قرارداد بہ منظور نہ ڪئي. بابا مونکي ٽين دنيا جي ملڪن بابت وڏين طاقن جي حرفتن بابت جيڪي بہ سيکاريو، سي سيئي ڳالهيون ان هڪڙي ڪمري ۾ ٿين پيون. وڏين طاقتن جي خودغرضيءَ اڳيان پاڪستان بيوس آهي.
”11 ڊسمبر 40-5. اسان جي فوج وڏي دليريءَ سان پئي وڙهي. پر هوائي ۽ سامونڊي فوج جي امداد کانسواءِ ۽ تناسب 6:1 آهي. ڪالهہ کان وٺي اها فوج رُڳو 36 ڪلاڪ وڙهي سگهي ٿي.“ آئون هوٽل پيري جي ڪاغذ تي پنهنجا لکيل نوٽ پڙهان ٿي. ٻئي ڏينهن منهنجا لکيل نوٽ بربادي ۽ تباهيءَ جو آئينو آهن. ”6:30 صبح جو سفير شاهنواز فون تي ٻڌائي ٿو، تہ صورتحال تمام خراب آهي. ان جو جواب اهو ئي آهي تہ آمريڪا کي چين لاچار ڪري تہ روس کي ٻنجو ڏي، تہ ان ڦڏي ۾ مداخلت نہ ڪري. بابا اسلام آباد تار موڪلي چوي ٿو، تہ ڇٽيهن ڪلاڪن تائين نہ بلڪ ٻاهتر ڪلاڪن تائين جنگ جاري رکو. جنرل نيازي (اوڀر پاڪستان ۾ اسان جي فوج جو ڪمانڊر) چوي ٿو تہ آئون آخري سپاهيءَ تائين وڙهندس.“
12 ڊسمبر تي بابا سلامتي ڪائونسل کي جنگبنديءَ، پاڪستاني ڌرتيءَ تان هندستاني فوجن جي واپسي، گڏيل قومن جي اداري جو فوجن جي قيام ۽ ٻيون اهڙيون تجويزون واپرائڻ لاءِ چوي ٿو، تہ جيئن اوڀر پاڪستان ۾ ڪابہ انتقامي ڪارروائي ٿي نہ سگهي. پر هن جي دليل بازيءَ جو ڪنهن تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿو ٿئي. اُٽلندو مونکي بي اعتماديءَ سان ڪلاڪ ڪن ڊگهو بحث ٻڌڻو پوي ٿو، تہ سلامتي ڪائونسل پنهنجي ايندڙ گڏجاڻي ٻئي ڏينهن صبح جو ساڍي نائين بجي ڪري يا آرام سان يارهين بجي ڌاري ڪري. انهي وچ ۾ جيئن اسان کي خبر آهي. پاڪستان ٽُٽي پيو.
”هاڻي اسين يحيىٰ کي چئون تہ اولهہ جو محاذ کولي.“ اسان جي هوٽل جي ڪمري ۾ بابا پاڪستاني وفد کي چوي ٿو. ”اولهہ مان اڳرائيءَ وارو حملو، اوڀر پاڪستان تي هندستاني فوجن جي زور کي ٿوڙي ڇڏيندو. ٻيءَ صورت ۾ سڄي پاڪستان ٽُٽڻ جو گهڻو خطرو آهي. آئون يحيىٰ سان بابا جي ڳالهہ ٻولهہ لاءِ پاڪستان ۾ فون ڪريان ٿي،

پر يحييٰ جو مليٽري سيڪريٽري ٻڌائي ٿو، تہ صدر ستو پيو آهي ۽ هن کي اُٿاري نہ ٿو سگهجي. بابا فون مون کان ڦُري ونئي ٿو. ”ملڪ ۾ جنگ لڳي پئي آهي! صدر کي اٿار!“ هو رڙ ڪري چوي ٿو. ”هن کي الهندو محاذ هڪدم کولڻ گهرجي. اسان کي اوڀر ۾ زور ٿوڙٿو آهي.“

هڪ مغربي صحافي لکي ٿو، تہ اوڀر پاڪستان ۾ جنرل نيازي هندستاني فوجن اڳيان آڻ مڃي آهي. بابا فون تي پاڪستان ۾ يحييٰ جي مليٽري سيڪريٽريءَ کي رڙ ڪندي چوي ٿو، ڇو تہ اجا تائين يحييٰ ڪونہ ٿو ملي. ”جيڪڏهن مون وٽ سوديبازيءَ لاءِ ڪجھ بہ ڪونهي، تہ پوءِ پنهنجي حق ۾ فيصلي لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ڪري سگهندس.“

پيري هوٽل ۾ ٽيليفون جون گهنٽيون وڄنديون رهن ٿيون. هڪ ٻپهريءَ جو هڪ پاسي آمريڪي سيڪريٽري آف اسٽيٽس هينري ڪيسنجر جو فون اچي ٿو، تہ ٻئي پاسي ٻئي فون تي عوامي جمهوري ملڪ چين جي وفد جو اڳواڻ هئانگ هئا ڳالهائي ٿو. هينري ڪسينجر کي اها ڳڻتي آهي،تہ چين پاڪستان جي طرفداري ڪندي فوجي مداخلت ڪندو. بابا کي فڪر آهي تہ چيني اهو نہ ڪندا. جڏهن بابا يحييٰ کي آخري لاچار طور بيجنگ وڃڻ لاءِ چوڻ جو منصوبو پئي ٺاهيو، تڏهن جيئن مون پڙهيو، هينري ڪسينجر نيويارڪ ۾ سي آءِ اي جي محفوظ گهرن ۾ چينين سان مزيدار گڏجاڻيون پئي ڪيون.

بابا جي ڪمري ۾ روسي وفد اچي ٿو ۽ وڃي ٿو. چيني اچن ٿا ۽ وڃن ٿا. ساڳيءَ ريت آمريڪا جو وفد جارج بش جي اڳواڻيءَ ۾ اچي ٿو. ”منهنجو پٽ بہ هارورڊ ۾ پڙهي ٿو. توکي ڪا گهُرج ٿئي تہ مونکي فون ڪجانءِ.“ سفير بُش پنهنجي نالي وارو ڪارڊ مونکي ڏيندي چوي ٿو. انهن سيني موقعن تي آئون سمهڻ واري ڪمري ۾ فون پرسان ويٺي سچا نياپا نوٽ ڪريان ۽ کُوڙن کي ڇڏي ڏيان ٿي.

”گڏجاڻين هلندي تون مون سان ڳالهاءِ.“ بابا مونکي چوي ٿو. ”جيڪڏهن روسي اچن، تہ مونکي ٻڌاءِ تہ چيني آيا آهن. جيڪڏهن آمريڪي اچن تہ ٻڌاءِ تہ فون تي روسي آهن يا هندستاني آهن ۽ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌاءِ تہ هتي ڪير موجود آهي. شڪ اُپارڻ حڪمت عمليءَ جو بنيادي سبق آهي؛ پنهنجا سيئي ارادا ڪڏهن بہ ظاهر نہ ڪجن.“ آئون هن جي هدايتن تي عمل ڪريان ٿي پر هن جو سبق وساري ڇڏيان ٿي. آئون سدائين پنهنجا ارادا ظاهر ڪريو ڇڏيان.

پوءِ بہ نيويارڪ ۾ سفارش چالبازيون هڪدم رڪجي وڃن ٿيون. يحييٰ الهندو محاذ ڪونہ ٿو کولي. فوجي حڪومت اڳواٽ ئي نفسياتي طرح اوڀر پاڪستان کي هٿن مان نڪرڻ قبوليو آهي ۽ مايوس ٿيل آهي. فوجي حمايت جو بيان ڏيڻ کان پوءِ بہ چيني مداخلت ڪونہ ٿا ڪن. ۽ وقت کان اڳ اسان جي آڻ مڃڻ جي افواھ سخت نقصان رسايو آهي. اُن غلطيءَ جي درستگيءَ ڪانپوءِ بہ، هندستانين کي هاٿي ڄاڻ آهي، تہ اوڀر

پاڪستان ۾ اسان جا فوجي ڪمانڊر جنگ ختم ڪرڻ گهرن ٿا. سلامتي ڪائونسل جا مستقل ارڪان به اهوئي سمجهن ٿا. ڍاڪا تي قبضو ٿيڻ وارو آهي.
15 ڊسمبر تي سلامتي ڪائونسل ۾ آئون بابا پنيان پنهنجي مقرر ڪيل ڪرسيءَ تي ويهان ٿي، ته ڪائونسل جي رُڪنن طرفان ڪجهه به نه ڪرڻ سبب، هُن جي صبر جو پئمانو پرجي اچي ٿو. ”غير جانبدار جانور جو ڪو وجود ئي ڪونهي. اوهين پنهنجن مفادن جي طرفداري ڪريو ٿا.“ هن خاص ڪري برطانيا ۽ فرانس جي عيوضين ڏانهن آڱر سان اشارو ڪندي چيو، جيڪي ننڌي ڪنڌ ۾ پنهنجن فائدن سبب ووٽ ڏيڻ وقت غائب هئا. ”اوهان کي حق جو پاسو وٺڻو آهي يا وري ناحق جو. اوهان کي ظالم جي طرفداري ڪرڻي آهي يا وري مظلوم جي. غير جانبداريءَ جو ڪو سوال ئي ڪونه ٿو اٿي.“
جيئن اهي جوشيلا لفظ ڪمري ۾ ٻُرن ٿا ته، آئون لاپرواهيءَ بدران راضپي جو سبق سِکان ٿي. وڏيون طاقتون پاڪستان خلاف پاڻ ۾ متحد ٿي ويون آهن. ڏاهپ اُن ۾ آهي، ته راضپي جي راهه ورتي وڃي. پر وڏين طاقتن جي حق ۾ هٿُ کڻڻ جو مطلب اهو آهي، ته سندس عمل جي پنيرائي ڪجي. ”اوهان ڪهڙو به فيصلو ڪريو، ورسليز جي ناهه کان به بدتر ناهه ڪريو، ظلم کي جائز ڪونيو، قبضي کي جائز چئو، ان هر شيءَ کي جائز ڪونيو جيڪا 15 ڊسمبر 1971ع تائين ناجائز هئي، پر آئون ان ۾ ڌُر نه ٿيندس.“ بابا گجگوڙ ڪندي چوي ٿو. ”... اوهان پنهنجي سلامتي ڪائونسل پاڻ وٽ رکو. آئون وڃان ٿو.“ ائين چئي ٿو اُٿي کڙو ٿئي ٿو ۽ وڏيون ٻرانگهون ڀريندو ڪمري مان ٻاهر نڪري وڃي ٿو. چؤڌاري خاموشي پکڙجي وڃي ٿي ۽ آئون تکڙ تکڙ ۾ پنهنجا ڪاغذ ميڙي، پاڪستاني ميمبرن جي ٻين ميمبرن سان گڏ سندس پنيان وڃان ٿي.
بابا سلامتي ڪائونسل ۾ جيڪي ڳالهايو. تنهن کي ’واشنگٽن پوسٽ‘ اخبار ”جيئرو جاڳندو تماشو“ لکيو. پر اسان لاءِ اهو حقيقي مونجهارو هو،جنهن جو اثر اسان جي ملڪ تي پوندو، جنهن کي جيڪڏهن پاڪستان جي نالي سان سڏيو وڃي. ”اسين ڪٽي ڍاڪا ۾ فوج ذريعي پيش پئون، پر سياسي شڪست ۾ ڪڏهن به اسان کي ڌر نه ٿيڻ گهرجي.“ هن پوءِ مونکي اُن وقت ٻڌايو جڏهن اسين نيويارڪ جي گهٽين ۾ پئي گهمياسون. ”مون اجلاس مان اٿي اچڻ مان اهو ڏيکارڻ ٿي گهريو، ته جيتوڻيڪ جسماني طور اسان کي چيپاٽي سگهجي ٿو، پر اسان جي قومي ارادي ۽ فخر کي نٽو جهُڪائي سگهجي.“
اسين ڪيترو ئي وقت پئي هلياسين ۽ بابا پاڪستان لاءِ ايندڙ تباهيءَ وارن خطرن کي سمجهندي ڏاڍو پريشان پئي ٿيو.
”جيڪڏهن ڪو سياسي فيصلو ٿئي ها ۽ گڏيل قومن جي اداري جي نظرداريءَ هيٺ سياسي ريفرينڊم ٿئي ها، ته اوپر پاڪستان جو عوام، پاڪستان يا ڌار ملڪ بنگلاديش

۾ رھڻ لاءِ پنھنجو ووٽ ڏيئي سگھي ھا. ھاڻي پاڪستان کي ھندستان کان ھارائڻ جي خواريءَ کي منھن ڏيڻو پوندو. ان کي خوفناڪ قيمت چُڪائڻي پوندي.“
ٻئي ڏينھن صبح جو بابا پاڪستان واپس موٽڻ جو سفر شروع ڪري ٿو. آئون ڪيمبرج موٽي ويس. ۽ ڍاڪا تي قبضو ٿي ويو.
اوپر پاڪستان جي وڃڻ سبب پاڪستان کي ڪيترن ئي سطحن تي سخت نقصان سَھڻا پيا ھئا. اسان جو ساڳيو مذھب اسلام، جنھن لاءِ سدائين اسان جو عقيدو ھو، تہ اھو ھندستان جي ھڪ ھزار ميلن ڪان، جيڪي اوپر ۽ اولھہ پاڪستان کي جدا ڪن ٿا، مٿانھون آھي. اھو پڻ اسان کي گڏ رکي نہ سگھيو. ھڪ ملڪ طور اسان جي جياپي جو عقيدو ڪونہ رھيو ھو. اولھہ پاڪستان جي چئن صوبن جا ٻنڌڻ ڇڪجي ڌري گھٽ ٿنڻ وارا ھئا. پر ھندستان کان حقيقي مات ملڻ کان پوءِ بہ اسان جو حوصلو ڪڏھن بہ ڪونہ گھٽيو ھو.
ٽيليويزن ڪئميرائون جيئن ھلڻ شروع ٿيون، تہ ڍاڪا جي ريس ڪورس ميدان تي جنرل نيازي پنھنجي ھندستاني ھم منصب جنرل اروڙا پرسان ويو. مونکي پنھنجين اکين تي ويساھ ئي نہ پئي آيو، جڏھن مون ڏٺو تہ جنرل نيازيءَ ڍاڪا جي فاتح اڳيان تلوار رکي. (اھي ٻئي سينڌھر سٽ ۾ گڏ رھيا ھئا) ۽ ھن کي ڀاڪر پاتو! جرمن نازين بہ اھڙي شرمناڪ نموني ۾ آڻ ڪونہ مڃي ھئي. ھڪ ھارايل فوج جي ڪمانڊر ھجڻ طور جيڪڏھن پاڻ کي گولي ھڻي ماري ھا، تہ سندس وڏي عزت ٿئي ھا.
جڏھن بابا اسلام آباد پھتو، تہ سڄي شھر ۾ باھہ پئي ٻري. ڪاوڙيل ماڻھن شراب جي انھن دڪانن کي بہ پئي ساڙيو، جتان يحييٰ خان ۽ حڪومت جي ٻين اھلڪارن ڏانھن شراب ويندو ھو. حڪومت جي اُن دعويٰ کان تہ ’سندن فتح پئي ٿئي‘ ڪيترائي ھفتا پوءِ ٽيليويزن تي پاڪستان جي ھندستان اڳيان شڪست کي ڏسڻ سان، عوام جا انبوھ ڪراچي ۾ ٽيليويزن اسٽيشن کي ساڙڻ لاءِ وڃي گڏ ٿيا ھئا. ھندستاني اخبارن ۾ فسادي ايڊيٽوريل ڇپجڻ سبب پاڪستان جي ويتر تباھيءَ جو خوف پيدا ٿي ويو ھو، جن ۾ دعويٰ ڪيل ھئي، تہ اسان جو پاڪستان ”جُڙتو ملڪ آھي، جنھن کي ھرگز وجود ۾ اچڻ نہ کپندو ھو.“
ڍاڪا جي زوال جي چئن ڏينھن کان پوءِ 20 ڊسمبر 1971ع تي زبردست عوامي احتجاج کان مجبور ٿي، يحييٰ حڪومت تان لٿو ۽ پاڪستان ۾ پارليامينٽ جي اڪثريتي پارٽيءَ جو اڳواڻ بابا ملڪ جو نئون صدر ٿيو. افسوس اھو تہ آئين نہ ھجڻ سبب ھن کي تاريخ ۾ پھريون ڀيرو فوجي حڪومت جي اڳواڻ طور قسم کڻڻو پيو ھو.
ھارورڊ ۾ ھاڻي آئون پاڪستان واري ڀِنڪي ڪين سڏبي ھيس، پر ڀِنڪي ڀٽو، پاڪستان جي صدر جي ڌيءَ، بابا جي لياقتن تي پنھنجي فخر ۽ پنھنجي شڪست ۽ پاڪستان جي چُڪايل قيمت وچ ۾ مون ناھہ ڪيو ھو. ٻن ھفتن واريءَ جنگ ۾ اسان

جي هوائي فوج جو چوٿون حصو تباھ ڪيو ويو هو. اسان جي اڌ سامونڊي فوج غرق ٿي وئي هئي. اسان جو خزانو خالي هو. نہ رڳو اوپر پاڪستان هٿان نڪري ويو هو، پر هندستاني فوج اولھ پاڪستان ۾ اسان جي پنج هزار چورس ميل علائقي تي قبضو ڪيو هو ۽ اسان جي ٽيانوي هزار جوانن کي جنگي قيدي ڪيو هو. ڪيترن ئي اڳڪٿي ڪئي هئي، تہ پاڪستان سلامت نہ رهي سگھندو. 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ محمد علي جناح جنھن گڏيل پاڪستان جو بنياد رکيو هو، اهو بنگلاديش ٺهڻ سان ختم ٿي ويو.

شملا، 28 جون 1972ع: بابا پاڪستان جي صدر ۽ هندستان جي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ وچ ۾ سربراهي گڏجاڻي. اُن گڏجاڻي جي نتيجي تي سڄي نندي کنڊ جي آئيندي جو آڌار هو. بابا جي وري اها مرضي هئي، تہ ان گڏجاڻي ۾ آئون بہ ساڻس گڏ هجان. ”نتيجو ڪٿي ڪھڙو بہ نڪري، پر پاڪستان جي تاريخ تي ان جا خاص اثر پوندا.“ آئون جڏهن هارورڊ مان آرهڙ جي موڪلن ۾ آيس، تہ هڪ هفتو پوءِ هن مونکي چيو. ”منھنجي مرضي آهي تہ تون پاڻ بہ اتي هج.“

ڇھ مهينا اڳ گڏيل قومن جي اداري ۾ ماحول ۾ جيڪا ڇڪتاڻ هئي، سا شملا ۾ چوٽ تي چڙهيل هئي. بابا، اندرا گانڌيءَ سان ڳالهين لاءِ خالي هٿين پئي هليو. سوديبازيءَ جا سيئي پتا هندستان جي هٿ ۾ هئا. اسان جا جنگي قيدي، مٿن مقدمي هلائڻ جي ڌمڪي ۽ اسان جي علائقي جا پنج هزار چورس ميل. صدر جي هوائي جهاز ۾ جيڪو هندستان رياست چندي ڳڙھ ڏانھن پئي اڏاڻو، بابا ۽ پاڪستاني وفد جا خاص ارڪان ڏاڍا گنڀير هئا. ڇا شملا ۾ اسان جي ٻنھي ملڪن وچ ۾ اها ڇڪتاڻ گھٽجي ويندي؟ ڇا اسين هندستان سان امن جو ناھ ڪري سگھنداسين؟ يا اسان جو ملڪ تباھ ٿيندو؟

”هر مُلڪ اهو چاهڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اسان جون گڏجاڻيون ڪيئن پيون اڳتي وڌن، تنھنڪري گھٽي خبرداريءَ جي گھُرج آهي.“ بابا مونکي جهاز ۾ هدايت ڪئي. ”تون پنھنجي مُنھن تي مُرڪ نہ آڻجانءِ ۽ اهو تاثر نہ ڏجانءِ تہ تون ڪو خوش آهين، ڇو تہ اسان جا سپاهي اڃا تائين هندستان جي ڪئمپن ۾ جنگي قيدي آهن. تون هرگز گنڀير بہ ڏسڻ ۾ نہ اچجانءِ، ڇو تہ ماڻھو اُن کي مايوسيءَ جو اُهڃاڻ سمجھندا. تون ڪوبہ اهڙو ڏيکاءُ نہ ڏجانءِ، جو ڪنھن کي ڇوڻو پوي تہ ’هن جو مُنھن تہ ڏسو، گڏجاڻين ۾ ڪابہ سوڀُ نہ ٿي آهي. پاڪستاني پنھنجا حوصلا هارائي وينا آهن. هنن جي ڪاميابيءَ جو ڪوبہ اهڃاڻ نہ ٿو ڏسجي ۽ لڳي ٿو تہ اهي پاڻ ئي رعايتن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا!“

”تہ پوءِ آئون ڪھڙو ڏيکاءُ ڏيان؟“ آئون ڪانئس پُڇان ٿي.

”مون توکي چيو تہ، مايوس نظر نہ اچجانءِ ۽ نہ ئي خوش.“ بابا وراڻيو.

”اهو تہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.“

”بلڪل ڏکيو ڪم ڪونهي.“

اُن موقعي لاءِ سندس اهو چوڻ درست نہ هو، تنهن وقت مُنهن مان اهڙو غير جانبدار تاثر ڏيکارڻ ڏاڍو ڏکيو هو جڏهن اسين چندي ڳڙهہ ۾ جهاز مان لهي ان هيلي ڪاپٽر ۾ ويناسون، جيڪو هماليا جبل جي هيٺين ٽڪرين ۾ شملا ڏانهن اڏاڻو، جيڪو انگريزن جي ڏينهن ۾ اونهاري ۾ گاديءَ وارو شهر هوندو هو. جڏهن اسان جو هيلي ڪاپٽر اتي فٽ بال جي ميدان تي لٿو ۽ ٽيليويزن ڪئميرائن جي اڳيان مسز اندرا گانڌي پاڻ اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو هو. هوءَ ڪيتري نہ ننڍڙي هئي قد جي. مون جيڪي هن جا ڪيترائي فوٽا ڏٺا هئا، انهن ۾ هوءَ جيڏي ڏٺي تي ان کان بہ ننڍڙي ۽ ڪيڏي نہ نفيس ان برساتي ڪوٽ ۾ بہ، جيڪو هن مِينهن کان بچڻ لاءِ پنهنجي ساڙيءَ مٿان پاتو هو. ”السلام عليڪم“ مون هن کي پنهنجي اسلامي طريقي تي ڪيڪاريو ”نمستي.“ هن مُرڪندي چيو. مون هن کي اُن جو اڌ مُرڪ ڀريل جواب ڏنو.

ايندڙ پنج ڏينهن بابا ۽ پاڪستاني وفد جي ٻين ميمبرن لاءِ ڏاڍا جذباتي ڏينهن هئا. ”ڳالهيون نيڪ ناڪ پيون ٿين.“ هڪ ميمبر پهرئين ڳڌجاڻيءَ جي اڌ ۾ ٻڌايو. ”ڳالهيون نيڪ نہ ٿيون.“ ٻئي ميمبر اُن ڏينهن شام جو ٻڌايو. ٻئي ڏينهن صورتحال وڌيڪ مونجهاري واري هئي. مسز گانڌيءَ جي اهم حيثيت هجڻ سبب هن هڪ يڪي فيصلي تي زور پئي ڏنو، جنهن ۾ ڪشمير جي تڪراري رياست تي هندستان جي دعويٰ بہ شامل هئي. پاڪستاني وفد جي مرضي هئي تہ علائقي، فوجي قيدين ۽ ڪشمير جي جهيڙي جهڙن مسئلن تي جدا جدا ڳالهيون ڪجن. ڪنهن بہ زور زبردستيءَ سبب پاڪستان جي نرمي خود پاڪستاني عوام کي نامنظور ٿيندي ۽ هڪ نئين جنگ جا امڪان پيدا ٿي پوندا.

پر جڏهن انهن ڳالهين ۾ ڪنهن بہ نقطي تي اتفاق نہ پئي ٿيو، تڏهن اُتي جي گهٽين ۾ هڪ عجيب منظر پئي ابريو. آئون جڏهن بہ هماچل ڀَون مان، جيڪو پنجاب جي گورنرن جي رهڻ جو اڳوڻو گهر هو ۽ جتي اسين رهيل هئاسين، ٻاهر ٽي نڪتيس تڏهن ماڻهو گهٽين ۾ مِڙي تي آيا ۽ مونکي گهورڻ ٿي لڳا. آئون جنهن پاسي کان بہ ٿي ويس، تہ ماڻهن جا انبوهہ خوشيءَ وچان آڌرڀاءُ ڪندا منهنجي پنيان ٿي آيا. پراڻن گهرن ۽ ڳوناڻن باغن وٽان لنگهندي، جيڪي ڪيئي سال اڳ پنهنجي وطن کان پري انگريزن اتي پوکيا هئا، گڏين جي ميوزيم، دستڪاريءَ جي مرڪز، دٻن ۾ ميوا بند ڪرڻ جي ڪارخانن ۾ ويندي ۽ هڪ عيسائي مرڪز ۾ ناچ جو پروگرام ڏسندي، جتي آئون پنهنجي مريءَ جي اسڪول جي ڪيترين ئي استاد ماسترياڻين سان مليس. جڏهن آئون مال روڊ تان لنگهيس، جتي انگريز حڪومت جا بالا عملدار پنهنجين زالن سان سير ڪندا هئا، تڏهن اتي ماڻهن جو ميڙ ايترو تہ وڏي ويو، جو رستو بند ٿي ويو. ان سبب مونکي ڏاڍي بيچيني ٿي. مون ڇا ڪيو هو جو مون ڏانهن ايترن ماڻهن ٿي ڏٺو؟

مون وٽ خطن ۽ تارن جا ڍير لڳي ويا، جن ۾ هندستان ۾ اچڻ لاءِ مونکي واڌايون ڏنل هيون. هڪڙي خط ۾ اها تجويز به ڏنل هئي، ته بابا مونکي هندستان جو سفير مقرر ڪري! صحافي ۽ ليکڪ مون کان انٽرويو وٺڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳا ۽ مونکي هندستاني ريڊيو تان تقرير جي دعوت ڏني وئي. مونکي ڇڙ ان وقت لڳي جڏهن ڏٺم ته منهنجي لباس جو اتي فيشن ٿي ويو، ڇو ته اهو نه رڳو سميعا جي ڀيڻ کان اڌارو ورتل هو ۽ منهنجن ڪپڙن ۾ رڳو قميصون، جينز ۽ سوويٽ شرٽس هيون، پر ڇو ته آئون لباس کي غير متعلق سمجهندي هيس. منهنجو خيال هوندو هو ته، آئون هارورڊ جي پڙهيل روشن ضمير فرد آهيان، جنهن جي ذهن ۾ جنگ ۽ امن جا گنڀير سوال پريل آهن. پر اخبار وارا ضد ڪري منهنجي لباس بابت هر هر سوال پڇڻ لڳا. ”فيشن دولتمند ۽ شوقينن جي وندر جو ذريعو هجي ٿو.“ مون نيٺ هڪ انٽرويو وٺندڙ کي ڪاوڙ ۾ چيو. پر ٻئي ڏينهن جيڪا خبر ڇپي، تنهن فيشن جي نئين راهه روشن ڪري ڇڏي.

بابا ۽ پاڪستاني وفد جي ٻين ميمبرن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي، ته نيٺ مون ڏانهن ايترو ڌيان ڇو پئي ڏنو ويو. ”هتي جيڪي ڳنڀير معاملا ويچار هيٺ آهن، تنهنجي سبب سندن اوڏانهن ڌيان هٽي ويو آهي.“ بابا هڪڙي ڏينهن صبح جو اخبارن جي پهرين صفحي تي منهنجيون تصويرون ڏسي، جن ۾ مون ماڻهن جي ميڙن کي هٿ لوڏي پئي ڪيڪاريو، مونکي چيو. ”توري خبرداري ڪر.“ هن مونکي چيو. ”تون مسوليني جهڙي لڳين ٿي.“

هن جي اها ڌيان هٽائڻ واريءَ ڳالهه شايد صحيح هئي. ڳالهيون سخت رازداريءَ ۾ پئي ٿيون، جنهن ڪري شملا ۾ سڄي دنيا مان آيل صحافين اڳيان مون ڪانسواءِ ٻي ڪا خبر ئي ڪين هئي، جنهن تي اهي پنهنجو ڌيان ڏين ها. پر منهنجو جيڪو تمام گهڻو آڌرڀاءُ ڪيو ويو هو، ان جو هڪ ٻيو به سبب هو.

آئون نئين نسل جي اُهڃاڻ هيس. آئون ڪڏهن به هندستاني نه هيس. منهنجو جنم ته آزاد پاڪستان ۾ ٿيو هو. مون وٽ اهي مونجهارا ۽ بدگمانيون ڪين هيون، جن سبب ورهاڱي جي اوچتي خوني صدمي هندستانين ۽ پاڪستانين کي هڪ ٻئي کان ڇني ڌار ڪيو هو. شايد ماڻهن اها اميد پئي ڪئي، ته نئون نسل اُن دشمنيءَ کان پاسو ڪندو، جنهن سبب ٽي جنگيون لڳيون هيون ۽ پنهنجي وڏن جي ڏکائتي ماضيءَ کي وساري دوستن وانگر گڏجي رهندو. شملا ۾ انهن رستن ۽ گهٽين مان لنگهندي، جتي منهنجي مرحبا ۽ ڪيڪار پئي ٿي، مون سوچيو پئي، ته ڇا اسان کي نفرت جون ديوارون ڊاهي جدا جدا رهڻو آهي يا اسان جي مرضي آهي، ته يورپ جي پاڙ ۾ وڙهندڙ ملڪن وانگر هڪ ٻئي سان نڀي وڃون؟

ان سوال جو جواب انگريزي راڄ جي عمارت جي انهن ڪمرن جي گهرائين ۾ لِڪل هو، جتي ڳالهين جي ڊگهن ۽ بيزار ڪندڙ ڪلاڪن جو ڪوبه نتيجو ڪونه ٿي نڪتو.

بابا ان اميد تي اتي وڏيڪ ترسڻ جو فيصلو ڪيو، تہ ڪونہ ڪو حل نڪري ايندو. پر هو مايوس هو. هندستانين تہ مورڳو ڪشمير جي سلسلي ۾ پاڪستان جي ان مطالبي کي بہ مڃڻ کان انڪار ڪيو، تہ ريفرينڊم ڪرائي ڪشميرين کي اجازت ڏجي. تہ اهي پاڻ ڪهڙي ملڪ ۾ رهڻ گهُرن ٿا. مسز گانڌي تہ هن کي ڏاڍي ڏکي پئي هئي. جيتوڻيڪ هو سنديس بابا وزيراعظم جواهر لال نهرو جووڏو مداح هو، پر بابا جو ويچار هو تہ مسز گانڌيءَ وٽ پنهنجي پيءُ جا اُهي آدرش ۽ مشاهدا ڪونهن، جن سبب هن ملڪ کي اهڙو ناهيو هو، جو ڪيس عالمي عزت ملي هئي.

مسز گانڌيءَ بابت مونکي ڪابہ خاطري نہ هئي. 30 جون تي هن اسان جي وفد کي رات جي مانيءَ جي جيڪا دعوت ڏني هئي، تنهن ۾ هوءَ مون ڏانهن ڏسندي رهي، جنهنڪري آئون بيچيني پائڻ لڳي هيس.مون هن جي سياسي زندگيءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو هو ۽ آئون سندس اورچائيءَ جي مداح هيس. 1966ع ۾ هن جي وزيراعظم ٿيڻ کان پوءِ ڪانگريس پارٽيءَ جي جهيڙاڪ ميمبرن سمجهيو هو، تہ هنن هڪ سياجهي، نهني ۽ اُهجاڻ طور اڳواڻ چونڊي آهي. اهي هن کي پرپٺ ”گونگي گُڏي“ سڏيندا هئا. پر هيءَ ريشم ۽ فولاد جي نهيل عورت هنن سيني کان گوءِ کٽي ويئي. پنهنجي بيچينيءَ کي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ مون هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هوءَ ڏاڍي ماٺ ۾ هئي. هوءَ هڪ سانت، نويڪلائي ۽ ڇڪتاڻ ۾ ويڙهيل هئي، جيڪا ان وقت ختم ٿي هئي جڏهن هن مُرڪيو هو. منهنجا حوصلا پڻ هڪ جاءِ تي ڪونہ هئا، ڇو تہ مون اها ساڙي پاتي هئي جيڪا مونکي امان اڌاري ڏني هئي. هن جيتوڻيڪ ان کي پائڻ لاءِ مونکي سني طرح سمجهايو هو، پر مونکي رکي رکي ڊپُ پئي ٿيو، تہ اها اوچتو کلي پوندي. ان وقت مونکي رڳو جرمنيءَ جي هڪ سپر مارڪيٽ ۾ چاچي ممتاز جي ساڙيءَ جي ڳالهہ ياد پئي آئي. هن جي ساڙيءَ جو دامن ڏاڪڻ ۾ اچي ڦڪجڻ لڳو هو،تہ ڪنهن اهو ڏسي بجليءَ واريءَ هلندڙ ڏاڪڻ بند ڪري ڇڏي. ان يادداشت بہ منهنجي ڪا مدد نہ ڪئي ۽ مسز گانڌي مون ڏانهن ڏسندي رهي.

شايد هن کي اهي سفارتي وفد ياد آيا هوندا، جن ۾ هوءَ پنهنجي پيءَ سان گڏ وئي هئي. مون پنهنجي پاڻ سوچيو. هوءَ مون ۾ هڪ ٻئي سياستدان جو ڌيءَ طور پاڻ کي تہ نہ پئي ڏسي. ڇا هوءَ پيءُ لاءِ ڌيءَ يا ڌيءَ لاءِ پيءَ جي پيار کي تہ ياد ڪين پئي ڪري؟ هوءَ ڪيتري نہ ننڍڙي ۽ ڪمزور هئي؟ سنديس مشهور بيرحمي ۽ سختي ڪٿان آئي هئي؟ هن پنهنجي پيءُ جي بہ پرواهہ نہ ڪندي هڪ پارسي سياستدان سان شادي ڪئي هئي، جنهن تي هو ڪاوڙيو هو. هنن جي شادي سوپاري نہ ٿي هئي ۽ ٻئي ڌار ڌر زندگي گذارڻ لڳا هئا. هينئر هن جو پيءُ ۽ سندس مڙس ٻئي هن جهان ۾ ڪونہ هئا. ڇا هوءَ اڪيلي هئي؟

مونکي ان تي به اچرج ٿيو، ته شملا ۾ پاڪستاني وفد جي موجودگيءَ سبب هن جي ذهن ۾ شايد ٻيون ڪيتريون ئي يادگيريون اڀري آيون هيون. ان شهر ۾ ئي محمد علي جناح ۽ لياقت علي خان سان هن جي پيءُ ملاقات ڪئي هئي ۽ هنن مسلمانن جي پاڪستان ۽ هندن جي هندستان جي سرحدن بابت فيصلو ڪيو هو. هاڻي وزيراعظم طور هوءَ پاڻ ان جدا مسلمان رياست جي وجود جي خاطري ڏئي پئي سگهي. يا هوءَ ان کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿي. هوءَ ڪهڙي راهه وٺندي؟ ان جو جواب ڇئن ڏينهن کانپوءِ آيو.

”سامان بند ڪر.“ 2 جولاءِ تي بابا مونکي چيو. ”سڀاڻي اسين گهر هلنداسين.“

”ناهه ڪانسواءِ؟“ مون پڇيو.

”ها، ناهه ڪانسواءِ.“ هن وراڻيو. ”آئون پاڪستان ۾ هندستان جو مڙهيل ناهه ڪٽي وڃڻ بدران خالي هٿين وڃڻ گهران ٿو. هندستان وارا سمجهن ٿا ته ناهه ڪانسواءِ آئون پنهنجي گهر وڃي نه سگهندس ۽ هنن جي مطالبن اڳيان جهُڪي پوندس. اهي جيئن ڪندا آئون به اهو ئي ڪندس. آئون پاڪستان ۾ اهڙي نااميديءَ کي مُنهن ڏئي ويندس، پر اهڙي ناهه کي نه قبوليندس، جنهن ۾ اسان جو ملڪ وڪامي وڃي.“

هماچل ڀَون ۾ ٽڪل ٽٽل وفد تي مايوسي پکڙجي وئي. رڳو ڪاغذن کي هڪ هنڌ سهيڙڻ جو آواز پئي ٻُڌم. هاڻي رڳو اهو ڪم رهيل هو، ته بابا کي مسز گانڌيءَ کان موڪلائڻ لاءِ وٽس ساڍي ڇئين وڳي وڃڻو هو ۽ رات جو مانيءَ جي دعوت هئي، جيڪا اسان جو وفد ان رات هندستاني وفد جي مانُ ۾ ڏيڻ وارو هو. پوءِ اسين اسلام آباد روانا ٿي وينداسين.

آئون پنهنجي سُمهڻ واري ڪمري جي فرش تي ويٺي هيس، ته اوچتو بابا دروازي مان نروار ٿيو.”ڪنهن کي به نه ٻڌاءِ.“ هن اکين ۾ هڪ نئون چمڪ آڻيندي چيو. ”آئون هن آخري گڏجاڻي ۾ هڪ ڀيرو وري مسز گانڌيءَ کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪندس. منهنجي ذهن ۾ هڪڙو خيال آهي. پر ان جا ڪي نتيجا نه نڪرن، ته دل نه لاهجانءِ“ ائين چئي هو روانو ٿي ويو.

آئون هر هر دريءَ تي وڃي ڏسڻ لڳس، ته هو ڪڏهن ٿو موٽي. اتان مونکي ڪوهيڙو ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو ٽڪرين تي ديال جي وڻن، ورن وڪڙن وارن جابلو رستن ۽ ڪاٺ جي گهرن کي وڪوڙيو بيٺو هو. شملا بلڪل مريءَ جهڙو آهي، پر سرحد جي ٻنهي طرفن جيڪي ماڻهو رهن ٿا، اهي هڪ ٻئي سان ملاقات به نٿا ڪري سگهن. اوچتو بابا واپس آيو.

”اُميد ٿي آهي.“ هن مُرڪندي چيو. ”ناهه ٿي ويندو. انشاءَ الله!“

”اهو ڪيئن ٿيو، بابا؟“ مون ڪانئس پڇيو. ڪمرن ۾ پکڙيل ويڳاڻپ جي جاءِ تي هاڻي وفد جي ميمبرن جا ٽهڪا ٻُرڻ لڳا.هنن هڪٻئي کي اُها خبر پئي ٻُڌائي.

”مون ڏٺو تہ اسان جي پهچڻ مهل هوءَ ڪنهن ڇڪتاڻ ۾ هئي.“ بابا مونکي ٻڌايو. ”نيٺ اها ناڪامي رڳو اسان لاءِ هيجاڪار تہ ناهي، پر پاڻُ هن لاءِ بہ آهي. اسان ٻنهي جا سياسي دشمن اِها ڳالهہ اسان خلاف ڪَتب آڻيندا. هن پنهنجي هٿنديئگ تي هٿ پئي ڦيريو ۽ اهڙو ڏيکاءُ پئي ڏنو، جڻ سنديس ڪوپ جي گرم چانهہ بيسوادي هجي. اهو ڏسي مون تڏو ساهہ کنيو ۽ ساڍس اڌ ڪلاڪ تائين لاڳيتو ڳالهائيندو رهيس.“

اسين ٻئي لوڪشاهي اڳواڻ آهيون ۽ پنهنجي عوام وٽان اختيار مليل آهن. بابا هن کي ٻڌايو. اسين هن خطي ۾ امن آڻي سگهون ٿا، جيڪو ملڪ جي ورهاڱي کانپوءِ هتي ڪونہ ٿو ڏسجي، يا اسين ناڪام تي پُراڻن گهاون تي لوڻ ٻُرڪينداسين. فوجي ڪاميابيون تاريخ جو حصو آهن، پر اها سياست آهي جنهن کي اُن ۾ دائمي حيثيت مليل آهي. سياست جو مقصد ئي اهو آهي تہ، مستقبل تي نظر رکي وجي ۽ وقت تي اهڙيون رعايتون ڏنيون وڃن جيڪي اڳتي هلي فائديمند ثابت ٿين. فاتح بيشڪ هندستان آهي ۽ نہ پاڪستان ۽ امن جي فائدي خاطر ان کي ئي رعايتون ڏيڻ گهرجن.

”ڇا هن اها ڳالهہ مڃي؟“ مون بابا کان اُتساهہ وچان پڇيو.

”هن ان کان انڪار نہ ڪيو.“ بابا سگار دکائيندي وراڻيو. ”هن چيو تہ آهي تہ آئون پنهنجن ذاتي صلاحڪارن سان مشورو ڪري اوهان کي رات جي مانيءَ تي جواب ڏيندس.“

ان دعوت ۾ جام تجويز ڪرڻ، تقريرن ڪرڻ ۽ خوش خير آفيت پُڇڻ وقت اسان سيني ڇا ڪيو. ان بابت آئون ڪڏهن بہ ڄاڻي نہ سگهنديس. ان ڀيري آئون ئي هيس جنهن مسز گانڌيءَ کي پئي ڇتايو، پر هن جي ڇهري مان آئون ڪي بہ پڙهي نہ سگهيس. ماني ڪائڻ کانپوءِ بابا ۽ مسز گانڌيءَ ڀر واري هڪ ننڍي ڪمري ۾ وجي وينا. جڏهن تہ وفدن جا باقي ارڪان اتي هڪ وڏي ڪمري بليرڊ روم ۾ بليرڊ ٽيبل جي چوڌاري ٿي وينا. هنن جڏهن بہ ڪنهن نقطي تي اتفاق ٿي ڪيو يا اتفاق نہ ٿي ڪيو، تہ وفد مان ڪوهڪ اهي ڪاغذ ننڍي ڪمري ۾ ٻن اڳواڻن جي منظوريءَ يا نامنظوري لاءِ ڪٽي ٿي ويو.

اهڙيءَ ريت ناهہ جو متن ڪَچو نهيو، پڪو نهيو، ان ۾ درستيون ۽ سُڌارا ٿيا، جن ۾ ڪلاڪ لڳي ويا. اتي ڏسندي ئي ڏسندي صحافين، ٽيليويزن وارن ۽ ٻنهي ملڪن جي عيوضين جو ميڙ ڪَٺو ٿي ويو. آئون هيٺ انهيءَ ميڙ ۾ ۽ مٿي پنهنجي ڪمري ۾ پئي آيس ۽ ويس. ”ڪو فيصلو ٿيو؟“ مون ڪڏهن ڪڏهن ڏاڪڻ تان ٿي پڇيو. ڇو تہ سرڪاري طرح ڪنهن پڌرائيءَ کان پهرين ڪوبہ اعلان ڪونہ ڪرڻو هو، تنهنڪري پاڪستاني وفد انهن ڳالهين جي ڄاڻ وٺڻ لاءِ ڪي ڳجها لفظ مقرر ڪيا. ”جيڪڏهن ناهہ ٿي ويو تہ چئبو تہ پُٽ ڄائو آهي، پر جيڪڏهن ناهہ نٿو ٿئي تہ، چونداسين تہ ڌيءَ ڄائي آهي.“ ڪيڏو نہ عجيب عقيدو آهي.“ مون راءِ ڏني، جيڪا ڪنهن بہ نہ ٻُڌي.

”جڏهن ناھ تي صحيحون ٿين، تڏهن تون اُتي ضرور موجود رهجانءِ.“ بابا ننڍي ڪمري ۾ وڃڻ کان اڳ مونکي چيو هو، ”اهو تاريخي موقعو هوندو.“ آئون مٿي پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ هيس، جڏهن رات جو 12-40 بجي ”پُٽ جائو آهي! پُٽ جائو آهي.“ جا لفظ سڄي گهر ۾ ٻُرڻ لڳا. آئون ڊوڙندي ڏاڪڻ تان هيٺ لٿيس، پر صحافين ۽ ٽيليويزن ڪئميرائن جي گوڙ ۽ پيھ پيهان ۾ آئون وقت تي ان ڪمري ۾ پهچي نہ سگهيس، جتي بابا ۽ مسز گانڌي ان ناھ تي صحيحون ڪيون هيون، جيڪو پوءِ ”شملا ناھ“ جي نالي سان مشهور ٿيو. پر اُن جو ڇا مطلب هو؟ ننڍي کنڊ ۾ هڪ ڊگهو ۽ جٽادار امن شروع ٿيو هو.
شملا ناھ سبب اسان کي پنج هزار چورس ميل علائقو موٽي مليو، جيڪو اسان کان هندستان گسيو هو. اُن سبب ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اچ وڃ ۽ واپار جي بحاليءَ جو بنياد پيو ۽ ڄمون ۽ ڪشمير جي تڪرار ۾ پاڪستان يا هندستان جي حيثيت تي ڪوبہ اثر نہ پيو. ان ناھ سبب جنگي قيدين کي جنگي مقدمي جي خواريءَ کان بچڻو پيو، جنهن جا بنگلاديش مان مجيب الرحمان دڙڪا پئي ڏنا ۽ هنن جي واپسيءَ جي راھ کلي وئي. پر ان سبب هنن جي تڪڙي واپسي ڪين ٿي هئي.
”مسز گانڌي جنگي قيدي ڇڏڻ يا وري علائقي کي موٽائي ڏيڻ قبوليو.“ بابا پوءِ مٿي آيو تہ هن مونکي ٻڌايو.“ توکي خبر آهي تہ مون علائقي جي واپسيءَ کي ڇو قبوليو؟“
”مونکي سچ تہ ڪابہ سُڌ ڪانهي، بابا.“ مون اچرج مان چيو. ”جيڪڏهن قيدي آزاد ٿين ها، تہ پاڪستان ۾ ماڻهن کي ڏاڍي سرهائي ٿئي ها.“
”اهي تہ آزاد ٿيندا.“ هن خاطري ڪرائيندي چيو. ”قيدي انساني مسئلو آهي ۽ ٿيانوي هزار قيدي هجڻ سبب اُن جي اهميت ويتر وڌي وڃي ٿي. هندستان جي اها بيرحمي ٿيندي جيڪڏهن انهن فوجين کي وڏي عرصي تائين پاڻ وٽ رکندو. ٻيو تہ هنن کي کارائڻ ۽ رهائڻ جو بہ هنن لاءِ وڏومسئلو پيدا ٿيندو. ٻئي پاسي علائقو انساني مسئلو ڪونهي. علائقو ملڪ ۾ ملائي سگهجي ٿو. قيدين کي ملڪ ۾ نٿو ملائي سگهجي. 1967ع ۾ عربن جيڪو علائقو وڃايو هو، اهو اڃا تائين واپس وٺڻ ۾ سوڀارا نہ ٿيا آهن. زمين جي قبضي تي دنيا جي قومن جو ڌيان ڇڪائڻ ممڪن ڪونهي پر قيدين جي مسئلي تي ممڪن آهي.“
قيدين کي ڇڏائڻ جي ناھ ڪانسواءِ واپس موٽڻ جو جيڪو فيصلو بابا ڪيو هو، سو ڏاڍو ڏکيو هو، ڇو تہ مخالف پاڪستاني سياستدانن ۽ قيدين جي خاندانن طرفان احتجاج جو امڪان هو. شايد پارٽين هن لاءِ هڪ اڻتر هنگامو اُيارڻ تي گهريو، تہ جيئن هو شرط مڃڻ تي مجبور ٿئي. پر هن اهو قبول نہ ڪيو ۽ پوءِ 1974ع ۾ بنگلاديش جي منظوريءَ کان پوءِ اهي ٿيانوي هزار قيدي آزاد ڪيا ويا هئا.

3 جولاءِ تي اسين جڏھن راولپنڊي واپس ورياسين تڏھن سڀيئي ڏاڍا خوش ھئا ۽ اھا مايوسي ڪانہ ھئي، جيڪا ھندستان وڃڻ وقت نظر آئي ھئي. اسين جڏھن جھاز مان لٿاسين تہ ھوائي اڏي تي ھزارن جي تعداد ۾ ماڻھن بابا جو آڌر ڀاءُ ڪيو. ”اڄوڪو ڏينھن عظيم آھي.“ بابا ماڻھن کي خطاب ڪندي چيو. ”وڏي سوڀ ٿي آھي. اھا منھنجي سوڀُ ڪانھي، ۽ نہ وري اھا مسز اندرا گانڌيءَ جي سوڀُ آھي. اھا سوڀُ پاڪستان ۽ ھندستان جي عوام جي آھي، جن ٽن جنگين کان پوءِ امن ماڻيو آھي.“
4 جولاءِ 1972ع تي شملا ناھ کي قومي اسيمبليءَ يڪراءِ منظور ڪيو. مخالف ڌر پڻ اُن جي ساراھ ڪئي. شملا ناھ اڄ بہ قائم آھي. بدقسمتيءَ سان 1973ع وارو آئين، پاڪستان جو پھريون جمھوري آئين، جيڪو عوام جي حقيقي چونڊيل عيوضين ناھيو ھو، اھو قائم ڪونھي. ھڪ سال پوءِ 14 آگسٽ 1973ع تي اسان جي گھر جي سيني ڀاتين وزيراعظم جي ويھڻ واري ڪمري مان اھو منظر ڏٺو، جڏھن قومي اسيمبليءَ يڪراءِ اسلامي منشور منظور ڪيو ھو، جنھن کي عجب آھي تہ سڄي قوم، اسان جي علائقائي ۽ مذھبي اڳواڻن ۽ بابا جي مخالفن جي پُٺڀرائي ھئي.قومي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت واري جماعت جي اڳواڻ ھئڻ سبب بابا پاڪستان جو وزيراعظم ٿيو.
چار ورھيہ پوءِ جڏھن ضياءَ اھو آئين معطل ڪيو، تہ اُن وقت تائين پاڪستان جي تاريخ جي پھرئين آئين ھيٺ ماڻھن سُک جي زندگي گھاري ھئي، جو تہ اُن ۾ بنيادي انساني حقن جي ضمانت ۽ سندن بچاءُ جي خاطري ڏنل ھئي. 1973ع جي آئين ۾ نسل، جنس يا مذھب پٽاندر متڀيد جي روڪَ ھئي. ان ۾ عدليا جي آزاديءَ ۽ ان جي انتظاميا کان جدا ٿيڻ جي ضمانت ڏنل ھئي. پاڪستان جي پھرين نمائنده حڪومت کي نيٺ حڪومت جو قانوني سرشتو مليو ويو ھو: ھڪ منظور ٿيل اختيار، جنھن جي چٽيءَ ۽ سُٺي سمجھاڻي پروفيسر ووميڪ مونڪي سندس سيمينار ۾ ڏني ھئي.
1973ع جي بھار جي مُند ۾ جڏھن مون ھارورڊ ڇڏڻ جون تياريون پئي ڪيون، تڏھن آمريڪي آئين جي طاقت جو مظاھرو پوريءَ شدت سان ٿيو پئي. ھارورڊ يارڊ ۾ راندين ۾ خوشبودار موسم جي ھوندي بہ اسان مان ڪيترائي شاگرد شاگرداڻيون ٽيليويزن تي واٽر گيٽ جي شنوائيءَ بابت پروگرام ڏسڻ لاءِ ويھي رھندا ھئاسين. مونکي تہ سچ پچ حيرت لڳندي ھئي. آمريڪي عوام پنھنجي صدر کي جمھوري ۽ آئيني طريقي سان پيا لاھين. رچرڊ نڪسن جھڙو طاقتور صدر بہ، جنھن ويٽنام جي جنگ کي ختم ڪيو ۽ چين جو رستو کوليو ھو، سو پنھنجي ملڪ جي قانون کان بچي نہ ٿي سگھيو. مون سماج ۽ رياست جي خاصيت ۽ ماڻھن جي حقن جي بچاءُ جي گھُرج تي لاڪ، روسو ۽ جان اسٽوئرٽ مِل جا خيال پڙھيا ھئا. پر نظريو ھڪ جدا ڳالھ آھي. ان کي عمل ۾ ايندو ڏسڻ ھڪ بلڪل ٻيءَ ڳالھ آھي.

واٽر گيٽ جي ڪارروائيءَ سبب مونکي فردن جي مڙهيل خيالي يا آپيشاهي قانون بجاءِ پوريءَ قوم طرفان منظور ٿيل قانونن جي اهميت جو ڳوڙهو احساس ٿيو. هڪ سال پوءِ آگسٽ 1974ع ۾ جڏهن صدر نڪسن پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني، تڏهن اقتدار جي منتقلي تمام سانتيڪي ۽ پر امن ٿي هئي. آمريڪا جهڙي جمهوريت ۾ اڳواڻ اقتدار ماڻين ٿا ۽ ڇڏي وڃن ٿا، پر آمريڪا جو آئين قائم آهي. اسين پاڪستان ۾ اهڙا سڀاڳا ڪونہ آهيون.

هارورڊ ۾ گريجوئيشن جا امتحان جيئن ويجهو آيا، تہ آئون ڪئمبرج ڇڏڻ ۽ آمريڪا مان وڃڻ جي سوچ کان ڏاڍي اداس ٿيس. مونکي پنهنجن ٻين ڪيترن ئي هم ڪلاسين ۽ پيٽر گئلبريٿ سميت، آڪسفورڊ ۾ داخلا ملي هئي. پر مون وڃڻ ڪونہ ٿي گهريو. ڪئمبرج ۽ بوسٽن ۾ آئون هر رستي کان واقف ٿي وئي هيس. اتي جي زمين هيٺان ريلوي رستن جي مونکي ڄاڻ ٿي وئي هئي. آئون ماڻهن کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ لڳي هيس. مون بابا سان حُجت ڪئي تہ پاڪستان موٽي اچڻ کان اڳ مونکي ٽفٽس ۾ قانون ۽ سفارتڪاريءَ جي فليچر اسڪول ۾ داخلا وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي. پر هن سختي ڏيکاريندي چيو تہ، آئون آڪسفورڊ وڃان. ڪنهن هڪ هنڌ چار ورهيہ رهڻ وڏو عرصو آهي. هن مون ڏانهن لکيو.جيڪڏهن تون آمريڪا ۾ وڌيڪ وقت رهندينءَ، تہ پوءِ اتي تنهنجون جڙون مضبوط ٿيڻ شروع ٿينديون. هاڻي وقت آيو آهي تہ تون اتان رواني ٿي.

مون پهريون ڀيرو ڀانئيو، تہ بابا مون تي زور ڀيو رکي. پر آئون ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس؟ منهنجي پڙهائيءَ ۽ رهائش جو سمورو خرچ هن پئي ڏنو. مونکي فيصلي جو ڪوبہ اختيار ڪونہ هو ۽ آئون تہ هڪ عملي فرد هيس.

امان گريجوئيشن جي جلسي ۾ آئي هئي، ۽ هن ۽ ادا مير، جنهن تازو هارورڊ ۾ پهريون سال پورو ڪيو هو. منهنجي سامان ٻَڌڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. منهنجي ڪمري ۾ مون سان گڏ رهندڙ ساهيڙي يولينڊا ڪوڊرزيڪي ۽ مون ڪمري جو سامان ڏئي ڇڏيو ۽ ان ۾ لڳل پوسٽر لاهي ڇڏيا. اسان جا ڪمرا خالي پئي لڳا، جيئن هارورڊ يارڊ ۽ ڪتاب گهر جا جارا خالي ٿي ڏنا. ممڪن هو تہ اتان رواني ٿيڻ جو وقت اچي ويو هو.

لوگن هوائي اڏي تان جيئن ئي جهاز مٿي اڏاڻو، تہ آسمان جي پس منظر ۾ بوسٽن جي اوچين عمارتن کي پڇاڙڪو ڀيرو ڏسڻ لاءِ منهنجيءَ دل سَٽ ڏني. فليني جي هيٺين دڪانن ۾ خريداري، ڊيورجن پارڪ ۾ سيني سان گڏجي کاڌو کائڻ، بوسٽن يونيورسٽيءَ کان هاڪي راند هارائڻ جي غم کي وسارڻ لاءِ ڪاسابلانڪا وڃڻ، اهي سڀئي ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. انسان چنڊ تي پهچي ويو هو ۽ مون ميساچوسيٽس انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجيءَ ۾ چنڊ جي مٽي ڏٺي هئي. منهنجي ذهن ۾ پال ۽ ميريءَ جي گيت جي هن بَند جو پڙاڏو پئي ٿيو: 'آئون جيٽ جهاز ۾ پئي وڃان، ڪابہ خبر ڪانهي تہ ڪڏهن واپس ايندس.'

آئون پنهنجي گهر پاڪستان ڏانهن پئي ويس.

# آڪسفورڊ جا مينارَ

جنوري 1980ع. المرتضيٰ ۾ اسان جي نظربنديءَ جي ٽئين مهيني منهنجي ڪَن جي تڪليف وري شروع ٿي ٿي. ٽڪ ٽڪ جهڙا 1978ع واري شروعاتي نظربنديءَ وقت جيڪي آواز ٻُڌبا هئا، سي وري ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا.

تنهن وقت فوجي حڪومت جي اختياريءَ وارن ڪراچيءَ ۾ هڪ ڊاڪٽر موڪليو هو، جنهن تپاسڻ کان پوءِ ڪَن ۾ نَڪ جي وچ واري هڏيءَ جي سوراخ ۾ تڪليف ٻُڌائي هئي، جيڪا هر ٻئي هفتي بابا سان جيل ۾ ملاقات لاءِ هوائي جهاز ۾ سفر سبب وڌي ويئي هئي. هن منهنجي ڪَن منجهه ڪاسٽڪ سان ڏنبي ڏنو هو، ته جيئن ڪَنن کان نڙگهٽ ڏانهن ويندڙ ناليءَ جو مُنهن کلي سگهي. هاڻي آئون پنهنجي ڪمري ۾ وري اها ساڳي پُڻ پُڻ پانئيان پئي، جنهن جو زور وڌندو پيو وڃي. شهر جو ڊاڪٽر اچي تپاسي ٿو، پر آواز پوءِ به ٻُڌجن پيا. آئون اختياريءَ وارن کي چوان ٿي، ته اهو ڊاڪٽر گهرايو جنهن ڪراچيءَ ۾ منهنجي آپريشن ڪئي هئي. مونکي اچرج ٿئي ٿو، جڏهن هڪ اهڙو ڊاڪٽر آندو وڃي ٿو، جنهن کي آئون ڪونه ٿي سڃاڻان. هو شريف انسان آهي ۽ هن جو آواز آٿت ڏياريندڙ آهي. ”پريشان نه ٿيءُ، توکي گهٽيون تڪليفون ڏسٽيون پيون آهن.، منهنجو ڪَن تپاسڻ وقت هو مونکي دلاسو ڏئي ٿو.

”اون!“ آئون رڙ ڪريان ٿي. ”مونکي تڪليف پئي ٿئي.“

”اهو تنهنو رڳو ويچار آهي.“ هو جواب ۾ چوي ٿو.“ آئون تنهنجي ڪَن ۾ پيو ڏسان.“

ٻئي ڏينهن جڏهن آئون ننڊ مان سجاڳ ٿيان ٿي، ته پنهنجي ويهاڻي تي رَت جا ٽي ڦڙا ڏسان ٿي. ”تو ڪَن جي پردي ۾ سوراخ ڪيو آهي. تو اهو وارن جي ڪانٽي سان ڪيو آهي.“ ڊاڪٽر ڏسي چوي ٿو. وارن جو ڪانٽو؟ آئون وارن جو ڪانٽو ڪَن ۾ ڇو وجهنديس؟ هو نسخي ۾ به دوائون لکي چوي ٿو، ته اهي آئون ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا وٺان.پر اهي گوريون مونکي سمهاري ٿيون ڇڏين. ۽ جڏهن آئون سجاڳ ٿيان ٿي. ته پاڻ کي ڏاڍي گهوماٽيل پانئيان ٿي. ٽئين ڏينهن اهو ڏسي امان کي سخت پريشاني ٿئي ٿي،ته آئون نه صبح جو سويل اُٿي باغ ۾ وڃان ٿي، ۽ نه ڪاڏي ڏانهن ڌيان ڏيان ٿي، ۽ نه ئي وري بُرش سان ڏند صاف ڪريان ٿي.هوءَ ايترو ته پريشان ٿئي ٿي، جو دوائون اڇلائي ڇڏي ٿي.

پوءِ ڪيترن ڏينهن تائين سُور وڌي ۽ گهٽجي ٿو. جڏهن ته آواز وڌي وڃن ٿا. ٽَڪ، ٽَڪ، ٽَڪ، آئون سُمهي نه ٿي سگهان. سک سان ويهي نه ٿي سگهان.حڪومت جي موڪليل ڊاڪٽر ڄاڻي ٻجهي ڪَن جي پردي ۾ گهاوَ ته ڪونه ڪيو آهي؟ يا اهو ڪنهن غلطيءَ

وچان ٿيو آهي؟ ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ. منهنجي ڪَن مان لڳاتار آواز اچن ٿا، پر آئون پوريءَ طرح ٻُڌي نہ ٿي سگهان.

آئون پنهنجو ڌيان اُن ڪان هٽائڻ لاءِ باغ ۾ ڏاڍي محنت ڪريان ٿي. پگهر ٽِمي منهنجي ڪَن جي پردي جي سوراخ ۾ وڃي ٿو. پُوئيءَ ۾ ڦوهاري جو پاڻي بہ منهنجي ڪَن ۾ ٽِمي وڃي ٿو. آئون سمجهان نٿي، ۽ نہ وري ڊاڪٽر ٻڌايو هو، تہ مون کي پنهنجو ڪَن خشڪ رکڻ گهرجي، تہ ڦاٽل پردي واري ڪَن ۾ پاڻي وڃڻ سبب تڪليف ويتر وڌي سگهي ٿي. ٺڪ ٺڪ، ٺڪ.

رات جو ننڊ نہ اچڻ سبب آئون المرتضيٰ ۾ پَسار ڪريان ٿي. 70 ڪلفٽن جيان المرتضيٰ تي ايترا پيرا تہ پوليس جون چڙهايون ٿيون آهن، جو اتي هرڪا شيءِ ٽِڙيل پکڙيل آهي يا وڃائجي ويئي آهي. بابا وٽ پنهنجن بزرگن جون جيڪي قديم بندوقون هيون، سي حڪومت ضبط ڪري، باغ جي هڪ ڪوٺيءَ ۾ رکيون آهن ۽ اُن جي دروازي تي مُهر هنئي وئي آهي. فوجي حڪومت جا ماڻهو هر هفتي المرتضيٰ اچن ٿا ۽ خاطري ڪن ٿا تہ ڪٿي اُن ڪوٺيءَ جي مُهر سان ڪا هٿچراند تہ نہ ٿي آهي. اهي ماڻهو شايد سمجهن ٿا، تہ انهن قديم بندوقن جي مدد سان آئون ۽ امان ٻاهر نڪري ويندي ونسين.

آئون هاڻي بندوقن واري ان خالي ڪمري پرسان لنگهان ٿي ۽ ان بليرڊ روم ۾ وڃان ٿي، جتي منهنجا ڀائر آڪسفورڊ مان آيل پنهنجي ساٿين کي راند رهڻ لاءِ هُوڪاريندا هئا. بليرڊ روم ۾ هڪ ميز تي هڪ ٿلهي چيني ماڻهوءَ جو ننڍو بوتو رکيل آهي، جنهن جي چوڌاري ڪيترائي ٻار آهن. حقيقت ۾ اُهو ڊرائينگ روم ۾ هُجڻ کپندو هو. آئون اُن کي ڪٽي رکي ٿي ڇڏيان. بابا کي اُهو ننڍڙو بوتو ڏاڍو وڻندو هو ۽ هو اڪثر چرچي طور چوندو هو تہ، ”مونکي ايترا ٻار هجن، جو آئون ڪرڪيٽ ٽيم ٺاهيان. پر هن نئين دنيا ۾ يارهن ٻارن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ تمام گهڻي دولت گهرجي. تنهنڪري مون اوهان چئن تي ڪفايت ڪئي آهي.“

آڪسفورڊ، آڪسفورڊ، آڪسفورڊ. هو اسان سيني کي اهوئي چوندو رهندو هو. آڪسفورڊ دنيا جي سيني ڪان وڏيڪ سٺي ۽ مانائتي يونيورسٽي آهي. آڪسفورڊ انگريزي تاريخ سان ڀرپور آهي. انگريزي ادب، چرچ، بادشاهت ۽ پارليامينٽ، انهن سيني جو ڪونہ ڪو تعلق آڪسفورڊ سان آهي. آمريڪي تعليم تمام سٺي آهي، پر اها هڪ نرم طريقي سان ڏني وڃي ٿي. آڪسفورڊ اوهان کي نيون نيون راهون ڏيکاريندي ۽ اوهان ۾ ضابطي جي سوچ اُڀاريندي. هن اسان جي ڄمڻ وقت ئي اهو فيصلو ڪيو هو. ڄمار ۾ سيني کان وڏي هجڻ سبب آئون اڪيلي هيس، جنهن فوجي بغاوت جي افراتفريءَ کان اڳ ۾ ئي آڪسفورڊ ۾ تعليم پرائڻ جو اعزاز ماڻيو هو. مير آڪسفورڊ ۾ ٻئي سال جي شروع ۾ اهو تعليمي ادارو ڇڏي، بابا جي زندگيءَ بچائڻ لاءِ انگلينڊ

۾ تحريڪ هلائي. جڏهن ته صنم اتي ڪڏهن به وڃي نه سگهي. بابا جي پسند جي مادر علميءَ ۾ منهنجا گذاريل ورهيه هن اڳيان وڏيءَ اهميت وارا هئا.
”ٻاويهه ورهيه اڳ آڪسفورڊ ۾ مون پيرن جا جيڪي نشان ڇڏيا هئا، تن تي توکي هلندو ڏسي مونکي ڏاڍو سُنو لڳي ٿو.“ آئون 1973ع جو سرءُ جي مُند ۾ آڪسفورڊ پهتيس، ته ٽُرت ئي وزيراعظم هائوس راولپنڊيءَ مان بابا مونکي خط ۾ لکيو. ”ريڊڪلف ۾ تنهنجي موجودگيءَ تي مونکي خوشي ٿي هئي. پر جيئن ته آئون هارورڊ ۾ ڪونه رهيو هوس، تنهنڪري آئون توکي ان ساڳيءَ نظر سان ڏسي نه سگهيس. آڪسفورڊ جي هر ڏگ تي اتي جي سرد پٿريلي ڏاڪڻ تي ۽ وڏن وڏن دروازن وارن علمي ڪمرن ۾ تنهنجي موجودگي، مونکي ڇاتل سڇاتل لڳي ٿي. آڪسفورڊ ۾ تنهنجو هجڻ هڪ سَپنو هو، جيڪو سچ ثابت ٿيو آهي. اسين دعاگو آهيون ۽ اميد ڪريون ٿا ته، اهو خواب جيڪو حقيقت ثابت ٿيو آهي، ان سبب توکي پنهنجي قوم جي خدمت جو عاليشان وجهه ملندو.“
هن آڪسفورڊ ۾ جيڪو ڏاڍو سنو وقت گذاريو هو، اهڙو شروع ۾ مونکي نصيب ڪونه ٿيو. هارورڊ ۾ مونکي ۽ مون سان گڏ رهندڙ ساهيڙيءَ کي ڏار ڏار ڪمرا مليل هئا، پر آڪسفورڊ جي ليڊي مارگريٽ هال ۾ منهنجو ڪمرو بنهه ننڍڙو هو ۽ سيني لاءِ هڪ غلسخانو وري ڏاڪڻ هينان هو. اتي مون وٽ ذاتي ٽيليفون به ڪونه هو، تنهنڪري آڪسفورڊ جي پراڻي سرشتي تي هلڻو پيو ٿي، جنهن مطابق ڪنهن به نياپي پهچڻ ۾ به ڏينهن ٿي لڳا. هارورڊ ۾ سُجاڻپ هڪدم ٿي ويئي ٿي، پر مون سان گڏ پڙهندڙن مان جيڪي آڪسفورڊ ۾ پڙهڻ لاءِ آيا هئا، تن کي ڳولي لهڻ ۾ مونکي ڪيترائي ڏينهن لڳي ويا. ان وچ ۾ بابا وٽان خط ايندا رهيا. هڪ ڀيري هن مون ڏانهن پراڻي روم شهر جي اها تصوير موڪلي، جيڪا 1950ع ۾ ڪرائسٽ چرچ ۾ سندس ڪمري ۾ لڳل هوندي هئي. ”آڪسفورڊ وڃڻ کان اڳ ۾ هن تصوير جي تو وٽ ڪابه اهميت ٿي نٿي سگهي.“ هن المرتضيٰ مان لکيو. ”هاڻي آئون اها تصوير تو ڏانهن موڪليان پيو، ته جيئن تون اها پنهنجي ڪمري ۾ رکين.“ مون اها پٽ تي ٽنگي ڇڏي، ته جيئن اها مونکي اهو ساندهه احساس ڏياري، جيڪو هاڻي پاڪستان جي مٽيءَ کان آڪسفورڊ جي صاف سُترين گهٽين تائين پکڙيل هو.
بابا مونکي ٻُڌايو هو، ته هارورڊ جي ڀيٽ ۾ آڪسفورڊ مونکي وقت تي ڪم ڪرڻ سيکاريندي. اُن سچائيءَ جي پروڙ مونکي تڏهن پئي هئي، جڏهن سياست، فلسفي ۽ معاشيات جي موضوعن تي هفتي ۾ ٻن گهربل مضمونن لکڻ لاءِ مونکي پاڻ پتوڙڻو پيو هو. هن جو اهو چوڻ پڻ صحيح هو، ته آئون آڪسفورڊ يونين ۾ شريڪ ٿيان.
آڪسفورڊ جي ڪيترين ئي قسمن جي سيني سوسائٽين ۾، جن ۾ سماجواد، قدامت پسند ۽ آزاد ويچار سياسي انجمنون، ترڻ ۽ شڪار ڪرڻ جون انجمنون اچي وڃن ٿيون،

سيني ڪان وڏيڪ مشهور ”آڪسفورڊ يونين ڊبيٽنگ سوسائٽي“ هئي، اها يونين انگريز پارليامينٽ جي هائوس آف ڪامنس جي نموني تي 1823ع ۾ جوڙي ويئي هئي، ۽ جنهن کي مستقبل جي سياستدانن جي سکيا جو مرڪز سمجهيو ويندو هو. سياستدان ٿيڻ جي مونکي خواهش ڪين هئي، جو مونکي سياسي زندگيءَ جي ڇڪتاڻ ۽ جاکوڙ جي ٿوري ڄاڻ هئي. منهنجي خواهش هئي ته پاڪستان جي پرڏيهي کاتي ۾ ڪو عهدو وٺان، پر بابا جي خوشيءَ لاءِ آئون آڪسفورڊ يونين ۾ شريڪ ٿيس. بابا جي خواهشن جي پورائيءَ سان گڏ تقرير جي فن به مونکي پاڻ ڏانهن ڇڪيو هو. سُٺي تقرير جي فن کي ايشيائي ننڍي کنڊ ۾ سدائين زبردست طاقت سمجهيو ويندو هو، جتي اڪثريت اڻپڙهيل هوندي هئي. مهاتما گانڌي، جواهر لال نهرو، محمد علي جناح ۽ بابا جي ڳالهايل لفظن تي لکين ماڻهو جهُومندا هئا. آکاڻي ٻڌائڻ، شاعري ۽ تقرير اسان جي روايت جو حصو هئا. ان وقت مونکي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه آئي هئي، ته آڪسفورڊ يونين ۾ ماڻيل تجربو، پاڪستان جي ميدان ۾ لکين ماڻهن سامهون تقرير ۾ مددگار ثابت ٿيندو.
ٽن ورهين تائين سياسيات، فلسفو ۽ معاشيات ۽ چوٿين سال واپس وڃي عالمي قانون ۽ سفارتڪاريءَ جو پوسٽ گريجوئيٽ ڪورس پڙهڻ وارن ڏينهن ۾، آڪسفورڊ يونين منهنجي زندگيءَ جي اهم ۽ وٽندڙ سرگرمين جو مرڪز هوندي هئي. آڪسفورڊ جي وچ ۾ سندس باغن ۽ عمارتن، اُتي ته خاني ۾ ان جي ريسٽورنٽ، ٻن لائبريرين ۽ بليرڊ روم مان آئون اهڙيءَ ريت واقف هيس، جيئن المرتضيٰ جي ڪمرن مان، تقريرن واري هال ۾ اسان ڪيترن ئي مقررن — جهڙوڪ عورتن جي طرفدار ليکڪا جرمين گريئر ۽ ٽريڊ يونين جي حمايتي ارٿر اسڪارگل کي تقريرون ڪندي ٻڌو. منهنجي وقت ۾ آڪسفورڊ يونين ۾ به اڳوڻا انگريز وزيراعظم لارڊ اسٽاڪن ۽ ايڊورڊ هيٿ آيا هئا. تقريرون ڪندڙ شاگرد روايتي لباس پائي، ڪوٽن جي ڪالرن ۾ ڳاڙها گل هڻي، مونکي جينز بجاءِ زوري ريشمي لباس پارائيندا هئا ۽ اسين ميڻ بتين جي روشنيءَ ۾ رات جي مانيءَ کائڻ ڪانپوءِ لفظن جي جنگ ۾ جُنبي ويندا هئاسين.
قدرت اسان سان ڪهڙا نه کيڏ ٿي ڪري! تقرير بازيءَ جي وڏي ڪمري ۾ اڳوڻن انگريز سياستدانن گليڊ اسٽون ۽ مئڪملن جي بُوتن جي پاڇي هيٺ، مونکي جنهن پهرين تقرير لاءِ چيو ويو هو، ان جو موضوع هو، ’ملڪ جي چونڊيل اڳواڻ جي معزولي فوج طرفان نه پر آئيني هجڻ گهرجي.‘ ”هن ايوان جي راءِ ۾ نڪسن ڏوهي آهي.“ اها هئي رٿ، جيڪا يونين جي صدر مونکي چيو ته اٿي پڙهه.
”اِها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي اچي، ته هڪ اهڙو شخص جنهن پنهنجي صدارت کي بچائڻ لاءِ قانون ۽ امن جي اهميت کي ضروري سمجهيو هو، تنهن پاڻ قانون جي پيچڪڙيءَ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري، سموري ملڪ ۾ بيچيني ۽ افراتفري پيدا ڪئي آهي.“ مون پنهنجو بحث شروع ڪيو. ”پر حقيقت ۾ آمريڪي تاريخ اهڙين متضاد ڳالهين

سان ڀري پئي آهي، جنهن بابت آئون اوهان کي جارج واشنگٽن ۽ سندس پيءُ جي ڳالھ ٻڌايان ٿي. جڏهن نوجوان واشنگٽن جي پيءُ کي اها ڄاڻ پهتي، تہ ڪنهن سندس شاھ داڻي جي وڻ کي وڏي ڪيرائي ڇڏيو آهي، تہ هن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ هن پُڇڻ گهريو تہ اهو ڪم ڪنهن ڪيو آهي. نوجوان جارج ڏاڍي بهادريءَ سان اڳتي وڌي چيو تہ، "بابا، آئون ڪُوڙ ڪونہ ڳالهائيندس. اهو ڪم مون ڪيو آهي." اهڙيءَ ريت آمريڪين جي شروعات هڪ اهڙي صدر سان ٿي هئي، جيڪو ڪُوڙ ڳالهائي نہ ٿي سگهيو ۽ هاڻي هنن جو صدر هڪ اهڙو شخص آهي، جيڪو وري سچ نٿو ڳالهائي سگهي."

ويهن ورهين جي ڄمار جي آسان ۽ ڪامل ويساھ سان مون آمريڪي صدر خلاف سزا جوڳين تُهمتن جو وچور ڏنو، جنهن ۾ ويٽنام ۾ ڪانگريس جي جنگي اختيارن جي ڀڃڪڙي، ڪمبوڊيا ۾ ڳجهي بمباري، ٽئڪس گهٽائڻ لاءِ نائب صدارت جي ڪاغذن ۾ تاريخ جي ڦيرگهير، واٽر گيٽ جي معاملي کي لڪائڻ ۾ هٿ هجڻ ۽ سندس سيڪريٽريءَ جي ٽيپن جو پراسرار طريقي تي ميسارڻ جهڙيون تهمتون شامل هيون.

"منهنجا دوستو! غلطي نہ ڪريو." مون پڇاڙيءَ ۾ چيو. "اهي ڏاڍيون ڳريون ۽ ڳنڀير تهمتون آهن، نڪسن پاڻ کي لاڳيتو قاعدي قانون کان مٿانهون پئي سمجهيو آهي ۽ جيئن وٽيو اٿس تيئن ڪيو اٿس. هڪڙي انگريز بادشاھ اهڙا ڪُڌا ڪم ڪري پنهنجو سِر وڃايو. جيڪو انگريزن جو آخري بادشاھ هو. اسين اهڙي سخت تہ نہ، پر اثرائتي سزا تجويز ڪنداسين. چون ٿا تہ هڪڙي ڏينهن نڪسن نفسيات جي هڪ ماهر وٽ ويو، جنهن کيس چيو: جناب صدر، توهان شڪ وچان ٻين سان نفرت نٿو ڪريو، پر حقيقت ۾ ٻين کي ئي توکان نفرت آهي." اڄ نڪسن کي نہ رڳو ڌڪاريو پيو وڃي، پر هو پنهنجي سموري ساک وڃائي وينو آهي. پنهنجي ئي عوام ۾ ساک وڃائي نڪسن آمريڪي قوم جي اڳواڻيءَ جو اخلاقي اختيار وڃائي وينو آهي ۽ اُهو ئي نڪسن ۽ آمريڪا جو بہ الميو آهي."

قانوني نقطا، ساک، اخلاقي اختيار، اهي سڀيئي جمهوري اصول، جن کي مون مغرب ۾ پنهنجي رهڻ واري زماني ۾ سچ سمجهيو هو، تن لاءِ اِهو امڪان نہ هو، تہ اُهي پاڪستان ۾ وڃائجي ويندا: آڪسفورڊ يونين ۾ صدر نڪسن جي ڏوهيءَ هجڻ جي ثابتيءَ واريءَ رٿ جي حق ۾ 345 ۽ ان خلاف 2 ووٽ پيا هئا. پر پاڪستان ۾ ووٽ وسيلي نہ، پر بندوق جي زور تي بابا کان حڪومت کسي ويندي.

جڏهن آئون آڪسفورڊ ۾ هيس، تڏهن پاڪستان اتان گهڻو پري هو ۽ جيئن بابا اڳڪٿي ڪئي هئي، تہ مون اتي جيڪي خوشيءَ جا ڏينهن گذاريا هئا، سي منهنجي زندگيءَ جا پلوڙ سال هئا. منهنجا دوست مونکي بتيلي ۾ چاڙهي شر ويل نديءَ جو سيئر ڪرائيندا هئا ۽ ووڊ اسٽاڪ ويجهو بلينهائم محل جي چانودار وڻن هيٺ ساون ميدانن تي پڪنڪ ملهائڻ لاءِ وٺي ويندا هئا. هفتي جي موڪل وارن ٻين ڏينهن تي اسين هئڊي رنگ جي

ان ايم جي بي ۾ اسٽريٽفورڊ آن ايوان ۾ شيڪسپيئر جا ڊراما ڏسڻ ويندا هئاسون، جيڪا ريڊڪلف مان گرئجوئشن تي بابا مونکي سوکڙيءَ طور ڏني هئي يا اسين ان ۾ وري لنڊن ويندا هئاسون، جتي بئسڪن روبنس جي نئين کوليل دڪان تي آئون آمريڪي آئيس ڪريم کائي، پنهنجي طلب پوري ڪندي هيس. انهن ڏينهن ۾ جڏهن هر ڪاليج، ٻيڙين جي ڊوڙ ۾ هڪ ٻئي خلاف حصو وٺندو هو، ته اسين انهن جي دعوتن ۾ شريڪ ٿيندا هئاسون. مردن کي ٽوپلا ۽ جيڪٽ پاتل هوندا هئا. جڏهن ته عورتون ٽوپلن ۾ گلدار ڊگهن لباسن ۾ هونديون هيون. امتحانن ۾ روايتي لباس اڇي قميص، ڪارو اسڪرٽ ۽ ٻانهن بنا ڪارو گائون پائبو هو، جنهن کي ڏسي آڪسفورڊ جا ٻيا شاگرد به اسان کي پنهنجي پاسي کان لنگهڻ وقت وڏي واڪ چوندا هئا ”شال پاڳ پلو ٿئي.“

هارورڊ ۾ ٻاهرين ملڪن جا ٿورا شاگرد هوندا هئا. ريڊڪلف ۾ انهن جو تعداد رُڳو چار هو، جن ۾ هڪ انگريز ڇوڪري به هئي، جنهن کي پرڏيهي چوڻ تي مونکي عجب ٿيندو هو، پر آڪسفورڊ ۾ گهڻا ٻاهريان شاگرد هئا. ڪرڪيٽ جو پاڪستاني رانديگر عمران خان اتي هو. اتي بهرام دهقاني تفتي پڻ هو، جنهن جو پيءُ ايراني هو. ايران ۾ انقلاب اچڻ کان هڪدم پوءِ مئي 1980ع ۾ بهرام کي قتل ڪيو ويو. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيانو وڄائي اسان کي وندرائيندو هو. جيتوڻيڪ آڪسفورڊ ۾ ايشيائين کي البت پرڏيهي فرد سمجهي قبوليو ويندو هو، جيڪي ڪنهن به طبقي يا درجي ۾ ڪونه سمائبا هئا. پر سيني انگريزن جي اها راءِ نه هوندي هئي.

1974ع ۾ آئون پنهنجي گهر پاڪستان ويس، اتي لاهور ۾ منهنجي بابا اسلامي سربراهي ڪانفرنس ڪوٺائي هئي، جتي آئون گهرياتين سان مليس. اتي اسلامي دنيا جو هر بادشاهه صدر، وزيراعظم ۽ پرڏيهي ڪاتي جو وزيرَ موجود هو، جن اٺتيهن ملڪن، رياستن، امارتن ۽ بادشاهتن جي نمائندگي ڪئي ٿي. ڪانفرنس جي ميمبرن کي بابا جي چوڻ تي ته بنگلاديش کي سفارتي طور منظور ڪيو وڃي. مجيب الرحمٰن پڻ صدر هوري بومدين جي ذاتي جهاز ۾ اتي آيو هو. سربراهي ڪانفرنس بابا ۽ پاڪستان جي وڏي سوڀ هئي. مجيب ڏانهن سرچاءُ جو هٿ وڌائيندي بابا انهن پاڪستاني جنگي قيدين جي واپسيءَ جي راهه کولي هئي، جن تي بنگالي اڳواڻ جنگي مقدمن هلائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون هيون.

آئون ايشيائي سڃاڻپ جي سوچ سان انگلينڊ موٽي آيس، جتي پهچڻ شرط مونکي نسل پرستيءَ جي پهرئين واقعي جو تجربو ٿيو.

”انگلينڊ ۾ تو ڪٿي رهڻ جو انتظام ڪيو آهي؟“ اميگريشن آفيس منهنجو پاسپورٽ ڏيان سان پڙهندي مون کان پڇيو.

”آڪسفورڊ،“ مون نهنائيءَ سان وراڻيو. ”آئون اتي پڙهان ٿي.“

”آڪسفورڊ؟“ هن پنهنجا ڀرُون متي چڪيندي ٽوڪ مان چيو. مون پنهنجي ڪاوڙ روڪيندي هن اڳيان پنهنجيءَ سڃاڻپ جو ڪارڊ اڳتي ڪيو.
”ڀٽو، مس بينظير ڀٽو، ڪراچي، پاڪستان.“ هن ڊِڪار ڀريئي لهجي ۾ چيو. ”تنهنجو پوليس ڪارڊ ڪٿي آهي؟“
”هي وٺ،“ مون جواب ڏيندي ان تاريخ تائين مڪمل اهو پوليس ڪارڊ هن اڳيان رکيو، جيڪو انگلينڊ ۾ هر ڌاريئي کي پاڻ وٽ رکڻو پوي ٿو.
”۽ تون آڪسفورڊ جي خرچ پرڻ لاءِ ڇا ڪندينءَ“ هن سياجهائيءَ سان پڇيو. دل ۾ آيو ته چوانس پاڻ سان پينسلون ۽ ٽين جو هڪڙو پيالو آندو اٿم، پر چيومانس، ”منهنجا والدين پنهنجي بئنڪ اڪائونٽ ۾ پئسا موڪلين ٿا. ”مون هن کي بئنڪ جو ڪتابڙو ڏيکاريندي چيو.
پر اهو گندو ننڍڙو ڪامورو مونکي اتي بيهاريو بيٺو هو ۽ هن وري وري منهنجا ڪاغذ پئي ڏٺا ۽ هڪ ٿلهي متاري ڪتاب ۾ پئي ڏٺو، جنهن ۾ ظاهر آهي ته هن منهنجو نالو ڪونه سُڃاتو هو.
”آڪسفورڊ جي تعليم لاءِ هڪڙي پاڪيءَ (پاڪستاني) وٽ ايتري رقم ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ ”هن پنهنجا ڪاغذ مون ڏانهن ڌڪيندي نيٺ پُڇيو. مونکي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ آئون تڪڙا قدم کڻندي هوائي اڏي مان ٻاهر نڪري ويس. جيڪڏهن وزيراعظم جي ڌيءَ سان اميگريشن جي عملي جو اهڙو ورتاءِ آهي، ته پوءِ هنن جو ٻين پاڪستانين سان ڪهڙو ورتاءِ هوندو، جيڪي مون جيان انگريزي ٻوليءَ نٿا ڳالهائين ۽ نه مون جيان تيز تِکا آهن؟
آڪسفورڊ وڃڻ کان گهڻو اڳ بابا مونکي ان ساڙ ۽ ڪِيني بابت ٻُڌايو هو، جنهن جو مغرب ۾ امڪان ٿي سگهيو ٿي. شاگرد طور هن کي پاڻ اهو تجربو ٿيو هو. جڏهن سين ڊيئگو، ڪئليفورنيا جي هڪ هوٽل ۾ اتي جي ڪلارڪ هن کي ڪمرو ڏيڻ کان انڪري انڪار نه ڪيو هو، ته هو پاڪستاني هو، پر هُن جي چمڙيءَ جي رنگ مان هو ميڪسيڪو جو رهاڪو ٿي نظر آيو.
هن هڪ ڀيرو وري مونکي نسل پرستيءَ جي خطرن بابت ڄاڻ ڏني، جڏهن آڪسفورڊ مان لکيل منهنجن خطن ۾ گهرو حوالن ۾ مشرقي انداز بجاءِ مغربي انداز ظاهر ٿيو هو. آئون سمجهان ٿي، ته هن کي ڳڻتي ٿي پئي هئي، ته آئون شايد مغرب جي رنگينين ۾ سمائجي وينديس ۽ پاڪستان واپس نه اينديس. ”اهي (مغرب وارا) حقيقت ۾ ڄاڻن ٿا، ته تون شاگرد طور سدائين سندن ملڪ ۾ ڪين رهندينءَ.“ هن مونکي لکيو. ”هنن توکي ان لاءِ قبوليو آهي، ڇو ته اهي توکي پناهگير ڪونه ٿا سمجهن. پر هنن کي جيئن ئي ڄاڻ پوندي، ته تون هاڻي پاڪستاني يا ايشيائي ڪونه آهين ۽ هنن جي مهاڻ ملڪ ۾ تو پناهه ورتي آهي، ته سندن ورتاءُ هڪدم ڦري ويندو. اهي توکي ڌڪار مان ڏسڻ

شروع ڪندا. ڪين اھا ڳالھ ھرگز مناسب نہ لڳندي، تہ ڪاميابيءَ جي ڪنھن ميدان ۾ تون سندن مقابلو ڪرين.“
ھن جون اُھي تنبيھون منھنجي سوچ ۾ ضروري نہ ھيون، ڇوتہ مون ڪڏھن سوچيو بہ نہ ھو، تہ آئون پاڪستان موٽي نہ ويندس. اتي تہ منھنجي دل ھئي. منھنجو ورثو ۽ ثقافت اتي ھئي. ۽ مون اميد پئي ڪئي، تہ منھنجو مستقبل سفارتڪاريءَ ۾ ھو. بابا جي نگرانيءَ ۾ مون اڳواٽ ئي سفارتڪاريءَ جو ٿورو تجربو ماڻيو ھو.
1973ع ۾ پاڪستان ڪي ھٿيارن ڏيڻ تي پيل بندش لاھڻ جي سلسلي ۾ بابا جڏھن سرڪاري دؤري تي آمريڪا آيو ھو، تہ وائيٽ ھائوس جي رات واري مانيءَ جي ھڪ دعوت ۾ آئون ھينري ڪيسينجر پرسان ويٺي ھيس. سُوپ پيئڻ وقت مون رڳو بي ادب ’ھارور لئمپون‘ جي وچئين صفحي تي ان ويڙھيل تصوير بابت پئي سوچيو، جنھن ۾ اھو سگار پيئندڙ سيڪريٽري آف اسٽيٽس پانڊا (رڇ جھڙو جانور) جي ڪل جي ڪٽي تي ليٽيو پيو ھو. اھو قيمتي پرچو مون ھڪدم پاڪستان ۾ پنھنجي پيڻ ۽ سميعا ڏانھن موڪليو ھو. ڪاڏو ڪائيندي مون ھارورڊ ۽ بين غير تڪراري معاملن بابت ھن سان ڪچھري ڪئي ھئي، بيءَ رات مانيءَ جي ھڪ بيءَ دعوت ۾ آئون ان وقت بنھ اڇرج ۾ پئجي ويئي ھيس، جڏھن ڪيسنجر، بابا ڪي ٺھ پھ چئي ڏنو ھو تہ ”جناب وزيراعظم، تنھنجي ڌيءَ تہ توڪان بہ وڌيڪ ڊيجاريندڙ آھي.“ بابا اھا ساراھيندڙ ٽوڪ ٻُڌي ڀرپور ٺھڪ ڏنو ھو.
1974ع ۾ جڏھن بابا، جارج پامپيدو جي دفنائڻ وارين رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ فرانس آيو ھو، تڏھن اتي ايٽمي توانائي جي معاملي تي بہ پلانٽ ماڻڻ واسطي پامپيدو سان غير رسمي ناھ ڪيو ھو. ھاڻي ھن اھو ڄاڻڻ گھريو ٿي، تہ پامپيدو جو جانشين ان بابت ۾ ڳالھين ڪي اڳتي بہ وڌائيندو يا نہ. ”تنھنجي ويچار ۾ ھاڻي صدر ڪير ٿيندو؟“ بابا ھڪ رات دوستن سان گڏ ماني ڪائيندي مون کان پڇيو. ”جيسڪا ديستان،“ مون فرانس جي سياست جي پنھنجي شاندار اڀياس پٽاندر وراڻيو، جيڪو اُن وقت مون ڪرائيسٽ چرچ ۾ پنھنجي استاد پيٽر پلسر جي رھنمائي ۾ پئي ڪيو. خوشقسمتيءَ سان منھنجو جواب صحيح ثابت ٿيو، ڇوتہ ھينري ڪيسنجر ۽ آمريڪا جي گھڻي زور تي بہ صدر ديستان ناھ کي قائم رکڻ قبوليو.
ٽي سال اڳ بابا جڏھن اسان سيني ٻارن ڪي ڪميونسٽ رياست جي اڀياس لاءِ چين موڪليو ھو، تڏھن اتي منھنجو اھڙو اندازو صحيح ثابت ڪونہ ٿيو ھو. چين جي وزيراعظم چو اين– لائي سان ملاقات ڪرڻ وقت ھن مون کان پڇيو ھو، تہ منھنجي ويچار ۾ آمريڪا جو ايندڙ صدر ڪير ٿيندو. مون خاطريءَ سان وراڻيو ھو تہ ”جارج مڪگورن“. ان تي ھن چيو تہ ڪيس آمريڪي ذريعن مان ڄاڻ ملي آھي، تہ ايندڙ صدر، رچرڊ نڪسن ٿيندو. پر مون وري بہ ”مڪگورن“ جو نالو ورتو ھو. ”تون جڏھن آمريڪا

واپس وڃين، تہ مون ڏانھن پنھنجا تاثر لکي موڪلجانءِ.“ چو اين لائي مونکي چيو. ان تي مون وري بہ مڪگورن جو نالو ورتو ھو. شاگرديءَ وارن ڏينھن ۾ منھنجي سياسي سياڻپ جو اھو حال ھوندو ھو.

وري جڏھن 1976ع جي سرءُ جي مند ۾ آئون ھڪ سال جو پوسٽ گريجوئيٽ ڪورس پڙھڻ لاءِ آڪسفورڊ موٽي ويس، تڏھن منھنجو ڌيان پنھنجين صدارتي چونڊن ڏانھن گھٽ ھو، جن ۾ وڏيڪ سوڀ تي ٿئي. جتوڻيڪ منھنجي مرضي اھا ھئي، تہ تعليمي دنيا کي ڇڏي آئون جلد سفارتڪاريءَ جي نوڪريءَ ۾ شامل ٿيان. پر بابا جي گھڻي خواھش ھئي، تہ سندس ٻارن وٽ وزيراعظم جو اولاد ھجڻ سبب ڪنھن بہ نوڪريءَ ماڻڻ لاءِ ٻيٽي تعليمي لياقت ھجي، تہ جيئن ڪير بہ ھن تي يا سندس اولاد تي طرفداريءَ جو الزام ھڻي نہ سگھي.

منھنجو ڀاءُ مير مرتضيٰ آڪسفورڊ ۾ پنھنجي پھرئين سال ۾ ھو ۽ مون سان وڌيڪ وقت گڏ رھڻ ٿي گھريو. پر آڪسفورڊ ۾ ھڪ ٻيو سال رھڻ جو وڌيڪ فائدو مونکي آڪسفورڊ جي يونين جي صدارت لاءِ بيھڻ جي رُوپ ۾ مليو ھو. ڪيترن ورھين تائين مون يونين جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ ۾ خزانچيءَ طور ڪم ڪيو ھو ۽ ان جي صدارت جي پھرئين ڪوشش ۾ مونکي ناڪامي ٿي ھئي. ھن ڀيري آئون سوڀاري ٿي ھيس.

ڊسمبر 1976ع ۾ منھنجي سوڀ حقيقت ۾ ان ”مٿين شاگردن جي ڪلبن“ کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو ھو، جتي رڳو ڏھ ورھيہ اڳ عورتن کي مٿي گئلري ۾ بہ وڃڻ جي اجازت نہ ھوندي ھئي ۽ جتي اڃا بہ ميمبرن جوتعداد سٽن مردن جي مقابلي ۾ ھڪ عورت ھئي. ان سوڀ سيني کي اچرج ۾ وجھي ڇڏيو، پاڻ بابا کي بہ حيراني ھئي.

”چونڊن ۾ ھڪ ڊر کي ڪٽڻو ۽ ٻي کي ھارائڻو پوي ٿو.“ آمريڪا ۾ 1976ع جي صدارتي چونڊن کان ٿورو وقت اڳ، جن ۾ جمي ڪارٽر ھٿان جيرالڊ فورڊ کي شڪست ملڻي ھئي. بابا مونکي خط ۾ لکيو. ”توکي ھر ممڪن ڪوشش ڪرڻي آھي. پر نتيجي کي شانائتي نموني ۾ قبولڻ گھرجي.“ ھڪ مھينو پوءِ بابا وٽان بلڪل ٻئي قسم جو نياپو آيو ھو. ”آڪسفورڊ يونين جي صدر چونڊجڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي آھي.“ ھن جي تار ۾ لکيل ھو. ”تو نھايت سُٺي ڪارڪردگي ڏيکاري آھي. تنھنجي شاندار سوڀ لاءِ اسان طرفان دلي واڌايون بابا.“

صدر طور منھنجو ٽماھي مُدو جنوري 1977ع ۾ شروع ٿيڻو ھو. موڪلن ۾ جيئن ئي آئون ۽ مير، ھوائي جھاز ۾ پنھنجي گھر پاڪستان پئي وياسون، تہ منھنجي افق تي ڪوبہ لڙاٽ ڪونہ ھو.

ٻئي ڏينھن پوءِ المرتضيٰ ۾ بابا جي جنم ڏينھن جي جشن ۾ ھن جي صلاحڪارن مان ڪنھن ھڪ مونکي چيو، ”ھلي ضياءالحق سان مل.“ ۽ پھريون ۽ آخري ڀيرو آئون اُن

ماٺهوءَ سان سِڌو مليس، جيڪو ڇهه مهينا پوءِ بابا جي حڪومت کي ڊاهي، ڪيس موت جي مُنهن ۾ موڪلڻ وارو هو.
مون ٻُڌو هو ته اُن عهدي تي ڪنهن کي ترقي ڏيڻ ۾ ڪي ڏکيائيون سامهون آيون هيون، تنهنڪري بابا جي تجويز ڪيل فوج جي چيف آف اسٽاف سان ملڻ جو مونکي شوق هو. ان اعليٰ عهدي لاءِ ٻين ڇهن جنرلن کي ريٽيو ويو هو، ڇوته فوجي ڳجهي اداري جي ذريعن انهن جي ڪردار مان ڳنڊا ڪڍيا هئا، ته اهي شراب پيئڻ ٽا، رنڊيباز آهن، سندن وفاداري شڪي آهي. جنرل ضياءَ ۾ به ڪي خاميون هيون. هن لاءِ افواهه هئا ته هن جا هڪڙي بنياد پرست تنظيم، جماعت اسلاميءَ سان لاڳاپا آهن، جنهن پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي مخالفت ڪئي هئي ۽ جيڪا ملڪ تي غير مذهبي اڳواڻن بدران مذهبي اڳواڻن جي حڪومت ڏسڻ گهري ٿي. هن لاءِ اسان جي ملڪي سفيرن مان هڪ جي راءِ اها به هئي، ته هو ننڍڙو چور پڻ آهي.
پر گهٽيون ڳالهيون ضياءَ جي فائدي ۾ هيون. اسان جي ڪيترن ئي فوجي عملدارن جي پيٺ ۾ هُو اوپر پاڪستان جي رتوڇاڻ جي الزامن کان آجو هو، ڇو ته گهرو لڙائي جي ڏينهن ۾، هُو ملڪ کان ٻاهر ويل هو. اها پڻ ڄاڻ هئي ته فوج ۾ هن کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ڇونڊ جي انهي ڏکي ۽ ورچائيندڙ ڪارروائيءَ ۾ ٻيو ڪوبه معيار ايترو اهم ڪونه هو. جڏهن فوج جي سيني ادارن ضياءَ جي فائدي ۾ راءِ ڏني، تڏهن بابا هن کي چونڊيو. ”شهري حڪومت کي ڪڏهن به فوج تي پنهنجي راءِ مڙهڻ نه گهرجي. ضياءَ پلي سيني جهونن عملدارن ۾ شامل نه هجي، پر فوج جا جوان هن کي پسند ڪن ٿا.“ بابا چيو. ۽ 5 جنوري 1977ع تي المرتضيٰ ۾ آئون هڪ اهڙي ماٺهوءَ سان منهان منهن مليس، جيڪو اڳتي هلي اسان سيني جي زندگين ۾ وڏيون ڦيريون آڻڻ وارو هو.
مونکي ياد پوي ٿو، ته هن کي ڏسڻ سان آئون ڇرڪي وئي هيس. هڪ سپاهيءَ بابت منهنجي جيڪا ٻاراڻي سوچ هوندي هئي، ته هو جيمز بانڊ جي فولادي ڏؤرن سان ڊگهو ۽ ڪهرو شخص هوندو، پر منهنجي اڳيان جيڪو جنرل بيٺو هو، سو قد جو بندرو، ڏسڻ ۾ پريشان ۽ ٻي اثرائتو ٿي ڏٺو، جنهن جي تيل لڳل وارن جي وچ ۾ سِينڌ نڪتل هئي. هو اتساهه ڏياريندڙ فوجي اڳواڻ بدران انگريزي ڪارٽون جو وِلين ٿي نظر آيو. ساڳئي وقت هو مونکي ڏاڍو خوشامديءَ ۽ چاپلوس ٿي لڳو، جنهن هر هر اهو پئي چيو، ته ذوالفقار علي ڀٽو جهڙي مهانَ انسان جي صاحبزاديءَ سان ملي مونکي وڏي عزت ملي آهي بابا بيشڪ ڪنهن ٻئي اثرائتي شخصيت واري جنرل کي چيف آف اسٽاف ڪري ٿي سگهيو. پر مون بابا کي ڪي به ڪين چيو.
”آئون وڏيڪ زرعي سڌارن جو اعلان ڪرڻ وارو آهيان.“ هن جي جنم ڏينهن شام جو اسان المرتضيٰ جي باغ ۾ سير پئي ڪيو، ته بابا مون کي اعتماد ۾ وٺندي چيو. ”۽

آئون مارچ ۾ چوندن ڪرائڻ جو پڻ اعلان ڪريان ٿو. آئين مطابق اهي چوندون آگسٽ ۾ ٿيڻ گهرجن، پر آئون اوسيئڙو ضروري نٿو سمجهان. اسان آئين هيٺ جيڪي جمهوري ادارا جوڙيا آهن، سي برقرار آهن ۽ پارليامينٽ ۽ صوبائي حڪومتون پنهنجي ڪم ۾ رُڌل آهن. عوام کان اختيار ملڻ سان هاڻي اسين سولائيءَ سان ملڪي سڌارن جي ٻئي ڏاڪي تي عمل ڪنداسون: جهڙوڪ ملڪ جي صنعتي بنياد ۾ واڌارو، نوان ٽيوب ويل کوٽي جديد زراعت بنائڻ، زرعي ٻج جي گهٽي ورڇ ۽ زرعي پاڻ جي پيداوار...." پسار ڪندي هن ڪيترائي ويچار ظاهر ڪيا ۽ هڪ جديد ۽ پاڻ ڀري پاڪستان جو ويچار ويجهي ۾ ويجهو ٿيندو ويو.

هن جا ڪيترائي سُڌارا شروع ٿي ويا هئا. پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي تنظيمي جدوجهد ۾ غريب عوام سان جيڪي واعدا ڪيا هئا، تن جي شروعات ڪجهه جاگيردارن کان زمينون وٺي، ماڻهن ۾ ورهائي ڏيڻ سان ٿي ويئي هئي. بابا پنهنجن اجتماعي اقتصادي پاليسين تي ٻه عمل شروع ڪري ڏنو هو: جن مطابق هن ڪيترين ئي اهڙين صنعتن کي قومي ملڪيت ۾ وٺي انهن جي نفعي کي ملڪ تي خرچ ڪيو، جن تي پاڪستان جي ٻاويهن خاندانن جي هڪ هٽي قائم هوندي هئي. هن جي حڪومت انهن مزدورن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اجرت مقرر ڪئي، جيڪي صنعتي مالڪن وٽ ملازم هوندا هئا. هن پورهيتن کي پنهنجي يونين ناهڻ لاءِ همٿايو، صنعتي انتظاميا ۾ هنن کي نمائندگي ڏني ۽ مستقبل لاءِ نفعو ڏياريو. پاڪستان جي تاريخ ۾ اهي سيئي ڳالهيون پهريون ڀيرو ٿيون هيون.

ڳوناڻن علائقن جي ڪيترن ئي هنڌن تي بجلي پهچائي ويئي هئي. مردن ۽ عورتن جي تعليم لاءِ پروگرام ناهيا ويا هئا ۽ غريبن لاءِ نوان اسڪول کوليا ويا هئا. شهرن جي ڪچن ميدانن تي پارڪ ۽ باغ لڳي ويا هئا ۽ جتي اڳي پيچرا هوندا هئا، اتي پڪا رستا ناهيا ويا هئا، ته جيئن صوبن جي وچ ۾ اچ وڃ جي سهولت وڌي. چين سان هڪ ناهه هيٺ هندوڪش جبلن مان هڪ نئون وڏو رستو کوٽي کڏيو پئي ويو، جيڪو سڌو وڃي چين جي سرحد سان ملندو. بابا پاڪستاني عوام کي جديد خوشحالي ڏيارڻ جو پڪو پهه ڪيو هو.

"هن نئين رستي تي منهنجو گڏهه تِرڪي پوي ٿو." بلوچستان ۾ هڪ هاري، بابا کي دانهن ڏني. "آئون توکي پلوڙ گڏهه ڏيڪاريندس، جيڪو تنهنجي ڀاڄي ۽ سامانَ جو ٽيٽو بار ڪٽي تيزيءَ سان مارڪيٽ ۾ پهچائيندو." بابا هن کي خاطري ڏياريندي چيو. ٻئي هفتي هن هاريءَ ڏانهن جيپ ڏياري موڪلي.

بابا جي مخالفت بيشڪ هئي. هو انهن صنعتڪارن کي ٻنهه ڏني ٻه نه وڻندو هو، جن جي ذاتي ملڪيتن کي هن قومي ملڪيت ۾ ورتو هو. نه وري اُهي زميندار هن کي پسند ڪندا هئا، جن جي زمينن کي هن انهن هارين ۾ ورهايو هو، جيڪي انهن زمينن

تي يارهن نسلن کان پورهيت ٿي رهيا هئا، ۽ جن کي رڳو پاڻ وٽ ان فصل جو اڌ رکڻ جي اجازت هوندي هئي، جيڪو هو پاڻ اپائيندا هئا. جماعت اسلاميءَ جي رُڪنن، جيڪي گهڻو ڪري ننڍا دڪاندار هئا، انهن بابا جي سماجي سڌارن، خاص ڪري گهر کان ٻاهر ڪم ڪندڙ عورتن ۽ عورت– مرد جي وچ ۾ ميسارڻ جي قانونن خلاف آواز اٿاريو. بابا جي ملڪي ٻَڌيءَ ۽ مضبوطيءَ جي نيتيءَ ان مفاد پرست ٽولي کي ڪاوڙائي وڌو، جن ملڪ کان جدا ٿيڻ گهريو ٿي: بلوچستان ۽ سرحد صوبن جا علحدگي پسند، جن آزادي ٿي گهري، قبائلي سردار جن پنهنجن لکن پوئلڳن سان مرڪزي حڪومت جو نہ، پر پنهنجو ذاتي قانون لاڳو رکڻ ٿي گهريو.
حقيقت اها آهي تہ 1947ع ۾ پاڪستان جي نهڻ وقت اُهي جيڪي سڀيئي طبقا موجود هئا، انهن جو 1977ع ۾ بہ وجود قائم هو: مرڪزي حڪومت جا مخالف علائقائي سوچ رکندڙ، اشتراڪين خلاف سرمايدار، تعليم يافتا ۽ روشن ضمير سوچ رکندڙن خلاف جاگيردار ۽ سردار، پنجاب جي شاهوڪار ماڻهن خلاف مفلس صوبن جا عوام، نئين سوچ ۽ فڪر جي حامين خلاف بنياد پرست ۽ انهن سڀني کان مٿي وري هڪ طاقتور طبقو فوج جو هو، جيڪو پاڪستان جو اڪيلو منظم ۽ مضبوط ادارو هو.
ڪجهہ مغربي سياسي تجزيو ڪندڙن ۽ پاڪستاني فوج جي ماڻهن جو چوڻ هو، تہ اهڙي ڇڙواڳ ۽ ڊانوانڊول آباديءَ لاءِ جنهن ۾ پڙهيل ماڻهن جو تعداد ۽ ساليانو آمدني تمام گهٽ آهي، جمهوريت ممڪن ئي ڪانهي. پاڪستان ۾ ڪيترا ماڻهو تہ هڪ ٻئي سان ڳالهائي بہ نٿا سگهن، ڇو تہ هر علائقي جي ٻولي ۽ ريتون رسمون جدا جدا آهن. اهڙي آباديءَ کي رُڳو فوجي حڪومت ئي سِڌو رکي سگهي ٿي. پر بابا سوڀ سان جمهوري حڪومت جوڙي، جنهن ۾ فوجي طاقت جي ذريعي نہ، پر چونڊن ذريعي فيصلو ٿيو ٿي تہ 'ملڪ جي اڳواٽي ڪير ڪندو' جهڙي نظريي کي غلط ثابت ڪيو. 1977ع جي سال شروع ٿيڻ وقت ڪنهن جي سوچ ۾ بہ نہ هو، تہ هن جي حڪومت کي مارچ ۾ ٻيهر ڪونہ چونڊيو ويندو.
جڏهن بابا پاڪستان ۾ چونڊن ڪرائڻ جي تياري پئي ڪئي، تہ آئون واپس آڪسفورڊ وچي يونين ۾ تقريرن جا مقابلا ڪرائڻ لڳيس. صدر طور مون جيڪو پهريون تقريري مقابلو ڪرايو، تنهن جو موضوع هو "سرمايداري جي سوڀ ٿيندي." ان لاءِ مون يونين جي اڳوٽي صدر ۽ ڪابيءَ ڏر سان تعلق رکندڙ نهايت عزت لائق پاڪستاني طارق عليءَ کي دعوت ڏني، تہ ان جي مخالفت ۾ تقرير ڪري. اتر–ڏکڻ ورهاڱي ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ هڪ ٻئي تقريري مقابلي جو موضوع هو، 'مغرب ٽين دنيا کي نقصان پهچائي گهڻو وقت سلامت رهي نٿو سگهي'.
جڏهن پاڪستان ۾ نون جماعتن جو ميڙ، جن ۾ علائقائي، مذهبي بنياد پرستن ۽ صنعتڪارن جون جماعتون شامل هيون ۽ جنهن کي پاڪستان نيشنل الائنس سڏيو

ويو، پاڻ ۾ متحد ٿيو هو، تڏهن مون پنجين تقريري مقابلي جو بندوبست پئي ڪيو. آڪسفورڊ يونين ۾ روايتي طرح اهو هڪ مزيدار مقابلو هو، جنهن جو موضوع هو ته ”هي ايوان خوشيءَ ۾ جهومڻ بدران ڏُڪارو رهندو.“ سموري مقدس تقريري ڪمري ۾ پهريون ڀيرو راڪ موسيقيءَ جو پڙاڏو ٿيڻ لڳو، جڏهن ميگڊيلن ڪاليج جي ٻن دوستن گڏجي اوچي آواز ۾ يونين بابت ”جيسز ڪرائيسٽ سپر اسٽار“ جي ڌُن ۾ هڪ گيت ڳايو ۽ پوءِ مونکي پنهنجن ڪُلهن تي کڻي ڪمري مان ٻاهر نڪتا هئا.

وري جڏهن آئون آڪسفورڊ يونين جي صدر جي آفيس کي هلڪي نيري رنگ ڏيارڻ ۽ تقريري پروگرامن جي دعوتنامن کي (پاڪستاني جهنڊي جي رنگن) سائي ۽ اڇي رنگ ۾ ڇپائڻ جي ڪم ۾ رُڌل هيس، تڏهن پاڪستان ۾ اصغر خان، پاڪستان قومي اتحاد جي هڪ اڳواڻ ۽ پاڪستان هوائي فوج جي اڳوڻي سرواڻ اعلان ڪيو هو، ته مخالف اتحاد مارچ چونڊن جي نتيجن کي نه مڃيندو، ڇوته انهن ۾ ڪُوڙا ووٽ هلندا. ان الزام تي مون ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو، ڇوته مونکي ڄاڻ هئي، ته بابا چونڊن جي ان طريقي تي عمل ڪندو، جيڪو سڀني جمهوري ملڪن ۾ آهي ۽ هن اعليٰ عدالتن جي اختيار هيٺ اليڪشن ڪميشن، اليڪشن ٽربيونل ۽ چونڊن جا قانون ناهيا آهن، ته جيئن خاطري ٿئي ته چونڊون صاف ۽ شفاف، انصاف ۽ ايمانداريءَ سان ٿي سگهن. پر اصغر خان جي اها عجيب حڪمت عمليءَ تي لڳي، جنهن ۾ هن ملڪ جي ماڻهن کي ان لاءِ تيار پئي ڪيو، ته چونڊن ۾ پ.ڪستان پيپلزپارٽيءَ جي اٽر سوپ ڪي مڃڻ کان انڪار ڪن.

چونڊن جي مهم ۾ ان وقت وڏيڪ مونجهارو پيدا ٿيو، جڏهن اميدوارن جي رجسٽريشن جي آخري تاريخ 18 جنوري تائين انهن سيني تڪن ۾، جتي بابا ۽هن جا وزيراعليٰ چونڊون وڙهيا ٿي، پاڪستان قومي اتحاد پنهنجو ڪو هڪ به اميدوار ڪونه بيهاريو هو. مون انگلينڊ ۾ جڏهن اها خبر پڙهي، ته مونکي ڏاڍو عجب لڳو هو، ته اهي وزيراعظم ۽ چئن صوبن جي وڏن وزيرن کي مقابلي بنا ڇو ٿا ڇڏين؟ شايد ان ڪري ته پاڪستان قومي اتحاد جي اميدوارن کي ڄاڻ هئي، ته اهي بابا کي هارائي ڪونه سگهندا. تنهنڪري هنن اهڙي خواريءَ کان بچڻ لاءِ اهو ڪيو هو. پر اهو ويچار ڏاڍو عقلمنديءَ وارو ثابت ٿيو. سندس وضاحت نه رڳو ڪِل جهڙي هئي پر اخبارن ۾ نمايان طور ڇپي.

”اسان کي رجسٽر ٿيڻ کان روڪيو ويو ۽ ڀڄايو ويو.“ مخالف ڌر رڙيون ڪيون ۽ دعويٰ ڪئي ته سندن اميدوارن کي آخري تاريخ گذرڻ تائين پوليس سوگهو ڪري رکيو هو. هنن جي انهن الزامن تي مون کي انگلينڊ ۾ کِل پئي آئي. مونکي پورو ويساهه ئي نه پئي آيو، ته پاڪستان قومي اتحاد جي اميدوارن کي ڪو ڀڄايو ويو هوندو نه وري چيف اليڪشن ڪمشنر اهو الزام مڃيو. جنهن ثبوت نه هجڻ سبب هنن جا اهي الزام رد ڪري ڇڏيا هئا. جيڪڏهن هنن کي ڀڄائي لڪايو ويو هو، ته اها سندن ئي ڪيڏ

هئي، پر اهو سندن هوشياريءَ وارو داءُ هو. پاڪستان ۾ مختلف سببن خاطر اغوا جون وارداتون عام هيون ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جو ويچار هو، ته پاڪستان قومي اتحاد جي اها دعويٰ اجائي آهي.
انگريزي اخبارن ۽ پڻ پاڪستاني اخبارن ۾، جيڪي هر هفتي منهنجا والدين مون ڏانهن موڪليندا هئا ۽ ايشيا مان نڪرندڙ اخبارن ۽ رسالن ۾ مون چوندي مهم جون خبرون ڏاڍي ڌيان سان پڙهڻ شروع ڪيون. پاڪستان قومي اتحاد هاڻي وڌيڪ ناراضپو ۽ غير ذميداري پئي ڏيکاري. پٽني تي ڪوبه ويساهه ڪري نٿو سگهجي. مخالف ڌر رڙيون ڪرڻ لڳي: ”هاڻي هن جو ارادو آهي ته هر ماڻهوءَ جي ذاتي گهر کي قومي ملڪيت ۾ وٺان ۽ هر عورت جا زيور ۽ جواهرَ ضبط ڪريان. ڀٽو شاهوڪار ماڻهو آهي ۽ هن جو عوام سان ڪوبه واسطو ڪونهي. هنن ٺوڪبازي ڪئي: ”هو ولايتي سُوٽ ۽ اطالوي بوٽ پائي ٿو ۽ اسڪاچ وسڪي پيئي ٿو.“
ايوب خان جي وزيرن به اهو ساڳيو الزام مَڙهيو هو. بابا تنهن وقت ڪين جيڪو جواب ڏنو هو، اُهو ٻُڌي مونکي خوشي ٿي هئي، ڇوته هو سچو انسان هو ۽ هن ڪڏهن به نِجي ڳالهيون عوام کان ڪونه لڪايون هيون. ”آئون انڪار نٿو ڪريان، ته روزانو اڙهن ڪلاڪ ساندهه ڪم ڪانپوءِ آئون ورلي ٿورو پيئندو به آهيان، ”هن لاهور جي هڪ عام جلسي ۾ هُنن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو هو. ”پر ٻين سياستدانن جيان آئون عوام جو رَتُ ڪونه ٿو پيان.“ چوندن جي نتيجي تي مونکي ڪڏهن به شڪ ڪونه ٿيو. پاڪستان قومي اتحاد جا اڳواڻ نه وڏا ماڻهو هئا ۽ نه وري سڀُورا. انهن مان گهٽا ته بابا کان به ڄمار ۾ وڏا هئا ۽ پنهنجو وقت گذاري چڪا هئا. هنن بابا جهڙي اعليٰ تعليم نه پرائي هئي ۽ نه وري وٽن حڪومت ۽ عالمي سفارتڪاريءَ جو هن جهڙو گهڻو تجربو هو. حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ بابا اهڙو اڪيلو فرد هو.
فوجي جنرلن جي حڪومت ۾ مجموعي طرح اهم ماڻهو سياست ڏانهن راغب ڪونه ٿيا هئا. طاقت جو مرڪز سول انتظاميا ۽ فوج هوندي هئي يا وري صنعت. بابا جي مخالفن مان ڪيترائي ننڍڙا ۽ صوبائي ذهنيت رکندڙ ماڻهو هئا، جن جي ڄٽپائي پاڪستان کي ماضيءَ ۾ ناڪام ڪيو هو ۽ هاڻي وري آئندي به ڪندي. هنن جا ڪُوڙ ڏينهون ڏينهن بيهودا ٿيندا ويا. اصغر خان ته اها به دعويٰ ڪئي، ته ڀٽو اهڙو خراب مسلمان آهي، جنهن کي هاڻي ڄاڻ پئي آهي ته روزانو پنج نمازون ڪيئن پڙهجن. مونکي پنهنجين اکين تي ويساهه ئي نه پئي اچي سگهيو، جڏهن مون اهو الزام فيبروريءَ ۾ ”فارايسٽرن اڪانامڪ رِيو“ ۾ پڙهيو. مون پنهنجي گهر ۾ اڪثر پنهنجي والدين سان گڏجي نماز پڙهي هئي. پر ان الزام جو بابا جيڪو منهن ٽوڙ جواب ڏنو هو، اهو به مونکي ڏاڍو وڻيو. جڏهن هڪ صحافي هن کان پڇيو ته، فلسطين لبريشن

آرگنائيزيشن جو اڳواڻ ياسر عرفات اوهان سان ملڻ لاءِ چو پيو اچي، تہ بابا ٺوڪ ھڻندي چيو، "هو مونکي نماز سيکارڻ لاءِ پيو اچي."
"نظام مصطفيٰ" جو نعرو هٽي ان ٽولي جي اڳواٽن سياسي مقصد ماڻڻ لاءِ مذهب کي ڏاڍي بيشرمائيءَ سان واپرايو هو. "پارٽيءَ خلاف ووٽ ڏيڻ جو مطلب ٿيندو تہ اوهان الله خلاف ووٽ ڏنو،" جماعت اسلاميءَ جي اڳواڻ هڪ ڳوٺ ۾ عام جلسي کي خطاب ڪندي چيو هو. "پاڪستان قومي اتحاد کي ووٽ ڏيڻ هڪ لک ورهين جي عبادت برابر آهي."
پر مخالف ڌر جي ڪجهہ سمجهدار اڳواٽن کي پوري ڄاڻ هئي، تہ اهو مذهبي معاملو خطرناڪ ٿي سگهي ٿو، تنهنڪري هنن ان ڪان پاسو ڪيو هو. اها اجائي مذهبي ڇيڙڇاڙ ڪندي بہ هنن سيني کي پوري ڄاڻ هئي، تہ اسلام سان پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي وابستگيءَ تي ڪوبہ حرف نٿو آڻي سگهجي. بابا ئي هو جنهن 1973ع ۾ ملڪ کي پهريون اسلامي آئين ڏنو هو ۽ هن ئي پاڪستان جي مذهبي معاملن واري وزارت جوڙي هئي. هن جي ئي حڪومت جي زماني ۾ سرڪاري طرح قرآن ڪريم جو مڪمل صحيح مَتن ڇپايو ويو. حج تي ويندڙ ماڻهن جي تعداد تي اڳوڻين حڪومتن جي وڌل پابندي لاٿي ويئي، پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ مذهبي تعليم اسلاميات لازمي ڪئي ويئي هئي. بابا جي حڪومت ٽيليويزن تي عربي ٻوليءَ جا پروگرام ڏيکارڻ شروع ڪيا، تہ جيئن پاڪستاني قرآن شريف جي ٻولي سِکي سگهن. ۽ رويت هلال ڪاميٽي جوڙي هئي، تہ جيئن رمضان مهيني جي شروع ۽ ختم ٿيڻ ۾ ڪو مونجهارو نہ ٿئي. بابا جي حڪومت اُن ڳالهہ تي زور آندو هو، تہ ريڊ ڪراس جو نالو ۽ نشان بدلائي هلال احمر رکيو وڃي، تہ جيئن اهو ادارو عيسائيت بدران اسلام سان جُڙيل رهي.
مخالف ڌر جي انهي مهم ۾ بنيادپرستيءَ جون اهي ڳالهيون پڙهي آئيون ايتري پريشان نہ ٿي هيس. منهنجو ويچار هو تہ اڪثر عوام کي ڄاڻ هئي، تہ بنياد پرستن جي ٻُڌايل شريعت لاڳو ٿيڻ سان انساني حقن ۽ اقتصادي ترقيءَ جا جيڪي هنن فائدا ماڻيا هئا، سي وڃائي ڇڏيندا: مثال طور بئنڪ جو نظام ختم ڪرڻو پوندو، ڇوتہ اسلامي تعليم هيٺ نفعي وٺڻ کي وياج سڏيو ويو آهي ۽ عورتن کان اها آزادي ڦُري ويندي، جنهن لاءِ ڪين بابا همٿايو هو.
هن عورتن لاءِ فارين سروس، سول سروس ۽ پوليس سروس جي راهہ کولي هئي. هُن عورتن جي تعليمي واڌاري لاءِ اسلام آباد يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسلر جي اعليٰ عهدي تي هڪ عورت کي رکيو هو، ۽ هُن سنڌ جي گورنر لاءِ هڪ عورت کي ٽاڪيو هو ۽ قومي اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر هڪ عورت ٿي هئي. ٽيليويزن تي عورتن کي پهريون ڀيرو خبرون پڙهندي ڏنو ويو.

ھن تہ امان کي بہ ملڪي ڪمن ۾ ڀرپور حصي ونڻ لاءِ ھمٿايو ھو. 1975ع ۾ گڏيل قومن طرفان عورتن جي جيڪا عالمي ڪانفرنس ميڪسيڪو شھر ۾ ٿي ھئي، ان ۾ پاڪستاني وفد جي اڳواڻي ھن ڪئي ھئي. مونکي ان وقت ڏاڍو فخر ٿيو ھو، جڏھن ھوءَ ڪانفرنس جي وائيس پريزيڊنٽ چونڊي ويئي ھئي. ھاڻي ھوءَ قومي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ حصي ونڻ واري ھئي، جنھن مان ظاھر ٿي ٿيو، تہ بابا جو رَويو انھن عورتن لاءِ ڪيترو نہ ھمٿائيندڙ ھو، جن سياست ۾ حصو ٿي ورتو.

پر چونڊن جو ڏينھن جيئن ويجھو آيو، تہ پاڪستان قومي اتحاد جا پاڪستان پيپلزپارٽيءَ تي حملا سخت ٿيندا ويا. اصغر خان چيو تہ 8 مارچ تي آئون حڪومت جون واڳون سنڀالڻ سان پيپلزپارٽيءَ جي انھن اڳواڻن کي قيدي ڪئمپ ۾ موڪليندس، جيڪي مونکي نٺا وڻن. ھن بابا کي مارڻ جون ڌمڪيون بہ ھنيون ھيون.

"آئون ڀٽي کي اٽڪ جي پل تي ٽنگي ڦاسي ڏيان؟ يا آئون ڀٽي کي لاھور ۾ بجليءَ جي ٿنڀي ۾ لٽڪائي ماريان؟" مخالف اڳواڻ چيو ھو. حقيقت ۾ ان ڳالھہ مونکي لوڏي وڌو ھو. افواھہ ھئا تہ اصغر خان جا مائٽ فوج ۾ ننڍا عملدار ھئا، جن 1974ع ۾ حڪومت تي قبضي جي ناڪام ڪوشش ڪئي ھئي. ڇا ھن فوج ۾ وري قوت ٿي وڌي؟

پر آڪسفورڊ ۾ مون اھو ئي پئي سوچيو. بابا پاڪستان ۾ جمھوريت آڻڻ لاءِ جدوجھد ڪئي ھئي. پر لڳو ٿي تہ جمھوريت ۾ پاڻ کي ضابطي ھيٺ رکڻ جي جيڪا گھُرج آھي، ان مان سيئي ماڻھو واقف ڪونہ ھئا. ڪراچيءَ جي ھڪ پاڙي ۾ پاڪستان قومي اتحاد جي ھڪ اميدوار ڀتين تي اشتھار ھڻايا ھئا، جن ۾ ڏيڪاريل ھو تہ بابا مشين گن سان پاسي ۾ بينظير کي قتل پيو ڪري.

"مخالف ڌر جو ورتاءُ گھڻو خراب رھيو آھي، ايتريقدر جو مون جھڙي غير سياسي فرد کي بہ خبردار رھڻو پوي ٿو." فيبروري ۾ ڪراچيءَ مان اسڪول جي ھڪ ساھيڙي پنھنجي ھڪ خط ۾ لکيو ھو.... "ھاڻي تہ اڳي کان بہ وڌيڪ سڄي ملڪ سمجھيو آھي، تہ اسان کي تنھنجي بابا جي ڪيتري نہ گھرج آھي. الله نہ ڪري، پر جيڪڏھن ڪنھن ٻي حڪومت واڳون سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ آئون سمجھان ٿي تہ اھا اسان جي قوم کي تباھہ ڪري ڇڏيندي."

چونڊن جي رات آئون ڪرائيسٽ ڪاليج سامھون مير جي ڪمري ۾ ويس ۽ فون پرسان انتظار ۾ ٿي وينس. لنڊن ۾ پاڪستان جي سفير ۽ بابا جي ھڪ وزير واعدو ڪيو ھو، تہ جيئن ئي چونڊن جا نتيجا مليا، تہ اسين اوھان کي اطلاع ڪنداسين. مير اندازو ڪري پئي ٻڌايو، تہ پيپلزپارٽي قومي اسيمبليءَ جون 150 کان 156 تائين نشستون کٽيندي. فون جي گھنڊڻي وڄڻ تي ڄاڻ پئي تہ بابا جو فون آھي. ھن جو آواز گھُٽيل ھو. ھن ٻڌايو تہ پيپلزپارٽي 200 نشستن مان 154 نشستون کٽيون آھن. "مبارڪون ھجن بابا. اوھان سبب آئون ڪيتري نہ خوش ٿي آھيان." مون فون ۾ داٺھن ڪندي چيو.

پيپلزپارٽيءَ جي سوڀ سبب مونکي جيترو جوش آيو هو، اوتروئي چوندن جي ڇڪتاڻ کان آجي ٿي ويئي هيس. ايئن ڪونہ ٿيو هو.
اڳ ڏنل ڏمڪيءَ مطابق پاڪستان قومي اتحاد دعويٰ ڪئي، تہ قومي چوندن جي نتيجي ۾ ڦيرڦار ڪئي ويئي آهي: تنهنڪري هنن ٽن ڏينهن کانپوءِ صوبائي اسيمبليءَ جي ٿيندڙ چوندن ۾ حصي نہ وٺڻ جو اعلان ڪيو ۽ پوءِ ڇڪتاڻ وڌي ويئي.
اوچتو سڄي ڪراچيءَ ۾ نوجوانن جا جٿا اسڪوٽرن تي ڊوڙڻ لڳا ۽ سئنيمائن، بئنڪن، شراب جي دڪانن ۽ انهن گهرن کي، جن تي پيپلزپارٽيءَ جا جهنڊا لڳل هئا، باهيون ڏيڻ لڳا. هڪ گهر کي باهہ ڏيئي اتي رهندڙ تيرهن ڀاتين کي ساڙيو ويو ۽ جڏهن منجهانئن عذاب ۾ ڦاٿل هڪ ڀاتي ڀاڄي گهريو، تہ غنڊن هن جي وات ۾ پيشاب ڪيو.
پيپلزپارٽيءَ جي هڪ ڪارڪن کي ڦاسي ڏني ويئي ۽ ڪيس بجليءَ جي ٿنڀي ۾ ٽنگيو ويو، جنهن جو لاش پوليس اچي لاٿو. پيپلزپارٽي جي ڪيترن ئي وزيرن ۽ پارليامينٽ جي ميمبرن کي موت جون ڌمڪيون ڏنيون ويون ۽ سندن ٻارن کي اسڪولن مان اغوا ڪرڻ جا دڙڪا ڏنا ويا هئا.
ڪراچيءَ ۾ ڀَوءِ ۽ ڊَپُ پکڙجي ويو هو. آئون روز صبح جو پنهنجي ٽپال جي دٻي مان پاڪستاني اخبارون کڻڻ کان اڳ سينٽ ڪئٿرائين ڪاليج جي ڪامن روم ۾ وڃي انگريزي اخبارون ڏسندي هيس. مير ۽ آئون انهن اخبارن کي پڙهڻ ۾ جُنبي ويندا هئاسين ۽ اسان کي ويساهہ ئي ڪونہ ايندو هو. اسان آمريڪا ۽ انگلينڊ ۾ جمهوريت ڏٺي هئي، جتي سياسي مخالفن وچ ۾ اهڙي غنڊاگردي ۽ دهشتگرديءَ جو نالو نشان ڪونہ هو. پاڪستان قومي اتحاد جي انهن تدبيرن اسان کي ڊيڄاري ڇڏيو هو ۽ انهن جي نتيجن بابت اسان جا شڪ شبها وڌڻ لڳا هئا. اهو ظاهر هو تہ پاڪستان قومي اتحاد کي چوندن ۾ ڪابہ دلچسپي ڪين هئي. لڳو ٿي تہ هنن جي انهن لاڳيتن هنگامن اهڙي راهہ ورتي پئي، تہ جيئن ملڪ ۾ فوجي حڪومت نهي سگهي. فوج کي بنيادي اهميت هئي، پر فوج جي وفاداريءَ تي شڪ جو ڪو سبب ئي نہ هو. بابا فوج ۾ ڏاڍو مقبول هو ۽ هن ڇهن وڏن فوجي عملدارن کي ريٽئي ضياءَ کي فوج جو سربراهہ بڻايو هو، تنهنڪري لڳو ٿي، تہ بابا جي ضياءَ بہ پُٺڀرائي ڪندو. اسان جي تهذيب ۾ پنهنجي مربيءَ ۽ مهربان سان بيوفائي نہ ڪبي آهي. پر اصغر خان فوج کي پنهنجي پاسي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ پنهنجو اهو خط هر طرف موڪلي ڏنو، جنهن ۾ فوج کي حڪومت تي قبضي لاءِ لکيو هو. پر ان جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو. مورڳو بري، بحري ۽ هوائي فوجن جي سربراهن هڪ بيان ڪڍي، بابا جي چونڊيل حڪومت جي پُٺڀرائي ڪئي. پاڪستان قومي اتحاد جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي هئي.
ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٽن هفتن جي هنگامن کانپوءِ پاڪستان قومي اتحاد لاهور ۾ هنگامن ۽ ڦرمار جي ڪوشش ڪئي. هڪ ڀيرو وري ويهن کان ٽيهن ماڻهن جا جٿا

اسڪوٽرن تي موڪليا ويا، جن بازار ۾ دڪانن تي پٿر اڇلائي، دڪاندارن کي ڌَپُ ڏياري، پنھنجا دڪان بند ڪرڻ تي مجبور ڪيو. غنڊن ڪٽي ڪٽي بئنڪن ۽ بسن تي پيٽرول هاري باھ تي ڏني ۽ پوءِ هڪدم اتان ڀڄي تي ويا.

آڪسفورڊ ۾ اخبارن پڙهڻ ڪانپوءِ مونکي ۽ مير کي پاڪستان قومي اتحاد کان سخت نفرت ٿي، جن هنگامن کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جمهوريت مطابق مات مڃڻ بدران انهن پراڻي ذهنيت جي سياستدانن دهشتگردي ۽ افواهن پکيڙڻ تي زور رکيو. ”بيگم ڀٽو پنھنجا سُوٽ ڪيس ڪٽي هلي ويئي آهي.“ پاڪستان قومي اتحاد هڪ افواھ اهڙو بہ پکيڙيو.“ ڀٽو بہ جلد هن پنيان ويندو.“

بابا کي پيپلزپارٽيءَ جي قوت جي گھٽي خاطري هئي. هن صوبائي چونڊن ڪرائڻ جي نئين تاريخ ڏني ۽ چيو تہ جيڪڏهن انهن ۾ پاڪستان قومي اتحاد کي اڪثريت ملي، تہ پوءِ بيهر عام چونڊون ڪرايون وينديون. پر پاڪستان قومي اتحاد جي اڳواڻن تہ مورڳو هن سان ويهي ڳالهائڻ کان بہ انڪار ڪيو. هنن کي رُڳو بابا جي استعيفيٰ جي گھُرج هئي. ظاهر آهي تہ جمهوري طريقي سان ڪرايل چونڊن ۾ وڏي اڪثريت ماڻڻ ڪانپوءِ حڪومت ۾ اچڻ سبب هن انڪار ڪري ڇڏيو.

پاڪستان قومي اتحاد جون دهشتگرديءَ واريون حرڪتون آڪسفورڊ ۾ مون تائين بہ پهچڻ لڳيون. مارچ جي پڇاڙيءَ ڌاري هڪڙي ڏينهن آئون جڏهن بوڊلين لائبرري مان واپس موٽيس، تہ اسڪاٽليند يارڊ جي هڪ ماڻهوءَ کي پنھنجي اوسيئڙي ۾ ڏسي مونکي ڌڪ ٿيو هو. ”مس ڀٽو، آئون توکي ڊيڄارڻ نٿو گهران، پر اسان کي اهڙيون خبرون مليون آهن، تہ توکي ڪو جوکو رَسي سگهي ٿو،“ انگريز عملدار مونکي ٻڌايو.

مونکي پڪ ٿي تہ ڪا اهڙي ڳالھ هئي، جو اسڪاٽليند يارڊ وارن ايترو پري آڪسفورڊ ۾ ڪو ماڻهو موڪلي منهنجي پلائيءَ جي ڳالھ مون تائين پهچائي هئي. تنهنڪري اُن ڏينهن کان جونَ مهيني تائين، جنهن ڏينهن مون آڪسفورڊ ڇڏي، آئون سندن ڏنل هدايتن تي خبرداريءَ سان عمل ڪندي رهيس. مثال طور ڪار جي دروازي کولڻ کان اڳ اُن هينان ڏسندي هيس، تہ ڪا نڪاءِ ڏئي ڦاٽڻ واري شيءِ تہ رکيل ڪانهي. ڪُلف کي چڪاسيندي هيس، تہ متان ان سان ڪنهن هٿ چراند تہ نہ ڪئي آهي. اسڪاٽليند يارڊ جي هدايتن مطابق آئون پنھنجي اچ وڃ جا وقت بہ ڦيرائيندي رهيس. جيڪڏهن منهنجو ڪلاس ڏهين بجي لڳندو هو، تہ آئون ان لاءِ جلدي ساڍي نائين بجي يا وري دير سان ٺوَ لڳي پنجونجاھ منٽن تي ويندي هيس. آئون اڄ بہ سلامتيءَ جي انهن اپائن تي عمل ڪريان ٿي، جيڪي اسڪاٽليند يارڊ مونکي سيکاريا هئا.

اپريل جي شروع ڌاري پاڪستان ۾ پاڪستان قومي اتحاد جي هنگامن ۾ ٿوري ماٺار آئي هئي. لڳو ٿي تہ اهي فساد ختم ٿي ويا هئا. پر اتان پهتل خبرن مان پتو پيو، تہ انهن نئين ۽ منحوس صورت ورتي هئي.

منهنجي ساهيڙي سميعا لکيو ته، ماڻهن وٽ ٻُڪ ڊالرن جا اڇي ويا آهن ۽ اهي نوڪريون ڇڏيو پيا وڃن. منهنجي سئوٽ فخري ۽ هن جي ڀين ڄاڻ سڃاڻ وارن جي نوڪرن به اهو ئي ڪيو. ”پاڪستان قومي اتحاد جي هنگامن ۾ شامل ٿيڻ سبب اسان کي سُنو پگهار ملي ٿو،“ نوڪرن هنن کي ٻڌايو هو. هن اهو پڻ لکيو هو، ته مارچ کان آمريڪي نوٽن جي گهٽائيءَ سبب چور بازار ۾ ڊالرن جي قيمت تيهه سيڪڙو ڪِري پئي آهي. ڪراچيءَ ۾ خانگي بسن ۽ لارين جي ڊرائيورن هڙتال ڪئي ۽ ڪارخانن ۾ ملازمن جي نه پهچڻ سبب اتي ڪم جي رفتار گهٽجي ويئي. پر اُهي ساڳيون بسون ۽ لاريون پاڪستان قومي اتحاد جي هنگامن ۾ ماڻهن کي پهچائڻ لاءِ موجود هيون.

ايشيائي ماڻهن جو سدائين بغاوتي نظرين ڏانهن جهُڪاءُ رهيو آهي. پر بابا ۽ پيپلزپارٽيءَ جي ڀين ميمبرن کي پورو ويساهه هو، ته افراتفريءَ جي ان صورتحال ۾ آمريڪا جو هٿ آهي. مون پاڻ اهو سمجهيو هو. جڏهن لارين جا ڊرائيور هڙتال تي ويا هئا ۽ معاشي ابتري جي حالت ساڳي چليءَ جهڙي هئي، جڏهن اتي سي آءِ اي جي آيارڻ تي فوج، صدر آلندي ۽ هن جي جمهوري طريقي تي چونڊيل حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو هو. اسان جي جاسوسي ادارن، آمريڪي سفارتڪارن ۽ پاڪستان قومي اتحاد جي ميمبرن وچ اڪثر گڏجاڻين جون خبرون ڏنيون هيون.

پاڪستان قومي اتحاد جي ڪرايل هڙتالن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ اثرن تي پڻ شڪ هو. بابا جڏهن اقتدار ۾ آيو هو، تڏهن ڪيس ڄاڻ پئي هئي ته 1958ع ۾ آمريڪين سخت ڳجهه ڳوهه ۾ پاڪستاني فوج سان مشقون ڪري، هنن کي اها سکيا ڏني هئي، ته هڙتال ذريعي حڪومت کي بي اثر ڪيئن ڪبو آهي. انهن مخفي مشقن کي ’وهيل جام آپريشن‘ سڏيو ويو هو. هاڻي پاڪستان قومي اتحاد وارن ملڪي هڙتال جو سڏ ڏنو هو: ’آپريشن وهيل جام‘

مونکي اهو ويساهه ئي ڪونه ٿي آيو، ته پاڪستان جي جمهوري طريقي سان چونڊيل حڪومت کي آمريڪا ڊاهڻ ۾ رُڌل آهي. پر مونکي هينري ڪيسنجر جي اها راءِ ياد ٿي آئي، جيڪا هن 1976ع جي آرهڙ ۾ پاڪستان اچڻ وقت بابا کي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ڏني هئي. ان وقت مسئلو اهو هو ته بابا، فرانس کان ائٽمي ريپروسيسنگ پلانٽ وٺڻ لاءِ ڳالهين جو پختو ارادو ڪيو هو، جو ته ان پلانٽ سبب پاڪستان کي ان وقت توانائي ملي ها، جڏهن تيل جي چوٽ چڙهيل قيمتن، مغربي شاهوڪار ملڪن جي اقتصادي حالتن تي به خراب اثر وڌو هو. هوڏانهن ڊاڪٽر ڪيسنجر به انهن ڳالهين نه ڪرڻ لاءِ بابا کي سمجهائڻ جو پختو ارادو ڌيڪاريو هو. لڳي ٿو ته آمريڪي حڪومت سمجهيو ٿي، ته ان پلانٽ ذريعي ائٽمي صلاحيت، جنهن کي بعد ۾ ’اسلامي بم‘ چيو ويو هو، ماڻي ويندي، جيڪا آزاد دنيا جي بهترين مفادن جي بلڪل خلاف هئي.

اُھا گڏجاڻي سوڀاري نہ ٿي ھئي ۽ جڏھن بابا واپس گھر موٽيو، تہ ھو ڏاڍو ڪاوڙيل ٿي لڳو. ”ھينري ڪيسنجر مون سان ڏاڍي آڪڙ ۽ اُڏنگي نموني ڳالھايو آھي.“ ھن مونکي ٻُڌايو. آمريڪا جي سيڪريٽري آف اسٽيٽس صاف چيو ھو، تہ ريپروسيسنگ پلانٽ جو ناھ آمريڪا کي قبول ڪونھي. اھو ناھ رد ڪرڻ گھرجي يا وري ڪيس ڪيترن ئي ورھين تائين روڪيو وڃي، جيستائين ائٽمي صلاحيت بدران ڪا ٻي ٽيڪنالاجي ھٿ نہ اچي. اُن گڏجاڻيءَ ۾ ھينري ڪيسنجر بابا کي ذھين مُدبر سمجھي، سڌي طور چتاءُ ڏنو تہ: فرانس سان ان ناھ تي ٻيھر ويچاريو وڃي. ٻيءَ صورت ۾ ان جي ’خوفناڪ نتيجي جو عبرتناڪ مثال‘ قائم ٿيندو.

ھاڻي اُھا گفتگو مونکي ذھن ۾ سمائجي وئي ھئي. جيتوڻيڪ ٿي مھينا اڳ جمي ڪارٽر آمريڪا جو صدر بڻيو ھو ۽ ھينري ڪيسنجر جي جاءِ تي سائرس وانس ھاڻي سيڪريٽري آف اسٽيٽس ھو، پر آمريڪي انتظاميا ۾ ڦير گھير جو مطلب اھو ڪونہ ھو، تہ آمريڪا جي سيني اقتداري ادارن ۾ تبديلي ٿي ھئي. مون سياسيات جو ست ورھيہ اڀياس ڪيو ھو، جنھن پٽاندر مونکي ڄاڻ ھئي، تہ سي آءِ اي خودمختيار ادارو ھو ۽ سندس حڪمت عملي ڪا رات وچ ۾ ڪين نھي ھئي.

ڇا اُھا ھنن جي حڪمت عملي ھئي، تہ جيڪڏھن اُھي بابا کي ريپروسيسنگ پلانٽ جو ناھ رد ڪرڻ لاءِ راضي نٿي ڪري سگھيا، تہ پوءِ مورڳو منجھانئس ڇوٽڪارو ماڻين؟ ڇا بابا مقرر تاريخ کان پورو ھڪ سال اڳ چونڊن جو اعلان ڪري، بيخيالي ۾ سندن ھٿ مضبوط ڪيا ھئا؟

سي آءِ اي وٽ بابا بابت جيڪا مڪمل ڄاڻ ھئي، سا آئون ويچارن ۽ سوچن ۾ ڏسي پئي سگھيس: ھي اھو ماڻھو آھي، جنھن ويٽنام جنگ ھلندي آمريڪي نيتيءَ خلاف ڳالھايو ھو: جنھن ڪميونسٽ چين سان باقاعدي لاڳاپن کي وڌايو ھو، جنھن 1973ع جي جنگ ۾ عربن جي پُٺڀرائي ڪئي ھئي ۽ ٽين دنيا جي ڪانفرنس ۾ وڏين طاقتن کان آزادي ماڻھن جي وڪالت ڪئي ھئي. ڇا ھو ايترو مغرور ٿيندو پيو وڃي؟ جاسوس ھڪ ٻي ڳالھ پڻ ٻڌائي. اھا اسلام آباد ۾ ٻن آمريڪي سفارتڪارن وچ ۾ ٿيل گفتگو جي ٽيپ ھئي. ”پارٽي ختم ٿي ويئي: ھو بہ ھليو ويو:“ ھڪڙي سفارتڪار بابا جي حڪومت جو حوالو ڏيندي چيو ھو. ”سائين، پارٽي ختم ڪانہ ٿي آھي.“ بابا قومي اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي انھن کي جواب ڏنو ھو. ۽ ”اھا اوستائين ختم نہ ٿيندي، جيستائين مون ھن عظيم قوم لاءِ پنھنجو مقصد نہ ماڻيو آھي.“

انھي وچ ۾ پاڙي تي ورتل بنياد پرستن جا رولاڪ ٽولا بنھ ھيٺ لھي آيا ھئا. ”ڀٽو ھندو آھي، ڀٽو يھودي آھي.“ ھنن نعرا ھنيا ھئا. جڏ تہ ٻئي مذھب ھڪٻئي سان ٺھڪجندڙ ھئا. جيتوڻيڪ منھنجي مسلمان بابا جو انھن مان ڪنھن بہ ھڪ سان تعلق ڪونہ ھو.

”هتي جيڪا صورتحال آهي، ان بابت سمجهه ۾ ئي نٿو اچي ته ڇا لکان،“ بابا لکيو. مونکي اها ئي ڄاڻ آهي جيڪا آئون اخبارن ۾ پڙهان ٿي ۽ اهي ئي اخبارون تو وٽ به پهچن ٿيون. مارننگ نيوز وڏيڪ صحيح خبرون ڏئي ٿي ۽ تاءُ ڏيارينڊڙ خبرن کان پاسو ڪري ٿي. تنهنڪري تون به ايترو ئي ڪي ڄاڻين ٿي، جيترو آئون ٿي ڄاڻان.
”مون صنم (منهنجي ڀيڻ 1975ع ۾ ريڊڪلف ۾ داخل ٿي هئي) ۽ مير کي خط لکيا آهن، ته هن آرهڙ جي مُند ۾ ڪنهن به دوستَ کي دعوت نه ڏين. الائي هنن کي منهنجا خط مليا به يا نه، ڇو ته ڪيترا خط گم ٿي ويا آهن. جيڪڏهن توکي هيءُ ملي ته هنن کي ٻُڌائيجان.“
پاڪستان قومي اتحاد جا اڳواڻ، بابا جي ان آڇ کي سانده رد ڪندا رهيا، ته معاملي جو امن ڀريو حل ڳولڻ لاءِ ڳالهيون ڪجن. لتمار ڪرڻ، باهيون ڏيڻ ۽ پيپلزپارٽيءَ جي ڪيترن ئي حامين کي مارڻ سبب، بابا پاڪستان قومي اتحاد جي ڪيترن ئي اڳواڻن کي نظربند ڪرڻ تي مجبور ٿيو هو. اهڙيءَ ريت دهشتگرديءَ کي ٿورو وقت ٻُنجو ڏيڻ سبب شايد ملڪ ۾ ناپر ٿئي ها. پر 20 اپريل تي گهٽو وقت اڳواٽ رٿيل ”ڦيٿا روڪ هڙتال“ سبب ڪراچيءَ جي رستن تي هڪ گاڏي به ڪانه هلي هئي. ٽرڪ ڊرائيورن هڙتال ڪئي هئي ۽ دڪان، بئنڪون مارڪيٽون ۽ ڪپڙي جا ڪارخانا بند هئا. 21 اپريل تي بابا آئين مطابق فوج کي شهري انتظاميا جي مدد لاءِ ٻاهر آندو، ته جيئن ڪراچي، لاهور ۽ حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ ٻيهر امن قائم ٿئي. ان سبب هنگاما گهٽجي ويا. 22 اپريل تي پوري ملڪ ۾ مظاهرن ۽ هڙتالن جو جيڪو سڏ ڏنو ويو هو، ان تي عمل بلڪل نه ٿيو. ۽ نه وري هڪ هفتو پوءِ اهو لانگ مارچ ٿيو، جنهن ذريعي پاڪستان قومي اتحاد ۽ 20 لک ماڻهن کي آٽي وزيراعظم جي گهر تي گهيرو ڪرڻو هو. لانگ مارچ جي ان ناڪامي پاڪستان قومي اتحاد جي سدائين لاءِ ڇيلهه ڀڃي ڇڏي. ۽ جڏهن بابا راولپنڊي جي گهٽين مان ڪار ۾ لنگهيو ته ماڻهن جي انبوهن ڪيس خوشيءَ وچان ڪيڪاريو هو. پر پاڪستان قومي اتحاد جي هنگامن وڏو نقصان پڻ پهچايو هو: هزارين ڪارون ۽ بسون ساڙيون ويون هيون. ڪراچي ۾ ڪارخانا بند هئا يا پٽ تي پئجي ويا هئا. ڪروڙين روپين جي ملڪيت تباهه ڪئي وئي هئي. ڪيترين ئي حياتيون ذيان ٿي ويون هيون. مون ان وقت سک جو ساهه کنيو هو، جڏهن 3 جون تي اخبارن ۾ اها خبر ڇپي ته پاڪستان قومي اتحاد وارن نيٺ بابا سان ڳالهين تي راضپو ڏيکاريو آهي. ۽ بابا وري پنهنجي حڪومت کي ٽوڙي نيون چونڊون ڪرائڻ جو ويچار ظاهر ڪيو آهي. لڳو ٿي ته پاڪستانين کي عقل اچي ويو هو. ڇئن ڏينهن جي ڳالهين ڪانپوءِ بابا فوج کي واپس گهرائي ورتو ۽ هفتو پوءِ هنگامن مهل جن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي جهليو ويو هو، تن کي ڇڏيو ويو. بابا جي ان اعلان ڪانپوءِ ته نيون چونڊون آڪٽوبر ۾ ٿينديون، پاڪستان قومي اتحاد جا ڪيترائي ضدي اڳواڻ به مستقبل بابت پر اميد ٿي ڏسڻ آيا.

”مونکي اميد جا ڪِرڻا نظر اچن ٿا. اچو تہ دعا ڪريون تہ اها رڃ نہ هجي.“ نيوز ويڪ جي 13 جون واري پرچي جي لکڻ مطابق مخالف ڌر جي هڪ اڳواڻ بابا سان ملاقات ڪانپوءِ چيو هو.

آمريڪا سان پڻ لاڳاپا سڌرڻ لڳا هئا. پاڪستان جو پرڏيهي سيڪريٽري عزيز احمد، آمريڪا جي سيڪريٽري آف اسٽيٽس هائوس سائرس وانس سان ملاقات لاءِ پئرس روانو ٿي ويو. هو پرڏيهي جوڙيل 50 صفحن جي رپورٽ بہ پاڻ سان گڏ کڻي ويو، جنهن ۾ اسان جي حڪومت کي ڊاهڻ ۾ آمريڪا تي جيڪي شڪ هئا، انهن جا سبب ڄاڻايا ويا هئا. بابا مونکي ٻڌايو تہ سيڪريٽري وانس اهي ڪاغذ هڪ پاسي رکندي چيو هو تہ، ”نہ عزيز احمد، اسين پاڪستان سان نئون باب شروع ڪرڻ گهرون ٿا. اوهان جي ملڪ سان اسان جي جيڪا ڊگهي ويجهي دوستي رهي آهي، تنهنجو اسان وڏو قدر ڪيون ٿا.“

ڇا بابا جي حڪومت کي ڊاهڻ ۾ آمريڪين ڪو حصو ورتو هو؟ اسان کي ان جو ثبوت ڪڏهن بہ هٿ نہ ايندو. ان وقت کان وٺي مون آمريڪا ۾ پنهنجن دوستن ذريعي ڪوشش ڪئي تہ ’فريڊم آف انفرميشن ائڪٽ‘ وسيلي وڌيڪ ڄاڻ وٺان. پر آئون ان ۾ سوڀاري ٿي نہ سگهيس. سي آءِ اي ڇهہ دستاويز موڪليا، جن مان هڪ ۾ چين ان امداد جو تجزيو ڪيل هو، جيڪا پاڪستان کي 1965ع ۾ هندستان سان جنگ وقت ملي هئي ۽ جڏهن بابا پرڏيهي وزير هوندو هو. هڪ تار هئي جنهن ۾ انهن ڏينهن ۾ راولپنڊي مان هڪ غير فوجي محافظ قافلي جي چرپر جي ڄاڻ ڏنل هئي، رڳو هڪڙي دستاويز ۾ بابا ۽ پيپلزپارٽي جو ذڪر ڪيل هو، جيڪو بہ رڳو هن جي 1973ع واري مزاحمت بابت هو.

”ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪنهن لکيت بابت تنهنجي درخواست جي جواب ۾ اسين سي آءِ اي جي ڪنهن بہ اهڙي تحرير جي هجڻ جي نہ تصديق ڪري ٿا سگهون، ۽ نہ وري انڪار،“ دستاويزن سان آيل خط ۾ لکيل هو. ”اهڙي ڄاڻ جي جيسين تائين سرڪاري طرح تصديق نہ ڪئي وئي آهي، تيسين تائين اها قومي سلامتيءَ جي سببن خاطر ڳجهي رکي ويندي. تنهنڪري اسين اهڙي تحرير جي نہ تصديق ڪري ٿا سگهون ۽ نہ انڪار. ان سبب ذوالفقار علي ڀٽو بابت دستاويزن لاءِ تنهنجي درخواست جي ان حصي کان انڪار ڪجي ٿو....“

پاڪستان ۾ 1977ع ۾ جيڪي بہ ٿيو، تنهن جو سبب اهو هو، جو اتي اهڙا ماڻهو هئا جن اهوڪرڻ گهريو هو. جيڪڏهن پاڪستان قومي اتحاد جا اڳواڻ پنهنجي فائدي بدران قومي فائدي لاءِ ڪم ڪن ها، بابا جي فوج جو سربراهہ پنهنجي فائدي بجاءِ قوم جي فائدي ۾ ڪم ڪري ها، تہ حڪومت جو تختو اونڌو ڪونہ ٿئي ها. اهو اسان سڀني جي سِکڻ لاءِ اهو سبق هو ۽ آهي. آمريڪا پنهنجي قومي فائدي لاءِ ڪم ڪيو هو، پر اسان مان ڪجهہ ماڻهو پنهنجي سموري تهمت آمريڪا تي مَڙهي پنهنجي جِند آجي ڪن ٿا.

اسان ۾ جيڪڏهن اهڙا ماڻهو نه هجن ها، جن ڀين جا هٿ مضبوط ڪيا هئا، ۽ جن پنهنجي ملڪ جي خدمت بدران پنهنجي لاءِ اقتدار جا وجهه ڳولين ها، ته پاڪستان جي چونڊيل حڪومت کي ڪڏهن به ڪو نقصان نه پهچي ها.

پر آڪسفورڊ ۾ شاگردياڻيءَ طور مونکي اِها ڳالهه اجان سمجهه ۾ نه آئي هئي.

پنهنجي جنم جي چوويهين سالگرهه تي جڏهن صبح جو منهنجي اک کلي، ته سج پوري طرح سان پئي چمڪيو. جون جي 21 تاريخ واري آرهڙ جي ڏينهن گرم رهڻ جو نياپو ٿي ڏنو ۽ مونکي اڳ ۾ پائينڊي سرهائي پئي ٿي، ته آئون پاڪستان واپس وڃڻ کان اڳ ڪوئين ايلزبيٿ هائوس جي باغ ۾ سالگرهه جي ۽ موڪلاڻيءَ جي هڪ وڏي پارٽي ڏيڻ واري هيس. منهنجي آڪسفورڊ ائڊريس بوڪ ۾ جن جا به پتا لکيل هئا، انهن سڀني کي دعوت ڏني ويئي هئي ۽ اتي جيڪو ميڙ ڪٺو ٿيو هو، اُن کي ڏسي جاڻ پئي هئي ته سڀئي آيا آهن. اسٽرابيري ۽ ڪريم جي پيالن تي اسان ماضيءَ جون خوشگوار ساروڻيون ڪيون ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجن پنهنجن گهرن جو ائڊريسون ڏنيون.

آڪسفورڊ ڇڏڻ تي مونکي ۽ ڪيترن دوستن کي ڏاڍو ڏک هو. مونکي پنهنجي اُن هئڊبي رنگ جي ننڍي ڪار ڇڏڻ جو پڻ ڏک هو، جنهن لاءِ مير چيو ٿي، ته سرءُ جي مند ۾ آئون توکي وڪڻائي ڏينديس. چئن ورهين تائين منهنجي اُن ننڍڙي ڪار پنهنجن دوستن جي نياپن لاءِ هڪ نوٽيس بورڊ جو ڪم ڏنو هو. پر آئون پاڻ به پاڪستان ۾ پنهنجي لاءِ اوسيئڙي ۾ وينل اميدن واسطي ويچاريو هو، جن ۾ هڪ رٿ اها هئي ته آئون آرهڙ جي مند ۾ وزيراعظم جي دفتر ۾ ۽ پڻ صوبن وچ ۾ عام مفادن واري جوڙيل ڪائونسل ۾ ڪم ڪريان، ته جيئن مونکي عام صوبائي معاملن جي جاڻ ملي سگهي. هن مونکي اهو به ٻڌايو ته سيپٽمبر ۾ گڏيل قومن جي اداري ۾ ويندڙ پاڪستاني وفد ۾ مونکي شامل ڪيو ويندو، جنهن سبب منهنجي چڱي سڃاڻپ ٿيندي، نومبر ۾ آئون پاڪستان موٽي وينديس ۽ ڊسمبر ۾ پرڏيهي وزارت جي ٿيندڙ امتحان لاءِ تياري ڪنديس. منهنجي لاءِ صاف سٿرو ۽ پوريءَ طرح سان رٿيل مستقبل هو.

ظاهر آهي ته بابا منهنجي موٽڻ تي ايترو ئي سرهو هو، جيترو آئون گهر وڃڻ تي هئس. ”آئون توسان واعدو ڪريان ٿو، ته پنهنجي اختيار مطابق هر ڪوشش ڪندس، ته تون وقت وڃائڻ کانسواءِ پاڪستان ۾ ٻيهر رهڻ جي هيراڪ ٿي وڃين.“ هن خط ۾ لکيو هو. پوءِ تون ڀلي پنهنجي سر رهجان. البت توکي منهنجن ننڍڙن ڇرچن ۽ ڪل ڀوڳ کي سَهڻو پوندو. بدقسمتيءَ سان هن ڄمار ۾ آئون پنهنجي طبيعت کي ڦيرائي نٿو سگهان، پر آئون پنهنجي ڀرئين ٻار سان سٺي ورتاءُ جي سخت ڪوشش ڪندس. ڏکي ڳالهه اها آهي ته تنهنجو سياءُ به مون جهڙو ئي آهي ۽ تنهنجين اکين ۾ به ڳوڙها ائين ڀرجي اچن ٿا، جيئن منهنجن اکين ۾، چوته اسين ٻئي هڪڙي ئي هَڏ ڇَم جا نهيل آهيون.

”اڇو تہ هڪبئي کي سمجهڻ جو پاڻ ۾ پڪو واعدو ڪريون. تون بامقصد فرد آهين. ڪو بامقصد فرد ڀلا اهو ڪيئن چاهيندو، تہ رڻ پَٽ ۾ گرمي نہ هجي ۽ جبل برف کان خالي هجن؟ توکي تنهنجن قدرن ۽ ذاتي اخلاقيات ۾ تنهنجي سچ جي روشني ۽ اندلٺ نظر ايندي. پاڻ ٻئي گڏجي هڪ ساراهڻ جوڳي ڪارنامي لاءِ ڪم ڪنداسين. شرط رک تہ پاڻ اهو ڪنداسين.“

25 جون 1977ع تي، بابا ۽ خاندان جي ٻين ڀاتين سان ملڻ لاءِ مير ۽ آئون هوائي جهاز ۾ راولپنڊي ڏانهن اُسهياسون. شاهنواز سئزرلينڊ جي اسڪول مان ۽ صنم هارورڊ مان گهر واپس پئي آيا. اهو آخري ڀيرو هو جو اسان جي گهر جا سڀ ڀاتي وري هڪ هنڌ گڏ ٿيا هئا.

# ضياءَ جي غداري

المرتضيٰ جي درين مان آئون سپاهين جي بندوقن جي نالين کي ڏسان ٿي، جيڪي فيبروري جي سج جي تڙڪي تي چمڪن پيون. اسان جي نظربنديءَ کي چوٿون مهينو شروع ٿيندي ئي آئون پانئيان ٿي، تہ پاڻ گهر کي ئي قيدي بڻايو ويو آهي. هن ئي گهر ۾ بابا سان ملاقات لاءِ ٻاهرين ملڪن جا اڳواڻ ۽ عالمي سياستدان ايندا هئا. پاڙيسري ملڪ ايران مان شهنشاهه، ابوظهبي جو حڪمران ۽ عرب امارتن جو صدر شيخ زيد، آغا خان شهزادو ڪريم، آمريڪا مان سينيٽر جارج مِڪگورن. برطانيا جي ڪابينا جو وزير ڊنڪن سينڊيز. بابا اڪثر پنهنجن مهمانن لاءِ شڪار جو بندوبست ڪرائيندو هو. جيتوڻيڪ هن کي شڪار جو شوق ڪونہ هوندو هو. البت منهنجا ڀائر ٽُز نشانيباز هوندا هئا ۽ ورلي مهمانن جو مانُ رکڻ لاءِ ڏاڍي ڏاهپ سان هنن ڀاران پکين يا هَرڻ کي ڪيرائي وجهندا هئا.

المرتضيٰ ۾ عام ڏينهن تي بہ کل ڀوڳ ۽ رونق متل هوندي هئي. بابا گهڻو ڪري ڪجهہ نہ ڪجهہ سنڌي لوڪ گيت يا پنهنجو وڏندڙ مغربي موسيقيءَ جون ڌُنون پيو جهُونگاريندو هو. آئون تہ اڄان بہ هن کي اهي ڌُنون جهُونگاريندي ٻُڌي سگهان ٿي. هڪ گيت جي سِٽ هئي.“ ٿيڻو آهي، اهو ٿيندو، مستقبل ڪونهي اسان جو...“

اُن اونداهي مستقبل جي اڳوات ڪنهن کي سُڌ پئجي سگهي ٿي، جيڪو 5 جولائي 1977ع تي فجر مهل فوجي بغاوت جي روپ ۾ اوچتو هن مٿان اچي ڪَڙڪيو هو ۽ جنهن سبب اسان جي ذاتي الميي ۽ پاڪستان جي پيڙا جي شروعات ٿي هئي.؟

5 جولائي 1977ع. 1.45 آڌي رات، وزيراعظم هائوس، راولپنڊي.

”اُٿ، سجاڳ ٿي، اُٿي ڪپڙا پاءِ. جلدي ڪر.“ امان رڙيون ڪندي منهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ منهنجي پيڻ کي ننڊ مان اٿارڻ لڳي. ”فوج قبضو ڪيو آهي، فوج قبضو ڪيو آهي.“ ٿورن ئي منٽن ۾ آئون ڏڪندي بابا- امان جي سمهڻ واري ڪمري ۾ ويس. مونکي ڪابہ سُڌي نہ هئي تہ ڇا پيو ٿئي. فوجي بغاوت؟ فوجي بغاوت ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ هڪ ڏينهن اڳ چوندن جي معاملي تي پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ مخالف اڳواڻن وچ ۾ آخري فيصلو ٿي ويو هو. ۽ جيڪڏهن فوج قبضو ڪيو آهي، تہ ان جو ڪهڙي ٽوليءَ سان لاڳاپو آهي؟ بہ ڏينهن اڳ جنرل ضياءَ ۽ ڪور ڪمانڊرَ پاڻ بابا وٽ آيا هئا ۽ هنن ڪيس فوج جي وفاداريءَ جو واعدو ڏنو هو.

بابا فون کڻي چوي ٿو، تہ ڪيس چيف آف اسٽاف جنرل ضياءَ ۽وفاقي وزيرن سان ڳالهرايو وڃي. پهريون فون وزير تعليم جي گهر مان اچي ٿو. اتي اڳوات ئي فوج پهچي وئي آهي. ”فوجين بابا کي ماريو آهي ۽ ڪيس پاڻ سان وٺي ويا آهن.“ حفيظ پيرزادي جي ڌيءَ سُڏڪا ڀريندي چوي ٿي، جيڪو ٻئي ڪلاڪ اڳ فيصلي ٽيڻ جي

خوشيءَ واري ڪچهريءَ ۾ بابا وٽ وينو هو ۽ پوءِ موڪلائي ويو هو. مون پاڻ اندران پنهنجي پيٽ سان ڪل پوڳ ڪندي لان ۾ هنن واري سِگارن جو چَمڪو ڏٺو هو ۽ ٺهڪڙن جو آواز ٻُڌو هو، ”صبر ڪر.“ بابا، پيرزادي جي ڌيءَ کي مظبوط آواز ۾ چوي ٿو. ”پنهنجي خانداني مانُ مرتبي کي ڏس.“ ٻيو فون سرحد جي گورنر ڏانهن آهي، جيڪو اڌ ۾“ ڪَٽجي وڃي ٿو.

امان جو رنگ هيڊ جهڙو ٿي ويو آهي. هوءَ مونکي ٻڌائي ٿي ته بابا کي فوجي بغاوت جي خبر هڪڙي پوليس واري اچي ڏني هئي، جنهن فوجين کي وزيراعظم جي گهر جو گهيرو ڪندي ڏٺو هو. اهو سپاهي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، پيٽ ۽ گوڏن ڀر رڙهندي، وڏي دروازي تائين آيو هو ۽ بابا جي خدمتگار عرس کي تڪڙ ۾ چيائين ته، ”ڀٽي صاحب کي ٻڌايو، ته فوج ڪيس مارڻ لاءِ پئي اچي. چوينس ته هڪدم لِڪي وڃي، جلدي ڪر.“ ظاهر آهي ته اهو نياپو بابا ڏاڍي صبر سان ٻڌو. ”منهنجي حياتي الله جي هٿ ۾ آهي،“ بابا عرس کي وراڻيو هو. ”جيڪڏهن فوج مونکي مارڻ گهري ٿي، ته اهي مونکي ماري ڇڏيندا. لِڪڻ مان ڪوبه فائدو ڪونهي. نه وري اوهان مان ڪير هنن سان جهيڙو ڪري. هنن کي ڀلي اچڻ ڏيو.“ پوليس واري جي چتاءُ ڏيڻ سبب شايد اسان سيني جون حياتيون بچي ويون هيون.

”وزيراعظم، چيف آف آرمي اسٽاف سان ڳالهائڻ گهري ٿو،“ بابا صنم جي ٽيليفون تي چوي ٿو، جيڪو هن جو ذاتي فون آهي ۽ جنهن تي هوءَ پنهنجين ساهيڙين سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائيندي رهندي آهي. اتفاق سان اهو فون ڪَٽيل ڪونهي.

ضياءَ هڪدم ٽيليفون ڪٽي ٿو ۽ حيران ٿئي ٿو، ته بابا کي فوجي بغاوت جي ڄاڻ پئجي وئي آهي.

”مونکي افسوس آهي سر، منهنجي اڳيان ٻي ڪا راهه ئي ڪين هئي،“ ضيا تازو ٻوائتي فيصلي جي حوالي ڏيڻ ڪانسواءِ ڦاٽ ڪائي ٿو. ٿوري وقت لاءِ اسين اوهان کي حفاظت ۾ رکنداسين، پر نوي ڏينهن اندر آئون نيون چونڊون ڪرائيندس. يقين آهي ته اوهان هڪ ڀيرو وري وزيراعظم چونڊجي ايندا ۽ سائين آئون وري اچي اوهان کي سلام ڪندس.“

هاڻي بابا کي ڄاڻ پئي آهي، ته فوجي بغاوت جو اڳواڻ ڪير آهي. هن جون اکيون ڇُنجهيون ٿي وڃن ٿيون. جڏهن ضياءَ هن کي ٻڌائي ٿو، ته اوهان جتي چوندو اتي اوهان کي وٺي وڃبو، ويجهوئي مريءَ جي وزيراعظم ريسٽ هائوس ۾ يا لاڙڪاڻي ۾ اوهان جي پنهنجي گهر ۾ ڪٽي ٻه. ضياءَ اهو به چوي ٿو، ته باقي ڀاتي هڪ مهيني تائين وزيراعظم هائوس راولپنڊي ۾ ڀلي رهن. اڌائي وڳي رات جو فوج بابا کي وٺڻ لاءِ ايندي.“

”آئون لاڙڪاڻي ويندس ۽ منهنجا گهرياتي ڪراچي واپس ويندا،“ بابا چوي ٿو. ”هي وزيراعظم هائوس آهي. ڀانئجي ٿو تہ آئون هاڻي وزيراعظم ڪونہ آهيان، تنهنڪري منهنجا گهرياتي صبح جوئي روانا ٿي ويندا.“
رسيور رکڻ ڪانپوءِ بابا جي مُنهن تي سختي پکڙجي وڃي ٿي. وري هو جڏهن رسيور ٻيهر کڻي هڪ ٻيو فون ڪرڻ گهري ٿو، تہ صنم جو اهو فون بہ ڪَٽجي وڃي ٿو.
منهنجا ڀائر مير ۽ شاهنواز ڪمري ۾ ڊوڪي اچن ٿا. اهي تڪڙ ۾ سنبري تيار ٿيا آهن.
”اسان کي مقابلو ڪرڻ گهرجي،“ مير چوي ٿو.
”فوجي بغاوت جو ڪڏهن بہ مقابلو ڪرڻ نہ گهرجي،“ بابا سانتيڪي آواز ۾ چوي ٿو. ”جنرلن جي مرضي آهي تہ اسين سيئي مارجي وڃون. اسين پنهنجي مارجڻ جو اهڙو ڪوبہ بهانو کين ڪونہ ڏينداسين.“
مونکي بہ ورهيہ اڳ بنگلاديش ۾ فوجي بغاوت ۽ صدر مجيب ۽ سندس گهرياتين جي قتل ٿيڻ جي واقعي کي ياد ڪندي ڏڪڻي وٺي وڃي ٿي. بنگلاديش جي فوج بہ ڪالهوڪي پاڪستاني فوج جو جدا ٿيل حصو هو. هنن اسان جي فوج جهڙو قدم ڇو نہ کنيو هو؟
”اها فوجي بغاوت ضياءَ جي حُڪم سان ٿي آهي.“ امان منهنجن ڀائرن کي سمجهائيندي چوي ٿي، جن کي ٿوري جاڻ آهي. اصغر خان ۽ پاڪستان قومي اتحاد جا ٻيا اڳواڻ بہ گرفتار ٿيا آهن. اهڙيءَ ريت پيرزادو، ممتاز، نيازي ۽ڪر کي بہ گرفتار ڪيو ويو آهي. ضياءَ چوي ٿو تہ آئون بغاوت جي ڏوهہ ۾ اصغر خان تي ڪيس هلائيندس ۽ نياز ۽ ڪر کي بہ ڪونہ ڇڏيندس. هو چوي ٿو تہ نوي ڏينهن اندر چونڊون بہ ڪرائيندس.“
”ڇا هو اهو سڀ ڪندو ۽ نوي ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائيندو؟“ شاهنواز چوي ٿو، جنهن سيني کان ننڍي هجڻ سبب ويجهڙائيءَ ۾ ٻين کان گهر ۾ گهڻو وقت گذاريو آهي ۽ سياسي طرح وڌيڪ سجاڻ آهي. ٻيا بہ ڪيترائي سوال آهن، جن جو ڪوبہ جواب ڪونهي. ضياءَ انهن سياسي اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇو چونڊيو آهي؟ ڇا اهو ڪو بهانو آهي؟ ڇا حقيقت ۾ اهي هن سان مليل آهن؟ اسين ننڍين خبرن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، تہ جيئن ان دنيا کي سمجهي سگهون، جتي اوچتو ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي.
”بغاوت لاءِ ضياءَ ايتري وقت اوسيئڙو ڇو ڪيو هو؟ هنگاما تہ اپريل ۾ ئي گهٽجي ويا هئا. ڪجهہ ڪلاڪ اڳ پاڪستان قومي اتحاد سان ڳالهيون سوڀاريون ٿيون هيون.“
”ضياءَ صحيح اندازو ڪونہ ڪيو هو.“ بابا چوي ٿو. ”هن سمجهيو هو تہ پاڪستان قومي اتحاد سان ڳالهيون ناڪام ٿينديون ۽ هن کي حڪومت تي قبضي جو بهانو ملي ويندو. هن ناهہ تي صحيحن کان اڳ ۾ ئي ڏڪ هنيو آهي.“

”الاءِ اسان جو حال ڪهڙو ٿيندو؟“ امان هوريان چوي ٿي. هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي پنهنجي ٽجوڙيءَ مان رقم ڪڍي اچي ٿي. ”اوهان جو اڳواٽ ئي صبح جو سويل ڪراچي وڃڻ جو پروگرام آهي، هوءَ منهنجن پائرن کي اها رقم ڏيندي چوين ٿي. ”بينظير، صنم ۽ آئون اوهان سان ڪراچي ۾ ملنديونسين. جيڪڏهن اسين شام ڌاري نه پهچون، ته اوهين ملڪ مان نڪري وڃجو.“

هاڻي رات جا ٻه ٿيڻ وارا آهن. اسين اوسيئڙي ۾ آهيون ته فوجي اچن ۽ بابا کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃن. اسان مان ڪوبه پنهنجي وڃڻ جي تياريءَ لاءِ سُمهڻ واري ڪمري مان ٻاهر نٽو نڪري. اسان کي اجا به ڪا ڄاڻ ڪانهي، ته اڳتي ڇا ٿيڻ وارو آهي. ڇا جنرل ضياءَ ان ڪري اوسيئڙو ڪيو هو، ته پلي اسين سڀيئي پنهنجي گهر پاڪستان موٽي اچون، ته پوءِ اسان سڀني کي ختم ڪري؟ ڪيڏا نه ڀوائتا ويچار آهن. آئون انهن سوچن کي ڏِڪارڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي، پر آئون ايئن ڪري نٿي سگهان. مجيب جون ٻه ڌيئرون رتوڇاڻ کان ان ڪري بچي ويون هيون، جو اهي ان وقت ملڪ کان ٻاهر هيون. انهن مان هڪڙي مخالف ڌر جي اڳواڻ ٿي آهي. ڇا پاڪستاني فوج اها ساڳي غلطي اسان سان ته ڪرڻ واري ڪين هئي؟

منهنجا ڀائر، پيڻ ۽ آئون ڌار ڌار گهر پهتا هئاسين: شاهه سئٽزرلينڊ جي اسڪول مان، صنم هارورڊ مان، مير ۽ آئون آڪسفورڊ مان. اتفاقي حادثي جي ڊَپَ کان اسان جا والدين اسان کي گڏ سفر جي اجازت نه ڏيندا هئا. ”الله جو شڪر آهي، ته تو پنهنجي تعليم پوري ڪئي آهي ۽ گهر آئي آهين،“ بابا ڏهه ڏينهن اڳ مونکي ڪيڪاريندي چيو هو. ”هاڻي تون منهنجي مدد ڪري سگهين ٿي.“

آئون وزيراعظم سيڪريٽريٽ ۾ بابا جي آفيس ويجهو هڪ ڪمري ۾ وڃي ويٺي هيس. مون سرڪاري ڳجهي ايڪٽ هيٺ قسم کنيو هو ۽ آفيس جي فائيلن جي متن جو اختصار ڻاهڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنو هو. انهن اختصارن تي آئون پنهنجا رايا پڻ لکندي هيس. هڪ هفتي ۾ ڪيتري تبديلي اچي سگهي ٿي. ڪلاڪن ۾.

امان ريڊيو کولي خبرون ٻُڌڻ گهري ٿي. جيتوڻيڪ آڌيءَ رات ڪانپوءِ ايترو جلدي ڪٿان به خبرون نشر ٿيڻ جو ڪو امڪان ئي ڪونهي. ڪٿان به خبرون ڪونه ٿيون ٻُڌجن. فوج جو اوسيئڙو ڪندي لڳي ٿو ته، بابا آرام ۽ فرحت پيو پائئي. ”ذميوارين جو بار منهنجن ڪُلهن تان لهي ويو آهي.“ هو چوي ٿو. ”حڪومت امانت آهي ۽ مون ان جي ايمانداريءَ سان حفاظت ڪئي آهي. هاڻي اهو بار مون تي ڪونهي.“

اسين والدين جي سُمهڻ واري ڪمري ۾ صوفي تي بيوس ٿيو وينا آهيون. جڏهن ته بابا مانڙيءَ ڪيو پنهنجي ڏيهاڙي جي رواج مطابق انهن فائيلن کي پڙهي پيو، جيڪي سندس ڪرسيءَ پنيان ميز تي ڍِڳ ٿيا رکيل آهن. هڪ ڪارو فائيل به اتي آهي. جيڪو هو ڪونه ٿو پڙهي، پر منجهس جيڪو به لکيل آهي، تنهن جي تصديق ۾ رڳو صَحي

ڪري ٿو. ”وزيراعظم تيڻ شرط مون ڀريون ڪم اهو ڪيو هو، ته ڦاسيءَ جي سزا وارن ڏوهارين جي سزا گهٽ ڪئي هئي.“ هو ٻڌائي ٿو. ”منهنجو آخري ڪم به اهوئي هوندو. مونکي سدائين اهڙين اپيلن پڙهڻ کان نفرت ٿئي ٿي، جن ۾ رحم جي درخواست ڪيل هجي ٿي.“ آئون ويجهو وڃي هن کي ڀاڪر ٿي پايان، پر هو نرميءَ سان مونکي پاڻ کان پري ٿو ڪري. ”جذباتي ٿيڻ لاءِ وقت ڪونهي،“ هو مونکي چوي ٿو. ”هي وقت هر سختيءَ کي همت سان سَهڻ جو آهي.“

رات جا اڍائي ٿي وڃن ٿا، ساڍا ٽي ٿين ٿا. بابا کي ونڻ لاءِ ڪير به ڪونه ٿو اچي. منهنجي بيچيني ۽ بيقراري وڌندي پئي وڃي. فوج ڪهڙي رٿ رٿي آهي؟ چئين وڳي صبح جو بابا جو مليٽري سيڪريٽري اچي ٿو. هن جون اکيون ڳاڙهيون آهن ۽ چهري مان هيبت ظاهر آهي. هو سڌو جنرل هيڊ ڪوارٽرس مان پيو اچي، جتي هن کي جنرل ضياءَ گهرايو هو. هو ٻڌائي ٿو، ”جنرل ضياءَ افسوس سان چيو آهي ته ڀُٽي صاحب کي لاڙڪاڻي روانو ڪرڻ ممڪن ڪونهي. جيڪڏهن ڪا گهٽي ڏکيائي نه ٿئي، ته پوءِ ان بدران ڪيس مريءَ جي وزيراعظم ريسٽ هائوس پهچايو ويندو، جتي هن جي عهدي جي شانُ مطابق ڪيس رهايو ويندو. صبح جو ڇهين بجي روانگي جو انتظام ڪيو ويو آهي.“

”مونکي اچرج ٿئي ٿو، ته اُهي پنهنجيون رٿون ڇو پيا ڦيرائين.“ صنم پڇي ٿي. ”منهنجي فون ضياءَ کي ڏونڌاڙي ڇڏيو هوندو،“ بابا چوي ٿو. ”هن کي شايد اچرج ٿيو هوندو، ته ساڻس ڳالهائڻ کان اڳ مونکي جوابي حملي لاءِ پنهنجن وفادار عملدارن سان ڳالهائڻ جو وقت ته ڪونه مليو آهي.“

تنهنڪري اسان کي وري هڪ ٻيو ورجائيندڙ اوسيئڙو ڪرڻو پوي ٿو. هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ اسان جو هڪ ملازم ٻڌائي ٿو، ته وزيراعظم هائوس جي مينيجر کي ننڊ مان جاڳائي چيو ويو آهي، ته مريءَ ۾ وزيراعظم ريسٽ هائوس ۾ وڃي بندوبست ڪر.“

جنرل ضياءَ چيو هو ته، سندس ماڻهو اڍائي وڳي مونکي ونڻ لاءِ ايندا. هاڻي صبح جا ڇهه ٿيا آهن، اجا ته هنن ريسٽ هائوس به تيار نه ڪيو آهي. هنن باقي رهيل ماڻهو جهلڻ جي رٿ تيار ڪئي هوندي، مون کانسواءِ،“ بابا آهستي چوي ٿو.

ڪمري جي سانت ۾ انهن لفظن جي اهميت دٻجي وڃي ٿي.

”حرامي اسان سڀني کي ننڊ ۾ مارڻ جو منصوبو ناهيو هوندو،“ شاهه مون ڏانهن ڏسندي ڀُڻڪي ٿو.

”اوهين وڃي سَنبت ڪريو،“ امان منهنجن ڀائرن کي چوي ٿي. ”اوهان جو جهاز ستين وڳي صبح جو روانو ٿيندو.“

اسين ريڊيي تي بي بي سيءَ جون صبح واريون اردو خبرون ٻُڌون ٿا، جن ۾ رڳو ايترو ٻڌايو وڃي ٿو، ته پاڪستان جي حڪومت تي فوج قبضو ڪيو آهي.

”تو سڄي دنيا جي حڪومت جو اڀياس ڪيو آھي.“ بابا مون کان پڇي ٿو. ”ڇا تون سمجھين ٿي تہ ضياءَ چونڊون ڪرائيندو؟“
”ھا، بابا آئون سمجھان ٿي. آئون اجا تائين شاگرد ويچار ۽ ڪتابي منطق جي اثر ھيٺ ھجڻ سبب چوان ٿي. ”پنھنجي نظرداريءَ ۾ چونڊن ڪرائڻ سبب ضياءَ مخالفن کي اھو وجھہ ڪونہ ڏيندو، جو اُھي چون تہ چونڊن ۾ ڪُوڙا ووٽ پيا آھن ۽ اھي نون ھنگامن جا بھانا ڪن.“
”بيوقوف نہ ٿيءُ، پنڪي،“ بابا ھوريان چوي ٿو. ”فوجون اقتدار کي ڇڏڻ لاءِ ان تي قبضو ڪونہ ٿيون ڪن. نہ وري جنرل ان لاءِ غداري ڪن ٿا، تہ چونڊون ڪرائي جمھوري آئين بحال ڪن.“
آئون لاچار ٿي پنھنجي والدين جي ڪمري مان اٿي وڃي سنبت ڪريان ٿي. بابا اسان کي ڪيترن ئي ورھين کان وزيراعظم ھائوس ڇڏڻ لاءِ تيار ڪيو ھو، جيتوڻيڪ مون اُھو ڪڏھن بہ ڪين سوچيو ھو، تہ اسان کي گوليءَ جي زور تي گھر ڇڏڻو پوندو. اسان کي ٻڌايو ويو ھو، تہ رھڻ واري ان جاءِ کي پنھنجو گھر نہ، پر ھڪ سرڪاري عمارت سمجھون. ھاڻي جڏھن بابا کي پنھنجي عھدي تان لاٿو ويو ھو، تڏھن ھن جي مرضي ھئي تہ اسين اُن سرڪاري گھر مان ھڪدم ھليا وڃون ۽ ڪانئس اڳ فوجي اڳواڻ يحييٰ خان جيان نہ ڪريون، جيڪو پنھنجي عھدي تان لھڻ ڪانپوءِ ڪيترن مھينن تائين اتي رھيو پيو ھو. ”اوھين پاڻ سان ايترو سامان نہ رکو، جيڪو ھڪڙي ڏينھن ۾ ٻَڌي نہ سگھجي.“ بابا اسان کي سدائين چوندو ھو، پر مون تہ اھو مُک قاعدو پڇي ڇڏيو ھو. آئون بہ ھفتا اڳ آڪسفورڊ مان سِڌو راولپنڊي پھتي ھيس ۽ مون سان گڏ ڪتابن ۽ ڪپڙن جو ڍير ھو. مون سوچيو ھو تہ آئون اھو سامان ساموندي جھاز ذريعي پنھنجي گھر ڪراچي موڪليندس. پر آئون اھو نہ ڪري سگھيس. ٻيو تہ آئون بابا جي ڏنل ڪم ۾ جُنبي ويس.
سامان ٻَڌڻ وقت آئون ڏاڍو مونجھارو پئي پائنيان ۽ ھر ھر پنھنجي ۽ والدين جي سمھڻ واري ڪمري وچ ۾ پئي اچان ۽ وڃان: اھو ڏسڻ لاءِ تہ منھنجي جاڻ ڪانسواءِ بابا کي وٺي تہ ڪونہ ويا آھن. آئون پنھنجي ايراني ٻلي شُگر مٿان ٿاٻڙجان ٿي، جيڪا ان ڇڪتاڻ کي سمجھندي ميائون ميائون ڪري ٿي ۽ منھنجن پيرن ۾ وچڙي پوي ٿي. امان جڏھن اندر اچي ٿي تہ سڄو ڪمرو خالي ٿي ويو آھي.
”اَٺ ٿيا آھن،“ ھوءَ چوي ٿي. ”فوج اجا تائين نہ آئي آھي. ملازم ٻڌايو آھي تہ اھي اجا مري ريسٽ ھائوس پيا تيار ڪن، پر الاءِ ڇا پيو ٿئي؟ الله جو شڪر آھي تہ چوڪرن کي وڃڻ جي اجازت ملي.“
ڏينھن جي روشني پکڙجڻ سبب دل کي ٿوري آٿت آئي آھي. سامان ٻَڌي ڇڏڻ سبب بہ منھنجي پاڻُ ڇڪتاڻ ٿوري گھٽجي وئي آھي. امان ۽ آئون پاسي واري دروازي مان

صنم جي ڪمري ۾ وجي ڏسون ٿيون، تہ ھوءَ پنھنجا سڀ ڪتاب، تصويرون ۽ رڪارڊ، البم ۽ 'ھارپرز بزار' ۽ 'ووگ' رسالن جا پراڻا پرچا پڻ ٽرنڪ ۾ پئي بند ڪري. "مونکي اھو ھرگز پسند ڪونہ ايندو، تہ ھو منھنجي ڪنھن بہ شيءِ کي ھٿ لائين،" ھوءَ ڪاوڙ ۾ چوي ٿي. ھن کي جينز ۽ سوويت شرٽ پاتل آھي ۽ ھن پنھنجن ڊگھن وارن ۾ اڃا تائين ڦڻي نہ ڏني آھي.

"پنڪي، صَني ڊوڙي اچو. اوھان جو بابا وڃي پيو." ٺوَ ٽيڻ ڪان ٿورو اڳ آئون امان جي دانھن ٻُڌان ٿي.

"جلدي صاحب وڃي پيو." عملي جو ھڪ ماڻھو، جنھن کي مٿي تي پَٽڪو ٻڌل آھي، منھنجي ڪمري جي دَر تي اچي چوي ٿو. ھن کي وزيراعظم ھائوس جي ڳاڙھي ۽ اڇي يونيفارم پيل آھي ۽ ھن جي اکين ۾ ڳوڙھا آھن.

آئون بہ پنھنجي اکين ۾ ڳوڙھا ايندي پانئيان ٿي. صنم جون اکيون بہ ڳاڙھيون آھن. "ھھڙي حالت ۾ پاڻ بابا کي الوداع ڪيئن ڪنديونسين؟" آئون چوان ٿي. "جلدي ڪر. مون وٽ اکين ۾ وجھڻ جا ڦُڙا رکيا آھن." صنم چوي ٿي. اسين سنديس سينگار واري ڪمري ۾ وجون ٿيون. پوءِ زور زور سان اکيون ڇينڀينديون، اَڇن ۽ سونھري ڪاٺ جي صُفحن مان ڊوڙنديون، وڏي دروازي تائين وڃون ٿيون. آئون لانَ مان روئڻ جو آواز ٻُڌان ٿي، جتي عملو وڃي گڏ ٿيو آھي.

بابا اڳوات ئي وزيراعظم جي ڪاري مرسڊيز ڪار ۾ ويھي چڪو آھي. جيئن ڪار اڳتي وڃڻ شروع ڪري ٿي، تہ صني ۽ آئون روئيندڙ عملي اڳيان ڊوڙنديون پورچ تائين وڃون ٿيون. "الله توھار، بابا!" آئون چَرين جيان ٻانھون لوڏي رڙ ڪريان ٿي. ھو مُڙي مُنھن تي اڌ مُرڪ آڻي ٿو ۽ ڪار تيزيءَ سان وزيراعظم ھائوس مان ٻاھر نڪري وڃي ٿي. ڪار جي لسي پليٽ تي وزيراعظم جي سونيءَ مھر وارا وريل پَن سج جي روشنيءَ ۾ چمڪڻ لڳن ٿا.

بابا کي فوجي گاڏين جي قافلي ۾ مريءَ نيو پيو وڃي، جتي کيس 'حفاظتي تحويل' ۾ رکيو ويو آھي. اھو اصطلاح ضياءَ پنھنجن سياسي مخالفن کي گرفتار ڪرڻ جو عذر ڏيڻ لاءِ گھَڙيو آھي. انھن ٽڪرين تي جتان ڪشمير ڏانھن رستو وڃي ٿو، انگريزن ھڪڙو اڇو بينڪي ريسٽ ھائوس نھرايو ھو، جنھن ۾ بابا کي ٽن ھفتن تائين رھايو ويندو. اتي اسان جي گھر جي سيني پاتين آرھڙ جون موڪلون ملھايون ھيون، ڪلاڪن جا ڪلاڪ اتي بيڪار ڦيريون ڏنيون ھيون، ۽ دالان ۾ لِڪ لِڪوٽي رانديون رھيون ھيون. ھاڻي بابا مريءَ ڏانھن فوج جي نظرداريءَ ھيٺ پيو وڃي. بابا جي جمھوري حڪومت ختم ٿي وئي آھي. ھڪ ڀيرو وري پاڪستان ۾ جنرلن جو راڄ آھي.

مونکي اُھو سمجھڻ کپندو ھو، تہ اِھا بغاوت ھاڻي بدلائي نٿي سگھجي، تہ بابا جي گرفتاريءَ جو مطلب پاڪستان ۾ جمھوريت جو خاتمو ھو. 1973ع وارو آئين معطل ھو

۽ مارشل لا لاڳو هو. پر آئون پنهنجي مڪتبي دليلبازي ۽ ذاتي سادگيءَ تي ضد ٻڌيو بيٺي هيس، تہ ضياءَ اهي چونڊون ضرور ڪرائيندو، جن لاءِ ڪيترائي ڀيرا قوم سان واعدا ڪيا هئا. ”آئون اهو بلڪل پڌرو ڪرڻ گهران ٿو تہ، مونکي ڪابہ سياسي لالچ ڪانهي ۽ نہ وري فوج کي سپاهگيريءَ جي پيشي کان پري رهڻ جي خواهش ئي آهي.“ ضياءَ فوجي بغاوت واري ڏينهن صبح جو ملڪ ۾ اعلان ڪيو هو. ”منهنجو واحد مقصد اهو آهي تہ، آزاد ۽ صاف سُٿريون چونڊون ڪرايان، جيڪي هن سال آڪٽوبر ۾ ٿينديون. چونڊن کان هڪدم پوءِ اقتدار عوام جي چونڊيل عيوضين کي سونپيو ويندو. آئون پوري سنجيدگيءَ سان چوان ٿو تہ آئون ان پروگرام کان ڪونہ ڦرندس.“ هن ڪُوڙ ڳالهايو هو.

مارشل لا جو حڪم نمبر 5: مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي اجازت کانسواءِ ڪوبہ مزدور انجمن، شاگرد انجمن يا سياسي جماعت جي گڏجاڻيءَ جو انتظام ڪندو يا ان ۾ شريڪ ٿيندو تہ ان کي ڏهہ ڦٽڪا لڳندا ۽ پنج ورهيہ قيد جي سزا ملندي.

مارشل لا جو حڪم نمبر 13: تقرير يا تحرير ۾ فوج تي تنقيد ڪندڙ کي ڏهہ ڦٽڪا لڳندا ۽ پنج ورهيہ جي سزا ملندي.

مارشل لا جو حڪم نمبر 16: فوج جي ڪنهن بہ شخص کي چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي حڪم عدوليءَ تي ڏُتارڻ جي سزا موت آهي.

”ڪوبہ شخص ڦرلٽ نہ ڪندو.“ فوجي بغاوت واري ڏينهن تي جاري ٿيل مارشل لا جي حڪم نمبر 6 ۾ لکيل هو. ”وڌ ۾ وڌ سزا هٿ وڍيو ويندو.“

ماڻهن کي وڌيڪ ديجارڻ لاءِ ضياءَ مذهبي بنياد پرستن جي ٽولين کي ڇيڪ ڇڏي ڏنو. رمضان جي مبارڪ مهيني ۾ پاڪستان جا ڪجهہ مسلمان ذاتي لاچارين سبب روزا ڪونہ ٿا رکن. پر ضياءَ جي حڪم سان هوٽل ۽ ڪاڌي جا دڪان صبح کان وني سج لهڻ تائين بند رهندا هئا. يونيورسٽين ۾ ٽانڪين ۽ غسلخانن جو پاڻي بند رکيو ويندو هو، تہ متان ڏينهن وقت اتان ڪير پاڻي پي سگهي. بنياد پرستن جون ٽوليون آڌيءَ رات جو گهٽين ۽ رستن تي آزاديءَ سان پيون گهمنديون هيون ۽ دروازا ڪڙڪائي، ماڻهن کي سحريءَ لاءِ پيون جاڳائينديون هيون. ماڻهن اڳيان سگريٽ پيئڻ، ڪاڌو کائڻ يا پاڻي پيئڻ واري کي گرفتار ڪيو ويندو هو. پاڪستان ۾ پنهنجي پسند جي ڪابہ اجازت ڪين هئي، رڳو مذهبي حڪومت جي سختي هئي.

بابا جي نظربندي ۽ پاڪستان ۾ اهڙي اوندهہ کي ڏسي پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جا حامي ان وقت 70 ڪلفٽن ۾ اسان جي باغ ۾ اچي گڏ ٿيا هئا. جڏهن اسين راولپنڊيءَ مان اتي واپس آيون هيونسين. مير ماڻهن سان ڳالهائيندو هو، جڏهن تہ امان جيڪا انهن ڏينهن ۾ رَت جي گهٽ دباءُ جي مريض ٿي پئي هئي، عورتن سان ڳالهائڻ لاءِ مونکي موڪليندي هئي. امان مونکي سمجهايو هو، تہ آئون انهن عورتن کي رڳو ايترو چوان

ته ”اوهين حوصلو رکو، حوصلو رکو.“ آئون هڪ ٻئي پنيان ايندڙ هر عورت کي ٽٽل ڦٽل اردوءَ ۾ اهو ئي چوندي هيس، جو ته اُٺ ورهيه ملڪ مان ٻاهر رهڻ سبب آئون اردو پوري طرح سان ڳالهائي ٻه نه سگهندي هيس.
ضياءَ بابا جي بدناميءَ لاءِ اخبارن ۾ مُهم شروع ڪئي. ”ڀٽي مونکي مارڻ جي ڪوشش ڪئي،“ ”ڀٽي مونکي اغوا ڪرايو.“ اخبارن ۾ بابا جي انهن سياسي مخالفن طرفان وڏين سرخين ۾ خبرون ڇپجڻ لڳيون، جيڪي ظاهر آهي ته جيئرا ئي آزاد هئا. ”بدناميءَ جي ان مهم سان مقابلي لاءِ تون پاڻ کي تيار ڪر، اها ’آپريشن فيئر پلي‘ جو حصو آهي،“ فوجي بغاوت لاءِ ضياءَ جي ڏنل ان اصطلاح جو حوالو ڏيندي بابا مريءَ مان هڪ ڏينهن فون تي چيو. مريءَ ۾ ضياءَ روزانو اتي جي عملي مان هڪ ماڻهو گهٽائيندو ويو. ”جڻ ان سبب مونکي تڪليف ٿئي ٿي.“
بابا جي حوصلا مضبوط هئا ۽ سندس ڪِل ٻوڳ جي عادت قائم هئي. ”اڄ هڪڙي اخبار واري فون ڪري پڇيو، ته منهنجو وقت ڪيئن ٿو گذري.“ هڪڙي ڏينهن هن مونکي ٻڌايو، ”مون جواب ۾ چيو ته آئون نيپولين تي لکيل ڪيترائي ڪتاب پيو پڙهان، ته جيئن ڄاڻ پوي ته هن ڪيئن جنرلن کي سِڌو رکيو هو، جڏهن منهنجو پنهنجن جنرلن تي ڪو اختيار ئي ڪونهي.“
بابا جي بلند حوصلن اسان سيني کي پنهنجا حواس قائم رکڻ ۾ مدد ڪئي. مايوس ۽ نِراس ٿيڻ بدران اسان ۾ وڏو ويساهه ۽ ڀروسو آيو هو. اول ته بابا جيئروهو. ٻيو ته عوام هن جي پُٺڀرائي پئي ڪئي. پيپلزپارٽيءَ به اڳي جيان مقبول هئي. بابا، مير کي لاڙڪاڻي روانو ڪيو، ته اتي سندس ٺڪ جي عوام سان ملي. شاهه ۽ آئون وري ڪيترن ئي انهن ماڻهن سان ملاقات ڪندا هئاسين، جيڪي پُٺڀرائيءَ لاءِ روزانو 70 ڪلفٽن ۾ ايندا هئا. اسان جي پارٽيءَ جي اخبار ’مساوات‘ جا عيوضي ۽ فوٽوگرافر هر گڏجاڻيءَ ۾ موجود هوندا هئا. پيپلزپارٽيءَ جي واحد اخبار ’مساوات‘ ٻئي ڏينهن پارٽيءَ بابت خبرون ڏيندي هئي ۽ سرڪاري اخبارن جي ڪُوڙ کي پڌرو ڪندي هئي.
بابا جي نظربنديءَ کان پوءِ رڳو لاهور شهر ۾ ’مساوات‘ اخبار جو وڪرو ڪجهه هزارن مان وڌي وڃي هڪ لک تائين پهتو هو. جڏهن اخبار جي ايتري طلب وڌي وئي، ته اها وڏي قيمت ۾ وڪامڻ لڳي. ”’مساوات‘ بليڪ مارڪيٽ ۾ ڏهن روپين ۾ وڪامي ٿي.“ مون خوشيءَ وچان بابا کي ٻڌايو هو.
”ضياءَ اڄ مون سان ملڻ لاءِ پيو اچي.“ 15 جولاءِ تي بابا مونکي فون تي ٻڌايو. ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ ڇپيل تصوير ۾ بابا جي مُنهن تي جيڪا سختي هئي، ان مان لڳو ٿي ته ملڪ جي سياسي صورتحال ڳنڀير آهي. ٻئي پاسي ضياءَ، جنهن جو هڪ پوريل هٿ سيني تي هو ۽ چهري تي چاپلوسيءَ واري مُرڪ هئي، ڏوهاري ٿي لڳو. ”ضياءَ پنهنجي اها خواهش ورجائي آهي، ته آئون چونڊون ڪرائيندس ۽ سياسي جماعتن جي وچ ۾

امينَ جو ڪردار نڀائيندس.“ ان گڏجاڻيءَ کانپوءِ بابا اسان کي فون ڪري ٻڌايو. آخر ضياءَ اسان کي اهو ٻڌائڻ ضروري ڇو ٿي سمجهيو، ته آئون ايماندار ٿي رهندس؟ بابا کي ٻنهه ويساهه ڪونه ٿي آيو ته، ڪو ضياءَ سچائي ۽ ايمانداري ڏيکاريندو. سرڪاري اخبارن ذريعي بابا ۽ پيپلزپارٽيءَ خلاف حڪومت جيڪا ڇريائپ جي فضا پکيڙي هئي، ان کي ڏسي اسان کي به ويساهه ڪونه ٿي آيو.
گڏوگڏ ٻيون به ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون ٿيون هيون، جن جي ڪا اميد ئي ڪين هئي. پاڪستان جي تاريخ ۾ ان جي ٻن اڳين فوجي حڪومتن ۾ پهريون ڀيرو سرڪاري ملازمن کي گرفتار ڪيو ويو هو: انهن ۾ وزيراعظم جو سيڪريٽري افضل سعيد، وزيراعظم جو صلاحڪار رائو رشيد، اسان جي شهر لاڙڪاڻي جو ڊپٽي ڪمشنر خالد احمد، فيڊرل سيڪيورٽي فورس جي پنج سؤ جوانن جو اڳواڻ مسعود محمود ۽ ٻيا ڪيترائي شامل هئا. سرڪاري ملازمن جو سياست سان ڪهڙو واسطو هو؟ حڪومت جو مقصد ڪهڙو هو؟
جنرل ضياءَ ڪيترائي ڀيرا انٽرويوءَ ڏيندي چيو هو، ته حڪومت تي قبضي جو اتفاقي منصوبو اڳ ۾ ئي رٿيل هو. اهڙيءَ ريت هو پاڻ مڃي ٿو، ته فوجي بغاوت جو منصوبو گهڻو اڳ رٿيو ويو هو. ان مان اهو پڻ ظاهر ٿيو، ته سرڪاري ملازمن جي گرفتاريءَ جون اڳواٽ تياريون هيون ۽ اهو سوچيل سمجهيل فوجي منصوبي جو هڪ حصو هو. اُن منصوبي پنيان ڪير هو؟ اسان بابت ڪُوڙيون خبرون گهڙي، اخبارن ۾ ڇپائڻ جو فوجي منصوبو پڻ ڏاڍو پريشان ڪندڙ هو. جيڪڏهن ضياءَ جو ارادو آهي، ته ايمانداريءَ سان صاف سُٿريون چونڊون ٿين ته پوءِ انهن ڳالهين جو مطلب ڇا آهي؟
اُن عرصي ۾ صحافين 70 ڪلفٽن ۾ فون ڪري بابا، پيپلزپارٽي ۽ انهن چونڊن بابت پڇندا هئا، جن جو اڄا تائين ضياءَ واعدو ڪندو هو. ”تون هنن سيني کي چانهه جي دعوت ۾ گهراءِ.“ بابا صلاح ڏني. مون اهو ئي ڪيو ۽ مونکي اهو ڏسي حيرت ٿي، ته 70 ڪلفٽن جي ڪاڏي وارو سڄو ڪمرو ايترو ته پرجي ويو هو، جو ايئرڪنڊيشنگ هوندي به اُبس ٿيڻ لڳي هئي. اتي منهنجي مدد لاءِ منهنجون مائٽياڻيون فخري ۽ لالي ۽ ساهيڙيون سميعا هن جي پيڻ به موجود هيون. صحافين جي سوال جا جواب ڏيڻ وقت آئون ڏاڍي پريشان هيس. پر هڪڙي سوال ته مونکي بلڪل ڏڪائي ڇڏيو هو.
”ڇا اهو صحيح آهي ته مسٽر ڀٽي ۽ جنرل ضياءَ گڏجي هيءَ فوجي بغاوت ڪئي آهي، ته جيئن مسٽر ڀٽي جي مقبولي وڌي؟“ چانهه ۽ سَنبوسن تي هڪ صحافي مون کان پڇيو.
”بلڪل نه.“ آئون ايترو ئي چئي سگهيس. ۽ جنهن رات بابا کي گرفتار ڪيو ويو هو، تنهن جي ڏَپُ ۽ بي يقينيءَ کي سارڻ لڳيس، پر ٻئي ڏينهن جڏهن مون اِها ڳالهه پارٽيءَ جي همدردن سان ڪئي، ته مونکي اهو ٻُڌي ويتر حيرت ٿي، ته هر هنڌ اهوئي افواهه

پڪڙيل هو، جيڪو ظاهر آهي فوج ان لاءِ پڪيڙيو هو، تہ جيئن اسان جي حامين ۾ مونجهارو پيدا ٿئي ۽ فوج جي مخالفت گهٽجي. اهو ۽ ٻيا ڪيترائي افواهہ پوءِ بہ ٻُڌڻ ۾ آيا هئا.

پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، جتي خواندگيءَ جي شرح گهٽ آهي، اتي افواهن ۽ ٻڌاڪن کي سچ سمجهيو وڃي ٿو. افواهہ ڪٽي ڪيترا بہ غير منطقي ڇو نہ هجن، پر منجهن ايتري تہ قوت هُجي ٿي، جو اهي مٿئين درجي جي پڙهيل ماڻهن کي بہ متاثر ڪن ٿا. ”ڇا اهو سچ آهي تہ تون سياسي اڳواڻن سان ملاقات وقت اُن ننڍڙي وڊيو ٽيپ ڪئميرا سان فلم ٺاهيندي آهين، جيڪا تنهنجي هئنڊ بئگ ۾ هجي ٿي؟“ منهنجي اسڪول جي هڪ ساهيڙي مون کان پڇيو هو. ”هئنڊ بئگ مان ڪئميرا سان فلم ڪيئن ٿي ٺهي سگهي؟“ مون هن کان پڇيو. ”اڙي، مونکي تہ اهو سمجهہ ۾ ئي ڪونہ آيو هو.“ هن قبوليو. ”مون اها ڳالهہ اخبار ۾ پڙهي هئي.“

فوجي بغاوت کان بہ هفتا پوءِ اونهاري ۾ جيڪي سخت مِينهن وسيا هئا، انهن جي تُهمت بہ بابا تي آئي. ”بنياد پرستن اها ڳالهہ هُلائي آهي، تہ اهي برساتون ڀٽي صاحب حڪومت تان لهڻ جي پلاند لاءِ وسايون آهن.“ پيپلزپارٽيءَ جي هڪ ماڻهو مونکي ٻڌايو. ڪجهہ ماڻهن اُن افواهہ کي سچ سمجهيو، جنهن سبب گهر ۽ فصل تباهہ ٿي ويا هئا. پر لاهور جو ڏتڙيل عوام، جيڪو پيپلزپارٽيءَ جو زبردست حامي هو ۽ جن کي انهن برساتن ۽ ٻوڏن سبب سخت نقصان پهتو هو، انهن افواهن تي ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو.

”تون لاهور وڃ ۽ انهن ماڻهن سان وڃي مل، جن جو برساتن ۾ نقصان ٿيو آهي.“ بابا مونکي چيو. ”اتي ٻوڏ سخت هاڃا ڪيا آهن.“

آئون پاڻ لاهور وڃان؟ ان کان اڳ منهنجي حوالي پارٽيءَ جو ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿيو هو. پريشانيءَ وچان منهنجو پيٽ ولوڙجڻ لڳو. ”تون وڃ.“ بابا مونکي سمجهايو. چوويهن ڪلاڪن اندر شاهہ ۽ آئون لاهور پهچي وياسين.

هوائي اڏي تي پيپلز پارٽيءَ جا هزارين ڪارڪن موجود هئا، جن پيپلز پارٽيءَ جي حق ۾ نعرا ٿي هنيا. جيتوڻيڪ مارشل لا جي حڪم نمبر 5 مطابق، اهڙين سياسي گڏجاڻين ۾ انهن ۾ شريڪ ٿيڻ تي پنج ورهيہ قيد جي سزا رکيل هئي. عوام جي ان ميڙ ۾ ايڏو تہ جوش ۽ اتساهہ هو، جو شاهہ ۽ مونکي هنن جي وچ مان لنگهي ڪار تائين پهچڻ ۾ ڏکيائي ٿي هئي. ان اوچتي مظاهري کي ڏسي منهنجي ارڙهن ورهين جي ڄمار واري ياءُ ۽ مون تي اثر ٿيو هو. اسين تہ رڳو وزيراعظم جا ٻار هئاسين ۽ نہ سياسي شخصيتون.

پنجاب ۾ عورتن جي شعبي جي صدر بيگم خاڪواڻي جي بنگلي تي عوام جو وڏو ميڙاڪو هو، جن هن جي وڏي باغ کي لتاڙي ڇڏيو هو. جلدئي اسان کي ملاقات واري ڪمري ۾ ويهاريو ويو، جتي ماڻهن جي گهڻي گوڙ سبب اسين ٻگهر ۾ ٻُڏي وياسين

۽ ڪئميرائن جي روشنيءَ ۾ اکين اڳيان انڌارو اچي ويو هو، جو ماڻهن اسان جا ڪيترائي فوٽا پئي ڪڍيا. انهي وچ ۾ منهنجي لاءِ فون آيو هو. ”وزيراعظم ڀٽي جو فون آهي.“ ڪمري ۾ اهي لفظ ٻُرڻ لڳا.“ چيئرمين ڀٽي فون ڪيو آهي.“
فون واري ڪمري ۾ به ڪيترائي ماڻهو اچي مِڙيا هئا. ”ڇا حال آهي؟“ بابا مونکان پڇيو. شاهه ۽ منهنجو جيڪو آڌرڀاءُ ٿيو هو، تنهن جي هن کي ڪابه ڄاڻ نه هئي. مون جڏهن ڪيس هوائي اڏي ۽ لاهور ۾ هزارين ماڻهن جي آڌرڀاءُ جو احوال ڏنو، ته هن کي ڏاڍي سرهائي ٿي. ”هنن کي منهنجي طرفان نياپو ڏي.“ بابا چيو. مون فون رکي اوسيئڙي ۾ بيٺل ماڻهن ڏانهن ڏسي چيو. ”بابا انهن سان پنهنجي دلي همدردي ڏيکاري آهي، جن جي گهرن ۽ فصلن کي نقصان پهتو آهي.“ مون ٽٽل ڦٽل اردوءَ ۾ چيو. ”پيپلز پارٽي متاثر خاندانن جي امداد جو مطالبو ڪري ٿي.“
بابا ۽ پيپلزپارٽيءَ جي اها واضح پُنيرائي ڏسي، ضياءَ پاڪستان قومي اتحاد جي مقبوليت ڏيکارڻ جا جَتن ڪرڻ لڳو. تنهنڪري وچ جولاءِ ۾ هُن اعلان ڪيو، ته نظربند اڳواڻن سان ماڻهو ملاقات ڪري سگهن ٿا. پر ان ڳالهه جو ڪو ڳڙتيل ڪونه نڪتو. روزانو مريءَ ۾ وزيراعظم ريسٽ هائوس ۾ ماڻهن جا انبوهه هن سان ملڻ لاءِ وڃڻ لڳا، جڏهن ته نظربند مخالف اڳواڻن کي هنن ريٽي ڇڏيو. اهو ڏسي ضياءَ هڪدم ڦيرو کاڌو، ”نظربند اڳواڻن سان ملاقات جي غلط ڪارج سبب اها اجازت رد ٿي ڪجي.“ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر 19 جولاءِ تي اعلان ڪيو.
فوجي بغاوت ضياءَ جي منصوبي پٽاندر نه پئي وئي. اسان جي روايت آهي ته ملڪ ۾ عوام انهن اڳواڻن کي وساري ڇڏين ٿا، جن وٽ اقتدار نٿو رهي. ۽ انهن جي پُنيرائي ۾ لڳي وڃن ٿا، جن کي اقتدار ملڻو هُجي ٿو. پر هن ڀيري ضياءَ بابا کي اقتدار تان لاهي مورڳو پنهنجي لاءِ آزار پيدا ڪيو هو. عوام بابا کي ڇڏڻ بدران هن سان اڳي کان به هزار ڀيرا وڌيڪ وفاداري ڏيکارڻ لڳا. فوجي بغاوت جي ٽن هفتن ڪانپوءِ جڏهن ضياءَ، بابا ۽ ٻين سياسي اڳواڻن کي آزاد ڪيو هو، تڏهن لکن ماڻهن مارشل لا جي ڀڪڙي ڪندي، پاڪستان جي وڏن شهرن ۾ بابا جي اچڻ تي هن جو آڌر ڀاءُ ڪيو هو. ايشيا جي جلسن جلوسن ۾ ماڻهن جا جيڪي ميڙ ڪَٺا ٿين ٿا، انهن جيڏا ميڙ مغرب ۾ ڳڏجڻ ممڪن ڪونهن. بابا جون تقريرون ٻڌڻ لاءِ عوام جا وڏا ميڙ گڏ ٿيندا هئا.
بابا پهرين ڪراچي آيو هو، جتي هن کي انچ انچ تي ترسڻو پيو هو. ريلوي اسٽيشن کان اسان جي گهر تائين پهچڻ ۾ عام طرح اڌ ڪلاڪ جو وقت لڳندو هو، پر بابا کي گهر تائين اچڻ ۾ ڏهه ڪلاڪ لڳي ويا هئا. 70 ڪلفٽن ۾ پهچڻ تائين هن جي ڪار ۾ گهُٻ پئجي ويا هئا ۽ ان تي رهڙن جا نشان هئا. ماڻهن جي وڏي ميڙاڪي ۾ ڇيپاٽجڻ جي ڊپ کان منهنجي ڀاءُ، مونکي ۽ منهنجي ڀيڻ کي وڏي دروازي وٽ وجي، هن جي آڌرڀاءُ جي همت ئي ڪين ٿي هئي. پر اسان هن جي جلوس کي گهر جي ڇت تي چڙهي

ڏنو هو. ۽ جيتوڻيڪ اسان اڳ ۾ وڏا جلسا ڏٺا هئا، پر ان جهڙو وڏو جلوس اسان اڳ ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. هن ڪي ڏسڻ لاءِ، ڇُهڻ لاءِ ۽ ويجهو وڃڻ لاءِ عوام جو ايڏو ته وڏو هجوم هو، جو ان جي زور سبب اسان جي گهر جي ٻارهن فوٽ اوچي سمينٽ جي چؤديوار ڪِري پئي هئي.
”بابا، مونکي ڪيتري نه خوشي ٿي آهي ته اوهين آزاد آهيو.“ رات جو جڏهن اسين سڀئي بابا جي سمهڻ واري ڪمري ۾ گڏ ٿياسين ته مون هن کي چيو.
”اها رڳو ٿوري وقت جي آزادي آهي،“ بابا وراڻيو.
”ضياءَ وري اوهان جي گرفتاريءَ جي همت ئي ڪين ڪندو.“ مون هن کي چيو. ”هن عوام جو هجوم ڏٺو آهي.“
”ماڻ،“ بابا مونکي خبردار ڪندي چيو ۽ پنهنجي آڱر گول ڦيرائيندي اشارو ڪيو، ته ڪمري ۾ ٻُڌڻ جو ڪجهه اوزار لڳل هوندو.
مون ضد ڪندي چيو ”ضياءَ پاڙيو ۽ باغي آهي، هن بغاوت ڪئي آهي.“ مون اهو وڏي آواز ۾ ان ڪري چيو ته پلي اهي لفظ هنن تائين پهچن، ڇوته بيوقوفيءَ سبب مون سمجهيو ٿي، ته اها زبردست عوامي پُنيرائي بابا کي بچائيندي.
”تون ڏاڍي لاپرواهه آهين.“ بابا مونکي تيزيءَ سان چيو. ”تون هينئر مغربي جمهوريت ۾ ڪونه آهين. تون پنهنجي گهر ۾ آهين، جتي مارشل لا آهي.“
اهو مارشل لا جو پاڇو تڏهن وڌيڪ اونداهو ٿي ويو، جڏهن اسين سڀئي بابا سان گڏجي پنهنجي گهر لاڙڪاڻي وياسين. هڪ پيرو وري لاڙڪاڻي ۾ بابا جي آڌرياءُ لاءِ ماڻهن جا وڏا ميڙ ٻاهر نڪري آيا، ان سبب مونکي سلامتيءَ جو ڪُوڙو ڇُهاءُ ٿيو ۽ بابا کي گهرياتين جي وچ ۾ ڏسي خوشي وڌي وئي آهي. المرتضيٰ ۾ والدين جي سمهڻ واري ڪمري ۾ هڪ پيرو وري اسان سڀني جي موجودگيءَ سبب لڳو، ته سڀ ڪجهه ٺيڪ ۽ رواج مطابق آهي. پر ائين ڪونه هو. بابا جو هڪ مائٽ اسلام آباد جي وڏي سرڪاري عملدار جو نياپو کڻي آيو. هن جو چوڻ هو ته حڪومت بابا کي قتل جي الزام ۾ ڦاسائڻ گهُري ٿي.
قتل؟ ڪمري ۾ سڀني ويٺلن کي سِياٽو وڪوڙي ويو. بابا ۽ امان پل کن لاءِ مانڊڙي ڪري هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو. ”تون هاڻي ٻارن کي ملڪ کان ٻاهر اسڪولن ۾ واپس موڪلڻ جي تياري شروع ڪر.“ هن امان کي چيو. هنن جا سڀئي ڪاغذ ۽ بئنڪ بڪس تيار هجڻ گهرجن. الائي ڇا پيو ٿئي.“ امان ڪنڌ لوڏيو ته بابا مونکي چيو، ”پنڪي، تون پڻ ٿوري وقت لاءِ پاڪستان ڇڏي وڃڻ تي سنجيدگيءَ سان ويچار. جيستائين هتي صورتحال صحيح ٿئي، تيستائين ڪنهن ٻاهرئين ملڪ ۾ ڪو گريجوئيٽ ڪورس وڃي ڪر.“ آئون هن ڏانهن وائڙن جيان ڏسڻ لڳس. ”پاڪستان ڇڏي وڃان؟ آئون اڃا ته هينئر پنهنجي گهر واپس آئي آهيان.“

”شايد گهر جي ملازمن تي ٻہ سختيون ٿين.“ بابا ڳالهائيندو رهيو. مارشل لا ۾ ڪوبہ محفوظ نٿو هُجي.“ صبح جو هن گهرو ملازمن کي پاڻ وٽ گهرايو. ”شايد اوهان سيني کي سختيون ڏسڻيون پون.“ هن چيو. ”اوهين جيڪڏهن هينئر اسان جي ملازمت ڇڏي، پنهنجن گهر ڏانهن وينديوَ تہ مون کي ڪوبہ اعتراض ڪونہ ٿيندو، جيستائين حالتون سڌرن. جنرل ضياءَ جي حڪومت ۾ آئون شايد اوهان جو بچاءُ نہ ڪري سگهندس.“ ملازمن مان ڪوبہ ماڻهو وڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيو، نہ وري آئون. بابا لاهور هليو ويو.

جيئي ڀٽو! جيئي ڀٽو! پنجاب جي گادي واري شهر ۾ فوج جي مضبوط ڳڙهہ لاهور ۾ عوام جو وڏو ميڙ، ٽيهہ لک ماڻهو نڪري آيا هئا. بابا جي سياسي پُنيرائيءَ جي خاتمي لاءِ ضياءَ کي ڪابہ وٿي نہ ملي سگهي. پوءِ هڪ ٻيو نياپو پهتو. اڳوڻي وڏي وزير جي گهر ۾ ڳجهي اداري جو هڪ عملدار آيو، جتي بابا رهيل هو. ”سائين، جنرل ضياءَ ۽ فوج جو پختو ارادو آهي تہ اوهان کي قتل ڪيو وڃي.“ هن ٻڌايو. ”جيڪي سرڪاري ملازم نظربند آهن، انهن تي سختيون ڪيون پيون وڃن، تہ جيئن اوهان تي قتل جو ڪُوڙو مقدمو گهَڙي سگهجي.“ هن ڏکندي بابا کي مِنٿ ڪئي. ”سائين، الله جي واسطي هي ملڪ ڇڏي وڃو. اوهان جي زندگي جوکي ۾ آهي.“ پر بابا دڙڪن ۽ دهشتگرديءَ جي ڌمڪين کان ڊڄڻ وارو نہ هو. ان رات لاهور مان هن گهر فون ڪيو ۽ ان تازي نياپي بابت اشارو ڏيندي چيو. ”آئون شايد گهڻو وقت آزاد نہ رهان.“

بابا جڏهن 70 ڪلفٽن واپس آيو، تہ سياسي گڏجاڻيون ٿينديون هيون. ضياءَ 18 آڪٽوبر تي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو ۽ هن چونڊن جي مهم هلائڻ لاءِ هڪ مهينو اڳواٽ اجازت ڏني هئي، جيڪا 18 سيپٽمبر تي شروع ٿيڻي هئي. بابا هيٺ پارٽي اڳواڻن سان ملندو هو، تہ آئون وري مٿي ڪاڌي واري ڪمري ۾ اردو ٻوليءَ جي سِکيا وٺندي هيس. ”توکي پنهنجي اردو سُڌارڻ گهرجي.“ بابا مونکي چيو هو. ”مونکي پنهنجي طرفان ڳالهائڻ لاءِ تنهنجي گهُرج پوندي.“ آگسٽ مهيني ۾ آئون روزانو ٻہ ڪلاڪ اردو اخبارون ڏاڍيو ويچار سان پڙهندي هيس ۽ هڪڙي استاد کان سياسي لغت سِکندي هيس. بابا سياسي گڏجاڻين جي وقفي ۾ مٿي ڪاڌي واري ڪمري جي دَر تي اچي پُڇندو هو، ”ڪيئن پئي پڙهي؟“

آگسٽ جي پڇاڙيءَ ۾ آئون بابا سان هوائي جهاز ۾ راولپنڊي ويس. ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي ريلوي اسٽيشن تي بابا جي شاندار آڌرڀاءُ کي ڏسي، ضياءَ هڪ فوجي حڪم ذريعي سياستدانن تي پابندي وجهي ڇڏي هئي، تہ اُهي ريل ۾ سفر نہ ڪن. راولپنڊي ۾ هن فوج کي گشت ڪرڻ ۽ هوائي اڏي ڏانهن ويندڙ هر رستي کي بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. پر ڪيترائي ماڻهو انهن رڪاوٽن ۽ رنڊڪن کان پاڻ بچائيندا، هوائي اڏي تائين رستي جي ٻنهي پاسن تي قطارون ٻَڌي بينا ۽ ڪار جي چوڌاري مِڙي ويا هئا.

راولپنڊي ۾ جنھن وقت اسان جي ڪار جي چؤطرف ماڻھن جو ڳاھٽ ھو، تنھن وقت ڪراچيءَ ۾ ھڪ صحافي ۽ پيپلزپارٽيءَ جي ھمدرد بشير رياض امان ڪي بابا جي ھڪ ٻئي خطري جي ڄاڻ پئي ڏني. ”آئون اوھان ڪي منٿ ٿو ڪريان، ته ڀٽي صاحب ڪي چئو ته ملڪ ڇڏي وڃي.“ بشير رياض امان ڪي ٻڌايو ”ضياءَ جي ھڪ ويجھي ماڻھو، جيڪو منھنجو دوست آھي، تنھن مونکي چيو آھي ته ڀٽي صاحب ڪي وساري ڇڏ. ھو ھاڻي ڪڏھن به اقتدار ۾ ڪونه ايندو. ضياءَ ھن ڪي قتل جي تھمت ھيٺ مارائڻ جو فيصلو ڪيو آھي. ھن منھنجي وفاداري خريدڻ لاءِ مونکي خالي چيڪ پڻ ڏنو، پر مون وٽڻ ڪان انڪار ڪيو.“

پوءِ ضياءَ پنھنجو گھيرو سوڙھو ڪرڻ لڳو ۽ ھن پھريون ڀيرو مونکي اُن ۾ ڦاسايو. راولپنڊيءَ ۾ پھچڻ جي ٻئي ڏينھن آئون پيپلزپارٽيءَ جي حمايتي خاندان ڪوڪرن جي چانھه پارٽيءَ ۾ ويس، ته اتي ھڪ سئو ڪن ٻيون به عورتون موجود ھيون. ”اوھان به ٿي لفظ چئو.“ ڪوڪر خاندان جي ٽن ڀينرن مون تي زور رکيو. ھنن مان به پيپلز پارٽيءَ جون ميمبر ھيون ۽ ٽين ڀيڻ عابده، وزيراعظم ھائوس ۾ امان جي اڳوٽي سيڪريٽري ھئي. ”حوصلو رکو،“ مون انھن عورتن اڳيان ٻن منٽن جي ياد ڪيل تقرير اردوءَ ۾ ڪئي. جڏھن آئون اتان رواني ٿيس، ته ٻاھرئين دروازي تي پوليس جو ھڪ وڏو لشڪر بيٺو ھو، جنھن ۾ عورتن جي پوليس به ھئي. ”اھو لشڪر تنھنجي لاءِ آيو آھي.“ ھڪڙي ڀيڻ مونکي ٻڌايو ھو.

اُن رات آئون وڏيڪ اچرج ۾ پئجي وئي ھيس، جڏھن مونکي جنرل ضياءَ، چيف مارشل لاءِ ائڊمنسٽريٽر طرفان ھڪ نوٽيس مليو، جيڪو شايد جنرل عارف جي صَحيءَ سان ھو، تنھن ۾ مونکي تنبيھه ڪي ھئي، ته آئون سياسي سرگرمين ڪان پاسو ڪريان. مارشل لا لاڳو ٿيڻ ڪان رڳو ڏيڊ مھينو پوءِ مونکي جنرل ضياءَ وٽان پھريون سرڪاري چتاءَ پھتو ھو. پر مون ان جي بلڪل پرواھ نه ڪئي ھئي. آئون اھو بابا جي سمھڻ واري ڪمري ۾ کڻي وئي ھيس ۽ کلندي چيو ھيم، ”ڏسو ته ھنن چانھه پارٽيءَ ۾ منھنجي وڃڻ ڪي به مارشل لا لاءِ خطرو سمجھيو آھي.“ ”اھا ڪا ڪِل جي ڳالھه ڪانھي.“ بابا آھستي چيو. ”مارشل لا موتمار ۽ پوائنتي صورتحال آھي.“

۽ اھا موتمار صورتحال وڌندي وئي. ان وقت تائين سيني ڪي پتو ھو ته مخالف ڌر وارا چونڊن ۾ ڪڏھن به بابا جي جماعت پيپلزپارٽيءَ ڪي ھارائي ڪونه سگھندا. چونڊن جي مھم شروع ٿيڻ ڪان به ھفتا اڳ، بابا جي ٻيھر گرفتاريءَ لاءِ ضياءَ پنھنجن ڇاڙتن ڪي موڪليو.

سيپٽمبر، ٽين ۽ چئين وڳي صبح، 70 ڪلفٽن ڪراچي:

آئون پنھنجي سمھڻ واري ڪمري ۾ سُتي پئي آھيان، ته مونکي ڏاڪڻ تي ھلڪن قدمن جا چيچاٽ ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا، جيئن ته رمضان جو مھينو آھي تنھنڪري آئون سمجھان ٿي

تہ اسان جي ملازمن مان ڪو منهنجي لاءِ سحري پيو آڻي. پر اُتلندو پنج ماڻهو دروازي مان ڌوڪيندا اندر اچن ٿا، جن ڪي اڇا ڪپڙا پاتل آهن، هنن جا ڳرو ڪٽ وار ۽ مضبوط جسم ڏسي آئون هڪدم ڪين سڃاڻي وڃان ٿي، تہ اهي پاڪستاني فوج جا ڪمانڊو آهن. مون تہ هنن کي ڪيترائي ڀيرا وزيراعظم هائوس ۾ ڊيوٽي ڏيندي ڏٺو هو. پر اهي سادن ڪپڙن ۾ ڇو آهن؟

هنن پنجن ئي پنهنجو بندوقون مون ڏانهن سِڌيون ڪيون آهن، جڏهن تہ ڇهون ڄڻو ٽپ ڏئي سڄي ڪمري ۾ ڦِري، منهنجي سينگار ميز تي رکيل هر شيءِ کي هيٺ اڇلائي ٿو. منهنجا شيلفن تان ڪتاب هيٺ ڪيرائي ٿو ۽ پلنگ جي پرواري ميز تي رکيل ٽيليفون جي تار ڇِڪي ٽوڙي ڇڏي ٿو.

”اوهان کي ڇا گهرجي؟“ آئون ڊَپُ وچان پڇان ٿي. ”ڪنهن مسلمان عورت جي ڪمري ۾ مرد ڪڏهن بہ ايئن نٿا گهِڙن.“ ”جيڪڏهن تون جيئرو رهڻ گهرين ٿي، تہ ماٺ ڪر.“ هنن جو اڳواڻ چوي ٿو. هو ۽ سندس ماڻهو منهنجي ڪمري جي هر شيءِ کي هيٺ مٿي ڪري، دروازي ڏانهن وڌن ٿا، ”ڇا اوهين بابا کي مارڻ آيا آهيو؟“ آئون ماڻهو کان پڇان ٿي، جنهن منهنجي ڪمري ۾ ٽُپا ڏنا هئا. ڪجهہ گهڙين لاءِ لڳي ٿو تہ، هن کي مون تي رحم اچي ويو آهي. ٿوري دير جي ٻڏتر کان پوءِ هو چوي ٿو، ”نہ.“ پر پوءِ هن جي مُنهن تي سختي اچي ٿي وڃي. ”جيڪڏهن تون پنهنجي ڇڱائي گهرين ٿي، تہ ذرو بہ نہ چُر.“ هو پنهنجو پستول مون ڏانهن ڪندي چوي ٿو. پوءِ دروازو زور سان بند ڪري، ٻين سميت هليو وڃي ٿو.

آئون هڪدم پنهنجي ٽي شرٽ مٿان فرش تي پيل ڍير مان جيڪو بہ ڪپڙو ملي ٿو، پايان ٿي. منهنجي ڀيڻ وائڙائپ ۾ ڊوڙندي مون وٽ اچي ٿي. ”نہ! نہ! تون ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ هو اسان سڀني کي مارڻ گهرن ٿا.“ صنم رڙيون ڪري ٿي.

”چپ ڪر.“ آئون ڪيس نهہ پهہ چوان ٿي. ”آئون بابا وٽ وڃان ٿي.“ آئون ڪمري مان ڊوڙندي نڪران ٿي، منهنجي پٺيان صنم بہ اچي ٿي. اسان جي وڏي ڪمري ۾ هر پاسي اچن ڪپڙن ۾ فوجي ڪمانڊو جا ميڙا ڏسجن ٿا، جيڪي پنهنجيون بندوقون چوڌاري پيا ڦيرائين. ٽُرت اهي اسان سڀني کي هيٺ ملاقات واري ڪمري ۾ وني وڃن ٿا، جتي هنن کان بہ گهڻا ڪمانڊو موجود آهن آئون ڊَپُ ۾ دروازي ڏانهن پيڇڻ گهران ٿي، تہ جيئن ڪمانڊو وٽان ٽيندي ان ننڍي ڪمري ۾ وڃان جتي منهنجا ڀائر رهيل آهن. پر ڪمانڊو مونکي گهيرو ڪريو ٿا وجن ۽ بندوق جي زور تي مونکي پنهنجي ڀيڻ پرسان صوفي تي ويهڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. انهن ماڻهن کي حڪم ڏنو وڃي ٿو، تہ ڪمري جي هر دروازي تي بندوق سِڌيون جهلي، ٻہ ٻہ ڄڻا ٿي بيهو.

مونکي بابا وٽ وڃڻو پوندو. هو جوکي ۾ آهي. مونکي ڪنهن بہ صورت ۾ هن وٽ پهچڻ گهرجي. ڪمانڊو پنهنجي يونيفارم ڪانسواءِ آڌيءَ رات جو اسان جي گهر ۾ گهِڙي

آيا هئا. اهو سڀ ڪجهه اجايو هو. بابا کي ڪنهن به وقت گرفتاريءَ جي وارنٽ يا مارشل لا جي حڪم سان ماٺ ميٺ ۾ وٺي وڃي پئي سگهيا، پر اُٽلندو هنن اسان کي ڏيڄارڻ ۽ اسان جي بيعزتيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي. هنن جو ڪهڙو مقصد هو؟ شايد هنن گهريو ٿي، ته عوام کي ڪابه ڄاڻ نه پوي، ته بابا سان ڪهڙي ويڌن ٿيڻ واري هئي. پر مون پختو ارادو ڪيو هو، ته اها ڳالهه هن جي ڌيءَ کان نه لڪائي ويندي.

”ڇا اوهين فوجي آهيو؟“ آئون رڌڻي جي دَر وٽ بيٺل ماڻهن کان پُڇان ٿي. اهو ٻُڌي اُهي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳن ٿا، پر فوجي ضابطي سبب ڪوبه جواب ڪونه ٿا ڏين. آئون اونهو ساهه کڻان ٿي. ”هنن سپاهين ڏانهن ته ڏس.“ آئون وڏي آواز ۾ صنم کي اردوءَ ۾ چوان ٿي. ”اهي ايترا بيشرم ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟ اهو سندن وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو ئي هو، جيڪو هنن کي هندستان جي ڪئمپن مان ڇڏائي وٺي آيو هو، جتي سندن ئي جنرلن کين خوار خراب ٿيڻ لاءِ ڇڏي ڏنو هو. ۽ ان نيڪيءَ جو اُجورو هنن اهو ڏنو آهي، جو ڪابه پرواهه نه ڪندي هن جي گهر ۾ ڪاهي آيا آهن.“

آئون پنهنجي اک ٽيڏي ڪري هنن ڏانهن ڏسان ٿي، جيڪي پريشان ٿيندي هڪ ٻئي ڏانهن نهارين ٿا. ”هيءُ ڪنهن جو گهر آهي؟“ هڪڙو اردوءَ ۾ پڇي ٿو. مونکي اوچتو ويچار اچي ٿو، ته هنن مان ڪجهه ڄڻن کي ته اها ڄاڻ ئي ڪانهي ته اسين ڪٿي آهيون ۽ ڇو آيا آهيون؟ ”اوهان کي ڄاڻ ڪانهي، ته اوهين پاڪستان جي وزيراعظم جي گهر ۾ گهڙي آيا آهيون؟“ آئون ڌِڪار وچان هنن کان پڇان ٿي. شرم وچان اهي پنهنجيون بندوقون هيٺ ڪن ٿا. مونکي وجهه ملي ٿو. آئون تيزيءَ سان ڏاڪڻ چڙهي والدين جي ڪمري ۾ وڃان ٿي. مون کي ڪوبه ڪونه ٿو روڪي.

بابا بستري جي ڪناري تي وينو آهي. امان اجا تائين ليٽي پئي آهي. هن جي ڪاڏيءَ تائين چادر پيل آهي ۽ هن جي ڳَنن ۾ ٻُوچ پيل آهن، ته جيئن بابا جي دير سان اچڻ سبب هن جي ننڊ نه ڦِٽي. ڪمانڊو هنن کي گهيرو ڪيو بيٺا آهن. اهو ماڻهو جنهن منهنجي ڪمري ۾ ٽپ ڏنئي، منهنجون شيون هيٺ مٿي ڪري ڇڏيون هيون، سو هينئر والدين جي ڪمري ۾ چوڌاري پيو ٽِپ ڏئي ۽ ڪمري جي دَر مٿان ٽنگيل بابا جي ٻن روايتي ترارن کي لاهڻ جي ڪوشش پيو ڪري. ”ڇا پيو ڪرين؟“ آئون جڏهن ڪمري ۾ اچان ٿي، ته بابا هن کان پڇي ٿو. بابا جي رعبدار آواز جو واڄٽ ڪڏهن به جهَڪو ڪونه ٿيو آهي. اهو آواز ٻُڌي بيهي رهي ٿو.

بابا مونکي پنهنجي پرسان ويهڻ جو اشارو ڪري ٿو. اُهو ڏسڻ ۾ ڪِل جهڙو ٿلهو ننڍ ماڻهو اسان جي نازڪ آسماني ۽ اڇي زربفت جي لوئي پاتل ڪُرسين مان هڪ تي پيو لُڏي ”ڪير آهي؟“ آئون بابا کان آهستي پڇان ٿي. ”صغير انور، فيڊرل انويسٽيگيٽو ايجنسيءَ جو ڊائريڪٽر.“ بابا وراڻي ٿو. ”تو وٽ گرفتاريءَ جو وارنٽ آهي؟“ بابا ايف آءِ اي جو ڊائريڪٽر کان پڇي ٿو. ”نه.“ هو هيٺ غاليچي ڏانهن ڏسندي اَڏنگي نموني

سان جواب ڏئي ٿو. ”تہ پوءِ تون ڪھڙي الزام ھيٺ مونکي گھر مان وٺي وڃين ٿو؟“ بابا وري پڇي ٿو. ”مون کي حڪم مليو آھي تہ اوھان کي فوجي ھيڊڪوارٽر وٺي ھلان.“ انور چوي ٿو. ”ڪنھن جو حڪم آھي؟“ بابا پڇي ٿو. ”جنرل ضياءَ جو.“ اھو ماڻھو جواب ڏئي ٿو.

”جيئن تہ ھن مھل اوھان جي اچڻ جي ڪا اُميد نہ ھئي، تنھنڪري مونکي سنبرڻ لاءِ اڌ ڪلاڪ گھرجي.“ بابا مانڊيءَ ڪري چوي ٿو. ”منھنجي ملازم کي گھرائي ڇڏيو، تہ منھنجا ڪپڙا تيار ڪري.“ صغير انور انڪار ڪندي چوي ٿو، تہ وزيراعظم سان ڪنھن کي بہ ملڻ جي اجازت ڪانھي. ”تہ پوءِ عُرس کي گھراءِ.“ بابا وري آھستي چوي ٿو. ۽ انور پنھنجي ڪمانڊو مان ھڪ کي اشارو ڪري ٿو. مونکي پوءِ ڄاڻ پئي، تہ ھيٺ آڳنڊ ۾ عُرس ۽ ملازمن جي ٻين ماڻھن کي بندوقون ڏيکاري روڪيو ويو ھو. Be quiet! Hands Behind your backs ڪمانڊو ھنن کي انگريزيءَ ۾ رڙيون ڪندي چيو ھو. جن انگريزي ٻولي نہ سمجھندي، حُڪم ڪان ڪَن لاٿار ڪئي ٿي، تن کي پستول سان ڪُٽيو ويو ھو. ھنن وٽ جيڪي پئسا ھئا ۽ ڪين جيڪي واچون ٻڌل ھيون، سي بہ ڦُريون ويون.

”عُرس ڪير آھي؟“ ڪمانڊو ٻاھر وڃي عملي وارن ڪان پڇيو. ”آئون آھيان.“ عرس چيو. اُن جواب ڏيڻ تي ھن جي مٿي تي پستول جو مُنيو زور سان ھنيو ويو. ڪل جھڙي ڳالھ اھا تہ اھو ڪمانڊو قطار ۾ بيٺل سيني ماڻھن ڪان اھوئي پڇندو ويو، تہ ڇا تون عرس آھين؟ گھڻن ماڻھن جي نھڪار ڪان پوءِ بابا جي خدمتگار ويجھو ويو، جنھن اُن وقت تائين ڳالھ سمجھي ھئي، تنھنڪري ھن رڳو ڪَنڌ جو اشارو ڪيو ھو. عرس کي ڳِتر ڪان جھلي ٽنگو ٽالي ڪري ڏاڪڻ تان مٿي آندو ويو، جتي بندوقن جي ڀاڇي ۾ ھن بابا جا ڪپڙا ناھي، بيگَ ۾ رکيا ھئا. پوءِ جڏھن ھو اھي بيگون کڻي ھيٺ بيٺل ڪار ۾ رکڻ لاءِ ويو ھو، تہ ڇھ ڪمانڊو پنھنجن خودڪار ھٿيارن سان ھن جي مٿي ۽ ڇاتيءَ جو نشانو وٺي بيٺا ھئا.

بابا مٿي وھنجي لباس بدلائي ٿي. مونکي ھن جي سَھپ ۽ ھمت تي اچرج ٿئي ٿو اسان جي سڄي گھر ۾ ھٿيار ئي ھٿيار ڏسجن ٿا. ان ڪان ٻي وڏي ڀاڙيائپ ڪھڙي ڇئبي. آئون جڏھن بابا سان گڏ ڏاڪڻ تان ھيٺ لھڻ لاءِ اٿان ٿي، تہ ھڪ ڪمانڊو رڙ ڪري چوي ٿو، ”خبردار اتي ويھہ.“ آئون ھن جي پرواھ نٿي ڪريان. اھي مونکي وڃڻ ڏين ٿا.

ڏاڪڻ لھي ھيٺ اچڻ تي بابا ۽ صنم ھڪ ٻئي ڏانھن ڏسن ٿا. ”اوھين بيشرم آھيو، ڀاڙيا آھيو.“ منھنجي شرميلي ڀيڻ انھن فوجين کي رڙ ڪري چوي ٿي، جيڪي بابا کي ھڪ ڪار ڏانھن وٺيو پيا وڃن. ”اوھين ڪميڻا ۽ ڀاڙيا آھيو.“

ھڪ ڀيرو وري آئون ڏسان ٿي، تہ بابا کي ڪار ۾ چاڙھي وٺي پيا وڃن. مونکي ڪوبہ پتو نہ آھي تہ ڪھڙي پاسي وٺي پيا وڃن. آئون ھن کي ڀيھر ڏسي بہ سگھنديس يا نہ.

پل کن لاءِ آئون ڏُڏي وڃان ٿي. منهنجي دل وڏجي پئي، ٿڌي ٿي وڃي ٿي، برف جهڙي. ”پِنڪي،“ آئون ڪنهن جو سَڏ ٻُڌان ٿي. آئون آڱنڌ ڏانهن ڏسان ٿي، جتي گهر جي ملازمن سان گڏ منهنجو ڀاءُ شاهنواز به قطار ۾ بيٺو آهي. ”هن کي ڇڏيو.“ آئون سپاهين کي رڙ ڪري چوان ٿي، جيڪي هن کي جهليو بيٺا آهن. آئون پنهنجي ئي آواز جي پڙاڏي کان ڏڪي وڃان ٿي. سپاهي پنتي هٽي وڃن ٿا.
اندر گهر ۾ امان جو مُنهن چاڪ جهڙو اڇو ٿي ويو آهي. هن جي رَت جو دٻاءُ ويتر گهٽجي وڃي ٿو. آئون، صنم ۽ شاهنواز واري واري سان هن جي پيرن جون ترپون مَهٽيون ٿا، ته جيئن رَت جو دؤرو تيز ٿئي. آئون ڊاڪٽر کي فون ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي، پر فون جون تارون ڪٽيل آهن. آئون وڏي دروازي تي بيٺل پهريدارن سان ڳالهايان ٿي، ته مونکي ڇڏيو ته آئون ڊاڪٽر کي وٺي اچان. پر اهي مونکي نٿا ڇڏين. پوءِ جڏهن صبح جو اسان جو ميجر ڊومو 70 ڪلفٽن تي اچي ٿو، تڏهن هڪ سنڌي پهريدار جي همدرديءَ سبب هن کي سموري حال جي ڄاڻ پوي ٿي. ۽ اهڙيءَ طرح بابا جي گرفتاريءَ جي ڳالهه ٻين تائين پهچي ٿي. دوست محمد پنهنجي اسڪوٽر تي چڙهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪراچيءَ ۾ ڦيريون ڏيئي، پارٽيءَ جي اڳواڻن کي ڄاڻ ڏئي ٿو. منهنجي ڀاءُ مير کي المرتضيٰ ۾ ٻڌائي ٿو. ٻين مائٽن کي ٻُڌائي ٿو، اخبارن ۾ ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ امان جي ڊاڪٽر کي ٻڌائي ٿو. پر جڏهن ڊاڪٽر اشرف عباسي وڏي دروازي تي پهچي ٿي، ته هن کي اندر اچڻ جي اجازت نٿي ملي، نيٺ حڪومت طرفان هڪ ڊاڪٽر ٻنپهرن جو اچي امان کي اها سُئي هڻي ٿو، جنهن جي ڪيس سخت گهرج هئي.
ٽيپهريءَ جو فوج جو هڪ ڪرنل خالي ڪاغذ کڻي اچي ٿو. ”جنرل ضياءَ، چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر حڪم ڪيو آهي، ته تون ۽ تنهنجي ماءَ هن پني تي صحيحون ڪريو.“ ڪرنل چوي ٿو. هن کي فوجي وردي پاتل آهي ۽ سائي خاڪي قميص تي سندس نالو فاروق لکيل آهي. آئون انڪار ڪريان ٿي. ”آئون اوهان کان اُن تي صحيحون وٺندس!“ هو مونکي دڙڪو ڏئي ٿو. هن جا ڏاٽن جهڙا دوڏا وڏيڪ پوائنٽا ٿين ٿا ۽ ننڍڙو وات سخت ٿي وڃي ٿو. ”تون مونکي قتل ته ڪري سگهين ٿو، پر تون مون کان اُن تي صَحي ڪرائي نٿوسگهين.“ آئون پنهنجي آواز جي هڪ نئين انداز ۾ چوان ٿي. ”تنهنجو جنرل ضياءَ به مونکي ان تي صحيح ڪرائي نٿو سگهي.“ اوهان کي پنهنجي پلي جي ڪا خبر ئي ڪانهي.“ هو ڏاڍي صاف ۽ سخت آواز ۾ چوي ٿي ۽ پوءِ واپس هليو وڃي ٿو.
نيٺ شام جو پنجين وڳي گهر مان فوج واپس گهرائي وڃي ٿي. آئون ۽ شاهنواز هڪدم پيپلز پارٽيءَ جي آفيس ڏانهن وڃون ٿا، جتي پارٽيءَ جا ڪجهه ميمبر ڊَپُ ۾ ورتل ڏسجن ٿا. پارٽيءَ جي ڪجهه ميمبرن جو ويچار آهي ته سڄي ملڪ ۾ احتجاجي هڙتالون

۽ مظاھرا ڪجن. پر پارٽي جا اڳواڻ چون ٿا تہ ان وقت تائين اوسيئڙو ڪيو وڃي، جيستائين بابا سان نہ ملجي. بابا سان ملجي؟ الائي اُن ۾ گھڻو وقت لڳندو؟
ٻئي ڏينھن امان بابت وڌيڪ خراب ڄاڻ اچي ٿي. ھن بابا جي وڪيل سان ڳالھايو آھي. بابا کي جيڪي ڳجھا چِتاءُ مليا ھئا سي صحيح ھئا. بابا تي ھاڻي قتل جي سازش جو الزام آھي.
"قتل؟" مونکي تہ اھا ڄاڻ بہ نہ ھئي، تہ بابا تي قتل جي سازش جو الزام ڪنھن ڀئي ھنيو.
امان مونکي ٻڌايو تہ اھو ننڍڙو سياستدان احمد رضا قصوري نالي آھي، جيڪو جيئرو آھي. ٽي ورھيہ اڳ لاھور ويجھو ھن جي ڪار تي، جنھن ۾ سندس خاندان جي ڪيترن ئي ڀاتين سفر پئي ڪيو، ڪنھن لِڪي حملو ڪيو ھو. اُن حملي ۾ قصوريءَ جو رٽائرڊ مئجسٽريٽ پيءُ مارجي ويو ھو. پر قصوري جيڪو پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو رڪن چونڊجي آيو ھو، تنھن جو چوڻ آھي تہ اھو حملو ھن جي پيءُ کي مارڻ لاءِ ڪيو ويو ھو. اھو سياستدان پوءِ مخالف ڌر ۾ شامل ٿيو ھو. ھو پنھنجن ڪيترين ئي دشمنين سبب مشھور ھو ۽ چيو ويو ھو تہ ھن کي مارڻ لاءِ اڳ پندرنھن پيرا خوني حملا ٿيا ھئا. جيڪا ڳالھہ ويساھہ جوڳي نہ ھئي. ان تازي حملي ۾ ھن بابا تي شڪ ڏيکاريو ھو ۽ ھن اھڙي رپورٽ پوليس ۾ لکرائي ھئي. ان وقت پاڪستان ۾ جمھوريت ايتري آزاد ھئي، جو پوليس ملڪ جي وزيراعظم خلاف رپورٽ درج ڪئي ھئي. ان سلسلي ۾ ھاءِ ڪورٽ جاچ ڪرائي، بابا کي ان ڏوھہ ۾ شامل ھجڻ کان آجو ڪيو ھو ۽ ان افسوسناڪ واقعي کي سيني وساري ڇڏيو ھو.
قصوري وري پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ھو ۽ ھن مارچ 1977ع جي چونڊن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ درخواست ڏني ھئي. پر جڏھن پيپلزپارٽي ھن بدران ڪنھن ٻئي کي ٽڪيٽ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو، تڏھن لڳي ٿو تہ قصوري وري بابا تي الزام ھڻڻ جو پڪو پھہ ڪيو ھو. ھاڻي چونڊن جي مھم شروع ٿيڻ کان بہ ھفتا اڳ ضياءَ ان پراڻي الزام کي کَتب آڻيندي، بابا کي گرفتار ڪرڻ جو بھانو ڪيو ھو. پر ھڪ ڀيرو وري ضياءَ جي اھا تدبير بہ ناڪام ٿي.
جسٽس پنھنجي فيصلي ۾ ٻڌايو، تہ مقدمي جي ڪاغذن مان پتو پوي ٿو تہ اھي الزام "ھڪ ٻئي خلاف ۽ نامڪمل" آھن، تنھنڪري ان ڏوھہ ۾ بابا جو ڏوھي ھجڻ ثابت ڪونہ ٿيو ھو. ھن بابا کي گرفتار ٿيڻ جي ڏھن ڏينھن کان پوءِ ضمانت تي آزاد ڪري ڇڏيو. آئون مستقبل لاءِ پر اميد ٿي ويس. "جيڪڏھن فوجداري عدالتون وزيراعظم کي آزاد ڪري ٿيون ڇڏين، تہ پوءِ مارشل لا حڪم ھيٺ ھن کي نظربند رکڻ جو مونکي ڪوبہ سبب نظر نٿو اچي." ضياءَ اخبارن ۾ پنھنجي راءِ ڏني.

13 سيپٽمبر تي بابا سِڌو پنهنجي گهر ڪراچي پهتو ۽ هن ٻئي ڏينهن صبح سان ئي شاهنواز کي ساڻ ڪٺي لاڙڪاڻي وڃي، منهنجي ڀاءُ مير سان گڏ اتي رمضان جي عيد ملهائڻ جو ارادو ڪيو. هاڻي گهڻو ڪم وڌي ويو هو. چونڊن جي مهم شروع ٿيڻ ۾ باقي پنج ڏينهن رهيا هئا ۽ بابا مهم جي ٽيهن ڏينهن ۾ نوي گڏجاڻين جو پروگرام ناهيو هو. ان رات سدائين جيان اسين والدين جي سمهڻ واري ڪمري ۾ گڏ ٿياسين، جتي اهڙي ڪچهري ٿي، جنهن جي ڪا اميد ئي نہ هئي.
”نصرت! هاڻي پنڪي کي شادي ڪرڻ گهرجي.“ بابا سِگار پيئندي اوچتو چيو. هو پلنگ تي ليٽيل هو. ”آئون هن جو گهوٽ پيو ڳوليان.“
اُهو ٻُڌي آئون صوفي تي اُپي ٿي وينيس. ”آئون شادي ڪونہ ڪندس.“ مون احتجاج ڪيو. ”آئون اڃا هينئر تہ گهر آئي آهيان.“
صنم ۽ شاھ کي ٻاراڻو وجھ ملي ويو ۽ ٻئي مونکي چيڙڻ لڳا. ”توکي شادي ڪرڻي پوندي. توکي شادي ڪرڻي پوندي.“ هنن گڏجي چيو.
”سچ اِهو آهي تہ مون اُهو ڇوڪرو ڏٺو آهي، جيڪو مونکي وڻي ٿو.“ بابا پنهنجيءَ ڳالھ ڪندي چيو.
امان مُرڪڻ لڳي. شايد هن اڳوات ئي شاديءَ جو سوچي ڇڏيو هو.
آئون اڃا شادي ڪرڻ نٿي چاهيان ۽ اوهين مونکي اُن لاءِ مجبور نٿا ڪري سگهو.“ مون بغاوتي انداز ۾ چيو.
”تون پنهنجي بابا سان انڪار نٿي ڪري سگهين.“ بابا چيو ۽ شاھ ۽ صنم گڏجي اهي لفظ ورجائڻ لڳا.
”نہ، نہ، نہ،“ مون چيو. ايتري ۾ بابا جي ڪاڏي جي ٽرالي آئي ۽ ان موضوع مان جِند ڇٽي. پر ہيو موضوع ان ڪان بہ وڌيڪ ڊيجاريندڙ هو.
”چيو وڃي ٿو تہ ضياءَ مونکي هرگز ڪونہ ڇڏيندو ۽ آئون ڪانئس ڪِسڪي وڃان.“ بابا ماني ڪائيندي چيو. ”پيپلز پارٽيءَ جي هڪ اڳواڻ اڄ مون ڪان پئسا گهريا آهن، تہ جيئن ڀَڄي سگهي. ’تون وڃڻ گهرين ٿو تہ ڀلي وڃ.‘ مون هن کي چيو پر آئون ڪُوئو ڪونہ آهيان جو ڀڄي وڃان. آئون هتي ئي رهندس ۽ ضياءَ جو مقابلو ڪندس.“
”۽ اوهان چونڊن ۾ سوڀ ماڻي جنرل ضياءَ کي غداريءَ جي سزا ڏيندؤ.“ مون وڏي آواز ۾ چيو.
”پنڪي خبردار ٿي.“ بابا وري ڀتين ۾ لڳل ٻُڌڻ جي ڳجهن اوزارن جو اشارو ڏيندي چيو. پر بابا جي قيد مان آزاد ٿيڻ ۽ گهر ۾ موجود هجڻ سبب مون اهي سڀيئي ڳالهيون وساري ڇڏيون هيون ۽ آئون ضياءَ جي مڪاريءَ تي چوھ چنبڊيندي رهيس، تان جو بابا ڪاوڙجي پيو.

”مات ڪر.“ هن مونکي سختيءَ سان تنبيهه ڪئي. ”توکي ڄاڻ ئي ڪانهي تہ تون ڇا پئي چوين.“
ڪمري ۾ اسان هڪ ٻئي ڏانهن گهوري ڏٺو. ڪاوڙ وچان آئون ڪمري مان ٻاهر هلي ويس.
هاڻي مونکي سمجهہ ۾ اچي ٿو، تہ هن کي ڄاڻ هئي تہ معاملا ڪيترا نہ خراب ٿيندا پيا وڃن، جو شروع کان ئي هن کي اهي حقيقتون نظر آيون هيون جن کان مون انڪار جي ڪوشش ڪئي هئي. هن کي ڄاڻ هئي تہ جنرل ضياءَ ڪيترو نہ ظالم ۽ جابر آهي، تنهنڪري هن مونکي اهڙين ڪاوڙ ڏياريندڙ ڳالهين کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر آئون انهن ڳالهين کي ان وقت سمجهڻ کان بلڪل لاپرواهہ هيس. ان وقت کان وٺي مون ڪيترا ڀيرا الله جو ٿورو مڃيو آهي، تہ لاڙڪاڻي وڃڻ کان اڳ هن مونکي ننڊ مان اٿاريو هو.
”مون رات توکي جيڪي چيو هو تنهن جو دل ۾ نہ ڪجانءِ.“ هن منهنجي بستري تي ويهندي چيو. ”آئون اهو هرگز نٿو چاهيان تہ توکي ڪا تڪليف پهچي.“
هن مونکي پنهنجي ڀاڪر ۾ جهليو.
”بابا، آئون سمجهان ٿي ۽ آئون پڻ معافي گهران ٿي.“ مون هن کي چيو ۽ موڪلائڻ مهل هن کي چُمي ڏني. مونکي هن جي خاڪي شلوار قميص ۽ شاليمار سينٽ جي ڇٽي يادگيري آهي. اهو آخري ڀيرو هو جو مون هن کي آزاد ڏٺو هو.
17 سيپٽمبر 1977ع، ساڍا ٽي صبح—المرتضيٰ:
لاڙڪاڻي ۾ اسان جي ملازمن مان هڪ شخص بهاول ٻڌائي ٿو تہ ڇا ٿيو هو، ڇو تہ آئون اتي ڪونہ هيس.
رات جو ٻہ وڳي ڌاري ستر فوجي ڪمانڊو ۽ پوليس وارا المرتضيٰ جون ڀتيون ٽپي اندر گهڙي آيا. هنن چوڪيدارن کي ماريو ڪُٽيو ۽ گهر ڏانهن ڪاهي پيا.
”دروازو کوليو،“ هنن تنهن وقت رڙيون ڪيون ۽ وڏي دروازي تي زور سان مُڪون هنيون، جڏهن آئون ۽ ٻيا ملازم اندران بند دروازي کي جهلي بيٺا هئاسين.
”اوهان کي ڇا گهرجي؟“ اسان هنن کان پڇيو.
”ڀٽو.“
”ترسو اسين هُن کي ننڊ مان اٿاريون ٿا.“
”دروازو کوليو،“ هنن رڙيون ڪيون ۽ سيني گڏجي دروازي کي ايترو تہ زور ڏنو، جو اهو ڇپو ٿي پيو.
اُهو گوڙ ٻُڌي مير وجي ڀٽي صاحب کي جاڳايو. ”هنن کي چئو تہ دروازي ڀڃڻ جي گهُرج ڪانهي.“ ڀٽي صاحب، مير کي چيو. ”ٻن عملدارن کي اندر اچڻ ڏيو. مونکي

پنهنجي سامان کڻڻ لاءِ وقت گهرجي.“ پر هن کي جاڻ هئي ته اهي ڪيس وري ونڻ ايندا، تنهنڪري سندس سُوٽ ڪيس اڳ ۾ ئي نهيو رکيو هو ۽ بريف ڪيس به.
ڏهن منٽن کان پوءِ اهي ڀٽي صاحب کي پاڻ سان وٺي ويا. اسان سڀني کي بندوقن جي زور تي گهر ۾ واڙي، ٻاهران ڪُلف ڏنو ويو. گهر ۾ اندر ۽ ٻاهران سپاهين کي بيهاريو ويو. اسين سڀيئي روئڻ لڳاسين.
مير بابا ته ڏاڍو ڪاوڙيل هو. هن ڪراچي فون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر فون جون تارون وڍيل هيون. صبح جو آئون پهريدارن کان لِڪي ٻاهر ڪسڪي ويس ۽ هڪ ٻئي گهر مان بيگم صاحبه کي فون ڪيم. اوستائين اها جاڻ هر هنڌ پکڙجي وئي هئي ۽ المرتضيٰ ٻاهران سوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. هنن اُتي نعرا هڻڻ شروع ڪيا: جيئي ڀٽو! جيئي ڀٽو!
پوليس هنن کي گرفتار ڪيو.
بابا کي پهرين سکر جيل ۾ رکيو ويو، پوءِ ڪراچي جيل ۾ ۽ وري پوءِ لاهور جيل ۾. ضياءَ اهو خطرو کڻڻ لاءِ تيار نه هو، ته عوام کي جاڻ پئجي وڃي ته هو ڪٿي آهي. هن ڀيري ضياءَ بابا کي سدائين لاءِ ختم ڪرڻ جون پختو ارادو ڪيو هو. هڪ ڀيرو وري بابا تي پراڻي قتل جي تُهمت مڙهي وئي هئي پر هن ڀيري ضياءَ ان جو پُور بندوبست ڪيو هو.

# بابا جو عدالتي قتل

**ڦيرين مارچ، 1980ع:**

المرتضيٰ ۾ واريءَ جي گهڙيال ۾ وقت ذرو ذرو ٿي پيو ڪِسڪي آئون ياڻيان ٿي تہ سيني انساني تجربن کان ڏار ٿيو، ڪنهن جيئري قبر ۾ پُوريل آهيان. امان نظربنديءَ جي انهن ڏينهن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجي مُنهن سوچيندي رهي ٿي. المرتضيٰ ۾ پنج مهينا نظربند رهڻ کان پوءِ آئون اڳي کان وڌيڪ بيقرار ٿي پئي آهيان. ڪا ڄاڻ ئي نٿي پوي تہ، اسين ڪڏهن شايد آزاد بہ ٿينديونسين يا نہ. ان جو سارو آڌار ضياءَ تي آهي.

آمريڪي حڪومت پنهنجي پسند جو فيصلو ڪيو آهي. جيئن سيارو ختم ٿي بهار جي مُند شروع ٿئي ٿي، تہ ظاهر پيو ٿئي تہ آمريڪا جمهوريت آڻڻ بدران ضياءَ جي فوجي آمريت قائم رکڻ جو پهہ ڪيو آهي. افغانستان ۾ روسين جي وڌندڙ اثر کي سمجهندي، صدر ڪارٽر مارچ 1980ع ۾ پاڪستان کي چار سؤ ملين ڊالرن جي امداد آڇي ٿو، جنهن کي ضياءَ "بوهي مُگَ" چئي رد ڪري ٿو. افغانستان مان پناهگيرن جو وڏو تعداد پاڪستان ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ جيئن افغانستان ۾ گهرو جنگ تيز ٿيندي، تہ هنن جي وڌيڪ ٻوڏ ايندي. اسان جي ملڪ جي دَر تي پناهگيرن ۽ روسي فوجن جي موجودگيءَ سبب ضياءَ لاءِ ٻاهرين امداد جون ٺوڪريون پرجي اينديون، جنهنڪري اسرائيل ۽ مصر کان پوءِ گهٽي ۾ گهٽي آمريڪي امداد وٺندڙ ٽيون ملڪ پاڪستان هوندو. افغانستان تي سوويت حملي کي پاڪستان ۾ "برزنيف طرفان ضياءَ لاءِ ڪرسمس جي سوکڙي" چيو وڃي ٿو، ۽ امان ۽ آئون المرتضيٰ ۾ قيد آهيون.

صنم اسان سان ملڻ لاءِ اچي ٿي. هن جو اسان کي ڏاڍو اوسيئڙو هو. هن جي ڇوڏاري قيد جي اختياري وارن ۽ فوجين جو گهيرو آهي. فوجي اختياري وارن جي لاڳيتي موجودگيءَ ڪانسواءِ هڪ ڌيءَ کي بہ پنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ سان ملڻ جي اجازت ڪانهي. امان رَت جي گهٽ دٻاءُ سبب بيمار آهي ۽ پنهنجي بستري ۾ ليٽي پئي آهي. آئون ڀڄان ٿي تہ ڇا اسان جي ملاقات سرڪاري عملي سان آيل عورت جي موجودگيءَ ۾ ٿي سگهي ٿي. آئون ۽ صنم جيئن زنانن ڪمرن ڏانهن وڃون ٿيون، تہ آئون پنهنجي پنيان ڪنهن جي پيرن جو آواز ٻڌان ٿي. اها پوليس واري ڪانهي، پر اُهو فوجي عملدار ڪئپٽن افتخار آهي. آئون هن ڏانهن بي يقيني وچان نهاريان ٿي. زنانن ڪمرن ۾ مائٽن ڪانسواءِ ڪنهن بہ ڌارئي مرد کي اندر اچڻ جي اجازت ڪانهي.

”جيل قاعدن ۾ به اُهو لکيل آهي ته رُڳو پوليس جي عملي جون عورتون قيدياڻين جي ڪمري ۾ وڃي سگهن ٿيون.“ آئون هن کي تاڪيد ڪريان ٿي.
”آئون موجود رهندس.“ هو چوي ٿو.
”ته پوءِ اسان جي ملاقات بلڪل نه ٿيندي. آئون پنهنجي پيڻ کي سڏيان ٿي.“
صنم مون کان اڳواٽ ئي امان جي ڪمري ۾ وئي هئي. تنهنڪري آئون زنانن ڪمرن ڏانهن هلندي رهيس، ته جيئن هن کي ۽ امان کي ٻڌائي سگهان ته ملاقات ملتوي ڪئي وئي آهي. پر آئون پنهنجي پنيان وري آواز ٻُڌان ٿي. ڪئپٽن افتخار اچا تائين منهنجي پنيان پيو اچي.
”تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ تون هتي اندر اچي نٿو سگهين“ آئون ٿورو مُنجهندي هُن کي چوان ٿي.
پر هو جڻ ٻُڌي ئي نٿو. ”توکي پتو آهي ته آئون ڪير آهيان؟“هو وڏي آواز ۾ چوي ٿو. ”آئون پاڪستاني فوج جو ڪئپٽن آهيان ۽ آئون جتي به گهرندس اتي وڃي سگهندس.“
”توکي سُڌ آهي ته آئون ڪير آهيان؟“ آئون به وڏي آواز ۾ جواب ڏيان ٿي. ”آئون ان شخص جي ڌيءُ آهيان، جنهن ڍاڪا ۾ اوهان جي شرمناڪ مات کان پوءِ اوهان کي واپس آندو هو.“
ڪئپٽن افتخار مونکي ڌڪ هڻڻ لاءِ پنهنجو هٿ مٿي ڪٽي ٿو. مون هيستائين جنهن ڪاوڙ کان پاسو پئي ڪيو، جنهن ڌِڪار کي لڪايو پئي، اِها يڪو ڏئي ٻاهر اچي ٿي.
”تون پنهنجو هٿ هن گهر ۾ ڪٽين ٿو بيشرم انسان! تون هن گهر ۾ مون تي اُلر ڪرين ٿو، جنهن تي ان شخص جي قبر جو ڇانوَ آهي جنهن اوهان کي بچايو هو. تون ۽ تنهنجي فوج هندستاني جنرلن جي پيرن ۾ ڪِري پئي هئي. اهوبابا ئي هو جنهن اوهان کي وري عزت ڏني هئي. ۽ تون هن جي ڌيءُ تي هٿ ڪٽي اُلر ٿو ڪرين؟“
هو پنهنجو هٿ اوچتو هيٺ ڪري ٿو. ”اسين ڏسي رهنداسين.“ هو ٿُڪ اڇلائي ٿو، ۽ پنهنجين ڪڙين تي ڦِري آڪڙجي ٻاهر وڃي ٿو. صنم جي ملاقات ملتوي ٿي وڃي ٿي.
المرتضيٰ ۾ نظربند ٿيڻ کان پوءِ جلد مون ۽ امان پنهنجي ان نظر بنديءَ خلاف جنهن عدالت ۾ ڪيس داخل ڪيو هو، آئون اوڏانهن خط لکان ٿي. 1979ع ۾ مارشل لا هيٺ عدالتن کي اجا تائين اختيار مليل هئا، ته اهي فوجي قاعدن هيٺ گرفتارين تي نظر ثاني ڪن. اسان جي گهر ۾ جيڪي ٿيو هو اهو سمورو احوال مون خط ۾ لکيو. جنرل ضياءَ اڪثر چادر ۽ چارديواري جي تقدس بابت ڳالهيون ڪندو هو، پر لڳو ٿي ته، هن کي ۽ نه وري ڪئپٽن افتخار کي ان لاءِ ڪو احترام هو. آئون اهو خط جيلر کي ڏيان ٿي. هو واعدو ڪري ٿو ته اهو خط عدالت ڏانهن موڪليندس ۽ هو ان جي مونکي رسيد ڏئي ٿو. هينئر مونکي ڪو پتو ئي نٿو پوي، ته اها رسيد ڪيتري نه ڪمائتي ثابت ٿيندي.

”آئون سوچيان ٿو، تنهنڪري آئون آهيان“— مونکي آڪسفورڊ ۾ به ان ڊاهپ واري قول کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي ۽ هاڻي ته پاڻ وڌيڪ ڏکيائي ٿئي ٿي. آئون ان وقت به سوچيان ٿي جڏهن آئون سوچڻ نه ٿي گهران. پر جيئن ڏينهن آهستي آهستي گذرن پيا، مونکي ويساهه ئي نٿو اچي ته منهنجو ڪو وجود به آهي. وجود ۾ هجڻ جو مطلب ئي اهو آهي ته ڪنهن شيءِ تي اثر ڪجي، ڪو ڪم ڪجي ۽ ڪو ردعمل ڏيکارجي.
پر بابا جي هدايت مونکي جيئرو رکندي پئي اچي. سَهپ. عزت. اصول. بابا اسان کي ننڍي هوندي جيڪي آکاڻيون ٻڌائيندو هو، انهن ۾ سدائين ڀٽي گهراڻي جي ماڻهن کي اخلاقي سوڀ ملندي هئي. ”ووڊاسٽاڪ جي جهنگ ۾ ريوپرٽ مون تي حملو ڪيو.“ بابا اسان کي انٿوني هوپ جي ناولن جي بدڪردار ”هينزائوجي ريوپرٽ“ جي آکاڻي ٻڌائيندو هو، جنهن سان آڪسفورڊ ويجهو سندس مقابلو ٿيو هو. پنهنجن پيرن تي اٿندي بابا پنهنجي خيالي ترار ڦيرائي هئي. ”هو منهنجي ڪُلهي کي وڍي ٿو، منهنجي ٽنگ ڀڃي ٿو، پر آئون وڙهان ٿو ڇو ته معزز انسان مرڻ گهڙيءَ تائين وڙهندو رهي ٿو.“ اسين اڇرج ۾ بابا کي پيا ڏسندا هئاسين، ته هو وري خيالي ترار هلائيندو هو. دشمن کي ترار هڻندو هو ۽ ان گهاوَ جي پرواهه به نه ڪندو هو، جنهن مان رَت پيو وهندو هو. اوچتو هو ترار جي هڪ ئي ڌڪ سان ريوپرٽ کي ماري، ساڻو ٿي ڪُرسيءَ تي ڪِري پوندو هو. ”شانائتو نشان.“ هو قميص مٿي ڪڍي اسان کي پنهنجي اپينڊڪس جو نشان ڏيکاري چوندو هو.
اُن ۽ خاندان جي اهڙين ٻين آکاڻين کي ٻُڌي مونکي وڏي سگهه ملندي هئي ۽ فوجي بغاوت کان پوءِ مونکي اِها ڳالهه مڃڻ لاءِ ڪوبه سبب ڪونه ٿي نظر آيو، ته بابا فوجي آمر ضياءَ تي ڇو نه سوڀ ماڻيندو. بابا پنهنجين آکاڻين ۾ اسان کي جيڪي اتساهه ڏياريندڙ مقابلن جون ڳالهيون ٻڌايون هيون ۽ اڳتي هلي اسان کي جنهن بديءَ سان منهن ڏيڻو هو، انهن ۾ آئون اجا تائين فرق سمجهي نه سگهي هئس.

**سيپٽمبر 1977ع:** سِرن جون ٿُلهيون ديوارون، جن تي نوڪدار تارون لڳل آهن، انهن ۾ مٿي ننڍڙيون دريون آهن، تن جي سيخن کي ڪٽ لڳي ويو آهي. ڳرا لوهي دروازا. ڪوٽ لکپت جيل. آئون جيئن ان مان لنگهان ٿي، ته دروازي جا ڪَڙڪاٽ ٻُڌجن ٿا. آئون اڳ ڪڏهن به ڪنهن جيل ۾ اندر نه وئي آهيان.
آئون هڪ ٻيءَ فولادي ديوار ڏسان ٿي، جنهن تي بندوقون جهليو پوليس وارا پهرو پيا ڏين. منهنجي چوڌاري مرد، عورتون ۽ ٻار آهن، جيڪي دروازي تي ڳاهٽ پيا ٿين. پاڪستاني جيلن ۾ سهولتون ڪونه ٿين. ڪپڙا، بسترو، ٿانوَ ۽ کاڌي تائين جو بندوبست قيدين جي مائٽن کي پاڻ ڪرڻو پوي ٿو. جن قيدين جا مائٽ اُهي سهولتون پهچائڻ کان لاچار هجن ٿا يا جن کي سخت پورهئي جي سزا مليل هجي ٿي، سي قيدي سي

ڪلاس قيد ۾ رکيا وڃن ٿا. هرهڪ ڪوليءَ ۾ پنجاھ قيدي رهن ٿا، جيڪي جُونءِ ڀريل ٿَڌن مٽان فرش تي سُمهن ٿا ۽ جن جي پائخاني لاءِ اتي ئي ڪُنڊ ۾ هڪ سوراخ هُجي ٿو. اهڙن قيدين کي پاٽيءَ جهڙي دال جا ٻه وَٽا ۽ هڪ ماني روزانو ملي ٿي. اهي اتي 100 ڊگري گرميءَ ۾ بجلي جي پَکي ڪانسواءِ رهن ٿا. هنن جي ٽڪار لاءِ نه ڦوهارا هجن ٿا، ۽ نه وري ڪين وهنجڻ جي اجازت هجي ٿي. پوليس وارا بابا سان ملاقات لاءِ مونکي جيل سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ وٺي ٿا هلن.

”مون تي قتل جي اُها تهمت ڀيهر هٽي ضياءَ پڌري پَٽ اسان خلاف ٿي بيٺو آهي. ان کان اڳ جو ضياءَ اهو ناممڪن بڻائي، ڀين ٻارن کي هڪدم ملڪ کان ٻاهر هليو وڃڻ گهرجي،“ بابا مونکي چوي ٿو. ”خاص ڪري ڇوڪرا. منهنجي مرضي آهي ته اهي چوويهن ڪلاڪن ۾ هتان نڪري وڃن.“

”ها، بابا،“ آئون اهو ڄاڻندي به چوان ٿي، ته مير ۽ شاھ هن وقت وڃڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندا. اهي بابا جي گرفتاريءَ سبب پنهنجي پڙهڻ ڏانهن ڪهڙو ڌيان ڏيئي سگهندا؟ اهي ته لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ ۾ انهن چوندن جي تياريءَ لاءِ رات ڏينهن محنت پيا ڪن، جن جي ڪرائڻ جو اجا تائين ضياءَ واعدو پئي ڪيو....

”تو پنهنجي تعليم پوري ڪئي آهي، پر جيڪڏهن تون انگلينڊ واپس وڃڻ گهرين ٿي ۽ محفوظ زندگي گذارڻ چاهين ٿي ته مونکي اها ڳالھ سمجھ ۾ اچي ٿي. منهنجي توکي اجازت آهي.“ بابا ڳالهائيندو رهي ٿو. ”جيڪڏهن توکي هتي رهڻ پسند آهي، ته ياد رک ته اسان جو ايندڙ وقت وڏيک ڏکيو هوندو.“

”بابا، آئون هتي ئي رهنديس ۽ اوهان جي مقدمي ۾ مدد ڪنديس.“ آئون چوان ٿي.

”ته پوءِ توکي مضبوط ٿيڻو پوندو.“ بابا ٻڌائي ٿو.

ٻه ٽي ڏينهن پوءِ لاچار ٿي مير انگلينڊ روانو ٿي ويو. هن وري ڪڏهن به پنهنجي بابا کي ڪونه ڏٺو، ۽ نه وري شاهنواز، جيڪو سئٽزرلينڊ جي اسڪول ۾ واپس وڃڻ کان ٻه ٽي ڏينهن اڳ وڏو سفر ڪري ڪوٽ لکپت جيل ويو هو.

”مونکي پنهنجي پيءُ سان ملاقات جي اجازت ملي آهي.“ شاھ جيل جي پهرئين دروازي تي پهريدارن کي چيو. ”آئون هن کان موڪلائڻ آيو آهيان.“

”اسان وٽ اهڙي اجازت نه پهتي آهي.“ پهريدارن جواب ڏنو. ”اسين توکي اندر وڃڻ نه ڏينداسين.“

ان وقت بابا پنهنجن وڪيلن سان ملڻ لاءِ اندرئين فولادي ديوار جي پرسان پئي لنگهيو ۽ هن شاھ کي جيل جي عملي سان حجت ڪندي ٻُڌي ورتو هو.

”تون منهنجو پُٽ آهين. هنن کان ڪابہ رعايت نہ گهُر ڪر.“ هن منهنجي ڀاءُ کي وڏي آواز ۾ چيو. ”تون پنهنجي تعليم لاءِ وچ ۾ سخت محنت ڪر، تہ جيئن آئون توتي فخر ڪري سگهان.“
ٻن ڏينهن کان پوءِ شاهہ ليزن جي آمريڪي ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ روانو ٿي ويو. هنن کان پوءِ صنم بہ جلد ئي هارورڊ واپس هلي وئي. ڏهن ڏينهن کان پوءِ 29 سيپٽمبر 1977ع تي آئون ٻهريون ڀيرو گرفتار ٿيس.

ماڻهو. هر طرف ماڻهن جا انبوهہ شلوار قميصن ۾ نوجوانَ وٽن جي تارين ۾ ٻجليءَ جي ٿنين سان ڇهٽيا پيا آهن. بسن ۾ ٽرڪن جي ڇتين تي لڙڪيا پيا آهن. گهرن جا ڀاتي ڏسڻ لاءِ پنهنجين درين، ڇتين ۾ بالڪنين تي بيٺا آهن. ماڻهن جي انبوهہ ۾ اهڙي تہ سوڙهہ آهي، جو جيڪڏهن ڪير بيهوش ٿي ڪِري تہ ڪِرڻ لاءِ جاءِ نہ مليس. هجوم اڳيان برقعن ۾ ڪيتريون ئي عورتون آهن، جن مقصد خاطر ٻاهر نڪري اچڻ جي همت ڪئي آهي. سندن گرفتار ٿيل وزيراعظم جي ڌيءُ هنن سان ڳالهائڻ لاءِ آئي آهي.
سياسي جلسي جي ٿلهي تي جيڪا عورت بيٺل آهي، سا ماڻهن لاءِ ايتري اوپري ڪانہ ٿي لڳي، جيتري مونکي ڀانئجي ٿي. ننڍي ڪنڌ ۾ مون کان اڳ بہ ڪيترين ئي عورتن پنهنجن مڙسن، ڀائرن ۾ پيئرن جي سياسي جاءِ سنڀالي هئي. عورتن سبب ئي سياسي خاندانن جي ميراث ڏکڻ ايشيا جي روايت ٿي وئي هئي. هندستان ۾ اندرا گانڌي، سريلنڪا ۾ سريماوو بندرانائڪي، پاڪستان ۾ فاطمہ جناح ۾ خود منهنجي ماءُ، مونکي ڪڏهن ويچار بہ ڪونہ آيو هو تہ آئون بہ ان راهہ تي هلنديس.
فيصل آباد جي صنعتي شهر ۾ ٿوري وقت لاءِ ٺاهيل اسٽيج تي بيٺي آئون ڊپُ ۾ وڪوڙجي وئي هيس. چوويهن ورهين جي ڄمار ۾ مون پاڻ کي سياسي اڳواڻ نہ سمجهيو هو ۾ نہ وري ڪا مقرر. پر منهنجي اختيار ۾ ڪجهہ بہ نہ هو، ”مِنڙي، توکي مُهم هلائڻي آهي. تنهنجي بابا جيڪو پروگرام ٺاهيو هو، سو اسان کي پاڻ ۾ ورهائي ڪٽڻو آهي.“ هڪ هفتو اڳ امان مونکي ڪراچيءَ ۾ چيو هو. ”پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جا ٻيا اڳواڻ نظربند آهن يا وري پنهنجن پنهنجن تَڪن ۾ هوندا. هتي رڳو اسان بہ ڄڻيون آهيون.“
”پر مونکي تہ ڪا سُڌ ئي نہ آهي تہ مونکي ڇا چوڻو آهي.“ مون هن کي چيو هو.
”تون ڳڻتي نہ ڪر.“ هن وراڻيو. ”اسين توکي تقرير لکي ڏينديونسين.“
”ڀٽو آزاد ڪريو!“ عوام نعرا هڻن ٿا. اهي ساڳيا نعرا هڪ ڏينهن اڳ راولپنڊيءَ ۾ امان کي ڏسي ماڻهن هنيا هئا. اسٽيج تي آئون هن پنيان بيٺي هيس. مون ڏنو پئي سڪيو پئي. ”اوهان دل نہ هاريو، جيڪڏهن اوهان جو بابا جيل ۾ آهي، تہ اوهان جي امان اڃا آزاد آهي.“ هن عوام جي هجوم کي مخاطب ٿيندي وڏي آواز ۾ چيو.

”مون وٽ نہ ٽئنڪون آهن ۽ نہ بندوقون، پر مون وٽ مجبور عوام جي اهڙي ناقابل شڪست قوت آهي، جهن جي مدد سان دنيا جي ڪنهن بہ طاقت سان مقابلو ڪري سگهجي ٿو.“
هن جو آواز ڳوڙرو هو، پر عوام ڪي خطاب مهل هن جي هٿن ۾ ٿوري ڏڪڻي هئي. اهو ڏسي مونکي هن سان همدردي ٿي هئي. عوامي زندگي ۾ اچڻ جي هن ڪي ڪابہ خواهش نہ هئي، هن اهو بہ نہ ٿي گهريو، تہ بابا جي جيل ۾ هجڻ سبب پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻي ڪريان. هوءَ اجا تائين لوبلڊ پريشر سبب بيمار هئي ۽ ڏاڍي ڪمزور هئي. پارٽي جي اڳواڻن ۾ جڏهن پارٽيءَ جي سربراهيءَ تي تڪرار ٿيو هو، تڏهن سيني جي گڏيل راءِ سان اهو عهدو امان ڪي ڏنو ويو هو، پر هن انڪار ڪيو. پوءِ جڏهن بابا هن ڪي اها آچ قبولڻ لاءِ جيل مان خط لکيو هو، تڏهن هن پارٽيءَ جي فيصلي ڪي مڃيو. ڦهريون چونڊون جن لاءِ واعدو ڪيو ويو هو رُڳو ٻن هفتن ڪان پوءِ ٿيڻ واريون هيون ۽ عوام پيپلز پارٽيءَ جي آڌر ڀاءُ لاءِ هر طرح سان تيار هئا.
ضياءَ جي ’آپريشن فيئر پلي‘ سازش ملڪ جي اڪثر ماڻهن لاءِ صاف سُٺري ٿيڻ بدران هڪ ٻيو روپ وٺندي پئي وئي. فوجي بغاوت ڪي اجا ڇہ مهينا بہ ڪونہ ٿيا هئا، تہ ضياءَ جي حڪومت اناج ۽ چانورن جا ڪارخانا، جن ڪي بابا قومي ملڪيت ۾ ورتو هو، انهن جي اصل مالڪن ڪي موٽائي ڏنا هئا ۽ ٻين صنعتن ڪي موٽائڻ جو واعدو ڪيو هو. ان خوشيءَ ۾ سڄي ملڪ جي صنعتڪارن، يونين جي اهم عهديدارن ڪي نوڪرين مان ڪڍي ڇڏيو هو. رڳو لاهور ۾ پنجاهہ هزار پورهيت بيروزگار ڪيا ويا هئا. ”اوهان جو ڀيءُ ڪٿي آهي هينئر؟“ صنعتڪار انهن پورهيتن ڪي ٽوڪون هڻي چوندا هئا، جيڪي زندگيءَ ۾ ڦهريون ڀيرو ماڻيل نوڪريءَ جي ضمانت وڃائي وينا هئا.
ٻين ڪيترن ئي پورهيتن ڪي نوڪريءَ مان ڪڍڻ ۽ پگهارن گهٽائڻ جا دڙڪا ڏنا ويا. هارين ڪي پنهنجي فصل لاءِ، جنهن رقم جي اميد هئي، اُن بدران واپارين پنهنجي مرضيءَ جي رقمن جي آڇ ٿي ڪئي. هڪ ڀيرو وري وڏن زميندارن ۽ ڪارخانيدارن پيداوار جو سمورو نفعو پنهنجي ڪيسي ۾ ٿي رکيو. 1975ع جي اڳهن جي ڀيٽ ۾ بصر پنجوڻي قيمت ۾ ۽ پٽاٽا ٻيڻي قيمت ۾ پئي وڪاڻا. جڏهن تہ بيدن ۽ اناج جا اگهہ ٽيهہ سيڪڙو وڌي ويا هئا. سڄي پاڪستان ۾ پيپلز پارٽيءَ جي جلسن ۾ بابا جي نيتين ڪي بدلائڻ خلاف سخت ڪاوڙ ظاهر پئي ٿي. ”ڀٽي ڪي آزاد ڪريو. ڀٽي ڪي آزاد ڪريو.“
فيصل آباد ۾ آئون اها تقرير سوگهو جهلي ويٺي هيس، جيڪا مون اسلام آباد ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ڪيئي ڀيرا پڙهي هئي. مٿي نهار، هيٺ نہ ڏس. ڪمري جي آخري حصي ۾ ڏسي تقرير ڪر. آڪسفورڊ يونين ۾ اهو ڪهڙو نہ صاف سٺرو طريقو هو. هينئر راند جي ميدان ۾ منهنجي اڳيان ماڻهن جو اڻڪٽ هجوم هو. ”فوجي حاڪمن ڪي نہ ڇيڙاءِ، متان ضياءَ ڪي چونڊون ملتوي ڪرڻ جو بهانو ملي وڃي.“ امان مونکي

خبردار ڪيو ھو. پر عوام جا ھجوم بي قابو ھئا. ”مونکي تہ ويساھ ئي نٿو اچي،“اتي پارٽيءَ جي مڪاني رڪن پنھنجا ڀروڻ اگھندي چيو. ”مون پنھنجي حياتيءَ ۾ ايڏو وڏو جسلو ڪڏھن بہ ڪونہ ڏٺو آھي.“

جلسي ۾ ڪنھن منھنجي ھٿ ۾ مائڪروفون ڏنو، جنھن جون تارون لائوڊ اسپيڪر ۾ لڳل ھيون. انھن تارن مان ڇڪڻون نڪري پئي اڏاٽيون. مون جڏھن ڳالھايو ھو، تڏھن اسٽيج تي وينل ماڻھن تارن جي چوڌاري ڪپڙن ويڙھڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي يا پري منھنجي اڳيان مائڪروفون جھليو بيٺا ھئا.

”آئون جڏھن بابا سان گڏ ھندستان ۾ اندرا گانڌيءَ سان ڳالھيون ڪرڻ لاءِ وئي ھيس، تڏھن بابا پنھنجي پلنگ تي سمھڻ کان انڪار ڪيو ھو ۽ فرش تي سُمھندو ھو.“ آئون پنھنجي اڳواٽ ناھيل تقرير کان وڌيڪ چوڻ لڳيس، ”اوھان فرش تي چو ٿا سُمھو؟“ مون ھن کان پڇيو، ”ھندستان ۾ آئون پنھنجي ھنڌ تي ڪونہ سمھندس،“ ھن جواب ڏنو. ”چوتہ ڪئمپن ۾ اسان جا جنگي قيدي بہ فرش تي سُمھن ٿا.“ اھو ٻڌندي ئي ھجوم جوشيلا نعرا ھنيا ھئا.

ھڪڙي ڏينھن قصور ۾، تہ وري ٻئي ڏينھن اوڪاڙا ۾. اسين سرسبز کيتن ۾ وياسين، جتي ڪُڙمين گڏ پئي ڪئي ۽ پاڻي پئي ڏنو. پنجاب جي زرعي مرڪز ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ٽرٽلو وجھي ڇڏيو ھو اسان جي آڏرياءُ ڪنڌڙ عوام جي ھجومن سبب رستن تي اسان جي رفتار گھٽجي وئي ھئي. پنجاب فوجي جوانن جو گھر ھو، جيڪي بابا جا جان نثار ووٽر ھئا. بابا ھنن سان ڏاڍو سُھٹو ورتاءُ ڪيو ھو. اولھہ پاڪستان ۾ جيڪي سپاھي برفاني خندقن ۾ ھوندا ھئا، انھن کي گرم پوشاڪون ڏنيون ويون ھيون، ھنن جا پگھار وڌايا ويا ھئا ۽ ڪين آفيسرن جي عھدن تائين پھچڻ جون گھٽيون سھولتون ڏنيون ويون ھيون. ھاڻي انھن سپاھين جي خاندانن جا ياتي اسان جي پُنيرائيءَ لاءِ ٻاھر نڪري آيا ھئا. ضياءَ کي پريشان ڪرڻ لاءِ اسين ھن جي ويجھو ٿيندا وياسين.

”توسان مئجسٽريٽ ملڻ لاءِ آيو آھي،“ آئون جڏھن 29 سيپٽمبر تي پنھنجي گشت جي ٽئين منزل ساھيوال پھتيس، تہ منھنجي ميزبان پريشان ٿيندي مونکي چيو.

مونکي تہ ويساھ ئي ڪونہ پئي آيو. اُن گھر جي چوڌاري پوليس گھيرو ڪري وئي ھئي. ٽيليفون جو تارُون ڪٽيون ويون ھيون ۽ رکي رکي بجلي ۽ پاڻي بہ بند ڪيو ويو ھو. اُن سڄي پاڙي جي رستن تي پھرو بيھاريو ويو ھو، جنھنڪري ماڻھو پنھنجن گھرن تائين نہ پئي پھچي سگھيا. آئون جن جي گھر مھمان ھيس، اھي زال مڙس بہ مون سان گڏ نظربند ٿي ويا ھئا. اُھي پوءِ پيپلز پارٽيءَ کان الڳ ٿي ويا ھئا. آئون ڪاوڙ وچان ٽي ڏينھن اتي پنھنجي سمھڻ واري ڪمري ۾ ھڪ ڪُنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين ھلندي ھيس، جنھن جي دروازي تي پوليس جي ھڪ عورت کي پھري تي بيھاريو ويو ھو.

مون تي ڪهڙيون تُهمتون هيون؟ مون تہ ڪنهن بہ قانون جي ڀڃڪڙي نہ ڪئي هئي. مون تہ رڳو پنهنجي پيءُ پاران ڇوندڙن جي اها مهم پئي هلائي، جنهن جي ضياءَ پاڻ اجازت ڏني هئي. جنهن جوڪائتي راند ۾ مونکي بہ گهِليو ويو هو، ان بابت آئون تنهن وقت ڪيتري نہ اَڻڄاڻ هيس. "منهنجي ڌيءَ قيمتي زيورن پائڻ جي هيراڪ آهي. پر هاڻي قيد جا زنجير پائي، هوءَ فخر پائيندي." امان ڪراچيءَ ۾ هڪ جلسي کي خطاب ڪندي چيو، جتي ماڻهن جو تعداد اڳي ڪان بہ وڌيڪ هو. اسان سان عوام جي اَٿاهہ پُنيرائي ڏسي پيپلز پارٽيءَ کي سياسي شڪست ڏيڻ لاءِ ضياءَ جون سموريون اميدون ڏُوڙ ٿي ويون هيون. ڀٽو ڇوندڙن جي مهم ۾ هجڻ ۾ بدران قيد ۾ هجڻ سبب وڌيڪ طاقتور ٿي ويو هو.
ٻئي ڏينهن ضياءَ ٽيليويزن تي ڇوندڙن جي ملتويءَ جو اعلان ڪيو.
مون پانئيو تہ اُن گهڙيءَ کان ملڪ ۾ قانون ختم ٿي ويو هو.

**24 آڪٽوبر 1977ع:** بابا تي قتل جي سازش مقدمي جي شنوائي شروع ٿئي ٿي. قتل جي معمولي مقدمن کان ڌار، جيڪي هيٺين عدالتن ۾ هلن ٿا، اهو مقدمو لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ هلايو ويو، جنهنڪري بابا اپيل جي حق کان محروم ٿي ويو هو. بابا کي جنهن جسٽس ڇهہ مهينا اڳ ضمانت تي آزاد ڪيو هو، تنهن کي هاءِ ڪورٽ ۾ پنهنجا فرض نڀائڻ کان الڳ ڪيو ويو ۽ پنهنجن خاص چونڊيل ججن جي عدالت جوڙي وئي هئي. ججن جي ان نئين عدالت پهريون ڪم اهو ڪيو، جو بابا جي ضمانت کي رد ڪري ڇڏيو. هاڻي هُو چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ضياءَالحق جي حڪم سان فوجداري الزامن هيٺ گرفتار ٿي ويو هو.
البت آئون آزاد هئس ۽ مون امان سان گڏجي بابا پاران ڪم جاري رکيو. ڇونڊ جي رد ٿيڻ کان ٿورو پوءَ مونکي نظربنديءَ مان آزاد ڪيو ويو. پارٽيءَ جي هڪ همدرد اسان کي لاهور ۾ اوڏر تي اهڙو گهر ڏنو، جنهن ۾ فرنيچر پيل هو. بابا جي ڪيس جي شنوائيءَ وارن ڏينهن ۾ اسين ان گهر کي پيپلز پارٽيءَ جي گڏجاڻيءَ جو هنڌ ۽ آفيس طور ڪَتب آڻڻ لڳاسين. روزانو اسان مان هڪڙي ان شاندار عمارت ۾ شنوائي تي ويندي هئي، جيڪا 1866ع ۾ انگريزن نهرائي هئي. عدالت جي ڪاٺ واري اُڪر ٿيل ڇِت هيٺيان هر هنڌ انصاف جا نشان نظر ٿي آيا ۽ فرش تي ناهوڪو غاليچو وڇايل هو. جج جيئن اندر ٿي آيو تہ سڀيئي اٿي ٿي بيٺا. هنن جي اچڻ کان اڳ سائي ڪوٽ ۽ اڇي پٽڪي سان چوبدار آيو، جنهن جي هٿ ۾ چانديءَ جي مُنئي واري ڪاٺ جي عصا هئي. ججن کي ڪارا چوغا ۽ اڇن وارن واريون ٽوپيون پيل هيون. اهي اطلسي ٽنؤرن واري ڇٽيءَ هيٺيان پنهنجن ڊگهين ڪُرسين تي اچي ويٺا هئا. بابا جا وڪيل اڳ ۾ ئي عدالت ۾ موجود هئا، جن کي اڇين پتلونن ۽ ڪَلف لڳل اڇين قميصن تي ڪاتل ڪارن ڪوٽن

مٿان ريشمي جُبا پاتل هئا. عدالت جي ڪمري ۾ ڪاٺ جي بئنچن جي قطارن تي وينل ڪيترن ئي ماڻهن جي وچ ۾ ويٺي مونکي اطمينان رکڻ ڪپندو هو. ائين ٿي لڳو تہ اهو مقدمو انگريزي قانون جي بهتر رواجن مطابق هلايو ويندو،پر ائين ڪونہ ٿيو هو. بابا خلاف اهو مقدمو ڦهرين فيڊرل سيڪيورٽي فورس جي ڊائريڪٽر جنرل مسعود محمود جي ميجتا تي جوڙيو ويو هو. مسعود محمود سرڪاري ملازم هو، جنهن ڪي فوجي بغاوت ڪان پوءِ هڪدم گرفتار ڪيو ويو هو ۽ اسان جي اطلاع مطابق بابا خلاف ڪُوڙي شاهدي ڏيڻ لاءِ هن ڪي سخت ايذاءُ ڏنا ويا هئا. فوج جي نظربنديءَ ۾ اٽڪل ٻہ مهينا رهڻ ڪان پوءِ مسعود محمود سُلطاني شاهد ٿيڻ جو فيصلو ڪيو: يعني هڪ اهڙو سرڪاري شاهد، جيڪو ڏوهہ ۾ شريڪ هو ۽ جنهن ڪي ان واعدي تي معافي ملندي، تہ هو ٻين شامل ڏوهارين بابت سچ ڳالهائيندو. هاڻي مسعود محمود دعويٰ ڪئي هئي، تہ سياستدان قصوريءَ ڪي مارڻ لاءِ منهنجي بابا ڪيس حڪم ڏنو هو.
مسعود محمود جو اهو بيان تہ، ان سازش ۾ بابا جو سِڌو هَٿُ هو، اڪيلي شاهدي هئي. ڏوهہ ۾ ٻيا شامل چار ڄڻا پڻ فيڊرل سيڪيورٽي فورس جا ماڻهو هئا، جن تي بہ اهو الزام هو تہ اُهي حملي ۾ شريڪ هئا ۽ جن ڊائريڪٽر جنرل جي حڪم سان اهو حملو ڪيو هو. فوجي بغاوت ڪان ٿورو وقت پوءِ مسعود محمود جيان اهي سڀيئي گرفتار ٿي ويا هئا. ان ڏوهہ جو ڪوبہ اڪين ڏٺو شاهد ڪونہ هو.

فيڊرل سيڪيورٽي فورس جا چار جوابدار پنهنجن وڪيلن پرسان وينا هئا، پر بابا جي چوڌاري جاسوسن جو گهيرو هو ۽ هو اُن ڪاٺ جي پڃري ۾ وينو هو، جيڪو خاص ان مقدمي لاءِ ٺاهيو ويو هو. ”مونکي پتو آهي تہ تون ڏاڍي آرام پسند زندگيءَ جو هيراڪ آهين، تنهنڪري مون توکي ويهڻ لاءِ بئنچ بدران ڪُرسي ڏني آهي.“ قائم مقام چيف جسٽس مولوي مشتاق حسين پنجن مهينن تائين هلندڙ مقدمي جي ڦهرئين ڏينهن بابا ڪي ٽوڪ هڻندي چيو. مولوي مشتاق، جنهن ڪي ضياءَ اُن وڏي عدالتي عهدي تي مقرر ڪيو هو، سو ضياءَ جي اباڻي ڏيهہ جالنڌر، هندستان جو رهاڪو هو ۽ بابا جو پراڻو دشمن هو. هي اُهو ئي جج هو، جنهن ايوب خان سان اختلاف واري وقت بابا تي مقدمو هلايو هو. جڏهن پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت جُڙي هئي، تڏهن هن ڪي چيف جسٽس جي عهدي تان لاٿو ويو هو ۽ ڪيس ترقي ڏئي سپريم ڪورٽ ۾ موڪلڻ ڪان انڪار ڪيو ويو هو، ڇو تہ وزير قانون، اٽارني جنرل ۽ بابا هن ڪي ان عهدي لائق ڪونہ سمجهيو هو. فوجي بغاوت ڪان ترت پوءِ ان ضياءَ جي آچيل چيف اليڪشن ڪمشنر جو عهدو قبوليو هو ۽ اهڙيءَ ريت حڪومت جي انتظاميا ۽ عدالتي شعبن وچ ۾ علحدگيءَ تي ٺٺولي ڪئي وئي هئي. هو غير جانبدار ٿي نٿي سگهيو.

عدالت جو ساڳئُ پڌرو هو. مقدمي جي پهرئين ڏينهن فيڊرل سڪيورٽي فورس جو ملازم ميان عباس، جيڪو شريف ۽ بهادر انسان هو، اٿي بيٺو ۽ پنهنجي ڏنل شاهديءَ تان ڦِري ويو. ”مونکي ايذاءُ ڏئي مون کان ڏوھ مڃرايو ويو آهي.“ ان اعلان ڪيو. ٻئي ڏينهن هو عدالت ۾ موجود ڪونہ هو. فريادي وضاحت ڪئي، تہ هو بيمار آهي.
بچاءُ واري وڪيل عدالت کي درخواست ڪئي، تہ بابا کي شاهدن جي بيانن جا نقل ڏنا وڃن. چيف جسٽس اُن درخواست جي ”مناسب وقت تائين“ مهلتيءَ جو حڪم ڏنو. جڏهن مقدمو اڳتي هليو تہ بچاءُ جي وڏي وڪيل مسٽر ڊي. ايم. اعوان کي چيف جسٽس پنهنجي چيمبر ۾ گهرايو ۽ هن کي هدايت ڪئي تہ ”پنهنجي مستقبل بابت سوچ ويچار.“ جڏهن مسٽر اعوان، بابا جي مناسب قانوني بچاءُ تي زور ڏنو، تہ چيف جسٽس ان عدالت ۾ هن جي بين هلندڙ مقدمن خلاف فيصلا ڏئي، اُن جو وير ورتو. نيٺ مسٽر اعوان پنهنجي اصيلن کي ڪنهن ٻئي وڪيل ڪرڻ جي صلاح ڏني.
منهنجي موجودگيءَ ۾ مسعود محمود جي ڊرائيور جيڪا شاهدي ڏني هئي، سا مولوي مشتاق ابتي ڪري ورجائي، تہ جيئن بابا ۽ فيڊرل سيڪيورٽي فورس جي ڊائريڪٽر جنرل وچ ۾ لاڳاپو ثابت ٿي سگهي.
”ڇا اهو صحيح آهي، تہ تون مسعود محمود کي وزيراعظم سان ملائڻ لاءِ وٺي ويو هُئين؟“ چيف جسٽس ڪانئس پڇيو.
”نہ.“ ڊپ ۾ ڏڪندي ڊرائيور وراڻيو.
”لِک، آئون مسعود محمود کي وزيراعظم سان ملائڻ لاءِ وٺي ويو هئس.“ مولوي مشتاق عدالت جي اسٽينوگرافر کي حڪم ڏنو.
”منهنجو اعتراض آهي، ماءِ لارڊ“ بچاءُ جي وڪيل پنهنجيءَ جاءِ تان اٿندي چيو. ”اعتراض رد ڪجي ٿو.“ مولوي مشتاق اچن گهاٽن ڀروئن ۾ گهُنڊ وجهندي ڪاوڙ مان ڇڙٻ ڏني. پوءِ هن شاهد ڏانهن ڏسندي چيو. ”تنهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي، تہ توکي ياد ڪونهي. پر تون شايد مسعود محمود کي وزيراعظم سان ملائڻ لاءِ وٺي ويو هُئين.“
”نہ سائين. آئون هن کي وٺي نہ ويو هوس.“ ڊرائيور جواب ڏنو.
”لِک، مسعود محمود پاڻ ڪار هلائي وزيراعظم سان ملڻ ويو هو.“ چيف جسٽس اسٽينوگرافر کي حڪم ڏنو.
”مونکي اعتراض آهي.“ بچاءُ جي وڪيل وري اُٿندي چيو.
”ويهي رھ!“ مولوي مشتاق رڙڪندي چيو. وري هن ڊرائيور ڏانهن ڏنو.
”مسعود محمود تہ پاڻ بہ ڪار هلائي وزيراعظم ڏانهن وڃي پئي سگهيو. هو ڪونہ ٿي وڃي سگهيو ڇا؟“ هن پڇيو.
”نہ سائين.“ ڊرائيور ڏڪندي چيو.
”ڇو نہ؟“ مشتاق ڪَڙڪو ڪندي پڇيو.

”چاڪاڻ تہ گاڏيءَ جي ڪُنجي مون وٽ هئي، سائين.“ ڊرائيور ڏڪندي وراڻيو.
جان ميٽوز، ڪيوسي. جڏهن نومبر ۾ مقدمي جي ڪارروائي ٻُڌڻ لاءِ آيو هو، تہ هُو اهي ڳالهيون ٻُڌي وائڙو ٿي ويو هو. ”مونکي خاص طور اُن ڳالهہ تي ڇُڪتي ٿي هئي، جڏهن شاهد جي فائدي واري جواب جي وچ ۾، عدالت جي ججن طرفان ڳالهائي، رنڊڪ وڌي ٿي وئي، تہ جيئن هو پنهنجو جواب اڌ ۾ پُورو ڪري يا ڦيرائي وجي.“ هن بعد ۾ هڪ انگريز صحافيءَ کي ٻڌايو. ”بچاءُ جي وڪيلن کي تہ گهٽي ڇُڪتي هئي. مقدمي جي پڇاڙيءَ ۾ شاهدن جي شاهديءَ جو جيڪو 607 صفحن جو رڪارڊ نهيو هو، تنهن ۾ هنن جو اُٺاريل هڪڙو اعتراض بہ نہ ڄاڻايو ويو هو، ۽ نہ وري شاهديءَ ۾ اختلافي ڳالهين جو ڪو ذڪر هو، جن ڏانهن ڌيان ڇڪايو هو.“
اُتي تہ غيرجانبداريءَ جو ڪو بهانو بہ نظر نہ ٿي آيو. هڪڙي صبح جو جڏهن آئون عدالت ۾ پهتي هيس، تہ مون فيڊرل انويسٽيگيٽو ايجنسيءَ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عبدالخالق کي شاهدن کي اهو سمجهائيندي ٻُڌو هو، تہ شاهديءَ ۾ ڪين ڪهڙيون ڳالهيون چوڻيون آهن. ”هيءَ ڪهڙي قسم جو انصاف آهي؟“ مون وڏي آواز ۾ احتجاج ڪيو. اهو ٻُڌي ماڻهو اچي مڙيا. ”هن کي وٺي وڃو.“ خالق پوليس کي حڪم ڏنو. ”آئون ڪونہ وينديس.“ مون فرياديءَ کي پريشان ڪرڻ لاءِ رڙ ڪندي چيو. ”هن کي وٺي وڃو.“ خالي وري رڙ ڪئي. جيئن پوليس وارا مون ڏانهن وڌڻ لڳا، تہ سڄي اڱڻ ۾ ڀُڪو ٿيو، تہ بابا جيل مان پيو اچي. منهنجي مرضي اها نہ هئي، تہ بابا اهو ڏسي پريشان ٿئي تہ سندس ڌيءَ کي ڌمڪيون پيون ملن ۽ ڪيس عدالت مان ٻاهر ڪڍيو پيو وڃي. تنهنڪري آئون تڪرار کان پاسيري ٿي ويس. پوءِ مون ٻُڌو هو، تہ فريادي عدالت ويجهو هڪ گهر مسواڙ تي ورتو هو، جنهن ۾ ڪاڌي پيتي جي هر ڪا آسائش هئي، تہ جيئن شاهدن کي شاهديءَ ڏيڻ لاءِ هدايتون ڏئي سگهن.
بابا جي عدالتي ڪارروائي ٻُڌڻ لاءِ آمريڪا جو اڳوڻو اٽارني جنرل رامسي ڪلارڪ آيو هو. بعد ۾ هن ان مقدمي بابت ”نيشن“ اخبار ۾ هڪ مضمون لکيو هو. ”فرياد جي اُن مقدمي جو سڄو آڌار ڪيترن ئي شاهدن تي هو، جن کي اوستائين نظربند رکيو ويو هو، جيستائين هنن ڏوهہ نہ مڃيو هو. شاهدن پنهنجو اقرار ۽ شاهديون هر پيري ٻُڌائڻ سان پئي ڦيرايون ۽ وڌايون. اُنهن پاڻ کي ۽ هڪ ٻئي کي رد ٿي ڪيو. ۽ مسعود محمود (ايف ايس ايف جو ڊائريڪٽر جنرل) ڪانسواءِ اهي ئي بيان پئي ڏنا، جيئن ٻين ٿي چيو. گڏوگڏ شاهدن جي شاهديءَ مان چار ڌار ڌار نتيجا ٿي نڪتا، تہ ڇا ٿيو هو. انهن کي اڪين ڏٺل شاهد، سنئين سِڌي شاهدي يا جسماني شاهديءَ جي بلڪل تائيد نہ هئي.“ هن لکيو.
منهنجو انصاف ۾ ويساهہ هو. منهنجو اخلاقيات جي قاعدن ۽ ضابطن، ساک ڪٽي شاهديون ڏيڻ ۽ قانوني ڪارروائيءَ ۾ ڀروسو هو. پر بابا جي نقلي مقدمي ۾ انهن مان

ڪا به هڪ ڳالهه نه هئي. بچاءُ جي وڪيل، فوجي روزنامچو هٿُ ڪري ڀڄايو هو، ته اها جيپ، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته قصوري تي حملي لاءِ ڪَتب آندي وئي هئي، ڄاڻايل ڏينهن تي مورڳو لاهور ۾ ئي نه هئي. ”ان سفري روزنامچي ڪي صحيح ثابت ڪونه ڪيو آهي.“ فريادي ڌُر اعتراض اٿاريو. جيتوڻيڪ هنن پاڻ مقدمي جي ڪاغذن سان گڏ اهو روزنامچو به عدالت آڏو آندو هو.

بچاءُ جي وڪيل، فيڊرل سيڪيورٽي فورس جي سفر جون رسيدون آڻي ڏيکاريون هيون، ته غلام حسين، جنهن تي قتل جي حملي جو انتظام ۽ نظرداريءَ جي تُهمت هئي، اُن ڏينهن ڪنهن ٻئي سرڪاري ڪم سان ڪراچيءَ ۾ هو. حقيقت ۾ انهن رسيدن مان ظاهر هو، ته هو اُن حملي کان ڏهه ڏينهن اڳ ۽ ڏهه ڏينهن پوءِ ڪراچي ۾ ئي هو. ”انهن دستاويزن ۾ ڄاڻي ٻُجهي ڦير ڦار ڪئي وئي آهي.“ فريادي ڌُر پنهنجي بيان تان ڦرندي چيو. جيتوڻيڪ اڳ هنن توڙي ”سلطاني گواهن“ مان ڪنهن هڪ به ان جو ذڪر نه ڪيو هو.

قتل جو اهو سڄو مقدمو جُڙتو هو، جنهن جي پڪي پختي شاهدي تڏهن ملي، جڏهن بابا جي وڪيلن حقيقي حملي جي آزمائشي رپورٽ جو نقل ورتو هو. حملي ڪندڙن جن طرفن کان گوليون هلائڻ جي دعويٰ ڪئي هئي، ڪار ۾ ٿيل گولين جا سوراخ ان طرف ڪونه هئا. اصل قاتل چار هئا ۽ نه ٻه: جيئن فريادي ڌُر دعويٰ ڪئي هئي. ٻيو ته سرزمين تي جيڪي خالي ڪاتوس لڌا ويا هئا، سي فيڊرل سيڪيورٽي فورس جي انهن بندوقن جا ڪونه هئا، جن لاءِ ”سلطاني گواهن“ چيو هو، ته اُهي قتل ۾ واپرايون ويون هيون. ”اسان مقدمو کٽي ورتو آهي.“ بابا جي هڪ وڪيلن جي ڀيڻ ريحانا سرور، جيڪا پاڻ به وڪيل هئي، عدالت جي ڪمري ۾ خوشيءَ وچان مونکي چيو هو.

چانهه جي وقفي ۾ آئون اهو بابا کي ٻُڌائڻ لاءِ هڪدم وٽس ڊوڙي ويس. اُن وقت سلطاني گواهن کي عدالت جي ڪمري ۾ پنهنجن مائٽن سان ڪچهريءَ جي اجازت ڏني وئي هئي. جڏهن ته بابا کي پوليس گارڊ جي زبردست پهري ۾ ڊِڪي پنيان هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ ويهاريو ويو هو. ”بابا، اسان مقدمو کٽي ورتو آهي!“ اسان جي سوڀ ٿي آهي!“ مون هن سان آزمائشي رپورٽ جو ذڪر ڪندي چيو. منهنجي اُتاولائيءَ کي ڏسندي هن جي مُنهن تي جيڪا مُهر ڀري مُرڪ پکڙجي وئي هئي، سا ڪڏهن به مون کان وسري نه سگهندي. ”توکي پتو ئي ڪانهي، پِنڪي!“ هن ٻاجهاري آواز ۾ چيو. ”اُهي مونکي مارڻ گهرن ٿا. تون يا ڪير ٻيو کٽي کڻڙو به ثبوت آڻي، ان جي هنن کي ڪابه پرواهه ڪانهي. هو مونکي اهڙي قتل جي ڏوهه ۾ مارڻ گهرن ٿا، جيڪو مون ڪيو ئي ناهي.“

آئون ٻنهه واٺڙن جيان هن ڏانهن ڏسڻ لڳيس. مونکي هن تي ويساهه ئي ڪونه ٿي آيو ۽ نه وري مون مٿس ويساهه ڪرڻ گهريو ٿي. اُن ڪمري ۾ هن جي وڪيلن سميت

ڪنهن به متس ويساهه آڻڻ کين ٿي گهريو. ”هن کي تڏهن به اها ڄاڻ هئي، جڏهن آڌيءَ رات جو ڪراچي ۾ ضياءَ جا سپاهي کيس جهلڻ لاءِ آيا هئا. ”تون هتان نڪري وڃ.“ هن جي پيڻ جڏهن ان قتل جي الزام جا پهريون پيرو افواهه ٻڌا هئا، تڏهن هن بابا کي ليلائيندي چيو هو. ڀين به هن تي اهوئي زور ڪيو هو. پر هن جو جواب سدائين اهو ساڳيو ئي هو، جيڪو هن هينئر ڏنو هو. ”منهنجي حياتي الله جي هٿ آهي، نه ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾.“ هن مونکي ان ڪمري ۾ چيو. ”الله جڏهن به مونکي پاڻ وٽ گهرائيندو، ته آئون هن وٽ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار آهيان. منهنجو ضمير اڇو اُجرو آهي. منهنجي لاءِ سڀ کان وڏيڪ اهم ڳالهه منهنجو نالو آهي، منهنجي عزت آهي ۽ تاريخ ۾ منهنجي حيثيت آهي. تنهنڪري ان لاءِ آئون ضرور وڙهندس.“
بابا کي اها ڄاڻ هئي: اوهين ڪنهن ماڻهوءَ کي قيد ڪري سگهو ٿا، پر ڪنهن فڪر کي نه. اوهين ڪنهن شخص کي شهر مان نيڪالي ڏيئي سگهو ٿا، پر ڪنهن ويچار کي نه. اوهين ڪنهن هڪ ماڻهوءَ کي قتل ڪري سگهو ٿا، پر ڪنهن سوچ کي نه. پر ضياءَ جي اکين تي انڌ جا ڪوپا چڙهيل هئا ۽ هُن عوام ڏانهن هڪ ٻئي نياپي موڪلڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. اوهين پنهنجي وزيراعظم کي ڏسو. هو به هر عام انسان جيان گوشت ۽ رَت جو ٺهيل آهي. هاڻي کيس پنهنجن اصولن مان ڪهڙي چڱائي ٿيندي؟ هو به اهڙيءَ طرح مري سگهي ٿو، جيئن اوهين مري سگهون ٿا. ڏسجو ته اسين اوهان جي وزيراعظم سان ڇا ٿا ڪريون. ويچاريو ته اسين اوهان سان ڇا ٿا ڪري سگهون. منهنجي بابا مونکي اهو ٻُڌائڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪئي، ته آئيندي ڇا ٿيڻ وارو آهي. پر لڳو ٿي ته، مون سندس لفظ تمام پري کان پئي ٻُڌا. ۽ مون انهن کي اتي ئي رهڻ ڏنو هو. ٻيءَ صورت ۾ آئون هر ان نئين الزام خلاف ويڙهه نه ڪري سگهان ها، جيڪو هڪٻئي پٺيان هن تي هنيو ويو هو. هن جي عزت بچائڻ جي اها ويڙهه منهنجي پنهنجي ويڙهه ٿي پئي هئي.

ڪراچيءَ ۾ بابا جي گرفتاريءَ جي ٻئي ڏينهن ضياءَ مارشل لا جو حڪم نمبر 21 ڪڍيو هو، جنهن مطابق قومي اسيمبلي، سينيٽ ۽ صوبائي حڪومتن جي سڀني ميمبرن کي چيو ويو هو ته 1970ع کان 1977ع تائين (پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت وارو عرصو) اُهي سمورا مالي تفصيل حڪومت کي ڏيو، جن ۾ سموري جائداد جي خريداري، زرعي اُپت، مشينري، زيورن، انشورنس پاليسين وغيره جا انگ اکر ڄاڻايل هجن. اُن حڪم جي ڀڃڪڙيءَ لاءِ ست ورهيه سخت پورهئي جي سزا ۽ جائداد جي ضبطي هئي. جيڪڏهن فوجي حڪومت سمجهيو، ته اها سمورا جائداد ۽ دولت سياسي اثر ذريعن ناهي وئي آهي، يا سرڪاري ملڪيت کي ناجائز ڪَٽب آندو ويو آهي، ته اهڙي ڌوهاري ڌر کي، ڪنهن به چونڊيل يا مقرر سياسي عهدي لاءِ نااهلي ڪوٺيو ويندو.

نااهليءَ جي اُن ڏاڍائيءَ جو ڳٽ ڪنهن جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ واسطي، مارشل لا اختياري وارن اهو نئون قانون، پارليامينٽ جي انهن ميمبرن کي ڊيجارڻ لاءِ واپرايو، تہ جيئن اهي فوجي حڪومت کي مڃين. نااهليءَ جو شڪار ٿيندڙن لاءِ اپيل جو رُڳو هڪڙو رستو کليل هو ۽ اهو هو اها ٽربيونل، جيڪا ان ساڳي حڪومت جوڙي هئي، جنهن هنن کي پهرين نااهل قرار ڏنو هو. البت جن حڪومت سان سهڪار ٿي ڪيو، انهن کي عجب آهي تہ ٻيهر اهل ڪو ٻيو ٿي ويو.

نااهل سياستدانن جي جيڪا پهرين فهرست پڌري ڪئي وئي هئي، تنهن ۾ سڀني کان پهرين منهنجي ماءُ جو نالو ڏنل هو، جيتوڻيڪ هن کي پارليامينٽ جو ميمبر ٿيندي رُڳو ٽي مهينا ٿيا هئا. هن کي ڪيترائي ڀيرا اُن ٽربيونل اڳيان حاضر ٿيڻو پيو هو، جتي هن خلاف ڪنهن بہ الزام هڻڻ کان حڪومت لاچار هئي. هر ڀيري هُن جي شنوائي مهمل ڪرڻي پئي هئي. پر 1977ع جي سرءُ ۽ سياري جي مُندن ۾ ان جو وڏي ۾ وڏو نشانو بابا هو، جنهن جي نيڪناميءَ جي خاتمي لاءِ ضياءَ سَندرو ٻَڌيو بيٺو هو.

”پُٽي پيپلزپارٽيءَ جي ڪارڪنن کي موٽر سائيڪلون ۽ سائيڪلون وٺي ڏيڻ لاءِ سرڪاري فنڊ واپرايا. مسٽر ڀٽي لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ ۾ پنهنجن گهرن ۾ ايئر ڪنڊيشنڊ لڳرائڻ لاءِ سرڪاري پئسا خرچ ڪيا. مسٽر ڀٽي اسان جي ٻاهرين سفارتخانن ذريعي سرڪاري فنڊ مان ذاتي واهپي لاءِ ٽانوَ ۽ ڪپڙا گهرايا هئا.“

حڪومت بابا تي رشوت، سرڪاري فنڊن جي ناجائز واهپي ۽ ٻين ڏوهن جا ڪيترائي الزام هڪ ٻئي پٺيان هڻندي وئي، اهو ڄاڻندي تہ قيد جي ڪوٺڙيءَ ۾ بند هجڻ سبب انهن الزامن کي غلط ثابت ڪرڻ ۾ هن کي ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي، هنن هڪ ٻيو اُپاءُ اهو بہ ورتو هو، جو هن جي پرسنل سيڪريٽريءَ کي بہ قيد ۾ وجهي ڇڏيو هو. پر بابا ڪاغذن کي فائيل ڪرڻ جو جيڪو انتظام ڪيو هو، سو اسان خلاف سَٽ کان بہ وڌيڪ مقدمن ۾ خوفناڪ هٿيار ثابت ٿيو.

ڪراچيءَ ۾ بابا جي ڪاغذن مان مونکي هر اهو ڪاغذ مليو، جيڪو هن تي هنيل هر تهمت کي رد ڪرڻ لاءِ مونکي گهربل هو. آئون روزانو گهرو حساب ڪتاب جو تفصيل چڪاسي، منجهانئن گهربل نقل وڪيلن ڏانهن هڪدم ڏياري موڪليندي هيس ۽ معلوم ڪندي هيس تہ ٻيو ڇا گهرجي. بابا هرهڪ خرچ جو رڪارڊ محفوظ ڪري ڇڏيو هو، ايستائين جو 1973ع ۾ ٿائيلينڊ جي سفر ۾ چويهہ ڊالرن ۾ ورتل ڪپڙي جي رسيد يا 1975ع 218 ڊالرن ۾ اٽالين وال پيپر پيسٽ جي رسيد بہ محفوظ هئي. مونکي اهو ڄاڻندي اچرج ٿيو تہ هن پڙهڻ جي عينڪ بہ پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري ورتي هئي، جيتوڻيڪ وزيراعظم جي صحت جي سار سنڀال جو ذمو حڪومت تي هو. پر الزامن بابت اسان جو ترديدون ڪڏهن بہ اخبارن ۾ نہ ڇپيون باقي الزام ضرور ڇپبا هئا. اسان اهي ترديدون سائڪلو اسٽائل ڪرائي عوام ۾ ورهايون هيون.

اسان هڪ ڪتابڙو پڻ لکرايو هو، جنهن کي پوءِ جُلد ٻڌايو ويو هو ۽ جنهن جو عنوان هو: ”ڀٽو: افواهه ۽ حقيقت“. ان ۾ بابا خلاف اٿاريل افواهه ۽ اصل حقيقتون ڇاٽايون ويون هيون. اهڙا ننڍڙا ڪتاب ڇاپي ورهائڻ جوکائتو ڪم هو: ڇوته هر اهو مواد، جيڪو بابا جي فائدي ۾ هو، اهو حڪومت موجب ’فتنو فساد‘ هو ۽ جن ماڻهن اهڙي مواد کي ڇاپيو ۽ ورهايو ٿي، تن کي قيد جي سزا ملڻ ۽ اهو مواد ضبط ٿيڻ جو انديشو هو. اهي ترديدون پاڪستاني توڙي پرڏيهي صحافين لاءِ ڪارائتيون هيون، جن کي حڪومت بابا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ خلاف ڪيل پروپئگنڊا ۾ ٻوڙي ڇڏيو هو. پر اڃا به ڪجهه وڌيڪ ڪرڻ جي گھُرج هئي.

”اسان کي عوام ڏانهن نياپو موڪلڻ گهرجي. ته اُهي هڙتال ڪن، مظاهرا ڪن، ۽ احتجاج ڪن.“ مون نراسائيءَ مان پارٽي اڳواڻن کي چيو، جيڪي اسان جي مسواڙي گهر ۾ رات جو ڳجهي گڏجاڻيءَ ۾ آيا هئا. پر پوءِ سبب اهي ڳڻيير ٿي ويا. ”جيستائين پارٽيءَ طرفان ڪو فيصلو نه ٿئي، تيستائين ڪوبه اهڙو ڪم ناهي ڪرڻو.“ هو اهوئي چوندا رهيا. هنن جي اها لاپرواهي ڏسي مونکي ۽ ٻين نوجوان ميمبرن کي ڏاڍي مايوسي ٿي. ”ته پوءِ هلون ته پيرن فقيرن جي مقبرن تي دعائون گهرون.“ مون اهو سوچي صلاح ڏني، ته حڪومت، جيڪا هر هڪ کي مذهبي تعليم ڏيارڻ جا انتظام پئي ڪرائي، سا ڪڏهن به پيرن فقيرن جي مقبرن ۽ درگاهن ۾ اسان کي دعائون گهرڻ وقت گرفتار ڪرڻ جي همت ئي نه ڪندي. اهو ويچار سيني کي پسند آيو. سڄي ملڪ جي مسجدن ۽ درگاهن ۾، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن گڏ ٿي، بابا جي ڇوٽڪاري لاءِ قرآن خواني ۽ دعائون گهرڻ لڳا. پر منهنجو ويچار غلط هو. حڪومت مزارن ۽ درگاهن ۾ به اسان کي سخت تڪليفون پهچايون.

پوءِ گرفتاريون ٿيون ۽ ڪوڙن جا سَٽڪا شروع ٿي ويا. ڊسمبر 1977ع تائين ڪل سَت سؤ ماڻهن کي جهَليو ويو. لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر خالد احمد جي مقدمي مان پتو پوي ٿو ته، فوجي بغاوت کانپوءِ حڪومت مسعود محمود ۽ ٻين سرڪاري عملدارن کان بابا خلاف ڪُوڙيون شاهديون ڏيارڻ لاءِ هنن سان کهڙيون نه جُنيون ڪيون هيون. لاهور ۾ خالد احمد جي گهر فوج جا به ماڻهو ضياءَ طرفان لکيل حڪمنامو کڻي آيا هئا. اها ڳالهه مونکي هن جي زال عذرا ٻڌائي. ”جيڪڏهن آئون سياڻي توکي فون نه ڪريان، ته سمجهجانءِ ته ڪا خرابي ٿي آهي.“ هن گهر مان ويندي مهل پنهنجيءَ زال کي چيو. ٻئي ڏينهن هن وٽان ڪابه خبر نه آئي. هڪ مهيني گذرڻ کان پوءِ نيٺ هن جڏهن اسلام آباد ۾ پنهنجي مڙس کي ڳولي لڌو، ته کيس گهڻو صدمو پهتو. ”آئون ان ڏينهن کي وساري ئي نٿي سگهان.“ هن مونکي ٻڌايو ”هن جي مُنهن چار جهڙو هو، چَپ خشڪ ٿي ڦاٽي پيا هئا، وات مان اڃي گجي نڪري چَپن چوڌاري جمي وئي هئي، ۽ نازڪ

عضون تي بجليءَ جا جهٽڪا ڏنا ويا هئا. هنن جي مرضي هئي تہ هو عدالت ۾ مسٽر ڀٽي خلاف ڪُوڙي شاهدي ڏي.“
خالد کي پنجن مهينن تائين انڌاري ڪوٺڙيءَ ۾ قيد رکيو ويو. روزانو شام جو عذرا هڪ باغ ۾ ويندي هئي، جتان قيدخاني جو ٿلهو نظر ايندو هو. ”هن کي ڪسرت لاءِ روزانو اڌ ڪلاڪ جي مهلت ملندي هئي.“ هن ٻڌايو. ”آئون هن جي رڳو هڪ جهَلڪ ڏسڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ بئنچ تي ويٺي هوندي هيس ۽ خاطري ڪندي هيس تہ هو اجا جيئرو سلامت آهي.“
خالد احمد ۽ شايد ٻين ڪيترن جي زندگي امان جي اُن درخواست سبب بچي وئي، جيڪا هن بابا جي گرفتاريءَ کان هڪدم پوءِ سُپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪئي هئي ۽ جنهن ۾ مارشل لا جي ان قانوني اختيار تي اعتراض ڪيو هو، جنهن هيٺ هن کي نظربند رکيو ويو هو. نومبر 1977ع ۾ سپريم ڪورٽ مارشل لا جي قانوني جواز کي بحال ڪندي پڌرو ڪيو، تہ اهو قرآني قانون مطابق گهُرج جو قانون‘ آهي،جو تہ قرآن ۾ اجازت ڏنل آهي تہ، جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کي ڪائڻ لاءِ ڪي بہ نہ ملي، تہ جيئري رهڻ لاءِ هن کي سُوئر جو گوشت ڪائڻ جائز آهي. پر عدالت اهو پڻ پڌرو ڪيو تہ، مارشل لا رُڳو ٿورڙي مُدت يعني نَون مهينن لا جائز آهي، جنهن عرصي جي حڪومت کي گهُرج هئي؛ تہ جيئن آزاد ۽ انصاف وارين چونڊن جا انتظام ٿي سگهن.
عدالت جي ججن اُهو پڻ حڪم ڏنو، تہ فوجي عدالتون جيڪي فيصلا ڪنديون، تن تي نظرثانيءَ جا جيڪي اختيار اعليٰ ديواني عدالتن کي مليل هئا، سي قائم رهندا. ديواني عدالتن جي ان نظرثانيءَ واري شرط ڪانسواءِ سياسي ڪارڪنن ۽ سرڪاري ملازمن سميت هزارين ماڻهن کي، جيڪي فوجي انقلاب کان پوءِ گرفتار ڪيا ويا هئا، پنهنجي نظربنديءَ تي نظرثاني لاءِ اپيل جو حق ملي نہ سگهي ها. جيتوڻيڪ اهي اپيلون- منهنجي نظربنديءَ وقت ڪيل اپيلن سميت- عدالت ۾ دير سان پهچنديون هيون، پر اُن وقت ديواني عدالتن سبب دادرسيءَ جي ٿوري اميد ٿي هئي.
ڊسمبر 1977ع ۾ هاءِ ڪورٽ خالد احمد کي آزاد ڪيو، چوتہ هن خلاف ذرڙو بہ ثبوت نہ مليو هو. هن جي گرفتاريءَ جو حڪم بہ ڪونہ هو. ”اسان کي مٿان حڪم مليا هئا.“ فوجي عملدارن چيو هو، پر جيئن تہ فوجي حڪومت عدالت جي اُن فيصلي کان پوءِ بہ بابا کي ڀيهر جهَليو هو، بلڪل اهو ئي هنن خالد سان بہ ڪيو. هن جي آزاد ٿيڻ کان هڪ هفتو پوءِ ان اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنرن کي هڪڙي دوست چتاءُ ڏنو، تہ توکي سرڪاري گاڏي ۽ هڪ ايئر ڪنڊيشنڊ غلط واپرائڻ جي ڏوهہ ۾ مارشل لا حڪم نمبر 31 هيٺ وري جهَليو ويندو. هڪ ايئر ڪنڊيشنڊ! ”مون هن کي منٿ ڪئي، تہ ملڪ مان هليو وڃ.“ عذرا اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي ٻڌايو. ان رات هن جو مُڙس لنڊن روانو ٿي ويو. هن خلاف مقدما اجا تائين هلن پيا، جنهنڪري هو ملڪ کان ٻاهر رهڻ تي مجبور آهي. عذرا

اڪيلي پنهنجن ٻارن کي نپائي وڏو ڪيو آهي. هن ۾ ٻين ڪيترن ئي خاندانن جي پيڙا جي شروعات ڊسمبر 1977ع ۾ ٿي هئي. جيڪا ٻه هفتا پوءِ هڪدم چوٽ تي پهچي وئي هئي.

ڳوڙها آڻيندڙ گئس. دانهون ڪُوڪون. ماڻهن جي ڀَڄ ڀڄان. منهنجي ڪُلهي ۾ شديد سُور. "امان، تون ڪٿي آهين؟ تون ٺيڪ ته آهين نه؟ امان!"

**16 ڊسمبر 1977ع**: هندستان اڳيان فوج جي آڻ مڃڻ جي ورسي. قذافي اسٽيڊيم لاهور. امان ۽ مون فيصلو ڪيو آهي، ته ذهن تان مقدمي جو ٻار لاهڻ لاءِ ڪرڪيٽ مئچ هلي ڏسجي. اسان وٽ عورتن واري حصي ۾ ويهڻ جو ٽڪيٽون آهن. پر اسين جڏهن اتي پهتيوسين، ته سيئي دروازا بند آهن، رڳو هڪڙو دروازو کليل آهي، جنهن مان اسين اندر وڃون ٿيون. ماڻهو جيئن ئي اسان کي ڏسن ٿا، ته اهي تاڙيون وڄائين ٿا ۽ اسان جو آڌر ڀاءُ ڪن ٿا. پر ڪرڪيٽ جا رانديگر اوچتو ميدان مان ڀڄي وڃن ٿا ۽ جتي ڪرڪيٽ ٽيم ويٺي آهي، اتي پوليس وارا گوڏن ڀر ويهي رهن ٿا.
"شُون." منهنجي مُنهن ڀرسان ڪا ڳري شيءِ تيزيءَ سان لنگهي ٿي. "ڳوڙها گئس!" ڳوڙها گئس! آئون رڙيون ٻُڌان ٿي. ماڻهن ۾ ڦڙڦوٽ آهي ۽ اُهي ڪُلف ڏنل دروازن ڏانهن ڀڄن ٿا. آئون نه ساهه ڪڻي سگهان ٿي ۽ نه ڏسي سگهان ٿي. اسان جي پاسي ايندڙ زهريلي گئس جي وڏي دونهين ۾ منهنجو ساهه ٻُوساٽجڻ لڳي ٿو. ڇا ڦڦڙن ۾ گهاوَ ٿي سگهن ٿا؟ منهنجو ڪُلهو؟ ان ڏک سبب آئون ذري گهٽ ڪِرڻ تي آهيان. منهنجي چؤڌاري اوندهه ۾ پوليس وارا ماڻهن تي لٺيون وسائيندا، کين زمين تي ڪيرائيندا پيا وڃن.
"امان!" آئون سڏ ڪريان ٿي. "امان!"
آئون ڏسان ٿي ته هوءَ لوهي جهنگلي تي جهُڪيل آهي. منهنجو آواز ٻُڌي هوءَ پنهنجو مٿو مٿي ڪڻي ٿي. هن جي مٿي تي لڳل گهاوَ مان رَت پيو ٽِمي.
"اسپتال. امان کي هڪدم اسپتال پهچائڻو آهي،" آئون رڙ ڪريان ٿي. "نه." ، امان مانڊي ڪري چوي ٿي. "پهرين اسين مارشل لا ائڊمنسٽريٽر وٽ هلنديونسين."
رَت هن جي چهري تان هيٺ وهندو سندس لباس تي ڳاڙهيون لِيڪون پيو ناهي. اسين ماڻهن جي گوڙ مان اڳتي وڌنديون هڪ ڪار تائين پهچون ٿيون. "اسان کي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي گهر وٺي هل." هوءَ چوي ٿي. اتي دروازي تي اسان کي پهريدار ڏسي وائڙا ٿي وڃن ٿا ۽ اسان کي اندر وڃڻ جي اجازت ملي ٿي. امان جيئن ڪار مان هيٺ لهي ٿي، ته اسان پنيان جنرل جي جيپ اچي بيهي ٿي.

”جنرل توکي اڄوڪو ڏينھن ياد آھي؟“ ھوءَ پنجاب ۾ ضياءَ جي رکيل مارشل لا ائڊمنسٽريٽر اقبال آڏو ويندي چوي ٿي. ”اڄوڪي ڏينھن اوھان ڍاڪا ۾ ھندستاني فوجن اڳيان ھٿيار ڦٽا ڪيا ھئا ۽ اڄ اوھان منھنجو رَت وھائي پاڻ کي وري شرمندو ڪيو آھي. اوھان کي عزت ۽ مانُ مريادا لفظ جي ڪابہ خبر ڪانھي. جنرل اوھان کي رُڳو بيعزتيءَ جي ڄاڻ آھي.“ ھو وائڙو ٿيندي امان ڏانھن ڏسي ٿو.
”امان وڏي شانُ سان واپس اچي ڪار ۾ چڙھي ٿي. اسين سِڌو اسپتال وڃون ٿيون، جتي ھن جي گھاوَ کي بند ڪرڻ لاءِ ٻارھن ٽانڪا ھڻيا وڃن ٿا. اُن ڏينھن ٽيھريءَ جو مونکي گھر مان ۽ امان کي اسپتال ۾ گرفتار ڪن ٿا.
ٻئي ڏينھن ضياءَ ٽيليويزن تي نروار ٿئي ٿو ۽ پنجاب جي حڪومت کي اُن واقعي جون واڌايون ڏئي ٿو. بابا جڏھن ان واقعي بابت ڄاڻ وٺڻ جي ڪوشش ڪندي چيو تہ ”لعنت آھي،“ تہ ھن کي عدالت مان ٻاھر ڪڍيو وڃي ٿو. ”ھن کي وٺي وڃو، جيستائين ھن کي ڪا مَت اچي.“ چيف جسٽس چوي ٿو. ٻئي ڏينھن بابا ٻيجا عدالتي تحقيقات لاءِ درخواست ڪري ٿو. درخواست رد ڪئي وڃي ٿي.

لاھور ۾ ضروري گھرو شين کان وانجھيل گھر ۾ آئون گرفتار ھيس ۽ امان اسپتال ۾ مونکي پھريون ڀيرو ويچار آيو، تہ اسانجا حوصلا ڇيپاڻ لاءِ ضياءَ ڪھڙي حد تائين وڃي سگھندو. منھنجي ذھن ۾ ذرو بہ شڪ نہ ھو، تہ ڪرڪيٽ ميچ ۾ اسان تي جيڪو حملو ٿيو ھو اھو اڳواٽ ئي رٿيل ھو. پوليس پاڻ سيني دروازن تي تالا چاڙھي ڇڏيا ھئا، تہ جيئن اسين ھنن جي ڳوڙھا آڻيندڙ گئس ۽ لٺين وچ ۾ ڦاسي پئون. مطلب پڌرو ھو. عورتن کي ڪڏھن بہ اھڙي طرح نہ سزا ڏني وئي آھي، ۽ نہ ڌيڄاريو ويو آھي. اسين ھڪ اھڙي دؤر ۾ پئجي وياسين، جنھن جھڙو پاڪستان ۾ ڪڏھن بہ ڪونہ آيو ھو. سائڪلواسٽائيل مشينن ۽ ٽائيپ رائيٽرن وچ ۾ لاھور جي نظربنديءَ واري ڏينھن حقيقت ۾ ڏاڍا اونداھا ھئا.
ھڪ ھفتي اندر امان بہ مون وٽ ھلي آئي ھئي. ھن جي مٿي تي پَٽيون ٻڌل ھيون، ڇا پيو ٿئي، اسان اُويساھيءَ وچان ھڪ ٻئي کان پڇيو. ڇا اسين جيڪي ڏسون پيا سو سچ آھي؟ اسان جا ذھن ان کي قبولڻ لاءِ تيار نہ ھئا. پر مونکي پڪ آھي تہ ان سموري عرصي ۾ اھوئي اسان جو سھارو ھو. ھر نئون ظلم اسان لاءِ صدمو ھو- ۽ پڪي ارادي جو نئون ڌماڪو ھو. منھنجي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ، سوچڻ ۽ پختي ارادي ۾ بدلجي ويو. اھي ڇا ٿا سمجھن. ڇا اھي منھنجي بيعزتي ڪري سگھندا؟ ڪوشش ڪري ڏسن، اھا سوچ منھنجي ھن تي نقش ٿي وئي.
مون نئين سال جو پھريون ڏينھن پاڪستان ۾ نظربنديءَ ھيٺ گذاريو. ھڪ ورھيہ اڳ آئون آڪسفورڊ مان واپس پنھنجي گھر المرتضيٰ آئي ھيس ۽ بابا جي جنم ڏينھن تي

ضياءَ سان ملي هيس. هاڻي پنهنجي جنم ڏينهن تي بابا جيل ۾ بند هو. امان ۽ آئون روزانو پنهنجي پندرهن ڏينهن جي نظربنديءَ واري حڪم ڪي چڪاسي ڏسنديون هيونسين. امان پنهنجو وقت پنهنجي سِر سوچيندي گذاريندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٽيليويزن ڏسندي هئي، جيڪا اسين آوازَ ٻُڌڻ لاءِ کولي ڇڏينديون هيونسين.
بابا سان منهنجي مقرر ملاقات جو ڏينهن آيو ۽ گذري ويو ۽ مونکي ڏاڍو اداس ڪري ويو. هن کي ڏسي ۽ هُن وٽان هيٺين ڪاغذن تي منهنجي لاءِ لکيل هدايتون وٺي مونکي سدائين خوشي ٿيندي هئي، جيڪي هن پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ گڏ ڪري رکيون هيون. ان وقت هن جي ڪولي مونکي ڏاڍي خراب لڳندي هئي، ڇوته ان جو فرش گندو هو ۽ اتي پاڻيءَ جو پُورو بندوبست به نه هو. مونکي گهڻ خبر هئي ته اڳتي هلي هن کي ان کان به وڌيڪ خراب ۽ گندين ڪولين ۾ رهڻو پوندو.
اختياريءَ وارن هن کي ذهني مريضن پرسان رهايو هو، جيڪي سڄي رات رڙيون پيا ڪندا هئا. هنن اها به خاطري ڪئي هئي ته بابا انهن سياسي قيدين جا آواز چٽا ٻُڌي سگهي، جن کي قيدخاني جي اڱڻ ۾ ڪُوڙا هنيا ويندا هئا. ڪڏهن ته انهن قيدين جي وات اڳيان مائڪرو فون رکيو ويندو هو. پر حڪومت هن جا حوصلا ٽوڙي نه سگهي.
"منهنجا حوصلا مضبوط آهن،" قيد ۾ هن سان هڪ ملاقات وقت بابا مونکي خاطري ڏيندي چيو. "آئون ڪاٺ جو نهيل ڪونه آهيان، جيڪو سولائيءَ سان سڙي وڃي.

پر قيد کان ٻاهر ظلم ۽ ڏاڍ جي باھ جا پَنيٺ برڻ لڳا هئا، جڏهن جنوري 1978ع جي اوائلي ڏينهن ۾ حڪومت ڪيترن ئي ماڻهن جو پهريون عام قتل ڪيو هو. امان ۽ منهنجي گرفتاريءَ کان اڳ، پاڪستان پيپلز پارٽي بابا جي جنم ڏينهن 5 جنوريءَ تي جمهوريت جو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو هو. ملتان ۾ ڪالوني ٽيڪسٽائيل مل جي پورهيتن، جن کي مل جي مالڪن سدائين کان ملندڙ بونس ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو، تن هڙتال ڪئي هئي ۽ اُن ڏينهن تي مظاهري جو فيصلو ڪيو هو. پر ڪين اهو وجهه ڪڏهن به ملي نه سگهيو.
جمهوريت جي ڏينهن کان ٽي ڏينهن اڳوات ئي فوج ڪارخاني جي دروازن کي ڪُلف ڏئي بند ڪري ڇڏيو ۽ ڇت تي چڙهي هيٺ انهن پورهيتن تي گوليون هلايون، جيڪي اتي ڦاٿا پيا هئا. ننڍي کنڊ ۾ اهڙو بدترين قتل عام اڳ ڪڏهن به نه ٿيو هو. اسان کي ٻڌايو ويو هو، ته سوين ماڻهومارجي ويا هئا. ڪنهن کي به جاڻ نه هئي ته ڪيترا ڪجهه ماڻهن چيو ته به سئو. ڪن وري ٻڌايو ته ٽي سئو مئل ماڻهن کي ٻنين ۽ گندين نالين ۾ اڇلايو ويو هو. ضياءَ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پُنيرائي ڪندڙ پورهيت طبقي جي ماڻهن کي چتاءُ ڏنو هو ته"جهڪي وڃو يا موت قبوليو."

جمهوريت جو ڏينهن ظلم ۽ ڏاڍ جو بدترين ڏينهن ثابت ٿيو هو. سڄي ملڪ مان پيپلز پارٽيءَ جي هزارين حامين کي جهَليو ويو هو ۽ سموري ملڪ کي بيرحمي وڪوڙي وئي هئي. جنهن به ماڻهو ”جيئي ڀٽو“ يا ”جمهوريت زنده باد“ چيو ٿي ته ان کي ڪوڙا ٿي هنيا ويا.

جنهن به ماڻهوءَ پيپلز پارٽيءَ جو جهنڊو ٿي چاڙهيو، تنهن کي ڦٽڪا ٿي لڳا. ڪوڙا هڪدم هنيا ٿي ويا، اڪثر سزا ملڻ جي هڪ ڪلاڪ اندر. جو ته اجا تائين ديواني عدالتن کي اپيلن ٻُڌڻ جو اختيار هو. ڪوٽ لکپت جيل ۾ قيدين جون ٻانهون ٽنگون ڇڪي، هنن کي نوڙيءَ سان ڪاٺ ۾ ٻَڌو ويندو هو. پوءِ ڊاڪٽرن کي گهرائي هنن جي نبض چڪاسي ويندي هئي، ته جيئن مرڻ جي حالت تائين پهچڻ کان اڳ ڪُوڙا هڻڻ بند ڪيا وڃن. قيدين کي اڪثر هوش ۾ آڻڻ لاءِ لُوڻ سُنگهايو ويندو هو، ته جيئن سزا جا مقرر ڪوڙا، جيڪي گهڻو ڪري ڏهن کان پندرهن تائين هوندا هئا، هڻي سگهجن.

جيل کان ٻاهر به عام ماڻهن اڳيان ڪَوڙن جي اها سزا عام ٿيڻ لڳي هئي. فوج جون گهمندڙ عدالتون، جن ۾ هرهڪ ۾ مارشل لا جو هڪڙو عملدار هوندو هو، بازارن ۾ ڦيون گهمنديون هيون ۽ ٽڏي تي فيصلو ڪري انهن واپارين کي سزائون ڏينديون هيون، جيڪي تور ۾ گهوٻي هڻندا هئا، وڌيڪ قيمت وٺندا هئا يا خراب مال وڪڻندا هئا. سکر ۾ هڪ فوجي عملدار حڪم ڏنو، ته منهنجي اڳيان ڪوبه هڪڙو ماڻهو حاضر ڪريو. ”ڪَوڙن هڻڻ لاءِ اسان کي ڪونه ڪو ماڻهو گهرجي. هن چيو. دڪاندار مُنجهي پيا هئا ته ڇا ڪجي. نيٺ اهي ان عملدار کي هڪ اهڙي ماڻهوءَ وٽ وٺي ويا، جنهن تي شڪ هو ته هو ڪنڊ ڳري اگهه ۾ وڪڻي ٿو. جيتوڻيڪ بازار ۾ هرهڪ دڪاندار اهڙي ڏوهه جو ڏوهاري هو، پر ان ماڻهوءَ کي جهلي اتي جو اتي عام ماڻهن جي وچ ۾ ڦٽڪا هنيا ويا.

مون اهڙي ظلم ڏسڻ جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به اُميد نه ڪئي هئي. مون سماج جو جيڪو روپ آمريڪا ۽ انگلينڊ ۾ ڏٺو هو ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ ماڻهن کي 1973ع جي آئين هيٺ جيڪو تجربو ٿيو هو، اهو سمورو غائب ٿيندو پئي ويو.

جنهن ڏينهن اسان جي نظربنديءَ جو مُدو ختم ٿيو، ان ڏينهن ان گهر جا دروازا کولي مئجسٽريٽ کي اندر اچڻ ڏنو ويو هو. پر اسان کي ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نه هئي. هن آزاديءَ بدران اسان کي پندرنهن ڏينهن جي نظربنديءَ جو هڪ نئون حڪمنامو ڏنو. هڪ ٻيو قانوني مثال ڇيهون ڇيهون ٿي ويو. بابا جي شهري حڪومت واري دؤر ۾ نظربند رکڻ جا حڪم تمام گهٽ نڪرندا هئا. ڪنهن کي به هڪ سال جي عرصي ۾ ٽن مهينن کان مٿي نظربند نه رکيو ويندو هو ۽ چوويهن ڪلاڪن اندر عدالتن ۾ درخواستن جي شنوائي ٿيندي هئي. هاڻي پاڪستان جي هڪ نئين پوائتي تاريخ قلمبند پئي ٿي.

آزادي. نظربندي. شهر نيڪالي. نظربندي، بابا جي مقدمي جي سموري وقت ۾ حڪومت پنهنجا ڏاڍائيءَ وارا اختيار واپرائڻ سبب امان ۽ مونکي ڏڪائي ڇڏيو هو. هنن اسان کي آزاد ڪري وري هڪدم نظربند ٿي ڪيو، جنهن سبب ڪنهن به قسم جي رٿا ناهڻ ممڪن نه هو. 1978ع جي پهرين ڪجهه مهينن ۾ مونکي هر هر نظربند رکيو ويو. ائين ٿي لڳو ته حڪومت کي به ڄاڻ نه هئي ته آئون اچان پئي يا وڃان پئي.

جنوريءَ جي وچ ڌاري امان ۽ مونکي لاهور ۾ اسان جي نظربنديءَ مان ڇڏيو ويو. آئون هڪدم هوائي جهاز ذريعي ڪراچي پهتيس، جتي مونکي انڪم ٽئڪس اختياريءَ وارن اڳيان حاضر ٿيڻ جو حڪم مليو هو. الزام ڪهڙو هو؟ منهنجي ڏاڏي جي ملڪيت ۽ قرض جو تفصيل ڏيڻ، جنهن تڏهن وفات ڪئي هئي، جڏهن منهنجي ڄمار چار ورهيه هئي. آئون ته هن جي وارث به ڪين هيس ۽ ڪنهن به شهري يا فوجي قانون هيٺ پنهنجي ڏاڏي جي جائداد بابت سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ آئون جوابدار ڪونه هيس. پر اختياريءَ وارن کي ان جي پرواهه نه هئي. نوٽيس ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنل هو،ته ڀڄڪڙيءَ سبب منهنجي خلاف پاڻمُرادو هڪ طرفو فيصلو ڏنو ويندو. آئون 70 ڪلفٽن ۾ آڌيءَ رات جو پهتيس.

"نا! نا!" آئو رات جو ٻين وڳي هنڌ مان ڇرڪ ڀري اٿيس. "ڇا آهي اهو؟" مون سخت پريشانيءَ وچان رڙ ڪئي. چار مهينا اڳ منهنجي ڪمري ۾ ڪمانڊو جي اوچتو گهڙي اچڻ سبب مون جيڪا ڦڙڦوٽ ڀانئي هئي، حقيقت ۾ اُن مان اجا تائين منهنجي جِند آزاد نه ٿي هئي. "پوليس سڄي گهر کي گهيرو ڪري وئي آهي." دوست محمد پري کان رڙ ڪري مونکي ٻڌايو. آئون ڪپڙا بدلائي هڪدم هيٺ لٿيس.

"اسان صبح جو ستين بجي لاهور ويندڙ جهاز ۾ اوهان جي سِيٽ بُڪ ڪئي آهي. "پوليس عملدار ٻڌايو. "اوهان کي سنڌ صوبي مان نيڪالي ڏني وئي آهي."

"ڇو؟" مون پڇيو. "آئون ته هتي اڄهو هاڻي پهتي آهيان، ته جيئن اوهان جي حڪومت طرفان مڙهيل تُهمتن جا جواب ڏئي سگهان."

جنرل ضياءَ انگليند جي وزيراعظم ڪئلهان کي ڪرڪيٽ مئچ ڏيکارڻ جو ارادو ڪيو آهي." عملدار ٻڌايو.

هڪ ڀيرو وري منهنجي وات مان ڪو لفظ ئي نه نڪتو. "اُن عمل سان منهنجو ڪهڙو واسطو؟" مون هن کان پڇيو. "مونکي ته اها به ڄاڻ ڪانهي، ته ڪا ڪرڪيٽ مئچ به ٿيڻي آهي."

"چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ڪنهن به گڙٻڙ کي پسند ڪونه ڪندو. اوهين شايد اها مئچ ڏسڻ وڃو، تنهنڪري هن اوهان جي شهر نيڪاليءَ جو حڪم ڏنو آهي." عملدار وراڻيو. ڇهين وڳي صبح جو پوليس جي پهري ۾ مونکي هوائي اڏي تي پهچايو ويو ۽ لاهور ويندڙ جهاز ۾ چاڙهيو ويو. ان ڏينهن مونکي ڪراچيءَ ۾ ڇو نه روڪيو ويو هو؟

ٻه ڏينهن پوءِ لاهور ۾ مون پنهنجين ساهيڙين سان ٻنهپرن جي ماني پئي کاڌي، ته پوليس ان گھر کي گھيرو ڪري ورتو. "توکي پنجن ڏينهن لاءِ نظربند ڪجي ٿو." گرفتار عملدار مونکي ٻڌايو. "ڇو؟" مون هن کان پڇيو.
"اڄ داتا صاحب جو عُرس آهي." عملدار ٻڌايو- ان جي مونکي به ڄاڻ هئي، جو داتا صاحب اسان جو بزرگ ولي آهي. "تون شايد هن جي مزار تي حاضري ڏين."
وري آئون پنهنجي ماءَ سان گڏ نظربند رهيس. امان پنهنجن ئي سوچن ۾ وڃي هوندي هئي، ته آئون ڪمري ۾ پَسار پئي ڪندي هيس. اسان جي ٽپال روڪي وئي هئي. اسان جو فون ڪَٽيل هو. فيبروريءَ جي شروع ۾ جڏهن مونکي آزادي ملي، ته آئون هڪدم بابا سان ملاقات لاءِ ويس، ڇوته نظربنديءَ جي انهيءَ مُدت ۾ آئون اهڙيون ٽي قيمتي ملاقاتون وڃائي ويٺي هيس. پر مون عدالت جي ڪابه شنوائي نه گسائي هئي.
جيتوڻيڪ چيف جسٽس دنيا جي اخبارن کي خاطري ڏني هئي، ته مقدمي جي ڪارروائي "ڏينهن جي پُوري روشني ۾ ٿيندي." پر 25 جنوريءَ تي بابا جي شاهدي شروع ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن عدالت جي ڪمري ۾ ڪنهن کي به وڃڻ جي اجازت نه هئي. دنيا کي قانوني ڪارروائي ٻُڌڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، پر ٻچا جو بيان ٻڌڻ لاءِ اتي ڪوبه ڪونه هو. عدلت جي ساڙ کان مايوس ٿي، بابا اڳواٽ ئي پنهنجا وڪيل واپس ورتا هئا. هاڻي هن بيان ڏيڻ کان بلڪل انڪار ڪيو هو، ۽ باقي ڪارروائيءَ وقت ۾ ماٺ ڪيو ويٺو هو.
پنجاب جي ان چيف جسٽس ان ڳُجهي ڪارروائيءَ جو فائدو وٺندي، سنڌين خلاف پنهنجي نسلي ڪِروڌ جو اظهار ڪيو، ڇو ته بابا جو لاڳاپو پڻ سنڌ سان هو. ان ساڙ سبب بابا ۽ پيپلز پارٽيءَ جي اعليٰ اختياري وارن مقدمي جي ٻيهر ٻُڌڻيءَ جو مطالبوڪيو. پر اُن جو ڪو نتيجو نه نڪتو.
انهن ڏينهن ۾ مون مقدمي جي سلسلي ۾ ڪم پئي ڪيو، ته امان وري قصور سميت پنجاب جي مختلف شهرن ۾ وئي هئي، جتي هن بابا بُلهي شاھ جي درگاھ تي دُعا گھري هئي. "منهنجي مرضي آهي ته اوهان سنڌ ۾ وڃو." بابا ڪوٽ لکپت جيل ۾ مونکي چيو هو. "تون ۽ تنهنجيءَ ماءُ پنجاب ۾ گھڻو وقت گذاريو آهي. پيپلز پارٽيءَ جي برک ڪارڪنن کي چئو، ته اوهان جي گشت جو انتظام ڪن."
ڪراچيءَ مان لاڙڪاڻي ڏانهن وڃڻ لاءِ سَنيرندي مونکي ڏاڍي ڳڻتي ٿي هئي. مون بهانو ڪيو، ته آئون پنهنجن بزرگن جي مزارن تي دعائون گھرڻ لاءِ وڃان ٿي. امان مون ڏانهن ڪراچيءَ ۾ هڪ نياپو موڪليو هو، جنهن ۾ مونکي خبردار رهڻ لاءِ چيو ويو هو. "ضياءَ کي گھٽ وڌ نه ڳالهاءِ، نه هن تي تنقيد ڪر. پنهنجو ڌيان مهانگائي جهڙن مسئلن تي رک. اتي تنهنجي هٿ ۾ پارٽيءَ جو جهنڊو هوندو ۽ توکي ئي پارٽي جي اڳواٽي ڪرڻي پوندي." هوءَ لک ڇپ ۾ ملتان وئي هئي، جتي هن ڪپڙي جي ڪارخاني ۾ قتل عام ۾ مارجي ويل پورهيتن جي گھرياتين سان تعزيت ڪئي هئي. هن مون ڏانهن

انهن خاندانن جا نالا موڪليا هئا،جن جا مرد ڀاتي گرفتار ڪيا ويا هئا. هن مونکي انهن خاندانن وٽ وڃڻ لاءِ لکيو ۽ انهن ڪي سنڌن ٻارن جي تعداد مطابق رقمون ڏيڻ لاءِ پئسا موڪليا. ”جيڪڏهن ڪارڪن اڪيلو ڪمائيندڙ آهي، ته هن جي گهر جي ائڊريس هٿ ڪر، ته جيئن سنڌس آزاد ٿيڻ تائين، اسين هر مهيني ڪا رقم هن جي گهر ڀاتين ڏانهن موڪلي سگهون.“ هن لکيو ۽ آخر ۾ هن صلاح ڏني ته، ”تون مرسڊيز ڪار ۾ سفر ڪجانءِ. اها ڪار مضبوط، هلڻ ۾ ٽِڪي ۽ ڀروسي واري آهي. پنهنجي سموري پيار سان، تنهنجي امان.“

’مساوات‘ اخبار منهنجي روانگيءَ ۽ انهن شهرن جي نالن جو اعلان ڪيو، جتي مونکي وڃڻو هو. آئون 14 فيبروريءَ تي سنڌ جو ڦهريون گشت ڪرڻ لاءِ رواني ٿيس. مون سان گڏ هڪ تقريرون لکندڙ، هڪ صحافي ۽ ’مساوات‘ اخبار جو فوٽو گرافر هو. پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي عورت شعبي جي اڳواڻ بيگم سومرومنهنجي بچاءُ لاءِ مون سان گڏ هلي.

ٺٽو، جتي سڪندراعظم پنهنجي فوج سميت ترسيو هو ۽ حيدرآباد، جتي جي مَنگهن مان هوا گذري گهرن ڪي ٿڌو ڪري ٿي؛ سموري رستي تي اسان جي ڪار چؤڌاري عوام جا ميڙ هئا. ضياءَ عام سياسي جلسن تي پابندي وجهي ڇڏي هئي، تنهنڪري جتي به اسان ڪي وڏا گهر ٿي مليا، ته اسان اتي چؤديواريءَ ۾ اهڙا جلسا ٿي ڪيا. مون هرهڪ گهر جي ڇت تي چڙهي هيٺ پڌر ۾ عوام جي ميڙ تي نظر ٿي ڪئي ۽ چيو ٿي، ”منهنجا ڀائرو ۽ بزرگو،“ جيئن ته حڪومت مائڪروفون ۽ لائوڊ اسپيڪر تي پابندي وڌي هئي، تنهنڪري مونکي وڏي سڏ ڳالهائڻو پيو ٿي. ”آئون چيئرمين ذوالفقار علي ڀٽو طرفان اوهان ڪي سلام ڪريان ٿي. هن خلاف غيرقانوني ڪارروائي عوام خلاف غيرقانوني ڪارروائي آهي.“ ٿرپارڪر، سانگهڙ جتي به ممڪن هو، مون وڪيلن جي ڪائونسلن ۽ صحافين ڪي پڻ خطاب ڪيا ۽ حڪومت جي بيقاعدگين ۽ بابا ۽ پيپلزپارٽيءَسان ٿيندڙ ناانصافين جي موضوعن تي تقريرون ڪيون.

سانگهڙ مان روانگيءَ ڪان پوءِ اوچتو فوجي لارين اسان جي ڪار اڳيان ۽ پٺيان رستو روڪي ڇڏيو. اسان ڪي بندوقون ڏيکاري هڪ گهر ۾ وٺي ويا، جتي اسان ڪي رات جو ترسايو ويو.

”اوهان ڪي اڳتي سفر ڪرڻ جي اجازت ڪانهي.“ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ اسان ڪي ٻڌايو.

”تنهنجو اهو حڪمانو ڪٿي آهي؟ مونکي اهو لکيت ۾ گهرجي.“ مون هن ڪي چيو. هن وٽ لکيت ۾ ڪجهه به نه هو.

”حڪومت هن ڪي رڳو اسان جي ڊيڄارڻ لاءِ موڪليو آهي.“پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ اڳواڻ چيو، جيڪو اسان سان سفر ۾ گڏ هو. ”هلو ته اڳتي هلون.“ ٻئي ڏينهن اسين نوابشاهه ڏانهن روانا ٿياسين. جتي وڏي ۾ وڏو جلسو ٿيڻو هو. اسان جي ڪار جيئن

خيرپور- نوابشاهه جي سرحد تي پهتي، ته اتي سپاهين رستو بند ڪري ڇڏيو هو. هينئر هنن وٽ لکيت ۾ حڪم هو.
18- فيبروريءَ تي مونکي نوابشاهه مان نيڪالي ڏئي، ڪراچي موڪليو ويو ۽ شهر ڇڏڻ جي منع ڪئي وئي. هڪ ڀيرو وري مون بابا سان پندرهين ڏينهن واري ملاقات گُسائي ڇڏي.

مارچ 1978ع ”مونکي ضياءَ جي هڪ ماڻهوءَ ٻڌايو آهي، ته لاهور هاءِ ڪورٽ پُٽي صاحب کي موت جي سزا ڏيندي.“ ڪراچيءَ ۾ هڪ صحافي مونکي ٻڌايو. عادت مطابق مون اها ڄاڻ لاهور ۾ امان ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ ۽ ڪراچيءَ جي اڳواڻن کي پهچائي. جيتوڻيڪ مون ان ڳالهه تي ويساهه آڻڻ کونه ٿي گهريو، پر اهڙا اهڃاڻ هر هنڌ نروار ٿيڻ لڳا.
مارچ جي اوائل ۾ ٽن ڏوهارين کي، جيڪي سياسي قيدي ڪونه هئا، لاهور ۾ عام ماڻهن اڳيان ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي. عام ماڻهن اڳيان ڦاسي! ان سزا جا اعلان سيني اخبارن ۽ ٽيليويزن تي ڪيا ويا. اهي ڦاسيون کليل ميدان ۾ ڏيٽيون هيون، جن لا ايترا ته ڊنڊورا ڏنا ويا، جڻ ڪو تماشو ٿيڻ وارو هجي. اهو پوائنٽو ڏيک سڏڻ لاءِ، جنهن ۾ ڪارا ٽوپ پاتل ٽي ماڻهو ڦاهيءَ جي رَسيءَ ۾ پئي لڙڪيا. ٻه لک ماڻهو اچي مِڙيا هئا. آئون هاڻي سمجهان ٿي، ته تنهن وقت حڪومت بابا کي موت جي سزا ڏيڻ لاءِ سڄي ملڪ کي نفسياتي طرح تيار ڪرڻ گهريو ٿي. پر مون ان کي رڳو بد سنئوڻ ليکيو.
مونکي رڳو اها ڳالهه ياد رهي، جڏهن هڪ سال اڳ چونڊن جي مهم هلائيندي اصغر خان واعدو ڪيو هو ته، ”آئون ڀٽي کي اٽڪ پُل ۾ ٽنگي ڦاسي ڏيان يا بجلي جي ٿنڀي ۾؟“
عدالت جي فيصلي لاءِ ميدان تيار پئي ٿيو. سيني سرڪاري عمارتن ۽ بئنڪن تي سادن ڪپڙن ۾ سپاهي مقرر ڪيا ويا. سپاهين سان ڀريل فوجي گاڏيون راولپنڊيءَ ۾ پهرو ڏيڻ لڳيون. سنڌ جي گهٽين ۽ رستن تي توبن واريون ٽرڪون ڦِرڻ لڳيون ۽ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي ڪارڪنن جي وڏي تعداد ۾ گرفتاري شروع ٿي وئي، جيڪي بيڏوهي هئا ۽ جن کي رُڳو ان لاءِ اڳواٽ سوگهو ڪيو ويو هو، ته متان بابا جي سزا جو اعلان ٻُڌي، اهي ڪا بدامني ڪن. الزام اهو هو ته ”جيئن ته تون... (نالو لکو) ڀٽو مقدمي جي فتويٰ جي اعلان تي بدامني پکيڙي سگهين ٿو،تنهنڪري توکي هن ذريعي نظربند ڪجي ٿو....“ جيڪڏهن عدالتون آزاد هيون ۽ مقدمو انصاف سان هليو هو، جيئن ضياءَ دعويٰ ڪئي هئي، ته پوءِ حڪومت کي فتويٰ جي اڳواٽ ڄاڻ ڪيئن پئي هئي؟
پنجاب مان اسي هزار، سرحد صوبي مان ٽيهه هزار ۽ سنڌ مان سَٺ هزار ماڻهن کي جهَليو ويو. سمجهه ۾ نه ايندڙ تعداد! ايترا ته گهڻا ماڻهو گرفتار ڪيا ويا هئا، جو انهن جي

نظربنديءَ لاءِ حڪومت پاڪستان ۾ هر هنڌ ڪئمپون کوليون هيون. گهوڙيسواريءَ جي ميدانن کي چوڌاري خاردار تارون ڏئي، اتي هٿيار بند پهريدار بيهاريا ويا هئا ۽ راندين جي اسٽيڊيم ۾ عارضي قيد خانا کوليا ويا هئا. عورتن کي پڻ جهَليو ويو هو، جن ۾ ڪِن سان گڏ ٻار به هئا.

15 مارچ، 1978ع. ڪشور قيوم نظامي، صوبائي اسيمبليءَ جي اڳواٽي ميمبر جي زال. منهنجي مُڙس ۽ مونکي رات جو هڪ بجي جهَليو ويو. پوليس اسان جي سڄي گهر کي گهيرو ڪري ويئي هئي. اسان جو ٻارڙو رُڳو ڪجهه مهينن جي ڄمار جو هو، تنهنڪري آئون هن کي ڪليل فوجي لاريءَ ۾ پاڻ سان کڻي ويس. ڪوٽ لکپت جيل جي اختياري وارن ٻڌايو، ته اتي سياسي قيدياڻين لاءِ ڪوبه بندوبست ٿيل ڪونهي. نيٺ هنن مونکي اسٽور جي هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو، جتي مونسان گڏ ٻيون ڇهه سياسي قيدياڻيون به هيون. انهن ۾ ڀٽي صاحب جي هڪ وڪيل جي ڀيڻ ريحانا سرور ۽ پنجاب ۾ عورت شعبي جي صدر بيگم خاڪواڻي به هئي. ”اسان کي ڇو جهَليو ويو آهي؟“ بيگم خاڪواڻي پوليس واري کان پڇيو. ”ڇاڪاڻ ته ڀٽي صاحب جي فيصلي جو اعلان ٿيڻو آهي.“ پوليس واري وراڻيو. ”اوهان کي ڪيئن ڄاڻ پئي ته فيصلو ڀٽي صاحب خلاف ٿيندو؟“ پوليس واري ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. جيل جي عورت عملي اسان جي تمام سختيءَ سان جهَڙتي ورتي هئي. اهي منهنجي شاديءَ جي مُنڊي ۽ واچ به لاهي ويون هيون. جڏهن مونکي آزادي ملي، تڏهن هنن چيو ته اهي شيون وڃائجي ويون آهن. ان ڪمري ۾ ڪوبه غلسخانو نه هو، رڳو هڪ ڪُنڊ ۾ سِرن جو ڍير رکيل هو. سمهڻ لاءِ بسترا به ڪونه هئا. اسان کي ڪنهن به صورت ۾ ننڊ نٿي اچي سگهي. اڌيءَ رات جو پاسي واري پِڙ ۾ پوليس وارن، سياسي ڪارڪنن تي ڪوڙا وسائڻ شروع ڪيا هئا. ماڻهن جي پُٺن تي ايترا لينگها ڪڍيا ويندا هئا، جيترا هنن کي ڪوڙا لڳڻا هوندا هئا. ڪوڙا هڻندڙ ماڻهو ڪَچو پائي، سڄي جسم کي تيل مَهٽي، پري کان ڊوڙي پنهنجي پوريءَ طاقت سان ڪوڙا هڻندو هو. جڏهن ته فوج جو هڪ عملدار ڪُرسيءَ تي ويهي انهن جو انگ ڳڻيندو هو. هر هڪر پيري ويهن کان ٽيهن ماڻهن کي ڪوڙا هنيا ويندا هئا. اسين سڄي رات هنن جون دانهون ٻُڌنديون هيونسين. جيئن ڪنهن کي ڪوڙو لڳندو هو، ته اهو وڏي آواز ۾ ”جيئي ڀٽو“ چوندو هو. آئون پنهنجن ڪَنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيندي هيس دعائون گهُرندي هيس، ته انهن ۾ منهنجو مُڙس نه هجي. سيپٽمبر 1977ع ۾ هن کي اڳ ۾ ئي ڪوڙا لڳي چڪا هئا.

”اسان جي گرفتاريءَ جي ٻيءَ صبح جو اوچتو پوليس اسان کي آزاد ڪيو. اسين جيئن تڪڙيون تڪڙيون دروازي مان ٻاهر آيوسين، ته اسان کي ٻيهر جهَليو ويو. حڪومت ضرور اهو سمجهيو هوندو، ته عدالت جي فيصلي کان پوءِ ساڳين تهمتن هيٺ اسان

جي گرفتاري مناسب نہ ٿيندي ۽ اسين ھڪ پيرو وري اسٽور واري ڪوٺڙيءَ ۾ وڃي بند ٿيونسين.
”پٽي صاحب ڪي ٽُرت اسان جي ڇاڻ پئجي وئي ھئي. اسان ڪي پنھنجي ڪوٺڙيءَ مان ھن جي ڪوٺڙي ڏسڻ ۾ ايندي ھئي. ھن پنھنجن وڪيلن معرفت اسان ڏانھن ميوي جي ٽوڪري موڪلي ھئي ۽ ڪاغذ جي ھڪ پُرزي تي لکيو ھو تہ ”ڏسو تہ ضياءَ چڱن خاندانن جي عورتن سان ڪھڙيون نہ جنيون ڪيون آھن.“ ٻہ ھفتا پوءِ مونکي پنھنجي گھر ۾ نظربند ڪيو ويو، ڇوتہ جيل ۾ منھنجي ٻار جي طبيعت سخت خراب ٿي وئي ھئي ۽ مون وٽ دوائون نہ ھيون. مون سان گڏ جيڪي ٻيون عورتون ھيون، سي ھڪ مھينو اندر بند رھيون ھيون.“
18- مارچ صبح جو سويل ھنن جي گرفتاريءَ ڪان ٽي ڏينھن پوءِ منھنجي نظربنديءَ جا حڪم ٻہ پھچي ويا. ”اوھان سان ملڻ لاءِ پوليس آئي آھي.“ صبح جو ساڍي ڇئين وڳي اھو ڇاتل سڄاتل نياپو پھتو. مونکي ڇاڻ ھئي تہ ڇو آئي آھي. پر مون ڇاڻڻ ڪونہ ٿي گھريو. مون پنھنجي ماءُ ڏانھن ڊوڙي وڃڻ گھريو ٿي، پر ھوءَ اڳ ۾ ئي لاھور ۾ نظربند ھئي. مون پنھنجي بابا ڏانھن ڊوڙي وڃڻ ٿي چاھيو. مون ڪنھن ٻہ پاسي وڃڻ گھُريو ٿي، سميعا ڏانھن، وڪيلن ڏانھن، مير يا شاھنواز يا صنيءَ ڏانھن. آئون اھو عذاب اڪيلي سر ڀوڳي ڪين ٿي سگھيس. نہ. ”اي الله، يا الله، اسان سيني جي مدد ڪر،“ خالي گھر ۾ پَسار ڪندي مون ھر ھر دل ۾ چيو ھو.
ٽيھريءَ ڪان پوءِ روئڻ پٽڻ جا آواز اچڻ لڳا. آئون اھي آواز رڌڻي مان، باغ مان 70 ڪلفٽن جي وڏي دروازي مان ٻڌي پئي سگھيس. منھنجي دل جو ڌڙڪو ايترو تہ وڌي ويو ھو، جو مون سمجھيو تہ اھا ٽُٽي پوندي. اوچتو ڪمري جو وڏو دروازو نڪاءُ سان ڪليو ۽ منھنجي سئوٽ فخري ڌوڪيندي اندر گھڙي آئي ۽ ھن پاڻ کي ڪمري جي فرش تي ڪٽي اڇلايو. ”قاتل“ ھن ڏک وچان پنھنجو مٿو زمين تي ھڻندي رڙ ڪري چيو. ”خوني.“
ضياءَ جي ججن بابا کي ڦوھاري ڪوني، ھن کي موت جي سزا ڏني ھئي. فخريءَ کي، جيڪا دروازي تي بيٺل حيران پريشان فوجي پھريدارن وچ مان اندر ڊوڙي آئي ھئي، ھڪ ڪلاڪ اندر نظربنديءَ جو حڪمانو پھچايو ويو. ھوءَ ھڪ ھفتي تائين مون سان گڏ نظربند ھوندي. آئون ٽن مھينن تائين نظربند ھونديس.
ھڪ ٻئي پنيان لوھي دروازا، وچ ۾ ڊگھا ۽ گندا رستا. پوليس واريون منھنجي جھڙتي وٺن ٿيون. اھي منھنجن وارن ۾ ھٿ لاھين ٿيون، منھنجين ٻانھن، ڇاتي ۽ ڪُلھن تي گھمائين ٿيون. ھڪ ٻيو فولادي دروازو، پوءِ ٽي ننڍڙيون ڪوٺيون، جن جي دروازن تي لوھي سِيخون لڳل آھن.
”پِنڪي! تون آھين ڇا؟“

آئون ڪوٺڙيءَ ۾ چٽائي ڏسان ٿي، پر اوندهه سبب ڪجهه بہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. جيل جو عملو منهنجي لاءِ دروازو کولي ٿوءِ آئون بابا جي موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ وڃان ٿي. اندر ڀوسل ۽ بدبوءِ آهي ان سيمنٽ وارين ٿلهين ديوارن مان اُس ڪڏهن بہ اندر ڪين وئي هوندي. ننڍڙي ڪوٺڙيءَ جي اڌ ڪان بہ وڌيڪ حصي ۾ سمهڻ لاءِ کٽ پيل آهي، جيڪا ٿُلهن زنجيرن سان زمين ۾ ٻَڌل آهي. بابا پهريان چوويهہ ڪلاڪ ان ڪوٺڙيءَ ۾، اُن کٽ سان زنجيرن ۾ ٻَڌو پيو هو. هن جي مُرَن تي اجا تائين انهن جا نشان آهن. کٽ ڀرسان هڪ ڪليل سوراخ آهي، ڦاسي وارن قيدين ڪي پائخاني لاءِ اها سَهنجائي آهي. بدبوءَ سبب اُلٽي اچي ٿي.

”بابا!“

آئون هن کي پاڪر پايان ٿي ۽ سندس ٻانهن ۽ ڇاتيءَ تي هٿ ڦيرايان ٿي. هو بَدن ۾ لانجهو ٿي ويو آهي. جڏهن منهنجيون اکيون اوندهه ۾ ڏسڻ لڳن ٿيون، تڏهن آئون ڏسان ٿي تہ هن جي جسم تي جيتن جي چَڪن جا نشان آهن. ڪوٺڙيءَ جي گرمي ۽ ڀوسل سبب اتي ڏاڍا مڇر آهن. هن جي جسم جو ڪوبہ حصو ڳاڙهن داڻن کان خالي ڪونهي.

منهنجي نڙي گهُٽجي وڃي ٿي ۽ اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي تا اچن. آئون پاڻ سنڀاليان ٿي. هن اڳيان آئون ڪڏهن بہ پاڻ کي رَڙڻ ۽ دانهڻ جي اجازت ڪين ڏينديس، پر هو مرڪي پيو. کلي ٿو!

”تون هتي ڪيئن پهتي آهين؟“ هو پڇي ٿو.

”مون صوبائي حڪومت کي درخواست ڏني هئي. خاندان جي فرد هجڻ سبب جيل مينوئيل مطابق مون کان اوهان سان منهنجي هفتيوار ملاقات جو حق ڦُريو پيو وڃي.“ آئون هن کي ٻُڌايان ٿي. ”ان تي هوم سيڪريٽري مونکي اوهان سان ملڻ جي اجازت ڏني.“

آئون هُن کي اهو بہ ٻڌايان ٿي، تہ آئون فوجي ٽرڪن، ڪارن ۽ جيپن جي قافلي ۾ ڪيئن ڪوٽ لکپت جيل ۾ آندي وئي هيس. ”حڪومت ڏاڍي پريشان آهي،“ سندس ڦاسيءَ جي فتويٰ کان پوءِ هڪ هفتي اندر جيڪي هنگاما ٿيا هئا ۽ جنهن سبب سڄي سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ڪرفيو لڳايو ويو هو، آئون ان جو هن کي تفصيل ٻڌايان ٿي. لاڙڪاڻي جي 146 ڪَچن گهرن واري هڪ ننڍڙي ڳوٺ مان 120 ماڻهو گرفتار ٿيا هئا. پوليس هڪ اهڙي دڪاندار کي نظربند ڪيو هو، جنهن پنهنجي دڪان جي پٽ تي هڪ فلمي ايڪٽر جي تصوير ڀرسان بابا جي تصوير هنئي هئي.

”ڪيترن ئي ملڪن ضياءَ کي رحم جي اپيل ڪئي آهي،“ آئون هن کي ٻڌايان ٿي. ”مون ان جو تفصيل بي بي سيءَ تان ٻُڌو آهي. برزنيف هن کي خط لکيو آهي. ساڳيءَ طرح هئاڪوفينگ بہ چين سان ويجها ناتا رکڻ سبب اوهان جي ڪوشش جو ذڪر ڪندي

خط اماڻيو آهي. شام مان صدر اسد، قاهرا مان انور سادات، عراق جي صدر ۽ سعودي حڪومت به اپيلون ڪيون آهن، اندرا گانڌي، سينيٽر مڪگورن، مطلب ته جمي ڪارٽر ڪانسواءِ هرهڪ اپيلون ڪيون آهن. ڪئناڊا جي هائوس آف ڪامنس هڪ يڪراءِ ٺهراءَ منظور ڪري حڪومت کي اپيل ڪئي آهي، ته اوهان جي موت جي سزا کي گهٽايو وڃي. انگلينڊ جي پارليامينٽ جي 150 ميمبرن پنهنجي حڪومت تي زور رکيو آهي، ته ان سلسلي ۾ ڪو قدم کنيو وڃي. يونان، پولينڊ، ايمنسٽي انٽرنيشنل، گڏيل قومن جي اداري جي سيڪريٽري جنرل، آسٽريليا ۽ فرانس. بابا، ضياءَ لاءِ سڀيئي رستا بند ڪيا ويا آهن.“

”اها سچ ته ڏاڍي خوش ڪندڙ خبر آهي،“ هو چوي ٿو. ”پر اسان طرفان ڪابه اپيل نه ٿيندي.“

”پر بابا، اوهان کي ڪنهن به حالت ۾ اپيل ڪرڻي آهي.“ آئون ڏک وچان چوان ٿي.

”ضياءَ جي عدالتن ۾؟ اها سموري ڪارروائي ٺٺولي آهي. ان کي ڊيگهه ڇو ڏجي؟“

اهي ڳالهيون ڪندي هو پنهنجو مٿو لوڏي ٿو مونکي پنهنجي ويجهو اچڻ جو اشارو ڪري ٿو. ڪوٺڙيءَ کان ٻاهر جيل جا عملدار بيٺا آهن، جيڪي ٻُڌن پيا، ڏسن پيا. آئون پاڻيان تي ته منهنجي هٿ ۾ ڪاغذ جو ٽُڪر ڏنو وڃي ٿو.

”بابا، اوهين ايئن نِراس نه ٿيو،“ آئون جيل عملي جو ڌيان هٽائڻ لاءِ وڏي سڏ چوان ٿي.

”الله ڄاڻي ٿو ته آئون بيگناهه آهيان،“ بابا جواب ۾ چوي ٿو. ”آئون قيامت ڏينهن هن جي عدالت ۾ اپيل ڪندس. هاڻي تون وڃ. ڪلاڪ پورو ٿيڻ وارو آهي. تون پنهنجي مرضيءَ سان وڃ. نه هنن جي چوڻ تي.“

آئون هن کي پنهنجي گلي سان لايان ٿي. ”اهو ڪاغذ ڪنهن به صورت ۾ اختياريءَ وارن جي هٿ نه چڙهي، نه ته توکي وري ملاقات جي اجازت نه ملندي.“ هو جلدي منهنجي ڪَن ۾ پڙڪي ٿو.

”ايندڙ ملاقات تائين، بابا.“

جيل مان نڪرڻ وقت به منهنجي جهَڙتي ورتي وئي. هنن کي ڪجهه به هٿ ڪونه آيو. ويجهو ئي لاهور ۾ جڏهن آئون امان سان ملڻ ويس. جيڪا اتي نظربند هئي، ته منهنجي ٻيهر جهَڙتي ورتي وئي ۽ وري اُن وقت جڏهن آئون اتان رواني ٿي هيس، ته ڪين ڪجهه به هٿ نه آيو. ڪنهن وقت جهَڙتي وٺندڙ همدرد هوندا هئا ۽ رڳو اشارن ۾ جهَڙتي وٺندا هئا. پر جيستائين اها گهڙي نه آئي، آئون بلڪل اُڻڄاڻ رهيس، جڏهن مونکي پنهنجي نظربنديءَ ۾ رهڻ لاءِ واپس ڪراچي وٺي پئي ويا، ته هوائي اڏي تي مونکي هڪ ڪار ۾ پهري هيٺ ٽن ڪلاڪن لاءِ ترسايو ويو هو، جنهن جي چوڌاري فوجي گاڏيون بيٺل هيون.

نيٺ جهاز تيار ٿيو. آئون ڪار جي درين مان ڏسي پئي سگهيس، تہ سپيئي مسافر جهاز ۾ چڙهي وينا هئا. جهاز جون انجڻيون هلڻ شروع ٿيون، رن وي تي روشني ٿيڻ لڳي هئي. پوليس وارن مونکي ڪار مان لاهي هيٺ لاٿو ۽ مونکي تڪڙو تڪڙو وٺي هلڻ لڳا. هڪڙو پوليس وارو منهنجي اڳيان ۽ ٻيو منهنجي پويان. هنن جي هٿن ۾ بندوقون هيون. ٻطرفي ريڊيي ۾ ڪڙڪڙ ٿي ۽ اوچتو هو واپس مُڙيا ۽ مونکي ڪار ڏانهن وٺي ويا.

آئون هينئر بہ هُن جو اهو ٿُلهو جسم ڏسي سگهان ٿي، جيڪو لُڏندو لمندو اُن رات رن وي ويجهو ڪاري رستي تي مون ڏانهن وڌندو آيو هو. هن پنهنجون ٻانهون پئي کُنجيون. آئون هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻيندي هيس. هوءَ هوائي اڏي جي حفاظتي عملي جي عورت هئي، جيڪا سدائين اتي ڏسبي هئي، جڏهن آئون لاهور پهچندي هيس يا اتان رواني ٿيندي هيس. هن کي مون سان ٿوري بہ همدردي نہ هئي ۽ مونکي شڪ هو تہ حڪومت ڄاڻي ٻُجهي هن کي منهنجي جهَڙتي وٺڻ لاءِ اتي مقرر ڪيو هو. هوءَ ڏسڻ ۾ ئي اهڙي نِيچ لڳندي هئي. هوءَ ننڍي ۾ ننڍي شيءَ جي بہ جهَڙتي وٺندي هئي. هوءَ لپ اسٽڪ ڪولي ڏسندي هئي ۽ منهنجي ملاقات واري ڊائريءَ جو هرهڪ صفحو ڌيان سان پڙهندي هئي. پنهنجو ڪم ڪندي هُن کي ڏاڍو لطف ايندو هو.

"آئون ڪڏهن بہ هن کي جهَڙتي وٺڻ نہ ڏينديس، آئون جهَڙتي وٺڻ نہ ڏينديس!" مون رڙڪري چيو ۽ ڪار ڪان پنتي هٽندي، بندوقن جي گهيري وچ ۾ وڃي بيٺيس. "جيل ۾ بابا سان ملاقات وقت ۽ اتان ٻاهر اچڻ وقت جهَڙتي ورتي ويئي هئي. منهنجي جهڙتي ان وقت ورتي وئي هئي، جڏهن آئون پنهنجي نظربند ماءُ سان ملاقات لاءِ ويس ۽ وري اتان واپس اچڻ تي بہ منهنجي جهَڙتي ورتي وئي هئي. منهنجي گهڻي جهَڙتي ورتي وئي آهي."

فوجي گاڏين جو قافلو بندوقون سِڌيون ڪري منهنجو گهيرو ڪيو. پوليس جي نفري وڌي وئي ۽ وڌيڪ بندوقون ڏسڻ ۾ آيون. "تنهنجي وري جهَڙتي وٺڻي آهي." پوليس عملدار ضد ڪندي چيو. ٻيءَ صورت ۾ توکي وقت تي جهاز ۾ چڙهڻ جي اجازت نہ ملندي."

"منهنجي لاءِ اها چڱي ڳالهہ ٿيندي،" مون رڙ ڪندي چيو. "اوهان منهنجي لاءِ ڇا ڇڏيو آهي؟ اوهان بابا کي موت جي سزا ڏني آهي. اوهان امان جو مٿو ڦاڙيو آهي. اوهان مونکي ڪراچي ۾ اڪيلي رهڻ تي مجبور ڪيو آهي. امان کي لاهور ۾ نظربند ڪيو آهي، بابا کي موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ رکيو آهي. اسين هڪ ٻئي سان ڳالهائي نٿا سگهون. آئون جيئري رهان يا مران، مونکي ان جي بلڪل پرواهہ ڪانهي. تنهنڪري اوهان کي جيڪي وڻي اهو ڪريو."

آئون بلڪل ڪاوڙجي پئي هيس. منهنجي وَس ۾ ڪجهه ڪونہ هو. منهنجي راهہ بند هئي. حفاظتي عملي جي عورت ڪاوڙ مان ڏجي منهنجي پنيان لامارا پئي ڏنا. پر هن جيڪڏهن منهنجي جهڙتي ورتي، تہ پڪ سان بابا جو ڏنل ڪاغذ هن جي هٿ چڙهي ويندو.

”بس، بس هن کي ڇڏي ڏيو،“ هنن پاڻ ۾ ڀُڻڪيو.

”تون وجي سگهين ٿي.“ هڪڙي عملدار چيو.

هوائي جهاز ۾ ڪراچيءَ ڏانهن ويندي آئون بيهوش ٿيڻ واري هيس. منهنجي ڪَن ۾ ڦهريون ڦيرو سُور ٿيو هو. ٽڪ، ٽڪ، ٽڪ. اهو آواز ايترو تہ ورجائيندڙ هو، جو جڏهن آئون 70 ڪلفٽن پهتيس، تہ مون کي پوري طرح سان ننڊ بہ نہ آئي هئي. نيٺ حڪومت هڪڙو ڊاڪٽر موڪليو، جنهن علاج شروع ڪيو.

بابا مونکي جيڪو ڪاغذ جو ٽُڪرو ڏنو هو، سو مون پڙهيو. اُن ۾ منهنجي غيرقانوني نظربنديءَ خلاف دعويٰ لاءِ هدايتون لکيل هيون. مون عدالت لاءِ اهڙي درخواست لکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آئون گهڻي بيمار ٿي پيس.

ساهوارا. اسان وٽ گهر ۾ ڪيترائي ساهوارا جانور هئا ۽ اچرج پئي ٿيو تہ انهن سان ڪهڙي ويڌن هئي. جنهن ڏينهن بابا جي ڦاسيءَ جي سزا جو اعلان ٿيو، تنهن ڏينهن هُن جو پستو ڪُتو مري ويو. اهو ڪُتو ان اعلان کان هڪ منٽ اڳ بلڪل ٺيڪ هو، پر پوءِ هو مري ويو. ان جي ٻئي ڏينهن پستي ڪُتي بہ مري وئي ۽ ان جي موت جو ڪوبہ ظاهري سبب ڪونہ هو. مون وٽ 70 ڪلفٽن ۾ سيام ڏيهہ جي ٻِلي هوندي هئي. ٽئين ڏينهن اها پڻ مري وئي.

مسلمانن ۾ اهو عقيدو عام آهي، تہ جڏهن ڪنهن گهر جي مالڪ کي ڪو جوکو رَسڻو هُجي ٿو، تہ ان گهر جا جانور ان جوکي کي پاڻ ڏانهن موڙين ٿا ۽ اُن بدران پنهنجي جان جو صدقو ڏين ٿا. بيماريءَ سبب هنڌ ۾ ليٽندي مون سمجهيو، تہ بابا جي زندگيءَ کي ڪيڏو نہ وڏو خطرو آهي، جو ان سبب اسان جو هڪ پالتو جانور نہ، پر ٽي پالتو جانور مري ويا آهن. ان ويچار سبب ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. روز صبح جو آئون جڏهن بي بي سيءَ تان ڇهين بجي جون خبرون ٻڌندي هيس، تہ دل ۾ دعا ڪندي هيس، تہ ضياءَ جي مرڻ جي خبر ٻڌان. پر هُو اجا تائين جيئرو هو.

بابا جي ڏنل هدايتن موجب مون 70 ڪلفٽن ۾ پنهنجي نظربنديءَ خلاف عدالت ۾ درخواست ڏني. عدالت ان مقدمي جي شنوائي اپريل ۾ ۽ وري مئي ۾ مهمل ڪري ڇڏي. هر ڀيري مونکي شنوائيءَ لاءِ درخواست ڏيڻي ٿي پئي. 14 جون تي منهنجو وڪيل منهنجي لاءِ منهنجي جمڻ واري ڏينهن اڳواٽ ئي هڪ بهترين سوکڙي کڻي آيو. منهنجي نظربنديءَ جا کي بہ سبب ڪونہ هئا. امتناعي نظربنديءَ جي ان مقدمي جي فيصلي ۾

جسٽس فخرالدين حڪم ڏنو هو. آئون آزاد هيس. هاڻي آئون پنهنجي صحت ڏانهن ڌيان ڏئي پئي سگهيس.
جون مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ منهنجي ڪَن ۽ نڪ جي وچ واري هڏيءَ جو ڀڃيون آپريشن ڪراچيءَ جي مڊايسٽ اسپتال ۾ ٿيو هو. بيهوشيءَ مان سجاڳيءَ ڪانپوءِ منهنجا سپيئي لڪل ڏڪُ اپري نروار ٿي پيا. "اهي بابا کي قتل ڪن ٿا! اهي بابا کي قتل ڪن ٿا!" مون پاڻ کي دانهون ڪندي ٻُڌو. ڪجهه جي پَهن سبب منهنجو نڪ بند هو ۽ آئون ساهه به نه ٿي کڻي سگهيس. پر پوءِ مون اُن وقت ٿوري ناپر پائي، جڏهن منهنجي ماءُ کي، جيڪا اڃا تائين لاهور ۾ نظربند هئي، پوليس جي نظرداريءَ ۾ مون سان ملاقات جي اجازت ملي هئي.
تندرست ٿيڻ کان پوءِ مونکي ڄاڻ پئي هئي، ته دنيا ڪيتري نه پوائنٽي ٻڏجي وئي آهي. اسان جي اخبار 'مساوات' جي ڪراچيءَ واري شاخ کي حڪومت اپريل ۾ بند ڪري، اُن جو پريسون ضبط ڪري ڇڏيون هيون. اخبار جي ايڊيٽر ۽ ناشر ٻنهي ڄڻن کي "اعتراض جوڳو مواد" ڇاپڻ سبب جهَليو ويو هو. ان تي ٻين صحافين احتجاج ڪندي هڙتال شروع ڪئي. نوي صحافي گرفتار ڪيا ويا، جن مان چئن کي ڪَوڙن لڳڻ جي سزا ملي. انهن ۾ 'پاڪستان ٽائمز' جو سينيئر ايڊيٽر به هو، جيڪو جسماني طرح معذور هو.
نيٺ عالمي برادريءَ جو ان پاسي ڌيان ٿيو. 1978ع جي آرهڙ ڏاري ايمنسٽي انٽر نيشنل طرفان جن پنجاهه سياسي قيدين جو اعلان ٿيو هو، انهن ۾ 'مساوات' اخبار جا اهي ٻئي ايڊيٽر ۽ ناشر به شامل هئا. ايمنسٽي انٽرنيشنل عالمي تنظيم آهي، جيڪا سياسي قيدين جي صورتحال تي نظر رکي ٿي. ايمنسٽي حڪومت جي مدد ڪانسواءِ ٻين ٻٽيهن مقدمن جي به جانچ پئي ڪئي. جيتوڻيڪ ضياءَ واعدو ڪيو هو ته، ايمنسٽي جي انهن عيوضين سان هر قسم جو سهڪار ڪيو ويندو، جيڪي ان سال جي اوائل ۾ حقيقتون ڄاڻڻ لاءِ پاڪستان آيا هئا. پر مارچ ۾ ايمنسٽي جيڪا رپورٽ پڌري ڪئي، تنهن جو حڪومت ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.
آئون پاڻ انهن عيوضين سان جنوري ۾ ملي هيس. ضياءَ جي مارشل لا قاعدن هيٺ بنيادي انساني حقن جي ختم ٿيڻ، شهري ۽ سياسي قيدين تي فوجي عدالتن ۾ مقدمن هلڻ ۽ انهن ظلم وارين سزائن تي پنهنجي ڳڻتي نروار ڪئي هئي، جن ۾ چوري جي سزا لاءِ ساڄڙ ماڻهو جو کاٻو هٿ ۽ کاٻڙ ماڻهو جو ساڄو هٿ وڍيو ويندو هو. آئون هنن کي بابا جي مقدمي ۾ ٿيل ناانصافي ۽ تعصب بابت سمجهائڻ لاءِ پڻ فڪرمند هيس ۽ هنن کي انهن بيرحم حالتن کان پڻ آگاهه ڪيم، جن هيٺ هن کي قيد تنهائي ۾ رکيو ويو هو. ظاهر آهي ته هنن ان جي تصديق ڪرڻ ٿي گهري، تنهنڪري انهن عيوضين بابا سان جيل ۾ ملاقات لاءِ اجازت گهري، جيڪا هنن کي نه ملي هئي.

28 اپريل 1978ع، ڪوٽ لکپت جيل. ڊاڪٽر ظفر نيازي، بابا جو ڏندن وارو ڊاڪٽر "آئون جڏهن اپريل ۾ مسٽر ڀٽي کي ڪوٽ لکت جيل ۾ ڏسڻ ويس، ته مون ڏٺو ته هن جا ڏند جلد خراب ٿيندا پيا وڃن. جيل جي حالت ڏاڍي خراب هئي ۽ هن کي خوراڪ به پوري کاڌ تي ملي. هن جي مُهارن جو هينيون ماس سُڄي ويو هو ۽ منجهن سُور هو، پر سندن علاج لاءِ اتي ڪي به سهوليتون نه هيون. ڇا اهڙين ڪنور حالتن ۾ ڪوبه علاج فائديمند ٿي سگهندو؟ اتي وڃڻ کان پوءِ مون حڪومت کي هڪ رپورٽ لکي موڪلي، ته جيستائين ڀٽي صاحب جي حالت سڌاري نٿي وڃي. تيستائين آئون هن جو صحيح علاج ڪري ڪونه سگهندس. پر مونکي ڄاڻ هئي ته حڪومت اُن بابت ڪوبه رحم جوڳو قدم نه کڻندي. منهنجا ڪيترائي مريض ٻاهرين ملڪن جا سفير هئا تنهنڪري مونکي پڪ آهي ته حڪومت کي ڳڻتي هئي، ته آئون اهي ڳالهيون هنن کي ٻڌائيندس. مون اڳ ويچار ڪندي پنهنجي رپورٽ جو هڪ نقل پنهنجي زال کي ڏنو ۽ چيو ته، 'جيڪڏهن فوج مونکي گرفتار ڪري ته اها رپورٽ ٻاهرين اختيارين ڏانهن موڪلي ڏجانءِ.' ٻن ڏينهن کان پوءِ پوليس مون کي گرفتار ڪيو."

ڊاڪٽر نيازي ۽ هن جي گهرياتين تي ظلم ۽ ڏاڍ شروع ٿيو. هن کي به پيرا جهَليو ويو. پهريون ڀيرو تنهن وقت جڏهن هن پنهنجي اسپتال ۾ هڪ مريض جو علاج پئي ڪيو، جيڪو بيهوشيءَ جي حالت ۾ هو. "مونکي رُڳو هڪ ڪلاڪ جي مهلت ڏيو، ته جيئن آئون پنهنجو ڪم پُورو ڪريان،" هن پوليس وارن کي چيو، پر هنن انڪار ڪيو ۽ هن جي گرفتاريءَ وقت پوليس سندس گهر تي رات جو ٻين وڳي چڙهائي ڪري، گهرو سامانَ کي اٿلائي ڏٺو ۽ ڪَٻٽن مان ڪپڙا ڇَڪي ڪڍيا، ته جيئن ڪين هن خلاف ڪو ثبوت هٿ اچي سگهي. هنن کي رڳو شراب جي هڪڙي اڌ بوتل ملي، جيڪا ڊاڪٽر نيازيءَ جو هڪ آمريڪي ساٿي ڊاڪٽر وٽس ڇڏي ويو هو، جيڪو هر ٽئين مهيني اسپتال ۾ اچي علاج ڪندو هو. ڊاڪٽر نيازيءَ تي گهر ۾ شراب رکڻ جي تهمت هنئي وئي.

ڊاڪٽر نيازيءَ کي، جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو رڪن ڪونه هو ۽ نه وري ڪو سندس سياست سان لاڳاپو هو، اُن الزام جي سزا ۾ ڇهه مهينا قيد ڀوڳڻو پيو هو. هن جي آزاد ٿيڻ کان اڳواٽ ئي بابا کي ڪوٽ لکپت جيل مان بدلي ڪري، راولپنڊي سينٽرل جيل جي موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ رکيو ويو. ڊاڪٽر نيازي هڪدم درخواست ڏني، بابا کي تپاسڻ جي اجازت گهري. هن جي درخواست رد ڪئي وئي.

21 جون 1978ع. راولپنڊي سينٽرل جيل. منهنجي پنجويهين سالگرهه.

آئون راولپنڊي ۾ فليش مئن هوٽل جي هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ ويٺي، بابا سان ملڻ جو اوسيئڙو پئي ڪريان. آئون هر هر پنهنجي واچ پئي ڏسان. امان ڪٿي آهي؟ بابا جي وڪيلن اسان لاءِ عدالت کان حڪمنامو ورتو آهي، ته اسين ٻئي منهنجي سالگرهه جي موقعي تي هن سان ملاقات ڪريون. پر هيئنر ٻپهر اچي ٿيا آهن ۽ آئون صبح جو نائين بجي کان هن جو اوسيئڙو پئي ڪريان، ته پوليس هن کي لاهور جي نظربنديءَ مان هوائي جهاز ۾ هتي وٺي ايندي. هڪ ڀيرو وري اهي چاٽي ٻُجهي تتائين ٿا.
مونکي امان جي ڳڻتي آهي. هن کي مٿي ۾ سخت سُور پوندو رهي ٿو ۽ هوءَ بلڪل ويڳاڻي ٿيو پوي. ڳڻتي ۽ اُلڪي سبب هن کي سخت نقصان پهتو آهي ۽سندس بلڊ پريشر گهٽ ٿيندو پيو وڃي. بابا سان ملاقات لاءِ لاهور مان هوائي جهاز ذريعي ايندي هوءَ ٻه ڀيرا بيهوش ٿي وئي آهي. وڪيلن حڪومت کي درخواستون ڏنيون آهن، ته هن کي اسلام آباد ۾ نظربند ڪيو وڃي، ته جيئن هوءَ جيل تائين ڪار ۾ اچي وڃي سگهي. پر هن کي اجا تائين لاهور ۾ نظربند رکيو پيو وڃي. هڪ ڀيرو وري هوءَ اڪيلي آهي. هن وٽ رڳو هڪڙو ٻلونگڙو آهي، جيڪو آئون هن لاءِ پنهنجي ڪيسي ۾ لڪائي ڪٺي وئي هيس. امان چوي ٿي ته، ’چو چو‘ سبب مونکي آٿت ملي ٿي. امان جڏهن پنهنجو هٿ ڪولي ان ڏانهن وڌائي ٿي، ته ٻلونگڙو پنهنجا پير مٿس رکي ٿو.
آئون پنهنجي شلوار قميص نيڪ ڪريان ٿي. پنهنجي سالگره جي ڏينهن والدين اڳيان پاڻ کي ڦُٽرت رکڻ گهران ٿي ۽ کين ڏيکارڻ چاهيان ٿي ته منهنجا حوصلا سگهارا آهن. ٻنپهرن جو هڪ ٿيو آهي. ٻه ٿيا آهن. اهي حڪومت جي پسند جون اٽڪلون آهن. مونکي نظربنديءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا بابا سان ملاقات لاءِ تيار رهڻ ڪانپوءِ ٻه ڪلاڪن جا ڪلاڪ اوسيئڙو ڪرڻو پيو هو، پر ٻئي طرف کان ڪوبه اطلاع ڪونه آيو هو. هر ٻن هفتن کان پوءِ هن سان ملاقات سبب آئون جيئري آهيان. حڪومت کي اها ڄاڻ آهي. تنهنڪري اهي مونکي وٺي وڃڻ ۾ دير ڪن ٿا، ته جيئن آئون هن سان اڌ ڪلاڪ تائين ملاقات ڪري سگهان، يا وري اهي مونکي وٺڻ ئي ڪونه ٿا اچن. اهي ڀلا ڇو ڪونه آيا آهن. حڪومت عدالت جي حڪم عدولي ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟
ڏينهن جا ٽي ٿيا آهن. ساڍا ٽي ٿيا آهن. جيل جي قاعدن مطابق سيني ملاقاتين کي سج لهڻ کان اڳ هليو وڃڻ گهرجي. مونکي پنهنجي گذريل سالگره ياد اچي ٿي. آڪسفورڊ جي سرسبز ميدان ۾ منهنجي پارٽي جڻ ڏهه ورهيه اڳ ٿي هئي. مونکي حيرت لڳي ٿي، ته اها واقعي ٿي ٻه هئي. ڏينهن جا چار ٿيا آهن. هوائي اڏي تان نياپو اچي ٿو ته امان پهچي وئي آهي. ”پنڪي، توکي سالگرهه مبارڪ هجي.“ اسين جڏهن جيل جي دروازي تي ملون ٿيون، ته هوءَ مونکي ڀاڪر پائي چوي ٿي. اسين ٻئي بابا جي ڪوٺڙيءَ ڏانهن وڃون ٿيون.

”اهو تنهنجو سياڳ آهي، جو تون سال جي ڊگهي ڏينهن تي ڄائي آهين، پنڪي.“ اسين جڏهن بابا وٽ پهچون ٿيون، ته هو مونکي چوي ٿو. ”تنهنجي جنم ڏينهن تي حڪومت به سج کي سويل لاهي نٿي سگهي.“

هاڻي هو جيل جي اندرئين پَڊر ۾ هڪ اونداهي ڪوٺڙيءَ ۾ رهيل آهي. اُن اندرئين پڊر ۾ هر پاسي فوجي تنبوءَ ڏسجن ٿا. اُن جي ڪُلف لڳل دروازي تي فوجي پهريدار بيٺل آهن. ديواني مقدمي تان واهه جي ننولي ڪئي وئي آهي! اها فوجي ڪاروائي آهي. اسين فوج جي ٻاهرين چوٺڪي ۾ آهيون.

هُن جي اها اونداهيءَ ۾ پوسل ڪوٺڙي رُڳو ڇهه فٽ ويڪري ۽ نَو فٽ ڊگهي آهي. ڪوٺڙيءَ جي دروازي تي ڄاريءَ جو اهڙو به پڙدو لڳل ڪونهي، جهڙو سندس پهريدار جي ڪوٺڙين جي دروازن تي لڳل آهي. اندر ڏاڍي گهُٽ آهي، جنهن ۾ مَکيون ۽ مَڇر جام آهن. ڇت ۾ هڪ سُتل چمڙو ڇهتيل آهي. جڏهن ته ڦِڪيون بي رنگ ڇڇيون ديوارن تي پيون هلن.

اسين هن جي خالي لوهي کٽ ڏانهن ڏسون ٿيون. ”هنن اوهان کي اهو گاديلو ڪونه ڏنو، جيڪو به هفتا اڳ مون موڪليو هو.“ امان هن کان پڇي ٿي. ”نه.“ هو جواب ڏئي ٿو. جيل جي واڻ واري کٽ تي سُمهڻ سبب بابا جي پُٺن تي نشان ۽ ڦِٽا تي پيا آهن. هن تي بخار ۽ زڪام جا به سخت حملا ٿي چڪا هئا ۽ اوٻاريل پاڻي نه پيئڻ سبب هن کي پيٽ جي سخت تڪليف ٿي پئي هئي. هن مختلف وقتن تي رَت جون الٽيون ڪيون هيون ۽ نَڪ مان به رَت آيو هو. ويساهه ئي نٿو اچي ته ان هوندي به هو سُرهو لڳي ٿو. هُو جيتوڻيڪ ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهي، پر پوءِ به هو مونکي سدائين سُرهو لڳي ٿو. شايد مون هن کي ڪنهن ٻيءَ حالت ۾ ڏسڻ ڪونه ٿي گهريو.

”آئون چاهيان ٿو، ته تون عيد تي لاڙڪاڻي وڃ ۽ پنهنجن بزرگن جي مزارن تي وڃي دعائون گُهر.“ هو چوي ٿو.

”پر بابا، پوءِ مون کي اوهان سان ايندڙ ملاقات گُسائڻي پوندي.“ آئون احتجاج ڪريان ٿي.

”تنهنجي ماءُ اجا تائين نظربند آهي. توکان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونهي، جيڪو اتي وڃي.“ هو وري چوي ٿو.

آئون ڏاڍي مشڪل سان اهو مڃان ٿي. عيد ڏينهن آئون ڪڏهن به پنهنجي خانداني قبرستان تي نه وئي هيس ۽ نه وري اُن ويجهو نئين ديري ڳوٺ واري گهر ۾ عيد تي روايتي ملاقات لاءِ ايندڙ ڳوناڻن ۽ مائٽن سان ملي هيس. اهو ڪم سدائين مردن حوالي هوندو هو. جيڪڏهن رمضان جي آخر ۾ اسڪول ۾ موڪل هوندي هئي ته منهنجا پائر بابا سان گڏ اتي ويندا هئا. مون پاڻ ۾ اڪيلائيءَ جي ڏکٽي پائي ۽ اميد ڪئي ته بابا کي جلد ئي آزاد ڪيو ويندو.

”لعل شهباز قلندر جي روضي تي به وڃي دعا گهر.“ بابا مون تي زور رکي چوي ٿو. ”آئون گذريل عيد تي ڪونه وڃيس سگهيس.“ لعل شهباز قلندر اسان جو ناميارو ولي آهي. ننڍي هوندي جڏهن بابا سخت بيمار ٿي پيو هو ۽ هن جي بچڻ جي ڪابه اميد نه هئي، تڏهن منهنجي ڏاڏي اُن جي روضي تي وڃي دعا گهري هئي. ڇا الله ان ساڳئي شخص لاءِ هن جي ڌيءَ جي دعا قبول ڪندو؟

اُهو قيمتي ڪلاڪ جو عرصو اسين پَڌر ۾ هڪ ٻئي ويجهو ٿي ويهون ٿا ۽ جيڪي ٿي جيلر اسان جي نظربنديءَ لاءِ مقرر ڪيل آهن، سي اسان جون ڳالهيون ڪونه ٿا ٻُڌي سگهن. پر هن ڀيري اهي همدردي ڏيکارين ٿا ۽ اسان مٿان ڳاهٽ ڪونه ٿا ٿين.

”تنهنجي چمار هاٿي پنجويهه ورهيه آهي.“ بابا چرچو ڪري ٿو. ”۽ تون اُن عهدي لاءِ بيهي سگهي ٿين، پر ضياءَ هاٿي ڪڏهن به چونڊون ڪونه ڪرائيندو.“

”بابا،“ آئون چوان ٿي.

اسين ٺهڪ ڏيون ٿا. اسين ڪيئن ٿا ٺهڪ ڏيون؟ جيل ۾ ڪنهن هنڌ جلاد جي ڦاهي پئي لَڙڪي، جنهن جو ڀاڇولو اسان جي حياتين تي پيو پوي. بابا ٻڌائي ٿو ته فوج هر ممڪن ڪوشش پئي ڪري، ته آئون يَڄي پُري پوان. روز رات جو فوجي هن جي ڪوٺڙيءَ جي ڇت تي چڙهي وڃن ٿا ۽ پنهنجن ڳرن بُوٽن سان ڌم ڌم ڪن ٿا. بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن بنگلاديش جي گهرو ويڙهه ۾ فوجين مجيب الرحمان سان قيد ۾ ڪيو هو. هنن کي اميد آهي ته، قيدي ڪاوڙ ۾ اچي پهريدارن کي گاريون ڏيندو، ۽ اُن بهاني جو وجهه وٺي، فوج جو ڪو مٿي ڦِريل سپاهي جوش ۾ اچي هن کي گولي هڻي ماري ڇڏيندو. پر بابا هنن جو اُهي اٽڪلون چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ۽ مٿن ڪاوڙجڻ بدران انهن کي پنهنجي قانوني بچاءُ ۾ شامل ڪري ٿو.

آئون فليش مئن هوٽل ۾ موٽي آيس. منهنجي پنيان فوج جي ٻن يا ٽن ڄاتل سُڃاتل گاڏين جو قافلو هو، جيڪو ڪنهن وقت ستن، اٺن ۽ ڪڏهن ته ڏهن مختلف گاڏين جو قافلو ٿي پوندو هو. آئون جيئن رستي تان ٿي لنگهيس، ته ماڻهو اُن قافلي کي چتائي ڏسڻ لڳا. ڪن همدردي وچان ٿي ڏنو، ته ٻين وري پنهنجيون نظرون جهُڪائي ٿي ڇڏيون، ڇڻ جيڪي ٿيو پئي، تنهن تي ڪين ڪو ويساهه ئي نه هجي.

سڄي شهر کي، سڄي ملڪ کي عجب جهڙي ماٺ وڪوڙي وئي هئي. سموري قوم تي سَڪتو هو. چيو پئي ويو ته هڪ لک ڪان به مٿي گرفتاريون ٿيون هيون. ”ضياءَ ڪڏهن به وزيراعظم کي سزا ڪونه ڏيندو. اهو ناممڪن آهي.“ ماڻهو هڪ ٻئي کي چوندا هئا. هنن جي گفتگوءَ جو اهوئي موضوع هوندو هو: بابا جو مقدمو، هن جي موت جي سزا، سپريم ڪورٽ ۾ هن جي اپيل.

بابا جي ناراضپي هوندي به اسان راولپنڊي ۾ سپريم ڪورٽ کي اپيل ڪئي هئي. ”آئون پنهنجي زال ۽ ڌيءَ جي راين کي مانُ ڏيڻ لاءِ مجبور آهيان. اُن جو اهو سبب نه

آهي، تہ منهنجو ساڻن رشتو آهي، پر هڪ وڏي مقصد خاطر.“ بابا سپريم ڪورٽ ۾ هن جي وڪيلن جي اڳواڻ ۽ پاڪستان جي اڳوڻي اٽارني جنرل مسٽر يحييٰ بختاور کي لکيو هو. ”هنن ٻنهي ڄڻين جوڪائتي وقت ۾ شاندار همت ۽ بيمثال بهادري ڏيکاري آهي. هنن کي منهنجي فيصلي تي ذاتي اظهار جو سياسي حق آهي.“

عدالت مقدمي جي شنوائي مئي کان شروع ڪئي. جيتوڻيڪ ٻين مقدمن ۾ ڏوهارين کي اجازت هئي، تہ اهي هڪ مهيني اندر سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪن؛ پر بابا کي رڳو هڪ هفتي جو وقت ڏنو ويو هو. بابا جا وڪيل فليش مئن هوٽل ۾ رهيل هئا، جتي اسان هڪ دفتر ٺاهيو هو، تہ جيئن اپيل جي آسانيءَ سان پوئواري ڪري سگهجي. ڊاڪٽر نيازيءَ جي اٽساميل ڌيءَ ياسيمن نيازي بہ ان ڪم ۾ شريڪ ٿي ۽ منهنجي مدد ڪرڻ لڳي. ساڳيءَ ريت امينا پراچا وري اسان جي وڪيلن طرفان پرڏيهي اخبارن سان رابطو جوڙڻ جو ڪم ڪنيو. ڳڏوگڏ آڪسفورڊ يونين جي صدر ٿي هئي، پڻ منهنجي مدد لاءِ پاڪستان آئي هئي.

ڪجھ ڏينهن تي آئون پاڻ کي زبردستي صبح سوير اٿاريندي هيس. ٽڪڙ ڪر. اُٿ. ڪپڙا مٿائي تيار ٿيءُ. وڌيڪ تهمتون، وڌيڪ رد. ڪجھ پارٽي ڪارڪنن سان مل. راولپنڊي ۾ موجود صحافين کي انٽرويو ڏي. حڪومت جي اخبارن تہ رڳو بابا تي لڳل تهمتن ۽ الزامن جون خبرون پئي ڏنيون. سچيءَ ڳالھ جي پڌرائيءَ لاءِ اسان جي اميد رڳو دنيا جي اخبارن ۽ لاهور مان نڪرندڙ اخبار ’مساوات‘ تي هئي، جيڪا اجا تائين ڇپي پئي. جيتوڻيڪ ڪراچيءَ مان ان جي نڪرڻ تي بندش هئي. ’گارجين‘ اخبار جو صحافي پيٽر نيزوئينڊ ۽ ’ڊيلي ٽيليگراف‘ اخبار جو عيوضي بروس لوڊن ڄاتل سڃاتل چهرا ٿي لڳا.

حڪومت پنهنجن الزامن جي ’اڇي چٺي‘ جو پهريون ڀاڱو جولاءِ جي پڇاڙيءَ ۾ ڇپي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ مارچ 1977ع جي عام چونڊن جي انتظام تي تنقيد هئي. اسان فليش مئن هوٽل ۾ سخت محنت ڪري انهن ڪُوڙن الزامن جو بابا طرفان موڪليل جواب تيار ڪيو، جيڪو هن جي خواهش مطابق سُپريم ڪورٽ ۾ سندس بچاءَ ۾ ڏيڻو هو. روزانو وڪٽوريا ۽ آئون هٿ سان لکيل انهن صفحن کي اٿاريندين هيونسين، جيڪي وڪيل اسان کي راولپنڊي سينٽرل جيل مان آڻي ڏيندا هئا. ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکيل بابا جا هٿ اکر پڙهڻ ۾ ڏاڍا ڏکيا ۽ مُنجهيل لڳندا هئا. هن موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ آگسٽ جي سخت گرمين ۾ رمضان جا روزا رکيا هئا ۽ ان حالت ۾ انهن صفحن لکڻ ۾ ڪيس سخت ڏکيائي ٿي هوندي. اسان جا ٽائيپ ڪيل صفحا وڪيل وري بابا ڏانهن کڻي ويندا هئا، جيڪو انهن تي نظرثاني ڪري، اسان ڏانهن ٻيهر ٽائيپ لاءِ موڪليندو هو. اسان هن جي اهو مڪمل جواب، جنهن جو ڳجهو نالو اسان ”ريگي“ رکيو هو، لاهور جي هڪ ڳجهي پريس ۾ ڏياري موڪليو.

پر سُپريم ڪورٽ ۾ اُھو دستاويز ڏيڻ کان اڳ ان جون ڇپيل ڪاپيون ضبط ڪيون ويون. اُھو دستاويز سپريم ڪورٽ لاءِ ٻيھر ناھڻ ۽ پرڏيھي اخبارن جي صحافين ۾ ورھائڻ لاءِ، پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جا ڪارڪن ان جي ٽن سئو صفحن جون فوٽو ڪاپيون ناھڻ لاءِ، سڄي رات اُتي ترسي پيا ھئا، جنھن ھنڌ فوٽو ڪڍڻ جي مشين ھئي ۽ اھي ماڻھو، جن مدد ڪئي ھئي، اھا جاءِ ۽ ھنن جي سڃاڻپ ڪي بلڪل ڳجھو رکيو ويو ھو.
فليش مئن چؤڌاري گھيرو تنگ ٿي ويو ھو. ھڪڙيءَ رات ھوٽل جي اڱياڙيءَ ۾ پوليس جو ڊنبلو اچي ڳڏ ٿيو. ھنن اسان جي ھڪ مددگار کي گرفتار ڪري ڪيس ھڪدم فوجي عدالت ۾ سزا ڏئي ڇڏي. اسان لاڳيتي دٻُ ھيٺ ڪم پئي ڪيو ۽ اسان کي ڪابہ ڄاڻ نہ ھئي تہ آئيندي ڇا ٿيندو.
نيٺ اھو جواب جڏھن سپريم ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو، تڏھن چيف جسٽس ان جي ڇپائيءَ تي بندش وجھي ڇڏي. ان وقت تائين ان جا ڪيترائي نقل ٻاھرين ملڪن ۾ پھچي ويا ھئا. اھو جواب پوءِ ڪتابي صورت ۾ ”جيڪڏھن مونکي قتل ڪيو ويو.“ جي عنوان سان ھندستان مان ڇپيو ۽ ھٿوھٿ وڪامڻ لڳو.
ايتري ۾ ڪيترئي ڀيرا افواھ ٻُڌڻ ۾ آيا، تہ سپريم ڪورٽ ڪنھن بہ وقت پنھنجو فيصلو ڏئي سگھي ٿي. شنوائيءَ جي شروع ۾ ئي چيف جسٽس انوارالحق اعلان ڪيو ھو، تہ اپيل جي شنوائي جلد پوري ڪئي ويندي، جنھنڪري بابا جي وڪيلن کي وڏيون اميدون ھيون. بينچ ۾ جيڪي نَو جج شامل ھئا، تن مان پنجن ججن اھڙا سوال پئي پڇيا ۽ شاھدن جي بيانن جي ايئن ٻيھر ڇڪاس پئي ڪئي، جن مان لڳو ٿي، تہ لاھور جي فيصلي کي رد ڪيو ويندو. پر اوچتو جون مھيني ۾ انوارالحق عدالت جي ڪارروائي ملتوي ڪري، ھڪ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ جڪارتا روانو ٿي ويو.
اسان سمجھيو تہ اپيل کي انڪري ديگھہ ڏني پئي وڃي ۽ ملتوي ڪئي پئي وڃي، تہ جيئن اھو جج، جيڪو بيڏوھيءَ جي حق ۾ ڏسڻ ۾ ٿي آيو ۽ سينيئر ججن ۾ جنھن کي قتل جي مقدمن جو گھڻو تجربو ھو، جولاءِ مھيني جي پڇاڙيءَ ۾ پنھنجي عھدي تان رٽائر ٿئي. اسان جي التجا ڪانپوءِ بہ چيف جسٽس انوارالحق ھن کي شنوائي مڪمل ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ھئي. ھڪ ٻئي آزاد خيال جج کي سيپٽمبر ۾ زوري سندس عھدي تان لاٿو ويو ھو، جو ھن جي اک پنيان رَت جي وھڪري سبب عارضي طرح ھن جي مٿي ۾ سُور ٿيندو ھو ۽ ڪمزوري ٿي پئي ھئس. ھن پنھنجي تندرست ٿيڻ تائين عدالت کي ملتوي رکڻ جي پڻ درخواست ڪئي، جيڪا رد ڪئي وئي. اُن سبب توازن اسان خلاف ٿي پيو ھو: ٽن جي ڀيٽ ۾ چار جج ھئا.
سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس بہ لاھور ھاءِ ڪورٽ ۾ پنھنجي ھم منصب جھڙو ئي ساڙيلو ھو. لاھور ھاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جيان، جنھن سان سندس گھاٽي دوستي

هئي، انوارالحق به هندستان ۾ ضياءَ جي اباڻي شهر جالنڌر جو رهاڪو هو. هڪ پيرو وري به عدليا ۽ انتظاميا وچ ۾ عليحدگي جو ڪو عذر ڪونه هو. جڏهن سيپٽمبر 1978ع ۾ ضياءَ حج لاءِ مڪي شريف ويو هو، ته انوارالحق قسم کڻي قائم مقام صدر ٿيو هو. چيف جسٽس جي چئمبر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي دفتر وچ ۾ ته سنئون سِڌو ٽيليفون به هو.

ڪيترا ورهيه پوءِ جڏهن آئون ملڪ بدر هيس، تڏهن مونکي سُپريم ڪورٽ جي هڪ جسٽس صفدر شاهه سان ڳالهين مان ڄاڻ پئي هئي، ته انوارالحق ڪيترو نه ساڙيلو هوندو هو. اپيل هلندي انوارالحق، جسٽس شاهه کي هڪ پاسي سڏي چيو هو، "اسين ڄاڻون ٿا ته ڀٽو بيگناهه آهي، پر جيڪڏهن پاڪستان کي بچائڻو آهي ته هن کي مارڻ ضروري آهي." صفدر شاهه، بابا جي باعزت آزاديءَ جي راءِ ڏني هئي، پر انوارالحق ۽ حڪومت هُن تي سختيون ڪيون ۽ ڪيس جلاوطنيءَ تي مجبور ڪيو. پوءِ به سپريم ڪورٽ ۾ مقدمي هلندي، ضياءَ ۽ انوارالحق ٻئي اها دعويٰ ڪندا رهيا، ته بابا جي اپيل آزاد عدالت جي ويچار هيٺ آهي. "اسين شاهدين جو ڪليل ذهن سان اپياس پيا ڪريون." انوارالحق اصرار ڪيو.

اسين ڇا ٿي ڪري سگهياسين؟ عدالتن، فوج، اخبارن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي حڪومت جو ضابطو هو. بابا جي نيڪناميءَ کي نقصان رسائڻ لاءِ حڪومت تُهمتن ۽ الزامن جا اچا ڇِنا ڇئن ٻولين بابا جي فريادي احمد رضا قصوري يورپ ۽ آمريڪا جا سئر پئي ڪيا، جتي هو مهانگن هوٽلن ۾ پئي رهيو ۽ پريس ڪانفرنسون ڪري هن پئي چيو، ته پاڪستان ۾ بابا تي انصاف سان مقدمو پيو هلي. قصوري اتي اها به دعويٰ ڪئي هئي، ته سفر جو سمورو خرچ آئون پاڻ پيو ڀريان، پر ضياءَ جي مارشل لا قاعدن هيٺ هن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هر هڪ رڪن، جائداد جا جيڪي تفصيل ڏنا هئا، انهن مان اُن دعويٰ جي تصديق نه ٿي هئي. هن کي اهي پئسا جيڪڏهن حڪومت نه ڏنا هئا، ته پوءِ هن وٽ اُهي ڪٿان آيا هئا؟

"منهنجي مرضي آهي ته تون وچي سرحد جو گشت ڪر،" بابا مونکي سيپٽمبر ۾ چيو هو. "اسان کي عوام جا حوصلا وڌائڻ گهرجن. تون منهنجي مائُو ٽوپي پاڻ سان کڻي وڃ. اها ٽوپي 70 ڪلفٽن ۾ منهنجي لباس واري ڪمري ۾ رکي آهي. تون تقرير وقت اها پنهنجي مٿي تي پائجانءِ، پوءِ مٿي تان لاهي اها فرش تي رکجانءِ. ماڻهن کي چئجان ته، 'بابا چيو آهي ته منهنجي ٽوپي سدائين عوام جي پيرن ۾ هجي ٿي.'"

مون هن کي تمام ڏيان سان ٻُڌو، پر مونکي هن جي صحت جي ڏاڍي ڳڻتي هئي. مون جڏهن به جيل ۾ هن سان ملاقات ڪئي، ته هن کي اڳي کان به ڪمزور ڏٺو هيم. هن جون مُهارون ڳاڙهيون رَت جهڙيون ٿي ويون هيون ۽ ڪيترن هنڌان ڪاڇي ويون هيون.

هن کي اڪثر بخار رهندو هو. امان ۽ آئون هن لاءِ ڪُڪڙ جي گوشت جا سينڊوچ ڪٽي ويندي هئي ونسين ۽ ڪيس اُهي کائڻ لاءِ منٿس زور پريندي هئي ونسين، پر هو اهي سينڊوچ هڪ پُسيل ڪپڙي ۾ ويڙهي رکندو هو، ته جيئن اُهي نرم ۽ تازا رهن.
سيپٽمبر جي ملاقاتن ۾ بابا ڪاڏي ڏانهن ڏيان ڏيڻ بدران تقريرن جي انهن موضوعن تي وڌيڪ ڌيان ڏئي مونکي هدايتون ڏيندو هو، جيڪي مونکي ڪرڻيون هونديون هيون. ”مارشل لا جي نتيجي ۾ خودمختياريءَ جو سمورو مسئلو اُڀري مٿي ايندو هو.“ هن ٻڌايو. ”عوام کي اها ڳالهه ياد ڏيار، ته مون جمهوريت ذريعي هنن ۾ متحد پاڪستان جو اعتماد بحال ڪيو ۽ رُڳو جمهوريت ئي ملڪ کي متحد رکي سگهندي.“
وجڻ وقت مون هُن جي مُنهن تي ڳٽتي ڏٺي. ”پنڪي، توکي خطري ۾ اماڻيندي مونکي نفرت ٿئي ٿي. جيڪڏهن هنن کي وڌيڪ مايوسي ٿي، ته اهي وري توکي گرفتار ڪندا. آئون ته شروع کان ئي انهن ڳالهين سان وڙهندو پيو اچان. پر پوءِ مونکي انهن هزارين ماڻهن جو به خيال اچي ٿو، جيڪي اسان خاطر ڪَوڙا پيا کائين ۽ عذاب پيا سَهن....“
”بابا.“ مون تيزيءَ مان چيو. ”آئون ڄاڻان ٿي ته هڪ پيءُ هجڻ سبب اوهان کي پنهنجي ڌيءَ جي ڳٽتي آهي. پر اوهين ته منهنجي لاءِ پيءُ کان به وڌيڪ آهيو. اوهان منهنجا سياسي اڳواڻ پڻ آهيو. جيئن اوهان ٻين جا سياسي اڳواڻ آهيو، جيڪي پيڙا ۾ ڦاٿا پيا آهن.“
”پنڪي ڌيان ڪجانءِ.“ هن پنيان وڏي آواز ۾ چيو. ”تون سرحد جي علائقي ۾ پئي وجين. ياد رک ته اهي ڏاڍا پراڻن خيالن جا ماڻهو آهن. تقرير ڪندي ڪنهن وقت تنهنجي مٿي تان رَئو لهي سگهي ٿو. ياد رک، توکي هڪدم رَئو مٿي تي پائڻو پوندو.“
”آئون گهڻو ڌيان رکنديس، بابا.“ مون هن کي خاطري ڏني. ”شل ياڳ ڀلو ٿيئي، پنڪي.“ مون هن کي چوندي ٻُڌو.
سرحد صوبي ۽ قبائلي علائقن ۾، جن جي الهندي طرف افغانستان ۽ اتر ۾ چين جون سرحدون آهن، مون سان گڏ وڪٽوريا به هلي هئي. ياسمين پڻ مون سان گڏ هئي. اها هڪ سامايل ڇوڪريءَ جي همت هئي، جنهن جي پالنا پاڪستاني خاندان جي روايتن مطابق ٿي هئي. هن ڪڏهن به رات جو گهر کان ٻاهر رهڻ جو سوچيو به ڪونه هو. هڪڙي ڀيري گهڻي رات گذرڻ سبب مون هن کي فليش مئن هوٽل ۾ ئي رهي پوڻ لاءِ چيو هو. ان تي هن جي ڏاڏي لاچار ڪيس اجازت ڏني هئي. اها لاچاري حڪومت جي ڊَپُ سبب ڪين هئي، پر انهن روايتن سبب هئي، جن مطابق ڪابه سامايل ڪنواري ڇوڪري پنهنجي گهر کان ٻاهر رات گذاري نٿي سگهي.
پر حڪومت جي ظلم زبردستيءَ سبب ٻين ڪيترن ئي خاندانن جيان نيازي به حڪومت جا سخت مخالف ٿي ويا هئا. پنهنجي سخت نقصان جي هوندي به نيازي خاندان وارن مون تي زور پريو هو، ته هوٽل ۾ رهڻ بدران آئون سندس گهرو ماحول ۾، هنن سان

گڏ گذاريان. منهنجي سبب هنن کي سخت هيسايو ۽ ڌمڪايو ويو هو. ٽئڪس جي سلسلي ۾ سندن جائداد جي ضبطيءَ جا نوٽيس ڪڍيا ويا هئا. هنن جي گهر جي گهٽيءَ ۾ جاسوسي ادارن جون لاريون بيٺيون هونديون هيون، جيڪي بيگم نيازيءَ جي ڪڍ مارڪيٽ تائين ۽ هن جي ٻارن پٺيان اسڪول ويندڙيون هيون. جاسوس ڊاڪٽر نيازي جي مريضن جو پيرو ڪڍندا هئا، جنهنڪري هن وٽ مريضن وڃڻ ڇڏي ڏنو هو.
اسان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مڪاني اڳواڻن سان گڏ مردان جو سفر ڪيو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ گنڌارا ٻوڌي تهذيب جو مرڪز هوندو هو. اسين انگريزن جي ٺاهيل پهاڙي اسٽيشن ايبٽ آباد وياسون، اسين سرحد صوبي جي گاديءَ واري شهر پشاور پهتاسون، جنهن جي ڳيڙُو رنگ جي سِرن وارين ديوارن صدين کان وچ ايشيائي ملڪن مان ايندڙ لشڪرن کان شهر جو بچاءُ ڪيو هو. سرحد صوبي ۾ خودمختيار قبائلي علائقن ۾، جتي پٺاڻن جي اُن سخت دستور جو راڄ آهي، ته هر بيعزتيءَ جو پلاند وٺبو ۽ هر مهمان جي خاطرداري ڪبي. اسين جتي به ترسياسين ٿي، اتي ڪنهن به ڪوشش ڪانسواءِ لفظ منهنجي دل مان يڪدم ڏئي زبان تي ٿي آيا. ”پٺاڻ عزت تي جان ڏيڻ جي قربانيءَ لاءِ مشهور آهن. بابا نه رڳو پنهنجي عزت لاءِ، پر ملڪ جي عزت لاءِ جنگ پيو ڪري.“ مون هجوم کي مخاطب ٿي چيو هو، جن جا مُهانڊا ويجهو ئي خيبر لڪ جي جبلن جهڙا ڪُهرا هئا. اسين سوات وياسون، جتي پريان لوڻ جي ٽڪرين جي چوٽين تان هوا ۾ لوڻ پئي اڏاٽو. علائقائي ٻولي پشتو نه ڄاڻڻ سبب مون اردوءَ ۾ ڳالهايو، پر ان هوندي به پٺاڻن مونکي ٻُڌو. منهنجي اتي ڪابه مخالفت نه ٿي. انهن ايراضين ۾ به نه، جتي قبائلي عورتن جي سختيءَ سان حفاظت ڪئي وڃي ٿي. ملڪ جا ڏک ۽ تڪليفون، منهنجي خاندان ۽ اسان سڀني جون مصيبتون، رنگ ۽ نسل جي هر رڪاوٽ کان مٿي ٿي ويون هيون. ”راشا، بينظير راشا!“ ماڻهن پشتو ٻوليءَ ۾ نعرا هنيا. ”يلي ڪري آئينءَ، يلي ڪري آئينءَ، بينظير يلي ڪري آئينءَ!“
پنجاب جي گشت تي وڃڻ کان اڳ جڏهن آئون ٿوري وقت لاءِ راولپنڊي پهتيس، ته بابا وٽ آيس. ”شاباس“، پنهنجا هَٿ مَهٽيندي هن پنهنجي ڪوٺڙيءَ جي دروازي تي مونکي واڌايون ڏنيون. لاهور ۾ پارٽيءَ جي هڪ عهديدار جي گهر ۾ منهنجي تقرير ٻُڌڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا سوين ڪارڪن اچي گڏ ٿيا هئا. حڪومت جي گهٽين سختين جي هوندي به هنن جي جوش جذبي ۾ ڪا ڪمي ڪين آئي هئي. ”مقدمي ۾ ناانصافي ڪئي وئي آهي. اسين پنهنجي گرفتاري ڏيئي احتجاج ڪنداسين.“ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي وفادارن مونکي چيو. ”موت جي سزا تي عمل کان پهرين ضياءَ کي اسان سڀني کي گرفتار ڪرڻو پوندو.“ سرگوڌا ۾، جتي اڄا تائين وڏن زميندارن جي حاڪميت قائم آهي، عوام جا وڏا ميڙ نڪري آيا. اها شدت وڌندي وئي، ۽ حڪومت ان کي چيڀاڻڻ لاءِ هڪدم اپاءُ ورتا. سرگوڌا مان منهنجي روانگي کان پوءِ پارٽيءَ جي ڪيترن ئي

ڪارڪنن کي جهَليو ويو، جن ۾ منهنجو ميزبان به هو، جنهن جو ڏوهه رُڳو اهو هو، ته هن مونکي پنهنجي گهر ۾ رهڻ جي اجازت ڏني هئي. ان ڏوهه ۾ هن کي هڪ ورهيه جي سخت پورهئي سان سزا ڏني وئي هئي ۽ مٿس هڪ لک روپين جو ڏنڊ وڌو ويو هو.

”حڪومت پريشان ٿي وئي آهي. اسان کي سِڌو ملتان هلڻ نه گهرجي،“ پارٽيءَ جي هڪ ڪارڪن مونکي لاهور ۾ چيو. ”اسان جو سڄو زور ٽُٽي پوندو.“ ٻين اعتراض ڪيو. ”عوام ۾ ڏاڍو جوش آهي، ٿي سگهي ٿو ته اسان کي به جهَليو وڃي. جيڪڏهن اسان ٿوري به دِير ڏني، ته پوءِ مختلف هنڌن تي پهچڻ ۽ وڌيڪ ماڻهن سان ملڻ لاءِ اسين گهٽو وقت وننداسين.“ اهو بحث هلندو رهيو ۽ ٻيءَ راءِ کي مڃيو ويو ۽ آئون ٿوري وقت لاءِ ڪراچي موٽي آيس، ته جيئن حڪومت جي هڪ ٻيءَ تهمت جو جواب ڏئي سگهان.

انهيءَ وچ ۾ جمهوريت لاءِ عوامي راءِ نيون اوچائيون ڇُهڻ لڳي هئي. ڪيترن ئي شهرن ۾ ماڻهن هڪ ٻئي پنيان پاڻ کي ساڙڻ شروع ڪيو هو. هنن پنهنجي اڳواڻ جي تقدير کي ڏسندي، پنهنجي قرباني ڏيڻ جو آخري احتجاج ڪيو. ’مساوات‘ اخبار ۾ هنن جون تصويرون ڏسي مون کان ڇرڪ نڪري ويو هو ۽ مون کي خيال ٿيو، ته آئون انهن مان ٻن سان ملي هيس. انهن مان هڪ عزيز نالي هو، جيڪو مون وٽ فليش مئن هوٽل ۾ به ٿي مهينا اڳ هڪ معمولي گذارش کڻي آيو هو، ته آئون هن سان گڏ فوٽو ڪيرايان. جيتوڻيڪ آئون ڏاڍي ٿڪل هئس، پر مون اها گذارش قبولي هئي. ان ننڍڙي ڪوشش تي آئون پنهنجي ٿورائتي ٿي هيس، جڏهن مون اهو پڙهيو ته هن پاڻ کي جيئري ساڙيو هو.

هڪ ٻيو شخص پرويز يعقوب نالي عيسائي هو، جنهن پاڻ کي سڀ کان پهرين ساڙيو هو. هُو سيپٽمبر 1977ع ۾ بابا جي گرفتاريءَ کان ٿورو پوءِ مون وٽ هڪ مايوس ڪندڙ تجويز کڻي آيو هو. هن هوائي جهاز اغوا ڪري، ان جي مسافرن کي اوستائين يرغمال رکڻ ٿي گهريو، جيستائين حڪومت بابا کي آزاد ڪرڻ تي مجبور ٿئي. ”توکي اها حرڪت هرگز نه ڪرڻ گهرجي،“ مون هن کي چيو هو. ”بيگناهه ماڻهو مري سگهن ٿا. ان سبب توکي وڳوڙ ڪندڙ نڀڳ سمجهيو ويندو. اسان کي پنهنجن اصولن مطابق جنگ ڪرڻ گهرجي ۽ نه هنن جي اصولن مطابق.“ هينئر هن آخري قرباني ڏني هئي، هن لاهور ۾ پاڻ کي ساڙي پنهنجو انت آندو هو.

ماڻهن جو اهو هجوم پرويز جي زندگيءَ کي بچائي پئي سگهيو، جيڪي باهه جي شعلن کي ڏسي هن ڏانهن ڊوڙي ويا هئا. پر مارشل لا اختياري وارن ڪنهن به ماڻهوءَ کي هن جي ويجهو وڃڻ جي اجازت ڪين ڏني هئي. هنن اهو ئي ٿي گهريو ته ماڻهو اها پيڙا ڏسن، ته جيئن ٻيو ڪو به پنهنجي جان نثار وري اهڙو ڪم نه ڪري سگهي. پر اهو

جوش ويتر وڌي ويو ھو. ايندڙ ھفتن ۾ پنھنجي چونڊيل وزيراعظم جي جان بچائڻ لاءِ ٻين پنجن ماڻھن پاڻ ساڙي پنھنجو انت آندو ھو.
”حڪومت چوي ٿي تہ جن ماڻھن پاڻ کي ساڙي ماريو ھو، انھن کي اُن ڪم لاءِ پيپلز پارٽي پئسا ڏنا ھئا،“ ملتان ۾ مونکي جيڪا تقرير ڪرڻي ھئي، تنھن لاءِ مون نوٽ لکيو. ڇا انساني زندگيءَ جي ڪا قيمت بہ ٿي سگھي ٿي؟ نہ. اھي بھادر انسان پنھنجو مثال پاڻ ھئا، جن جمھوريت ۽ شرافت خاطر پنھنجي ھر تڪليف کي وساري ڇڏيو ھو. اسان جو ھنن کي سلام آھي.“ مونکي ان تقرير جو موقعو ئي ڪونہ مليو.
4 آڪٽوبر 1978ع. ملتان ھوائي اڏو.
ڪراچيءَ کان ملتان تائين ۽ اتان پنجاب جي گشت لاءِ ھوائي جھاز جي اڏام ۾ دير مٿان دير پئي ٿئي. ياسمين ۽ آئون ھوائي اڏي تي ستين بجين صبح جو پھچون ٿيون. ٻنپھرن تائين ھوائي جھاز ڪونہ ٿو اڏامي. جھاز جڏھن ملتان پھچي ٿو، تڏھن اسان کي اصل حال جو پتو پوي ٿو. جھاز کي ٽرمينل ۾ بيھارڻ بدران ان کي پري بيھاريو وڃي ٿو ۽ جلدئي ان کي فوجي لارين ۽ جيپون گھيرو ڪري وڃن ٿيون.
”مِس بينظير ڀٽو ڪٿي آھي؟“ سادن ڪپڙن ۾ ٻہ ماڻھو جھاز ۾ اچي پُڇن ٿا.
اسٽيوورڊ مون ڏانھن اشارو ڪري ٿو.
”اسان سان گڏ ھل.“ اُھي چون ٿا.
”ڇو؟“
”سوال نہ پُڇ.“
آئون ۽ ياسمين ڏاڪڻ تان لھي ھيٺ اچون ٿيون، تہ ويجھو ئي ھڪ ننڍو جھاز بيٺو آھي.
”تون سيسنا ۾ چڙھہ.“ عملدار مونکي چون ٿا. ”ھي ھتي ترسندي.“
آئون ياسمين ڏانھن ڏسان ٿي. ھن جون اکيون ٻاھر نڪري آيون آھن. ھوءَ سامايل ڇوڪري اُن ڌارئي شھر ۾ بلڪل اڪيلي آھي. الائي ھن سان ڪھڙي ويڌن ٿئي. ”ڪُتا!“ بنيادپرستن ۽ مارشل لا اختياري وارن سڄي پاڪستان ۾ انھن عورتن پنيان ٻاھ ٻاري ڏني آھي، جن پھريون ڀيرو پنھنجا گھر گھاٽ ڇڏي، بابا جي گرفتاري، امان جي گرفتاريءَ ۽ پنھنجن مُڙسن، پٽن ۽ ڌيئرن جي گرفتارين خلاف مظاھرا ڪيا آھن. ياسمين کي بہ منھنجي ڳڻتي آھي.
”آئون ھن ڪانسواءِ ڪونہ ھلنديس،“ آئون پوليس کي چوان ٿي.
”ھوائي جھاز ۾ چڙھہ،“ اُھي چون ٿا. ھنن جون اکيون ڦِري وڃن ٿيون.
”نہ، آئون ڪونہ چڙھنديس،“ آئون ياسمين جو ھٿ مضبوط جھليندي چوان ٿي. اُھي مون ڏانھن وڌي اچن ٿا ۽ مونکي ٻانھن کان وٺي ان رستي تي گھِلڻ شروع ڪن ٿا. ”مونکي

نہ ڇڏ، ياسمين!" هوءَ جيئن ئي مون سان ڇنبڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، تہ آئون هن کي رَڙ ڪري چوان ٿي.
جنهن جهاز مان اسان کي لاٿو ويو آهي، تنهن جا مسافر ڊپُ ۽ اچرج وچان اسان کي ڏسن ٿا. ياسمين ۽ مونکي سيمينٽ جي فرش تي گهِليندا پيا وڃن. منهنجي شلوار ڦاٽي پوي ٿي. منهنجين ٽنگن تي رَهڙون اچن ٿيون ۽ منجهانئن رَت وهي ٿو. ياسمين دانهون پئي ڪري، پر اسين هڪ ٻئي کي ڪونہ ٿيون ڇڏيون.
سيسنا جهاز جي ڏاڪڻ وٽ پوليس جي ٻطرفن ريڊبين ۾ ڪڙڪڙ ٿئي ٿي.
سدائين جيان هينئر بہ هنن جي سمجهہ ۾ ڪي بہ نٿو اچي ۽ اهي هدايتون وٺڻ لاءِ ڳالهائين پيا. پوليس وارا انهن ڳالهين ۾ ئي رُڌل آهن، تہ آئون ۽ ياسمين ٽن مسافرن جي ويهڻ واري ننڍڙي جهاز ۾ ڏاڪڻ چڙهي اندر وڃون ٿيون. جهاز جو ڪپتان پوليس کي چوي ٿو، تہ جيڪڏهن جهاز جلدي نہ اڏاڻو، تہ پوءِ هيٺ لاهڻ وقت اوندهہ ٿي ويندي. جهاز ڪٿي لهندو؟ اسان کي ڪابہ ڄاڻ ڪانهي. ڪپتان جو اهو نياپو جڏهن ريڊيي ذريعي ڪور ڪمانڊر ملتان کي ملي ٿو، تہ هو سخت ڪاوڙجي پوي ٿو. هو پوليس کي هدايتون ڏئي ٿو تہ اسان کي وٺي وڃن. پر جهاز اجا تائين رَن وي تي بيٺو آهي.
"صبح جو ستين بجي کان مون ڪا شيءِ نہ کاڌي آهي، ۽ نہ پاڻي پيتو آهي،" جهاز جو ڪپتان آهستي پوليس وارن کي چوي ٿو. جلدئي پوليس هن لاءِ لنچ باڪس ڪٺي اچي ٿي. جهاز جي اڏامڻ کان پوءِ هو اسان ڏانهن ڏسي ٿو- هن اهو ٻڌو هو تہ مون جڏهن پاڻي گهريو، تہ ڪور ڪمانڊر پاڻي ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو- ۽ اهو کاڌو اسان کي ڏئي ٿو. "مون کاڌو آهي. هيءُ مون اوهان لاءِ ورتو آهي." هو چوي ٿو.
پنجن ڪلاڪن کان پوءِ اسين راولپنڊي پهچون ٿا. آئون ڏسان ٿي تہ اهو پنڊيءَ جو شهر آهي، چوتہ ان پوليس واري کي سڃاڻي ونان ٿي، جيڪون مونکي جهاز مان وٺڻ لاءِ اچي ٿو. نيٺ ياسمين پنهنجي گهر پهچي وئي آهي. آئون جيئن جهاز جي دروازي ڏانهن وڌڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي، تہ جهاز جو ڪپتان مون ڏانهن ڏسي ٿو. هن جي سباجهي مُنهن تي اجا تائين مونکي ڳٽيءَ جا اُهڃاڻ پيا ڏسجن. هن جي اکين مان ڳوڙها ڪِري پيا هئا. آئون سنڌي آهيان،" هن چيو. بس، اهو ڪافي هو.
آئون جڏهن اُن گهر ۾ پهتيس جتي امان کي نظربند رهندي ڏهون مهينو ٿيو هو، تہ مونکي ڏسي هن کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ هوءَ اچرج ۾ ونجي وئي هئي. هن سمجهيو هو تہ آئون هُن سان ملاقات لاءِ آئي آهيان، پر سندس اکيون ان وقت ڦاٽي پيون، جڏهن هن منهنجا ڪپڙا ڦاٽل ۽ منهنجيون رَت هاڻيون ٽنگيون ڏٺيون. "اڙي هاڻي مون سمجهيو،" اهو چوندي هن جو آواز جهڪو ٿيندو ويو. اسان ٻنهي کي وري نظربند ڪيو ويو.

مون مير کي خط لکيو، جيڪو آمريڪا ويل هو، ته جيئن گڏيل قومن جي اداري کي اپيل ڪري، ته اُهي حڪومت تي وڏيڪ زور آڻين. بابا مونکي چيو آهي ته توکي ڪي خاص ڳالهيون ٻڌايان. هن 'هدايت' ڪئي آهي ۽ نه تنقيد. هن جو چوڻ آهي ته:
"تنهنجو خاندان آهي ۽ اُن جون روايتون آهن. هتي اخبارن ۾ خبر ڇپي آهي، ته تون لنڊن ۾ عيش واري زندگي پيو گهارين، پر بابا اُن خبر کي صحيح نٿو سمجهي. پوءِ به هن مونکي چيو آهي ته آئون توکي خبردار ڪريان، ته تون پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ گهڻي دوراندیشيءَ کان ڪم وٺ. فلمون نه ڏس، نه فضول خرچي ڪر. ٻيءَ صورت ۾ ماڻهو چوندا، ته تنهنجو پيءُ موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ پيو ڳري سڙي ۽ تون وري مزا پيو ماڻين.
"هندستان ۽ اسرائيل جي اخبارن وغيره کي انٽرويو نه ڏئي ۽ انهن ويجهو بلڪل نه وڃ. هندستاني اخبارن کي تنهنجي ڏنل هڪ انٽرويو هتي غلط فهمي پيدا ڪئي آهي. وغيره وغيره."
مير کي اهڙا هدايتن وارا خط لکڻ تي منهنجيءَ دل هام نه پري. مونکي هن جي ڪوشش جي ڄاڻ هئي. هن منهنجي ننڍڙي ڪار وڪڻي، ان جي پئسن مان بابا جو اهو بيان ڇپايو هو، جنهن ۾ هن حڪومت جي الزامن جو جواب ڏنو هو. هن اتي حڪومت جي ٻاهرين ملڪن وارين وزارت جي هر ميمبر سان ملاقات ڪئي هئي ۽ بابا جي موت جي سزا خلاف انگلينڊ ۾ رهندڙ پاڪستانين جي احتجاجي مظاهرن جي اڳواڻي ڪئي هئي. منهنجي گهڻي خواهش هئي، ته اسين گڏجي اها جنگ وڙهون، پر اهڙي ڪابه راه نظر نه ٿي آئي، ته مير يا شاه، جن ٻنهي پنهنجي تعليم ڇڏي، اتي جنگ شروع ڪئي هئي، اهي پاڪستان ۾ اچن ۽ گرفتار نه ٿين. اسان سيني کي اڪيلي سِر جنگ ڪرڻي هئي.
18 ڊسمبر 1978ع. سپريم ڪورٽ راولپنڊي.
عدالت جو ڪمرو اُنهن ماڻهن سان سَٽجي ويو هو، جيڪي پنهنجي وزيراعظم جي رُڳو جهلڪ ڏسڻ لاءِ اُتاولا هئا. هڪ ڊگهي عدالتي جنگ کان پوءِ بابا جي وڪيلن نيٺ هن کي اها اجازت وٺي ڏني هئي، ته هو پاڻ سپريم ڪورٽ ۾ حاضر ٿي، پنهنجي بچاءُ ۾ بيان ڏي. عدالت جي ڪمري ۾ رُڳو هڪ سؤ ماڻهن جي ويهڻ لاءِ جاءِ هئي، پر چار ڏينهن هن جي تقرير ٻُڌڻ لاءِ اتي ٽي کان چار سؤ تائين ماڻهو هڪٻئي مٿان ڳاهٽ ٿيو وينا هئا. ٻيا هزارين ماڻهو جن کي اندر اچڻ ڪونه ڏنو ويو هو، ٻاهر بيٺا هئا. هنن رڳو بابا کي نائين بجين پوليس جي لاريءَ ۾ ايندي ۽ ٻنپهرن جو واپس قيدخاني ڏانهن ويندي ڏٺو.
منهنجي ڏاڍي خواهش هئي ته آئون به اتي هجان ها، پر آئون نظربند هيس ۽ عدالت ۾ وڃڻ لاءِ منهنجي درخواست رد ڪئي وئي هئي. البت هڪ ورهيه جي نظربنديءَ کان پوءِ

عدالت نومبر ۾ امان کي آزاد ڪيو هو، جنهنڪري هوءَ عدالت ۾ وڃي سگهي هئي. بابا جي خدمتگار عرس پڻ عدالت جو اجازتنامو ورتو هو. اهڙيءَ ريت بيگم نيازي، ياسمين، وڪٽورريا ۽ امينا کي به اجازت ملي هئي. بابا جي ان سخت آزمائش بابت پوءِ وڪٽوريا هڪ ڪتاب "Bhutto, trial and Execution" جي عنوان سان لکيو هو. اهو عنوان ”عدالتي قتل“ ٿيڻ کپندو هو.

امان مونکي ٻڌايو ته بابا جي تقرير ڏاڍي شاندار ۽ وقتائي هئي. عدالت هن کي جيڪي چار ڏينهن ڏنا هئا، انهن ۾ هن قتل جي مقدمي ۾ پنهنجي شرڪت خلاف الزامن، لاهور جي قانوني ڪارروائيءَ ۾ بيقاعدگين ۽ شاهدين جي اختلافن ۽ رڳو نالي ماتر مسلمان هئڻ سميت چوندن ۾ پاڻُ ڏانڊليون ڪرائڻ جي ٿُهمتن کي سختيءَ سان رد ڪيو هو. ”آئون هر اُن ويچار ۽ سوچ جي ذميدار ڪونه آهيان، جيڪا اسان جي سرسبز سنڌ ماٿريءَ جي عملدار ۽ غير عملدار جي ذهني پيداوار آهي.“ هن چيو. اڳواٽ تياريءَ ڪانسواءِ اتي جو اتي ڳالهائيندي هڪ ڀيرو وري بابا پنهنجي ذهانت ۽ فصاحت جي جادوءَ ۾ اتي موجود ماڻهن کي جَڪڙي ڇڏيو هو.

”هر ساهواري کي هڪ ڏينهن هيءُ جهان ڇڏي وڃڻو آهي. مونکي ڊگهي زندگيءَ جي چاهنا نه آهي، پر مونکي انصاف گهرجي.“ هن چيو. ”... سوال اهو ڪونهي ته مونکي پنهنجي بيگناهي ثابت ڪرڻي آهي، پر سوال اهو آهي ته فريادي‌ءَ کي اهو مقدمو ايئن ثابت ڪرڻو آهي، جنهن ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش باقي نه رهي. آئون پنهنجي بيگناهي ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ ثابت ڪرڻ نٿو گهران. اها آئون عظيم سوچ لاءِ ثابت ڪرڻ گهران ٿو، ته اها ڪِل جهڙي ناانصافي ڪئي وئي آهي. اهڙي ناانصافيءَ جو ڪو مثال ئي ڪونهي.“

بابا کي جن حالتن هيٺ رکيو ويو هو، تن کي ڌيان ۾ رکي ڏٺو وڃي، ته هن پنهنجو بيانَ شاندار نموني ڏنو هو. فوج هن کي راتين جون راتيون ننڊ ڪرڻ نه ڏني هئي. هن ڇهن مهينن کان به وڌيڪ عرصي تائين اُس جو ذرو به نه ڏٺو هو ۽ پنهنجي موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ پنجويهه ڏينهن تازي پاڻي ڪانسواءِ گذاريا هئا. هن جو رنگ هيڊ جهڙو ٿي ويو هو ۽ هو ڏاڍو ڪمزور هو. امان مونکي ٻڌايو ته ان هوندي به جيئن هو تقرير ڪندو پئي ويو، تيئن تيئن هن ۾ سگهه ايندي پئي وئي. ”آئون مٽي ۾ توري ڦيري پائيان ٿو.“ هن عدالت ۾ اهو مڃيو. ”مون ۾ ٻين ماڻهن جهڙي ڦُڙتي ڪانهي.“ هن ماڻهن سان ڀريل ڪمري ۾ چوڌاري نهاريو. ”ها، ماڻهن کي ڏسي سرهائي ٿي آهي،“ هن مُرڪندي چيو.

هو جڏهن به عدالت ۾ آيو ٿي يا اتان ٻاهر ٿي ويو، ته اتي ماڻهو ادب وچان اُٿي ٿي بيٺا ۽ هن سدائين جيان عوام اڳيان وڃڻ وقت سُٺو لباس پائڻ ۽ پاڪستان جي شاندار وزيراعظم طور وڃڻ تي زور رکيو هو. اُن موقعي تي هن جنهن لباس جي درخواست

ڪئي هئي، اهو 70 ڪلفٽن مان عرس ڪٽي آيو هو ۽ جڏهن ڀهرئين ڏينهن عدالت ۾ آيو هو، تہ هو مڪمل سُوٽ ۽ ريشمي قميص ۾ هو ۽ ڪيس ريشمي ٽاءِ ۽ ڍل هئي ۽ ڪوٽ جي ڪيسي ۾ رنگين رومال هو. البت هن جي ڍري پتلون مان خبر پئي ٿي، تہ هو جسم ۾ ڪيترو نہ لٽل هو.

اختياري وارن ڀهرين هن کي عدالت جي ڪمري ۾ وچ واري رستي تان اچڻ جي اجازت ڏني هئي، پر جڏهن هنن ڏنو تہ ماڻهو کهڙي نہ چاهہ مان هن سان هٿ ملائين ٿا. ۽ هڪ سال کان وڏيڪ عرصي گذرندي بہ اُن آڌرڀاءُ جو هن کيئن نہ مُرکي ۽ ماڻهن جا هٿ چُهي جواب ٿي ڏنو، تڏهن ڀهريدارن هن کي پنهنجي گهيري ۾ رکيو. آخري ٽن ڏينهن ۾ هو انهن ڇهن ڀهريدارن جي سخت گهيري ۾ ايندو هو، جن جا هٿ هڪٻئي سان مضبوط جهليل هوندا هئا.

23 ڊسمبر تي اها اپيل مڪمل ٿي هئي. امان ۽ مون پاڪستان جي باني محمد علي جناح جي جنم ڏينهن 25 ڊسمبر تي هن سان ملاقات جي درخواست ڪئي هئي، جيڪا رد ڪئي وئي. اسان کي نئين سال جي ڀهرئين ڏينهن يا پنج ڏينهن پوءِ هن جي جم واري ڏينهن تي بہ هن سان ملڻ ڪونہ ڏنو ويو هو.

6 فيبروري 1979ع تي سپريم ڪورٽ جي فتويٰ اچي وئي. ٽن جي پيٽ ۾ چئن ووٽن سان موت جي سزا کي قائم رکيو ويو هو.

اُن فيصلي جي اعلان کان هڪدم پوءِ مون ۽ امان اها ڄاڻ يارهين بجين ڏينهن جو ٻُڌي. اسان کي اميد هئي تہ ضياءَ جا هي جج ڪو معجزو ڪندا. پر چئن پنجابي ججن، جيڪي فوجي رهائش جي مرڪز جا رهاڪو هئا ۽ جن مان ٻن ججن کي عارضي طرح مقرر ڪيو ويو هو، جن جي عهدي جي مُدت جي توثيق فوجي حڪومت فتويٰ کان پوءِ ڪئي هئي، هيٺئين عدالت جي فتويٰ کي قائم رکڻ جي راءِ ڏني. جڏهن تہ اقليت وارن ٽن صوبن جي وڏي درجي وارن ججن ان کي رد ڪرڻ جي راءِ ڏني هئي. بابا جي ڦاسيءَ واريءَ سزا جي مامري تي ويچاريندي ئي آئون ڏاڍي ويڳاڻي ٿي وئي هيس.

امان هر اڱاري جي ڏينهن ملاقات لاءِ بابا وٽ وڃڻ واري هئي، تہ اسان جي مسواڙ تي ورتل گهر ۾ مارشل لا اختياري وارا هن جي نظربنديءَ جو حڪم ڪٽي آيا. پر هن اهو حڪم وٺڻ کان نٽايو. هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا پيو ٿئي. تہ ايتري ۾ امان ڪمري مان تڪڙي تڪڙي نڪري پنهنجي تيز هلندڙ ڪار ”جيگوئار“ ۾ چڙهي ويئي.

”دروازو کوليو،“ هن ڀهريدار کي حڪم ڏنو، جيڪي ان گهر جي چؤڌاري ڀهري تي بيٺل هئا، جتي ملتان هوائي اڏي تي گرفتار ٿيڻ کان پوءِ آئون نظربند هيس. هنن اهو سمجهندي تہ امان لاءِ نظربنديءَ جا حڪم ڪونہ ٿيا آهن، دروازا کوليا. امان تيزيءَ سان ڪار هلائيندي راولپنڊي سينٽر جيل پهتي ۽ پنهنجي پنيان ايندڙ فوجي جيپن کي

گهڻو پوئتي ڇڏي آئي. جيئن تہ جيل جي اختياريءَ وارين کي امان جي اچڻ جي اميد هئي، تنهنڪري هنن ڪيس اندر اچڻ ڏنو.
هوءَ ڀريون لوهي دروازو اُڪري وئي. پوءِ ٻيو دروازو. جيل جي اختياريءَ وارن کي سندس نظربنديءَ جي حڪمن جو اجا ڪوبہ اطلاع ڪونہ پهتو هو. ٻيءَ صورت ۾ هن جي اها ملاقات رد ٿي وڃي ها. هوءَ تڪڙي تڪڙي اڳتي وڌندي وئي. هاڻي اندريون آڱڻ بلڪل هن جي سامهون هو. هوءَ فوجي خيمن ۽ هٿيارن جي تنبن جي وچ مان اڳتي وڌندي وئي، جيڪي بابا جي ڪمپائونڊ چوڌاري لڳل هئا، نيٺ آخري دروازو کليو.
بابا موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ هو. ”اپيل رد ڪري ڇڏي اٿن.“ اُن کان اڳ جو جيل جو عملو ۽ پوليس وارا امان تائين اچي پهچن، هن بابا کي ٻڌائي ڇڏيو. جڏهن هو واپس گهر پهتي تہ هن جي چهري تي عجيب ڳنڀيرتا هئي. ”مون خبر پهچائي ڇڏي،“ هن مونکي ٻڌايو. ”مون ڪنهن بہ صورت ۾ هنن کي اهو اونڌو اطمينان ڏيارڻ نہ ٿي گهريو، تہ اهي تنهنجي بابا کي فتويٰ جو اطلاع ڏين.“ هڪ ڀيرو وري اسين ٻئي نظربند ٿي ويونسين ۽ بابا جي سزا خلاف اپيل ڪرڻ لاءِ رُڳو هڪ هفتو هو.
فليش مئن هوٽل ۾ اسان جا وڪيل نظرثانيءَ جي درخواست تي لاڳيتو ڪم ڪندا رهيا. هنن سُپريم ڪورٽ جي 1500 صفحن واري فيصلي جي ڇئن نقلن ملڻ لاءِ درخواست ڏني هئي، جن ۾ 800 کان مٿي صفحا انوارالحق جا لکيل هئا. پر هنن کي رُڳو هڪڙو نقل مليو. هڪ منشيءَ کي ان جي فوٽو ڪاپي ڪرائي اچڻ لاءِ اماڻيو ويو هو. اهو نقل اڃا فوٽو ڪاپي پئي ٿيو، تہ هن کي ان ڪري جهَليو ويو، ڇوتہ هو پاڻ فوٽو ڪاپي ڪرڻ واري مشين جو مالڪ هو.
بهرحال بچاءَ جي وڪيلن فوٽو ڪاپي ڪرڻ جي هڪ مشين هٿ ڪري ورتي ۽ اها فليش مئن هوٽل ۾ ڪٽي آيا. اهو ڏاڍو جوکائتو ڪم هو. اهو سال شروع ٿيندي ئي حڪومت ٽائيپ رائيٽرن ۽ فوٽو ڪاپينگ مشينن جي وڪري تي بندش وجهي ڇڏي هئي، تہ جيئن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ يا ٻيءَ ڪا سياسي جماعت انهن تي ڪجهو مواد ڇاپي نہ سگهي. هاڻي تہ هڪ ٽائپ رائيٽر يا هڪ فوٽو ڪاپئينگ مشين جي واپرائڻ کي بہ ملڪ خلاف سمجهيو پئي ويو، ٻيو تہ اسان وٽ نئين مشين وڪڻڻ واري لاءِ بہ گرفتاريءَ جو خطرو هو. ان هوندي بہ وڪيل ڪم ڪندا رهيا.
اسلام آباد ۾ امان سان گڏ لاڪپ ۾ رهندي مون ڀانئيو هو، تہ آئون ختم نہ ٿيندڙ اوٽاري ۾ ڦاسي پئي آهيان. سپريم ڪورٽ جي فيصلي اچڻ کان پوءِ گرفتاري جو هڪ ٻيو سلسلو شروع ٿي ويو هو. اسڪول ۽ يونيورسٽيون بند ڪيون ويون. ضياءَ هر هنگامي کي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ڇيپاڻي ڇڏڻ جو پختو ارادو ڪيو هو. احتجاجن جي اُيرڻ ۽ پکڙجڻ کان اڳ ۾ ئي هن انهن کي ٻُنجو ڏئي ڇڏيو هو.

فوجي حڪومت جيڪا سختي ڪئي هئي، تنهن عوام کي ساٿو ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ڏَپُ ۽ ڇڪتاڻ وڌي وڃي ٿي، تہ ماڻهو پنهنجي جان بچائڻ جا حيلا ڪن ٿا. هنن پاڻ کي الڳ ڪري ڇڏيو. ماٺ ۾ ئي سلامتي آهي. اهي بيپرواھ رهڻ لڳا. ڏَپُ سبب اهي ظاهر ئي ڪونہ ٿيا، تہ متان پاڻ شڪار ٿي وڃن.

پر آئون اهڙي ڀاڳواري ڪونہ هيس. بابا جي موت ڏانهن وڌندڙ رفتار ڪان آئون پاڻ کي پري رکي نہ سگهيس. مون جڏهن آئيني ۾ پاڻ کي ڏٺو، تہ ڳٽتي ۽ سوچَ سبب منهنجي مُنهن تي داڳا نڪري آيا هئا ۽ اهو ڳاڙهو ٿي ڏٺو. آئون ايتري تہ ڳري وئي هيس، جو منهنجي ڪاڏي، ڇاڙي ۽ ڀُرون ٻاهر تي اڀري آيا هئا. منهنجا ڳل ڍرڪي ويا هئا ۽ منهنجي چمڙي ڇِڪجي وئي هئي.

مون ڪسرت لاءِ روزانو صبح جو پندرهن منٽ ڊوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر منهنجو ڌيان هڪ هنڌ جائيتو نہ ٿيو. آئون جيڪر رڳو ننڊ ڪري سگهان ها، پر مون کي ننڊ بہ ڪين ٿي آئي. امان مونکي ويليم ڪائڻ لاءِ ڏنيون. مون ان جا بہ ملي گرام وٺڻ شروع ڪيا، پر آئون جاڳندي رهندي هيس ۽ منهنجي ذهن ۾ مانڊاڻ متل هوندو هو. ”يلا ايٽيوان وٺي ڏس.“ امان صلاح ڏني. ان جي وٺڻ سان آئون رڙيون ڪرڻ لڳيس، ان بدران مون وري موگيڊن وٺڻ شروع ڪيون. ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيو.

12 فيبروي 1979ع. سهالا پوليس ڪئمپ.

صبح جو اختياريءَ وارا اسان وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا تہ اوهان کي سهالا ۾ هڪ پوليس ٽريننگ ڪئمپ ۾ موڪليو پيو وڃي، جيڪا راولپنڊي ۾ بابا جي قيدخاني کان ڪجھ ميل پري هئي. اسان کي ان عمارت ڏانهن نيو ويو، جيڪا هڪ گنجي ٽڪريءَ تي هئي ۽ جنهن جي چؤڌاري خاردار تارون لڳل هيون. اتي اسان کي ڪُهُرج جي ڪابہ شيءَ نہ ڏني وئي. نہ بلئنڪيٽ هئا، ۽ نہ کاڌو. ڪجھ بہ نہ. المرتضيٰ مان جيڪي اسان جا بہ گهرو ملازم ابراهيم ۽ بشير اسان سان گڏ آيا هئا، سي روزانو وڏو پند ڪري سؤدو سلف وٺي ايندا هئا.

13 فيبروري 1979ع.

وڪيلن پنهنجي درخواست صبح جو پنجين بجين تائين لکي پوري ڪئي، جيڪا ان صبح جو ئي عدالت ۾ ڏيٺي هئي. عدالت بابا کي ان وقت تائين سزا کان مهلت ڏني، جيستائين درخواست تي نظرثاني پوري ٿئي. 24 فيبروريءَ تي عدالت جي شنوائي شروع ٿي. انهيءَ وچ ۾ هڪ ڀيرو وري سڄي دنيا مان ڪيترن ئي ملڪن جي اڳواڻن وٽان رحم جون اپيلون پاڪستان ۾ پهچڻ لڳيون. ”پنهنجي سياستدان کي بچائڻ لاءِ مونکي سيني سياستدانن چيو آهي. پر گهڻن غير سياستدان رحم لاءِ ڪونہ چيو آهي،“ ضياءَ ٺٺولي ڪندي ٻاهرين ملڪن جي سربراهن جي ان حُجت کي ”ٽريڊ يونين سرگرمي“ چئي ڪابہ اهميت نہ ڏني هئي.

مارچ جي اوائل ۾ آئون سهالا مان بابا سان ملاقات لاءِ وئي هيس. مونکي تہ سمجھہ ۾ ئي نٿي آيو، تہ هو جيئرو ڪيئن هو. جڏهن ڪان هن جي موت جي سزا کي قائم رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. تڏهن ڪان هن پنهنجي هر علاج ڪان انڪار ڪيو هو ۽ دوا کائڻ ڇڏي ڏني هئي. هن کاڌو کائڻ بہ ڇڏي ڏنو هو، تنهنڪري نہ تہ هن جي مُهارن ۽ ڏندن ۾ سُور هو، پر ساڱس جيڪو ورتاءُ ٿيو پئي، تنهن خلاف احتجاج ڪندي هن ايئن ڪيو هو. هاڻي هن جي ڪوٺڙيءَ ٻاهران ڪُلف ڏنل هوندو هو، جنهن سبب هو اُن ڪمود کي بہ ڪَتب آڻي نہ پئي سگهيو، جيڪو هن لاءِ جيل جي اختياري واري پاسي واري ڪوٺڙيءَ ۾ رکايو هو.
سدائين جيان هن سان ملاقات لاءِ منهنجي ذاتي خواهش هئي ۽ ان ڏينهن تہ اها گهٽي هئي، ڇوتہ آئون هن کي عجب ۾ وجھڻ واري هيس. امان جي تازي گرفتاريءَ ڪان اڳ هوءَ ڪراچي وئي هئي ۽ موٽندي هوءَ پاڻ سان گڏ بابا جو ڪُتو 'هئيپي' بہ وٺي آئي هئي، تہ جيئن اهو بہ نظربنديءَ ۾ اسان وٽ رهي. هئيپي اسان سيني کي وڻندو هو. گڊي نسل جو اهو اڇي نرم ٻُج وارو ڪُتو بابا کي منهنجيءَ ڀيڻ ڏنو هو. "تون هاڻي ماٺ ڪر." راولپنڊي سينٽرل جيل ۾ پهچڻ وقت مون هئيپي کي هوريان چيو، جيڪو منهنجي ڪوٽ هيٺان لِڪل هو.
پهرئين دروازي وٽ جهَڙتي وٺڻ واري جاءِ تي خوش قسمتيءَ سان جيل سپرنٽينڊنٽ موجود ڪونہ هو، ۽ نہ وري جيل ۾ مقرر فوجي لشڪر جو اڳواڻ ڪرنل رفيع اتي موجود هو، جيڪو اسان جي هر چرپر کي ڏيان سان چڪاسيندو هو. هئيپي ۽ آئون وڏي ٻئي دروازي تائين پهتاسين. اتي منهنجي جهَڙتي وٺڻ وارين پوليس جي عورتن بہ اتفاق سان ڪوبہ اعتراض نہ ڪيو. "اسان کي ڪُتي لاءِ جهَڙتي وٺڻ جو حڪم ڪونهي،" هنن مان هڪ ڄڻي همدرديءَ ڪندي چيو. پوءِ آئون جيل جي آخري دروازي ۾ داخل ٿيس. "هاڻي تون هن کي وڃي ڳول،" مون هئيپي کي ڇڏيندي چيو.
هئيپي فرش سُنگهندو هڪ ڪوٺڙيءَ ڪان ٻي ڪوٺڙيءَ تائين ڊوڙندو ويو. خوشيءَ وچان ڪُتون ڪُون ڪندو بابا تائين وڃي پهتو، جيڪو هن کي اتي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو هو. "ماڻهن ڪان وڌيڪ ڪُتا ڪيڏو نہ وفادار ٿين ٿا." آئون جڏهن سندس ويجهو پهتيس تہ بابا چيو.
ڪُتي جي خبر ٻُڌي اختياريءَ وارا سخت ڪاوڙجي پيا هئا. وري هئيپيءَ کي بابا سان ملاقات جي ڪڏهن اجازت نہ ملي هئي، پر گهٽ ۾ گهٽ آئون بابا کي زندگيءَ جي ان گهڙيءَ جو احساس ڏيارڻ ۾ سوڀاري ٿي هيس، جڏهن اسان جو گهر ڳُٽي ۽ فڪر ڪان آجو هوندو هو: هڪڙي ئي ڇت هيٺان رهندڙ هڪ ماءُ، پيءُ ۽ چار ٻار ۽ جن سان گڏ باغ ۾ ڪُتا ۽ ٻليون هونديون هيون.

مارچ جي پهرئين هفتي ۾ اسانجن وڪيلن پنهنجا انيڪ عذر عدالت جي نظرثانيءَ لاءِ ڏنا. گهٽي ڪم سبب اُهي بنهه تڪجي ساٽا ٿي پيا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ هڪڙي ڏينهن امان ۽ مون جڏهن سهالا ۾ بي بي سيءَ تان شام جون خبرون پئي ٻڌيون، ته اسان کي غلام علي ميمڻ جي وفات جي ڄاڻ ملي، جيڪو بابا جي وڪيلن مان هو ۽ جنهن کي پاڪستان جو لائق وڪيل سمجهيو ويندو هو. هو فليش مئن هوٽل ۾ پنهنجي ميز تي ڪم ڪندي دل جي دؤري پوڻ سبب گذاري ويو هو. ”الله، يا الله“ چون ٿا ته هن سپريم ڪورٽ جي گهٽائي واري فيصلي خلاف پنهنجي آخري قانوني ويڙهه جو بيان لکرائيندي وچ ۾ چيو هو، ”هڪ بيو انسان مارشل لا جو ڪاچ ٿي ويو.“ اسان ريڊيو بند ڪري ڇڏيو. اسين ڀلا ڇا ٿي چئي سگهيونسين؟

23- مارچ جي سالگرهه واري ڏينهن جڏهن پاڪستان جي باني محمد علي جناح آزاد مسلم رياست ناهڻ جي گهُر ڪئي هئي، ضياءَ اعلان ڪيو ته سرءُ جي مُند ۾ چونڊون ڪرايون وينديون. ٻئي ڏينهن سپريم ڪورٽ پنهنجي فتويٰ ڏني. جيتوڻيڪ بابا جي درخواست کي رد ڪيو ويو هو، پر عدالت يڪراءِ سفارش ڪئي هئي، ته اها سزا جنم ٽيپ ۾ بدلائي وڃي. هڪ ڀيرو وري اميد جو ڪِرڻو نظر آيو. هاڻي آخري فيصلو رُڳو ضياءَ کي ڪرڻو هو.

سَت ڏينهن. ڪنهن طرفان به ضياءَ کي اُن ڳالهه تي مجرائڻ لاءِ رُڳو ست ڏينهن هئا ته، بابا کي موت جي مُنهن ۾ نه اماڻي، ۽ هن کي بچائڻ لاءِ ضياءَ وٽ هر ڪارڻ هو. بابا جي مقدمي جي فيصلي جي نتيجي ۾، جتي چار جج هڪ پاسي ۽ ٽي جج ٻئي پاسي هئا، پاڪستان ۾ ڪڏهن به ڪنهن کي موت جي سزا نه ملي هئي، قانون جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪنهن حڪومت، پنهنجي ملڪ جي وڏي ۾ وڏي عدالت جي ان يڪراءِ فيصلي کي رد نه ڪيو هو، ته موت جي سزا گهٽائي وڃي. ۽ ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ ڪنهن کي به قتل جي سازش جي ڏوهه ۾، ڪڏهن به موت جي سزا نه ملي هئي.

ضياءَ تي ٻاهرين ملڪن به دٻاءُ وڌو هو. هڪ ڀيرو وري ٻاهرين ملڪن جي سربراهن جا نياپا اچڻ شروع ٿي ويا هئا. انگلينڊ جي وزيراعظم ڪلهان ٽيون ڀيرو ضياءَ کي رحم جي درخواست ڪئي هئي. اسلامي بنيادپرستيءَ جي مرڪز سعودي عرب هڪ ڀيرو وري اپيل ڪئي. پر ضياءَ وٽان ڪوبه جواب نه ڏنو ويو هو. بابا جي قسمت جا پَل آهستي آهستي گهٽجڻ لڳا.

سزا ڏيڻ جي تاريخ جو اعلان به نه ڪيو ويو هو، جنهنڪري ماڻهن ۾ هڪ ڪُوڙي اميد هئي. ڪنهن به اها ڳالهه قبولڻ نه ٿي گهري، جنهن جي بابا کي سدائين سُڌ هئي. سيني رڳو عدالت جي يڪراءِ سفارش ۽ اسلامي حڪومتن سان ضياءَ جي ڪيل اُن واعدي تي اميد رکي هئي، ته موت جي سزا کي جنم ٽِيپ جي سزا ۾ بدلايو ويندو. ضياءَ اهو به ڄاڻايو هو، ته بابا طرفان يا هن جي ويجهي مائٽ جي حُجت تي ڪيس پاڻ بچائڻ ۽ سزا

کي ڳهڻائڻ لاءِ ڪا راهه ملي ويندي، پر بابا جنهن گهڻو اڳ پنهنجي اٽل موت کي قبوليو هو، تنهن کان انڪار ڪندو رهيو. ”هڪ بيگناهه انسان اُن ڏوهه لاءِ ڪڏهن به رحم جي درخواست نه ڪندو، جيڪو هن ڪيو ئي ناهي.“ بابا ان ڳالهه تي زور ڏيندي چيو ۽ اسان کي به درخواست ڏيڻ کان روڪي ڇڏيائين. هن جي وڏي ڀيڻ، جيڪا حيدرآباد ۾ رهندڙ منهنجي ڦُڦي هئي، تنهن اپيل ڪئي ۽ آخري وقت کان هڪ ڪلاڪ اڳ هن ضياءَ جي گهر جي دَر تائين پهچي اتي پنهنجي درخواست ڏني هئي. پر ان جو ضياءَ وٽان ڪوبه جواب نه مليو هو.

اُهڃاڻ جيئن پوءِ ٿيئن وڌيڪ بد سنؤڻ ٿيندا ٿي ويا. راولپنڊي جيل ۾ بابا جي ڪوٺڙيءَ ۾ جيڪو ٿورو گهڻو گهربل سامان رکيل هو، سو اتان سندس هنڌ سميت ڪڍايو ويو هو. اتي هڪ فراسي ڇڏي وئي هئي. جيڪا فرش تي وڇائي هو اُن تي سمهندو هو. هن کان سنوارت ناهڻ جو سامان به کسيو ويو هو، جنهنڪري بابا جي سدائين اڇي اجري چهري تي اَڇن وارن جي سُنهاري وڌي آئي هئي. هو بيمار ۽ ڏاڍو ڪمزور هو.

سهالا ۾ مونکي نظربنديءَ جو هڪ ٻيو حڪمنامو مليو، جنهن هيٺ مون تي وڌيڪ پندرنهن ڏينهن جي پابندي وڌي هئي. اُن لاءِ سبب اهو ڄاڻايو ويو هو ته، ”آئون (پنهنجي) بابا کي آزاد ڪرائڻ جي آخري پُنيرائي ماڻڻ لاءِ گوڙ ڦڏي واري سياست کان ڪم وٺي، امن امان ۽ مارشل لا جي ڪارائتي انتظام ۾ زبردست وڳوڙ پيدا ڪنديس.“

ڪنهن کي به پتو نه هو، ته هاڻي ڇا ٿيندو. ڇا دنيا جي ملامت ۽ ڪورٽ جي سفارش کان پوءِ به ضياءَ سچ پچ سزا تي عمل ڪندي بابا کي ڦاسي ڏيندو؟ جيڪڏهن ها، ته پوءِ ڪڏهن؟ ان جو ڏکائتو جواب 3 اپريل تي نروار ٿيو هو، جڏهن امان ۽ مونکي آخري ملاقات ڪرائڻ لاءِ وٺي ويا هئا.

ياسمين! ياسمين! اڄ رات هو قتل ٿيڻ وارو آهي!

امينا! تون به ٻُڌ. اهو اڄ رات ٿيندو، اڄ رات!

وڪيلن نظرثانيءَ جي هڪ ٻي درخواست ناهي. امينا هوائي جهاز ۾ ڪراچي وئي، جتي هن ۽ بابا جي هڪ وڪيل حفيظ لاکي اها عدالت ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. رجسٽرار اُها وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته اها ججن کي ڏني وڃي. پر جج به اها وٺڻ کان ٽٽائي ويا. هڪڙو جج ته عدالت جي پنئين دروازي مان ٻاهر هليو ويو. امينا ۽ مسٽر لاکو وڏي جج جي ذاتي گهر تي ويا ۽ ان جي دروازي تي هنن گهڻي حجت ڪئي. جج به هنن سان ملاقات کان انڪار ڪيو. نِراس امينا هوائي جهاز ۾ اسلام آباد واپس موٽي آئي.

3 اپريل 1979ع.

ٺڪ. ٺڪ. مارشل لا جون فوجون ڳڙهي خدا بخش جا سيئي رستا بند ڪري، اسان جي خانداني قبرستان جو گهيرو پيون ڪن. ٺڪ. ٺڪ. امينا اڪيلائيءَ کان پاڻ بچائڻ لاءِ هوائي اڏي تان سِڌو نيازيءَ جي گهر وڃي ٿي. ”اڄ رات جو آهي.“ ڊاڪٽر نيازي هر

گھڙيءَ ٽيليفون تي آھستي آھستي چوي پيو، جڏھن تہ ان اونداھي گھر ۾ ياسمين ۽ امينا ماٺ ڪيو، اڪيون ڪوليو ليٽيون پيون آھن. ٽڪ. ٽڪ.

فجر ٽاڻي ھڪ فوجي لاري تيزيءَ سان راولپنڊي جيل مان رواني ٿئي ٿي. ٿوري دير کان پوءِ ياسمين اسلام آباد مٿان ھڪ ننڍي جھاز جي اڏام جو آواز ٻُڌي ٿي. ھوءَ پاڻ کي ويساھ ڏياري ٿي، تہ اھو جھاز عرب اڳواڻن مان ڪنھن ھڪ جو آھي، جيڪو قيدخاني مان بابا کي ڇڏائي، ھن کي ڪنھن سلامتيءَ واري پاسي ڪنيو پيو وڃي. پر ھن جنھن جھاز جو آواز ٻڌو آھي، سو بابا جي ميت کڻي اسان جي گھر لاڙڪاڻي پيو وڃي.

# مارشل لا سان جمهوريت جو مقابلو

4 اپريل 1980ع تي جيئن بابا جي سزا جي پهرئين ورسي ويجهي اچي ٿي، ته عوام جا هجوم المرتضيٰ پرسان لنگهندا ڳڙهي خدا بخش ۾ بابا جي قبر ڏانهن پيا وڃن. هاڻي اسين پنهنجي نظربنديءَ جي ڇهين مهيني ۾ حڪومت کي درخواست ڪريون ٿيون، ته اسان کي هن جي مزار تي وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي. پر آئون ڄاڻان ٿي ته اها اجازت نه ملندي. حڪومت بابا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ياد ۾ ڪنهن به عوامي پُذيرائي واري مظاهري کان ايترو ته ڇرڪيل آهي، جو اسان جي اباڻي ڳوٺ ڏانهن ويندڙ رستن جي هڪ سئو ميلن جي نيم گهيري ۾ ناڪابندي ڪئي وئي آهي.
عوام اڳيان حڪومت ڪٽي ڪيترين ئي بندوقون تاڻي بيهي، پر بابا جو ڏيُ ضياءَ کي سُک سان رهڻ ڪونه ٿو ڏئي. سندس حياتيءَ ۾ ئي بابا جي هڪ سياسي مدبر هجڻ ۽ سماجي سوچ رکندڙ طور واڪاڻ ڪئي ويندي هئي. پر سندس قتل سبب هن پنهنجن ڪجهه نيازمندن جي ذهنن ۾ شهيد جي حيثيت ماڻي ورتي آهي، ته ڪن ۾ وري هڪ وليءَ جي.
بابا جي قبر تي، جيڪا المرتضيٰ کان ڏهه ميل پري آهي، معجزا ٿيڻ جون ڳالهيون پڻ ٻُڌڻ ۾ اچن ٿيون. هڪ منڊڙو ٻار هلڻ شروع ڪري ٿو ۽ هڪ سُنڍ زال پٽ ڄڻي ٿي. بابا جي سزا کان پوءِ ان سال لکين ماڻهو اسان جي خانداني قبرستان ۾ ڪَهي آيا آهن ۽ اتي قبر جي خاڪ جو ذرو ۽ گُل جي پَتي کائي دعائون گهرن ٿا. مڪاني اختياريءَ وارن قبرستان جو طرف ڏيکاريندڙ نشان به پَٽي اُکلائي ڇڏيو آهي. پر پوءِ به ماڻهو اُتي ايندا رهن ٿا.
پوليس ۽ فوج جا سپاهي ماڻهن کي ڊيڄارين ٿا ته، هنن کان نالا پڇيا وڃن ٿا. جيڪڏهن اهي ڪار يا ٽرڪ ۾ اچن ٿا ته، سندن نمبر نوٽ ڪيا وڃن ٿا. جيڪڏهن ماڻهو پنڌ اچن ٿا ته سندن ائڊريسون لکيون وڃن ٿيون. هنن جي ڪاڏي جون شيون به اڪثر ضبط ڪيون وڃن ٿيون ۽ سندن پاڻيءَ جا ٿانوَ پڇي ٽُڪرا ڪيا وڃن ٿا، پوءِ به ماڻهو اتي اچن ٿا ۽ بابا جي تصويرن ۽ سندس قبر تي گلاب ۽ گوتئي جي گلن جا هار ۽ چادرون چاڙهين ٿا.
بابا جي وفات جي ٻارهي کان اٺ ڏينهن پوءِ، ڪراچيءَ ۾ اسان جي نظربنديءَ خلاف عدالت ۾ مقدمو شروع ٿئي ٿو. اسان جو وڪيل جڏهن اُن خط جو حوالو ڏئي ٿو، جيڪو مون هڪ مهينو اڳ صنم جي اچڻ وقت ڪئپٽن افتخار جي اعتراض جوڳي رَوئي خلاف لکيو هو، ته ايڊووڪيٽ جنرل اهڙي ڪنهن به خط بابت پنهنجي اڻڄاڻائي ڏيکاري ٿو. پر مون وٽ ته جيلر جي صحيءَ ڪيل رسيد آهي ۽ اسان جو وڪيل اُن کي آڻڻ لاءِ هڪ ڏينهن جي مهلتيءَ لاءِ چوي ٿو. عدالت ڏانهن لکيل خط کي روڪڻ ان جي

توهين آهي، جنهن جي سزا ڇهه مهينا آهي. هنن کي ڄاڻ آهي ته مون وٽ ثبوت آهي. عدالت جي توهين جي الزامن کان پاڻ بچائڻ لاءِ اختياري وارن کي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو آهي.

اُن رات امان ۽ مونکي اوچتو آزاد ڪيو وڃي ٿو. آئون وري ڪڏهن به اُن جيلر کي نٿي ڏسان. بعد ۾ مونکي ڄاڻ ملي ٿي، ته هن جي ترقي روڪي وئي ۽ ڪيس ڪنهن هنڌ سزا طور رکيو ويو هو.

آزادي. پر الائي ڪيستائين، المرتضيٰ مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ امان ڪراچي ۾ رهڻ لڳي. جڏهن ته آئون هوائي جهاز ذريعي اسلام آباد ويس، ته جيئن پاڻ کي انهن ڳالهين کان واقف ڪريان، جيڪي اسان جي نظربنديءَ جي ڇهن مهينن ۾ ٿيون هيون هوائي جهاز راولپنڊيءَ ۾ هيٺ لٿو هو. ٻئي ڏينهن جڏهن آئون ياسمين جي گهر ۾ صبح جو ننڊ مان جاڳيس، ته ويهاڻي جي ڇَوَ تي بدبودار گند ۽ رَت جا نشان هئا. منهنجون ساهڙيون هڪدم مونکي اسپتال وٺي ويون. ”تون ڏاڍي سياڻي آهين،“ ايمرجنسي روم ۾ ڊاڪٽر منهنجي ڪَن جي صفائيءَ کان پوءِ مونکي چيو. ”جهاز ۾ هوا جي داٻ سبب بيماريءَ جو اهو گند ڦاٽي ٻاهر نڪتو. اهو ڦاٽي اندر به وڃي سگهيو ٿي، جنهنڪري گهڻو نقصان ٿئي ها.“

آئون ته ڪجهه به سوچي نه پئي سگهيس. پهرين المرتضيٰ ۾ حڪومت طرفان مون ڏانهن موڪليل ڊاڪٽر ڏاڍي چالاڪيءَ سان مونکي سمجهايو هو، ته مونکي ڪَن جي سُور جو وهم آهي ۽ پوءِ وري هن مون تي ان ۾ چِلَ جو الزام مَڙهيو هو. هاڻي هن ڊاڪٽر مون کي ياڳوارو سڏيندي رُڳو اها صلاح ڏني هئي، ته آئون ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ڊاڪٽر کان هر پندرهين ڏينهن ڪَن جي تپاس ڪرايان. ڇا ڊاڪٽر نااهل هئا يا هنن ڄاڻي ٻُجهي منهنجيءَ حالت کان لنوايو هو؟ ڪنهن به مونکي ڪونه ٻُڌايو هو، ته منهنجي ڪَن ۾ جوڪائتي ڦُرڙي هئي، جنهن هوريان هوريان اتي جي نازڪ هڏين کي پئي ڳاريو، جنهنڪري آئون ٿوري ٻوڙي ٿي پئي هيس. بعد ۾ مونکي خبر پئي، ته جراحيءَ ڪانسواءِ ان لاڳيتي سوزش ۽ ساڙي سبب آئون بنهه ٻوڙي ٿي وڃان ها ۽ منهنجي مُنهن تي فالج ڪِري ها. پر اڳ ۾ مونکي ڪنهن به اهو ڪونه ٻڌايو هو.

آئون جڏهن ڪراچي واپس ٿيس، ته امان کي ڏاڍي ڳڻتي هئي. ”تون حڪومت کي خط لکي ٻاهرئين ملڪ ۾ تپاس ڪرائڻ جي اجازت گهر،“ هن مون تي زور رکندي چيو. ”تنهنجي صحت جو تنهنجي سياست سان ڪوبه ناتو ڪونهي.“ مون حڪومت کي اهڙو خط لکيو. پر اسان کي ڪوبه جواب نه مليو. حڪومت اسان کي پنهنجي نظرداريءَ ۾ رکڻ گهريو هو.

70 ڪلفن کان ٻاهر فوجي جاسوسن جون گاڏيون چوويهه ڪلاڪ بيٺل هونديون هيون. آئون يا امان جڏهن به ٻاهر ويونسين ٿي، ته هنن اسان جو پيڇو ٿي ڪيو. اسان جي گهر

جيڪو ٻه آيو ٿي، تنھن جو فوٽو ڪڍيو ۽ سندس ڪار جو نمبر لکيو ٿي ويو. اسان جا ٽيليفون ٻُڌا ويندا ھئا. ڪنھن وقت ٽيليفون ۾ ڪڙڪڙ جا آواز ٻڌبا ھئا، ته ڪنھن وقت اھو بلڪل بند ٿي ويندو.

”تون واپس لاڙڪاڻي وڃ ۽ اتي ٻنيءَ جي حساب ڪتاب جي پڙتال ڪر.“ مون جڏھن پاڻ کي تندرست ڀانئيو، ته امان مونکي صلاح ڏني. ”ٻن ورھين ۾ اسان جي خاندان جي ڪنھن به ڀاتيءَ کي ان ڏانھن ڌيان ڏيڻ جو وقت نه مليو آھي.“

آئون جڏھن پنھنجي ٻنيءَ جي مئنيجرن سان ملڻ ۽ فصل ۽ لاباري جا معاملا چڪاسڻ لاءِ واپس المرتضيٰ ويس، ته جاسوسن ڪڏھن به منھنجو پيڇو نه ڇڏيو. مونکي ڇا ڪرڻو ھو ۽ ڇا ڏسڻو ھو، تنھن بابت مونکي ڪابه ڄاڻ نه ھئي. سدائين بابا ۽ منھنجا ڀائر ٻَنين جي سنڀال ڪندا ھئا.

حساب ڪتاب جا ڪاغذ چڪاسيندي آئون اڪثر ڀانئيندي ھئس، ته آئون انن ورھين جي ڇوڪري ٿي واپس بورڇيخاني ۾ پھچي وئي آھيان ۽ اتي بابوءَ کان گھر جي خرچ پکي کي سمجھڻ جي ڪوشش پئي ڪريان. ھر ڪو حقيقي ڪم ڪندي ۽ مَن جي لاڳيتي مونجھه مان ويرم ڪن لاءِ پاڻ بچائيندي، دل کي ڄڻ اطمينان ٿي آيو. آرھڙ جي ساڙيندڙ اُس شروع ٿيڻ کان پھرين ھر صبح جو آئون پاڻ کي نين ذميدارين کي سمجھڻ لاءِ جيپ ۾ چڙھي، زيتون جي باغن ۽ سارين ۽ ڪمند جي ٻنين ۾ ويندي ھيس. آئون تکي اُس کان بچڻ لاءِ مٿي تي رَئو رکي يا ڪَکن جو ٽوپلو پائي، ٻنين ۾ پئي ڦرندي ھئيس. اھڙيءَ ريت مون واھن ۽ ٽيوب ويلن، آرھڙ ۾ سارين، ڪپھه ۽ ڪمند، خريف پوک جي ڄاڻ ۽ سم ۽ ڪلر جي معاملن جي سمجھه ماڻي. جسماني ڳشالو مرھم ثابت ٿيو ھو.

ڀٽي خاندان جي ھڪ فرد کي پنھنجين ٻَنين ۾ ڏسي ھارين، ڪمدارن ۽ منشين سُک جو ساھه کنيو. ”مالڪ جا پير سونا ھُجن ٽا. ھاڻي جڏھن تون ھتي آئي آھين، ته اسان جي سَٽائي ٿيندي.“ ھنن مان ڪنھن مونکي چيو. ”ھاڻي اسين يتيم نه آھيون.“

ٻَنين تي رھندي مونکي سرھائي ٿيندي ھئي، پر لاڙڪاڻي ۾ مردن سان گڏجي ڪم ڪرڻ عجب جھڙي ڳالھه ھئي. ڳوناڻيون عورتون ڏاڍن پراڻن ويچارن جون ھيون ۽ برقعي پائڻ ڪانسواءِ گھر مان ٻاھر نه نڪرنديون ھيون ۽ ڪار ھلائڻ جو ته سوال ئي ڪونه ھو. پر منھنجي لاءِ ٻي ڪا راھه نه ھئي. منھنجي گھر جي ڀاتين مان ڪوبه مرد ماڻھو پاڪستان ۾ ڪونه ھو. بابا گذاري ويو ھو ۽ ڀائر افغانستان ۾ ھئا. اھي جيڪڏھن پاڪستان ۾ واپس اچن ھا، ته ڪين ھڪدم جھَليو وڃي ھا. اسان مان ڪنھن جي به زندگيءَ ۾ روايت جي ڪا جاءِ نه ھئي.

آئون ڪنھن قدر جنس جي ٻَنڌڻ کان مٿانھين ھيس. سيني کي ڄاڻ ھئي ته اھي کھڙيون حالتون ھيون، جن مونکي زميندار خاندان جي زندگيءَ جي طريقن مان ٻاھر نڪرڻ تي مجبور ڪيو ھو. انھن خاندانن ۾ نوجوان عورتن جي سختيءَ سان حفاظت ڪئي ويندي

هئي ۽ اهي ڪنهن مرد مائٽ ڪانسواءِ ڪڏهن به پنهنجي گهر مان ٻاهر نه نڪرنديون هيون. اسان جي روايتن مطابق عورتون خاندان جون عزتون آهن. هنن کي ۽ سندن عزت آبروءَ کي بچائڻ لاءِ خاندان وارا پنهنجين عورتن کي چؤديواري اندر پردي ۾ رکن ٿا.
منهنجيون چار پُڦيون، جيڪي منهنجي ڏاڏي جي پهرئين گهر واريءَ مان هيون. اُن روايت کي قائم رکنديون آيون. ڀٽي خاندان مان ڪوبه ويجهو مائٽ هنن سان شاديءَ لاءِ مناسب نه هو. تنهنڪري اهي حيدرآباد ۾ پنهنجي گهر جي چؤديواريءَ ۾ پردي ۾ رهنديون هيون. خاندان ۾ سندس گهڻي عزت ڪئي ويندي هئي؛ چو ته سيني کي ڄاڻ هئي، ته انهن جي شادي چو نه ٿي آهي. هي سدائين خوش ڏسڻ ۾ اينديون هيون ۽ ڪين ٻئي ڪنهن به قسم جي ڄاڻ نه هئي. ”هنن جي چهرن تي ڪِٽيءَ جون لِيڪون ئي نه ٿيون ڏسجن.“ امان جڏهن انهن سان ملي ايندي هئي، ته مون کي ٻُڌائيندي هئي.
منهنجي لاءِ اها ورچائيندڙ حياتي هئي، پر منهنجيون پُڦيون گهڻو سُرهيون ٿي ڏنيون. هنن عربي پڙهي، قرآن شريف پڙهڻ سِکيو هو، رڌ پچاءُ جو ڪم سِکيو هو. پتائي گجرن جو لذيذ اچار ۽ مُنائيون ناهينديون هيون، ڪپڙا سِبنديون هيون ۽ سئيٽر اُڻينديون هيون. اهي ورزش لاءِ گهر جي چؤديواري ۾ پنڌ ڪنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن بجاج سندن پسند لاءِ نَون ڪپڙن جا ٿان دَر تي چڏي ويندو هو. اهي پراڻي نسل مان هيون. آئون نئين نسل جي هيس.
شام جو آئون المرتضيٰ ۾ شاگردَ وفدن ۽ ٻين ملاقاتين سان ملندي هيس، جيڪي مون کي انهن ماڻهن جون خبرون ٻڌائيندا هئا، جيڪي اجا تائين قيدخانن ۾ پيا هئا. انهن وٽان مون کي فوجي حڪومت جي مخالفت جو پڻ احوال ملندو هو. اسين انهن ماڻهن ۽ خاندانن جون فهرستون ناهيندا هئاسين، جن سان قيد ۾ ملڻو هو ۽ جن جي دلداري ڪرڻي هوندي هئي. ٽيهريءَ جو مون کي ايترو وقت ملندو هو، جو آئون بابا جي قبر مٿان ڇانوَ لاءِ شاميانو نهرائڻ ۽ امان جي ان تجويز تي ڌيان ڏيڻ لڳيس، ته المرتضيٰ ۾ لڳل ڪاٺ جي پراڻين درين جي جاءِ تي شيشي جون دَريون هجڻ گهرجن. ”آئون ٽٽڪار بدران ڏسڻ کي پسند ڪريان ٿي.“ المرتضيٰ ۾ اسان جي ڏکهي نظربنديءَ جي وقت اسان کي بجلي وڃڻ سب جيڪو تجربو ٿيو هو، تنهن کي ويچار ۾ رکندي هن مون کي چيو هو. ”الائي اسين هتي ٻيهر نظر بند رهون؟ اسان کي به تيار رهڻ گهرجي.“
مون پاڻ کي اوڀر جي هڪ اڻڄاڻ روايت ۾ پڻ ڏِکجندي پاتئيو. اتي اڪيلي ڀٽو هجڻ سبب اوچتو مون کي ڳوناڻن پنهنجو ’وڏو‘ سمجهيو. اهي ٻَنيءَ ۾ نهيل ڪچي گهر جي آڳنڌ ۾ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ پنهنجن جهيڙن ۽ معاملن جو نبيرو ڪرائيندا هئا. جاگيرداري دؤر جي ان دستور مطابق قبيلي جي سردار کي پنهنجن ماڻهن جي هر فيصلي جو اختيار هُجي ٿو. قبائلي انصاف جو اهو مختصر سرشتو قبيلن جيان اجا تائين ڳوناڻين ايراضين ۾ قائم آهي. جيتوڻيڪ آئون سچ پچ ته ڀٽو قبيلي جي سردار

نہ هيس، پر پوءِ بہ ماڻهو مون وٽ اچڻ لاءِ زور رکندا هئا. پاڪستان ۾ انصاف ڏاڍو دير سان ملي ٿو، اهو ڏاڍو مهانگو هجي ٿو ۽ منجهس ڏاڍي بي ايماني ٿئي ٿي. پوليس لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها پنهنجا ڪيسا پرڻ لاءِ ماڻهن کي جهلي ٿي ۽ ڪانئن رشوت وڏي پوءِ ڪين ڇڏي ٿي. تنهنڪري ماڻهو پنهنجن ڄاڻ سڃاڻ خاندان جي ڪيل فيصلن مان راضي هجن ٿا. پر اٺ ورهيہ مغربي ملڪن ۾ رهڻ ڪان پوءِ مون پاڻيو هو، تہ ڳوناڻي زندگيءَ جا مونجهارا سُلجهائڻ جي مون ۾ لياقت ڪانهي.

”هن جي سئوٽ منهنجي پُٽ کي چاليهہ ورهيہ اڳ قتل ڪيو هو.“ هڪڙي صبح جو آئون واڻ جي ڪٽ تي عدالت ڪرڻ لاءِ ويٺي هيس، تہ هڪ ڪُراڙي شخص، جنهن جي وات ۾ ڏند بہ ڪونہ هئا، منهنجي اڳيان بيان ڏنو. ”ان وقت اوهان جي وڏي چاچي جيڪو فيصلو ڪيو هو، تنهن مطابق هن جي خاندان ۾ جيڪا بہ پهرين ڇوڪري ڄمڻي هئي، تنهن سان منهنجي شادي ٿيڻي هئي ۽ اها ڇوڪري ڄائي آهي. هن کي ڏس، پر هو مون سان اُها ڇوڪري ڪونہ ٿو پرڻائي.“

مون اُن اٺن ورهيہ ڄمار جي ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو، جنهن پاڻ کي پنهنجي پيءُ جي پنيان پيئي لِڪايو. ”منهنجي ڌيءَ جڏهن ڄائي هئي، تڏهن هن مون کي هڪ لفظ بہ نہ چيو هو.“ ڇوڪريءَ جي پيءُ ٻڌايو. ”مون سمجهيو هو تہ هن اسان کي اهو ڏوھ بخش ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو ڪيترائي سال اڳ ٿيو هو. جيڪڏهن مون کي ڄاڻ هجي ها، تہ هو نينگريءَ جي گهُر ڪندو، تہ آئون پنهنجي ڌيءَ کي اهڙي لاڏ ڪوڏ سان هرگز نہ پاليان ها. هاڻي اسين سانباها پيا ڪريون، تہ هن جي ان هنڌ شادي ٿئي، جتان هن جي سڱ جي گهُر ٿي آهي. اسان هنن سان وچن ڪيو ۽ زبان ڏني آهي. اها اسين ڪيئن ٿا ڀڃي سگهون؟“

اُن ننڍڙي غريب ڇوڪريءَ تي اُهو تڪرار ٻُڌي آئون ڏڪي ويس. ڳوٺن ۾ عورتن جي قسمت سدائين سُني نٿي هجي. ڪنهن جو ڪو پاڳ پلو ٿيو تہ واھ، نہ تہ ڪنهن ڪان بہ ڪا پڇا نٿي ٿئي. ”توکي اها ڇوڪري نہ ملندي، پر عيوض: ۾ توکي هڪ ڳئون ۽ ويهہ هزار رپيا ملندا.“ مون ڪُراڙي شخص کي چيو. ”اهو منهنجو فيصلو آهي. ڇوڪريءَ جي مڱڻي ٿيڻ ڪان اڳ ۾ توکي اها دعويٰ ڪرڻ کپندي هئي.“ ڇوڪريءَ جي عيوض هڪ ڳئون! ريڊ ڪلف ۾ عورتن جي تحريڪ جي بحثن ۾ ڪڏهن بہ ان تي ويچار ڪونہ ٿيو هو. پر هيءُ پاڪستان هو ۽ ڪُراڙو شخص سخت ڪاوڙجي پيو هو ۽ ڪُر ڪندو هليو ويو.

منهنجي اُن فيصلي سان ٻئي ڏينهن هڪ ٻيو ڏچو ٿي پيو. ”منهنجي گهر واريءَ کي پڇايو ويو آهي.“ هڪ شخص مون کي دانهن ڏني. هن جي سُهري وڏيڪ دانهون ڪندي چيو. ”اسان تي مصيبتن جا پهاڙ ڪِريا آهن. اسين مري ويا آهيون. منهنجي ڌيءَ جا ٻار سڄو ڏينهن پنهنجي ماءُ لاءِ دانهون ڪُوڪُون پيا ڪن. تون ڪا مدد ڪر، تہ هوءَ اسان وٽ موٽي اچي.“

”اوهان جو ڪنهن ۾ شڪ آهي؟“ مون پڇيو. هنن جڏهن مون کي ٻڌايو، تڏهن مون هڪ ماڻهوءَ کي اُن ڳوٺ ڏانهن اتي جي وڏڙن سان ان بابت ڳالهائڻ لاءِ موڪليو. ان نؤجوان عورت کي ڪاميابيءَ سان موٽايو ويو. پر هوءَ سخت ڪاوڙيل هئي.
”آئون پنهنجي مڙس سان هرگز نٿي رهڻ گهران. منهنجو ڪنهن ٻئي شخص سان پيار آهي.“ هن مون ڏانهن اهو نياپو موڪليو. ”هيءُ ٺيون پيرو آهي جو آئون ڀڄي آهيان ۽ مون کي موٽايو ويو آهي. مون سمجهيو هو تہ تون عورت هئڻ سبب منهنجي ڏک کي سمجهي، مون سان همدردي ڪندينءَ.“
آئون تہ دنگ رهجي ويس. مون ڪانسواءِ هر ماڻهوءَ کي ڄاڻ هئي، تہ سخت قبائلي روايتن هيٺ جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجي مڙس کي ڇڏڻ گهري ٿي، تہ هن لاءِ ’ڀڄائي وڃڻ‘ ڪانسواءِ ٻي ڪا راهہ ئي ڪانهي. هڪ ڏکايل عورت پنهنجي مرضيءَ سان گهر ڇڏي نٿي سگهي. بعد ۾ مون کي ڄاڻ ملي تہ ان غريب نؤجوان عورت وري ڪڏهن بہ پاڻ بچائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. قبائلي روايتن ۾ مساوات ۽ آزاديءَ جي انساني قدرن جي وچ ۾ جيڪو تڪرار آهي، تنهن جو ويچار مون کي پهريون پيرو آيو هو.
جمهوري پاڪستان ۾ فوجي آمريت واري پاڪستان جي فوج ۾ بہ ويڇو وڌندو پئي ويو. مون جڏهن لاڙڪاڻي جي ٻنين ۾ فيصلا پئي ڪيا، تڏهن ٻئي پاسي هر صوبي ۾ ضياءَ جي جوڙيل خاص فوجي عدالتن ۾، جتي قانوني تعليم کان اڻڄاڻ هڪ مئجسٽريٽ ۽ بہ ٻيا عملدار هوندا هئا، ماڻهن کي موت ۽ جنم ٽِيپ جون وڏ ۾ وڏ سزائون مليون پئي. ٻين بہ سَون سرسري فوجي عدالتن ۾ ناانصافي پئي ٿي. جتي قانون کان اڻڄاڻ هڪ اڪيلو عملدار، رُڳو شاهديءَ پٽاندر اتي جو اتي هڪ سال تائين سخت پورهئي جي سزا ۽ پندرهن ڪَوڙا هڻڻ جو حڪم ڏيندو هو. منهنجا ڪيل فيصلا آخري ڪونہ هوندا هئا ۽ انهن تڪرارن جو نبيرو عدالتن ۾ ٿي پئي سگهيو، جڏهن تہ فوجي عدالتن ۾ ڏوهارين کي نہ وڪيل ڪرڻ جو ۽ نہ اپيل جو ڪو حق مليل هوندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ڏوهاري في ڪَوڙو ڏهہ هزار روپيا رشوت ڏني ٿي، تہ رُڳو ان صورت ۾ هو اُن سزا کان جان بچائي ٿي سگهيو. مارشل لاءِ جو ڦاهو تنگ پئي ٿيو.
مارشل لا حڪم نمبر 77: 27 مئي 1980ع. ملڪ دشمني ۽ هٿياربند فوجن جي اهلڪارن کي ڀنيلائڻ جي ڏوهن جا مقدما هاڻي ديواني عدالتن بدران فوجي عدالتن ۾ هلايا ويندا، جن جي سزا ڦاسي يا ڪَوڙا ۽ سخت پورهئي سان قيد هوندو.
مارشل لا حڪم نمبر 78: ٻي دريافت سياسي قيدين کي ٻارنهن مهينن تائين نظربند رکي سگهجي ٿو، پر هڪ نئين تبديليءَ سان، پنهنجن گهرن ۾ يا رستن تي گرفتار ٿيل ماڻهن کي ڪنهن بہ سبب ٻُڌائڻ جي ڪابہ گهُرج ڪانهي. ”نظربنديءَ جا سبب يا بنياد ڪنهن بہ ماڻهو کي ڪونہ ٻُڌايا ويندا“، حُڪم ۾ ڄاڻايل آهي. مارشل لا اختياري وارن موجب ”حالتن کي نظر ۾ رکندي“ نظربنديءَ جي مُدت کي هاڻي وڌائي سگهبو.

هاڻي ڪنهن به مرد يا عورت کي اپيل جي حق کانسواءِ ڪٽي به ۽ ڪڏهن به ڪنهن اهڙي الزام هيٺ گرفتار ڪري سگهجي ٿو، جنهن جي هن کي ڪا ڄاڻ ڪانهي ۽ ڪيس اڻڄاڻايل عرصي تائين قيد ۾ رکي سگهجي ٿو. 19 جون تي لاهور ۾ انهن نون قاعدن کي واپس ورتڻ ۽ شهرين جي حڪومت جوڙڻ لاءِ چوندڙن ڪرائڻ جي سلسلي ۾ وڪيلن هڪ جلوس ڪڍيو. ڇهاسي وڪيلن تي لٺيون وسايون ويون ۽ هنن کي جهَليو ويو. ساڳيءَ ريت آگسٽ ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي 1973ع جو آئين بحال ڪرڻ جي سلسلي ۾ مظاهرو ڪندي جهَليو ويو، جن ۾ ٻارهن وڪيل به هئا. حڪومت مزدور انجمن جي اڳواڻن ۽ شاگردن کي به گرفتار پئي ڪيو ۽ لڳو ٿي ته ان ظلم ۽ ڏاڍ جو ڪو اَنت ئي ڪونهي.

آرهڙ ۾ آئون جڏهن ڪراچي موٽي آيس، تڏهن امان مون کي گهڻو خبردار رهڻ جو اشارو ڏنو هو، پر حڪومت ڪوبه جوکو کڻڻ لاءِ تيار نه هئي. آگسٽ ۾ اسين هڪ دوست خاندان جي شاديءَ ۾ لاهور ويونسين، ته اسان جي هوٽل کي پوليس گهيرو ڪري ورتو ۽ اسان کي پنجاب صوبي مان نيڪالي ڏني وئي. اسان کي هٿياربند پوليس جي نظربنديءَ ۾ هوائي اڏي تائين ونيو ويا ۽ ڪراچي ويندڙ هوائي جهاز ۾ چاڙهيو ويو.

پڌرو هو ته فوجي بغاوت ۽ مارشل لا کي ٽي ورهيه ٿيڻ کان پوءِ به ضياءَ عوام کي زوري مڃائڻ ۽ سندن پُٺڀرائي وٺڻ ۾ اجا تائين ناڪام ويو هو. ضياءَ کي ڪابه سياسي پٺڀرائي نه هئي. هن کي رڳو فوج تي قبضو هو. پاڪستان قومي اتحاد جا سياستدان، جن 1977ع جي چونڊن ۾ بابا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مخالف ڪئي هئي ۽ جن مان ڪجهه پوءِ ضياءَ جا وزير به ٿيا هئا، پڻ هن کان ڦري ويا هئا. جڏهن بابا جي وفات کان ڇهه مهينا پوءِ ضياءَ هنن جون وزارتون ختم ڪري ڇڏيون هيون ۽ سڀني سياسي جماعتن تي بندش وجهي ڇڏي هئي. تڏهن پاڪستان قومي اتحاد وارا سياسي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پيا هئا.

نتيجي ۾ آڪٽوبر 1979ع ۾ جڏهن امان ۽ مونکي المرتضيٰ ۾ نظربند ڪيو ويو هو، تڏهن جلدئي پاڪستان قومي اتحاد جي ڪجهه جماعتن ضياءَ خلاف پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان سهڪار شروع ڪري ڏنو هو. هنن جي ان پيشقدميءَ کي پهرين اسان سياسي ڪيڏ سمجهيو هو، ته جيئن اهي فوجي حڪومت جو راضپو ماڻي سگهن. "جيڪڏهن تون اسان کي وزارتون ڪونه ڏيندين، ته اسين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ڏانهن ويندا سين." هنن ضياءَ کي اشارائتي انداز ۾ چيو هو. هاڻي 1980ع جي سرءُ جي منڊ ۾ وري اسان جي پراڻي مخالف پاڪستان قومي اتحاد سرچاءُ جون ڳالهيون شروع ڪيون هيون. هن ڀيري هنن ڳالهين کي ڳنڀيرتا سان ٻُڌڻو پيو هو.

سياسي پُنيرائي ماڻڻ ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ ضياءَ ۽ سندس باقي رهيل ٿورن حامين رشوتون ڏيڻ شروع ڪيون. روزانو ضياءَ طرفان لوڀ لالچ ڏيڻ جون خبرون اچڻ لڳيون. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ مسڪين اڳواڻ جي پُٽ ڏوڪيءَ کي، جيڪو سائيڪلن جي دڪان ۾ پورهيو ڪري روز ٻه روپيا ڪمائيندو هو، هڪ هزارين رپين جي آڇ ڪئي وئي، ته پيپلز پارٽيءَ کي ڇڏي مسلم ليگ ۾ شامل ٿي. اها جماعت پاڪستان قومي اتحاد ۾ شامل هئي، جنهن اجا تائين ضياءَ جي پُنيرائي پئي ڪئي. غلام مصطفيٰ جتوئي جهڙي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي طاقتور رڪن، سنڌ صوبي ۾ پارٽيءَ جي صدر ۽ اڳوڻي وزيراعليٰ کي ضياءَ پاڻ پنهنجي حڪومت جو وزيراعظم بنائڻ جي آڇ ڪئي هئي. ضياءَ جي ان نئين سياسي گروھ بنديءَ مان وڏو خطرو اهو پيدا ٿيو هو، ته عوام کي اها ڳالھ سوچڻ لاءِ بيوقوف بنايو وڃي، ته ضياءَ جي نفرت واري فوجي حڪومت جو غير فوجي حل ڳولي لڌو ويو آهي.

”ضياءَ طرفان اسان کي نقصان پهچائڻ کان اڳ اسان کي گهرجي ته اسين پاڻ هن جا رستا بند ڪيون.“ جتوئيءَ کي وزيراعظم جي آڇ ٿيڻ کان پوءِ سيپٽمبر ۾ امان مون کي چيو هو. ”جيتوڻيڪ مون کي ان خيال کان سخت نفرت آهي، پر پاڪستان قومي اتحاد اسان ڏانهن جيڪي تجويزون موڪليون آهن، تن تي اسان کي سوچڻ گهرجي.“

پهرين ته مون کي ڌڪُ وڪوڙي ويو هو. ”انهيءَ ڪري پارٽيءَ جا اڳواڻ سخت ناراض ٿيندا.“ مون احتجاج ڪندي چيو ”اسين ڪيئن ٿا وساري سگهون، ته پهرين پاڪستان قومي اتحاد ئي هو، جنهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ خلاف چوندن ۾ ڌانڌلين جا الزام هنيا هئا. اهو پاڪستان قومي اتحاد ئي هو، جنهن فوجين کي ملڪ تي قبضي واسطي راھ ڏيکاري هئي. اهي ماڻهو تڏهن ضياءَ جا وزير هئا، جڏهن هن بابا جو انت آندو هو.“

”پر پوءِ اسان لاءِ ٻيءَ ڪهڙي واٽ آهي؟“ امان چيو. ”اڄ جتوئي آهي، سڀاڻي ٻيا هوندا. جڏهن مثالي حالتون نه هجن، تڏهن توکي ڪَنور حقيقتن کي مُنهن ڏيڻو پوندو.“

هن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مرڪزي انتظامي ڪاميٽي جي ٽيهن ميمبرن جي ڳجهي گڏجاڻي ڪوٺائي. اسان کي ڄاڻ هئي، ته امان وڏو خطرو پئي ڪنيو، ڇو ته سياسي گڏجاڻين تي بندش پيل هئي. پر اسان جي مانڙيءَ ۾ ويهڻ کي حڪومت اڳيان جهُڪڻ برابر سمجهيو وڃي ها. ٻين گڏجاڻين جيان اها گڏجاڻي به 70 ڪلڪلفٽن تي گهرائي وئي هئي. پارٽيءَ جا اڳواڻ پري پري کان — سرحد ۽ بلوچستان صوبن مان آيا هئا ۽ اڳڪٿيءَ مطابق اهو بحث ڏاڍو اُگرو ٿيو هو.

”پاڪستان قومي اتحاد وارا قاتل آهن. قاتل آهن.“ سنڌ جي هڪ ميمبر چيو. ”جيڪڏهن اسين اڄ هنن سان ڏيتي ليتي ڪنداسين، ته سڀاڻي سِڌو جنرل ضياءَ سان ڏيتي ليتيءَ ۾ اسان کي ڪهڙو لاچار ٿيندو؟“

”پر جڏهن جاپان چين تي حملو ڪيو هو، تڏهن چيانگ ڪائي شيڪ سان مائوزي تنگ سهڪار ڪيو هو.“ پوڙهي شيخ رشيد جواب ڏنو. جيڪو پارٽيءَ ۾ مارڪسي ويچارن جو حامي هو. جيڪڏهن اهي قومي فائدي لاءِ سهڪار ڪري ٿي سگهيا، ته پوءِ آئون چوندس، ته اسان کي به قومي اتحاد سان سهڪار ڪرڻ گهرجي.“

اُن تجويز جي حق ۾ اُن خلاف اهو بحث تيز ٿيندو ويو. ”اسين مجبون ٿا ته اُهي مطلبي ۽ لوڀي آهن.“ مون راءِ ڏني. ”پر اسين ڇا ٿا ڪري سگهون؟ اسين ويهي اوسيئڙو ڪريون، ته اهو وجهه اسان جي هٿن مان کِسڪي وڃي يا وري اسان کي قومي اتحاد جي اُها ڪَڙي گولي ڪائڻي پوندي ۽ اسان کي پاڻ اُن جي اڳيرائي ڪرڻي پوندي. تنهنڪري منهنجي تجويز آهي ته اسين ناهه ڪريون ۽ پنهنجي پارٽيءَ سُڃاڻپ وڃائڻ کان سواءِ ڪو ڌار اتحاد جوڙيون.“

ستن ڪلاڪن جي بحث کان پوءِ نيٺ سچائين کي مڃيو ويو ۽ اسان مان هر هڪ لاچار ان تجويز کي مڃيو، ته پاڪستان قومي اتحاد پاران ناهه جي ڳالهين جو جواب ڏنو وڃي. اهڙيءَ ريت جمهوريت کي واپس آڻڻ جو خاڪو ناهيو ويو.

”هاڻي اسان ٻنهي جو ساڳئي وقت قيد ۾ وڃڻ مناسب ڪونهي، تنهنڪري تون سياست ۾ اڳرائي نه ڪجانءِ.“امان مونکي چيو. ”اهڙيءَ طرح اسان مان ڪابه هڪ پارٽيءَ جي اڳواڻِيءَ لاءِ ٻاهر رهي سگهندي.“

مون لاچار ٿي اها ڳالهه مڃي، پر ساڳئي وقت مون ٿورڙو آرام به پاتئيو. جيتوڻيڪ ايم آر ڊيءَ (جمهوريت موٽائڻ لاءِ جوڙيل تحريڪ) ناهڻ ۾ سياسي چڱائي هئي، پر بابا جي اڳوڻن دشمن سان اتحاد کي مڃڻ ۾ مونکي ڏکيائي ٿي هئي. ساڳئي ريت اڳوڻين مخالف جماعتن جي اڳواڻن کي پڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان ڳالهائيندي ڏکيائي پئي ٿي. مخالف ڌرين جا اڳواڻ گهڻو شڪي ٿين ٿا ۽ پارلياماني گڏجاڻين ۾ هڪ ٻئي سان سِڌو ڳالهائڻ بدران رُڳو قاصدن معرفت ڳالهائين ٿا.

انهي عمل ۾ وڏيڪ مونجهارو هڪ اُگري بحث سبب به ٿيو، جنهن نئين اتحاد کي ڪجهه وقت لاءِ لوڏي وڌو هو، خاص ڪري ايم آر ڊيءَ جي تجويز هيٺ چارٽر جي لفظن تي ٿيو، ته ڇا 1977ع جي چونڊن ۾ ڌانڌلي ٿي به هئي يا نه، ۽ ڇا بابا جي موت کي ڄاڻائڻ لاءِ ’سزا‘ يا ’قتل‘ جو لفظ واپرائجي يا نه. انهي تڪرار ختم ڪرڻ ۾ آڪٽوبر 1980ع کان فيبروري 1981ع تائين جو وقت لڳو ۽ نيٺ انهن ڏهن سياسي جماعتن وچ ۾ گهڻي بحث کان پوءِ ڏاڍي ڏُکيائيءَ سان ناهه جو مسودو نهيو.

محمد خان جوڻيجي جي مسلم ليگ وقت تي ڦِري وئي، جو ته جنرل ضياءَ هن کي وزيراعظم چونڊيو هو. 5 فيبروري 1981ع جي رات جو 70 ڪلفٽن ۾ نيٺ ٻين جماعتن جي اڳواڻن ۽ نائبن جي پهريون ڀيرو روبرو گڏجاڻي ٿي.

مون بابا جي اڳوڻن مخالفن ڏانهن نهاريو، جيڪي هن جي بيواهه ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ ۽ نياڻيءَ سان سياسي ناهه لاءِ ان وقت سندس گهر ۾ ويٺا هئا. سياست ڪيڏو نه عجب ڏنڊو آهي! پاڪستان جمهوري پارٽيءَ جو اڳواڻ نصرالله خان تُرڪي ٽوپي پايو امان جي ساڄي پاسي ڪان ويٺو هو. منهنجي سامهون اصغر خان جي معتدل جماعت تحريڪ استقلال جو نمائندو ۽ پريل چهري وارو قصوري ويٺو هو. جمعيت العلماءِ اسلام جا سُونهارين سان مذهبي اڳواڻ ڪمري ۾ هڪ طرف ويٺل هئا. ٻئي پاسي ڪاٻيءَ ڌر جي ننڍي مزدور جماعت جو اڳواڻ فتحياب علي ويٺو هو. هن ڪي ڪَلف لڳل اڇو ڪُڙتو ۽ سوڙهو پاجامو پيل هو. اتي اٺڪل ويهارو ڪن ماڻهو هئا، جن مان گهڻن جو تعلق اڳوڻي پاڪستان قومي اتحاد سان هو. مون ڪي هر پيري پنهنجي پاڻ کي تاڪيد ڪرڻو ٿي پيو، ته اصل ڳالهه اها آهي ته ضياءَ کي لاٽو وجي، ۽ ڏار سوچن هوندي به هڪ مضبوط سياسي اتحاد ئاهي، ضياءَ کي چوندن ڪرائڻ تي مجبور ڪيو وجي، پر اهو ڏکيو عمل هو.

ملاقات واري ڪمري ۾ مخملي ديوارن ۽ ڇت ۾ ٽنگيل جهاڙن وچ ۾ سگريٽن ۽ جوشيلين تقريرن جا ڌُونهان اُٿڻ لڳا ۽ اها گَڏجاڻي ايڏي ته ڏگهي ٿي، جو وري صبح جو به اها ڪونائڻي پئي هئي. هڪ ڏاڪي تي اڳوڻي پاڪستان قومي اتحاد جي هڪ اڳواڻ 1977ع جي هنگامن کي جائز ڪوٺڻ جي ڪوشش هئي. آئون پنهنجي ئي گهر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تي اها اڻ سِڌي تنقيد ٻُڌي اچرج ۾ پئجي وئي هيس.

"اسين هتي گَڏ ٿيا آهيون، ته جيئن جمهوريت لاءِ اتحاد جوڙڻ جي مسئلي تي ڳالهايون ۽ نه ان ڪري ته اوهين اسان لاءِ ڇا ٿا سوچيو ۽ اوهان لاءِ اسين ڇا ٿا سوچيون." مون تڏي آواز ۾ چيو.

"بلڪل، اسان کي مستقبل ڏانهن نهارڻ گهرجي، نه ڪي ماضيءَ ڏانهن." نصرالله خان اسان ٻنهي کي ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

پوءِ به انهن سياستدانن کي بابا جي چينيءَ جي ڪوپن ۾ ڪافي پيئندي، صوفن تي ويهندي ۽ سندس فون واپرائيندي، مون ڪان سَٺو نه ٿيو، جنهن تي هنن سڄي ملڪ ۾ پنهنجن ڪيترن ئي دوستن کي اها ڇيڙيندڙ خبر پئي ٻُڌائي ته، "آئون 70 ڪلفٽن ۾ آهيان! هائو سچ، ڀٽي صاحب جي گهر ۾!"

ياسمين، امينا ۽ سميعا مونکي ماٺ ڪرائڻ تي زور پريو. "اهي تو وٽ آيا آهن. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي طاقت جي پُنيرائي آهي." سميعا چيو.

"تو اهو اتحاد ناهڻ گهريو هو." امينا وڌيڪ چيو. "اها سياسي عقلمندي آهي، تنهنڪري انهن تڪليفن کي ميٺ محبت ۾ مُنهن ڏي."

مون پنهنجا اعتراض پڌرا نه ڪيا ۽ نه وري ٻين اڳواڻن پنهنجا اعتراض نروار ڪيا، جن نيٺ هڪ هڪ ٿي ناهه تي صحيحون ڪيون: جنهن مطابق سيئي جماعتون متحد ٿيون ۽ 6 فيبروري 1981ع تي ايم آر ڊي ٺهي.

ايم آر ڊي جي ناهه تي صحيحن ٿيڻ جي خبر، جيڪا ڪيترن ماڻهن بي بي سيءَ تان ٻُڌي، تنهن سڄي ملڪ ۾ نئون جوش جاڳايو. ان سبب عوام تي جيڪو نفسياتي اثر ٿيو، تنهن مان ڪيترن ئي سمجهيو ته اهو مارشل لا حڪومت جي ناانصافين خلاف احتجاج جو ڇڻ هڪ اشارو آهي. سڀ کان پهرين سرحد صوبي جا شاگرد ٻاهر نڪتا. ضياءَ هڪدم اسان تي بندش وجهڻ جا حُڪم ڪيا، ته جيئن اسين انهن گهائل شاگردن وٽ وڃي نه سگهون.

ٿُرت اهو ناراضپو سنڌ ۽ پنجاب ۾ به پکڙجي ويو، جتي ان وڌندڙ احتجاجي تحريڪ ۾ پروفيسر، ڊاڪٽر ۽ وڪيل به شامل ٿي ويا. ملتان، بهاولپور، شيخوپورا ۽ ڪوئيٽا ۾ به شاگردن جا احتجاجي مظاهرا ٿيڻ لڳا. ”الله جو شُڪر آهي. جو ايم آر ڊي شروع ٿي آهي.“ ٽئڪسي ڊرائيورن، دڪاندارن ۽ ننڍن واپارين ڀُٽڪڻ شروع ڪيو. ”ضياءَ جو وقت نيٺ پُورو ٿيو.“ اسان جي بورچي ڪراچيءَ جي ايمپريس مارڪيٽ مان واپس اچي ٻڌايو ته، ”ايم آر ڊيءَ جي سَڏ تي ڪاسائي به هڙتال لاءِ تيار آهن.“

ضياءَ ڄاتو ٿي ته ڪيس سُوڙهو گهٽيو ويو آهي. هن سڄي پاڪستان ۾ سيئي يونيورسٽيون بند ڪري ڇڏيون ۽ پنجن کان وڏيڪ ماڻهن جي گڏجاڻيءَ تي بندش وجهي ڇڏي. پر مظاهرا ٿيندا رهيا، جن کي ’ٽائيم مئگزين‘ مخالفت جي جوڪائتي لهر، جنهن سان جنرل ضياءَ کي مُنهن ڏيڻو پيو آهي‘ لکيو هو.

27 فيبروري تي لاهور ۾ ايم آر ڊيءَ جي ڳجهي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. ضياءَ هڪدم ردعمل ڏيکاريندي 21 فيبروري تي ايم آر ڊيءَ جي ڪيترن ئي اڳواڻن کي گرفتار ڪري ورتو. ايم آر ڊي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ٻين ميمبرن کي حڪمناما پهچايا ويا ۽ کين پنجاب مان نيڪالي ڏني وئي. ”... پنجاب ۾ تنهنجي موجودگيءَ سبب عوام جي سلامتي ۽ امن امان ۽ پڻ عوام جي فائدي کي ڇيهو رسڻ جو انديشو آهي.“ پنجاب جي گورنر منهنجي لاءِ پنهنجي حُڪم ۾ لکيو.

پنهنجين سياسي سرگرمين کي گهٽائڻ لاءِ، مون امان سان جيڪو ناهه ڪيو هو، تنهن تي هاڻي هن وڌيڪ زور ڏنو. ”تون هينئر ڪوبه سياسي ڪم نه ڪر. جيڪڏهن آئون گرفتار ٿي وڃان، ته توکي اڳواڻي ڪرڻي آهي.“ هن مونکي سختيءَ سان چيو. صورتحال ايتري ته جوکائتي ٿي وئي هئي، جو ذري گهٽ ضياءَ جو تختو اونڌو ٿيڻ وارو هو، پر آئون بندش هيٺ سڙي ڪامي رهي هيس. ايتري ۾ منهنجي ماءُ کي لاهور ۾ ايم آر ڊيءَ جي ڳجهي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو ويو. ان شهر ڏانهن ويندڙ سيني رستن کي پوليس بند ڪري ڇڏيو هو. پوءِ به ايم آر ڊيءَ جا ڪيترائي ارڪان ڳجهن رستن تان

سفر ڪري گڏجاڻي ۾ ويا هئا. امان برقعو پائي ڏاڏيءَ جي ويس ۾، پيپلز پارٽيءَ جي هڪ ڪارڪن جي تيرنهن ورهين جي پُٽ سان پنهنجي پوٽي طور ريل گاڏيءَ ۾ لاهور وئي.
پوليس گڏجاڻيءَ جي هنڌ ڇاپو هڻي ميمبرن کي گرفتار ڪيو، جن ۾ امان به هئي، جنهن کي واپس ڪراچي اماڻيو ويو. پر ان کان اڳ ئي ايم آر ڊي پنهنجي آخري تنبيهه جاري ڪئي، ته مارشل لا ختم ڪيو وڃي ۽ ٽن مهينن ۾ چونڊون ڪرايون وڃن. ”اسين مطالبو ڪريون ٿا ته، ضياءَ هڪدم اقتدار تان هٿ کڻي؛ ٻي صورت ۾ عوام جي اٿاهه قوت سان مارشل لا حڪومت کي ختم ڪيو ويندو.“ ايم آر ڊي لاهور ۾ اعلان ڪيو.
ايم آر ڊي سڄي پاڪستان ۾ زبردست هڙتالن ۽ مظاهرن لاءِ 29 مارچ جي تاريخ مقرر ڪئي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪجهه ڪائونسلرن، جيڪي 1979ع جي مڪاني چونڊن ۾ چونڊيا هئا، انهن هڙتال وقت پاڻ استعيفيٰ ڏيڻ ۽ ضياءَ کان استعيفيٰ جو مطالبي تي راضپو ڏيکاريو هو. هاڻي ضياءَ جي زوال ۽ پاڪستان ۾ جمهوري راڄ جُڙڻ جو وقت ويجهو پئي آيو. وقت ضياءَ جي هٿن مان نڪرندو پئي ويو.

**2 مارچ 1981ع:**

آئون 70 ڪلفٽن ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي آهيان. مون سان گڏ پارٽيءَ جا ڪارڪن به آهن. ايتري ۾ فون جي گهنٽي وڄي ٿي. فون تي ابراهيم خان آهي، جيڪو ڪراچي ۾ رائيٽر جو نمائندو آهي.
”اُن خبر بابت تنهنجو مؤقف ڇا آهي؟“
”ڪهڙي خبر؟“
”پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائين جو هڪ هوائي جهاز اغوا ٿيو آهي.“
”ڪنهن ڪيو؟“ آئون ڇرڪ ڀريندي پُڇان ٿي. پي آءِ اي جو جهاز اڳ ڪڏهن به اغوا ڪونه ٿيو هو.
”اڃا ته ڪنهن کي به ڄاڻ ڪانهي.“ هو چوي ٿو. ”ڪير به چئي نٿو سگهي ته اغوا ڪندڙ ڪير آهن. اهي جهاز ڪهڙي پاسي ونيو پيا وڃن يا اهي ڇا ٿا چاهين. آئون ڪوشش ڪري اوهان کي تازي ڄاڻ کان واقف ڪندس. پر اوهان مونکي پنهنجو ردعمل ٻُڌائيندا؟“
”اغوا جي ڪارروائيءَ جي جيتري به نِندا ڪجي سا گهٽ آهي. پوءِ ڪڻي اهو جهاز هجي يا قوم.“ مون پاڻمرادو وراڻيو. جڏهن آئون فون رکان ٿي، ته پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن اميد وچان مون ڏانهن نهارين ٿا.
”اسان جو هڪڙو هوائي جهاز اغوا ٿيو آهي.“ آئون چوان ٿي. ”مونکي رُڳو ايتري خبر پئي آهي.“

# هيڪلائيپ، سکر جيل ۾

**سکر سينٽرل جيل، 13 مارچ 1981ع:**
آئون هتي ڇو آهيان. ”مونکي ڪجهه بہ سمجهه ۾ نٿو اچي. وري جيل. سنڌ جي صحرا ۾ ڏورانهون جيل. ڏاڍي تتہ آهي. جيل جي گهڙيال مان نڪاءُ تين ٽا. رات جو هڪ، رات جا ٻہ. آئون سُمهي نٿي سگهان. منهنجي ڪوٺڙيءَ جون چارئي ڀتيون سِيخن جون آهن. جن وچ ۾ تتي برفاني هوا ڌوڪيندي اندر پئي اچي. اها ڪوٺڙي وڏي پڃري مثل ۽ گهٽي ڪُشادي آهي، جنهن ۾ رڳو هڪ واٽيل ڪٽ پئي آهي.
آئون ڪٽ تي ڪرونڊڙي ٿيان ٿي ۽ پاسا ورايان ٿي. منهنجا ڏند پيا ڳڙڪن. مون وٽ نہ سُئيٽر آهي، ۽ نہ ئي بلينڪيٽ. ڪجهه بہ ڪونهي. مونکي رڳو اها شلوار قميص پاتل آهي، جيڪا پنج ڏينهن اڳ ڪراچيءَ ۾ گرفتار ٿيڻ وقت پاتل هئي. هڪ جيلر مون تي رحم ڪائي، جورابن جي هڪ جوڙي موڪلي هئي. پر پوءِ هن کي پنهنجي ان سخاوت جي جهلجڻ جو ايڏو تہ ڊَپُ ٿيو هو، جو هن پنهنجا اهي جوراب اڄ صبح جو واپس ورتا آهن. منهنجن هڏن مان سُور جون سَٽون اُڀرن ٿيون. آئون جيڪر ڏسي سگهان، جيڪر رڳو هيڏانهن هوڏانهن هلي ڦري سگهان. پر رات جو منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ بجلي جو بلب وسايو وڃي ٿو. شام جو ستين بجين کان پوءِ هتي ٽڌي اوندهہ ڪان سواءِ ڪجهه بہ ڪونهي.
7 مارچ تي پوليس مونکي ڪلفٽن مان وٺڻ لاءِ آئي هئي، پر آئون اُتي ڪونہ هيس. مون رات سميعا وٽ گهاري هئي، تہ جيئن آئون ان گڏجاڻيءَ کان پري رهي سگهان، جيڪا امان ايم آر ڊي اڳواڻن سان 70 ڪلفٽن تي پئي ڪئي. ظاهر آهي تہ پوليس مون کي ڳولڻ لاءِ پنهنجي ڪوشش ۾ چِتي ٿي پيئي هئي، ۽ هنن منهنجي سئوٽ فخريءَ جي گهر تي ۽ 70 ڪلفٽن تي ڇاپا هنيا، جتي پهرين انهن امان کي جهَليو هو ۽ منهنجي ڳولا ۾ سڄي گهر کي ڊانواںڊول ڪري ڇڏيو هو. ”اوهين هن کي ڇا ٿا سمجهو، هوءَ ڪا ٽنِڊڻ آهي ڇا؟“ منهنجي ڀيڻ صنم پوليس وارن کان پڇيو هو، جڏهن انهن منهنجي ڳولا لاءِ ماچيسن جا ڪوڪا خالي ڪري پئي ڏٺا.
پوليس سڄي ڪراچيءَ ۾ پڪڙجي وئي هئي. انهن منهنجي اسڪول جي پراڻين ساهيڙين جي گهرن تي بہ ڇاپا هنيا. انهن ۾ هڪ پارسي خاندان پنتاڪيءَ جو بہ گهر هو. هنن جي پنجويهن ورهين جي ڄمار جي ڌيءَ پاريءَ کي پوليس ٽاٽي تي وٺي وئي، جتي هُن کان ستن ڪلاڪن تائين پڇاڻو ٿيندو رهيو. پاري ۽ ان جو خاندان مذهبي اقليت مان هو ۽ ملڪ کي مذهبي ويس پارائڻ واري ضياءَ جي نيتيءَ هيٺ، جيڪو بہ مسلمان

ڪونہ ھو، سو ھاڻي خاص ڪري سزا لائق ھو. ”اسان کي خبر آھي تہ ملڪ ۾ مذھبي اقليتن سان ڪيئن مُنھن ڏجي.“ پوليس پارٽيءَ جي مائٽن کي تڏھن تنبيھہ ڪئي، جڏھن ھنن اختياريءَ وارن وٽ ان جي نظربنديءَ خلاف احتجاج ڪيو ھو. ”ملڪي سياست ۾ اوھان لاءِ ڪا بہ جاءِ نہ آھي. اوھين سياست ۾ دخل نہ ڏيو.“

بين بن ساھيڙين پڇي ۽ ھموءَ جي گھرن جي جھَڙتي وٺڻ کان پوءِ ٻئي ڏينھن پوليس نيٺ مون کي ڊاڪٽر اشرف عباسيءَ جي گھر ۾ اچي جھليو، جيڪا قومي اسيمبليءَ جي اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر ۽ ڪراچيءَ ۾ امان جي ڊاڪٽر ھئي. ”ھتي پوليس آئي آھي ۽ گھر جي جھَڙتي وٺڻ چاھي ٿي.“ مون اجا اسلام آباد ۾ پنھنجين ڪجھہ ساھيڙين سان فون تي ڳالھائڻ لاءِ ويچاريو پئي، تہ ڊاڪٽر عباسيءَ جي پٽ صفدر اسان کي اچي ٻُڌايو ھو. جيئن تہ مونکي چاپن لڳڻ سبب ڪابہ ڄاڻ نہ ھئي ۽ ايم آر ڊيءَ جي سياسي سرگرميءَ ۾ پوڻ کان مون پوريءَ طرح پاڻ پاسو ڪيو ھو، تنھنڪري اھو ٻُڌي اسين ھن ڏانھن اچرج وچان ڏسڻ لڳيوسين. مون سمجھيو تہ پوليس ڊاڪٽر عباسي يا سندس پُٽ منور کي وٺڻ آئي ھوندي. ”ھنن کي چئو تہ گھر جي جھَڙتي وٺڻ جي گھُرج ڪانھي.“ مون صفدر کي چيو. ”ھنن کان پُڇ تہ ڪين ڪير کپي.“ ويرم کن ۾ ھو موٽي آيو. ”پوليس اوھان لاءِ آئي آھي.“ ھن ٻڌايو.

اُن گرفتاريءَ ۾ ھڪ نئين ۽ پوائتي ڳالھہ ٿي ھئي. اھا مون ان وقت سمجھي، جڏھن مونکي ڪليل جيپ ۾، پنيان اُن ھنڌ ويھڻ لاءِ چيو ويو، جتي ڪيترائي سپاھي ويٺل ھئا. اڳي پوليس مونکي ڪار ۾ وٺي ويندي ھئي. مون جيپ ۾ ويھڻ کان انڪار ڪيو ۽ ھنن نيٺ مونکي اڳيان ويھڻ جي اجازت ڏني. جيپ پويان ۽ خالي گھٽين مان فوج جو جيڪو قافلو پئي آيو، سوبہ تمام ڊگھو ھو ۽ اسان جي منزل ٿاڻو ھئي. اڳي مون کي ڪڏھن بہ ٿاڻي تي نہ وٺي ويا ھئا. ڇا ٿيڻ وارو ھو؟ آئون ان خالي ڪوٺيءَ ۾ پنج ڪلاڪ ويني رھيس ۽ مون کي ڪنھن بہ ڪجھہ ڪين ٻڌايو. مون رڳو پوليس وارا پئي ڏٺا، جن سگريٽن مٿان سگريٽ پئي ڦوڪيا ۽ اڳ ۾ ئي پانَ جي پِڪن سان ڳاڙھيون ٿيل ديوارن تي پانَ جون ٿُڪون پئي اڇلايون. ھن ڀيري مونکي ھڪدم پتو پوڻو ھو، تہ ضياءَ پنھنجي سختي ۽ ظلم جون اڳوڻيون حدون بہ اورانگھي ويندو.

مونکي ڄاڻ نہ ھئي، پر اختياريءَ وارن کي ڄاڻ ھئي تہ سڄي پاڪستان ۾ ھزارين ماڻھو گرفتار پئي ٿيا. ايمنسٽي انٽرنيشنل جي ڪٿ مطابق رڳو مارچ 1981ع ۾ ڇھن ھزارن کان مٿي ماڻھن کي جھَليو ويو ھو. 2 مارچ تي پي آءِ اي ھوائي جھاز جي اغوا ٿيڻ کان پوءِ پنجن ڏينھن اندر ضياءَ اغوا جو بھانو بڻائي، ايم آر ڊيءَ جي وڏنڊڙ پُنيرائي کي ڇيپاڻڻ جو فيصلو ڪيو ھو. جنھن بہ ماڻھوءَ جو ايم آر ڊي يا پيپلز پارٽيءَ سان ٿورو بہ ناتو ھو، تنھن کي جھَليو پئي ويو.

اسلام آباد ۾ نيازين کي جهَليو ويو هو. پوليس امينا کي بہ جهلڻ لاءِ وئي هئي، پر جڏهن هنن ڏٺو تہ هوءَ ٽون مهينن جي ڳرڀوتي آهي، تڏهن هن بدران سنديس مُڙس سليم کي وٺي ويا. ان اوچتي صدمي سبب هن کي ڇُرڻ پُرڻ جي سخت تڪليف ٿي هئي. بلوچستان مان يحييٰ بختيار کي جهَليو ويو، جيڪو بابا جي وڪيلن جو اڳواڻ ۽ پاڪستان جو اڳوڻو اٽارني جنرل هو. لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر خالد احمد، جنهن کي جلاوطن ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويو هو. ان جي پاڙيجي ۽ قومي اسيمبليءَ جي اڳوڻي ميمبر فيصل حيات کي جهَليو ويو هو. راولپنڊي ۾ فليش مئن هوٽل جي اسسٽنٽ مئنيجر قاضي سلطان محمود کي ٽيون ڀيرو جهَليو ويو هو. 'مساوات' ڪراچيءَ جي ايڊيٽر ارشاد رائو ۽ سنڌ پيپلز پارٽيءَ جي مک رڪن پرويز علي شاهه سان بہ اهوئي ٿيو. اها فهرست ڊگهي ٿيندي پئي وئي ۽ اسان سان ٿيندڙ ورتاءُ وحشيپڻي جون نيون اوچايون پئي ڇُهيون.

"منهنجي ماءُ ڪٿي آهي؟" ٽاڻي تي مون پوليس وارن کان پڇيو.

"ڪراچي سينٽرل جيل ۾، " هنن ٻڌايو.

"ريسٽ هائوس ۾؟" مون پڇيو. جيل جا عملدار ريسٽ هائوس ۾ ويندا هئا، جو تہ اهو هنڌ ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آسودو هو ۽ اتي ئي امان کي ڀهرين رکيو ويو هو.

"ڪوٺڙيءَ ۾،" هنن ٻڌايو.

منهنجو ساهه گهُٽجڻ لڳو. امان، اڳوڻي وزيراعظم جي بيواهه سا سي ڪلاس جي ڪوٺڙيءَ ۾، جتي نہ پاڻي آهي، نہ بسترو ۽ نہ ئي هوا!

"مونکي ڪيڏانهن ٿا وٺي هلو؟" مون پوليس وارن کان پڇيو.

"تنهنجي امان وٽ،" هنن ٻڌايو.

هنن ڪُوڙ ڳالهايو هو.

آئون ڪراچي سينٽرل جيل جي ريسٽ هائوس ۾ ڪنهن سان بہ ملاقات کان سواءِ پنجن ڏينهن تائين پئي هيس، جتي پورو فرنيچر بہ پيل ڪونہ هو. اتي جي عملي ٻڌايو تہ ڪين امان بابت ڪابہ ڄاڻ ڪانهي. هنن اُن ڳالهه کان بہ انڪار ڪيو تہ هوءَ ڪراچي ۾ آهي. مونکي پنهنجن وڪيلن سان ملاقات کان بہ روڪيو ويو هو. مون وٽ ڪپڙا بہ ڪونہ هئا، رڳو اهي هئا جيڪي گرفتاريءَ وقت مونکي پاتل هئا. مون وٽ نہ وارن جو بُرش هو، ۽ نہ ڦڻي. نہ ڏندڻ هو، ۽ نہ ئي پيسٽ، ڪابہ شيءِ نہ هئي. گهڻي سوچ ۽ ڳڻتي سبب مونکي زناني تڪليف ٿي پئي هئي، جنهن لاءِ منهنجو علاج هلندڙ هو. مونکي دوائن جي گهُرج هئي، پر اتي ڪو ڊاڪٽر نہ هو، ۽ نہ وري ڪا عورت هئي، جنهن کان آئون صلاح وٺي سگهان ها.

”توکي رات جو اڍائي بجين هتان روانو ٿيڻو آهي.“ سپرنٽينڊنٽ مون کي ٻڌايو، جيڪو 12 تاريخ رات جو منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ آيو هو. هن جي مُنهن مان ڏَپُ پئي ٻَڪيو. ”تون تياري ڪري وٺ.“

”اوهين مونکي ڪيڏانهن ٿا وٺي هلو؟“ مون پڇيو. ان جو ڪوبہ جواب نہ مليو.

”منهنجي امان ڪٿي آهي؟“ مون وري پڇيو. وري بہ ڪو جواب نہ مليو.

پهريون ڀيرو آئون ڏَپُ ۾ وڪوڙجي ويس. مون اهي افواهہ ٻڌا هئا، تہ جيل جو عملو ورلي ڪجهہ قيدين کي رات جو ريگستان ۾ وٺي ويجي ٿو ۽ کين قتل ڪري ڇڏي ٿو. پوءِ هنن جون ميتون دفنائي، سندن مائٽن کي اطلاع ڏنو ويجي ٿو، تہ سندن مائٽ جيل مان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندي مارجي ويا آهن يا وري اوچتو دل جي دوري پوڻ سبب مري ويا آهن. آئون جڏهن پهرين ريسٽ هائوس ۾ ڦٽيس، تڏهن مون پنهنجي گرفتاريءَ خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ کي خط لکيو هو، تہ مون کي اجازت ڏني وڃي تہ آئون پاڻ عدالت ۾ پنهنجي مقدمي جي پيروي ڪريان يا وري مون ڏانهن ڪو وڪيل موڪليو وڃي. هاڻي آئون ڏاڍي مايوس هيس، تہ اهو خط منزل تي پهچڻ گهرجي.

”تون هيءَ خط ضرور عدالت ڏانهن موڪل.“ هڪڙي صبح جو جڏهن مون حڪومت جي عملدارن جو انتظار پئي ڪيو، تڏهن مون اهو هڪڙي جيلر کي سونپيندي چيو. هن مانڙيءَ ڪري اهو خط وٺي، پنهنجي کيسي ۾ رکيو. مون الله جا ٿورا مڃيا. جيڪڏهن هن اهو خط پهچايو تہ گهٽ ۾ گهٽ اها ڳالهہ لکيت ۾ موجود هوندي، تہ آئون ڪٿي هيس ۽ اتان مونکي ڪيڏانهن وٺي ويا هئا.

رات جو اڍائي بجين پوليس جي عورتن سان ڀريل هڪ لاري آئي. ان سان گڏ پوليس ۽ فوج سان ڀريل ٽرڪون ڦٽيون. اسين ڪارن شيشن واريءَ ڪار ۾ چڙهياسين، جيڪا خالي رستن تان اهڙي تہ تيز رفتاريءَ سان پئي ڀڳي، ڄڻ اسان تي حملو ٿيڻ وارو هو. اوچتو اها ڪار جهٽڪي سان بيهي رهي ۽ ٻطرفي ريڊيو تي ڪيترائي ڀُڻڪا ۽ ڳالهيون ٿيون.

”هن کي رنوي تي اڪيلو ڇڏي ڏيو.“ مون اُهي هدايتون ملندي ٻُڌيون. مون کي آٿت ٿي. گهٽ ۾ گهٽ آئون هوائي اڏي تي تہ آهيان. پر اُهي مونکي ڪهڙي طرف وٺي ٿي ويا؟ تنهن وقت مونکي هوائي جهاز جي اچڻ وڃڻ جو وقت ياد ٿي ويو هو ۽ اُها مهل پاڪستان جي ڪنهن بہ حصي ڏانهن ڪنهن بہ هوائي جهاز جي اُڏام جي نہ هئي. شايد لاڙڪاڻي ڏانهن وڃبو. مون پاڻُ کي آٿت ڏني. شايد هنن پنهنجي اُن ڳجهي ڪارروائيءَ کي ڌيان ۾ رکي خاص جهاز گهُرايو هو. آئون اُن جي لهڻ جي اوسيئڙي ۾ ويٺي هيس. پر ڪوبہ جهاز نہ لٿو. ايئن اُتي ويٺي مون کي چار ڪلاڪ ٿي ويا، نيٺ مون پرهہ جون ٻاڪُون ڦُٽنديون ڏٺيون.

صبح جو سادي چھين وڳي رنوي تي مُسافرن جو ھڪ عام جھاز نروار ٿيو. مونکي جھاز ۾ چاڙھيو ويو. منھنجي سِيٽ پرسان ھڪ پوليس واري، ٻہ منھنجي پُٺيان ۽ ٻہ وچ واري رستي طرف ويٺيون. ”اسين ڪيڏانھن پيا وڃون؟“مون ايئرھوسٽيس کان پُڇيو. پوليس وارين ھُن جي جواب وچ ۾ ڳالھايو. ”تون گرفتار آھين، ۽ ڪنھن سان بہ ڳالھائي نٿي سگھين.“

ڇا پئي ٿيو؟ ڪراچي جيل جي پنجن ڏينھن ۾ مون ڪابہ اخبار نہ ڏٺي ھئي، تنھنڪري مونکي سمجھہ ۾ ئي نہ پئي آيو، تہ امان ۽ مون سان ايتري سختي ڇو پئي ڪئي وڃي. پر مونکي پڪ ھئي تہ ايم. آر. ڊيءَ ناھڻ ۽ ضياءَ سان اسان جي مقابلي جي خواھش جي نتيجي ۾ ڪيئي گرفتاريون ٿيون ھيون. پر اُھو ڪھڙو سبب ھو، جو حڪومت اسان تي ايتري سختي پئي ڪئي؟ ۽ جھاز جي ٻين مسافرن توڙي پوليس وارين جي چھرن تي اُھو ڊَپُ ڇو پئي ڏسڻ ۾ آيو؟

ايئر ھوسٽيس مونکي اخبار آڻي ڏني، جنھن ۾ ايم. آر. ڊيءَ جون خبرون نہ ھيون، پر جھاز جي اغوا جون خبرون ھيون. اغوا ڪندڙن پنجونجاھہ سياسي قيدين جي آزاديءَ جي گھُر ڪئي ھئي، ۽ جھاز کي ڪابل ۾ لاھڻ جو حُڪم ڏنو ھو، جتي ھنن جھاز جي مسافرن مان ھڪ ڄڻي کي گولي ھڻي ماري ڇڏيو ھو. اُھو فوتي فوجي عملدار ميجر طارق رحيم ھو، جيڪو ڪنھن وقت بابا جو ايڊ ڊي ڪئمپ ھوندو ھو. پوءِ پائليٽ کي شام مُلڪ جي دمشق شھر ڏانھن جھاز اُڏائڻ تي مجبور ڪيو ويو ھو. اغوا ڪندڙن ھڪ ويڙھُو ٽولي ’الذوالفقار‘ جا ميمبر ھئڻ جي دعويٰ ڪئي ھئي. چيو ويو ھو تہ، الذوالفقار جو مرڪز ڪابل ۾ ھو، جتي منھنجا ڀائر رھندا ھئا. مضمون ۾ لکيل ھو تہ، اُن گروھہ جو اڳواڻ منھنجو ڀاءُ مير ھو.

ايڪٽيھہ، ٻٽيھہ، ٽيٽيھہ. وارن جي بُرش جا ست ڦيرا، ستانوي، اٺانوي، ڏنڊڻ ڏيڻ وقت ھڪ سؤ تائين انگ ڳڻ. ڪُليل آڱرين ۾ ھاٿي پندرھن منٽن تائين پسار ڪر. ضابطو. اصول. اھو حر حالت ۾ قائم رکڻ گھُرجي. منھنجي ڪوٺڙيءَ سامھون سيخن لڳل خالي ڪوٺڙين لڳ قيدخاني جي ڪچي ۽ گندي اڱڻ ۾ ڪُليل ڪَسيون آھن. جيلرن جو چوڻ آھي تہ، جيل جو اُھو سڄو ڪمپائونڊ منھنجي سبب خالي ڪرايو ويو آھي. حڪومت مون کي بنھہ اڪيلائپ ۾ رکيو آھي. روزانو جيلر منھنجي غار جھڙي پڃري جو ڪُلف کولي منھنجي نيرن لاءِ ڇِڊي چانھہ ۽ ماني، ٻنپھرن جو مھريءَ جي ڇِڊي دال، اوٻاريل ڪَدُو، ھفتي ۾ ٻہ ڀيرا مڇيءَ جو ٽُڪرو، ڪڏھن ٻنپھرن جو ڪڏھن رات جو ڪٽي اچن ٿا، ۽ وري مونکي بند ڪري ھليا وڃن ٿا. آئون ڪنھن ٻئي کي نٿي ڏسان، سکر جيل جي ھيڪلائپ واري قيد ۾ پنجن مھينن ۾ آئون ورلي ڪنھن انسان جو آواز ٻُڌان ٿي، جيڪو مون کي مايوس ڪندڙ خبرون ٻُڌائي ٿو. ”اڄ وڌيڪ پنجاھہ ماڻھن کي گرفتار

ڪيو ويو.“ جيل جا عملدار هفتي ۾ هڪ ڀيرو چڪر هڻڻ مهل مون تائين خبرون پهچائين ٿا. ”اڄ هڪ سياسي قيديءَ کي ڪوڙا لڳا آهن.“
افغانستان ۾ روسي فوجن جي گهڙي اچڻ جيان، هوائي جهاز جي اغوا جو واقعو ضياءَ لاءِ گهڻي ڏُکئي وقت تي ٿيو هو. هن کي حڪومت تان لاهڻ لاءِ عوام جي اُن سخت مخالفت جي شروعات ۾ ضياءَ اُن واقعي کي پيپلز پارٽيءَ جي دهشتگردي ڄاڻايو هو. اهو اهڙي وقت تي ٿيو، جو ڪيئي ماڻهن جو ويچار هو ته اُن ۾ ضياءَ جو هٿ آهي. جيڪڏهن ائين آهي ته اهو گهڻو سوگهو ٿيو هو. اغوا جي تيرهن ڏينهن کان پوءِ ۽ اغوا ڪندڙن جي ڏنل پڄاڙڪي وقت کان به ٿي منٽ اڳ جڏهن هنن جهاز کي بم سان اُڏائڻ جي ڌمڪي ڏني هئي، حڪومت هنن جي پنجونجاهه سياسي قيدي آزاد ڪرڻ واري مطالبي کي مڃيندي، اُنهن قيدين کي ڇڏي ڏنو. تنهن وقت پنجونجاهه قيدين جي ڪهڙي ڳالهه هئي. جڏهن ته حڪومت پنجاهه هزارن سياسي مخالفن کي قيد ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ منجهانئن ڪيترن تي دهشتگرديءَ جا الزام هئا. ايم آر ڊي جنهن مقصد هيٺ اڳتي وڌي هئي، تنهن جو ته اخبار ۾ به ڪو ذڪر نه ٿي ٿيو. سڀيئي اخبارون هوائي جهاز جي اغوا ۽ الذوالفقار جي خبرن سان ڀريل هيون.
سکر جيل جي ڪُلف لڳل ڪوٺڙيءَ ۾ مون کي اڃا به سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته، ضياءَ پيپلز پارٽيءَ ۽ خاص ڪري امان ۽ مونکي الذوالفقار سان لاڳاپي ۾ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڇو ٿي ڪئي. ان بدران منهنجو سڄو ڌيان پنهنجي آزاديءَ تي هو. مون تڏهن سُک جو ساهه کنيو، جڏهن منهنجو وڪيل مسٽر لاکو مون وٽ سکر ۾ آيو، ته جيئن منهنجي نظربنديءَ خلاف اپيل ٺاهي سگهجي. هڪ ڀيرو وري هڪ ايماندار جيلر منهنجي مدد ڪئي. مون سنڌ هاءِ ڪورٽ کي جيڪو خط لکيو هو، سو نيٺ اُتي پهچي ويو هو. پر جيلر ۽ مسٽر لاکو جي ڪيل ڪوشش جو ڪوبه نتيجو نه نڪرڻ وارو هو.
مسٽر لاکو جي ملاقات کان ٽي يا چار ڏينهن پوءِ 23 مارچ تي فوجي حڪومت ”عارضي آئيني حُڪم“ ڪڍيو، جنهن موجب ”جنرل ضياءَ وٽ اهڙا اختيار هئا، ۽ هوندا، ته هو آئين ۾ تبديلي آڻي سگهي.“ اُن نئين حُڪم کي ڪَتب آڻيندي ضياءَ هڪدم ديواني عدالتن جا اختيار ختم ڪري ڇڏيا، ته جيئن اُتي مارشل لا جي ڏنل سزائن جي شُنوائي ٿي نه سگهي. منهنجي طرفان مسٽر لاکو معرفت ڪيل اپيل ۽ ٻئي هر سياسي قيديءَ جي اهڙي اپيل هاڻي بلڪل اجائي هئي. هڪ فوجي عدالت ڪنهن به قانوني گهُرجن کانسواءِ هاڻي اسان کي گرفتار ڪري، مُقدمو هلائي ۽ سزا ڏئي، اُن جي تعميل ڪرائي پئي سگهي.
اُن نئين عارضي آئيني حُڪم هيٺ ضياءَ هر قانوني مخالفت کي ٻُنجو ڏيڻ لاءِ عدالتن جي به صفائي ڪئي. هاڻي سيني ججن لاءِ ضروري هو ته، اُهي مارشل لا ۽ چيف مارشل لا طور ضياءَ جي بالادستيءَ رکڻ لاءِ قسم کڻن. جن ججن قسم کڻڻ کان نهڪار ڪئي،

تن کي هٽايو ويو. ٻين ججن کي قسم کڻڻ جي وجهه ملڻ کان اڳ سندن عهدن تان هٽايو ويو. پاڪستان جي عدالتي سرشتي جو چوٽيون ٽٽيو، حڪومت جي اُن نئين حُڪم هيٺ نوڪرين مان نڪتو. انهن ۾ اُهي ٻه جج هئا، جن سياسي قيدين جي موت ۽ سخت پورهئي وارين سزائن جي فتوائن کي رد ڪيو هو. ”جيڪڏهن اختيارن کي عدالتي سرشتي سان ياڳي پائيوار ڪرڻ جو سوال آهي، ته مونکي اهي نه گهُرجن.“ ’گارجين‘ اخبار ضياءَ بابت لکيو هو. ”هنن جو ڪم رڳو قانون جي ڇٽائي آهي.“ عالمي قانوني انجمنن ۽ وري ايمنسٽي انٽرنيشنل حڪومت وٽ سخت احتجاج ڪيو، پر اُن جو ڪو نتيجو نه نڪتو. پاڪستان ۾ ديواني قانون کي اثرائتي نموني ختم ڪرڻو هو. پوءِ وري مسٽر لاڪو کي مون سان ملاقات جي اجازت نه ملي هئي.

وقت ڪنور، ورچائيندڙ. پنهنجي ذهني سُجاڳيءَ لاءِ مون پاڻ سان ٽيندڙ هر اُن واقعي کي هڪڙي ننڍڙيءَ ڪاپيءَ ۾ لکي ڇڏيو، جيڪا هڪ همدرد جيلر لڪائي منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ آندي هئي، جنهنڪري ٿورو وقت گُذري ويندو هو. مونکي روزانو هڪڙي اخبار ملندي هئي، جيڪا ’ڊان‘ هوندي هئي. اها سنڌ جي ننڍن شهرن لاءِ ڇپجندي هئي. ’اها اخبار آهستي آهستي پڙهه- لفظ به لفظ‘ آئون پاڻُ کي تاڪيد ڪندي هيس. وڏاءُ واريون آڪاٽيون، جمعي ڏينهن ٻارن لاءِ ڳُجهارتون. ڀلارن ڏينهن بابت مضمونَ، شين ناهڻ ۽ ڪاڌا رڌڻ جون ترڪيبون. پر هڪ ڪلاڪ ۾ آئون اخبار پڙهي پوري ڪندي هيس.

”ڇا مونکي ’ٽائيم‘ يا ’نيوز ويڪ‘ ڏيئي سگهو ٿا؟“ جيل سپرنٽينڊنٽ جڏهن پنهنجي هفتيوار گشت تي آيو ته مون کيس چيو.

”اُهي ڪميونسٽن جا رسالا آهن، جن جي هتي منع آهي.“ هن مونکي ٻُڌايو.

”اُهي ڪميونسٽن جا نه، پر سرمايدارن جي ڳڙهه مان ڇپجن ٿا.“ مون بحث ڪيو.

”اوهان وٽ لائبرريءَ ۾ ڪهڙا ڪتاب آهن؟“ مون وري ڪوشش ڪئي.

”هتي اسان وٽ لائبرري ناهي.“

جيئن مارچ پُورو ٿي اپريل شروع ٿيو، ته آئون اخبار پهچڻ تي ڏڪڻ شروع ڪندي هيس. اخبار جي پهرئين صفحي تي اڃا تائين جهاز جي اغوا جون خبرون هونديون هيون، جنهن ۾ منهنجي ڀاءُ مير جو هٿ ٻُڌايو ويندو هو. مون هڪ انٽرويوءَ پڙهيو، جنهن ۾ مير پي. آءِ. اي هوائي جهاز جي اغوا جي ذميداري مڃي هئي. هڪٻئي انٽرويوءَ ۾ هُن اُن کان انڪار ڪيو هو. پر سڀني سرڪاري اخبارن اهوئي پئي لکيو ته، الذوالفقار، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هٿياربند جماعت آهي.

ڪيڏي نه ڪُوڙي تُهمت هئي اها! پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنيادي نظريو ئي اهو هو، ته سياست ذريعي پُر امن تبديلي آندي وڃي. قاعدي قانون اندر رهي ڪم ڪجي. اسان

پلا عام چوندن ڪرائڻ لاءِ ايڏو زور ڇو پئي ڏنو. اسان تي ضياءَ جيڪي اٽڪلون پئي آزمايون، تن هوندي به اسين چوندن وڙهڻ لاءِ ڇو تيار هئاسين. هن جي مارشل لا جي موتمار سختين جي موجودگيءَ ۾ اسان چوندن تي ڇو زور ڏنو هو؟ عوام جي دلين ۽ وفادارين تي ڪڏهن به ڏاڍ ۽ دٻاءُ سان قبضو ڪري نٿو سگهجي. ضياءَ ڪي به ضرور اُن ڳالهه جو پتو هو. پر حڪومت ايم آر ڊي، پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ ڀُٽو خاندان جي تباهي ۽ بربادي‌ءَ لاءِ الذوالفقار بابت جيڪا ٿوري گهڻي سچائي هئي، تنهن کي مروٽي سروٽي سامهون پئي آندو.

سکر جيل جي اُن ڪوٺڙيءَ جي اڪيلائيءَ ۾ مونکي پڪ ٿيندي پئي وئي، ته حڪومت منهنجي قتل جون تياريون پئي ڪري. جيل جي عملي مان هڪ ڄڻي مونکي ڏڪندي ٻُڌايو هو، ته اُتي ئي فوجي عدالت ڳجهيءَ طرح مقدمو هلائي، مونکي موت جي سزا ڏيندي. هڪ ٻئي ملازم ٻُڌايو هو، ته ٻئي اڱڻ ۾ موت جي ڪوٺڙين کي خالي ڪرايو پيو وڃي، ته جيئن مونکي اُن پاسي اُماڻي سگهجي. هُن اُهو به ٻُڌايو هو، ته سکر ۾ چؤڪسيءَ کي سخت ڪيو پئي ويو، ڇو ته اهڙا افواهه پکڙيل هئا ته منهنجي موت جي سزا جي اعلان ٿيڻ کان پوءِ، منهنجا پائر مونکي بچائڻ جي ڪوشش ڪندا. ٻيا افواهه اُهي پکڙيل هئا، ته مون کي ٽُرت بلوچستان جي هڪ عذاب گهر ۾ اُماڻيو ويندو، ته جيئن مونکان اهو مڃرايو وڃي، ته پي آءِ اي جي جهاز کي اغوا ڪرائڻ ۾ آئون به شامل هيس. ”تنهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو وقت اچڻ وارو آهي.“ هڪڙي ڄڻي ڏاڍي همدرديءَ سان منهنجي ڪَنُ ۾ پُٽڪيو. ”تون پنهنجي جياپي لاءِ دُعا گهُر.“

انسپيڪٽر جنرل جيلز جڏهن انسپيڪشن لاءِ سکر ۾ آيو، ته هُن به انهن افواهن جي پڪ ڪئي. ”ماڻهن کي عذاب ڏيئي کين مڃرايو پيو وڃي، ته تون به الذوالفقار ۾ شامل آهين.“ سڀاجهي مُنهن ۽ اڇن وارن واري اُن شخص مونکي ايندڙ جوکن کان آگاهي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

”پر آئون ته بيگناهه آهيان. اُهي مون کي ڏوهي نٿا ڪوٺي سگهن.“ مون سادگيءَ سان چيو. انسپيڪٽر جنرل پنهنجو ڪنڌُ لوڏيو. ”مون پاڻ تنهنجي اباڻي شهر لاڙڪاڻي جي هڪ ڇوڪري کي ڏٺو آهي، جنهن جي پيرن جا نُنهن ڇڪي ڪڍيا ويا آهن.“ هن اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي چيو. ”آئون ڇئي نٿو سگهان، ته ڪيترا ماڻهو اهڙا عذاب سَهي سگهندا.“

مون مٿس ۽ جيل جي عملي تي ڀروسو ڪرڻ نه ٿي گهُريو. جياپي لاءِ اها ڳالهه اهم آهي، ته سچائيءَ کي مڃڻ کان انڪار ڪجي. سچائيءَ کي مڃڻ جو مطلب آهي: ڌمڪيءَ کي مڃڻ. پر لاشعوري طرح منهنجي جسم اُن ڇڪتاڻ جو اثر قبوليو، ۽ منهنجي جسماني صحت ويتر خراب ٿي ويئي. جيئن ته منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ نويڪلائي نه هئي، تنهنڪري جيل ۾ اچڻ کان پوءِ ٽُرت جيل ميٽرن کي منهنجي زناني تڪليف جي سُڌ

پئجي ويئي هئي، تنهنڪري ليڊي ڊاڪٽر کي گهُرايو ويو. پر هُن جيڪا پرک ڪئي، سا مونکي نه ٻُڌائي ويئي.
جيلر منهنجي لاءِ جيڪو ڪاڙو آڻيندا هئا، سو مون کان ڪاڙو نه ويندو هو، جنهنڪري آئون اُهو ايئن ڇڏي ڏيندي هيس. آئون ڪجهه به نه کائيندي هيس. پر مونکي پڪ ٿي ويئي هئي ته آئون ٿُلهي پئي ٿيان. منهنجون ڪُڪيون پرجي ويون هيون، ۽ لڳو ٿي ته پاسراٽيون وڌي ويون آهن. هاڻي مون ڀانئيو ته اها سموري خرابي بُک مرڻ سبب ٿي هئي.

منهنجو وزن ڏينهون ڏينهن گهٽجندو پئي ويو. جيل اختياريءَ وارن کي مون ٻُڌايو هو ته، حڪومت مون کي موت جي سزا ڏيڻ گهُري ٿي، اهو حال ڏسي ڏاڍي ڳڻتي ٿي هئي، ته آئون اهڙيءَ حالت ۾ پاڻُ مري وينديس. ”پنهنجو سامان تيار ڪر. توکي ڪراچي موڪليو پيو وڃي.“ سکر اچڻ کان پنج هفتا پوءِ 16 اپريل تي صبح سوير جيل ميٽرن مونکي چيو.
”ڇو؟“ مون پُڇيو.
”تنهنجي صحت ٺيڪ نه آهي. اسين توکي ڪراچيءَ وٺي ٿا وڃون.“
ڪراچي هوائي اڏي تي پوليس وارن مونکي ٻُڌايو، ته اسين توکي گهر وٺي ٿا هلون. آئون نرالي سرهائيءَ ڀانئڻ لڳيس. 70 ڪلفٽن. جيل جي هئڊي پاڻيءَ بدران نِج اُجرو ٿڌو پاڻي. واڻ جي کٽ بدران منهنجو پنهنجو بسترو. لوهي سِيخن بجاءِ چار مضبوط ديوارون. مون سمجهيو ته منهنجي سخت آزمائش پوري ٿي وئي آهي. پر ايئن نه هو.
”هيءُ منهنجو گهر ناهي.“ ڏکي سفر کان پوءِ مونکي جڏهن هڪ اهڙي گهر ۾ آندو ويو، جيڪو منهنجو اڳ ڏٺل ئي نه هو، تڏهن مون چيو.
”اسان چاهيون ٿا ته تون پهرين هڪ ٻئي ڊاڪٽر کي پاڻُ ڏيکار.“ پوليس جي محافظن ٻُڌايو. ”پوءِ اسين توکي تنهنجي گهر وٺي هلنداسين.“
ايتري ۾ مون هڪ اٽچاٽل ڇهري کي پاڻُ ڏانهن ايندي ڏٺو. ”اوهين مونکي منهنجي گهر ڇو نٿا وٺي هلو، جتي منهنجي ذاتي ڊاڪٽر منهنجي تپاس ڪندي؟“ پوليس وارن اُن جو ڪو جواب نه ڏنو.
البت ڊاڪٽرياڻي جي شڪل ٻاجهاري هئي. ”سکر جي ڊاڪٽرن جو ويچار آهي، ته توکي ڳرڀ جو ڪينسر آهي.“ هُن تپاسڻ کان پوءِ مونکي هوريان چيو. ”پر مونکي پڪ ناهي. اسان کي آزمائشي آپريشن ڪرڻي پوندي.“
ڪينسر؟ اٺاويهن ورهين جي ڄمار ۾؟ آئون اُويساهيءَ وچان ڏانهس تڪڻ لڳيس. ڇا اها ڪينسر جي ڌمڪي سچ هئي؟ يا هڪ ٻيرو وري هنن مونکي ڀنيلائڻ جي ڪوشش

ٿي ڪئي؟ ٻين سيني ڊاڪٽرياڻين جيان هوءَ به حڪومت طرفان رکيل ڊاڪٽرياڻي ئي ته هئي.
انهن ڳالهين وقت هُن هڪ پني تي پئي لکيو. ”تون ڳڻتي نه ڪر. آئون تنهنجي دوست ۽ همدرد آهيان.“ اُن پني تي لکيل هو، جيڪو هُن مون ڏانهن وڌايو.
”تون مون تي ڀروسو ڪري سگهين ٿي.“ پر ڇا آئون مٿس ڀروسو ڪري سگهيس ٿي؟ مون وٽ ته ڪنهن تي ڀروسي لاءِ ڪو هڪڙو سبب به نه هو.
”اوهان ٻُڌايو هو ته اوهين مونکي 70 ڪلفٽن وٺي هلندا.“ جيپ ۾ ڪراچيءَ جي رستن تان لنگهندي مون پوليس وارن کي چيو. ”پر هيءُ رستو ته اوڏانهن نٿو وڃي.“
”تون گهر پوءِ وڃجانءِ.“ هنن چيو. ”پهرين اسين ڪراچي سينٽرل جيل ۾ توکي تنهنجيءَ امان سان ملاقات لاءِ وٺي ٿا هلون.“
آئون ڏاڍي اُتاولي ٿيس. هڪ مهيني کان به مٿي اسان جي گرفتاريءَ کان پوءِ مون امان کي نه ڏٺو هو، ۽ نه ئي وري هُن جو آواز ٻُڌو هو. مون کي هن سان ڳالهائڻ جي ڏاڍي خواهش هئي: پاڻ بابت، ايم آر ڊي جي صورتحال ۽ بغاوت جي انهن تُهمتن بابت، جيڪي حڪومت اسان تي مَڙهڻ واري هئي.
”امان! امان!“ ريسٽ هائوس ۾ تڪڙو تڪڙو ويندي مون سڏ ڪيو. ”امان، آئون پِنڪي آهيان. آئون آئي آهيان.“
ڪوبه جواب نه آيو. هڪ ٻيو ڪُوڙ. ”تنهنجي امان ٻئي وارڊ ۾ رهيل آهي.“ هڪڙي جيلر مونکي رازداريءَ سان ٻُڌايو. مون هُن سان هڪدم ملڻ لاءِ درخواست ڏني هئي، پر مونکي ڪڏهن به اُن جو جواب نه مليو. ٻئي ڏينهن 70 ڪلفٽن ڏانهن وٺي وڃڻ بدران پوليس مون کي هڪ عام اسپتال ڏانهن وٺي هلي. اُتي جا سپيئي لنگهه، جتي ماڻهن جا انبوهه پنهنجن مائٽن سان گڏ آپريشن روم جي دروازي تائين گڏ وڃن ٿا، سُڃا ٿيل هئا. پنهنجن مائٽن کانسواءِ مون ڏاڍي هيڪلائپ ڀانئي. آپريشن کان پوءِ آئون جڏهن هوش ۾ آيس، تڏهن اُتي پنهنجيءَ ڀيڻ صنم کي ڏسي مونکي گهڻي آٿت ٿي هئي. حڪومت نيٺ هُن کي اچڻ جي اجازت ڏني هئي، پر هوءَ ڏاڍي پريشان ڏسڻ ۾ ٿي آئي.
صنم ڀٽو:
اسپتال ڪُشادي ۽ وڏي هئي. مونکي ڪا ڄاڻ نه هئي ته ڪيڏانهن وڃان ۽ پنهنجيءَ ڀيڻ لاءِ ڪنهن کان پُڇان. جيئن مون هُن جو نالو ٿي ورتو ته، هرڪو وائڙو ٿيندو پئي ويو ۽ مون ڏانهن ڇتائڻ تي لڳو. آئون ڏاڍو ڊڄي ويس. آئون ته ڪيترن مهينن کان پنهنجي گهر مان به ٻاهر نه نڪتي هيس. تنهن وقت پاڪستان پوائيتو ملڪ هو، خاص ڪري هر اُن ماڻهوءَ لاءِ، جنهن جو نالو ڀُٽو هو. پر مونکي ڪنهن ٻئي هنڌ به وڃڻو نه هو.
”اوهان مهرباني ڪندي منهنجي واهرُ ڪيو.“ هڪ نه ختم ٿيندڙ ڪمري ۾ مون هر هڪ ماڻهوءَ کي چيو. ”هيڏانهن وڃ، هوڏانهن وڃ.“ هنن مونکي چيو. اوچتو مون ڪنهن

عورت کي رڙيون ڪندي ٻُڌو. ”يا الله، اها ته منهنجي ڌيءَ آهي.“ مون پنهنجي پرسان بينل هڪ عورت کي چيو. ”اها تنهنجي ڌيءَ نه آهي. هوءَ ته ننڍڙي آپريشن لاءِ هتي آيل آهي.“ اُن عورت وراڻيو، جيڪا بيشڪ جاسُوس هئي. ”رڙيون ڪندڙ مائيءَ جو ويم پيو ٿئي.“

مونکي پڪ هئي ته اُها پِنڪي آهي. مونکي بلڪل خاطري هئي. آئون رڙين جي اُن آواز ڏانهن ڊوڙي ويس ۽ ڏٺم ته هُن کي اسپتال جي ٽراليءَ تي ڪنيو آپريشن روم مان تيزيءَ سان ٻاهر هال ۾ آندو پئي ويو. هُن جي چؤڌاري پوليس وارا هئا. هن جي ٻانهن ۾ ڪَٽ مان رت جون ٿليون پئي لڙڪيون. ”اُهي مونکي قتل ڪري ڇڏيندا! اُهي بابا کي قتل ڪندا!“ اڌ بيهوشيءَ ۾ هُن رڙيون پئي ڪيون. ”هنن کي جهليو! ڪير آهي جيڪو هنن کي روڪي!“

مون هُن جي مٿي تي هڪ اچو وار ڏٺو. منهنجي لاءِ اها حد تي ويئي هئي. آخري حد! هُن کي ڪيترن ئي ورهين تائين قيد ۾ رکيو ويو هو، بلڪل هيڪلائپ جي قيد ۾. ۽ اُن عيوض هُن کي ڇا مليو هو؟ هڪڙو اڇو وار.

هُن جي هوش ۾ اچڻ تائين آئون سنديس پرسان ويٺي هيس. مون سمجهيو هو ته اها ٽيهري هن وٽ رهڻ جي مون کي اجازت ڏني ويندي. پر هنن مونکي اُتي اڌ ڪلاڪ تائين ترسڻ ڏنو. واپس ويندي آئون هُن جي ڊاڪٽرياڻيءَ سان مليس. ”تون پنهنجيءَ ڌيءَ کي ٻُڌاءِ، ته هوءَ بلڪل ٺيڪ آهي.“ ڊاڪٽرياڻيءَ مون کي ٻُڌايو. پر مونکي اهو وجهه ڪڏهن به نه مليو. اُن ٽيهريءَ جو هُن کي واپس ڪراچي سينٽرل جيل ۾ وٺي ويا.

ڪَنن ۾ ڪَڙڪات پيا پئجن. اکين اڳيان اوندهه اچي ۽ وڃي پئي. ڪراچي سينٽرل جيل ۾ اکيون کولڻ سان مونکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته، هڪ پوليس واري منهنجي هينڊ بئگ کي ڇڪاسيندي، اُن مان هڪ ننڍڙو نوٽ بُڪ ڪڍي ٿي، جنهن ۾ مون سکر ۾ ڪجهه ڳالهيون لکيون هيون. ”تون ڇا پئي ڪرين؟“ آئون جهيڻائي سان ڪانئس پُڇا ٿي. هوءَ ڇرڪ ڀري مون ڏانهن نهاري ٿي. ”ڪجهه به نه.“ هوءَ چوي ٿي ۽ نوٽ بُڪ وري واپس منهنجي بئگ ۾ رکي ٿي. جڏهن هوءَ وڃي ٿي ته ڇهين حِس مونکي بستري تان اُٿڻ تي مجبور ڪري ٿي. بخار ۾ ٻَرندي ۽ وِڦلندي آئون پاڻ گهليندي پوئيءَ ۾ وڃان ٿي ۽ نوٽ بُڪ ساڙي ڇڏيان ٿي. هڪ ڪلاڪ ۾ پوليس جو هڪ مرد ۽ هڪ عورت واپس اچن ٿا. ”تنهنجيءَ ڌيءَ توکي ڪجهه ڏنو آهي. ڪٿي آهي اُهو؟“ اُهي سمجهن ٿا ته، اُهو نوٽ بُڪ هو. ”مونکي ڄاڻُ نه آهي. اوهين الائي ڇا ٿا چئو.“ آئون چوان ٿي. ”تون ڪُوڙ ڳالهائين ٿي. “اُهي رڙڪندي چون ٿا، ۽ منهنجي هئنڊبئگ ۾ ڪپڙن کي ڇڪاسين ٿا. جڏهن ڪين ڪجهه به هٿ نٿو چڙهي، ته سندن ڪاوڙ وڌي وڃي ٿي.

”اُٺ، تڪڙ ڪر.“ ٻيءَ صبح جو پوليس جون ٻہ عورتون رڙيون ڪندي چون ٿيون. آئون اُٿڻ وقت ڏاڍي هيٺائيءَ ڀانئيان ٿي. ”ڊاڪٽرياڻيءَ چيو هو تہ انيتاليهہ ڪلاڪن تائين مونکي چُرڻ بہ نہ گھُرجي.“ آئون ڪوشش ڪري اعتراض ڪريان ٿي. پوليس ٿورو بہ ڌيان نہ ٿي ڏيئي ۽ منهنجون ٻٽي شيون بئگ ۾ اُڇلائي ٿي. پوءِ اُهي مون کي تڪڙ ۾ ڪار ۾ چاڙهين ٿا، ۽ وري جهاز ۾ ويهارين ٿا. ڀانئيان ٿي تہ ٻُڏندي پئي وڃان. هنن جا آواز آئون ڏُور ڪان ايندي ٻُڌان ٿي. اونداهيءَ جون لهرون مون ڏانهن وڌنديون پيون اچن. مهرباني ڪري مونکي انهن ۾ ٻُڏڻ نہ ڏيو. آئون بيهوش ٿيڻ نٿي چاهيان. پر آئون اونداهيءَ ۾ ڪِري پوان ٿي. ڪيترن ئي ڪلاڪن ڪان پوءِ سکر ۾ منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ مون کي جڏهن هوش اچي ٿو تہ، آئون آواز ٻُڌان ٿي. ”هيءَ جيئري آهي.“ وچ ۾ هڪ ٻيو آواز ٻُڌجي ٿو. ”هن کي ايترو تڪڙو آڻڻ نہ کپندو هو.“ آئون وري بہ اونداهيءَ ۾ ٻُڏي وڃانٿي. پر هن ڀيري اها ايتري ڀوائتي نہ آهي. آئون بچي وئي آهيان.

تنهن وقت مونکي اها ڄاڻُ نہ هئي تہ آئون ڪيتري سياڳي هئس. پيپلز پارٽي حڪومت جي اڳوڻي وزير ڄام صادق علي، جيڪو لنڊن ۾ سياسي جلاوطن هو، ڪيترا ورهيہ پوءِ مونکي ٻُڌايو هو تہ آئون جڏهن ٿوري وقت لاءِ اسپتال ۾ داخل هيس، تڏهن هُن کي فون تي ڪنهن ڏاڍي مايوس آواز ۾ ٻُڌايو هو تہ، ”ڪجهہ ڪريو. هنن ڪيس آپريشن جي ميز تي قتل ڪرڻ جي سازش ٺاهي آهي.“ جنهن تي هُن هڪ اخباري ڪانفرنس ڪوٺائي منهنجي زندگيءَ بابت خطري ڪان ڪين آگاهہ ڪيو، جنهن سبب حڪومت مونکي مارڻ جون جيڪا سازش جوڙي هئي، سا اڌ ۾ رهجي ويئي.

آپريشن ڪان پوءِ ڪيترن هفتن تائين آئون سکر ۾ تڪل ۽ هئڊي تي پئي هيس. مون ڪان تہ هليو بہ نٿي ٿيو. جيل ۾ هينيون عملو مون سان هاٽي ڪُليءَ طرح همدردي ڪرڻ لڳو. هنن پاڻُ کي وڏي جوکي ۾ وجهي هڪ پين، هڪ نئون نوٽ بُڪ ۽ ’نيوز ويڪ‘ مخزن جون ٻٽي ڪاپيون بہ لڪائي آڻي مونکي ڏنيون. هڪڙي تہ مونکي تازو ميوو بہ آڻي ڏنو. مون ڪوشش ڪري گهٽي ۾ گهٽو وقت انهن واقعن کي لکڻ ۾ گهاريو، جيڪي سکر ڪان ٻاهر پئي ٿيا. مون اُهي ڳالهيون نوٽ بُڪ ۾، اخبارن جي خالي حصن ۽ مونکي هٿ چڙهندڙ هر پني جي ٽُڪري تي لکيون. اوچتي چڪاس جي ڊَپُ ڪان ڊجي روزانو رات جو جيلر اُهي ڪاغذ پاڻُ سان کڻي ويندا هئا. جيڪڏهن ڪا شيءِ ليجي پوي ها، تہ سندن نوڪري جوکي ۾ پئجي وڃي ها. آئون انهن ڪاغذن جي موٽي ملڻ لاءِ صبح تائين اوسيئڙو ڪندي هئس.

**جيل ڊائرين مان ساروڻيون:**

**20 اپريل 1981ع:** اُردو اخبار ’جنگ‘ جنهن جي پُنيرائي حڪومت ڪري ٿي، وڏن اکرن ۾ مير مرتضيٰ ڀُٽو سان بي بي سيءَ جو ڪيل انٽرويوءَ ڇاپيو آهي، جنهن ۾ هُن چيو آهي تہ جهاز جي اغوا مهل آئون ڪابل ۾ هئس، پر مونکي اها خبر اغوا ٿيڻ ڪان پوءِ

ملي هئي. مير مرتضيٰ چيو ته سندس ماءُ ۽ ڀيڻ جيڪي پاڪستان ۾ آهن، سي الذوالفقار کي بلڪل نٿيون مڃين. هو پاڻ به پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان گڏجي ڪم نٿو ڪري ۽ هُن جا پنهنجيءَ ماءُ ۽ ڀيڻ سان ڪنهن به قسم جا لاڳاپا نه آهن.“
21 اپريل 1981ع: ’ڊان‘ اخبار: گُڏريل رات آسٽريليا جي ريڊيي تازو بمبئي ۾ مير مرتضيٰ جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته سندس الذوالفقار تنظيم، جنهن کي پاڪستان لبريشن آرمي به سڏيو وڃي ٿو، ”پاڪستان کي ڊانواڊول ڪري سگهي ٿي.“ ۽ هاڻي هنن حڪومت ڊاهڻ لاءِ دهشتگرديءَ کان ڪم وٺڻ جو وچن ڪيو آهي. مير چيو ته الذوالفقار پاڪستان ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻيون چوونجاهه ڪارروايون ڪيون آهن، جن ۾ ڪراچي اسٽيڊيم ۾ پوپ جي اچڻ کان اڳ بم اُڇلائڻ واري ڪارروائي به شامل آهي. سندس تنظيم جو مرڪز ڪابل ۾ هئڻ واري پُڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ”اسين پاڻ ته اُتي رهون ٿا، پر اسان جو خاص مرڪز پاڪستان ۾ آهي.“
اها خبر لکندي منهنجي دل ٻُڏندي پئي وئي. آئون جيڪر مير سان ڳالهائي سگهان ها، ڪيس ڏسي سگهان ها. پنج ورهيه ٿي ويا هئا. مونکي رڳو اها سُڌ هئي ته اخبارن ۾ جيڪي تصويرون ڇپيون هيون، تن مان مير ۽ شاهنواز هاڻي ڪهڙا ٿي ڏسڻ ۾ آيا. مير جي ڪاوڙ ۽ مايوسيءَ کي جيترو مون سمجهيو هو، ته هُن جي اُنهن بيانن، ڪٽي اُهي هن ڏنا هئا يا حڪومت سندن غلط مطلب سمجهيو هو. منهنجي لاءِ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٻين ميمبرن لاءِ وڏا جوکا پيدا پئي ڪيا. ضياءَ انهن کي بهاني طور واپرائي، پاڪستان پيپلز پارٽيءَکي ميساري پئي سگهيو. هُو منهنجن ڀائرن تائين نٿي پُهچي سگهو، پر هو اسان تائين پهچي سگهيو ٿي.

28 اپريل تي مير کي پاڪستان ۾ ”وڏيڪ خطرناڪ ڳُهربل“ ماڻهن جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو، ۽ جيل جي انسپيڪشن ڪندي ڊپٽي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر اوچتو مون سان ملاقات لاءِ آيو. منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ ان مهل هُن سان گڏ جيل سپرنٽينڊنٽ ۽ ٻيو عملو هو. اسين رُڳو به ڄڻا ڪوٺڙيءَ ۾ پيل ٻن ڪُرسين تي ويناسين.
”مونکي جيل ۾ ڇو وڌو ويو آهي؟“ مون ڪانئس پُڇيو.
”الذوالفقار سبب.“ هُن وراڻيو.
”الذوالفقار سان منهنجو ڪو ناتو ناهي.“
”اسان کي الذوالفقار جو خاڪو تنهنجي ڪمري مان مليو، جنهن ۾ سمورو تفصيل ڄاڻايل آهي.“ هُن چيو. مونکي هُن جي ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه پئي آئي.
”هوائي جهاز جي اغوا ٿيڻ تائين مون الذوالفقار جو نالو به نه ٻُڌو هو.“ مون پنهنجيءَ ڳالهه تي زور ڏيندي ٻُڌايو.

”الذوالفقار سان تنھنجن لاڳاپن، اسٽيڊيم ۾ بم اُڇلائڻ ۽ لالا اسد بابت ھاڻي ڪورٽ ئي فيصلو ڪندي.“
لالا اسد؟ سنڌ ۾ شاگرد تنظيم جو نائب صدر؟ آئون لالا اسد کي سُڃاڻندي ھيس. ھو خيرپور ۾ انجنيئريءَ جو شاگرد ھو. مونکي ته ويساھ ئي نه ٿي آيو، ته ھُن کي به الذوالفقار ۾ شامل ڪيو ويندو، جيڪڏھن واقعي اھڙو ڪو گروھ موجود ھو. پر ظاھر آھي ته حڪومت الذوالفقار بھاني گھٽي ۾ گھٽ پيپلز پارٽيءَ جي وفادارن مان پنھنجي جند ڇڏائڻ تي گھُري. ھڪ ٻئي شخص کي به اغوا ڪندڙن سان جُٽ ھجڻ جي ڏوھ ۾ گرفتار ڪيو ويو ھو. جنھن لاءِ ڊپٽي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جو چوڻ ھو، ته اھو شخص ناصر بلوچ ھو. ناصر بلوچ ڪراچي اسٽيل مِلز ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو مزدور اڳواڻ ھو.
”اڄ صبح جي ڳالھين مان آئون اُن نتيجي تي پھتي آھيان.“ ھُن جي وڃڻ کان پوءِ مون پنھنجي ڊائريءَ ۾ لکيو، ”ته حڪومت سمجھي ٿي ته الذوالفقار ۾ شريڪ ھجڻ سبب مون اسٽيڊيم ۾ بم اُڇلائڻ لاءِ لالا اسد ۽ ٻين سان گڏجي سازش ڪئي ھئي. مونکي اُن ڳالھ تي ويساھ نٿو اچي. اھو ڏاڍو پوائنٽو ۽ عجب جھڙو ويچار آھي. بيڏوھي پيڙھجن پيا ۽ ڏوھي راڄ پيا ڪن. دنيا ڏاڍي نرالي آھي.“
ٻئي ڏينھن پوءِ حالتون وڌيڪ مايوسيءَ واريون ٿي پيون ھيون.
”ڪاغذن مان ثابت ٿيو آھي ته، ڀُٽو عورتن کي ڪارروائيءَ جي ڄاڻ ھئي.“ جنگ اخبار وڏين سُرخين ۾ لکيو. ھڪ سيڪنڊ لاءِ منھنجي دِل بيھي رھي، ۽ منھنجي ڪرنگھي جي ھڏيءَ ۾ ٿڌي لھر ڊوڙي وئي. اھو پڪ سان اُن ’خاڪي‘ ڏانھن حوالو ھو، جنھن لاءِ ڊپٽي مارشل لاءِ ائڊمنسٽريٽر دعويٰ ڪئي ھئي، ته اُھو منھنجي ڪمري مان ھٿُ آيو ھو. ظاھر آھي ته حڪومت ڀُٽو خاندان ۽ پيپلز پارٽيءَ تي ھڪ ٻئي مقدمي ھلائڻ لاءِ قوم کي تيار پئي ڪيو.
”ڀانئجي ٿو ته اسين اوڙاھ ۾ ڦاسي پيا آھيون.“ 30 اپريل تي مون پنھنجي ڊائريءَ ۾ لکيو. ”ڦھرين الذوالفقار ۽ مير بابت خبر لوڏي ڇڏيو ۽ ھاڻي حڪومت جو اھو پڪو ارادو ته اسان کي ھڪ اھڙي ڏوھ جو ڏوھاري ثابت ڪري، جيڪو اسان ڪيو ئي نه آھي. ھنن بابا سان به اھوئي ڪيو ھو. ھاڻي اُھي اُن ڏوھ کي وري ورجائڻ گھُرن ٿا، جنھن کي دنيا ڊوھ ئي سمجھي ٿي. يا شايد ضياءَ جو ويچار آھي، ته دنيا کي ڄاڻُ ئي نه پوندي، ته اھو ڊوھ آھي. پر اصل اھميت سچ جي آھي، پر اُن جي ڀڌرائيءَ لاءِ ھڪ فوجي عدالت کھڙو وجھ ڏيندي. اسان کي سياسي شڪست ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ ضياءَ اسان جي جسماني تباھي ۽ بربادي جا سانباھا پيو ڪري. ”اسان کي مِٽائڻ لاءِ حڪومت ظلم ۽ زبردستيءَ جي جنھن انتھا تائين پھتي ھئي، تنھن جي ڄاڻ مونکي تڏھن نه پئي ھئي.

ڪراچيءَ جو بلديا سينٽر ۾ ڊويزن 555. لاھور جو قلعو ۽ لاھور ۾ برڊووڊ بئرڪون. اُتر پنجاب ۾ اٽڪ جو قلعو. راولپنڊيءَ کان ٻاھر چڪلالا ايئر فورس بيس. مَچ جيل ۽ خالي ڪئمپ بلوچستان ۾. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حامين جي ذھنن ۾ توڙي ايمنسٽي انٽرنيشنل ۽ انساني حقن جي بچاءُ ڪندڙ تنظيمن جي وڌندڙ ڳڻتي ڏيکاريندڙ رپورٽن ۾ انھن عذاب گھرن جا نالا پئي ڦِريا، تہ امان ڪي، مونکي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي الذوالفقار۾ ڦاسايو ويندو.
ڪيئي ورھين کان پوءِ مونکي سُڌ پئي تہ انھن عذاب گھرن ۾ ڪھڙيون جُنيون ٿينديون ھيون: زنجير. برف جون وڏيون ڇپون. قيدين جي نازڪ عضون ۾ ڳاڙھيون مرچون وجھڻ. پنھنجن دوستن ۽ ساٿين سان ٿيندڙ جُنين جون ڳالھيون ٻُڌي ۽ انسان جي انھن ظالماڻين حرڪتن جو سوچي، مونکي ڏاڍي ٻڇان ٿي ھئي. پر ضياءَ جي مارشل لا حڪومت جي ظلم ھيٺ عوام جيڪي سختيون سَنيون ھيون، تن کي لکڻو ئي آھي!

فيصل حيات، وڪيل، زميندار، پنجاب مان قومي اسيمبليءَ جو اڳوڻو ميمبر:
12 اپريل 1981ع تي صبح جو اڍائين وڳي پوليس جي ھڪ سپرنٽينڊنٽ ۽ فوج جي جاسوس کاتي جي ھڪ ڪرنل چار سؤ پوليس وارن سان گڏ لاھور ۾ اسان جي گھر کي گھيرو ڪيو. نوڪرن کي مارڪُٽ ڪندي، اُھي سڀيئي گھر ۾ کاھي پيا. ھنن منھنجيءَ پيڻ کي، جنھن جو تازو جيري جي آپريشن ٿي ھئي. ھنڌُ مان گھِلي ٻاھر ڪڍيو. ھنن منھنجيءَ امان کي بہ سنديس ڪمري مان گھِلي ٻاھر ڪڍيو ۽ منھنجي سُمھڻ واري ڪمري جو دروازو ڀڃي ڇڏيو. "ھيءَ الذوالفقار جو مرڪز آھي." ھنن مونکي ٻُڌيءَ مان جھلي چيو. "اسن ھتي آيا آھيون، تہ جيئن تنھنجي گھر ھيٺ ذخيرو ڪيل راڪيٽ لانچرَ، بزوڪا، سب مشين بندوقون ۽ بارود ضبط ڪيون" آئون وائڙن جيان ھنن ڏانھن ڏسڻ لڳس. "اوھان کي جيئن وڻي تيئن جھَڙتي وٺو." مون چيو. "ھيءُ ٻارن ٻچن وارو گھر آھي، نہ ڪي ڪو مرڪز. ھن گھر ۾ تہ ھيٺيون طبق بہ ڪونھي." پر ھنن مونکي گرفتار ڪيو.
مون پھريان ڇھويھہ ڪلاڪ ڪاڏي پيتي ڪانسواءِ جيل ۾ گھاريا. پوءِ مونکي اکين تي پَٽي ٻَڌي لاھور قلعي ۾ وٺي ويا، جيڪو مُغلن جي زماني وارو سِرن جي ديوارن جو ساڍا چار سؤ ورھيہ آڳاٽو قلعو آھي. تاج محل جي خالق شاھجھان لاھور قلعي ۾ آرسين جَڙيل ھڪ سُھڻو محل نھرايو ھو. آئون پنھنجي گھر ڀاتين سميت مغل بادشاھن جي نھرايل انھن شاندار شامينن ھيٺ ۽ وڻندڙ ڦوھارن لڳ، گرمين ۾ پسار ڪندو ھوس. پر ھوائي جھاز جي اغوا ٿيڻ کان پوءِ لاھور قلعو ڀوائتو عذاب گھر ليکجڻ لڳو ھو. اھو پاڪستان ۾ ايئن ھو، جيئن انقلاب کان اڳ فرانس ۾ بئسٽل جيل.

اسين ڪُل پنجويهه يا ٽيهه ڄڻا هئاسين، جن کي ساڳئي وقت گرفتار ڪيو ويو هو: پنجاب پيپلز پارٽيءَ جو ائڊيشنل سيڪريٽري جنرل جهانگير بدر، شوڪت محمود جنرل سيڪريٽري، ناظم شاهه سيڪريٽري ماليات، اڳوڻو وزير مختيار اعوان، سپيئي وڏا سرڪاري عملدار. اها بيحد افسوسناڪ صورتحال هئي.
هر ٻئي ڏينهن مونکي پُڇاڻي لاءِ وٺي ويندا هئا. پر ڪهڙي وقت؟ تنهن جو مونکي ڪڏهن به پتو نه پيو. هو صبح جو ڇهين وڳي ايندا هئا، شام جو ويندا هئا، يا آڌيءَ رات جو ايندا هئا، تنهن جو مونکي پتو نه پيو. جيتوڻيڪ اسين اڳواٽ ئي قيد ۾ هئاسين.
پر اسان کي هٿڪڙيون هڻي پنجاب جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي چيف آف آرمي اسٽاف برگيڊيئر راهب قريشي ۽ صوبائي جاسوس کاتي جي عملدار عبدالقيوم وٽ ايذاءُ ڏيڻ لاءِ وٺي ويندا هئا. انهن ٻن ماڻهن جا نالا ۽ چهرا مونکي سڄي ڄمار ياد رهندا.
"اسين اوهان کي پنهنجي حياتيءَ بچائڻ جو هڪڙو وجهه ڏيون ٿا." مونکي پنهنجي اڳيان زوريءَ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهارڻ کان پوءِ هنن چيو. "تون اڃا نوجوان آهين، ۽ سني گهراڻي مان آهين. توکي اڃا گهڻو وقت جيئرو رهڻو آهي. توکي رڳو هوائي جهاز جي اغوا واري مقدمي ۾ بيگم نصرت ڀُٽو ۽ مس بينظير ڀٽو خلاف شاهدي ڏيڻي آهي."
مون انڪار ڪيو ته هنن مونکي وڏيون لالچون آڇيون. "تنهنجو سياست سان ناتو آهي، اسين توکي وزارت وٺي ڏينداسين."
"تنهنجا ڪپڙي جا ڪارخانا آهن." هنن چيو. "تو هڪ نئين ڪارخاني کولڻ جي جيڪا اجازت گهُري هئي، سا رد ڪئي ويئي، ڇو ته تون سياست ۾ حصو وٺين ٿو. هاڻي اسين توکي اها اجازت وٺي ڏيون ٿا. تون شاهوڪار ٿي ويندين."
پر جڏهن آئون لاڳيتو انڪار ڪندو رهيس، ته هنن ٻيا ڦند اُڇلايا. "اسين توکي پنجويهن ورهين جي قيد جي سزا ڏيئي سگهون ٿا." هو مونکي دڙڪا ڏيڻ لڳا. "اسان جي حڪومت فوجي آهي. اسان کي ڪنهن به شاهديءَ جي گهُرج نه آهي. اسين هتي ۽ هينئر ئي توکي سزا ڏيئي سگهون ٿا."
مون هڪ پنج فوٽ ڊگهي ۽ چار فوٽ ويڪري ڪوٺڙيءَ ۾ ٽي مهينا گهاريا، جنهن کي ڪُلف لڳل هوندو هو. منهنجو قد ڇهه فوٽ هجڻ سبب مون ڪڏهن به نه رات جو ۽ نه ئي ڏينهن جون ٽنگون ڊگهيون ڪيون هيون. مون واري حصي ۾ چار هڪجهڙيون ڪوٺيون هيون، جن جا سِيخن لڳل دروازا اولهه طرف هئا. ٻنپهرن کان سج جي تپش 115 ڊگرين تائين وڌي ويندي هئي، ۽ اسان جو ساهه ٻوساٽبو هو. گرميءَ کان بچڻ لاءِ ڪا واٽ ئي نه هئي. انهن ڪوٺڙين کان ٻاهر ٿَلهن تي بجليءَ جا پڪا رڪيل هوندا هئا، جن جي هوا گرميءَ جي اُن لنگهه مان ٿيندي اسان تائين پهچندي هئي، ته ڄڻ ٻاهه لڳندي هئي.

منهنجا ڇَپ سُڄي پيا ۽ منجهن ايترو تہ سُور هو، جو آئون پاڻيءَ بہ پيئي نہ ٿي سگهيس. منهنجي چمڙيءَ تي ڦلوڪڙا نڪري آيا ۽ سڄي جسم تي مُنهن کان وٺي پيرن تائين گول ۽ ڪارا داڳا ٿي پيا هئا. هڪڙي ڏينهن مايوسيءَ وچان مون پنهنجي قميص لاهي اُس کان پاڻُ بچائڻ لاءِ لوهي سِيخن تي ٽنگي ڇڏي، تہ پهريدار اُها لاهي ڪٽي ويا. اُها قميص ٽن ڏينهن تائين وٺن هئي.

منهنجي ڪوٺڙيءَ لڳ ٻين ڪوٺڙين ۾ رکيل ٻيا هڪ ٻئي پُٺيان جهولي جي سَٽَ سَهي نہ سگهيا ۽ آئون ڪين بيهوش ٿيندي ۽ وِڦلندي ٻُڌي پئي سگهيس. آئون هنن سيني ۾ نديو هوس ۽ منهنجي ڄمار ستاويهہ ورهيہ هئي، جنهن سبب مون گهٽو وقت جٽءُ ڪيو هو. پر ٻن مهينن کان پوءِ آئون بيهوش ٿي ڪِري پيس. ٻن ڏينهن کان پوءِ مونکي جڏهن هوش آيو، تہ مون پاڻ کي زمين هينان نهيل تهہ خاني ۾ ڏٺو، جتي جيل جي عملي هڪ عارضي اسپتال ٺاهي هئي. ڊاڪٽرن کي جڏهن خاطري ٿي تہ آئون هوش ۾ آيو آهيان، تہ هنن مونکي واپس پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ موڪليو.

ٽُرت ڏينهن جي پيٽ ۾ اسان جون راتيون وڏيڪ عذاب ۾ گُذرڻ لڳيون. اسان مان ڪنهن وٽ بہ بسترو نہ هو ۽ نہ ئي ڪا فراسي هئي. اسين اُن ڪوٺڙيءَ جي سيمنٽ واري پڳل فرش تي اُن بدبودار سوراخ لڳ ڪرونڊڙا ٿي ليٽندا هئاسين، جيڪو پائخاني لاءِ هوندو هو. ماڪوڙيون، ڪاڪروچ، چِيچيون، ڪُوئا ۽ ٻيا ڪيترائي زمين ۾ رهندڙ جِيت اسان مٿان پيا هلندا هئا. گرمي ۽ تپش کان تہ اسان کي واندڪائي ئي نہ ملندي هئي. جيل وارن ست فوٽ اوچي ڇت ۾ پنج سؤ واٽ وارو بلب هٽي ڇڏيو هو، جيڪو سڄيءَ رات پيو ٻرندو هو.هنن انهن بلبن جا ساڪيٽ ڇت ۾ اندر هنيا هئا، تہ جيئن اسين انهن تارن ۾ هٿُ وجهي آپگهات نہ ڪريون. آئون ڀانئيان ٿو تہ جيڪڏهن ممڪن هجي ها، تہ آئون آپگهات ڪريان ها.

منهنجي صحت تيزيءَ سان ڊَهڻ لڳي. اُتي صحت صفائيءَ جون حالتون ايتريون تہ خراب هيون، جو ڪنهن جو بہ اُتي جيئرو رهڻ اجرج جهڙي ڳالهہ هئي. اسان کي جيڪو کاڌو ملندو هو، سو دروازي جي سِيخن کان ٻاهر رکندا هئا، ۽ اسان کي اهو ڏهن سيڪنڊن ۾ ڪاٺو پوندو هو. کاڌي ۾ واريءَ ۽ پٿريون مليل ماني ۽ مکين مليل پاڻيءَ جهڙو شوروو ملندو هو. مون تي ڪيترائي پيرا دَست، مليريا ۽ ڪالرا جا حملا ٿيا هئا. هڪ ڀيري منهنجو بخار 105 ڊگرين تائين وڃي پهتو. منهنجو مٿو سُور وچان ڦاٽڻ لڳو هو ۽ رات جو بلب جي روشنيءَ سبب منهنجيون اکيون چيرجڻ لڳيون هيون، تنهنڪري اُن تڪليف کان آئون دانهون ڪرڻ لڳس. منهنجو جسم ڪڏهن باهہ تہ ڪڏهن برف جهڙو ٿي ويو ٿي ۽ آئون لاڳيتو بيمار رهيس. ڪيترائي ڏينهن آئون پنهنجين اُلٽين جي ڪِنَ ۾ پيو هوس.

”ڏس، هتي توکي سنياليندڙ ڪوبہ نہ آهي.“ برگيڊيئر قريشي ۽ ميجر جنرل قيوم هڪ ڏينهن مونکي چيو. پُڇاڙي واري ڪمري ۾ مون اُن ڄاتل سُڃاتل شخص ڏانهن اکيون ڇنڀي ڏٺو، جيڪو منهنجي اڳيان بيٺل هو. اُهي پاڻ سان گڏ منهنجيءَ ماءُ کي وٺي آيا هئا.
”هن کي پنجويهہ ورهيہ جيل جي سزا ملندي.“ منهنجيءَ ماءُ کي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر چيو. ”پورا پنجويهہ ورهيہ، جيڪڏهن هيءُ ڀٽو وارن خلاف شاهديءَ ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو.“
امان جي اکين مان ڳوڙها پئي وَهيا. هوءَ ڏاڍي ڏُکويل عورت هئي، ڇو تہ هُن جي سنڌوءَ کي عذاب ڏيئي مُلڪ ڇڏڻ تي مجبور ۽ سندس پُٽ کي تباهہ ڪيو ويو هو ۽ اسان جون خانداني بَنيون سُڪي بنجر ٿي ويون هيون، جو حڪومت اُتي جو پاڻيءَ بند ڪري ڇڏيو هو. پر اُن سڄائيءَ هوندي بہ هوءَ سٻاجهي ۽ ڏاڍي مهرباني عورت هئي. اُن ڏينهن هُن جيڪا پنهنجي روحاني قوت ڏيکاري، سا مون اڳ ڪڏهن نہ ڏٺي هئي.
”فيصل، هنن جي دڙڪن ۽ ڌمڪين کان نہ ڊڄ.“ امان سندن اڳيان مونکي چيو. ”هنن آڏو جهُڪي پنهنجي مرضيءَ خلاف نہ وڃ. تون بلڪل ايئن ڪر، جيئن تنهنجو ضمير توکي چوي ٿو.“
”منهنجو الله ۾ پڪو ويساهہ آهي.“ مون هُن کي ٻُڌايو. ”اُهي ماڻهو عام انسانَ آهن. جيڪڏهن منهنجي مُقدر ۾ پنجويهن ورهين جو قيد لکيل آهي، تہ آئون ڇا ٿو ڪري سگهان. پر آئون ڀُٽو خاندان جي پروسي کي ڇيهو نہ رسائيندس.“
آئون هنن کي ڇيهو پهچائي نہ ٿي سگهيس. لاهور جي قلعي ۾ قيد ڪوبہ سياستدان ايئن نٿي ڪري سگهيو. اسين سيئي سُنن گهراڻن مان هئاسين ۽ اسان جي مذهبي ۽ سرڪاري خدمتن جي ڊگهي تاريخ هئي. اسين پڙهيل لکيل هئاسين. سماج ۾ اسان جو نالو ۽ رُتبو هو، عزت هئي. حڪومت جي سيني لالچن ۽ ڌمڪين هوندي بہ اسين ڪڏهن بہ ڪُوڙ ڳالهائي بيعزتيءَ جي حياتيءَ گُذاري نٿي سگهياسين.
ڪوبہ اڳوڻو سرڪاري عملدار، ڀُٽو عورتن خلاف ڪُوڙي شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. ٽن مهينن کان پوءِ نيٺ اختياريءَ وارا ٿڪجي پيا، ۽ هنن اسان کي مڪاني ضلعي جي جيلن ۾ اُماڻي ڇڏيو. مونکي لاهور جي اُتر طرف چاليهہ ميل پري گجرانوالا جيل ۾ وڌيڪ ٻن مهينن لاءِ موڪليو ويو. حڪومت کي اها همت ئي نہ پئي ٿي، جو اسان کي لاهور قلعي مان سِڌو آزاد ڪري ٻاهر موڪلي ها. اسان جي حالت سبب اُهي پاڻ ٻُچڙا ٿين ٿا.
قاضي سلطان محمود، فليش مئن هوٽل راولپنڊيءَ جو اڳوڻو ملازم ۽ راولپنڊي شهر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري:

چيئرمين ڀٽو جي موت خلاف هڪ احتجاجي جلوس جي اڳواڻيءَ جي ڏوهه ۾ مونکي اڳ ۾ ئي سينٽرل جيل ميانوالي ۾ هڪ سال سخت پورهئي سان سزا ملي هئي. هوٽل ۾ مون تي گولي هلائي ويئي هئي، جنهن جو مونکي هرجاڻو نہ ڏنو ويو، ڇو تہ آئون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ڪارڪن هوس. هوائي جهاز جي اغوا ٿيڻ کان پوءِ مونکي وري گرفتار ڪيو ويو ۽ پهرين راولپنڊيءَ جيل ۾، پوءِ گجرانوالا جيل ۾ ۽ اُتان وري لاهور قلعي ۾ رکيو ويو. اُهو ڏاڍو پوائتو جيل هو.

”مس ڀُٽو ۽ الذوالفقار ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي، ٻُڌاءِ.“ جيل اختياريءَ وارن هر ڀيري مونکان پُڇيو هو. مون جڏهن هنن کي ٻُڌايو تہ هنن مون سان اُن بابت ڪڏهن بہ نہ ڳالهايو آهي ۽ مون کي جهاز جي اغوا بابت ڪا ڄاڻ نہ آهي، تڏهن هنن مونکي چمڙي جي پَٽن سان ڦٽڪا هنيا ۽ بانس جي لڪڙن سان منهنجو مٿو ڪُٽيو. اِها تہ اجا رُڳو ابتدا هئي.

آئون ننڍڙو ماڻهو آهيان. منهنجو قد ٽي فوٽ ۽ تورَ ڇوويهہ ڪلو آهي، تنهنڪري مون سان تماشو هنن لاءِ ڏاڍو سولو هو. جڏهن مون سندن ڪُوڙ نہ ٿي مڃيو، تہ هنن منهنجن هٿن ۾ ڳريون هٿڪڙيون وجهي حُڪم ٿي ڏنو، تہ آئون پنهنجيون ٻانهون مٿي ڪريان. منهنجون ٻانهون ننڍڙيون آهن، جنهنڪري ڪين مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، آئون فرش تي ڪِري ٿي پيس. اُن تي هنن منهنجي مٿان چڙهي وڏا وڏا ٺهڪ ٿي ڏنا. اڪثر اُهي منهنجي پيٽ جي ماس کان جهلي مونکي فرش تي اُڇلائيندا هئا، يا وري ٻال جيان هڪ ٻئي ڏانهن ٿُڏيندا هئا.

اُهي منهنجين اکين تي پَٽي ٻَڌي ڇوڌاري وٺي ويندا هئا ۽ مونکي ڪاٻہ ڄاڻ نہ پوندي هئي. ”جيڪڏهن تون اهو نہ ٻُڌائيندين تہ ڀُٽو عورتون الذوالفقار ۾ شامل آهن، تہ پوءِ اسين توکي ماري ڇڏينداسين.“ اهڙن موقعن تي اُهي مونکي چوندا هئا. مون جڏهن انڪار ڪيو تہ هنن مونکي ٽنگ کان جهلي جيل جي اوچي ديوار ۾ ٽنگي ڇڏيو. ”تون ڇو ٿو مرڻ گهُرين؟“ هنن چيو. ”رُڳو هن اقراري بيان تي صَحي ڪر.“ ”اوهين ماڻ ڇو ٿا ڪريو، مونکي قتل ڪيو. مون کين جواب ڏنو. ”پر آئون اوهان کي ڇا ٻُڌايان، جنهن جي پاڻُ مونکي ڄاڻُ نہ آهي.“

هنن پنجٽيهن ڏينهن تائين لاڳيتو مونکي اهڙا عذاب ڏنا هئا. هنن جو وٽندڙ ظلم اهو هوندو هو، جو اُهي مونکي اُگهاڙو ڪري پنهنجي اڳيان ٻيهاريندا هئا، ۽ منهنجين ٽنگن وچ ۾ هڪ وڏي لٺ ڏيئي چوندا هئا، تہ اُن تي چڙهي ٻيهہ. منهنجي لاءِ ائين ٻيهڻ ممڪن ئي نہ هوندو هو ۽ ٻن ٽن منٽن ۾ ئي آئون مُنهن ڀَر وڃي ڪِرندو هوس. منهنجي نَڪ ۽ ڏندن مان رَت ڪي وهندو ڏسي اُهي ٺهڪ ڏيندا هئا.

”واهہ واهہ! تون تہ ڪو وڏو ليڊر ٿو ڏسجين.“ هو مون تي ٽوڪ ڪندا هئا. ”تو ۾ ڀلا ڇا هو جو ڀُٽو صاحب توکي پسند ڪندو هو؟ تون تہ اهڙو شخص آهين، جو ماڻهو توکي ڌِڪارين. تون تہ موچارو بہ نہ آهين. ضرور ڪا خاص ڳالهہ آهي، جيڪا تون ڳجهي طرح

الذوالفقار لاءِ ڪرين ٿو.“ ايئن چئي اُهي مونکي لتون هڻندا هئا ۽ ماريندا هئا. منهنجي پُنيءَ، هٿن ۽ ٽنگن جا گهاوَ خراب ٿي ويا هئا، پر پوءِ به هنن مونکي ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي موڪل نه ڏني.

مون پنجٽيهه ڏينهن ٻيا اڪيلائپ جي قيد ۾ گهاريا، جتي مونکي اونداهي ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪري ٻاهران ڪُلف ڏنو ويو هو. اُن ڪوٺڙيءَ ۾ گندگي هئي، اها هڪ قبر جيان هئي. مون کي ٿورڙو ڪاڌو ڏنو ويندو هو. هڪ سُڪل نان يا ماني ۽ پاڻياٺي دال. اُهو ڪاڌو دروازي جي هڪ ننڍڙي ٽُنگ مان مون ڏانهن اُڇلائي ڏيندا هئا. آئون قداور نه هئڻ سبب ان ٽُنگ تائين پهچي نه سگهندو هوس. تنهنڪري آئون ڪاڌو هيٺ گندي فرش تان ڪٽِندو هوس. هو منهنجي لاءِ روزانو هڪ ڪوپ چانهه جو به اُتان ڪيرائيندا هئا. آئون ڪوپ کي جهٽڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، پر اهو سدائين ڪِري پوندو هو. قسمت چڱي هوندي هئي، ته اُن ۾ هڪ به ڍُڪ چانهه بچي پوندي هئي، جيڪا آئون پيئندو هوس. منهنجي مٿي ۽ پيرن ۾ ٻَڦو ۽ خارش ٿي پيئي هئي.

ٻن مهينن کان پوءِ جڏهن مونکي ڇڏيو ويو ته، راولپنڊيءَ ۾ ٻين سياسي قيدين جي مانَ ۾ ڪونايل هڪ گڏجاڻيءَ ۾ مون تقرير ڪئي. مون اُن تقرير ۾ انهن خوفناڪ حالتن ۽ پوائتي ورتاءُ تي ڳالهايو هو، جن سان ضياءَ حڪومت ۾ سياسي قيدين جو ناتو پوندو هو. اها خبر لنڊن جي ’گارجين‘ اخبار ۾ ڇپي، ۽ ايسوسي ايٽيڊ پريس ذريعي دُنيا ۾ پکڙجي ويئي هئي. مونکي وري گرفتار ڪري ڪوٽ لکپت جيل ۾ اڪيلائپ جي قيد ۾ رکيو ويو، جتي آئون به ورهيه چار مهينا بند هوس. پوءِ مليٽري سمري ڪورٽ مونکي ٽن ورهين جي سخت پورهئي سان سزا ڏيئي، پهرين ملتان جيل ۽ پوءِ اٽڪ جيل ۾ رکيو. نيٺ 15 جون 1985ع تي آئون آزاد ٿيس.

تڏهن کان منهنجا پاڙيجا منهنجا مدد ڪن ٿا، ڇو ته مونکي اڄ اتائين حڪومت مُلڪ دشمن سمجهي ٿي. پر آئون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ لاءِ ڪم ڪندو رهان ٿو. آئون اُن تان ڪڏهن به هٿُ نه ڪڍندس. جيستائين جيئرو آهيان، تيستائين بينظير ڀُٽو جو ساٿُ ڏيندس.

پرويز علي شاهه، هاڻي نائب صدر پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ، اڳ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جو برک ميمبر ۽ هفتيوار مخزن ’جاويد‘ جو ڇپائيندڙ ۽ چيف ايڊيٽر

24 مارچ 1981ع تي مون پنهنجن پُٽن سان ڪرڪيٽ راند پئي ڪيڏي، ته هڪ بنا نمبر پليٽ ڪار اسان جي پرسان آئي ۽ منجهانئس سادن ڪپڙن ۾ وينل ڪجهه ماڻهن مونکي ڪار ۾ ويهڻ لاءِ چيو. هنن پاڻ کي پوليس جا ماڻهو ٻُڌايو، پر وٽن ڪوبه وارنٽ نه هو. اُهي منهنجي خاندان کي ٻُڌائڻ ڪانسواءِ مونکي پاڻ سان وٺي ويا.

اُن کان اڳ بہ آئون ٽي ڀيرا گرفتار ٿيو هوس. ڀهريون ڀيرو پنهنجي ڀاڻ ورهين جي ڪُراڙي والد سان گڏ 18 آڪٽوبر 1977ع تي جڏهن ضياءَ ڀهريون ڀيرو چونڊون ملتوي ڪيون هيون. تڏهن پوليس سان ڀريل ڪارُون ۾ جيپون اسان جي گهر خيرپور ۾ آيون هيون، جتان آئون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي صوبائي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ بيٺو هوس. "اڳتي وڌو." پوليس اسان کي حُڪم ڏنو هو. هنن منهنجي والد جي هڪ ٻانهن ۽ منهنجيءَ ٻانهن ۾ هٿڪڙي وجهي اسان کي شهر جي گهٽين ۾ رستن تان پنڌ وٺي هليا هئا. جڏهن تہ اسان پويان سندن ڪارون ۽ جيپون هيون. رستي پرسان ماڻهن جا ميڙاڪا ٿي ويا، جيڪي اسان کي اچرج وچان ڏسڻ لڳا هئا. عادي ڏوهارين سان بہ اهڙي جُٺ نہ ٿيندي هئي. اسين تہ هڪ سُني گهراڻي مان هئاسين. ڀهرين تہ مونکي ايترو شرم ٿيو هو، جو مون پنهنجو رومال ڪڍي هٿڪڙين تي ويڙهي ڇڏيو هو. پر جڏهن مونکي ماڻهن جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسڻ ۾ آيا هئا، تڏهن مون اُهو رومال لاهي ڇڏيو هو. پوءِ پنجويهن ڏينهن تائين ٿاڻي جي فرش تي سُمهڻ کان پوءِ هڪڙي ميجر مونکي آزاد ڪيو، پر هُن منهنجي والد کي هڪ سال قيد جي سزا ڏيئي سکر جيل ۾ موڪلي ڇڏيو هو. هڪ سال پوءِ ڀُٽو صاحب کي آزاد ڪرائڻ جي سڏ تي خيرپور ۾ جڏهن هزارين ماڻهن پاڻ کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ اڳيان ٿيا تڏهن اُهي وري آيا هئا. اُن وقت آئون گهر ۾ نہ هوس، پر پوليس وارا گهريلو عورتن جي انهن ڪمرن ۾ بہ گهڙي ويا هئا، جتي اڳ ڪڏهن بہ ڪو ڌاريو شخص نہ ويو هو. هنن اُتي ڪٻٽن مان سامان ڪڍي ٻاهر اُڇلايو ۽ خانا فرش تي اونڌا ڪيا. پوءِ هنن مونکي پنهنجي هڪ دوست جي شاديءَ مان اچي گرفتار ڪيو ۽ هڪ اهڙي ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو، جيڪا ڏهه فوٽ ڊگهي ۽ ست فوٽ ويڪري هئي، ۽ جتي ايڪيهه ماڻهو ٻيا بہ بند ٿيل هئا. مون تي ٻاهه ڏيڻ جو الزام مڙهيو ويو. جڏهن ڪين اُن جا ڪي بہ شاهد نہ مليا، تڏهن هنن مون تي ماڻهن کي ڀڙڪائڻ جي تُهمت مڙهي، مونکي هڪ سال قيد جي سزا ڏني.

پر 1981ع واري گرفتاري وڌيڪ خراب هئي. تڏهن مونکي اکين تي پٽي ٻڌي ڪراچيءَ کان خيرپور سينٽرل جيل ڏانهن وٺي ويا، جنهن ۾ ڇهہ ڪلاڪ لڳا هئا. اُتي مونکي ٽن ڏينهن تائين بُکيو رکيو ويو. پوءِ وري اُتان بہ مونکي ڪڍي ڀهرين حيدرآباد ۽ پوءِ هڪڙيءَ رات جو ڪراچيءَ ۾ فريئر پوليس ٿاڻي تي وٺي ويا. "گهٽ ۾ گهٽ مونکي هڪڙو ڪوپ چانهہ جو تہ پياريو." مون پوليس وارن کي ليلائيندي چيو. "توکي هر شيءِ 555 ۾ ملي ويندي." هنن ورنديءَ ۾ چيو. 555 ڪراچيءَ ۾ سي آءِ اي جو بدنام مرڪز هو.

هڪ ڀيرو وري مونکي پوليس جي لاريءَ ۾ چاڙهيو ويو. اُن ڀيري مونکي هڪ بنهہ انڌاري ڪوٺڙيءَ ۾ ڇڏيو ويو، جنهن جي ڇت سان ذري گهٽ منهنجو مٿو ٿي لڳو.

جيئن منهنجو پير ٻين قيدين مٿان پيو، تہ هنن رڙيون ڪندي چيو تہ، ”سنڀالي اچ.“ مونکي سُڌ ئي نہ هئي، تہ اسين سڀيئي اُن اونده ۾ گهڻا ڏينهن ڳاهٽ ٿيو پيا هئاسين. هڪ ڏينهن مونکي انٽر سروس انٽيليجينس جي ڪرنل سليم وٽ وني ويا. هن مونکي ڪاغذ جو هڪ ٽُڪرو ۽ پينسل ڏني. ”لکي ڏي تہ مس بينظير جي چوڻ تي بم اُڇلايو ويو هو ۽ بيگم ڀُٽو جو جهاز اغوا ڪرائڻ ۾ هٿ آهي.“ هُن مونکي چيو. ”آئون اها ڳالهہ ڪيئن لکي ڏيان، جنهن جي مونکي ڪابہ ڄاڻ نہ آهي.“ مون جواب ڏنو. هن وري چيو. مون بہ انڪار ڪيو. اُن تي هن لالا خان کي اندر گهُرايو، جيڪو 555 ۾ عذاب ڏيڻ لاءِ مشهور هو. هُن منهنجون ٽنگون ڪاٺ جي شڪنجي ۾ چمڙي جي پٽين سان ٻَڌي، هڪ ڊگهي ڪاٺ جي ڏنڊي سان منهنجن گوڏن جي ڍڪڻين کي ڪُٽڻ لڳو. سُور جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو، ايتريقدر جو منهنجين اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ”مونکي بم ڏماڪي يا جهاز اغوا جي ڪابہ ڄاڻُ ناهي.“ آئون ليلائڻ لڳس. پر لالا ڏَڪن مٿان ڏڪ هڻندو ويو. جڏهن هن بس ڪئي، تڏهن آئون ڪابہ ٽنگ چوري نہ سگهيس. ”اُٿي بيهہ. نہ تہ تون ڪڏهن بہ هلي نہ سگهندين.“هن لاپرواهيءَ سان مونکي چيو.

پوءِ مونکي هڪ ٻي ڪوٺڙيءَ ۾ موڪليو ويو. اڪثر جاسوسي ڪاتي جي چئن شاخن جا عملدار مون وٽ اچي چوندا هئا تہ بينظير ۽ بيگم صاحبا خلاف بيان ڏئي، پر منهنجي انڪار تي اُهي وري لالا کي گهُرائيندا هئا. ڪڏهن اُهي مونکي ويهاري ٻين ماڻهن کي اونڌو ٽنگي ايترو تہ ماريندو هو،جو اُهي دانهون ڪندا هئا. ڪڏهن وري مونکي ايئن ٽِنگي ڇڏيندو هو، جو رڳو منهنجن پيرن جا ننهن زمين تي لڳندا هئا ۽ آئون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽنگيو پيو هوندو هوس. گهڻو ڪري رات جو منهنجي ڪوٺڙيءَ ڇوڌاري بيٺل پهريدار مونکي ننڊ ڪرڻ نہ ڏيندا هئا، ۽ اجايا سجايا سوال پڇندا هئا، ۽ جواب نہ ملڻ تي لَڪڻ سان چُنگ ڏيندا هئا. جڏهن آئون بنهہ ٿڪجي پوندو هوس ۽ پاڻيءَ جي ٻن گلاسن پيئڻ ۽ روزانو پاڻيءَ جهڙي دال کائڻ سبب بُک ۾ پاهہ پيو ٿيندو هوس. تڏهن پُڇندڙن سان گڏ مونکي ماني کائڻ جي دعوت ملندي هئي. ”تون پاڻ کي ڏس. تون پڙهيل لکيل شخص ۽ سُني گهراڻي مان آهين.“ آئون جيل جي گندن ڪپڙن ۾ جڏهن اُن شاندار ڪاڏي ۽ گرم چانهہ جي ڪوپن اڳيان ويهندو هوس. تڏهن اُهي مونکي چوندا هئا. ”تون ڳالهہ کي مُنجهائين چو ٿو؟ تون رڳو اهو چئو تہ بينظير ۽ بيگم ڀُٽو جو هوائي جهاز اغوا ڪرائڻ ۾ هٿ آهي. پوءِ هيءُ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويندو.“ مون جڏهن انڪار ڪيو، تڏهن هو مون کي اُتان وٺي ويا ۽ عذاب ڏيڻ لڳا. ٽن مهينن کان پوءِ مونکي ڪراچي سينٽرل جيل ۾ موڪليو ويو، جتان پوءِ خيرپور، اُتي منهنجن مائٽن کي مون سان مهيني ۾ هڪ ڀيرو ملاقات جي اجازت ڏني ويئي هئي. مونکي ست ڀيرا فوجي عدالت آڏو آندو ويو، پر حڪومت ڪي شاهد نہ ملي سگهيو هو، ۽ نہ ئي اُهي مون تي تُهمتون مڙهي سگهيا هئا. فيبروري 1985ع ۾ حڪومت نيٺ مونکي

”پاڪستان جي سلامتي ۽ نظريي خلاف سياسي راءِ جوڙڻ“ جي ڏوھ ۾ ھڪ سال جي سزا ڏني. مون ڀھرين جيڪي چار ورھيہ قيد ۾ گھاريا ھئا، تن جو لکيت ۾ الزام بہ مونکي نہ مليو ھو. منھنجي گھر واري ڪراچيءَ ۾ ننڍي ڪاروبار ۽ ٽن ٻارن جي سارسنڀال جي ذميدارين سبب بيمار ٿي پئي ھئي.
ايمنسٽي انٽرنيشنل جي ھڪ رپورٽ ۾ پرويز علي شاھ کي ’ضمير جو قيدي‘ ڄاڻايو ويو ھو. ايم آر ڊي جُڙڻ ۽ ھوائي جھاز اغوا ٿيڻ کان پوءِ اُن پوائنٽي دؤر ۾ ڪيترن ئي ٻين لاءِ بہ اھو ئي ڄاڻايو ويو ھو. ايمنسٽي انٽرنيشنل اھا رپورٽ بہ پڌري ڪئي ھئي، تہ 1981ع جي سڄي سال ۾ پاڪستان ۾ سياسي قيدين تي ٿيندڙ ظلم ۾ اوچتو واڌ اچي وئي ھئي. اھو ظلم گھڻو ڪري شاگردن، سياسي ڪارڪنن، مزدور جماعتن جي ماڻھن ۽ سياسي جماعتن سان لاڳاپيل وڪيلن تي ٿيو ھو. پر ھوائي جھاز جي اغوا کان پوءِ قيدين ۾ ھڪ نئين قسم جو واڌارو پڻ ٿيو ھو. 1981ع ۾ ڀھريون ڀيرو ايمنسٽي انٽرنيشنل کي اھڙيون اخباري رپورٽون مليون تہ ”چئن سياسي قيدياڻين کي ايذاءُ ڏنا ويا ھئا. اُھي قيدي عورتون ھيون: پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جون گھر واريون ناصر رانا ۽ بيگم عارف ڀٽي، ڪارڪن فرخندا بخاري ۽ مسز صفوران، جيڪا ڇھن ٻارن جي ماءُ ھئي.“ آئون انھن سڀني کي سُڃاڻندي ھيس.

ناصر رانا، 13 اپريل، لاھور
منھنجو مُڙس ايم آر ڊيءَ جو ميمبر ھو. اپريل جي اوائل ۾ ھو ڪراچيءَ ويل ھو، تہ اوچتو ھڪڙي ڏينھن پوليس منھنجي ڪمري ۾ ڌوڪيندي آئي. ”ڪير آھين تون؟“ ڊپُ وچان مون اُن ماڻھوءَ کان پُڇيو، جيڪو منھنجي مٿي تي بندوق رکيو بيٺو ھو. ھُن کي وردي بہ پاتل نہ ھئي، پر ھڪ ڪليل قميص ۽ ڪاري پتلون پاتل ھئي. ھُن جي ڳچيءَ ۾ جيڪا سوني زنجير پيل ھئي، سا اجا تائين منھنجي اکين اڳيان پئي ڦِري.
”آئون توکي ٻُڌائيندس تہ آئون ڪير آھيان.“ ھُن دڙڪو ڏيندي چيو. ”آئون پاڪستاني فوج جو ميجر آھيان.“ ھن بندوق جي نال سان منھنجي پيشانيءَ تي دٻاءُ وڌو، جنھن سبب مونکي تڪليف ٿي. مون اُن کي پري ڌِڪيو، تہ ھُن مونکي ان جي ڪنداق سان ڌڪ ھنيو ۽ منھنجي ھٿ ۽ آڱرين جون ھڏيون ڀڄي پيون. اُھو ڏسي منھنجي ٻارھن ورھين جي ڌيءَ رڙيون ڪرڻ لڳي.
”تنھنجو مُڙس ڪٿي آھي؟“ ھُن وري دڙڪو ڏئي پُڇيو. جڏھن تہ ٻيا فوجي گھر جو سامان ڦلھوڙڻ لڳا. ”ھو ھتي ڪونھي.“ مون ھُڻ کي وراڻيو. ھُن وري بندوق جي ڪنداق سان مون تي اُلر ڪئي. ”ڳجھي رستي جو دروازو ڪٿي آھي؟“ ھن چيو. ”ھتي ڪوبہ ڳجھو رستو ڪونھي.“ مون جواب ڏنو. ھن مونکي ۽ منھنجي ڌيءَ کي ڪمري ۾ بند

ڪري ٻاهران ڪُلف ڏنو ۽ پوءِ سڀئي هليا ويا. پندرهن ڏينهن کان پوءِ اُهي وري موٽي آيا.
”هل اسان سان. تون گرفتار آهين.“ پوليس جي هڪ ائڊيشنل سپرنٽينڊنٽ ۽ هڪ مڪاني مئجسٽريٽ چيو.
”اوهان وٽ وارنٽ آهن؟“ هن ڪانئن پُڇيو.
”اسان پاڻ وارنٽ آهيون.“ هنن وراڻيو.
اُهي مونکي جيل ڏانهن وٺي ويا، جتي هنن مونکي سڄيءَ رات پيرن ڀَر ويهڻ تي مجبور ڪيو هو. هر ڪلاڪ کان پوءِ پڇاڻي لاءِ هڪ نئون ماڻهو ٿي آيو.
”تنهنجو مُڙس بينظير ڀٽو ۽ بيگم ڀٽو جيان الذوالفقار جو ميمبر آهي. اسان کي پتو آهي ۽ اها سچائي آهي. تون پڪ ڪر. مڃ.“
ڪيترائي ڪلاڪ لنگهي ويا، پر آئون ڪُڇيس ئي نه. هنن جيڪي به چيو ٿي، تنهن جو مون ڪوبه اثر نٿي ورتو. مون پنهنجا گوڏا ڏڪندي پاتئيا، ۽ آئون پنهنجي پرسان پيل ڪُرسيءَ ڏانهن وڌيس. ”پري ٿيءُ.“ هنن رڙ ڪئي. ٻن ڏينهن کان پوءِ مونکي لاهور قلعي ۾ وٺي ويا ۽ هنن مونکي هڪ ننڍڙي ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو. اُتي هڪ ٻي سياسي قيدياڻي بيگم ڀٽي به هئي، جنهن جو مُڙس پنجاب حڪومت جو مالياتي وزير رهي چڪو هو.
**بيگم عارف ڀٽي:**
اسان کان حڪومت جي ٻارهن مختلف ايجنسين جي ماڻهن پُڇاڻو ڪيو. ”تنهنجو مُڙس ڪٿي آهي؟“ اُهي رڙيون ڪري پُڇندا هئا. ”اِهو دهشتگرد ڀٽو عورتن سان گڏ آهي.“
جيل عملي اسان کي سڄيءَ رات سمهڻ نه ڏنو. اها اسان جي ٽين رات هئي، جو اسان اڃُ به نه پُوري هئي. ”توکي ننڊ ناهي ڪرڻي. مسز رانا.“ هن اسان جي ڪوٺڙيءَ ۾ دانهون ڪري ۽ سِيخن تي ڏنڊا هڻي چيو. ”سُجاڳ ٿي، بيگم ڀٽي.“
ٻئي ڏينهن اسان کي جاسوسي کاتي جي عملدار ميجر جنرل وٽ وٺي ويا. اُتي به ساڳيا سُوال پُڇيا ويا. اسان به ساڳيا جواب ڏنا. هڪ موقعي تي ميجر جنرل قيوم اسان کي وارن کان جهلي مٿو ديوار سان هنيو.
”اوهان جا مُڙس ڪٿي آهن؟“ هن رڙ ڪري پُڇيو.
”مونکي ڪا خبر نه آهي.“
هن ٻَريل سگريٽ اسان جي ٻانهن تي رکيا ۽ ٿوريءَ دير ۾ اسان کي پنهنجي گوشت سَڙڻ جي بُوءِ آئي.
”اوهان جا مُڙس ڪٿي آهن؟“
آئون بيهوش ٿيڻ لڳيس. پري کان مون ناصرا کي دانهون ڪندي ٻُڌو.

”اسين اوهان جو ضد ٽوڙينداسين.“ ميجر جنرل قيوم رڙ ڪئي. بيهوش ٿيڻ کان اڳ مون اُهي آخري لفظ ٻُڌا.

**ناصر رانا:**

اسين لاهور جي قلعي ۾ پنج هفتا هيونسين. اهي سال جا ڏاڍا گرم ڏينهن هئا. سج جي تپش ڏاڍي ساڙيندڙ هئي. ”اسين جيڪي پُڇون ٿا. سو هاڻي اوهين ضرور ٻُڌائينديون.“ هنن اسان کي ٻنپهرن جو وچ اڱڻ ۾ پهريدارن جي نظرداريءَ ۾ ڇڏيندي چيو. اُتي اسين ڪيترائي ڪلاڪ بيٺيون هيونسين. اسان جي اکين اڳيان ڪارا ٽُٻڪا نچڻ لڳا. مٿو ڦِرڻ لڳو ۽ جِڀُ سُڪي سُڄي پئي. پهريدارن اسان اڳيان ٿڌو پاڻي ٿي پيتو ۽ ٽهڪ ٿي ڏنا. هڪ ڪلاڪ گُذري ويو. ٻيو ڪلاڪ ٻه. الائي اسين اُتي ڪيترو وقت بيٺيون هيونسين. هر ٽن ڪلاڪن کان پوءِ پهريدار بدلي پئي ٿيا.

اُهي اسان کي ٽي پيرا خاص ڪمري ۾ وٺي ويا هئا. اُتي اسانجي ڪَرائين جي چوڌاري اسپينج ٻَڌي اُن ۾ بجليءَ جون تارون هنيون ويون. هر پيري ڪجهه سيڪنڊن کان پوءِ ڪيترائي پيرا هنن انهن تارن ذريعي اسان کي بجليءَ جا جهٽڪا ڏنا. اسان جا جسم ڪروندڙا ۽ سخت ٿي ويا ٿي. منهنجو پيگل هٿ پٺيءَ ۾ هو ۽ ڏاڍو نِستو هو. نيٺ آئون رڙين ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهيس. ”اسين تنهنجي پيءُ کي عذاب ڏيڻ لاءِ هتي آڻينداسين.“ هنن دڙڪا ڏنا. ”اسين تنهنجي ڌيءَ کي به وٺي ايندا سين.“ بجليءَ جا جهٽڪا ٻن ڪلاڪن تائين ايندا رهيا.

**بيگم ڀٽي:**

اسان جي ڪوٺڙيءَ ۾ نه کٽ هئي، نه ئي بسترو. هنن اسان کي هڪ گُونڻ ڏني هئي. مون جڏهن اُها فرش تي وڇائي ته اُن مان هڪ ٽي فوٽ ڊگهو نانگ وراڪا ڏيندو ٻاهر نڪتو. ”رڙ نه ڪر.“ مون ناصرا کي هوريان چيو. پر نانگ کي ڏسي مونکي گهٽي ڪاوڙ آئي. مون اُن کي گُونڻ ۾ جهلي سوگهو ڪيو ۽ زور سان ديوار ۾ هنيو ۽ پوءِ اُن جي مُنڍي مِروٽي ڇڏي. پوليس واريءَ جڏهن اهو ڏٺو، ته ڪانئس دانهن نڪري ويئي. پوءِ جيل اختياريءَ وارن ڪوشش ڪئي، ته اسين اُن بيان تي صَحيون ڪيون، ته اُهو نانگ هنن نه آندو هو، پر اهو پاڻ ڪوٺڙيءَ ۾ آيو هو. اسان اُن بيان تي صَحي کان انڪار ڪيو.

اوهين بينظير ڀٽو جو نالو ڪٺو. بيگم صاحبا جو نالو ڪٺو، پنهنجن مُڙسن جا نالا ڪٺو. اسان کان پُڇندڙ اُهوئي چوندا رهيا. ”جيڪڏهن منهنجيءَ جاءِ تي تنهنجي زال هجي ها، ته اها به اهو چوي ها؟“ مون هُن کان پُڇيو. ”ها.“ هن جواب ڏنو. ”ته پوءِ هوءَ ڏاڍي بيشرم عورت آهي.“ مون وراڻيو.

**ناصر رانا:**

مون کي هڪ پهريدار ٻڌايو تہ منهنجي مُڙس کي گرفتار ڪري قلعي ۾ آندو ويو آهي. مونکي ڄاڻ نہ آهي، تہ هنن هن سان ڪهڙي ويڌن ڪئي هوندي. آئون اهو ڄاڻڻ بہ نٿي چاهيان. هُن کي جڏهن عذاب ڏنا ويا هئا، تہ کيس دل جو دؤرو پيو هو. هُن جو ساهہ گهُٽجڻ لڳو ۽ هو هئڊو تي ويو هو. اهو ڏسي کيس اسپتال موڪليو ويو، تہ جيئن ماڻهو اهو نہ چون تہ هُن کي ايذاءُ ڏئي ماريو اٿن. پر اهو معجزو هو، جو هو بچي ويو. سکر جيل جي اڪيلائيءَ ۾ مونکي انهن عذابن بابت ڪابہ سُڌ نہ هئي. مونکي اها ڄاڻ نہ هئي، تہ هوائي جهاز جي اغوا ٿيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر نيازي پنهنجيءَ زال ۽ خاندان جي ٻين ماڻهن جي زور ڀرڻ تي ۽ کيس ٿيون پيرو گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس جي سندس گهر ۾ پهچڻ کان ڪجهہ منٽ اڳ پاڪستان مان ڀڄي نڪتو هو. اُن ڇڪتاڻ سبب ڪابل ۾ هُن کي دل جو دؤرو پيو هو. پر لنڊن ۾ هُن جي دل جي آپريشن ٿيڻ سبب هو بچي ويو. ڊاڪٽر نيازي 1988ع تائين اُتي رهيل هو.

ياسمين پڻ گرفتار ٿيڻ کان ذري گهٽ بچي وئي هئي. ”ياسمين نيازي گهر ۾ آهي؟“ پوليس هنن جي گهر تي اچي پُڇا ڪئي هئي. ”نہ،“ ياسمين وقتائتي هوشياري ڏيکاريندي چيو. پوءِ جڏهن پوليس هُن بجاءِ سندس ماءُ کي جهلڻ جو فيصلو ڪيو هو، تڏهن ياسمين ۽ بيگم نيازيءَ وچ ۾ تورو بکيڙو ٿيو هو. ”آئون هنن کي ٻڌايان ٿي تہ آئون ڪير آهيان.“ ياسمين پنهنجيءَ ماءُ کي هوريان چيو، تہ جيئن پوليس نہ ٻُڌي. ”ياسمين، جيڪڏهن تو ائين ڪيو تہ آئون مري وينديس. تنهنڪري مونکي قيد ٿيڻ ڏي يا وري مرڻ ڏي. تون پاڻ ٻُڌاءِ توکي ڇا گهُرجي.“ هن وراڻيو. ياسمين ماٺ ڪري بيهي رهي ۽ پوليس وارا مسز نيازيءَ کي راولپنڊي جيل ۾ وٺي ويا، جتي هن کي ٻين ٽن عورتن سان گڏ هڪ اهڙي ڪوٺڙيءَ ۾ رهايو ويو هو، جيڪا بابا جي موت جي اڳوٽي ڪوٺڙيءَ سامهون هئي. بيگم نيازي پنج ڏينهن اُن ڪوٺڙيءَ ۾ بند هئي، جتي ٻيون بہ ايتريون عورتون هيون، جو سُمهڻ لاءِ بہ ڪين جاءِ نہ ملندي هئي، ۽ واري واري سان سُمهنديون هيون.

ياسمين ٽن مهينن تائين روپوش ٿي ويئي هئي. جڏهن تہ پوليس لاڳيتو هن کي ڳوليندي رهي هئي. هوءَ وڏي جوکي ۾ ڦاٿل هئي. ڊاڪٽر نيازيءَ سخت بيماريءَ جي حالت ۾ ۽ ڌيءَ جي ڳڻتيءَ ۾ پاڪستاني هوائي ڪمپنيءَ جي جهاز جي ٽڪيٽ بہ خريد ڪئي، تہ جيئن ياسمين لنڊن ۾ وڃي وٽس رهي. پر ملڪ مان هوءَ ڪيئن ٻاهر وڃي سگهي ٿي؟ جيل مان ڇُٽڻ کان پوءِ بيگم نيازيءَ برٽش سفارتخاني ۾ ٽيليفون ڪيو. اصل ۾ ياسمين لنڊن ۾ ڄائي هئي، تنهنڪري سفارتخاني وارن چيو، تہ جيڪڏهن بيگم نيازي اهو پاسپورٽ موڪلي، جنهن هيٺ ياسمين ٻار هجڻ طور ساڻس گڏ سفر ڪيو هو، تہ اُهي انيتاليهين ڪلاڪن ۾ کيس برٽش پاسپورٽ وٺي ڏيندا. بيگم نيازيءَ کي اهو ارڙهن ورهيہ پراڻو پاسپورٽ هڪڙي پيٽيءَ جي تري مان هٿ آيو.

”آئون پاڻ ته ياسمين سان گڏ هوائي اڏي تي ڪونه ويس، جو ڊپ هيم، ته مونکي سُڃاڻي وٺندا، تنهنڪري مونکي برقعو پارائي هُن جي ڀيڻ سان موڪليو.“ ڪيئي ورهيه پوءِ بيگم نيازي مونکي اهڙي آواز ۾ چيو، جيڪو تنهن وقت ڏڪندو پائنبو هو. ضياءَ جي ذاتي حڪمن مطابق ياسمين پوليس کي گهُربل هئي. اسلام آباد ۾ هن جي گرفتاريءَ جا حُڪم موجود هئا. اهڙا حُڪم هر صوبي ۾ موڪليا ويا هئا. ڪابه اهڙي فهرست نه هئي، جنهن ۾ هن جو نالو نه هو. ڏٽيءَ تعاليٰ جي مهرباني تي، جو هوءَ ملڪ مان نڪري وئي. ”تنهنجي پاسپورٽ تي ويزا جي داخلا ڪانهي.“ هوائي اڏي تي اميگريشن جي عملدار ياسمين کي چيو. ”عجب جهڙي ڳالهه آهي.“ ياسمين هن سان چالاڪي ڪئي. ”ضرور ڪا غلطي ٿي آهي.“ پوءِ جيئن هن فهرست ۾ ياسمين جو نالو ڏسڻ تي گهُريو، ته هوائي اڏي جي بجلي هلي ويئي. هڪ منٽ تائين هوائي اڏو اوندهه ۾ ٻُڏي ويو ۽ مسافرن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي. جڏهن بجلي آئي ته اميگريشن جي عملدار کي ايتري ته تڪڙ ٿي، جو هُن هڪدم پاسپورٽ تي مُهر هڻي ڪيس وڃڻ جي اجازت ڏني.
ياسمين سلامتيءَ سان لنڊن پهچي ويئي، جتي پوءِ هُن منهنجي سئوٽ طارق سان شادي ڪئي، جيڪو پڻ سياسي پناهگير هو. اُهي ٻئي اڃا تائين پنهنجن ٻن ننڍن ٻارن سميت اُتي رهن ٿا.

مئي مهيني ۾ سکر ۾ گرمي شروع ٿي: خُشڪ ۽ ساڙيندڙ گرمي، جنهن سبب منهنجي ڪوٺڙي جڻ باهه جو ڪوُرو ٻڻجي ويئي. اُن جي ڪليل پاسن مان گرم هوا لاڳيتو اندر پئي آئي. ريگستان ويجهو هجڻ سبب اُهي گرم هوائون 110 کان 120 ڊگرين تائين ٿي پهتيون. منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ مٽيءَ جا لاڳيتا واچوڙا پيا لڳندا هئا. پگهر نڪرڻ سبب مون تي مٽيءَ جا ذرڙا ڄمي ويندا هئا.
منهنجي چمڙي خُشڪ ٿي ڦاٽي پيئي، ۽ هٿن تان اُن جا تهه لهڻ لڳا هئا. منهنجي مُنهن تي وڏيڪ داڻا نڪري آيا. انهن ۾ پگهر ويندو هو، ته اُهي تيزاب جيان سڙندا هئا. منهنجا وار سدائين گهاٽا هوندا هئا، سي هاڻي مُنين جون مُنيون ڇڻڻ لڳا هئا. مون وٽ آرسي نه هئي، پر آئون مٽي جي ڪل کي پنهنجين آڱرين سان ڇُهي سگهيس ٿي: گهميل، ميري ۽ اُگهاڙي، روزانو صبح جو مونکي منهنجي ويهاڻي تي وارن جا ڇُڳا ڏسڻ ۾ ايندا هئا.
ڪوٺڙيءَ ۾ ڪيترائي جيت حملو ڪندڙ فوجن جيان ڪاهي آيا هئا. تِڏيون، مَڇر، زهريليون مکيون، ماڪيءَ جون مکيون. اُهي سدائين منهنجي مُنهن تي پيون پُون پُون ڪنديون هيون يا منهنجين ٽنگن تي پيون سُرنديون هيون. آئون هٿن سان ڪين پري ڪندي هيس، پر اُهي جيت ايترا ته گهڻا هوندا هئا، جو اُها ڪوشش اجائي ثابت ٿيندي هئي. اُهي جيت فرش جي ڦاٽل حصن ۽ اگهڻ مان اندر ايندا هئا. وڏا ڪارا ماڪوڙا، تِڏِ، ننڍڙيون، ڳاڙهيون ڪيوليون، ڪوريئڙا، رات جو پاڻ کي اُنهن جي چَڪن کان بچائڻ

لاءِ آئون مٽي تائين چادر ويڙهي ڇڏيندي هيس، پر جڏهن ٻوساٽ ٿيندي هئي، ته لاهي ڦٽو ڪندي هيس.

پاٽي. آئون ٽڏي ۾ نج اجري پاٽيءَ جا سپنا ڏسندي هيس. جيل ۾ ملندڙ پاٽي ميرانجهڙو، پيُرو ۽ پيلاڻ مائل هوندو هو. اُن مان ڪِني بيدي جهڙي بُوءِ ايندي هئي. اهو پاٽي پيئڻ جهڙو نه هوندو هو، ۽ نه ئي اُن مان اُڃ اُجهامندي هئي. جيل اختياريءَ وارن اهو تازو پاٽيءَ به مون ڏانهن موڪلڻ بند ڪري ڇڏيو هو، جيڪو جيل ويجهو رهندڙ مجيب پيرزادو وڪيل مون ڏانهن موڪلڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ”اسان اهو تنهنجي ڀلائيءَ لاءِ ڪيو آهي.“ جيل سپرنٽينڊنٽ مونکي چيو. ”اُهي ماڻهو تنهنجا دشمن آهن. پاڻ تنهنجي پارٽيءَ جا اڳواڻ تومان جان ڇڏائڻ گهُرن ٿا.“ هڪ ڏينهن هُن مونکي اهو به ٻُڌايو، ته مجيب مون ڏانهن جيڪي تازيون نارنگيون موڪليون هيون، سي مونکي ڏيڻ بجاءِ هو پاڻ کائي ويو هو. ”مون ايئن تنهنجي زندگي بچائي.“ هُن ٻُڌايو. ”هو انهن ۾ سُئِين ذريعي زهر ڀري پئي سگهيو.“ اُهو بيهودگيءَ جو ناٽڪ گهر هو.

”اوهين مون کي جيتمار دوا جو ڦوهارو ڏيئي سگهو ٿا؟“ مون جيل عملي کان پُڇيو.

”نه، بلڪل نه،“ هنن وراڻيو. ”اها ته زهريلي شيءِ آهي. اسين اهو هرگز نه چاهينداسين، ته توهان کي ڪجهه ٿئي.“

زهر بابت اُن ڳالهه ٻولهه جو ڇا مطلب هو؟ مون اوچتو ويچاريو، ته اُهي منهنجي ذهن ۾ آپگهات جي سوچ آڻڻ چاهين ٿا. حڪومت لاءِ اهو ڪيڏو نه سولو سُلجهاءُ ٿي سگهي ها، جو اُهي اعلان ڪن ها ته بينظير پنهنجي پاڻ کي ماريو آهي؟ مامرو ئي ختم ٿي وڃي ها. اُن جو ثبوت منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ هر وقت پيل فنائل جي اها ٻوتل هئي، جنهن تي موت جي نشان واريءَ ڪوپڙيءَ ۽ ٻه هڏيون چٽيل هيون. ”هوشيار رهجانءِ، متان اها ٻوتل هن جي ڪوٺڙيءَ ۾ رهجي نه وڃي.“ جيل سپرنٽينڊنٽ هر ڀيري وڏي آواز ۾ اُن عورت کي چوندو هو، جيڪا هفتي ۾ هڪ ڀيرو منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ صفائيءَ لاءِ ايندي هئي. ”تون فنائل تي نظر رکجانءِ. هُن کي شايد عذابن کان ڇوٽڪارو ماڻڻ لاءِ اُن جي گهُرج پوي.“ پر زهر جي اُها ٻوتل جتي هئي، اُتي ئي رکيل رهي.

ڇا هنن منهنجي ذهن سان هٿ چراند شروع ڪري ڏني هئي؟ منهنجي ڪَنُ ۾ وري تڪليف ٿيڻ لڳي هئي، جو شايد منهنجي مُنهن مان لاڳيتو پگهر پيو ٽِمندو هو. پر جيل جو ڊاڪٽر مونکي چوندو رهندو هو، ته ڳٽيءَ جي ڪابه ڳالهه ڪانهي. ”تون اڪيلائيءَ جي قيد ۾ آهين ۽ تنهنجي ذهن تي بار آهي.“ هن مونکي ماٺ ڪرائڻ لاءِ چيو. ”جن حالتن ۾ تون رهين ٿي، انهن ۾ ٻيا ماڻهو سمجهن ٿا، ته ڪين سُور ۽ تڪليف آهي جيڪا حقيقت ۾ نٿي هجي.“ مونکي لڳو ته شايد هو سچ چوي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته ڪَنُ جي اها تڪليف، جنهن رات ڏينهن مونکي پريشان پئي ڪيو، خيالي هجي، جيڪر اتي ايتري گرمي نه هجي ها.

23 مئي تي امان ڪراچي سينٽرل جيل مان خط لکيو ۽ مونکي گرميءَ کان بچڻ جو اُپاءُ ٻڌايو. ”منھنجي پياري پنڪي، گرميءَ کي ڀڄائڻ لاءِ آئون روزانو ٽي چار ڀيرا پاڻ تي پاڻي اوتيان ٿي. تون بہ ائين ڪندي ڪر. آئون پھرين پنھنجو ڪَنڌ جهُڪائي پاڻيءَ جا مَگا ڪُڇيءَ جي پنيان ۽ تارُون تي ۽ پوءِ ڪپڙن سميت پاڻ تي پاڻي وجهان ٿي. پوءِ آئون پکي هينان ڪٽ تي وڃي ويھندي آهيان ۽ ڪپڙن سُڪڻ تائين ڏاڍي ٺڏڪار رهي ٿي. حقيقت اها آهي تہ ڪپڙن سُڪڻ کان پوءِ بہ خاص وقت تائين ٺڏڪار رهي ٿي. اُن طريقي کي آزمائڻ کان پوءِ گرميءَ جي شدت گهٽجيو وڃي. اهو شاندار تجربو آهي، جنھن جي آئون توکي صلاح ڏيان ٿي ... پيار ۽ دعائون- تنھنجي امان.“

مون هُن جي مشوري تي عمل ڪيو ۽ روزانو صبح جو آئون پاڻيءَ سان ڀريل باڙدي پاڻ تي اوتيندي هيس. ڪراچيءَ کان سکر ۾ وڌيڪ گرمي هئي ۽ مون وٽ تہ پکو بہ ڪونہ هو. پر گرم هوا ۾ منھنجن ڪپڙن کي سُڪڻ ۾ ڪلاڪ لڳي ويندا هئا، جنھنڪري آئون آرام پائيندي هئس. پر مونکي اها سُڌ نہ رهي، تہ منھنجي ڪَنُ ۾ جيترو وڌيڪ پاڻي پئي پيو، گهاءُ اوترو ئي وڌيڪ خراب ٿيندو تي ويو. ”اها رڳو تنھنجي سوچ آهي.“ جيل جي ڊاڪٽر مونکي پرپائيندي چيو. هو اُن بيماريءَ جو ماهر ڊاڪٽر نہ هو. هن اهو ڄاڻي ٻُجهي يا اڻڄاڻائيءَ مان تي چيو، تنھن بابت مونکي ڪڏهن بہ ڄاڻ نہ پئجي سگهندي.

اتي ئي 250 ڀيرا ڊوڙڻ. چاليھہ ڀيرا جهُڪڻ. ٻانھون لوڏڻ. ويھہ ڀيرا اُونها ساھہ کڻڻ. اخبارون پڙهڻ. هوائي جهاز جي اغوا ۾ مونکي ۽ امان کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش بابت خبرن کان لنوائڻ. اُن بدران مجيب ۽ سندس زال پَرت پَرڻ جو جيڪو سامان موڪليو هو، جهڙوڪ، ڪپڙو، ڌاڳا، ۽ خاڪن جو ڪتاب، تنھن تي ڌيان ڏيڻ.

”مون هينئر ٽراليءَ جو ڪپڙو ۽ چار رومال پَرت سان پري پُورا ڪيا آهن.“ مئي مهيني جي وچ ڌاري مون پنھنجي ڊائريءَ ۾ لکيو. ”آئون جڏهن واندي هجان ٿي، تڏهن سيني کي پريشان ڪريان ٿي. ۽ جيل ۾ بہ مون اهوئي ڪيو. سُئي سَڳي جي ڪم ۾ جنھن ڌيان جي گهُرج هجي ٿي، تنھن سبب خيال ٻين ڳالهين ڏانھن نٿو وڃي. ٻيو تہ اڪيلائيءَ جي قيد جي اُن پولار ۾ اُن ڪم تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻو پوي ٿو، جنھن سبب اُن جو سنو اثر ٿيو آهي.“

مون روزانو پنھنجي جنرل ۾ هڪ ڪلاڪ تائين لکڻ لاءِ پاڻ تي زور رکيو. ”فرانس جي عوام فرانسوا متران کي پنھنجو صدر چونڊيو آهي، جيڪو جنگ کان پوءِ فرانس ملڪ جو پھروين سوشلسٽ صدر ٿيندو.“ مون 11 مئي تي پنھنجي ڊائريءَ ۾ لکيو. ”انگريز ۽ آمريڪي اخبارن جيسڪا جي برخلاف زبردست مُھم هلائي هئي. هن چونڊ سبب يورپ جي سياست تي گهڻا ڳوڙها اثر پوندا. سوشلسٽ پاليسين مطابق هلڻ شايد فرانس گهرو وڳوڙن ۾ اَڙجي وڃي. فرانس جي ٻاهرين ملڪن سان هلندڙ اگري نيتيءَ

۾ ڦيرو اچي. عرب ۽ آفريڪي قومن ۾ فرانس جي اثر کي وڌائڻ لاءِ ڪير تو ميدان ۾ اچي؟ جرمنيءَ جي فيڊرل ريپبلڪ سان هاڻي فرانس جا دوستاڻا لاڳاپا کھڙو روپ وٺندا، ته جيئن 'هنرمند' ۽ 'دوستن'، جيسڪا ۽ شمت جي ڀائيواري ختم ٿئي. اٿليءَ تي ٿيندڙ اُتاھ اثر جو ڇا ٿيندو؟"

ساڳئي ڏينهن مون آئرليند جي باغي سياستدان بابي سينڊز جي موت بابت پڻ لکيو هو. "انگريزن جي جيل ۾ چاهٺ ڏينهن جي بک هڙتال کان پوءِ نيٺ بابي سينڊز موت جو کاڄ بڻيو. انگريزن موجب بابي سينڊز دهشتگرد هو، پر هن جي ملڪ ۾ اهو مشهور هوندو هو ته، "بابي سينڊز سياسي آزادي ۽ حقن لاءِ ويڙھ ڪئي هئي" اها ڳالھ سڄي دنيا سان نهڪي اچي ٿي. گھڻو ڪري ڪيترائي ڏينهن آئون ڪجھ به نه لکندي هيس. "ٿوري وقت کان مون پوريءَ ريت لکيو به ڪونهي." مون 8 جون تي پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو. "پاڻ کان اها ڳالھ پڇڻ ۾ ڪوبه فائدو ڪونهي ته ڇا لکجي، ڇو ته اخبارن ۾ جيڪي خبرون ڇپجن ٿيون، تن جو تَتُ ڏئي سگھجي ٿو. نه لکڻ سبب اظهار جي رواني، لفظن ۽ جملن جي سڃاڻپ ۽ ويچارن جي نروار واريءَ لياقت ختم ٿيو وڃي."

آئون آهستي پر خاطريءَ سان نئين انداز سان واقف ٿيندي ويس. "هر ڪلاڪ، هڪ ڏينهن يا هفتي کان به وڌيڪ آهستي گذرندو پائنجي ٿو، پر پوءِ به آئون رُڳو اُن تائين پهتي آهيان." مون 11 جون تي لکيو. "نيائڻ" صحيح لفظ ڪونهي. آئون اُن صورتحال سان نيائي نٿي سگھان، جيڪا ڪراهت ڏياريندڙ آهي. نيائڻ جو مطلب آهي، آڻ مڃڻ. مون ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيو آهي. هر گھڙيءَ گھِلبي گذري آهي، پر گذري ضرور وئي آهي. هن آزمائش ۾ رُڳو الله منهنجي واهر ڪئي آهي. هن ڪانسواءِ آئون نابود ٿي وڃان ها."

سکر ۾ منهنجي نظربندي 12 جون تي ٻنپهرن جو ختم ٿيڻ واري هئي. منهنجي وهم ۾ ئي ڪونه هو، ته مونکي آزاد ڪيو ويندو يا وڌيڪ ڏينهن لاءِ نظربند ڪندا، ته جيئن مون تي ڪيس هلائڻ ۽ مونکي سزا ڏيڻ ممڪن ٿي سگھي. "موت ته نيٺ اچي ٿو ۽ آئون اُن کان ڪونه ٿي ڊڄان." مون پنهنجين يادداشتن ۾ لکيو. "حڪومت ۾ جيڪي حيوان وينا آهن، اهي رُڳو ماڻهن کي ختم ڪري سگھن ٿا، پر اهي خيالن کي ختم ڪري نٿا سگھن. جمهوريت جي سوچ سلامت رهندي ۽ جمهوريت جي اٿل سوپ ۽ اسين وري جيئنداسين. گھٽ ۾ گھٽ اڪيلائيءَ جي قيد جي ورچائيندڙ حالت مان مونکي ڇوٽڪارو ملي ويندو، جتي ماڻهو جيئري ئي قبر ۾ هُجي ٿو."

منهنجي نظربنديءَ جي ختم ٿيڻ واري ڏينهن صبح جو يارهين وڳي ڊپٽي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر وٽان حڪمنامو پهتو. ڪيس منهنجي نئين نظربنديءَ جو حڪم ڪيندي "خوشي" ٿي هئي. سکر ۾ منهنجي قيد جي مدت 12 سيپٽمبر تائين وڌائي وئي هئي.

21 جون 1981ع. منهنجو اٺاويهون جنم ڏينهن، سکر سينٽرل جيل صنم ڀٽو:
مونکي اجازت ڏني وئي هئي، تہ آئون پنهنجيءَ ڀيڻ سان سندس جنم ڏينهن تي ملاقات ڪريان، جيڪو هن جي نظربنديءَ ۾ ٽيون جنم ڏينهن هو. ڪراچيءَ مان هوائي جهاز جي اڏام ۾ دير ڪرائي وئي. جنهنڪري هن سان ملاقات لاءِ رُڳو هڪ ڪلاڪ بچيو هو. آئون ايتري تہ مايوس هيس، جو هن جي ڪوٺڙيءَ ۾ پهچندي ئي دانهون ڪري روئڻ لڳيس. منهنجي گهٽا ڀيرا جهَڙتي ورتي وئي هئي. جيل جي ملازم عورتن منهنجي مٿي جو هڪڙو هڪڙو وار جانچي ڏٺو، جيڪي اُن وقت وڏا ڪونہ هئا. منهنجي بئگ ڪي خالي ڪري ڏٺو. 'ڪاسموپوليٽن' مخزن جو صفحو صفحو چڪاسي ڏٺو، جيڪا مون هن لاءِ آندي هئي. هنن تہ مونکي پنهنجيءَ ڀيڻ لاءِ آندل ڪاڏو بہ چَکايو، تہ متان اُن ۾ زهر هجي. "مون وٽ ٿورو وقت بہ هن سان ملاقات لاءِ ڪونهي." مون اعتراض ڪندي جيلر کي چيو، جنهن جيل جي ديوارن ۽ سندس ڪوٺڙيءَ جي وچ ۾ ڇئن دروازن جا ڪُلف ڏاڍيءَ سانت سان کوليا ۽ بند ڪيا هئا. دراصل هنن هن کي ڏکوئڻ گهريو هو: سنديس جنم ڏينهن تي پڻ.
هن منهنجو ايئن آڌرڀاءُ ڪيو، ڄڻ هوءَ مهربان ميزبان هجي ۽ آئون معزز مهمان هيس. اُن ڏينهن سکر مان ڪنهن همدرد هن ڏانهن نارنگيون موڪليون هيون، جن مان هڪ نارنگي هن مونکي بہ ڏني ۽ معافي گهري تہ وٽس ٿالهي ڪونهي، جو اُن تي رکي ڏئي يا اُن جي ڇِلڻ لاءِ وٽس ڪو چاقو بہ ڪانهي." هنن کي ڊپ آهي تہ آئون پنهنجيون ڪَرايون وڍي ڇڏينديس." هن کلندي چيو. مون پاڻ کي ڏاڍو ڏوهي ڀانئيو. هڪڙي پاسي مون دانهون پئي ڪيون ۽ ٻئي طرف هوءَ هئي، جيڪا سکر ۾ ڄڻ باهہ جي کوري ۾ پئي هئي، پر هن جي وات مان ٻُڙڪ بہ ٻاهر نہ ٿي نڪتي. هوءَ ڪيڏي نہ بيمار، ڪيتري نہ ڪمزور ٿي نظر آئي. مونکي اهو ڏسي ڊَپ وڪوڙي ويو، تہ هن جي مٿي جا وار ڇڊا ٿي ويا آهن ۽ مونکي سندس مَٿي جي کل پئي نظر آئي.
"مون کي ڪا کِل جهڙي ڳالهہ ٻڌاءِ." هن مونکي ائين چيو ڄڻ اسين پنهنجي گهر جي سمهڻ وارن ڪمرن ۾ ويٺيون هيونسين. مونکي هن سان هڪ اهم ۽ ضروري ڳالهہ ڪرڻي هئي، پر سِيخن واري دروازي وٽ ٻاهر هڪ ٿُلهو متارو پوليس وارو وينو هو ۽ اسان وٽ اندر پوليس جي مائي ويٺي هئي، جنهن اسان جي ڳالهہ ٻولهہ ڌيان سان پئي ٻُڌي. اتي هن جي بستري ڪانسواءِ ويهڻ لاءِ ٻيءَ ڪا جاءِ ئي نہ هئي. آئون جهُڪي هن جي ويجهو ٿيس.
"ناصر مون سان شادي ڪرڻ گهري ٿو." مون ڀُٽڪيو.
"هنن کي ڀُٽڪڻ نہ ڏي!" پوليس واري ڪوٺڙيءَ جي سِيخن کي جهليندي چيو پوليس جي مائي اسان ڏانهن رِڙهي آئي. "اڙي صني، اها تہ ڏاڍي سٺي ڳالهہ آهي. مونکي

ڪيتري نه خوشي ٿي آهي.“ منهنجي ڀيڻ چيو. پوليس جي مائي ويتر اڳتي وڌي آئي ۽ پنهنجو مُنهن منهنجي ۽ اديءَ جي وچ ۾ ڏئي ٻُڌڻ لڳي.
”پر امان ۽ توهين ٻئي جڏهن قيد ۾ آهيو، جنهنڪري آئون شادي ڪرڻ نٿي گهران.“ مون پنهنجيءَ ڀيڻ کي آهستي چيو. ”مون ناصر کي به ٻُڌايو آهي ته جيستائين گهر جا سڀئي ڀاتي گڏ نٿا ٿين، تيستائين اسان کي اوسيئڙو ڪرڻ گهرجي.“
”پر اُن جو مطلب اهو آهي ته توکي اوسيئڙو ڪرڻ نه گهرجي.“ پنڪي مونکي ٻڌايو.
”الاءِ اسين هتان ڪڏهن ٻاهر نڪرون؟ اسان ٻنهي کي اها ڳڻتي آهي، ته تون اڪيلي رهين ٿي. پنهنجي مُڙس جي حفاظت ۾ تون وڌيڪ خوش رهندينءَ ۽ اسان کي به تنهنجي طرفان اطمينان هوندو.“
”اڙي پنڪي، اها شادي اهڙي چو ٿيندي؟“ مون هن کي ڀاڪر پائيندي پڇيو.
”نه! نه!“ پوليس واري رڙ ڪئي. پوليس جي مائيءَ پنهنجو پير هنڌ تي رکي، اسان ٻنهي کي ڇڪي ڌار ڪيو.
”تون ڪا ڳڻتي نه ڪر.“ پنڪي هن کي چيو. ”اسين سياست جي ڳالهه نه، پر خاندان جون ڳالهيون پيون ڪريون. ڪيترن مهينن کان مون پنهنجيءَ ڀيڻ کي ڪونه ڏٺو آهي، اڄ منهنجي جم جو ڏينهن آهي، ڇا تون اسان کي ٿوري نوڪيلائي نه ڏيندئينءَ؟“
پوليس واري هن جي ڪا به ڳالهه نه ٻُڌي ۽ هو پنهنجي نوٽ بوڪ ۾ اسان جي ڳالهين جا نوٽ وٺندو رهيو. ڪلاڪ جو باقي رهيل وقت پوليس وارو اسان جي وچ ۾ ٿي بيٺو. مون هڪ ڀيرو وري رڙيون ڪرڻ ٿي گهريون، جڏهن اُن ويران ۽ خالي ڪوٺڙيءَ ۾ انهن پوائٽن ماڻهن جي وچ ۾ آئون هن کي اڪيلو ڇڏي وڃڻ تي مجبور ٿي هيس.
”شال تو کي ۽ ناصر کي اڻڪٽ خوشيون ملن.“ هن مهنجي پنيان رڙ ڪري چيو.
”پِنڪي، جم جو ڏينهن مبارڪ هجي.“ جيئن ئي پوليس واري مونکي ٻاهر وٺي وڃڻ لاءِ ته‍َڪڙ پئي ڪئي، ته مون وڃهه وٺي هن کي چيو.

بيگم نصرت ڀٽو طرفان مس بينظير ڀٽو ڏانهن
ڪراچي سينٽرل جيل سکر سينٽرل جيل
9 جون 1981ع

## منهنجي پياري ڌيءُ،

منهنجو هيءَ ٻيو خط تو وٽ تنهنجي جم جي ڏينهن کان ٿورو اڳ پهچندو. مونکي اهو ڏينهن ياد اچي ٿو، جڏهن انگلستان ۾، جتي تنهنجو بابا پڙهندو هو. ڊاڪٽر ڏاڍي خوشيءَ وچان ٻڌايو هو ته آئون ڳرڀوتي آهيان. تون سوچي به نٿي سگهين، ته اسين ڪيترو نه

خوش ٿيا هئاسين. تون اسان جو پهريون ٻار هُئين، اسان جو سيني کان پيارو ٻار. اسان اها سدوري ڄاڻ ٻُڌي ڪيڏو نہ شاندار جشن ملهايو هو. پوءِ ڪراچيءَ ۾ پنٽوجي اسپتال ۾ تنهنجي ڄمڻ بعد رات جو آئون سُمهي بہ نہ سگهي هيس، ڇو تہ مون توکي پنهنجي هنج ۾ کڻڻ ٿي گهريو، تنهنجن سُهڻن سونهري وارن تنهنجي گلابي ڇهري ۽ سُهڻين آڱرين وارن تنهنجي هٿن کي ڏسڻ ٿي گهريو. توکي ڏسي منهنجي دل ڏڪندي هئي.
تنهنجي ڄمار ٽي ورهيہ هئي، جڏهن تنهنجو بابا انگلينڊ مان موٽيو هو. هن کي پنهنجي پيءُ ماءُ اڳيان حجاب ٿيندو هو، پر جڏهن اسين اڪيلا هوندا هئاسين، تڏهن هو لاڳيتو توکي پيو ڏسندو هو، پوءِ تنهنجي ڇهري ۽ هٿن کي ڇُهندو هو ۽ اهڙي سُندر ٻار جي ملڻ واري اسرار تي حيران ٿي ويندو هو. هو توکي کڻڻ لاءِ مون کان پڇندو هو ۽ آئون توکي کٽي ڪيس ڏيندي چوندي هيس. ”هڪڙو هٿ هن جي مٿي هينان ڏي ۽ ٻئي هٿ ۾ هن جو جسم جهَل.“ هن ٻڌايو تہ تون بلڪل هن جهڙي هئينءَ. هو ڪيترو نہ خوش ٿيو هو. هن توکي پنهنجي هنج ۾ کٽي ڪمري ۾ جهُمر پاتي هئي- آئون وڏيڪ وڇور ۾ وڃڻ نٿي گهران، ڇو تہ گذريل سُندر ڏينهن ساري منهنجين اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا آهن. مونکي اهو ڏينهن بہ ياد آهي، جڏهن تو پهريون پيرو پَنڌ ڪيو هو. اُن وقت تنهنجي ڄمار رُڳو ڏهہ مهينا مس هئي.
مونکي اهو ڏينهن بہ ياد آهي، جڏهن تو ڪوئيٽا ۾ پنهنجي پهرئين جنم ڏينهن کان هڪ هفتو اڳ هوشياريءَ سان ڳالهايو هو. اهو ڏينهن بہ جڏهن ساڍن ٽن ورهين جي ڄمار ۾ توکي آئون نرسري اسڪول ۾ وني وئي هيس. مونکي اهي وٽندڙ ننڍڙا ڪپڙا بہ ياد آهن، جيڪي آئون تنهنجي لاءِ وڏي چاهہ ۽ پيار سان سِبندي هيس ۽ مٿن پَرت پريندي هيس ۽ روزانو پنج ئي وقت هر نماز پڙهڻ کان پوءِ تنهنجي خوشي، صحت ۽ وڏي ڄمار لاءِ دعائون گهرندي هيس. هاڻي 21 جون اچڻ واري آهي ۽ منهنجي طرفان تنهنجي جم ڏينهن تي مبارڪون قبول ڪر. دعا آهي تہ اهڙا گهڻا، گهڻا ڏينهن توکي نصيب ٿين. آئون توکي ڪا ننڍڙي سوکڙي بہ ڏئي نٿي سگهان. هڪ ننڍڙي مِني بہ نہ، ڇو تہ اسين هڪ ٻئي کان پري ايندڙ نوي ڏينهن تائين لاڪپ ۾ بند آهيون... مون کي اميد آهي تہ منهنجي منڙي! تون مناسب ڪاڏو ڪائڻ نہ وسارجانءِ. دعا آهي تہ تنهنجو آئيندو روشن ۽ خوشحال هجي.
توکي سدائين پيار ڪندڙ تنهنجي امان

ميوو ۽ پاڇيون. پاڻي. امان جا ڪيڏا نہ سُهٽا ويچار هئا. مونکي هن جي ڏاڍي ڳڻتي ٿي. نظربنديءَ جو هڪ نئون حڪم. اهي هن کي اڃا ڪيترو ستائيندا؟
منهنجي نئين نظربنديءَ جي حڪم مطابق مونکي 'اي' ڪلاس ڏنو ويو هو، جتي مونکي ريڊيو، ٽيليويزن، ٽڏي ۽ اُجري پاڻيءَ سان ڀريل ريفريجريٽر ۽ هڪ

ايئرڪنڊيشنر رکڻ جي اجازت هئي. ٿوريءَ دير لاءِ منهنجي دل ۾ خوشيءَ جي لهر اٿي هئي. جيتوڻيڪ مونکي اهو سمجهه ۾ ئي نه آيو، ته هڪ پوري ڪليل ڪوٺڙي ڪيئن ايئرڪنڊيشن ٿي سگهندي. پر مونکي ڳڻتي ڪرڻ نه کپندي هئي. اي ڪلاس ملڻ سبب مونکي رڳو هڪڙو فائدو اهو ٿيو، جو آئون رات جو ڪمپائونڊ جي اڱڻ ۾ آزاديءَ سان گهُمي ڦِري ٿي سگهيس. هاڻي آئون رات جو پنهنجيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ بند نه رهنديس. اها ڳالهه مونکي جيل سپرنٽينڊنٽ ايئن ٻڌائي ڄڻ اها منهنجي لا ۶وڏي سوکڙي هئي. ”مونکي اوهان جو اهو ’اي‘ ڪلاس نه گهرجي.“ مون جيل سپرنٽينڊنٽ ڏانهن لکيو. ”ائون انهن مڪارين ۾ اوهان جو ساٿ ڪونه ڏينديس.“

مون سَپنو ڏٺو ته آئون آزاد آهيان ۽ آڪسفورڊ جي سوربون هوٽل ۾ گوشت جو ٽُڪرو ۽ ڪُنيپون پيئي کاوان. مون نيو انگلينڊ ۾ تازن صوفن جي رَس ۽ برگهام مان ڦودني لڳل آئسڪريم جو سَپنو ڏٺو. بابا پنهنجي موت واريءَ ڪوٺڙيءَ ۾ پنهنجي ڪنهن هڪ ڄاڻ سڃاڻ جو سوچي، هن جي هر تفصيل کي ياد ڪيو ۽ ايئن پنهنجو وقت گذاريو هو. مون وري ريڊ ڪلف ۾ پنهنجي ساهيڙي يولينڊا ڪوڊزڪي کي ساريو، جيڪا مون سان گڏ ڪمري ۾ رهندي هئي ۽ هينئر ميساچوسيٽ ۾ اقتصاديات جي ماهر طور ڪم ڪري ٿي. مون پيٽر گئلبريٿ بابت سوچيو، جيڪو هينئر واشنگٽن ۾ سينيٽ فارين رليشنز ڪميٽيءَ جو رڪن هو ۽ جنهن پنهنجي پراڻي دوست ۽ منهنجي هم جماڙ ايني اوليريءَ سان شادي ڪئي هئي. هارورڊ ۾ مون هنن جي هڪٻئي سان سڃاڻپ ڪرائي هئي. وقت ڪنهن وندر ڪانسواءِ گذرندو رهيو. ”اهي ڏينهن به گذري ويندا.“ بابا جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ مونکي چيو هو. ”اهم ڳالهه اها آهي ته اسين اهي عزت آبروءَ سان گذاريون.“

هن جهڙو سَهپ مون وٽ ڪونه هو. مونکي اتان ٻاهر نڪرڻو هو. صنم مون کي ٻڌايو هو ته سنڌ جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جنرل عباسيءَ جو چوڻ هو، ته حڪومت اسان کي جسماني، اخلاقي ۽ مالي طرح سان چيڀاڙڻ جو پڪو پهه ڪيو هو. هنن اُن جي شروعات به ڪري ڇڏي هئي، ۽ 70 ڪلفٽن، المرتضيٰ، اسان جي ڀنين ۽ ٻيءَ جائداد کي نيلام ذريعي وڪڻڻ لاءِ هنن مئي مهيني ۾ ديواني مقدمو به داخل ڪرايو هو. مونکي ڪابه ڄاڻ نه هئي ته ڇا ٿيو هو. جيڪڏهن آئون جيئري رهيس ته مون وٽ ڪو گهر به نه هوندو. جنهن ۾ آئون موٽي وينديس؟ ڇا آئون وري ڪڏهن پنهنجي بستري ۾ سُمهي به سگهنديس؟ آرهڙ جي گرمي جيئن وڌندي وئي تيئن منهنجي ذهن ۾ اهو ئي ويچار ايندو رهيو، ته ڪنهن به صورت ۾ 70 ڪلفٽن يا المرتضيٰ پهچان. مون ڀانئيو هو ته اسان جن انهن ٻنهي گهرن مان ڪنهن به هڪ گهر ۾، منهنجي موجودگيءَ سبب حڪومت اُن تي قبضو ڪري نه سگهندي. منهنجين ڪيترين ئي گذارشن مان ڪنهن هڪ تي به ڌيان ڪونه ڏنو ويو هو. ”اسان ايترا پهريدار مقرر ڪري نٿا سگهون.“ هنن

مونکي ٻڌايو هو. ڇو هڪ نؤجوان عورت کي پنهنجي گهر ۾ نظربند رکڻ لاءِ پوري رجمينٽ جي گهُرج هئي.
مونکي هيسائڻ لاءِ جيل سپرنٽينڊنٽ هڪ نئين ڪيڏ ڪيڏڻ لڳو. ”تنهنجي پارٽيءَ جا ماڻهو توکان ڏار ٿيندا پيا وڃن“ هن مونکي ٻڌايو. هن اهو به چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ميمبر مخالف ڌر جي ميمبرن ۽ حڪومت سان ملاقاتون پيا ڪن. ”اهي سيئي توکي ڇڏيندا پيا وڃن. تون پنهنجي حياتي هتي ڇو پئي اجائي وڃائين؟ جيڪڏهن تون سياست تان هٿ ڪڍندينءَ، ته تنهنجيون سيئي تڪليفون ختم ٿي وينديون.“
مون الله کي ٻاڏايو ته مونکي همت ڏئي. ”جيڪڏهن حڪومتي ظلم جي مقابلي لاءِ اڪيلي ٿي پئي آهيان ته پوءِ ڇا آهي.“ مون هنن کي ٻڌايو. ”آئون اوهان جي انهن ڪُوڙين ڳالهين تي ڀروسو نٿي ڪريان. ڪٽي سيئي هٿيار ڦِٽا ڪن، پر آئون ڪونه ڪنديس.“ مونکي ويساهه ئي ڪونه ٿي آيو، ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا اڳواڻ، جن مان ڪجهه ڄڻن کي جولاءِ مهيني ۾ آزاد ڪيو ويو هو، پارٽيءَ کي ڇڏي ويندا. مون پاڻ کي اها ڳالهه مڃڻ جي اجازت نه ڏني.
مون پنهنجي آزاديءَ لاءِ هڪ خاص دُعا گهرڻ شروع ڪئي هئي، جيڪا مونکي جيل جي هڪ ميٽرن ٻڌائي هئي. ”قل هوالله اَحد، چئو ته هو هڪڙو الله آهي.“ مون قرآن شريف جي 112 سوره جو ايڪيتاليهه ڀيرا ورد ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پاڻيءَ جي هڪ مَگ تي شُوڪاري، آئون اهو پاڻي ڪوٺڙيءَ جي چئني ڪُنڊن ۾ ٿورو ٿورو ڇٽڪاري ڇڏيندي هيس. مون هڪ قيديءَ لاءِ دعا گهري. مون پنهنجي ماءُ لاءِ دعا گهري. مون پنهنجي لاءِ دعا گهري. جيل جي ميٽرن مونکي ٻڌايو، ته چوٿين اربع تي جيل جو دروازو تنهنجي لاءِ کُلي ويندو ۽ اهو ئي ٿيو.
سکر ۾ منهنجي نظربنديءَ جي چوٿين مهيني جي چوٿين اربع جي ڏينهن منهنجي ڪوٺڙيءَ جو دروازو کليو ۽ جيل اختياريءَ وارا مونکي امان سان ملاقات ڪرائڻ لاءِ ڪراچي وٺي هليا. بعد ۾ اربع جي وڏيڪ چئن ڏينهن جي اُن رسم پوري ڪرڻ کان پوءِ امان جي ڪوٺڙيءَ جو دروازو کلي ويو. رَت جي الٽين سبب هن کي جولاءِ مهيني ۾ نظربنديءَ مان آزاد ڪيو ويو هو. جيل جي ڊاڪٽرن جي تشخيص مطابق هن کي السر ٿي پيو هو. هن کي سخت کنگهه به ٿيندي هئي، جيڪا هنن سمجهيو هو ته اُها سلهه جي بيماري سبب ٿي هئي.
مونکي امان جي صحت بابت ڪا ڄاڻ نه هئي، ۽ هڪ جيل ميٽرن مونکي هن جي آزاديءَ جي خبر ٻڌائي هئي. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ته منهنجين دعائن هٽي وڃي هنڌ ڪيو، جنهنڪري مون سکر ۾ وڏيڪ دعائون گهريون ۽ پاڻ سميت ڪيترن ئي قيدين جي آزاديءَ لاءِ دعائون گهُري، گهٽي ۾ گهٽو پاڻي ڪُنڊن ۾ ڇٽڪايو. ”الله صمد“ آگسٽ جي چوٿين اربع تي ڪوٺڙيءَ جو دروازو کليو. ”تون وڃين پئي.“ ميٽرن مونکي ٻڌايو.

مون پنهنجيون شيون سهيڙي گڏ ڪيون. ”اي الله،“ مون دعا گهري، ”شال أهي مونکي پنهنجي گهر 70 ڪلفٽن وٺي هلن.“

فوج ۽ پوليس جو قافلو 70 ڪلفٽن جي ويجهڙائيءَ وٽان به ڪونه لنگهيو، ۽ أن بدران اهي مونکي ڪراچي سينٽرل جيل ڏانهن وٺي ويا، جتي هنن مونکي امان جي پراڻي ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو

# ڪراچي سينٽرل جيل ۾

**ڪراچي سينٽرل جيل، 15 آگسٽ 1981ع:**
ٽڙڪيل سيمينٽ. لوهي سيخون. ماٺ. بنهه ماٺ. ائون بلڪل نويڪلائيءَ ۾ پهچي وئي آهيان. هن ڪُلف لڳل وارڊ ۾ منهنجي چوڌاري باقي سڀيئي ڪوٺڙيون خالي آهن. آئون انساني آواز ٻُڌڻ لاءِ پاڻ پتوڙيان ٿي، پر اتي رڳو ماٺ جو راڄ آهي.
ڪراچيءَ جي گهِميل ۽ پوسل واري آبهوا ۾ ڪوٺڙي گرم آهي ۽ ڇِت جي پکي مان بہ آرام نٿو ملي. بجلي وري هلي وئي آهي. روزانو بجلي وڃي ٿي. ڪڏهن ٽن ڪلاڪن لاءِ، ڪڏهن وڌيڪ وقت لاءِ. جيل اختياريءَ وارا مونکي ٻڌائين ٿا،تہ پاور اسٽيشن ۾ ڪا خرابي ٿيڻ سبب اهو ٿئي ٿو. پر آئون ڄاڻان ٿي تہ اها ڳالهہ صحيح ڪانهي. آئون جيل جي ٻين حصن ۾ سڄيءَ رات، آسمان کي بجليءَ جي روشنيءَ سان چمڪندي ڏسان ٿي. رڳو منهنجي ڪوٺڙيءَ وارو حصو اونده ۾ آهي.
اختياريءَ وارن مونکي اي ڪلاس جي ڪوٺڙيءَ ۾ رکيو آهي، جيڪا اعليٰ سياسي قيدين لاءِ هجي ٿو. پر هڪ ڀيرو وري مونکي اُن جي فائدن کان محروم رکيو وڃي ٿو. منهنجي ڪوٺڙيءَ جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي واريون ڪوٺڙيون، جيڪي گهٽو ڪري ويهڻ لاءِ ۽ رڌپچاءَ لاءِ واپرائيبيون هيون، سي خالي آهن ۽ ڪين ڪُلف لڳل آهن. آئون جنهن ڪوٺڙيءَ ۾ آهيان، اها ننڍي ۽ گندي آهي. پائخاني ۾ گندگيءَ جي نيڪال جو ڪو انتظام ڪونهي ۽ اُتي مکين ۽ ڪاڪروچن جا ميڙ لڳا پيا آهن. اُن جي ڏيُ اُن ڪليل ڪَسيءَ جي ڏيُ سان ملي ٻيٽي ٿئي ٿي، جيڪا جيل جي ميدان مان ٿيندي ٻاهر وڃي ٿي. اتي پاٽيءَ جي جيڪا ٻاڙدي پيل آهي، تنهن ۾ مئل جيت ڇُهٽيل آهن.
صبح جو آئون ڪُنجين جو ڇٽڪو ۽ ڪُلفن کلڻ جو آواز ٻُڌان ٿي، جيڪو منهنجي ماني اچڻ جو اُهڃاڻ آهي. ڪجهہ بہ کُڇڻ کان سواءِ خاڪيورديءَ واري ميٽرن، جيڪا انهن ڪوٺڙين جي پڇاڙيءَ ۾ پري اگڻ ۾ سُمهي ٿي، منهنجي لاءِ ڪاڌي جا ٽِفن باڪس کٽي اچي ٿي جيڪي اختياري وارن جي اجازت سان 70 ڪلفٽن مان اچن ٿا. پهريان ٻئي ڀيرا آئون جڏهن اهي کولي، منجهن سنيءَ طرح رڌل ڪُڪڙ ۽ ڪُنيين جو ڀوڙ، ڪباب ۽ سِيخ ٿيل ڪڪڙ ڏسان ٿي، تہ منهنجي نڙي سخت ٿي وڃي ٿي. مونکي جيتوڻيڪ بُک هجي ٿي، پر آئون رڳو ٻئي گرهہ ڪايان ٿي. ۽ مونکي امان جو خيال اچي ٿو، جيڪا ڏاڍي خبرداريءَ سان اهو ڪاڌو اسان جي گهر جي پورچيخاني ۾ رَڌي ٿي.
مونکي امان جي ڏاڍي ڳڻتي آهي. هُن کي ڪراچي سينٽرل جيل ۾ منهنجي ٻئي هفتي ۾ مون سان ملاقات جي اجازت ڏني وئي هئي ۽ جيتوڻيڪ هن کي جيئرو ڏسي مونکي

خاطري ٿي هئي، پر هن جو مُنهن ڏسي آئون ڏکي وئي هيس. هوءَ هڪڙي هٺدي ۽ اَيري عورت ٿي پئي هئي. هن جي چُرپر ۾ ڏکٽي ۽ اُنهن وارن ۾ اَچاڻ آيل هئي، جيڪي وچ ۾ سِينڌ ڪڍيل سبب هڪ چوٽيءَ ۾ ويڙهيل هوندا هئا.هوءَ اُن سونهن سان ڀرپور ۽ خوداعتماديءَ واريءَ عورت کان بلڪل ڌار ٿي ڏني، جنهن کي آئون امان ڀانئيندي هيس.

پنهنجي پراڻي ڪوٺڙيءَ ۾ مونکي قيد ۾ ڏسي هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا هئا. پر اُنهن جيلرن کان لنوائيندي اسين ٻئي ڪوشش ڪندي بهادريءَ سان مُرڪڻ لڳيونسين، جيڪي اسان جي چوڌاري اُن سبب اچي مِڙيا هئا، ته جيئن اها خبر ٻُڌي سگهن، جيڪا هن هبڪي هبڪي ٻڌائي ٿي. هن مونکي هوريان ٻڌايو ته، ڪيس اها کنگهه جيل ۾ شروع ٿي هئي. پهرين هن اهو سمجهيو ته اها مِٽيءَ جي ڌَز سبب ٿي هئي، پر پوءِ هن کي کنگهندي وات مان رَتُ آيو هو. گهٽي تپاس کان پوءِ جيل جي ڊاڪٽر ۽ جيل عملدارن هن کي ٻڌايو ته کين سِلهه جي بيماريءَ جو شڪ آهي. اها تشخيص حيرت ۾ وجهندڙ نه هئي. پاڪستان ۾ انيڪ ماڻهن کي سِلهه جي بيماري آهي، جو ته لاڳيتي ڌَز سبب هنن جي ڦڦڙن ۾ پوسر ٿيندي رهي ٿي ۽ صحيح خوراڪ نه ملڻ سبب، هنن جي جسماني سرشتي تي خراب اثر پوي ٿو. جيل ۾ گندگيءَ سبب قيدي خاص ڪري سِلهه جهڙي موذي مرض ۾ ۽ ٻين بيمارين ۾ ورنجي وڃن ٿا. قيدي اڪثر فرش تي ٿڪندا رهن ٿا، جنهن سبب چوڌاري جيوڙا پکڙجي وڃن ٿا.

امان مونکي ٻڌايو، ته سنڌيس ذاتي ڊاڪٽر ته وڌيڪ خطرناڪ شڪ ڏيکاريا هئا. جيتوڻيڪ بيماري جي وڌيڪ تشخيص جي سلسلي ۾، سنڌيس ڪمزوريءَ سبب ضروري ٽيسٽون ممڪن ڪونه هيون، پوءِ به هن اُن خيال کي رد نه ڪيو هو ته اهو ڦڦڙن جو ڪينسر هو. مون هن کي ڳرانڙي پاتي ۽ ڪوشش ڪئي ته پنهنجو اُهو اوچتو ڏک ظاهر نه ڪريان ۽ پنهنجي ماءُ ۽ انهن جاسوسن اڳيان همت ڏيکارين، جيڪي جيلرن سان گڏ بيٺا هئا ۽ جيڪي اها ڳالهه جنرل ضياءَ تائين پهچائيندا.

”شايد اهو ڦڦڙن جو ڪينسر نه هجي. ٽيسٽن جو اوسيئڙو ڪر.“ مون پنهنجي وت آهر مضبوط آواز ۾ هن کي آٿت ڏيندي چيو.

”هن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن وقتائتو علاج ڪرائبو ته فائدو ٿيندو.“ هن وڌيڪ ٻڌايو. ”جيڪڏهن ضروري ٿيو ته آئون پرڏيهه ۾ علاج ڪرائيندس.“

”جيترو به جلد ٿي سگهي، تون ضرور ٻاهر وڃ.“ مون پاڻ کي چوندي ٻُڌو. منهنجيءَ دل جيتوڻيڪ اُن ويچار کان ٽُڪرا پئي ٿي، ته هوءَ پاڪستان مان ٻاهر ويندي.

”پر منهنجي مِٺڙي، تنهنجو ڇا ٿيندو؟ آئون توکي اڪيلو ڪيئن ڇڏيان؟“

مون هن کي آٿت ڏني ته آئون ٺيڪ آهيان. پر آئون ٺيڪ نه هيس. هن سان ملاقات کان ٿي ڏينهن پوءِ آئون پنهنجي بستري تي ليٽي ڪمري جي ڇت کي گهوريندي رهيس.

اُن زبردست سمجهه ۾ نه اچڻ جهڙي ويڳاڻائپ جي اثر هيٺ ڪنهن به چُرپر ڪانسواءِ آئون پئي هيس. ڪَسرت، وهنجڻ ۽ ڪپڙن مَٽائڻ تي منهنجيءَ دل ئي نه پئي ٿي. آئون ڪائي پئي به نه پئي سگهيس. منهنجا الله، مون سوچيو. مون پنهنجو پيءُ وڃايو ۽ هاڻي آئون پنهنجي ماءُ کي به پئي وڃايان. مونکي ڄاڻ هئي ته مون پنهنجي پاڻ تي ڪَهل پئي ڪيو، پر آئون پنهنجي مايوسيءَ جي سوچ مان پاڻ ڇڏائي نه سگهيس. امان جي اُن خوشخبريءَ به منهنجي مايوسيءَ کي وڌائي ڇڏيو ته، صنم ۽ شاهه سيپٽمبر جي مهيني ۾ شاديون ڪندا. بابا جي قيد واري زماني ۾، هن اسان کي چتاءُ ڏنو هو ته اسين ڪابه اهڙي ڏيکائي نه ڏيون، جنهن مان ٻيا سمجهن ته اسين مزا پيا ڪريون. ”جيڪڏهن تون سينيما ڏسڻ وڃين ته برقعو پائي وڃ.“ هن مونکي هدايت ڪئي هئي. هاڻي لڳو ٿي ته منهنجن گهر ڀاتين پاڻ اهو مڃيو هو، ته آئون سدائين جيل ۾ پئي هونديس. تنهنڪري اهي زندگي گذارڻ جا جَتن ۽ شادين جا جشن ملهائڻ لڳا هئا، ايئن ڄڻ آئون موجود ئي ڪونه هيس.

مون تي ڏينهن پاڻي ڪونه پيتو هو، جنهنڪري مونکي هيٽائي ٿي پئي ۽ مونکي ڪا واٽ ئي نه ٿي سُجهي. ”ٺُڪر ٺُڪر ٿيڻ لاءِ ضياءَ جي هٿن ۾ نه ڪيڏ.“ منهنجي اندر جي آواز مونکي چتايو. مون پاڻي جي باڙديءَ مان پاڻيءَ جو مَگ ڀري زوري پيتو ۽ هڪ پاڪستاني اخبار جي گجهارت سَلڻ وينس. جيڪا امان روزانو مون ڏانهن موڪليندي هئي، پر جنهن ڪان آئون لنوائيندي هيس، ۽ مونکي اخبار جا اکر ڏنڊلا ڏسڻ ۾ آيا. ڪراچي جيل ۾ اچڻ ڪان پوءِ مون پهريون ڀيرو ڏٺو ته مونکي اڌ مٿي ۾ سُور شروع ٿيو هو. منهنجن ڏندن جي مُهارن ۾ سُور ٿيڻ لڳو هو ۽ ساڳيو حال ڪَنُ جو به هو.منهنجي مٿي جا وار لاڳيتو ڇڻندا پئي ويا.

مونکي بعد ۾ هڪ ڊاڪٽر ٻڌايو هو، ته منهنجي جسماني سرشتي جي تال ميل ۾ ٻج ڊاهه سبب صحت ڪِري پئي هئي. عام طرح دل ۽ رَت جي نلين، مُشڪن، هاضمي، ساهه ۽ تنتي سرشتن مان هر هڪ سرشتو پنهنجو پنهنجو حصو ڪاڌ خوراڪ مان ڪٽي ٿو. پر پيڙا ۽ ڇڪتاڻ وقت ٻين جي پيٽ ۾ تنتي سرشتو وڌيڪ سجاڳ ٿيو وڃي ۽ پنهنجي حصي ڪان وڌيڪ قوت ڇڪي ٿو. جنهنڪري ٻيا سرشتا ڪمزور ٿيو وڃن. اُن سبب دل تي سولائيءَ سان اثر ٿئي ٿو ۽ جنهن سبب ڪيترائي سياسي قيدي دل جي بيمارين ۾ ورنجي وڃن ٿا. اسان جا ارادا بيشڪ مضبوط رهن ٿا، پر اُن جي قيمت اسان جا جسم چُڪائين ٿا. چؤڏاري ڪيتري ته بي يقيني هئي.

13 سيپٽمبر جي تاريخ پري ڪانه هئي، جو ته تنهن ڏينهن منهنجي نظربنديءَ جي مُدت پوري ٿيڻ واري هئي. جيل جي ميٽرن ڪيترائي ڀيرا مون وٽ اچي پُٽڪيو هو، ته ڪيس ڄاڻ پئي آهي ته، ڪيترن ئي سياسي قيدين کي آزاد ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن

هوائي جهاز جي اغوا ٿيڻ کان پوءِ جهليل ماڻهن کي ڇڏيو ويو آهي، تہ پوءِ مونکي آزادي ڇو نہ ملي آهي؟
اخبارن ۾ هاڻي امان ۽ منهنجي الذوالفقار سان لاڳاپي جي ڪابہ خبر نہ آئي هئي. حڪومت طرفان سيني تڪليفن ۽ ڪُوڙين ’شاهدين‘ هوندي بہ اها اسان خلاف ڪو مقدمو ناهي نہ سگهي هئي، جنهن سبب اسين عالمي عوامي راءِ جي عدالت ۾ مثال طور پيش ٿيون ها. ۽ ضياءَ مغرب ۽ خاص ڪري آمريڪا جي اُن زبردست بخشش کي پنهنجي هٿان وڃائڻ جو جوکو کڻڻ لاءِ تيار نہ هو.
1979ع کان پاڪستان کي آمريڪا وٽان امداد ملڻ بند ٿي وئي هئي، ڇو تہ هنن کي شڪ هو تہ پاڪستان وٽ ائٽمي قوت آهي يا اهو اُن کي ماڻڻ ۾ رُڌل آهي. تنهنڪري ڪارٽر انتظاميا پنهنجي ائٽمي ڦهلاءُ کي روڪڻ واري نيتيءَ تي عمل ڪندي، پاڪستان جي امداد بند ڪئي هئي. پر اهو قدم افغانستان تي سوويت روس جي حملي کان اڳ کنيو ويو هو. هاڻي پاڪستان جي سرحد تي روسين جي موجودگيءَ سبب ضياءَ ڪاميابي سان سؤدو پئي ڪيو، تہ جيئن پاڪسان جي ائٽمي پروگرام بابت آمريڪا جي ڳڻتي گهٽجي وڃي.
ريگن انتظاميا پاڪستان کي ڇهن ورهين ۾ 2. 3 بلين ڊالرن جي اقتصادي ۽ فوجي امداد آڇي هئي، جيڪا اُن آڇ جي ڀيٽ کان بہ وڌيڪ هئي جيڪا ڪارٽر انتظاميا طرفان ٿي هئي ۽ جنهن کي ضياءَ هڪدم رد ڪيو هو. آمريڪا اهو ڪجھ بہ ڏنو، جنهن جي ضياءَ کي گهٽي گهُرج هئي: يعني چاليھ ايف 16 جهاز، اها آڇ جيڪا 1981ع جي سرءُ جي مُند ۾ ڪانگريس ۾ پيش ٿيڻي هئي، سا ضياءَ جي گهرج کان بہ گهٽي هئي. جيتوڻيڪ اها اسان مان انهن لاءِ وڏي مايوسي هئي، جن جو ويچار هو تہ ڪميونسٽ خطري کي ٻُنجو ڏيڻ لاءِ پاڪستان کي آمريڪا جيڪو سهارو ڏنو هو، تنهن ۾ جمهوريت آڻڻ ۽ انساني حقن جي بچاءُ لاءِ ڳڻتي ڏيکاري، هڪ توازن آڻڻ کپندو هو.
ضياءَ جي حيثيت وڌيڪ مضبوط پئي ٿي، ڇو تہ پناهگيرن جي امداد لاءِ پاڪستان کي آمريڪا، سعودي عرب، چين ۽ گڏيل قومن جي ارادي جي پناهگيرن واري هاءِ ڪمشنر ۽ ورلڊ فوڊ پروگرام ۽ بين عالمي امدادي ادارن طرفان اَٿاھ امدادي رقمون مليون پئي. هندوڪش جي قديم واپاري ۽ اسمگلرن جي لَڪن مان جيڪي پناهگير جنگ بند ٿيڻ تائين پاڪستان ۾ آيا هئا يا مجاهدن جي باغي فوجن ۾ شامل ٿيا هئا، تن جو تعداد لکن ۾ هو. سڄي سرحد تي پناهگيرن جون ڪئمپون، اسپتالون، اسڪول ۽ پلائيءَ جا مرڪز نهي ويا هئا، جنهن سبب حڪومتي اهلڪارن کي وجھ ملي ويو هو تہ، اُن عالمي امداد مان پنهنجا کيسا ڀرين، جيڪا پاڪستان ۾ ٻوڏ جي پاڻيءَ وانگر اٿلي پئي هئي. گڏيل قومن جي اداري جي هڪ عملدار جي ڪٿ مطابق امداد جو رُڳو ٽيون حصو پناهگيرن تائين پهچندو هو. اهو مون بعد ۾ رچرڊ ريورس جي ڪتاب ”پئسيج ٽو پشاور“ ۾

پڙهيو هو.مجاهدن کي جيڪي هٿيار مليا، اهي پڻ پاڪستان مان موڪليا ويا هئا، جنهن سبب ضياءَ ۽ هن جي ماڻهن کي وجهه ملي ويو هو، ته اهي اهو سامان پاڪستاني فوج جي بارودخاني ۾ پهچائين ۽ هٿيارن جي وڪري تي وڏيون ڪميشنون وٺن. بعد ۾ مونکي هڪ ٻئي آمريڪي صحافي ٻڌايو هو ته، واشنگٽن جي اختياريءَ وارن جو خيال هو ته، انهن هٿيارن جو ٻه ڇڳو ٽيون حصو پنهنجي منزل تي پهتو هوندو.
افغانستان جي جنگ ۾ پاڪستان جيڪو حصو ورتو هو، تنهن بابت مونکي شڪ آهي ته سي آءِ اي جو به وڏو هٿ هو. پر ضياءَ ۽ هن جي حڪومت کي قائم رکڻ ۾ سي آءِ اي جيڪا دلچسپي ورتي هئي، تنهن جي اندازي جي مونکي اُوستائين ڄاڻ نه پئي هئي، جيستائين مون آمريڪي صحافي بوب ووڊورڊ جو لکيل ڪتاب "نقاب: سي آءِ اي جون ڳجهيون جنگيون" نه پڙهيو هو. "بيحد شڪي ۽ خطرناڪ صورتحال ۾ ڪنهن به اڳواڻ ڪنهن ملڪ تي حڪومت نه ڪئي." ووڊورڊ لکيو. سي آءِ اي جو ڊائريڪٽر ڪيسي چوي ٿو ته، "قطعي فيصلو ڪندڙ اهميت جنرل ضياءَ جي اها رضامندي هئي، جنهن هيٺ سي آءِ اي ذريعي فوجي امداد پهچائي وڃي. ڪيسي، سي آءِ اي ۽ ريگن انتظاميا سيني جي خواهش اها هئي، ته ضياءِ جي حڪومت قائم رهي. هنن اهو به ڄاڻڻ گهريو ٿي ته ضياءَ جي حڪومت اندر ڇا پيو ٿئي. هاڻي دنيا ۾ سي آءِ اي جو وڏو مرڪز اسلام آباد ۾ ئي هو.
مونکي سي آءِ اي جي ڊائريڪٽر ڪيسي ۽ ضياءَ جي پاڻ ۾ گهَرن لاڳاپن جي ڄاڻ نه هئي. "آمريڪي ڏيتي ليتيءَ لاءِ ڪانگريس اها ڳالهه غِير قانوني ڄاڻائي آهي ته پئسا خرچ ڪري يا رشوتون ڏئي ٻاهرين ملڪن ۾ ڪاروبار ڪجي." ووڊ ورڊ لکيو. "ڪيسي سمجهندو هو، ته ٻاهرين ملڪن جي اڳواڻن يا جاسوسي ذريعن کي پئسا ڏيڻ يا نوازڻ جائز هو. اهي رشوتون قانوني هيون. مثال طور ڪيسي سال ۾ هڪ يا ٻه ڀيرا ضياءَ جي پاڪستان ۾ ضرور ويندو هو. ٽُرت ريگن انتظاميا جي ٻين ميمبرن جي پيٺ ۾ هن جا ضياءَ سان ويجها لاڳاپا جُڙيا."
انهن سيني ڳالهين ضياءَ کي قاسيون ڏيندڙ ۽ ظالم آمر بدران "عالمي مدبر" ثابت ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي هئي. 1978ع ۾ "ڊيلي ميل" اخبار جي صحافيءَ سان ڇانهه پيئندي 'اسين ماڻهن کي قاسيون ڏينداسين' جهڙو جيڪو مشهور جملو چيو هو، تنهن جي جاءِ تي هاڻي هن جا اهي حوالا ڇپجڻ لڳا هئا، ته پاڪستان وڏيءَ اهميت وارو ملڪ آهي، جيڪو الله جي مُنڪر ڪميونسٽن خلاف جهاد ۾ رُڌل آهي. ضياءَ جي اُن نئين پٽاڙ کي ماٺ ميٺ ۾ مڃڻ لاءِ خاص ڪري آمريڪي جيڪڏهن ڪاوڙيل نه هئا، ته تيار ضرورهئا. مون پهريون ڀيرو مڪاني اخبارن ۾ "انٽرنيشنل هيرالڊ ٽربيون" تان ورتل هڪ مضمون پڙهيو، جنهن ۾ ضياءَ کي "سچڻ آمر" طور ڄاڻايو ويو هو.

انهن مايوس ڪندڙ اخباري خبرن کان پاڻ بچائڻ لاءِ مون وري ڪَسرت شروع ڪئي ۽ پنهنجي ڪوٺڙيءَ اڳيان سوڙهي گهٽيءَ ۾ روزانو هڪ ڪلاڪ پَسار ڪرڻ لڳيس. جيتوڻيڪ مونکي بُک نه هوندي هئي، پر تڏهن به آئون اهو کاڌو زوري کائيندي هيس، جيڪو 70 ڪلفٽن مان ايندو هو. جيئن آگسٽ پورو ٿي سيپٽمبر جو مهينو شروع ٿيو، ته مون ۾ اُميد جي ٿوري سوچ اُڀرڻ لڳي. صنم جي شاديءَ جي تاريخ 8 سيپٽمبر مقرر ٿي هئي ۽ مون اُن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اجازت جي درخواست ڏني، جو ممڪن هو ته مونکي آزاد به ڪيو وڃي ها.
مون ويچارن ۾ سمجهڻ شروع ڪيو، ته پيرن جو جيڪو کُڙڪو منهنجي ڪوٺڙيءَ پرسان ٿيندو پيو وڃي، سو منهنجي آزاديءَ جو نياپو آهي. وري ڪاڏي ڏيڻ لاءِ منهنجي ڪوٺڙيءَ جو ڪُلف ٿي ڪليو ۽ جڏهن رات جي ميٽرن ٿي آئي، تڏهن به مون اهو ٿي ڀانئيو. اُن ننڍڙي ۽ ڊڄٽي ماڻهوءَ جي پيرن جي هلڪي آواز کي ٻُڌي به مونکي اهو ئي خيال ٿي آيو، جيڪو هر سومر ڏينهن صبح جو اتي ايندو هو. اهو جيل جو سپرنٽينڊنٽ هوندو هو. ڪڏهن هو پنهنجي ڊپٽيءَ سان گڏ ايندو هو، ته ڪڏهن اڪيلو. هو سدائين ساڳيءَ ڳالهه ڪندو هو.
"تون جيل جي ديوارن اندر رهي پنهنجي زندگي ڇو ٿي برباد ڪرين، جڏهن ته پارٽيءَ جا ٻيا ماڻهو آزاد آهن ۽ موجون پيا ڪن؟" هو مونکي هر هفتي اهو ئي چوندو هو. "جيڪڏهن تون ٿوري وقت لاءِ سياست ڇڏڻ جو راضپو ڏيکارين ته تون آزاد ٿي وينديئن."
حڪومت جو مقصد ڪهڙو هو؟ مونکي سُڌ هئي ته سرڪاري پنيرائيءَ کانسواءِ سپرنٽينڊنٽ ڪڏهن به اهڙين ڳالهين جي همت نه ڪري ها. پوءِ به جيڪڏهن ضياءَ مونکي ڇڏڻ گهري ها ته آزاد نه ڪري ها. جيڪڏهن هُن جي مرضي نه هوندي ته آزاد ڪونه ڪندو. پر مونکي ڀنيلائڻ، مون سان ناهه جي ڪوشش جوڪهڙو مقصد هو؟ ڇا هنن واقعي اهو سمجهيو هو ته آئون راضي ٿينديس؟ يا هنن مونکي هيسائي ٽوڙڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، جيئن ايوب خان، بابا سان ڪيو هو؟
"تون سڀاڻي آزاد ٿي سگهين ٿي،" سپرنٽينڊنٽ مونکي چوندو هو. "رڳو تون ئي پاڻ کي جيل ۾ رکيو ويٺي آهين. ڇا تون لنڊن يا پيرس وڃڻ نه گهرندينءَ؟ تون ته نؤجوان آهين ۽ تون پنهنجي جواني جيل ۾ اجائي پئي وڃائين ۽ ڇا لاءِ؟ تون پنهنجي وقت جو اوسيئڙو ڪري سگهين ٿي. اهو وقت ايندو، ضرور ايندو."
هن جي وڃڻ کان پوءِ آئون ڏاڍي منجهيل رهندي هيس، جيتوڻيڪ هو مونکي جيڪا لالچ آڇيندوهو، تنهن کي مڃڻ لاءِ مونکي بلڪل خيال نه ايندو هو. مونکي هن جي ارادن جي ڪابه خاطري نه هئي. ڇا هو منهنجو سڄڻ هو يا دُشمن؟ هر ڪنهن تي شڪ جي پنهنجي اُن نئين عادت کان مونکي نفرت هئي. پر آئون جيئري ڪيئن رهي هيس؟

مونکي شڪ هو تہ حڪومت مونکي ڌُونڌاڙڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي هئي. مونکي پڪو ڀروسو ٿي ويو هو، تہ هنن رات مهل منهنجي ڪوٺڙيءَ جي چؤڌاري اسرار ڀريا آواز ڪندي مونکي وڏيڪ ستائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

ڀُٽڪاٽ، ٻن مردن ۽ هڪ عورت جا شوڪيءَ جهڙا آواز. ڪڏهن تہ آئون پرهہ ڦٽيءَ کان اڳ ۾ ئي انهن آوازن سبب جاڳي اُٿي هيس. پوليس ڪانسواءِ ڪنهن کي بہ منهنجي وارڊ ۾ يا اُن ويجهو اچڻ جي اجازت نہ هئي. مون جيل اختياري وارن کي دانهن ڏني تہ اوهين ڄاڻي ٻجهي منهنجو آرام ڦِٽايو ٿا. "تنهنجي وارڊ ۾ ڪوبہ ڪونهي." ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ مونکي يقين ڏياريندي چيو. "اهو تنهنجو وَهم آهي."

ڇَمڪو، ڇَمڪو. هڪ نئون آواز، ڪنهن عورت جي پازيب جهڙو ڇٽڪو. پوءِ ڀُٽڪاٽ. آئون سويل اٿڻ لڳيس ۽ وري ننڊ ڪري نہ سگهيس. جڏهن پوڙهي ميٽرن جي جاءِ تي هڪ نئين ميٽرن آئي، تہ مون وري ڪوشش ڪئي. "تون رات جو ڪجهہ آواز ٻُڌين ٿي؟" مون جهُور پوڙهي پناڻ مائيءَ کان پڇيو، جيڪا هاڻي پَڌر ۾ سمهندي هئي.

"ماٺ ڪر! تون اهو ڏيکاءُ ڏي، تہ تون ڪجهہ بہ نٿي ٻُڌين!" هن وراڻيو. هُن جون اکيون چؤڌاري ڦِرڻ لڳيون ۽ ڏڪندڙ هٿ سندس سنهي خاڪي ورديءَ کي سنوارڻ لڳا.

"پر اُهو ڪير آهي؟" مون هن کان پڇيو. اُن ڳالهہ جي نيٺ تصديق ٿيندي ئي مونکي ٿوري ڏڪڻي وٺي وئي.

"اُها ڏائڻ آهي." هن ڀُٽڪيو.

"ڏائڻ، اُن عورت جي آتما، جنهن جا پيرا اُبتا هجن ٿا؟ ڏائڻ جو ڪو وجود ئي ڪونهي." مون پوڙهي ميٽرن کي چيو.

"هن جو وجود آهي." هن زور ڏيندي چيو. "عورتن جي وارڊ ۾ سيني هن جو آواز ٻُڌو آهي. تون بہ اهو بهانو ڪر، تہ تو هن جو آواز ڪونہ ٻڌو آهي ۽ پوءِ هوءَ توکي تڪليف نہ ڏيندي."

ڇَمڪو. ڇَمڪو. اُن رات ۽ ٻين ڪيترين راتين تائين منهنجي دليل بازي بنهہ غائب ٿي وئي. منهنجي وارڊ ۾ اچڻ بدران هوءَ عورتن جي وارڊ ۾ ڇو نٿي ترسي پوي. آئون اهو سوچيندي هنڌ ۾ ڏڪي ويس ۽ آواز لاڳيتا ايندا رهيا.

ڇَٽڪاٽ. ڇَٽڪاٽ. ڪنهن ڪا شيءِ پئي ڇٽڪائي جيڪو لڳو ٿي تہ وارڊ ٻاهران رکيل ڪچري جا دَٻا هئا، جن ۾ پيل ڪچري کي ڪنهن پئي ڦُلوريو. منهنجي ڪوٺڙيءَ ويجهو وري پيرن جو آواز ايندو رهيو. جيتوڻيڪ وارڊ جي دروازي جي ڪُلف ڪلڻ جو ڪوبہ آواز ٻُڌڻ ۾ ڪونہ آيو هو. يا الله، اهو ڇا آهي؟ يا الله، منهنجي مدد ڪر.منهنجي دَر کان بلڪل ٻاهر مون ڪنهن کي پنهنجو خالي ٽِفن باڪس ڪٽندي ٻُڌو. پوءِ اُن جو ڍَڪ لٿو ۽ باڪس زور سان اڇي پٽ سان لڳو. يا الله! مون همت ڪئي ۽ در تائين ويس. ٽِفن باڪس اونڌو ٿيو ڪِچري ۾پيو هو. اتي ڪوبہ ڪونہ هو.

”تنهنجي ذهن تي وڏو بار آهي،“ ٻئي ڀيري جڏهن جيل جو سپرنٽيڊنٽ آيو ته هن مونکي چيو. نيٺ هن مونکي اهو به ٻڌايو ته منهنجي ڪوٺڙيءَ وارو حصو هڪ ڦاسي گهاٽ جي هنڌ تي ناهيو ويو هو، جتي اڳي انگريز ڏوهارين کي ڦاسيون ڏيندا هئا. ”تي سگهي ٿو ته اهو ڪنهن جو بيقرار روح هجي.“ جيلر اشارو ڏنو. اها ڳالهه تسلي واري نه هئي ۽ نه وري پناڻ ميٽرن جو ٻڌايل سبب صحيح ٿي لڳو. ”منهنجو مڙس رات جو چوڪيداري ڪندو هو جنهن کي چورن قتل ڪيو هو.“ هن مونکي ٻڌايو. هن جون اکيون پئي چمڪيون. ”هن جو قاتل ڪڏهن به هٿ ڪونه آيو. اهو بيقرار روح ضرور هن جو ئي آهي.“

منهنجو وهمن ۾ ويساھ ڪونهي ۽ مونکي شڪ آهي ته حڪومت مونکي ڇيڙائڻ ۽ هيسائڻ جي اهڙي ڪوشش پئي ڪئي، جيئن هنن بابا لاءِ راولپنڊي جيل ۾ ڪئي هئي. پر مون اڳ ويچاريندي ڦاهي گهاٽ جي بيقرار روحن لاءِ دعا گهُرڻ شروع ڪئي. ٺورن مهينن کان پوءِ اهي آواز اچڻ بند ٿي ويا. مونکي هينئر به سُڌ نه آهي ته اُن جو ڪهڙو ڪارڻ هو.

سکر جيل جي ميٽرن مونکي جيڪا دُعا سيکاري هئي، سا مون پڙهڻ شروع ڪئي. مون قرآن شريف جي سوره پڙهي، پاٽيءَ جي ٻاڙدي تي دَم ڪئي ۽ اهو پاٽي ٿورو ٿورو پنهنجي ڪوٺڙيءَ جي چئني ڪُنڊن ۾ ڇٽڪايو. اُن ڪوٺڙي جي عجب جهڙي اڏاوت هئي، ڇو ته اُن جون چار ڪُنڊون نه هيون ۽ مونکي ڊپ ٿيو هو ته منهنجي دعا جو اثر نه ٿيندو. ڇا مونکي صنم جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي ٿورڙي مُهلت ملندي؟ مونکي پنهنجي درخواست جو ڪوبه جواب نه مليوهو. ”قل هوالله اَحد- چئو ته الله هڪ آهي.“ مون دعا گهري. ٻيءَ اربع کان پوءِ ۽ ٽين اربع کان اڳ هڪڙي صبح جو سويل پناڻ ميٽرن منهنجي ڪوٺڙي ۾ آئي. ”مون پنهنجيءَ ڪٽ ويجهو آواز ٻُڌا آهن.“ هُن مونکي ٻُڌايو. ”انهن چيو آهي ته ’هوءَ اچ وڃي پئي.‘“ مون سوچيو ته، پوڙهي مائي چَري آهي. پر ٻن ڪلاڪن کان پوءِ جيل جو عملو آيو. ”تون هينئر جو هينئر وڃين پئي.“ هنن مونکي ٻڌايو. ”توکي تنهنجي ڀيڻ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت ملي آهي.“

70 ڪلفٽن، دروازي پرسان لڳل پِتل جون پليٽون اجا تائين پئي چمڪيون. سر شاهنواز خان ڀٽو، ذوالفقار علي ڀٽو، بار – ايٽ – لا. جيئن پوليس جي قافلي مونکي دروازي اڳيان اچي ڇڏيو، تيئن مون گذريل ڇهن مهينن جي ڇڪتاڻ ۾ ٿوري ٺاپر ڀانئي. اڳ مونکي پورو ڀروسو ٿي ويو هو، ته آئون اهو گهر وري ڪڏهن به نه ڏسنديس، ڇو ته 70 ڪلفٽن کي حڪومت ضبط ڪندي، يا وري ڪڏهن به گهر وڃڻ کان اڳ ۾، ماٺ ميٺ ۾ حڪومت مونکي سکر ۾ ئي ماري ڇڏيندي. پر آئون هتي جيئري هيس. ۽ اهو

منھنجو ئي گھر ھو. منھنجي ڀيڻ جي شاديءَ سبب گھر جي ٻاھرين ديوارن تي بجليءَ جي بلبن جون جھالرون لڳل ھيون. اسين ٻئي سلامت ھيونسين.
جڏھن ڄاتل سُڃاتل دروازا کليا، تہ مون پاڻ ۾ زندگيءَ جي نئين لھر ڊوڙندي پائي. جيئن چوڪيدار مونکي سلام ڪيو ۽ قافلو اندر آڳنڌ ڏانھن وڌيو، تہ مونکي لڳو تہ الله مونکي ھڪ ٻيو جيون ڏنو آھي. اھا ھُن جي مدد ھئي، جو دشمن مونکي مات ڏيئي نہ سگھيو ھو. منھنجي اندر طاقت ۽ ارادي جي ھڪ نئين سوچ اُڀرڻ لڳي ھئي. اُن وقت آئون ڄڻ ٻيھر ڄائي ھيس.
دھل، ناچ. ياسمين ۽ گلاب جا ھار. گھر ۾ سمورو عملو دالان اڱيان اچي گڏ ٿيو ھو ۽ ھنن دھل وڄڻ تي لوڪ ناچ ڪندي خوشيون پئي ملھايون. چوڪيدار، راڌا، خانسامان، سيڪريٽري. مون دوست محمد يعني ميجر ڊوموءَ کي ڏٺو، جيڪو جيل ۾ بابا سان ملڻ لاءِ جيل جي پھريدارن کان بہ وڌيڪ تيز ڊوڙندو ويو ھو؛ اتي بابا جو خاص ملازم عرس ھو، جنھن کي بابا جي گرفتاريءَ وقت فوج مار ڏني ھئي ۽ پستول سان ڪيس ڏڪ ھنيا ھئا؛ بشير ۽ ابراھيم ھئا، جيڪي امان ۽ مون سان گڏ سھالا ۾ ھئا، جڏھن بابا کي ڦاسي ڏني وئي ھئي؛ لاڙڪاڻي جو نظر محمد ھو، جنھن کي بابا جي ميت دفنائڻ لاءِ ملي ھئي.
ھنن جي چھرن تي، ناچ ڪندي ۽ راڳ ڳائيندي، مُرڪن جا ھار پکڙجي ويا ھئا. آئون جيئن ڪار مان ٻاھر آيس، تہ منھنجي چوڏاري شاديءَ جو شاندار ماحول ھو. اھي سڀيئي مون ڏانھن ڊوڙندا آيا ۽ ھنن منھنجي ڳچيءَ ۾ ھار وڌا. ”باقي مھمانن لاءِ رکو،“ منھنجي ڳچي ۽ ڪَنُ ھار ۾ ڍڪجي ويا تہ مون ھنن کي چيو. ”نہ، نہ، اھي ھار تنھنجي لاءِ آھن،“ ھنن وراڻيو. ”توکي گھر ۾ ڏسي اسين ڏاڍا خوش ٿيا آھيون.“
گھر. آئون تہ ويساھ ئي نٿي آڻي سگھيس. جيئن اُڪر ٿيل ڪاٺ جي وڏي دروازي مان منھنجا مائٽ ڊوڙندا ٻاھر آيا، تہ سڄي ماحول ۾ ٿھڪڙن جا گُل ٽِڙي پيا. اتي منھنجيون ماسيون ھيون: لنڊن مان آيل ماسي بھجت، لاس اينجلز مان آيل منھنجي سئوٽ زينت، بابا جي موت جي سزا کان پوءِ مون سان گڏ نظربند رھندڙ سئوٽ فخري بہ اُتي موجود ھئي. پُڦي مانا مونکي ڪيڪاريو ۽ ھن جي ماٽيجي ڀينرن پڻ ڪيڪاريو، جن بابا جي جان بچائڻ لاءِ ضياءَ کي رحم جي درخواست ڏني ھئي ۽ جيڪا قبول نہ ٿي ھئي. ٻيا مائٽ بہ ھندوستان، آمريڪا، انگلينڊ، ايران ۽ فرانس مان سفر ڪري پھتا ھئا، تنھنڪري اسان جي گھر جو ھر ڪمرو ھنن سان ڀريل ھو. ڪجھہ مھمان منھنجن ڀائرن جي ڪمرن ۾ پڻ رھيل ھئا، جيڪي گذريل چئن ورھين کان خالي پيا ھئا. ليليٰ! نشيلي! اسان ھڪ ٻئي کي ڀاڪر پاتا ۽ ٽھڪ ڏنا ۽ رڙيون ڪيون. ھنن کي ٻيھر ڏسڻ جي مونکي ڪا اُميد ئي نہ ھئي. ۽ نہ وري ھنن کي ئي ڪا اھڙي اميد ھئي. ھاڻي اھو ڏَپ ختم ٿي ويو ھو، تہ آئون جيل مان ڪڏھن بہ جيئري واپس نہ اينديس.

گرم پاڻيءَ سان وهنجڻ جهڙي نعمت. پيرن هينان نرم نرم غاليچا، پيئڻ لاءِ اُجرو ۽ ٿڌو پاڻي. منهنجي خاندان جي دعوت. آئون ٻه ڏينهن ۽ ٻه راتيون سُمهي به نه سگهيس؛ چو ته مون آزاديءَ جو هڪ پل به وڃائڻ نه ٿي گهريو. امان رات ٿيندي ئي وڃي سُتي هئي، جڏهن ته آئون فجر تائين صنم سان ڳالهيون ڪندي رهيس. ٽُرت صنم وڃي سُتي. ۽ امان ننڊ مان سجاڳ ٿي. آئون هنن جو ۽ ٻين ويجهن مائٽن جو وقت سيڙائي ڪونه سگهيس.

مون وٽ جيڪو وقت بچيو هو، تنهن ۾ مون 'ايشيا ويڪ'، 'فار ايسٽرن اڪانمڪ رِويو'، 'ٽائيم' ۽ 'نيوز ويڪ' جا پراڻا پرچا پڙهي ڇڏيا. مون پنهنجي سمهڻ واري ڪمري جي ديوارن کي به چَندي ڦوڪي اَڇو اُجرو ڪيو. مونکي خبر پئي، ته آخري ڇاپي هڻڻ وقت حڪومت منهنجا اهي ڪيترائي خط چورائي ڪٽي وئي هئي، جيڪي بابا مونکي اُن وقت لکيا هئا، جڏهن آئون پرڏيهه ۾ پڙهندي هيس. انهن چورايل سامان سان گڏ منهنجن ڀائرن، ڀيڻ ۽ منهنجا ڪي ناياب فوٽا، منهنجا زيور جن ۾ هڪ قيمتي مُنڊي به هئي، جيڪا مونکي امان ڏني هئي ۽ منهنجي ڏاڏي جي سوني سرميداڻي به غائب هئي. پر منهنجي سُمهڻ واري ڪمري ۾ جيڪا ڦڙڦوٽ وڌي وئي هئي، تنهن ڪارڻ آئون ڏاڍي پريشان ٿي هيس. آئون ڪمري جي پٿين تان هنن جي آڱرين جا نشان مٽائڻ لاءِ ڪين مَهٽيندي رهيس. الله جو شڪر ڪر، جو هي ڪمرو ۽ هي گهر سلامت آهي. آئون پاڻ کي پرِپائيندي رهيس. اجا ٻئي مهينا اڳ توکي ته اها به ڄاڻ نه هئي ته تون اتي ويندينءَ به يا نه. "اهي توکي واپس جيل ۾ ڪونه وٺي ويندا، نه،" منهنجي سئوٽ چيو. اهو ساريندي ته اهو پاڪستان هو، نه ڪي سئن فرانسسڪو. هن جي اُن اميد کي مڃڻ لاءِ مون پاڻ کي اجازت نه ڏني. جيتوڻيڪ اها هڪ ڏاڍي ڏُکي ڳالهه هئي.

70 ڪلفٽن ۾ هر ڪا شيءِ معمول مطابق ڏسڻ ۾ پئي آئي، ڏاڍي فرحت ڏيندڙ ۽ روايتي انداز واري. گهر جو عملو پئي آيو ۽ ويو ۽ هنن باغ ۾ رنگ برنگي تنبوئن ۾ ڪاٺي جون ميزون ۽ مهمانن لاءِ ڪُرسيون پئي رکيون. صنم جي هٿن تي، گهر جي ٻين عورتن جي هٿن تي مينديءَ سان نازڪ گُلڪاري ڪرڻ لاءِ آيل عورتن ميندي هڻئي. ميندي هڻندڙ عورتن منهنجيءَ ڀيڻ جي هٿ جي تَريءَ تي سُهڻا ۽ وڻندڙ نقش چِٽيا ۽ پوءِ مينديءَ مٿان ليمي جي رَس ۽ کنڊ جو ليپ ڏنو.

پاڪستاني معيار مطابق صنم جي شاديءَ ۾ گهٽا دعوتي ڪونه هئا، رُڳو پنج سؤ مهمان هئا. ۽ سڀيئي ريتون رسمون به ڪونه ٿيون هيون. مينديءَ جي رسم يا نڪاح جي رسم لاءِ مونکي وجهه ئي ڪونه مليو، جو آئون نئين ريشمي شلوار قميص نهرائي سگهان ها. گهر ۾ آيل ٻين عورتن کي به اهڙو وجهه ڪونه مليو هو، پر اُن ۾ ڪو هرج نه هو. مون پنهنجي ڪَٻٽ ۾ نه ڪپڙا ڏنا هئا، ۽ نه ڪيتري وقت کان مون کي ٻيا ڪپڙا پاتا

هئا. تنهنڪري منهنجي پراڻي گلابي ريشمي شلوار قميص مونکي بلڪل نئين تي لڳي.

”امان زور ڀئي رکي تہ آئون ميڪ اپ ڪريان.“ صنيءَ منهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ ايندي چيو. ”۽ مونکي ساڙهي بہ پائڻي آهي. منهنجي مرضي آهي تہ شاديءَ ۾ آئون نيري جينز پايان. تون ئي ڪجهہ ڪر.“

”شادي هڪ ڀيرو ٿئي ٿي،“ مون وراڻيو. ”امان ڪيترائي ڏُک ڏٺا آهن، هن جو چيو مڃي، ڪيس خوش ڪر.“

”هيءَ ڪنوار چنڊ کان بہ وڌيڪ اڇي آهي. هائو هيءَ آهي، هيءَ آهي.“ منهنجي واپس اچڻ تي پهرينءَ رات سڄي گهر ۾ انهن ڳيچن جي گونجار هئي. ”هيءُ ڪنوار چنڊ کان بہ وڌيڪ اڇي آهي.“ اسان جي مائٽ عورتن صنم جي مينديءَ تي هن جي ساهيڙين سان گڏجي اهي ڳيچ ڳايا ۽ ناچ نچيون. مون پنهنجي آزاديءَ جو ڪوبہ پَل اجايو وڃائڻ نہ ٿي گهريو. ۽ مونکي اها بہ ڄاڻ نہ هئي تہ اها آزادي گهڻو وقت هلندي، تنهنڪري آئون پنهنجي مائٽن ۽ ساهيڙين سان ڪچهريءَ ۾ لڳي ويس. اسان جون دنيائون ڪيتريون نہ ڌار ٿي پيون هيون. پر ڪهڙي دنيا حقيقي هئي؟ مون پنهنجي جيل جي ڪوٺڙيءَ جو ذڪر ڪندي اُن کي بہ ڀيرا ”گهر“ سڏيو هو.

مينديءَ جي رسم ۾ جڏهن صني پنهنجي ٿيندڙ مُڙس ناصر حسين سان گڏ سائي رنگ جي ٽِڪن ڀريل گاديلي تي اچي ويٺي، تہ هوءَ ڏاڍي سُندر پئي لڳي. اها شادي جيئن تہ مائٽن جي مرضيءَ پٽاندر نہ ٿيڻي هئي، تنهنڪري هنن ۾ ٿوري ڇڪتاڻ تي ڏٺي. پر رسمون پوريون ڪرڻيون هيون. صنيءَ پنهنجي مٿي تي رَئو رکي گهونگهٽ ڪيو تہ جيئن هن جو گهوٽ شاديءَ کان اڳ سندس مُنهن نہ ڏسي سگهي. جيتوڻيڪ هن گهُونگهٽ ڪڍي مون سان ٿورو ڳالهايو، جو آئون هن جي پَر ۾ ويٺي هيس.

”اي ناصر، اي ناصر، اسان جا ٿيندڙ ڀيڻويا، صنم سان شاديءَ کان اڳ توکي سَت شرط پورا ڪرڻا آهن.“ اسان آڏو صنيءَ جي ساهيڙين ۽ مائٽن ڳائڻ شروع ڪيو. ”پهريون شرط اهو آهي تہ صنم ڪاڏو نہ پچائيندي.“

”آئون هن لاءِ بورچي آڻيندس.“ ناصر جواب ڏنو.

”صنم ڪپڙا ڪونہ ڌوئيندي.“ ڪنوار وارين ڳايو.

”آئون ڪپڙا ڌوبيءَ ڏانهن موڪليندس.“ ناصر جواب ۾ ڳايو. ايئن هن هر شرط جو جواب ڏنو، جنهن ڪانپوءِ هن طرفان شرط ڏنا ويا.

ٻنهي طرفن کان مائٽن مينديءَ جا ڀريل ٿالهہ آندا هئا، جن تي چانديءَ جا ورق لڳل هئا ۽ ڏيئا پئي ٻريا. ناصر جي مائٽن مان هر هڪ صنم جي تريءَ تي رکيل سوپاريءَ جي ٽَڙ تي مينديءَ جي ڇِپٽي گهوري ٿي. امان ۽ اسان وري اها ساڳي رسم ناصر سان ڪئي.

اُھو جشن اوچتو تڏھن رڪجي ويو، جڏھن اسان جي گھرو ملازمن مان ھڪ ڇٽو اوچتو اسان وٽ آيو. ”دروازي تي پوليس آئي آھي.“ ھن ٻڌايو ۽ سڄي ڪمري ۾ پوائتي ماٺار ڇانئجي وئي. ھن ٻڌايو تہ پوليس منھنجي لاءِ آئي آھي. پر اسان جي ميجر ڊومو ٻڌايو تہ پوليس وارن امان جو پڇيو ھو. سيني مھمانن کان ٽٽا شوڪارا نڪري ويا. امان ٻي نظربندي ڪڏھن بہ سَھي نہ سگھندي.

”دوست محمد، ھنن کي اندر وٺي اچ. آئون اھو ڪونہ چاھينديس تہ منھنجن مھمانن جي موجودگيءَ ۾ پوليس دروازا ڀڃي اندر اچي.“ امان سُڪون سان چيو. پوليس اندر آئي، پر اھي بہ ڇڳا ويڳاڻا پئي ڏٺا. ”اوھين منھنجي لاءِ چو آيا آھيو؟“ امان ھنن کان پڇيو. بيمار ھوندي بہ ھن جو آواز مضبوط ھو. ھنن ڊڄندي امان کي مارشل لا جو حڪمنامو ڏنو. اللہ جو شڪر جو اھو ھن جي گرفتاريءَ جو نہ، پر پنجاب بدريءَ جو ھو. ھن جو پنجاب وڃڻ لاءِ ڪوبہ ارادو ڪونہ ھو ۽ ضياءَ کي اھا ڄاڻ ھئي. ھن رڳو اسان کي ڌمڪائڻ گھريو ٿي ۽ پٽي ۽ خاندان جي خوشين ۾ رنڊڪ وجھڻ ۽ کين تباھ ڪرڻ گھريو ٿي.

۽ اھي ڌمڪيون بند نہ ٿيون. ٻيءَ صبح جو امان جن ڳائڻ کي شادي ۾ ڳائڻ لاءِ گھرايو ھو، انھن وٽان شاديءَ ۾ شريڪ نہ ٿيڻ جو اوچتو نياپو پھتو. ھنن ٻڌايو تہ کين اختياري وارن وٽان مائڪروفون واپرائڻ جي اجازت نہ ملي ھئي. مارشل لا ھيٺ لائوڊ اسپيڪر واپرائڻ جي روڪ ھئي. اسان کي ڪابہ ڄاڻ نہ ھئي تہ اُن لاءِ واقعي حڪومت مخالفت ڪئي ھئي يا ڳائڻن پاڻ ھِمت ھاري ھئي.

اھي ڌمڪيون ۽ دڙڪا اسان جي مھمانن کي ملڻ لڳا، جن جي گاڏين جا نمبر حڪومت جي انھن جاسوسن پئي لکيا، جيڪي 70 ڪلفٽن پريان گاڏيءَ ۾ وينا ھئا. حڪومت اڳ ۾ ئي مھمانن جي فھرست وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي. امان جي سيڪريٽري روئيندي مڃيو ھو، تہ حڪومت کيس دڙڪو ڏنو ھو، تہ جيڪڏھن ھن اسان کي فھرست نہ ڏني تہ اُن جا اگرا نتيجا نڪرندا.

ان شاديءَ بابت ملڪ وارن کي بھرحال ڄاڻ نہ ڏيڻي ھئي. اخبارن ۾ پٽي جو نالو اوستائين ڇپڻ جي اجازت نہ ھئي، جيستائين خبر ھن خلاف نہ ھجي: جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ صحافي اھڙين بندشن جا ھيراڪ ٿي ويا ھئا. صنيءَ جي مڱڻيءَ تي ھنن لکيو ھو، تہ ناصر جو ڏاڏو اسان جي ڏاڏي وانگر ڪنھن وقت جھونا ڳڙھ جو وزيراعظم ھوندو ھو. ”جھونا ڳڙھ رياست جي ٻن اڳوڻن وزيراعظمن جي پوٽيءَ ۽ پوٽيءَ جي شادي.“ اخبارن جي سرخيءَ ۾ چيو ويو. صنم جي شاديءَ ۽ ڪراچي جيل مان منھنجي عارضي آزاديءَ بابت خبر لڳي تہ ”ڀيڻ جي شاديءَ ۾ ڀيڻ شريڪ ٿي.“

70 ڪلفٽن جي دروازن کان اندر اسان جو پختو ارادو ھو، تہ صنم جي شادي اسان جو ذاتي ۽ خانداني معاملو ھو. منھنجي ڀيڻ ڏاڍيون تڪليفون سَٺيون آھن. سياست سان

ڪوبه چاهه نه هوندي به هن کي کُهلي سياست ۾ آندو ويو هو، ڇو ته هن جي نالي ۾ ڀٽو لفظ شامل هو. هن بابا جي قتل ٿيڻ کان به مهينا پوءِ هارورڊ يونيورسٽيءَ مان بي اي جو امتحان پاس ڪيو هو. هن کي آڪسفورڊ ۾ داخلا ملي هئي، پر هوءَ پنهنجي تعليم تي پورو ڌيان نه ڏئي سگهڻ سبب پاڪستان موٽي آئي هئي. پر ڇو؟ پاڻ هڪ قيديءَ جهڙي زندگي گذارڻ لاءِ هو 70 ڪلفٽن ۾ اڪيلي رهيل هئي. هن جي ماءُ ۽ ڀيڻ ڪڏهن جيل ۾ هيون ته ڪڏهن جيل کان ٻاهر. هن جا ڀائر جلاوطن. هن جون اوائل کان ٿوريون ساهيڙيون هونديون هيون ۽ ڀٽو هجڻ سبب ڪيس اها ڳالهه پسند نه هوندي هئي، ته ماڻهن جو مٿس ڌيان ٿئي ۽ اهي ڪانئس سنديس بابا بابت سوال پڇندا رهن. هوءَ هاڻي انهن ٿورڙن ماڻهن ۾ اُٿندي ويهندي هئي، جن کي هوءَ ورهين کان سڃاڻندي هئي؛ انهن ۾ ناصر به هو، جيڪو شاهنواز ۽ مير سان گڏ اسڪول ۾ پڙهيو هو.

”صنم سان شادي نه ڪر. حڪومت توکي برباد ڪري ڇڏيندي،“ ناصر جي چاچي کيس تنبيهه ڪئي هئي، جڏهن هن اُن شادي ڪرائڻ لاءِ مائٽن کي چيو هو. ”اهو منهنجو فيصلو آهي، نه کي اوهان جو.“ هن جواب ۾ چيو هو. ”آئون اُن ڇوڪريءَ سان پيار ڪريان ٿو، اُن لاءِ جيڪا به قيمت چُڪائڻي پوندي، سا آئون ڏيندس“ ۽ اها هن کي ڏيڻي پئي. حڪومت جنهن ماڻهو خلاف هئي، تن کي سزا ڏيڻ جا اُن وٽ ڪيترائي طريقا هئي: ٽئڪس جي جاچ پڙتال ڪرڻ، پرمٽون رد ڪرڻ، فارم جي زمينن جو پاڻي بند ڪرڻ. ناصر جي ڪمزوري پاڪستان ۾ سندس ڪامياب ڪاروبار هو. ٿُرت هن جي مقاطعن جا واڪ نامنظور ڪيا ويا. جنهنڪري هن جو ڪاروبار پنجهتر سيڪڙو گهٽجي ويو هو. هينئر ناصر ۽ صنم لنڊن ۾ رهن ٿا، جتي کين نئين سر ڪاروبار شروع ڪرڻو پيو هو. پوءِ به هنن جي شادي شاندار ٿي هئي.

صنم جي مٿي تي قرآن شريف جو ڇانوَ ڪندي امان ۽ آئون هن کي وني ڏاڪڻ تان هيٺ لٿيونسين ۽ سامهون وڏي ڪمري ۾ ويونسين، جتي نڪاح لاءِ چبوترو ٺاهيو ويو هو. اُن موقعي تي صنم کي جيڪا ساڙهي پاتل هئي، تنهن جو رنگ سائو هو، جيڪو خوشيءَ جو اُهڃاڻ آهي. ”ڇا توکي ناصر حسين ولد نسيم عبدالقادر، مُڙس طور قبول آهي؟“ اسان جي سئوٽ عاشق علي ڀٽي هن کان پڇيو. صنم امان ۽ مون ڏانهن ڏسي مُرڪيو ۽ ماٺ ڪري ويني رهي. هن کي ڄاڻ هئي ته عاشق علي ٻين ٻن شاهدن اڳيان اهو سوال وري ڪانئس ٽي ڀيرا پڇندو. هن وري پڇيو ۽ صنم وري به ڪو جواب نه ڏنو. اسلامي احڪامن مطابق اها خاطري ڪبي آهي ته ڪنوار چڱيءَ طرح سمجهي سوچي شادي لاءِ راضپو ڏيکاري. ٽيون ڀيرو پُڇڻ کان پوءِ نيٺ صنم قبوليت ڏني ۽ نڪاح نامي تي صَحي ڪئي. عاشق علي اها خوشخبري انهن ماڻهن کي وڃي ٻڌائي، جيڪي هڪ ٻئي ڪمري ۾ ويٺا هئا. مولوي نڪاح جون دعائون پڙهيون، ۽ منهنجي

پيڻ ، ڀٽي خاندان جي پهرين عورت هئي، جنهن پنهنجي پسند جي ماڻهوءَ سان شادي ڪئي.
ناصر جا ٻه ويجها دوست هن کي پاڻ سان گڏ وٺي آيا ۽ هو چبوتري تي اچي ڪنوار پرسان ويٺو. ناصر جي سئوٽن ۽ سندس دوستن، گهوٽ- ڪنوار مٿان ريشمي شال جهلي ۽ ٻين عورتن هڪ آئينو هنن وچ ۾ رکيو، تنهن وقت منهنجن اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، جڏهن صنم ۽ ناصر آئيني ۾ هڪ ٻئي کي ڏٺو. اها اهڙي روايتي گهَڙي هئي، جڏهن گهوٽ ۽ ڪنوار ساٿيءَ طور پهريون ڀيرو هڪ ٻئي کي ڏسن ٿا.
سڄو چبوترو گلاب، گونتي ۽ ياسمين جي گُلن سان سَٽيل هو، جن جي سُرهاڻ چؤڌاري پکڙجي وئي هئي. صنم ۽ ناصر آسماني رنگ جي بخمل واري صندليءَ تي ويٺا هئا ۽ سندن چؤڌاري مصري، بادمان، سونهري رنگ ڏنل بيدن، اخروٽن ۽ روپن ورقن سان پِستن جا ڀريل ٿالهه رکيل هئا.گهوٽ ۽ ڪنوار پرسان چانديءَ جي شمعدانن ۾ ڏيئا پئي ٻريا، ته جيئن سندن زندگيءَ ۾ روشني قائم هجي. صنم جي پرٽيل سئوٽن، جوڙيءَ مٿان مصريءَ جون ٽِڙون پئي گهوريون، ته جيئن هنن جي حياتي سُني گذري. سڄي ماحول ۾ ٽهڪڙا ۽ مُرڪون پکڙجي ويون.
امان ۽ آئون، صني ۽ ناصر سان وينيون هيونسين، ته مهمان هڪ هڪ ٿي اسان وٽ آيا ۽ مبارڪون ڏيڻ لڳا. هنن مان ڪيترائي جيل ۾ رهيا هئا ۽ اهو سندن مُنهن مان پڌرو هو. اهي هيٺا هئا ۽ سندن منهن لَٿل هئا. ”تون ڪيڏي نه تندرست ٿي لڳين.“ هنن مونکي چيو. شال هنن جو اهو ئي مقصد هجي، چو ته مون اهوئي پئي گهريو، ته آئون هنن کي اهڙو ڏيکاءُ ڏيان، جيئن بابا سپريم ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻ وقت ڏيکاءُ ڏنو هو، ته حڪومت مونکي يَجي پوري نه سگهي آهي. ”اوهان کي ڏسي مونکي ڏاڍي سرهائي ٿي آهي.“ هن هر ڀيري پاڻمرادو اهو ئي پئي پُٽڪيو. منهنجو ڳاٽ جيتوڻيڪ اوچو هو، پر اندر ۾ آئون ڏڪيس پي.
ڇا مونکي وري جيل ۾ واپس وڃڻو پوندو؟ سرڪار وٽان مون تائين اهڙي ڪا به ڳالهه نه پهتي هئي. گوڙ ۾ مونکي منهنجو وڪيل مجيب ڏسڻ ۾ آيو، جنهن مونکي ٻڌايو ته ايندڙ صبح جو ڪيس سنڌ جي هوم سيڪريٽريءَ سان ملاقات ڪرڻي آهي. جيئن ته منهنجي نظربنديءَ جي مُدت هڪ هفتي اندر پوري ٿيڻ واري هئي، تنهنڪري هن مونکي ٻڌايو ته، هو واسطيدار عملدارن کان اجازت وٺندو، ته اها مدت 70 ڪلفٽن ۾ پوري ٿئي، جتي آئون رهي پئي هجان.
مهمانن جي موڪلائڻ کان پوءِ، مون مخزنون ۽ اخبارون ميڙي گڏ ڪيون ۽ جيت مار دوائون به ڪنيون، ته جيڪڏهن پوليس مونکي وٺڻ لاءِ اچي، ته اهي به پاڻ سان لِڪائي، جيل ۾ کڻي وڃان. آئون سڄي رات جاڳندي رهيس ۽ پڇاڙيءَ ۾ هارورڊ ۽ آڪسفورڊ جي پنهنجي پراڻي دوست پيٽر گئلبريٿ کي خط لکڻ وينيس. امان مونکي

ٻڌايو ھو، تہ آمريڪي سينيٽ فارين رليشنز ڪميٽيءَ ۾ ڏکڻ ايشيا جي شعبي جو ذمو پيٽر ڪي سونپيل آھي ۽ ھوپاڪستان ۾ آيو ھو. ھن ڪراچي سينٽرل جيل ۾ مون سان ملاقات جي ڪوشش ڪئي ھئي، پر ھن جي درخواست جو حڪومت ڪوبہ جواب نہ ڏنوھو. بعد ۾ پيٽر پاڻ مونکي ٻڌايو تہ ڇا ٿيو ھو.

پيٽر گئلبريٿ، آگسٽ 1981ع:
مون پاڻ سان پاڪستان ۾ سينيٽر ڪليبورن پيل جو خط آندو ھو، جيڪو سينيٽ فارين رليشنز ڪميٽيءَ ۾ اقليتي اڳواڻ آھي. خط ۾ حڪومت کي گذارش ڪيل ھئي، تہ مونکي بينظير سان ملاقات جي اجازت ڏني وڃي. مون پاڪستاني پرڏيھي ڪاتي جي وزارت ۽ آمريڪي سفارتخاني کي پڻ سخت تاڪيد ڪيو، جيڪو اُن وقت ڀٽو وارن جو بلڪل مخالف ھو.
حڪومت نہ سينيٽر پيل جي گذارش جو، ۽ نہ منھنجي درخواست جو ڪو جواب ڏنو. جيتوڻيڪ ڀٽو وارن سان ملڻ لاءِ آمريڪي سفارتخاني منھنجي دل ٽوڙڻ جي ھر ڪا ڪوشش ڪئي، پر آئون ڪنھن بہ صورت ۾ 70 ڪلفٽن پھچي بيگم ڀٽي سان مليس. ھن جو رنگ ھئڊو ٿيو ويو ھو ۽ ھوءَ ڏاڍي ٿڪل پئي لڳي. ھن کي بينظير جي ڏاڍي ڳڻتي ھئي، جيڪا گذريل پنجن مھينن کان سکر ۽ ڪراچي جيلن ۾ قيد ھئي.
بيگم ڀٽو مونکي ڪراچي بوٽ ڪلب ۾ صنم، فخري ۽ پاڻ سان گڏ ماني کائڻ جي دعوت ڏني. اسين جيئن 70 ڪلفٽن مان ٻاھر آياسين، تہ ھن مونکي مُرڪڻ لاءِ چيو. چو تہ گھٽيءَ جي ھن پاسي کان سيڪيورٽي جي ماڻھن ھڪ ڪار مان ٽيليفوٽولينس سان اسان جون تصويرون پئي ڪڍيون. مون سُني سياستدان وانگر ھٿ لوڏي ھنن کي ڀليڪار چيو.
ماني کائيندي سمورو وقت آئون پنڪي بابت سوچيندو رھيس،جيڪا قيد ۾ ھئي. مون ھن کي آخري ڀيرو جنوري 1977ع ۾ آڪسفورڊ ۾ ڏٺو ھو، تنھن وقت پنڪي آڪسفورڊ يونين جي صدر چونڊجي آئي ھئي ۽ ھن صدر جي آفيس ۾ نوَن آيل شاگردن جو ڪو فيصلو پئي ڪيو.
تڏھن کان ھن جي زندگي ھڪ اھڙي طرف ڇڪجي وئي آھي، جنھن جي نہ اُميد ھئي ۽ نہ ئي اھا ڳالھ سمجھہ ۾ اچي ٿي. آئون اھو ئي سوچيندو رھيس، تہ ھوءَ جڏھن واپس پنھنجي گھر پھتي ھئي، تہ ھن پنھنجي پيءُ کي اقتدار تان لھندي، ڪيس جيل ويندي ۽ ڦاسي چڙھندي ڏٺو ھو. ۽ پوءِ پنڪي ڪيتري وقت تائين اھڙين ڀوائتين حالتن ھيٺ جيل ۾ بند رھي. جيئن تہ آئون اڪثر انساني حقن جي معاملن جي ڇنڊڇاڻ ڪندو رھان ٿو، تنھنڪري مونکي ڄاڻ آھي تہ اھي تڪليفون ٿينديون رھن ٿيون. پر پوءِ بہ منھنجي لاءِ اھو سمجھڻ ڏکيو ٿي پيو ھو، تہ اھي تڪليفون ھڪ دوست کي پھچايون پيون

وڃن. بوٽ ڪلب مان وڃڻ وقت مون بيگم ڀٽي کي بينظير لاءِ هڪ ڏکھو ۽ ٿورو ڳنڀير خط ڏنو هو، جيڪو مون هڪ رات اڳ لکيو هو.
آمريڪا ۾ واپس پهچي مون فارين رليشنز ڪميٽيءَ لاءِ هڪ رپورٽ ناهي، جيڪا آئنده پاڪستان کي وري امداد ڏيڻ بابت هئي. رپورٽ ۾ دليل ڏنا ويا هئا، تہ امداد ڏيڻ سبب آمريڪا کي بدنام فوجي آمريت جي پُٺڀرائي ڪندڙ سمجھڻ جو اُلڪو آهي، جنھنڪري ايران ۾ جيڪو آمريڪي تجربو ٿيوهو، تنهن جي ورجاءُ جو امڪان ٿيندو. مون انساني حقن جي نيتيءَ تي زبردست زور ڏنو ۽ اشارو ڏنو تہ اسان جي امداد جو مقصد ڪنهن ملڪ جي ڀلائيءَ سان گڏ حاڪمن جي ڀلائيءَ بہ آهي. نجي طرح مون سينيٽر پيل ۽ ڪميٽيءَ جي اڳواڻ سينيٽر چارلس پرسيءَ کي ڀٽو عورتن سان ٿيندڙ ورتاءُ بابت ڄاڻ ڏني. هنن ٻنهي ڄڻن مدد جي خواهش ڏيکاري.منهنجي مرضي هئي تہ بينظير کي خبر پوي تہ هن کي وساريو نہ ويو هو.

ڪراچيءَ ۾ سِڄ مس نڪتو هو، تہ مون پيٽر جو اوهو مزيدار خط ڪيترائي ڀيرا پڙهيو ۽ هن جي زال اين کي ياد ڪيو ۽ سندس پُٽ ڄمڻ جي خبر تي خوشي ٿيائي. گذريل وقت جون ساروٽيون وري اڀري آيون هيون. مون واپس هن کي خط لکيو:
10 سيپٽمبر 1981ع
پيارا پيٽر،
گذريل رات صنيءَ جي شادي هئي. سڄو گهر گهَري ننڊ ۾ سُتل آهي. هن وقت صبح جا ڇهہ ٿيا آهن ۽ مون وٽ آزاديءَ جا بہ ٽي ڪلاڪ آهن. آئون توکي جلدي اهو لکي ڄاڻائڻ گهران ٿي، تہ تنهنجي خط مونکي ڪيتري نہ خوشي ڏني آهي. تو وٽان اهو ٻُڌي، پنهنجن دوستن وٽان اهي خبرون ٻُڌي ۽ اهو ڄاڻي تہ تون ڪهڙي نہ ڪامياب زندگي پيو گذارين، تنهن تي آئون ڏاڍي خوش ٿي آهيان. تنهنجي ۽ تنهنجي پاءُ جيمي جي ڪاميابيءَ لاءِ آئون سدائين دعاگو آهيان.
هارورڊ مان، ماضيءَ مان اهو آواز ٻُڌي، هڪ طرح سان ڏاڍي بيقراري ٿي پئي آهي، جيڪو معصوميت واري زماني کي ڏيان سان ٻُڌڻ لاءِ واپس پيو سڏي. ڇا هنن اسان کي اهو سيکاريو هو، تہ زندگي ايڏن پوائنٽن جوڪن ۽ المين سان ڀرپور ٿي سگهي ٿي؟ ڇا اسان جيڪي لفظ پڙهيا هئا يا ڪونہ پڙهيا هئا، تن جو مطلب گهٽ ۾ گهٽ آئون هينئر ڇئي سگهان ٿي، تہ اُهي منهنجي ذهن ۾ نہ وينا هئا: آزادي ۽ خودمختياريءَ تي اسان جيڪي مضمون لکيا هئا، پنهنجن استادن کي ڏيکارڻ ۽ گريڊ ماٽڻ لاءِجيڪي مقالا لکيا. پر اسان کي انهن لفظن جي اهميت جي ڄاڻ هئي، جن کي اسان لکي محفوظ ڪيو هو. اسان کي ڄاڻ هئي تہ اهي ڪيترا نہ قيمتي آهن: هوا جهڙا قيمتي جيڪا اسين

ساهه ۾ ڇڪيون ٿا، پاڻي جهڙا جيڪو اسين پيون ٿا. پر پوءِ اهي اُگريون حقيقتون برف سان ڍڪيل ورمونٽ ۽ هارورڊ جي صحنن ۾ تمام پراڻيون ٿي لڳيون ...

پوءِ صبح جو آئون امان جي سمهڻ واري ڪمري ۾ چانهه ڪٽي ويس. ”تون مون وٽ ترس.“ هن چيو. ”شايد اسين ٻئي گڏجي مجيب واتان ڪا خوشخبري ٻُڌون.“ اُن ڪان تُرت پوءِ منهنجو وڪيل اتي آيو، جنهن ٻُڌايو ته هوم سيڪريٽري هن جي درخواست رد ڪئي هئي. جيستائين آئون اُن واعدي تي صَحي نه ڪنديس، ته آئون سياست تي پيبل بندش جي پيجڪڙي نه ڪنديس، ته آئون جيل ۾ ئي رهنديس. هن کي اهو ئي چيو ويو هو.

صبح جو ڏهين بجي پوليس وارا آيا. منهنجا مائٽ ۽ گهر جا ملازم آڳنڊ ۾ اچي گڏ ٿيا هئا ۽ موڪلائڻ لڳا. اهي ڪار پنيان ڊوڙندا آيا، جيئن اها ڪلفٽن ڪان هيٺ لهي، ايراني سفارتخاني، ڪلفٽن گارڊنس، جتي ٻارڙن لغڙ پئي اڏايا، سوويت سفارتخاني، لبيا جي سفارتخاني ۽ اٽليءَ جي سفارتخاني وٽان لنگهي، سدائين جيان ڪار اڌ خالي پُٺين گهٽين مان تيزيءَ سان جيل ڏانهن رواني ٿي وئي.

ڪراچي سينٽرل جيل ۾ جيلر جي ڪُنجين جي ڇُٽڪي ۽ ڪُلفَ ڪلڻ جا ڄاتل سڃاتل آوازن منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو. پَڪين سِرن جي اوچين ديوارن ۾ لڳل ننڍڙن لوهي دروازن مان آئون ڦُڙتيءَ سان لنگهندي ويس. درين ڪانسواءِ ڪَچن لنگهن مان آئون ڳاٽ اوچو ڪيو پنهنجي وارڊ ڏانهن وڌندي ويس. مون اُهو ڪونه ٿي ڳُڙيو ته، ڪو ائين سوچي، ته ٻن ڏينهن جي آزادي مونکي جهِيٽو ڪري ڇڏيو آهي. مونکي اها پڻ اميد هئي ته، اُهي منهنجي جهَڙتي ڪونه وٺندا، 70 ڪلفٽن ڇڏڻ ڪان اڳ مون پنهنجي بئگ ۾ مخزنون ۽ اخبارون وجهي ڇڏيون هيون.

آئون پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ پهتيس، ته سدائين جيان بجلي اُلُوپ هئي. پاڻمرادو مون اُن جي شڪايت لکي. پوءِ ٻن ڏينهن تائين آئون بيمار هيس ۽ مونکي معدي ۾ تڪليف ٿي پئي. ”آئون چئي نٿي سگهان، پر آئون ڏاڍي بيمار هيس.“

ٽئين ڏينهن 13 سيپٽمبر تي خوش قمستيءَ سان مون پاڻ ۾ سگهه پاتئي. هڪڙو جيلر اُميد مطابق ڊسٽرڪٽ مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جو مايوس ڪندڙ حُڪم ڪٽي آيو، ڪراچي سينٽرل جيل ۾ منهنجي نظربنديءَجي مُدت ۾ وڌيڪ ٽن مهينن جو واڌارو ڪيو ويو هو.

هاٽي مون اربع ڏينهن واريءَ دعا، هفتي ۾ هڪ ڀيرو گهرڻ بدران روزانو گهُرڻ شروع ڪئي. اڳ سدائين اُن دعا جو اثر ٿيندو هو. شايد روزانو گهرڻ سبب منهنجي ڪوٺڙيءَ جا دروازا ٻيءَ اربع ڪان پوءِ ٽين اربع ڪان اڳ سدائين لاءِ کُلي وڃن. منهنجي خيال ۾

اُن دعا جو اثر هاڻي 30 سيپٽمبر يعني اربع تي ٿيڻ کپندو هو. نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ٻيءَ تاريخ اها هوندي جڏهن آڪٽوبر جي شروع ۾ مارگريٽ ٿيچر پاڪستان ۾ ايندي. ضياءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن تاريخ تي مونکي آزاد ڪرڻو هو ۽ آئون سدائين انهن تاريخن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندي هيس، جن مان ڪنهن هڪ تاريخ تي مونکي آزادي ملڻ جي اميد هئي. آئون مارگريٽ ٿيچر کي سُڃاڻندي هيس. آئون راولپنڊيءَ ۾ پرائيم منسٽر هائوس ۾ بابا سان گڏ هن سان پهريون ڀيرو ملي هيس، تڏهن هوءَ مخالف ڌر جي اڳواڻ هئي. وري جڏهن آئون آڪسفورڊ يونين جي صدر ٿيس، تڏهن لنڊن ۾ هائوس آف ڪامنس ۾ هن جي آفس ۾ چانهہ تي ساڻس ٻيو ڀيرو ملاقات ٿي هئي. جيڪڏهن ٿيچر جي هتان ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ مونکي آزادي نٿي ملي، تہ پوءِ شايد مون کي عيد ڏيهاڙي تي آزاد ڪيو وڃي، جيڪا اُن ورهيہ 19 آڪٽوبر تي هئي.حڪومت سدائين رمضان جي پڇاڙيءَ ۾ مذهبي ڏڻن جو احترام ڪندي، ڪجھہ قيدين کي آزاد ڪندي هئي.

انهن تاريخن مان ڪنهن بہ تاريخ تي مونکي آزاد نہ ڪرڻو هو. 25 سيپٽمبر 1981ع تي ضياءَ جي فوجي حڪومت جي هڪ وزير چوڌري ظهورالاهيءَ کي لاهور ۾ ڪنهن گولي هڻي قتل ڪيو هو. هيءُ اهو شخص هو جنهن ضياءَ کان اُهو قلم سوکڙيءَ ۾ ورتو هو، جنهن سان هن بابا جي موت جي وارنٽ تي صحي ڪئي هئي ۽ بابا کي ڦاسي اچڻ کان پوءِ مناڻي ورهائي هئي. اُن ساڳئي ڪار ۾ هن سان گڏ اُن حملي ۾ مولوي مشتاق حسين بہ زخمي ٿيو هو، جيڪو لاهور هاءِ ڪورٽ جو اڳوڻو چيف جسٽس هو، جنهن بابا کي موت جي سزا ڏني هئي. اُن ڪار ۾ بابا جي مقدمي ۾ پيش ٿيندڙ اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر ايم اي رحمان بہ هو، جنهن کي ڪا رَهڙِ بہ نہ آئي هئي.

اخبار ۾ ظهور الاهيءَ جي قتل جي خبر پڙهي مون اُن کي الاهي عذاب ڀانئيو هو. ”هاڻي هن جي زال، ڌيءَ ۽ خاندان کي خبر پوندي تہ ڏک جو احساس ڇا ٿو ٿئي.“ مون پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو، ”آئون خوش نہ ٿي آهيان، ڇو تہ ڪوبہ مسلمان ڪنهن جي موت تي خوش نٿو ٿئي. زندگي ۽ موت تہ الله جي اختيار ۾ آهي. پر اهو ڄاڻندي اطمينان ٿئي ٿو، تہ بديءَ جي سزا ضرور ملي ٿي.“

منهنجو اهو اطمينان ڪافُور ٿي ويو. حڪومت دعويٰ ڪئي تہ اُن تازي تشدد جي ذميدار هڪ ڀيرو وري ’الذوالفقار تنظيم‘ هئي ۽ پوءِ گرفتاريون شروع ٿي ويون. قتل کان هڪ ڏينهن پوءِ مير، بي بي سيءَ کي انٽرويوءَ ڏيندي اُن قتل جو ذمو الذوالفقار جي نالي مڙهيو. مير اهو چڱو نہ ڪيو. اُن قتل تي جيڪڏهن بحث ٿئي ها، تہ هوند ظهور الاهي جو اهڙو ٻڇڙو ڪردار پڌرو ٿي سگهي ها، جيڪو هن بابا جي موت جي سلسلي ۾ نڀايو هو. پر اُبتلندو سمورو ڌيان الذوالفقار جي فرضي ميمبرن کي ڳولي لهڻ تي ڏنو ويو هو.

دهشتگرد! خوني! سياسي قاتل! اخبارن ۾ سُرخيون لڳيون. هڪ ڀيرو وري حڪومت سياسي مخالفن کي چيڀاٽڻ لاءِ الذوالفقار کي ڪَتب آندو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا نؤجوان اڳواڻ هڪ ٻئي پٺيان گرفتار ٿيڻ لڳا ۽ ٻين سَون کي جهلڻ جا وارنٽ نڪتا، ڇئن نؤجوانن کي هريپور جيل ۾ وٺي ويا، جتي هنن کي سخت عذاب ڏنا ويا. بعد ۾ مونکي ڄاڻ پئي ته انهن مان هڪ نؤجوان جو پيءُ احمد علي سومرو ڏاڍي خراب حالت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ ميمبر سان وڃي ملاقات ڪئي. هن پوليس کي وڏي رشوت ڏني، ته جيئن هو رُڳو پنهنجي پُٽ کي پري کان ڏسي سگهي، ته اهو جيئرو به آهي يا مري ويو آهي. اخبارن جي رپورٽن مطابق رڳو هريپور جيل ۾ 103 نؤجوان قيد هئا. اُن شهر پرسان هڪ ٻئي شهر ۾ به سؤ قيد هئا.
عورتون به وري گرفتار پئي ٿيون. جن ۾ ناصرا رانا شوڪت به هئي، جنهن کي واپس لاهور قلعي ۾ وٺي ويا هئا. هڪ ڀيرو وري پيپلز پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽريءَ جي زال کي بجليءَ جا جهٽڪا ڏنا ويا هئا ۽ ٽيويهن ڏينهن تائين هن کي ننڊ نه ڪرڻ ڏني هئي ۽ هن کان رُڳو پُڇاڻو ٿيندو رهيو. ”ان قتل ۾ پنهنجي مُڙس کي ڦاساءِ.“ هن کي حڪم ڏنو ويو. ”بينظير کي ڦاساءِ، بيگم ڀٽي کي ڦاساءِ.“ هن بهادر عورت جيڪي عذاب سنا، سي سوچ کان مٿي آهن. اُن کان پوءِ هن کي اينڊڙ مهيني تائين هڪ اهڙي ڪوٺڙيءَ ۾ رکيو ويو، جتي پائخاني جي ڪابه سهولت نه هئي. اتي رڳو هڪ ٿالهه رکيل هو، جيڪو اُهي هفتي ۾ ٻه ڀيرا بدلائيندا هئا. هن سڄو سيارو سيمينٽ جي فرش تي هڪ سُئيٽر سان، هنڌ ۾ سَوڙ ڪانسواءِ سُمهي گذاريو ۽ ذري گهٽ نمونيا ۾ مرڻ واري هئي. پوءِ نيٺ جڏهن هن کي گهر ۾ نظربند ڪيو ويو، تڏهن هوءَ نه هلي سگهي پئي، ۽ نه ئي ڳالهائي سگهي ٿي.
ظلم ۽ ڏاڍ جي اُن نئين حملي دؤران مارگريٽ ٿيچر ملڪ ۾ آئي. ٻه ورهيه اڳ اخبارن ۾ بي بي سيءَ جي هڪ رپورٽ ڇپي هئي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو، ته بابا جي موت واري سزا جي معافيءَ لاءِ سڄي دنيا ضياءَ کي اپيلون ڪيون هيون، جيڪي هن رد ڪيون هيون. تنهنڪري اهو سوچي به نه پيو سگهجي، ته مغرب جي ڪنهن حڪومت جو اڳواڻ پاڪستان جي دؤري تي ويندو. پر افغانستان تي سوويت روس جي حملي، مغرب جا اهي سڀئي شرط رد ڪري ڇڏيا هئا. هاڻي اُٿلندو بي بي سيءَ جي رپورٽ مطابق برطانيا، ضياءَ جي نيڪناميءَ لاءِ هر ڪا ڪوشش پئي ڪئي. البت اها ڳالهه اطمينان واري هئي، ته دنيا جي اخبارن اُن حقيقت کي سمجهي ورتو هو،ته ضياءَ اڃا تائين اڳي جيان بيشرم قاتل هو،جيڪو رُڳو ٻاهرين طاقتن جي مدد سان پنهنجي عهدي کي چنبڙيل هو. پوءِ به اخبارن ۾ اهو پڙهي صدمو پهتو هو، ته افغان پناهگيرن جي ڪئمپن کي ڏسڻ کان پوءِ مارگريٽ ٿيچر، ضياءَ کي سَند ڏيندي اعلان ڪيو هو ته ”هو آزاد دنيا جو آخري بُرج آهي.“

ريگن انتظاميا آمريڪي امداد جي بحاليءَ لاءِ ڪانگريس ۾ پاڪستان جي سياسي صورتحال کي جنهن نموني بگاڙي سامهون آڻڻ جي مُهم پئي هلائي، تنهن بابت خبرون پڙهي منهنجي مايوسي ويتر وڌي وئي هئي. ”ٿي سگهيو ٿي ته ڀٽو جي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ اُن (امداد) جي مخالف ڪري ها، پر اڪثر عام ماڻهو اُن جو مخالف ڪانهي، ڇو ته هنن سمجهيو آهي، ته مُدي خارج هٿيارن سبب پاڪستان جي سلامتيءَ کي وڏو جوکو آهي.“ پاڪستان لاءِ نامزد سفير رونالڊ اسپيئرس سيپٽمبر ۾ سينيٽ فارين رليشنز ڪميٽيءَ اڳيان تصديق ڪندي ٻڌايو هو. هن جو اهو چوڻ بلڪل غلط هو، ڇو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ”اڪثر عام ماڻهن“ جي اڪيلي نمائنده جماعت هئي، ٻيو ته اسين رڳو ٻاهرين امداد جا نه اڳ مخالف هئاسين ۽ نه هاڻي آهيون. پر اسين رُڳو اُن امداد خلاف آهيون. جنهن جو مقصد اهو آهي ته پاڪستان تي فوجي قبضو قائم هجي. پوءِ به اها دليل بازي اونڌي ٿيندي رهي. انڊر سيڪريٽري آف اسٽيٽ جيمس بيوڪلي، جنهن جي ذمي امداد جو انتظام هو، تنهن پڻ تصديق ڪئي ته چوندون ”پاڪستان جي سلامتيءَ جي مفاد ۾“ ڪونهن، جڻ اسين جمهوري پارٽيءَ وارا هڪ آمر کان به وڌيڪ دشمن آهيون!

تڏهن مونکي اها ڄاڻ نه هئي، ته انهن بيانن پنيان ڪجهه آمريڪي سياستدانن، مسٽر بيوڪلي جي خيالن جي ماٺ ميٺ ۾ مخالفت پئي ڪئي. پيٽر گلئبريٿ اُن پختي ارادي سان واشنگٽن واپس ويو هو، ته هو اتي پاڪستان ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو معاملو ڪڍندو ۽ منهنجي آزادي لاءِ ڪوشش ڪندو. سينيٽر پيل سان گڏ ڪم ڪندي پيٽر صاف سُٺري حڪمت عملي جوڙي. جڏهن به آمريڪي سينيٽ ۾ پاڪستان جو سوال تي اُٿيو، تڏهن اُن سان گڏ انساني حقن ۽ منهنجي نظربندي به بحث هيٺ ٿي آئي. آمريڪي انتظاميا ۽ ضياءَ جي آمريت کي اهڙو وجهه ئي ڪونه ڏيٺو هو، ته اهي پاڪستان ۾ سياسي قيدين کي وساري ڇڏين. نيٺ هنن کي اها اميد نظر آئي، ته حڪومت تي دٻاءُ وجهي ڪيس لاچار ڪيو وڃي، ته اُها منهنجي ۽ ٻين قيدين جي بيواجبي نظربنديءَ جي معاملي بابت تڪرار هلڻ بجاءِ آزاديءَ جو سولو فيصلو ڪري.

مونکي اهو بعد ۾ پڙهڻ جو وجهه مليو هو ته سينيٽر پيل، جيڪو پاڪستان جي بحال ڪيل امداد جو مخالف هو، ڪيئن نه پنهنجي اُن حڪمت عمليءَ تي عمل ڪرايو هو. ”ضياءَ جي حڪومت کي آمريڪي امداد جي نهايت نمايان علامت ايف 16 آهي.“ ’انڊيا ٽوڊي‘ جي رپورٽ مطابق سينيٽر پيل، انڊر سيڪريٽري آف اسٽيٽس بيوڪلي کي چيو. ”ايمنسٽي انٽرنيشنل کي پڪو آهي ته پاڪستان ۾ انساني حقن جي پائمالي حدون اورانگهي وئي آهي. ڇا تنهنجي ويچار ۾ هنن جو اهو چوڻ صحيح آهي؟“ جڏهن مسٽر بيوڪلي اُن جو مبهم جواب ڏنو هو، تڏهن سينيٽر پيل واضح لفظن ۾ چيو، ”ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته صدر ضياءَ ڦاهي چاڙهي قتل ڪيل اڳوڻي وزيراعظم ڀٽي جي

بيواهه ۾ نياڻيءَ سان انتقامي جنگ پيو وڙهي.“ سينيٽر هن تي حملو ڪيو. ”مونکي اچرج آهي ته انتظاميا، پاڪستان جي حڪومت وٽ پٽي عورتن جي قيد ۾ ساڻن ٿيندڙ جُنين تي ڪو آواز به اٿاريو آهي يانه ؟“ جواب ۾ اندر سيڪريٽري بيوڪلي ”خانگي حڪمت عملي“ ذريعي ڪوشش جو واعدو ڪيو، جيڪي ڪجهه به نه ڪرڻ لاءِ ڳجها لفظ آهن. پر گهٽ ۾ گهٽ سينيٽر پيل پنهنجي بيان جي سچائيءَ کي ثابت ڪيو.
نئين انتظاميا طرفان ڪيل گذارشن ۾ افغانستان بابت ڊيڪاريل ڳڻتيءَ بابت آمريڪي ڪانگريس جي روايتي لحاظ سينيٽر پيل ۾ ٻين جي اٿاريل انهن اعتراضن جي اهميت کي وڌائي ڇڏيو هو، جيڪي هنن ضياءَ جي انساني حقن جي ريڪارڊ ۾ پاڪستان جي ائٽمي پروگرام جي سلسلي ۾ ڪيا هئا. ڪانگريس جيتوڻيڪ تجويز ڪيل سموري امداد جو خاڪو منظور ڪيو هو، پر تڏهن به سينيٽر پيل پنهنجي ساٿين کي اها ڳالهه مڃائڻ ۾ سوڀارو ٿيو هو ته اهي اُن ۾ اها ترميم ضرور ڪن ته ”پاڪستان ۾ مڪمل شهري آزاديون هڪدم بحال ڪيون وڃن ۾ نمائنده حڪومت تُرت جوڙي وڃي.“ جيتوڻيڪ پيل جي اُن ترميم جو اثر عملي طرح ڪو گهٽو نه ٿيو هو، پر اها ضياءَ جي آمريت جي پيشانيءَ تي ڪارائتو ڏڪ هو.

ڪراچي سينٽرل جيل ۾ عيد آئي ۾ هلي وئي، پر مونکي آزادي نه ملي. پناڻ ميٽرن مونکي ٻڌايو ته، اُن موقعي تي جيڪي قيدي آزاد ٿيا، تن ۾ سياسي قيدي به هئا. اهو ٻُڌي مونکي خوشي ٿي ته اهي آزاد ٿي پنهنجن مائٽن سان وڃي مليا. جيل جي عملي مان ڪيترن ئي عيد جي موقعي تي مونکي مبارڪون ڏنيون. هڪ جيلر جي زال مون کان منهنجي قميص گهرائي، ته جيئن هوءَ عيد لاءِ منهنجا ڪپڙا سِبي سگهي. جڏهن ته هڪ ٻئي جيلر مون ڏانهن نياپو ڪيو، ته هو اختياري وارن تي زور وجهندو، ته منهنجي ڪوٺڙيءَ واري بلاڪ جي بجلي جلد بحال ٿئي. ”مونکي اميد آهي ته جڏهن سُنا ڏينهن ايندا، تڏهن چڱن ماڻهن کي ضرور ياد رکيو ويندو.“ مون پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو.
عيد جي موقعي تي هڪ سياسي قيديءَ کي آزاد ڪري، ٻين ڏهن ماڻهن کي گرفتار ڪيو پئي ويو. مون اخبارن ۾ پڙهيو ته شاگرد اڳواڻ لالا اسد کي جهلڻ لاءِ پوليس ڇاپا پئي هنيا. لالا اسد پارٽيءَ جو سچو حمايتي هو ۾ مون دعا پئي گهري ته شال هُو پوليس جي هٿ نه چڙهي. 1981ع ۾ منهنجي آزاد رهڻ واري عرصي جي پڇاڙيءَ ڌاري جڏهن آئون انهن شاگردن کي سَندون ڏيڻ لاءِ خيرپور وئي هيس، جن کي فوجي حڪومت خلاف احتجاج سبب قيد جون سزائون مليون هيون، ته مون لالا اسد جي پُٽ جي جنم سالگرهه ۾ وڃڻ جو بهانو ڪيو، جنهن جو نالو بابا جي نالي تي ذوالفقار هو. لالا اسد پاڻ بابا جي پُنيرائيءَ سبب به ورهيه قيد جي سزا ڪاٽي هئي. هن جو بابا اڳوڻي اولهه پاڪستان جو وزير هو، جنهن پاڪستان لاءِ محمد علي جناح سان گڏ جدوجهد ۾ حصو

ورتو هو. هن مون سان ملاقات لاءِ چيو. هو بيمار ۽ بستري داخل هو، تڏهن بہ اُهو ڪُراڙو شخص مون وٽ آيو ۽ هن مونکي منٿ ڪئي تہ آئون سندس پُٽ تي زور رکان، تہ هو سياست تان هٿ ڪڍي.

”آئون گهڻو وقت جيئرو ڪونہ رهندس.“ لالا اسد جي بابا مونکي ٻڌايو. ”جڏهن ڀٽو صاحب جيل ۾ هو، تہ مون پنهنجي پُٽ جي سياسي سرگرمين ۾ ڪڏهن بہ دخل نہ ڏنو هو. هاڻي جڏهن وزيراعظم هن دنيا ۾ ڪونهي، تڏهن آئون چاهيان ٿو تہ، منهنجو پُٽ منهنجي سارسنڀال لهي ۽ پنهنجي گهر واريءَ ۽ ٻار ڪي سنڀالي. آئون جڏهن هيءَ جهان ڇڏي وڃان، پوءِ هو تنهنجي ۽ تنهنجي پارٽيءَ جي ڪم لاءِ آزاد هوندو. پر حياتيءَ جي هنن آخري ڏينهن ۾ مونکي پنهنجي پُٽ جي گهرُج آهي.“ مون هن سان وچن ڪيو، تہ آئون لالا اسد سان ڳالهائيندس ۽ مون هن سان ڳالهايو بہ. منهنجي وڃڻ کان پوءِ اتي ڇا ٿيو هو، تنهن جي مونکي ڪابہ ڄاڻ ڪانهي، ڇو تہ هڪ مهيني کان پوءِ مونکي جهلي، سکر جيل ۾ وٺي ويا هئا. هاڻي هڪ ورهيہ پوءِ لالا اسد کي الذوالفقار جو اڳواڻ سمجهي ڳوليو پيو وڃي. آئون ڇئي نٿي سگهان، تہ اهو الزام ڪيتريقدر صحيح آهي. دهشتگردي. تشدد. ڇا انهن جو اَنت بہ ٿيندو يا نہ؟ رڳو گذريل ٽورن مهينن ۾ ٽي صدر قتل ڪيا ويا آهن: بنگلاديش جو صدر ضياءَ الرحمان، ايران جو صدر رجائي ۽ ويجهڙائي ۾ 6 آڪٽوبر تي مصر جو صدر انورالسادات. صدر سادات، هن جي خاندان ۽ سندس پرتشدد موت جو مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. ننڍي هوندي آئون هن کان اڳي صدر جمال عبدالناصر جي سخت مداح هيس. هن سوئيز جنگ ۾ انگريزي بينڪي راڄ ۽ آمريڪي حاڪميت خلاف جيڪا ويڙهہ ڪئي هئي، تنهن کان آئون ڏاڍي متاثر ٿي هيس. مونکي ناصر پربت جيڏو لڳندو هو، جنهن ماضيءَ جي متروڪ بادشاهن ۽ شهنشاهن جي مِٽيءَ مان مساوات جي نئين دنيا اَڏڻ جو واعدو ڪيو هو. مون 70 ڪلفٽن ۾ پنهنجي بابا جي لائبريريءَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي هن بابت لکيل ڪيترائي ڪتاب پڙهيا هئا، جن ۾ پاڻ سندس لکيل ڪتاب ”انقلاب جو فلسفو“ بہ هو.

آئون سادات جي ڪا گهڻي مداح نہ هيس، جيڪو پنهنجي پروسي جوڳي اڳواڻ خلاف ٿي ويو هو ۽ جنهن 1970ع ۾ مصر جي صدارت جو عهدو سنڀالڻ کان پوءِ، هن جي پاليسين کي پنتي ڌِڪي ڇڏيو هو. پر پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ سادات جي موت جي خبر پڙهي، آئون ڏکي وئي هيس. بابا جيتوڻيڪ اُن امن جو سخت مخالف هو، جيڪو سادات اسرائيل سان ڪيو هو، پر بابا جي جان بچائڻ لاءِ سادات اپيل ڪئي هئي. ايران جي شاهہ ۽ سندس ٻارن کي بہ مصر جي صدر پاڻ وٽ پناهہ ڏني هئي، جيتوڻيڪ اُن جي مخالفت بہ ٿي هئي. ۽ جڏهن شاهہ ڪينسر جي بيماريءَ ۾ مُئو هو، تہ سادات هن کي دفنائڻ لاءِ سرڪاري طرح حڪم ڏنو هو. دنياداريءَ جي سياست ۾ اهڙي روحاني

درياڊليءَ ورلي نظر ايندي. هن سياسي اختلافن ۽ تڪرارن کان تنائيندي اهو ئي ڪيو، جيڪو هن جي خيال ۾ صحيح هو. هاڻي هو به هن دنيا مان هليو ويو هو.
مونکي مايوسي وڪوڙي وئي هئي. هر رات آئون جڏهن پَرت پرڻ ويهندي هيس، ته مونکي مٿي ۾ سخت سُور ٿيندو هو. 21 نومبر جي رات جو منهنجي پاءُ شاهه جي جنم تاريخ تي، اوچتو منهنجي نڙي گهٽجي وئي ۽ اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. آئون اُٿي وڃي هنڌ تي ليٽيس پر پنهنجا ڳوڙها جهلي نه سگهيس، جيڪي اکين مان لاڙُون ٿي وهڻ لڳا هئا. منهنجا ڀائر ڪٿي هئا؟ اهي ڪهڙي حال ۾ هئا؟ عيد کان ٿُرت پوءِ مير ۽ شاهه ٻنهي ڄڻن ڪابل ۾ ٻن افغان ڀينرن — فوزيا ۽ ريحانا سان شادي ڪئي هئي، جيڪي اتي جي ڪنهن اڳوڻي سرڪاري ملازم جون ڌيئرون هيون. هنن بابت اسان ڪي رڳو ايتري ڄاڻ هئي. آئون ڏاڍو خوش ٿيس ته انهن ڏکين ڏينهن ۾ منهنجن ڀائرن کي پيار، همدردي ۽ جذباتي سُڪون جو ڪو وسيلو ملي ويو هو. پوءِ آئون ايترو ملول ڇو هيس؟
آئون اڌ جاڳ ۽ اڌ ننڊ جي حالت ۾ پئي هيس. مون سَپنو ڏٺو ته مير ڳجهيءَ طرح پاڪستان ۾ آيو آهي. هو افغانستان مان نڪري، جابلو لَڪن مان هلي، سنڌو درياءَ جهاڳي آيو آهي ۽ 70 ڪلفٽن ۾ هڪ ڪَٻٽ ۾ لڪو پيو آهي. فوج گهر تي ڇاپو هڻي ٿي. فوج جيئن ڪَٻٽ کولي ٿي ۽ ڪيس ڏسي ٿي، ته اوڏيءَ مهل منهنجي اک کُلي ٿي وڃي.
مون غلط شڪار جو سَپنو ڏٺو هو. ٻيءَ صبح جو مون پڙهيو، ته پوليس گولي هڻي لالااسد کي ماري ڇڏيو. منهنجي مٿي ۾ سُور گهٽو وڌي ويو. اخبار جي رپورٽ مطابق ڪراچيءَ جي فيڊرل بي ايريا ۾، لالا اسد پوليس سان چڪريءَ ۾، هڪ سپاهيءَ کي گولي هڻي مارڻ کان پوءِ، پاڻ به پوليس جي گولين جو کاڄ بڻجي ويو هو. ڪيترن ئي مهينن تائين مونکي اصل سچائيءَ جو پتو نه پيو. حقيقت ۾ لالا اسد اُن وقت هٿين خالي هو. سپاهي هڪ ٻئي سپاهيءَ جي گولي لڳڻ سبب مُئو هو. لالا اسد جڏهن اُن حملي مان پاڻ بچائي نڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي ته، هن کي بيرحميءَ سان گولي هڻي ماريو ويو هو.
لالا اسد به مري ويو. هاڻي هن جو رَتُ به جنرل ضياءَ جيورديءَ تي هو. لالا اسد جو والد ڇا سوچيندو هوندو. پنهنجي حياتيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾، پُٽ کي پنهنجي سارسنڀال لهندي ڏسڻ بدران هاڻي هو هن جي لاش کي ڏسندو. اهو ظلم نيٺ ڪڏهن ختم ٿيندو؟
”سڄي ملڪ ۾ الذوالفقار جي دهشتگردن جون گرفتاريون ٿين پيون ۽ پوليس هزارين ماڻهن کي جهليو آهي.“ 26 نومبر جي اخبار ۾ خبر ڇپي. سڄي ملڪ ۾ پوليس گهرن، نوجوانن جي هاسٽلن ۽ هوائي اڏن جي نظرداريءَ پئي ڪئي. ڪراچيءَ مان ٻاهر ويندڙ سڀني رستن جي خاص هنڌن تي جهڙتيون ورتيون پئي ويون. اخبارن مطابق پوليس ڪارن جي درين تي لڳل ڪارن شيشن مان اندر ڏسڻ لاءِ خاص دوربينون پئي ڪتب

آنديون. پوليس ميڪ اپ ڪندڙ آرٽسٽن سان بہ لاڳاپي ۾ هئي تہ جيئن ”روپوش ٿيندڙ“ ماڻهن کي ويس بدلائڻ کان روڪي سگهي.
منهنجي ڳڻتي ويتر وڌي وئي هئي. لالا اسد جي موت جي ڏک مون کي ويڳاڻو ڪيو هو. مون دعا گهُري تہ هو مونکي انهن ڏَڙکن جي معافي ڏئي، جيڪي مون ڪيس ڪيترائي ڀيرا ڏنا هئا. 70 ڪلفٽن ۾ هن ۽ ٻين شاگرد اڳواڻن جون تصويرون رکڻ سبب مون سخت پيڙا پاتي ٿي. اُهي تصويرون گهر تي آخري ڇاپي هڻڻ وقت پوليس کڻي وئي هئي ڇا هنن انهن تصويرن ذريعي ڪيس سُڃاتو هو؟
مون پنهنجن هٿن پنيان، اکين توڙي ڳلن چوڌاري ۽ پيشانيءَ تي ڇاريءَ جهڙيون ليڪون ڏٺيون. مون سوچيو تہ اهي سڪر ۾ گرم خشڪ موسم ۽ هوائن سبب ٿيون آهن، پر لڳو ٿي تہ اهي لِيڪون سدائين رهنديون. آئون تيزيءَ سان وڏي ڄمار جي پئي ٿيس.
11 ڊسمبر تي، جنهن ڏينهن منهنجي نظربنديءَ جو مُدو پورو ٿيڻو هو، مون پاڻ کي ڪنهن نئين حڪم ملڻ لاءِ تيار ڪيو. مونکي ڄاڻ هئي، تہ پوليس جي وٽ پڪڙ کان پوءِ مونکي آزاد ڪونہ ڪيو ويندو. منهنجي ماني هڪ ڪلاڪ اڳ ۾ ئي پهچي وئي هئي ۽ گڏوگڏ منهنجي نظربنديءَ جو حڪم بہ اچي ويو هو. پر پتو پيو تي تہ سينيٽر پيل جو نياپو بہ پاڪستان ۾ پهچي ويو هو. بہ هفتا پوءِ هڪ ٽيهريءَ جو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ اوچتو مون وٽ آيو. ”پنهنجو سامان ٻڌي تيار ڪر.“ هن ايندي شرط چيو. ”توکي پوليس جي نظرداريءَ ۾ سياڻي صبح جو پوڻين ڇهين وڳين لاڙڪاڻي وٺي ويندا.“
اُن ڏينهن موڪلائڻ وقت ميٽرن روئي ڏنو هو. پناڻ ميٽرن روئيندي، مونکان معافي ورتي هئي تہ متان سنڌيس بيوقوفيءَ سبب مونکي ڪو ڏک پهتو هجي. اهو ڏسي مون پاڻ بہ روئي، جيتوڻيڪ مون چاهيو هو ۽ سوچيو هو تہ مونکي هتان ڪڍي، وڃي گهر ۾ نظربند ڪندا، پر ڪراچي سينٽرل جيل ۾ وڃايل ڳُجهي ڄار مان نڪرڻ سبب مونکي اوچتو ڏکڻي وٺي وئي. اتي جا همدرد جيلر ورلي ’انٽرنيشنل هيرالڊ‘، ’ٽريبون‘، ’ٽائيم‘ يا ’نيوزويڪ‘ جا پرچا مون ڏانهن موڪلڻ جي اجازت ڏيندا هئا، جيڪي آئون ڏاڍي چاهہ سان پڙهندي هئس. ڪراچي ۾ آئون پنهنجيءَ ماءُ ۽ ڀيڻ جي ڀرِ ويجهو هيس. هاڻي المرتضيٰ جي ڳُوناٺي اڪيلائي ۾ آئون هنن سڀني کان پري هونديس.
27 ڊسمبر 1981ع تي پرهہ ڦٽيءَ جو ئي پوليس مونکي وٺڻ لاءِ آئي. مون پنهنجي پوائتي ۽ گهِميل ڪوٺڙيءَ تي پڇاڙڪي نِهار وڌي. اها ڇڏڻ تي مونکي نراسائي ڇو ٿي هئي؟ پر آئون بلڪل ايئن ملول هيس. نظربنديءَ جا سالَ بہ پنهنجو اثر ڇڏين ٿا. آئون ڪنهن اَڄاتل اثر کان ڊڄي وئي هيس.

# اڪيلائي جا ڀيا ڀه ورهيه نندي جيل ۾

سُجاڻپ. سُڪون. گهر. اُن سچائيءَ کي هڪ طرف رکندي ته ڪمپائونڊ اندر هڪ پيرو وري فرنٽيئر فورسز جا سپاهي چوڪسي لاءِ مقرر ڪيل هئا ۽ منهنجي نظربنديءَ جي چوڪسيءَ لاءِ جيل جو ٿورو عملو روزانو المرتضيٰ ۾ ايندو هو، مونکي پنهنجي ظاهري سياڳائيءَ تي ڏاڍو سُڪون ٿيو. مارشل لا اختياريءَ وارن مونکي ٻڌايو هو، ته ڪجهه گهريلو ملازمن کي ڏينهن جو المرتضيٰ ۾ اچڻ جي اجازت ڏني ويندي. آئون ٽيليفون ڪَتب آڻي سگهنديس ۽ وڌي ڳالهه ته هر ٻن هفتن ۾ تي ماڻهو مون سان ملاقات ڪري سگهندا. اڪيلائپ جي قيد ۾ اٽڪل ڏهه مهينا رهڻ کان پوءِ اهي رعايتون ڪنهن شاندار هوٽل ۾ رهڻ جهڙيون هيون. مون گهر ۾ اُها پهرينءَ رات، گرم پاڻيءَ سان گهڻو وقت وهنجندي ۽ هٿن پيرن جا نُنهن لاهيندي ملهائي.
پر مون اُن ۾ ٿوري ٽَڪڙ ڪئي هئي. مونکي ٽيليفون تي رڳو پنهنجن مائٽن سان ڳالهائڻ جي اجازت ملي هئي ۽ سياسي مامرن تي ڳالهائڻ جي اجازت نه هئي. فون اڪثر بند هوندو هو. منهنجو فون اڪثر ڪٽيو ويندو هو يا اهو مورڳو بند ٿي ويندو هو. مونکي پوءِ ڄاڻ پئي ته ائين ڇو ٿيندو هو: فون جون تارون چوڌيواريءَ کان ٻاهر ٺاهيل فوجي چونڪي سان ڳنڍيل هونديون هيون.
هر ٻن هفتن ۾ ٽن مهمانن سان ملاقات واري ڳالهه به ڪُوڙ هئي. اجازت واريءَ فهرست ۾ رُڳو امان، چاچي مانا ۽ صنم جا نالا هئا. اُهي سڀيئي ڪراچي ۾ رهنديون هيون، جتان هوائي سفر ۾ ڪلاڪ کان به وڌيڪ وقت لڳندو هو ۽ سنڌ اندر هوائي سفر جي مناسب سهوليتن نه هجڻ سبب اُهو سفر ويتر وڌيڪ ڏکيو ٿي پوندو هو. صنم جنهن کي هاڻي پنهنجي مُڙس جي خدمت ۽ گهر جي سنڀال ڪرڻي هئي، رُڳو هڪ يا به ڀيرا آئي هئي. بيمار امان به ورلي ملاقات لاءِ آئي هئي. لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه سياسي ڄاڻو سڃاڻو هئا، جيڪي سولائيءَ سان مون سان ملاقات ڪري پئي سگهيا، پر جيل اختياريءَ وارن کي اها ڳالهه پسند نه هئي. حقيقت ۾ آئون وري اڪيلائپ جي قيد ۾ موٽي آئي هيس. جيل جي عملي مان ته ڪير ايندو ئي ڪونه هو، پر جڏهن ڪو ملاقات بعد هليو ويندو هو، تڏهن ڳالهائڻ سبب مونکي ڄاڙين ۾ سُور ٿي پوندو هو. اُن اُپار ماٺار ۾ ڪنهن ٻئي سبب نه، تڏهن به رڳو انساني آواز ٻُڌڻ لاءِ مونکي پنهنجي پاڻ سان ڳالهائڻ کپندو هو، پر منهنجو اوڏانهن ڌيان ئي ڪونه ويو هو.
هر ٽن مهينن کان پوءِ نظربنديءَ جا نوان حڪمناما باقاعدگيءَ سان ايندا هئا. هاڻي ته مونکي اُهي لفظ ياد ٿي ويا آهن: ”جيئن ته ڊپٽي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي خيال ۾

مس بينظير ڀٽي کي اُن مقصد جي ھاجو رسائيندڙ قدم کڻڻ کان روڪڻ لاءِ. جنھن لاءِ مارشل لا لاڳو ڪيو ويو آھي، يا پاڪستان جي سلامتي، عوام جي امن يا مفاد يا مارشل لا جي اثرائتي انتظام کي ڪو جوکو ٿئي، تنھنڪري اھو ضروري آھي تہ ڄاڻايل مس بينظير ڀٽو کي نظربند رکيو وڃي...“

وقت اڳي کان بہ وڌيڪ ڳؤرو ٿي ويو ھو. اُتي پڙھڻ لاءِ صبح جو ڇپيل اخبارون نہ ھيون، ۽ نہ ئي ’انٽرنيشنل ھيرالڊ ٽريبيون‘ ھئي. عربي ٻولي سِکڻ وارن پروگرامن، سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ ضياءَ جي خبرن، حڪومت جي سياسي سرگرمين بابت ذھن کي اجايو متاثر ڪندڙ دستاويزي پروگرامن ۽ ڪجھ اڌ ڪلاڪ جي ناٽڪن کانسواءِ ٽيليويزن تي ٻيا ڪي پروگرام ئي ڪونہ ھوندا ھئا. تنھنڪري مونکي ڇتاءُ ٿيندو ھو ۽ پوءِ آئون ڪيتري وقت تائين پاڻ کي جَڪ ڪائيندي رھندي ھيس. تون الله جي ناشڪري نہ ڪر، آئون وري پاڻ کي ڇتائيندي ھيس، تو وٽ تنھنجو گھر آھي. تو وٽ کاڌو ۽ ڪپڙو آھي. تون انھن سڀني لاءِ سوچ، جيڪي انھن نعمتن کان وانجھيل آھن. منھنجون چاھنائون، گھڙيال جي لُڏڻي جيان پئي لُڏيون.

وقت گذارڻ لاءِ آئون کاڌو رڌڻ سِکيس ۽ امان رڌ پچاءَ جا جيڪي پُراڻا ڪتاب رڌڻي ۾ ڇڏي وئي ھئي، تن ۾ لکيل ترڪيبن مطابق آئون کاڌو رڌيندي ھيس. چلھا پوريءَ طرح سان ڪم نہ ڪندا ھئا ۽ ٿانوَ بہ ٿورا ھئا. بيدن کي ڦيھڻ لاءِ ڪو ٿانوَ ڪونہ ھو. آئون کاڌي ۾ ڪَڙھي، ڀت، دال يعني جيڪو بہ رڌيندي ھيس، سا ڄڻ ننڍڙي سوپُ ھوندي ھئي. ڀيندين ۽ مرچن وانگر جيڪي ٿي ورھيہ اڳ المرتضيٰ ۾ نظربنديءَ وقت امان پوکي اپايون ھيون، آئون جيڪو کاڌو ٺاھيندي ھيس سا اُن جي خاص اھميت ٿيندي وئي. آئون پنھنجي رڌيل ڀَت جي پيالي ڏانھن ڏسندي ھيس ۽ مونکي اُن ۾ ثبوت نظر ايندو ھو تہ آئون موجود ھيس. مون اھو کائڻ جوڳو رَڌيو ھو. آئون کاڌو رڌيان ٿي، تنھنڪري آئون آھيان.

مونکي امان جي لاڳيتي ڳڻتي ھوندي ھئي. چار مھينا ٿي ويا ھئا جو ھن ڪراچي سينٽرل جيل ۾ مون سان ملاقات ڪندي مونکي ٻڌايو ھو تہ، سنديس ڊاڪٽر کي شڪ ھو، تہ کيس ڦڦڙن جو ڪينسر آھي. جيڪڏھن کيس سچ پچ ڪينسر ھو، تہ پوءِ وقت ھن جي ھٿان نِڪرندو پئي ويو. ڦڦڙن جي ڪينسر جي ڪَچيءَ ۾ سڃاڻپ ۽ علاج سبب اُن کي روڪي سگھجي ٿو. جيڪڏھن اُن جو علاج نہ ڪجي، تہ مريض جلدي مري وڃي ٿو. وڌيڪ تشخيصي آزمائشن لاءِ ڊاڪٽر ھن کي غذائون کارائڻ لڳو، تہ جيئن سندس جسم طاقتور ٿئي. آخري آزمائشون وڌيڪ قطعي ھيون. ڊاڪٽرن جي راءِ ھئي تہ سنديس کاٻي ڦڦڙ وارو داغ وڌيڪ جوکائتو ھو. ھنن حڪومت کي رپورٽ ڏني، تہ ھن جو پاڪستان ۾ علاج ٿي ڪونہ سگھندو. پوءِ بہ امان جي اُن درخواست تي ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو ويو. جنھن ۾ ھن پاسپورٽ واپس ڏيڻ لاءِ لکيو ھو تہ جيئن ھوءَ علاج ڪرائڻ لاءِ

پرڏيهه وڃي سگهي. فواهه اهو هو تہ وزارت داخلا لاچار هئي، ڇو تہ امان جو فائيل ضياءَ پاڻ سان گڏ بيجنگ کڻي ويو هو.
هڪ مهينو گذري ويو، پر حڪومت امان کي پاڪستان مان ٻاهر وڃڻ جي اجازت نہ ڏني. پوءِ هڪ ٻيو مهينو بہ لنگهي ويو. ڪابہ اميد نہ ڏسي امان جي ڊاڪٽرن ڪراچيءَ ۾ هن جو ڪيميائي علاج شروع ڪيو. جڏهن امان مونکي فون تي پهريون ڀيرو اها ڄاڻ ڏنائي تہ پوءِ ڪيترائي فون ڪيا تہ منهنجي مايوسي ڪاوڙ ۾ بدلجي وئي. هن اقرار ڪيو تہ سنڌيس وار ڇڻيا پئيءَ وزن گهٽ ٿيندو پئي ويو ۽ مون سان ملاقات نہ ڪرڻ لاءِ هن افسوس ڏيکاريو. هن وٽ نہ رهڻ ۽ سنڌس ڪا مدد نہ ڪرڻ سبب مون پاڻ کي ڏاڍو لاچار پاتئيو هو.
اخبارن تي بندش هوندي بہ سنڌيس اُن ڏکائتي حالت جون خبرون ملڪ ۾ پکڙجي ويون هيون. ”امان کي عوام ڪونہ وساريو آهي.“ صنم مونکي ٽيليفون تي خاطري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ”هن جي صحت لاءِ ماڻهو لاڳيتو پڇندا رهن ٿا. لڳي ٿو تہ سفارتخانن جي دعوتن ۽ ڪافي پارٽين ۾، بس اسٽاپن تي ۽ سينيمائن ۾ ڪچهريءَ جو اهو مُک موضوع آهي.“
”ضياءَ هن کي نيٺ ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏيندو.“ مون پروسي سان ڇيو ۽ پاڻ کي پڪ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن ضياءَ تي زور وڌي ويو، تڏهن بہ هن امان کي اجازت نہ ڏني. اُن بدران ٽي مهينا اڳ ڊاڪٽرن جي رپورٽ ڏيڻ کان پوءِ بہ ضياءَ فيڊرل ميڊيڪل بورڊ جوڙيو تہ جيئن ڄاڻ پئجي سگهي تہ هوءَ واقعي ايتري بيمار آهي، جو هن جو ملڪ کان ٻاهر علاج ٿئي.
فيڊرل ميڊيڪل بورڊ. هڪ ننڍڙو فرق. ايوب خان جي زماني کان جڏهن ملڪ مان ٻاهر وڃڻ تي بندش پيل هئي، پاڪستان جي شهرين کي پاسپورٽ وٺڻ لاءِ ڪنهن بہ ميڊيڪل بورڊ جي سفارش جي گهرُج نہ هوندي هئي. بابا جي حڪومت ۾ پاسپورٽ جو حق هر پاڪستانيءَ جو بنيادي حق ٿيو هو، ۽ ڪيس آزادي سان سفر جي اجازت هوندي هئي. ضياءَ حڪومت جا ڪم ڪندڙ ماڻهو تہ ننڍڙين بيمارين جي علاج لاءِ، جيڪو پاڪستان ۾ ممڪن هوندو هو، سرڪاري خرچ تي ٻاهر ويندا هئا. پر ضياءَ پنهنجن سياسي مخالفن لاءِ ميڊيڪل بورڊ جوڙيو هو. هاڻي هن اهو اُن ڪري ڪيو، تہ جيئن امان کي علاج لاءِ ٻاهر وڃڻ ۾ دير ٿئي.
نيٺ جڏهن بورڊ جي گڏجاڻي ٿي، تہ اُن ۾ رڳو ضياءَ جا ماڻهو هئا. بابا جي موت جي سزا کي برقرار رکڻ لاءِ جيئن سپريم ڪورٽ جي ججن جو تعداد گهٽايو ويو هو، تيئن ٽن ڊاڪٽرن بدران ميڊيڪل بورڊ ۾ سَت ڊاڪٽر رکيا ويا تہ جيئن ضياءَ جي مطلب واري فيصلي ٿيڻ جي خاطري ٿي سگهي. اهي ست ئي ڊاڪٽر سرڪاري ملازم هئا. بورڊ جو اڳواڻ هڪ ميجر جنرل هو.

”مونکي لڳي ٿو ته بيگم صاحبہ چڱي ڀلي آهي.“ بورڊ جي پهرئين گڏجاڻي کان پوءِ اُن جنرل لاپرواهيءَ سان چيو. اُن بورڊ جي ٻين ميمبرن گهُر ڪئي، ته امان جي ڦڦڙن جا ٻيا چوڏهن ايڪسري ٽيڻ گهرجن ۽ رَتُ جي ٻيهر تپاس ٿئي. اهو ڪم ايڏو ته ٿڪائيندڙ هو، جو هن کي بخار ٿي پيو. بلغم ۾ رَتُ اچڻ لڳو ۽ پڇاڙيءَ ۾ هوءَ بيهوش ٿي وئي. جيتوڻيڪ انهن آزمائشن مان ڄاڻ پئي، ته هن جي ڦڦڙ جو داغ وڏي ويو هو ۽ هيموگلوبن گهٽجي ويو هو. بورڊ جي اڳواڻ صلاح ڏني ته هن جي ساهہ کڻڻ وارين نلين جي ٻيهر تپاس ٿئي. اها نہ رڳو اجائي هئي پر خطرناڪ پڻ. ڪراچيءَ ۾ امان جو ڊاڪٽر، ڊاڪٽر سعيد، جيڪو بورڊ جو ميمبر هو، سخت ڪاوڙجي پيو ۽ هن بورڊ جي فيصلي جي تصديق کان انڪار ڪيو. هن جي پنيرائي بيهوش ڪرڻ واري ڊاڪٽر ڪئي، جنهن اُن ڳالهہ تي زور ڏنو، ته هن جي ڦڦڙ ۾ نليءَ جي داخلا کان پهرين ڪيس بيهوشيءَ جي جيڪا ضروري دوا ڏبي، سا هوءَ سَهي نہ سگهندي.

مون المرتضيٰ ۾ امان لاءِ دعائون گهريون. آئون ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهيس؟ پر ملڪ ۾ اُن ڳڻتي عوام کي ڪنهن قدم کڻڻ لاءِ اڀارڻ شروع ڪيو، ته حقيقت ۾ ضياءَ امان کي مارڻ ٿي گهريو. ”اسين ڀٽي صاحب کي بچائي نہ سگهياسين.“ عوام پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون، ”پر جڏهن بيگم صاحبا جهُرندي پئي وڃي، تڏهن اسان کي هرگز موڳو ٿي ويهڻ نہ گهرجي.“ حڪومت طرفان امان سان اهڙي سختي ٿيندي ڏسي، نہ رڳو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ پر فوجين جي خاندانن ۽ ضياءَ جي نوڪر شاهيءَ جي مٿئين طبقي ۾ بہ ڪِروڌ جي لهر ڊوڙي وئي هئي.

”خيال ته ڪر ڇا ٿيو آهي! سنڌ جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي زال ۽ ڀيڻ، عورتن جي اُن احتجاجي جلوس ۾ حصو ورتو آهي، جيڪو چاچيءَ جي زندگي بچائڻ لاءِ ڪڍيو ويو هو. ”فخري ڏاڍي جوش سان ٽيليفون تي چيو.

”ڇا پوليس هنن کي گرفتار ڪيو؟“ مون کان بلڪل رڙ نڪري وئي، ڇو ته مونکي ويساهہ ڪونہ پئي آيو. جنرل ضياءَ کان پوءِ چار صوبائي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ملڪ جا سڀني کان وڌيڪ طاقتور هئا.

”پوليس کي همت ئي ڪانہ ٿي. هنن جي اچڻ تي سڀئي احتجاجي عورتون مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي گهر ۾ گهڙي ويون ۽ اُن جا دروازا بند ڪري ڇڏيا،“ فخري ٻڌايو.

مونکي پوءِ ڄاڻ ملي هئي ته امان جي اُن سخت تڪليف سبب ملڪ کان ٻاهر بہ احتجاج ٿيو هو. انگلينڊ ۾ منهنجن آڪسفورڊ جي پراڻن ساٿين ڊاڪٽر نيازي، امينا پراچا ۽ انساني حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ ٻين ماڻهن سان گڏجي ”ڀٽو عورتن کي بچايو“ نالي سان هڪ مهم ۾ حصو ورتو هو. هنن پهرين امان کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش تي ڌيان ڏنو ۽ هائوس آف لارڊ جي هڪ ميمبر لارڊ ايوبري جي مدد سان پارليامينٽ ۾ اهو سوال اٿاريو. اُن سبب پارليامينٽ جي ٻن ميمبرن جون ليسٽر ۽ جوناٿن ايٽڪن هڪدم

هائوس آف ڪامنس ۾ هڪ تڪڙي رٽ پيش ڪئي. ”بيگم ڀٽو جو طبي علاج: هيءُ ايوان پاڪستان جي حڪومت تي زور رکي ٿو ته بيگم ڀٽو کي اجازت ڏني وڃي، ته هوءَ پرڏيهه ۾ وڃي ڪينسر جو علاج ڪرائي، جنهن جي هوءَ مريض آهي.“ 4 نومبر تي لارڊ ايويوري هائوس آف لارڊس ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ڪئي، جنهن ۾ هڪ برطانوي ڊاڪٽر امان جي نازڪ حالت تي روشني وڌي.

آمريڪي حڪومت جي ميمبرن پڻ امان جي حق ۾ آواز اٿاريو هو. ٻاهرين ملڪن سان لاڳاپن جي سينيٽ ڪميٽي جي ميمبر سينيٽر جان گلن، واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفير اعجاز عظيم کي 8 نومبر تي لکيو: ”پيارا محترم سفير، ٻه مهينا اڳ اڳوڻي وزيراعظم جي بيواهه بيگم نصرت ڀٽو ڦڦڙ جي تڪليف جي علاج لاءِ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جي اجازت گهري هئي ... آئون انساني بنيادن تي اوهان جي حڪومت تي زور رکندس، ته بيگم ڀٽو جي درخواست کي مڃڻ ۾ دير نه ڪئي وڃي. اهڙي تڪڙي منظوريءَ کي هتي رحمدليءَ جو عمل ليکيو ويندو ۽ اُن سبب اسان جن ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا.“

پر مغربي ملڪن جي حڪومتن طرفان رحمدليءَ جي اٿاريل حجتن کان لنوائڻ جي ڄڻ ضياءَ ۾ عادت پئجي وئي هئي. ڏکڻ اوڀر ايشيا جي دؤري تي هوندي، ڪيس پورو پروسو هو ته بورڊ سندس مرضيءَ مطابق ئي فيصلو ڏيندو. ”بيگم ڀٽو کي ڪابه تڪليف ڪانهي.“ اخبارن ۾ ضياءَ جي اُن بيان جو حوالو ڇپيو، جيڪو هن ڪئالالمپور ۾ 11 نومبر تي ڏنو هو. اُن ڏينهن بورڊ جي آخري گڏجاڻي ٿيڻي هئي. ”جيڪڏهن هوءَ گهمڻ ڦرڻ ۽ سير لاءِ ٻاهر وڃڻ گهري ٿي، ته پوءِ هوءَ اُن لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿي ۽ آئون اُن بابت ويچاريندس.“

پر جنرل ضياءَ امان جي معالج ڊاڪٽر سعيد بابت ڪونه سوچيو هو. ”آئون تنهنجي رپورٽ تي صَحي ڪونه ڪندس.“ اُن ڏينهن پوءِ جڏهن ميڊيڪل بورڊ جي گڏجاڻي ٿي، ته اُن جي اڳواڻ ميجر جنرل کي ڊاڪٽر سعيد چيو. ”هڪ ڊاڪٽر طور منهنجو ضمير مونکي اجازت نٿو ڏئي، ته آئون پنهنجي مريض جي زندگي جوکي ۾ وجهان.“

”۽ آئون به ڪونه ڪندس.“ بورڊ جي هڪ ٻئي ڊاڪٽر اُن قاعدي جي پيڪڙي ڪندي اوچتو اعلان ڪيو، جنهن مطابق فيڊرل بورڊ جا سڀئي ميمبر پنهنجي اڳواڻ جي راءِ سان سُهمت ٿين ٿا.

”نه، منهنجو ضمير به مونکي اجازت نٿو ڏئي.“ هڪ ٻئي چيو. پوءِ ٽيون ڊاڪٽر به هنن سان شامل ٿيو. ڊاڪٽرن جون وڏنڊڙ ڌمڪيون ٻُڌي ميجر جنرل اچرج ۾ پئجي ويو. هڪ ٻئي پنيان سيني اُن بيان تي صحيحون ڪيون، جيڪو ڊاڪٽر سعيد پيش ڪيو ۽ جنهن ۾ گهُر ڪئي وئي هئي، ته امان کي هڪدم پاڪستان مان وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي. ”توکي پڻ هن تي صَحي ڪرڻ گهرجي.“ ڊاڪٽر سعيد خوش ٿيندي ميجر جنرل

ڪي چيو. ”جڏهن سينئي عملدارن جي راءِ اها آهي، ته پوءِ جنرل ڪيئن انڪار ڪندو؟“ ميجر جنرل جي حيرت ويتر وڌي وئي هئي، پر پوءِ ٺُرت هن به ان بيان تي پنهنجي صَحي ڪئي. ضياءَ هڪدم هن کي فوجي ۽ غير فوجي عهدن تان هٽائي ڇڏيو.

بورڊ جي اُن اچرج ۾ وجهندڙ اعلان جي ٻئي ڏينهن حڪومت امان کي ملڪ مان ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏني. مون اها خبر اخبار ۾ پڙهي ته مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مون هڪدم اختياري وارن کي درخواست ڏني، ته هن جي وڃڻ کان اڳ مونکي ساڻس ملاقات جي اجازت ڏني وڃي. المرتضيٰ ۾ اٽڪل هڪ ورهيه قيد رهڻ کان پوءِ مونکي اوچتو پنهنجي سامان ٻَڌڻ لاءِ چيو ويو. پوليس جي ٻارهن ڪارن، ٽرڪن ۽ جيپن جو قافلو مونکي موئن جي دڙي هوائي اڏي ڏانهن وٺي هليو. اتي پوليس انهن فوٽوگرافرن جون ڪئميرائون ضبط ڪيون، جن منهنجا فوٽو پئي ڪڍيا، جيڪي ٻارهن مهينن کانپوءِ عوام ۾ پهريون ڀيرو ڏسن ها. پوليس وارا اسٽين گنون جهليو منهنجي پٺيان جهاز تائين آيا. جڏهن آئون ڪراچي پهتيس، ته هڪ ٻئي قافلي سان 70 ڪلفٽن ڏانهن وڃڻ وقت، هڪ هيلي ڪاپٽر منهنجي ڪار مٿان پئي اڏاٽو. اُهو سڀ ڪجهه اُن ڏيءَ لاءِ هو، جيڪا پنهنجي ماءُ کي الله حافظ چوڻ آئي هئي.

امان پنهنجي هنڌ تي ليٽي پئي هئي. هوءَ هئڊي ۽ هِيڊي هئي، امان، جيڪا پنهنجي ڄمار کان وڌيڪ تي لڳي. هڪ ڀيرو وري آئو ذاتي ڇڪتاڻ سبب ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيڻ لڳس. سڀ کان اهم ڳالهه منهنجي اها مرضي هئي ته هوءَ ٻاهر وڃي علاج ڪرائي، جنهن جي ڪيس تڪڙي گهُرج هئي پوءِ به مون نظربنديءَ جي سڪٽائيءَ ۾ اڪيلو رهندي ڊپ پائيو ٿي. مون پاڻ سان جهيڙو پئي ڪيو، ته آئون اڪيلائپ جي انهن سوچن بابت ڪونه سوچينديس، جيڪي سب جيل ۾ ٿيندا، ته ايتري ۾ فخري سمهڻ واري ڪمري ۾ تڪڙي تڪڙي آخري نياپو کڻي آئي ۽ وري تڪڙو اُن جو جواب به کڻي وئي. اهي نياپا ايم آر ڊيءَ جي سيڪريٽري جنرل ۽ پارٽيءَ جي ٻين ماڻهن جا هئا. ”بيگم ڀٽو جيڪڏهن هلي وئي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟“ پر امان لاءِ ٻيءَ ڪا واٽ ئي نه هئي.

”وڏي ڏک ۽ سخت طبي گهُرجن هيٺ آئون پنهنجي ملڪ ۽ عوام کان ٿوري وقت لاءِ ٻاهر وڃڻ جي اجازت گهران ٿي.“ امان پنهنجي موڪلاڻيءَ واري بيان ۾ لکيو. ”منهنجا خيال لاڳيتو اوهان سان، جدوجهد ڪندڙ عوام، بکين ۽ مظلومن، ڏتڙيلن توڙي ستايلن ۽ انهن سينئي سان هوندا، جن جي ذهن ۾ سُڌريل ۽ خوشحال پاڪستان جي سوچ آهي...“

حڪومت امان جي روانگيءَ جي تاريخن جو اخبارن ۾ غلط اعلان ڪندي رهي، ته جيئن ماڻهو اُن وقت گڏ نه ٿي سگهن. پر حڪومت جي اٽڪلن مان واقف سياڻو عوام، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا سڄڻ لاڳيتو 70 ڪلفٽن جا چڪر هڻندا رهيا ۽ امان جي

روانگيءَ جي اهڃاڻن جي ڄاڻ لهندا رهيا. اسين هنن جي نعرن جا آواز چِٽا ٻُڌي پئي سگهياسين. ”جيئي ڀٽو“ ”بيگم ڀٽو زنده باد.“
20 نومبر 1982ع جي رات مون امان کي ڳرانڙي پائي چُمي ڏني ۽ کانئس موڪلايو. مون هن کي پنهنجن پائرن لاءِ لاڪيٽ ڏنا، جن ۾ بابا جي قبر جي خاڪ رکيل هئي، ۽ پنهنجين پائٽين لاءِ جُهومڪ ڏنا، جن تي قرآني آيتون اڪريل هيون. اسين ٻئي رنيونسين، ڇو ته اسان کي ڪا ڄاڻ ئي نه هئي، ته الاءِ اڳتي اسان کي ڪهڙا ڏينهن ڏسڻا پون. ”تون پنهنجو خيال رک،“ امان مونکي چيو. اسين ٻئي 70 ڪلفٽن جي اُڪريل ڪاٺ جي اُن دروازي مان ٻاهر ويونسين، جتي تيرهن ورهيه اڳ جڏهن آئون هارورڊ پئي ويس، ته هن منهنجي مٿي تي قرآن شريف جو آڏر ڪيو هو. پوءِ هوءَ دروازي کان ٻاهر نڪتي، جتي عوام سندس اوسيئڙي ۾ بيٺو هو.

**سميعا وحيد:**
بيگم ڀٽي کي ڪار ۾ ويهاري، دوست محمد ڪار هوائي اڏي طرف هلائڻ لڳو. هن سان گڏ پُنيئين سيٽ تي صنم ۽ فخري وينيون هيون. 70 ڪلفٽن وٽان جيئن ڪار اڳتي وڌي، ته عوام جو هجوم وڌندو ويو. هن جي روانگيءَ کي حڪومت ڳجهو رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر بيگم ڀٽو اُن جي پرواهه نه ڪندي، ڪار اندر روشني ڪئي ته جيئن عوام کيس ڏسي سگهي. بيگم نيازي، امينا، منهنجي ڀيڻ سلما ۽ آئون هڪ ٻيءَ ڪار ۾ هن جي پٺيان هيونسين. هر نئين رستي وٽان وڌيڪ ڪارون اسان جي پٺيان شامل ٿينديون ويون، تان جو ساٿين جو وڏو جلوس ٺهي ويو. اسين جڏهن هوائي اڏي جي پُل جي چوٽيءَ تي پهتاسين ته مون پٺيان نهاريو. بيگم ڀٽو جي ڪار پٺيان اينڊڙ ڪارون هاءِ وي جي سڄن رستن تان پئي آيون. سامهون اينڊڙ ڪارون لاچار هڪڙي سڙڪ تان پئي ويون.
هوائي اڏي تي ته ويتر وڌيڪ ماڻهو هئا. جيئن اسانجون ڪارون ٽرمينل ڏانهن وڌيون، ته اهي ڪارن اڳيان ٻوڙڻ لڳا. مون سامهون واري شيشي مان ڪنهن ماڻهو جا اگهاڙا پير ڏنا، جيڪو اسانجي ڪار جي ڇت تي پئي چڙهيو. ”الله اوهان جو نگهبان آهي،“ هن وڏي آواز بيگم ڀٽي کي چيو. جنهن کي پارٽيءَ جي ڪارڪنن ڦيٽن واري ڪُرسيءَ تي ويهاري ٽرمينل ۾ وٺي وڃڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. نيٺ هنن اها ڪُرسي مٿي ڪنئي ۽ هجوم مان اڳتي وڌڻ لڳا. فرانس جي هوائي ڪمپنيءَ جي ماڻهن کي پڻ اُن گوڙ مان هلڻ ۾ ڏکيائي پئي ٿي. هنن پنهنجا سفري ٿيلها هڪ ٻئي کي اڇلائي پئي ڏنا. هڪ سئو والن جي اُن فاصلي جي پيهه پيهان ۾ هنن جون ورديون نِپوڙجي ويون هيون ۽ ملازم عورتن جي وارن مان ڪانٽا نڪري ويا هئا. اهڙو الوداعي نظارو اڳ

ڪڏهن به ڏسڻ ۾ ڪونه آيو هو. ماڻهن کي ڄاڻ ئي نه هئي، ته اهي پنهنجي وزيراعظم جي بيواهه ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مقبول اڳواڻ کي ٻيهر ڏسي به سگهندا يا نه.

اولهه جرمنيءَ ۾ امان جي طبي تپاس ٿي ۽ اُن مطابق علاج ٿيو. هن پاڻ اُن جو خيال رکيو ۽ خوش قسمتيءَ سان ڪينسر گهٽجڻ لڳو. اُن وچ ۾ آئون پهريدارن جي نظرداريءَ هيٺ 70 ڪلفٽن ۾ رهيس. گهر اندر جيل جا يارهن ملازم رکيل هئا. ٻاهر گهر جي چوڌاري هر ٻن فوٽن تي فرنٽيئر فورس جا سپاهي موجود هئا. گهر جي وڏي دروازي ۽ پنئين دروازي اڳيان رستن جي پرئين پاسي جاسوسَ هر شيءِ کي نظر ۾ رکيو بيٺا هئا. دشمنيءَ جو اهو گهيرو چوڏهن مهينا وڏيڪ قائم رهيو.

مون ارجنٽائن جي اخبار جي هڪ ناشر بوٽمرمئن جو لکيل ڪتاب "Prisoner without a name, Cell without a number" پڙهيو هو، جنهن ۾ هن سياسي قيديءَ طور جيل ۾ گذاريل اذيتي ورهين جا واقعا لکيا آهن. "اهو اسان جن روحن جو آئينو هو، ڏکويل اکين سان اندر جي ڳالهه اوري هئي،" مون پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو. هن جڏهن بجليءَ جي ڪرسي جو ذڪر ٿي ڪيو، ته صفحي تي پکڙيل لفظ ٽِپ ڏئي مون ڏانهن ٿي آيا. هن لکيو آهي ته جسم ٻن حصن ۾ چيرجي ويو هو، پر پوءِ به معجزو اهو هو، ته جسم جي گوشت تي ڪوبه نشان، ڪوبه داغ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. سياسي قيدين کي ڪرسيءَ جي اذيتن ڏيڻ کان پوءِ هڪ هنڌ اُڇلايو ويندو هو ۽ تندرست ٿيڻ کان پوءِ کين ٻيهر عذاب ڏنا ويندا هئا. ڇا هن ارجنٽائن جي ڳالهه ٿي ڪئي يا وري پاڪستان ۾ فوجي حڪومت جي اذيت گهرن جو ذڪر ٿي ڪيو؟

24 مارچ 1982ع تي نڪتل صدارتي حڪم نمبر 4: هاڻي فوجي عدالتن ۾ مقدما ڳجهي نموني ۾ هلي سگهندا. ڪنهن کي به اهو ٻڌائڻ جي گهُرج نه هوندي ته مقدمو ڪڏهن هلندو، ڏوهاري ڪير هوندا، مٿن ڪهڙيون تُهمتون هونديون يا کين ڪهڙي سزا ملندي. اُن خاطري لاءِ ته ڪابه ڳالهه ظاهر نه ٿئي، وڪيلن ۽ مقدمي سان واسطو رکندڙ ٻين ماڻهن لاءِ اهو ڏوهه هوندو، جيڪڏهن اهي اُن بابت ڪابه ڄاڻ پڌري ڪندا.

23 سيپٽمبر 1982ع تي نڪتل مارشل لا حڪم نمبر 54: جيڪو جمهوري حڪومت خلاف 5 جولائي 1977ع تي ٿيل بغاوت کان لاڳو سمجهيو ويو هو، هاڻي هر اُن ماڻهو لاءِ موت جي سزا هئي، جنهن ڪو اهڙو ڏوهه ٿي ڪيو، "جنهن سبب ماڻهن ۾ بدامني، ڊَپ مايوسي پکڙجڻ جو انديشو هو." موت جي سزا ڪنهن به اُن ماڻهو لاءِ پڻ مقرر ڪئي وئي هئي، جنهن کي اهڙي ڏوهه جي ڄاڻ هئي ۽ جنهن مارشل لا اختياري وارن کي اُن جي اطلاع ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي هئي. ٻيو ته هاڻي جوابدار کي ئي ڏوهاري سمجهيو ٿي ويو، جيستائين هو بيگناهه ثابت نٿي ٿيو. "فوجي عدالت ... فرض ڪري

سگهندي ته جوابدار ئي اصل ڏوهاري آهي، جيستائين اُن خيال جي ابتڙ ڪو ثبوت نٿو ملي.“ اُن قانون ۾ چيل هو.
آڪٽوبر ۾ ڪراچيءَ جي ٻن هزار وڪيلن گهُر ڪئي، ته شهري آزاديون بحال ڪيون وڃن. اُن ڪانفرنس جي انتظاميا کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪين هڪ ورهيه جي سخت پورهئي سان سزا ڏني وئي. ٻه هفتا پوءِ بابا جي وڪيلن مان هڪ وڪيل مسٽر لاکو کي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي سيڪريٽري سميت گرفتار ڪيو ويو.
ڊسمبر ۾ مون اخبارن ۾ پڙهيو، ته ضياءَ صدر ريگن ۽ ڪانگريس جي ميمبرن سان ملاقات لاءِ واشنگٽن پهچي ويو هو. رڳو اُن ڊسمبر جي مهيني اندر پاڪستان ۾ ويهن قيدين کي ڦاسيون ڏنيون ويون هيون، ڇا ڪانگريس جي ميمبرن کي پاڪستان ۾ انساني حقن جي پائمالي جي ڪا ڄاڻ هئي؟ هنن کي ڪا پرواهه ٻه هئي؟ مونکي جواب ٻين ٽن ورهين تائين ڪونه مليو هو. ضياءَ کي اميد هئي ته مغرب ۾ سندس تازي پذيرائيءَ سبب واشنگٽن جي دوري ۾ سندس ڏاڍي مشهوري ٿيندي. پر اُن بدران سينيٽ فارين رليشنز ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ هن تي زبردست تنقيد ڪئي وئي هئي. ”اتي جيڪي موجود هئا، تن جو چوڻ هو ته جنرل ڏاڍو ٽڏو ۽ پراعتماد ٿي لڳو، پر سينيٽر پيل جڏهن هن کي اهو خط ڏنو، جنهن ۾ پاڪستان جي ڪيترن ئي سياسي قيدين بابت ڪميٽيءَ جي ڳڻتي ڏيکاريل هئي، تڏهن هن جي مُنهن جو رنگ ئي لهي ويو هو.“ ’واشنگٽن پوسٽ‘ ۾ جيڪ ائنڊرسن لکيو. ”قيدين جي فهرست ۾ پهريون نالو بينظير ڀٽو جو هو.“
ان بيان مطابق سينيٽر پيل جڏهن منهنجي نظربنديءَ بابت مٿس زور رکيو، ته ضياءَ باهوڙجي پيو هو. ”سينيٽر آئون اوهان کي اهو ٻڌائي سگهان ٿو، ته هوءَ اهڙي سُٺي گهر ۾ رهي ٿي، جيڪو ڪنهن سينيٽر کي ٻه نصيب ڪونهي.“ هن نه پهه جواب ڏنو هو ۽ دعويٰ ڪئي هئي ته مون ’قانون‘ جي ڀڃڪڙي ڪئي هئي. هُن اها پڻ دعويٰ ڪئي، ته مونکي پنهنجن مائٽن ۽ دوستن سان ملڻ جي اجازت مليل هئي ۽ ”ٽيليفون ڪتب آڻڻ جي به.“
ضياءَ جون اُهي دعوائون ٻُڌي پيٽر گئلبريٿ انهن جي پرک لهڻ لاءِ 70 ڪلفٽن ٽيليفون ڪيو. هڪ مرداني آواز جواب ڏنو، جنهن کي مون سان ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو.
”تون هن سان ڳالهائي نٿو سگهين. هوءَ جيل ۾ آهي.“ اُن شخص جواب ۾ چيو.
”آئون آمريڪا جي سينيٽ مان پيو ڳالهايان.“ پيٽر همت ڪندي چيو. ”اوهان جو صدر ٿوري دير اڳ هتي هو ۽ هن اسان کي ٻڌايو ته مس ڀٽو ٽيليفون ڪَتب آڻي سگهي ٿي.“
”تون هن سان ڳالهائي نٿو سگهين. اُن لاءِ منع ٿيل آهي.“ اُن شخص سختيءَ سان چيو ۽ ٽيليفون زور سان هيٺ رکي ڇڏيائين.

مون پاڪستان جي بانيءَ جو جنم ڏينهن 25 ڊسمبر نظربنديءَ ۾ 70 ڪلفٽن ۾ گذاريو. نئين سال جي پهرئين ڏينهن ۽ پنهنجي بابا جي جنم ڏينهن تي آئون اڪيلي هيس 1983ع شروع ٿيڻ سان مون ڀانئيو، ته 1977ع کان وٺي اُڻ ورهيه تائين رُڳو هڪڙي ورهيه جي پهرئين ڏينهن تي آئون آزاد هيس. رات جو مون پنهنجا ڏند ڪُرٽڻ شروع ڪيا. صبح جو جاڳڻ وقت مونکي اڪثر لڳندو هو، ڇڻ منهنجا دوڏا سُجي پيا هجن ۽ منهنجيون آڱريون اهڙيون ته زور سان بند هونديون هيون، جو آئون کولي به نه سگهندي هيس.

"آئون الله جي سچي دل سان ٿورائتي آهيان، جنهن مونکي پنهنجين نعمتن سان نوازيو آهي." مون پنهنجي روزنامچي ۾ لکيو. منهنجو نالو عزت، شهرت ۽ زندگي، "بابا، امان، پائر، ڀيڻ، تعليم، ڳالهائڻ جي لياقت، ٻنهي ٻانهن ۽ ٽنگن جي سلامتي، اکين جي ڏِيد، ٻُڌڻ جي قوت، هر داغ ۽ ڇٽيءَ کان محفوظ ..." نعمتن جي اها فهرست ايتري ته ڊگهي ٿي وئي، جو پاڻ تي ڪهل آڻڻ جي سوچ مِٽجي وئي. ٻين سياسي قيدين جي حالت سياري جي ٿڌين ڪوٺڙين ۾ منهنجي حالت کان وڌيڪ خراب هئي.

هڪڙي ڏينهن گهرو ملازمن مان هڪڙو ڇٽو نئون اوني گلوبند وٺي آيو. هن مونکي ٻڌايو ته افغان پناهگير اُهي سستا وڪڻن پيا. مون پارٽيءَ جي هڪ ڪارڪن کي ڳجهو نياپو موڪليو ته اهڙا گلوبند نهرايو، جن جي ٻنهي پاسن کان پيپلز پارٽيءَ جي رنگن – ڳاڙهي، سائي ۽ ڪاري جا پٽا هجن. اسان اهي هزارين گلوبند جورابن ۽ سئيٽرن سميت سڄي سنڌ جي جيلن ۾ قيدين ڏانهن موڪليا.

منهنجي ڪنُ ۾ وري سُور ٿي پيو. ۽ منهنجن ڏندن، مُهارن ۽ سَنڌن ۾ به تڪليف ٿي پئي.

"تنهنجي ڪَنُ ۾ ڪا تڪليف ڪانهي. "سامونڊي فوج جي اسپتال ۾ حڪومت جي مقرر ڪيل ڪَنُ جي ڊاڪٽر مونکي ٻڌايو. ساڳئي ريت ڏندن جو ڊاڪٽر به بيڪار هو، جنهن مون کان پڇيو ته آئون کهڙي ڏند جو ايڪسري ڪرائڻ گهران ٿي. "مونکي ڄاڻ نه آهي ته اهو کهڙو ڏند آهي." مون هن کي چيو. "تون ڏندن جو ڊاڪٽر آهين، نه آئون، اهو هن هنڌ آهي."

"اسين ايڪسري وڃائڻ نٿا گهرون." هن چيو.

برطانيا جي اخبارن ۾ منهنجي صحت بابت خبرون ڇپجڻ لڳيون، جن جو جواب پاڪستاني سفارتخاني جي اطلاعاتي شعبي طرفان آيو. "هن جڏهن به ڪنهن بيماريءَ جي دانهن ڪئي آهي، تڏهن ڪيس ڪراچيءَ جي سُني اسپتال ۾ موڪليو ويو آهي." قطب الدين عزيز "گارجين" اخبارن ۾ لکيو. "گهڻن سگريٽ پيئڻ سبب هن جي مُهارن ۾ تڪليف ٿي هئي، جنهن لاءِ هن جي پسند جي ڊاڪٽر کان سندس علاج ڪرايو ويو

هو.“ حڪومت ڪيئن نه ڪُوڙ ڳالهايو؟ ڪوبه منهنجي پسند جو ڊاڪٽر نه هو ۽ نه ئي مون ڪڏهن ڪو سگريٽ پيتو هو.
آئون ڏاڍي ماندي هيس، ته ڪنهن سان ڳالهايان، ڪنهن سان لاڳاپي ۾ اچان ۽ ڪنهن سان ڪچهري ڪريان. 70 ڪلفٽن ۾ مون وٽ ٻليون هيون، پر ساڻن ڪچهري ممڪن نه هئي. حڪومت جي خواهش ئي اها هئي، ته آئون ڪنهن سان به رابطي ۾ نه اچان. تنهنڪري مون کي ڏاڍو عجب لڳو، جڏهن مارچ 1983ع ۾ مونکي چيو ويو، ته آئون عدالت ۾ حاضر ٿي، ڄام ساقي نالي هڪ ڪميونسٽ جي مقدمي ۾ شاهدي ڏيان، جنهن تي پاڪستان جي نظريي خلاف ڪم ڪرڻ ۽ هٿياربند فوجن خلاف ناراضپو پکيڙڻ وغيره جهڙين تهمتن هيٺ مقدمو هليو پئي.
آئون اڳ ۾ ڪڏهن به ڄام ساقيءَ سان ڪونه ملي هيس. حقيقت ۾ هن بابا جي مخالفت ڪئي هئي. پر پوءِ پتو پيو ته ڄام ساقي سيني مشهور سياستدان کي چيو هو، ته انهن معاملن جي وضاحت ڪري ٻڌائين، ته مٿس لڳل تُهمتون جائز هيون يا نه. منهنجي گهٽي خواهش هئي ته مارشل لا جي غير قانوني حيثيت تي ڳالهايان، جيتوڻيڪ مونکي حڪومت جي ارادن جي ڄاڻ نه هئي، ته اهي مونکي ذاتي طرح حاضر ٿيڻ جي اجازت به ڏيندا يا نه. شايد هنن مونکي ”ڪميونسٽن جي همدرد“ ثابت ڪرڻ گهريو ٿي. پر منهنجي لاءِ سڀ کان وڏيڪ اهم معاملو اهو هو، ته هر جوابدار کي ڪليل ۽ آزاد مقدمي جو حق هئڻ گهرجي. گڏوگڏ عدالت مونکي اهڙو موقعو به ڏنو پئي، جنهن سان ٻن ورهين جي عرصي ۾ پهريون ڀيرو مونکي پنهنجن سياسي خيالن کي ظاهر ڪرڻ جو وجهه مليو پئي.
جڏهن خاص فوجي عدالت مان 25 مارچ تي مون وٽ عدالت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ پهريون سَمن آيو، تڏهن مون جيل اختياريءَ وارن معرفت لکي موڪليو، ته آئون قيدي آهيان، تنهنڪري مقرر وقت تي عدالت ۾ پهچي نه سگهنديس. جيڪڏهن عدالت مون کان شاهدي وٺڻ گهري ٿي، ته پوءِ عدالت کي ئي اهڙو انتظام ڪرڻو پوندو.
هوم آفيس مان هڪدم جواب پهتو ته، آئون ٻئي ڏينهن صبح جو ستين وڳين تيار ويٺي هجان. آئون تيار ٿيس. يارهين بجي صبح جو هڪ ٻيو نياپو پهتو. منهنجي حاضريءَ لاءِ ٻئي ڏينهن تي ساڳيو وقت رکيو ويو هو. آئون وري 27 مارچ تي صبح جو ستين بجي تيار ٿي ويٺيس. مون وري چار ڪلاڪ اوسيئڙو ڪيو. هڪ ڀيرو وري هنن منهنجي حاضري ۾ چوويهن ڪلاڪن جي دير ڪئي. مون پاڻکي اهو سوچي آٿت ڏني، ته حڪومت اسان جي انهن حامين کي مُنجهائڻ ٿي گهريو، جيڪي مون کي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هوندا. نيٺ اهي جڏهن ٽئين ڏينهن مونکي وٺڻ لاءِ آيا، تڏهن هنن مونکي عوام کان لڪائڻ جا سيئي جَتن ڪري ڇڏيا هئا.

عدالت ڏانهن ويندي مون ڏٺو، ته سڀئي گهٽيون ماڻهن کان خالي هيون ۽ اهو سڄو رستو پوليس جي گهيري ۾ هو.ڪشمير روڊ سان ملندڙ سڀني رستن تي پوليس جو وڏو تعداد موجود هو ۽ اتي پيادل هلندڙ سڀني رستن تي ڪنڊيدار تارون وڇايون هيون هيون. آئون جڏهن اُن عارضي فوجي عدالت ۾ پهتيس، جيڪا اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ جوڙي وئي هئي، تڏهن مون ڏٺو ته عدالت کي به ٻين ماڻهن کان خالي ڪرايو ويو هو. ڄام ساقيءَ ۽ ٻين جي مائٽن کي رُڳو ترسڻ واري ڪمري ۾ اُن شرط تي ويهڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، ته اهي مون سان نه ڳالهائيندا. مون اُن جي ٿوري به پرواهه نه ڪئي. اتي ڪجهه وڪيلن توڙي سميعا، سلما ۽ منهنجي سئوٽ فخري کي ڏسي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي هئي، جيڪي خاص اجازتناما وٺي ۽ رڪاوٽون اڪري اتي آيون هيون. عدالت جو ڪمرو ننڍو هو، جتي ميز پٺيان ڪرنل وينو هو ۽ سنڊيس پرسان هڪ ميجر ۽ هڪ مئجسٽريٽ وينا هئا. هنن اڳيان ڪرسين جي ٽن قطارن تي اسين وينا هئاسين. سموري ڪاروائي هلندي ڄام ساقي زنجيرن ۾ ٻَڌل هو. مونکي اهو ڏسي ڏک ٿيو هو، ته اُن ننڍڙي ڪمري ۾ به فوج ضروري سمجهيو هو، ته هن کي لوهي ٻيڙيون پيل هجن. جيئن ته فوجي عدالت، وڪيلن کي جوابدار جي بچاءَ ۾ ڳالهائڻ جي اجازت نه ڏني هئي. تنهنڪري ڄام ساقي پاڻ سوال پڇيا هئا.

منهنجي شاهديءَ لاءِ هڪڙو ڏينهن مقرر هو، پر ڄام ساقي مون کان جيڪي سوال پڇيا هئا، تن جا مون ايڏا ته ڊگها جواب ڏنا، جو منهنجي شاهدي به ڏينهن هلي. هن جي سوالن جا جوابن کي سولا يا ننڍا ڪونه هئا. "اسان تي الزام آهي ته اسان پاڪستان جي نظريي خلاف ڪم ڪيو آهي- ڇا پاڪستان جو ڪو نظريو به آهي؟ ايراني انقلاب بابت تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ اسلام ۾ مارشل لا جو به ڪو تصور آهي؟"

مونکي ڄاڻ هئي ته ڳجهي طرح ڇپيل شين جو رواج وڌي ويو هو. وڏن شهرن ۾ لِڪ ڇپ ۾ فوٽو اسٽيٽ ٿيل مواد ۽ خراب ڇپيل ڪتابڙا پڙهيل لکيل ماڻهن تائين هٿوهٿ پئي پهتا. ڪجهه پريسن ۾ هڪ خاص رقم عيوض رات جو ٽارچ جي روشنيءَ ۾ ڇپائيءَ جو ڳُجهو ڪم ٿيندو هو. منهنجي لاءِ اهو پهريون وجهه هو ته آئون پنهنجي پارٽيءَ جي وضاحت ڪريان ۽ مارشل لا کي ٻُڇڙو ڪريان.

"اهو وضاحت سان فيصلي لاءِ ته اسلام ۾ مارشل لا جا جاءِ آهي به يا نه. سڀ کان پهرين اسان کي مارشل لا جي تصور ۽ اسلام جي تصور کي سمجهڻ جي گهُرج آهي." مون تنئين سوال جي جواب ۾ چيو. اسلام الله جي رضا جي اطاعت آهي. جڏهن ته مارشل لا فوجي اڳواڻ جي اطاعت آهي. هڪ مسلمان رُڳو الله جي رضا جي اطاعت ڪري ٿو.

"جيتريقدر مونکي ياد آهي ته مارشل لا جو اصطلاح بسمارڪ ۽ پروشين سلطنت جي ڏينهن ۾ شروع ٿيو هو. بسمارڪ جيڪي علائقا فتح ڪيا هئا، تن کي ڳڏائي مِلائڻ لاءِ هن انهن ۾ رائج قانون رد ڪري، پنهنجي مرضيءَ جو قانون گوليءَ جي زور تي رائج

ڪيو هو. ٻي عالمي جنگ کان اڳ ۾ ڪنهن به قبضو ڪندڙ فوج جي حڪومت کي پڻ مارشل لا چيو ويندو هو. قابض فوج جي اڳواڻ جي لفظن کي اتي رائج قانون کان مٿانهون سمجهيو ويندو هو.

”بينڪي سرشتي هيٺ ڏيهي ماڻهن کي ٻئي درجي جو شهري ليکيو ويندو هو. هنن کي پنهنجي مرضيءَ جي حڪومت جوڙڻ جو اختيار ڪونه هو. ۽ کين پنهنجين اميدن ۽ خواهشن مطابق پنهنجي تقدير ٺاهڻ ۽ اقتصادي ترقي ماڻڻ جو ڪوبه حق نه هو. ٻي عالمي جنگ کان پوءِ ۽ ڪيترين ئي بينڪن مان بينڪي راڄ جي ختم ٿيڻ سان. انهن نون آزاد ٿيل ملڪن جي عوام ٿوري وقت لاءِ آزادي ۽ خودمختياريءَ جا مزا ماڻيا. اُن زماني ۾ ئي قوميت واري نظريي جي حامي اڳواڻن جهڙوڪ ناصر، نڪروما، نهرو ۽ سوئيڪارنو پنهنجي عوام کي سماجي مساوات ۽ انصاف ڏيڻ تي زور ڏنو هو. پر اڳوڻين بينڪي طاقتن، جن هاڻي هڪ نئين سرشتي جو روپ ورتو هو، پنهنجي عوام کي خوش رکڻ جو ارادو ڏيکاريو ۽ فوج ۽ مُلي جي سازش جي پُٺڀرائي ڪرڻ ڇڏي ڏني. اهو فيصلو انهن جاڻي ٻجهي ڪيو يا نه، تنهن بابت چئي نٿو سگهجي. فوج ۽ مُلي جي اُن گڏيل سازش، عوام کي پنهنجي تقدير تي اختيار رکڻ جي حق ۽ اُن ذريعي ملندڙ فائدن کان محروم ڪيو. اها صورتحال سوويت يونين ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇتاڇيتي ۽ ڊوڙ سبب ويتر بگڙي وئي هئي.

”آزاد ٿيل انيڪ نين رياستن ۾ فوجي سرشتي جو ڪونه ڪو نمونو قائم آهي. پوءِ به اهو سرشتو، جنهن جو بنياد اجتماعي رضامنديءَ تي نه پر جبر تي رکيل آهي، سو اسلام جي مُک اصولن سان نهڪندڙ نه آهي. جن جو زور اجتماعي يا رضامنديءَ تي آهي. ٻيو ته فوجي حڪومتون سدائين بندوق جي زور يا طاقت واپرائڻ جي ڌمڪيءَ سبب اقتدار تي قبضو ڪن ٿيون، تڏهن ته اسلام ۾ اقتدار ڦڙڪائڻ يا ڦٻائڻ جو تصور ئي ڪونهي. تنهنڪري پڌرو آهي ته اسلام ۾ مارشل لا جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.“

منهنجي اُن بيان جون فوٽو ڪاپيون پوءِ اخباري دفترن، وڪيلن ۽ جيل جي ڪوٺڙين ۾ سياسي ڪارڪنن وٽ پڻ پهچي ويون هيون.

عدالت جي ڪمري ۾ صحافين کي اچڻ جي منع هئي، پر هڪ انگريز صحافي اهڙي اجازت وني آيو هو. هن جي اتي موجودگيءَ جي ڪنهن کي به ڪَل نه هئي، پر اوچتو هڪ ماڻهو اندر آيو ۽ هن ڪرنل جي ڪَنُ ۾ ڪجهه چيو.

”ڪٿي؟“ ڪرنل پڇيو. اُن شخص ڪمري جي پُٺڙ ڏانهن ڪَنڊ سان اشارو ڪيو.

”مونکي پڪ آهي ته تون صحافي آهين.“ ڪرنل جي آواز جو ڪَڙڪو ٿيو ”صحافين کي هتي ويهڻ جي اجازت ڪانهي. تون هڪدم هليو وڃ.“

شلوار قميص پاتل اُن شخص جي مون تڪڙي جهَلڪ ڏٺي، جنهن کي سيني ڪٽڪائو رنگ جو پناڻ پئي سمجهيو ۽ جنهن کي عدالت جي ڪمري مان ٻاهر اماڻيو پئي ويو.

پر گهٽ ۾ گهٽ هن کي ٿوري ڄاڻ ملي وئي هئي. ”مس ڀٽو ڏاڍي سانت ۽ صحتننند ٿي لڳي ۽ هن ثابت ڪري ڏيکاريو، تہ سندس خوش بياني ۽ حاضر جوابي سلامت آهي. ’گارجين‘ اخبار جي صحافي بعد ۾ لکيو.
پوءِ بہ منهنجي صحت ايتري سُٺي نہ هئي، جيتري ظاهري طرح ڏسڻ ۾ ٿي آئي. منهنجي اها ڪمزور حالت اُن وقت ويتر خراب ٿي وئي هئي، جڏهن اپريل 1983ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪجھ اڳواڻن بيوفائي ڏيکاري هئي. هڪ ڀيرو وري ضياءَ هر هنڌ پئي ويو ۽ هن پنهنجي لاءِ ڪنهن سياسي ٽِڪ هٽ ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ضياءَ آگسٽ ۾ ملڪ ۾ اسلامي قانون رائج ڪرڻ جي پنهنجي نئين رِٿ جي اعلان ۽ اُن موقعي مان فائدي وٺڻ لاءِ بابا کان حڪومت گسڻ ۽ 1973ع جو آئين دفنائڻ ڪانپوءِ، پهريون ڀيرو سنڌ جي گشت تي نڪتو. ڳالھ چِٽي آهي تہ انهي گشت دوران عوام پنهنجي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو مظاهرو ڪيو.
بابا جي حڪومت ۾ سنڌ وڏي ترقي ڪئي هئي ۽ سنڌين کي ڪسٽمز، پوليس ۽ پي آءِ اي ۾ سرڪاري نوڪريون مليون هيون. هنن لاءِ يونيورسٽين ۾ جيڪو حصو مقرر ٿيل هو، تنهن کان وڌيڪ کين ڏنو ويو هو. هنن کي زمينن جا ٽُڪرا ڏنا ويا هئا ۽ نين نهيل اسپتالن، ڪنڌ ۽ سيمينٽ جي ڪارخانن ۾ هنن وڏو اجورو پئي ڪمايو. پر ضياءَ جي زماني ۾ اهو سمورو معاملو ابتو ٿي پيو هو. هڪ ڀيرو وري سنڌ سان ٻيائي پئي ٿي. سنڌ جي ڪجھ پَلين زمينن تي رياست جو قبضو هوندو هو. ضياءَ جي دؤر ۾ اهي زمينون ٻي زمين هارين بدران فوجي عملدارن کي ورهائي ڏنيون ويون هيون. اهي سنڌي جن صنعت جي انتظامي عهدن تائين ترقي ڪئي هئي، تن جي جاءِ تي رٽائرڊ فوجي عملدارن کي مقرر ڪيو پئي ويو. اُن سچائيءَ جي هوندي بہ تہ ملڪي محصول جي پنجهٽ سيڪڙو اُپت سنڌ جي بندرگاھ ڪراچيءَ مان ٿيندي هئي، پر اُن جو ٿورو حصو واپس سنڌ صوبي ۾ ايندو هو. سنڌ جي اقتصادي مصيبتن، نفرت ۽ ڪروڌ جي اها باھ پڙڪائي ڇنيٽ ٻٽائي ڇڏي، جيڪا بابا جي قتل سان شروع ٿي هئي. صوبي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جو ويچار هو تہ، جيڪڏهن هُو سنڌي نہ هجي ها، تہ ڪيس ڦاسي نہ ملي ها.
1979ع ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن کان پوءِ بدين ۽ حيدرآباد جي چونڊيل پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪائونسلرن اهڙيون رٿون منظور ڪيون. جن ۾ بابا جي سزا جي نِندا ۽ سندس واڪاڻ توڙي ساراھ ڪئي وئي هئي. اُن ڳالھ جو پلاند وٺڻ لاءِ ضياءَ سڄي سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ڪائونسلرن کي نااهل ڪونڻ جي ڪارروائي شروع ڪئي. هاڻي پيپلز پارٽي جي باقي ٿورن ڪائونسلرن کان ضياءَ منظوري ورتي، تہ صوبي جو گشت ڪرڻ وقت اهي سندس آڌر ڀاءُ ڪن. مونکي تنهن وقت اچرج ٿيو ۽ ڪاوڙ آئي، جڏهن مون اخبارن ۾ پڙهيو تہ اُهي ماڻ ميٺ ۾ سندس خواهش اڳيان جهُڪي ويا هئا.

آئون ٻاهر نياپو ڪيئن ٿي موڪلي سگهيس؟ 70 ڪلفٽن ۾ ايندي يا اُتان ويندي ملازمن جي جهَڙتي ورتي ويندي هئي ۽ جڏهن اهي پنهنجي ڪم ڪار سان ڪنهن پاسي ويندا هئا، ته جاسوس موٽر سائيڪلن تي چڙهي سندن ڪَڍ لڳندا هئا. نيٺ مون هڪ ملازم کي چيو ته، تون بيماريءَ جو بهانو ڪري پهريدارن کي ٻڌاءِ ته تون موڪل تي پنهنجي گهر لاڙڪاڻي پيو وڃين.

”مونکي اميد آهي ته تنهنجو پُٽ ضياءَ جو آڏرياءُ نه ڪندو.“ مون پنهنجو اهو زباني نياپو سنڌ پيپلز پارٽيءَ جي سرواڻ کي موڪليو. جنهن جو پٽ ڪائونسلر هو. ”اوهان ڄاڻو ٿا ته اها ڳالهه پارٽي پاليسي خلاف آهي. مهرباني ڪري اهو نياپو ٻين تائين پهچايو.“

مون هڪڙو نياپو لاڙڪاڻي ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ڪائونسلر کي پڻ موڪليو. ”تون ۽ ٻيا وڃي اسپتال داخل ٿيو يا اوهين لاڙڪاڻي مان ٻاهر هليا وڃو ۽ ڪنهن جي هٿ نه چڙهو.“ مون هن کي چيو. ”پر اوهين ضياءَ سان ڪڏهن به ملاقات نه ڪريو.“

پوءِ مون جڏهن ٽيليويزن ڏٺي ۽ منجهانئن ڪجهه ڄڻن کي ضياءَ سان ملندي ڏٺو، ته ڪاوڙ ۾ آئون وائڙي ٿي ويس. لڳو ٿي ته هنن هڪ گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ڪيو هو، ته پارٽي هنن سيني خلاف ڪارروائي ڪري نه سگهندي. مونکي گهڻو صدمو پهتو. هڪ ٻيرو وري سياستدانن پنهنجي ذاتي لالچ جي پورائيءَ لاءِ پارٽيءَ جي اتحاد کي هاڃو پئي پهچايو. شايد مون گهڻو پئي سوچيو. منهنجي اڳيان اُن ڳالهه ڪانسواءِ ٻيءَ ڪا راهه نه هئي، ته آئون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ صدر کي سياسي ٽيليفون ڪريان، جنهن جي مونکي منع ٿيل هئي. ”منهنجي مرضي آهي ته تون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي انهن ڪائونسلرن کي پارٽيءَ مان ڪڍي ڇڏ، جن ضياءَ سان ملاقات ڪئي آهي. هنن پارٽيءَ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي،“ مون تڪڙو تڪڙو چيو: ڇو ته مونکي پتو هو ته منهنجي اُن فون کي ٻُڌو پئي ويو، جنهنڪري مونکي وقت وڃائڻو ڪونه هو. منهنجو فون هڪدم بند ٿي ويو. اهو وري ڪڏهن ڪونه نهيو.

هاڻي مون وٽ پنهنجن مائٽن جا فون اچڻ بند ٿي ويا. جن ٿورن ملاقاتين کي ملڻ جي اجازت هئي، سا ڪانئن واپس ورتي وئي. گهر جي وڏي دروازي تي جهَڙتي وننڌڙن گهريلو ملازمن پنيان ٻاهه ٻاري ڏني. اهي جڏهن اڱڻ ۾ ايندا هئا يا اتان لنگهندا هئا، تڏهن سندن بُوٽ ۽ جوراب لهرايا ويندا هئا. هنن جي وارن جي به جهَڙتي ورتي ويندي هئي.بورچي گوشت ۽ ڀاڄين جون جيڪي بند ڳوٿريون مارڪيٽ مان آڻيندو هو، تن کي هو وڏي کوليندا هئا. مورڳو ڪِن ڪچري کي به ڦولهيو ويندو هو.

اُن مڪمل اڪيلائپ ۾ آئون پاڻ کي وڏيڪ بيمار سمجهڻ لڳيس. منهنجي ڪَنُ جو سور ويتر وڌي ويو. مون جڏهن پنهنجو ڪابو ڳِل مهٽيو، تڏهن مون اُن کي ٿورو نِستو پانئيو ۽ آواز ۾ وري وڏيڪ ڪرڙات ٿيندا ويا.

اپريل ۾ هڪ شام جو آئون 70 ڪلفٽن جي ملاقات واري ڪمري وٽان پئي ويس، ته مونکي لڳو ته فرش اُبري ڇت ڏانهن پيو اچي. مون پاڻ کي سنڀالڻ لاءِ ڪوچ جي ٻانهن کان جهليو ۽ بيهي رهيس ته مٿي جي اُها ڦيري ختم ٿئي. ان بدران منهنجي اکين اڳيان اونده جي ديوار وڌندي آئي. آئون ساڄي ٿي ڪوچ تي ڪِري پيس.
سپاهڻيءَ سان ملازمن مان هڪ ماڻهو مونکي ڪِرندي ڏسي ورتو. "جلدي ڪريو، تڪڙ ڪريو. مس صاحبا لاءِ ڊاڪٽر گهرايو." هن ڊوڙي جيلر کي چيو. ۽ هڪ ڀيرو وري مونکي لڳو، ته الله منهنجي حفاظت ڪئي هئي. سدائين جيان ڪامورا شاهي جي طريقن مطابق علاج جي سلسلي ۾ اجازت وٺڻ لاءِ حڪومت ڏانهن خط لکي، پوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين، ڪڏهن ٻن هفتن تائين اوسيئڙو ڪرڻ بدران، پوليس ڪڇهه ڪلاڪن ۾ مدايسٽ اسپتال جي ايمرجنسي روم مان هڪ ڊاڪٽر کي وٺي آئي. هڪ ڀيرو وري منهنجي ڪَنُ جو گند ڦاٽي اندر وڃڻ بدران ٻاهر نڪري آيو هو.
"تنهنجي حالت ڏاڍي جوکائتي آهي." ڊاڪٽر منهنجو ڪَنُ تپاسڻ کان پوءِ مونکي ٻڌايو.
"تون هڪدم ڪنهن ماهر ڊاڪٽر کي ڪَنُ ڏيکار."
"جيڪڏهن اوهين منهنجي لاءِ ڪنهن ماهر ڊاڪٽر جي گهُرج جي وضاحت نه ڪندا، ته حڪومت جي اهائي دعويٰ هوندي ته، منهنجي ڪَنُ ۾ ڪابه تڪليف ڪانهي." مون هن کي ٻڌايو.
اُن نوجوان ڊاڪٽر ۾ ايتري همت هئي جو هن پنهنجي خط ۾ حڪومت کي نهايت واضح لفظن ۾ لکيو، ته مونکي ڪَنُ جي ڪنهن ماهر ڊاڪٽر جي علاج جي گهُرج آهي. حڪومت مون ڏانهن تپاس لاءِ ڪَن، نَڪ ۽ نڙيءَ جو اهو ماهر ڊاڪٽر موڪليو، جنهن ٽي ورهيه اڳ منهنجي نڪ جي اندرينءَ هڏيءَ جي آپريشن ڪئي هئي. اُن ڊاڪٽر جي مرضي ڪانهي ته هن ڪتاب ۾ سندس نالو پڌرو ڪجي، پر سچائي اها آهي ته هن نه رڳو مونکي تندرست ڪيو، پر منهنجي حياتي پڻ بچائي هئي.
"تنهنجي ڪَنُ ۾ گهاوَ آهي." ان ڊاڪٽر منهنجن انهن شڪن جي تصديق ڪندي چوي، جيڪي چار ورهيه اڳ المرتضيٰ ۾ منهنجي نظربنديءَ جي عرصي ۾ مونکي حڪومت جي موڪليل ڊاڪٽر بابت ٿيا هئا. "گهاوَ سبب ڪَن جي وچ ۾ ۽ ان پنيان نڍڙي گول هڏيءَ ۾ گند پيدا ٿيو آهي." ان گند کي پابنديءَ سا صاف ڪرڻ ضروري هو. جنهنڪري منهنجي مُنهن جي نَسن تي زور گهٽجڻ سبب اُها نستائي ختم ٿي ويندي. اهڙيءَ ريت جڏهن گند صاف ٿي ويندو، تڏهن مونکي آپريشن جي گهُرج ٿيندي. "توکي اُن نازڪ آپريشن لاءِ پرڏيهه وڃڻو پوندو." هن ٻڌايو. "اسان وٽ هتي ان جي سهوليت ڪانهي. هتي تنهنجي ڪوپڙيءَ کي ڪارائيءَ سان وڍڻو پوندو. جيڪو جوکائتو عمل آهي. تنهنجي پنهنجي سلامتي ۽ ڪاميابيءَ لاءِ تنهنجو پرڏيهه وڃڻ ضروري آهي."

آئون وائٽرائيپ ۾ هن ڏانهن ڏسڻ لڳيس. ڇا هن جو اشارو ان طرف هو ته پاڪستان ۾ اهڙي آپريشن جي معمولي جوکي  ڪانسواءِ به ڪي ٻيا جوکا هئا. مون کي خبر هئي ته 1980ع ۾ حڪومت منهنجن ڊاڪٽرن مان هڪ ڊاڪٽر کي چيو هو، ته مونکي ڪَنُ جي وچ ۾ نه، پر اندر تڪليف آهي ۽ مونکي نفسياتي علاج جي ګهُرج آهي. ”تنهنجي تشخيص جي پنيرائيءَ لاءِ اسين ڏهه ميڊيڪل بورڊ ناهينداسين.“ هن کي چيو ويو هو. حڪومت لاءِ اُن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو سُٺو حل هو، جو مونکي نفسياتي مريض ڄاڻائي اهو قصو ئي ختم ڪري ڇڏي ها. پر اُن ڊاڪٽر انڪار ڪيو هو. هاڻي اُهو ساڳيو ڊاڪٽر اُن ڳالهه تي ضد ٻڌي بيٺو هو، ته آئون پاڪستان مان هلي وڃان.“ آئون اهو آپريشن هتي ڪري سگهان ٿو. پر مونکي اُلڪو آهي ته اُن وقت تنهنجي بيهوشيءَ کان پوءِ ڪنهن ٻئي ڪُڏي ڊاڪٽري عمل لاءِ اُهي مون تي سخت دٻاءَ وجهندا.“ هن مونکي ٻڌايو. ”جيڪڏهن مون انڪار ڪيو، ته اهي اهو ڪم ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر کي سونپيندا. تنهنڪري تنهنجي لاءِ اهو سُٺو آهي ته تون ڪنهن پرڏيهي ملڪ هلي وڃ.“

مون پرڏيهي ملڪ ۾ علاج جي اجازت ڏيڻ لاءِ حڪومت کي درخواست موڪلي. پر اُن جو ڪو جواب ئي ڪونه آيو. مونکي به ٿوري وقت جي ګهرج هئي. ”تو ۾ ايتري سگهه ئي ڪانهي، جو تون بيهوشيءَ جو اثر سَهي سگهين.“ ڊاڪٽر مونکي چيو. ”توکي پنهنجو جسماني سرشتو ناهٽو پوندو.“ امان جيان مونکي به کير، گوشت، ڪُڪُڙ ۽ بيدن جهڙي لحميات سان ڀرپور غذا تي رکيو ويو.

پر منهنجي ڪَنُ جو سُور گهٽ نه ٿيو. مون سمجهڻ شروع ڪيو ته منهنجي مُنهن جو ڪابو پاسو نِستو ٿيڻ لڳو هو. منهنجي مٿي ۾ لاڳيتي ڏان ڏان پئي ٿي ۽ ڪَنُ ۾ ٽڪ ٽڪ ٿيڻ سبب، منهنجي لاءِ ڪنهن ٻئي آواز کي ٻُڌڻ بلڪل ناممڪن ٿي پيو هو. ڊاڪٽر اختياري وارن کان اجازت وٺي هر هفتي 70 ڪلفٽن ۾ ايندو هو ۽ گند جي صفائيءَ جي ڪوشش ڪندو هو. هن هڪ پٽي جي علاج لاءِ جيڪا ڳٽتي ڏيکاري هئي، تنهن لاءِ هن کي سزا ڀوڳڻي پئي هئي.

”تون اڪثر ڪار ۾ حيدرآباد ويندو آهين. اهو درست آهي نه؟“ هن جي پاڙيسري پوليس سپرنٽينڊنٽ ڪانئس ان وقت پڇيو هو، جڏهن هن هر هفتي علاج شروع ڪيو هو.. ”تون 'ڊيٿ وش' فلم ڏٺي آهي؟“ ٻئي ڏينهن اُن فلم جي وڊيو ٽيپ ڪنهن اڻڄاتل ماڻهو سندس گهر پهچائي. پوءِ هن کي ڌمڪين وارا ٽيليفون اچڻ لڳا. ساڳئي وقت ڪيس انڪم ٽئڪس کاتي وارن وٽان به نوٽيس پهتو، ته ٽئڪس ۾ گهوٻي هڻڻ سبب سندس ٽئڪس جي ٻيهر ڇڪاس ٿيندي. حڪومت سندس ڏنڏي جي سچائيءَ تي پڻ شڪ ڪندي، هن کي نوٽيس موڪليو ته ڇو نه کيس اسپتال جي ملازمت تان هٽايو وڃي. انهن سڀني ڳالهين هوندي به هن همت نه هاري ۽ منهنجو علاج ڪندو رهيو، جنهن جي مون گهڻي ساراهه ڪئي. هو ٻاهرين دنيا جو اڪيلو شخص هو، جنهن سان آئون

ڳالهائيندي هيس. جيتوڻيڪ جيئن پوءِ پيٽر گئلبريٿ کان مونکي پتو پيو، حڪومت جي دعويٰ ان جي ابتڙ هئي.

**پيٽر گلئلبريٿ:**

سينيٽر پيل ۽ ٻين سينيٽرن پاڪستان ۾ خاص سياسي قيدين لاءِ ڊسمبر ۾ ضياءَ کي جيڪو خط لکيو هو، تنهن جو نيٺ جون مهيني جي پڇاڙي ڌاري پاڪستاني حڪومت وٽان جواب آيو. ان وقت ضياءَ جيڪي چيو هو، تنهن جي حوالي سان بينظير جي نظربنديءَ بابت ان جي جواب ۾ چيل هو:

”هن وقت هوءَ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گهر ۾ نظربند آهي، ته جيئن هو اهڙين سياسي سرگرمين ۾ حصو نه وٺي سگهي، جن تي بندش پيل آهي. پوءِ به هن کي هر ممڪن آسائشون مليل آهن ۽ گهُرج وقت پسند جا

ڊاڪٽر سندس تپاس ۽ علاج ڪن ٿا. هن کي پنهنجن مائٽن ۽ دوستن سان ملاقات ۽ ڳالهائڻ جي اجازت آهي. هُن کي انن ويجهن مائٽن کي رهائڻ جي اجازت مليل آهي، جن مان هڪ ئي وقت ٽي مائٽ وٽس رهي سگهن ٿا. هن کي پنهنجي پسند جي چوويهن ملازمن رکڻ جي اجازت آهي ۽ ذاتي واهپي لاءِ وٽس هڪ ٽيليفون به آهي.“

پوءِ تُرت مونکي بينظير جي سئوٽ جو ٽيليفون آيو. مون هن کان ان خط جي مضمون جي حقيقت بابت پڇيو.

”بلڪل غلط،“ هن رڙ ڪندي چيو. ”هن جي ڪنهن به دوست کي ساڻس ملڻ جي اجازت ڪانهي. گذريل ٽن مهينن ۾ رُڳو هڪ ڀيرو هن جي ڀيڻ ساڻس ملاقات ڪري سگهي آهي. هن جي سئوٽ فخري کي به بينظير سان ملڻ ۾ ڏاڍي ڏُکيائي ٿي هئي. هوءَ ته ٻاهر باغ ۾ وڃي نه ٿي سگهي. هوءَ اڪيلي آهي ۽ بيمار آهي. مونکي هن جي ڏاڍي ڳڻتي آهي.“

مون سينيٽر پيل ڏانهن خط لکيو. ان وقت اتفاق سان پاڪستان جو پرڏيهي وزير ۽ واشنگٽن ۾ اڳوڻو سفير يعقوب خان شهر ۾ آيل هو. يعقوب خان جا واشنگٽن ۾ ڪيترائي دوست هئا ۽ هو اتي هڪ سِڌي ڳالهه چوندڙ ۽ بي رياءُ مشهور هو. مونکي پڪ هئي ته بينظير سان ٻچاپڙائيءَ واري ورتاءُ ۾ يعقوب به شريڪ هوندو. جڏهن سينيٽر پيل پرڏيهي وزير کان بينظير سان ان ورتاءُ بابت سرڪاري بيان ۽ انهن نين حقيقتن جي وچ ۾ ظاهري فرق بابت پڇا ڪئي ته يعقوب ڳنڀير ٿي ويو، لڳو ٿي ته هن کي سچ پچ ڏاڍو ڏک پهتو هو. تنهنڪري هن پاڪستان پهچي ان معاملي جي ڇنڊڇاڻ جو واعدو ڪيو.

21 جون 1983ع. سال جو ڏکي ۾ ڏکو ڏينهن ۽ منهنجي جنم جي ٽيهين سالگرهه. سدائين پُراميد هجڻ سبب مون هوم سيڪريٽريءَ کي خط لکيو هو ته، ڪيترن مهينن

ڪان مون وٽ ڪوبہ ملاقاتي نہ آيو آهي، تنهنڪري مونکي اجازت ڏني وڃي تہ آئون پنهنجي جنم ڏينهن تي اسڪول جي ساهيڙين سان ملاقات ڪريان. منهنجي خوشي ۽ حيراني جي حد ئي نہ رهي، جڏهن حڪومت مون کي اهڙي اجازت ڏني.
شام جو سميعا، سنديس پيڻ ۽ پاري مون وٽ ڊوڙنديون آيون. هنن وٽ چاڪليٽ ڪيڪ هو، جيڪو پاري ڏاڍيءَ محنت سان ناهيو هو. پوليس وارين جي چؤڪس نظرن هيٺ اسان هڪ ٻئي کي ڀاڪر پاتا ۽ چُميون ڏنيون. ”الله جو شڪر جو ڪيڪ سلامت آهي.“ سميعا چيو. ”هنن سيني شين جي ايڏي تہ جهَڙتي ورتي، جو اسان کي اُلڪو ٿي پيو تہ متان اُهي توڪان اڳي ڪيڪ ڪاٽي ڇڏين.“
انگلينڊ ۾ منهنجن دوستن وڪٽوريا شوفيلڊ ۽ ٻين بہ مونکي ڪونہ وساريو هو. مونکي پوءِ خبر پئي تہ جيئن منهنجي سالگرھ ويجهي آئي، تہ وڪٽوريا تڏهوڪي آڪسفورڊ يونين جي صدر کي خط لکي، سندس اوڏانهن ڌيان ڇڪايو هو تہ نظربنديءَ ۾ منهنجي اها ٽين سالگرھ هئي. 21 جون تي آڪسفورڊ يونين ۾ هڪ منٽ لاءِ خاموشي اختيار ڪئي وئي. اها مريادا گهڻو ڪري رُڳو فوتي اڳوڻي صدر لاءِ ارپيل هوندي هئي. اُن وقت هڪ ٻيو پراڻو دوست ۽ ڪئمبرج يونين جو اڳوڻو صدر ڊيوڊ جانسن، آڪسفورڊ يونين جي تقريرن واري ڪمري ۾ موجود هو. هن پوءِ لنڊن جي ويسٽ منسٽر ايبي ۽ سينٽ پال ڪيٿيڊرل جي سيني عبادتگاهن ۾ آچر ڏينهن جي عبادت ۾ منهنجي لاءِ دعائن گهرڻ جو انتظام ڪيو. اهي دعائون ٻَڌتيءَ ۽ دوستيءَ جو ڏاڍو پيارو اظهار هيون.
منهنجي سالگرھ وقت حڪومت جي هڪ عملدار جيڪا ڳَٽتي ڏيکاري، سا وڌيڪ شڪي ٿي لڳي. ”مهرباني ڪري اڄ شام جو ستين بجي تيار رهجو.“ جيل جي عملدارن مان هڪڙي مونکي چيو. ”اسين اوهان کي گورنمينٽ ريسٽ هائوس ۾ وٺي هلنداسين.“
”ڇو؟“ مون ڪانئس پڇيو.
”ڇو تہ مارشل لا ائڊمنسٽريٽر اوهان سان ملڻ چاهي ٿو،“ هن اهو ڏاڍي خوشيءَ سان چيو.
”مارشل لا ائڊمنسٽريٽر؟ آئون جنرل سان ملاقات لاءِ ڪونہ وينديس.“ مون کيس ٻڌايو. جيل جو عملدار حيران ٿي ويو. ”پر اوهان کي هلڻو پوندو. اوهان قيدي آهيو.“ هن وراڻيو.
”مون کي پرواھ ڪانهي.“ مون چيو. ”آئون هن سان نہ ملنديس. اوهين مونکي گهلي اتي وٺي هلندا، تڏهن بہ آئون اتي دانهون ڪنديس. رڙيون ڪنديس ۽ سيني کي پريشان ڪنديس. جن مونکي قيد ڪيو آهي، تن وٽ آئون ڪونہ هلنديس.“
اُهو ٻُڌي جيل جو عملو پوئين پيرين پڳو ۽ پٽڪندو ويو تہ، ”مونکي ڪوبہ عقل ڪونهي، تہ جنرل عباسيءَ سان ملاقات کان انڪار منهنجي حق ۾ سٺي ڳالھ ڪانهي.“

پر مون پرواهه نہ ڪئي. اسان مان جيڪي ضياءَ جا مخالف هئا، تن جو ڊڪاريل فوجي حاڪمن سان ڪنهن بہ قسم جو لاڳاپو رکڻ، ڇڻ وڪامي وڃڻ برابر سمجهيو ويندو. پر هنن وٽ هلي وڃڻ تہ مورڳو سندن حاڪميت کي مڃڻ ۽ ڪيس منظوري ڏيڻ برابر سمجهيو ويندو.

ان رات مون سُوٽ ڪيس ۾ پنهنجو سامان رکيو، ڇو تہ مونکي پڪ هئي تہ حڪومت طرفان جوابي ڪارروائيءَ ۾ مونکي واپس جيل اماڻيو ويندو. مون جيل لاءِ گهربل شيون هٿ ڪيون. قلم، ڊائريون، جيتمار دوائون وغيره- پر مونکي جيل ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ ڪوبہ ڪونہ آيو. ان بدران مون کي حد کان وڌيڪ اچرج ٿيو، جڏهن مارشل لا ائڊمنسٽريٽر پاڻ مون سان ملاقات لاءِ 70 ڪلفٽن ۾ آيو.

انهن مغرور فوجي حاڪمن جي، جيڪي ڀين کي گهرائڻ ۽ ڪين حڪم ڏيڻ جا هيراڪ هُجن ٿا، اها ڳالهہ ڪڏهن بہ ٻُڌڻ ۾ نہ آهي تہ انهن پاڻ وڃي مخالف ڌُر جي اڳواڻ سان ملاقات ڪئي هجي. مون اُويساهيءَ وچان 70 ڪلفٽن ۾ اچن وارن واري جنرل کي خاڪيورديءَ ۾ وينل پهريون ڀيرو ۽ پوءِ ڪيترائي ڀيرا ڏٺو. سندس نياپو سدائين ساڳيو هوندو هو.

”مون کي پتو آهي تہ تون بيمار آهين.“ هو مونکي چوندو هو. ”اها ڳالهہ تہ آئون فوج ۾ آهيان، تنهن جو مطلب اهو ڪونهي تہ مونکي ڳُڻتي ڪانهي. ياد رک تہ صدين کان اسان جي گهراڻن جا پاڻ ۾ لاڳاپا رهيا آهن. مونکي اها ڳالهہ وڌيڪ اطمينان ڏيندي تہ تنهنجو علاج ملڪ کان ٻاهر ٿئي. پر اسين ڪنهن بہ قسم جا سياسي مونجهارا ڪونہ سَهنداسين.“

مون بااخلاق رهڻ جو پڪو ارادو ڪيو، ڇو تہ اُن وقت پنهنجي طاقت ڏيکارڻ جو ڪوبہ فائدو ڪونہ هو. منهنجو ويچار هو تہ جنرل عباسي منهنجن ارادن کي سمجهڻ ۽ اُهو جانچڻ لاءِ آيو هو، تہ جيڪڏهن مونکي پرڏيهہ وڃڻ جي اجازت ڏني وئي تہ آئون ڇا ڪنديس. مون هن تي اهو اثر ويهاريو، تہ آئون پنهنجي علاج لاءِ ڳڻتيءَ ۾ آهيان ۽ پوءِ يڪدم واپس اينديس. ڪنهن حد تائين اها ڳالهہ صحيح بہ هئي، ڇو تہ تنهن وقت جلاوطنيءَ ۾ رهڻ جو منهنجو ڪوبہ ارادو ڪونہ هو.منهنجي تہ خواهش ئي اها هئي تہ هر ممڪن وجهہ وٺي حڪومت کي سختيءَ سان ڇيپاٽي ڇڏيان.

اُن وقت مونکي اُن ڳالهہ جي سمجهہ نہ هئي، تہ حڪومت تي ڪهڙي پابندي آهي. منهنجي ڊاڪٽر اها ڳالهہ لکي ڏني هئي تہ، مونکي پرڏيهہ ۾ علاج جي گهُرج آهي ۽ جيڪڏهن نظربنديءَ ۾ مونکي ڪجهہ ٿي پيو، تہ پوءِ اها سموري ذميداري حڪومت تي ايندي. گڏوگڏ سينيٽر پيل ۽ سينيٽ فارين رليشنس ڪميٽي ۽ شايد يعقوب خان طرفان بہ امڪاني زور پيو هجي. 1983ع ۾ جيئن آرهڙ جي مُند اڳتي وڌي، تہ منهنجي نظربندي نہ رڳو حڪومت کي پريشان ڪيو، پر ان جا ابتا اثر بہ پڌرا ٿيا. البت 70

ڪلفٽن جي اڪيلائپ ۾ مونکي انهن جي ڪابہ سُڌ نہ هئي اُٿلندو هڪ ڀيرو وري مون سياست ۾ حصو وٺي پنهنجي ممڪن آزاديءَ کي ڏُکيو بڻائي ڇڏيو هو.

ضياءَ جي گشت وقت سنڌ ۾ جيڪي هنگاما ٿيا هئا، تن ۾ اجا ڌاپر نہ آئي هئي. وري جو پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏينهن 14 آگسٽ ۽ اها تاريخ ويجهو آئي، جيڪا ضياءَ هڪ ڀيرو وري ٻين ڪُوڙين چوندن ڪرائڻ لاءِ چوندي هئي، تہ ايم آر ڊي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ پنهنجي ٻي عوامي هلچل هلائڻ جو اعلان ڪيو. ايم آر ڊيءَ جي اُن سڏ جو نتيجو جانچڻ لاءِ مون 70 ڪلفٽن ۾ ڏيان سان اخبارون پڙهيون ۽ بي بي سيءَ تان خبرون ۽ تبصرا ٻُڌا. مون وڏو جوکو کڻي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي انهن اڳواڻ سان نياپن ذريعي رابطو ڪيو، جيڪي مڊايسٽ اسپتال پرسان هڪ ڳجهي جاءِ ۾ ڪندا هئا. مون پنهنجي ڳوناٽي ضلعي لاڙڪاڻي ڏانهن بہ سياسي هدايتون موڪليون ۽ فنڊ جي انتظام لاءِ سنڌن مدد ڪئي.
اڳين هلچلن کان ايم آر ڊيءَ جي اُن هلچل نئون روپ ورتو هو. ماضيءَ ۾ 'احتجاجي تحريڪ' جا لفظ ٻُڌڻ سان حڪومت سياسي ڪارڪنن پنيان هٿ ڌوئي پوندي هئي ۽ ڪين هزارن جي تعداد ۾ جهلي، ڪنهن دم ڪٽڻ ڪان روڪيندي هئي: جنهنڪري عوامي اڳواڻيءَ ڪندڙ ڪوبہ ڪونہ هوندو هو. هاڻي ايم آر ڊي اڳواڻن کي آزاد ڇڏيو ويو هو، تہ اهي پلي پاڻ گرفتاريون ڏين- ۽ هنن پاڻ کي گرفتار بہ ڪرايو. ايم آر ڊيءَ جي اڳواڻن جي پُنيرائي لاءِ جڏهن عوام گڏ ٿيا هئا، تہ پوليس ڪين بہ ڪجهہ نہ ٿي چيو. ان هلچل ۾ سنڌ جو زميندار طبقو بہ شريڪ ٿي ويو. هنن پارٽيءَ جي حامين کي گهربل جاين تي پهچائڻ لاءِ ٽريڪٽر ۽ لاريون ڏنيون ۽ بهتر رابطي لاءِ پنهنجن ڪمدارن ذريعي سهوليتون ڏنيون.
ان هلچل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪجهہ اڳواڻن ڀهرين ٿوري هٻڪ ڏيکاري، خيال اهو هو تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ اڳواڻ جتوئي، آمريڪي ۽ فوجي عملدارن سان ڳالهيون ڪيون آهن، جن ضياءَ جي تختو اونڌي ڪرڻ لاءِ هن جي پنيرائي ڪئي آهي. اهڙي ريت جتوئيءَ جو اقتدار قائم رهندو ۽ وري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي حڪومت جي ويجهو بہ اچڻ ڪونہ ڏنو ويندو. مون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن کي اها ڳالهہ زور ڏئي سمجهائي، تہ ان هلچل ۾ شامل ٿيڻ گهرجي، ڇو تہ ضياءَ خلاف هلندڙ هلچل وقت متحد رهڻ وڌيڪ اهم آهي، ۽ پوءِ جيڪڏهن ضروري ٿيو تہ پاڻ ۾ جيڪو اتفاق جُڙيو آهي، تنهن تي ويچاريو ويندو.
اُن هلچل جيئن زور ورتو، تہ مون پارٽيءَ جي عهديدارن کي لِڪ ڇپ ۾ ڪيترائي خط موڪليا، جن ۾ مون کين سمجهايو تہ پرڏيهي سفارتڪارن کي ڇا چوڻ گهرجي ۽ اخبارن ۾ ڪهڙيون خبرون ڏجن. مون هنن تي زور ڏنو، تہ ان هلچل کي زور شور سان

اڳتي وڌائيندا هلو ۽ حڪومت کي ڪوبہ اهڙو وجهہ نہ ڏيو، جو اها اسان کي تباهہ ڪري.
مونکي پتو هو، تہ جيڪڏهن انهن نياڻن جي حڪومت کي سُڌ پوي ها، تہ مونکي پرڏيهہ ۾ موڪلڻ بدران واپس جيل ۾ موڪلي ڇڏي ها. پر منهنجي لاءِ هر ڳالهہ کان اُتم پاڪستاني عوام جي آزادي هئي. جيل جي عملدارن جي شڪ کان پاڻ بچائڻ لاءِ آئون وڏيڪ ڪمزور هجڻ جو بهانو ڪندي هيس. هونئن بہ منهنجي طبيعت ئي اهڙي آهي، جو ڪاوڙ ۽ ڪروڌ سب مون ۾ ڪنهن قدر سگهہ اچي وڃي ٿي، پوءِ ڪٿي آئون ڪيتري بيمار ڇو نہ هجان. پر 1983ع ۾ سنڌ ۾ بغاوت هلندي جڏهن جيل جو عملو هفتيوار چڪر تي ايندو هو، تہ آئون ڇاٽي ٻجهي اڪين هيٺ غاليچي ۾ ڪپائي ويهندي هيس، تہ جيئن اهي منهنجي جوش ۽ ولولي کي ڏسي نہ سگهن ۽ ڪين پڪ ٿئي تہ آئون اهڙي تہ اڳهي آهيان، جو ٻي ڪا ڳالهہ سوچي نٿي سگهان.
انهيءَ وچ ۾ جتوئي مون تي زور پئي رکيو، تہ آئون عوام لاءِ امان کان ڪو نياپو گهرايان. ڏاڍي ڏکيائيءَ کان پوءِ ڪنهن امان سان فون تي ڳالهايو. ”اوهان بينظير کي چئو تہ منهنجي نالي تي ڪو بيان ڏئي.“ هن چيو. پوءِ آئون بجلي واري ٽائيپ رائيٽر اڳيان ٿي وينيس ۽ بجليءَ جي اڪ ٻُوٽ هلندي اُتاهہ طاقتور فرد جيان ٽائيپ ڪرڻ لڳس. منهنجين آڱرين مان لفظ تيزيءَ سان ڊوڙندا ڪاغذن تي پکڙجڻ لڳا.

”منهنجا محب وطن ۽ بهادر هموطنو، منهنجا مانائتا پائرو ۽ پياريون ڀينرو، منهنجون دلير ڌيئرو ۽ نِڊر فرزندو (مون عوام لاءِ امان جو نياپو ٽائيپ ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو پوءِ اردو ۽ سنڌيءَ ٻولين ۾ ترجمو ٿيو هو ۽ لک ڇپ ۾ سڄي صوبي ۾ ورهايو ويو هو.) ... اسان جي هلچل جو مقصد ملڪي قانونَ جي نافرماني آهي. ڇهن ورهين جي ڊگهي عرصي تائين اسين ظلم، ڏاڍ ۽ پيڙا کي مُنهن ڏيندا پيا اچون. جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ اسان جي مطالبي کان ڪيترائي پيرا لنؤايو ويو آهي. اسان جي ڪارڪنن کي جيلن ۾ واڙيو ويو آهي ۽ڪين موت جون سزائون ڏنيون ويون آهن. هاڻي گهٽو ئي ڪجهہ ٿيو. تنهنڪري اسين بسن ۽ ريلوي جي ڊرائيورن کي گذارش ڪريون ٿا، تہ اوهين بسون نہ هلايو، ريلون نہ هلايو. پوليس وارن کي اسان جو رُڳو ايترو چوڻ آهي، تہ اوهين دادوءَ ۾ پنهنجن پائرن جي مثال جي پيروي ڪريو ۽ معصوم عوام تي گوليون نہ هلايو. جيڪي اوهان جا ئي پائر آهن. اوهين هن هلچل کان بلڪل نہ ڊڄو. اها هلچل اسان جي عوام، غريبن ۽ ٻارن لاءِ آهي تہ جيئن اُهي مفلسي، بُک ۽ بيماريءَ جي زندگي نہ گهارين. اوهين پنهنجي پارليامينٽ، حڪومت ۽ آئين لاءِ جدوجهد ڪريو، تہ جيئن فيصلا غريب عوام جي حق ۾ ٿين ۽ نہ فوجي حڪومت ۽ سندس چاڙتن جي حق ۾ ...“

ضياءَ الحق خلاف نفرت ۽ ڌِڪار جي اها هلچل وڌو نڪاءُ ڏئي ڦاٽي پئي ۽ ڇوڏاري پکڙجي وئي. ريلوي اسٽيشنن تي ڦرلٽ ٿي. ٽرڪن ۽ بسن هلڻ بند ڪيو. ٽاٽن کي ساڙيو ويو. سون ماڻهن پنهنجيون جانيون وڃايون. پاڻ ضياءَ کي ظاهري طرح آڏر ڀاءُ ڪندڙ انبوهه ذري گهٽ قتل ڪري ٿي ڇڏيو. هڪ هيليڪاپٽر جنهن ۾ ماڻهن سمجهيو هو ته ضياءَ آهي، جڏهن دادو لٿو تڏهن عوام اُن ۾ وينل ماڻهن تي حملو ڪري ڏنو. حقيقت ۾ ضياءَ هڪ ٻئي هيليڪاپٽر ۾ هو، جيڪو اتان رخ ڦيرائي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي لٿو هو. پوءِ جڏهن هن کي ريسٽ هائوس ۾ ڏنو ويو هو، تڏهن به هو مارجي وڃڻ کان ذري گهٽ بچي ويو هو.

سنڌ جي اها بغاوت ٽُرت ٻين صوبن تائين به پکڙجي وئي. بلوچستان صوبي جي ڪوئيٽا ۾ ۽ سرحد صوبي جي پشاور جي وڪيلن جي انجمنن سياسي بيان بازيءَ تي پيل بندش جي ڀڃڪڙي ڪندي چوندن ڪرائڻ جي ڳُهر ڪئي. لاهور ۾ پوليس هاءِ ڪورٽ جا سيئي دروازا بند ڪري، وڪيلن کي احتجاجي جلوس ڪڍڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ پوءِ مٿن پٿر وسايا ويا. پوءِ به بابا جي وڪيلن مان هڪ وڪيلياڻي طلعت يعقوب جي اڳواڻيءَ ۾ وڪيلن جو جلوس ڪنهن نموني ٻاهر آيو. ”اوهان مان جيڪي گهر ۾ ويهڻ گهرن ٿا، تن لاءِ هيءُ چُوڙِيون آهن.“ طلعت يعقوب پنهنجيون شيشي جون چوڙيون اُڇلائيندي ۽ پاڪستاني جهنڊو جهولائيندي، لاهور ۾ وڪيل انجمن جي اڪثر مرد وڪيلن کي رڙيون ڪندي چيو. ”آئون توهان کي آزاديءَ لاءِ سڏيان ٿي.“ سوين وڪيل ساڻس وڃي مليا ۽ ڀڃڪڙي ڪندي، اهي جمهوريت جي حق ۾ نعرا هڻندا اڳتي وڌندا ويا ۽ پوليس جي گهيري ۾ ڦاسي پيا.

ان ملڪي بغاوت کي چيپاڻڻ لاءِ آڪٽوبر جي ٻئي هفتي ۾ فوج پنهنجيون توبون ۽ ٽئنڪون ڪَتب آنديون، جنهن جي نتيجي ۾ خاص ڪري سنڌين جي دلين ۾ سخت ڪاوڙ ۽ ڪروڌ پيدا ٿي پيو. چيو ويو ته اُن ۾ اٺ سؤ ماڻهو مارجي ويا هئا. ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ بينل فصل ساڙي رک ڪيا ويا. عورتن جي لڄالُٽ ڪئي وئي، جنهن سبب ٻارهن ورهيه اڳ بنگلاديش ۾ فوج جيڪي هاڃا ڪيا هئا، تن جو اگريون يادون اڀري آيون هيون. ڪاوڙ ۽ ڪِروڌ جي رَڪ مان سنڌي قوميت جنم ورتو. ٻين اقليتي صوبن ۾ پڻ علحدگيءَ جي هلچل اڀرڻ لڳي. ضياءَ جي ظلم ۽ ڇهن ورهين جي مارشل لا سبب پاڪستان جو ڪمزور ۽ نازڪ وفاق ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ وارو هو.

پوءِ به ريگن انتظاميا پنهنجي خاص ماڻهوءَ جي پُٺي ٺپريندي آئي. ’نيوز ويڪ‘ لکيو آهي ته، ”واشنگٽن پنهنجي عالمي حڪمت عمليءَ ۾ ضياءَ کي پنهنجو گُڏو سمجهي ٿو.“ مون پنهنجي روزنامچي ۾ 22 آڪٽوبر تي لکيو. ”هڪ مغربي جاسوس ذريعي جي چوڻ مطابق سي آءِ اي پاڪستان ۾ پنهنجيون ’اصلي‘ سرگرميون وڌائي ڇڏيون آهن. گذريل هفتي ’نيوز ويڪ‘ لکيو هو ته ضياءَ جي ڊهندڙ حڪومت کي سي آءِ اي ٽيڪ

ڏيو بيني آهي. اهي خاطري چاهين ٿا ته ضياءَ جو حشر ايران جي شاهه جهڙو نه ٿئي. گڏريل ڏيڍ ورهيه ۾ مصر ۾ جاسوسي ڪندڙ 'آمريڪي پُوتن' جو وڏو تعداد قاهرا مان نڪري اسلام آباد ۾ پهچي ويو آهي. اُن رپورٽ جي پڇاڙيءَ ۾ ڄاڻايل آهي ته 'اُن مان پڌرو ٿئي ٿو ته ضياءُ رُڳو تڏهن اقتدار ڇڏيندو، جڏهن ڪيس ان لاءِ مجبور ڪيو ويندو.'' ۽ آئون 70 ڪلفٽن ۾ ئي نظربند رهيس. منهنجي نظربنديءَ جو اُهو پنجون ورهيه هو. اوندهه. منهنجي ذهن ۾ ڏڪا ۽ دانهون. اندڪار جون هڪ ٻئي پنيان لهرون. سنڌ بغاوت کان ٿُرت پوءِ، هڪڙي ڏينهن بستري ۾ جڏهن منهنجي اک کلي ته مون پنهنجيءَ نبض تي ڊاڪٽر جو هٿ ڏٺو ۽ هن جي مُنهن تي مُرڪ. هن مونکي ٻڌايو ته منهنجي ڪَنُ جي صفائي لاءِ بيهوشيءَ جي جيڪا دوا ڪَتب آندي وئي هئي، تنهن جو مون تي خراب اثر ٿيو هو. پر اُن اوچتي صورتحال ۾ امداد وٺڻ لاءِ ٻي ڪا راهه به نه هئي، ڇو ته 70 ڪلفٽن ۾ ٽيليفون ڪَٽيل هو. وري هڪ مهينو پوءِ مون تي مٽي جي ڦيريءَ جو سخت حملو ٿيو، جنهن سبب مونکي پنواٽيون پئي آيون ۽ منهنجيءَ دل سخت ڪچي ٿي پئي هئي. وري ڊاڪٽر کان طبي امداد وٺڻ لاءِ ڪا راهه ئي نه هئي.

منهنجي ڪَنُ جي علاج کان پوءِ آئون ڪيترن ڏينهن تائين ٻُخار ۾ ورتل هيس.ان حالت ۾ مونکي ڪنگهه هئي ۽ پگهر پئي نڪتا. ڊاڪٽر منهنجو ڪَنُ تپاسيندي فيصلو ڪيو ته منهنجي ٻُڌڻ جي اٽڪل اڌ جيتري قوت ضايع ٿي وئي آهي. ''جيڪڏهن مون هن جو علاج نظربنديءَ ۾ ڪيو، ته پوءِ آئون مريض جي صحت جو ذمو کڻي ڪونه سگهندس.'' ڊاڪٽر نومبر ۾ هوم سيڪريٽريءَ کي اطلاع ڏنو ۽ درخواست ڪئي ته ڪيس وڌيڪ علاج اسپتال ۾ ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. ''سياري جي مُند جي اوچتي شروع ٿيڻ سان جيڪڏهن نَڪ يا نڙيءَ ۾ ٿوري به تڪليف ٿي ، ته سندس ٻُڌڻ جي حِس کي وڌيڪ هاڃو رَسندو. جراحيءَ لاءِ ڪي اپاءُ نه وٺڻ تائين ڪيترن ئي مونجهارن جو جوکو موجود آهي، جن ۾ مُنهن جي نَسن جو نِستو ٿيڻ به ممڪن آهي.'' نيٺ اسپتال ۾ علاج ڪرائڻ جي اجازت ملي ۽ باقي علاج وڌيڪ سُني نموني ڪرائڻ لاءِ مونکي جسماني ۽ نفسياتي طرح پاڻ کي سهيڙڻو هو.

آئون نظربنديءَ ۾ ايترو ته گهڻو عرصو رهي هيس، جو آئون هر ڪنهن ۽ هر شيءِ تي شڪ ڪندي هيس. پنهنجي حياتي ڪنهن اوپري شخص کي سونپڻ جي ويچار کان ئي مونکي ڊَپ وَڪوڙي ٿي ويو، پوءِ پلي اهو شخص انگريز سرجن ڇو نه هجي. تنهنڪري ٻيٽي خاطريءَ لاءِ ته مونکي آپريشن جي گهُرج به هئي يا نه. مون پنهنجو طبي رڪارڊ لِڪ ڇپ ۾ ڊاڪٽر نيازيءَ ڏانهن لنڊن موڪلي ڏنو. هن منهنجي طبي پرک جي تصديق ڪئي. پوءِ به آئون اڃا به وڌيڪ مونجهاري ۾ ڦاٿل هيس. سڄي پاڪستان ۾ هزارين سياسي قيدي جيلن ۾ اهڙين حالتن هيٺ بند هئا، جن جو ذڪر به نٿو ڪري سگهجي، منجهانئن ڪيترن کي ته موت جي سزا مليل هئي. جيتوڻيڪ آئون پڻ قيد ۾ هيس، پر

مون ڀانئيو ته آئون ئي سندن همت ۽ سُڪون جو وسيلو آهيان. مون ڏکن ۽ ڏُکيائين ۾ هنن جو ساٿ ڏنو آهي، اهي منهنجي ڪارڻ ئي اُتي آهن ۽ آئون هنن سبب هتي آهيان. جيڪڏهن آئون ڪين ڇڏي وينديس، ته ڇا اهي پاڻ کي بيوس ۽ لانجهو ڪونه ڀانئيندا؟ ڇا اهي پاڻ کي هيڪلو نه سمجهندا؟

ڊسمبر جو مهينو جيئن ئي پورو ٿيو ته مونکي پوري پڪ ٿي، ته حڪومت ٽُرت مونکي آزاد ڪندي. سنڌ ۾ بغاوت هلندي مونکي اختياريءَ وارن وٽان ڪابه ڄاڻ نه پهتي هئي. مونکي سُڌ هئي ته حڪومت اُن سخت مصيبت ۽ پريشانيءَ وقت اهو چاهيندي مونکي آزاد نه ڪندي، ته متان آئون اهي خبرون پرڏيهي ملڪن تائين پهچايان. پر هاڻي اهي فساد گهٽجي ويا هئا، تنهنڪري هنن وٽ هينئر ڪوبه بهانو ڪونه هو.

آئون پاڻ به هاڻي سفر لائق ٿي وئي هيس. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر جو پهرين ويچار هو ته هوائي جهاز ۾ چڙهڻ کان اڳ هو منهنجي ڪَنُ ۾ نالي وجهي ڇڏيندو. پر هاڻي هنن جو چوڻ هو ته جهاز جي اڏامڻ ۽ لهڻ وقت مون کي رُڳو ٻن گورين کائڻ جي گهُرج ٿيندي. اوائل ۾ ڪَنُ جي علاج ڪرائڻ وقت منهنجي تڪليف ۽ ڳٽيءَ سبب مون تي جيڪو خراب اثر ٿيو هو، سو حڪومت جي اُن فيصلي سبب گهٽو گهٽجي ويو هو ته، صنم روزانو مون سان ملاقات ڪري سگهندي. ڊاڪٽر حڪومت تي زور وڌو، ته جيڪڏهن مونکي ڪنهن سان ڳالهائڻ جي اجازت نه ڏني وئي، ته منهنجي صحت جي بحالي ناممڪن بڻجي ويندي.

ڊسمبر جي پڇاڙيءَ ۾ اختياري وارن صنم ۽ مون کان اسان جي پاسپورٽن، ويزا فارمن ۽ فارين ايڪسچينج فارمن جو پڇيو. هنن اسان کي تيار رهڻ لاءِ چيو. پر جنهن ڏينهن اسان کي وڃڻو هو، تنهن ڏينهن ڪوبه اسان کي وٺڻ ڪونه آيو. مون اُهو وقت ذاتي معاملا نبيرڻ ۾ گذاريو. مون پنهنجي غير حاضريءَ ۾ گهرن جي سارسنڀال جو بندوبست ڪيو ۽ ٽئڪسن جو حساب ڪتاب ٺيڪ ڪيو. هڪ ٻئي هوائي جهاز جو وقت آيو ۽ اهو به نڪري ويو.

اسان جي جهاز جي ٻي اڏام 10 جنوري 1984ع تي فجر وقت رٿيل هئي. اڳ ۾ اطلاع ڏيڻ کان سواءِ اختياري وارا رات جو ساڍي يارهين بجي 70 ڪلفٽن تي آيا. ”اوهان کي اڄ رات روانو ٿيڻو آهي.“ هنن ٻڌايو. ”اوهان وٽ سامان ٻَڌڻ لاءِ ٻه ٽي ڪلاڪ اچا آهن.“ مون سندن اهي لفظ لاپرواهيءَ سان ٻُڌا. مون تڙ تڪڙ ۾ عوام لاءِ آخري نياپو ٽائيپ ڪيو. ”پارٽي جا بهادر ڪارڪنو ۽ پيارا هم وطنو.“ مون انهن لفظن سان شروعات ڪئي، ”بيماريءَ جي سلسلي ۾ هن سفر تي رواني ٿيڻ کان اڳ آئون اوهان جي دعائن سان وڃڻ جي اجازت گهران ٿي...“ پنهنجي سامان کي سهيڙيندي آئون ساڙِي ٿي پيس. ۽ مون پنهنجي ٻلي هڪ سفري ٿيلهي ۾ ڪنئي. گذريل ستن ورهين ۾ مون سان اهو ئي ڪجهه ٿيندو رهيو هو، جو ڪي چڱيون شيون به رُج ٿي لڳيون.

ٻاهر آڳنڌ ۾ صنم هڪ بي نشان ڪار ۾ منهنجو اوسيئڙو پئي ڪيو. هوائي اڏي ڏانهن وينڊي اسان کي رستن تي ڪوبہ ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. اتي اسان کي هڪ پاسيري ڪمري ۾ ويهاريو ويو. مون پاڻ کي ٿوري بہ اُتاولائي ڏيکارڻ جي اجازت نہ ڏني. مون تازو اوريانا فيلاچيءَ جو لکيل ڪتاب "انسان" (The Man) پڙهي پورو ڪيو هو. ان جي هيري جو جهاز جيئن اڏامي ٿو، تہ ان پنيان هوائي فوج جا جهاز اماڻي، ڪيس هوائي اڏي تي واپس موٽايو وڃي ٿو.
اسان کي سوئيز هوائي جهاز ۾ ويهارڻ لاءِ پوليس وٺي وئي. مسافرن واري ڏاڪڻ تي چڙهندي مونکي هوائي جهاز ۾ آڏرياءُ ڪنڌ عورت جي مُنهن تي مُرڪ ڏسڻ ۾ آئي. آئون اها مُرڪ ڪڏهن بہ نہ وساري سگهنديس. اها مُرڪ ڪنهن پوليس يا مارشل لا يا جيل جي عملدار جي نہ هئي. اها مُرڪ هڪ شهري، هڪ ٻئي انسان جي هئي. هوائي جهاز جو دروازو بند ٿي ويو. رات جو اڍائي ٻجين صنم ۽ آئون سئٽزرليند ڏانهن روانيون ٿيونسين. اسان پويان کي بہ جهاز ڪونہ آيا. مونکي ڪابہ سُڌ نہ هئي تہ مارشل لا جي ستن ورهين واري عرصي کان پوءِ ضياءَ مونکي آزاد ڪرڻ لاءِ اُهو وقت چو چونڊيو هو پوءِ پيٽر گلئلبريٽ مونکي ٻڌايو:
ڊسمبر جي پڇاڙيءَ ڌاري فارين رليشنس ڪميٽي مونکي چيو تہ آئون ڏکڻ ايشيا جو سفر ڪري علائقائي سلامتيءَ جي معاملن بابت ڪميٽيءَ جي ورتل جائزي تي هڪ رپورٽ ناهيان. مون پاڻ سان يعقوب خان لاءِ هڪ خط پڻ کنيو. جنهن تي ڪميٽيءَ جي چيئرمين چارلس پرسي ۽ سينيٽر پيل جو صَحيون ٿيل هيون، جنهن ۾ ڪيس ياد ڏياريو ويو هو تہ سندس حڪومت جي چوڻ مطابق بينظير کي سندس دوستن سان ملاقات جي اجازت هئي. 'مسٽر گئلبريٽ، مس بينظير ڀٽي جو ذاتي دوست آهي ۽ اهي ٻئي هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ ساڳئي ڪلاس ۾ پڙهيا آهن،' هنن جي خط ۾ ڄاڻايل هو. انهن سينيٽرن لکيو هو تہ مونکي هن سان ملاقات جي اجازت ڏني وڃي.
مون پاڪستان اچڻ جو اهڙو پروگرام رٿيو هو، تہ جيئن آخري منزل ڪراچي ۾ ٿئي. هن پيري آمريڪي سفارتخاني منهنجي ڏاڍي مدد ڪئي. مونکي ٻڌايو ويو هو تہ بينظير سان مون کي ملاقات جي اجازت ڏيڻ لاءِ جنرل ضياءَ پاڻ فيصلو ڪيو هو.
آئون 9 جنوري تي رات جو دير سان ڪراچي پهتس. بينظير سان ملاقات لاءِ منهنجي درخواست جو ڪوبہ جواب نہ ملڻ سبب مون ٻئي ڏينهن صنم سان ملاقات جو بندوبست ڪيو. آئون ڏاڍو مايوس هوس ۽ هڪ ڀيرو وري مون بينظير کي هڪ ڊگهو خط لکيو. ٻئي ڏينهن صبح سوير مونکي آمريڪي قونسليٽ مان فون پهتو تہ هڪدم هليو اچ. آئون جڏهن اتي پهتس تہ ڊپٽي ڪائونسل جنرل مونکي ٻڌايو تہ، آڌيءَ رات کان ٿورو پوءِ بينظير کي هوائي اڏي ڏانهن وٺي ويا ۽ ڪيس سوئيز هوائي جهاز ۾ چاڙهيو ويو هو. صنم بہ ساڻس گڏ هئي.

مون کي ويساهه ئي ڪونہ ٿي آيو. قونسليٽ جي ڪار مونکي 70 ڪلفٽن ڏانهن ڪاهي وئي. اتي سدائين موجود پوليس جا پهريدار غائب هئا. سڄو گهر بند پيو هو. بينظير آزاد هئي.

# آمر سان مقابلو 1984ع کان 1988ع تائين

## جلاوطنيءَ جا سال

**”امان!“**

”ڀِنڪي!“ اڙي تون آزاد آهين. مون تہ هن ڏينهن جا سَپنا ٿي ڏٺا!“ جنيوا جي هوائي اڏي مان اسين ٻاهر اچون ٿيون، تہ آئون اُفق جي اَٿاهہ پولار ڏانهن نهاريان ٿي. ٽي ورهيہ سانده ديوارن اندر قيد رهڻ ڪانپوءِ ان نظاري کي ڏسڻ لاءِ منهنجي اکين کي وسرام مليو ٿو. مونکي ويساهہ ئي نٿو اچي تہ آئون ڪو آزاد آهيان.

اسين جڏهن امان جي فليٽ تي پهچون ٿيون، تہ اتي فون جي گهنڊڙي وڄي پئي. ”ها، ها، هوءَ واقعي هتي آهي.“ امان فون تي مير ۽ شاهہ کي ٻڌائي ٿي. ”اوهان ٻي ٻي سيءَ تان هن جي آزاديءَ بابت جيڪي ٻُڌو سو صحيح آهي.“

منهنجن ڀائرن مير ۽ شاهنواز جا آواز ۽ منهنجو آواز اُتاولائيءَ سبب هڪ ٻئي سان گڏجي سڏجي وڃن ٿا. ”تنهنجو ڇا حال آهي؟“ آئون فون جو رسيور پنهنجي صحتمند ڪَنُ تي رکي زور سان رڙ ڪريان ٿي. ”الله جو شڪر جو تون سلامت آهين؟“ مير رڙ ڪري جواب ڏئي ٿو. ”سياٽي تو سان ملڻ لاءِ اچان پيو. اتي هڪ هفتو ڪن ترس تہ جيئن آئون بہ اچي سگهان.“ شاهہ چوي ٿو: ”نہ شاهہ، اهو ٿي نٿو سگهي.“ آئون کيس ٻڌايان ٿي. ”ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ لاءِ مونکي لندن وڃڻو آهي.“ ٽُرت ملاقات لاءِ آئون ساڻن وچن ۾ اُهي مون سان واعدو ڪَنُ ٿا.

لاس اينجلس، لندن ۽ پيرس مان فون لاڳيتا پيا اچن. امان جون ساهيڙيون ۽ مائٽ منهنجي آزاد ٿيڻ تي هن کي فون ڪري واڌايون پيا ڏين. آئون ڪنهن سان بہ ڳالهائڻ لاءِ اجا پاڻ کي تيار نہ ٿي سمجهان. مون رڳو لندن ۾ ياسمين ۽ ڊاڪٽر نيازيءَ سان ڳالهايو. والدين جو هڪ دوست ۽ گڏيل قومن جي اداري ۾ ايران جو اڳوڻو سفير اردشير زاهدي مَڇين جون لوڙانيل آنيون کڻي آيو. رات جو امان، صني ۽ آئون گهڻيءَ دير تائين ڪچهري ڪنديون رهيونسين. لڳو ٿي تہ ڪابہ ڳالهہ ويساهہ جوڳي نہ هئي. ڪالهہ تائين آئون قيدياڻي هئس ۽ اڄ آئون امان ۽ ڀيڻ سان گڏ آزاد هئس. اسين گڏ هيونسين. اسين سڀ سلامت هيونسين.

مير! ڳاڙهن وارن واري ننڍڙي ڇوڪريءَ منهنجي ڪوٽ کان ڇڪيو! ”پنهنجي ڀائٽي فتحي سان مل.“ مير مونکي چيو. هو منهنجي آزاديءَ جي ٻئي ڏينهن امان جي فليٽ ۾ مون سان ملڻ آيو. ڇا منهنجو ڀاءُ سچ پچ منهنجي اڳيان بيٺو هو؟ مون هن جا ڇپ

چُرندي ڏنا، ۽ ڪيس جواب ڏيندي پنهنجو آواز ٻُڌو. اسان جي اُن ملاقات ۾ ايترو تہ گوڙ هو، جو اسان جا ڪَنُ ٽي ڦاٽا، پر مونکي ڪجهہ بہ ياد ڪونهي تہ مون ڇا چيو. اٽڪيهن ورهين جي ڄمار ۾ مير ڪيترو نہ سُهڻو ٿي ڏسڻ ۾ آيو. هن پنهنجي ارڙهن مهينن جي ڌيءَ کي ڪٽي جڏهن مونکي چُمي ڏني، تہ سندس ڪاريون اکيون ڪڏهن چمڪيون ٿي، تہ ڪڏهن وري منجهن حيا جي لهر ڊوڙي ٿي وئي. ”شاهہ جي اچڻ تائين ترسي پئو،“ مير ٺهڪ ڏيندي چيو. مون آخري ڀيرو شاهہ کي تڏهن ڏٺو هو، جڏهن هن جي ڄمار ارڙهن ورهيہ هئي. هو تنهن وقت ڇوڪرو ٿي لڳو. هاڻي هو پنجويهن ورهين جو هو، جنهن کي مُڇون ڏاڙهيون پسند هيون.
مون آلپس جبلن مٿان سج کي چمڪندي ڏٺو ۽ ٿڌي شفاف هوا کي منهنجو مُنهن ڌوئيندي پاتئيو. جيتوڻيڪ منهنجو ڪَنُ بند ۽ نِستو هو، پر اهي سڀ شيون اچرج ۾ وجهندڙ پئي ڏسڻ ۾ آيون. رستي تي ماڻهن ۽ گاڏين جي اچ وڃ شروع ٿي وئي هئي ۽ مون هيٺ گهٽيءَ ۾ ڏيان سان ڇتايو. اُن عمارت پرسان مونکي جاسوسن جون ڪي بہ گاڏين بيٺل ڏسڻ ۾ ڪونہ آيون، ۽ جاسوس بہ دروازن پنيان لڪندي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيا. ڇا اهو سڀ سچ هو؟ ڇا آئون سچ پچ آزاد هيس؟ مون پنهنجو ڳل مهٽيو. منهنجي بيچينيءَ مونکي ياد ڏياريو، تہ آئون پرڏيهہ ۾ ڇو آئي هيس.
انهيءَ وچ ۾ منهنجي آزاديءَ جي خبر انهن جلاوطن پاڪستانين ۾ پکڙجي وئي، جيڪي يورپ ۾ ٽڙيل پکڙيل هئا ۽ جن جو انگليند ۾ رهندڙ ٽي لک انهتر هزار پاڪستانين ۾ وڏو تعداد هو. ان ڏينهن ٽپهريءَ جو جڏهن آئون ۽ صني هوائي جهاز ۾ لندن ويونسين، تہ پاڪستانين جو وڏو تعداد منهنجي آڌرڀاءُ لاءِ هيٿرو هوائي اڏي تي اچي گڏ ٿيو هو. فضا ۾ اُيرندڙ سياسي نعرن کي ٻُڌي مونکي لڳو ڄڻ آئون واپس ڪراچي پهچي وئي هيس.
ياسمين نيازي، هيٿرو هوائي اڏو:
هوائي اڏي تي برطانوي اخبارن جي صحافين سميت ايترا تہ ماڻهو موجود هئا، جن جو ڪاتو ئي نٿو ڪري سگهجي. هنن بينظير کي ڏسڻ لاءِ هڪ ٻئي کي ڌِڪا پئي ڏنا. ائين ٿي لڳو ڄڻ هوءَ قبر مان اُٿي آيل هجي. هنن مان ڪنهن بہ ڪونہ ٿي ڄاتو، تہ اُهي ڪيس وري بہ ڏسي سگهندا يا نہ. ”هوءَ ڪير آهي، فلمي هيروئن يا ٻي ڪير؟ هڪ انگريز پوليس واري هڪ ٻئي پوليس واري جي مدد سان ماڻهن جي ميڙ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي مون کان پڇيو: ”هوءَ اسان جي سياسي اڳواڻ آهي.“ مون هن کي ٻڌايو. ”سياسي اڳواڻ؟“ هن اچرج وچان وراڻيو. ”ڇا تو جلاوطني اختيار ڪئي آهي؟“ بينظير جڏهن دروازي مان ٻاهر آئي تڏهن صحافين ڪانئس پڇيو. سندس جواب ٻُڌي نہ رڳو انهن پاڪستانين، جيڪي هوائي اڏي تي اچي گڏ ٿيا هئا، پر انهن لکين ماڻهن پڻ سُک جو ساهہ کنيو، جن اهو ريڊيي تان ٻُڌو هو ۽ اخبارن ۾ پڙهيو هو. ”جلاوطني؟ آئون

جلاوطن ڇو ٿيان؟“ هن وراڻيو. ”آئون انگلينڊ ۾ رُڳو علاج لاءِ آئي آهيان. آئون پاڪستان ۾ ڄائي آهيان ۽ آئون مرنديس به پاڪستان ۾. بابا اتي دفن ٿيل آهي. آئون ڪڏهن به پنهنجو ملڪ ڪونه ڇڏي وينديس.“
انهن لفظن هن جي سيني هم وطن خاص ڪري غريبن جون اُميدون وڌائي ڇڏيون. ”آئون اوهان کي ڇڏي ڪونه ڏينديس.“ هن پنهنجي نياڻي ۾ چيو. ”آئون ساهه جي پڇاڙڪي هِڏڪيءَ تائين اوهان سان گڏ رهنديس. ڀٽو خاندان پنهنجو وچن نڀائي ٿو.“

لنڊن جي نائٽسبرج علائقي ۾ ماسي بهجت جي ننڍڙي فليٽ ۾ گلن ۽ ميون جي ٽوڪرين جا ڍير گڏ ٿي ويا، جتي مهمانن جي ڪمري ۾ آئون ۽ صني رهيل هيونسين. صحافين ۽ آڪسفورڊ جي ساهيڙين ۽ دوستن ٽيليفون ڪري ملڻ جي خواهش ڏيکاري، پارٽيءَ جي اڳواڻن ۽ حامين به ملاقات لاءِ چيو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي جلاوطن ڪارڪنن لاءِ لنڊن سياسي سرگرمين جو مرڪز هو. منهنجا ڀائر هتي رهيا هئا ۽ فوجي بغاوت کان پوءِ پاڪستان مان جيڪي پيپلز پارٽيءَ جا ڪيترائي اڳواڻ ڀڄي نڪتا هئا، سي پڻ اتي اچي رهيا هئا. هنن ملاقات لاءِ لاڳيتا فون پئي ڪيا. ”آئون اوهان جو رُڳو ڏهه منٽ وقت وٺنديس.“ هنن فليٽ ۾ اچڻ وقت چيو. پاڪستانين جي انگلينڊ ۾ جيڪا وڏي آبادي رهي ٿي، تنهن مان ڪيترائي ماڻهو رڳو ٻاهرئين دروازي تائين ٿي آيا ۽ گهنڊٽي وڄائي ٻاهر گهٽيءَ ۾ ئي ميڙو ڪري ٿي بيٺا.
ماسي بهجت ۽ چاچا ڪريم ڏاڍا مهربان هئا، پر صورتحال سَهپ جوڳي نه هئي. اها تنهن وقت ته ويتر خراب ٿي وئي، جڏهن چاچي بهجت پاڪستانين سان پريل اُن ڪار کي ڏسي ورتو، جيڪا سڄو ڏينهن عمارت ٻاهران بيٺي هئي. ”هيءُ آزاد ملڪ آهي ۽ توکي ان سچائيءَ کان بيپرواهه رهڻ نه گهرجي.“ ماسي بهجت مونکي ان وقت چيو جڏهن اها ڪار هر هنڌ اسان جي پويان پئي آئي. هن اسڪاٽلينڊ يارڊ ٽيليفون ڪيو ۽ هڪدم پوءِ اها ڪار الوپ ٿي وئي. اسان کي اُن ننڍڙي سوٽ تي سرهائي پاڻي، ته اسان ضياءَ جي گماشتن کي مجبور ڪيو هو، ته مونکي اڪيلو رهڻ ڏين. پر منهنجي ڳڻتي اجا نه لٿي هئي.
جيتوڻيڪ آئون آزاد هيس، پر فليٽ مان ٻاهر ويندي مونکي ڊَپُ ٿيندو هو. آئون جڏهن به دروازي مان ٻاهر نڪرندي هيس، ته پيٽ، ڳچي ۽ ڪُلهن جون رَڳون سِيٽجي ويندي يون هيون. آئون به قدم کڻڻ کان پوءِ مُنهن ورائي ڏسندي هيس، ته متان ڪير منهنجي پنيان ته نه پيو اچي. قيد جي چؤديوارين اندر ڪيترائي ورهيه اڪيلي رهڻ کان پوءِ لنڊن جي ماڻهن سان پريل گهٽين کان به مونکي ڊَپ ٿيندو هو. آئون ماڻهن، آوازن ۽ گوڙ جي هيراڪ ڪونه هيس. ڊاڪٽر وٽ وڃڻ وقت زمين هيٺان هلندڙ ريل ۾ چڙهڻ بدران مونکي جيڪا به پهرئين ٽئڪسي ڏسڻ ۾ ايندي هئي، تنهن ۾ ٽِپ ڏيئي چڙهي پوندي

هيس، ۽ جڏهن پنهنجي منزل تي پهچندي هيس ۽ گهٽيءَ ۾ لهڻ لاءِ مجبور ٿيندي هيس، تڏهن ٿوري مفاصلي تي به منهنجي دل ڌڪڻ شروع ڪندي هئي ۽ آئون پورو ساهه به کڻي ڪونه سگهندي هيس. منهنجي لاءِ حقيقي زندگيءَ سان سرچاءُ به ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو.
آئون خود اعتماديءَ جو ڏيک ڏيندي هيس ۽ پنهنجين ڳڻتين کي سيني کان لڪائيندي هيس. مونکي اهو ڪرڻو پوندو هو. ڪيترائي ورهيه نظربنديءَ ۾ رهڻ سبب ۽ منهنجي خاندان سان فوجي حڪومت جي ورتاءُ سبب ڪيترن ئي پاڪستانين موجب منهنجي حيثيت هڪ انسان کان به مٿاهين تي پئي هئي. آزاد ٿي انگلينڊ اچڻ سبب اخبارن وغيره ذريعي منهنجيون جيڪي خبرون پکڙيون هيون، تن مونکي اتي قومي اڳواڻ جو درجو ڏنو هو: اهڙو فرد جنهن مارشل لا سان مقابلو ڪيو هو. هائيڊ پارڪ جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ ڳڻتيءَ جي اوچتي حملي کان گهبرائجي ڪِري پوڻ مناسب ڪونه هو. آئون جڏهن به ٻاهر وڃڻ تي مجبور ٿيندي هيس، ته پاڻ کي اهوئي چوندي هيس ته، اونهون ساهه کڻ، مضبوطيءَ سان هل، ڌَپ کي ويجهو اچڻ نه ڏي.
لنڊن ۾ اچڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ هڪ ملاقاتي اهڙو آيو، جنهن جي ڪا اُميد ئي نه هئي. پيٽر گئلبريٿ تازو ڪراچيءَ مان آيو هو ۽ ماسي بهجت مونکي ٻڌايو ته، هو ٻنهپهرن جي ماني مون سان گڏ کائڻ گهري ٿو. منهنجي آزادي لاءِ هن جيڪا ڪوشش ڪئي هئي، تنهن جي مونکي ڪابه ڄاڻ نه هئي. مونکي ته رڳو اها خوشي هئي، ته آئون پراڻي دوست سان ملاقات ڪنديس. آئون همت ڪري پنهنجي فليٽ مان نڪري، ٽئڪسي ۾ چڙهي رِٽز هوٽل ڏانهن ويس.
**پيٽر گئلبريٿ:**
مون هن کي گهرايو ته هو، پر آئون ڏاڍي اُٽڪڻ ۾ هوس. اها اهڙي عجب جهڙي صورتحال هئي، جنهن ۾ اوهان ستن ورهين جي عرصي ۾ ڪنهن سان ملاقات ئي نه ڪئي هجي. مونکي ٿيندڙ تجربي کان هن جو گهڻو مختلف تجربو هو. رِٽز هوٽل جي ڏيڍيءَ ۾، جتي ماٺهو چانهه پيئڻ لاءِ گڏجن ٿا، مون ٿورو ڏکندي هن جو اوسيئڙو ڪيو.
جڏهن هوءَ آئي ته ايتري ته تندرست ٿي ڏٺي، جو آئون اچرج ۾ ونجي ويو هوس ۽ اسين کاڌو کائڻ ويناسين. مونکي ڪنهن خاص ڳالهه جي ڪابه اميد نه هئي. پر هوءَ بيشڪ مختلف ٿي ڏسڻ ۾ آئي. هن ۾ هڪ نئين قسم جي خوداعتمادي هئي، هڪ اهڙي ڀرپور ۽ سانت خوداعتمادي، جيڪا 1977ع ۾ آڪسفورڊ ۾ پڙهڻ وقت هن ۾ مونکي ڏسڻ ۾ نه آئي هئي.
هوءَ هونئن سدائين موهيندڙ هوندي هئي، پر هاڻي هوءَ وڌيڪ نمايان ٿي لڳي. هوءَ هر ڪنهن جي نگاهه جو مرڪز ٿي پئي هئي. مون هن کي واشنگٽن جي نئين سياسي صورتحال بابت تفصيل سان ٻڌايو ۽ سينيٽر پيل ۽ ٻين هن لاءِ جيڪي ڪوششون

ڪيون هيون، تن جو احوال ڏنو. مون هن سان اسان ٻنهي ڄڻن جي ڪجهه دوستن بابت ڳالهايو ۽ هن کي پنهنجي پُٽ جو تصويرون ڏيکاريون.
ٻنپهرن جي ماني کائڻ کان پوءِ اسين جڏهن هن جي ماسيءَ جي فليٽ ڏانهن وياسين، ته مون هڪ دوست طور کيس سياست جي جوکائتي زندگي تان هٿُ کڻڻ جي صلاح ڏني. ”پاڪستان ۾ تنهنجي گرفتاري ۽ قتل جو جوکو آهي.“ مون هن کي ٻڌايو. ”تون چو نٿي آمريڪا اچين ۽ زندگي ۾ ترقيءَ ڪرين؟ شايد هارورڊ جي عالمي معاملن واري مرڪز ۾ توکي تحقيق جو ڪم ملي وڃي.“
”مون کي اها ڳالهه وڏيڪ وڻي ٿي، ته آئون ڀٽو دؤر ۾ مارشل لا دؤر تي ڪتاب پڙهان ۽ ڄاڻان، ته ان بابت ٻين ماڻهن جا ڪهڙا ويچار آهن.“ هن مونکي ٻڌايو. ”پر مون تي ڀهرين ذميداري پارٽيءَ جي آهي. سياست ۽ پنهنجي ملڪ پٺاندر منهنجي لاءِ اها وڏيڪ عقلي ڳالهه آهي ته آئون هتي آهيان. جتي پاڪستاني گهڻا ئي ۾ آهن ۽ گهٽ ڇڙوڇڙ آهن.“
پوءِ به هُن منهنجي اُن تجويز ۾ وڏيڪ چاهه ڏيکاريو، ته هوءَ ڪنهن ڪم سانگي آمريڪا ۾ اچي. هن کي خبر هئي ته پرڏيهي ملڪن جي سفارش ۽ سُڌ سماءُ جا ذريعا اجا تائين پاڪستان ۾ قيد سياسي قيدين کي آزاد ڪرائڻ جي سلسلي ۾ گهڻي اهميت وارا ٿي سگهن ٿا. پنڌ وقت ۽ ڳالهائڻ وقت اسان جو واحد مسئلو هن جو ڪَنُ هو. مونکان وسري ٿي ويو ته هن جو ڪهڙو ڪَنُ ٻوڙو آهي. آئون هن جي ٻوڙي ڪَنُ ۾ ڳالهائيندو رهيس.“
جنوريءَ جي آخري هفتي ۾ منهنجي نازڪ ۽ باريڪ جراحي ٿي، جنهن ۾ پنج ڪلاڪ لڳي ويا. يونيورسٽي هاسپيٽل ۾ آئون جڏهن هوش ۾ آيس، ته مون پنهنجي سرجن مسٽر گرهام کي ڏٺو. ”مُرڪينس.“ هن مونکي چيو. مون سمجهيو ته هو مونکي وندرائڻ چاهي ٿو ۽ مون اڌ بيهوشيءَ جي حالت ۾ سندس حُڪم جي پوئواري ڪئي پوءِ هن مونکي جُوس جو ڍُڪ پياريو. ”ان جو ذائقو ڪهڙو آهي؟“ هن پڇيو. ”ڏاڍو سوادي،“ مون وراڻيو. هن منهنجي چارٽ تي ڪجهه نشان ڪيا. ”تنهنجي آپريشن ڏاڍي سٺي ٿي آهي،“ هن ٻڌايو. ”تنهنجي مُنهن جي کاٻي پاسي واري نس کي هاجو ڪونه پهتو آهي، تنهنڪري تنهنجي ذائقي جي حس ٺيڪ آهي.“
آئون امان جي اُن عارضي فليٽ ۾ آهستي تندرست ٿيڻ لڳيس، جيڪو هن ڪالنگهام گارڊنس جي سُندر ۽ وڻڪار سان ڀريل رستن واري علائقي ۾ ورتو هو. آئون ڪيترن ئي هفتن تائين هنڌ ۾ سنئين ٿي پئي هيس. جيڪڏهن ڏهن منٽن کان وڏيڪ وقت ويهندي هيس، ته مٿي ۾ ڏمچر مچي ويندو هو، چڪر ايندا هئا ۽ دل ڪَچي ٿيندي هئي. نيٺ جڏهن اٿي ويهڻ جهڙي ٿيس. تڏهن ڪنڌ جُهڪائي ڪتاب پڙهڻ وقت يا لکڻ وقت ڏاڍي ڏُکيائي ٿيندي هئي ۽ مٿي ۾ ڏان ڏان ٿيڻ لڳندي هئي. آئون اڪثر ڀانئيندي هيس ته منهنجو مٿو ڦاٽڻ وارو آهي. آئون پنهنجي ڪَنُ ۽ ٻُڌڻ جي تپاس لاءِ ڊاڪٽر وٽ وقت

تي ويندي هيس. مون هن سان اُن بابت ڳالهايو. ”تنهنجو ردعمل انوکو ڪونهي.“ مسٽر گرهام مونکي خاطري ڏني.
هن ڇهين هفتي منهنجي ٽپاسڻ ڪان پوءِ جيڪا خبر ٻڌائي، تنهن مون کي ڇرڪائي ڇڏيو هو. ”شايد نون مهينن ڪان پوءِ تنهنجي وري هڪ ٻي آپريشن ٿئي.“ نون مهينن ڪان پوءِ؟ لنڊن ۾ ايترو عرصو رهڻ لاءِ منهنجو ڪوبہ ارادو ڪونہ هو. منهنجي ذهن ۾ تہ اڳواڻ ئي پاڪستان وڃڻ جو ويچار آيو هو، جيتوڻيڪ امان، ماسي بهجت، صني ۽ ياسمين، انهن سڀني مون تي زور رکيو هو تہ آئون يورپ ۾ ترسي پوان.
”توري وقت لاءِ سياست کي ڇڏي مون سان گڏ رهہ. هن وقت تون واپس وينديءِ تہ ضياءَ توکي قيد ڪندو ۽ پوءِ اتان تنهنجو جيئرو ٻاهر اچڻ ممڪن نہ ٿي سگهندو.“ امان مون سان بحث ڪيو.
”آئون قيدخاني مان بہ حڪومت خلاف جدوجهد ڪنديس،“ مون وراڻيو.
”تہ پوءِ حڪومت خلاف اها جدوجهد هتان ڇو نہ شروع ڪجي؟“ ڀين بہ مون تي زور رکيو. هنن جي ذهن تي ڊاڪٽر جي لفظن جو اثر هو. پر آئون اجا راضي ڪونہ هيس، نَو ڊگها مهينا، آئون پنهنجو وقت سَجايو ڪيئن ڪنديس؟
منهنجي صحت ٺيڪ ٿيڻ تي مون فيصلو ڪيو، تہ آئون انهن چاليهہ هزار سياسي قيدين سان حڪومت جي بدسلوڪيءَ خلاف عالمي مهم شروع ڪنديس، جيڪي اجا تائين پاڪستان جي جيلن ۾ قيد آهن. جيتوڻيڪ آمريڪا ۽ اولهہ يورپي ملڪن وٽان پاڪستان کي مالي مدد ملي پئي، پر ضياءَ انساني حقن جي جيڪا ڀڃڪڙي پئي ڪئي، تنهن ڏانهن انهن جمهوري ملڪن ٿورو يا وري ڪو ڌيان ئي ڪونہ ٿي ڏنو. مشهور ۽ تازو آزاد ٿيل سياسي قيدياڻي هجڻ سبب جلاوطنيءَ ۾ منهنجي اهڙي حيثيت هئي، جو پاڪستان ۾ جيڪو بہ ٿيو پئي، تنهن جو سمورو تفصيل پڌرو ڪريان. شايد پوءِ جمهوري ملڪ پنهنجي سفارش تي عمل ڪندي، ضياءَ کي مجبور ڪري ٿي سگهيا، تہ ڏاڍ وسيلي گرفتاري، ڪنهن تُهمت ۽ شنوائيءَ ڪان سواءِ سياسي قيدين کي قيد ۾ رکڻ ۽ گهڻن بيگناھ ماڻهن کي رڳو سندن سياسي مخالفت سبب موت جي سزا ڏيڻ ڪان پاسو ڪري.
راولپنڊيءَ ۾ ارڙهن سياسي قيدين تي فوجي عدالت ۾ مقدمو هلڻ وارو هو. هنن تي حڪومت خلاف سازش جو الزام هو. ٻيا چوونجاھ قيدي لاهور جي ڪوٽ لکپت جيل ۾ بند هئا، جن تي پڻ بغاوت ۽ الذوالفقار سان لاڳاپي ۾ هجڻ جهڙيون تُهمتون هيون. ڪراچي اسٽيل مل ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مزدور اڳواڻ ۽ ساڻس گڏ ٻين ڇئن جوابدارن تي ڪراچيءَ ۾ اُن ڪُوڙي تُهمت هيٺ مقدمو هليو پئي، تہ هوائي جهاز جي اغوا ۾ سندن بہ هٿ هو. اهو اهڙو الزام هو، جنهن جي سزا موت ٿي سگهي پئي. ضياءَ جي ”فوجي انصاف“ جي اها خاصيت هئي، تہ پاڪستان اندر يا پاڪستان ڪان ٻاهر

ٿورڙن ماڻهن کي بہ پتو نہ هوندو هو، تہ کو ڪيس هلي بہ پيو يا وري جوابدارن خلاف جيڪڏهن ڪو ثبوت هو بہ تہ، اهو ڪهڙو هو.
مون کي ناصر بلوچ جي گرفتاريءَ جي خبر 1981ع ۾ سکر جيل ۾ اُتي جي سپرنٽينڊنٽ ٻڌائي هئي. ناصر بلوچ ۽ سندس ساٿي جوابدارن کي فوجي عدالت ۾ آڻڻ ۾ ٻہ ورهيہ لڳي ويا هئا. صدارتي حڪم نمبر 4 مطابق، نہ رڳو ڪو شخص اوستائين ڏوهاري هو، جيستائين اهو بيڏوهي ثابت نہ ٿيو هو، پر سرڪاري ڳُجهي قانون هيٺ عدالت جي ڪارروائيءَ ظاهر ڪرڻ جي پڻ منع هئي. مونکي هنن جي مقدمي جي رُڳو تڏهن خبر پئي، جڏهن ڪراچي سينٽرل جيل ۾ مون وٽ ناصر بلوچ وٽان هڪ چِٺي آئي هئي، جيڪا جيل جي هڪ همدرد پهريدار لِڪائي مون تائين پهچائي هئي.
”فوجي عدالت جو اسان سان ايترو تہ ساڙ آهي، جو اڳواٽ ئي ٻڌايو ويو آهي تہ اسين جيئري ئي قبر ۾ دفنائجي ويا آهيون.“ هن مون ڏانهن مئي 1983ع ۾ لکيو هو. ”انن ڪلاڪن تائين ڪارروائي هلندي، اسان کي خاص ڳالهين کي لکڻ جي اجازت نہ آهي، ۽ نہ پاڻي پيئڻ جي. گڏوگڏ ڪاڪُوس ۾ وڃڻ ۽ نماز پڙهڻ جي بہ موڪل نہ آهي. اسان جي هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ پيرن ۾ بيڙيون پيون آهن. جڏهن اسان جي بچاءَ جو وڪيل عدالت ۾ حاضر ٿي نٿو سگهي، تہ ڪارروائي اهو چئي هلائي وڃي ٿي، تہ اسان کي رُڳو جوابدار ۽ فريادي گهرجن،“ هن جو مقدمو فيبروري 1984ع تائين بہ پورو ڪونہ ٿيو هو.
مون کي هڪ ٻئي مزدور اڳواڻ اياز سمون جي پڻ ڳڻتي هئي، جنهن کي ڊسمبر 1983ع ۾ صدر ضياءَ جي سياسي حمايتيءَ جي قتل جي ڪُوڙي تهمت هيٺ جهليو ويو هو. هن جو مقدمو فوجي عدالت ۾ هلڻو هو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي راءِ مطابق ناصر بلوچ وانگر اياز سمون کي بہ ان ڪري جهليو ويو هو، تہ جيئن ڪراچيءَ جي صنعتي شهر ۾ مزدورن جي هلچل کي چيپاٽي سگهجي. ناصر بلوچ جي مقدمي وانگر اياز سمون تي لڳل الزام جي سزا بہ موت هئي. اسان کي ڪجھ ڪرڻو هو ۽ تڪڙو.
جڏهن آئون هنڌ ۾ اٿي ويهڻ جهڙي ٿيس، تڏهن جيل ۾ ورتل پنهنجن يادداشتن ۽ پاڪستان مان اسان جي همدردن جي موڪليل بيانن پٽاندر، مون ٻين سياسي سختين جي فهرست جوڙڻ شروع ڪئي. ايمنسٽي انٽرنيشنل کي جاڻ پهچائڻ جي اهميت جي خبر مونکي پوءِ پئي هئي، جڏهن انساني حقن جي ان اداري جڳ مشهور پاڪستاني وڪيل رضا ڪاظم لاءِ عالمي عوامي راءِ کي سجاڳ ڪيو هو. رضا ڪاظم کي سندس اباڻي شهر لاهور مان جهليو ويو هو ۽ وٽانئس پوءِ ڪوبہ اطلاع ڪونہ مليو هو. ايمنسٽي ان سلسلي ۾ ”تڪڙي ڪارروائي“ جو سڏ ڏنو، جنهن تي مغربي ملڪن جي سيني اخبارن لکيو هو.

”پاڪستان ۾ لاهور شهر جي رضا ڪاظم جو تازو وڃائجڻ پوائنٽو مثال آهي،“ مارچ ۾ ’نيشن‘ اخبار جي مضمون ذريعي سڄي دنيا ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙيءَ جو ڏڪائيندڙ تفصيل ڏيندي ٻڌايو ويو هو. ”... آمريڪا هر ورهيہ پاڪستان کي 525 ملين ڊالرن جي فوجي ۽ اقتصادي امداد ڏئي ٿو، پر ان ملڪ بابت ڏاڍي اَڏنگي لاپرواهي ڏيکاري آهي... شايد سيڪريٽري آف اسٽيٽس آمريڪا جي ان قانون کي وساري ڇڏيو آهي، جيڪو ٻاهرئين امداد بابت آهي ۽ جنهن جو هڪ حصو هن ريت آهي تہ ”ڪنهن بہ ملڪ جي اُن حڪومت کي امداد نہ ڏني وڃي... جيڪا لاڳيتو عالمي طرح منظور ٿيل اهڙن انساني حقن جي ڀڃڪڙي ڪندي رهي ٿي: جهڙوڪ: اذيت ڏيڻ ... تهمت ڪانسواءِ ڊگهي نظربنديءَ ۾ رکڻ ۽ ڪنهن فرد جي زندگي، آزادي ۽ سلامتيءَ جي حقن جي ضمانت ڏيڻ کان انڪار.“

اهو مضمون بلڪل صحيح وقت تي ڇپيو هو ۽ مونکي مارچ ۾ واشنگٽن جي ”عالمي امن لاءِ ڪارنيگي ٽرسٽ“ ۾ تقرير جي دعوت ڏني وئي. مون پاڻ سان سياسي قيدين بابت ڪاغذن جا ڍير ۽ پنهنجو ايڊريسن جو پراڻو ڪتاب ڪنيو ۽ ياسمين سان گڏجي آمريڪا رواني ٿي ويس.

هڪڙي ڏينهن صبح جو آئون ڪانگريس جي عمارت ۾ ڪمرن اڳيان پئي ويس. هارورڊ جي شاگرديءَ وارن ڏينهن ۾ آمريڪا جي جمهوريت جو فائدو وٺندي آئون واشنگٽن وئي هيس، جتي مون ويٽنام جي جنگ ۾ آمريڪا جي ڪردار خلاف احتجاج واريءَ مهم ۾ حصو ورتو هو. هينئر وري آئون پنهنجي ئي ملڪ ۾ جمهوريت جي موت خلاف احتجاج ڪرڻ آئي هيس. پهرئين ڀيري مون ڪونہ ڳالهايو هو، جو ڊپ هو تہ متان پرڏيهي شاگردياڻي هجڻ سبب سياسي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ تي مونکي ملڪ نيڪالي ملي. هاڻي مون پانئيو تہ آئون گهڻو ڪونہ ڳالهائي سگهي هيس.

آئون هڪ هفتي تائين انساني حقن جي ڀڃڪڙيءَ جي خاتمي ۽ پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحاليءَ واريءَ گهُرج تي لاڳيتو ڳالهائيندي رهيس- جن ۾ سينيٽر ايڊورڊ ڪئنڊيءَ ۽ سينيٽر ڪليبورن پيل بہ شامل هو، جنهن جا مون ٿورا مڃيا، جو هن منهنجي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪئي هئي، ۽ هر ان سان بہ ڳالهائيندي رهيس، جيڪو منهنجي ڳالهہ ٻُڌڻ لاءِ مونکي مليو ٿي. ڪئپيٽل هل تي ٻين سان ملاقت لاءِ پيٽر گئلبريٿ منهنجي مدد ڪئي. ڪئليفورنيا جي سينيٽر ايلن ڪرينسٽن، نيويارڪ جي ڪانگريس مئن اسٽيفن سولارز، اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي ميمبرن، نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي صلاحڪارن سان مون گڏجاڻيون ڪيون. مون اڳوڻي اٽارني جنرل رامسي ڪلارڪ سان بہ ڳالهايو، جيڪو بابا جي مقدمي جي ڪارروائي ٻُڌڻ لاءِ پاڪستان آيو هو. مون سينيٽر مڪگورن سان بہ ڳالهايو، جنهن جي مون هارورڊ ۾ پڙهڻ وقت مدد ڪئي هئي.

هاڻي مونکي اميد هئي، ته پاڪستان ۾ انساني حقن جي بحاليءَ لاءِ هو منهنجيءَ ڪوشش جي پٺڀرائي ڪندو.

واشنگٽن ۾ قانون ٺاهيندڙ مجلس جي ميمبرن اڳيان پاڪستان جو مسئلو اڳواٽ ئي موجود هو. 1981ع ۾ پاڪستان لاءِ 3.2 بلين ڊالرن جي آمريڪي امداد منظور ٿي هئي، جنهن کي گهٽائڻ جو اُلڪو هو، ڇو ته پاڪستان جي ائٽمي پروگرام جي تصديق ڪانه ٿي هئي. ماضيءَ ۾ ان مسئلي تي سينيٽ ۾ بحث ٿيو هو، ته پاڪستان کي اها امداد ڏيڻ لاءِ اهو نه ڏٺو وڃي ته وٽس "ايٽم بم" آهي، بلڪ اها ڳالهه سامهون رکي وڃي، ته اُن بم جي آزمائش به ڪئي وئي آهي يا نه. 1984ع ۾ منهنجي اتي پهچڻ وقت سينيٽر جان گلن ۽ سينيٽر ايلن ڪرينسٽن هڪ ترميم ذريعي اهو شرط ختم ڪرايو ۽ فيصلو ٿيو ته پاڪستان کي اها امداد اُن وقت ڏني ويندي، جڏهن آمريڪا جو صدر پاڻ لکيت ۾ تصديق ڪندو، ته پاڪستان وٽ "ائٽمي هٿيار" نه آهي، ۽ نه وري ان کي ٺاهڻ ۽ سندس تجربي لاءِ اهڙو سامان ماڻيو آهي. 28 مارچ تي فارين ريليشنس ڪميٽي اها ترميم يڪراءِ منظور ڪئي.

آئون ائٽمي معاملي تي بحث لاءِ واشنگٽن وئي هيس. فارين ريليشنس ڪميٽيءَ جي اڳواڻ سينيٽر چارلس پرسيءَ سان ملاقات وقت آئون ان اوچتي حملي لاءِ بلڪل تيار ڪونه هيس، جڏهن هن مون کان پڇيو هو ته، ڇا آئون ائٽمي معاملي سبب امداد کي گهٽائڻ جي حق ۾ هيس. "سينيٽر، امداد کي گهٽائڻ سبب اسان جي ٻن ملڪن وچ ۾ رڳو غلط فهميون ٿينديون،" پل کن جي هٻڪ کان پوءِ مون کيس چيو. "اسان جي ٻنهي ملڪن جي ڀلائي اُن ۾ آهي ته امداد ڏيڻ لاءِ اهو شرط وڌو وڃي، ته پاڪستان ۾ انساني حق ۽ جمهوريت کي بحال ڪيو ويندو." اهو ٻُڌي سينيٽر پرسي، جيڪو بابا کي سڃاڻيندو هو، مُرڪي ڏنو ۽ اُن راءِ تي هن منهنجا ٿورا مڃيا. آئون هڪ ٻيءَ گڏجاڻي ۾ وڃڻ لاءِ رواني ٿيس.

انهن ملاقاتن وچ ۾ آئون فارين رليشنس ڪميٽيءَ ۾ پيٽر گلئلبريٿ جي آفيس ۾ ويس. "تون ڏاڍو تڪڙو ڳالهائين ٿي." پيٽر مونکي سيڪاريندي چيو. "تون آهستي ڳالهاءِ. هڪڙي ڳالهه تي زور ڏي." مون هن جي هدايت تي پُورو لهڻ جي ڪوشش ڪئي. جيتوڻيڪ اڪيلائيءَ جي ڪيترن ئي ورهين کان پوءِ ماٺ جي انهن ورهين ۾، جتي لفظن کي گهٽي روڪيو ويو هو. اُهي ڇلڪي ٻاهر نڪري آيا هئا. "بينظير ڀٽو ايئن ڳالهائي ٿي، ڄڻ کيس وري وجهه نه ملندو ... هن جي آڪٽي برطانوي لهجي ۾ جملا تيزي سان ٻاهر نڪرن ٿا، جن جي ڏاڍي سٺي سهيڙ هجي ٿي، پر اهي هُن جي واتان هڪ ٻئي پٺيان ڊوڙندا نڪرن ٿا، جن سان گڏ سنديس هٿ ڏڪن ٿا، جيڪي شفاف پيشانيءَ کي ڇهندا وارن کي ٺاهين ٿا."

ڪارلا هال بلڪل صحيح لکيو هو. مون ايئن تي ڳالهايو جڻ مونکي وري وجهه نه ملندو. ۽ آئون هڪدم گهٻرائجي به ويندي هيس. منهنجو حافظو نظربنديءَ جي ورهين کان اڳ تيز هوندو هو. سو هاڻي ڪمزور ٿي ويو هو. آئون اڪثر تاريخن ۽ نالن ۾ مُنجهي پوندي هيس. ڪڏهن اهي مونکي ياد هوندا هئا، ته ڪڏهن مون کان وسري ويندا هئا. آئون اجا تائين پاڻ کي ماڻهن وچ ۾ بي آرام پائيندي هيس. جيتوڻيڪ آئون ڪوشش ڪندي هيس، ته گهٽي ۾ گهٽ سرڪاري عملدارن ۽ صحافين سان ملان، پر مونکي لڳو ته صحافين سان ملاقات وقت مونکي ڊپ ٿيندو هو. هڪڙي ڏينهن سينيٽر ڪرينسٽن سان ڳالهائيندي مون اوچتو پاتيو، ته منهنجا ٻئي ڳل ڳاڙها ٿي ويا آهن. انهن جي گرمائش منهنجي سڄي مُنهن تي پکڙجي وئي، جو منهنجي پيشانيءَ تي پگهر جا قطرا نڪري آيا. ”تنهنجي طبيعت ته ٺيڪ آهي نه.“ هن ڳڻتيءَ وچان پڇيو. ”ها، ها آئون بلڪل ٺيڪ آهيان.“ مون ڪيس اطمينان سان چيو.

ڪارنيگي ٽرسٽ ۾ تقرير واريءَ رات آئون خاص گهبرايل هيس. مونکي ٻُڌڻ لاءِ اتي رياست ۽ بچاءَ کاتي جا عملدار، ڪانگريس جا ميمبر، اڳوڻا سفير ۽ صحافي موجود هئا. اُن وقت مغرب جي اخبارن ضياءَ کي لاڳيتو ”سچڻ آمر“ ۽ هڪ اهڙو شخص پئي ڄاڻايو، جنهن پاڪستان ۾ ”استحڪام“ آندو هو. هاڻي اُهو ذمو منهنجو هو، ته آئون ضياءَ جي انساني حقن جي ڀڃڪڙين کي پڌرو ڪريان ۽ مرڪزي فوجي راڄ سبب پاڪستان جي استحاڪم کي اڳتي هلي جيڪي جوکا رَسڻا هئا، تن تي ڳالهايان. اهڙيءَ ريت اتي موجود اثرائتا ميمبر ضياءَ تي زور آڻي ٿي سگهيا، ته اسان جي سياسي قيدين کي آزاد ڪري، آزاد چوندون ڪرائي ۽ پاڪستان ۾ جمهوريت بحال ڪري. هنن جي اُها مدد وڏي اهميت واري هئي.

”ڊيرج ڊر“ مون پاڻ کي تنهن وقت هدايت ڪئي، جڏهن آئون تقرير واري ٿلهي ڏانهن وڌيس. ”ڪٽي سمجهه ته تون آڪسفورڊ يونين ۾ آهين.“ پر آئون سانت ۾ رهي نه سگهيس. آڪسفورڊ يونين ۾ جيڪي تقريري مقابلا ٿيندا هئا، سي ذهانت جون جنگيون هونديون هيون. هاڻي مون پنهنجي ذهن تي هزارن سياسي قيدين جي زندگيءَ جو ۽ پنهنجي ملڪ جي سياسي آئيندي جو بار پاتئيو، ”جنرل ضياءَ جي ناجائز حڪومت کي جيڪا هٿي ڏني وئي آهي، تنهن سبب پاڪستان ۾ اسين ڏاڍا پريشان ۽ ناراض آهيون.“ مون اُن معزز ايوان کي ٻڌايو. ”جنگي معاملن بابت اوهان جي ڳڻتي جو اسين قدر ڪريون ٿا، پر اسين اوهان کي اهوئي چونداسين، ته پاڪستاني عوام کان مُنهن نه موڙيو.“

تقرير ڪندي وچ ۾ مون ايوان ۾ وينل ماڻهن ڏانهن ڏنو ۽ پُلجي پيس. سڄي ايوان ۾ مانار هئي ۽ آئون مايوسيءَ وچان پنهنجن ڪاغذن کي اُٿلائڻ لڳيس. اهو مون ڪيئن ڪيو؟ دل چيو ته زمين ڦاٽي پوي ته جيڪر آئون منجهس سَمائجي وڃان. مون هر

ممڪن ڪوشش ڪري پاڻ ۾ خود اعتماديءَ آندي ۽ تقرير ٻيهر شروع ڪئي. اتي حڪومت جا جيڪي وڏا عملدار ويٺا هئا، تن کي مون چيو ته، آمريڪي امداد انساني حقن جي بنياد تي ڏيو. سوال جواب واري اجلاس ۾ مون اطمينان سان ڳالهايو. ۽ تقرير کان پوءِ تاڙين جي آواز ۾ آئون پنهنجي جاءِ تي وڃي ويٺيس. هاڻي منهنجو وجود اهو اڳوڻو ڪونه هو، پر اُن لاءِ مونکي سخت ڪوشش ڪرڻي پئي هئي.
واشنگٽن مان آئون ۽ ياسمين نيويارڪ ويونسين. پاڪستاني سفارتخاني کي اچرج ۾ ڌڪ لڳو، جڏهن 'ٽائيم' رسالي جي ايڊيٽرن نيويارڪ ۾ ٽائم- لائف عمارت ۾ مونکي ملاقات جي دعوت ڏني. پاڪستان جي مخالف ڌر جي آئون پهرين اڳواڻ هئس، جنهن کي پهريون ڀيرو اهڙي دعوت ڏني وئي هئي. پر ٻيو ته منهنجي حيثيت بهتر هئي. هارورڊ ۾ والٽر اساڪسن به مون سان گڏ پڙهندو هو، جيڪو هينئر 'ٽائيم' جو ايڊيٽر هو. مون هن کي واشنگٽن مان فون تي چيو هو، ته هو اهڙي گڏجاڻي جو انتظام ڪري، آئون جڏهن ياسمين سان گڏ 'ٽائيم لائف' عمارت ۾ پهتيس، ته اُتي ٺوري ٺڙٺوٺ پئجي وئي.
اسان جي لفٽ جڏهن سنيتاليهين طبق تي پهتي ۽ اسين ماني کائڻ واري خانگي ڪمري ۾ ويونسين، ته اتي جيڪي ايڊيٽر ويٺل هئا، سي اسان کي ڏسي وائڙا ٿي ويا. مونکي سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿي آيو ته ڇا ڪجي ۽ مون سمجهيو هو ته اسين ڪنهن غلط جاءِ تي پهتيون هيونسين.
"ٻاهر اوهان سان والٽر ڪونه مليو؟" ماڻ جي اُن ماحول ۾ ڪنهن چيو. "هو هيٺ اوهان جو اوسيئڙو پيو ڪري."
"مون هن کي ڪونه ڏٺو." مون وراڻيو.
"پر اوهان چوڪيدار کان نظر بچائي هتي ڪيئن پهتيون آهيو؟"
"ضياءَ جي پاڪستان ۾ اوهان کي اهڙي سِکيا ملي ويندي." مون مُرڪندي چيو.
ٻنپهرن جي مانيءَ تي انهن ايڊيٽرن مون کان ايترا ته سوال پڇيا، جو مونکي انهن جي لذيذ کاڌن کائڻ جو وجهه ئي ڪونه مليو، جيڪي هارورڊ ۾ پڙهڻ واري زماني کان منهنجا وڻندڙ کاڌا هوندا هئا. "پاڪستان کي جيڪا آمريڪي امداد ڏني وڃي ٿي، تنهن لاءِ ڪيترائي پاڪستان سمجهن ٿا ته اها ضياءَ لاءِ آهي." مون هنن کي ٻڌايو، "اوهين سڀيئي صحافي اوڏانهن ڌيان ڇڪائي اُن غلط فهميءَ جي خاتمي ۾ مدد ڪري سگهو ٿا. پاڪستان ۾ جيڪي سياسي قيدي آهن، تن لاءِ اوهان جا بيان سندن زندگي بچائي سگهندا."
آمريڪا ۾ اسان جي ٻن هفتن جي رهائش ۽ لنڊن ڏانهن واپسيءَ جي وقت تائين مونکي اتي جيڪا شهرت ملي، تنهن جي مونکي اميد ئي نه هئي. 3 اپريل تي سينيٽ فارين رليشنس ڪميٽي آمريڪي امداد بابت پنهنجي اڳوڻي يڪراءِ فيصلي کي ڦيرائيندي،

ائٽمي گهُرجن خلاف سخت موقف اختيار ڪيو، ۽ هنن هڪ نئين ترميم منظور ڪئي، جنهن مطابق پاڪستان کي ان شرط تي امداد جاري رکي وئي، ته صدر اهڙي تصديق ڪندو ته پاڪستان وٽ ڪوبه ايٽم بم ڪونهي ۽ ٻيو ته آمريڪي امداد سبب، ”اهو جوکو به گهٽجي ويندو ته پاڪستان مستقبل ۾ ايٽم بم جي صلاحيت ماڻيندو.“ جيتوڻيڪ مونکي ان جي اصل سبب تي شڪ هو، ڇو ته اها تبديلي ريگن انتظاميا طرفان سخت دٻاءَ برابر هئي. پر سينيٽر پرسي منهنجي سبب پنهنجي راءِ بدلائي هئي، جنهن جو هن مهرباني ڪري ڪلي عام مڃيو به هو.

آئون جڏهن لنڊن موٽي آيس تڏهن مون باربيڪن ۾ هڪ فليٽ ورتو، جيڪو سينٽ پال ڪيٿڊرل لڳ هڪ قلعي جهڙي عمارت ۾ هو. اتي مون پاڻ کي محفوظ سمجهيو. هيٺ ورانڊي ۾ سلامتيءَ جو اهڙو انتظام هو، جو اتي هر ايندڙ ملاقاتي جو اڳواٽ ئي اعلان ٿيندو هو ۽ منهنجو ڌهين طبق وارو فليٽ پاڪستاني جاسوسن جي پُهچ کان گهٽو پري هو. اُن عمارت ۾ ڊاڪٽر نيازي ۽ ياسمين جو به گهر هو ۽ سڄو ڏينهن اسين هڪ ٻئي جي گهر ۾ پيا ايندا ويندا هئاسين.
ٽُرت انگلينڊ ۾ ٻاهرين ملڪن جي ٻين حصن لاءِ باربيڪن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو حقيقي مرڪز بڻجي ويو، جتان حُڪم نڪرڻ لڳا. فليٽ ۾ ٽُرت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي شاخن جي فائيلن جا انبار گڏ ٿي ويا، جيڪي آمريڪا، فرانس، ڪينيڊا، جرمني، سئٽزرلينڊ، ڊينمارڪ، سوئيڊن، آسٽريا، آسٽريليا، سعودي عرب، بحرين ۽ ابوظهبي ۾ هيون. اتي پاڪستاني رضاڪارن جو سچار ۽ ايماندار عملو ڦُڙتيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳو. انگلينڊ ۾ رهندڙ هڪ نوجوان ڇوڪريءَ سمبلينا ٽائپ جو ڪم ڪندي هئي. جلاوطن سرگرم رڪن شاگردياڻي ناهيد ٽيليفون جا جواب ڏيندي هئي ۽ صفدر عباسيءَ جي مدد ڪندي هئي، جيڪو قانون جو شاگرد هو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي ميمبر ڊاڪٽر اشرف عباسيءَ جو پُٽ هو. هو پاڪستان مان آيل خطن جا جواب ڏيندو هو. بشير رياض جنهن بابا جي حياتي بچائڻ جي مهم هلائڻ ۾ منهنجن پائرن جي مدد ڪئي هئي، اسان جو اخباري عيوضي هو ۽ اخبارن ۾ اسان جا بيانَ ۽ انٽرويو ڇپائڻ جو بندوبست ڪندو هو. اُن گروهه ۾ ڊاڪٽر نيازي به شامل ٿي ويو، ۽ هن هڪ ٻئي جلاوطن صفدر همداني ۽ سُڌسماءَ ڪاتي جي اڳوڻي وزير مسٽر نسيم احمد سان گڏجي اهو انتظام ڪيو، ته جيئن اسان بابت ڄاڻُ برطانوي پارليامينٽ جي ميمبرن تائين پهچي. ياسمين سدائين جيان هر ڪم ڪيو ۽ مدد ڪئي. اسان فليٽ جي هڪ سُمهڻ واري ڪمري ۾ دفتر ناهيو، جتان اسان پاڪستان ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي مسئلي تي خط لکڻ ۽ رپورٽون ڪيڻ لڳاسين.

اسان گڏيل قومن جي اداري جي سيڪريٽري جنرل، انساني حقن لاءِ اسسٽنٽ سيڪريٽري آف اسٽيٽس ايليٽ ابرامس، پرڏيهي ملڪن جي وزيرن، وڪيلن جي انجمنن ۽ واپارين جي عالمي ادارن ڏانهن سياسي قيدين جون تصويرون، سندن مقدمن جا تفصيل ۽ خط موڪلي ڏنا. اسان برطانيا جي پارليامينٽ جي ميمبرن سان گڏجاڻيون ڪيون. ايمنسٽي انٽرنيشنل وارن سان ملياسين ۽ عالمي اڳواڻن جي عيوضين سان سندن سفارتخانن معرفت ملاقات ڪئيسين. ناصر بلوچ جي زندگي بي يقيني ۾ ڦاٿل هئي. ساڳي طرح ڪيترن ٻين جي بہ اهائي حالت هئي، پر اسين ڊوڙ ۾ پٺتي رهجي ويا هئاسين.

پاڪستان ۾ هر هنڌ وڪيلن جي انجمنن جي احتجاج ڪانپوءِ بہ ٽن نوجوانن کي، جن تي هڪ پوليس واري کي قتل جي ڪُوڙي تهمت هئي، خاص عدالت ۾ ڳجهي طرح مقدمو هلائي، آگسٽ ۾ ڦاسي ڏني وئي هئي. ”جيڪڏهن يورپ ۽ اتر آمريڪا جا سياسي حلقا ۽ اخبارون انهن ٽن نوجوانن ۽ ٻين هزارن قيدين جي قسمت ۾ چاهه ڏيکارين ها، تہ هوند اهي تازا قتل نہ ٿين ها.“ مون حڪومتن ۽ اخبارن جي ميمبرن کي لکيو، جن جو تعداد اسان جي فهرست ۾ وڌندو پئي ويو. ”مغربي ملڪن کي گهرجي تہ اُهي پنهنجو اثر وڌائين ۽ آواز اُٿارين، تہ جيئن انهن سياسي قيدين جون حياتيون بچائي سگهجن، جيڪي ڦاسيءَ جي ڇانوَ ۾ ويٺا آهن ... مهرباني ڪري هن سچائيءَ جي سڌ تي تڪڙو ۽ اثرائتو قدم کڻو.“

انهيءَ تي پارليامينٽ ۾ مزدور جماعت جي هڪ ميمبر ٽوني بين لنڊن ۾ پاڪستاني سفارتخاني کي هڪ احتجاجي خط لکيو. هن مون ڏانهن اُن جو نقل ۽ حڪومت جي عيوضي انفرميشن منسٽر قطب الدين عزيز وٽان آيل جواب بہ موڪليو. ”مس ڀٽو جي ان الزام ۾ ڪابہ سچائي ڪانهي، تہ پاڪستاني جيلن ۾ چاليهہ هزارن کان بہ وڌيڪ قيدي بند آهن ۽ جن جي حالت خراب آهي.“ قطب الدين عزيز لکيو. ”پاڪستاني جيلن ۾ قيدي برابر آهن، جيئن ڪنهن بہ ٻئي ملڪ جي جيلن ۾ هجن ٿا، پر اُهي قيدي سزا سبب بند آهن يا وري مٿن ڏوهي هجڻ جو شڪ آهي. اسان جي ملڪي جيلن جون حالتون ڪيئي اُسرندڙ ملڪن جي جيلن کان وڌيڪ خراب ڪونهن... جيتوڻيڪ پاڪستان جي حڪومت انهن تي سختي ڪري ٿي، جيڪي دهشتگردي ۽ قتل جا ڏوهي آهن، پر اها هر هڪ جي معاملي ۾ قانون مطابق عمل ڪري ٿي.“ حڪومت جي اُن عيوضي پاڪستان جي وڪيلَ انجمنن جي اُن لاڳيتي احتجاج جو ذڪر ڪونہ ڪيو، جيڪو ضروري قانوني ڪارروائيءَ جي کوٽ سبب اُنهن ڪيو پئي.

اسان کي جڏهن شڪ ٿيو يا پڪ ٿئي پئي، تہ ضياءَ جي فوجي عدالتن موت جي سزائن ڏيڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن اسان سيني گهڻي محنت ڪئي ٿي. اسين لفافا، ٽڪليون ۽ خطن جا ٿهہ آفيس مان ڪيدي رهڻ واري ڪمري ۾ آڻي، اتي رات ڏينهن لفافن تي

ائڊريسون هٽي، ڪيس بند ڪري ٽپال ۾ موڪليندا هئاسين. جيڪي رضاڪار اسان سان گڏ روزانو ڪم ڪندا هئا، تن ۾ ٻيا رضاڪار به شريڪ ٿيا جهڙوڪ پاڪستاني فوج جو اڳوڻو ميجر ۽ پوليس جو سپرنٽينڊنٽ، جيڪي اُن وقت اتي جلاوطن هئا. ڪم تڪڙو اُڪلائڻ لاءِ چانهه ۽ ڪافيءَ جا بيشمار ڪوپ پيتا ويندا هئا. ضياءَ مشاهدو ڪندڙ ٻاهرين ماڻهن کي ملڪ ۾ اچڻ کان لاڳيتو انڪار پئي ڪيو، ته جيئن پنهنجي ظلم کي دنيا کان لڪائي سگهي. اسان هن جي انهن ڏاڍاين جي پڌرائيءَ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ۽ قيدين طرفان دنيا جي ضمير کي جاڳائڻ جو سڏ ڏنو.

هڪ سياسي قيديءَ جي گرفتاريءَ ۽ انهن حالتن بابت، جن هيٺ ڪيس جهلي مٿس مقدمو هلايو پئي ويو، تنهن جي اسان وٽ خاص ڄاڻ ۽ دستاويزي ثبوت هجڻ لازمي هو. اڪثر اهي ماڻهو جن وٽ صحيح ۽ مڪمل تفصيل هئا، سي پاڻ ئي قيدي بڻيل هئا.

ڏاڍي ڏکيائيءَ کان پوءِ اسان ماڻهن جو ڳجهو ڄار جوڙيو، جن جيلن مان اسان ڏانهن تفصيل موڪلڻ شروع ڪيا. قيدي سوالنامن جا فارم ڀري، لِڪ ڇپ ۾ اسان ڏانهن لنڊن ۾ موڪلڻ لڳا. اسان جيل جي همدرد عملي کان ڪم ورتو. محفوظ گهرن ڏانهن خط اماڻيا. پاڪستان مان ايندڙ ماڻهن سان رابطو ڪيو، جن جا مائٽ جلاوطن هئا. هوائي ڪمپنيءَ جي همدرد عملي جي مدد ورتي ۽ ڪي خط ابوظهبيءَ ۽ سعودي عرب موڪليا ويا، جتان وري اتي جي ٽپال ڪاتي ذريعي اهي پاڪستان ويندا هئا، ته جيئن حڪومت جي اکُ کان بچي سگهن. پوءِ اسان وٽ ڄاڻ اچڻ شروع ٿي. ڪراچي سينٽرل جيل مان لاڙڪاڻي جي ٽيويهن ورهيه ڄمار جي شاگرد سيف الله خالد جو هٿ اکر خط پهتو. هو ناصر بلوچ ۽ ٻين سان گڏ ٺهمتي هو. ان خط جي تفصيل مطابق هن کي سندس ”سياسي ويچارن“ سبب 1981ع ۾ جهليو ويو هو ۽ پُڇا ڳاڇا وقت مٿس سخت ڏاڍ ڪندي چيو ويو هو ته، ’هوائي جهاز اغوا جي ڏوهه ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ کي به ڦاساءِ.‘ ٻين سينيءَ سياسي قيدين جيان هن کي پڻ هڪڙي جيل مان ڪڍي ٻئي جيل ۾ موڪليو ويو هو ۽ ڪيترن مهينن تائين بيدريافتو رکيو ويو هو.

”مون کي ٻه ڏينهن ارزولي جيل ۾ رکيو ويو هو. هڪ هفتي تائين اٽڪڻ هنڌن تي، چار ڏينهن بالاحصار قلعي ۾، وارسڪ ڪئنٽومينٽ ۾ ڏهه ڏينهن، هڪ ڏينهن پشاور سينٽرل جيل ۾، ڇهه ڏينهن فيڊرل انويسٽگيشن ايجنسي ڪراچي ۾، هڪ مهينو سينٽرل انٽيليجينس ايجنسي سينٽر ڪراچي ۾، هڪ مهينو بلديا ايذاءُ گهر ڪراچي ۾.“ هو علم سياسيات جو شاگرد هو، جيڪو پنهنجي گرفتاريءَ کان ٽي ورهيه پوءِ به اجا تائين جيل ۾ پيو هو. ۽ هن کي ڊپ هو ته ڪيس موت جي سزا ملندي. هينئر هو ڪراچي سينٽرل جيل ۾ بند هو، جتان هن لکيو هو ته، ”مون کي ڏهن ڏينهن تائين سزا جي ڪوٺڙيءَ ۾ رکيو ويو ۽ ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا مونکي مار ڏني ويندي هئي. پُڇاڻي

وقت بلبن جي تيز روشني منهنجي نظر ڪمزور ڪري ڇڏي، جنهن سبب منهنجي مٿي ۾ اکين ۾ لاڳيتو سور رهڻ لڳو. مونکي بيڙيون ٻڌي رکيو ويو. جيل جي ڊاڪٽر تجويز ڏني هئي، ته مونکي علاج لاءِ سول اسپتال موڪليو وڃي. ٽن مهينن ڪانپوءِ آئون اتي هاڻي هرنيا جي آپريشن لاءِ آيو آهيان."

بين ڪيترن ئي سياسي قيدين وانگر سيف الله خالد جي زندگي به حڪومت جي هٿ ۾ هئي. "منهنجي ۽ مون سان گڏ ٻين جوابدارن جي زندگي جوکي ۾ آهي، جو ته فريادي موت جي سزا جي گهُر ڪئي آهي." ان شاگرد جي خط جي پڇاڙيءَ ۾ وڏيڪ لکيل هو. "آئون ايمنسٽي کان اپيل ڪريان ٿو ته، اُهي ان معاملي کي کڻي اسان جي زندگي بچائين."

ناٽنگهام، گلاسڪو، مانچيسٽر، بريڊفورڊ. "مون انگلينڊ ۾ ڇوڏاري ڦري پاڪستانين جي جماعتن سان ڳالهايو ۽ پنهنجي مُهم کي وڌائڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ حمايت ورتي. جرمني ڊينمارڪ هر مهيني هڪ ڀيرو وري امان کي ڏسڻ لاءِ سئٽزرلينڊ ڏانهن. آئون پاڻ سان هر هنڌ قيدين جي فهرست کڻي ويندي هيس. مون ڊينمارڪ ۾ اڳوڻي وزيراعظم اينڪور جارجسين سان پڻ ملاقات ڪئي، جيڪو بابا کي سُڃاڻندو هو، مون فرانس جي سياسي اڳواڻن سان ڳالهايو، جرمني ۾ اتي جي گرين پارٽي وارن سان گڏجاڻي ڪئي. مون ڊاڍي ڏک سان انهن ٽن نوجوانن جي نالن اڳيان "شهيد" لکيو، جن کي آگسٽ ۾ ڦاسي ڏني وئي هئي.

انگلينڊ ۾ هر ڀيري موٽي اچڻ سان مونکي ڊپ وٺي ويندو هو، ته اميگريشن وار واپس موڪلي ڇڏيندا. اُن زماني ۾ برٽش اميگريشن وارا پاڪستانين کي هوائي اڏي تي ويزا ڏيندا هئا، جيڪا رڳو هڪ ڀيرو اچڻ لاءِ هوندي هئي. آئون جڏهن انگلينڊ ۾ ڦيريون ڀيرو ڀهتي هيس، ته اميگريشن جي عملدارن پنجيتاليهه منٽ مون کان سوال پڇيا، ته آئون ڪٽي رهنديس ۽ ڇا ڪنديس. "آئون رُڳو سيلاني آهيان." مون هنن کي ٽنهن وقت ۽ پوءِ به هر ڀيري خاطري ڪرائي هئي ۽ آئون سُک جو ساهه کڻندي هيس جڏهن اهي نيٺ منهنجي پاسپورٽ تي ويزا جو ٺپو هڻي ڏيندا هئا. پر ٽُرت ان ۾ ايترا ته ٺپا لڳي چڪا هئا، جو منهنجي پاسپورٽ جا صفحا ئي ختم ٿيل هئا. مون کي خبر هئي ته ضياءَ مون کي نئون پاسپورٽ ڪونه ڏيندو. هر ڀيري اميگريشن جي عملدارن جي سوالن پڇڻ وقت آئون دعائون گهرندي هيس ۽ ڪين ڇتائيندي هيس، جڏهن اهي ٿلهي ڪاري ڪتاب ۾ منهنجي نالي کي ڳوليندا هئا، ته جيئن اهي منهنجي دل جو ڌڙڪو ٻُڌي نه وٺن. انهيءَ هوندي به سياسي قيدين جي بچاءَ جي اُن مهم ۾ اسان گهڻي ترقي ڪئي هئي.

"منهنجو ارادو آهي ته پارليامينٽ ذريعي ۽ هر ٻئي موقعي مان فائدو وٺندي برطانوي حڪومت تي زور رکان، ته پاڪستان جي حڪومت کي چوي، ته اها سياسي مخالفن

خاص ڪري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ طرفان سياسي مخالفت ڪندڙن خلاف پنهنجيءَ موتمار مهم کي ختم ڪري.“ هائوس آف ڪامنس جي هڪ ميمبر ميڪس ميڊن نومبر ۾ مونکي لکيو. مون وٽ اليٽ ابرام جو پڻ جواب پهتو، جيڪو آمريڪا ۾ انساني حقن لاءِ اسٽيٽ سيڪرٽريءَ هو ۽ جنهن کي مون ناصر بلوچ ۽ سيف الله خالد بابت لکيو هو. ”شهرين خلاف فوجي عدالتن جي ناانصافي وارين ڳجهين ڪارروائين بابت ۽ هن مقدمي جي سلسلي ۾ اهو پريشان ڪندڙ الزام ته جوابدارن کي سخت عذاب ڏئي، اقرارناما صَحي ڪرايا ويا هئا، آئون اوهان جي ڳڻتيءَ ۾ شريڪ آهيان.“ مسٽر ابرام لکيو ”... مهرباني ڪري خاطري رکو ته پاڪستان ۾ اسان جا سفارتڪار انهن مقدمن جو ڌيان سان اڀياس ڪندا رهندا.“

باربيڪن ۾ آئون روزانو صبح جو ستين بجي اُٿي فليٽ جي صفائي ڪندي هيس ۽ پنهنجا ڪپڙا ڌوئيندي هيس ۽ ڏينهن جو کاڌو رَڌيندي هيس. مهريءَ جي دال جا سادا ٻوڙ رَڌڻ لاءِ اسٽوو تي چاڙهي ڇڏيندي هيس. بشير رياض لندن جي پاڪستاني پاڙن مان اسلامي طريقي تي حلال ڪيل گوشت ۽ ڪُڪڙيون آڻيندو هو. پوءِ دفتري ڪم شروع ٿيندو هو. ٽپال تي ڏاڍو خرچ ايندو هو. آئون ڪوشش ڪري خرچ سنڀاليندي هيس. منهنجن پئسن جو ٻه ڀاڱي ٽيون حصو مسواڙ تي ويندو هو ۽ باقي ٽيليفون جي بل، ٽپال وغيره تي خرچ ٿيندو هو، فليٽ کي سينگارڻ لاءِ امان مونکي هڪ رقم ڏني هئي، جنهن مان مون هڪ پراڻو غاليچو ورتو، رڌ پچاءَ جا ٿانوَ ۽ شيڊن سميت ڪجهه ليمپ ٻه خريد ڪيا. آفيس ۾ جيڪو سياسي ڪم پئي ٿيو، تنهن تي اهو پئسا صحيح طرح خرچ ٿيا هئا.

ٽُرت اسان پنهنجي اردوءَ ٻوليءَ ۾ مخزن ’عمل‘ جو افتتاح ڪيو، جنهن ۾ ڪجهه صفحا انگريزيءَ ۾ هوندا هئا. اهو مخزن هر مهيني عالمي ادارن پرڏيهي سفارتخانن ۽ جلاوطن ماڻهن ڏانهن اماڻبو هئي، ته جيئن اهي پاڪستان جي تازي صورتحال کان واقف ٿي سگهن. رسالي جي ڇپائيءَ تي گهٽ خرچ ايندو هو. بشير رياض اُن جو ايڊيٽر ٻه هوندو هو، ته ان لاءِ اشتهار ٻه وٺندو هو، ۽ ناهيد وري ان جي خريداريءَ لاءِ هر اُن ماڻهوءَ کي مجبور ڪندي هئي، جيڪو سندس هٿ چڙهندو هو. اسان اهو رسالو لِڪ ڇپ ۾ پاڪستان موڪليو، هو، جتي سرگرم ڪارڪن اُن جي ڪجهه حصن جا تصويري نقل ڪرائي، پارٽيءَ جي همدردن ۾ ورهائيندا هئا. اهي نقل جيلن ۾ ٻه ويندا هئا، ته جيئن سياسي قيدين کي خبر پوي، ته ڪين وساريو نه ويو هو. هنن جي همت ۽ حوصلي وڌائڻ لاءِ ’عمل‘ اَملهه ثابت ٿيو هو. قيدي رسالي جو قدر ڪندا هئا، پر حڪومت ان جي سخت مخالف هوندي هئي.

”اڄ آئون ڪم تي ڪونہ ايندس.“ اسان جي خوشنويس اوچتو بشير کي فون تي چيو. ”ڇو؟“ بشير گھبرائجي پڇيو. خوشنويس ڪانسواءِ ’عمل‘ ڪيئن ٿي ڇپجي سگھيو. ان وقت تائين اردو ڇپائيءَ پراڻي نموني ۾ ٿيندي ھئي. ”اوھان وٽ ڪم نہ ڪرڻ لاءِ سفارتخاني مونکي وڏيڪ پئسا ڏيڻ جي آڇ ڪئي آھي.“ خوشنويس مڃيو. وري جڏھن پريس واري فون ڪري ٻڌايو، تہ حڪومت ھن تي بہ دٻاءُ وڌو آھي، تہ اسان ويچاريو ڇڻ ’عمل‘ جو آخري ڏينھن اچي ويو ھجي. پر اھو پريس وارو پارٽيءَ جو ھمدرد نڪتو، جنھن نہ رڳو حڪومت جو دٻاءُ مڃڻ کان انڪار ڪيو، پر ھو اھا ڳالھہ مڃڻ تي راضي ٿيو، تہ رات جو پريس ھلائي اسان جو ڪم ڪندو. بشير لنڊن مان نڪرندڙ پاڪستاني اخبارن ۾ ڪم ڪندڙ خوشنويسن کي مجائڻ ۾ پڻ سوڀارو ٿيو تہ اھي پنھنجي ڪم سان گڏ اسان وٽ بہ ڪم ڪندا. جڏھن بہ حڪومت انھن مان ڪنھن ھڪ کي واپس وٺي ويندي ھئي، تہ بشير ڪنھن ٻئي کي ھٿ ڪري ايندو ھو ۽ ايئن ’عمل‘ ڇپجندو رھيو. پاڪستان ۾ ضياءَ ھڪ ڀيرو ڀيھر پنھنجي مارشل لا جون ٻانھون ڪُنجڻ لڳو ۽ عوام کي چتاءُ ڏيڻ لڳو تہ اھي سندس چنبي ۾ ڦاٿل آھن. اسان اڄا ’عمل‘ ۾ ناصر بلوچ سان ڄُنين ۽ ڏُکيائين بابت مضمون پئي ڇپيا، تہ پاڪستان مان اسان وٽ اھي بدسؤڻ خبرون اچڻ شروع ٿيون تہ ھن کي ۽ سندس ساٿي جوابدارن کي موت جي سزا ڏني ويندي. انھن پوائنٽين اُلڪن جي تصديق 5 نومبر 1984ع جي ڏڪائيندڙ ۽ سرد ھوا واري صبح جو ٿي، جڏھن فوجي عدالت ڪراچيءَ ۾ پنھنجي فتويٰ جو اعلان ڪيو. ناصر بلوچ ۽ ٻين کي ”ڳچيءَ ۾ رسو وجھي مرڻ تائين“ سزا ڏني وئي ھئي.

باربيڪن ۾ اسين وري ھنگامي حالتن ھيٺ ڪم ۾ جُنبي وياسين ۽ موت جي سزا وارن انھن قيدين جي جان بچائڻ لاءِ اسان عالمي جماعتن ڏانھن اپيلن پنيان اپيلون موڪليون. اسان جي ڪاوڙ ان وقت گھٽجي وڌي وئي، جڏھن پاڪستان مان اسان جي ھڪ ھمدرد لڪ چپ ۾ اسان ڏانھن ڳجھا دستاويز موڪليا. جن مان پتو پيو ٿي، تہ موت جي انھن سزائن ۾ سنئون سڌو ضياءَ جو ھٿ ھو. انھن دستاويزن مطابق فوجي عدالت پھرين رڳو ناصر بلوچ کي موت جي سزا ڏني ھئي، جنھن جو اطلاع سنڌ جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر کي ڏنو ويو ھو ۽ ھن ان تي ڪوبہ اعتراض نہ ڪيو ھو. پر اوچتو ھن پنھنجو ارادو ڦيرائي ڇڏيو ۽ فوجي عدالت کي حڪم ڏنو ھو تہ اھا ”پنھنجي فيصلي تي ٻيھر سوچي.“ رُڳو ضياءَ، ھن جو عملدار ئي ڪيس پنھنجي ارادي کي ڦيرائڻ لاءِ حُڪم ڏئي سگھيو ٿي.

ٻيو تہ اسان وٽ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي آفيس جو اھو ڪاغذ بہ ھو، جنھن تي ھُن پنھنجي جوڙيل عدالت جي ڏنل فتويٰ کان ”پورا ڏھہ ڏينھن“ اڳ 26 آڪٽوبر تي موت جي انھن ڇئن سزائن جي تصديق ڪندي صَحي ڪئي ھئي. موت جي سزا ھيٺ انھن ماڻھن جي اڳيان رُڳو ھڪ ئي راھہ ڪليل ھئي، تہ اھي ضياءَ کي صدر طور رحم جي درخواست

ڪن. اها ڪهڙي نه واهيات ڳالهه هئي، ڪين اُن ماڻهو ڪي عرض ڪرڻو هو، جنهن سندن موت جي سزا جي اڳواٽ ئي تصديق ڪري ڇڏي هئي.

رضاڪارن جڏھن اھي دستاويز ڏٺا، تہ سندن اکين ۾ ڳوڙھا ڀرجي آيا ھئا، پر مونکي سخت ڪاوڙ لڳي ھئي. ڀھريون ڀيرو اسان کي ھڪ اھڙو ثبوت ھٿ آيو ھو، جنھن مان اسين جيڪو سدائين ٻڌندا ھئاسين، تنھن جي تصديق ٿي ھئي: سياسي مقدمن ۾ فوجي سزائن جا حُڪم ضياءَ وٽان ئي نڪرن ٿا. اسين ھڪدم انھن دستاويزن جي سموئڻ ۽ سھيڙڻ جي ڪم ۾ لڳي وياسين، تہ جيئن اھي ٽُرت ڇپجي سگھن. جيڪڏھن ڪا ڳالھ عالمي برادريءَ کي تحرڪ ۾ آڻي ٿي سگھي ۽ ضياءَ جي فوجي عدالتن کي رُڪُو حڪومت جون آڱوٺي ڇاپ عدالتون ثابت ٿي ڪيو، تہ اھو رُڪُو اھي دستاويز ئي ڪري ٿي سگھيا. لارڊ ايوبري، جنھن منھنجي ۽ امان جي ڇوٽڪاري لاءِ ڏاڍي مدد ڪئي ھئي، تنھن ھاڻي انھن دستاويزن جي پڌرائيءَ لاءِ برطانوي پارليامينٽ ۾ اسان لاءِ ھڪ پريس ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو بندوبست ڪيو ۽ اسان جي مھم ۾ تيزي اچي وئي.

انساني حقن جي ادارن کان وٺي مزدور اڳواڻن تائين سيني باضمير ماڻھن اسان جي سڏ جو جواب ڏنو. ”جيتوڻيڪ ھن ملڪ ۾ ٽريڊ يونين جي حقن کي ڀھچندڙ جوکن کان اسين پاڻ بہ سُڃاڻ ٿيندا پيا وڃون، پر ساڳئي وقت اسان کي پنھنجن انھن ڀائرن ۽ ڀينرن جي ان جدوجھد جي بہ واقفيت ضروري آھي. جيڪا اھي ٻين ملڪن ۾ پيا ڪن.“ ناٽنگھام جي ٽريڊ يونين آرگنائيزر لارينس پليٽ ٽريڊ يونين جي مشھور مخزن ”ٽي ائنڊ جي رڪارڊ“ جي ايڊيٽر کي لکيو. ”مزدور اڳواڻ ناصر بلوچ ۽ سندس ساٿي جوابدارن جي زندگي بچائڻ لاءِ، جيڪي پنھنجي موت جي اوسيئڙي ۾ آھن، اجا بہ وقت آھي، تنھنڪري پاڪستاني حڪومت ۽ ھتي موجود ان جي سفارتخاني سان احتجاج ضرور ڪرڻ گھرجي.“

اُن ڳالھ جو وڪيلن کي بہ ڏاڍو صدمو پھتو ۽ اھي بہ ڪنھن ڪارروائيءَ لاءِ تيار ٿي ويا. ”پاڪستان ۾ مارشل لا جي قاعدن ھيٺ خاص فوجي عدالت جوڙي منجھس انھن چئن ماڻھن جو مقدمو ھلائي، ڪين سزا ڏني ويئي آھي.“ مشھور انگريز وڪيلن پنھنجي بيان ۾ چيو. ”اھي عدالتون انھن فوجي عملدارن جي اڳواڻيءَ ۾ جُڙيل آھن جن کي ڪابہ قانوني سِکيا مليل ڪانھي ۽ انھن مقدمن جي ڪارروائي ڳجھي رکي وڃي ٿي. ثبوت جو سمورو بار جوابدارن تي رکيو وڃي ٿو ۽ ھنن کي ئي پنھنجي بيگناھي ثابت ڪرڻي پوي ٿي.ٻيو تہ اھي پنھنجن مقدمن لاءِ پنھنجن وڪيلن تائين بہ نٿا پھچي سگھن.“

”اسين پاڪستاني حڪومت کان گھُر ٿا ڪريون، تہ اھي مقدما ۽ سزائون بند ڪيون وڃن. اسين خاص ڪري جنرل ضياءَ الحق کي اپيل ٿا ڪريون، تہ انھن چئن ماڻھن کي موت جي سزا جي تصديق نہ ڪري ۽ ھنن جون جانيون بچائي. اسين برطانيا جي حڪومت کان پڻ گھر ڪريون ٿا، جيڪا ضياءَ حڪومت کي اقتصادي ۽ فوجي امداد

ڏئي ٿي، تہ اُها پاڪستاني حڪومت تي زور رکي، تہ انهن ڇئن ماڻهن جي سزائن تي عمل نہ ڪري ۽ آئيندي اهڙا مقدما نہ هلائي.“

اسين سياسي قيدين جي زندگي بچائڻ لاءِ ڳڻتيءَ ۾ هئاسين. پر پاڪستان ۾ موت خلاف اسان جي جنگ هلندي، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي بين جلاوطن اڳواڻن پنهنجن خاص مفادن کي اڳتي وڌائڻ ۾ وڏيڪ چاهہ پئي ڏيکاريو. انهن اڳواڻن جا فون لاڳيتا باربيکن ۾ ايندا رهيا، جن ۾ مون سان ملاقات جي درخواست ڪيل هوندي هئي. انهن مان گهڻا تہ بابا جي حڪومت ۾ وزير بہ رهيا هئا. باربيکن ۾ روزانو رُڳو پندرهن ملاقاتين کي اچڻ جي اجازت هوندي هئي، پر آئون ڪڏهن ڪڏهن هڪ ئي وقت پنجن يا هن جي جٿي کي گهرائي ڪيترن ئي سان ملاقات ڪندي هيس: پر اهي سوچي تہ اجا گهڻو ئي ڪم ڪرڻو آهي، مونکي ڏاڍي چڙ ۽ بي آرامي ٿيندي هئي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سدائين گهڻن طبقن جي گڏيل پارٽي رهي هئي اها ڪيترن ئي سماجي ۽ اقتصادي گروهن، جهڙوڪ مارڪسين، جاگيردارن ۽ زميندارن، واپارين، مذهبي اقليتن، عورتن ۽ غريبن جو اتحاد رهي هئي. بابا جي وفات کان اڳ اُنهن ڌار ڌار طبقن وچ ۾ مفادن جا جيڪي اختلاف ٿيندا هئا، سي ختم ٿي ويندا هئا، پر لنڊن ۾ جلاوطنيءَ جي چڪتاڻ ۽ سياسي اڳواڻن جي ان دٻ سبب تہ ملڪ ۾ عوام کين وساري ڇڏيندو. منجهن عوامي مقصدن بجاءِ لوڀ ۽ هبچ اچي وئي هئي. وڏي ڳالهہ تہ پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ تي اعلان ڪانسواءِ جنگ شروع ٿي وئي هئي. انهن پراڻن پهريدارن جو ويچار هو، تہ جيڪڏهن مونکي هڪ پيرو مجيو ويو تہ پوءِ اهي سدائين لاءِ مونکي مجيندا. ”ڇا منهنجي قسمت اها آهي، تہ پهرين پيءُ پنيان هلان، پوءِ ماءُ پويان ۽ هاڻي ڌيءُ پنيان؟“ جڏهن آئون پهريون ڀيرو لنڊن پهتي هيس تہ مونکي ٻڌايو ويو هو، تہ ڪنهن اهو چيو هو.

”توکي فيصلو ڪرڻو پوندو، تہ تون ڪنهن جي پاسي آهين“ هر ٽوليءَ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ وڏيڪ اهميت ماڻڻ ۽ نيٺ مٿس قبضي جي تياري شروع ڪئي هئي.

”آئون ڪنهن جي بہ پاسي ڪونہ آهيان.“ مون زور ڏيندي چيو. ”جيڪڏهن پارٽيءَ ۾ مختلف ٽولين هڪ ٻئي کي ڪڍڻ بدران اتحاد ۽ ايڪي جو مظاهرو ڪيو، تہ اسين گهڻو ڪجهہ ڪري سگهنداسين.“ مون صبر ۽ عقل کان ڪم وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇو تہ مونکي ڳڻتي هئي تہ متان اهي ڪُراڙا ’چاچا‘ مون کان پري نہ ٿي وڃن ۽ ٻيو تہ مونکي پنهنجي سياسي حيثيت جي ڪمزوريءَ جي بہ ڄاڻ هئي. جيتوڻيڪ آئون جڏهن انگلينڊ ۾ پهتي هيس، تڏهن پارٽيءَ جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي، منهنجي نائب چيئرپرسن جي حيثيت کي ٻيهر مڃڻ جو اعلان ڪيو هو. پر اهي ماڻهو پراڻا سياستدان هئا، جڏهن تہ آئون نوجوان ۽ سندن ڌيئرن جيڏي هيس. فوجي بغاوت کان پوءِ انهن ماڻهن لنڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي هلايو هو. آئون تہ پاڪستان مان اتي تازو

آئي هيس. هنن کي پنهنجيءَ طاقت جا بنياد پختا ڪرڻ ۾ ورهيه لڳي ويا هئا. آئون ماضيءَ جا اختلاف ميسارڻ جي حق ۾ هيس ۽ مون پارٽيءَ جي وڏيڪ ڀلائيءَ لاءِ انفرادي طاقت جي بنيادن ۾ توازن رکڻ چاهيو ٿي. آئون جڏهن آمريڪا مان واپس آئي هيس، ته مارڪسي ٽولي جي گهڻ ڳالهائو ماڻهن مون تي حملو ڪيو هو.
”توکي آمريڪا وڃڻ نه کپندو هو.“ اُن ٽولي جي اڳواڻ مونکي دڙڪو ڏيندي چيو. جيتوڻيڪ منهنجي آمريڪا رواني ٿيڻ کان اڳ ان بابت هن هڪ لفظ به نه چيو هو.
”آمريڪي ضياءَ جا دوست آهن. هن جي خاتمي لاءِ اسان کي روسين سان شامل ٿيڻ گهرجي.“
”توکي اهو ويچار ڪيئن آيو، ته آمريڪي يا روسي ڪنهن جا دوست آهن؟“ مون به بحث ڪيو. ”آمريڪي پنهنجي جنگي حڪمت عمليءَ پٽاندڙ ضياءَ جي مدد ڪن ٿا. شايد روسي اڄ اسان جي پُٺڀرائي ڪن، پر سڀاڻي جيڪڏهن سندن حڪمت عملي بدلجي وئي، ته پوءِ اهي اسان کي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏيندا. انهن وڏين طاقتن جي ويڙهه ۾ اسان کي پوڻ نه گهرجي. اسان کي ته پنهنجن قومي حقن لاءِ وڙهڻ گهرجي. عالمي سياست جي ويڙهه ۾ اسين پُڄي نه سگهنداسين.“
اُن جهيڙي ۾ ٿُرت صوبائيت جا حامي به گڏجي ويا. ”تون سنڌي آهين. ٻين صوبن بدران تون سنڌ لاءِ آواز اُٿار، نه ته اهي توکي ڪڏهن به معاف نه ڪندا،“ هنن مونکي خبردار ڪيو.
”اسان مارشل لا حڪومت جي هٿن ۾ چو ڪيڏون، جيڪا ورهاڱي جي ڌمڪيءَ کي واپرائي ثابت ڪرڻ چاهيو ٿي، ته فوج جي طاقت ئي پاڪستان جي اتحاد کي قائم رکي سگهي ٿي. ”مون ڦُڙتيءَ سان جواب ڏنو، ”اسان وٽ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي چاهين ٿا، ته چئني صوبن ۾ جمهوريت هجي. اُنباءُ آڏو صوبائي حدون نٿيون هُجن. ڇا اسين هڪ ٻئي سان وڙهڻ بدران جيڪڏهن پنهنجي دشمن سان وڙهنداسين، ته اسان جون قوتون سُني نموني ۾ ڦلدائڪ نه ٿينديون؟“
وطن پرستن ۽ سرڪار جي اثر هيٺ آيل پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ميمبرن، جن ضياءَ سان ناهه لاءِ هر جائز ناجائز طريقا واپرايا هئا، پنهنجن فائدن لاءِ آواز اٿاريا. انهن بحثن سبب منهنجي مايوسي ويتر وڌندي وئي. هڪ طرف پاسي واري ڪمري ۾ اسان جي رضاڪارن، پاڪستان ۾ اسان جي حامي ماڻهن جون حياتيون بچائڻ لاءِ هڪ ضروري ۽ ڏُکيو ڪم پئي ڪيو، ته ٻئي پاسي اُنهن مُدي خارج سياستدانن منهنجو وقت پئي وڃايو، جن کي عوام جي پريشانين، بدران پنهنجين انفرادي پريشانين جو ويچار هو.
نيٺ آئون پنهنجي ڪاوڙ کي ان وقت روڪي نه سگهيس، جڏهن هڪ ڏيهه نيڪال پوڙهو ’چاچو‘ مون وٽ باربيڪن ۾ آيو. هو سانت سان صوفي تي ٽي وينو ۽ هن مون کان گهر ڪئي، ته آئون هن کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنجاب جو صدر ڪريان ۽ ڪيس

پنهنجي پسند جا ٻيا عهديدارَ ڪٽڻ جي اجازت ڏيان. ”آئون اهو ڪم نٿي ڪري سگهان.“ مون حيرانيءَ مان ڪيس چيو، جنهن ڪي پنجابي سياستدانن ۾ ڪا مشهوري ٻہ نہ هئي ۽ جنهن فوجي بغاوت کان پوءِ پنهنجو سمورو وقت لنڊن ۾ سلامتيءَ سان گذاريو هو. ”ان سبب پارٽيءَ ۾ ناراضپو ٿيندو ۽ قابليت پٺاندر ۽ عام راءِ مطابق اسين جيڪي فيصلا ڪنداسين، تن تي خراب اثر پوندو.“

”تو وٽ ان ڪانسواءِ ٻيو چارو ئي ڪونهي.“ هن سرپرستيءَ واري انداز ۾ چيو. ”مارڪسي تو سان ڪاوڙيل آهن. صوبي پرستن پنهنجون جماعتون ناهيون آهن. تون مونکي پارٽيءَ مان ڪيڍڻ جي همت نٿي ڪري سگهين.“

”پر اها ڳالھ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اصولن خلاف آهي.“ هن جي انهي مطالبي تي آئون اجا تائين ششدر هيس.

”اصول“. هن چٿر مان وراڻيو. ”اصول برابر ناهوڪا آهن. پر ماڻهو سياست ۾ اقتدار ماڻڻ لاءِ اچن ٿا. جيڪڏهن تون مونکي صدر مقرر نٿي ڪرين ۽ منهنجي پسند جا ماڻهو نہ ٿي ڏين، تہ پوءِ آئون ٻيون راهون ڳوليندس. شايد آئون پنهنجي پارٽي ناهيان ۽ پوءِ آئون تنهنجو وڏو مخالف ثابت ٿيندس.“

مون پنهنجيءَ ڪاوڙ کي وڌندي ڀانئيو، جو خاص مفادن وارن انهن گروهن کي ننڍين وڏين ڳالهين تي وڙهندي ٻُڌي مون پنهنجو وقت وڃايو هو. اهو پاڪستاني سياست جو پراڻو گُر هو. پنهنجي لاءِ شڪار ڦاساءِ. مٿس دٻاءُ وجھ. جيترو ٿي سگهي تہ هر عهدي تي قبضو ڪر. ڊپ ۽ دَپ ڏئي ڪم ڪڍ. ڌمڪائينس . انهن پراڻن طريقن جي مونکي ڄاڻ هئي. ”چاچا“، مون شوڪارو پريندي ۽ پنهنجي ڪرسيءَ تان اڳتي جهُڪندي هن کي چيو. ”تون ڀاڻ ڄاڻين ٿو تہ جيڪڏهن تون پارٽيءَ کي ڇڏي ويندين، تہ پارليامينٽ جي هڪڙي سِيٽ کٽڻ بہ تنهنجي لاءِ ڏُکي ٿيندي.“

”واقعي؟ واقعي؟“ منهنجو اهو رُکو جواب ٻڌي هن اچرج وچان ڪنڌ لوڏيندي وراڻيو ۽پوءِ هو وڏيون ٻرانگهون پريندو ڪمري مان ٻاهر هليو ويو ۽ پچاڙيءَ ۾ پارٽيءَ مان بہ. هڪ ٻيو آزار. مون پنهنجي ذهن مان اهو ٽُڏڻ کان پهرين ويچاريو. جڏهن بہ ڪو پارٽي ڇڏي ٿي ويو، تہ موکي هرگز خوشي نٿي ٿي. پر پوءِ مون ڀانئيو هو تہ سياست ۾ ڪابہ ڳالھ مستقل نٿي هجي. ماڻهو هليا وڃن ٿا، ماڻهو شامل ٿين ٿا. ماڻهو وري ناھ ڪن ٿا. اهم ڳالھ اِها هجي ٿي تہ ڪا سياسي جماعت پنهنجي نسلي مزاج جي وضاحت ڪري. لنڊن ۾ اسان جي ڪم سبب پاڪستان ۾ عوام جا حوصلا وڌيا پئي ۽ پارٽيءَ کي سگھ پئي ملي. اها ئي وڏي اهم ڳالھ هئي. خاص ڪري ڊسمبر 1984ع ڌاري، جڏهن پتو پيو هو تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي گهٽي ۾ گهٽي سگھ جي گهُرج آهي.

آمريڪا طرفان زور پوڻ تي ضياءَ مارچ 1985ع ۾ چونڊن جو فيصلو ڪيو. پر ان کان پهرين اعلان ڪيو ويو، ته هو 20 ڊسمبر تي قومي ريفرينڊم ڪرائيندو. اُن ڪي اسلامي ريفرينڊم جو نالو ڏنو ويو، جنهن ۾ لفظن جي چونڊ اهڙي ڪئي وئي، جو اُن ۾ چالاڪيءَ کان ڪم ورتل نه هجي ها، ته هوند ڪل جهڙو لڳي ها. ان ۾ چيل هو ته، "پاڪستان جي صدر جنرل محمد ضياءَ الحق پاڪستان جي قانون کي اسلامي احڪامن پٽاندر، جيئن قرآن ڪريم ۽ رسول الله ﷺ جن جي سُنت ۾ ڄاڻايل آهن، بنائڻ لاءِ جيڪو عمل شروع ڪيو آهي، ڇا ان جي پاڪستاني عوام تصديق ڪري ٿو." ڇا هڪ اهڙي ملڪ ۾ جنهن جي آبادي پنجانوي سيڪڙو مسلمان هئي، ڪو ماڻهو ان خلاف راءِ ڏئي سگهيو ٿي؟ "نه" ووٽ جو مطلب هو اسلام خلاف راءِ ڏيڻ. پر سياست پٽاندر "هائو" جوڪائتي راءِ ٿئي ها. ضياءَ اعلان ڪيو ته اُن چونڊ جي پڪي ۽ قطعي راءِ سبب هو پنجن ورهين تائين پاڪستان جو صدر رهندو.

سمورو نظام لڙاتيل ڪُوڙ ۾ ويڙهجي ويو هو، ته جيئن ضياءَ کي اهو اختيار ملي، جنهن جي ڪيس سخت گهُرج هئي. ننڍي ڪنڊ جي تاريخ ۾ ڪنهن به ٻئي فوجي آمر هن ڪانسواءِ ايترو وقت حڪومت نه ڪئي هئي ۽ ضياءَ ڪوبه موقعو هٿان ڇڏڻ نه ٿي گهريو. ضياءَ اعلان ڪيو ته "نه" ووٽ جي سلسلي ۾ جيڪو به مهم هلائيندو، تنهن کي ٽي ورهيه سخت پورهئي سان سزا ۽ پنجٽيهه هزار ڊالر ڏنڊ وڌو ويندو. ٻيو ته انهن ووٽن جي ڳڻپ جو ڪم ڳجهي طرح فوج ڪندي ۽ سندن نتيجن تي ڪنهن به ديواني عدالت ۾ مقدمو هلائي نه سگهبو. ڇا هن واقعي اهو سوچيو هو، ته اهو اُن ووٽ کي جائز ۽ منصفاڻو ثابت ڪري سگهندو؟

"بائيڪاٽ" اسان 'عمل' ۾، اخباري ملاقاتن ۾، تقريرن ۾، بيانن ۾ تاڪيد ڪيو. "بائيڪاٽ،" پاڪستان ۾ ايم آر ڊيءَ جي ميمبرن اصرار ڪيو، جتي ٻن مذهبي جماعتن پڻ ريفرينڊم کي "اسلام جي نالي تي ٺڳي" چئي ان کي ننديو هو. "ووٽ ڏيو! اوهان کي ان لاءِ سڃاڻپ ڪارڊ جي به گهُرج نه هوندي." لائوڊ اسپيڪرن تان ان جو جواب آيو، جيڪي حڪومت ڪراچيءَ جي گهٽين ۾ ڪُنڊن تي هڻي ڇڏيا هئا. حڪومت جا گماشتا بلوچستان ۾ افغان پناهگيرن کي لارين ۾ ڀري پولنگ اسٽيشنن تائين پهچائيندا رهيا ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن جا ٻيا ماڻهو پولنگ جي ٻين جاين تائين رسائيندا رهيا.

اڳڪٿيءَ مطابق پاڪستان جي سرڪاري اخبارن ٻڌايو، ته ٻه ڪروڙ ماڻهن مان چوهٺ سيڪڙو ماڻهن ووٽ ڏنو، جن مان ڇانوي سيڪڙو ماڻهن "هائو" چيو. پر اسلام آباد ۾ 'گارجين' اخبار جي عيوضيءَ جي ڪٿ مطابق ڏهه سيڪڙي کان به گهٽ ماڻهن ووٽ ڏنو هو. 'رائيٽر نيوز سروس' به اهو ٻڌايو. بائيڪاٽ لاءِ اسان جيڪو سڏ ڏنو هو. تنهن ڪم ڏيکاريو. "جيڪڏهن جنرل اسلام جي ڍال ڪانسواءِ ايماندار ۽ همت سان پاڻ کي

آزمائش لاءِ سامهون آٽي ها، تہ هوند پڪ سان هارائي وڃي ها.“ لنڊن جي اخبار ’دي ٽائيمس‘ 12 ڊسمبر تي پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ لکيو. ”جنهن سبب هُن ائين نہ ڪيو.“
پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا جيڪي اڳواڻ ڏيهہ نيڪالي هئا، تن سان گڏجي واپس پاڪستان وڃڻ لاءِ مون کي ڪنهن اهڙي وجهہ جو اوسيئڙو هو. شايد اهڙو وقت اچي ويو هو. ”هيءُ وقت آهي تہ اسين ضياءَ الحق خلاف احتجاجي مهم شروع ڪريون.“ اتر لنڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ اڳوٽي وزير جي گهر ۾ سڏايل گڏجاڻيءَ ۾ پارٽيءَ جي وڏيرن اتفاق ڪندي چيو. ”ان ريفرينڊم ضياءَ جي غير مقبوليت جا وَڪا سڄي دنيا ۾ پڌرا ڪري ڇڏيا اهن“ بين وري ان سان اتفاق نہ ڪيو. ”عوام شايد اسان جي سڏ جو جواب نہ ڏئي.“ بحث هلندو رهيو. ”گهٽي وقت جي سُستيءَ سبب عوام مانار ۾ آهي. اسان کي ڪليل ميدان ۾ لهڻ گهرجي.“ انهيءَ بحث هلندي ”چاچن مان هڪڙي مون ڏانهن ڏسندي چيو. ”آئون اُن جو جواب ڏيڻ چاهيان ٿو.“ هن ٻڌايو. ”مس بينظير کي واپس موڪلڻ گهرجي، جنهن سبب هرڪو ماڻهو ٻاهر نڪري ايندو.“
”نيڪ آهي.“ مون اتفاق ڪيو. ”سياسي طرح منهنجو اتي وڃڻ صحيح آهي، تہ پوءِ اسان سيني کي اتي وڃڻ لاءِ منصوبو ٺاهڻ گهرجي. اسين ڇو نہ ڏهن ڏينهن جي عرصي ۾ روزانو هڪ جي حساب سان ڏار ڏار وقت تي اتي پهچون، تہ جيئن آهستي آهستي طاقت جو پندار نهي؟“
سڄي ڪمري ۾ مانار ڇانئجي وئي. ”تون واپس وڃ! آئون واپس نٿو وڃي سگهان.“ هڪ ٻئي پنيان سيني احتجاج ڪيو. هنن الزامن جي فهرست، قيد جي سزائن ۽ ڦاسين تي ڳالهايو، جيڪي پاڪستان ۾ منجهانئن هر هڪ خلاف تجويز هيٺ هيون. مونکي اچرج لڳو. اهي مونکي واپس موڪلڻ لاءِ بلڪل تيار هئا، پر اڳرائيءَ جي گڏيل مهم شروع ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ نيڪنيت نہ هئا. ”اسين اها مهم صحيح طريقي تي هلايون يا وري بلڪل ئي نہ هلايون.“ مون چيو. ماٺ. چوڌاري مانار هئي.
پوءِ بہ ريفرينڊم ۾ ضياءَ کي جيڪو ڌڪ لڳو هو، تنهن تي اسان سيني کي ڏاڍو اطمينان ٿيو. 5 جنوري 1985ع تي بابا جي جنم تاريخ تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سڄيءَ دنيا ۾ سوڀُ جا جلوس ڪڍي جمهوريت جو ڏينهن ملهايو. ان موقعي تي سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪندي مون لنڊن ۾ هڪ گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪئي، جنهن ۾ اسان هڪ سيمينار ۽ مشاعري جو انتظام ڪيو. ماحول ۾ ڏاڍي بيچيني هئي ۽ مسواڙ تي ورتل هال ماڻهن سان سَٿيل هو. مون پنهنجي تقرير هڪ انقلابي شاعر جي گيت تي ختم ڪئي. سڄي هال ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا جهنڊا جهولڻ لڳا ۽ اتي موجود سڀيئي جٽا گيت جون مصرعون وڏي آواز ۾ ورجائڻ لڳا، ”مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان، مون ڪيئي ڏوهہ ڪيا آهن.“(1)

سيمينار هلندي مونکي امان جو ٽيليفون آيو. صنم کي اُن وقت ڌيءَ ڄائي هئي. شملا ۾ 'ڌيءَ ڄائي آهي،' خراب خبر لاءِ اشارو هو. پر مون پيپلز پارٽيءَ جي حامين اڳيان ان خوشخبريءَ جو اعلان ڪندي چيو، "شهيد ڀٽي جي جنم ڏينهن تي اها خوشخبري آئي آهي، ته منهنجيءَ ڀيڻ صنم کي ڌيءَ ڄائي آهي. هن جو نالو آزادي رکيو ويو آهي. اُن لفظ جي معنيٰ آهي: ڇوٽڪارو." ان تي خوشيءَ جا هُوڪرا ٿيا. سيمينار جي فلم ناهي وئي، جنهن جون ڪيتريون ئي ڪاپيون لِڪ ڇپ ۾ پاڪستان موڪليون هيون.

ٽي ڏينهن پوءِ آئون، امان ۽ صنم وٽ هيس. جڏهن ضياءَ اعلان ڪيو ته قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جون چونڊون فيبرورِيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿينديون، ته انهن چونڊن جي بائيڪاٽ جو معاملو ريفرينڊم کان وڌيڪ شڪي هو. مارشل لا اڃا قائم هو ۽ سياسي جماعتن تي بندش پيل هئي. قومي اسيمبليءَ ۾ نمائندگي ماڻڻ لاءِ اسان جا اميدوار پارٽيءَ عيوضين بدران انفرادي حيثيت ۾ چونڊن ۾ حصو وٺي ٿي سگهيا. پوءِ به اهي پهريون قومي چونڊون هيون، جيڪي 1977ع جي فوجي بغاوت کان پوءِ ضياءَ ڪرائڻ گهريون ٿي. ڇا اسين انهن ۾ حصو وٺون؟

"بائيڪاٽ". لنڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ميمبرن ضياءَ جي اعلان تي ويچاريندي فيصلو ڏنو. پر منهنجو سُک ڦِٽي پيو هو. "ميدان ڪڏهن به خالي نه ڇڏجي." بابا هر پيري چوندو هو. مونکي ڪابه سُڌ نه هئي ته آئون ڇا ڪريان ۽ نه وري اها ڄاڻ هئي ته پاڪستان ۾ ايم آر ڊيءَ جي ميمبرن جو ڪهڙو ارادو هو. يورپ ۾ ايئن رهندي ڏاڍي مايوسي ٿي هئي، جڏهن ته پنهنجي ملڪ ۾ ڏاڍي چرپر هئي. سدائين جيان ضياءَ پنهنجا قانون ڦيرائيندو رهيو. 12 جنوري تي هن ريڊيي تان هڪ قومي پروگرام ۾ اعلان ڪيو، ته پيپلز پارٽيءَ ۽ ايم آر ڊيءَ جي سرگرم ۽ اهم ميمبرن کي چونڊن ۾ حصي وٺڻ کان مورڳو نااهل ڪوٺيو ويندو ۽ اهڙي طرح اهي اميدوار به نه ٿي سگهندا.

ٽي ڏينهن پوءِ هن وري پنهنجو اهو ارادو ڦيرايو ۽ چيو ته منجهانئن گهٽا چونڊن ۾ اميدوار طور بيهي سگهن ٿا. اها ڳالهه آئون سَهي نٿي سگهيس.

"آئون سمجهان ٿي ته مونکي واپس وطن موٽڻ گهرجي." مون امان کي تنهن وقت چيو، جڏهن صنيءَ جي ڌيءُ رُنو پئي. "چونڊن بابت آئون سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ سان ڳالهائڻ گهران ٿي. اسان کي فيصلو ڪرڻو آهي ته سياسي سوڀ سُٺي نموني ملڪ ۾ يا ملڪ کان ٻاهر رهي ماڻي سگهجي ٿي."

مون سمجهيو هو ته هوءَ منهنجي واپس وڃڻ جي فيصلي جي مخالفت ڪندي. الاءِ منهنجي لاءِ ضياءَ جي مَن ۾ ڇا هو. پر هن هڪ منٽ لاءِ سوچيو ۽ پوءِ هُن منهنجي ڳالهه مڃي. "تون صحيح آهين." هن چيو. "وقت آيو آهي ته پاڪستان ۾ پارٽيءَ جي اڳواڻن سان مشورو ڪجي." مون ۽ امان واري واري تي پارٽيءَ جي هڪ نائب سان ڳالهائڻ لاءِ ٽيليفون تي نمبر بُک ڪرايا، جنهن ۾ ڪيترائي ڪلاڪ لڳي ويا. اسين هن سان ته

ڳالهائي ڪونه سگهيونسين، البت منهنجي سئوٽ فخري فون تي ملي وئي. ”اسان جي ملازمن کي چئو، ته 70 ڪلفٽن ۾ صفائي ڪري ڇڏين.“ مون هن کي ٻڌايو. ”آئون ٽن چئن ڏينهن ۾ اتي پهچي ويندس.“ پوءِ جڏهن آئون جهاز جي اڏام جا وقت وٺي موٽيس، تڏهن فون جي گهنڊٽي وڳي.

”70 ڪلفٽن فوج جي گهيري ۾ آهي.“ ڊاڪٽر نيازي ٻڌايو. مونکي هينئر ڪراچيءَ مان خبر ملي آهي، ته تنهنجي ۽ تنهنجي امان جي نظربنديءَ جا حڪم نڪتا آهن. سڄي ملڪ جي هوائي اڏن کي پڻ گهيرو ڪيو ويو آهي ۽ لنڊن ۽ فرانس مان جيڪا به عورت برقعي ۾ اچي ٿي، تنهن جي جهَڙتي ورتي وڃي ٿي.

جيڪڏهن مونکي هڪدم جهلي نظربند ڪيو ويو ۽ آئون ان گڏجاڻيءَ ۾ بهرو وٺي نه سگهنديس، ته چونڊن ۾ حصو وٺجي يا نه، ته پوءِ منهنجو واپس وڃڻ اجايو ٿيندو. يورپ مان آئون ٽيليفون ته ڪري ٿي سگهان. پوءِ به آئون پاڪستان ۾ ڳالهائڻ لاءِ ٽيليفون تي ڪوشش ڪندي رهيس. مونکي پڪ ٿي وئي هئي، ته چونڊن ۾ اسان کي ضياءَ جي مخالفت ڪرڻ گهرجي ۽ مون ايم آر ڊيءَ جي گڏجاڻين ۾ ان راءِ جي نمائندگيءَ ڪرڻ پئي گهُري.

”چا مِس ڀٽو ٿي ڳالهائي.“ نيٺ فون مليو، ته ايبٽ آباد مان اچرج ۾ ورتل هڪ آواز چيو.

”هائو، هائو“ مون بيچينيءَ وچان وراڻيو. ”چا ايم آر ڊي چونڊن لاءِ ڪو فيصلو ڪيو آهي؟“

”هائو.“

”ڪهڙو فيصلو؟“ مون گهُٽيل ساهه ۾ پڇيو.

”بائيڪاٽ ڪبو.“ هن وراڻيو.

جيڪڏهن پارٽيءَ ۽ مخالف ڌُر جو اهو گڏيل فيصلو هو، ته نيڪ هو ۽ پوءِ آئون لنڊن واپس ويس، جتي مون سنڌي ۽ اردوءَ ۾ پنهنجو نياپو رڪارڊ ڪيو، جنهن ۾ عوام کي چيو ويو ته اهي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪن. اهو نياپو به لک چپ ۾ پاڪستان موڪليو ويو، جيڪو هزارن جي تعداد ۾ سنڌ، پنجاب ۽ ملڪ جي ٻين حصن ۾ ورهايو ويو هو.

25 فيبروريءَ تي آئون لنڊن ۾ ٽيليفون ويجهو ٿي وينس، ته جيئن قومي اسيمبليءَ جي چونڊن ۽ ٽي ڏينهن پوءِ صوبائي اسيمبلين جي رٿيل چونڊن جو احوال وٺان. پاڪستان ۾ چونڊن واري ڏينهن وڏو هُل هنگامو ٿئي ٿو ۽ هر پاسي جشن جهڙو ماحول هجي ٿو. رستا ۽ گهٽيون ماڻهن سان ڀريل هجن ٿيون، جتي گهوڙڙيا پنهنجن گاڏن تي بوتلون، منايون، سمبوسا، پڪوڙا ۽ ڪاڏي جون ٻيون شيون وڪڻندي ڏسبا آهن. ووٽ وجهڻ وارن هنڌن تي ماڻهن جا انبوهه اچي گڏ ٿين ٿا، جيڪي پنهنجو ووٽ ڏيڻ لاءِ هڪ ٻئي مٿان اچيو ڳاهٽ ٿين. پاڪستانين کي ڪڏهن به ترتيب سان قطار ٺاهي بيهڻ جي

سمجهه ئي نه آهي. پر ٽيليويزن تي جيڪي ووٽ ڏيندڙ ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا، سي شايد سرڪاري ملازم هئا، جن کي ٽيليويزن تي ڏيکارڻ لاءِ آندو ويو هو. اُهي هڪ سنهي قطار ۾ هڪٻئي پنيان ڏاڍي آرام سان بيٺا هئا. اتي ڪاڏي جي شين جا ٿيلها به ڏسڻ ۾ ٿي آيا.

سچائيءَ اها آهي، ته ضياءَ جنهن عمل کي چونڊون سڏيو هو، سو نفرت جوڳو هو. 'ٽائيم' مخزن جي ايشيا/ پئسفڪ ڇاپي ۾ لکيو ويو: "سياسي جماعتن جي غير موجودگيءَ ۾، چونڊ مُهم هلائڻ لاءِ نه ڪي موضوع هئا، نه ڪي جلسا جلوس ٿيا ۽ نه ئي قومي مسئلن کي بحث هيٺ آندو ويو هو. اميدوارن کي چؤديواريءَ کان ٻاهر جلسن ۽ جلوسن ڪڍڻ جي روڪَ هئي. هنن کي مائيڪرو فون، لائوڊ اسپيڪر واپرائڻ ۽ ريڊيي يا ٽي وي تان تقرير جي به اجازت نه هئي. حڪومت اميدوار کي وڏ ۾ وڏ اها اجازت ڏني هئي، ته هو هر دروازي تي وڃي ماڻهن سان ملي ۽ ايترن ماڻهن سان ملاقات ڪري جيڪي هڪڙي ڪمري ۾ آرام سان ويهي سگهن. ڪجهه پُر اميد اميدوارن ان سلسلي ۾ مسجدن کي ڪَتب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جن کي هڪدم نااهل ڪوٺيو ويو هو."

حڪومت اعلان ڪيو ته ٽيونجاهه سيڪڙو ماڻهن ووٽ ڏنا هئا. جڏهن ته اسان جي ڪَٿ مطابق ڏهه کان چوويهه سيڪڙي تائين ماڻهن ووٽ ڏنا هئا. هڪ ڀيرو وري ايم آر ڊيءَ جي سڏ کم ڏيکاريو: جيتوڻيڪ اهو ايترو سوپارو ڪونه ٿيو هو، جيترو ريفرينڊم ۾ ٿيو هو. هن ڀيري ڪامياب بائيڪاٽ کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ ضياءَ مارشل لا جو قانون ڪڍيو، جنهن مطابق، چونڊن ۾ بائيڪاٽ واري لاءِ سخت پورهئي سان سزا رکي وئي هئي. پڇاڙيءَ ۾ ڪوبه اهڙو اڳواڻ موجود ڪونه هو، جيڪو بائيڪاٽ جو سڏ ڏيئي ها. 'ٽائيم' لکيو، "چونڊن کان اڳ آخري ڏينهن، حڪومت اٽڪل ٽي هزار سياسي مخالفن کي جهليو، جن ۾ ملڪ جي هر سياسي شخصيت شامل هئي ۽ جن کي چونڊن ٿيڻ تائين جيلن ۾ يا وري گهرن ۾ بند رکيو ويو هو."

پوءِ به اهي چونڊون مارشل لا ۽ ملڪ ۾ اسلامي قانون رائج ڪرڻ واري ضياءَ جي نيتيءَ کي رد ڪرڻ جو زبردست پڙاڏو هيون. هن جي ڪابينا جي نَون وزيرن مان، جيڪي قومي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ بيٺا هئا، ڇهن وزيرن هارايو. هن جي ٻين ساٿين سان به ساڳِيءَ جُٽ ٿي. صوبائي اسيمبلين جي چونڊن ۾ جن بنياد پرست اميدوارن جي مدد مذهبي پارٽين ڪئي هئي، تن کي به سخت شڪست ملي هئي. جماعت اسلاميءَ جي اڪيهن اميدوارن مان رُڳو ڇهه اميدوار ڪامياب ٿيا. جڏهن ته اُهي اميدوار جن اسان جي بائيڪاٽ جي اعلان ڪانپوءِ به پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان پنهنجو ناتو ڇاڻايو هو، تن ٻاونجاهه سِيٽن مان پنجاهه نشستون کٽي زبردست سوڀ ماڻي هئي. "پاڪستان پيپلز پارٽيءَ، جنهن جي اڳواڻ ڀُٽي جي ايڪٽيهن ورهين جي ڌيءَ بينظير ڀٽو آهي ۽

جيڪا هينئر لنڊن ۾ جلاوطن آهي، انهن ورهين کان غير قانوني هوندي به اڃا تائين ملڪ جي مضبوط جماعت آهي.“ ’ٽائيم‘ صاف اکرن ۾ لکيو.
ضياءَ بابت اهي اميدون ته هو ملڪ ۾ سچ پچ جمهوريت آڻڻ چاهي ٿو، چوندن ڏينهن کان پوءِ هڪ هفتي ۾ ئي ڊَهي ويون هيون. نئين چونڊيل قومي اسيمبليءَ جي گڏجاڻيءَ کان اڳ ۾ ضياءَ آئين ۾ ڪيئي ترميمن جو اعلان ڪيو. انهن ترميمن ذريعي هن پنهنجي صدارتي عهدي جي پنجن ورهين واري عرصي جي ٻيهر تصديق ڪئي. ۽ نه رُڳو وزيراعظم، هٿياربند فوجن جي اڳواڻ ۽ چئني صوبن جا گورنر رکڻ جا پاڻ کي بيپناهه اختيار ڏنا، پر پنهنجي مرضيءَ تي قومي اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ جو اختيار پڻ پاڻ وٽ رکيائين.
هن جي نئين حڪومت سبب ڪهڙو فرق ٿيو هو؟ ڪجهه به نه. جيتوڻيڪ مغربي حڪومتن جي دٻاءُ هيٺ ضياءَ ظاهري طرح ”شهري“ حڪومت جوڙي هئي، پر اڃا تائين مارشل لا قائم هو. جيتوڻيڪ هن پاڻ کي وڏيڪ مقبوليت جهڙو ’صدر‘ جو لقب ڏنو هو. پر هو اڃا ائين مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ فوج جو چيف آف آرمي اسٽاف هو، جنهن جو مطلب اهو هو ته قومي اسيمبلي فوج جي قبضي ۾ هئي. ضياءَ صدارت جي عهدي سنڀالڻ کان ”ڪيترائي مهينا“ پوءِ مارشل لا ختم ڪندو ۽ ساڳئي وقت فوج جي چيف آف اسٽاف جي عهدي تان پڻ استعيفيٰ ڏيندو. هن ”ٽائيم“ کي انٽرويو ڏيندي چيو.
”آئون جڏهن 23 مارچ تي صدر جي عهدي جو قسم کڻندس، تڏهن آئون يانئيان ٿو ته منهنجو ظاهري ڏيک ڪنهن شهريءَ جهڙو هجڻ گهرجي.“ هن ائين چيو جڻ لباس مٽائي هو عوام کي بيوقوف بڻائي ڇڏيندو. هو ائين نه ڪري سگهندو. ايندڙ هڪ ورهيه تائين مارشل لا ڪونه لهندو. ضياءَ اڃا تائين فوج جو چيف آف آرمي اسٽاف آهي ۽ ڪجهه موقعن تيورديءَ بدران ڊگهي شيرواني پائڻ سبب هن جي ڪُوڙن ۾ ڪوبه فرق نٿو اچي.
چوندن ڏينهن کان چار ڏينهن پوءِ 1 مارچ تي اياز سمون کي موت جي سزا ڏني وئي.
5 مارچ تي ناصر بلوچ کي ڦاسي ڏني وئي.

اسان جڏهن ناصر بلوچ جي موت جي ڄاڻ ٻُڌي، ته اسان سيني کي گهٽو ڏک پهتو. ضياءَ ته قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي تازو چونڊجي آيل نون ميمبرن جي رحم وارين درخواستن ڏانهن به ڪو ڌيان نه ڏنو. ڪراچي سينٽرل جيل جي ڪيترن ئي ٻين سياسي قيدين آخريءَ گهڙيءَ ۾ به ناصر بلوچ لاءِ رحم جون درخواستون موڪليون هيون. پر ضياءَ انهن جو جواب اهو ڏنو هو، جو ڪين ٻين جيلن ۾ موڪلي ڇڏيو. اسان جڏهن اُن مامري بابت ڪجها دستاويز پڙرا ڪيا، تڏهن عالمي دٻاءُ هيٺ مجبور ٿي، هن ٻين ٽن جوابدارن جي موت وارين سزائن ۾ گهٽتائي ڪئي. پر ناصر بلوچ لاءِ ڦاسيءَ جو

’حڪمنامو‘ ڏنو. اسلام آباد مان ’گارجين‘ جي نمائندي لکيو ته، ”مزدور اڳواڻ فوج خلاف ۽ ’جيئي ڀٽو‘ جا نعرا هڻندو. ڦاسيءَ جي تختي تي چڙهيو.“

مون ڏاڍي ڏک ۾ خطن جو اُهو فائيل ڏسڻ شروع ڪيو، جيڪي اسان موڪليا هئا ۽ ڪجهه ناصر بلوچ وٽان اسان وٽ پهتا هئا. مون اهي خط ورجائي پڙهيا، جيڪي هن سگريٽن جي خالي پاڪيٽن تي لکي، ڪراچي سينٽرل جيل ۾ پنهنجي موت جي ڪوٺڙيءَ مان لِڪ چِپ ۾ مون ڏانهن موڪليا هئا. ”شل الله اوهان کي ۽ بيگم صاحبا کي صحت ۽ وڏي ڄمار ڏئي، ته جيئن اوهين پاڪستان جي غريب عوام جي رهنمائي ڪري سگهو.“ هن پنهنجي خط جي شروع ۾ لکيو هو. ”اسين چيئرمين شهيد ڀٽي جيان پنهنجين ڪوٺڙين ۾، پنهنجا ڏينهن ڏاڍيءَ بهادريءَ ۽ همت سان ايئن گهاريون پيا، جيئن هن گذاريا هئا ۽ غاصب فوجي حڪومت اڳيان ڪڏهن به پنهنجو ڪَنڌُ نه جهڪايو هو. اسين ڪڏهن به فوجي حڪومت کان زندگيءَ جي خيرات ڪونه گهرنداسين. اسين پنهنجي زندگيءَ کان وڌيڪ پارٽيءَ جي عزت کي اهم سمجهون ٿا. اسين اوهان جي سوڀُ لاءِ دعاگو آهيون. شال الله اوهان جي مدد ڪري.“

آئون ڪيئي مهينن تائين ناصر بلوچ لاءِ دعائون گهُرندي رهيس. هاڻي شديد ڏُک هيٺ مون اڪيلائيءَ ۾ سندس روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ دعائون گهريون. اسان پارٽيءَ جي هڪ جلاوطن اڳواڻ جي گهر ۾ هن جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني به ڪئي. مون ٻڌائيو هو ڇڻ مون کان منهنجو ٻاءُ وڇڙي ويو هجي. هو ڪراچيءَ جي ڏٽڙيل ۽ پنتي پيل غريب وسندي ملير جو رهواسي هو. جتي هو پنهنجي زال ۽ ٻارن سميت پنهنجي ماءُ، پيءُ ۽ ڀاءُ سان گڏ هڪ ننڍڙي گهر ۾ رهندو هو. ناصر بلوچ کي خاص ڪري پنهنجين نياڻين تي ڏاڍو فخر هوندو هو ۽ هو اڪثر انهن بابت ڳالهائيندو هو. انهن مان هڪ جي شادي 1983ع ۾ اُن وقت ٿي هئي، جڏهن آئون 70 ڪلفٽن جي سب جيل ۾ بند هيس. مون هن جي شاديءَ جي خرچ لاءِ فخريءَ معرفت هنن ڏانهن ڪجهه رقم به موڪلي هئي. هينئر جڏهن آئون هن جي گهرڀاتين کي تعزيتي خط لکڻ وينيس، ته آئون سندن ڏُک پنهنجو ڏُک ڀانئڻ لڳيس. ٻين ڪيترن کي به ائين ئي ڀانئيو هو. پوءِ مون برطانيا جي اخبارن ۾ پڙهيو هو، ته اُن رات جڏهن ناصر کي ڦاسي اچڻي هئي، تڏهن ڪراچي سينٽرل جيل ٻاهران ماڻهن جا انبوهن کي روڪڻ لاءِ پوليس جا وڌيڪ جٿا گهرايا ويا هئا ۽ جڏهن هن جا گهرڀاتي سندس ميت کي دفنائڻ لاءِ ڪٽي وڃڻ لڳا، تڏهن اتي ايترا ته ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا، جو انهن ڪانڌين کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ پوليس کي ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا گولا اڇلائڻا پيا هئا. ضياءَ جي نئين شهري حڪومت جي شڙوعات رَت ۾ ٻريل هٿن سان ٿي هئي. ڇا هنن جو ٻيو شڪار اياز سمون هوندو؟

”آئون اوهان کي اياز سمون جي زندگيءَ بچائڻ ۾ مدد لاءِ هي خط لکان ٿو. هو نيا دؤر موٽرز ۾ مزدورن جو نمائندو هو، جنهن کي فوجي عدالت ڳجهي طرح مقدمو هلائي.

1 مارچ 1985ع تي موت جي سزا ڏني ھئي.“ اسان وٽ جن ماڻھن جا پار پتا ھئا، تن کي ڊاڪٽر نيازي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي انساني حقن واري ڪميٽيءَ طرفان لکيو. ھڪ ٻيو جلاوطن صفدر ھمداني، جيڪو اسان جو ڪو آرڊينيٽر ھو ۽ جيڪو سمنڊپار ملڪن ۾ اسانجين شاخن سان لکپڙھ ڪندو ھو ۽ سينٽرل YMCA ۾ رھندو ھو، تنھن پنھنجي خط ۾ لکيو: ”اياز سمون مقدمي جي اھم تفصيلن جي روشنيءَ ۾ مھرباني ڪري اوھان پنھنجيون ڪوششون ھن طرح تيز ڪندا: (الف) پنھنجي تَڪ جي ميمبر پارليمانيٽ / پارليامينٽ جي اھم ميمبر سان ملاقات، (ب) پارليامينٽ جي ميمبر سان ملاقات لاءِ وفدن جو انتظام، (پ) درخواست تي صحيحون وٺڻ، (ت) انساني حقن جي تنظيمن سان رابطو ۽ (ٽ) اخبارن سان رابطو.

اياز سمون خلاف اُن ڪُوڙي مقدمي جا تفصيل تڏھن پڌرا ٿي ويا ھئا، جڏھن پاڪستان مان اسان جي ھڪ ھمدرد اُن مقدمي تي پوليس جي رپورٽ لِڪ ڇپ ۾ اسان ڏاھن موڪلي ھئي. اياز سمون کي موت جي سزا ڏيڻ جو سبب اھو ھو، جو ھن تي حڪومت جي حمايتي ظھور الحسن ڀوپاليءَ کي سندسن آفيس ۾ 1984ع ۾ قتل ڪرڻ جو الزام ھو. پوليس جي رپورٽن مطابق ملزم پنجويھن کان ٽيھن ورھين جي ڄمار جو، قد آور، ٻُت جو ڀريل ۽ ڪَڻڪائو رنگ شخص ھو. شاھدن جي چوڻ مطابق ھو جڏھن واردات جي جاءِ تان ڪار ۾ چڙھي ڀڄو ھو، تہ ھُن جي ھڪ ڪُلھي جي گھاءُ مان گھڻو رَت پئي وھيو.

اُن تفصيل جي ڪابہ ڳالھ اياز سمون سان لاڳو ٿي نہ پئي سگھي. ھو رنگ جو ڪارسرو ھو، ٻُت جو سنھو ۽ قد پنج فوٽ چار انچ ڊگھو. ھن جي ڄمار ٻاويھہ ورھيہ ھئي ۽ گرفتار ٿيڻ وقت ھن کي ڪوبہ گھاءُ لڳل ڪونہ ھو. پر اھڙي تفصيل جي حڪومت کي پرواھ نہ ھئي. ھنن ڀوپاليءَ جي قاتلن کي سزا ڏيڻ لاءِ ايڏي تہ چُستي ڏيکاري، جو ھڪ نہ پر ٽن ڌار ڌار فوجي عدالتن ٽن مختلف جوابدارن تي مقدمو ھلايو ۽ اُنھن سيني کي اُن ساڳيءَ ڏوھ جو ڏوھي ڪونيو ھو!

پر اسان کي اياز سمون جي بيگناھيءَ جي ثبوت جي ڳُولا ھئي: سچي ثبوت جي. اھو ڪپڙي جي ھڪ ٽُڪري تي اسان تائين پھتو، جيڪو اياز سمون جي موت جي ڪوٺڙيءَ مان لِڪ ڇپ ۾ سندس وڪيل اسان ڏانھن موڪليو ھو. ان تي اياز سمون جي رَت جو نمونو ھو. پاڪستان ۾ پوليس ان رَت ھاڻل ڪپڙي جو گھڻُ نماءُ ڪيو ھو، جيڪو اُن ڪار مان مليو ھو، جيڪا قتل جي واردات کان پوءِ ھٽ ڪئي وئي ھئي. ڪار مان مليل رَت جي چڪاس ڊاڪٽر شيرواني ڪئي ھئي، جنھن جي داخلا پوليس رپورٽ ۾ ھئي. اياز سمون جي رَت جي چڪاس ڪڏھن بہ نہ ٿي ھئي، تہ جيئن خبر پوري ھا تہ اھا رپورٽ حملي ڪندڙ جي رَت سان ملي بہ آئي ٿي يا نہ. لنڊن ۾ اسان کي ھڪ پيٿالاجسٽ مليو، جنھن کي اسان اياز سمون جي رَت جي نموني جي چڪاس لاءِ چيو. اسان کي

ثبوت ملي ويو هو، جيڪو اسان مختلف ماڻهن ڏانهن موڪليو: سمون جي رَت جو نمونو اهو ساڳيو ڪونه هو، جيڪو ڪار مان مليل رَت جو هو. پر موت جي سزا قائم رهي.
اياز سمون 23 مارچ تي ڪراچي سينٽرل جيل مان لکيو، ”منهنجي پياري ڀيڻ، آئون ٿورائتو آهيان جو اوهان کي خط لکڻ جو وجهه مليو آهي. اسان جو عزم پهاڙن کان وڌيڪ مضبوط ۽ هماليا جبل کان اوچو آهي. انقلابي ڪڏهن ڪنهن به رُوپ ۾ آمرن اڳيان نه جهُڪيا آهن. زندگي الله جي ڏنل آهي ۽ نه ضياءَ جي.
”ظالم جي هٿ وس رهڻ بجاءِ آئون ڦاسيءَ تي چڙهڻ وڌيڪ پسند ڪندس. آڻُ مڃڻ اسان جو اصول ڪونهي. اسين مارشل لا جي دَٻ کان، ڪنهن گڏهه کي گهوڙو سَڏڻ ۽ نه وري ڪاري کي اَڇو چوڻ لاءِ هرگز تيار نه آهيون. منهنجي پياري ڀيڻ، اياز سمون توکي خاطري ڪرائي ٿو، ته دهشتگرد ضياءَ الحق منهنجي سِسي ته لاهي سگهي ٿو، پر هو ان کي جهُڪائي نٿو سگهي ... اسين شهيد پنهنجو رَت وهائيندا رهنداسين. هڪڙي ڏينهن پرهه جون باکون. اسان جي رَت سُڱنڌ عوام تائين پهچائينديون. انشاءَ الله ... اسين جيئرو رهنداسين ۽ سدائين لاءِ جيئرو رهنداسين. اوهان جو ڀاءُ اياز سمون.“
آئون اياز سمون جي مقدمي جي جاڻ پاڻ سان هر هنڌ کڻي ويس. اپريل ۾ واپس آمريڪا به ويس، جتي هارورڊ ۾ مونکي راما ميهتا ليڪچر ڏيڻ لاءِ دعوت ڏئي گهرايو هو. اتان نيويارڪ ۾ به ويس، جتي مونکي پرڏيهي لاڳاپن جي ڪائونسل ۾ ڳالهائڻ جي دعوت مليل هئي. پوءِ اتان جون مهيني ۾ اسٽراسبورگ ويس، جتي مون يورپي پارليامينٽ جي ميمبرن اڳيان تقرير ڪئي. ”اياز سمون، هڪ مزدور اڳواڻ ۽ پارٽي حمايتي، اڄ پنهنجي موت- ڪوٺڙيءَ ۾ سڙي ڳري پيو، هن تي اهڙي ڏوهه جو الزام آهي، جيڪو هن ڪيو ئي ڪونهي. هن کي پنهنجو مقدر ڪوهيڙي ۾ ڏسڻ ۾ اچي پيو. هن کي اها به جاڻ آهي ته سندس رَت جو نمونو به اُن واقعي ۾ حملو ڪندڙ ماڻهوءَ جي رَت جي نموني سان نٿو ملي، جنهن واقعي جو ڪيس ملزم سڏيو ويو آهي.“ مون اسٽراسبورگ ۾ هڪ اخباري ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي چيو. ”جڏهن نسل پرستيءَ ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙيءَ خلاف دنيا جي ضمير کي ڪنهن بئي هنڌ انصاف مطابق جاڳايو ويو آهي، ته پوءِ اهو ضمير انهن فوجي عدالتن جي اُنهن قتلن کي ڏسي پنهنجيون اکيون نه ٻوٽي، جيڪي هڪ اهڙي ملڪ ۾ پيا ٿين، جيڪو پاڻ مغرب کان چڱي خاصي امداد وٺي ٿو.“
1985ع جي بهار مُند ۾ منهنجي آمريڪا وڃڻ کان ٿورو اڳ، الذوالفقار جي تُهمت هيٺ گرفتار ڪيل سيني چوونجاهه قيدين کي، جيڪي لاهور ۾ بند هئا، جنم ٽيپ جون سزائون ڏنيون هيون. هنن سان گڏ ٻين چاليهن ماڻهن کي به سندن غير حاضريءَ ۾ اها سزا ڏني وئي هئي، جن ۾ منهنجا ڀائر مير ۽ شاهنواز به شامل هئا. هڪ ڀيرو وري حڪومت پنهنجن سياسي مقصدن لاءِ دهشتگرديءَ جو نعرو واپرايو هو. ”ايمنسٽي

انٽرنيشنل کي ڪيترن ئي ورهين کان ان مسئلي تي ڳڻتي رهي آهي، تہ پُر امن سياسي مخالفت ڪندڙ ماڻهن کي جهلڻ لاءِ مٿن الذوالفقار سان شامل هجڻ جي عام تهمت هنئي وڃي ٿي.“ 1985ع ۾ ايمنسٽي پنهنجيءَ رپورٽ ۾ الزام هنيو. ستر کان وڌيڪ قيدين کي ڦاسين تي چاڙهيو ۽ هڪ سئو کان وڌيڪ قيدين کي موت جي سزا ڏني وئي هئي.

پاڪستان پيپلز پارٽي
111 لاڊرڊيل ٽاورس، باربيڪن
لنڊن EC2
جون

اياز سمون جي زندگي بچايو
پيارا ميمبر، پاڪستان جي هن بيگناهه ٻاويهن ورهين جي پُٽ جي جان بچائڻ لاءِ مهرباني ڪري اوهان ڪو تڪڙو قدم کڻو ۽ پنهنجي وس آهر هر ممڪن ڪوشش ڪريو... اوهان پنهنجي سجاڳپ واري ماڻهوءَ سان هڪدم رابطو ڪريو. اڄ اياز سمون جي رحم جي درخواست پيش ٿيڻ واري آهي. مهرباني ڪري تمام تڪڙو قدم کڻو، ڇو تہ وقت ٿورڙو آهي.

ضياءَ ڏانهن خط موڪليا ويا . تارون. سفارتي ڪُجتون ٻاهريان دٻاءُ. 26 جون 1985ع تي اياز سمون کي ڦاسي ڏني وئي.

هڪ اوچتو نڪاءُ! رڌڻي ۾ ڇا پئي ٿيو؟ ضرور ڪنهن دريءَ کي ڪليل ڇڏي ڏنو هوندو، اهو سوچي آئون باربيڪن ۾ پنهنجي رڌڻي ۾ ويس، تہ جيئن هوا جو زور تي هيٺ ڪِريل شين کي کڻي مٿي رکان. اتي هرڪا شيءِ پنهنجي جاءِ تي رکيل هئي.
ڇا اهو اياز سمون جو روح ٿي سگهيو ٿي؟ مون اڇرج وچان سوچيو. مون پوءِ نماز پڙهي هن جي روح کي ثواب پهچايو.
ٻئي ڏينهن صبح جو ناهيد، بشير رياض، صفدر، سمبلينا، ياسمين ۽ بيگم نيازيءَ سان گڏجي مون پنهنجو ڪم شروع ڪيو. اسان انهن سيني ماڻهن کي خط لکيا، جن اياز سمون جي مقدمي ۾ چاهه ورتو هو. اسان انهن تعزيتي خطن جا پڻ جواب لکيا، جيڪي اسان کي مختلف ذريعن، جهڙوڪ هائوس آف لارڊس جي لارڊ ايوبوري، آمريڪا مان ايليٽ ابرامس ۽ بروسيلز مان ڪارل وين ميرٽ وٽان پهتا هئا، جنهن يورپين پارليامينٽ جي سوشلسٽ گروپ سان گڏجي ان اقتصادي سهڪار جي ناهه کي رد ڪرڻ جي قرارداد پيش ڪئي هئي، جيڪو پاڪستان سان ٿيڻ وارو هو.

”مسٽر اياز سمون جي موت جي سزا جو ٻُڌي مونکي ڏاڍو ڏُک پهتو. جيتوڻيڪ مونکي ان تي اچرج بلڪل نه ٿيو هو.“ لارڊ ايوبوري لکيو هو. ”ان مان پڌرو ٿئي ٿو ته ضياءَ تي انساني همدردين جي اپيلن جو ڪو اثر ئي ڪونه ٿو ٿئي. ۽ مونکي افسوس آهي ته ضياءَ ڄاڻي ٿو ته پاڻ جيڪي به ڪري ٿو، تنهن جو آمريڪا وٽان ملندڙ انعامن اڪرامن ۽ ريگن انتظاميا جي اُن پختي يقين تي ڪوبه اثر ڪونه پوندو، جيڪا پاڪستان کي ’آزاد دنيا‘ جو حصو ڏسڻ گهري ٿي.“

اسان پنهنجي ڏُک ۾ ڏاڍي خاموشيءَ سان ڪم پئي ڪيو، ته اوچتو وڏي ڪمري ۾ زوردار ٺهڪو ٿيو، جتي اسان ڪاغذ، فائيل ۽ لفافا سَٽي رکيا هئا. اسان سڀني ڪان ڇرڪ نڪري ويا ۽ هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳاسين.
”ضرور ميز تان ڪو فائيل ڪِري پيو هوندو.“ اهو چوندو بشير وڏي ڪمري ڏانهن ويو.
”ڪجهه به ڪونه ڪِريو آهي.“ مون اڳئين رات وارو واقعو ياد ڪندي چيو.
”اوهان جو چوڻ صحيح آهي.“ واپس ايندي هُن ٻڌايو.
”ڇا اوهان ڀانئيو ٿا، ته اهو اياز سمون جو روح آهي.“ مون ڀين ڪان پڇيو.
”شل الله جي مٿس رحمت هجي.“ بيگم نيازيءَ چيو، جيڪا سخت مذهبي ويچارن واريءَ عورت آهي.“ اسان کي فليٽ ۾ هن لاءِ قرآن خواني ڪرڻ گهرجي، جنهنڪري سندس روح کي سُڪون ملندو ۽ هو آرام سان رهي سگهندو.“

ناهيد هڪدم اُن جو انتظام ڪيو ۽ ٽيهريءَ جو اسان جي فليٽ ۾ ڪيترين ئي پاڪستاني عورتون اچي گڏ ٿيون. اسان سڀني ڪلاڪن جا ڪلاڪ قرآن شريف جا ڪيترائي ڀيرا ورد ڪيا. اياز سمون جي روح وري ڪڏهن به آواز نه ڏنو.
1 جولاءِ تي آئون ڏکڻ فرانس ڏانهن وڃڻ واري هيس، ته جيئن امان ۽ خاندان جي ڀين ڀاتين سان گڏ موڪل ملهائي سگهان. پر ان ۾ ڪنهن نه ڪنهن ڪم سبب رنڊڪ پئي ٿي: مثال طور سياسي گڏجاڻيون، پاڪستان مان ايندڙ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن سان ملاقاتون، جيڪي پنهنجا پروگرام ڦيرائي نه ٿي سگهيا ۽ وغيره وغيره.
امان فون تي مونکي ٻڌايو، ته شاهنواز کي ڏاڍو ڏُک ٿيو هو، جو آئون سندس ان دعوت ۾ پهچي نه سگهي هيس، جنهن ۾ هن ٿانڊن تي پڪل گوشت ڪارائڻ جو انتظام ڪيو هو. مير کي به اُن جو ڏک ٿيو هو. منهنجي آزاد ٿيڻ کان پوءِ اسان ٻئي ڀيرا ملاقات ڪئي هئي. هنن سڀني- مير، شاهه، سندس ننڍڙين ڌيئرن فتحي ۽ سسئي ۽ سندن افغان گهر وارين فوزيا ۽ ريحانا — سان ملاقات لاءِ منهنجي ڏاڍي خواهش هئي، پر اُن مهيني جي وچ ڌاري آئون وٽن وڃڻ جهڙي ٿي سگهي هيس.

17 جولاءِ جي صبح مون پنهنجا ڪپڙا هڪڙي سُوٽ ڪيس ۾ وڌا ۽ آئون هوائي اڏي ڏانهن رواني ٿيس. گذريل مهيني جي ذهني پريشانيءَ ۽ الميه ڪان پوءِ منهنجي لاءِ ٻن هفتن جو گهربل سُڪون ۽ آرام ڪينس ۾ هو. آئون اوسيئڙو نه ڪري سگهيس. مون گهڙيا موت ڏنا هئا.

(1) سنڌ جي مشهور شاعر شيخ اياز جو گيت

# ادا جي شهادت

ڪٿي آهن سڀ؟ هنن ڪان وسري ويو ڇا؟ آئون جيئن نيس جي هوائي اڏي تي اميگريشن وارن ڀرسان لنگهيس، ته مون ڇوڌاري اکيون ڦيرائي ڏٺو.
”واهه!“ هوائي اڏي جي عمارت جي هڪ ٿنڀي پنيان ٽِپ ڏئي پڊرو ٿي شاهنواز چيو. هن اڳتي وڌي مونکي ڀاڪر پاتو. هن جون اکيون شرارت وچان پئي چمڪيون.
”ادا چيو ته اسين لِڪي بيهون.“ امان مُرڪي مونکي چُمي ڏيندي چيو.
شاهه منهنجو سُوٽ ڪيس ڪنيو، پر هڪدم اهو هيٺ رکي، روئڻ هارڪو ٿيندي هُن چرچي وچان چيو. ”گهوڙا ڙي!“ تو هن ۾ ڇا آندو آهي؟ سون آهي ڇا؟“ اسين سڀيئي ٽهڪ ڏيندا هوائي اڏي مان ٻاهر نڪتاسين.
فرانس جي ساموندي بندر تي هلڪي هوا ۾ ڪجهيءَ جي وڻن جون ٽاريون هوريان هوريان پئي جهوميون. گذريل مهينن جي سخت پريشانيءَ ڪان پوءِ گهر ڀاتين سان ملاقات ڪري ڏاڍي سرهائي ٿي هئي. خاص ڪري منهنجي شرير ننڍي ڀاءُ سبب، جيڪو سدائين وڏا ٽهڪ ڏيندو هو ۽ ڏاڍو ڪِلمُک هوندو هو. اسان سڀني ٻارن ۾ هو مونکي وڌيڪ وڻندو هو ۽ اسان وچ ۾ هڪ خاص اُنس هوندو هو. اهو هيءُ ته سڀني ڪان ننڍو هو ۽ آئون سڀني ۾ وڏي هيس. مون پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ عورتن ۽ مردن ڪي شاهه ڏانهن اک ٽِيٽ ڪندي ڏسي مون مُرڪي ڏٺو. هُن جو بدن سَنهو ۽ ڪَسرتي هو ۽ مون ڏٺو ته اسان ڀرسان لنگهندڙ سڀني ڪيس ساراهيندڙ نظرن سان ٿي ڏٺو.
شاهه ۽ امان ڪار جي اڳين سِيٽن تي ٿي وينا ۽ آئون پنيان ٿي وينيس ۽ پوءِ اسان جي ڪار تيز رفتاريءَ سان ڪينس ڏانهن رواني ٿي. شاهه ڳالهائڻ بند ئي ڪونه ٿي ڪيو. هن مٿي آئيني ۾ ڪڏهن مونکي ٿي ڏٺو، ته وري ڪڏهن اڳيان رستي ڏانهن. هن جي ڏِکڻ ۽ گهاٽين پنبڻين هينيان سندس اکيون پئي چمڪيون ۽ سونهري وار پئي اُڏاڻا. ڪَلف لڳل قميص ۽ پتلون ۾ هو موهيندڙ ۽ ڦُڙت ٿي ڏسڻ ۾ آيو.
هن ڪي اهڙو نئِبنو ڏسي مونکي ڏاڍو سُڪون مليو. انگليند ۾ اچڻ ڪان پوءِ ڏيڍ ورهيه جي عرصي ۾ ٿورڙين ملاقاتن ۾ مون هن ڪي بدن ۾ لٽل ڏٺو هو. پر هينئر ڀِهريون پيرو هُو مون ڪي ڀِريل ٻُت جو ڏسڻ ۾ آيو هو، جيئن آئون پاڻ به ٻُت ۾ ڀِرجي وئي هيس. هاڻي هن ڪي پاڪستان ۾ منهنجي نظربنديءَ بابت ڪابه ڳڻتي نه هئي، نه وري مونکي هن ۽ مير لاءِ ڪو اُلڪو هو. گهڻي وقت ڪان الذوالفقار طرفان نه ڪا ڪارروائي ٿي هئي، ۽ نه وري اهڙي ڪا دعويٰ ڪيل هئي. تنهنڪري مونکي لڳو ته اسان جي خاندان ڪي هڪدم ڪوبه اهڙو جوکو ڪونهي. ڪينس جي اُس ۾ وهنتل ساموندي

ڪنارن کان ضياءَ گهڻو پري هو، جتي هينئر شاهه پنهنجي زال ريحانا سان رهندو هو. ڪار ۾ اسان سياست بابت نه، پر انبن بابت ڳالهيون ڪيون.
”يلا تو اسان لاءِ ڪهڙا انب آندا آهن؟“ شاهه آئيني ۾ مون ڏانهن ڏسندي چيو. ”اسين ٻن هفتن کان سنڌن اوسيئڙي ۾ آهيون.“
”سنڌڙي“ مون چيو. ”جيتوڻيڪ مونکي چَوسا وڌيڪ وڻن ٿا، اهي ننڍا ۽ وڌيڪ مِٺا ٿين ٿا.“
”واهه! سنڌي هوندي سنڌڙي توکي پسند ڪونهن؟“ هن مونکي ٺوڪ هڻندي چيو. ”ڇا توکي پڪ آهي ته تون سنڌ جي رهاڪو آهين، محترمه؟ ڇا تون اهڙي جوڪائتي غداريءَ جو ڏوهه مڃين ٿي؟“
مون ٺهڪ ڏنو. شاهه سدائين مونکي کِلائيندو هو. هُو خاندان ۾ هر هڪ کي کِلائيندو هو. مونکي لڳو ڄڻ منهنجو سمورو ٿڪ لهي ويو هجي. زندگيءَ لاءِ شاهه جو ولولو ۽ چاهه ٻين تي به اثر ڪندو هو. هن ۾ اهو ڪٿان آيو هو؟ اهو اڃا ڄمار جو بلڪل ننڍو هو، جڏهن اسان سڀئي سياست جي دنيا ۾ گهيرجي ويا هئاسين. هو جڏهن ڄائو هو، ته بابا پهرين ڀيرو وزير ٿيو هو. امان اڪثر سرڪاري ڪمن ڪارين سبب بابا سان گڏ هوندي هئي ۽ منهنجا ڏاڏو ڏاڏي گذاري ويا هئا. ظاهر آهي ته اسان ٽن ٻارن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به هن کي دادلو ڪونه ڪيو هو. تنهنڪري هن جي مون سان گهڻي دل هوندي هئي. آئون جڏهن هارورڊ ۾ هيس، ته هن ٻاراڻن اکرن ۾ مونکي ڪيترائي خط لکيا هئا. پوءِ جڏهن هو وڏو ٿيو ته اسين آرهڙ جي مُند ۾ ٻئي اسڪاش راند رهندا هئاسين. پڙهڻ لکڻ کان وڌيڪ هن کي راندين جو شوق هوندو هو. اسڪول ۾ هو بيس بال ٽيم جو خاص رانديگر هو ۽ گهر ۾ وري هو پنهنجو سَرير سگهارو بنائڻ لاءِ ڀِجريون ڪڍندو هو. پر بابا جي سوچ ۾ راندين کان تعليم وڌيڪ اهم هئي.
تنهن ڪري شاهه کي حسن ابدال جي فوجي ڪيڊٽ اسڪول ۾ موڪليو ويو، ته جيئن هن ۾ ٿورو ضابطو پيدا ٿئي. اتي ٻين شاگردن کي اچرج ٿيو هو، جڏهن هنن ڏٺو ته جنهن شاگرد کي هنن وزيراعظم جو دادلو پُٽ ٿي سمجهيو، تنهن جسماني اهليت ۽ ٻين خطرناڪ آزمائشن ۾ پاڻ کي لائق ثابت ڪيو هو. پر هو حسن ابدال ۾ خوش ڪونه هو، تنهنڪري هن امان جي خوشامد ڪري بابا کي راضي ڪيو ۽ ايئن هن کي وزيراعظم هائوس ۾ واپس گهرايو ويو ۽ اسلام آباد جي انٽرنيشنل اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو.
شاهنواز جي معنيٰ ئي آهي: بادشاهه کي نوازيندڙ. شاهه ايڏو ته سخي ۽ ٻاجهارو هوندو هو، جو ڪنهن کي ڄاڻ ئي نه هوندي هئي ته هو ڇا ڪندو. هڪ ورهيه اڳ پيرس ۾ ٻه پيرا هو مونکي هڪڙي ڪيفي ۾ ويهاري ’هيرالڊ ٽريبيون‘ اخبار وٺڻ ويو هو. اهي ٻئي پيرا هو خالي هٿئين موٽي آيو هو ۽ ونس جيڪي پئسا هئا سي هو انهن غريبن

کي ڏئي آيو هو، جيڪي گهٽيءَ ۾ پنهنجا ٽوپلا جهليو بيٺا هئا. هڪ ڀيري ته هن پنهنجي قميص به لاهي ڏئي ڇڏي هئي. جيڪڏهن ڪو هن جي لباس کي واکاڻيندو هو، ته هو هڪدم اهو ان کي ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويندو هو. ايئن هڪڙي ڀيري هن اهو سهڻو نئون جيڪيٽ به ڏئي ڇڏيو، جيڪو کيس امان وٺي ڏنو هو. ننڍپڻ کان ئي هن کي غريبن سان همدردي هوندي هئي. هن 70 ڪلفٽن جي باغ ۾ هڪ لانڊي ناهي هئي، جنهن ۾ هو ڪيترن ئي هفتن تائين وڃي سُمهندو هو، ته جيئن غريبن جي محرومين جو کيس احساس ٿئي.
اسان سڀني ۾ اڪيلو شاهه هو، جيڪو هارورڊ ۾ پڙهڻ لاءِ ڪونه ويو هو، پر هن کي سئٽزرلينڊ جي ليزن ۾ هڪ آمريڪي ڪاليج ۾ موڪليو ويو هو. اتي هو هڪ سُندر ترڪ ڇوڪريءَ جي ڦند ۾ ڦاسيءَ پيو هو ۽ هن پنهنجا ڪيترائي دوست ناهيا هئا. پر هو اتي تعليم لاءِ گهربل معيار رکي نه سگهيو. جنهن لاءِ بابا کي ڏاڍو ڏُک ٿيو هو. هو مهيني ۾ پندرهن ڀيرا پنهنجن دوستن سان گڏ وندرائڻ لاءِ شام جو پيرس ضرور ويندو هو. 1984ع ۾ هن ياسمين ۽ مونکي هڪ مشهور وندر ڏسڻ لاءِ مجبور ڪيو هو.
پوءِ به، اسان سڀني ۾ هن جي ذهين هجڻ تي مونکي شڪ هو. بابا هن کي پنهنجن جلسن ۾ وٺي ويندو هو، جنهنڪري مٿس سياست جو گهڻو اثر هو. هن ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي پهرين پريس ڪانفرنس ڪئي هئي. سندس سياسي شعور ڏاڍو تيز هو. هن کي ڄاڻ هوندي هئي ته، عوام ڇا ٿو سوچي، هنن جي مَن ۾ ڇا آهي ۽ ڪهڙي ڳالهه سبب سندن رَت ۾ جوش ايندو. ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن ڏات سان ڄمي ٿو، ڪجهه ماڻهن وٽ موسيقيءَ جي ڏات هجي ٿي، ته وري ڪن وٽ ناچ ۽ فن جي. ۽ هن وٽ اها ڏات سياست جي هئي.
"شاهه کي ڏسي مونکي پنهنجي جواني ياد اچي ٿي." بابا اڪثر مونکي چوندو هو.
ڪينس ۾ اسان جي گهر ياتين جي اها بيءَ گڏجاڻي هئي. "جولاءِ ڪانسواءِ سارو سال اوهان کي جيڪي وڻي سو ڪريو، پر اُن مهيني اوهان سڀيئي مون سان گڏ رهو." امان اسان سڀني کي چوندي هئي. هڪ ورهيه اڳ ڪينس ۾ ماسي بهجت جي گهر ۾ اسان جيڪي موڪلون ملهايون هيون، اهي ڪي خاص ڪونه هيون. اسان جي پروگرام ۾ ڦيرگهير ٿيندي رهي، جنهن سبب اسين گهڻُ وقت گڏ رهي نه سگهياسين، مير ۽ مون ته ضياءَ کي اقتدار تان لاهڻ جي مسئلي تي هڪ ٻئي سان لاڳيتا بحث به ڪيا هئا.
"ضياءَ پاڪستان ۾ هٿياربند دهشتگرديءَ کي رواج ڏنو آهي." مير پنهنجيءَ ڳالهه تي زور ڏيندي چيو. "دهشتگرديءَ جو جواب رُڳو دهشتگردي آهي."
"دهشتگرديءَ مان ئي دهشتگردي ڦُٽندي." مون هن کي جواب ڏنو. "اهڙي قسم جي جدوجهد مان عوام کي ڪجهه به پلئه ڪونه پوندو. ڪابه دائمي تبديلي رُڳو عوامي پُنيرائي سان، پرامن سياست ۽ چونڊن ذريعي ماڻڻ گهرجي."

”چوندون؟ ڪهڙيون چوندون؟ ضياءَ ڪڏهن به اقتدار تان هٿ نه ڪڍندو. هن کي رُڳو هٿياربند جدوجهد ذريعي اقتدار تان لاهي سگهجي ٿو.“ مير جواب ۾ چيو.
”فوجن وٽ سدائين گوريلا فوجين کان وڏيڪ هٿيار هجن ٿا.“ مون بحث ڪيو. ”رياست جي طاقت سندن مخالفت ڪندڙ ڪنهن به گروهه کان وڏيڪ ٿئي ٿي. هٿياربند جدوجهد نه رُڳو ناممڪن آهي، پر ان جا نتيجا هاڃيڪار نڪرن ٿا.“
جڏهن اسان جا بحث وڏيڪ ۽ تِکا ٿي ويندا هئا، تڏهن شاهه مانڙيءَ ڪري کِسڪي ويندو هو. ڪڏهن ٺَرڻ لاءِ، ته ڪڏهن ڪنهن ڪيفي ۾، مطلب ته ان پاسي جتي اسين ڪونه هوندا هئاسين. ”آئون اوهان جا اهي اجايا بحث سهي نٿو سگهان.“ هن مونکي چيو. هو. هن سان مير ۽ مون فيصلو ڪيو هو، ته ڪنهن به ڳالهه تي اتفاق نه ڪنداسين ۽ سياست تي ته بلڪل ڪونه ڳالهائينداسين. ان سبب شاهه کي ڏاڍي آٿت هوندي هئي.
سياست ۾ شاهه جو چاهه پاڪستان کان متاثهون هو. جڏهن هن کي پاڪستان ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو هو، تڏهن هو وچ اوڀر جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ رهيو هو. هن کي لبنان، لبيا ۽ شام جي سياسي مونجهارن ۾ وڏيڪ چاهه هوندو هو. ”تنهنجيءَ دل ۾ مسز ٿيچر لاءِ گهڻي همدردي آهي.“ هو اڪثر مونکي چيڙائيندو هو. ”اهو صحيح ڪونهي، شاهه. هن جو تعلق ساڄيءَ ڌر سان آهي ۽ منهنجو ڪونهي.“ آئون احتجاج ڪندي هيس ۽ ٻين مثالن ڏيڻ سان گڏ برطانيا ۾ بيروزگاريءَ جا وڌا انگ به ڄاڻائيندي هيس. جنهن تي هو پنهنجو ڪَنڌ لوڏيندو هو ۽ پنهنجي اگر لوڏي مونکي چوندو هو، ته ”نه، نه. آئون صحيح چوان ٿو. تنهنجي هن سان همدردي آهي، ڇو ته هوءَ به هڪ عورت آهي.“
هن جو پنهنجو ارادو نه هو، پر حالتن ڪيس الذوالفقار جي ڀوائتي دنيا ۾ اُڇلائي ڇڏيو هو، جتي هر وقت ڳُجهي پوليس سندس پويان هوندي هئي. ڪابل ۾ شاهه جي ذمي الذوالفقار جَتن جي رضاڪارن کي سکيا ڏيڻ جو ڪم هوندو هو. هو هر ڪم پنهنجي مزاج مطابق ڪندو هو، تنهنڪري هن اهو ڪم وڏي اتساهه ۽ چاهه سان ڪيو هو. هڪڙيءَ رات جڏهن روسي فوج طرفان ڪابل ۾ ڪرفيو لڳل هو، ته هو آڌيءَ رات جو ڪابل جي گهٽين مان ماٺ ميٺ ۾ هلندو، نيرن مهل پنهنجن گوريلا ساٿين سان وڃي مليو هو. صبح جو جڏهن مير کي شاهه ڏسڻ ۾ نه آيو هو، تڏهن هو سخت پريشان ٿيو هو. ”ڀلا آئون پنهنجن ماڻهن کي ڀڄڻ جو اٽڪلون ڪيئن سيکاري سگهندس؟“ شاهه جڏهن مليو ته هن سخت ڪاوڙيل مير کي کِلندي چيو هو.
فوجي بغاوت ۽ بابا جي قتل کان پوءِ اسان سڀني جيان شاهه به پنهنجو مستقبل وڃائي وينو هو. گهڻو وقت اڳ هن جو تُرڪ ڇوڪريءَ سان مڱڻو ٿيو هو، جيڪو پڻ تنهن وقت ٽُٽي ويو، جڏهن ڇوڪريءَ جي مائٽن ڪيس الذوالفقار سان سندس لاڳاپن جي ڄاڻ پئي هئي. هن ڪاروبار جو ارادو به ڦِٽو ڪيو هو، جيتوڻيڪ تازو هن ڪا رقم هٿ

ڪري فرانس ۾ فليٽ نهرائڻ جي به ڳالهه ڪئي هئي. ”تون ۽ مير ڀلي وڃي سياست ڪريو. آئون ڪُٽنب لاءِ ناڻُو ڪمائيندس.“ هن اسان سيني کي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ٻڌايو هو.

هن جو جاسوسيءَ جي طريقن سان به ڏاڍو چاهه هوندو هو ۽ ان موضوع تي هن ڪيترائي ڪتاب پڙهيا هئا. ”جڏهن تون ۽ مير پاڪستان ۾ وڃي سياست ڪريو تڏهن ياد رکجو، ته اوهان جو ڪو ننڍو پاءُ به آهي، جيڪو اوهان جي مدد ڪري سگهندو، جيڪڏهن اوهين ڪيس جاسوس کاتي ۾ ڪو وڏو عهدو ڏيندا.“ هن اسان کي چيو هو. ”سياسي اڳواڻ پاڻ ڪٽي ڪيترو به چاهين، پر سماج جا مختلف طبقا ڪڏهن به هنن تائين پُهچي نه سگهندا. نئين دؤر جا سماج وڏن مونجهارن سان ڀريل ٿين ٿا. اوهان کي هڪ پروسي جوڳي ماڻهوءَ جي گهرُج پوندي، جيڪو اوهان کي ٻڌائي سگهندو ته ماڻهن جا لاڙا ڪهڙا آهن، هنن جا مزاج ڪهڙا آهن، ۽ عوامي زندگيءَ ۾ ڇا ٿو وهي واپري. تنهنڪري جڏهن وقت اچي ته اوهين ٻئي ياد رکجو ته آئون به موجود آهيان.“

”تون ڪينس ۾ گهڻو وقت هوندينءَ؟ هاڻي شاهه مون کا پڇيو.

”30 جولاءِ تائين هونديس.“ مون وراڻيو.

”نه، نه، نه!“ هن اعتراض ڪيو.“ توکي وڏيڪ وقت رهڻ گهرجي. 30 تاريخ تي مير وڃڻ وارو آهي ۽ آئون توکي هرگز وڃڻ ڪونه ڏيندس. تون گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتو مون وٽ رهو.“

”مون کي آسٽريليا وڃڻو آهي.“ مون ڪيس ٻڌايو.

”توکي ڪنهن به پاسي وڃڻو ڪونهي.“ هن چيو. ”تون مون وٽ رهندينءَ.“

”چڱو، چڱو.“ مون آڻ مڃي.

مون کي ڄاڻ هئي ته آئون ترسي ڪونه سگهنديس، پر مون هن جي دل ٽوڙڻ نه پئي گهري. سڄي ڪُٽنب ۾ هو اڪيلو هو، جنهن مون سان ملڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي هئي. 1984ع جي بهار ۾ آئون جڏهن سياسي ڪم جي سلسلي ۾ پيرس وئي هيس، ته هو اڳواٽ اطلاع کان سواءِ هوائي جهاز ذريعي اتي پهتو هو. ’دي ريڊ اسٽار‘ اخبار جو ايڊيٽر اوهان جو انٽرويوءَ وٺڻ گهري ٿو.“ آئون جنهن هوٽل ۾ رهيل هيس، اتي جي آڏرياءُ ڪنڌڙ خاتون وٽان هڪ ٻئي پنيان نياپا پهتا. ”دي ريڊ اسٽارز“ مون ته ان بابت ڪجهه به نه ٻُڌو هو. پر مونکي ته اهڙن ڪيترن ئي ماڻهن ۽ ادارن وٽان انٽرويو لاءِ گذارشون ٿينديون هيون، جن جي مونکي بلڪل ڄاڻ نه هوندي هئي. ٿيون پيرو ’دي ريڊ اسٽار‘ جي ايڊيٽر جو فون آيو. مون پاڻ رسيور کنيو. ”تنهنجي پيٽ ۾ ملڪي سربراهن سان ملاقات سولي آهي.“ شاهه ٺهڪ ڏيندي چيو هو. ”بيروت جي دروز هيڊ ڪوارٽرس ۾ وليد جنبلات سان ملاقات ايتري ڏُکي ڪانهي، جيتري مس بينظير ڀٽو سان.“

هُو پيرس ۾ روزانو صبح جو ڇهين بجي منهنجي هوٽل ۾ فون ڪندو هو. ”تون اجا تائين سُتي پئي آهين؟“ هو مونکي چرچي مان ٽوڪ هڻندي چوندو هو. ”جلدي اُٿ ته گڏجي نيرن ڪائون.“ هن لاءِ ته رات جي ڪاڏي واريون سياسي گڏجاڻيون به ڪو مسئلو نه هونديون هيون. پيرس ۾ پهچڻ ڪان پوءِ رات جي مانيءَ تي مونکي سُڌ سماءَ ڪاتي جي اڳوڻي وزير مسٽر نسيم احمد سان ڳالهيون ڪرڻيون هيون. ”اها گڏجاڻي ڪيڏيءَ مهل ختم ٿيندي؟ شاھ مون ڪان پڇيو هو. اوڏيءَ مهل ڪاڏي واري ڪمري ۾ چؤطرف چرپر شروع ٿي وئي ۽ مون ڏٺو ته هڪ قداور ۽ سُندر شخص ڏاڍي شانائتي انداز ۾ اسان ڏانهن پيو اچي. نسيم احمد جو ته مُنهن ئي لهي ويو. شاھ نه رڳو اڳوڻي وزيراعظم جو پُٽ هو، پر هو دهشتگرد طور پڻ مشهور هو. پوءِ هڪدم شاھ سِگار دکائي نسيم احمد کي ايتريون ته مزيدار ڳالهيون ٻُڌايون، جو هو کِلندي کيرو ٿي پيو هو. بعد ۾ ياسمين، شاھ ۽ آئون بهار جي نيم گرم هوا ۾ ننڍڙين پٽرين جي فرش وارين گهٽين مان ڳالهيون ڪندا هلندا رهياسين، اسان ڪيترن ئي هوٽلن ۾ ڪافي پيتي ۽ ايئن صبح جا ٽي ٿي ويا.

”آئون سينيءَ ڪي صبح جو ستين بجين ڪٽڻ ايندس.“ شاھ امان ۽ مون کي اُن فليٽ ۾ ڇڏڻ وقت چيو، جيڪو امان مهيني لاءِ مسواڙ تي ورتو هو. ”پهريون اوهين منهنجو نئون فليٽ ڏسڻ هلنديون ۽ پوءِ اسين سمنڊ ڪناري پڪل گوشت کائڻ هلنداسين. مون سمورا انتظام ڪري ڇڏيا آهن، اوهان کي رڳو اهو ڪم ڪرڻو آهي ته اوهين اتي گهمجو ڦِرجو.“

”اتي ريحانا هوندي؟“ مون هن کان پڇيو.

”ها،“ هن وراڻيو. هُن جي اُن جواب مان سندس تازي گهرو زندگيءَ بابت ڪوبه اهڃاڻ ڪونه مليو هو ۽ پوءِ هو باقي رهيل ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

امان وٽ صنم، ناصر، سندس ڌيءَ آزادي ۽ آئون رهيل هيونسين. اسان سان گڏ لاس اينجلز مان آيل پندرهن ورهين جي اسان جي سئوٽ به رهيل هئي. اسين اوپر جا ماڻهو گڏ رهڻ جا هيراڪ ٿيون ٿا، تنهنڪري فليٽ ۾ سوڙھ جو ڪو مسئلو ئي ڪونه هو. مير جيڪو پنهنجن ٻارن سان شاھ جي فليٽ ۾ ترسيل هو، سو ٿوريءَ دير لاءِ فاطما سميت اسان وٽ آيو هو. مون فاطما لاءِ هڪ ننڍڙي سوڪڙي، پلاسٽڪ جي گُڏي ۽ ڪجھ ڪتاب آند اهئا. ٻنپهرن ڪان پوءِ مون اهي ڪتاب هن کي پڙهي ٻُڌايا هئا. ان فليٽ ۾ ايئر ڪنديشنگ جو ڪو انتظام نه هو، ۽ اتي ڏاڍي گرمي هوندي هئي، تنهنڪري اسين سڀيئي ننڍڙي بالڪنيءَ ۾ ويهندا هئاسين. اسان آرهِڙ جي اها ناهوڪي ٽپهري گڏجي گذاري ۽ سُرهائيءَ ڀريل شام جو اوسيئڙو ڪيوسين. آئون انهن افغان ڀينرن کي بنھ ڪونه سُڃاڻندي هيس، جن سان ڪيئي ورهيه اڳ هنن ڪابل ۾ شادي ڪئي هئي.

مير فوزيا سان ڏاڍو خوش ڏسڻ ۾ ٿي آيو، پر شاھ ۽ ريحانا ۾ اها ڳالھ ڪونه هئي.

”جيڪڏهن آئون توکي ڪا ڳالهہ ٻڌايان تہ تون مون سان بحث تہ ڪونہ ڪندينءِ؟“ شاهہ پيرس ۾ گڏريل ملاقات ۾ مونکي چيو هو.
”آئون ڪوشش ڪنديس،“ مون جواب ڏنو هو.
”آئون پنهنجيءَ زال کي طلاق ڏيڻ وارو آهيان.“ هن ٻڌايو.
آئون اچرج ۾ وٺجي ويس. ”چريو نہ ٿيءُ، گوگي،“ مون هن کي خاندان جي پيار واري نالي سان سڏيندي چيو. ”توکي اهو ڪم هرگز نہ ڪرڻ گهرجي. اسان جي خاندان ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن کي طلاق نہ ملي آهي. تنهنجي شادي تہ مائٽن بہ نہ ڪرائي هئي، جو تون ڪو اهڙو بهانو ڪري سگهين. تو پاڻ شاديءَ لاءِ ريحانا کي چونڊيو هو. توکي هر حالت ۾ ساڻس گڏ رهڻ گهرجي.“
”توکي منهنجي ڳڻتي ڪانهي، پر توکي طلاق جو ڏاڍو اُلڪو ٿيو آهي.“ هن بلڪل صحيح وراڻيو هو.
”پلا ڇا ٿيو آهي؟“ مون هن کان پڇيو، تہ شايد آئون مامرو سُلجهائي سگهان. پر هن مونکي اُن وڏنڊڙ گهپيءَ جو جيڪي ڳالهيون ٻڌايون، تن مان مون ڀانئيو تہ اهڙو سُلجهاءُ ممڪن ڪونهي.
هُن ٻُڌايو تہ، سندن شاديءَ کان پوءِ ريحانا بلڪل بدلجي وئي. پهرين هوءَ هن کي ڏاڍي وڻندي هئي ۽ سندس ويجهو هوندي هئي. هو جڏهن پنهنجن گوريلا ساٿين سان گڏجي ڪم کان پوءِ ٿڪجي گهر موٽندو هو، تہ هوءَ ڪيس گرم ڪاڏو رَڌي ڏيندي هئي، پر هاڻي تہ هوءَ چانهہ جو هڪڙو ڪوپ بہ ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿي. اڪثر جڏهن هو گهر ايندو هو، تہ هن کي هار سينگار ڪندي ڏسندو هو ۽ پوءِ هوءَ ڪيس گهر ۾ اڪيلو ڇڏي ٻاهر نڪري ويندي هئي.
”آئون ڏاڍو هيڪلو ٿي پيو آهيان.“ شاهہ مڃيو. ”مون وٽ نہ گهر آهي، ۽ نہ ئي گهر واري. منهنجي وڏي خواهش اها هئي، تہ ڪير تہ اهڙو هجي، جنهن سان آئون ڳالهائي سگهان. جنهن سان گڏ آئون ٿي وي ڏسان. پر هوءَ اتي ورلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مون ڀانئيو تہ جيڪڏهن اسان جو ڪو ٻار هجي ها، تہ شايد زندگي سٺي گذري ها. پر حالتون ويتر خراب ٿينديون ويون.“
شاهہ ۽ ريحانا پهرين بہ ٻہ ڀيرا ڌار ٿيا هئا. هر ڀيري شاهہ پنهنجي ڌيءَ سسئي سبب ساڻس ناهہ ڪيو هو ۽ هن کي اميد هئي تہ ريحانا پنهنجي اڳوڻي زندگيءَ ڏانهن موٽي ايندي. پر هن مونکي ٻڌايو تہ پيرس ۾ اچڻ کان پوءِ هن فيصلو ڪيو هو تہ هو اُن شاديءَ مان سدائين لاءِ پنهنجي جِند ڇڏائيندو. ۽ آئون ڪنهن جَٽ جيان ساڻس اجايو بحث ڪندي رهيس.
”گوگي، هوءَ شايد هيڪلي ۽ ڪاوڙيل آهي.“ مون پنهنجي ڀاءُ کي چيو. ”شاديءَ کان پوءِ تون انيڪ عرب ملڪن ۾ رهيو آهين. هوءَ توسان گڏ اهڙن ملڪن ۾ رهي آهي، جتي

نہ هن جون ساهيڙيون هيون ۽ نہ مائٽ. جتي جي هوءَ ٻولي بہ نٿي سمجهي سگهي، جتي هوءَ پاڻ کي ٽيليويزن تي بہ وندرائي نٿي سگهي، جتي هوءَ نہ خريداري لاءِ ٻاهر نڪري ٿي سگهي، نہ فلم ڏسي ٿي سگهي ۽ نہ ٿيئٽر وڃي ٿي سگهي، تنهنڪري هن لاءِ اُتي ڪا زندگي نہ هئي. ساڳئي وقت ننڍيءَ ڄمار ۾ ٻار ڄمڻ سبب ڪيس جذباتي پريشاني اليڳ ٿي هوندي."

لڳو ٿي تہ ريحانا جي مامرن بابت منهنجي راءِ ۾ شاهه کي چاهه هو. "هن جي مرضي آهي تہ آئون آمريڪا ۾ وڃي ڪاروبار ڪريان. هوءَ تہ اهو بہ چوي ٿي تہ هوءَ مونکي آمريڪا وڃڻ جي اجازت بہ وٺي ڏيندي." شاهه مونکي ٻڌايو. "پر آمريڪا ۾ اوپري ماڻهوءَ جيان رهڻ مونکي پسند ڪونهي."

"پر پاڪستان ۾ واپس اچڻ تائين تون يورپ ۾ ڇو نٿو رهين؟" آئون هن سان بحث ڪندي رهيس. "ڏس نہ جيڪڏهن اوهين ٻئي يورپ ۾ هوندؤ ۽ مثال طور پيرس ۾، تہ جيڪڏهن تون اتي موجود بہ هوندين، تہ ريحانا گهٽ ۾ گهٽ ٻاهر وڃي فلمون ڏسي سگهندي يا ساهيڙين سان ملي سگهندي. هيءُ ملڪ قدامت پسند ڪونهي، جتي عورتون گهرن ۾ بند هجن ۽ ٻاهر ماڻهن ۾ ڪين گهوري ڏٺو وڃي. جيئن تہ مير هاڻي سئٽزرلينڊ ۾ رهي ٿو، تنهنڪري هوءَ پنهنجيءَ ڀيڻ جي پڻ ويجهو هوندي. جيڪڏهن تون ريحانا کي صحيح ماحول ۾ رکندين، تہ شايد هوءَ پنهنجي مايوسيءَ مان جان ڇڏائي، وري ساڳي تنهنجي گهر واريءَ ٿي رهي. جيڪڏهن تون چوين تہ آئون هتي ڪجهہ ڄاڻ سُڃاڻ وارنکي چئي توکي فرانس ۾ رهڻ جي اجازت وٺي ڏيان."

منهنجيءَ اُن ڳالهہ ۾ شاهه چاهه ڏيکاريو هو. "فرانس جوڪائتو ملڪ آهي." هن چيو هو. "جيڪڏهن آئون هتي رهيس تہ مونکي بندوق رکڻ جي اجازت وٺڻي پوندي."

"مونکي اُن بابت ڪا ڄاڻ ڪانهي، آئون ڪوشش ڪنديس." مون وراڻيو.

اسان جي انهن ڳالهين ڪانپوءِ هن جي طبيعت ۾ ناپر آئي هئي. پر مونکي تڏهن ڳُٽي وڪوڙي وئي، جڏهن هو مون کي هڪ دڪان تي وٺي ويو، جتان هُن گوليءَ کان بچائيندڙ جيڪٽ ورتو هو. "يورپ ۾ مونکي اُن جي پائڻ جي گهرُج آهي." هن ٻڌايو. ان دڪان تان هن هڪ جيڪٽ پنهنجي لاءِ ۽ ٻيو خلاصو جيڪٽ منهنجي لاءِ خريد ڪيو. "توکي ڄاڻ ڪانهي شايد آئون ضياءَ جي هٿ چڙهي وڃان."

مون هن کي اطمينان ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇو تہ سلامتيءَ بابت مونکي بہ اُلڪو هو. پر هو ضد ڪري بيٺو." مونکي اطلاع مليو آهي تہ هو مونکي مارائڻ چاهي ٿو،" شاهه ٻڌايو.

"پر گوگي، هينئر الذوالفقار تنظيم ڪابل ۾ ڪانهي ۽ ڪيترن ورهين کان ان ڪابہ اهڙي حرڪت نہ ڪئي آهي." مون بحث ڪندي چيو. اُن وقت هن مون ڏانهن مُرڪي ڏٺو.

”مونکي بہ اهوئي اطلاع مليو آهي.“ هن آهستي وراڻيو.
آئون جڏهن سکر جيل ۾ هيس، تڏهن مونکي پنهنجن پيائرن جي زندگيءَ بابت هر گهڙيءَ پئو ٿيندو هو. اهي حکومت کي گهربل ماڻهو هئا، جنهنکري آئون سدائين ڊپ ۾ هوندي هيس، تہ متان کين ڪو هاڃو نہ رسي. هنن جنهن راهہ تي هلڻ شروع ڪيو هو، اتي موت جو نياڳو پاڇو سدائين موجود هو ۽ هنن اها راهہ پنهنجي مرضيءَ مطابق ورتي هئي. پر پوءِ بہ پيڻ طور مونکي ڏاڍي ڳڻتي هوندي هئي. بابا کي وڃائڻ کان پوءِ، آئون اُنهن سيني جي سلامتيءَ لاءِ وڌيڪ ڳڻتيءَ ۾ هوندي هيس، جيکي منهنجا ويجها ۽ پيارا هئا ۽ منهنجن پيائرن لاءِ اهو جوکو حقيقي هو.
مير ۽ شاهہ سان ٽيل بيءَ ملاقات ۾ مونکي ڄاڻ پئي، تہ سندن گهر وارين جي خانداني ملازمن مان ڪنهن کين زهر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ۽ اتفاق سان منهنجا پيائر بچي ويا هئا، پر سندن ڪُتو پهرين کاڌو کائڻ سبب مري ويو هو. اُهو ڏوهہ مڃيو ۽ پوءِ گوڏن ڀَر جهُڪي کانئن معافي وٺڻ لڳو هو. ”مونکي مجاهدن پئسا ڏنا هئا.“ هن مڃيندي ٻڌايو هو. ”هن ضياءَ کي خوش ڪرڻ ٿي گهريو.“ پوءِ جڏهن مير جي زال فوزيا اُن ملازم پاران وچ ۾ پئي هئي، تہ منهنجن پيائرن کيس ڇڏي ڏنو.
ٻئي پيري اُهي ٻئي ڄڻا ذري گهٽ مارجڻ کان بچي ويا، جڏهن اُهي هڪ ڪار ۾ اڳيان وينل هئا. شاهہ کان ڪا شيءِ هيٺ ڪِرڻ سبب، جنهن وقت اُهي ٻئي ڄڻا ان کي کڻڻ لاءِ هيٺ جهُڪيا هئا، تہ بلڪل اوڏيءَ مهل هڪ گولي ڪار مان اُن هنڌان تيزيءَ سان نڪري وئي هئي، جتي ٿورو اڳ هنن ٻنهي ڄڻن جا مٿا هئا.
اُن حملي ۾ اصل نشانو شاهہ هو ۽ نہ مير. جڏهن منهنجا پيائر اڃا ڪابل ۾ ئي هئا، تہ هڪ پناڻ قبائلي سردار پاڪستان مان مير سان ملاقات لاءِ آيو هو. ”ضياءَ پهرين شاهنواز جي سِسي گهري ٿو.“ هن ٻڌايو هو ”حُڪم ٿيو آهي تہ پهرين شاهہ کي ۽ پوءِ مرتضيٰ کي قتل ڪيو وڃي.“ اهو هو بہ سچ. مير اُن جي چِتائي مون سان ايئن ڪئي هئي. ”آئون سياستدان وڌيڪ آهيان، پر اهو شاهہ آهي جيڪو هر وقت گوريلن کي جسماني سِکيا ڏيندو رهي ٿو. شاهہ جنهن وٽ فوجي مهارت آهي، شاهہ جيڪو وڌيڪ خطرناڪ آهي.“
”آئون الله کان دعا گهران ٿي، تہ اوهان ڪڏهن بہ جهاز ۾ پاڪستان پرسان نہ لنگهو.“ مون شاهہ کي چيو هو. ”جيڪڏهن هوائي جهاز اغوا ٿيو، تہ اوهين ٻئي ضياءَ جي قبضي ۾ هوندؤ.“ اهو ٻُڌي شاهہ کِلي ڏنو هو. ”تون اُن موت کان بچي نٿي سگهين، جيڪو تنهنجي لاءِ آيل آهي، تہ پوءِ تون ڇا بہ ڪرين، پر ڪانئس پاڻ بچائي نٿي سگهين. پر ضياءَ ڪڏهن بہ اسان تائين پهچي نہ سگهندو، ۽ نہ ئي هو اسان وٽان اهي نالا وٺي سگهندو، جيڪي کيس گهربل آهن. اسين جتي بہ وڃون ٿا، تہ پاڻ سان گڏ زهر جون شيشيون کڻون ٿا. جيڪڏهن ضياءَ مونکي جهليو تہ آئون اهو زهر پيئي ڇڏيندس. اهو

سيڪنڊن ۾ معاملو ختم ڪيو ڇڏي. آئون بيعزتيءَ ۽ غداريءَ بدران موت کي وڌيڪ پسند ڪريان ٿو.“

ڪينس جي شام ڏاڍي وڻندڙ هئي. ان وقت اسين شاهه جي نئين فليٽ ۾ پهتا هئاسين، جيڪو فيشن ايبل ڪيليفورني علائقي ۾ هڪ ڏکهي پهاڙي رستي جي چوٽيءَ تي هو. ريحانا ۽ شاهه ڇهه مهينا اڳ ان فليٽ ۾ وڃي رهيا هئا. اهو تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو هو، جڏهن مون هن کي اتي رهائش جي اجازت ونئي ڏني هئي. ريحانا ۽ هن جو پاڻ ۾ ناهه ٿي ويو هو ۽ ٻئي فرانس جي اوسي پاسي سئر ڪندا رهيا. ڪينس ۾ رهڻ کان اڳ هنن مونٽي ڪارلو ۾ رهڻ لاءِ سوچيو هو. هينئر هو مونکي وڏي فخر سان پنهنجو اهو فليٽ گهمائڻ لاءِ وٺي هليو. هن مونکي سَسئي جو ڪمرو ڏيکاريو ، جنهن ۾ ڪِل جهڙيون گُڏيون ديوار تي ٽنگيل هيون ۽ ڪتابن واري ڪٻٽ مان ڪپڙي جي ٺهيل جانورن جهاتيون پئي پاتيون. هن مانيءَ کائڻ وارو حصو ۽ ويهڻ وارو ڪمرو ڏيکاريو، جتان ٻاهر هڪ ڪليل چبوترو هو ۽ جنهن ڪان پري يونوچ سمنڊ چلڪاٽ تي ڏنا. اهو فليٽ ڏاڍو ناهوڪو هو ۽ اتي جو سمورو ماحول ذهن تي ڪنهن فلم جو عجب جهڙو اثر ڇڏيندڙ ٿي لڳو.

آئون ريحانا سان ڏاڍيءَ سِڪ وچان مليس، جو مون اميد پئي ڪئي ته هن ييري آئون سندس حجاب کي ٽوڙي، ساڻس ويجهو لاڳاپو رکنديس. هن کي سدائين جيان نئين فيشن مطابق لباس پاتل هو، جيڪو سمنڊ تي سئر بدران ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ پائي وڃڻ جهڙو هو. پر اسان جي خاندان ۾ سدائين سادا ڪپڙا پائڻ کي پسند ڪيو ويندو هو. جڏهن شاهه اسان کي ٿڌي شربت جا گلاس ناهي پئي ڏنا، ته مون ريحانا سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. هوءَ شرميلي هئي يا ڪيس ڪو چاهه نه هو، تنهن بابت آئون ڪجهه به چئي نٿي سگهان. پر تُرت هوءَ اسان وٽان اٿي ڪمري جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجيءَ پيڻ پرسان وڃي ويٺي. جسماني طرح اهي ٻئي ڀينرون ڏاڍيون سُندر هيون، پر سندن اندر ۾ ڇا هو، تنهن بابت مونکي ڪو پتو نه هو.

مون ننڍڙي سسئيءَ کي هن جو سوکڙيون ڏنيون ۽ ٿوريءَ دير لاءِ آئون ڪيس وندرائيندي رهيس. شاهه رڌڻي ۾ ويو ۽ پڪنڪ لاءِ ٽوڪريءَ ۾ سامان رکڻ لڳو. ماسي بهجت ۽ چاچا ڪريم به اچي ويا هئا. آئون شاهه جي ميز تي خاندان جي ياتين ۽ سسئيءَ جون تصويرون رکيل هيون. چمڙي جو هڪڙو ڳاڙهو فائيل ميز تي رکيل هو. تازن گلن وارو گلدان هڪ ٻيءَ شيشي جي ميز تي رکيل هو. شاهه جي زندگيءَ جي اها ترتيب ڏسي مونکي ڏاڍي سُرهائي ٿي هئي. ”زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون کي ڏاڍي سُرهائي ٿي آهي.“ شاهه ٿوريءَ دير لاءِ منهنجي پرسان ويهندي چيو هو. ”منهنجي لاءِ هر ڪم صحيح پيو ٿئي.“

”مونکي جهل، مونکي جهل!“ منهنجين ٻن ڀائٽين سمنڊ ڪناري ڊوڙندي مونکي چيو. آئون هنن ڀنيان اهو ٻهانو ڪري ڊوڙي هيس، ته آئون ڪين جهلي نه سگهنديس. نيٽ شاهه ڪوئلا ٻاريا ۽ جڏهن ڪُڪڙ پچي راس ٿيو ته اسان سيني جي ٻُڪ وڌي وئي هئي.
”ڀهرين تون کڻ.“ هن مونکي اڌ جيترو ڪُڪڙ ڏيندي چيو. ”نه گوگي، آئون ايترو ڪائي نه سگهنديس.“ مون اعتراض ڪيو، ”نه، نه، نه،“ هن زور سان چيو. ”توکي اهو سڀ کائڻو پوندو.“
مون خاندان جي سيني ڀاتين ڏانهن ڏٺو، جن ٿهڪ ڏئي هڪ ٻئي سان ڳالهيون پئي ڪيون. ڪيترا ورهيه ٿي ويا هئا جو اسان ڪراچيءَ کان ٻاهر سمنڊ ڪناري اها گڏجاڻي ڪئي هئي، جتي هنن تڪڙو ڪاڏو ڪائي ڪپائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، ته متان شڪاري پکي لامارو ڏئي اهو ڪائڻ ڦُري نه وڃن. ڪنهن اهو سوچيو به نه هو، ته ايترو پري فرانس جي سامونڊي ڪناري تي اسين پاڻ وندرائڻ لاءِ هڪ ڀيرو وري گڏجنداسين؟ پر خاندان جي ڀاتين جي اها گڏجاڻي سُٺي هئي. هڪ اونهارو اڳ اسان ۾ جيڪا سخت ڇڪتاڻ ٿي هئي، سا هن ڀيري نه ٿي ڏٺي. مون پنهنجين ڀاڄائين کي ڳوليو. ريحانا ۽ فوزيا پنهنجي مُنهن هڪ ٻئي کان ڌار وينيون هيون، مير سئٽزرلينڊ ۾ رهندو هو ۽ شاهه فرانس ۾ ۽ ٻئي ڀينرون هڪ ٻئي سان گهٽ ملنديون هيون. پر هتي اسان جيان ڪين به پنهنجين انيڪ ساروٽين کي پاڻ ۾ وندڻ جو وجهه مليو هو.
”اُتو ته ڪيسينو ۾ هلون.“ چاچا ڪريم صلاح ڏني.
آئون ڏاڍي ٿڪل هيس. پر شاهه مون ڏانهن مُرڪي ڏٺو. ”پاڻ سڀيءَ رات چرچا ڀوڳ ڪنداسين. تون ضرور اچجانءِ، پِنڪي!“
”نيڪ آهي. آئون اينديس، “ مون هن کي چيو آئون پنهنجي اُن ڀاءُ کان انڪار ڪري نٿي سگهيس.
”تون مَهان آهين ۽ سڀاڻي جو ڪم نه وسارجانءِ.“ هن مونکي اسان جي اها رٿ ياد ڏياريندي چيو، جنهن مطابق منهنجي جنم ڏينهن لاءِ امان طرفان اسان کي سوکڙيون خريد ڪرڻيون هيون. ”آئون هتي جي بازار جو ماهر آهيان. سڀاڻي جنهن وقت به اسين ننڊ مان سجاڳ ٿينداسين، ته آئون توکي خريداري ڪرائڻ لاءِ نيس وٺي هلندس.“
رٿون. انيڪ شاندار رٿون. شاهه ۽ ريحانا ڪاڏي جا ٿانوَ کڻي سمنڊ ڪناري تان پنهنجي فليٽ ڏانهن روانا ٿيا. ماسي بهجت ۽ چاچا ڪريم پاڻ سان صنم ۽ ناصر کي ڪار ۾ وٺي ويا. مير ۽ فوزيا، امان، منهنجي سئوٽ ۽ مونکي اسان جي فليٽ ۾ ڇڏي فاطما کي سمهارڻ لاءِ شاهه جي فليٽ ڏانهن ويا. ”شاهه ۽ آئون اڌ ڪلاڪ ۾ اوهان کي وٺڻ ايندا سين، “ مير ويندي وقت رڙ ڪري چوي. هو اڪيلو موٽي آيو.
مير اسان کي ٻڌايو ته، ”اسان سمنڊ ڪناري جنهن ڪِلمُڪ شاهه کان موڪلايو هو، سو جڏهن فليٽ تي پهتو ته سخت ڪاوڙيل ٿي ڏسڻ ۾ آيو. مون هن کان ان بابت پڇيو،

پر شاهه جي جواب ڏيڻ کان اڳ ريحانا رڙ ڪري چيو. ’نڪري وڃ! هيءُ منهنجو فليٽ آهي!‘ هوءَ رڙيون ڪندي رهي. هوءَ جڻ چري ٿي پئي هئي. ’تون نه وڃ.‘ گوگيءَ مونکي چيو. پر مون سندن وچ ۾ پوڻ مناسب نه سمجهيو. مون سوچيو ته، جيڪڏهن آئون ۽ فوزيا هتان هليا ويندا‌سين ته شايد هن جي ڪاوڙ گهٽجي وڃي.“

”ته پوءِ فوزيا ڪٿي آهي؟“ امان پڇيو.

”هوءَ هيٺ ڪار ۾ ويٺي آهي ۽ ڏاڍي ڪاوڙيل آهي.“ مير وراڻيو. ”هوءَ هينئر ئي پنهنجي گهر جنيوا وڃڻ گهري ٿي. مون هن کي سمجهايو ته آڌيءَ رات ٿي وئي آهي ۽ هتي منهنجي ڀيڻ به آيل آهي. هوءَ چوي ٿي ته اسين وڃي هوٽل ۾ رهون، پر مون انڪار ڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته اسين گهرڀاتي روزانو ڪونه ٿا ملون، تنهنڪري آئون ساڻن گڏ رهڻ گهران ٿو. پر اسان کي پنهنجيون دليون ملول ڪرڻ نه گهرجن، اڇو ته پنهنجي اڳواٽ رٿيل پروگرام مطابق ٻاهر گهمڻ هلون.“

”اوهين سڀيئي ڀلي وڃو.“ مون صنم، ناصر ۽ مير کي چيو. ”آئون ٿڪجي پئي آهيان.“

”مونکي پڙهي ٻُڌاءِ. پُڦي. مونکي پڙهي ٻُڌاءِ. پُڦي.“ ٻئي ڏينهن فاطما هر ڀيري ائين چئي مونکي چيڙايو هو. صنم، ناصر ۽ مير صبح جو ڇهين بجي ڌاري موٽيا هئا ۽ اسين سڀيئي دير سان سُتا هئاسين. آئون اڃا راتوڪن ڪپڙن ۾ ئي گهر ۾ پئي هليس، ته هڪ وڳي کان ٿورو پوءِ مون ٻاهرئين دَر جي گهنٽي وڄندي ٻُڌي.

”هاڻي پُڦي ڪپڙا مٽائي سامان وٺڻ ويندي.“ مون فاطما کي اهو سوچي چيو، ته شاهه مونکي نيس وٺي هلڻ لاءِ آيو هوندو.

پر ان بدران سُمهڻ واري ڪمري ۾ صنم ڊوڙندي آئي. ”تڪڙ ڪر، اسان کي هلڻو آهي.“ مون اڃا پُورا ڪپڙا به ڪونه مٽايا هئا ۽ آئون اتي بيٺل هيس ته هن مونکي پنهنجي ڌيءَ ڏيندي چيو.

”ڇا ڳالهه آهي؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”ريحانا چوي ٿي ته گوگي ڪا شيءِ کاڌي آهي.“ صنم اهو چئي ڪمري مان تيزيءَ سان ٻاهر نڪري وئي.

منهنجي ٽنگن ڏڪڻ شروع ڪيو. پاڻ ۾ سگهه آڻڻ لاءِ مون هڪ وڏو ساهه کنيو.

”ڇا هو بيمار آهي؟ هن جي حالت نازڪ آهي ڇا؟“ هوءَ جيئن وڏي ڪمري مان تڪڙي تڪڙي هيٺ پئي وئي، ته مون وڏي آواز ۾ ڪانئس پڇيو.

”اسان کي ڪا ڄاڻ ڪانهي، اسين اهو ته ڏسڻ وڃون پيا.“ هن به وڏي آواز ۾ چيو ۽ الُوپ ٿي وئي.

آئون اُتي ئي بيٺي رهيس. فاطما ۽ ڪڪيءَ سان گڏ.

پوليس. پوليس کي فون ڪريان. ڪِڪيءَ کي پنهنجيءَ هنج ۾ ڪٽنديَ آئون هنگامي صورتحال جو فون نمبر ڳولڻ لڳيس. مون اُن نمبر تي فون ڪيو، ته ٻئي پاسي کان فرينچ ٻوليءَ ۾ رڪارڊ ٿيل جواب مليو. مون فون نمبرن جو ڪتاب جهٽ ڏئي کنيو ۽ اسپتالن جا نمبر ڏسڻ لڳيس، ته ايتري ۾ امان ۽ صنم ڊوڙنديون اندر آيون. مير ۽ ناصر ريحانا سان گڏجي شاهه جي فليٽ ڏانهن ويا هئا. گهٽيءَ ۾ ڪنهن ٽئڪسيءَ نه ملڻ سبب امان ۽ صنم فون ڪرڻ لاءِ واپس ڊوڙنديون آيون هيون.

"امان، تون فرينچ ٻوليءَ وڌيڪ سُني ڄاڻين ٿي، جيڪڏهن اسين پوليس کي اطلاع ڏئي نٿا سگهون، ته ڪنهن اسپتال ۾ ئي فون ڪريون." مون کيس تڪڙو تڪڙو چيو.

"ڇو نه اسين پاڻ اتي هلي ڄاڻ وٺون، ته هو ڪهڙي حال ۾ آهي." هن وراڻيو.

"نه، امان. احتياط سُنو ٿيندو. تو کان ٿونيءَ جو واقعو وسري ويو ڇا." مون هن کي اسان جي هڪ ڄاڻ سڃاڻ ڇوڪريءَ جو واقعو ياد ڏياريو، جنهن ڪيترائي ڪئپسول کاڌا هئا ۽ اسپتال ۾ دير سان پهچڻ سبب سندس جان بچي نه سگهي هئي. مون پاڻ اهڙو ساڳيو سبق اُن وقت سِکيو هو، جڏهن 70 ڪلفٽن کي پوليس گهيرو ڪيو هو. اهو وقت پُڇڻ جو ڪونه هو، ته پوليس ڇو آئي هئي پهرين سيبيئي ڪاغذ ساڙي ڇڏيو، پوءِ بيشڪ پڇو.

امان فون جو ڪتاب کنيو. هن ڪوشش ڪري هڪ اسپتال ۾ فون ڪيو. اتان کيس هڪ ٻيءَ اسپتال ۾ فون لاءِ چيو ويو. هن ٻيءَ اسپتال ۾ فون ڪيو، جتان پڻ ساڳيو جواب مليو. هن ٽئين اسپتال ۾ فون پئي ڪيو ته مير اندر آيو.

هو ڏاڍو ڏُکارو ۽ ملول ٿي لڳو. هن جهيڻي آواز ۾ اهو ئي چيو، جيڪو هو چئي نه پئي سگهيو. مون هن جي وات مان اهي لفظ نڪرندي ٻُڌا، "هو گذاري ويو."

"نه،" مون هانءُ ڦاڙي رڙ ڪئي، "نه."

امان جي هٿ مان فون ڇڏائجي هيٺ ڪِري پيو.

"امان آئون سچ ٿو چوان." مير ڏاڍي ڏڪائتي انداز ۾ ٻُڌڪيو. "مون مُئل ماڻهو ڏٺا آهن. شاهه جو جسم بَرف ٿيو پيو آهي."

امان اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳي.

"تڪڙ ڪري ڪا ايمبولينس گهرايو." مون چيو. "الله جي واسطي اسپتال ۾ ٽيليفون ڪريو. شايد هو اڃا جيئرو هجي. هن کي هوش ۾ آڻي سگهجي ٿو!" منهنجي ڪَڇ تي جيڪا ڪِڪي هئي. تنهن بابت مونکي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو. فاطما منهنجي اُڪڙ سان ڇُهتيل هئي ۽ هن مُنهن مٿي ڪري مونکي پئي ڏٺو.

امان ٽيليفون فرش تان کنيو. ٽئين اسپتال وارن اڃا تائين فون ڪٽيو نه هو. "اسان کي ٻڌايو ته ڪنهن پاسي وڃون." آپريٽر اسان جون رڙيون دانهون ٻُڌي پڇيو. اسين به ڊوڙندا ٻاهر نڪتاسين.

ويهڻ واري ڪمري ۾ ڪافي پيئڻ واري ميز پرسان غاليچي تي شاهنواز ڪِريو پيو هو. هن کي گذريل رات واري ساڳيءَ اڇي پتلون پاتل هئي. هن جو سُندر ڳاڙهو هٿ ڪليل هو. هو يوناني ديوتا ايڊونس جهڙو ڏسڻ ۾ تي آيو، جيڪو سُتو پيو هو. ”گوگي!“ مون رڙ ڪري هن کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پوءِ مونکي هن جو نَڪ ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو سندس گلابي رنگ بجاءِ چُن جهڙو اَڇو هو.
”هن کي آڪسيجن ڏيو!“ مون ايمبولينس جي ماڻهن کي رڙ ڪندي چيو، جن سندس نبض پئي ڏٺي. ”هن جي ڇاتيءَ تي مالش ڪريو!“
”هيءَ تہ مري ويو آهي.“ منجهانئن هڪڙي چيو.
”نہ! نہ! ڪوشش ڪريو! ڪوشش ڪريو!“ مون رڙيون ڪيون.
”پِنڪي، هيءُ تہ برف ٿيو پيو آهي.“ مير چيو. ”هن کي مُئي ڪيترائي ڪلاڪ ٿي ويا آهن.“
مون ڪمري ۾ چوڌاري نهاريو. ڪافيءَ جي ميز پاسيري تي پئي هئي. پاسي واريءَ ميز تي هڪ ٿالهيءَ ۾ پوري رنگ جو پاٽيٽ پيل هو. ڪوچ جو اڌ گاديلو هيٺ پئي لڙڪيو ۽ گلدان هيٺ ڪِريل هو. منهنجيون اکيون هُن جي ميز ڏانهن کڄي ويون، جتي چمڙي جو فائيل موجود ڪونہ هو. مون اهو ٻاهر بالڪنيءَ ۾ ڳوليو، جتي سندس ڪاغذ پکڙيل پيا هئا. فائيل بہ کليل هو.
ڪا خطرناڪ غلطي ٿي هئي. اتي شاهه ڪيتري وقت کان مئل پيو هو، منهنجي خبر رُڳو الله کي هئي، پر ڪنهن کي بہ ڄاڻ نہ ڏني ويئي هئي ۽ ڪنهن سندس ڪاغذن جي پڙتال لاءِ چڱو وقت ورتو هو.
مون پوءِ ريحانا ڏانهن نِهاريو. هوءَ ان عورت جهڙي بلڪل نہ ٿي ڏٺي، جنهن جو مُڙس گذاري ويو هجي يا جنهن ڪيس بچائڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي هجي. هُن کي اڇا اُجرا ڪپڙا پاتل هئا، اڇي جيڪٽ تي ذرڙو بہ گهنج نہ هو، وارن ۾ ڦٽي ڏنل هئي ۽ ڪپڙن جو هر ڌاڳو پنهنجي جاءِ تي هو. هن پنهنجي هارسينگار ۾ گهڻو وقت ورتو هوندو، جڏهن تہ منهنجو ڀاءُ فرش تي مُئو پيو هو؟ هن واپس مون ڏانهن اهڙين اکين سان نهاريو، جن ۾ ڳوڙهن جو نالو نشان ڪونہ هو.
هن جا چَپَ چُريا، پر هن ڇا ٿي چيو، تنهن بابت آئون ڪجهہ بہ ٻُڌي نہ سگهيس.
”زهر.“ هن پاران سندس ڀيڻ فوزيا چيو. ”هن زهر پيتو هو.“
مون کي تہ ويساهه ئي ڪونہ آيو هو. اڳئين رات هو ايترو تہ خوش هو، جو اسان هن کي اڳ اهڙو خوش ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هن آئيندي لاءِ جيڪي رٿون ناهيون هيون، تن ۾ هڪ رٿ آگسٽ ۾ افغانستان وڃڻ جي بہ هئي. انهن رٿن بابت هو ڏاڍو پرجوش ۽ پراميد هو. ڇا ائين هو؟ ڇا شاهه جي انهن رٿن بابت ضياءَ کي ڄاڻ ملي وئي هئي، جو

هن ڪيس اڳواٽ مارايو؟ يا هن کي پنهنجي وڏندڙ آمر جي خوشيءَ لاءِ آمريڪي سي آئي اي وارن قتل ڪيو هو؟

"الله کي مَڃو، گھٽ ۾ گھٽ شاھ جي ميت تي ڪپڙو تہ وجھو." صنم چيو ۽ ڪير اچي پلاسٽڪ جو ٽُڪر ڪٽي آيو.

"پُڦي، پُڦي ڇا ڳالھ آهي؟" ننڍڙي فاطما منهنجي قميص کان ڇڪيندي مونکان پڇيو.

"منڙي، ڪجھ بہ ڪانهي." مون بيخياليءَ مان ٽن ورهين جي فاطما کي وراڻيو. سسئي پڻ ويڳاڻي ۽ مُنجهيل پئي ڏٺي. هوءَ ويھڻ واري ڪمري ۾ ڦيريون ڏئي، پنهنجي پيءُ جي ميت پرسان وڃي ٿي ويٺي. "ٻارن کي تہ هتان ٻاهر ڪيو." امان چيو. آئون اُنهن کي سَسئي جي سمهڻ واري ڪمري ۾ وٺي ويس ۽ ڪين ڪتابَ ڏئي آيس.

پوليس جڏهن شاھ جي ميت کڻڻ لاءِ آئي، تہ مير مون کي رَڌڻي ۾ اماڻي ڇڏيو. "تون هتي نہ ويھ." هن چيو. رڌڻي ۾ مون اسٽوو تي ٿانوَ ۾ اڌ وڍيل ٽماٽو ۽ تريل بيدو پيل ڏٺو. اهو ڪنهن ٺاهيو هو ۽ ڪنهن لاءِ هو؟ اتي ڪير جي بوتل بہ رکيل هئي. اُن ڏينهن ڏاڍي گرمي هئي ۽ ڪير ڦِٽي ويو هو. اهو ڪير فرج مان ڪڏهن ٻاهر ڇو رکيو ويو هو؟

"هو شاھ کي کڻي ويا." مير رڌڻي ۾ واپس ايندي ٻڌايو. "پوليس وارا چون ٿا تہ موت دل بيهڻ سبب ٿيو آهي."

هن اکين مان ڳوڙها اگھندي منهن ورائي ڇڏيو ۽ جڏهن هن اهو ڳوڙهن پُسيل ڪاغذ رڌڻي جي پاڻيءَ واري گينديءَ ۾ اڇلايو، تہ ڪيس ڪا چمڪندڙ شيءِ ڏسڻ ۾ آئي. اها زهر جي خالي شيشي هئي.

فرينچ اختياريءَ وارن ڪيترن ئي هفتن تائين شاھ جي ميت کي پاڻ وٽ رکيو هو. اسين سڀيئي امان جي فليٽ ۾ گڏ هئاسين ۽ اهو اوسيئڙو اسان سڀني لاءِ وڏي پيڙا هو. مسلمان هجڻ سبب اسان کي چوويهن ڪلاڪن ۾ ميت دفنائڻي هئي. پر شاھ جي ميت جون ڪيتريون ئي طبي ڇڪاسون پئي ٿيون. اسان کي سمجھ ۾ ئي ڪونہ ٿي آيو، تہ اسين پاڻ ڇا ڪريون. تنهنڪري اسان ڪنهن وقت رُنو ٿي، تہ ڪنهن وقت پولار ۾ پئي ڏٺو. ڪنهن کي بہ ڪاڏي جو، ۽ نہ پيتي جو يا ڪنهن بيءَ شيءِ جو ڪو ويچار هو. اسان وٽ صنم جو ٻار هو، مير جي ڌيءُ هئي ۽ گھڻو ڪري سسئي بہ هئي، جنهن کي فوزيا تڏهن اسان وٽ ڇڏي ويندي هئي، جڏهن پڇا ڳاڇا لاءِ ڪيس ٿاڻي تي گهرايو ويندو هو. "اسان کي پينگھ تي گھماءِ." ننڍڙيون مونکي ليلائينديون هيون ۽ آئون ڪين پرسان ئي پينگھن واري پارڪ ۾ وٺي ويندي هيس. ورلي مير بہ مون سان گڏ هلندو هو. جڏهن ڇوڪريون راند پيون رهنديون هيون، تہ مير ۽ آئون بينچ تي ويٺي ماٺ ڪريو، سمنڊ ڏانهن پيا ڏسندا هئاسين.

مونکي سسئي جو ڏاڍو ڏک هو. هوءَ پنهنجي پيءُ جي گهڻو ويجهو هوندي هئي. هُو هن کي صبح جو ننڊ مان جاڳائيندو هو، کيس نيرن ڪرائيندو هو ۽ پاٽيءَ تي ٻه ويهاريندو هو. هن کي ٽن ورهين جي ڪچڙيءَ ڄمار ۾ پنهنجي پيءُ جي وڇڙڻ جي سمجهه اچي ويئي هئي. مير جڏهن فاطما کي وٺڻ لاءِ آيو هو، ته هن زور ڏئي چيو هو: ”بابا.“ وري جڏهن ڪار سمنڊ ڪناري لائيپول وٽان لنگهي هئي، جتي اسان پڪل گوشت کاڌو هو، ته سسئي رڙ ڪري چيو هو، ”بابا شاهه، بابا شاهه“ شاهه جي ميت جنهن غاليچي تي پيل هئي، تنهن جو اهو ٽڪرو پوليس وڍي ڪٽي وئي هئي. تنهنڪري جڏهن ريحانا ان غاليچيءَ جي جاءَ تي ٻيو غاليچو وڇايو، ته سسئي ان هنڌ ڏانهن، جتي هن شاهه کي پڃاڙو پيرو ڏٺو هو، اشارو ڪندي چيو، ”بابا شاهه، بابا شاهه.“ هوءَ هر پيري اهي لفظ چوندي رهندي هئي. جڏهن ٻه مير ۽ آئون کيس واپس فوزيا وٽ وٺي ويندا هئاسين، ته اسان کي چُهٽي پوندي هئي. هن گهر ۾ واپس وڃڻ نه ٿي گهريو ۽ ٻئي ٻانهون اسان جيءَ ڳچيءَ ۾ وجهي، اسان کي چنبڙي پوندي هئي. ”وڃ، ڪِڪي وڃ.“ جنهن وقت فوزيا هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي هئي، ته آئون کيس هوريان چوندي هيس. پر سسئي ويتر چُهٽي پوندي هئي. اسين زور ڏئي هن جا هٿ ڇڏائيندا هئاسين.

ڪينس ۾ شاهه جي ميت جو اوسيئڙو وڏيءَ پيڙا جهڙو هو. اتي جي هر شيءِ مونکي هن جي يادگيري ٿي ڏياري. مون شاهه کي هر هنڌ ٿي ڏٺو. ڪارلٽن هوٽل ۾ ڪچهريون ڪندي، رستن تي هلندي، هن جي وڇوڙي جو عذاب تنهن وقت ته ويتر وڌي ويو هو، جڏهن پاڪستان جي اخبارن ۾ لاڳيتو مٿس تُهمتون هنيون پئي ويون. سرڪاري اخبارن لکيو هو ته شاهه مايوس، پاڇوڪڙ ۽ آپگهات ڏانهن لاڙو رکندڙ انسان هو. انهن اخبارن لکيو ته، جنهن رات هن وفات ڪئي هئي، تنهن رات هو نشي ۾ هو. ليبارٽري ۾ هن جون جيڪي آزمائشون ٿيون هيون، تن جي رپورٽن ان دعويٰ کي رد ڪيو هو. پر انهن رپورٽن پٽاندر اسان جيڪي انڪاري بيان ڏنا، تن کي پاڪستان جي اخبارن ۾ خاص جاءِ نه ڏني وئي. هاڻي جڏهن شاهه پنهنجي زندگي وڃائي وينو هو، ته اسان جي دشمنن اسان جي مانُ مريادا جي تباهيءَ واسطي هر ڪا ڪوشش ڪئي هئي ۽ ادا جي ميت وٺڻ جي اوسيئڙي اسان جي پيڙا کي ويتر وڌائي ڇڏيو هو.

”آئون شاهه کي پنهنجي ڳوٺ ۾ دفنائڻ لاءِ پاڪستان کڻي وڃڻ چاهيان ٿي.“ مون هڪڙي ڏينهن ٻنپهرن جو گهر پاتين کي چيو.

امان ڄڻ چري ٿي پئي. ”اڙي پنڪي، تون واپس وڃي نٿي سگهين.“ هن رڙيون ڪندي چيو. ”مون پنهنجو پُٽ وڃايو آهي، هاڻي پنهنجي ڌيءَ کي وڃائڻ نٿي گهران.“

”شاهه منهنجي لاءِ هر ڪم ڪيو هو، پر هن ڪڏهن ٻه پنهنجي ڪنهن ڪم لاءِ مونکي نه چيو هو.“ مون وراڻيو. ”هن کي واپس لاڙڪاڻي وڃڻ جي ڏاڍي خواهش هئي. هو

اڪثر ڀڄندو هو ته بابا ڪٿي دفن ٿيل آهي، ته جيئن هو ويچار ۾ اهو هنڌ ڏسي سگهي. آئون هن جي ميت کي ڳوٺ ڪٺي ويندس.“
”مير، هُن کي ٻڌاءِ ته تون واپس نٿي وڃي سگهين.“ امان منهنجي ڀاءُ کي ليلائيندي چيو.
”جيڪڏهن تون واپس ويندينءَ ته آئون به هلندس.“ ادا چيو ۽ مونکي ڊيڄارڻ لڳو ته آئون اهو ويچار ڇڏي ڏيان، ڇو ته اسان سڀني کي ڄاڻ هئي ته ضياءَ ضرور هن کي به قتل ڪرائيندو.
”اوهين نه وڃو، آئون ويندس.“ ماسي بهجت ٻڌايو.
”ائون به ويندس.“ صنم چيو.
”آئون به ويندس،“ ناصر چيو.
”نيڪ، سڀ گڏجي هلنداسين. پر آئون ويندس.“ مون چيو. ”آئون نٿي چاهيان ته شاهه جي تدفين لِڪ ڇپ ۾ ٿئي. منهنجو ارادو آهي ته هن کي اُها سموري عزت ۽ مريادا ملي، جنهن جو هو حقدار آهي.“
جيئن ته لاش جي طبي چڪاس جي پوري ٿيڻ ۾ دير هئي، تنهنڪري آئون ٿورن ڏينهن لاءِ لنڊن واپس ويس، ته جيئن باربيڪن ۾ ڪم ڪار جي سار لهان. پارٽيءَ دفتر ۾ سوين ماڻهو مون سان تعزيت لاءِ آيا هئا. شاهه جي وفات جو پاڪستاني برادريءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو، جنهن جو هنن حقيقي اظهار ڪيو. ساڳئي وقت هنن ۾ اهو شڪ به پڪڙيل هو، ته منهنجي ڀاءُ جي موت ۾ ضياءَ جو به ضرور هٿ هو. مونکي دوستن ٻڌايو ته پاڪستان ۾ اهو ڏک گهڻو هو، سڄي ملڪ ۾ شاهه جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ پرپٺ جنازي نمازون پڙهيون ويون هيون. جڏهن ته هزارين ماڻهو 70 ڪلفٽن تي قرآن خوانيءَ لاءِ آيا هئا. جن اخبارن ۾ اهڙا الزام هئا ته شاهه نشي جهڙين شين واپرائڻ سبب وفات ڪئي هئي، تن کي ماڻهن ساڙيو پئي. سنڌ ۾ هن جي ڏُک ۾ سمورو ڪاروبار بند ٿي ويو هو. جولاءِ جي ساڙيندڙ گرميءَ هوندي به ٻن هفتن کان ماڻهو لاڙڪاڻي ۾ ايندا رهيا هئا. اتي سڀيئي هوٽلون هنن سان ڀريون پيون هيون ۽ هاڻي ماڻهو ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي ڀاهٽ هئا.
آئون جڏهن واپس ڪينس ويس، ته لاش جي طبي چڪاس کان پوءِ اسان جي روانگيءَ جي انتظامن بابت لنڊن ۽ ڪراچي سان رابطي واسطي مونکي پنهنجي ذهني پريشانيءَ کي ضابطي ۾ رکڻو پيو هو. ڇو ته شاهه جي پڇاڙڪي سفر ۾ ڪيترن ئي پاڪستانين اسان سان گڏ هلڻ گهريو هو. پاڪستان جي سرڪاري اخبارن شاهه جي ميت واپس ملڻ ۽ پاڪستان ۾ اسان جي واپسيءَ بابت جيڪي مونجهارا گهڙيا پئي، تن جي رد لاءِ مون اخباري بيان ڏيڻ جا انتظام ڪيا، ته جيئن اسان جي همدردن کي صحيح ڄاڻ ملي سگهي.

اسان جي پيڙا اڃا ختم نہ ٿي ھئي. فليٽ ھينان گھٽيءَ ۾ ٻين ڪيترن ئي ڪارن وچ ۾ ڪنھن بہ ظاھريءَ سبب ڪانسواءِ امان جي ڪار جو دروازو پيچي کوليو ويو ھو. مون جيڪي خط ۽ دستاويز پاڻ سان آندا ھئا ۽ جيڪي پٺئين سيٽ تي ھڪ بريف ڪيس ۾ پيا ھئا، سي رُڳو اھي اتان چورائي ويا ھئا؛ جنھنڪري اسان جي ڳڻتي وڌي وئي ھئي ۽ اسان پاڻ کي غير محفوظ پئي سمجھيو. اھڙو امڪان زور وٺندو پئي ويو، تہ شاھ کي حڪومت جي گماشتن قتل ڪيو ھو. ڪا اھڙي ضمانت بہ نہ ھئي تہ اھي ڪينس مان ھليا ويا آھن. اسان پنھنجي ڳڻتي فرانسيسي حڪومت کي بہ ٻڌائي ۽ ڪين پنھنجي بچاءُ لاءِ چيو ۽ ھنن اُن سلسلي ۾ پختو انتظام ڪيو.

نيٺ جڏھن شاھ جي ميت اسان کي ملي، تہ اسان ھن جي جنازي نماز پڙھي. مون ويچاريو ھو تہ آئون پنھنجي ننڍڙيءَ ڀاءُ کي ڏسنديس، جنھن جو مُک منھنجي ذھن تي چٽيل ھو: ٺامڻي مُنھن، سَنھو ۽ سدا موچارو، اڇو سُوٽ پاتل، چو تہ ھن کي اڇو رنگ ڏاڍو وڻندو ھو. پر پيٽيءَ ۾ جيڪو لاش رکيل ھو، سو بلڪل ڪنھن اوپري ماڻھو جو ٿي لڳو. شاھ جو مُنھن چُن جھڙو اڇو ۽ ڦوڪيل ھو. طبي چڪاس لاءِھن جي ڇھري تي جيڪي ڪيترائي ڇَھڪ ڏنا ويا ھئا، تن کي لڪائڻ لاءِ مٿن پائوڊر ٿَڦيو ويو ھو. اھو ڏيک دل ڏاريندڙ ھو.

ھاءِ الله، منھنجا پيارا گوگي. ھنن تنھنجو ھيءُ ڪھڙو حال ڪيو آھي؟ سڄي ڪمري ۾ روڄ راڙي جو آواز ھو. بيخياليءَ ۾ آئون پنھنجو مُنھن پِٽڻ لڳيس ۽ سُڏڪا ڀريندي ايترو تہ رُنيس، جو منھنجي ھِڏڪي ٻَڌجي وئي. اسان کي زوريءَ ڪمري مان ٻاھر ڪڍيو ويو. اسان ڪوشش ڪري پاڻ سنڀاليو ۽ ڪار ڏانھن ويونسين. جتي اخباري فوٽوگرافر اسان جي اوسيئڙي ۾ بيٺل ھئا.

21 آگسٽ 1985ع تي آئون شاھ جي ميت سان گڏ پنھنجي ملڪ پاڪستان موٽيس. حڪومت ڏاڍي بيدليءَ سان لاڙڪاڻي ۾ ھن کي دفنائڻ جي اجازت ڏني ھئي. حڪومت شايد عوام جي اُن ناراضپي کي تاڙي ورتو ھو، جنھن موجب ھنن مسلمانن جي رسمن ابتڙ امان، مونکي ۽ عوام کي، بابا جي تدفين ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني ھئي. پوءِ بہ حڪومت ھڪ ڀيرو وري ھڪ ڀئي ڀُٽي کي ماٺ ميٺ ۾ دفنائڻ جي ھر ڪا ڪوشش پئي ڪئي.

مارشل لا اختياريءَ وارن کي ڊپ ھو، تہ متان عوام ڪاوڙ ۾ اچي وڏي تعداد ۾ ٻاھر نڪري پوي، تنھنڪري ھنن شاھ جي ميت کي ھوائي جھاز ۾ ڪراچيءَ کان سِڌو موئن جي دڙي ۽ اتان اسان جي خانداني قبرستان تائين ھيلي ڪاپٽر ۾ پھچائڻ جو بندوبست ڪيو، جتي اڳوات ئي ھيلي پيڊ ٺاھيل ھو. حڪومت جي مرضي ھئي، تہ شاھ کي عوام جي نظرن ۽ ڏيان کان لڪائي ماٺ ۾ ۽ تڪڙو دفنايو وڃي.

مون انڪار ڪيو. لاڳيتن انن ورهين کان شاهه اُن ڌرتيءَ ڏانهن موٽڻ جي خواهش ڏيکاري هئي، جتي هن اکيون کوليون هيون. مون پڪو ارادو ڪيو هو ته، هن جي آخري سفر نه رڳو سندس لاءِ، پر اسان لاءِ بامقصد ٿيڻ گهرجي. ۽ هن جي ميت انهن دروازن مان لنگهي، جن سندس بچاءُ ڪيو هو: يعني ڪراچيءَ ۾ 70 ڪلفٽن ۽ لاڙڪاڻي ۾ المرتضيٰ. منهنجي مرضي هئي ته آئون ڪيس انهن ٻنين پرسان وٺي وڃان، جتي هن بابا ۽ مير سان گڏ شڪار ڪيا هئا. اسان جين ٻَنين ۽ تلائن پرسان، عوام جي وچ مان، جن جي هن پنهنجي نموني پُنيرائي جي ڪوشش ڪئي هئي. عوام ڪي به اهو حق ٿي پهتو، ته ڳڙهي خدا بخش ۾ هن ڪي پنهنجي پيءُ پرسان ويجهو دفنائڻ کان اڳ اهي پاڪستان جي هن سورهي پُٽ جي شانائتي عزت، مانُ مريادا ۽ مهانتا جو وجهه ماڻين.
”مارشل لا اختياريءَ وارن ڪي چئو ته ڪين جيڪو به ظلم ڪرڻو هجي سو مون تي پلي ڪن. پر آئون اها اجازت ڪڏهن به نه ڏينديس، ته منهنجي ڀاءُ ڪي پنهنجي گهر وڃڻ ۽ اتي ڪيس گهر ڀاتين طرفان آخري غسل ڏيڻ جي اسلامي حق کان محروم رکيو وڃي.“ مون ڊاڪٽر اشرف عباسيءَ کي چيو. جنهن جو انهن انتظامن جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي مڪاني انتظاميا سان رابطو هو. نيٺ حڪومت سان ناهه ٿيو. اُن پٽاندر اسان کي شاهه جي ميت کي 70 ڪلفٽن ۾ آڻڻ جي اجازت نه ملي، پر اسين هن کي المرتضيٰ ۾ ڪٺي وڃي سگهياسين ٿي. مڪاني اختياريءَ وارن جي راءِ پٽاندر اسان جو گهر پري لاڙڪاڻي ۾ هو، جتي عوام جو پهچڻ ڏکيو هو، تنهنڪري اتي سندن هجوم گڏ نه ٿيندا. خاص ڪري آگسٽ جي جهنم جهڙي گرميءَ ۾.
فوج پڪي بندوبست خاطر سنڌ صوبي ڏانهن ايندڙ سيني رستن کي بند ڪري ڇڏيو. بسن، ٽرڪن، ريل گاڏين ۽ ڪارن کي روڪي سندن جهَڙتي ورتي هئي. سنڌ ۾ فوج کي خبردار ڪيو ويو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن کي سندن گهرن ۾ نظربند رکيو ويو. ڪراچيءَ جي هوائي اڏي کي گهيرو ڪيو ويو ۽ سپاهين سان ڀريل ٽرڪون، جن ۾ خودڪار هٿيار هئا، شهر جي وڏن رستن تي پيئي هليون. ڪنهن به هنگامي کي روڪڻ واسطي ۽ عوام کي ريجهائڻ لاءِ حڪومت مارشل لا جي خاتمي جي تاريخ جو پڻ اعلان ڪيو. زيورچ مان ادا جي لاش سان گڏ منهنجي پاڪستان ڏانهن روانگيءَ جي ڏينهن شام جو ضياءَ جي ٿاڦيل وزيراعظم محمد خان جوڻيجي اعلان ڪيو، ته مارشل لا ڊسمبر ۾ ختم ڪيو ويندو.
ڪاريون پَٽيون، ڪاريون شلوارون، قميصون ۽ چُنيون. اسين ٿوريءَ دير لاءِ ڪراچي ترسياسين ۽ پوءِ سنگاپور جي هوائي جهاز مان لهي، موئن جي دڙي ڏانهن پڇاڙڪي سفر لاءِ ننڍڙي چارٽرڊ فوڪر جهاز ۾ چڙهياسين. جيئن شاهه جي ڏولي، جنهن تي ڪالعدم پيپلز پارٽيءَ جو جهنڊو پيل هو، جهاز مان لاهي هڪ ٽراليءَ تي رکي وئي، ته 70 ڪلفٽن مان آيل اسان جي ڪيئي ملازمن روئيندي پاڻ کي اُن مٿان اڇلايو. ڪراچيءَ

مان اسان جي آيل مِٽن مائٽن ۽ پاري توڙي سميعا ۽ سندس پيٹ پڻ ڏاڍو رنو. پوءِ اسان جو جهاز اُن اَٿاهه هُل ۽ ولولي واريءَ تدفين لاءِ اڏاڻو، جنهن جهڙي تدفين پاڪستان ۾ ڪڏهن به نه ٿي هئي.

"هلو، هلو، لاڙڪاڻي هلون. ڇا اوهان کي خبر ڪانهي، ته اڄ شاهنواز کي پيا آڻين. شاهنواز جيڪو ذوالفقار علي ڀٽو جو پُٽ آهي، جيڪو جوڌو جوان آهي، جنهن پنهنجي حياتيءَ منهنجي ۽ تنهنجي لاءِ ارپي. اچو. اچو. هلو ته هلون، هلو. هلو ته اڄ جوڌي جو آدرڀاءُ ڪريون." منهنجي ڀاءُ لاءِ لکيل اهو سُندر نظم سڄي پاڪستان ۾ عوام جي وات تي هو.حڪومت جي ڌمڪين هوندي به ڪيترن هفتن کان ماڻهو لاڙڪاڻي ڏانهن ڌوڪيندا پئي آيا هئا، جيڪي ٻنين ۾ رهيل هئا ۽ رستن پرسان سمهندا هئا.

ڪارا ڪپڙا، وڏيڪ ڪارا ڪپڙا. جيئن اسان جو فوڪر جهاز صبح جو ڏهين بجين کان پوءِ موئن جي دڙي هوائي اڏي تي لٿو، ته اتي چؤطرف ڪاري رنگ جا ڪپڙا هئا ۽ ڪيترن ميلن تائين رستي جي ٻنهي پاسن کان ڪارا جهنڊا ڏسڻ ۾ ٿي آيا. حڪومت جي رستا روڪ به ماتمي ڪانڌين کي روڪي نه سگهي هئي، جيڪي ڌرتيءَ جا قتل ٿيل سپوت لاءِ پنهنجو ڏک ونڊڻ ۽ ڏيکارڻ لاءِ سخت گرميءَ ۾ سفر ڪري اتي آيا هئا. مسلمانن تي لازم آهي ته جيڪڏهن ڪو هنن جو دشمن مري وڃي، ته سندس تعزيت ڪن ۽ جنازي ۾ شريڪ ٿين. پر ايڏن گهڻن ماڻهن جي ڪنهن کي به اميد نه هئي. اخباري رپورٽن پٽاندر اتي ڏهن لکن کان به وڌيڪ ماڻهو هئا.

"الله اڪبر!" شاهه جي ڏوليءَ کي جيئن لاهي هڪ ايمبولينس ۾ رکي، ڪيس برف سان ڍڪيو ويو، ته ماڻهن نعرا هنيا. شاهه جي وفات کان پوءِ سندس سَرير جي طبي ڇڪاس ٿي هئي. تنهنڪري هاڻي منهنجي مرضي نه هئي، ته هن سان ٻيو ڪجهه ٿئي. "انا الله وانا عليه راجعون — اسين الله تعاليٰ جا آهيون ۽ واپس اوڏانهن ويندا سين." ايمبوليسن جيئن هلي ته ماڻهن هٿ ٿي ڪٽي ميت لاءِ دعا گهري.

ستاويهن ورهين جي ڄمار ۾ شاهه جي مانائتين ۽ شاندار پڇاڙڪين رسمن بابت آئون سمجهان ٿي، ته شايد اهڙيون ڪنهن ملڪ جي صدر جون به ٿيون هُجن. هن جي ڏوليءَ پٺيان هر قسم جون به هزار گاڏيون، موٽرڪارون، موٽرسائيڪلون، ٽرڪون، گهوڙي گاڏيون ۽ ڍڳي گاڏيون هيون،جن تي ڪارا جهنڊا لڳل هئا. اهو جلوس ڏهه ميل ڊگهو هو. هوائي اڏي کان وٺي لاڙڪاڻي تائين اناويهه ڪلوميٽر رستي تي عوام هن جي ڏوليءَ تي گلن جي ورڪا ڪئي. جتان به هن جي ڏولي لنگهي ٿي، ته ماڻهن جي گوڙ مان ڪيترن ئي ڪيس سلام ڪيو ٿي. انهن ماڻهن جي مَٿن تي ٽِڪن واريون ٽوپيون پاتل هيون يا سندن قبيلي جي روايت پٽاندر پَٽڪا ٻَڌل هئا.

شاهه جون تصويرون ڪارن فريمن ۾ لڳل هيون، جن تي شاهنواز شهيد لکيل هو. اتي منهنجيون ۽ امان جون تصويرون به هيون.هڪ نه وسرندڙ تصوير ۾ بابا سان گڏ شاهه

به هو: ”شهيد جو پُٽ شهيد“ ان تي لکيل هو. عوام جي دلين ۾ بابا ۽ سندس مصيبتن ۽ اسان لاءِ جيڪو گهُٽيل ڏک هو ۽ جنهن جي پڌرائي ۽ ڏيکاءُ جي اجازت نه هئي. سو ڦاٽي نڪتو هو. عوام ماتم ۽ پٽڪو ڪيو ۽ اسان جي گاڏين مٿان اُٿلي پيا ۽ ان گاڏيءَ کي ڇُهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا، جنهن تي شاهه جي ميت واري ڏوليءَ رکيل هئي.
سج گهڻو مٿي چڙهي آيو هو، تنهنڪري ظهر جي نماز کان اڳ گهڻو ڪجهه ڪرڻو هو: ميت کي غسل ڏيڻ، خانداني ڀاتين کي مُنهن ڏيکارڻ، عورتن لاءِ گهر ۾ جنازي نماز پڙهڻ، جن کي ميت سان گڏ قبرستان ۾ڪونه وڃڻو هو، مرداني جنازي نماز پڙهڻ، جنهن جو بندوبست ويجهو فوٽبال راند جي ميدان ۾ ڪيل هو. سج لڙڻ کان اڳ ئي شاهه کي دفنائڻو هو، پر اجا صنم ۽ مونکي سندس قبر لاءِ جاءِ ڏسڻي هئي. اسان کي بابا جي قبر واريءَ جاءِ ڳولڻ لاءِ وجهه ڪونه مليو هو. هن ڀيري منهنجي مرضي هئي، ته اهڙي جاءِ ڳوليان، جيڪا بابا جي قبر کان گهڻو پري هجي، ته جيئن پوءِ انهن ٻنهي قبرن مٿان مقبرا جوڙائي سگهان. المرتضيٰ ويجهو پهچندي ئي عوامي هجوم ديوار مثل بڻجي ويو.
”تون سِڌو ڳڙهيءَ ڏانهن هل.“ مون پنهنجيءَ ڪار جي ڊرائيور کي چيو. جيئن شاهه جي ڏوليءَ واري ايمبولينس المرتضيٰ جي پڌر ۾ پهتي، ته هو ڪوشش ڪندي اسان کي اُن زبردست هجوم مان ٻاهر ڪڍي ويو. اتان پندرهن ميل پري اسان جي خانداني قبرستان ۾ عوام جو هجوم ٿورو ڇڊو هو، پر اُهي چؤديواري کان ٻاهر هئا. قبرستان جي ڪاٻي پاسي پري هڪ ڪُنڊ ۾ صنم ۽ مون گڏجي اها جاءِ ڳولي، جيڪا ڏاڏي جي قبر پرسان دفن ٿيل بابا جي قبر کان چڱي فاصلي تي هئي. بابا جي قبر تي فاتحا پڙهڻ کان پوءِ اسين تڪڙيون واپس المرتضيٰ ويونسين.
روڄ راڙو. ماتم. ڏک ۽ ڏُک وچان ساڻُو تي ماڻهو المرتضيٰ جي چؤديواري ٻَجي نه رڳو پَڌر ۾ گهڙي آيا هئا، پر گهر ۾ به. سڄو گهر انهن ۽ اسان جي ساٿين توڙي مائٽن سان سَٿيل هو. اتي عورتون هيون اسان جا گهريلو ملازم هئا. شاهه جي ميت واريءَ بند ٿيل ڏولي اجا تائين ڊرائينگ روم ۾ رکيل هئي، چو ته چؤڌاري وڏو هجوم هو. ”مهرباني ڪري اسان کي جاءِ ڏيو.“ مون ماڻهن کي هٿ ٻَڌي التجا ڪئي، جيڪي هڪ ٻئي تي ڳاهٽ پئي ٿيا. سمورو انتظام ڊانواڊول ٿيل هو.
مون شاهه جو مُنهن کي ڏيکارڻ تي گهريو، پر جڏهن اسان جي ملازمن ۽ پارٽيءَ ڪارڪنن ڏوليءَ کي ڏاڏا جي ڪمري ڏانهن ڪڻي وڃڻ لڳا، جتي ميت کي غسل ڏين لاءِ مولوي وينو هو، ته روڄ راڙو گهڻو وڌي ويو. ڏک ۽ ڪاوڙ وچان عورتون ۽ گهريلو ملازم پڻ بيحال تي ويا ۽ اُهي پنهنجا مٿا ڏوليءَ تي هڻڻ لڳا. عورتن ۽ مردن جي مٿن مان رَت وهڻ لڳو. ”الله جي واسطي هنن سيني کي پري ڪريو، نه ته اهي پان کي وڏيڪ

ڦٽي ڇڏيندا.“ مون رڙ ڪري چيو. ”شاھ جي ڏوليءَ کي ھڪدم ڏاڏا جي ڪمري ۾ کڻي ھلو.“
نيٺ سانت ۾ شاھ جي ميت کي مولويءَ ۽ گھريلو ملازمن غسل ڏنو ۽ کيس ڪفن پارايو. ساھ ٻُوساٽيندڙ گرمي 110 ڊگرين کان بہ مٿي ھئي ۽ مونکي اھا ئي ڳڻتي ھئي، تہ ميت کي تُرت دفنايو وڃي. ”شاھ جي سڄي سَرير تي چِير آھن.“ ملازمن جي ھڪ ويڳاڻي ماڻھوءَ غسل ڏيڻ کان پوءِ چيو. ”مون کي نہ ٻُڌاءِ.“ مون وراڻيو. پر ھن ماٺ نہ ڪئي. ”ھن جي نَڪ تي چِير آھن، ھن جي ڪاڏيءَ تي، ھن ...“ ”چپ ڪر.“ مون رڙ ڪئي. ”گھڻو ٿيو، ھينئر ھو پنھنجي گھر موٽي آيو آھي.“ منھنجو پيٽڙيو ناصر حسين منھنجي ويجھو آيو ۽ چوڻ لڳو، ”جلدي ڪريو، دير پئي ٿئي.“ ماڻھن جي ھجوم سبب اسان فيصلو ڪيو، تہ شاھ جي ميت کي ڪاٺ جي مضبوط ڏوليءَ ۾ رکي قبرستان کڻي وڃجي.
مون ملازمن ۽ ڪارڪنن کي چيو تہ، شاھ جي ميت کي واپس ڊرائينگ روم ۾ کڻي اچن، تہ جيئن ويجھا مائٽ اُتي جنازي نماز پڙھن. پوءِ اوچتو مون ڏٺو تہ شاھ جي ڏوليءَ کي ماڻھن جي زبردست ھجوم وچان ايمبولينس ڏانھن کڻي ويا. ناصر حسين پنيان ڀڳو. اُن افراتفريءَ ۾ مون کان بہ روانگيءَ جي رسم رھجي وئي. آئون بہ ڏوليءَ پنيان دروازي تائين ڊوڙندي ويس.
آخري سلام، شاھنواز آخري سلام. اُھو وچوڙو ڪيترو نہ تکڙو، ڪيترو نہ ڏکائتو ھو. جيئن ايمبولينس رواني ٿي تہ، دل چيو تہ آئون ٻاھر ڊوڙي وڃان، ھن کي جھليان، ۽ شاھ کي کھڙيءَ بہ طرح واپس وني اچان. مون نٿي گھريو تہ آئون پنھنجي ننڍڙيءَ ڀاءُ کي وڃڻ ڏيان. ھاءِ گوگي، تون مون وٽ ترس. گھر جي ٻاھرئين وڏي دروازي مان جيئن ايمبولينس ٻاھر نڪري نظرن کان الوپ ٿي، تہ باغ ۾ وينل اٽڪل پنج سئو عورتن جو روج راڙو ھڪ ئي وقت فضا ۾ اُڀريو. منھنجو ڀاءُ سدائين لاءِ موڪلائي ويو ھو.
شيعا مسلمانن جو عقيدو آھي تہ، ھر پيڙھيءَ ۾ ھڪ ڪربلا ٿئي ٿو، يعني اھڙو الميو ٻيھر ٿئي ٿو، جھڙو پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن جي خاندان سان سندن وفات کان پوءِ 640ع ۾ ٿيو ھو.
پاڪستان ۾ بہ ڪيترن ماڻھن جو اھو عقيدو آھي، تہ ڀُٽي خاندان ۽ اسان جي حامين تي جيڪي ظلم ٿيا آھن، سي اسان جي نسل جو ڪربلا آھي. بابا کي قتل ڪيو ويو، امان تي ڏاڍ ڪيو ويو، ڀائرن تي ظلم ڪيا ويا، حامين کي تڪليفون ڏنيون ويون. پوءِ بہ پيغمبر جي ڏوھٽي جي پوئلڳن جيان اسان جو ارادو بہ ڪڏھن ڪونہ لڏيو.
آئون المرتضيٰ جي دروازي جي ڏيڍيءَ ۾ ئي بيٺي ھيس، تہ آڳنڌ ۾ بيٺل عورتن مان ھڪ عورت جو آلاپ ٻين عورتن جي روج راڙي ۾ اُڀريو. جنھن ۾ ڪربلا جي الميي ڏانھن اشارو ھو. ”ڏسو، ڏسو، بينظير کي، ھوءَ پنھنجي ڀاءُ جي ميت سان گڏ آئي آھي.

هو ڪيڏو نہ جوان آهي، ڪيڏو نہ سُندر آهي، ڪيترو نہ معصوم آهي. هو ظالم هٿان قتل ٿيو آهي. پيڻ جي ڏُک کي سمجهو. بيبي زينب کي ياد ڪريو، جنهن کي يزيد جي دربار ۾ وٺي ويا هئا. بيبي زينب کي ياد ڪريو، جڏهن هن پنهنجي پاءُ جي سڀوري ڏڙ سان يزيد کي بيحرمتيءَ ڪندي ڏٺو هو.

”بيگم ڀٽي جي دل جو ڇا حال هوندو، جنهن اهڙي ٻار کي ڇٽيو هو. ان کي ڏسي سندس دل ڦاٽندي هوندي، هُن جنهن کي پنهنجيءَ هنج ۾ رانديون ڪيڏايون هونديون. هو سندس اکين اڳيان وڏو ٿيو هو. نصرت هن کي پهريون پنڌ ڪندي ڏٺو هوندو. اها ماءُ جنهن ڪيس پنهنجي پيار جي ڇانوَ ۾ نپائي وڏو ڪيو هوندو، تنهن جو ڇا حال هوندو.

”مرتضيٰ کي ڏسو. هن جي ساڄيءَ ٻانهن وڍجي وئي آهي. هو پنهنجو اڌ وجود وڃائي وينو آهي. هو وري ڪڏهن بہ اڳي جهڙو نہ رهندو...“

عورتن جي روجَ راڙي، ٻٽڪي ۽ سينازنيءَ سبب المرتضيٰ جي ديوارن مان رڙين ۽ دانهن جا پڙاڏا اپرڻ لڳا. اها آخري موڪلاڻيءَ جي ڦٽڪائيندڙ دانهن هئي. آئون ويڳاڻي ٿيو واپس گهر ۾ ويس. ادا کي اسان جي بزرگن جي قبرستان ۾ دفنايو پئي ويو. آئون وڌيڪ ڪجھ بہ ڪري نہ ٿي سگهيس.

ناصر حسين:

جنازي نماز ڪان پوءِ اسين جڏهن ڀٽي خاندان جي قبرستان پهتاسين، تہ اتي ماڻهن جو ايترو تہ ميڙاڪو هو، جو پير رکڻ جي جاءِ بہ ڪين هئي. جيئن ايمبولينس مان ڏوليءَ کي ٻاهر آندو ويو تہ، مون وڏي اڳين ڪُندِ ڪان ڪلهو ڏنو. مونکي ڪابہ ڄاڻ نہ هئي تہ منهنجي پنيان ڪير هو يا سندن ڪهڙو حال هو. آئون تہ پنهنجو پاسو جهليو اڳتي پئي وڌيس. ماڻهن ڏوليءَ کي اڳتي ڪڍي وڃڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، تہ جيئن اسان تي بار گهٽ پوي.

اتي ڪوبہ اهڙو ماڻهو ڪونہ هو، جيڪو اسان کي قبر تائين وٺي وڃي ها. ۽ اسان کي بہ اها مَت نہ هئي تہ اسين پاڻ ڪهڙي پاسي پيا وڃون. ڏوليءَ کي اسان ٻيٽي ڳري پئي پائنيو، ڇو تہ اسان هڪ ٻئي سان همراهيءَ نہ پئي ڪئي. ماڻهن جي اَٿاھ هجوم جي ڏڍ تي ڏولي اسان جي ڪُلهن تي ايئن پئي جُلهي، جيئن سُڪان ڪانسواءِ ڪا ٻيڙي لڏي ٿي. اسان جنهن جاءِ تان پير ڪنيو ٿي، تہ اتي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جو پير اچي ٿي پيو. اسين ايترو تہ سُستيءَ سان اڳتي پئي وڌياسين، جو ايمبولينس ڪان قبرستان جي دروازي تائين ڏھ وال رستو اُڪرڻ ۾ اسان کي پنجيتاليھ يا وڌيڪ منٽ لڳي ويا.

اوچتو ماڻهن جي هجوم مان منهنجي اڳيان هڪ هٽ اپو ٿيو، جنهن مونکي پاڻ ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيو. مون ڏٺو تہ اهو المرتضيٰ جي ملازمن مان هڪ ڄٽي جو پُٽ هو. آئون اُن هٽ پويان وڌيس تہ هو ڦِري قبر جي جاءِ ڏانهن ويو. ماڻهن جو هجوم ڏوليءَ کي اُن پاسي ڪڻندو هليو. مون پختو ارادو ڪيو تہ اُن سخت گرميءَ ۽ ماڻهن جي پيھ

پيهان ۾ آئون پاڻ سنڀاليندس. پوءِ بہ معجزو اهو ٿيو، جو ان ڏِک ڏِکان ۾ ڪوبہ ماڻهو ڪنهن قبر مٿان ڪِريو نہ هو.
شاھ جي قبر تائين پهچندي آئون چڪرائجي ويس ۽ منهنجون ٽنگون هڪ ڪڏ ۾ ڦاسي پيون. هڪ ڳوناٺي جَهٽ ڏيئي مونکي هڪ ڪِٽيل گلاس ۾ پاڻي آڻي ڏنو، جيڪو آئون هڪڙي ڍُڪ ۾ پي ويس. اُتي ايتري بہ جاءِ نہ هئي، جو شاھ جي ميت کي ڏوليءَ مان ڪڍي اُن هنڌ رکجي ها. اسان کي ڏولي پاسيري ڪري ميت کي قبر ۾ لاهڻو پيو هو. ميت جو منهن آخري ڀيرو ڏسڻ لاءِ ماڻهن کي سَڏ ڪيا ويا، پر بينظير مونکي اُن لاءِ منع ڪئي هئي پوءِ ميت لاءِ آخري دعا پڙهي وئي ۽ ماڻهن فاتحا لاءِ هٿ مٿي ڪنيا. منهنجي وجڻ وقت اتي موجود بزرگن چوويهہ دعائون پڙهيون. منهنجو ڏکائتو فرض پورو ٿيو هو. اسان شاهنواز کي سندس پڇاڙڪي آرامگاھ تائين پهچايو هو.

پنج ڏينهن ڪان پوءِ مارشل لا اختياريءَ وارن مونکي جهَليو، جنهن تي مونکي ڪوبہ اچرج نہ ٿيو. ضياءَ جيتوڻيڪ اخبارن کي خاطري ڪرائي هئي، تہ شاھ جي ميت سان گڏ واپس اچڻ تي مونکي جهَليو نہ ويندو ۽ سنڌ جي وڏي وزير پڻ اهو چيو هو تہ، منهنجي اچڻ ۽ واپس وجڻ تي ڪابہ پابندي نہ هوندي، پر ڪاوڙيل ڪانڌين جا جيڪي هجوم فوج جون رنڊڪون اُڪري اسان سان تعزيت لاءِ لاڙڪاڻي آيا هئا، تنهن حڪومت کي ڏُونڌاڙي چڙهيو هو. المرتضيٰ کان پري ٻنين ۾ ۽ ٻاهر رستن ۽ گهٽين ۾ ڪانڌين جا هجوم، فوتيءَ جون مذهبي رسمون نڀائڻ لاءِ لاڳيتو گڏ ٿيندا ويا هئا. تنهنڪري مونکي پڪ آهي، تہ حڪومت کي بغاوت جو ڊَپُ وڪوڙي ويو هو.
اهو بہ سچ آهي تہ ادا جي وفات سبب اهي ايترو تہ لاچار ٿي پيا هئا، جو ڪين مارشل لا جي خاتمي جي تاريخ جو اعلان ڪرڻو پيو هو. پر نہ هن موت جو ۽ نہ ئي ٻين هزارن ماڻهن جي تڪليفن جو پلاند ورتو ويو هو: ”هينئر جڏهن عوام ۾ گهڻو جوش آهي، تڏهن اسان کي ضياءَ کي اقتدار تان لاهڻ لاءِ ڪو جوڳو انتظام ڪرڻ گهُرجي.“ شاھ جي تدفين کان پوءِ شام جو پيپلز پارٽيءَ جي ڪيترن ئي اڳواڻن مونکي صلاح ڏني هئي. ٻين وري اُن ڳالهہ تي بحث ڪيو هو، تہ اسين حڪومت کي ڪنهن بہ اهڙي بهاني جو وجهہ نہ ڏيون، جو اها مورڳو مارشل لائي ختم نہ ڪري. پانئجي ٿو تہ ڪنهن ڏک يا ڪاوڙ ۾ بہ سياست وسري نٿي سگهي. ”مارشل لا ملڪ تي عذاب آهي، تنهنڪري اسان کي هر ممڪن خاطري ڪرڻ گهرجي، تہ اهو تُرت ختم ڪيو ويندو.“ مون ٿڪاوٽ سبب پابنديءَ جي حق ۾ ڳالهائيندي چيو. ”شاھ اهو مقصد ماڻڻ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪئي آهي. جيڪڏهن اسان هينئر ڪا هلچل هلائي، تہ پوءِ اُهي اِهو چئي سگهندا تہ انهن مارشل لا لاهڻ گهريو ٿي، پر ڪين اها نہ لاهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. اسان کي اُن انديشي ڏانهن بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي.“

پوءِ به حڪومت طرفان ڪنهن ردعمل ڏيکارڻ تي مون ڳڻ ڳوت ڪئي. فوتيءَ جو ٽيجهو ۽ چاليهو هن جي دفنائڻ واري ڏينهن کان شروع ٿئي ٿو. مونکي ڪابه اهڙي خاطري نه هئي، ته آئو چاليهن ڏينهن ۾ آزاد ٿينديس. تنهنڪري عالمن سان گهڻي بحث کان پوءِ اسان فيصلو ڪيو، ته چاليهي جي ڏينهن جي ڳڻپ شاهه جي دفنائڻ واري ڏينهن بدران فرانس ۾ سندس وفات واري ڏينهن کان ڪئي وڃي. ايئن ٽيجهو ۽ چاليهو ذري گهٽ گڏجي ويا هئا.

هڪ ٻئي پُٺي جي قبر، تازي مٽيءَ جو هڪ ٻيو دڙو. آئون پاڻ سان گُل کڻي ويس ۽ شاهه جي قبر تي اڳ ۾ رکيل ڍير گلن ۾ مون اهي به گل رکيا. اتي سوين ماڻهن سان گڏ قبرستان جي سخت گرميءَ ۾ مون مرحوم جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ فاتحا پڙهي. اُن تازي پيل مٽيءَ تي نِهارڻ سان ئي دل ٽُٽي پيئي: شاهنواز.

ٽيجهي جي ٻئي ڏينهن رات جو صنم ۽ فخريءَ کي واپس ڪراچي وڃڻو هو. مون المرتضيٰ ۾ پنهنجي ڏُک سان هيڪلو گهارڻ نه چاهيندي، ساڻن گڏ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. منهنجي لاءِ اها آٿت هئي ته صنم ۽ آئون گڏ ته آهيون. پر هڪ ڀيرو وري اسان جي ذاتي ڏُک کي سياست رد ڪري ڇڏيو.

ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تي هزارين حامين اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو. اُن هجوم سبب اسين پنهنجيءَ ڪار تائين به پهچي نه ٿي سگهياسين. نيٺ پارٽيءَ ڪارڪنن اسان کي پنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾ ونيو، ميڙاڪي وچ مان رستو ناهيو، ٻاهر وني ويا. عوام جو ايڏو ته وڏو هُجوم هو، جو انهن وچ مان 70 ڪلفٽن تائين پهچڻ ۾ ڪيترائي ڪلاڪ لڳي ويا. اسان جي ڪار پنيان جيڪي ماڻهو جيپن ۽ موٽر سائيڪلن تي هئا، تن ٻن آڱرين سان فتح جو نشان پئي ڏيکاريو. پر هنن ڪابه سياسي نعريبازي نه ڪئي. نعرا سُرهائيءَ جو اُهڃاڻ آهن، جڏهن ته اتي هر ماڻهوءَ کي شاهه جو ڏُک هو.

70 ڪلفٽن جو باغ به عوام سان سَٽيل هو. آئون اتي ويس ۽ مون عوام جا ٽورا مڃيا، جو هنن ڏک ۾ اسان جو ساٿُ ڏنو ۽ اتحاد ۽ ٻَڌيءَ ڏيکاري هئي. هنن مان ڪيترائي ڄاتل سڃاتل چهرا هئا، جن ۾ عورتون ۽ مرد به شامل هئا، جيڪي پنهنجن سياسي نظرين سبب ڪيترائي ڀيرا جيل ۾ رهيا هئا. ”اسين ادا جي ويچارن سان اتفاق ڪريون يا نه، پر هو اهڙو انسان هو، جنهن ظالماڻي راڄ جو مقابلو ڪيو هو.“ مون کين ٻڌايو. ”هن جي ضمير کيس تڏهن ماٺ ڪري ويهڻ جي اجازت نه ڏني هئي، جڏهن پاڪستان ۾ ظلم جو راڄ هو.“

ٻه ٻيا نوجوان - ناصر بلوچ ۽ اياز سمون، جن جمهوريت لاءِ پنهنجيون جانيون نڇاور ڪيون ۽ فوجي ظلم جو شڪار ٿيا، سي به منهنجا ڀائر هئا. اُهي مون سان گڏ هوندا هئا، منهنجو بچاءُ ڪندا هئا ۽ مونکي پنهنجي ڀيڻ سمجهندا هئا. ٻئي ڏينهن مون هنن جي گهر ڀاتين سان ڳالهايو. اسان سان جيئن ٻين ماڻهن 70 ڪلفٽن ۾ اچي تعزيت تي

ڪئي، مون سوچيو تہ آئون بہ سندن گھر وڃي ساڻن تعزيت ڪريان. انھن مائرن ۽ ڀينرن جي ڏُک ۾ شريڪ ٿيان، جن پنھنجا پُٽ ۽ ڀائر وڃايا ھئا. پر آئون ھنن وٽ وڃي نہ سگھيس.

27 آگسٽ تي فجر جو پوليس 70 ڪلفٽن کي گھيرو ڪيو. ھڪ ڀيرو وري 70 ڪلفٽن کي سب جيل ڪونيو ويو ۽ ان چؤڌاري پوليس ۽ فوج جو پھرو مقرر ڪيو ويو، جن وٽ ڳوڙھا آڻيندڙ گئس جا گولا ھئا. مونکي نوي ڏينھن جي نظربنديءَ جو حڪمنامو ڏنو ويو. بعد ۾ حڪومت دعويٰ ڪئي تہ مون سندن چِتائن تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ھو تہ، آئون 'حساس علائقن' ۾ 'دھشتگردن' سان ملاقات نہ ڪريان. حڪومت جن ھنڌن کي 'حساس علائقو' سمجھيو ھو، سي ملير ۽ لياري ھئا. اُھي ڪراچيءَ جا ڏاڍو پُٺتي پيل غريب علائقا ھئا، جتي جي رھاڪن- ناصر بلوچ ۽ اياز سمون جي گھر ڀاتين سميت ضياءَ جي حڪومت ۾ گھڻا ظلم سَنا ھئا. اھا ڪا اچرج جي ڳالھہ نہ ھئي، جو ضياءَ انھن کي "حساس" سمجھيو ھو ۽ رڳو ھُن دھشتگرديءَ جو بھانو نہ واپرايو ھو. جيڪڏھن دھشتگرديءَ جو مطلب اھو ورتو وڃي، تہ ھڪ اقليت، طاقت جي ڏِڌ تي اڪثريت ڪان پنھنجا ويچار مڃائڻ گھري ٿي، تہ پوءِ ضياءَ ۽ سندس فوج پنھنجا وڪا پڌرا ڪيا ھئا.

واشنگٽن ۾ ريگن انتظاميا منھنجي نظربنديءَ تي "ھراس" ظاھر ڪيو. "آئيني حڪومت جوڙڻ لاءِ پاڪستان ھمت ڀريا اُپاءُ ورتا آھن ... مس بينظير جي گھر ۾ نظربنديءَ کي ان عمل جي ابتڙ ڏنو ويندو." اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي ھڪ عيوضي کي اھو چوندي ٻُڌايو ويو ھو. برطانوي پارليامينٽ جو رد عمل ان ڪان وڌيڪ سخت ھو. ميمبر پارليامينٽ مئڪسن مئڊن ۽ لارڊ ايوبوري، منھنجي لاءِ ضياءَ سان ڳالھايو. پر ھڪ ڀيرو وري ٽيليفون يا ٻاھرين دنيا سان ڪنھن بہ رابطي ڪانسواءِ آئون جڻ لاڪپ ۾ ھيس. پھريان ٻئي ڏينھن صنم ۽ ناصر مون سان گڏ ھئا ۽ ساڳيءَ ريت منھنجي سئوٽ لالي بہ، جيڪا مون وٽ ان رات رھيل ھئي ۽ غلطيءَ وچان حڪومت جي ڄار ۾ ڦاسي پئي ھئي. پر 2 سيپٽمبر تي حڪومت منھنجي گھر جي انھن ڀاتين کي زوريءَ اتان ڪڍيو ۽ آئون 70 ڪلفٽن ۾ بلڪل اڪيلي رھجي ويس.

ڏينھن ھفتن ۾ بدلبا ويا ۽ مون ڪوشش ڪئي، تہ شاھ جي موت کي قبوليان. تنھنڪري مون گھر ۾ پيل پراڻي مخزن کي ورجائي پڙھيو، پنھنجي ڊائريءَ ۾ لکيو ۽ بي بي سيءَ تان ھلندڙ خبرن جو ھر بليٽن ٻُڌو. ھڪ ھنڌ ٻَڌجي ويھڻ سبب ڏاڍي مايوسي ٿي ھئي. مون تي پنھنجي ڏُک جو گھڻو بارُ ھو، تنھنڪري منھنجي مرضي ھئي تہ آئون پاڪستان ۾ اُن وقت مان فائدو وٺان. مارشل لا لھڻ ۾ ٽن مھينن کان بہ گھٽ عرصو بچيو ھو. تنھنڪري ضياءَ جي سياسي مخالفت کي مناسب طريقي سان منظم بہ ڪرڻو ھو. منھنجي گرفتاريءَ کان اڳ مون چئني صوبن جي پارٽيءَ اڳواڻن سان ملاقاتن جو ارادو ڪيو ھو، پر ھاڻي اھي ملاقاتون رد ڪرڻيون پيون ھيون.

سرڪاري اخبارن ۾ جيتوڻيڪ ڍنڍورا ڏنا پئي ويا، تہ هاڻي 31 ڊسمبر تي مارشل لا ختم ڪيو ويندو، پر ضياءَ جي ڏاڍ ڪنورتا ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو هو. منهنجي آزاديءَ لاءِ لاهور ۾ جيڪي گڏجاڻيون ٿيڻيون هيون، تن تي پابندي مڙهي وئي هئي. 21 آڪٽوبر تي ايم آر ڊيءَ جا جيڪي اڳواڻ ڪراچيءَ جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ اچڻا هئا، تن کي واپس موٽايو ويو يا وري شهر ۾ اچڻ جي ڪين اجازت نہ ڏني وئي. گڏجاڻيءَ جي ڏينهن واريءَ رات جو ايم آر ڊيءَ جي ڪيترن ئي اڳواڻن کي جيل اماڻيو ويو. پوءِ بہ ضياءَ پاڪستاني عوام جي نمائندي هجڻ جي دعويٰ ڪندو رهيو.

سياست. سياست. سياست. مون 70 ڪلفٽن جي نظربنديءَ ۾ سياست جو وڳو ڏاڍو ڳرو پائيو هو. ان سياست ڪيئن نہ مونکي پنهنجي اڪثر خاندان کان پري ڌِڪي ڇڏيو هو، خاص ڪري شاهنواز کان، جيڪو هينئر لاڙڪاڻي جي مٽيءَ هيٺ دفن ٿيل هو. ”وقت ڪڏي مون وٽ اچ. تون وقت چو نہ ٿي ڪڍين؟“ هو ڪيترائي ڀيرا مونکي لنڊن ۾ فون تي چوندو هو ۽ وري پاڻ ئي منهنجي جواب جو نقل ڪندي چوندو هو تہ، ”اڙي گوگي، مونکي آمريڪا وڃنو آهي، ڊينمارڪ وڃڻو آهي. بريڊ فورڊ، برمنگهام، گلاسڪو ۾ خاص گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻو آهي...“ جيڪر آئون ٿورو صبر ۽ ويچار ڪريان ها، يا ڪيس وڌيڪ وقت ڏيان ها. پر پوءِ مُقدر کي ڪوبہ ڦيرائي نٿو سگهي. هن جي مقدر ۾ ئي اُهو لکيل هو. پوءِ بہ منهنجي لاءِ اُهو مڃڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو تہ، هو هن دنيا مان هليو يو آهي.

اڳ کان پرتي هُن جو ننڍڙو ڪمرو بلڪل اهڙوئي هو، جهڙو اَٺ سال اڳ هو ڇڏي ويو هو. اسلام آباد جي هاءِ اسڪول وارو هن جو ساليانو ڪتاب اجا تائين ڪتابن جي شيلف تي، جانبازيءَ جي ڪارنامن وارن سندس وڏنڊڙ ناولن ۽ اُن قرآن شريف پرسان رکيل هو، جيڪو بابا ڪيس ڏنو هو. مير جو ڪمرو بہ اڳي جهڙو ئي هو، جنهن ۾ هڪ ديوار تي چي گويرا جو پوسٽر لڳل هو ۽ ميز جي خاني ۾ سندس هارورڊ وارو ساليانو ڪتاب رکيل هو.منهنجن پائرن جي ڪمرن کي هاڻي ڪُلف لڳل هئا. ساڳيءَ ريت منهنجي ڀيڻ، بابا ۽ امان جا ڪمرا بہ بند ٿيل هئا. سڄي گهر ۾ حڪومتي هٿچراند ڪانسواءِ ٽورن ڪلاڪن لاءِ بجليءَ جي روشنيءَ رُڳو منهنجي ڪمري ۾ هئي: هيڏي سڄي گهر جي رُڳو هڪ ڪمري ۾.

سَسئي کي ڏسڻ ۽ شاهه جي ڌيءَ کي پاڻ وٽ آڻڻ لاءِ منهنجي دل ڏاڍي ڇِڪ ڏني، تہ جيئن هوءَ پنهنجو خانداني گهر ڏسي ۽ پنهنجي ورثي جي سِکيا وٺي سگهي. هن کي پنهنجو پيءُ هرگز وسارڻ نہ گهرجي، ۽ ڪيس سيکارجي تہ سندس پيءُ ڪهڙن اصولن جي پُنيرائي ڪئي هئي ۽ پنهنجي ملڪ کي هن ڇا ڏنو هو. هنجو فخر ڀريو پر ڏکائتو ورثو هو. شايد اهو سڀ مُقدر جو لِکيو هو. ”شاهه هن کي سَسئي چو ٿو سڏي؟“ هڪڙي ڏينهن اسين حيدرآباد ويونسين، تہ ڊاڪٽر عباسي مون کان پڇيو هو.“ اُهو ڏاڍو ڏکارو

نالو آهي. توکي سسئي جو داستان ياد آهي، جنهن پنهونءَ سان پيار ڪيو هو، پر منجهن وڇوڙو ٿي ويو هو. سسئي هن جي ڳولا ۾ جبل ۽ بيابان جهاڳيندي رهي. ”سسئي، سسئي“، بيابان ۾ هڪ هنڌان هن پنهونءَ جو سڏ ٻُڌو هو. پر جڏهن هوءَ اُن هنڌ پهتي، ته زمين ڦاٽي پئيءِ هوءَمنجهس پُورجي وئي. ”پر شاهه کي سَسئي نالي سان ايترو ته پيار هو، جيترو ڪيس پنهنجي ڌيءَ سان، تنهنڪري هن اُهو ئي نالو رکيو.

ڇا اسان کي ڪڏهن اُها به ڄاڻ پوندي، ته شاهه جي قتل ۾ ڪنهن جو هٿ هو؟ آئون 70 ڪلفٽن جي نظربنديءَ ۾ اُن ڳالهه تي سوچيندي هيس، جيڪا شاهه جي ميت کي موئن جي دڙي ڏانهن کڻي وڃڻ وقت سميعا مونکي هوائي جهاز ۾ ٻُڌائي هئي. هن چيو هو ته اُن قتل کان هڪ مهينو اڳ هڪ ماڻهو ڪراچيءَ ۾ ڪيئي اخبارن جي دفترن ۾ ويو هو ۽ هُن اتي شاهه جي تازين تصويرن جو پڇيو هو. جنهن مان هو ستاويهن ورهين جي ڇمار واري شاهه کي سڃاڻي سگهي؟

مون 22 آڪٽوبر تي صبح جو سوير بي بي سيءَ تان خبرون پئي ٻڌيون، ته منهنجو سارو جسم سِيٽجي ويو. خبرن ۾ ٻڌايو ويو ته ڪينس ۾ پوليس ريحانا کي جهَلي مٿس فرينچ قانون هيٺ تُهمت رکي آهي ته ”هوءَ هڪ فرد کي خطري مان ڪڍڻ ۾ ناڪام ٿي هئي.“ وڌيڪ تفصيل ڪونه ڄاڻايا هئا.

بي بي سيءَ تان ريحانا بابت اُها خبر ٻُڌڻ کان به ڏينهن پوءِ مون هتي جي اخبارن ۾ پڙهيو، ته مونکي شاهه جي وفات جي تحقيقات ۾ موجود هجڻ لاءِ سَمن مليو آهي. ۽ مون تي وڃڻ کان انڪار ڪيو آهي. ڪهڙو سَمن؟ مونکي ڪوبه سَمن ڪونه مليو هو. ”اهو بلڪل غلط آهي، ته آئون جاچ ۾ حاضر ٿيڻ نٿي گهران.“ مون گهرو ڪاتي کي خط ۾ لکيو. ”آئون اُتي حاضر ٿيڻ گهران ٿي، پر اِهو اوهان جي اختيار ۾ آهي، نه منهنجي. مهرباني ڪري فرانس جي عدالت کي ٻڌايو، ته آئون حاضر ٿيڻ گهران ٿي، پر اوهين مونکي ڇڏڻ نٿا چاهيو.“

مونکي 3 نومبر تي آزاد ڪيو ويو. ”اڄ آئون اهڙي ڏکئي سفر تي وڃان ٿي، جيڪو مونکي ڌارئين ملڪ جي عدالت ۾ وٺي ويندو، جتي منهنجي پياري ڀاءُ شاهنواز جي موت جي تحقيقات ٿيندي.“ مون پنهنجن ساٿين لاءِ بيان ڪڍيو، جيڪو مونکي عام ٽائيپ رائٽر تي ٽائيپ ڪرڻو پيو هو. هن ڀيري حڪومت سڄي 70 ڪلفٽن ۽ اُن جي ننڍي گهر جي بجلي بند ڪري ڇڏي هئي. ”جيترو به ٿي سگهيو آئون ضرور موٽي ايندس.“ مون بيان جي پڇاڙيءَ ۾ چيو. ”الله گهُريو ته آئون ٽن مهينن ۾ موٽي ايندس... ڪٿي اُن جا ڪهڙا به نتيجا نڪرن.“

آئون شاهدي ڏيڻ لاءِ جڏهن فرانس ۾ پهتيس، ته اُتي موسم ڏاڍي سُني هئي، پر مهنجيءَ دل ڏاڍي ويڳاڻي هئي. اها تڏهن ويتر ويڳاڻي ٿي هئي، جڏهن مونکي شاھ جي موت ۾ ريحانا جي گرفتاريءَ بابت ڄاڻ جو پتو پيو هو.
ريحانا 22 آڪٽوبر تي پنهنجو پاسپورٽ کڻڻ لاءِ ٿاڻي تي وئي. شاھ جي وفات کان پوءِ پوليس هن جو پاسپورٽ ضبط ڪري ڇڏيو هو. ڪيترن ئي مهينن جي اٽڪوري پڇا ڳاڇا کان پوءِ، جنهن ۾ ريحانا انٽرپول ۽ فرانس جي پوليس کي اهوئي ٻڌايو هو، ته جڏهن ادا موت جي ٻه واٽي تي هو، ته هن نه ڪجھ ٻُڌو هو ۽ نه ئي ڪجھ ڏٺو هو. ريحانا جي وڪيل ڏاڍا سُٺا دليل ڏنا هئا، ته سندس پاسپورٽ ڪيس موٽائي ڏنو وڃي. ٿاڻي تي وڃڻ کان اڳ هوءَ فرانس جي وڃڻ جي سموري تياري ڪيو ويٺي هئي. پر هن اُتي هڪڙو نئون شڪ جاڳايو.
پنهنجي پهرئين بيان تان ڦِرندي ريحانا اُن ڳالھ کي مڃيو، جنهن جي لاش جي طبي چڪاس جي رپورٽ ذريعي رُڳو پوليس کي ڄاڻ هئي، ته شاھ هڪدم وفات نه ڪئي هئي. تنهنڪري پوليس هن کان وڌيڪ پڇا ڪئي ۽ مٿس تُهمت رکي ته هن هڪ فرد کي جوکي ۾ ڏسي به سندس واهرُ نه ڪئي هئي. پوءِ پوليس هن کي عدالت ۾ پيش ڪيو. پاسپورٽ ملڻ بجاءِ ريحانا کي گرفتاريءَ جو وارنٽ مليو ۽ ڪيس نيس جي سينٽرل جيل ۾ اماڻيو ويو.
شاھ جي موت جي اُن راز ڦاٽڻ سبب گھر ڀاتين کي ويتر ڏُک وڪوڙي ويو هو. منهنجن ٻنهي ڀائرن وٽ جيڪو زهر هوندو هو، تنهن بابت شاھ مونکي ٻڌايو هو ته اُن جو اثر هڪدم ٿئي ٿو. مير جي زهر جي شيشيءَ کي فرانس ۽ سوئيز جي پوليس چڪاسيو هو ۽ شاھ جي اُن دعويٰ جي تصديق ڪئي هئي: يعني اُهو زهر جيڪڏهن پاڻيءَ ملائڻ کانسواءِ ورتو وڃي ته هڪدم اثر ڪندو. اسان سيني لاءِ اها ڳالھ ايتري ڏکي نه هجي ها، جيڪڏهن شاھ ڪنهن تڪليف کانسواءِ هڪدم وفات ڪري ها، پر اُٿلندو انهيءَ ڄاڻ اسان جي ڏُک کي گھڻو وڌائي ڇڏيو.
پورو مهينو آئون رات جو ڀوائتا سَپنا ڏسندي هيس. ”مونکي بچاءِ!“ شاھ سَڏ ڪري چوندو هو. ”مونکي بچاءِ!“ ٻين سپنن ۾ هو مونکي سخت سيءَ سبب ڏڪندي ڏسڻ ۾ ايندو هو ۽ آئون هن لاءِ بلينڪٽ آڻڻ جي ڪوشش ڪندي هيس. ڏينهن جو اڪثر منهنجيءَ دل ڪَچي ٿيندي هئي ۽ آئون ٻوڙي وڃي پُوئيءَ ۾ اُلٽيون ڪندي هيس. شاھ جي ڀوائتي موت ڇوڏاري جيڪي اُلجهيل سوال هئا، تن اسان جو ساھ نپوڙي ڇڏيو هو. ريحانا هن جي مدد ڇو نه ڪئي هئي؟ ۽ هن هر ڀيري اهو ڇو پئي چيو، ته شاھ آپگھات ڪيو آهي؟ خاص ڪري مسلمانن لاءِ اها ڏکائتي تُهمت آهي، جن جو عقيدو هُجي ٿو ته رُڳو الله زندگي ڏئي ٿو ۽ اهوئي موٽائي وٺي ٿو. اسان کي شاھ جي

جيئرو رهڻ واريءَ خواهش جي ڄاڻ هئي. هو ڪڏهن به آپگهات نه ڪري ها ۽ اهڙو ڏکوئيندڙ موت ڪوبه ماڻهو راضپي ۽ سُرهائيءَ سان نه قبوليندو، جهڙو هن جو ٿيو هو. اسان سينيءَ کي پورو پروسو ٿي ويو هو، ته شاهه کي قتل ڪيو ويو هو ۽ اسان اُن قتل لاءِ رُڳو هڪ اڻڄاڻ ماڻهوءَ کي جوابدار ڪيو. آئون ڪارلٽن هوٽل ۾ خانگي طرح پوليس جي اُن عملدار سان به ملي هيس، جنهن اُن مقدمي ۾ کوجنا ڪئي هئي. پوليس کي پڻ روڪيو ويو هو. "زهر بابت تون وڌيڪ ڄاڻ وٺي سگهين ٿي؟" هن مون کان پڇيو هو. "جسم ۾ اُن جو ذرڙو به نه مليو هو." مون پنهنجي طور ان بابت هر ڪا ڪوشش ڪئي ۽ نيٺ مون ڳجهي نموني اُن زهر جي ڄاڻ هٿ ڪئي، جيڪا اجا تائين منهنجي ذهن تي ڇانيل آهي.

"جيڪڏهن اهو زهر نِج نموني ورتو وڃي، ته هڪدم اثر ڪندو." بيان ۾ چيو ويو. "جيڪڏهن پاڻيءَ وغيره ملائي ورتو وڃي، ته اُن جو اثر بلڪل ڦِري ويندو. ٿيهن منٽن کانپوءِ اهڙو ماڻهو سَنتولن وڃائي ويهندو ۽ ڪيس متي ۾ سُور ٿيندو. هن کي سخت جسماني ٿڪاوٽ ۽ اُڃ لڳندي. هڪ ڪلاڪ ۾ سَرير وائڙپ ۽ ڏکڻ شروع ڪندو۽ ساڍس ڳڌ دل ۾ معدي جي چوڌاري سُور ٿيندو. پوءِ سارو جسم سِيٽجي پوندو. مرڻ کان اڳ هن کي سخت وڍ پانئبا. جسم جي نِستي ٿيندڙ اُن سخت حملي مهل به اهو ماڻهو هوش ۾ هوندو. هن جو نڙگهٽ ڪانگهارن سان ڀرجي ويندو، جنهنڪري ڪيس ساهه کڻڻ لاءِ سخت ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ ڳالهائڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي. هن جي موت جو وقت مختلف هوندو، ڇئن کان سورهن ڪلاڪن ۾."

شاهه جي موت جي اُها ذهني پوڳنا سڄي ڪُٽنب ۾ پکڙجي وئي. پهرين مير جي فوزيا سان شادي ٽُٽي وئي. سسئي به اسان کان ڌار ٿي وئي. آئون جڏهن عدالت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ نيس پهتي هيس، ته ريحانا جيل ۾ هئي ۽ سسئي وري فوزيا وٽ هئي، جنهن اسان کي هن تائين پهچڻ جي اجازت ئي نه ڏني هئي. اسان جي پيڙا جو ته ڪو ڇيهه ئي نه هو، سسئي اسان جو رَت هئي. سسئي اسان منجهان هئي. هوءَ بلڪل شاهه جهڙي لڳندي هئي، خاص ڪري سنديس اکيون. هاڻي شاهه بجاءِ اسان وٽ سَسئي هئي ۽ سسئي اسان کان پري ٿيندي پئي وئي.

اسان ريحانا سان قانون پٽاندر فيصلي جي ڪوشش ڪئي: يعني سسئي سال جا نَو مهينا هُن وٽ ۽ باقي ٽي مهينا اسان وٽ رهندي ۽ هن جي تعليم جو سڄو خرچ اسين ڀريندا سين. پر ريحانا کي اُن فيصلي سان ڪوبه چاهه نه هو. هڪ ڀيرو وري اسان کي عدالت ۾ وڃڻ تي مجبور ڪيو ويو هو. پر قانوني ڪارروائيءَ به اُن پيڙا مان اسان جي جِند ڇڏائي نه سگهي.

عدالت فيبروري 1988ع ۾ امان کي اهو حق ڏنو هو، ته هوءَ هر هفتي جي پڇاڙيءَ ۾ سسئي سان ملي، پر اُن فيصلي تي عمل ٿي نه سگهيو. سسئي کي ريحانا ڪيليفورنيا

۾ پنھنجي ناناڻي گھر اُماڻي ڇڏيو ھو. الاءِ ھوءَ ھينئر ڪٿي آھي ۽ ڪيئن آھي؟ آئون جڏھن ھن لاءِ سوچيان ٿي تہ منھنجيءَ دل ۾ درد جون سَٽون اُڀرن ٿيون. جيڪر اسان کي رڳو اھا خاطري ٿئي تہ ھوءَ خوش آھي، تندرست آھي، ڪيس ڪوبہ ڏک ڪونھي، پر اسان کي ڪجھہ بہ ٻڌايو نٿو وڃي. آئون تہ اھوئي سپَنو پئي ڏسان، تہ ھڪڙي ڏينھن سَسئي اسان وٽ ايندي. پنھنجي نالي واريءَ سسئيءَ جيان، ھوءَ جبل ۽ بيابان جھاڳيندي اُن ڪُٽنب کي ڳولي لھندي، جيڪو ساڻس پيار ڪري ٿو. اسين سدائين ھن جو اوسيئڙو ڪنداسين.
ٻن ورھين جي قانوني ڪارروائيءَ کان پوءِ، جون 1988ع ۾ فرانس جي عدالت فيصلو ڏنو تہ جوڪي ۾ قاتل ھڪ شخص جي واھرُ نہ ڪرڻ جي ڏوھہ ۾ ريحانا تي مقدمو ھلندو. اُن ڏوھہ جي سزا ھڪ کان پنجن ورھين تائين قيد ھئي. اسان جي مايوسيءَ لاءِ عدالت اھو بہ فيصلو ڏنو تہ، اسان اڻڄاڻ ماڻھن تي قتل جو جيڪو الزام رکيو ھو، تنھن جو جوڳا ثبوت نہ ھجڻ سبب اُن کي بحال نٿو ڪري سگھجي. پر گھٽ ۾ گھٽ شاھہ تان آپگھات جي بدناميءَ جو ٽِڪو لھي ويو ھو. عدالت جي فيصلي ڏيڻ کان تُرت پوءِ بي بي سيءَ پنھنجي پروگرام ۾ ريحانا جي وڪيل پاران اُھو چوندي ٻڌايو تہ ريحانا پاڻ ھاڻي مڃيو آھي تہ، شاھہ کي قتل ڪيو ويو ھو.
سسئي کي بہ اسان سيني جيان ڪڏھن بہ ڄاڻ نہ پوندي، تہ ھن جي پيءُ ڪيئن وفات ڪئي ھئي. جولاءِ 1988ع ۾ اسان کي ڄاڻ ملي، تہ ريحانا پنھنجن مائٽن ۽ سسئي سان گڏ رھڻ لاءِ فرانس ڇڏي آمريڪا ھلي وئي آھي. اھا بہ ڄاڻ پئي تہ فرانس جي حڪومت ”انساني ھمدرديءَ“ سبب ريحانا کي سندس پاسپورٽ موٽائي ڏنو ھو. اسان جي وڪيلن جي بيانَ پٽاندر لڳو ٿي، تہ ريحانا کي مارسيلز ۾ آمريڪي نائب سفير وٽان ويزا ماڻڻ ۾ بہ ڪا تڪليف نہ ٿي ھئي. اسان کي ٻڌايو ويو، تہ جيڪڏھن مقدمو ھليو تڏھن بہ اھو 1989ع کان اڳ ڪونہ ھلندو. پوءِ بہ اسان جا وڪيل شڪ ڏيکارين ٿا، تہ ريحانا مقدمي جي ڪارروائيءَ ۾ حاضر رھڻ لاءِ شايد ئي فرانس موٽي.

پنھنجن سياسي عقيدن سبب ھڪ ٻيو پُٽ مارجي ويو. ھڪ ٻيو سياسي سرگرم ڪارڪن خاموش ٿي ويو. پر اسين اڳتي وڌندا پيا وڃون. ڏُک اسان کي سياسي ميدان مان ڪونہ ڀڄائيندو ۽ نہ وري جمھوريت ماڻڻ کان اسان کي روڪيندو. اسان جو الله ۾ ايمان آھي ۽ اھوئي اسان جو فيصلو ڪندو.

# لاهور ڏانهن واپسي ۽ آگسٽ 1986ع جو ڪوس

30 ڊسمبر 1985ع تي مارشل لا ختم ٿيو. آئون اجا يورپ ۾ هيس ۽ مون اها ڄاڻ هوٽل جي ٽيليويزن تان ٻُڌي. پر اُها ڪنهن وڏي ڇوٽڪاري جي گهڙيءَ ڪانه ٿي لڳي. مارشل لا جو اهو خاتمو مغربي ملڪن کي ڏيکارڻ لاءِ اشتهاري ڪيڏ کان وڌيڪ ڪجهه به نه هو. تنهنڪري حقيقي شهري راڄ ڪونه جُڙيو، ڇو ته فوج جي اڳواڻ ۽ صدر جا ٻئي عهدا اجا تائين ضياءَ وٽ هئا، جنهنڪري اُهو چوڻ ممڪن ئي نه هو، ته فوج پاڻ کي سياست کان ڌار ڪيو آهي. چوندڙ ذريعي سياسي جماعتون جيڪو ڪم ڪري ٿي سگهيون، تنهن کي اٽڪورو ڇڏي ڏنو ويو هو. جنهن مان پڌرو هو ته حڪومت، پاڪستان ۾ صحيح جمهوريت آڻڻ کان ڊنل هئي.

حقيقت ۾ ضياءَ جي نئين ”شهري حڪومت“ هڪ قسم جي پرولي هئي. مارشل لا جي خاتمي کان ٿورو اڳ ضياءَ جي ڪَٺ پتلي پارليامينٽ بدنام اٺين ترميم ايڪٽ کي اڪيون ڀوتي مجيو هو. اُن ايڪٽ هيٺ مارشل لا دؤر ۾ حڪومت جي ڪارندن جيڪي ڪُڌا ڪم ڪيا هئا، تن جي نه رڳو ضمانت ڏني وئي هئي، پر مارشل لا جي رهيل باقي ٽن مهينن ۾ پڻ سندن هر ٻي ڪارروائيءَ جي ضمانت ڏنل هئي. اهڙي خاطريءَ ملڻ کان پوءِ ته، سندن انهن ڪمن جي انصاف پرئي هجڻ بابت ڪابه عدالتي ڇنڊڇاڻ نه ٿيندي، فوجي عدالتن تڪڙ ۾ هزارين ماڻهن کي ڊگهي عرصي جي قيد جون سزائون ڏئي ڇڏيون، ته جيئن مارشل لا لهڻ وقت حڪومت جا گهٽي ۾ گهٽا سياسي مخالف جيلن ۾ بند هجن.
مارشل لا جي پُڄاڻيءَ کان پوءِ به اُن جو ورثو قائم رهيو. 1977ع کان وٺي ضياءَ، پاڪستان پيپلز پارٽي حڪومت جي جوڙيل ادارن، جهڙوڪ آزاد عدليا، مضبوط معيشت، حڪومت جي پارلياماني سرشتي، آزاد صحافت، مذهبي آزادي ۽ 1973ع جي آئين هيٺ شهري حقن جي ڏنل ضمانت کي باقاعدي تباهه ڪرڻ شروع ڪيو هو. جيئن ته قانون جي حڪمراني نه هئي ۽ هر شيءِ جي ناپائداريءَ جي سوچ عام هئي، تنهنڪري پاڪستان ۾ ڇڙواڳي ٿي وئي هئي.
سڄي قوم رشوت ۽ ڏوهه جي پنجوڙ ۾ جڪڙيل هئي. مارشل لا وقت ذهين نوجوانن لاءِ سڀ کان وڌيڪ ڇڪ واريءَ نوڪري ڪسٽمز جي هئي، ڇو ته اُن ذريعي ڪمائي ٿيندي هئي. ملڪ ۾ واپارين جو نئون طبقو ايئر ڪنڊيشنر کان وٺي وڊيو جي اوزارن تائين هر ڪا شيءِ ڪسٽمز ڊيوٽي ڏيڻ کان سواءِ لڪائي آڻيندو هو ۽ آٽي ٿو ۽ پوءِ اهي

شيون ڳرين قيمتن ۾ وڪڻجن ٿيون. اسٽيٽ بئنڪ جي تازي رپورٽ مان پڌرو ٿئي ٿو، ته پاڪستاني معيشت جو اٽڪل هڪ ڀاڱي ڇهه واڌارو، لِڪيچپ ۾ آندل اُن مال سبب ٿيو هو. اُن ڪاريءَ معيشيت مان ملڪ کي ڪي به محصول ڪونه ٿا ملن.
افغانستان ۾ سوويت فوجن جي داخل ٿيڻ سبب ته ويتر انارڪي وڌي وئي هئي. آمريڪا مجاهدن لاءِ جيڪي هٿيار موڪليا هئا، سي پاڪستاني هٿيارن جي بازارن ۾ پهچي هٿوهٿ وڪامڻ لڳا. روسين جي ڪلاشنڪوف پاڪستاني ڪاريگرن جي هٿ چڙهي وئي، جن ان جو نقل ناهي چور بازار ۾ ٿوريءَ رقم يعني چاليهن ڊالرن ۾ وڪڻڻ شروع ڪيو. اهو ٻُڌڻ ۾ آيو هو ته، ڪراچيءَ ۾ ڪلاشنڪوف هڪ ڪلاڪ لاءِ ڀاڙي تي ملي سگهندي هئي. سنڌ جي ننڍن شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ شام ٿيڻ کان پوءِ ماڻهو ٻاهر ڪونه نڪرندا هئا، ڇو ته رستن تي ڦورن ۽ ڌاڙيلن جون ٽوليون نڪري اينديون هيون، جن وٽ موٽمار هٿيار ۽ راڪيٽ لانچر هوندا هئا. سڄي پاڪستان ۾ وڏن زميندارن ۽ صنعتڪارن پنهنجي بچاءَ لاءِ ذاتي فوج رکي هئي، جنهن ذريعي اهي ورلي پنهنجن مخالفن تي به حملا ڪرائيندا هئا. قبائلي سردارَ پنهنجي بچاءُ لاءِ جيڪي سپاهي پاڻ وٽ رکندا هئا، تن کي حڪومت هٿيار، ورديون ۽ پگهار ڏئي، هڪ فوج ناهي هئي. اُن عيوض اها فوج، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حامين کي ڊيڄاريندي ۽ ڌمڪائيندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺن جا ڳوٺ ڊاهي پَٽ ڪندي هئي. جيڪڏهن ڳوناٽا وجي مسجدن ۾ پناهه وٺندا هئا، ته ڪين اُتي به ڪونه ڇڏيو ويندو هو.
افغانستان تي حملي جي نتيجي ۾ نشيدار شين جو واپار به وڌي ويو هو. افغان پناهگيرن جي وڌندڙ تعداد کان اڳ پاڪستان ۾ نشيدار شين، جهڙوڪ هيروئن جو اُهڃاڻ به ڪونه هو. پر هاڻي سمجهيو وڃي ٿو ته، ڏهن لکن کان به وڌيڪ ماڻهو اُن جا هيراڪ ٿي ويا آهن. جڏهن ته ڪروڙن جي نه، تڏهن به لکن ڊالرن جي هيروئن ۽ آفيم اُتر ۾ پناهگيرن جي ڪئمپن مان نڪري، ڏکڻ ۾ ڪراچيءَ ۾ پهچي ٿو ۽ اتان اهي نشيدار شيون وري ساموندي جهازن ذريعي ٻاهر موڪليون وڃن ٿيون. 1983ع ۾ پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ بڻجي ويو، جتان سڄي دنيا ۾ گهڻي ۾ گهڻي هيروئن ويندي هئي. نشيدار شين جي آمدنيءَ مان ڪراچي، لاهور ۽ قبائلي ايراضين ۾ وڏين ۽ پيڪيدار حويلين ۾ محل اَڏجي ويا هئا، پر تڏهن به حڪومت اوڏانهن ڪو ڌيان ڪونه ڏنو. اهو به ڇيو ويو ته ڪيترو سامان انهن فوجي لارين ۾ ڪراچي موڪليو ويندو هو، جيڪي مجاهدن لاءِ هٿيار سان پرجي خيبر لڪ ڏانهن وينديون هيون.
آمريڪا ۽ ٻين مغربي ملڪن ۾ عالمي پوليس هيروئن آڻڻ جي ڏوهه ۾ انيڪ اهڙن ماڻهن کي جهَليو هو، جن جا مائٽ حڪومت جا وڏا عملدار هئا. انهن ۾ ڪابينا جي هڪ فوجي وزير جو پُٽ به هو، پر پاڪستان ۾ حڪومت جي ڪابه مُک شخصيت گرفتار نه ٿي هئي. هُو جيتوڻيڪ اُن کان انڪار ڪري ٿو، پر اهو افواهه هر هنڌ پکڙيل

ھو، تہ ھيروئن جي واپار جي وڏي شخصيت سرحد صوبي جو فوجي گورنر ھو، جيڪو اُن عھدي تي ستن ورھين کان وڌيڪ مدت تائين وينو ھو. جڏھن تہ ضياءَ پنھنجي مرضيءَ تي ٻين فوجي گورنرن کي سندن عھدن تان لاھي ڇڏيو يا سندن جاءِ تي ٻيا گورنر رکيا ھئا. وڌيڪ بدناميءَ جي ڳالھہ ھيروئن جي انھن ٻن حاڪمن مان ھڪ عبدالله پٽي جي آھي، جنھن کي حڪومت مارشل لا جي اَٺن ورھين ۾ ھڪ ڀيرو جھَليو ڪيو ھو. ھن کي فوجي عدالت سزا ڏني ھئي، پر ھو ”جيل مان ڀڄي ويو ھو.“ ڪيترائي ورھيہ پوءِ جڏھن خراب موسم سبب ھن جو جھاز ڪراچيءَ ۾ لٿو ھو، تہ پَٽي کي ٻيھر جھَليو ويو ھو. جنرل ضياءَ صدارتي معافيءَ جا اختيار واپرائيندي، ھن کي آزاد ڪري ڇڏيو. ھن اھو اختيار ڪڏھن بہ ڪنھن سياسي قيديءَ لاءِ ڪونہ واپرايو ھو.
ملڪ ۾ اسلامي نظام آڻڻ جي سلسلي ۾ ضياءَ جي حڪمت عمليءَ وڏو ڏڦيڙ بڻايو ھو. بابا جي ڏينھن ۾ جيڪڏھن مذھبي رواداري ھئي، تہ ضياءَ جي اسلامي نظام ھيٺ اسان جي ملڪ جي سيني مذھبي اقليتن کي تڪليفون ڏنيون ويون ھيون. پاڪستان ۾ اڪثريت حنفي سُني مسلمانن جي آھي، جيڪي عقيدي ۾ وچٽرا آھن. اسان جو ملڪ اسلامي اصولن جھڙوڪ اتحاد، ڀائيچارو ۽ مذھبي اقليتن سان رواداري ۽پنھنجائپ سان رھڻ لاءِ ٺاھيو ويو ھو: اھي احمدي ھئا، جن جو پنھنجو مذھبي اڳواڻ انگلينڊ ۾ ھو، ھندو ھئا، عيسائي ھئا ۽ ھڪ ننڍڙي پر متحد آبادي پارسين جي ھئي، جن کي زرتشتي سڏيو وڃي ٿو ۽ جيڪي باھہ جي پوڄا ڪن ٿا. ”اوھين آزاديءَ سان پنھنجن مندرن ۾ وڃو. اوھين آزاديءَ سان پنھنجن مسجدن ۾ وڃو يا ھن ملڪ پاڪستان جي ڪنھن بہ عبادت گھر ۾ وڃو اوھين ڀلي ڪھڙي بہ مذھب، ذات پات يا عقيدي وارا ھجو، تنھن ڳالھہ جو ملڪي ڪاروبار سان ڪوبہ تعلق ڪونھي.“ اھو اعلان ھن ملڪ جي باني محمد علي جناح اُن ڏينھن ڪيو ھو، جڏھن 1947ع ۾ ھن کي پاڪستان جي آئين ٺاھيندڙ اسيمبليءَ جو گورنر جنرل چونڊيو ويو ھو.
پوءِ بہ ضياءَ وھابين جي پٺڀائي پئي ڪئي، جن جا ويچار سعودي عرب جي سُڌارڪن جھڙا ھئا ۽ جن جو تعلق ساڄيءَ ڌر جي جماعتن- جھڙوڪ جماعت اسلاميءَ سان ھو ۽ جيڪي اسلام ۾ رواداريءَ بدران وڌيڪ سختيءَ جا قائل ھئا. 1977ع ۾ فوجي بغاوت ٿيندي ئي حڪومت اسلامي نظام جو پرچار شروع ڪيو، جڏھن تہ بنياد پرستن پنھنجا ڪٽر اقليتي ويچار ملڪ تي مڙھڻ جي ڪوشش ڪئي. عيسائين، ھندن ۽ پارسين جي گھرن ۾ سائڪلواسٽائيل ٿيل خط اُڇلايا ويا تہ، ”نڪري وڃو. اسان کي اوھان جي ڳُھرج ڪانھي.“ انھيءَ تي ڏاڍيءَ ماٺ ميٺ ۾ اقليتن جا ڪيترائي ماڻھو پنھنجا گھر گھاٽ وڪڻي، اُن ملڪ مان نڪري ويا، جيڪو ڪيترن ئي نسلن کان سندن گھر ھوندو ھو. باقي جيڪي اتي رھجي ويا ھئا، تن ظاھري ڏيک ويک کان پاسو ڪيو ٿي. مثال طور

پارسي عورتون جيڪي بابا جي دؤر ۾ جينز پائينديون هيون، سي بنياد پرست مُلن جي ڪاوڙ کان پاڻ بچائڻ لاءِ شلوار قميص پائڻ لڳيون هيون.
ضياءَ جي ايامڪاريءَ ۾ مُلا اسلام جا ٺيڪيدار بڻجي ويا. هنن ضياءَ جي ظالماڻي حڪومت تي اسلام جو ڏَڪُ وڌو، تہ جيئن ان کي سولائيءَ سان مڃيو وڃي. ۽ هن وري اُن عيوض سموري آمدنيءَ مان ادائي سيڪڙي جي زڪوات جو سرشتو ڪڍيو، جيڪا زڪوات هن انهن مُلن ذريعي ماڻهن ۾ ورهائي. ضياءَ جي ان محصول جو وڏو حصو انهن گهُرجاءُ ماڻهن بدران، جن لاءِ اهو ورتو ويندو هو، انهن مُلن جي کيسن ۾ وڃڻ لڳو.
مُلا جيڪي فتوائون جمعي جي خطبي ۾ ڏيندا هئا، تہ ڇا صحيح آهي ۽ ڇا غلط آهي، تن جي گهڻي اهميت وڌي ويئي هئي. هڪڙي ڏاڍي مزيدار فتويٰ ٽيليويزن جي هڪ ڊرامي جي ايڪٽرن بابت 1984ع ۾ ڏني وئي هئي، جيڪي پاڻ ۾ زال مڙس هئا. اُن ڊرامي ۾ مرد ايڪٽر پنهنجيءَ زال کي پنهنجو سمجهڻ کان انڪار ڪندي ٽي ڀيرا چيو هو تہ ”آئون توکي طلاق ڏيان ٿو.“ انهيءَ تي مُلن فتويٰ ڏني، تہ هاڻي اُن عورت کي نہ رڳو طلاق اچي وئي آهي، پر بدڪاريءَ جي ڏوھ ۾ مٿس ’رحم‘ جائز آهي: يعني هن کي پٿر هڻي ماريو وڃي. پوءِ هڪڙي آڌيءَ رات جو ماڻهن جي انبوھ اُن جوڙيءَ جي گهر تي حملو بہ ڪيو هو. پر اسلام جي انهن بنياد پرست نظرين مان ماڻهو اهڙا تہ وِرچي ويا هئا، جو اُن واقعي ڏانهن ڪنهن جو ڌيان ئي ڪونہ ويو.
پنهنجن ظالماڻن طريقن جي جائز ثابتيءَ لاءِ ۽ سماج جي ڪجھ طبقن تي دهشت ويهارڻ لاءِ ضياءَ اسلام کي لاڳيتو ڪَتب آندو هو. 1979ع ۾ ايران ۾ خمينيءَ جي واپس اچڻ کان بہ هفتا پوءِ، ضياءَ جي شرعي عدالتن حدود آرڊيننس ڪڍيو، جنهن هيٺ چوري، بدڪاري ۽ لڄالٽ جهڙن ڏوهن لاءِ شريعت پٽاندر سزائن ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. هاڻي حدود آرڊيننس هيٺ ڪنهن بہ عورت جي لڄالُٽ جي سلسلي ۾ ڪيس چئن مردن کي شاهدن طور سامهون آڻڻ لازمي هو. اهڙِي شاهديءَ ڪانسواءِ، جيڪا ظاهري طور بلڪل ناممڪن هئي، مورڳو اُن عورت کي بدڪاريءَجي الزام هيٺ سزا ملڻي هئي. بنياد پرستن جي ناانصافيءَ جو مثالي مقدمو بيبيءَ صفيا جو هو، جيڪا انڌي نوڪرياڻي هئي، چو تہ ڪنهن بہ مرد اهو الزام نہ مڃيو هو. ۽ صفيا بيبي پنهنجي لڄالٽ جا چار اکين ڏٺا شاهد ڏيئي نہ سگهي هئي، تنهنڪري ٻنهي جوابدارن کي آزاد ڪيو ويو هو. جڏهن تہ نؤجوان عورت تي بدڪاريءَ جو الزام هڻي، ماڻهن اڳيان ڪيس ڪَوڙن هڻڻ ۽ ٽن ورهين جي قيد جي سزا ڏني وئي هئي.
صفيا بيبي اُن سزا کان انهي مهم سبب بچي وئي هئي، جيڪا سخت ناراض عورتن هلائي هئي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ اُن واقعي کي عالمي شهرت ملي وئي هئي. اُن سبب حڪومت ايترو تہ پريشان ٿي هئي، جو صفيا بيبي کي هڪدم آزاد ڪيو ويو. پر هڪ

تيرهن ورهين جي ڇوڪريءَ، جنهن جي سنديس چاچي لڄالُٽ ڪئي ۽ جنهن سبب هوءَ ڳرڀوتي ٿي هئي، ايتري سياڻي نه هئي، جيئن ته هوءَ عدالت ۾ پنهنجي لڄالُٽ ثابت ڪري نه سگهي هئي، تنهنڪري هن کي پڻ ٿي ورهيه قيد ۽ ڏهن ڪوڙن جي سزا ڏني وئي هئي. عدالت هن جي اُن سزا کي اوستائين ملتوي ڪيو هو، جيستائين هن جو ٻار ٻن ورهين جو نه ٿئي.

بابا جو ناهيل 1973ع وارو آئين، خاص ڪري عورتن سان متڀيد کان روڪي ٿو: "... رُڳو جنس پٽاندر ڪوبه امتياز ڪونه ڪيو ويندو." قلم 25 (2) هيٺ لکيل آهي. اسلامي نظام آڻڻ جي سلسلي ۾ ضياءَ جي پاليسين پٽاندر نه رڳو متڀيد جي ورتاءُ کي جائز سمجهيو ويو هو، پر ان ۾ واڌ پڻ ٿي هئي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي مسجد ۾، جتي جماعت اسلاميءَ سان لاڳاپيل شاگردن هٿيار گڏ ڪيا هئا، اتي بنياد پرست شاگردن، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ڌار ڌار ڪئمپس ناهڻ لاءِ مظاهرا ڪيا هئا. "مردن وچ ۾ عورتون محفوظ ڪونهن." شاگردن اعتراض ڪيو. اُن ڳالهه جي ثابتيءَ لاءِ هنن انهن برقعن ڪانسواءِ شاگردياڻين کي ڌمڪيون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ منجهانئن ڪجهه تي تيزاب اُڇلائي، سندن مُنهن ۽ ڪپڙا ساڙيا هئا. تيزاب اڇلائيندڙ شاگردن کي ڪابه سزا نه ملي هئي.

سماج ۾ هر حصي ۾ عورتن کي ڌار رکيو ويو هو. ڪجهه سرڪاري گڏجاڻين ۾ به مهمانن ۽ اوچي طبقي جي عورتن کي به سندن مرد ساٿين کان ڌار ڪري ويهاريو ويندو هو. ٽيليويزن تي خبرون پڙهندڙ عورتن لاءِ ضروري هو، ته اُهي پنهنجو مٿو چُنيءَ سان ڍڪين. انڪار ڪندڙن کي نوڪريءَ مان جواب ڏنو ويو هو. پاڪستاني هاڪي ٽيم جي رانديگرياڻين کي چيو ويو هو، ته اُهي راند جي ميدان ۾ پنهنجيون ٽنگون ڍڪيل رکن، ائين ڪين عالمي مقابلن ۾ حصي وٺڻ کان اثرائتي نموني روڪيو ويو هو. حڪومت عورتن جي رُتبي ۽ اثر کي باقاعدي گهٽائڻ لاءِ جيڪي آرڊيننس ڪڍيا، تن سان مقابلي لاءِ عورتون ميدان ۾ نڪري آيون. فيبروري 1983ع ۾ حڪومت جي شرعي عدالت جڏهن اهو اعلان ڪيو، ته هڪ عورت جي شاهديءَ هڪ مرد جي شاهديءَ جي اڌ برابر هوندي، ته لاهور ۾ مختلف ڌنڌا ڪندڙ عورتن گڏجي مظاهرو ڪيو. پوليس يونيورسٽيءَ جي پروفيسر عورتن، واپاري عورتن ۽ وڪيل عورتن تي لٺيون وسايون ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا گولا اڇلايا. اهي انهن عورتن کي چوٽين کان جهلي ڪين گهِليندا، جيل وٺي ويا هئا. نه رڳو ايترو پر پوءِ بنياد پرست مُلن اعلان ڪيو، ته احتجاج ڪندڙ انهن عورتن جون شاديون ختم ٿي ويون آهن، ڇو ته اهڙيون جهيڙاڪ عورتون اسلام جي دائري مان خارج هيون. عورتون مُلن کان لنوائي پئي سگهيون. پر حڪومت کان لنوائي نه ٿي سگهيون. احتجاجن کان پوءِ به ضياءَ جي پارليامينٽ 1984ع ۾ شاهديءَ جو قانون منظور ڪيو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.

هڪ ٻيو قانون جنهن هيٺ قتل جي مقدمن ۾ عورتن کي شاهديءَ ڏيڻ لاءِ نااهل ڪوٺيو ويو آهي ۽ هڪ ٻيو قانون جنهن پٽاندر هڪ مقتول عورت جي مائٽن لاءِ ڪفاري جي رقم کي گهٽائڻ جي سفارش ڪيل آهي، تجويز هيٺ آهن. اها ڳالهه ڌيان ۾ رکندي ته، هڪ عورت هڪ مرد جي اڌ برابر آهي، مقتول عورت جا مائٽ ڪفاري جي اُن رقم جو اڌ وٺندا، جيڪا هڪ مقتول مرد لاءِ ڏني وڃي ٿي.
مارشل لا لاهڻ جون جيڪي به ڳالهيون پئي ٿيون، تنهن هوندي به ضياءَ جي پاڪستان ۾ سختيءَ ۽ ڦيٽاڙو قائم هو. غريبن کي هيسايو ۽ عورتن کي ڌمڪايو ويو هو. پنهنجا اختلاف پرامن طريقي سان سُلجهائڻ بدران سڄي پاڪستان ۾ مخالف گروهن هڪ ٻئي جي ماڻهن کي اغوا ۽ قتل پئي ڪيو: خاص ڪري سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جهڙن اقليتي صوبن ۾ اهو ڌاڙ ۽ ڌمر گهڻو پڌرو هو، جتي ضياءَ جي مرضيءَ تي 'ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو' سبب نسلي فساد پکڙجي ويا ۽ علحدگيءَ جون ڳالهيون وڌيڪ ٿيڻ لڳيون هيون.
اوائل کان ضياءَ نه رڳو سياسي جماعتن تي بندش وڌي هئي، پر ساڳي وقت هن علحدگي پسند اڳواڻن جي به پُٺڀرائي ڪئي هئي. انهن اڳواڻن جي بيانن کي سمورين اخبارن ۾ ڇاپيو ويندو هو ۽ ايئن ضياءَ ڪين اقليتي صوبن ۽ پنجاب وچ ۾ بدگمانيءَ اُپارڻ لاءِ ڪَتب آندو هو، ته جيئن اُهو فرضي ويچار جُڙيل هجي، ته ملڪ کي متحد رکڻ لاءِ فوجي حڪومت گهُربل آهي، ۽ جمهوري حڪومت جيڪي غير جماعتي چونڊون ڪرايون هيون، تنهن سبب ته ملڪ وڌيڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿيو هو. سياسي جماعتن تي بندش وجهڻ سان، حڪومت اميدوارن کي مجبور ڪيو، ته نسلي ۽ علائقائي سوچ کان مٿانهن سياسي مقصدن بابت مهم هلائڻ بدران انفرادي سڃاڻپ بابت مهم هلائي وڃي: ”ووٽ مونکي ڏيو، ڇو ته آئون اوهان جيان شيعو آهيان.“ انهن چونڊن ۾ اميدوارن پنهنجي ووٽ ڏيندڙن کي چيو. ”ووٽ مونکي ڏيو، ڇو ته آئون پنجابي آهيان.“
اُن جي قيمت ملڪ چُڪائي پئي. 1985ع ۾ پناهگيرن ۽ هندستان مان لڏي آيل مهاجرن وچ ۾ ڪراچيءَ ۾ ڀهريون پيرو فساد ٿيو، جنهن ۾ پنجاهه کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا ۽ هڪ سؤ کان وڌيڪ ڦٽجي پيا هئا. انهن فسادن شروع ٿيڻ جو سبب اهو هو، ته هڪ پناهگير بس ڊرائيور هڪ مهاجر ڇوڪريءَ کي چيپاٽي ماريو هو. هڪدم سڄي شهر ۾ ناراض ماڻهن ڪيترين ڪارن، اسڪوٽرن ۽ بسن کي ساڙي ڇڏيو. اهو فساد ايترو ته تيزيءَ سان پکڙيو هو، جو ڪيترن ئي پاڙن ۾ حڪومت کي لاچار ٿي ڪرفيو هڻڻو پيو هو، جيڪو هڪ مهيني تائين لڳل هو. ايئن مامري جا اهڃاڻ ته ختم ٿي ويا، پر اُن سبب جو ڪوبه علاج ڪونه ٿيو هو. ايندڙ ٽن ورهين ۾ انهن نسلي فسادن ۾ زخمين ۽ مارجي ويندڙن جو تعداد ويتر وڌي ويو هو ۽ گهڻو مالي نقصان ٿيو هو. نسلي بنيادن

تي ناهيل نيون سياسي جماعتون وڏيڪ مقبول ٿيون ۽ فرقيوارانا ڇڪتاڻ ويتر وڌي وئي. پاڪستان جو اتحاد ۽ ايڪو ٽٽڻ تي هو.

”آئون واپس گهر وڃڻ چاهيان ٿي.“ جنوري 1986ع ۾ آئون جڏهن فرانس مان موٽي آيس، ته باربيڪن واري فليٽ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي مون ٻڌايو. اميد وچان اُهي مون ڏانهن نهارڻ لڳا، ڇو ته کين ڪا ڄاڻ ئي نه هئي ته، منهنجي ذهن ۾ ڇا هو. ”آئون شايد لاهور يا پشاور ۾ وڃي لهنديس.“ مون چيو. هنن جا مُنهن ٻَهڪڻ لڳا. ’گهر‘ جو مطلب 70 ڪلفٽن ڪونه هو. ’گهر‘ جو مطلب هو سمورو پاڪستان. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ويڙهه ضياءَ سان شروع ٿيڻ واري هئي.
”اسين به توسان هلنداسين.“ ناهيد ۽ صفدر عباسيءَ چيو. ”آئون به واپس ويندس.“ بشير رياض به تيار ٿيو. ”اوهان تڪڙا فيصلا نه ڪريو.“ مون کين خبردار ڪيو، ڇو ته مونکي ڄاڻ هئي ته پاڪستان ۾ بشير ۽ ناهيد تي عدالتن ۾ مقدما هلندڙ آهن. پر اسان جي انهن ثورن رضاڪارن پڪو پختو فيصلو ڪيو. اسين سڀئي گڏجي ويندا سين.
اسان جي واپسيءَ جو وقت بلڪل صحيح هو. ضياءَ ملڪ تان مارشل لا لاهڻ جون جيڪي ٻٽاڪون پئي هنيون. تنهن سبب اسين هن کي پنهنجي مرضيءَ پٽاندر قدم کڻڻ لاءِ مجبور ڪري سگهنداسين ۽ آزاديءَ جي سندس دعويٰ کي آزمائينداسون. جيڪڏهن منهنجي واپسيءَ تي ضياءَ مونکي جهَليندو، ته پوءِ هن جي جمهوريت جو سانگ پڌرو ٿي پوندو. جيڪڏهن گرفتار نٿو ڪري، ته آئون نَون ورهين ۾ پهريون ڀيرو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو نياپو، آزاديءَ سان پاڪستاني عوام تائين پهچائي سگهنديس. نفسياتي طرح به اهو سياڳو ٿي لڳو. تازو ٻن آمرن جو تختو اونڌو ٿيو هو: فلپئين جي فرڊيننڊ مارڪوس جو ۽ هيٽيءَ جي پاپا ڊاڪ ڊويليئر جو. هاڻي ٽئين آمر جو پڇاڙڪو وقت اچي پهتو هو.
اهو وڏو فيصلو هو. پر ڇا اهو صحيح هو؟ ڪيترائي ورهيه نظربنديءَ ۽ جلاوطنيءَ ۾ رهڻ کان پوءِ مون ۾ پاڪستان جي سياسي مزاج کي سمجهڻ جي اهليت نه هئي. تنهنڪري مون لنڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي. ”آئون سمجهان ٿي ته واپس وڃڻ جو وقت اچي ويو آهي“ مون کين ٻڌايو. ”پر اهو اوهان تي آهي. ڀانئجي ٿو ته مون سان ڪا چڱائي ٿيڻ واري آهي يا وري آئون گرفتار ٿي وينديس. ان حالت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ڇا ڪري سگهندي؟ ڇا مڪمل جمهوريت لاءِ ضياءَ تي زور وجهڻ ۽ احتجاج لاءِ هيءُ صحيح وقت آهي؟ اوهان سڀئي فيصلو ڪري ٻڌايو.“
”توکي هينئر اؤس وڃڻ گهرجي. اسين سڀئي توسان گڏ آهيون.“ سيني اڳواڻن يڪراءِ ٿي چيو. ”جيڪڏهن ضياءَ تنهنجي خلاف ڪو قدم کڻي ٿو ته اهو اسان سيني خلاف

هوندو.“ پوءِ باربيڪن ۾ ڪاڏي واري ننڍڙي ڪمري جي ميز چوڌاري اسان مان ڪجھ چٽن جڏهن سنڌ، سرحد ۽ پنجاب ۾ منهنجي دؤري جا تفصيل ٺاهيا، ته مونکي ڏاڍي سُرهائي ٿي هئي. سدائين جيان اسان جي حڪمت عملي ڏاڍائيءَ واري نه، پر سياسي هئي: ملڪي سرشتي هيٺ رهي ڪم ڪرڻ ۽ اُن کي پاڙؤن پٽي ڇڏڻ ۽ پنهنجي گرفتاريءَ جو حڪومت کي ڪوبه وجھ نه ڏيڻ. اسان کي اميد هئي، ته اسين سڄي پاڪستان ۾ زبردست جلسا ڪري، حڪومت کي هڪدم چونڊن ڪرائڻ جي تاريخ جي اعلان تي مجبور ڪنداسين، جيڪي 1986ع جي سرءُ جي مُند ۾ ممڪن هيون.
آئون پنهنجي گشت ۾ ٻين شهرن کي به شامل ڪندي رهيس. هڪڙي وقت تي وڏن شهرن ۾ جلسا جلوس ڪيڻ بدران منهنجي مرضي هئي، ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ڪيترن ئي ڏينهن ۾ ڌار ڌار شهرن ۾ هڪ ٻئي پٺيان جلسا جلوس ڪيا. اهڙيءَ ريت عوام جو ڀروسو وڌندو ويندو ۽ ضياءَ ملڪ ۾ ڦاسي ڏيڻ ۽ ڪَوڙڻ هٽڻ جي جيڪا پاليسي سندن ذهنن ۾ ويهاري هئي، تنهن جو ڊَپ گھٽجندو ويندو.
”اوهين اُهو سڀ ڪجھ ڪري سگھنديون؟“ اڳواڻن مون کان پڇيو. ”آئون ڪري سگھنديس.“ مون رات جي مانيءَ تي، جنهن ۾ مون دال ۽ ڪُڪڙ رَڌيو هو. کين ٻڌايو. اسان اُن ڳالھ تي سُهمت ٿياسين، ته اسان جي پاڪستان ۾ داخلا لاهور مان ٿيندي. لاهور، پنجاب صوبي جي گاديءَ جو هنڌ ۽ فوجين جو صوبو هو. اهو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پُنيرائي جو ڳڙھ پڻ هو.
اُن سفر جو باقي خاڪو جوڙڻ کان پوءِ، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ٻيا اڳواڻ تياريون لاءِ پاڪستان روانا ٿي ويا، جڏهن ته منهنجي واپسيءَ جي تاريخ کي ڳجھو رکيو ويو. اسان تنهن وقت اهو سبق سِکيو هو، ته ضياءَ کي ڪوبه وجھ نه ڏنو وڃي. ان ڳالھ کي ڳجھو رکڻ سبب اسان جي ڏاڍي مشهوري ٿي هئي، جنهن جي اسان کي به اميد نه هئي. سڄي پاڪستان ۾ ماڻهن ڏُڪا هڻڻ شروع ڪيا. ”هوءَ 23 مارچ تي پاڪستان جي ڏينهن تي پئي اچي.“ هڪڙو اُهو افواھ هليو، ”نه، هوءَ پنهنجي والد جي وفات جي ورسيءَ تي 4 اپريل تي اچي پئي.“ ٻين وري اُن ڳالھ تي زور ڏنو. اخبارن ۾ به اهڙيون ئي ڳالهيون ڇپيون هيون.
منهنجي زندگيءَ جي جوکي جا امڪان پڻ وڌي ويا هئا. پاڪستان مان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ همدرد سنڌ جي هڪ فوجي عملدار جو نياپو مون ڏانهن موڪليو. ”هن کي ٻڌايو ته هوءَ هتي نه اچي.“ نياپي ۾ چيل هو. ”هنن ڪيس مارڻ جي سازش جوڙي آهي.“ ٻيا اهڙا ئي نياپا پنجاب، سرحد، سڄي ملڪ مان مون تائين پهچڻ لڳا. ”اوهان کي پتو ئي ڪانهي، ته سياست ۾ عورت ڪيڏي غير محفوظ هجي ٿي. واپس نه اچ.“ مون وٽ مختلف وقتن تي فون اچڻ لڳا: فجر مهل ۽ اڌيءَ رات کان پوءِ به. مون جڏهن رسيور ٿي کنيو، ته ڪنهن جو به آواز ٻُڌڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. هڪ همدرد فون تي ٻڌايو، ته هڪ

پاڪستاني ميجر ڪيو، جنهن وٽ منهنجو فوٽو هو، هيٿرو هوائي اڏي تي جهلي واپس موڪليو ويو هو.
مونکي سُڌ نہ هئي، تہ اهي سچا جوکا هئا يا حڪومت مونکي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تہ جيئن آئون واپس نہ موٽان. پر هڪڙو اُهڃاڻ سمجهہ ۾ آيو هو. بابا جي پراڻي ۽ پروسي واري اڳوڻي خاص نوڪر نور محمد کي جنوريءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ ڏاڍي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو هو. هن جي قتل کان اڳ سندس ڀائيٽي شهناز، جيڪا وٽس رهندي هئي، تنهن جو هڪ خط مونکي مليو، جنهن ۾ هُن لکيو هو تہ، نور محمد اوهان سان ڪا ضروري ڳالهہ ڪرڻ گهري ٿو ۽ اوهان هن کي فون ڪريو. هن شهناز کي ٻڌايو هو تہ، حڪومت سندس ڀنيان هئي، ڇو تہ کيس ”ڪجهہ ڳالهين جي ڄاڻ هئي.“ مون هڪدم لنڊن مان فون ڪيو، پر اوستائين گهڻي دير ٿي چُڪي هئي. نہ رڳو نور محمد پر يارهن ورهين جي ڇوڪريءَ شهناز کي پڻ بيدرديءَ سان خنجر هڻي قتل ڪيو ويو هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ مونکي نور محمد جو خط مليو، جيڪو هن مرڻ کان اڳ ٽپال ۾ موڪليو هو، جنهن ۾ مونکي چيل هو، تہ آئون هڪدم ساڻس ڳالهايان. اُها ڪهڙيءَ ڳالهہ هئي جنهن جي ٻُڌائڻ جو نور محمد کي وجهہ ئي نہ مليو هو؟
آئون واشنگٽن رواني ٿيس، تہ جيئن جمهوريت بابت حڪومت جي ارادن ۽ اسان جي ايندڙ آزمائشن ڏانهن ڌيان ڇڪائي سگهان. پاڪستان جو عوام نَون ورهين کان چوندن ۽ جمهوري حڪومت جُڙڻ جي اوسيئڙي ۾ هو. ڀلا ڪنهن کي پتو هو، تہ منهنجي اتي وڃڻ سبب اهي ڇا ڀانئيندا ۽ حڪومت طرفان ڪهڙو ردعمل ٿيندو؟ ضياءَ جي وزيراعظم محمد خان جوڻيجي تہ خاطري ڏني هئي، تہ مونکي جهَليو نہ ويندو. پر ڪنهن کي پتو نہ هو، تہ ضياءَ ڇا ڪندو؟
واشنگٽن ۾ مون سينيٽر پيل ۽ سينيٽر ڪينيڊيءَ سان ملاقات ڪئي ۽ ڪانگريس مئن اسٽيفن سولارز سان مليس، جيڪو ذهين ۽ محنتي نمائندو هو، جنهن فلپائين ۾ تازين چوندن جي نظرداريءَ ڪئي هئي، جنهن سبب جمهوري نموني ۾ ڪوريزون اڪينو چوندجي وئي هئي. انهن سيني پاڪستان ۾ آزاد چوندن ڪرائڻ ۽ انساني حقن جي ٻيهر بحاليءَ تي زور ڏنو هو. ۽ هنن مون سان واعدو ڪيو هو، تہ منهنجي واپس وڃڻ سبب اهي صورتحال جو ڌيان سان اڀياس ڪندا رهندا. هڪ سياسي صلاحڪار مارڪ سيگل، جنهن سان 1984ع ۾ واشنگٽن وڃڻ وقت منهنجي ملاقات ٿي هئي، تنهن پڻ ڏاڍي مدد ڪئي. هن چونڊيل وڏن عملدارن ۽ ٻين اثرائتن ماڻهن کي راضي ڪيو، تہ اهي پاڪستاني عملدارن کي خط لکي خبردار ڪن، تہ جيڪڏهن مون سان سٺو ورتاءُ نہ ٿيو، تہ اُن جا اگرا نتيجا نڪري سگهندا. مارڪ هڪ ٻيو ڪم اهو ڪيو، جو گڻ ڳوت ڪندي مونکي گوليءَ کان بچائيندڙ صدري بہ خريد ڪري ڏني.

آمريڪي صحافين کي وري اھو شوق جاڳيو، تہ منھنجي ضياءَ سان اھڙي ويڙھ ٿيندي جھڙي فلپائين ۾ ڪوريزون اڪينو جي فرڊيننڊ مارڪوس سان ٿي ھئي. مسز اڪينو ۽ منھنجي وچ ۾ نھڪاءُ بابت سندن اھي ويچار ٿورڙا رومانوي ھئا. اھو بلڪل صحيح ھو تہ اسين ٻئي عورتون مشھور زميندار گھراڻن مان ھيونسين، جن جي تعليم آمريڪا ۾ ٿي ھئي. اسان ٻنھي جي خاندانن جا ويجھا مائٽ آمرن جو ڪاڄ ٿي ويا ھئا. مسز اڪينو جو مُڙس ۽ منھنجو والد ۽ ڀاءُ. مسز اڪينو 'عوامي طاقت' ذريعي مارڪوس سان جھيڙو ڪيو ھو، ۽ پُر امن انقلاب آندو ھو ۽ مون پڻ پاڪستان ۾ اھڙي اميد ڪئي پئي. اسان جي وچ ۾ اھي ئي ھڪجھڙايون ھيون.

فلپائين ۾ مارڪوس جي حڪومت جي خاتمي ۾ مسز اڪينو جي مدد فوج ۽ چرچ ٻنھي ڪئي ھئي. پاڪستان ۾ مونکي انھن مان ڪنھن جي امداد نہ ھئي. جنرل منھنجا مخالف ھئا، ڇو تہ آئون ان بدنام سرشتي لاءِ خطرو ھيس، جنھن ھيٺ اھي گھٽ قيمت ۾ زمينون خريد ڪندا ھئا، مفت ڪارون وٺندا ھئا ۽ ڪسٽمز جا محصول ڏيڻ ڪان ٽٽائيندا ھئا. ڪجھ مذھبي اڳواڻ جيتوڻيڪ منھنجي پاسي ھئا، پر بنياد پرست مُلن ضياءَ آمريت جي پُٺڀرائي ڪئي ھئي.

سڀ کان وڏيڪ مُک ڳالھ اھا ھئي، تہ آمريڪين، فلپائينس جي مارڪوس کي اڳواٽ ڇتاءُ ڏنو ھو ۽ سندس خاندان ۽ ساٿين کي ملڪ مان نڪرڻ لاءِ ھن ڏانھن ھوائي جھاز اماڻيو ھو. پر ريگن انتظاميا تہ پوريءَ ريت ضياءَ سان گڏ ھئي. آمريڪي ڪانگريس اڳيان پاڪستان کي ملندڙ ڇھن ورھين لاءِ 4.2 بلين ڊالرن جي فوجي ۽ اقتصادي امداد جو ناھ اڃ نبريل پيو ھو، جنھن جي ريگن وٽان زبردست پُٺڀرائي ٿي ھئي. مونکي آمريڪا وٽان مدد جي ٿوري اميد ھئي. البت آمريڪي حڪومت جي ڪجھ ميمبرن ۽ اتي جي اخبارن منھنجي پُٺڀرائي ۽ اخلاقي مدد ڪئي ھئي.

"اسين توسان گڏ ھلنداسين." انيڪ صحافين مونکي چيو. "پرڏيھي اخبارن جا صحافي نمائندا بھترين بچاءُ آھن." مون سندن ٿورا مڃيندي چيو. ۽ ڪوشش ڪندي اھا ڳالھ سارڻ کان ٽٽايو، تہ مخالف اڳواڻ بينينو اڪينو جڏھن فلپائين واپس موٽيو ھو، تہ ساڻس گڏ بہ صحافي ھئا. پر ھن فلپائين جي ڌرتيءَ تي اڃا پير ئي نہ رکيو ھو، تہ ھوائي اڏي تي ڪيس گولي ھڻي ماريو ويو ھو. باربيڪن جي فليٽ ۾ ڪنھن ڪاغذ جو پرزو دروازي مان اندر ڪِسڪايو ھو، جنھن تي لکيل ھو: "اڪينو کي ياد ڪر."

مون کي ڪابہ ڄاڻ نہ ھئي، تہ آئون جڏھن پاڪستان موٽي ويندس، تہ آئو جيئرو بہ رھنديس يا مري وينديس. اُن بابت مون وڏيڪ سوچڻ اھم ڪونہ سمجھيو ھو. الله منھنجي مُقدر ۾ جيڪي لکيو آھي سو ئي ٿيندو. پوءِ ڪٿي آئون ڇا بہ ڪريان يا ڪٿي بہ وڃان. پر پوءِ بہ منھنجي مرضي ھئي، تہ آئون بابا پاران اھو عمرو ڪريان، جنھن جو

مون ساڻس وچن ڪيو هو. پوءِ ائو جيئن واشنگٽن مان موٽيس، ته هڪدم ڪجهه ساٿين سان گڏ مڪي رواني ٿي ويس.
منهنجو 1978ع کان ئي ارادو هو، ته آئون بابا پاران عمرو ڪريان. پر ضياءَ جي نالي ماتر اسلامي حڪومت ٻه ڀيرا مونکي مڪي ڏانهن وڃڻ جي اجازت نه ڏني هئي. هاڻي مونکي ڪابه جاڻ نه هئي، ته مون سان آئيندي ڇا ٿيندو، پر اهو منهنجو پڇاڙڪو وجهه هو.
مڪي ۾ اسان سڀني حاجين جو اٽسبيل اَڇو لباس پاتو ۽ مذهبي رسمون نڀايون. "ياالله، تون امن آهين ۽ تو وٽان ئي سمورو امن ملي ٿو. اي اسان جا خالق، اسان کي امن ڏي." اسان سڀني ڪعبة الله جي اڇي سنگمرمر جي ڪُشادي فرش واري امن دروازي وٽ عربيءَ ۾ دعائون گهريون. اسان ڪعبي جو ست ڀيرا طواف ڪيو. اها اڏاوت پنجاهه فوٽ اوچي ۽ ڊيگهه ۾ پنجٽيهه فوٽ آهي، جيڪا حضرت ابراهيم ع، الله جي عبادت لاءِ جوڙي هئي. "الله اڪبر" ڪعبي جي ڏکڻ اوڀر ڪُنڊ وٽ لڳل سنگ اسود پرسان هر ڀيري لنگهڻ وقت اسان سڀني گڏجي چيو. ستين صدي عيسويءَ ۾ اسلام جي پيغمبر محمد ﷺ جن اُن پٿر کي چُمي ڪعبي ۾ اُن هنڌ رکيو هو.
عمري جون رسمون نڀائيندي مون ڀانئيو، ڄڻ مون تان بار لهي ويو هجي. هر ڦيري تي بيهڻ وقت مون دعائون پئي گهريون حڪومت طرفان ماريل پنهنجي والد، ڀاءُ شاهنواز ۽ ٻين شهيدن ۽ انهن سڀني مردن ۽ عورتن لاءِ، جيڪي اڃا تائين قيدخانن ۾ هيون. ان مذهبي تجربي سبب مون روحاني اوچائي ڀانئي ۽ اتي هڪ ڏينهن ٻيو ترسي مون پنهنجي لاءِ عمرو ڪيو. آئون اها روحاني پاڪيزگيءَ ماڻڻ کان پوءِ، سياست جي دنيا ڏانهن واپس ٿيس ۽ سوويت يونين ڏانهن ويس، جتي عورتن جي هڪ انجمن مونکي دعوت ڏئي گهرايو هو. مونکي اميد هئي، ته روس ۾ وڃڻ سبب پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي انهن نقادن تي سُٺو اثر پوندو، جيڪي مون تي وڌيڪ آمريڪا پسند هجڻ جو الزام هڻندا هئا. پاڪستان ڏانهن واپسيءَ وقت مونکي اهڙي مضبوط پنيرائيءَ جي گهُرج هئي.
25 مارچ تي اسان اطلاع موڪليو: آئون پاڪستان ۾ 10 اپريل تي ايندس. عالمي اخبارن جا صحافي اڳواٽ ئي لنڊن پهچي ويا. جيتوڻيڪ اسان جو ويچار هو، ته اسان جو مقصد سياسي طرح صحيح ۽ باانصاف هو، پر صحافين انکي نؤجوان عورت ۽ فوجي آمر وچ ۾ ڊرامائي ۽ سخت مقابلو سمجهيو. آمريڪا ۾ 'سي بي ايس' وارن منهنجي "سٺ منٽن" جي فلم ٺاهي. 'وينٽي فيئر' مخزن مون تي مضمون لکائڻ لاءِ لارڊ سنوڊن تي ذمو رکيو. لنڊن ۾ نيرن مهل منهنجو پروگرام ٽيليويزن تي ڏيکاريو ويو، جيڪو سيٽلائيٽ وسيلي آمريڪا ۾ ڏنو ويو. بي بي سيءَ وارن پنهنجي عالمي سروس لاءِ منهنجو انگريزيءَ ۾ انٽرويو رڪارڊ ڪيو ۽ اردو پروگرام لاءِ اردوءَ ۾ ماسي بهجت

جي فليٽ ۾ ايسوسي ايٽيڊ پريس، يو پي آئي، چئنل فور ۽ انگريزي اخبارن منهنجا انٽرويو ورتا. اُن ساڳيءَ عمارت ۾ پيٽولا ڪلارڪ بہ رهندو هو ۽ ڀهريون پيرو ماسي ٻهجت ڪي ڄاڻ پئي هئي، تہ پيٽولا جي فليٽ ڪان بہ وڏيڪ هڪ ٻئي فليٽ ڪي اهميت مليل هئي.

عالمي اخبارن ۾ اها ڳالهہ اڳڪتي گهٽي ڪيل هئي، تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ضياءَ سان مقابلو سوپارو ٿيندو، پر منهنجي گمان ۾ بہ ڪونہ هو، تہ پاڪستان ۾ ڇا هوندو. شايد ڪيترن ورهين جي ڏاڍ ڏمر سبب عوام مان مقابلي جي سگهہ نڪري وئي هجي. "بينام قيدي، بي نمبر ڪولي" ۾ جيڪب ٽمرمئن لکيو آهي تہ مظلوم عوام ڪي ٽن ڏاڪن مان لنگهڻو پوي ٿو: ڪاوڙ، ڊپ، بيوسي. ڇا پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سَڏ جو جواب ڏندا هٽي ماٺ ڪرايل عوام ڏيندو؟ پاڪستانين جو سڄو نسل مارشل لا جي ڇانوَ ۾ پلجي وڏو ٿيو هو: جولاءِ 1977ع ۾ ڏهن ورهين جي ڄمار جو ٻار وڏي اوٺيهن ورهين جو نؤجوان ٿيو هو، پر ڪيس پنهنجن بنيادي حقن جي بہ ڄاڻ نہ هئي. ڇا اهي اهڙا حق وٺڻ چاهيندا، جيڪي ڪين ڪڏهن مليل ئي نہ هئا؟

واپسيءَ جو ارادو ڏيکارڻ سان ئي اسين سيني جي اکين ۾ اچي وياسين. سڄيءَ دنيا جون نگاهون اسان ڏانهن هيون. "تنهنجي ويچار ۾ اسان سان لاهور ۾ ڪيترا ماڻهو ملندا؟" مون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنجاب جي صدر جهانگير بدر ڪان پڇيو، جيڪو اسان ڪان ڀهرين واپس پئي ويو.

"پنج لک." هن چيو.

"اهو وڏو تعداد آهي." مون جهانگير ڪي خبردار ڪيو.

"پر اتي گهٽ ۾ گهٽ پنج لک ماڻهو هوندا." هن احتجاج ڪندي ٻڌايو. "اوهان اجا لنڊن ۾ ئي آهيو، تہ عوام اڳ ۾ ئي لاهور ۾ ڊوڪي پيو آهي."

"پر اسان ڪي يقين ڪونهي." مون هن ڪي چيو. "جيڪڏهن اخبار وارا توڪان پڇن، تہ ڪين چئجانءِ تہ ڏهن لکن ماڻهن جي اميد آهي ۽ نہ پنج لک. ايئن جيڪڏهن اُن ميڙ جو تعداد ساڍا چار لک ٿيو، تہ ڪوبہ ائين نہ چوندو، تہ اهو تعداد اميدن ڪان گهٽ هو."

يورپ ڪان لاهور تائين ڪابہ هوائي اڏام موجود نہ هئي، تنهنڪري 9 اپريل تي آئون، بشير رياض، ناهيد، صفدر، منهنجي اسڪولي ساهيڙي حميرا ۽ ٻيا ڪيئي لنڊن ڪان سعودي عرب جي هوائي جهاز ۾ دهران پهتاسين. جتان لاهور لاءِ پي آءِ اي جي جهاز ۾ چڙهياسين. پي آءِ اي جي عملي اسان سان گهڻو سهڪار ڪيو ۽ پارٽيءَ جي ماڻهن ڪي، جيڪي جهاز ۾ اسان سان گڏ هئا، هوائي جهاز ڪي ٽون ورهين تائين بندش پيل پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي جهنڊن، بينرن ۽ نشانن سان سينگارڻ جي اجازت ڏني. آئون

سوچي به نٿي سگهيس، ته ٻين مسافرن ڇا پائيو هوندو. جهاز ۾ پيپلز پارٽيءَ جا اٽڪل ٽيهه ميمبر ۽ صحافي هئا ۽ لڳو ٿي ڄڻ اهو خاص اسان لاءِ چارٽرڊ ڪيو ويو هجي.
اسان سڀني تي جشن جي سُرهائي ڇانيل هئي، جيتوڻيڪ منجهس جوکي جو اُلڪو پڻ سمايل هو. ڌهران ۾ جهاز جي ترسڻ وقت سعودي اختياريءَ وارا مونکي هڪ خاص ريسٽورينٽ هائوس ۾ وٺي ويا ۽ ٻين کي اوسيئڙي واري ڪمري ۾ ترسايو ويو. بعد ۾ مونکي ڄاڻ پئي هئي، ته ساڳئي وقت پاڪستان جو سفير پڻ ڌهران پهتو هو، جنهن سبب سعودين کي اسان جي سلامتيءَ جي ڳڻتي ٿي پئي هئي. پاڪستان مان پڻ خطرو وڌڻ لڳو هو. اسان مان ناهيد، بشير ۽ هڪ ٻئي ماڻهوءَ کي ڌهران ۾ اطلاع مليو، ته حڪومت طرفان ڪين هڪدم جهلڻ جا حُڪم نڪتل آهن. منهنجي واپس نه اچڻ جون به ڪيتريون التجائون هيون.
مون پنهنجي ذهن مان اُهو دٻ ڊِڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ فجر مهل لاهور ڏانهن اڏامندي مون پنهنجي تقرير تي ڌيان ڏنو. اها به ڄاڻ هئي ته حڪومت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حامين سان ڀريل بسن کي بلوچستان، سرحد ۽ سنڌ صوبن جي سرحدن تان لنگهڻ کان روڪيو پئي، اسان مان ڪنهن کي به ڪا ڄاڻ نه هئي، ته پاڪستان ۾ پهچڻ تي اسان سان الاءِ ڇا ٿيندو.

**لاهور، 9 اپريل. امينا پراچا:**
بينظير جي پهچڻ کان اڳ واريءَ رات لاهور ۾ زبردست جشن جهڙو ڏيک هو. بيگم نيازي، منهنجو مُڙس سليم ۽ آئون سندس آڏرياءُ لاءِ اسلام آباد مان لاهور آيا هئاسين.
اسان مان ڪنهن به اڳ اهڙو نماءُ ڪونه ڏٺو هو. سڄي شهر ۾ هر هنڌ ڪئمپون لڳل هيون، جتي ڪاڏي پيتي جو انتظام هو. هوائي اڏي تائين رستي جي ڪنارن تي ڪاڏي جي شين جا اسٽال لڳل هئا. سڄو شهر عوام وٽ سونپيل هو. شاگرد سوزوڪي گاڏين ۾ چڙهيو گهٽين ۾ پئي گهميا ۽ هنن ڀٽي جا گيچ پئي ڳايا، جن مان هڪ گيچ پنجابي ٻوليءَ ۾ هو: ”اج تي هو ڳئي ڀٽو، ڀٽو.“ ماڻهو موٽر ڪارن، بسن، ڏڳي گاڏين ۽ ٽرڪن ۾ پيادل ايندا رهيا. مون بسن جو هڪ سڄو قافلو ماڻهن سان سَٿيل ڏٺو، جن تي لکيل هو ”هي بس بدين مان آئي آهي، هي بس سانگهڙ مان آئي آهي.“ نيٺ ڪيترن ئي ورهين جي ظلم، دٻ ۽ سختيءَ کان پوءِ جوش ۽ ولولو ڏسڻ ۾ آيو آهو.
سڄيءَ رات ڪوبه ماڻهو ڪونه سُتو هو. اسين سڄي شهر ۾ پئي گهمياسين، هر ڪنهن سان گڏ هوائي اڏي ڏانهن پئي وياسين ۽ آياسين. هڪ ڪُراڙو شخص اسان سان گڏ پنڌ ڪندو رهيو. هُن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. اسان سان گڏ هڪ ڪراڙي عورت به شامل ٿي، جنهن ڪيڏيءَ مهل ته سخت رڙيون ٿي ڪيون، ته ڪڏهن ٺهڪ ٿي ڏنا. ان وقت ڪنهن هڪ به ڀُٽي صاحب لاءِ پنهنجو ڏک نه ڏيکاريو. اهو ڏُک جو وقت ڪونه هو. هاڻي

بينظير جي واپسيءَ تي عوام کي پنهنجي ڏک توڙي پنهنجي سُرهائيءَ کي ڏيکارڻ جو وجهه مليو هو. لاهور جي اها رات منهنجي زندگيءَ جو سُندر تجربو هو.

**ڊاڪٽر اشرف عباسي:**

اهو عيد جهڙو ڏيک هو. ماڻهن ۾ پلاءُ ۽ ميوا ورهايا پئي ويا. هر هنڌ ماڻهن پئي ڳايو ۽ ناچ پئي ڪيو ۽ فضا ۾ دهلن ۽ تاڙين جا ٺهڪا هئا. ڀٽو صاحب، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ بينظير بابت گيتن جو ڪيسٽون وڏي آواز ۾ پئي وڳيون. انهن گيتن جا لفظ ايڏا ته موهيندڙ هئا، جو هر ڪنهن اُهي ٻُڌي پئي جهونگاريا. اوچتو گهرن جي بالڪنين مان ۽ بجليءَ جي ٿنين تان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا جهنڊا جهولڻ لڳا. ماڻهن سائو، ڳاڙهو ۽ ڪارو ڪپڙو هٿ ڪري، منجهانئن بينظير جي آڌر ڀاءُ لاءِ ڳجهه ڳوهه ۾ جهنڊا ٺاهيا هئا. اسان جي پُنيرائيءَ مان، جماعت اسلامي جي بنياد پرست مخالفن پڻ، فائدو ورتي ڏوڪڙن ڪمائڻ لاءِ جهنڊا ۽ بينظير جون تصويرون پئي وڪيون.

**بيگم نيازي:**

منهنجي گهڻي آسُ هئي، ته منهنجو مُڙس ۽ منهنجي ڌيءَ لاهور کي ڏسي سگهن ها، پر اسلام آباد ۾ حڪومت وٽ هنن خلاف سخت الزام هئا، جنهنڪري اهي لنڊن مان واپس ڪونه اچي سگهيا. حقيقت ۾ اهو جشن عوام جي پيڙائن جي بيگناهيءَ جو ثبوت هو. مونکي تنهن وقت اها عورت ياد پئي آئي، جنهن سختين واري هيبتناڪ دؤر ۾ مونکي ٻڌايو هو ته 'پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ختم ٿي ويئي آهي ۽ ماڻهو وري ڪڏهن به ڀٽي صاحب جو نالو وات تي ڪونه آڻيندا.' 'نه،' مون ڪيس وراڻيو هو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ڪڏهن به ختم نه ٿيندي، ڇو ته عوام ئي پارٽي آهن. اهو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن تون پاڻ ڀٽي صاحب جو نالو هر هنڌ ڏسندينءَ. هاڻي اهو ڏينهن اچي ويو هو ۽ هر ڪنهن جا جذبا پَڙڪو ڏئي ٻاهر نڪتا هئا.

**سميعا:**

بينظير جي پهچڻ مهل اختياريءَ وارن هوائي اڏي چوڌاري وڏيون لوهي سِيخون ۽ ڪَنڊن واريون تارون پئي وڇايون. هوائي اڏي ۾ وڃڻ ۽ اتان ٻاهر نڪرندڙ دروازن کي به بيهر ٺاهيو ويو هو. اسين صبح جو ڇئين بجين ملاقات واري هنڌ تي گڏ ٿياسين. انتظاميا هوائي اڏي ۾ رُڳو ٻن سؤ ماڻهن کي وڃڻ جي اجازت ڏني هئي ۽ ڪين پاسُون ڏنيون ويون هيون. اسان کي هوائي اڏي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڀنئين پاسي موڪليو ويو. منهنجي نڙيءَ مان ته آواز به ڪونه ٿي نڪتو. اسين سڀيئي ايترا ته سُرها هئاسين، جو اسان کي پنهنجي به سُمڪ نه رهي هئي.

**ڊاڪٽر عباسي:**
پر اسان جي سُرهائي ڏُک گاڏڙ هئي. اسان کي بينظير جي سلامتيءَ جو ايڏو تہ اُلڪو هو، جو اسين سيئي ڪيس گهيرو ڪري وياسين ۽ ڊال بڻجي وياسين. اتي گهڻا، ڳڻپ کان مٿي ماڻهو اچي مِڙيا هئا. لاهور ۾ ماڻهو ئي ماڻهو هئا. ڪنهن کي ڄاڻ نہ هئي، تہ منجهن ڪير ڪير هئا؟

صبح جو ستين بجين کان ٿورو اڳ جهاز ۾ پائليٽ جي آواز جو پڙاڏو ٿيڻ لڳو. "اسان جو جهاز لاهور ۾ لهڻ وارو آهي. اسين مس بينظير ڀٽي جو پاڪستان ۾ اچڻ تي آڌرڀاءُ ڪريون ٿا." هڪ ايئر هوسٽيس منهنجي ويجهو آئي. "هوائي اڏي تان هينئر پائليٽ کي نياپو پهتو آهي، تہ اتي ڏهہ لک ماڻهو موجود آهن." هن مونکي ٻڌايو.
ڏهہ لک ماڻهو. مون دريءَ مان ٻاهر نهاريو. پر پنجاب جي جهومندڙ ساين ٻنين کان سواءِ مونکي ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. "اوهان ڪاڪپٽ ۾ هلي اتان پاڻ ڏسو." ايئر هوسٽيس چيو. مون جهاز جي مُهڙ مان ٻاهر ڏٺو، پر پريان فاصلي تي ويجهو ايندڙ رنوي کانسواءِ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. رنوي جي چؤطرف ۽ هوائي اڏي جي عمارتن تي ننڍڙا جسم ڇُهٽيل هئا.
اسان جو جهاز جيئن لٿو، تہ مونکي سپاهي ڏسڻ ۾ آيا. حقيقت ۾ اهي احتياطي اُپاءُ ايترا تہ سخت هئا، جو هوائي اڏي تي ٻين جهازن کي لهڻ کان روڪيو ويو هو.
"ناهيد، بشير ۽ دارا، اوهين منهنجي پرسان ٿي بيهو." مون کين چيو، جو هنن کي چتاءُ ڏنل هو تہ کين جهَليو ويندو. اها نَنولي هئي. منهنجا ساٿي بچاءُ لاءِ منهنجي چؤڌاري ميڙو ڪري ويا هئا ۽ مون سندن بچاءُ لاءِ کين پنهنجي پرسان بيهاريو هو. "تنهنجو بچاءُ اسين ڪنداسين." صحافين مونکي چيو. پر هوائي اڏي کان ٻاهر ماڻهن جي زبردست هُجوم اسان جي حفاظت ڪئي. اسان کي هوائي اڏي کان پري رکڻ لاءِ اميگريشن اختياريءَ وارن کي ايڏي ڳڻتي هئي، جو هنن جهاز ۾ ئي اسان جي پاسپورٽن تي ٺڪڙ ۾ ٺپا هڻي، پنهنجو ڪم پورو ڪيو هو.
گهر. آئون پنهنجي گهر ۾ هيس. جيئن پنهنجن پيرن هينان مٽيءَ کي ڀانئڻ لڳيس، اُن هوا کي پنهنجي ساهہ ۾ سمائڻ لڳيس، جنهن جو آئون حصو هيس. آئون اڳ ڪيترائي ڀيرا لاهور آئي هيس. اتي مون گهڻي سُرهائيءَ جو وقت گهاريو هو. پر هي اهو بہ شهر هو، جتي بابا کي موت جي سزا ڏني وئي هئي. هاڻي آئون واپس آئي هيس، تہ ان قاتل جنرل جو مقابلو ڪريان، جنهن آئين کي ٽُڏي بغاوت ڪئي هئي.
سميعا! امينا! ڊاڪٽر عباسي! "مونکي سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي تہ اسين هتان ٻاهر ڪيئن نڪرنداسين! هتي تہ چؤطرف ماڻهو ئي ماڻهو آهن." سميعا منهنجي ڳچيءَ ۾ ڳلن جا

هار پارائيندي ٽرمينل ۾ مونکي چيو. ”اسين ٽرڪ ۾ چڙهنداسين.“ جهانگير بدر مونکي هڪ خاص نقش ڇنيل ۽ سينگاريل ٽرڪ ڏانهن وٺي هلندي چيو. جنهن جي ٽين تي هٿ سان نهيل نقش پئي چمڪيا.
مون پنهنجيءَ تقرير جا نوٽ پنهنجي هٿ ۾ سوگها ڪيا ۽ ان سنهي ڏاڪڻ ڏانهن ڏسڻ لڳيس، جيڪا اُن ٽلهي سان لڳل هئي، جيڪو منهنجي بيهڻ لاءِ ٽرڪ مٿان ناهيو ويو هو. ڪڏهن ڪڏهن مون اهڙي ڏاڪڻ جا پوائنٽا سَپنا ڏٺا هئا، جنهن تي مون چڙهڻ ڪونه گهريو هو، پر چڙهڻو پيو هو. اوچتو اها ساڳي ڏاڪڻ منهنجي اڳيان هئي ۽ هزارين اکيون مون ۾ کُتل هيون، تہ آئون مٿس ڪيئن ٽي چڙهان. آئون ڇا ٽي ڪري سگهيس؟
لنڊن ۾ اسان اهڙي ٽرڪ ۾ چڙهي مينارِ پاڪستان وڃڻ تي اتفاق ڪيو هو، جيڪو بابا پاڪستان نهڻ واري اعلان جي يادگيريءَ طور لاهور ۾ اڏايو هو. هاڻي آئون اهو فيصلو ڦيرائي ڪونہ ٿي سگهيس. دروازي کان ٻاهر لکين ماڻهو منهنجي اوسيئڙي ۾ بيٺا هئا. مون پنهنجو پير ڏاڪڻ جي پهرئين ڏاڪي تي رکيو ۽ هڪ گهرو ساهہ کنيو. ”بسم الله.“ مون دل ۾ چيو.

زندگيءَ ۾ ڪجهہ اهڙيون گهڙيون بہ اچن ٿيون، جن کي ڇاٽائڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. لاهور ڏانهن منهنجيءَ موٽ بہ هڪ اهڙي ئي گهڙي هئي، عوام جا اَٿاهہ ميڙاڪا رستن جي ٻنهي طرفن بيٺل، گهرن جي ڇتين تي ۽ ڪنهڙن ۾ هڪ ٻئي سان ڇُهنيل، وڻن ۽ بجليءَ جي ٿنڀن تي ويٺل، ٽرڪ سان گڏ هلندڙ ۽ پنيان ٻنين پريان پکڙيل هڪ سمنڊ جيان پئي لڳا. هونئن تہ هوائي اڏي کان اقبال پارڪ ۾ مينارِ پاڪستان تائين اٺ ميل رستو ڪار ذريعي هلڻ ۾ پندرهن منٽ لڳن ٿا، پر 10 اپريل 1986ع جي اُن شاندار ڏينهن تي اسان کي اُن ۾ ڏهہ ڪلاڪ لڳي ويا. هوائي اڏي تي عوام جو ڏهہ لک تعداد وڌي ويهہ لک ۽ جڏهن اسين مينارِ پاڪستان پهتاسين، تہ اهو تعداد ٽيهہ لک هو.
هوائي اڏي جا دروازا کلندي ئي هزارين رنگين ڦوڪڻا آسمان ۾ اڏامڻ لڳا. ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا گولا نہ، پر گُلاب جي گلن جون پَنکڙيون فضا ۾ پکڙجڻ لڳيون ۽ ٽرڪ مٿان ايتريون تہ ڪِريون، جو انهن ۾ منهنجا مُريا ڍڪجي ويا. گلن جا هار هوا ۾ پئي اڏاڻا. مونکي هڪ ڇوڪريءَ ڏسڻ ۾ آئي، جنهن جي پاءُ کي ڦاسي ڏني وئي هئي. مون هڪڙو هار هُن ڏانهن اڇلايو. ٽرڪ تي هارن جو مِينهن وسڻ لڳو ۽ عوام سوين شالون ۽ رَوا مون ڏانهن اڇلايا مون رَوا هڪ ٻئي مٿان پنهنجي مٿي تي رکيا ۽ ٻيا پنهنجي ڪُلهي تي. اتي ڪيترائي ماڻهو اهڙا بہ هئا، جيڪي سياسي قيدي هئا. مون گلن جا هزار ۽ پَرت پريل رَوا هنن ڏانهن ۽ انهن مردن ۽ عورتن ڏانهن اڇلايا، جن جي مائٽن کي ڦاسيون ڏنيون ويون هيون ۽ سخت عذاب ڏنا ويا هئا. مون اهي رَوا انهن نؤجوان ۽ ڪُراڙين عورتن ڏانهن پڻ اڇلايا، جيڪي رستي سان لڳ قطار ۾ بيٺل هيون.

اُن ڏينهن لاهور ۾ رُڳو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا رنگ يعني ڪارو، سائو ۽ ڳاڙهو ڏسڻ ۾ ٿي آيا. صبح جي گرم ۽ خشڪ هوا ۾ پيپلز پارٽيءَ جا جهنڊا ۽ بيرقون ڇٽين جيان پئي جُهوميون. مردن ۽ عورتن ڪي ڳاڙهي، سائي ۽ ڪاري رنگ جون صدريون، رَوا، شلوارون، قميصون ۽ ٽوپيون پيل هيون. بابا، امان، پائرن ۽ منهنجين تصويرن جي چوڌاري به انهن رنگن جا فريم لڳل هئا.
”جيوي، جيوي، ڀٽو جيوي!“ ماڻهن پنجابيءَ ۾ وڏي آواز ۾ اهي نعرا هنيا، جيڪي ٿي مهينا اڳ هٽڻ سبب ڪين سخت پورهئي سان سزا ملي ها ۽ ڪَوڙا لڳن ها. ”منهنجي پيڻ، تنهنجي پيڻ بينظير، بينظير“ ڪن وري سنڌيءَ ۾ نعرا هنيا. اهي نعرا اردوءَ ۾ هئا، پشتو ۾ هئا ۽ پاڪستان ۾ ڳالهائيندڙ هر ٻوليءَ ۾ هئا. منهنجي اچڻ کان اڳ عوام نعرا هنيا هئا، ”بينظير آئي هَئي، انقلاب لائي هَئي.“ مون جڏهن هٿ ٿي لوڏيا، ته عوام جي هجوم به هٿ لوڏي جواب ٿي ڏنو. وري مون جڏهن بابا جيان ٻئي هٿ مٿي ڪٽي تاڙيون ٿي وڄايون، ته هجوم به جواب ۾ ٻانهون مٿي ڪٽي ايئن تاڙيون ٿي وڄايون، ڄڻ ڪنهن وڏيءَ ٻنيءَ ۾ ڪٽڪ جا سنگ پئي جُهوميا.
ڪجهه وقت اڳ آئون اسلام آباد جي اُن ٻنهه خالي گهر ۾ نظربند هيس، جي صبح جو ننڊ مان جاڳڻ مهل هُجوم جو آواز ٻُڌندي هيس ۽ جاڻڻ جي ڪوشش ڪندي هيس، ته اهو ڪنهن جو آواز آهي. اهي ڪنهن لاءِ رڙيون پيا ڪن؟ اهي ڪيئن دانهون پيا ڪن؟ ڇا هنن ضياءَ خلاف ڪاوڙ مان دانهون ڪيون هيون؟ يا هنن راولپنڊي جيل جي دروازن کي کُلندي ۽ اتان بابا کي ٻاهر ايندي ڏسي، سُرهائيءَ وچان دانهون ٿي ڪيون؟ ائين ڪونه هو. پر آئون اهو آواز لاڳيتو ٻُڌندي رهيس، جڏهن آئون سکر ۽ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ ۽ المرتضيٰ ۽ 70 ڪلفٽن ۾ نظربند هيس. اهو آواز سڃاڻڻ لاءِ آئون پنهنجو ذهن ڦلهوريندي هيس، پر اهو سدائين منهنجي سمجهه کان گُسي ويندو هو. 10 اپريل تي جيئن آئون لاهور جي رستن تان آواز جي سرنگهه مان اڳتي پئي ويس، ته اوچتو مون ڀانئيو ته هي اهو ئي ساڳيو آواز آهي، جيڪو مون اڳي انهن سيني موقعن تي ٻُڌو هو.
آئون لڳاتار ڏهه ڪلاڪ اُن ٽرڪ مٿان بيٺي هيس، جيڪا هوريان هوريان مينار ڏانهن پئي وڌي. اسين گورنر هائوس ۾ وزيراعظم جي رهائش واري جاءِ پرسان لنگهياسين، جتي ڪڏهن اسين رهندا هئاسين. پر بابا جي قتل کان پوءِ چيو وڃي ٿو، ته جنرل ضياءَ ننڊ نه اچڻ سبب ليڊي ميڪبيٿ جيان ڌوئو هٿ ۾ کٽي ڪمرن جي وچ وارن لنگهن ۾ پيو هلندو هو. اسين اُن سائبان پرسان لنگهياسين، جتي ڪنهن زماني ۾ راڻي وڪٽوريا جو مُجسمو هوندو هو. پوءِ اسين توب زمزما وٽان لنگهياسين، جنهن کي رڊيارڊ ڪپلنگ پنهنجين لکڻين ۾ ابدي حياتي بخشي هئي. آئون پاڻ کي هلڪو ڦلڪو ڀانئڻ لڳيس ۽ مونکي پڪ ٿي ته جن شهيدن جمهوريت لاءِ پنهنجيون جانيون ڏنيون هيون، سي پڻ اُن هجوم ۾ موجود هئا. اسانجين آزمائشن، ڏقيڙن ۽ ڏچن بدران اسان جي سوڀ ۽ سُرهائي

شروع ٿي وئي هئي. ”ضياءَ اسان کي توکي نٿا مڃون.“ هجوم نعرا هنيا. ”اسان کي تنهنجيون جُڙتو اسيمبليون منظور ڪونهن، اسان کي تنهنجو ڪُوڙو آئين نه کپي. اسان کي تنهنجي آمريت نه گهرجي. اسان جا حوصلا تنهنجن ڳوڙها آٽيندڙ گئس جي گولن، ڦٽڪن ۽ گولين کان وڌيڪ مضبوط آهن. اسان کي چونڊون گهرجن.“
ڪليل ٽرڪ تي بيٺي جيتوڻيڪ مونکي جوکو هو، پر مون ڪوبه ڊپ ڪونه پئي پانئيو. مونکي ڪو جوکو پهچائيندڙ کي هُجوم ڳيا ڳيا ڪري ڇڏي ها. مونکي نه پوليس جو اُلڪو هو، ۽ نه ئي فوج جو. هُجوم جي گهيري ۾ ڦاسڻ بدران اسان جا ڪي اڳوڻا دشمن پنهنجن گهرن ۾ لِڪا وينا هئا، جڏهن ته ٻيا وري اُن جشن ۾ شامل ٿي ويا هئا. مونکي ڳٽتي پنهنجي آواز جي هئي، جيڪو تازي وبائي زڪام سبب گهُگهو ٿي ويو هو. سڄو رستو مون ڊسپرين ۽ گرم پاڻيءَ سان ڳراڙا پئي ڪيا ۽ گلوڪوز پئي پيتو، جيڪو بابا جو خاص خدمتگار عرس پاڻ سان ڪراچيءَ مان ڪٽي آيو هو.
سج لهڻ وارو هو، جڏهن اسين مينارِ پاڪستان وٽ پهتاسين، اتي هڪ انچ جيتري به جاءِ نه هئي، جتي اسان سان آيل لکين ماڻهو بيهي سگهن ها. اسين پاڻ به ڏاڍي ڏکيائيءَ سان اسٽيج تي پهتاسين. مون سان گڏ محافظ ڪونه هئا، جيئن پوءِ مون اهڙو انتظام ڪيو هو، جيڪي مونکي هُجوم وچ مان وني هلن ها. اسان اڳا اهڙي ترڪيب به نه ڪئي هئي، جو ٽرڪ سِڌي اسٽيج تائين هلي ها، ته جيئن آئون ٻرانگهه ڀري اسٽيج تي پهچان ها. مينار وٽ آئون پنهنجن رُڳو چئن يا پنجن ساٿين سان ٽرڪ تان هيٺ لٿيس ۽ هجوم جي سمنڊ مان اڳتي وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيس.

ماڻهن کو نقصان پهچائڻ ڪونه ٿي چاهيو، پر اُن گهڙيءَ ميڙ اُتاولائپ ۽ جوش جون حُدون ڇُهڻ لڳو هو. ماڻهو هڪبئي کي ڌِڪا ڏيندا مون ڏانهن ڌوڪنيدا آيا ۽ منهنجي چوڌاري گهيري کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. مون سمجهيو ته اسين سڀئي گهُٽجي يا چيپاٽجي مري ويندا سين. لڳو ٿي ته ڪيترائي پنهنجا هوش وڃائي وينا هئا، جن ۾ پارٽيءَ جو مڪاني اڳواڻ به هو، جنهن منهنجن ساٿين جي گهيري مٿان پاڻ پئي اڇلايو. هن کي پري رکڻ لاءِ ڪيس زور سان ڌِڪو ڏيڻو پيو هو. پوءِ نيٺ اسين اسٽيج تائين پهتاسين، جتي پيپلز پارٽي پنجاب جو صدر ٿڪ سبب ماندو ٿي ڪِري پيو. ”پاڻ کي بچاءُ وارن مامرن تي به ويچارڻ گهرجي.“ مون ڪيس پاسيرو وني چيو.
مون جيئن اقبال پارڪ جي ميدان ۾ نهاريو، ته اچرج ۾ وجهندڙ ڏيک منهنجو آڌرياءُ ڪيو. رستي جي پرينءَ پاسي دنيا جي وڏي بادشاهي مسجد جو ڳاڙهو پٿر سج جي لڙائيل ڪِرڻن ۾ باهه جيان جَرڪيو پئي. ساڄي طرف ڪوهيڙي مان لاهور جو قلعو پئي ڏسڻ ۾ آيو. مغلن جي نهرايل اُن قلعي جي زمين هيٺان جُڙيل ڪوٺڙين ۾ اسان جي ڪارڪنن کي ايذاءُ ڏنا ويا هئا، جنهنڪري اهي اتي مري ويا هئا. هر هنڌ ۽ چوڌس

عوام هو، جنهن پنهنجي گهر موٽڻ تي منهنجو آڌرڀاءُ پئي ڪيو. ”ڪجهه ماڻهن مونکي صلاح ڏني هئي، ته آئون سياست ڇڏي ڏيان.“ مون وڏي آواز ۾ چيو. ”هنن مونکي چتاءُ ڏنو ته، منهنجو مقدر به بابا ۽ ڀاءُ جهڙو ٿيندو. ٻين وري چيو ته پاڪستان جو سياسي ميدان عورتن لاءِ نيڪ ڪونهي. مون هنن سڀني کي اهو جواب ڏنو، ته انهن جوکن کان منهنجيءَ جماعت جا ڪارڪن مونکي بچائيندا. آئون پنهنجي خوشيءَ سان اُن ڪَنڊن واريءَ واٽ تي هلان پئي ۽ موت جي ماتريءَ ۾ پير پاتو اٿم.“

لائوڊ اسپيڪر بيشڪ صحيح ڪونه هئا، جنهن سبب منهنجو آواز انهن ماڻهن تائين ڪونه ٿي پهتو، جيڪي اسان جي ڪَٽ کان ڏهوٽا وڌيڪ هئا، پر منهنجي هٿ جي هڪڙي اشاري سان ماڻهو ماٺ تي ويا. ”هتي ۽ هاڻي آئون وچن ڪريان ٿي، ته عوام جا حَق بچائڻ لاءِ آئون هر قسم جي قرباني ڏينديس.“ مون وڏي آواز ۾ چيو. ” ڇا اوهان کي آزادي، جمهوريت ۽ انقلاب گهرجي؟“ ڀيري هنن وڏي آواز سان هائوڪار پئي ڪئي. ٿيهه لک ماڻهن جو ساڳيو آواز. ”آئون موٽي آئي هيان، ته جيئن عوام جي خدمت ڪريان، نه ڪي پلاند وٺان.“ مون کين ٻڌايو.“ آئون پلاند ونڻ نٿي چاهيان. منهنجيءَ دل ۾ ڪابه اهڙي خواهش ڪانهي. آئون پاڪستان کي ناهڻ چاهيان ٿي، پر پهرين آئون اوهان کان راءِ پُڇڻ گهران ٿي. ڇا اوهان چاهيو ٿا ته ضياءُ اقتدار ۾ هجي؟“ موٽ ۾ ماڻهن جي نهڪار ۾ ساڳيءَ لهر ايري. ”ڇا اوهان جي مرضي آهي ته ضياءُ هليو وڃي؟“ ”هائو.“ جواب آيو. ”ته پوءِ فيصلو اهو ٿيو ته ضياءُ هليو وڃي.“ مون چيو. ”ضياءُ ضرور هليو وڃي. وڃي! وڃي! وڃي!“ آسمان تي ڪاراڻ پکڙجڻ سان ئي لکين ماڻهن هڪ آواز تي وراڻيو.

اُن سڄي ڏينهن ۾ دهشتگرديءَ جو ڪو هڪڙو واقعو به نه ٿيو هو. حڪومت کي پرامن ڏمڪيءَ ڏيڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٿيو هو. اهو هُجوم ايترو ته ڪاوڙيل ۽ اُتاولو هو، جو ڪيترن سمجهيو هو، ته حڪومت جو تختو اونڌو ٿي سگهيو ٿي. هڪڙي لفظ چوڻ سان عوام پنجاب اسيمبلي ۽ وزيرن جي رهائشي گهرن کي ڊاهي پَٽ ڪري ڇڏي ها ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ عمارت کي پڄي پوري ڇڏي ها، جتي ضياءُ جي جُڙتو ججن، بابا کي موت جي سزا ڏني هئي. پر اسان رَت وهائي اقتدار ۾ اچڻ ڪونه ٿي گهريو. اسان پرامن ۽ انصاف پرين چونڊن وسيلي جمهوريت آڻڻ ٿي چاهي. اسان نه، پر اها حڪومت ئي هئي، جنهن پنهنجا مقصد ماڻڻ لاءِ ڏاڍ ۽ ڏمر کان ڪم ورتو هو ۽ اُن رات هنن وري وار ڪيو.

انيتاليهن ڪلاڪن جي لاڳيتي اوجاڳيءَ ڪانپوءِ اڃا منهنجي اک مَس لڳي هئي، ته منهنجي سُمهڻ واري ڪمري جو دروازو زور سان وڄڻ لڳو. منهنجي بچاءُ لاءِ پارٽيءَ جي مڪاني ڪارڪنن ٻُڌايو هو، ته آئون ٽن ڌار ڌار گهرن ۾ ترسيل آهيان: منجهانئن هڪڙو گهر خالد احمد وارن جو هو، جتي مينار پاڪستان تان موٽڻ کان پوءِ مون پرڏيهي

صحافين سان ڳالهايو هو. تڏهن هڪ فوجي ميجر اُتي اچي ڦرلٽ ڪئي هئي. اهو ڪهڙو نه اَسوڻ هو ته، آئون ضياءَ جي پاڪستان ۾ موٽي آئي هيس. اُهو ميجر منهنجيءَ ڳولا ۾ آيو هو.

**عذرا خالد:**

آئون اجا سُتي پئي هيس، ته هڪ نوڪر مونکي اچي جاڳايو. هُو رَت ۾ سجو ڳاڙهو ٿيل هو، چو ته فوجين سندن گهرن تي حملو ڪري کيس مار ڪڍي هئي. ڪمپائونڊ جي ڀت تان پندرهن يا سورهن فوجي ٽپي اندر آيا هئا. نوڪر مونکي ٻڌايو، ته فوجين نوڪرن کي مارڪُٽ ڪئي ۽ بينظير جو پُڇائيندا گهر ۾ گهڙي آيا. اسان جي وڏي در کي ڪُلف ڏنل هو، پر انهن دروازو ڀڃي کوليو ۽ گلن جون ڪونڊيون اڇلائي، اڳئين پاسي جون دريون به ڀڃي ڇڏيون. ”بينظير ڪٿي آهي؟“ هنن جي اڳواڻ ميجر قيوم پستول هوا ۾ لوڏيندي پڇيو. ٻاهر سُتل اسان جو ملازم ريڙهيون پائيندو ميجر قيوم پنيان وڃي پهتو ۽ هن پنهنجي پُٽ جي ڪرڪيٽ راند جي بيٽ سندس مٿي تي زور سان هنئي. ”آئون جاسوس کاتي جو عملدار آهيان، ڪماندو آهيان.“ ميجر رڙ ڪري چيو. ”مون پوليس کي فون ڪيو، جيتوڻيڪ ضياءَ جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ڪو پتو ئي نه هو، ته اهي همدرد هئا يا دشمن. جيئن پوليس جي لاري اسان جي گهر پرسان پهتي، ته فوج جا ماڻهو ڀڄڻ لڳا. پوليس ميجر قيوم کي جهلي ورتو. هن جي ڪار ۾ بيئر ۽ وسڪيءَ جا ڪوڪا پيل هئا، جيڪي هن اسان جي گهر ۾ رکڻ گهريا هئا. هن جي ڊائريءَ ۾ ڪيئي وڏن جنرلن ۽ حڪومتي وزيرن جا فون نمبر لکيل هئا.

ميجر قيوم چريي هجڻ جو سانگ ڪيو. حڪومت پڻ هُن کي برابر چريو ڪوٺيندي، چيو ته هن اُهو ڪم پنهنجي مرضيءَ سان ڪيو هو. پر اسان کي پتو هو، ته ميجر قيوم چريو ڪونه هو. اُن ڏينهن لاهور ۾ بينظير جو جيڪو شاندار آڌرڀاءُ ٿيو هو، تنهن سبب حڪومت کي هن ڏانهن اک کڻي ڏسڻ جي به همت نه ٿئي ها. پر هنن ميجر قيوم کي اماڻيو ته هُو بينظير کي قتل ڪري يا وري کيس اهڙو ڊيڄاري، جو هوءَ وڌيڪ گشت نه ڪري سگهي. پوءِ ميجر قيوم کي اُن لاءِ سزا ملي ۽ هو ٿورو وقت جيل ۾ رهيو. وري جڏهن اتان آزاد ٿي پنهنجي ڳوٺ ويو، ته ڪنهن به ظاهريءَ سبب کانسواءِ کيس گولي هڻي قتل ڪيو ويو. اسين سمجهون ٿا ته حڪومت ئي هن کي مارايو هو، ته جيئن ڪابه ثابتي نه رهي.

گجرانوالا. فيصل آباد. سرگوڌا. جهلم. راولپنڊي. ”لاهور جو آڌرڀاءُ بيمثال هو.“ اسان جي مخالفن چيو ۽ ڪجهه اخبارن پڻ لکيو. ”بينظير جو اهڙو آڌرڀاءُ ٻين شهرن ۾ نه ٿيندو.“ هنن جو اهو چوڻ غلط هو. 12 اپريل تي ٻنپهرن جو اسين پنجاب جي دؤري لاءِ

لاھور مان روانا ٿياسين، تہ جيئن رٿا پٽاندر گوجرانوالا جي جلسي ۾ پنجين بجي شام جو پھچي وڃون. پر رستي تي ماڻھن جا ايترا تہ ميڙاڪا ھئا، جو اسين وقت تي پھچڻ بدران ٻئي ڏينھن صبح جو پنجين بجين گوجرانوالا پھتاسين. "ھن وقت جلسي ۾ ڪوبہ ڪونہ ھوندو." مون چيو. "سڀيئي ماڻھو پنھنجن گھرن ۾ سُتا پيا ھوندا." پر جلسي جو سڄو ميدان ماڻھن سان ڀريل ھو.ھنن سڄيءَ رات اوسيئڙو ڪيو ھو.

"اسان کي تَڪڙو ھلڻ گھرجي." مون پنھنجن رضاڪارن ۽ حفاظتي جَٿن کي چيو، پر اھو ممڪن ئي نہ ھو. گجراوالا ۽ فيصل آباد وچ ۾ رستي تي ايترا تہ ماڻھو ھئا، جو اسي ڪلوميٽرن جي اُن سفر ۾ سورھن ڪلاڪ لڳي ويا. اسان جي چؤڌاري ٽرڪن، بسن، رڪشائن ۽ موٽرسائيڪلن جو قافلو ھو، جنھن سبب ٻئي پاسي کان ايندڙ گاڏيون رستي جي پاسي تان ھلڻ تي مجبور ھيون. ھزارين ماڻھو اسان جي ٽرڪ پرسان سڄيءَ رات ھلندا رھيا. آئون ٽرڪ مٿان بيني ھيس ۽ مون کي ڪين ڏسي ھٿ پئي لوڏيا. "ھر ھنڌ گلن جي ورڪا ڪريو ۽ ھر راھہ تي موتي وڇايو، جو بينظير آئي آھي." عوام گيت ڳايا. "اي خدا، اھي ڏينھن واپس آڻ، جڏھن مصيبتن جا ماريل ماڻھو خوش ھوندا ھئا!" منھنجي لاءِ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن لاءِ اھو سڀاجھائپ، نھنائيءَ ۽ نِوڙت جو اچرج ۾ وجھندڙ تجربو ھو. "اي خدا، اسان کي ھمت ۽ ڏاھپُ ڏئي، تہ جيئن عوام جون اميدون پوريون ڪري سگھون." اسان سيني گڏجي انچ انچ ٿي اڳتي وڌندڙ ٽرڪ تي اُھا دعا گھري.

نيٺ، اسين جڏھن فيصل آباد پھتاسين، تہ اُن صنعتي شھر جي پرپاسي باڪُ ڦُٽڻ واري ھئي. ھڪ ڀيرو وري جلسي لاءِ اسين راند جي اُن ميدان ۾ اڌ ڏينھن دير سان پھتاسين، جتي ئو ورھيہ اڳ مون ڏڪندي ۽ لُڏندي پھرين تقرير ڪئي ھئي. وري بہ مونکي پڪ ھئي تہ ميدان خالي ھوندو. پر جيئن اسان جي ٽرڪ دروازي مان اندر گھڙي، تہ لکين ماڻھن ھڪ آواز ٿي نعرو ھنيو: "قوم جي تقدير، بينظير، بينظير!" راندين جي ميدان مان وڃڻ وقت بہ عوام جو جوش ۽ ولولو گھٽيو نہ ھو. ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن پارٽيءَ کي ڪونہ وساريو ھو. جيتوڻيڪ فيصل آباد ۾ ڪيئي مالڪن پنھنجن ڪارخانن جا دروازا بند ڪري، مزدورن کي اندر پوري ٻاھران تالا ھڻي ڇڏيا ھئا، تہ جيئن اھي اتان ٻاھر نڪري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پُنيرائي نہ ڪري سگھن، پر اھي ڪارخانن جون ڀتيون ٽپي اسان جي جلسي ۾ آيا ھئا.

جھلم، جتي جا ڪيترائي ماڻھو فوج ۾ ڀرتي ٿين ٿا، سرڪاري ملازمن جو شھر راولپنڊي، انھن شھرن ۾ پڻ جتي ماڻھن کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ ضياءَ جي اُن مقابلي سان ڪو چاھہ نہ ھو، اتي بہ عوام جا وڏا ھُجوم آيا ھئا. پرڏيھي صحافين ۽ ٽيليويزن عملي کي اھي ھجوم ڏسي ڀروسو ئي نہ ٿيو ھو، جن پنھنجن ملڪن لاءِ سندن اُھي فلمون پئي ٺاھيون، جيڪي پاڪستاني عوام نہ ڏسي سگھندا. جيتوڻيڪ مارشل لا ختم ٿيو ھو، پر پاڪستاني

ٽيليويزن تي منهنجي تصوير ڏيکارڻ تي پابندي هئي. پاڪستان ۾ موٽڻ کان پوءِ ان دؤري جي ۽ نہ ئي کنهن ٻئي عوامي جلسي جي فلم ڪڏهن ٽيليويزن تي ڏيکاري وئي هئي.
اخباري گڏجاڻيون. تعزيتي ملاقاتون. پارٽيءَ جون گڏجاڻيون. مونکي ڀٽو ئي نہ هو، تہ اها طاقت ڪٿان آئي هئي. پر منهنجي واپسيءَ تي عوام جيڪو ردعمل ڏيکاريو هو، تنهن مون ۾ اٿاهه سگهه آندي هئي. پوءِ بہ ڪجهه گهڙيون اهڙيون آيون، جنهن تي آئون ڏک ۾ وڪوڙجي وئي هيس. آئون سوچن ۾ ڏسندي هيس، تہ ادا شاهه جو جسم ڪينس ۾ غاليچي تي پيو آهي ۽ بابا موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ ويٺو آهي. منهنجي اٿاهه آسُ هئي، تہ اهي ڪجهه گهڙين لاءِ ئي موٽي اچن ۽ جيڪر پنهنجين تڪليفن خلاف عوام جي اُها پُنيرائيءَ ڏسي سگهن. نٽيجي ۾ اسان کي سيکاريو ويو هو، تہ ملڪ لاءِ وڏي ۾ وڏيءَ قيمت ڏيڻ بہ گهٽ آهي. پر اسان جي خانداني ذاتي قيمت گهٽي اٿاهه هئي.
پنهنجو ڏک گهٽائڻ لاءِ مون راولپنڊيءَ جو رستو بدلائڻ لاءِ چيو، تہ جيئن مونکي راولپنڊي جيل پرسان لنگهڻو نہ پوي، جتي بابا وفات ڪئي هئي. پر آئون ڀين جي قربانين ۽ المين کان پڻ پاڻ بچائي ڪونہ سگهيس. گجرانوالا ۾ آئون پرويز يعقوب جي قبر تي وئي هيس، جيڪو پهريون شخص هو، جنهن بابا جي موت واريءَ سزا تي احتجاج ڪندي، پاڻ کي ساڙيو هو. راولپنڊيءَ ۾ مون ٽن نؤجوانن مان هڪ جي گهر وڃي، سندس مائٽن سان تعزيت ڪئي، جنهن کي آگسٽ 1984ع ۾ ڦاسي ڏني وئي هئي.
ڪيئي زندگيون ضايع ٿيون هيون، ڪيترائي الميا ٿيا هئا. اُهو چوڪر گرفتاريءَ مهل سورهن ورهين جي ڄمار جو هو ۽ اوڻيهن ورهين جي ڄمار ۾ هن وفات ڪئي هئي.
”عوام جي هن هُجوم ڏانهن ڏس.“ هُن جي ماءُ مونکي چيو. ”ڪو وقت هو جو ماڻهن کي اسان سان ڳالهائيندي ڊَپُ وٺي ويندو هو.“
اسين سرحد صوبي جي شهر پشاور ڏانهن وياسين. پاڪستان پيپلز پارٽي پنجاب جي صدر، سرحد تي اسان کي پاڪستان پيپلز پارٽي سرحد جي صدر حوالي ڪيو. هڪ ڀيرو وري اهو رستو ماڻهن سبب بند ٿي ويو هو. تنهنڪري اسان کي پشاور ۾ پهچندي رات ٿي وئي. اتي حڪومت سيني رستن جون بتيون وسائي ڇڏيون هيون، تہ جيئن ڪوبہ ماڻهو منهنجي اچڻ جو نظارو نہ ڏسي سگهي. پر ماڻهو ٽارچون ۽ ٻيون ڪيتريون ئي بتيون کڻي آيا ۽ سندن روشني ٽرڪ تي مون ڏانهن ڪرڻ لڳا.
منهنجي بچاءُ جي خاص نگران کي تڏهن ڊَپ لڳو هو، جڏهن اسين اُن واپاري شهر جي سوڙهين گهٽين مان آهستي اڳتي وڌندا وياسين، جيڪو خيبر لڪ ۽ افغانستان کان هڪ ڪلاڪ جي فاصلي تي آهي. ان وقت پاڪستان ۾ ٽيهہ لک افغان پناهگير هئا، جن جي ضياءَ امداد پئي ڪئي ۽ جن مان ڪيترائي پشاور ويجهو رهندا هئا. اسان اهي افواهہ ٻڌا هئا، تہ حڪومت مونکي افغان مجاهدن هٿان قتل ڪرائڻ گهريو ٿي. جيتوڻيڪ مونکي اُن جي ڪابہ سُڌ نہ هئي، پر بچاءُ جي خاص نگهبان مون سان گڏ

ٽرڪ تي وينل عورتن ڪي، جن ۾ سندس زال به هئي، چيو ته اهي مونکي چڱيءَ طرح گهيرو ڪري بيهن، ته جيئن منهنجو نشانو وٺڻ ڏکيو ٿئي. اتي اونداهين گهٽين ۾ سموري روشني مون تي هئي، جنهن سبب آئون بلڪل غير محفوظ هيس. پر ڪوبه حملو ڪونه ٿيو هو.

"آئون بهادر پختونن کي سلام ڪريان ٿي، جيئن بابا ڪندو هو." مون لاڳيتو تاڙيون وڄائيندڙ ميڙ کي اسٽيڊيم ۾ چيو، جيڪو اسان جي آنڌل جنريٽرن جي روشنيءَ ۾ ٻُڏل هو. پشاور ۾ مونکي هڪڙي ڏکيائي اها ٿي هئي، جو تقرير جون لڪيل خاص ڳالهيون منهنجي هڪ ساٿيءَ کان وڃائجي ويون. پر اهم ڳالهه اها هئي، ته آئون اُن قدامت پسند سماج سان پنهنجي ٻيهر سڃاڻپ ڪرايان، جتي پاڪستان کان ڌار آزاد ملڪ پختونستان ٺاهڻ جو حقيقي خطرو موجود هو. اهو به ضروري هو، ته اُن مرداڻي اثر واري پناڻ سماج کي يقين ڪرائجي، ته هڪ عورت سندن سرواڻي ڪري ٿي سگهي.

"ماڻهو سمجهن ٿا ته آئون هِيٺڙي آهيان، ڇو ته آئون عورت آهيان." مون اُن هُجوم کي وڏي آواز ۾ چيو. جنهن ۾ نوانوي سيڪڙو مرد هئا. "ڇا ڪين ڄاڻ ڪانهي ته آئو مسلمان عورت آهيان ۽ مسلمان عورتن وٽ هڪ ورثو آهي، جنهن تي اهي جيترو به فخر ڪن گهٽ آهي؟ مون وٽ بيبي خديجا رضي الله عنه جو صبر آهي، جيڪا اسان جي پيغمبر صلي الله عليه وسلم جن جي گهر واري هئي. مون وٽ بيبي زينب رضي الله عنه جن جو استقلال آهي، جيڪا امام حسين رضي الله عنه جن جي ڀيڻ هئي. مون وٽ بيبي عائشا رضي الله عنه جي همت آهي، جيڪا اسان جي پياري پيغمبر صلي الله عليه وسلم جن جي پياري گهر واري هئي ۽ جنهن اُٺ تي سُوار ٿي مسلمانَ لشڪر جي اڳواڻي ڪئي هئي. آئون شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڌيءَ ۽ شهيد شاهنواز خان جي ڀيڻ آهيان ۽ آئون اوهان جي ڀيڻ پڻ آهيان. آئون پنهنجن مخالفن کي کليو چوان ٿي، ته اچو ۽ جمهوري چونڊن جي ميدان ۾ منهنجو مقابلو ڪريو." تاڙيون هڪ نعري ۾ بدلجي ويون. "ضياءَ زا." مون رڙ ڪري پشتوءَ ۾ چيو ته "ضياءَ هليو وڃ." "زا! زا!" عوام موٽ ۾ نعرا هنيا.

ٻئي ڏينهن پشاور جي وڪيلن جي جماعت اڳيان تقرير ڪان پوءِ اسين پنجاب واپس آياسين ۽ لاهور، اوڪاڙا، پاڪپتن ۽ وهاڙيءَ مان ٿيندا ملتان پهتاسين، جتي مون انهن سَون پورهيتن لاءِ پنهنجيءَ عقيدت ڏيکاري، جن جو اٺ ورهيه اڳ ڪپڙي جي ڪارخانن ۾ ڪَوس ٿيو هو. پوءِ آئون پنهنجي گهر سنڌ ۽ ڪراچي ويس، جتي منهنجي شهر جي عوام، لاهور کان به وڌيڪ تعداد ۾ گڏ ٿي پاڻ موهيو. اسين ڪوئيٽا وياسين ۽ واپس سنڌ ۾ اچي ٺٽو، بدين، حيدرآباد ۽ پڇاڙيءَ ۾ لاڙڪاڻي جو دؤرو ڪيوسين. رمضان جو مهينو هو. عوام جي هجوم مونکي ڏسي نعرا ٿي هنيا. "ماروي ملير جي، بينظير بينظير!"

لاڙڪاڻي ۾ ايڏي ته سخت گرمي هئي، جو هوائي اڏي کان اسٽيڊيم تائين مون پنهنجي مٿي ۾ ڪُلهن تي برف جا ننڍڙا ٽُڪرا رکيا هئا. هي اهوئي اسٽيڊيم هو، جتي ڏهه مهينا اڳ منهنجي پاءُ شاهه جي جنازي نماز پڙهي وئي هئي. اسان سان ايترا ته گهڻا ماڻهو هئا، جو سڄ لهڻ کان اڳ اسٽيڊيم ۾ پهچڻ لاءِ رستو بدلائڻو پيو هو. آئون ان ٿڪائيندڙ گرميءَ ۾ سمورو وقت بيٺي هيس: پهرين پجيرو جيپ جي ڇت واري ڳڙکيءَ مان ۽ پوءِ هڪ ٽرڪ تي. وچ ۾ مون ليمو ۾ لوڻ پئي چوسيو. پيپلز پارٽيءَ لاڙڪاڻي جو صدر جهولي جي سَت سَهي نه سگهيو. "يا الله منهنجي مدد ڪر." مون اهو ڄاڻندي دعا گهري ته مونکي بيهوش ٿيندي ڏسي، اسان جا دشمن خوش ٿيندا. تنهنڪري سڄي عوامي جلسي ۾ آئون پاڻ کي سنڀاليندي رهيس.

اوڀيهن شهرن جي گشت مهل. هر هنڌ منهنجي موت جا افواهه ۽ جلسا ڦِٽائڻ جون ڌمڪيون ٻُڌڻ ۾ آيون. اُهي افواهه تڏهن ويتر وڌي ويا، جڏهن بلوچستان ۾ منهنجن محافظن عوامي ميڙ اڳيان ٽن افغان مجاهدن کي ويڙهل ڏٺو، جن وٽ موتمار هٿيار لِڪل هئا. انهن هٿيارن مان ڪو جوڪو ڪونه هو. بلوچستان ۾ ڪيترائي ماڻهو هٿيار کنيو گهمندا رهن ٿا. پر ڳالهه اها هئي ته اهي هٿيار لڪل هئا. منهنجن محافظن انهن شڪي افغانين بابت مونکي ڪجهه به نه ٻڌايو، پر منهنجيءَ تقرير وقت اُهي سندن سامهون ٿي بيٺا، ته جيئن گوليون منهنجي بدران کين لڳن.

اُن موقعي لاءِ اتي گول ڦِرندڙ اسٽيج ٺاهي وئي هئي، ته جيئن عوام جي اٿاهه هُجوم مان هر ڪو ماڻهو مونکي ڏسي سگهي، تنهن تي بيٺي مونکي اها ڳڻتي ٿي، ته متان مونکي مٿي ۾ ڦيري نه ٿئي. پر جڏهن مون عوامي ميڙ ڏانهن نهاريو جنهن ۾ گهڻا مسڪين ۽ غريب هئا، ته مونکي پنهنجي ڳڻتي وسري وئي. بلوچستان ڏتڙيل ۽ پٺتي پيل صوبو هو ۽ آهي: قبائلي سردار هر قسم جي ترقيءَ جي مخالفت ڪن ٿا، جو ته ترقيءَ سبب عوام سندن هٿن مان نڪري ويندا. بابا جي وقت تائين بلوچستان ۾ پڪن رستن بدران ڪچا رستا هئا، بجلي ڪانه هئي، تازو پاڻي گهٽ هو ۽ جابلو ٻُٺ زمين ۾ ٿورو فصل ٿيندو هو. اتي عوام جُڳن کان سخت زندگي گذاريندو پئي آيو.

هڪ ڀيري آئون امان سان گڏ بلوچستان وئي هيس، ته اتي ڪيس هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهندي ڏسي، ڪيئي عورتون ۽ ٻار سندس چوڌاري اچي وينا هئا. امان جي محافظن کيس اتان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، پر امان کين روڪيو ۽ عورتن کي ويجهي اچڻ جي اجازت ڏني. هنن اچرج وچان امان جي وارُن کي ڇُهيو، جيڪي نرم ۽ اُجرا هئا، جڏهن ته سندن وار چيڙهه پيل ۽ اَٽيا هئا.هنن کي ته ڦڻين جي به ڄاڻ نه هئي. بابا جي حڪومت بلوچستاني عوام جي ڀلائيءَ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو هو، پوءِ به قبائلي سردارن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت خلاف بغاوت ڪئي هئي.

”پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ڪي ڀڪ آهي تہ قوم جي ڀلائيءَ ۽ سُڌارو اُن ۾ آهي تہ سنڌس عوام شاهوڪار هجي.“ مون آهستي ڦرندڙ اسٽيج تان چيو. ”جيڪڏهن عام ماڻهوءَ کي روزگار جي ضمانت مليل آهي، جيڪڏهن ڪيس سٺي علاج جي سهوليت آهي ۽ سنڌس ٻار پڙهي سُکيا ستابا ٿي سگهن ٿا، تہ پوءِ سڄيءَ قوم خوشحال ٿي ويندي. اهو ڪو الله جو قانون ڪونهي، تہ عوام مفلسيءَ ۾ زندگي گذاري. گنديون گهٽيون ۽ اونداها گهر قوم جو مقدر ڪونهي. جيڪڏهن اسان ۾ اها سگهه آهي، تہ اسين پنهنجي ملڪ جا وسيلا صحيح ڪَتب آڻي حالتن کي بدلائي سگهون، تہ پوءِ اسان کي ائين ضرور ڪرڻ گهرجي.“ جلسي ۾ وينل ماڻهو پهرين قطار ۾ وينل ٽن افغانين سميت اُٿي بيٺا ۽ هنن سيني تاڙيون وڄائڻ شروع ڪيون. منهنجن محافظن سُک جو ساهہ کنيو. خطرو ٽري ويو هو.

پر جوکو ڪونہ ٽريو هو، ملڪ جي ٻين حصن ۾ اهو هينئر شروع ٿيو هو. مونکي ڪراچي ايندي اڃا ٻہ هفتا بہ ڪونہ ٿيا، تہ 30 مئي تي حيدرآباد ۾ نوجوانن جي هڪ هاسٽل تي پوليس اوچتو حملو ڪري، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ اسٽوڊنٽس پيپلز فيڊريشن جي صدر ۽ سڄي صوبي لاءِ اسان جي محافظ اڳواڻ فقير اقبال هيسباڻيءَ کي گولي هڻي ماري وڌو. هن جي ساٿي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي رڪن جهانگير پناڻ کي پوليس وارن ڪرنگهي ۾ گوليون هڻي سدائين لاءِ نِستو ڪري ڇڏيو.

اقبال هيسباڻيءَ جي موت جي اُها ڄاڻ جڏهن صبح سوير دوست محمد مونکي ننڊ مان جاڳائي ٻڌائي، تہ منهنجو رَت ٻيهي ويو. پوءِ ٻانهن ۾ وڏيڪ ڪاريون پٽيون. مٿن تي وڏيڪ ڪارا رومال. وڏيڪ ڪارا رَوا، وڏيڪ ڪارا جهنڊا. هڪ ٻيو ماتمي جلوس اهڙي نوجوان لاءِ، جنهن تي منهنجو اٿاهہ ڀروسو هوندو هو. مون هُن جي ماءُ سان تعزيت ڪئي، جيڪا پنهنجو اڪيلو پٽ وڃائي ويٺي هئي. هن مونکي هڪڙو تعويذ ڏنو، جيڪو هن پنهنجي پُٽ لاءِ لکيو هو، جو اهڙو تعويذ هن حيدرآباد ۾ منهنجي جلسي جي گوڙ ۾ وڃائي ڇڏيو هو. ”هيءُ تون وٺ،“ هن جي ماءُ مونکي چيو. ”هيءُ توکي اقبال طرفان سوکڙي ڏيان ٿي.“ اهو تعويذ اڃا تائين آئون پنهنجي هينڊبئگ ۾ کڻان ٿي. حڪومت هٿان اڃا ٻين ڪيترن چڱن ماڻهن جو انت ايندو؟

اقبال هيسباڻيءَ جي قتل تي سڄي ملڪ ۾ پُرامن مظاهرا ٿيا، پر حڪومت عملي طور مارڪُٽ تي لهي آئي هئي. ڪشمور جي احتجاجي جلسي ۾ ضياءَ جي صوبائي اسيمبليءَ جي هڪ ميمبر، ماڻهن جي ميڙ کي ڀڄائڻ لاءِ ڪلاشنڪوف سان گوليون هلايون. اتفاق سان ماڻهو بچي ويا، پر حڪومت طرفان اُهو نئون ۽ ڀوائتو هدايتي اشارو هو: پنهنجين ايراضين تي گولين سان قبضو ڪريو. ماڻهو ماري ۽ زخمي ڪري مٿن چڙهت ڪريو، پر مٿن قبضو ضرور ڪريو.

ڪجهه هفتن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ٻه ٻيا ڪارڪن به مارجي ويا: هڪڙو پاڪستان پيپلز پارٽي ڏوڪريءَ جو صدر ۽ ٻيو هڪ پارٽي ڪارڪن. جنهن کي ٽنڊي محمد خان ۾ گولي هڻي قتل ڪيو ويو هو. پهرئين قتل ۾ ضياءَ جي صوبائي اسيمبليءَ جي هڪ ميمبر تي شڪ ڏيکاريو ويو هو. جڏهن ته ٻيو قتل پوليس انسپيڪٽر اهڙي موتمار هٿيار سان ڪيو هو، جيڪو پوليس کي مليل ئي نه هو. ”اهو هٿيار مونکي سنڌ ڪابينا جي هڪ وزير ڏنو هو، ته جيئن آئون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪُتن کي ماريان.“ مقامي ماڻهن جي چوڻ پٽاندر انسپيڪٽر چانهه جي هوٽل تي چيو هو. هاڻي حڪومت نندين سياستدانن ۽ ٻين زيردستن کي ان ڪُڌي ڪم لاءِ هٿيار ڏنا پئي.

حڪومت سان اسان جو مقابلو ٽيڻ وارو هو. اسان کي اهو پتو هو ۽ ڪين به اها ڄاڻ هئي. ملڪي پاليسيءَ بابت ڪي به فيصلا ڪونه پئي ٿيا. حڪومت جو سمورو ڌيان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ خلاف ڪارروائين تي هو. جون مهيني ۾ جڏهن حڪومت پنهنجي بجيٽ سامهون آندي، تڏهن اسان اُن جي جواب ۾ عوامي بجيٽ ڏني. جڏهن حڪومت سمجهيو ته رمضان جي مهيني کان پوءِ اسين سنڌ تحريڪ شروع ڪنداسين، تڏهن صوبي ۾ هنگامي حالت جو اعلان ڪيو ويو. جڏهن اسان هلچل شروع نه ڪئي، ته هنن هنگامي حالت مهمل ڪر ڇڏي. حڪومت کي اهڙيءَ ريت ڊاوانڊول ڏسندي اسان پنهنجيءَ مهم جي ٻئي حصي تي عمل ڪندي، ضياءَ تي زور رکيو، ته سرءُ جي مند ۾ عام چونڊون ڪرايون وڃن.

5 جولاءِ 1986ع. فوجي بغاوت جي نائين سالگرهه. اسان اُن ڏينهن کي ”ڪارو ڏينهن“ ڪوٺيو ۽ چين جي خنجراب لڪ کان وٺي عربي سمنڊ تائين پاڪستان جي سيني ضلعن جي مرڪزي شهرن ۾ عام جلسن جي رٿا جوڙي. پوءِ به ڪنهن کي پتو نه هو، ته ساڳيءَ وقت اهڙن مظاهرن ۾ هڪٻئي سان رابطي جوڙڻ لاءِ، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ڍانچو ايترو سگهارو هو به يا نه. ”ڪارو ڏينهن“ حقيقت ۾ اهو ڏسڻ لاءِ هڪ مشق هئي، ته اسان جي پارٽيءَ جا مڪاني ۽ علائقائي اڳواڻ ايترو منظم آهن، جو اُهي زبردست احتجاج ڪري سگهن، جنهن سان حڪومت تڪڙو سرءُ جي مند ۾ رٿيل چونڊن ڪرائڻ تي مجبور ٿئي. سرءُ مند وارن مظاهرن جي نتيجن جي خاطريءَ لاءِ اسان کي هڪ لک کان مٿي ”لوڪشاهي ڪبوترن“ جي پرتيءَ جي ڪُهرج هئي، جيڪي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا همدرد هجن ۽ بک هڙتالون ڪري ۽ ڌرڻا هڻي پنهنجون گرفتاريون راضي خوشي ڏين. انهن مامرن تي اڳواٽ چڱيءَ طرح ويچارڻو هو. جيئن 5 جولاءِ جو ڏينهن ويجهو آيو، ته مون سڄي ملڪ ۾ وڃي انتظامن ۾ مدد ڪئي. ”ڪارو ڏينهن“ زبردست ڪامياب ٿيو. ڪراچيءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ڏيڍ لک حامي نڪري آيا ۽ لاهور ۾ ٻن لکن کان به مٿي.

14 آگسٽ، پاڪستان جي آزاديءَ واريءَ سالگرهه جي ڏيهاڙي اهم تاريخ هئي. منهنجي پاڪستان جي دؤري وقت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي زبردست حمايت جي ساڃ وچان ضياءَ جي جُڙتو وزيراعظم محمد خان جوڻيجي اعلان ڪيو، ته حڪومت جي سرڪاري جماعت مسلم ليگ 14 آگسٽ تي لاهور ۾ مينار پاڪستان وٽ جلسو ڪندي. جيئن جوڻيجي پنهنجو اهو ارادو ڏيکاريو، ته اسان به اعلان ڪيو ته، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پڻ آزاديءَ واري ڏينهن لاهور ۾ جلسو ڪندي. اسان کي خاطري هئي، ته اسان جو جلسو وڏو هوندو. اهو ڏسي حڪومت اسان جا ماڻهو گهٽائڻ ۽ پنهنجا حامي آڻڻ لاءِ پنجاب جون سپيئي بسون پنهنجي قبضي ۾ ورتيون. "اوهين به سرڪاري بسن ۾ چڙهي اچو" اسان به پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي صلاح ڏني. "اوهين جڏهن لاهور پهچو، ته اسان جي پاسي هليا اچجو."
انهي جهيڙي ۾ ايم آر ڊيءَ به شامل ٿي وئي. پاڪستان ۾ منهنجي اچڻ کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن ۽ تحريڪ جي ڪارڪنن سان منهنجيون ڳالهيون ٿيون هيون. سياسي پارٽين جو اهو اتحاد 1981ع ۾ جهاز جي اغوا ٿيڻ واري واقعي کان پوءِ هڪدم ٺاهيو ويو هو. اُهي به غير رسمي طرح اسان سان سُهمت ٿيا، ته حڪومت تي دٻاءُ وڌو ويندو.10 آگسٽ تي ايم آر ڊيءَ جا نو اڳواڻ ٽن ورهين ۾ پهريون ڀيرو 70 ڪلفٽن تي آيا ۽ هنن اُن ناهه تي اتفاق ڪيو. هڪڙو اهڙو اڳواڻ پڻ آيو هو، جنهن جي مٿي تي حج لاءِ اچو ڪپڙو ويڙهيل هو. حڪومت هن کي حج تي وڃڻ جي موڪل نه ڏني هئي ۽ کيس هوائي اڏي تان موٽائي ڇڏيو هو.
ٻئي پاسي ضياءَ پرڏيهه ويل هو ۽ هيڏانهن هوڏانهن پئي يَڳو. آزاديءَ ڏينهن ٿيندڙ جلسن ۾ هُن جي جيڪا خواري ٿيڻي هئي، تنهن سبب هُو 7 آگسٽ تي پنهنجي سڄي خاندان سميت سعودي عرب روانو ٿي ويو. هوائي اڏي جي ملازمن مان ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ همدرد اسان کي اها راز جي ڳالهه ٻڌائي هئي، ته ضياءَ گهريلو سامان جون ٽي وڏيون پيٽيون ۽ سوني پليٽ واري هڪ رولس رائس ڪار، جيڪا کيس ملڪي صدر هجڻ طور عرب ملڪ جي هڪ اڳواڻ ڏني هئي، جهاز ذريعي ملڪ کان ٻاهر موڪلي ڇڏي هئي.
هڪ ڀيرو وري اهو وقت ڏاڍو نازڪ بڻجي ويو هو. اسان جي ملاقات جي پڇاڙيءَ ۾، ايم آر ڊيءَ جي اڳواڻن ۽ منهنجي وچ ۾ ان ڳالهه تي اتفاق ٿيو هو، ته قانون ۾ رهندي گڏيل احتجاجي جلسا ڪيا ويندا، ته چونڊون تڪڙيون ڪرايون وڃن. ٻئي ڏينهن ايم آر ڊي اعلان ڪيو ته، آزاديءَ واري ڏينهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ ٻيا مخالف گروهه گڏجي، ڪراچي ۽ لاهور ۾ جلسا ڪندا. ڪجهه ڇڻن ضياءَ کان اهو به مطالبو ڪيو ته، 20 ڊسمبر کان پهرين عام چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪيو وڃي. هن ڀيري جوڻيجو ئي هو، جيڪو ڇِتو ٿي پيو هو.

مونکي 12 آگسٽ تي، ڪيئي صحافين ۽ پارٽيءَ ڪارڪنن سان گڏجاڻيءَ مهل ٻڌايو ويو، تہ جوڻيجو اڳواٽ اطلاع ڪانسواءِ ريڊيي ۽ ٽيليويزن تي تقرير ڪرڻ وارو آهي. اسان هن ڪي ٿي ويءَ تي ڏٺو. هن ٻڌايو تہ مسلم ليگ ۽ مخالف جماعتن وچ ۾ جهيڙي ٿيڻ جو امڪان آهي، تنهنڪري آزاديءَ ڏينهن تي مسلم ليگ جو عام جلسو ڪونہ ٿيندو. هن مخالف جماعتن کي پڻ اپيل ڪئي، تہ اهي بہ پنهنجا جلسا رد ڪن. عام جلسن تي پابندي هٽڻ جو ڪوبہ سرڪاري حڪمنامو نہ نڪتو هو.

پاڻ بچائڻ لاءِ جوڻيجو جي اُن ڪوشش تي مونکي ڪوبہ اچرج نہ ٿيو، جيتوڻيڪ اسان کي تشدد ڏانهن ڌِڪڻ جي سندس اُن ڪوشش تي مونکي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي هئي. حڪومت اسان جي جلسن ۽ جلوسن ۾ تشدد کي اڀارڻ جي منظم ڪوشش ڪئي هئي. جڏهن تہ اسان جو وري پُختو ارادو هو تہ سياست ذريعي پرامن تبديلي آندي وڃي. منهنجا رضاڪار محافظ تہ پاڻ سان هٿيار بہ ڪونہ کڻندا هئا. پر ضياءَ جي گُڏي وزيراعظم، مارشل لا لهڻ کان پورا اٺ مهينا پوءِ بہ پاڪستان ۾ سياسي سرگرمين کي گهٽائڻ لاءِ ڪونہ ڪو بهانو ڳولي لڌو هو. حڪومت جي اصلي روپ ڏيکارڻ جي تہ هن ۾ همت ئي نہ هئي. جوڻيجو تازو آمريڪا مان موٽي آيو هو. جتي صدر ريگن پاڪستان جي واکاڻ ڪندي چيو هو تہ اهو ملڪ "وڏيون ٻرانگهون ڀري جمهوريت ڏانهن ٻيو وڌي." جوڻيجو پاڻ بہ 'ٽائيم' مخزن ۾ ٻٽاڪ هڻندي چيو هو تہ، پاڪستان مان مارشل لا هٽائي ۽ اتي جمهوريت آڻي هن ڪيترائي معاملا نبيري ڇڏيا هئا. "اسان تہ اڳواٽ اهي ڪري ڇڏيا،" هن دعويٰ ڪئي. "ڀلا هاڻي چوندن لاءِ ڪهڙو مسئلو رهيل آهي؟"

"اِها اسان جي وڏيءَ سوڀ آهي،" جوڻيجي جي تقرير ٻُڌڻ لاءِ منهنجي آفيس ۾ جيڪي پارٽيءَ ڪارڪن وينا هئا، تن کي مون چيو. "جوڻيجو پاڻ کي جمهوري وزيراعظم سڏائي ٿو. پر سندس حمايت ڪٿي آهي؟ هن پنهنجو جلسو پاڻ رد ڪيو آهي، ڇو تہ هُن کي پڪ آهي تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ڪيس اُگهاڙو ڪندي. حڪومت ميدان مان ڀڄندي پئي وڃي."

"هاڻ اسان کي 14 آگسٽ جو جلسو ڪرڻو ڪونهي." هڪ ماڻهو چيو.

"اسان اڳ ۾ ئي سوڀ ماڻي آهي."

"نہ، نہ. اسان کي مانڊڙي ڪري ويهڻ نہ گهرجي." ٻئي ڳالهايو." عام جلسو ڇو نہ 15 تاريخ تي ڪريون."

"15 تاريخ تي هندستان جي آزاديءَ جو ڏينهن آهي."

"تہ پوءِ 16 تاريخ."

"پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آئون سياڻي فيصل آباد پئي وڃان." مون هنن کي ٻڌايو. "اسين پوءِ ڪو فيصلو ڪنداسين."

اُن غير رسمي گڏجاڻيءَ مان آئون سِڌو ايم آر ڊيءَ جي سڏايل ضروري گڏجاڻيءَ ۾ ويس. اتي ايم آر ڊيءَ جي اڳواڻن جا ويچار ئي مختلف هئا. اهي سڀيئي مون تي سخت ناراض هئا، جو مون اها تجويز ڏني هئي، تہ جلسن جي ٻيءَ تاريخ لاءِ آئون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن سان صلاح ڪنديس. ”توڪي سياست جي ڪابہ ڄاڻ ڪانهي.“ هنن مونکي چيو. ”آزاديءَ ڏينهن تي اسان کي ضرور جلسو ڪرڻ گهرجي. هيءُ تہ وقت آهي. اسين واپس ڪونہ ٿا وڃي سگهون.“
مون احتجاج ڪيو. مونکي پتو هو تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ميدان ۾ اچڻ لاءِ تيار نہ هئي. تازو ”ڪاري ڏينهن“ تي اسان زبردست عوامي جلسا ڪيا هئا. ۽ هاڻي نہ وقت هو ۽ نہ ئي اهڙي تنظيم، جيڪا عوام کي اُن موقعي لاءِ تڪڙو سنبرائي سگهي. سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ اسان جي حڪمت عمليءَ پٽاندر حڪومت کي سِڌو ناراض ڪرڻو نہ هو، پر هڪ عرصي اندر سياسي جلسن جي رفتار وڌائي حڪومت کي گهُٽڻو هو. هڙتالون ۽ ڌرڻا هڻڻ سبب حڪومت نِستي ٿيندي. واپار وڙي کي ڌڪ لڳندو، اقتصادي حالت تي اثر پوندو، ملڪ جي سموري زندگيءَ تي اثر پوندو، جنهن سبب حڪومت خلاف عوام ۾ سخت ڪاوڙ ٿيندي. پر هينئر حڪومت سان مقابلي سبب جوابي حملي جو خطرو ٿيندو، پارٽيءَ جي اڳواڻن ۽ حمايتين کي گرفتار ڪيو ويندو، تنهنڪري سڄو زور ٽُٽي پوندو.
”اسان کي پوئتي هٽڻ نہ گهرجي.“ ايم آر ڊيءَ جي اڳواڻن چيو.
آئون ڏچي ۾ ڦاسي پيس. هاڻي ايم آر ڊيءَ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو اتحاد ٽٽي پوندو يا وري مونکي ماٺ ميٺ ۾ راضي ٿيڻو پوندو. سيني جي راءِ اها هئي، تہ اسان کي جلسن ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي. ٺون مان اڪيلو منهنجو ووٽ انڪار ۾ هو.
”ٺيڪ آهي، اسين شامل ٿينداسين.“ مون لاچاريءَ مان چيو. ”پر الله جي واسطي اڄ رات اُن جو اعلان نہ ڪندا. ۽ سڀاڻي تائين اوسيئڙو ڪيو وڃي.“ مونکي وقت گهربو هو، ڪٽي اهو بہ ٿي ڪلاڪ ئي هجي، تہ جيئن آئون پارٽيءَ اڳواڻن کي ٻُڌائي سگهان، تہ لِڪي وڃو. جيڪڏهن اسين سڀيئي گرفتار ٿينداسين، تہ پوءِ سرءُ جي مند واريءَ رٿا تي ڪيئن عمل ٿيندو. پوءِ بہ ايم آر ڊي اعلان ڪري ڇڏيو.

**13 آگسٽ 1986ع:**
اڳ ۾ ڪيل فيصلي پٽاندر آئون فيصل آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هوائي اڏي ڏانهن وڃان ٿي. دروازي تي مونکي پوليس ملي ٿي. ”اسان کي تنهنجي پنجاب نيڪالي جا حڪم مليا آهن، پر جيڪڏهن تون اوڏانهن وڃڻ گهرين ٿي تہ پلي وڃ.“ اهي مونکي چون ٿا. هاڻي هنن هڪ نئين ڪيڏ تي عمل ڪيو آهي. آئون پانئيان ٿي ، تہ اُهي مونکي ڪاوڙائڻ گهُرن ٿا، تہ جيئن آئون انهن حڪمن هوندي بہ

وجان ۽ حڪومت کي اهو چوڻ جو وجهہ ملي تہ انهن اُن هنگامي کي ٻُنجي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر اهو هنگامو ڪيو هو. هنن جي اُن ڪيڏ ۾ شريڪ ٿيڻ کان مون انڪار ڪيو. پر هوائي اڏي تي آئون تڪڙ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي انهن ميمبرن سان مشورو ڪريان تي، جيڪي مون سان گڏ آهن. مونکي پڪ هئي، تہ پنهنجن ساٿين کي اُهي آخري هدايتون ڏيڻ لاءِ، تہ منهنجي گرفتاريءَ سبب اُهي ملڪ جي ڏار ڏار حصن ۾ پارٽيءَ جي سرگرم ڪارڪنن سان رابطو ڪن، ۽ جڏهن آئون 70 ڪلفٽن واپس وڃان، تہ اتي پوليس منهنجي اوسيئڙي ۾ ويٺي هُجي.
جڏهن آئون 70 ڪلفٽن واپس موٽي اچان تي، تہ اتان پوليس الوپ ٿي چُڪي آهي. اها نرالي خاصيت آهي. پر هندستاني ريديو غلطيءَ وچان منهنجي گرفتاريءَ جي ڄاڻ هلائي ٿو، جنهنڪري ٽيليفون اچڻ شروع ٿين ٿا. لياريءَ ۾ منهنجي گرفتاري خلاف احتجاجي جهيڙا پيا ٿين. منهنجي آڏرياءُ لاءِ فيصل آباد هوائي اڏي تي جيڪي ماڻهو آيا هئا، تن تي پوليس لٺيون پئي وسائي ۽ ڳوڙها آٽيندڙ گئس جا گولا پئي اڇلائي. تہ اهو آهي حڪومت جو ”وڏيون ٻرانگهون ڀري جمهوريت ڏانهن وڌڻ.“
آئون پوليس جو اوسيئڙو پئي ڪريان. پر ڪوبہ ڪونہ ٿو اچي. انهيءَ وچ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ ايم آر ڊيءَ جو هر هڪ اڳواڻ گرفتار پيو ٿئي. ڀھريون ڀيرو اهي سيئي جيل ۾ يا نظربند آهن ۽ آئون ٻاهر آهيان. حڪومت مونکي ڇُهڻ ڪانسواءِ پارٽيءَ کي نِپوڙڻ چاهي ٿي. ۽ اهڙيءَ طرح دنيا ۾ ۽ خاص ڪري آمريڪا ۾ بدنام ٿيڻ کان بچڻ گهري ٿي، جتي سرءُ مند ۾ يڪي امداد تي ووٽ ورتا ويندا. آئون پاڻ ان پنجاب نيڪاليءَ کي هڪڙو وجهہ سمجهان ٿي، تہ جيئن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنهنجي رٿا پٽاندر حڪومت سان وقتائتو مقابلو ڪري سگهي. 70 ڪلفٽن تي صحافي اچي مڙن ٿا: ٽائيم مخزن جو راس منرو، بي بي سي ٽيليويزن جو هڪ ڪئميرامين، لائيف مخزن جو اينڊي فيڊيمن، جيڪا ريڊڪلف کان منهنجي پراڻي ساهيڙي آهي ۽ فوٽوگرافر ميري ايلن مارڪ سان گڏ ڪراچي ۾ آئي آهي، تہ جيئن پاڪسان ۾ منهنجي واپسيءَ تي ڪو مضمون لکي سگهي. جنگ ۽ ڊان اخبارن جا تجربيڪار صحافي محمود شام ۽ حضور شاھ ٽيپهريءَ کان اڳ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ ايم آر ڊيءَ جا اٽڪل هڪ هزار اڳواڻ ۽ ڪارڪن نظربند ٿي ويا آهن. پر آئون آزاد آهيان.
هڪڙو صحافي ڪراچي پريس ڪلب مان اچي ٿو. هن ٻُڌو آهي تہ ايم آر ڊيءَ جو جلسو ڪراچيءَ ۾ سپاڻي ٿيڻو آهي ۽ آئون ان ۾ شريڪ ٿينديس. آئون حيران ٿيان ٿي. مون ڪنهن بہ اُن رٿا جي تبديليءَ بابت ڪو مشورو نہ ڪيو آهي. پر اها ڄاڻ پڪڙجي وڃي ٿي. اُن رات بي بي سي پنهنجي پروگرام ۾ ٽي ڀيرا اها خبر ٻڌائي ٿي، تہ آئون 14 آگسٽ تي ايم آر ڊيءَ جي جلسي ۾ويندس. آئون حڪومت کي يا ايم آر ڊيءَ کي

چيڙائڻ نٿي گهران. پر آئون ڇا ڪريان؟ جيڪڏهن هاڻي آئون اتي نٿي وڃان ته مخالف چوندا، ته آئو مايوس ٿي وئي آهيان.
آئون پارٽيءَ جي هيٺئين سطح جي ڪجھ ماڻهن ڏانهن نياپو ڪريان ٿي، ته اُهي انهن ماڻهن سان ملن، جيڪي پوليس جي نظرن کان بچي ويا آهن، ۽ ڪين صبح جو 70 ڪلفٽن اچڻ لاءِ چون، ته جيئن اسين سڀيئي گڏجي جلسي ۾ وڃون.

14 آگسٽ 1986ع. پاڪستان جي آزاديءَ جو ڏينهن.
”جيئي ڀٽو! جيئي ڀيڻ بينظير!“ آئون صبح جو جڏهن ننڊ مان سُجاڳ ٿيان ٿي، ته 70 ڪلفٽن ٻاهران اُهي نعرا ٻُڌان ٿي. گهر اڳيان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا هزارين حامي اچي مِڙيا ٿيا آهن، جن کي ڀٽو پيو آهي، ته آئون پارٽيءَ جي ٻين ميمبرن ۽ بي بي سيءَ جي ٽوليءَ سان گڏ ايم آر ڊيءَ جي جلوس ۾ شريڪ ٿينديس. ايتري ۾ هڪ نياپو ملي ٿو، جنهن مان پتو پوي ٿو ته آئون اجا تائين ڇو گرفتار نه ٿي آهيان. حڪومت ڪنهن به فيصلي جي اهليت نه سارينديِ، گذريل رات ايم آر ڊيءَ جي اعلان کان پوءِ، سعودي عرب ۾ ضياءَ کي ٽيليڪس موڪلي، منهنجي لاءِ پڇيو هو. هن جو جواب پاڪستاني وقت مطابق صبح جو نائين وڳي کان اڳ ڪونه پهتو هو. ”هن کي گرفتار ڪريو.“ ضياءَ واپس ٽيليڪس ۾ چيو. پر اوستائين پوليس کي همت ئي نه ٿي. ”پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا جيڪي حمايتي 70 ڪلفٽن ٻاهران بيٺا هئا، سي مونکي ڳيا ڳيا ڪري چڏين ها.“ پوءِ پوليس جي هڪ ماڻهوءَ مونکي ٻُڌايو هو. پوليس عوامي هجوم تي گوليون هلائڻ ۽ 70 ڪلفٽن چوڌاري امڪاني ڦڏي کان لهرائي ٿي. ڪلفٽن جي ايراضيءَ ۾ ڪيترن ئي سفيرن جا گهر پڻ آهن ۽ پوليس جي مرضي ڪانهي، ته هجوم مچرجي سفارتخانا ساڙي پنهنجي ڪاوڙ ڪڍن.“
پوليس منهنجي نڪاڻي بابت به ڏاڍي مُنجهيل آهي. منهنجي ساهيڙي پشي رات جو 70 ڪلفٽن ۾ رهيل هئي. هوءَ صبح سوير ڪار ۾ چڙهي اتان هلي وئي هئي ۽ جاسوس ڪوبه فصلو نه ڪري سگهيا ته اها آئون گهر ۾ هيس يا نه. هڪ ڏکو اهو به هو، ته سفر تي بندش هوندي به آئون فيصل آباد ڪسڪي وئي آهيان. پوءِ به ڪين ٽُرت ڄاڻ پئجي وڃي ٿي.
”اوهان ڪيڏيءَ مهل ويندئون؟“ ايم آر ڊيءَ جو هڪ اڳواڻ فون ڪري پڇي ٿو. ”اسين هتان ٻين بجي روانا ٿينداسين.“ آئون ڪيس ٻڌايان ٿي. ان کان ٿورو پوءِ مونکي ڄاڻ ملي ٿي، ته پوليس منهنجي گرفتاريءَ لاءِ ٻين بجي ايندي، جيتوڻيڪ هنن وٽ ڪوبه سبب ڪونهي. هوم سيڪريٽري جلوس تي پابندي وجهڻ جو ڪوبه اعلان نه ڪيو آهي. اسين هڪ وڳي وڃڻ جو فيصلو ڪيون ٿا ۽ صحافي گڏ ٿين ٿا. مونکي اهو ياد ڪندي ڏک ٿئي ٿو، ته هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ آئون ورلي لائيف مخزن ۾ هڪڙو ڪالم پڙهندي

هيس، جنهن جو عنوان هوندو هو: ”زندگي فلمن ڏانهن وڃي ٿي.“ هاڻي زندگي پاڪستاني پوليس سان مقابلي لاءِ وڃي ٿي ۽ پڪ گرفتار ٿيندي. مونکي ايني فيڊيمين جي ڳڻتي آهي. نئين دهلي لاءِ ٽائيم جو بيورو چيف راس منرو نندي ڪنڌ جي سياست جو ڄاڻُو آهي. ڪنهن کي بہ پتو ڪونهي تہ اسين جڏهن 70 ڪلفٽن مان ٻاهر نڪرنداسين تہ ڇا ٿيندو.

”قل هو الله احد“- چئو تہ هو هڪ الله آهي. آئون گهر جي دروازي وٽ قرآن شريف جي آيت پڙهان ٿي. ايني فيڊيمين، راس منرو، بي بي سي ٽيليويزن جي ڪئميرامين، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ڪجهہ اڳواڻ ۽ منهنجي ساهيڙي پِشي هڪ پجيرو جيپ ۾ چڙهن ٿا. آئون پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهان ٿي، جنهن تي سياسي نعرن جون پَٽيون، لائوڊ اسپيڪر ۽ پيپلز پارٽيءَ جا جهنڊا لڳل آهن. سميعا، ڪجهہ سياسي ڪارڪن ۽ فوٽوگرافر ميري ايلن مارڪ مون سان گڏ آهن. جيئن دروازا کلن ٿا تہ، آئون گاڏيءَ جي ڇت واري دريءَ ۾ اُٿي بيهان ٿي. ”مارين گي، ماري جائين گي، بينظير ڪو واپس لائين گي،“ عوام جو هُجوم نعرا هڻندو، پجيرو جي چوڌاري ڦِري وڃي ٿو. منهنجو بچاءُ دستو پنجن هزارن تائين پهچي ٿو.

هُوش. جڏهن اسين مدايسٽ اسپتال پرسان پهچون ٿا، تہ پوليس ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي گولن جو پهريون حملو ڪري ٿي. ان ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ٽي هزار گولا هنيا وڃن ٿا. جن مان ٽي سؤ رڳو ڪلفٽن جي رستي تي اڇلايا ويا آهن. پيو حملو اُن چؤنڪ وٽ ٿئي ٿو، جتي گهر ۾ ئي منهنجي گرفتاريءَ لاءِ ايندڙ پوليس عوامي هجوم ۾ ڦاسي پوي ٿي. پوليس پجيرو تائين پهچڻ لاءِ ڪوشش ڪندي، ماڻهن کي ڌڪ هڻي ٿي ۽ گئس جا گولا اڇلائي ٿي. پجيرو ۾ مونکي ڪير ڇِڪي هيٺ ڪري ٿو ۽ ڇت جي دريءَ بند ڪري ٿو. اسان جو ساهہ ٻُوساٽجي ٿو ۽ اسين کنگهڻ لڳون ٿا. اسين ليمون ۽ لوڻ ڦَڪيون ٿا ۽ پنهنجا مُنهن انهن آلن ٽوالن سان ڍڪيون ٿا، جيڪي اسان پاڻ سان گڏ آندا آهن. مونکي ٻيءَ گاڏيءَ ۾ وينل صحافين ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي ڳڻتي وڪوڙي وڃي ٿي.

ايني فيڊيمين:

ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي ڌُونهين جا ڪَڪر ايڏا گهاٽا هئا، جو اسان کي درين مان ٻاهر نڪري نهارڻ سان بہ ڪجهہ ڏسڻ ۾ نٿي آيو. اسان جي پجيرو گئس سان پرجي وئي هئي ۽ اسان اُن جي ڇت واري دريءَ کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر دريءَ جو طاق اڌ ۾ ڦاسي پيو. هُجوم پجيرو مٿان چڙهي ويو هو ۽ جڏهن دريءَ مان ڪيترائي هٿ اندر بينظير ويجهو وينل ڪنهن کي بہ ڇُهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا، تڏهن صورتحال ويتر بگڙي وئي. نيٺ اسان هٿي ڏُٽي دري بند ڪئي. هاڻي اسين اندر ڳوڙها

آٽينڊڙ گئس ۾ وڪوڙجي وياسين. ٻئي ڏينهن اسان کي پتو پيو ته گئس جا اُهي گولا آمريڪا جي اسمٿ ۽ ويسن ڪمپنيءَ جا ناهيل هئا.
راس کي انهن گولن جي اڳي تجربو هو، تنهنڪري ڪيس سندن اثر کان بچڻ جي ڄاڻ هئي. اسان ٻُڪن ۾ پاڻي کڻي اکين کي هنيو ۽ رومال پُسائي هڪ ٻئي جون اکيون اگهيون. پر پوءِ به حالت ڏاڍي خراب هئي. پشيءَ کي اڳيئي سَهڪو ٿيندو هو، پر اتفاق سان جيئن گئس جا گولا هلڻ شروع ٿيا، ته هوءَ پڇيرو مان لهي، ڪنهن طرح اتان نڪري گهر هلي وئي. پر ٻيا سڀيئي ڪيئي هفتن تائين تڪليف ۾ هئا. آئون جڏهن گهر پهتيس، ته مونکي ڇاتيءَ ۾ گهُٽ ٿي، جيڪا ڊاڪٽر موجب ساهه ۾ گهٽي گئس ڇڪڻ سبب ٿي هئي. پر آئون سياڻي هيس. مون ٻڌو ته بشير رياض ڪيئي مهينن تائين بيمار هو.

ماڻهن. پوليس ۽ ڳوڙها آٽينڊڙ گئس جي اُن ڌڃي ۾ ٻن پڇيرو گاڏين جا ڊرائيور، پوليس کي مُنجهائڻ لاءِ چؤنڪ وٽان ٻن ڌار ڌار رستن ڏانهن وڃڻ شروع ڪن ٿا. ٻئي گاڏيون ڌار ڌار پُٺين رستن تان ايم آر ڊيءَ جي جلسي ۾ پهچڻ لاءِ لياريءَ ڏانهن وڃن ٿيون، جيڪو ڪراچيءَ جو غريب پُٺتي پيل علائقو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ڳڙهه آهي. پر جيئن پوليس جي نگاهه اسان جي لارين، ٽرڪن ۽ ڪارن واري وڏي جلوس تي پوي ٿي، ته اهي ريڊيي ذريعي اڳتي ٻُڌائين ٿا. تنهنڪري اسان جو رستو روڪيو وڃي ٿو. هڪ هنڌ اسين ٻي پڇيرو گاڏيءَ سان ملون ٿا ۽ محمد علي جناح جي مقبري ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪريون ٿا. اسان کي اوڏانهن به وڃڻ نٿو ڏنو وڃي. پوليس سان اسان جي تيز لِڪ لڪوٽي ٿئي ٿي. اسين واپس لياريءَ ڏانهن وڃون ٿا، ته اوچتو گاڏيءَ جو هڪ ٽائر ڦاٽي پوي ٿو. جيڪ وسيلي گاڏيءَ کي مٿي کڻڻ لاءِ وقت ڪونهي. تنهنڪري ڪيترائي ماڻهو گڏجي پڇيرو جو اهو پاسو مٿي کڻن ٿا ۽ اهو ڦيٿو ڪڍي نئون ڦيٿو هڻن ٿا. پوليس جيئن اسان جي پرسان اچي ٿي، ته اسين اتان روانا ٿي وڃون ٿا.

**راس منرو:**
موٽرڪارن جو جلوس جڏهن لياريءَ جي وڏي عوامي چؤنڪ چاڪيواڙي چؤنڪ وٽ پهتو، ته اٽڪل ڏهن هزارن ماڻهن ۾ جلوس جي لهر ڊوڙي وئي. گهٽ ۾ گهٽ بينظير کي علامتي سوڀ ٿي هئي، جو هوءَ ان جاءِ تي پهچي وئي هئي. ۽ هن ٿورن منٽن لاءِ عوام کي خطاب ڪيو هو. ”اوهين سڀيئي منهنجا ڀائر ۽ ڀينرون آهيو.“ هن گاڏيءَ مان لائوڊ اسپيڪر تي وڏي آواز ۾ چيو. ”ضياءَ کي وڃڻ گهرجي. آزاديءَ جي اجوڪي ڏينهن تي ڪِل جهڙي ڳالهه اها آهي، ته پاڪستان جي عوام کي ايتري به سياسي آزادي مليل

ناهي، جنهن جي اهي آزاديءَ سان پڌرائي ڪري سگهن." هن جي انهن لفظن چوڻ وقت رُڳو ٻه سئو وال پري هڪ سڙندڙ بس مان دونهون مٿي آڪاشُ ڏانهن پئي ويو.

**ايني فيڊيمين:**
مونکي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ طرفان جهيڙي جو هڪڙو واقعو ٻه ڏسڻ ۾ ڪونه آيو هو. سمورو ڦڏو ته پوليس پئي ڪيو، جنهن ماڻهن مٿان لٺيون وسائي، ڪين چڙوچڙ پئي ڪيو. جوان ڇوڪرن پنهنجيون ٻانهون مٿي ڪٽي، پاڻ ڪي لٺين جي ڌڪن کان بچائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. هنن جڏهن بينظير جي پجيرو کي ڏٺو، تڏهن رتوچاڻ ٿيل پنهنجيون ٻانهون گاڏيءَ جي درين سامهون ڏيڻ جون ڪوشسون ڪيون، ته جيئن بينظير کي ڏيکاري سگهن ته اهي هن لاءِ هر قرباني ڏيڻ خاطر تيار هئا. مون اوچتو بي بي سيءَ عيوضي اقبال جعفريءَ کي ڏٺو، جيڪو هُجوم سان گڏ پئي ڊوڙيو. گهٽي ڏاڍائي پئي ٿئي. هن مونکي ڏسي رڙ ڪندي چيو. مون هينئر پوليس کي ڏهن ورهين جي هڪ ٻار تي لٺيون وسائيندي ڏٺو آهي، جنهن کي پيپلز پارٽيءَ جي نشانن جون پٽيون لڳل هيون. پوليس لياريءَ ۾ جڏهن بينظير کي ڏٺو، ته اوڏانهن ڏوڪي پئي ۽ گئس جا وڏيڪ گولا اُڇلائڻ لڳا.

ڊِڪَ! ڊَڪ! آئون ڪنهن جي دانهن ٻُڌان ٿي. ڪو مونکي پجيرو ۾ هيٺ جُڪي ٿو. چو ته بلڪل اوڏيءَ مهل گئس جو گولو منهنجي مٿي پرسان تيزيءَ سان لنگهي ٿو. لڳي ٿو ته قذافي اسٽيڊيم ۾ امان ۽ مون تي جيڪو حملو ٿيو هو، هيءُ ٻه اهڙو ئي حملو آهي. پوليس ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا گولا هٿيار طور واپرائي پئي. پوليس سان ڀريل گهٽي ۾ گهٽيون گاڏيون پيون پهچن. "اسين پارٽيءَ اڳواڻ کي ڪنهن گهٽيءَ ۾ گرفتار ٿيڻ جي اجازت ڪونه ڏينداسين." پيپلز پارٽيءَ جو هڪ ڪارڪن رڙ ڪري چوي ٿو. هر طرف رڙيون ٿين ٿيون. پوليس کي روڪيو. پوليس کي روڪيو.
رستا بند ڪيا وڃن ٿا. ٽائرن ۽ ڪِن ڪِچري جي ڍِڳين کي باهه ڏني وڃي ٿي. اسين وري لياريءَ جي پُنين گهٽين ڏانهن تيزيءَ سان نڪرون ٿا. گئس جي اثر سبب اسان جون اکيون ۽ نڙيون پيون سڙن. اسان پويان ايندڙ پوليس جي گاڏين تي ماڻهو پٿر ۽ سِرون اڇلائين ٿا. "هن طرف! هيڏانهن!" ماڻهو رڙيون ڪري اسان کي گهٽين ۾ ڦاسجڻ کان بچائين ٿا. جڏهن اسين ٿوريءَ دير لاءِ پوليس کان لڪي وڃون ٿا، تڏهن اسين هڪ ٽئڪسيءَ کي روڪيون ٿا. ڳوڙها آڻيندڙ گئس ۽ ڪِن ڪچري جو دونهون چوڌاري آهي. ماڻهو رڙيون پيا ڪن. پوليس گاڏين جا سائرن پيا وڃن. منهنجي پجيرو ڪار هڪ ٻيرو وري اڳتي وڌي ٿي. پوليس جو ڌيان پاڻ ڏينهن ڇڪائڻ لاءِ سميعا منهنجو رَئو پاڻُ مٿي تي پائي اڳيئنءَ سيٽ تي ويني آهي. اسان جي ٽئڪسي ڊرائيور تي ايڏو ته ڀَؤ ڇانئجي

وجي ٿو، جو گاڏي هلائڻ وقت اُن جو دروازو بند ڪرڻ بہ ڪانئس وسري وجي ٿو. ”تڪڙ چو ٿو ڪرين؟“ آئون هن ڪان پڇان ٿي.
هُو سوڙهين گهٽين مان ٽئڪسي ڏاڍي تيزيءَ سان هلائي ٿو. پر هو اسان پنيان ايندڙ پوليس جي اڪيلي موٽر سائيڪل ڪان اڳتي نڪري نٿو سگهي. آئون هڪدم ڪار ۾ ويٺل پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن سان مشورو ڪريان ٿي، تہ اسان کي پريس ڪانفرنس ڪرڻ گهرجي، پر ڪٿي؟ مختلف هنڌن لاءِ تجويز ڏني وجي ٿي. نيٺ آئون زور رکان ٿي تہ اها ڪلفٽن تي ڪئي وجي. جيتوڻيڪ آئون پاڻ پوليس جي حوالي ٿينديس، پر صحافين کي پنهنجي ئي گهر ۾ خطاب ڪرڻ گهران ٿي. ۽ جيڪڏهن مونکي گرفتار ٿيڻو آهي، تہ گهر مان ئي گرفتار ٿينديس. پر اجا تائين موٽر سائيڪل اسان پويان لڳل آهي. اسان کي ان ڪان پاڻ بچائڻو آهي. ”ساڄي پاسي هل.“ ميٽروپول هوٽل ڏانهن ويندڙ رستي سان ملندڙ هڪ گهٽيءَ ۾ آئون اوچتو ڊرائيور کي چوان ٿي. هو ڪار کي چرڙاٽ ڪرائيندي اوڏانهن موڙي ٿو ۽ هوٽل جي چوڏاري ڦري ٻئي رستي ڏانهن وجي ٿو. اسين موٽرسائيڪل ڪان گسائي وجون ٿا.
اسان کي ڪلفٽن ويجهو پهچندي هر پاسي رنڊڪون ۽ پوليس ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڊرائيور هيسجي ڪار کي پنتي موڙي ٿو. ”گاڏيءَ کي آرام سان اڳتي هلاءِ ۽ هڪڙي رفتار ۾ هل.“ آئون هن کي چوان ٿي. ”پوليس وارا هيڊي ٽوپاتا جي ڳولا ۾ ڪونهن.“ اسين جنهن وقت پوليس وارن جي قطارن جي وچ مان لنگهياسين، تہ غريب ڊرائيور ڏڪيو پئي. منهنجي مٿي تي سميعا جو رَئو پيل آهي ۽ پوليس وارا مونکي ڪونہ تا سڃاڻين. اسين ٿوريءَ دير لاءِ هڪ پارٽيءَ ڪارڪن جي گهر مُنهن ڌوئڻ لاءِ لهون ٿا.
”ياڙو ڪيترو ٿيو؟“ آئون پنهنجو ٻَٽون ڪڍي ڊرائيور ڪان پڇان ٿي. ”آئون ٽئڪسي ڊرائيور نہ آهيان. هيءَ منهنجي پنهنجي ڪار آهي.“ هو اجا تائين ڏڪندي جواب ڏئي ٿو. ”تون ٽئڪسي ڊرائيور نہ آهين؟“ آئون اُويساهيءَ وچان ڪانئس پڇان ٿي ۽ سوچيان ٿي تہ مون ڪيئن نہ هن کي حُڪم ڏنا هئا: ”نہ، آئون تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو حامي آهيان.“ هو جواب ۾ چوي ٿو. هو ڪنهن بہ رقم وٺڻ ڪان انڪار ڪندي هليو وجي ٿو.

جڏهن اسين 70 ڪلفٽن تي پهچون ٿا، تہ صحافي اڳوات ئي اتي ويٺا آهن. پريس ڪانفرنس هلندي مونکي جاڻ ملي ٿي، تہ پوليس اچي وئي آهي. ”هنن کي اندر اچڻ ڏيو.“ آئون چوان ٿي. پرڏيهي صحافين اڳيان پوليس جون ٿي عورتون ڏڪنديون اندر اچن ٿيون ۽ مونکي غير قانوني جلسي جي ڏوهہ هيٺ ٽيهن ڏينهن جي نظربنديءَ جو حڪمنامو ڏين ٿيون. آئون پنهنجا ڪپڙا ۽ ڏندڻ ڪڻان ٿي ۽ پوليس وارا مونکي پنهنجين گاڏين جي وڏي قافلي ۾ ٽاٽي ڏانهن وني هلن ٿا. اسان پنيان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جون ايتريون ئي گاڏيون پيون اچن.

ٿاڻي تي مونکي ڄاڻ ملي ته لاهور ۾ آزاديءَ ڏينهن واري جلوس ۾ ڇهه ماڻهو مارجي ويا آهن ۽ ڪيترائي گهائجي پيا آهن. هڪ ڀيرو وري حڪومت پنهنجا ڇاڙتا موڪلي اها رتوڇاڻ ڪرائي آهي. پارليامينٽ جي هاڻوڪن ميمبرن، ماڻهن جي هجوم تي ڪلاشنڪوف سان گوليون هلائي ڪين ماريو ۽ زخمي ڪيو آهي. پارليامينٽ ميمبرن تي ڪڏهن به الزام ڪونه آيا ۽ نه انهن پوليس وارن تي. جيئن پوءِ لاهور ۾ ڊان اخبار جي صحافيءَ مونکي ٻڌايو هو، ته پوليس وارا اسپتال جي ايمرجنسيءَ وارڊ ۾ ڪاهي پيا هئا ۽ انهن زخمين کي مار ڏيڻ لڳا، جن جا هٿ هنڌن سان ۽ اسٽريچرن سان ٻَڌل هئا. هڪڙي مسجد ۾ مولويءَ ماڻهن جون گئس لڳل اکيون ڌوئاريون، ته هن کي به ڪونه ڇڏيو ويو. پوليس وارا مسجد ۾ گهڙي ويا ۽ کيس مارڻ لڳا.
سنڌ ۾ پڻ گهڻو ڪُوس ٿيو آهي: سورهن ماڻهو مُئا آهن ۽ سوين زخمي ٿيا آهن. پوليس جا حملا نه رڳو لياريءَ جي پرامن مظاهرن تي ٿيا آهن، پر سڄي صوبي جي ننڍين شهرن ۾ ماڻهن تي به. سرحد ۾ به ضياءَ جي سپاهين مظاهرا ڪندڙن ماڻهن تي حملا ڪيا آهن ۽ اهي سڀيئي حملا پاڪستان جي آزاديءَ جي سالگرهه تي پرامن جلوسن ۾ شريڪ ٿيڻ سبب ڪيا ويا آهن.

مونکي ڪراچيءَ کان ٻاهر ٻارن جي جيل، لانڍي بورسٽل جيل ۾ موڪليو ويو هو. پوليس ايترن ته سياسي ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو هو، جو ڪراچي سينٽرل جيل ۾ ڪا جاءِ خالي نه هئي. منهنجي گرفتاريءَ تي سڄي ملڪ ۾ احتجاج ٿيو، جنهن سبب صورتحال 1983ع ۾ آيم آر ڊي هلچل کان به وڌيڪ خراب ٿي وئي هئي. سنڌ ۾ پوليس ٿاڻن ۽ سرڪاري آفيسن توڙي ريلوي اسٽيشنن کي پڻ ساڙيو ويو. لياريءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حامين سڄو هفتو پوليس جي گولين ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جو مقابلو ڪيو. احتجاج ڪندڙ عوام کي سختيءَ سان چيپاڻڻ لاءِ پوليس سان فوج به شامل ٿي وئي ۽ ٿيهن کان به وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا. ان فساد جون جيڪي فلمون ميري ايلن مارڪ ناهيون هيون، تن کي ضبط ڪيو ويو.
حڪومت سياسي آزاديءَ کي جنهن بيدرديءَ سان چيپاٽيو هو، تنهن خلاف عالمي ڪاوڙ هڪدم انگلينڊ ۽ جرمنيءَ مان اُٿي. آمريڪا مان سينيٽر ڪينيڊي ۽ سينيٽر پيل ۽ پڻ ڪانگريس جي رڪن سولارز اُن واقعي تي سخت ڳڻتي ڏيکاري سولارز ته خاص ڪري منهنجي لاءِ ڏاڍو ڪم ڪيو هو. "جيڪڏهن حڪومت مخالف ڌر جي اڳواڻن کي نظربند رکندي ۽ پرامن سياسي گڏجاڻين جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪندي رهي، ته پوءِ ڪانگريس ۾ ايندڙ مهينن ۾ وڌيڪ آمريڪي امداد ماڻڻ لاءِ پاڪستان جي دوستن تي سخت دٻاءُ پوندو." ايشين پئسفڪ معاملن جي هائوس سب ڪميٽيءَ جي اڳواڻ سولارز

چتاءُ ڏنو. ”هن (جوڻيجو) ۾ مخالفن جي مقابلي ۾ ٻاهرين ملڪن جي تنقيد کان بچڻ جي همت آهي.“ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي هڪ ميمبر چيو.
آگسٽ جي پڇاڙيءَ ڌاري جڏهن ضياءَ مڪي شريف مان موٽيو، ته هن آمريڪا جي مُک اداري ڪانگريس جي تنقيد کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندي، هڪدم پنهنجو بيان ڏنو. ”مس ڀٽو ڪو مسئلو ئي ناهي.“ هن نيويارڪ ٽائيمز جي عيوضي اسٽيون ويزمين کي 26 آگسٽ تي ٻڌايو. ”پر اهو مس ڀٽي جو اجايو ۽ ناقابل عمل لوڀ ۽ اقتدار ماڻڻ جو ورتاءُ آهي، جيڪو اعتراض جوڳو آهي.“
هاءِ ڪورٽ ۾ 10 سيپٽمبر تي منهنجو مقدمو هلڻو هو. آئون ڪنهن به تُهمت کان سواءِ بند هيس. آزاديءَ جي ڏينهن وارو جلوس قانوني هو ۽ مون قانون جي ڪابه ڀڃڪڙي نه ڪئي هئي. 9 سيپٽمبر تي سنڌ مان هزارين ماڻهو عدالت ڏانهن اچڻ شروع ٿيا، ته جيئن ٻئي ڏينهن عدالت ۾ منهنجي حاضريءَ مهل اتي موجود هجن. اهو ڏسي حڪومت جهُڪي وئي. ”مون تنهنجي لاءِ مزيدار خبر آندي آهي. تون آزاد آهين.“ جيل سپرنٽينڊنٽ رات جي ساڍي نائين بجي منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ اچي مونکي ٻُڌايو. پر مونکي ڪوبه عجب نه ٿيو هو. آئون ته اڳواٽ سامان ٺاهي اتان وڃڻ لاءِ تيار ويٺي هيس.
منهنجي آزاد ٿيڻ کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٿيندڙ گڏجاڻيءَ ۾ ٻئي قدم کڻڻ لاءِ ڌاڌيون جذباتي ڳالهيون ٿيون هيون. ڪجهه ڄڻن اُن ڳالهه تي زور ڏنو هو، ته هلچل جاري رکندي حڪومت کان ان رَتوڇاڻ جو پلاند ونجي. هنن ٻڌايو ته حڪومت ڦهريون پيرو پنجاب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي مظاهري جي ڏوهه ۾ قتل ڪيو آهي. ضياءَ کي هٽائڻ جو اهڙو وجهه وري ڪڏهن به نه ملندو. اسان کي هينئر پنٽي هٽڻ نه گهرجي.
”اسان سياست ذريعي پرامن تبديلي آڻڻ جو وچن ڪيو آهي.“ مون ان واعدي تي پابند رهن لاءِ زور ڏيندي کين ٻڌايو. ”پر حڪومت طاقت کان ڪم ورتو آهي. هاڻي مظاهرن جاري رکڻ سبب وڌيڪ رَتوڇاڻ ٿيندي. وڌيڪ ڏقيڙ ٿيندو ۽ شايد معاملو انتهاپسندن جي هٿ چڙهي وڃي. آگسٽ ۾ اسان جي اخلاقي سوڀ ٿي آهي ۽ اسان امن جي جيڪا ذميداري ڪنئي آهي، تنهن تي اسان کي اَٽل رهڻ گهرجي.“ اُن گڏجاڻيءَ کان پوءِ ٿُرت مون ملڪ جو ٻيو دؤرو ڪيو ۽ عوام کي خبرداريءَ سان اڳتي وڌڻ جو نئون نياپو ڏنو.
مون 1987ع جو سال شروع ٿيندي ئي پاڻ ۾ ويساهه پائيو. منهنجي سدائين اها سوچ رهي، ته نئون سال گذريل سال کان وڌيڪ سٺُو هوندو. مونکي ڪيترائي پُراميد اهڃاڻ پڻ ڏسڻ ۾ آيا. ڇهن ورهين جي عرصي ۾ آئون ڦهريون پيرو پاڪستان ۾ آزاد هيس ۽ سياسي سرگرمين تي ڊگهي پابنديءَ کان پوءِ اسان سياسي اداري طور پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي طاقت وڌائي پئي. اسان پارٽيءَ جي ميمبرن جو تعداد وڌائڻ جي مهم شروع

ڪئي ۽ ڇئن مهينن ۾ ڏهه لک نون ميمبرن جي اسان وٽ داخلا ٿي. پاڪستان ۾ اهو غير رواجي تعداد هو، ڇو ته اسان وٽ پڙهيل ماڻهو ٿورڙا آهن. پوءِ اسان پنجاب ۾ پارٽيءَ جون چونڊون ڪرايون ۽ ننڍي ڪنڊ ۾ اهو انوکو مثال هو، جنهن ۾ چار لک ميمبرن پنهنجو ووٽ ڏنو هو. اسان پارليامينٽ ۾ مسلم ليگ جي مخالف ميمبرن سان به ڳالهيون شروع ڪيون ۽ انساني حقن خلاف حڪومت جي ڏاڍاين ڪي به لاڳيتو پڌرو پئي ڪيو.

ضياءَ اُن ڳالهه تي زور ڏيندو رهندو هو، ته اسين پلاند دونڻ لاءِ ٻاهر نڪتا هئاسين. هو اها ڳالهه خاص ڪري فوج جي ماڻهن کي ٻڌائي ڪين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کان ڊپُ ڏياريندو هو. پر اسان جي پارٽي پلاند ونڻ جون نه، بلڪ قوم کي ترقيءَ ونرائڻ جون ڳالهيون ڪندي هئي ۽ اها سيني کي ڃاڻ هئي.

مون اها به ڳُهر ڪئي ته، پاڪستان کي اهڙي فوج جي ڳُهرج آهي، جنهن جو سياست سان ڪوبه لاڳاپو نه هجي. سياچن گليشيئر جي واقعي تي، جنهن ۾ پاڪستان گذريل ٽن ورهين ۾ چوڏهن سؤ چورس ميلن کان به وڌيڪ پنهنجو علائقو وڃائي وينو هو، ضياءَ هندستان سان جيڪا ڏيتي ليتي ڪئي هئي، تنهن تي به مون لاڳيتو تنقيد پئي ڪئي. انهن ڳالهين جو عوام تي به اثر ٿيندو رهيو. ڊسمبر مهيني ۾ هڪ ڏينهن آئون لالا موسيٰ ويس، ته جيئن اتي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ان سرگرم ڪارڪن جي مائٽن سان تعزيت ڪري سگهان، جنهن کي آزاديءَ جي ڏينهن قتل ڪيو ويو هو. لالا موسيٰ فوجي ڀرتيءَ جو ڳڙهه آهي. اسين جڏهن اتان لنگهياسين ته فوجين اسان کي ڏسندي ئي هٿ لوڏي اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ اسان کي سوڀ جا اشارا ڪيا. هڪ ڀيرو وري مون جنرل ضياءَ جي احساسن کي ڇيڀاٽيو پئي.

”اسان کي سُڌ ملي آهي ته حڪومت اوهان خلاف قدم پئي کڻي.“ آئون جڏهن بابا جي جنم ڏينهن تي لاڙڪاڻي ويس، ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ همدرد ۽ فوج جي اڳوڻي برگيڊيئر مونکي ٻڌايو. ”اسين المرتضيٰ ۾ اوهان جي بچاءُ جا انتظام پرکڻ چاهيون ٿا.“ 5 جنوريءَ تي بابا جي سالگرهه ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اتي هزارين ماڻهو آيا هئا ۽ ڪابه اهڙي ڳالهه نه ٿي هئي، جنهن مان آئون ڪو جوکو ڀانئيان ها. ”المرتضيٰ ۾ بچاءُ جا انتظام ناهوڪا آهن.“ مون برگيڊيئر کي خاطري ڪرائي. ”پر انهن جي چڪاس ضروري آهي.“ هن مونکي خبردار ڪيو. پوءِ به مونکي ڊپُ نه ٿيو. ”برگيڊيئر، اُن جي ڪابه ڳُهرج ڪانهي.“ مون ڪيس ورندي ڏني.

هڪ ٻيو ڇتاءُ راولپنڊيءَ مان پهتو، ۽ پوءِ لاهور مان. ”حڪومت فرضي قاتلاڻي حملي جي مشق ڪئي آهي.“ هڪ همدرد سرڪاري عملدار فون تي مونکي ٻڌايو. ”قاتل بلڪل تنهنجي ويجهو پهچي سگهي ٿو.“ مون پاڻ کي ڊپُ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

جيتوڻيڪ موت جو امڪان سدائين موجود هو، پر مون اُٿلندو سياسي معاملن تي ڌيان ڏيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي.

انهن ڇتائن سان گڏ پارٽيءَ جي همدردن پڻ منهنجي بچاءُ تي زور ڏنو. سرحد صوبي جي هڪ شخص مونکي ڪلاشنڪوف سميت ڇهه ماڻهو ڏيڻ گهريا هئا، پر مون انڪار ڪيو. آئون سدائين بندوق جي سوچ به ذهن ۾ ڪونه آڻيندي هيس ۽ مون پنهنجي بچاءُ ڪندڙ رضاڪارن کي هٿيارَ کڻڻ کان به منع ڪئي هئي. مونکي پنهنجي ان فيصلي تي ٿُرت شَڪ ٿيڻ لڳو هو.

جنوري 1987ع جي هڪ هفتي ۾ منهنجي ويجهن ماڻهن تي به حملا ٿيا هئا. منهنجي بچاءُ ڪندڙ عملي جي هڪ ماڻهوءَ جي ڪار کي ڪراچيءَ جي هڪ اهڙي گهٽيءَ ۾ آڻي مٿس حملو ڪيو ويو هو، جتان نڪرڻ لاءِ ڪو ٻيو رستو ئي ڪونه هو. پر هن سان گڏ هٿياربند ماڻهو هئا، جن حملو ڪندڙن ماڻهن کي ڀڄائي، منور سهرورديءَ جي زندگي بچائي هئي. ايم آر ڊيءَ جو هڪ اڳواڻ فاضل راهو ايترو سياڳو ڪونه هو. 11 جنوريءَ تي هنکي پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ ڪُهاڙيءَ سان قتل ڪيو ويو هو. ساڳئي وقت منهنجي پريس آفيسر ۽ اڳي لندن مان نڪرندڙ مخزن 'عمل' جي ايڊيٽر بشير رياض کي آڌيءَ رات جو فون تي ڌمڪيون ملڻ شروع ٿيون. ڇا اُهي سڀيئي ڳالهيون حڪومت طرفان مونکي ڊيڄارڻ لاءِ پئي ٿيون؟ "اوهين هڪدم اختياريءَ وارن سان ملو." مون پنهنجي وڪيل کي چيو. "هنن کي ٻڌايو وڃي ته، جيڪڏهن ڪا ڳالهه ٿي ته اُن جي ذميداري مٿن هوندي، اسين هنن کي اڳوات ڇتاءُ ڏيون ٿا."

نيٺ اهو حملو 30 جنوريءَ تي ٿيو. منهنجو ارادو هو ته آئون لاڙڪاڻي وڃان، پر اهم ملاقات سبب مونکي اوڏيءَ مهل وڃڻ ۾ دير ٿي وئي هئي. گهڻو ڪري آئون ڀڄيرو گاڏيءَ ۾ لاڙڪاڻي ويندي هيس، پر ساڳئي وقت ڪنهن اوچتي صورتحال سبب هوائي جهاز ۾ به جاءِ بُڪ ڪرائيندي هيس. سفر لاءِ اهو سُنو حفاظتي انتظام هوندو هو. ضياءَ جي جاسوسن کي مُنجهائڻ لاءِ آئون هوائي جهاز ۾ جاءِ بُڪ ڪرائيندي هيس، پر وري رد ڪرائي ڇڏيندي هيس. آئون پنهنجي سفربابت پنهنجي عملي کي به ڪونه ٻڌائيندي هيس، ته جيئن پُل ۾ به اها ڳالهه پڌري نه ٿئي.

"بيبي صاحبا، هاڻي ته دير پئي ٿئي." منهنجي عملي جي هڪ ماڻهوءَ ٻن پهرن ڌاري مونکي چيو. "جيڪڏهن اوهان سج لهڻ کان اڳوات ئي لاڙڪاڻي پهچڻ گهرون ٿيون، ته هينئر گاڏيون روانيون ٿيڻ گهرجن."

"اوهين سڀيئي اڳوات هلو." مون عُرس کي چيو. "مونکي گڏجاڻي ڪرڻي آهي ۽ آئون پوءِ ايندس. پوءِ اُهي گاڏيون ڪڏهن به لاڙڪاڻي ڪونه پهتيون.

گڏجاڻي هلندي عملي جو هڪ ماڻهو اهم نياپو کڻي ويو. آئون رُڳو به لفظ ڏسي سگهي هيس. "گوليون ۽ ڀڄيرو". اتفاق سان مون ان وقت پنهنجي حفاظتي عملي تي حملي ۽

ايم آر ڊيءَ اڳواڻ جي قتل بابت ڳالهايو پئي. لڳو ٿي ته اهو وقت بلڪل اچي ويو هو. ”مونکي معاف ڪجو.“ مون پنهنجن مهمانن کي ٻڌايو. ”تازو هينئر منهنجي گاڏيءَ تي حملو ٿيو آهي.“ پوءِ مون هڪدم پنهنجي عملي کي گهرائي کين هدايتون ڏنيون، ته ان واقعي جي پوليس ۾ رپورٽ ڪن ۽ منهنجن وڪيلن سان ملن ۽ پوءِ ڏاڍي سانت سان گڏجاڻيءَ ۾ وڃي وينيس.

ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ جڏهن سچائيون پڌريون ٿيون، ته اهو واقعو ويتر پوائنٽو لڳو. ٻه گاڏيون ڏينهن ڏني جو مانجهند ويجهو رستي تان پئي ويون، ته اوچتو رستي پرسان اوسيئڙي ۾ وينل هڪ ماڻهو اشارو ڪيو. اهو ڏسي چار ماڻهو تيزيءَ سان نروار ٿيا، ۽ پجيرو تي اُن پاسي گوليون هلائڻ لڳا، جتي ماڻهو وينا هئا. عرس هڪدم اڳواٽ ئي 70 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلندڙ پجيرو کي گوليون جي اُن برسات مان تيزيءَ سان اڳتي ڪڍي ويو. منهنجي عملي جڏهن پنيان ڏٺو، ته انهن ماڻهن پجيرو تي اجا ائين گوليون پئي هلايون ۽ هنن ٻيءَ ڪار کي اتي بيهاري ورتو هو. ان ڪار ۾ وينل حفاظتي عملي جي ماڻهن ۽ ٻين کي بندوق جي دٻاءُ تي پاڻ سان وٺي ويا.

اها بيرحماڻي قتل جي سازش هئي. حڪومت جيتوڻيڪ دعويٰ ڪئي، ته اهو رستي تي عام ڦرلٽ جو واقعو هو، پر ايئن ڪونه هو. اهو حملو ان هنڌ کان پورا چاليهه ميل پري ٿيو هو، جتي ڌاڙيلن جي گهٽي اچ وڃ هوندي هئي. ڌاڙيل گهڻو ڪري رات جو حملو ڪندا هئا ۽ نه ڪي ڏينهن جو ٽين بجي. ڌاڙيل ڪنهن گاڏيءَ کي روڪي منجهس وينل ماڻهن کي ڦريندا هئا ۽ نه ڪي گاڏيءَ تي گولين جو مينهن وسائيندا هئا.

قتل جي اُن ڪوشش جي خبر جڏهن پکڙي، ته سڄي ملڪ ۾ وري هنگاما شروع ٿي ويا. عوام جي ڪاوڙ ايڏي ته زبردست هئي، جو کين ماٺ ڪرائڻ لاءِ حڪومت پنهنجو پوليس انسپيڪٽر جنرل ان پاسي موڪليو، ته جيئن منهنجي عملي جا اغوا ٿيل ماڻهو موٽائي اچي. ان وچ ۾ وڏ ۾ وڏ ڄاڻ اسان تائين پهتي. جنهن وقت 70 ڪلفٽن مان پجيرو رواني ٿي هئي، ته واردات واري جاءِ تي هڪ ماڻهو کي ڏنو ويو هو، جنهن وٽ ٻطرفو ريڊيو هو. ڪنهن هن شخص کي اُن ريڊيي تي ضرور اڳواٽ ٻُڌايو هوندو، ته پجيرو پنهنجيءَ منزل ڏانهن رواني ٿي وئي هئي ۽ ڪارن شيشن سبب سمجهيو ويو هو، ته اُن ۾ آئون وينل هيس.

مون حڪومت جي اُها دعويٰ مڃڻ کان بنهه انڪار ڪيو،ته ڌاڙيلن پاڻ اهو حملو ڪيو هو. ڌاڙيلن ته سڀني گاڏين کي بيهاري پوءِ ڦريندا هئا ۽ نه ڪي هڪ ڪار کي. ٻيو ته اُن ڪار اڳيان ويندڙ پجيرو ان واقعي واري هنڌ وٽان ڪنهن به نقصان کانسواءِ نڪري ويئي هئي. ڌاڙيل ڪنهن به عورت تي حملو پنهنجي بيعزتي سمجهن ٿا، تنهنڪري اها ڌاڙي جي رواجي ڪوشش نه هئي.

پوءِ وڌيڪ ڳالهيون ٻُڌڻ ۾ آيون.هڪ رات ڀرين ڌاڙيلن جي ڳجهي خاص هنڌ ڏانهن هڪ ڪار وئي هئي، جتي ڌاڙيلن جي سردار سان ڳالهيون ٿيون هيون. ”سپاٽي اسان کي زبردست ڪم ڪرڻو آهي.“ اها ڪار جڏهن واپس وئي ته، سردار پنهنجي ماڻهن کي چيو هو. ان بابت ٻيءَ ڳالهه جيڪا مشهور هئي. اها هي ته: حڪومت ڌاڙيلن کي ڌمڪيون ڏئي، اهو گندو ڪم ڪانئن ڪرايو هو. انهيءَ وچ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي عملي جا ماڻهو جنهن وٽ به هئا، تنهن شخص سندن آزاديءَ لاءِ پُنگ جي به گهُر نه ڪئي هئي. اغوا جي اها عام واردات ڪانه هئي.

پوءِ هڪڙي ڏينهن اُهي ماڻهو اوچتو ايئن آزاد ٿي ويا، جيئن اوچتو کين غائب ڪيو ويو هو. الله جا ٿورا جو کين ذرو به نقصان ڪونه ٿيو. پر هنن اسان کي جيڪا ماجرا ٻڌائي، تنهن مان اسان جي ان شڪ جي پنيرائي ٿي هئي، ته اُن واقعي ۾ حڪومت جو هٿ هو. ”اسين مس بينظير ڀٽي جي عملي مان آهيون.“ هنن اغوا ڪندڙ ماڻهن کي ٻڌايو هو، جن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي جهنڊن ۽ پٽين سان سينگاريل پجيرو گاڏي ڏٺي، جنهن جي ڇت تي لائوڊ اسپيڪر پڻ لڳل هئا. ”اسين جنرل ضياءَ جا ماڻهو آهيون.“ اغوا ڪندڙ هنن کي جواب ۾ چيو. اُن ڏوهه جي سلسلي ۾ ڪي به ڌاڙيل گرفتار ڪونه ٿيا هئا.

وڏندڙ رتوڇاڻ واري سماج ۾، ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ لاءِ حڪومت رتوڇاڻ جو هڪڙو ٻيو رستو ڳولي ورتو هو. حڪومت مجاهدن، بنياد پرست شاگردن ۽ مسلم ليگين کي هٿيار ڏنا هئا. پنهنجي اُن يقين جي برقراريءَ لاءِ ته پاڻ ’غير فوجي حڪومت‘ جو اڳواڻ آهي. ضياءَ پنهنجن مخالفن جي سدائين لاءِ خاتمي واسطي نجي لشڪر ٺاهيا هئا. 1987ع جو پهروين مهينو اجا پورو ئي ڪونه ٿيو هو، ته مارشل لا جي ختم ٿيڻ کان پوءِ به پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ سرگرم ڪارڪن کي جيل ۾ ڦٽڪا هنيا ويا هئا ۽ ٻين سياسي مخالفن کي گولين سان ماريو ويو هو. منهنجي لاءِ اهو معاملو گهڻو ڏکيو ٿيندو پئي ويو، ته آئون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي انهن نوجوانن کي روڪيان، جيڪي پاڻ رتوڇاڻ تي مجبور ٿي ويا هئا.

پاڪستان ۾ حالتون تيزيءَ سان بگڙجنديون پئي ويون. فيبروري 1987ع ۾ لنڊن جي هڪ مخزن ’سائوٿ‘ پنهنجي اداريي ۾ لکيو. ”فوج پنهنجو پروسو وڃائي ويٺي آهي...“ اداريي ۾ لکيل هو. ”هاڻي پانڌجي ٿو ته حڪومت جو انتظام به ڪونه رهيو آهي. جيتوڻيڪ حڪومت، فوج، پوليس، عدالت ۽ قانون تي عمل ڪرائيندڙ ادارا موجود آهن، پر اهي سڀيئي پنهنجي ئي مدار تي پيا ڦرن ... سڄو ملڪ فرقي بنديءَ علائقائي ۽ نسلي رڳڙن ۽ ڇڪتاڻ جي چنبي ۾ ڦاٿل آهي. امن ۽ قانون جو بنهه نالو نشان ڪونهي ۽ عام ماڻهن جي زندگي نشيدار شين ۽ هٿيار وڪڻندڙ ٽولين جي هٿ چڙهي وئي آهي.“

پاڪستان ڏڦيڙ ۾ وڳوڙن جي اوڙاهه ۾ ڪِرڻ وارو هو. ڀلا هاڻي پرڏيهي دشمن جي ڪنهن کي ڪَهُرج هئي؟ ضياءَ ته اندران ئي ملڪ کي تباهه پئي ڪيو. وقت آهستي 1990ع ڏانهن وڌيو پئي، جنهن سال قومي چونڊن جو واعدو ڪيل هو. پر ٿورن ماڻهن کي يقين ٿي آيو، ته اهي چونڊون آزاد ۽ انصاف ڀريون ٿينديون.

مڪاني ادارن جون 1987ع جي سرءُ ۾ جيڪي چونڊون ٿيون هيون، سي خاص ڪري افسوسناڪ هيون. انهن چونڊن ۾ حڪومت جي وٽندڙ جماعت مسلم ليگ جي مخالف ڪندڙ چاليهه سيڪڙو اميدوار، جن جي عوام ڳجهي چونڊ ڪئي هئي، ته جيئن ڪين نااهل نه ڪوٺيو وڃي، تن جا ڪاغذ انهن سرڪاري ملازمن رد ڪري ڇڏيا، جن کي زوري نوڪرين تان لاهڻ جو دَپُ ڏنو ويو هو. چونڊن جي اعلان کان ٿورو اڳ ضياءَ هڪ قانون منظور ڪيو هو، جنهن هيٺ صوبائي حڪومت کي اختيار ڏنو ويو هو، ته اها ڪنهن به سرڪاري ملازم کي ڏهن ورهين کان پوءِ پينشن تي موڪلي سگهي ٿي، جيڪو فوجي بغاوت کان پوءِ جي مدت جو وقت هو.

باقي سَٺ سيڪڙو رهيل نشستن جي مقابلي ۾ به، جيڪڏهن اهو واقعي مقابلو به هو، حڪومت پنهنجي ڪيڏ ڏيکاري هئي. اسان کي ڄاڻ هئي ته، ووٽن جون فهرستون ڪُوڙيون هيون، سي ڪڏهن به سُڌاريون نه ويون. پر منجهن چونڊن واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ تائين ڦيرگهير ٿيندي رهي هئي. چونڊن ۾ سوبُ ماڻڻ لاءِ ضلعن کي اهڙن ٽَڪن ۾ ورهايو ويو هو، جن جي آبادي گهٽ ۾ گهٽ 600 ۽ وڌ ۾ وڌ 2600 تائين هئي ۽ ويچاريو ويو هو ته اتي حڪومتي جماعت مسلم ليگ کي سوبُ ٿئي. اهي قاعدا لاڳيتو ڦيرايا پئي ويا. اميدوارن جي چونڊن تان هٿ ڪڻڻ جي تاريخ پهرين 19 نومبر تائين ۽ پوءِ 19 نومبر جي رات اها تاريخ 25 نومبر تائين وڌائي وئي. تنهنڪري هنن ٻين اميدوارن کان زوري هٿ ڪٽائي، انهن نشستن تي مسلم ليگ جي اميدوارن کي مقابلي بنا ڪامياب ڪرايو هو.

ووٽن ڏيڻ ۾ به ڪيڏ کان ڪم ورتو ويو هو. ووٽ ڏيڻ جا هنڌ سدائين عام جاين ۽ گهٽي آباديءَ وارن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رکيا ويندا هئا. پر انهن چونڊن ۾ حڪومت بلڪل آخري وقت اعلان ڪيو، ته ووٽ ڏيڻ وارا هنڌ ڇڊي آباديءَ وارن علائقن ۾ مسلم ليگي ميمبرن جي گهرن ۾ پڻ هوندا، جتي ماڻهن کي ويندي ڊپ ٿيندو هو. حڪومت چونڊن واري ڏينهن مخالف ڌر کي اڳواٽ ٻڌائڻ کانسواءِ ووٽ ڏيڻ جي هنڌن ۾ ڦيرگهير ڪئي، جنهن سبب اسان جي حامين لاءِ پنهنجو ووٽ ڏيڻ ناممڪن بڻجي ويو هو. ڪيترا ووٽ ڏيندڙ ته انهن هنڌن تي پهچي به ڪونه سگهيا هئا. چونڊن کان به ڏينهن اڳ اليڪشن ڪميشن پنهنجي عملي کي مختلف جاين تي پهچائڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حامين جي جيپن، ڪارن ۽ ٻين گاڏين کي پنهنجي قبضي ۾ ورتو هو. ۽ مسلم ليگ ميمبرن جي گاڏين کي ته هٿ به نه لاتو ويو هو.

ووٽن ۾ حڪومت طرفان اهڙي ڌانڌلي ۽ بي ايمانيءَ ڪان پوءِ به مسلم ليگ گهربل نتيجا ماڻي نه سگهي هئي. لاڙڪاڻي ۾ اسان جي ٽڪ مان، جتي جوڻيجي جا مائٽ رهندا هئا، مسلم ليگ ڪي اُن دعويٰ جي ڳٽتي تي پئي هئي ته، ڀٽو وارا ته پنهنجي گهر جي ٽڪ مان به چونڊن ۾ سوڀارا نٿا ٿي گهن. جڏهن اسان جي اميدوارن ڪي رشوت ڏيڻ ۽ ڊيڄارڻ ۾ ڪين سوڀُ نه ٿي، تڏهن هنن اُن علائقي ۾ رهندڙ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ماڻهن جا ڇهه سو پڪا ووٽ ڪَٽي ڇڏيا هئا. پوءِ به اها نشست اسان کٽي هئي.
پهرئين ڏاڪي وارين چونڊن ڪان پوءِ، جن ۾ ڪائونسلرن جي چونڊ ٿي هئي. ٻئي ڏاڪي جون چونڊون ٿيون هيون، جن ۾ ڪائونسلرن ضلعن ۽ ميونسپالٽين جي چيئرمين جي چونڊ هئي. ٻئي ڏاڪي جي انهن چونڊن ۾ پڻ ڪيڏ ڏيکاري وئي هئي. اسان جي اڪثريتي علائقن ۾، حڪومت پنهنجي جُڙتو اليڪشن ڪميشن عملي ذريعي اسان جي ڪائونسلرن ڪي نااهل ڪوني، مسلم ليگ ڪي اڪثريت ۾ آندو هو. پر جتي هنن جي حساب ۾ غلطيون ٿي ٿيون، ته اُتي هنن مورڳو چونڊن نتيجن ۾ ڦيرگهير ڪئي هئي، جتي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پسند جي اميدوار ڪي چيئرمين چونڊيو ويو هو. ووٽن جي ڳڻپ ڪانپوءِ ضلعي جي ڪمشنر، جيڪو اليڪشن آفيسر پڻ هو، سو پنهنجي دفتر مان هليو ويو هو، ۽ پوءِ جڏهن هو آيو ته هن ٻيهر ڳڻپ جي گهر ڪئي هئي. حيرت جهڙي ڳالهه ته ڪيترائي ووٽ رد ٿيل نڪتا، جنهن سبب مسلم ليگي ڪي ڪامياب ڪوٺيو ويو هو. ان تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪائونسلرن جڏهن ضلعي ڪمشنر وٽ اعتراض ڪيو، تڏهن هن معافي وٺندي پنهنجي بيوسي ڏيکاري.
شهدادڪوٽ ميونسپالٽيءَ ۾ حڪومت وري ٻيا اُپاءُ ورتا هئا: ميونسپالٽيءَ چيئرمين جي چونڊن جي رات پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٻن ڪائونسلرن ڪي اغوا ڪيو ويو. پيرا مليٽري گروه مگسي فورس جا ڪجهه ماڻهو ٻين ڪائونسلرن جي گهرن ۾ ڪاهي پيا هئا ۽ ڪين ڌمڪايو ويو هو، ته جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن هڪ به سياڻي مسلم ليگي اميدوار جي مقابلي ۾ بيهڻ جو فارم ڀريو، ته اوهان ڪي اغوا ڪيو ويندو ۽ بينظير اوهان ڪي هٿ ڪري نه سگهندي. ان ڌمڪيءَ ڪان ٻجي هنن چونڊن جو فارم ڪونه ڀريو ۽ مسلم ليگ ڪي ڪامياب ڏيکاريو ويو.
حڪومت 1987ع جي مڪاني چونڊن ۾ پنهنجي شاندار سوڀُ جو ڏاڍو ڍنڍورو پئي ڏنو. جڏهن اسان مٿن ڌانڌليءَ جو الزام مَڙهيو، ته هنن جواب ۾ چيو: "انگور کٽا آهن."

"سچائيون ڦِرنديون رهن ٿيون." بابا 1971ع ۾ گڏيل قومن جي اداري ۾ تڏهن دليل ڏيندي چيو هو، جڏهن اوڀر پاڪستان ۾ ڍاڪا تي هندستاني فوجن جو قبضو ٿيڻ وارو هو. هُن دليل ڏيندي چيو: نازي فوجون هڪ ڀيري ماسڪو جي دروازن تائين پهچي

ويون هيون، فرانس تي جرمنيءَ جو قبضو ٿي ويو هو، چين جپان جي قبضي ۾ هليو ويو هو ۽ ايٿوپيا تي فاشسٽ قبضو ڪري ويا هئا پر اهڙين ”سچائين“ ڪي مجڻ بدران انهن ملڪن جو عوام جنگ جوٽي بيٺو ۽ هنن تاريخ جو وهڪرو ڦيرائي ڇڏيو هو. هن سلامتي ڪائونسل ۾ جيڪا تقرير ڪئي هئي، تنهن مون ارڙهن ورهين جي يونيورسٽيءَ جي شاگرديائيءَ تي گهرو اثر ڇڏيو ۽ ايندڙ ورهين ۾ جنرل ضياءَ جي ظلم ۽ پيڙا ڪي سَهڻ جي مون ۾ سگهه ڏني هئي. ”سچائيون ڦِرنديون رهن ٿيون.“ مون بابا کي اهو چوندي ٻُڌو.

سوچون سَپنا ٿي سگهن ٿيون. يا اُهي اڳڪٿيون ٿي سگهن ٿيون. پاڪستان سان پيار ڪندڙ هر فرد اسان جي ملڪ ۽ عوام لاءِ مهانَ ۽ خوشحال مستقبل جا سَپنا ڏسڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي. پر ان سوچ جي بچاءُ لاءِ سخت اُپاءُ ونڻ گهڻا ضروري اهن.
سال 2000ع جي شروع ٿيڻ کان اڳ پاڪستان جي هاڻوڪي آدمشماريءَ جو انگ ڏهن ڪروڙن مان وڌي پندرهن ڪروڙ پنجاهه لک تائين پهچڻ جي اميد آهي. اها پوري چوئيتاليهه سيڪڙو وڌيل آبادي پندرهن ورهين کان گهٽ ڄمار جي هوندي. هاڻوڪي حڪومت جي غلط پاليسين سبب اُن وقت صحت، رهائش ۽ اچ وڃ جون گهٽ ۾ گهٽ سهوليتون ڏيڻ بہ ناممڪن ٿي پونديون.
گهٽ ۾ گهٽ اندازن پٽاندر پاڪستان جي شهري آبادي اڄ کان ٽيڻي هوندي، هن وقت پاڪستان جي پنجاسي کان نوي سيڪڙو آباديءَ کي اُجرو ۽ صحتمند پاڻي ڪونہ ٿو ملي. آباديءَ جو ساڳيو سيڪڙو مناسب صفائي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال ڪانسواءِ شهر جي اونداهن علائقن ۾ عارضي جڳهين ۾ رهي ٿو. بلوچستان جي ڪجهه ايراضين ۽ سرحد صوبي ۾ ماڻهو اڃا تائين غارن ۾ رهن ٿا. پوءِ بہ حڪومت جي ساليانی بجيٽ جو رُڳو 0.5 في سيڪڙو گهرن ٺهرائڻ لاءِ رکيل آهي.
عوام کي پڙهيل بنائڻ بدران حڪومت ڪين اُن عمل کان پري رکي ٿي. خواندگيءَ جي منظور ٿيل عالمي معيارن پٽاندر نوي سيڪڙو پاڪستاني اڻپڙهيل آهن. هڪ ٻئي معيار پٽاندر جنهن ۾ هر اُن فرد کي پڙهيل سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو پنهنجو نالو لکي سگهي ٿو، سي ٽيتاليهه سيڪڙو اڻپڙهيل آهن. پوءِ بہ پنجن کان ڏهن ورهين جي ڄمار وارن ٻارن جو رُڳو پنجيتاليهه سيڪڙو اسڪولن ۾ داخلا وٺي ٿو، جن مان بہ پنجن مان چار ٻار ڏهن ورهين جي ڄمار تائين پهچڻ کان اڳواٽ خراب مالي حالتن سبب تعليم ڇڏي وڃن ٿا. اهي انگ اکر نہ رڳو پوائنٽا آهن، پر سخت نقصان رسائيندڙ پڻ. پاڪستان هينئر هر سال پنهنجي آباديءَ ۾ پندرهن لک اڻ پڙهيلن جو واڌارو پيو ڪري. جنرل ضياءَ جي راڄ ۾ خواندگيءَ جي شرح وڌڻ بدران گهٽجي پئي.
وڌو الميو اهو آهي، تہ اسان جون گهُربل قومي گهُرجون صحيح ڪونهن. ضياءَ جي حڪومت ۾ ملڪي بچاءُ تي ٻيڻ کان بہ وڌيڪ خرچ اچي ٿو، جنهن سبب ٻين ڏکڻ

ايشيائي ملڪن کان اسان جي فوج جو في سيڪڙو خرچ وڌيڪ آهي. تعليم، رهائش ۽ صحت تي اسان جو في سيڪڙو خرچ گهڻو گهٽ آهي. گڏيل قومن جي ٻارن واري اداري جي رپورٽ پٽاندر پاڪستان ۾ 1980ع جي ڏهاڪي ۾ هر سال جيڪي چاليهه لک ٻار ڄاوا هئا، تن مان اٽڪل ڇهه لک ٻار هڪ ورهيه جي ڄمار تائين پهچڻ کان اڳ ۾ ئي مري ويندا، جڏهن ته ست لک پنجاهه هزار ٻار پنجن ورهين جي ڄمار کان اڳ ئي مري ويندا، مغربي ملڪن ۾ ايترن ٻارن جي ڄمڻ جي انگن بجاءِ هر سال پاڪستان ۾ اٽڪل ست لک وڌيڪ ٻار مرن ٿا. پوءِ به عوام کي پنهنجي آئيندي لاءِ ٿورڙي يا ڪنهن به شنوائيءَ جو حق مليل ڪونهي.

آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون. اسين اجا تائين اُن ڏينهن لاءِ جدوجهد پيا ڪريون. جڏهن پاڪستان ۾ جمهوريت موٽي ايندي.ان لاءِ بابا پنهنجي زندگي ارپي هئي ۽ هن غريب ۽ امير کي — مرد ۽ عورت کي، سيني نسلي گروهن ۽ مذهبي اقليتن کي آئيني برابري ڏني هئي. هن تعليمي ۽ اقصادي ترقيءَ ذريعي سڄي ملڪ کي فائدو پهچايو هو ۽ اُن آباديءَ کي جمهوريت جو حق ڏنو هو، جيڪا ان کان محروم هئي. هُن پنهنجي سَپني جي آخري قيمت به چُڪائي هئي.

”جهنم جهڙي ظلم ۽ ڏاڍ جي راڄ تي سولائيءَ سان سوڀ نٿي ٿئي، پوءِ به اسان جي آسُ آهي ته مخالفت جيتري سخت هوندي، سوڀُ به اوتري ئي شانائتي ٿيندي.“ 1976ع ۾ ٿامس پين پنهنجي ڪتاب "the American Crises" (آمريڪي گهوٽالو) ۾ لکيو هو. پاڪستان ۾ اسين مارشل لا جو جهنم اڪري آيا آهيون ۽ اسين هر اُن ظلم کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪو اجا به اسان لاءِ اوسيئڙي ۾ آهي. اسان سختيون سَنيون آهن ۽ قربانيون ڏنيون آهن، اسان پنهنجن خانداني ڀاتين کي مرندي ڏٺو آهي ۽ ٻين خاندانن جي ٻارن ۽ مائٽن جون تعزيتون ڪيون آهن. ممڪن آهي ته اهڙيون حالتون ٻيهر جنم وٺن. پر ان سموري عرصي ۾ اسان جمهوريت جي لاٽ روشن رکي آهي. ڪابه سوڀُ ان ڏينهن کان وڌيڪ شاندار نه هوندي، جڏهن نيٺ آمر اوچتو الوپ ٿي ويندو ۽ هڪ ڀيرو وري پاڪستان ۾ جمهوريت جو سَپنو سچائيءَ جي روپ ۾ نروار ٿيندو.

# منهنجي شادي

منهنجي ذاتي زندگيءَ ۾، 29 جولاءِ 1987ع تي تنهن وقت ڊرامائي ڦيرو آيو، جڏهن مون پنهنجي گهراڻي جي زور تي سندن پسند جي شاديءَ لاءِ راضپو ڏيکاريو هو. پنهنجي پسند سان سياست جي راهه تي هلڻ جي قيمت، مائٽن جي راضپي واريءَ شاديءَ ۾ ڏيڻي پئي هئي. پاڪستان ۾ منهنجي شخصيت جي گهڻي اهميت سبب منهنجي لاءِ اهو ممڪن ئي نه هو، جو آئون عام حالتن هيٺ ڪنهن شخص سان ملاقات ڪري، هن بابت ڄاڻ وٺان ها ۽ پوءِ ساڻس شادي ڪريان ها. گهڻيءَ ڌاهپ ۽ سوچ جا لاڳاپا به مون بابت اڳواٽ پکڙيل افواهن ۽ اجاين ڳالهين کي وڌائي ڇڏين ها.

اوڀرندي ملڪن ۾ رهندڙ انيڪ ماڻهن جو ويچار آهي، ته شادي ڪا نرالي ڳالهه نه، پر رواج آهي. منهنجن والدين ته پيار جي شادي ڪئي هئي ۽ آئون پڻ اُن پروسي هيٺ وڌي ٿيس، ته نيٺ اهو ڏينهن به ايندو، جو آئون پنهنجيءَ پسند جي ڪنهن شخص سان پيار ڪري ساڻس شادي ڪنديس. پوءِ به آئون اجا ريڊڪلف ۾ پڙهندي هيس، ته منهنجي شاديءَ بابت پُڇائن جو رِينگٽ شروع ٿي ويو هو. آئون پاڪستان جي آڳاٽي ۽ مشهور گهراڻي مان هيس ۽ تنهن وقت آئون ملڪ جي وزيراعظم جي ڌيءَ هيس.
آمريڪا ۾ عورت هلچل جي اوُج وارن ڏينهن ۾ آئون اتي بي اي جي شاگردياڻي هيس ۽ مونکي پورو ويساهه هو، ته شادي ۽ ڪِرت ۾ سرچاءُ هُجي ٿو ۽ منجهانئن ڪا به هڪ ٻئي جي راهه ۾ نٿي اچي. مونکي تڏهن به پروسو هو ۽ هينئر به آهي، ته هڪ عورت ڪوشش ڪري اهي مقصد ماڻي سگهي ٿي: وڌندڙ جيون، سڪون واريءَ شادي ۽ ٻارن جو سُک. مونکي آسُ هئي ته آئون ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان شادي ڪنديس، جيڪو پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ماڻڻ ۾ ايئن رُڌل هوندو، جيئن آئون هونديس.
پر فوجي بغاوت سبب اُهي ڳالهيون اڌوريون رهجي ويون. مارشل لا جي ڪجهه اوائلي ورهين ۾ جيتوڻيڪ اُن بابت پڇاڳاڇا ٿيندي رهي، پر مون تڏهن شاديءَ بابت سوچڻ کان به انڪار ڪيو هو. آئون پلا پاڻ کي شاديءَ جي خوشين ماڻڻ لاءِ ڪيئن ٿي ريجهائي سگهيس، جڏهن بابا جيل ۾ قيد هو ۽ سندس زندگي جوکي ۾ ڦاٿل هئي؟
بابا جي قتل کان پوءِ ته شادي ڪوهين ڏُور ٿي وئي هئي. اسان وٽ اها رسم آهي، ته جڏهن به پٽي گهراڻي جو ڪو بزرگ يا ڪو ڀاتي وفات ڪري ٿو، ته هڪ سال تائين ڪوبه شادي نٿو ڪري. پر مون تي بابا جي وفات جو ايڏو ته گهڻو اثر ٿيو هو ۽ هُو منهنجي لاءِ ايڏو ته مهانَ انسان هو، جو 1980ع ۾ جڏهن امان هڪ ڀيرو وري شاديءَ تي

ڳالهايو هو، تہ مون هڪدم انڪار ڪيو هو. مون ٻن ورهين تائين اوسيئڙو پئي چاهيو. اهڙيءَ ريت مون نہ رڳو بابا لاءِ پنهنجيءَ مجتا ڏيکارڻ پئي گهُري، پر اَتاهہ ڏُک سبب آئون سرهائيءَ سان شاديءَ بابت ويچاري بہ نٿي سگهيس.

بابا اسان کي ننڍپڻ ۾ جيڪي ڪيئي ڳالهيون ٻُڌائيندو هو، تن جو مستقبل ۾ اسان جي شادين تي اثر بہ ٿيو هو. ”منهنجي مرضي ڪانهي تہ اوهين شادي ڪريو، پر اوهان کي شادي ڪرڻي پوندي.“ بابا مونکي ۽ صنم کي چوندو هو. ”پوءِ آئون اُن ڏينهن جي اوسيئڙي ۾ هوندس جڏهن تون واپس ايندينءَ ۽ جيڪڏهن تنهنجي اک ۾ هڪ بہ ڳوڙهو هوندو يا آواز ۾ هڪڙو بہ سُڏڪو هوندو، تہ آئون تنهنجي مُڙس وٽ وڃي ڪيس مار ڏيئي، توکي پنهنجي گهر وٺي ايندس.“ هو اُهي ڳالهيون بيشڪ اسان کي چيڙڻ لاءِ ڪندو هو. پر شاديءَ جو ٻُڌي مونکي پنهنجو ننڍپڻ ياد ايندو هو ۽ آئون ويڳاڻي ٿي پوندي هيس. مون پنهنجي ڏُک سان سرچاءُ نہ ڪيو هو.

آئون اڃا جيل ۾ هيس، تہ ٽيستائين بہ ورهيہ ٿي ويا هئا. ان حالت ۾ شاديءَ جي ڳالهہ ئي اجائي هئي. ٽن ورهين ڪان پوءِ 1984ع ۾ جڏهن آئون جيل مان آزاد ٿيس ۽ جلاوطن ٿيڻ لاءِ انگلينڊ وئي هيس. تڏهن هڪ ڀيرو وري شاديءَ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. پر مون وري بہ امان سان انڪار ڪيو هو. هيڪلائپ جي قيد ۾ ڪيترائي ورهيہ رهڻ کان پوءِ مُڙس تہ ڇڏيو، پر ٻين ماڻهن وچ ۾ مونکي ڏکڻي ٿيندي هئي ۽ آئون ڊپُ ۾ سِيٽجي ويندي هيس. پنهنجي گهرياتين سان بہ ڪچهريءَ وقت منهنجي دل تيز ڌڙڪندي هئي ۽ ساهہ ٻوساٽبو هو. ننڍڙي آواز تي بہ آئون ڇرڪي اُٿي ويندي هيس. ”شاديءَ لاءِ سنبرڻ کان اڳ مونکي پاڻ کي ڳولڻو آهي.“ مون امان کي ٻڌايو. ”مونکي اهڙي سانت جي ڳولا آهي. مونکي پاڻ سنڀالڻ لاءِ وقت گهرجي.“

ٻئي سال انگلينڊ ۾ هورياان، پر سُٺي نموني منهنجي صحت سُڌرڻ لڳي. انهيءَ وچ ۾ شاديءَ جون ڳالهيون ڪڏهن بہ بند ڪونہ ٿيون. خاندان جي ڏار ڏار ڀاتين وٽ منهنجي لاءِ ڏار ڏار اميدوار هئا ۽ اُن بابت منهنجين ساهيڙين جون پڻ تجويزون هيون. ٽُرت جولاءِ 1988ع ۾ ڪينس ۾ خانداني ڳڏجاڻيءَ کان اڳ پُڦي مانا هڪ زميندار زرداري گهراڻي طرفان سندن پُٽ آصف سان منهنجو سڱ ڪرائڻ لاءِ مون وٽ آئي. مونکي مليل ڄاڻ پٽاندر پڦي مانا، امان سان ان ڏس ۾ ڳالهائڻ کان پهرين گهوٽ بابت ڪيترائي سوال پڇيا هئا ۽ کيس پتو پيو هو تہ، پيٽارو ڪيڊٽ ڪاليج ۽ لنڊن ۾ اقتصاديات ۽ سياسيات جي سينٽر مان پڙهيل هو. ڌنڌو زميندراي ۽ رهائشي عمارتون ٺهرائڻ ۽ شُغل تَرڻ. اسڪواش راند رهڻ ۽ پولو کيڏڻ هو. هن جي پنهنجي زرداري فور پولو ٽيم هئي. ڀلا هن کي ڪتاب بہ پسند آهن!

”نيڪ، اُن بابت هو بينظير سان مقابلو تہ نٿو ڪري سگهي، پر هو ڪتاب پڙهي ٿو.“ هُن جي پيءُ حاڪم علي ٻُڌايو، جيڪو قومي اسيمبليءَ جو اڳوڻو ميمبر، هاڻ عوامي

نيشنل پارٽيءَ جو نائب صدر ۽ ايم آر ڊيءَ جو ميمبر ھو. پڦي سان آصف زرداري گھراڻي جي پراڻي ڄاڻ سڃاڻ ھوندي ھئي ۽ ھن پاڻ ٿيندڙ گھوٽ کي ذاتي طرح ڏسڻ چاھيو ھو. آصف کي پُڦيءَ جي گھر ۾ گھرايو ويو، جتي ھو پڦيءَ کي بُت جو سنھو ۽ پولو جي لباس ۾ ڏاڍو چُست ڏسڻ ۾ آيو ھو. جنھن سبب پڦيءَ کي سُکون مليو ھو. پوءِ پُڦي مانا، امان سان انگليند ۾ ڳالھايو. پر ھڪ ڀيرو وري ھڪ الميي سبب اُن مامري ۾ رنڊڪ پئجي وئي.

ھڪ مھيني اندر ئي منھنجو ڀاءُ شاھنواز قتل ٿي ويو. ان صدمي کان آئون ۽ ڀيا سپيئي ڇيھون ڇيھون ٿي وياسين. مون امان ۽ پڦيءَ کي چئي ڇڏيو، ته جيڪڏھن ٻن ورھين تائين نه، ته گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ورھيہ تائين آئون شاديءَ لاءِ سوچي به نه سگھنديس. مون ته زرداري قبيلي مان ٿيندڙ گھوٽ جو نالو به ڪونه پُڇيو ھو.

پوءِ به پُڦي مانا پنھنجي پسند جي اميدوار لاءِ لاڳيتي ڪوشش ڪندي رھي. اپريل 1986ع ۾ جڏھن آئون پاڪستان موٽي آيس، ته ھن مونکي اھو چئي گھڻو پريشان ڪيو، ته آئون زرداري ڇوڪري بابت سوچيان، جيڪو ھڪ لک زردارين جي سگھاري قبيلي جي سردار جو وارث آھي. زرداري قبيلي بابت چيو وڃي ٿو ته، اُھو ايراني بلوچستان مان ڪيئي صديون اڳ لڏي سنڌ جي نوابشاھ ضلعي ۾ اچي رھيو ھو، جتي ھينئر آصف پنھنجي خانداني ٻنين جي سنڀال ڪندو ھو. ”ھو سلڇڻو آھي ۽ تنھنجي ڄمار جيڏو آھي. ھو زميندار طبقي جو آھي. ھن جو خاندان سياست ۾ به حصو وٺي ٿو. لاھور ۽ پشاور جي واپاري گھراڻن مان به ڪي مون وٽ آيا ھئا. پر آئون ڀانئيان ٿي ته انھن سان مائٽي مناسب ڪانھي. تنھنجي لاءِ چڱو ٿيندو، ته تون سنڌ جي ڪنھن ماڻھو سان شادي ڪر، جيڪو ھتي جي ريتن رسمن کي ڄاڻي سڃاڻي...“ ھوءَ مون سان اُھي ڳالھيون ڪندي رھي، پر مونکي انھن ۾ ڪو چاھ نه ھو. نَون ورھين ۾ پھريون ڀيرو آئون پنھنجي ملڪ ۾ سُرھي ھيس. جتي مون آزاديءَ سان پنھنجين ساھيڙين سان ملاقاتون پئي ڪيون. سير سفر ۽ ڪيترو ئي ڪم پئي ڪيو. ”ٿوري وقت لاءِ مون کي ڇڏيو، ته آئون آزاديءَ سان رھان.“ آئون ڪيس چوندي ھيس.

پر پُڦي مانا منھنجي پنيان ھٿ ڌوئي لڳل ھئي. پاڪستان واپس اچڻ کان ست مھينا پوءِ نومبر 1986ع ۾ مونکي ٻُڌائڻ ڪانسواءِ ھن منھنجيءَ سئوٽ فخريءَ طرفان آصف کي رات جي مانيءَ جي دعوت ڏيڻ جو انتظام ڪيو. ھن آصف کي ڪوٽ پتلون پائي اچڻ لاءِ چيو، ته جيئن مون تي اُن جو سٺو اثر پوي. آصف کي ته ٻروچڪا ڳوناٽا جُبا وڏيڪ وڻندا ھئا، جيڪي ھو پايو لنڊن جي رستن تي پيو گھمندو ھو. رات جي مانيءَ تي پُڦي مانا اوسيئڙي ۾ ھئي ۽ جڏھن منھنجي ڇوڏاري ٻني مھمان ميڙو ڪيو بيٺا ھئا، تڏھن مون سان سنڌس سُڃاڻپ ڪرائي ويئي. مون جڏھن آصف جو نالو ٻُڌو، ته مون ڏانھس ڪاٻہ ڇڪ نه ڀانئي. منھنجي ويچار ۾ به نه آيو، ته ھو ڪير آھي مونکي

رڳو ايترو ياد آهي، ته اسين هڪدم ڪنهن مامري تي هڪ ٻئي سان بحث ۾ اُلجهي پيا هئاسين. پُڦي مانا ڪي اُن ڳالهه جي ڳڻتي ٿي، ته هو منهنجي پرسان گهڻي دير تائين وينو هو ۽ شايد اُن سبب ڪا غلط راءِ جُڙي هجي ها، تنهنڪري هن ڪنهن ڪي موڪلي آصف کي ٻئي هنڌ گهرايو ۽ مون سُک جو ساهه ڪنيو هو. سڄو ڏينهن پارٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ بحث ڪانپوءِ شام جو ڪچهريءَ تي منهنجي دل بلڪل نه هئي.
ساڳئي وقت مونکي اُن ڳالهه تي به اچرج هو، ته منهنجو ٿيندڙ مڙس منهنجي زندگيءَ جي مصروفيتن کي سَهي به سگهندو يا نه. آئون جڏهن گهر ۾ هوندي هيس، ته اڪثر رات جو گهڻي وقت تائين سياسي گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون هيون ۽ آئون اڪثر گهر کان ٻاهر سڄي پاڪستان ۾ هڪڙي ڪُنڊ کان ٻئي ڪُنڊ تائين سفر پئي ڪندي هيس.
ڪهڙو مُڙس اها ڳالهه مڃيندو، ته جيڪو وقت منهنجو پنهنجو ڪونه هو، سو سندس ڪيئن ٿي سگهندو. ڇا ڪنهن اهڙي شخص جو وجود به هو، جيڪو ريتن رسمن جي بَنڌڻ کي ٽوڙي اِها سچائي مڃي سگهي، ته هُو منهنجي پهرين ذميداري نه، پر پاڪستان جو عوام هو.
مونکي اِها به ڳڻتي هئي، ته جيڪڏهن مون شادي ڪئي ته عوام ڇا چوندو، ڇو ته آئون جوان هيس. مون ڪيترائي ورهيه قيد ۾ گهاريا هئا ۽ مون سان زندگيءَ ۾ ڪيترائي دردناڪ حادثا ٿيا هئا. مونکي اهو به ٻڌايو ويو هو، ته عوام سمجهي ٿو، ته آئون ڪا پهتل شخصيت آهيان. جمهوري پاڪستان لاءِ منهنجي خاندان طرفان ڏنل قربانين، بابا، پنهنجن پيارن جي ڇانوَ ۾ رهڻ بجاءِ اڪيلائيءَ ۾ رهڻ تي مجبور ڪندڙ ڳالهين عوام جي ذهن ۾ اها سوچ ويهاري هئي، ته اهي پاڻ منهنجو خاندان آهن.
ٻئي طرف مون پنهنجو پاڻ به ويچاريو، ته اڪيلائپ پاڪستان ۾ ۽ پاڪستان کان ٻاهر سياسي ويچار پٽاندر منهنجي لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو. اسين جنهن گهُٽيل مرداڻي سماج ۾ رهون ٿا، تنهن ۾ هڪ اَڻپرڻيل شخص ڏانهن ڪو ڌيان ئي ڪونه ٿو ڏيئي، پر اڪيلي عورت تي شڪ ڪيو وڃي ٿو. ”تنهنجي شادي ڇو نه ٿي آهي؟“ صحافي اڪثر مونکان اهو سوال پڇندا هئا. آئون ڪاوڙجي پڇڻ ڪَرندي هيس، ته اهو سوال اوهين ڪنهن ڇڙي مرد کان ڇو نٿا پُڇو. پر آئون پاڻ کي جهليندي هيس. اهي صحافي روايتي مسلمان سماج ۾ اڪيلي رهندڙ عورت کان اهڙي سوال پڇڻ جا هيراڪ هئڻ سبب انوکين حالتن هيٺ اهڙا انوکا سوال پڇندا هئا.
اُن فطري ۽ سموري مرداني سوچ جي نمائندگي ڪندڙ سوال پڇيان اهو ساڙ لڪل هو ته، جيڪا عورت سَگهري ڪانهي، تنهن سان ضرور ڪا گڙٻڙ هوندي. الاءِ اها عورت پروسي جوڳي اڳواڻ ثابت ٿيندي يا نه؟ ڪم جي گهڻائيءَ مهل هوءَ ڇا ڪندي؟ منهنجين تعليمي لياقتن ۽ پارٽيءَ جي اهميت تي ڌيان ڏيڻ بدران ماڻ ميڻ ۾ اهوئي سمجهيو ويندو هو، ته ملڪ جي اڳواڻي ڪندڙ ڪا اڻپڙهيل عورت گهڻي ذهني بيمار ٿي سگهي

ٿي. اُها گهٽي جهيڙاڪ هوندي يا ڏاڍي شرميلي. اها ڳالھ مسلم سماج ۾ خاص ڪري صحيح هئي. شاديءَ کي مرد ۽ عورت جي زندگيءَ جي پُورڻتا ليکيو ويجي ٿو ۽ ٻارن کي اُن جو فطري نتيجو.

آصف زرداري. آصف زرداري. آصف زرداري. هن جي خاندان وارن جي اوائلي پڇا ڳاڇا ڪان ٻہ ورهيہ پوءِ ٻہ. هُن ۽ سندس خاندان اُن ڳالھ تان هٽ نہ ڪئيو هو. ماضيءَ ۾ ٻين اهڙين تجويزن بابت منهنجي چالَ اها هوندي هئي، جو معاملي کي ايترو تہ اينگهائيندي هيس، جو ٻين جو مون ۾ چاھ ئي ختم ٿي ويندو هو. يا وري ٻيا سمجهندا هئا تہ اسان کي منجهن ڪو چاھ ڪانهي. پر زرداري منجهائڻ نہ هئا. فيبروري 1987ع ۾ آئون افغانستان تي هڪ ٽيليويزن ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ لنڊن وئي هيس. تڏهن آصف جي ماٽيجي ماءُ بہ اوچتو لنڊن ۾ آئي هئي ۽ پنهنجي پراڻي اسڪولي ساهيڙي منهنجي ماسي بهجت سان ملڻ آئي. ”آصف گهڻو رحمدل آهي. ڏاڍو سلڇڻو آهي. ننڍو ۽ سٻاجهو بہ آهي.“ هنن پاڻ ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيو هيون، سي ماسي بهجت مونکي ٻڌايون. ”تون بينظير کي ساڻس ملاقات لاءِ راضي ڪر.“ پُڦي مانا بہ سيني سان شامل ٿي ويئي. ”هُن توکي ڏنو آهي. تون هن لاءِ اصلي ۽ حقيقي فرد آهين، نہ ڪي رڳو خيالي. هو سچ پچ توسان شادي ڪرڻ گهري ٿو.“
امان وري پنهنجو دٻاءُ وڌايو. ”اسين اُن گهراڻي کي سڃاڻون ٿا.“ هن مونکي ٻڌايو. ”هو چوٽيهن ورهين جي ڄمار جو آهي، بلڪل تو جيڏو هو سنڌي آهي، ۽ هن کي پنهنجين ريتن رسمن جي پليءَ ڄاڻ آهي. هو ڏندو ڏاڙي ڪندڙ شهري آهي ۽ رُڳو واپاري لوُنڊين جهڙو ڪونهي، جيڪي پنهنجي سامان سَڙي سميت جيڏانهن مُنهن ٿئي، اوڏاهن ڀڄو وڃي. هُو ڳوناڻو آهي ۽ مٽس پنهنجي گهراڻي ۽ قبيلي جي ذميداري بہ آهي، تنهنڪري هو تنهنجين ذميدارين کي پڻ سمجهندو.“
هُن مونکي ريجهائڻ لاءِ جيڪا ڪوشش ڪئي هئي، تنهن ويتر مونکي شڪ ۾ وجهي ڇڏيو. هوءَ تہ سدائيم ڦِڪن ۽ رُکن ڪردارن جو پاسو ڪٽندي هئي، جو سندس ويچار موجب اهڙا ماڻهو فرمانبردار ۽ جان نڇاور ڪندڙ ۽ ارپيندڙ مُڙس ٿين ٿا. پر اُهي ماڻهو جيڪي وڏيڪ لاپرواھ ۽ ڪِلمُک ٿين ٿا، تن پنيان سدائين ٻيون عورتون هُجن ٿيون. تنهنڪري اِها ڳالھ پڌري آهي تہ اُن حالت ۾ منهنجي شادي ڪڏهن بہ سُکي نہ رهندي. مونکي سُڌ هئي تہ رُکو ۽ کُهرو ماڻهو مونکي ايترو تہ ورچائيندو، جو آئون روئي ڏينديس.
ماسي بهجت مونکي منٿون ڪيون، تہ آئون ساڻس ۽ آصف جي ماٽيجي ماءُ سان گڏ چانھ پيان. اهڙي گڏجاڻيءَ کي بہ هڪ قسم جي منظوري سمجهيو ويندو. ۽ مون جيتوڻيڪ شاديءَ جي سوچ کي پنهنجي ذهن ۾ جاءِ ٻئي ڏني، پر اُن جي سچائي مونکي

چرڪائي وڌو هو. ”جون مهيني تائين مونکي ڇڏيو. آئون اڃا تيار نہ آهيان.“ مون پنهنجن مائٽن سان حجت ڪئي.
”ڇا تون ڪنهن بلڪل اوپري ماڻهوءَ سان شادي ڪندينءَ.“ جڏهن آئون پاڪستان موٽي آيس، تہ مون لاهور ۾ هڪ ساهيڙي کان پڇيو. ”شاديءَ کان پوءِ تون اهڙي شخص کي ٻيءَ نگاهہ سان ڏسندينءَ.“ هن وراڻيو. مون اهو ساڳيو سوال هڪ ٻيءَ ساهيڙيءَ کان پڇيو. ”جيڪڏهن تون هُن سان اڳ ڪڏهن بہ نہ مليل آهين. تڏهن بہ تون ڪيس پيار جي اکين سان ڏسندينءَ، ڇو تہ هو تنهنجي مُڙس هوندو.“ هن جواب ڏنو. ”تو اها چوڻي ٻُڌي هوندي: پهرين شادي، پوءِ پيار.“
مون پنهنجي طور بہ ٿوري پُڇاڳاڇا ڪئي هئي مونکي ڪنهن ٻڌايو تہ، آصف گهوڙو ڊوڙائيندي اُن تان ڪري پيو هو، جنهن سبب سڄي ڄمار مَنڊڪائي هلندو. پوءِ ڄاڻ پئي تہ اُها ڳالهہ ڪُوڙي هئي. پر جيڪڏهن سچي هجي ها، تڏهن بہ منهنجي لاءِ پريشانيءَ جو ڪارڻ نہ بڻجي ها. پيرَ جو مَنڊ، ڪو ڪردار جي وڏُ ڪونهي. مون آصف جي هڪڙي ويجهي دوست سان پڻ ڳالهايو هو، جنهن ٻڌايو تہ هُو ڏاڍو سڀاجهو ۽ نهٺو آهي ۽ پنهنجن دوستن جي مالي گهُرج مهل گهڻي مدد ڪري ٿو. سخاوت مونکي بہ پسند آهي. اسان ٻنهي جي هڪ ٻئي دوست، آصف جي قوتِ ارادي ۽ وفاداريءَ جو مثال ڏيندي ٻڌايو تہ، ”هو دوستن جو دوست ۽ دشمنن جو دشمن آهي.“ اِها ڳالهہ ٻُڌي مونکي پنهنجا پائر ياد اچي ويا هئا ۽ مون تي سندس اثر ٿيو هو.
آئون جيتوڻيڪ ڏاڍي رُڌل هوندي هيس، تڏهن بہ ورلي پاڻ کي اڪيلي پائيندي هيس. 70 ڪلفٽن وڏو گهر آهي. جيڪو هڪ ئي وقت خاندان جي ڪيئي پاڙهين جي رهڻ لاءِ جوڙايو ويو هو. المرتضيٰ پڻ وڏو گهر آهي پوءِ بہ گهڻو ڪري رات جو رُڳو منهنجي ڪمري ۾ روشني هوندي هئي. آئون انهن گهرن جي بچاءُ بابت بہ ٿوري ڳڻتيءَ ۾ هيس. اهي ٻئي گهر منهنجي ملڪيت ڪونہ هئا. جڏهن بہ ممڪن ٿيو تہ، مير ٻيءَ شادي ڪري ٽُرت پاڪستان ۾ موٽي ايندو. پوءِ پلا منهنجي پاءُ سندس زال جي گهر ۾ منهنجي حيثيت ڪهڙي هوندي؟ مونکي پنهنجي گهر جي گهُرج هئي. مون اهوئي فيصلو ڪيو. مونکي پنهنجي ڪُٽنب جي پڻ گهُرج هئي. منهنجي پيڻ پرٽيل هئي ۽ ڪيس هڪ ٻار بہ هو. منهنجن پائرن کي پڻ ٻار ٿيا هئا. اسين گهراڻي جو مرڪز هئاسين ۽ اسان ٻين مرڪزي گهراڻن لاءِ راهہ کولي هئي. انهن سڀني نُون ڪُٽنبن جي چڪر ۾ آئون ڪٿي هونديس؟ منهنجي ذهن تي موت جو بہ بوجهہ هو. شاهہ جي قتل کان پهرين مونکي لڳندو هو، تہ اسان جو هڪ وڏو ڪُٽنب آهي، پر جڏهن اسين رڳو ٽي پاٽي وڃي رهياسين، تڏهن مون پائيو تہ اسان جو ڪُٽنب بلڪل ننڍڙو ڪُٽنب آهي رُڳو هڪ پاءُ سبب توازن ٽُٽي پيو هو. مونکي اُهو ويچار وڌيڪ وڻندو پئي ويو، تہ ڪاش منهنجا بہ ٻار هجن.

مون پنهنجن مائٽن سان واعدو ڪيو هو، ته آئون آصف سان جون مهيني ۾ انگلينڊ ۾ ملاقات ڪنديس. پر اسلام آباد ۾ پارليامينٽ جي مخالف ڌر جي گڏجاڻيءَ سبب اُن ۾ دير ٿي وئي هئي. پوءِ اسلام آباد کان ڪراچيءَ پهچڻ تي مونکي هٿ سان لکيل هڪ نياپو مليو، جنهن ۾ چيل هو، ته آصف جي ماٽيجي ماءُ سان ملان. "فخري، فخري. آئون ڇا ڪريان؟" مون پنهنجيءَ سئوٽ کي فون ڪيو. "تون هن سان ملاقات ڪر." هن زور رکيو. "جيڪڏهن تون چاهين، ته آئون توسان گڏ هلان. ٻي ڳالهه اها ته تون هن کان پنهنجن انهن شڪن بابت سڀيئي ڳالهيون پڇجانءِ، جيڪي تون اسان سان ڳالهائيندي رهين ٿي."
"اسان لاءِ اها وڏيءَ عزت جي ڳالهه ٿيندي، جيڪڏهن تون آصف جو سنگ منظور ڪندينءِ." 70 ڪلفٽن جي ملاقات واري ڪمري ۾ اُجرو سُٿرو لباس پاتل ڪئمبرج جي گريجوئيٽ مونکي چيو. "شادي تنهنجي ڪردار جي لِڪل پاسي کي پڌرو ڪندي." مون اُن جواب ڏيڻ کان لنوائيو،ته ڪردار جي ڪنهن لڪل پاسي جي پڌرائيءَ لاءِ عورت کي شاديءَ جي ڪا گهُرج ڪانهي. پر مون آصف جي ماٽيجي ماءُ کي اُهو سبب ٻُڌايو، ته ڪنهن مرد سان منهنجي شاديءَ سبب هُن جي عزت نه وڌندي، پر اُٽلندو سندس راتين جي ننڊ ڦِٽي ويندي.
"سياست ۾ منهنجي زندگي ڪا رواجي ڪانهي." مون هن کي سمجهايو. "هر پنجن ورهين کان پوءِ مونکي آرام سان چوندن جو اوسيئڙو ڪونه ٿو ڪرڻو پوي. منهنجي سياست جو مقصد، آزاديءَ جي ذميداري کڻڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ کي معنيٰ ڏيڻ آهي. اهو شخص ڇا سوچيندو، جڏهن ڪيس ڄاڻ پوندي ته هُن جي زال سندس زندگيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ناهي؟"
"منهنجي منڙي! آصف پُر اعتماد نوجوان آهي هن کي انهن سڀني ڳالهين جي ڄاڻ آهي." آصف جي ماٽيجي ماءُ منهنجي خاطري ڪرائيندي چيو.
پر آئون چوندي رهيس. "مونکي ڪيترائي سفر ڪرڻا پون ٿا ۽ هر سفر ۾ آئون پنهنجي مُڙس کي پاڻ سان وٺي ڪونه وينديس."
"پر منڙي! آصف کي پنهنجا به ڪيترائي ڪم آهن، تنهنڪري هو سدائين توسان سفر به ڪري نه سگهندو." هُن جواب ڏنو.
"مون ٻُڌو آهي ته هُو پارٽين ۾ ويندو رهي ٿو ۽ پنهنجو وقت دوستن يارن سان گذاري ٿو." مون ڪيس چيو. "مون وٽ جيڪو ٿورو وقت آهي، سو ته آئون ٿورين ساهيڙين سان گڏ گهر ۾ گهاريان ٿي."
"اهو ڪو مسئلو ڪونهي." هن سادگيءَ سان وراڻيو. "جڏهن ڪنهن مرد جو گهر جُڙي وَسي ٿئي ٿو، تڏهن هو پنهنجي زال ۽ ڪُٽنب سان گڏ گهر ۾ رهڻ پسند ڪري ٿو."

اُهو جواب ٻُڌي مون ۾ ساهُس ٿيو. مون شوڪارو ڀريو ۽ هڪ ڏکئي سوال تي ڳالهائڻ لڳم. ”جيتوڻيڪ اها رسم آهي، پر آئون ساهراڻي گهر ۾ رهي ڪونه سگهنديس. هن گهر ۾ سياسي ڪارڪن اچن ٿا ۽ رات ڏينهن هتي جي ڪمرن ۾ سياسي گڏجاڻيون ٿينديون رهن ٿيون. مونکي پنهنجي هڪ ڌار گهر جي گهُرج ٿيندي.“
”آئون مڃان ٿي ۽ آصف کي به اُهو شرط قبول آهي. آصف جي ماءُ ۽ ڀيڻ کي پڻ نويڪلائيءَ جي گهُرج ٿيندي.“ هن مونکي اچرج ۾ وجهندي چيو.
’اُهو نِرالو شخص ڪير آهي؟‘ مون ويچاريو ۽ مون ضياءَ حڪومت جي چتائيندڙ اکين ۽ جاسوسن سان ڀريل ڳاڏين کان پري لنڊن ۾ ساڻس ملاقات لاءِ پنهنجي سفر جي رٿا ٻيهر ناهي.

الله جو شڪر جو 22 جولاءِ 1987ع واري ڏينهن لنڊن ۾ منهنجو ڏيان سياسي ملاقاتن ۾ رُڌل هو. پر شام ٿيڻ سان مون جڏهن ڀانئيو، ته آصف سان ملاقات کان پاڻ بچائڻ ممڪن ڪونهي، ته اُن ڳڻتيءَ وچان منهنجي ذهن ۾ اُٿل ٿيڻ لڳي.
پُڦي مانا ڏکندي اچا ڪافيءَ جو ڏُک مس پيتو هو، ته آصف ۽ سندس ماٽيجي ماءُ منهنجي سئوٽ طارق جي فليٽ جي گهنٽي وڄائي. مون ملاقات واري ڪمري ۾ آرام ڪرسيءَ تي سانت ويهي، لاپرواهيءَ جو ڏيکاءُ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. پر آصف جي ويجهو ايندڙ هر وِکُ جو آواز ٻُڌي، منهنجي دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي. هُو پڻ ڏاڍي ڏُکيائيءَ سان وِک کڻندي ويجهو پئي آيو، جيتوڻيڪ هُو نِهارڻ سان مونکي سانتيڪو ڏسڻ ۾ آيو هو. اتي موجود سڀني ڏاڍي سياويڪ نموني غير ذاتي مامرن تي ڳالهايو هو. هنن مان ڪنهن هڪڙي به شاديءَ جي ڳالهه نه ڪئي هئي.
اُن شام آصف ۽ مون پاڻ ۾ ڪجهه به نه ڳالهايو هو. هن کي عينڪ پاتل هئي، تنهنڪري آئون سندس اکين مان ڪجهه به پروڙي نه سگهي. اُها گڏجاڻي پوري ٿيڻ ۽ وري ٻئي ڏينهن هُن طرفان مون ڏانهن هڪ درجن گلاب جا گل موڪلڻ کان پوءِ به مونکي سندس ڀاءُ بابت ٿورڙي به پرک نه هئي. پوءِ به هُن طرفان فورٽنم ائنڊ ميسن جي دڪان تان موڪليل انبَ ۽ منهنجي وڻندڙ مٺائي واقعي سوادي هيون. هن صنيءَ ڏانهن به وڻندڙ ۽ مزيدار ڇيريءَ جو هڪ ڪريٽ موڪليو هو.
”تنهنجو ڪهڙو جواب آهي، پنڪي؟“ امان، ماسي بهجت ۽ پُڦي مانا ٽن ڏينهن تائين روزانو مون کان پڇنديون رهيون. ”مونکي ڪو پتو ناهي.“ آئون وراڻي ڏيندي هيس. مون ڀانئيو هو ته آئون بن ڀاڱن ۾ ورهاجي وئي هيس. مون ڄاتو ٿي، ته مغربي ملڪن ۾ منهنجين ساهيڙين کي انهن خاص ثقافتي ۽ سياسي حالتن کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي، جن مونکي پنهنجن مائٽن جي پسند جي شاديءَ لاءِ لاچار پئي ڪيو. اولهندي مُلڪن ۾ عورتن جي مساوات، اوڀرندي ملڪن جي عورتن جي مساوات کان بلڪل

نرالي هئي، جتي مذهبي ۽ خانداني ذميدارين کي مرڪزي حيثيت هجي ٿي. پر اُن معاملي جي ذاتي اهميت پڻ هئي. پاڪستان ۾ وڏي مخالف سياسي جماعت جي اڳواڻ هجڻ سبب آئون اُن خواريءَ جو جوکو کڻڻ لاءِ تيار ٿي نه پئي سگهيس، ته ڪجهه سخت حالتن سبب منهنجي مڱڻي ٽُٽي وڃي يا ڪڏهن مونکي طلاق ملي. مون کان رُڳو اهو پڇيو پئي ويو،ته آئون پنهنجي باقي حياتيءَ اُن شخص سان گڏ گهارڻ جو فيصلو ڪريان، جنهن سان رُڳو ٿي ڏينهن اڳ آئون پنهنجن گهر ڀاتين جي موجودگيءَ ۾ ملي هيس.
مون آڪسفورڊ جي پنهنجين ڪجهه ساهيڙين سان هُن کي ملايو، جن ڪيس پسند ڪيو هو. مون هُن جي پنهنجي هڪ پاڪستاني اسڪولي ساهيڙيءَ سان پڻ سڃاڻپ ڪرائي. هن کي هُو ڏاڍو وڻندڙ لڳو، ۽ هن مونکي ساڻس شاديءَ جو مشورو ڏنو. هڪ ڏينهن آصف اسان سڀني گهر ڀاتين کي رات جي مانيءَ کائڻ لاءِ دعوت ڏني ۽ اتي مونکي سندس ڀرسان ويهڻو پيو هو. مون پنهنجي گهڻ ڳالهائو ڀائٽي فتحيءَ کي بچاءُ لاءِ پنهنجي ٻئي پاسي کان ويهاريو.
ٻئي ڏينهن منهنجي سئوٽ طارق ۽ آصف وچ ۾ ڪچهريءَ ٿي. ”جيڪڏهن تو بينظير سان شادي ڪئي، ته تون هر هڪ جي نظر ۾ اچي ويندين.“ طارق هن کي ٻڌايو. ”تنهنجيءَ هر ڳالهه ۽ پنهنجن دوستن سان رات جو گهڻيءَ دير تائين گهر کان ٻاهر رهڻ سان به مٿس ٽِڪو لڳي سگهي ٿو.“ آصف جي جواب طارق کي آٿت ڏنو. ”آئون اُن صورتحال کي چڱيءَ طرح سمجهان ٿو.“ آصف وراڻيو هو. منهنجي سئوٽ پوءِ مونکي خاطري ڏياري هئي. ”هو ڪيترن ورهين کان توسان شاديءَ لاءِ ڪوشش ۾ رُڌل رهيو آهي. هن کي پوريءَ ڄاڻ آهي ته انهن ڳالهين جو ڇا مطلب آهي.“
”ڇا ٿي چوين، پِنڪي؟“ ياسمين مون تي دٻاءُ وڌو. روزانو صبح جو امان ۽ صنيءَ منهنجي بستري ڀرسان اچي مون ڏانهن گهورينديون هيون. ”نيٺ مامرو ڇا آهي؟ فيصلي لاءِ ايترو وقت ڇو ورتو اٿئي؟“ آئون وراڻيءَ ۾ چوندي هيس. ”مونکي اڃا به سُڌ ڪانهي.“

پوءِ تقدير ماکيءَ جي مَک جي روُپ ۾ اچي سامهون ٿي. زرداري سان ملاقات جي چوٿين ڏينهن آئون فتحيءَ کي ونڊسر پارڪ گهمائڻ لاءِ وٺي وئي هيس ۽ آصف پولو مئچ ۾ ويو هو. اُتي ماکيءَ جي مَک مهنجي هَٿ تي ڏنگ هنيو هو. رات جي مانيءَ کان اڳ منهنجو هٿ گهڻو سُڄي ويو هو. ٻيءَ صبح جو ته اهو ويتر گهڻو سُڄيل هو. ”آئون توکي اسپتال وٺي هلان ٿو.“ جڏهن آصف فليٽ تي آيو، ته هن مونکي چيو. مون گهڻو ٽاريو، پر هن منهنجي هڪ به نه ٻُڌي ۽ ڪار گهرائي. ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ کان پوءِ هُو منهنجي لاءِ دوائون وٺي آيو.

”هينئر آئون پنهنجي ذميدار نہ آهيان.“ مون سوچيو.”هينئر ڪو ٻيو منهنجي سار لهي ٿو.“ اهو وٽندڙ ۽ انوکو ويچار هو.
ٻيءَ رات هڪ پاڪستاني ريسٽورنٽ ۾ گولينڊي هڪ پيرو وري مقدر جو چڪر ٿيو. امان، صنم، آصف ۽ آئون ڪجهہ ٻين پاڪستاني دوستن سان گڏ ڪار ۾ چڙهي رات جي مانيءَ کائڻ لاءِ شهر پئي وياسين، تہ ايتري ۾ اسان رستو ڀُلجي وياسين. پر ڪاوڙجڻ يا اُتاولو ٿيڻ بدران آصف سيني کي پئي کِلايو.مون خاص ڪري پاتئيو، تہ هو ڏاڍو سڀاجهو، نهٺو ۽ چَئيتو هو. پر ساڳيءَ وقت سارسنڀال لهندڙ پڻ هو.
”تنهنجو ڪهڙو جواب آهي، پنڪي؟“ ٻيءَ صبح امان مونکان پڇيو.
مون شُوڪارو ڀريو. ”نيڪ آهي، امان.“ آصف سان ملاقات جي ستن ڏينهن کان پوءِ اسان جو مڱڻو ٿيو هو.
”پنهنجين مذهبي ذميدارين ۽ خاندان طرفان مون تي رکيل فرض بابت سوچيندي، امان بيگم نصرت ڀٽي طرفان منهنجي شاديءَ جي قبوليت جو آئون خوشيءَ سان اعلان ڪريان ٿي.“ مون پنهنجي اخباري بيان ۾ چيو. ”اُن شاديءَ جو منهنجي سياسي ذميدارين تي ڪوبہ اثر نہ پوندو ... پاڪستان جو عوام سُني ۽ وڏيڪ ڀلوڙ مستقبل جو حقدار آهي، جنهن جي سڦلتا ۽ پُوراڻتا لاءِ آئون جيونَ جي پڇاڙڪي ڏند تائين ساڻن گڏ هوندس.“

پاڪستان ۾ اُن جو ردعمل گاڏڙ ساڌڙ هو. منهنجي بيان هوندي بہ، حڪومتي چاڙتن اُهو افواهہ پکيڙڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي تہ، ائون سياست تان هٿ ڪڍي ويئي آهيان. شاهي رستن تي منظم ٽولين بسن کي روڪي مٿن لڳل منجهن پوسٽرن کي ايئن چئي لاهي ڦِٽو ڪيو، جڻ منهنجي شاديءَ سبب هاڻي سندس ڪابہ گهرُج ڪانهي. ”اوهان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا جهنڊا اجا ڇو چاڙهي رکيا آهن؟“ پارٽيءَ ڪارڪنن کي مِهڻا ڏنا ويا. ”بينظير سياست تان هٿ ڪڍي اوهان کي هيڪلو ڇڏي وئي آهي.“ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حامين جا اُلڪا تڏهن ويتر وڌي ويا، جڏهن سرڪاري اخبارن ۾ آصف جي ماءُ جو ڪُوڙو انٽرويو ڇپيو. ”آئون شاديءَ جي دعوت جنرل ضياءَ کي بہ ڏينديس.“ مٿس تُهمت هنئي وئي تہ هن اُهو چيو هو.
پر ملڪ جي گهڻن ماڻهن اُن ڳالهہ تي سرهائي ڏيکاري هئي، تہ آئون وڌيڪ معمول پٽاندر زندگي گذاريندس. ان موقعي تي شهرن ۾ عوام ٽي ڏينهن مناءِون ورهائي جشن ڪيو هو. ”اسين ڏهن ورهين تائين ماتم ڪندا رهيا آهيون. هاڻي اسان کي خوشي بہ ملهائڻ گهرجي.“ عوام چيو. زرداري قبيلي جا ماڻهو بہ ايترو ئي سرها هئا. آصف جڏهن نوابشاهہ ۾ پنهنجين زمينن تي ويو، تہ سندس قبيلي جي پندرهن هزار ماڻهن، ڳائيندي نچندي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا جهنڊا جهولائيندي سندس آڌرڀاءُ ڪيو هو.

آئون جڏهن پاڪستان موٽي آيس، ته مون سڄي ملڪ جو دؤرو ڪندي عوام کي خاطري ڪرائي، ته آئون سندن پيڻ آهيان ۽ سدائين سندن پيڻ ٿي رهنديس ۽ شاديءَ جو منهنجي سياسي سرگرميءَ تي ڪوبه اثر نه ٿيندو. آئون جتي به هوندي هيس، ته اُتي آصف روزانو رات جو مونکي فون ڪندو هو. پوءِ هوريان فون ذريعي آئون هُن کي سڃاڻڻ لڳيس. منهنجيءَ سوچ برخلاف اسين انيڪ ڳالهين ۾ هڪجهڙا هئاسين. هن جي خاندان به مارشل لا ۾ تڪليفون سَنيون هيون. فوجي عدالت هُن جي والد حاڪم عليءَ کي ستن ورهين تائين سياست کان پري رهڻ جو حُڪم ڏنو هو ۽ جڏهن حڪومت سندس زمينن جو پاڻيءَ بند ڪيو، ته حيدرآباد ضلعي ۾ 1800 ايڪڙ خانداني زمين ڦِتي بَنجر ٿيڻ لڳي. منهنجي مڱڻي ڪانپوءِ ته هُن کي وڏيڪ تڪليفون ڏنيون ويون هيون. قومي ملڪيت ۾ ورتل بئنڪن اوچتو هن جا اڌاوتي قرض بند ڪري ڇڏيا هئا. ”تون وڏي غلطي پيو ڪرين.“ جڏهن اسن جي سڱاوتيءَ جو اعلان ٿيو هو، ته ماڻهن ڪيس چيو. ”تنهنجو اڪيلو پُٽ بينظير پُٺي سان شادي ڪري پيو. هاڻي ته سموري ڪامورا شاهي ۽ فوج تنهنجي خلاف ٿي ويندي.“ موٽ ۾ حاڪم علي رُڳو ايترو چيو ته، ”منهنجي لاءِ پُٽ جي سرهائيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪابه ڳالهه ڪانهي.“

منهنجي جاڻ پٽاندر آصف کي سياست سان ڪوبه چاهه نه هو. ”ڪُٽنب ۾ هڪڙو سياستدان نيڪ آهي.“ هن لنڊن ۾ صحافين کي چيو هو. پر جاگيردار پسمنظر رکندڙ انيڪ خاندانن جيان هن مڪاني سياست ۾ حصو ورتو هو ۽ 1985ع جي چونڊن ۾ حصي وٺڻ لاءِ نامزدگيءَ جا ڪاغذ ڀريا هئا. پر ايم آر ڊيءَ جي سَڏ تي هن انهن چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو هو، تنهنڪري ڪيس به مارشل لا جو ڏنگ لڳو هو.

هُن کي پنهنجي گهر مان آڌيءَ رات جو جهَليو ويو هو ۽ فوج دعويٰ ڪئي هئي ته، هن ليسن ڪانسواءِ هٿيار ڪٽي رات جو سفر ڪيو هو. آصف جو سياڳُ هو، جو اها تُهمت فوجي عدالت ۾ ثابت ٿي ڪونه سگهي. ”مون رڳو به راتيون جيل ۾ گهاريون هيون ۽ اهو ئي گهڻو هو.“ آصف منهنجي هڪ دوست کي ٻڌايو. ”بينظير جيڪي تڪليفون سَنيون آهن، تن بابت آئون رُڳو سوچي سگهان ٿو.“

هن مونکي نيلم ۽ هيرن جَڙيل دل جهڙي مُنڊي ڏني. هو روزانو مون ڏانهن گلاب جا گُل موڪليندو هو. اسان ڪچهريون ڪيون ۽ گهڻيون ڪچهريون ڪيون. اصل ۾ اسان جي شادي ٻن اوپرن فردن وچ ۾ نه ٿي هئي. هن مونکي ٻڌايو، ته اسين جڏهن اجا ٻاراڻي وهيءَ ۾ هئاسين، ته هن مونکي پنهنجيءَ سئنيما گهر ۾ ايندي ويندي ڏٺو هو. ويهن ورهين ڪانپوءِ سندس مائٽ جو نه، پر هُن جو پنهنجو ويچار هو ته هُو پاڻ مون سان ئي شادي ڪندو.“ جيڪڏهن اوهين منهنجي شادي ڪرائڻ گهرو ٿا، ته پوءِ منهنجي لاءِ بينظير جو سڱ گهرو.“ هن پنج ورهيه اڳ پنهنجي پيءُ کي چيو هو. هُو تڏهن کان ڏيرج سان

اوسيئڙو ڪندو رهيو. ”ڇا توکي هُن سان پيار آهي؟“ هڪ صحافي ڪانئس پڇيو. ”هُن سان سڀيئي پيار ڪن ٿا.“ هن وراڻيو.
پر اڃا به اسان هڪٻئي کي پيار جي نگاهه سان ڪونه ڏٺو هو. امان جيتوڻيڪ مونکي ٻڌايو هو ته، پيار شاديءَ کان پوءِ ٿئي ٿو. پر اسان وچ ۾ ذهني ذميداري جُڙي هئي. تنهنڪري ڀانئيو هوسين ته اسين هڪٻئي کي قطعي ۽ سدائين واسطي زال مڙس طور مڃڻ لاءِ تيار هئاسين. مون ڀانئيو هو ته پيار کان وڌيڪ سچائيءَ سان ڀرپور ذهني ٻنڌڻ سگهارو ٿئي ٿو. مون جيتوڻيڪ اُن ويچار جي پنيرائي نه ڪئي هئي ۽ نه ئي ڪريان ٿي ته مونکي مائٽن جي راضپي واري شاديءَ جي پنُيرائي ڪندڙ سمجهيو وڃي. مون ڀانئيو هو، ته پسند جي مائٽيءَ ۾ اؤس ڪا چڱائي هئي. اسين اها شادي سوچ ويچار ۽ هڪٻئي ۾ ڪنهن لوڀُ رکڻ ڪانسواءِ رُڳو سچائي ۽ مريادا توڙي ڀَرم رکڻ پٽاندر ڪرڻ وارا هئاسين. منهنجو ويچار هو ته، پريمي شادين پنيان ايتريون ته وڏيون آسُون هجن ٿيون، جو اُهي ڪٿي نه ڪٿي ڀڃِي ڀُري پون ٿيون. ساڳئي وقت اهو به اُلڪو رهي ٿو ته، متان پيار جو پيچ ٽُٽي نه پوي ۽ اُن سان گڏ شادي به. پر اسان جو پيار ته پڪ سان وڌندو ويندو.

ڊسمبر 1987ع ۾ شاديءَ کان هڪ هفتو اڳ 70 ڪلفٽن ٻاهران عوام جا انبوهه گڏ ٿيڻ لڳا هئا. وڏي دروازي تي سوڪڙيون اچڻ شروع ٿيون. سنڌ مان هَٿ جي سِبيل شلوار قميص، پنجاب مان ڀَرت ڀريل رَوا، مٺائيون ۽ ميوا توڙي آصف ۽ منهنجي رُوپ جا شاديءَ لاءِ سينگاريل گُڏيون ۽ گُڏا. منهنجا مائٽ ورلي گهر مان ٻاهر نڪري ماڻهن سان گڏ نچندا ۽ سرها ٿيندا هئا. عورتون ۽ ٻار اندر باغ ۾ اچي ويهندا هئا.
روايت پٽاندر شاديءَ کان هڪ به هفتا اڳ ڪُنوار کي پيلي رنگ جا ڪپڙا پارائي هار سينگار ڪانسواءِ، نويڪلائپ ۾ ويهاريو وڃي ٿو، ته جيئن هُو ڪوٺِي نگاهه کان بچيل رهي. پر ونواهه جي اُن آڳاٽي رسم لاءِ مون وٽ وقت ڪونه هو. آئون پنهنجو ڪم ٻن هفتن تائين سيڙائي نه پئي سگهيس. اسان جو هني مون ملهائڻ جو به ڪو ارادو نه هو. اسان ٻيون به انيڪ روايتي رسمون پُوريون نه ڪيون. جو اسان پنهنجي ملڪ لاءِ هڪ مثال جوڙڻ ٿي گهريو. اها شادي مانائتي نموني، پر سادگيءَ سان ٿيڻي هئي ۽ نه سڄو هفتو ڦڪڙپائيءَ ۾ وقت وڃائڻ سان. جيئن پاڪستان ۾ ڪيترائي خاندان اهي رسمون نڀائڻ لا ءِمجبور آهن: جنهن سبب اُهي سڄِيءَ ڄمار جي ڪمائي وڃائي ويهن ٿا يا وري قرضن ۾ ڪارا ٿي وڃن ٿا. رسم پٽاندر گهوٽيتن طرفان ڏاڍيءَ محنت سان سِبرايل لباس جا ايڪيهين کان ايڪونجاهه تائين جوڙا ڪنوار کي ڏنا وڃن ٿا. مون رُڳو ٻه جوڙا گهريا: هڪ شاديءَ، ۽ ٻيو زردارين طرفان شاديءَ کان ٻه ڏينهن پوءِ ٿيندڙ دعوت جي موقعي لاءِ. ڪنوار جي ڪپڙن تي گهڻو ڪري مٿي کان هيٺ تائين سوني ڌاڳي

سان ٽِڪن وارو سهڻو ڀرت ڀريل هُجي ٿو، پر مون چاهيو پئي، ته اهڙو ڀَرت رڳو مٿئين حصي تي هجي يا رڳو اڳِنڊ ۽ پائنچن تي هجي ۽ ٻنهي پاسن تي به نه هجي.
رسمن پٽاندر جواهرَ جڙيل زيور به ڏنا وڃن ٿا. ڪنوار ڳچيءَ ڪان ڇاتيءَ تائين سَت سِري ڏُهري به پائي ٿي، جنهن ۾ جواهرَ جڙيل هجن ٿا. مون آصف کي چيو ته مونکي رُڳو به سادا سيٽ ڏنا وڃن: هڪ شاديءَ ۽ ٻيو دعوت جي موقعي لاءِ. منهنجي زندگيءَ ۾ جواهرن لاءِ جاءِ ڪانهي. ”مونکي جواهر ڏيڻ لاءِ تو وٽ سڄي ڄمار پئي آهي.“ مون آصف کي آٿت ڏني، جنهن مونکي پر قيمتي سيٽ ڏيڻ چاهيا ٿي. مون اُهي سونيون چوڙيون ونڻ ڪان به نٽايو، جيڪي هر ڪنوار ٻانهن ۾ ڪَرائيءَ ڪان ٺُونٺ تائين پائي ٿي. مون رُڳو ٻٽي سونين چوڙين ۽ باقي ڪانچ جي چوڙين پائڻ جو ارادو ڪيو هو. مون اهو ٿي چاهيو، ته ماڻهو منهنجو مثال ڏئي ٻڌائين، ته بينظير جيڪڏهن پنهنجي شاديءَ تي شيشي جون چوڙيون پائي سگهي ٿي، ته پوءِ منهنجي ڌيءُ به اهي پائي سگهي ٿي. مون پنهنجي نالي جي چونڊ به پاڻ ڪئي. چوٽيهن ورهين تائين مونکي بينظير ڀُٽو سڏيو ويندو هو، تنهنڪري مونکي پنهنجي اُها سڃاڻپ ڦيرائڻ جي خواهش نه هئي.

”منهنجي لاڏليءَ جي پيشانيءَ تي وار چمڪن ٿا. هن لاءِ مينديءَ آڻيو. مينديءَ آڻيو، جيڪا سندس هٿُ ڳوڙها ڪندي.“ 17 ڊسمبر تي مينديءَ جي رسم ڪان ٿي ڏينهن اڳ 70 ڪلفٽن جي هڪ پاسيري ڪمري ۾، جيڪو پارٽيءَ جو دفتر هو ۽ جتي گڏجاڻيون ٿينديون هيون، اُتي منهنجي ڀيڻ، منهنجيون سوٽئون ۽ ساهيڙيون گڏجي مينديءَ جي خوشيءَ جا ڳيچ ڳائڻ لڳيون ۽ گهوٽيتن سان گڏجي ناچ جي چٽاڀيٽي ڪرڻ لڳيون. اتي سلما، سميعا، پشي ۽ امينا هيون. ياسمين به لنڊن مان آئي هئي. روزانو انگلينڊ مان ڪيترين ئي ساهيڙيون پُهتيون پئي: ڪوني سيفرٽ، جنهن جي سخت ڪوشش سبب امان کي علاج لاءِ ضياءَ پاڪستان مان وڃڻ جي اجازت ڏني هئي: سوسن ڊيوڊ، ڪيٽ گريگوري، جيڪي آڪسفورڊ جي ڏينهن کان منهنجيون ساهيڙيون هيون ۽ وڪٽوريا شوفيلڊ، جنهن جي ويزا حڪومت پڇاڙيءَ گهڙيءَ تائين روڪي ڇڏي هئي. آمريڪا مان ايني فيڊيمين ۽ اتي منهنجي ڪمري ۾ رهندڙ ساهيڙي يولينڊا ڪورزڪي آيون هيون. ايني هن ڀيري ’لائيف‘ مخزن لاءِ منهنجي شاديءَ تي مضمون لکڻ لاءِ آئي هئي. ”تون 1986ع ۾ هتي ڳوڙها آڻيندڙ گئس ۾ ڦاسڻ لاءِ آئي هئي.“ مون کِلندي اينيءَ کي چيو. ”شڪر آهي جو هينئر تون هتي خوشيون ملهائڻ لاءِ آئي آهين.“
اُهي اچرج ۾ وجهندڙ ٻيهر گڏجاڻيون هيون. اسان جا پاڻ ۾ لاڳاپا اهڙا جُڙيل هئا، جيڪي مارشل لا جي سموري پيڙا ۾ نه رڳو اَٽل هئا، پر ويتر سگهارا پڻ ٿي ويا هئا. اُن موقعي تي بابا جا وڪيل ۽ ڪيترائي سياسي قيدي به آيا هئا. اوچتو 70 ڪلفٽن ۾ ڊاڪٽر نيازيءَ جي پهچڻ تي چوڌاري ڦڙڦوٽ پئجي وئي هئي. جيتوڻيڪ بابا جي ڏندن واري

ڊاڪٽر تي اسلام آباد ۾ سخت الزام لڳل هئا، پر هو اڪيلائپ جا ڇهه ورهيه جلاوطن رهي، منهنجي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ موٽي آيو هو. هو ڪراچيءَ ۾ بلڪل محفوظ هو، پر ڪنهن کي به پتو نه هو، ته هو جڏهن اسلام آباد واپس وڃي پنهنجي ڏنڊو ڀيهر شروع ڪندو ڪندو، ته ڪيس ڪهڙن مامرن سان مُنهن ڏيڻو پوندو. اُن سموري موقعي تي امان هر ڪنوار جي ماءُ جيان هوشياريءَ سان هر ڪم جي نگراني ڪندي رهي. 1982ع کان هوءَ به پاڪستان ۾ نه هئي ۽ حقيقت ۾ سندس نِنڊ ڦٽل هئي.

70 ڪلفٽن ۾ ساهيڙيون ۽ مِٽ مائٽ موجود هئا، ته ٻاهر وري لکين ماڻهو ڪراچيءَ جي مرڪزي علائقي لياريءَ ڏانهن پئي ويا. اسان جي شادي ٻن جاين تي ٿيڻ واري هئي: هڪڙي گهر ۾ ساهيڙين ۽ گهر ڀاتين جي موجودگيءَ ۾ ۽ ٻيءَ عوام اڳيان. مارشل لا وارن ورهين جي قيد جي سزا ڀوڳيندڙ پارٽيءَ جي پندرهن هزار حامين ۽ شهيد ٿيندڙن جي مائٽن آڌو عوامي دعوت وري لياري ۾ راندين جي شاهي ميدان ڪڪري گرائونڊ ۾ ٿيڻي هئي. اُن گرائونڊ ۾ بابا پهريون سياستدان هو، جنهن اتي جي مسڪين ۽ ڏتڙيل عوام کي خطاب ڪيو هو ۽ سندن پاران آواز اُٿاريو هو. اُن ئي ميدان تي 14 آگسٽ 1986ع تي پوليس ڇهن ماڻهن کي گوليون هڻي قتل ڪيو هو ۽ مٿن ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا گولا اڇلايا هئا. ڪڪري گرائونڊ جا ڪجهه حصا عام ماڻهن لاءِ به رکيا ويا هئا. مينديءَ کان هڪ رات اڳ آئون برقعو پائي اتي انتظامن جي نظرداريءَ لاءِ وئي هيس. ڪراچي پورٽ ٽرسٽ يونين ۽ ٻين يونينن جي ڪارڪنن ڪڪري گرائونڊ تي پنجاهه- چاليهه فوٽ وڏي اسٽيج ناهي، اُن جي آخري چڪاس پئي ڪئي. اُهو اسي ٽن لوهه ۽ ڪاٺ جو مضبوط ٿلهو ناهيو ويو هو. اوچتي گهُرج تي ويچاريندي جنريٽر به رکيا ويا هئا، ته متان حڪومت بجلي ڪَٽڻ جو فيصلو ڪري، ته پوءِ انهن ذريعي ميدان ۾ روشني ڪئي ويندي. ميدان چوڌاري ويهه وڏي اسڪرين جا ٽيليويزن سيٽ رکيا ويا هئا، ته جيئن ماڻهو شاديءَ جون رسمون ڏسي سگهن. غاليچن وڇايل اسٽيج تي اسان جي ٻن خاندانن لاءِ رکيل ڪُرسين جي ٻنهي پاسن کان ياسمين، گوٽتي ۽ گلاب جي گلن جون لَڙهيون ناهيون ۽ سندن وچ ۾ آصف ۽ منهنجي لاءِ ڪُرسيون رکيون پئي ويون.

گرائونڊ چوڌاري پنج ماڙ عمارتن تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڳاڙهن، ساون ۽ اڇن رنگن ۾ هزارين بلبن جون جهالرون لڳل هيون ۽ بابا جي هٿ سان چِٽيل اُها وڏي تصوير تيز روشنيءَ ۾ چمڪي پئي، جنهن دعا پئي گهري اسان کي اميد هئي ته ڪڪري گرائونڊ ۾ هڪ لک کن ماڻهو گڏ ٿيندا. پر اتي گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هزار ماڻهو ته اڳواٽ ئي اچي ويا هئا. انهن مان ڪجهه سنڌ جي ننڍن شهرن ۽ ٻهراڙين مان پنڌ ڪري يا سائيڪلن تي چڙهي اتي آيا هئا. اهي منهنجا پائر هئا ۽ پينرون هيون ۽ ڪين دعوتنامن جي ڪابه گهُرج نه هئي. اهي پنهنجي خانداني شاديءَ ۾ آيا هئا.

ڍُهلن ۽ ڍونڪن جا آواز. عورتن جا ڳيچ. منهنجن مائٽن طرفان شاديءَ جي مبارڪن جو هُل. 17 ڊسمبر تي مينديءَ جي رسم لاءِ گهوٽيتن جو جلوس 70 ڪلفٽن تي پهتو. آصف جي مائٽن مينديءَ جا ٿالهه آندا جيڪي مور جي نموني ٺهيل هئا ۽ سندن پُڇن ۾ مور جا سَچا کنڀ لڳل هئا. زرداريءَ جو جلوس جڏهن باغ ۾ پهتو، ته منهنجي خاندان جي عورتن کين گلاب جي گلن جا هار پارائي، سندن آڌرڀاءُ ڪيو. آصف کي پيرين پيادو ڏسي مونکي آٽت ملي، ڇو ته هن پنهنجي گهوڙي تي چڙهي اچڻ جي ڌمڪي ڏني هئي. اسين ٻئي 70 ڪلفٽن جي ڏاڪڻ جي ٿلهي تي آرسين جَڙيل ۽ سِپ جي ڪمانگري بئنچ تي ٿي ويناسين. مون پنهنجي گهونگهٽ مان پنهنجي خاندان ۽ ساهيڙين ڏانهن نهاريو، جيڪي هيٺ هڪ پاسي غاليچي واري ڏاڪڻ پرسان ميڙ ڪيو بيٺا هئا ۽ ٻئي پاسي آصف جا مائٽ هئا. راڳ شروع ٿيو ۽ ان ۾ اسان طرفان اهڙا ڳيچ ڳايا ويا، جيڪي شايد ئي ڪنهن ٻُڌا هوندا: 'جڏهن آئون سياست جي ڪم سان گهر کان ٻاهر وينديس، ته آصف کي ٻار سنڀالڻا پوندا. هو مونکي جيل وڃڻ کان پڻ ڪونه جهليندو.' ياسمين، صنم، لالي ۽ ٻين ساهيڙين گيت ڳايا: 'توکي وڃڻو پوندو ته، بينظير پلي قوم جي خدمت ڪري.' هنن اردوءَ ۾ ڳايو ۽ آصف طرفان اُن جو جواب پڻ ڏنو: 'اهو مون کي قبول آهي. ڇو ته آئون پنهنجيءَ زال جي خدمت ڪري قوم جي خدمت ڪندس.'

باغ ۾ لڳل رنگارنگي شاندار ميناني هينئان اسان جي ويجهن ٻه سؤ دوستن دعوت جي ماني کائڻ کان اڳ تاڙيون وڄايون ۽ خوشيءَ جون ڳالهيون ڪيون. مون امان جي چهري تي ڳوڙها ڏٺا. مونکي سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿي آيو ته، اهي ڳوڙها خوشيءَ جا هئا يا اُن مايوسيءَ سبب، جيڪا ڪيس انهن پرڏيهي فوٽوگرافرن کي ڏسي ٿي هئي، جيڪي حفاظتي ماڻهن کان لِڪي، اِندر گهڙي آيا هئا ۽ منهنجي ۽ آصف چوڌاري ميڙو ڪيو بيٺا هئا. مينديءَ جي رسم بلڪل خانداني رسم هئي. پر ننڍي ڪنڊ ۾ صديءَ جي اُن شاديءَ جي ٻن ڏينهن واري جشن جون خبرون موڪلڻ لاءِ صحافي عرب رياستن، جرمني، فرانس، هندستان، آمريڪا ۽ انگلينڊ مان به آيا هئا. هنن ڪانسواءِ ريڊيي جا عيوضي پڻ موجود هئا.

ٻيءَ رات جڏهن اسين نڪاح جي رسم لاءِ باغ ۾ گڏ ٿياسين، ته منهنجيءَ دل ۾ سَٽون اڀريون، ته جيڪر اُن موقعي تي منهنجو پاءُ مير به اُتي موجود هجي ها. هو ته صنم جي شاديءَ ۾ به نه اچي سگهيو هو ۽ نه وري اسان مان ڪو هُن جي شاديءَ ۾ افغانستان ۾ ويو هو. حڪومت طرفان گرفتاريءَ جي جوکي هوندي به مير ڌمڪي ڏني هئي، ته هُو منهنجي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ لِڪي پاڪستان ايندو. پر امان هن کي اهڙي جوکي کڻڻ کان روڪي ڇڏيو هو.

”تڪڙو نہ هل. تون عام جلسي ۾ ڪونہ پئي وڃين، جو توکي دير ٿئي.“ صني ۽ امان جيئن مونکي باغ ۾ شاديءَ جي ٿلهي ڏانهن وٺي پئي ويون، تہ صني منهنجي ڳُهنبي گهونگهٽ جو پلاند ٿورو مٿي ڪندي مونکي هوريان چيو.
”ڪنوار ڌيرج سان هلي ٿي.“ ماسي بهجت قرآن شريف جو مون تي ڇانوَ ڪندي سمجهايو.
شاديءَ جي ٿلهي تي پنهنجي جاءِ تي ويهندي ڳٽنيءَ وچان مون هيٺ زمين ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. منهنجي سئوٽ شاد ڪلندي مون وٽ آئي.
”هنن ماڻهن کي ايتري دير ڇو ٿي آهي.“ مون هن کان پڇيو ۽ مونکي اُلڪو هو، تہ الاءِ آصف وارن وٽ ڇا پئي ٿيو، جتي اسان جي خانداني مولوي شاديءَ جون دعائون پئي پڙهيون.
”منظور آهي؟“ شاد مون کان پڇيو. مون سمجهيو تہ هن مون کان چرچي وچان پڇيو آهي تہ، آئون تيار بہ آهيان يا نہ.
”آهي.“ مون ورندي ڏني. ”پر اُهي ڪٿي آهن؟“
هُن رڳو مُرڪيو ۽ اُهو ساڳيو سوال بہ ٻيرا وري پڇيو. ”آهي. آهي.“ مون ورجايو. پانئيم تہ مون اُها رواجي هائوڪار منهنجي شاهد سان ڪئي ۽ ائين آئون پرڻيل عورت بڻجي ويس.
منهنجي چؤڏاري ’ش‘ حرف سان نالا شروع ٿيندڙ ست شيون رکيل هئڻ سبب منائين ۽ سونا روپا ورق چڙهيل خشڪ ميوي جا ٿالهہ ۽ چاندي جا ڏيئا، چاندي جي شمعدانن ۾ هئا. سڄي باغ ۾ هزارين ننڍڙا بجليءَ جا بلب هئا، جن جي روشني ٿلهي جي چؤڏاري لڳل چانديءَ جهڙي پني تي جهرمر پئي ڪئي. جڏهن آصف اچي منهنجي ويجهو وينو، تہ منهنجين مائٽ عورتن هڪ سونهري ۽ سائي رنگ جي شفاف شال منهنجي مٿان جهلي. اسان ٻنهي جڻن پنهنجي وچ ۾ رکيل آئيني ۾ پهريون ڀيرو هڪ ٻئي کي ساٿيءَ طور ڏٺو. امان ۽ ماسين وري مصريءَ جون ٽڙون اسان جي مٿن مٿان ڀڳيون، تہ جيئن اسان ٻنهي جي زندگي مصريءَ جهڙي مِٺي گذري ۽ پوءِ هنن اسان کي لانئون ڏنيون. اُن موقعي تي چؤطرف واڌاين جو گوڙ ٿيو.
اُن رات ڪراچيءَ ۾ چؤڏاري سُرهائيون ۽ جشن هئا. جڏهن اسين هڪ بلاڪ پرتي ڪلفٽن باغ ۾ هڪ نجي دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ 70 ڪلفٽن مان نڪتاسين، تہ مونکي ۽ آصف کي ڏسڻ لاءِ هزارين ماڻهو اچي ڳاهٽ ٿيا هئا. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي رضاڪار محافظن ڏاڍي ڪوشش سان سندن وچ مان رستو ٺاهيو، تہ جيئن اسان جا مهمان باغ ۾ پهچي سگهن. هڪ ڪلاڪ کان پوءِ عوامي جشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ لياريءَ ڏانهن وڃڻ وقت رستن تي سڄڻن ۽ همدردن جا هجوم ڏسڻ ۾ ٿي آيا. جيپن مان شاديءَ جي ڳيچن جا آواز پئي ٻُڌا، جيڪي اسان جي شاديءَ جي ياد ۾ سڄي پاڪستان ۾

پکڙجي ويا هئا. اُن چؤنڪ چؤڌاري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي رنگن جي بلبن جون جهالرون لڳل هيون، جتي هڪ سال اڳ ڪيترن ئي ماڻهن تي ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا گولا اڇلايا ويا هئا.

ڪڪري گرائونڊ ۾ بِن لکن کان بہ مٿي ماڻهن جا ميڙ هئا، جيڪي پاسي وارين گهٽين تائين پکڙيل هئا. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ لاءِ عوام جو اهو پيار ۽ پُنيرائي آصف جي پهرين پرک هئي ۽ هن جي مُنهن مان تنهن وقت ڳٽيءَ ڏسڻ ۾ ٿي آئي، جڏهن رضاڪار محافظن عوامي هجوم کي پري هٽائيندي پچيرو لاءِ رستو پئي ٺاهيو. راندين جي اُن ميدان تي انچ جيتري بہ جاءِ خالي نہ هئي ۽ نہ وري چؤڌاري عمارتن جي بالڪونين تي. ڪيترن ڏينهن کان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪن عورتن پيپلز پارٽيءَ جي رنگدار دبن ۾ شاديءَ جي مٺائي پئي ٺاهي رکي، تہ جيئن اهي دٻا لياريءَ ۾ آيل ماڻهن کي ڏنا وڃن. رڳو هڪ ڪلاڪ اندر چاليهہ هزار دٻا ورهايا ويا.

”جيئي ڀٽو! جيئي ڀٽو!“ هر طرف لوڪ گيتن جا واڄٽ هئا. ماڻهن خوشيون پئي ملهايون ۽ ناچ پئي ڪيا. هوا ۾ ننڍا ڦوڪڻا اُڏايا ويا، جن پويان گولين جا ڌڌڪا هئا. رات جي اونداهہ ۾ آتشبازيءَ جا رنگ پکڙجڻ لڳا. جڏهن تہ پَٽ تان چانديءَ ۽ سوني رنگ جا چشما پئي ڦُٽيا. مون هٿ لوڏي عوام جو آڌرڀاءُ ڪيو. هنن پڻ جواب ۾ هٿ لوڏيا. هنن جي اميدن ۽ سَپنن ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو هو: ڀلي آئون اڪيلي هجان يا پرڻيل. مون کي پڪ هئي تہ، لياريءَ ۾ عوامي ميڙاڪي ۾ ضياءَ جا جاسوس بہ موجود هئا، جن کي اُميد هئي تہ اُهي ضياءَ کي اها ڳالهہ ٻڌائڻ ۾ سوڀارا ٿيندا، تہ شاديءَ سبب منهنجي پُنيرائي گهٽجي وئي آهي. پر حڪومت جون اُميدون مِٽيءَ ۾ ڌُوڙ ٿي ويون هيون. ”بينظير کي پهرين ڀار نہ جمڻ تائين ضياءَ چوندون نہ ڪرائيندو.“ اسين جڏهن رات جو دير سان 70 ڪلفٽن موٽياسين ، تہ سميعا منهنجي مائٽن سان چرچو ڪندي چيو. اُهو ٻُڌي سيئي ٺهڪ ڏئي کِلڻ لڳا. آصف جيتوڻيڪ گهٽي اولاد هجڻ جي خواهش ڏيکاري هئي، پر اسان وچوٽيءَ جو فيصلو ڪيو هو. اسان کي سَگهري زندگيءَ جو هيراڪ ٿيڻ ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ لاءِ وقت جي گهُرج هئي ۽ منهنجيون اهم سياسي گهُرجون اُهي ساڳيون ئي هيون.

”اڄ گهٽي ذاتي ۽ سڳوري ڏڻ تي. آئون پاڪستاني عوام سان پنهنجو اُهو وچن ٻيهر ورجائڻ گهران ٿي ۽ پنهنجي اُن ٻنهہ ڳنڀير وچن کي ورجايان ٿي، تہ منهنجي حياتي هر شهريءَ جي ڀلائي ۽ اسان جي مهان قوم کي آمريتي چنبي مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ارپيل رهندي.“ مون پنهنجي بيان ۾ چيو، جيڪو شاديءَ جي ٻئي ڏينهن ڪڍيو هو. ”ماضيءَ جيان آئون ڪنهن بہ قرباني ڏيڻ کان پُٺتي نہ هٽنديس، ڪٿي اُها وڏي هجي يا ننڍي. آئون پنهنجن

پائرنءِ پينرن سان، پاڪستاني عوام سان، ڪُلهوڪُلهي ۾ ملائي گڏجي ڪم ڪنديس، ته جيئن اهڙو سماج جُڙي، جنهن ۾ ڀؤ ۽ ڇڪتاڻ جو نالو نشان به نه هجي. ڪالهه به منهنجي منزل اها ئي هئي. اها اسان سڀني جي ڀرپور سوچ آهي ۽ سدائين اسان جي اٽل ذميداري هوندي.“

# جمهوريت جي نئين اميد

جنرل ضياءَ 29 مئي 1988ع تي اوچتو پارليامينٽ کي ٽوڙي، پنهنجي ئي ٽاڪيل وزيراعظم کي لاهڻ ۽ چوندن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. اُن وقت آئون 70 ڪلفٽن ۾ لاڙڪاڻي جي پارٽي ڪارڪنن سان هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ويٺي هيس، جو اهو ڇرڪائيندڙ نياپو مونکي مليو. ”اوهان کان ضرور ڪا غلطي ٿي هوندي.“ مون چيو. ”جنرل ضياءَ چوندن ڪرائڻ کان ٽٽائي ٿو. هو چوندون ڪرائڻ ئي نٿو گهري.“ پارٽيءَ اڳواڻن به جڏهن مونکي ٻڌايو، ته ضياءَ شام جو ساڍي ستين بجي ريڊيي ۽ ٽيليويزن تي اهڙو اعلان ڪيو آهي، تڏهن به مونکي پڪ نه ٿي. ”اوهان ضرور ڪنهن ٻئي ملڪ بابت اهڙو اعلان ٻُڌو هوندو.“

ايتري ۾ 70 ڪلفٽن ۾ واڌاين جا فون هڪ ٻئي پٺيان اچڻ لڳا ۽ وڏي دروازي تي صحافين جي گوڙ، ضياءَ جي اُن بلڪل اوچتي فيصلي جي پڪ ڪئي. ڪجهه ڇڻن جو ويچار هو ته اُن موقعي تي اهڙو قدم کڻڻ شڪي هو. چار ڏينهن اڳ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ هڪ اخبار ۾ خبر ڇپي هئي، ته آئون ماءُ ٿيڻ واري هيس. ”مون توکي چيو هو ته توکي جيئن ٻار ٿيندو، ته ضياءَ چوندون ڪرائيندو.“ صحافين سان ڳالهائڻ کانپوءِ سميعا ڏاڍي سُرهائيءَ وچان مونکي چيو. ضياءَ جي ان اعلان تي منهنجيءَ حالت جو اثر هو يانه، تنهن بابت مونکي ڪا ڄاڻ ڪانهي، پر اُهو اُن پڪيءَ خبر کانپوءِ پهريون پيرو ٿيو هو، ته آئون ڳريوتي. هيس جيتوڻيڪ آصف ۽ مونکي ٻار جي ڪا تڪڙ نه هئي، پر اسان کي اوچتي خبر ٻُڌي سُرهائي ٿي هئي. هاڻي وري ضياءَ جي اُن سَستي جذباتي ڊرامائي اعلان مان لڳو، ته اهو سڄو سال غير معمولي واقعن سان ڀرپور هوندو.

ضياءَ جي اُن ارادي بابت اڳواٽ وزيراعظم جوڻيجي سميت ڪنهن کي به پتو نه هو، جيڪو تنهن وقت ڏُور اُڀرندي ملڪن جو دؤرو ڪري موٽيو هو ۽ جنهن شام جو ڇهين بجي صحافين سان گڏجاڻي پئي ڪئي. اجا هڪ ڪلاڪ به مس گذريو هوندو، ته ضياءَ جي تقرير ٻڌندڙ جوڻيجي جي هڪ نائب، ضياءَ جي وزيراعظم کي ٻڌايو ته، کيس سندس عهدي تان لاٿو ويو آهي. حڪومت کي ٽوڙڻ جا چار سبب ٻڌايا ويا هئا: اسلامي قانون هڪدم رائج ڪرڻ ۾ وزيراعظم جوڻيجي جي حڪومتي ناڪامي، اپريل ۾ تباهه ٿيل اوجهڙي ڪئمپ جي جاچنا ۾ ڪوتاهي، جنهن سبب شهرين تي ميزائيل ۽ بم ڪِريا هئا، انتظاميا ۾ رشوتخري ۽ بي ايماني ۽ سڄي ملڪ ۾ لاقانونيت.

جيتوڻيڪ ضياءَ جي ٽاڪيل وزيراعظم سان منهنجو گهٽ واسطو رهيو هو، پر جنهن ٺِڳ نموني ۾ هن کي سندس عهدي تان لاٿو ويو، تنهن لاءِ مونکي ڏُک ٿيو هو. جوڻيجي، ضياءَ جي گهڻي خدمت ڪئي هئي. هن اڪيون ٻوٽي ضياءَ جي آئين کي مڃيو هو.

مارشل لا جي سيني حُڪمن جو بچاءُ ڪيو هو. ۽ 1990ع تائين ضياءَ جي صدر ۽ چيف آف آرمي اسٽاف طور رهڻ جو مُدو وڌايو هو. پر مونکي ڌُرت پتو پيو ته، هن سان ڪنهن به همدردي نه ڪئي هئي. ”جڏهن اوهين ڪُتن سان گڏ رهندؤ ته، اهي اوهان کي به ڏاڙهيندا.“ هڪ سخت جواب اُهو به ٻُڌڻ ۾ آيو هو. انيڪ ماڻهن واتان مون ٻُڌو هو، ته جوڻيجو جي قبر جو ڪتبو هيءُ هجڻ گهرجي: ”هتي اُهو ماڻهو پُوريل آهي، جيڪو تاريخ ۾ اونڌو ٿي ڪِريو ۽ اُتان اونڌو ٿي نڪري ويو.“
پوءِ به ضياءَ جي اعلان ڪانپوءِ سڄي ملڪ ۾ سُرهائيءَ جي لهر پکڙجي وئي. ضياءَ جي پنهنجي آئين پٽاندر حڪومت کي ٽوڙڻ ڪانپوءِ نوي ڏينهن ۾ ڪيس چوندڻ ڪرائڻيون هيون. ۽ ڪيئي ماڻهن موجب هاڻي سوءُ ويجهي هئي. ”هاڻي ڪوبه پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي روڪي نه سگهندو.“ اسان جي هر هڪ حامي اهو پئي چيو. مون اجائي ڪوشش ڪندي، ماڻهن کي صبر لاءِ چيو. جيتوڻيڪ مون چوندڻ بابت اعلان ڪيو ته، ”جيڪڏهن نوي ڏينهن ۾ منصفاڻيون، آزاد ۽ پاس خاطريءَ ڪانسواءِ جماعتي چوندڻون ٿيون، ته اسين سندن آجيان ڪنداسين.“ پر ذاتي طرح مونکي ڪيترائي شڪ هئا.
آزاد ۽ منصفاڻين چوندڻ جو مطلب هو: پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ ڀٽي وارن جي واپسي ضياءَ ته اڳ ۾ چئي ڇڏيو هو ته، ”هو اقتدار انهن کي موٽائي نه ڏيندو، جن کان هن اُهو ورتو هو.“ جيڪڏهن هن کي پنهنجي پسند جي مسٽر جوڻيجي سان گڏ رهڻ ۾ ڏکيائي ٿي هئي، ته پوءِ هو اُهو ڪيئن مڃي سگهندو، ته اُن شخص جي ڌيءَ وزيراعظم ٿئي، جنهن جي قتل جو هن پاڻ حُڪم ڏنو هو؟ ”ضياءَ اُن لاءِ جوڻيجي کي ڪونه هٽايو آهي، ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ واري پارليامينٽ ۾ اڪثريت سان ڪٽي اچي.“ مون پنهنجن خوش ٿيندڙ حامين جو جوش گهٽائڻ لاءِ چيو. افسوس ضياءَ پوءِ جيڪي اُپاءَ ورتا، تن منهنجن وسوسن ۽ گمانن جي پَڪ ڪئي.
ضياءَ 15 جون تي شريعت کي ملڪ جو اُتم قانون ڪونڻ جو اعلان ڪيو. ضياءَ پنهنجي ٽيليويزن خطاب ۾ اهڙي ڪابه چِٽائي نه ڪئي، ته اُهو اصل ۾ ڇا هو ۽ وري ڪنهن کي به اُن جي معنيٰ جي ڪا خاطري نه هئي. ڇا اُن جو مطلب اُهو هو، ته پاڪستان جي باني محمد علي جناح جي تصوير وارا نوٽ واپس ورتا ويندا، ڇو ته اسلام جي ڪجهه مڪتبن پٽاندر انساني رُوپ جي تصوير ڪڍڻ غير اسلامي فعل هو. ڇا اُن جو مطلب اهو هو ته، سرڪاري باندڻ کي، جن تي وياج جو خاص اڳهه رٿيل هو، وياج ڇاٽايو ويندو؟ اُن بابت ڪي به اهم ڳالهيون نه چيون ويون هيون. اُن جو مطلب اهوئي هو ته، هاڻي ڪوبه شهري، ڪنهن به موجود قانون کي غير اسلامي چئي. اُن تي هاءِ ڪورٽ ۾ اعتراض ڪري ٿي سگهيو. جيڪڏهن عدالت کي اهڙو قانون غير اسلامي ڏسڻ ۾ آيو، ته جج اُن کي رد ڪري سگهندا، پر شريعت جي رواج لاءِ ضياءَ 1988ع تائين ڇو اوسيئڙو ڪيو هو؟

ڪيئي ماڻھن جو ويچار ھو، تہ ضياءَ تنھن وقت اسلام جو جيڪو ناجائز فائدو ورتڻ گھريو ٿي، تنھن جو مطلب منھنجيءَ مخالفت ھو. اردو اخبارن انومان پئي ڪديا تہ، ضياءَ تعصب طور اسلامي تشريح ڪُتب آڻيندي، مونکي ھڪ عورت ھجڻ سبب چونڊن ۾ مقابلي ڪان روڪڻ جي ڪوشش ڪندو، تہ جيئن قومي اسيمبليءَ ۾ سوڀاري پارٽيءَ جي اڳواڻ ھجڻ طور نااھل ڪوني سگھي. پر مونکي پنھنجا شڪ ھئا تہ ڇا ھو اُن ۾ سوڀارو ٿيندو. 1973ع جي آئين پٽاندر، جيڪو مذھبي اڳواڻن بہ منظور ڪيو ھو، ھڪ عورت ملڪ جي اڳواڻ ٿيڻ جي اھل ھئي. ساڳئي طرح ضياءَ جي پنھنجي 1986ع واري آئين ۾ بہ حڪومت جي اڳواڻيءَ لاءِ عورت جي اھليت برقرار رکي ويئي ھئي. ضياءَ جا اختيار محدود ٿيندا پئي ويا.

پر اسان جو شڪ اڳي ڪان بہ وڌيڪ سگھارو ٿيندو ويو، تہ جيڪر چونڊون ايمانداريءَ سان پاسخاطري ڪانسواءِ ٿين، پوءِ بہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ اڳتي وڌڻ جي سخت ڪوشش ڪندي رھي. جيتوڻيڪ اسان کي ڪا بہ سُڌ نہ ھئي، تہ پنھنجا اميدوار بيھارڻ جي سياسي جماعتن کي اجازت بہ ھوندي يا نہ، يا وري چونڊون ڪڏھن ٿينديون؟ ضياءَ اھو بہ چيو ھو، تہ اسلامي قانون لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ اھا تاريخ مقرر ڪئي ويندي. پر پوءِ بہ اُن جو اعلان نہ ٿيو ھو. ضياءَ تہ چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان مقابلي ڪان نٽائڻ لاءِ پنھنجيون پراڻيون حرفتون پئي آزمايون. پر ھن ڀيري اسان وٽ بہ اسان جا ھٿيار ھئا.

فيبروريءَ ۾ اسين ضياءَ جي 1985ع واري ووٽ ڏيندڙن جي رجسٽريشن جي فقري خلاف سپريم ڪورٽ ۾ وياسين، جنھن ھيٺ سيني سياسي پارٽين کي چيو ويو ھو، تہ اُھي پاڻ کي سرڪار وٽ رجسٽر ڪرائين. ضياءَ جي قانون پٽاندر اھي سيئي سياسي جماعتون، جن چونڊن ۾ حصو ورتڻ گھريو ٿي، تن کي پنھنجو مالي حساب ڪتاب ۽ پنھنجن عھديدارن جي فھرست انتظاميا جي چونڊيل اليڪشن ڪميشن وٽ جمع ڪرڻي ھئي. ان جاچُ ورتڻ ڪانپوءِ اليڪشن ڪمشنر ڪنھن بہ سياسي جماعت کي چونڊن ۾ حصي ورتڻ ڪان اُن اجائي بنياد تي روڪي سگھيو ٿي، تہ اھا جماعت پاڪستان جي نظريي خلاف آھي. جيتوڻيڪ سچائي اھا آھي تہ، ان نظريي جي ڪڏھن بہ ڇِٽائي نہ ڪئي وئي ھئي. اچرج ۾ وجھندڙ ڳالھہ اھا ھئي، تہ اليڪشن ڪمشنر، پارٽيءَ عھديدارن کي چوڏھن ورھين تائين چونڊن ۾ حصي ورتڻ ڪان روڪي ۽ ڪين ستن ورھين جي قيد جي بہ سزا ڏئي پئي سگھيو.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي چونڊ ميدان ڪان ٻاھر رکڻ لاءِ بيشرميءَ سان سازش ڪئي وئي ھئي. اُن قانون ھيٺ نہ رڳو شھرين جي جماعتي آزاديءَ جي حق جي ڀڃڪڙي ٿي ھئي، پر ان ضياءَ جي ٿاڦيل شخص کي اھو مڃڻ جو حق پڻ ڏنو ھو تہ، ڪھڙيءَ جماعت قائم رھي ۽ ڪھڙي نہ رھي. اتفاق سان مسٽر يحييٰ بختيار پاڪستان جو اڳوڻو اٽارني

جنرل، جيڪو بابا جي اپيل ۾ وڪيلن جو اڳواڻ هو. سپريم ڪورٽ ۾ اُهو مقدمو وڙهڻ لاءِ راضي ٿيو. اهو مُقدمو يارهن ججن اڳيان پيش ٿيو، جيڪا عدالتي تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏي عدالت هئي. عدالت جو يڪراءِ فيصلو 20 جون 1988ع تي ٻڌايو ويو. اُها پاڪستاني عوام جي اخلاقي ۽ قانوني سوڀ هئي. ضياءَ جي رجسٽريشن وارو فقرو 'مڪمل طور رد' ڪيو ويو هو.

"پارلياماني سرڪار، جماعتي سرڪار هُجي ٿي ۽ جماعتي سرڪار، نمائنده سرڪار جو بنيادي اصول هجي ٿي." چيف جسٽس پنهنجي بيان ۾ لکيو: "...چوندن ذريعي گهڻ ۾ گهڻ حڪومت ڪرڻ جي دعويٰ جو هڪ جائز قانوني وسيلو ٿئي ٿو. جماعتي سرشتي ذريعي پارلياماني چوندن جا نتيجا حڪومت جي روپ ۾ اچن ٿا." چيف جسٽس جي راءِ سان سُهمت ٿيندي سپريم ڪورٽ جي هڪ ٻئي جج رايو ڏنو ته، "قانون ٺاهيندڙ مجلس لاءِ جن ماڻهن جي چونڊ ٿئي ٿي، تن جي ذاتي حيثيت جي ڪابه اهميت نٿي هُجي. اهي ڪنهن به مقصد ۽ مطلب ڪانسواءِ سياسي ميدان ۾ رُڳو ڦيريون ڏيندا رهن ٿا. البت جڏهن اهي ڪنهن گروهه يا ڪنهن جماعت ۾ شريڪ ٿين ٿا، تڏهن اهي هڪ طاقت جي صورت ۾ پنهنجين سرگرمين سبب ٿورو بااثر ٿي وڃن ٿا. اُهي رُڳو هڪ سياسي جماعت جي ميمبر طور ۽ نه ڪي قانون ٺاهيندڙ مجلس جي هڪ انفرادي رڪن طور، پنهنجا مقصد ماڻي سگهن ٿا."

ضياءَ جي "رجسٽريشن فقري" کي رد ڪرڻ مان سپريم ڪورٽ جو مقصد چِٽو هو: ڪنهن به جماعت کي رجسٽرڊ يا اڻ رجسٽرڊ طور چوندن ۾ حصي وٺڻ کان روڪي نٿو سگهجي. عدالتي فيصلو پڻ پڌرو هو. هر شهريءَ کي بنيادي حق هو: مرد توڙي عورت کي پنهنجي پسند جي سياسي جماعت ذريعي چوندن ۾ حصي وٺڻ جو بنيادي حق هو. چوندون سياسي جماعتن پٽاندر ئي ٿيڻيون هيون. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه آئيني اختيار موجود نه هو، ضياءَ جي پنهنجي آئين پٽاندر پڻ. پر اسان کي پتو هو ته، ضياءَ پاڻ کي پاڪستان جي قانونَ کان مٿانهون سمجهندو هو.

آئون لاڳيتو ملڪ جي دؤرو ڪندي رهيس. آئون لاڙڪاڻي کان جيڪب آباد پهتيس، جتي منهنجو شاندار آڌرڀاءُ ڪيو ويو. اتان آئون نوابشاهه ويس، جتي مسلم ليگ جا اڳوٽا ميمبر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ اچي شامل ٿيا. آئون جڏهن ڪراچي پهتيس، ته پارليامينٽ جا وڌيڪ مسلم ليگي ميمبرَ اسان سان ملي ويا. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حق ۾ فضا ويتر سازگار ٿيندي پئي وئي. سڀيئي اهل اميدوار پارٽيءَ جي اُن زبردست پُنيرائي ماڻڻ ۾ رڌل هئا، جيڪا ووٽ تي اسان جي نشان ذريعي کين ملڻي هئي.

آئون جتي به ويس ته هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ٻاهر نڪري ٿي آيا، جيتوڻيڪ انهن ڏينهن ۾ ساڙيندڙ گرمي هئي ۽ ساوڻ جا مينهن به هئا. جولاءِ ۾ مون لاهور ۾ جيڪا تقرير ڪئي هئي، تنهن وقت اتي عوام جو ايڏو ته وڏو هُجوم هو، جو صحافين ان جي

1986ع ۾ جلاوطنيءَ مان موٽڻ مھل منھنجي ٿيل شاندار آڌرڀاءُ سان ڀيٽ ڪئي ھئي. الله جي مھربانيءَ سان آئون بلڪل تندرست ۽ توانا ھيس.
"توکي پڪ آھي تہ تون ڳرڀوتي آھين." مونکي تپاسڻ کان اڳ ھڪ ليڊيءَ ڊاڪٽر مون کان پڇيو. "اسان سڀني سمجھيو ھو، تہ اھا سياسي چال آھي، تہ جيئن ضياءَ سڄي مُلڪ ۾ پکڙيل اُفواھہ بُڌي چوندبون ڪرائي." مونکي اچرج ٿيو ھو. "ماڻھو مون کان اھو پڇندا رھن ٿا تہ، جيڪڏھن تون واقعي ڳرڀوتي آھين، تہ پوءِ تون ايڏي چُستيءَ سان سفر جي ڊُڪ ڊوڙ ڪيئن ڪري سگھندينءَ." فخريءَ سخت ڪاوڙ وچان مونکان پڇيو. پر آرام سان ويھي رھڻ ۾ ڪيترائي جوکا ھئا. جيڪڏھن ضياءَ پنھنجي آئين پٽاندر عمل ڪيو، تہ آگسٽ جي پڇاڙيءَ ڌاري چوندبون ٿينديون.
مون 20 جولاءِ تي جڏھن آسٽريليا جي سفير سان 70 ڪلفٽن تي نيرن پئي ڪئي، تہ ھڪ بيو لڪيل نياپو مون تائين پھتو. ضياءَ تازو اعلان ڪيو ھو، تہ چوندبون 16 نومبر تي ٿينديون. ھن مڃيو ھو تہ آئين پٽاندر قومي اسيمبلي ٽٽڻ کان پوءِ نوي ڏينھن ۾ چوندبون ٿيڻ کپنديون. پر ايندڙ چؤماسي، محرم ۽ حج سبب ھُن کي اھا تاريخ ڦيرائڻي پئي ھئي. ضياءَ چيو تہ محرم ۾ جيڪا ڇڪتاڻ ٿيندي، تنھن سبب چوندبون ڪرائڻ ناممڪن بڻجي ويندو. ھُن اھا بہ دعويٰ ڪئي تہ، جيڪڏھن اُھي چوندبون آئين ۾ ڄاڻايل مُدي ۾ ٿيون، تہ حج تي ويل نوي ھزار پاڪستاني بہ پنھنجي ووٽ ڏيڻ جي حق کان محرو ٿي ويندا. گڏوگڏ برساتن بہ ملڪ جي ڪيترن ئي حصن ۾ ٻوڏ جھڙي صورتحال آندي ھئي. آئون ھُڻ جا اُھي بھانا مڃڻ لاءِ بلڪل تيار نہ ھيس. مون ڀانئيو تہ چوندبن جي مھمليءَ جو اصلي سبب منھنجي جسماني حالت ھئي. ضياءَ جي مرضي ئي نہ ھئي تہ آئون چوندبن جي مھم ھلايان.
نيٺ ھڪڙي تاريخ مقرر ٿي ۽ اُھا جيتوڻيڪ اڳواٽ سوچيل ۽ رٿيل ھئي، پر اسان سڀني سُک جو ساھہ کنيو. ضياءَ تہ اڳ ۾ بہ آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي ھئي، تنھنڪري اسان کي ڪجھہ خاطري ھئي تہ نومبر ۾ ھو وري اھڙي ڀڃڪڙي ڪندو ۽ چوندبون رد ڪندو. اسان کي تہ اجا اھا بہ خبر نہ ھئي، تہ ضياءَ اُھي چوندبون جماعتي يا غير جماعتي بنيادن تي ڪرائيندو. ڏسڻ ۾ ايندڙ اھڃاڻن مان لڳو ٿي، تہ ضياءَ وارن وٽ ڪو گھوٽالو ھو. مئي ۾ ضياءَ طرفان اوچتو وزيراعظم جوڻيجي جي حڪومت ۽ قومي اسيمبليءَ کي ڊاھڻ سبب مسلم ليگ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي ھئي. ضياءَ انھن وزيرن کي وري منٿون ڪري واپس آندو ھو، جن تي ھُن پنھنجي وزيراعظم سميت نااھلي ۽ بدعنوانيءَ جي تھمت ھنئي ھئي، تہ جيئن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان مقابلي لاءِ ڪين متحد ڪري سگھي.
ضياءَ اختلاف ميسارڻ جي ڪوشش ڪندي، اڳواٽ پنھنجي عارضي نگران حڪومت ۾ جوڻيجي ڪابينا جا نَو وزير ويھر ڪنيا. حقيقت ۾ ڪابينا جي سترھن نون وزيرن ۽

هڪ مملڪتي وزير مان سَت وزير سينيٽ جا ميمبر هئا. ضياءَ ته مورڳو ڪليءَ دل سان ۽ ڪلم ڪلا معافي ورتي هئي، ته هن قانونَ ناهيندڙ مجلس جي انهن ميمبرن تي نااهلي ۽ بدعنوانيءَ جي تهمت هنئي هئي. اها ڪلم ڪلا معافي پاڻ وزيراعظم جوڻيجي جي هانوَ تي ٿڏو ڇندو هو. اچرج جهڙي ڳالهه اها هئي ته، هن جي برطرفيءَ ڪان رُڳو ٻه مهينا پوءِ ضياءَ ڪي هڪ ڀيرو وري سندس گهُرج ٿي هئي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي وڌندڙ قوت ڏسي ضياءَ جو چونڊون ڪرائيندڙ عملو پڻ ڏڄي ويو هو. مون جڏهن اليڪشن ڪميشن لاڙڪاڻي ۾ پنهنجو عيوضي موڪلي ووٽ ڏيندڙن جي فهرست گهرائي، ته هن کي ٻئي ڏينهن اچڻ لاءِ چيو ويو. هو ڪيئي ڀيرا ويو، پر هر ڀيري ڪيس اهو ئي جواب مليو. ”اوهين هن مامري ۾ دير چو ٿا ڪريو.“ منهنجي عيوضي ڪائنن پڇيو. ڏنل عملي جواب ڏنو ته، ”اسان اهڙي اجازت وٺڻ لاءِ اسلام آباد تار موڪلي آهي، پر هيستائين ڪوبه جواب نه آيو آهي.“

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ بابت 21 جولاءِ تي ضياءَ جو ڏڦُ بيهودي نموني ۾ پڌرو ٿيو. هن دعويٰ ڪئي ته جماعتي چونڊون اسلامي تعليم خلاف آهن، چو ته پارٽيءَ جا فيصلا گهٽو ڪري انفرادي ضمير تي اثر ڇڏين ٿا، تنهنڪري اڪثر عوام سندس ويچار جي پنيرائي ڪري ٿو. ضياءَ اهو به اعلان ڪيو ته، چونڊون غير جماعتي بنيادن تي ٿينديون ۽ ووٽ تي اميدوارن جي پنهنجي سياسي جماعتن جو نشان ڏيڪاريل ڪونه هوندو. ان فيصلي سبب هڪ ڀيرو وري عوام کي مونجهاري ۾ وڌو ويو هو، ته اهي پنهنجو ووٽ ڪنهن کي ڏين. ٻيو ته اُن سرشتي سبب اثر رکندڙ انفرادي ماڻهو پارٽيءَ جي انهن سچار ماڻهن کي نقصان رسائي فائدو وٺن ٿا، جيڪي رڳو جماعتي پُنيرائيءَ سان سوڀُ ماڻي ٿي سگهيا.

هڪ ڀيرو وري ضياءَ ملڪ جي آئين ۽ وڏيءَ عدالت جي فيصلن تي ٺٺولي ڪئي هئي. اُن جو ڪارڻ 31 جولاءِ تي هڪ اخباري رپورٽ ۾ سامهون آيو هو. هن جي اُن تازي جمهوريت دشمن اعلان ڪان ٿورو اڳ ضياءَ چئني صوبن مان اُتي جي سيڪريٽرين ۽ ٻين مُک عملدارن کي اسلام آباد گهرائي، ساڻن مشورو ڪيو هو، ته چونڊون جماعتي بنيادن تي ڪرايون وڃن يا غير جماعتي بنيادن تي. اخبار لکيو هو ته، جيئن ته مسلم ليگ ۾ اندروني ڏڦيڙ هئي، تنهنڪري بلوچستان ، سنڌ، پنجاب ۽ سرحد صوبن جي سيني اڳواڻن جو رايو هو، ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي چونڊن کٽڻ ۾ گهٽ ڏُکيائي ٿيندي. سرحد صوبي جي هڪ اڳواڻ ته ائين به چيو هو، ته غير متحد مخالفت سبب ”مس بينظير ڀٽو کي ايتريون ته سيٽون ملنديون، جو سندس جماعت اڪيلي گهٽائيءَ واري جماعت هوندي.“ ٿي ڏينهن پوءِ ضياءَ غير جماعتي چونڊن ڪرائڻ جا اعلان ڪيو.

هڪ ڀيرو وري اسان عدالتن جا دَر ڪڙڪايا ۽ آگسٽ جي اوائلي ڏينهن ۾ ضياءَ جي غير جماعتي چونڊن جي آئيني حيثيت خلاف، عدالت جي اڳوڻي فتويٰ جي، جنهن سان اسان

جي سوڀ ٿي هئي، ضياءَ طرفان ڪيل توهين جي روشنيءَ ۾، سپريم ڪورٽ ۾ درخواست ڏني، ته ڇا سپريم ڪورٽ ۾ اسان جي ڪا سچ پچ مدد ٿي سگهندي؟ هڪ آمر طور ضياءَ وٽ گهڻا اختيار هئا. جيڪڏهن سپريم ڪورٽ جماعت ناهڻ جي بنيادي حق پٽاندر به اسان جي حق ۾ فيصلو ڏيندي، ته ضياءَ سنئون سڌو هنگامي حالتن جو اعلان ڪندو ۽ ايئن اُن فيصلي کي رد ڪري ڇڏيندو. هن اڳواٽ اهڙي رٿا جوڙي ورتي هئي. 4 آگسٽ تي محرم جي شروع ٿيڻ واريءَ رات پشاور ۾ هڪ شيعي اڳواڻ کي گولي هڻي قتل ڪيو ويو. اسان مخالف ڌر وارن جو ويچار هو ته، ڇا اُن قتل ۾ حڪومت جو هٿ هو، ته جيئن ملڪ ۾ ڇڪتاڻ ٿئي ۽ هنگامي حالتن جي اعلان جو بهانو ملي.

ضياءَ جي سوڀ جي وڏيڪ بچاءُ لاءِ اُهي افواهه به ٻُڌجن پيا، ته چوندڻ جا نوان قاعدا قانون نهڻا آهن، جن پٽاندر سوڀارن اميدوارن تي سياسي جماعتن جي پُٺڀرائي وٺڻ جا الزام مڙهي، کين نااهل ڪوٺي سگهبو. اسان کي انهن ذريعن وٽان پتو پيو، ته اُهي قانون آڪٽوبر جي پهرئين هفتي ۾ لاڳو ٿيندا، جنهن سبب ضياءَ جي مخالفن کي بلڪل ٿورو وقت ملندو، جو اُهي چوندڻ کان اڳ انهن قانون خلاف عدالت ۾ وڃي سگهن.

ضياءَ آمر جي خواهش ئي اها آهي، ته غير جماعتي چوندڻ، ڏڙڪي دٻاءُ ۽ چوندڻ جي انيڪ قانونن ذريعي چوندڻ جا نتيجا پنهنجي مطلب پٽاندر وٺان.

امان وچ سيپٽمبر ۾ پاڪستان واپس ايندي ۽ مهم ۾ حصو وٺندي ۽ شايد ڪنهن ٽَڪ مان به بيهندي. غير جماعتي چوندڻ ۾ اسان کي پُختن ۽ مشهور اميدوارن جي کُهُرج ٿيندي. انهن امڪانن جي ڳڻتيءَ ڪانسواءِ ته ڇا ٿيندو يا وري ڇا نه ٿيندو. اسين قانون جي حد ۾ رهندي، جيڪو ڪنهن مهذب ملڪ جي پناهه هجي ٿو، پرامن ۽ جمهوري طريقن سان ضياءَ جو مقابلو ڪندا رهنداسين. عوام کي ڏنڊا هڻي، مٿن گوليون وسائي ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا گولا اڇلائي، هنن جي اطاعت ته ماڻي سگهجي ٿي، پر سندن دل تي سوڀ ماڻي نٿي سگهجي. ضياءَ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ته، هن عوام جي دلين کي جيتڻ يا سندن پُٺڀرائي وٺڻ ۾ ڪڏهن به سوڀ نه ماڻي آهي. پر هن سدائين دهشت ۽ ڏڙڪي سان حڪومت ڪئي آهي.

نومبر جي چوندڻ ويجهي ٿيڻ وقت اسان کي لڳي ٿو،ته پاڪستان جمهوريت ۽ لاڳيتي آمريت جي ڇڙاهي تي پهچي چُڪو آهي. پاڪستاني عوام خودداريءَ جي حق ماڻڻ لاءِ دانهون پيو ڪري. هنن جو آواز پاڪستان پيپلز پارٽيءَ آهي ۽ ضياءَ کي ان جو پتو آهي. ساڍن يارهن ورهين ڪانپوءِ به ضياءَ انهن آزاد ۽ غير جانبدار چوندڻ ڪرائڻ کان ان ڊَپُ سبب نٽائي ٿو، ته پاڪستان پيپلز پارٽي کٽي ويندي.

جيئن ريگستان ۾ ڪو گُل ٽِڙي نٿو سگهي، بلڪل ايئن سياسي جماعتون به آمريت ۾ وڌي ويجهي نه سگهنديون. سياسي جماعتن تي جيڪي ڀوائتيون سختيون ڪيون ويون آهن، تن هوندي به اهي سلامت آهن ۽ وڌن ويجهن پيون. اهو پاڪستان جي انهن ماڻهن

جي خدمت ۾ هڪ قسم جي ڀيٽا آهي، جن جمهوريت لاءِ پنهنجيون جانيون قربان ڪيون. پاڪستاني عوام سمجهي ٿو، ته هنن ڪي سندن حق رُڳو تڏهن ملي سگهندا ۽ محفوظ رهي سگهندا. جڏهن اهي هڪ قومي جماعت ۾ متحد ٿي رهندا. اسين ملڪ جو ضمير، مستقبل ۽ اُميد آيون. آئون ڄاڻان ٿي ته اسان جي سوڀُ جو ڏينهن به اوس ايندو.

ڪراچي، آگسٽ 1988ع

# آگسٽ 1988ع

## عوام جي سرسي

زندگيءَ ۾ ڪي اهڙيون به چرڪائيندڙ گهڙيون اچن ٿيون، جن جي ڪااُميد ئي نٿي هُجي ۽ جن تي ويچاريندي ڏک ٿئي ٿو، اُها گهڙي تڏهن ائي هئي، جڏهن مون هيءَ ڪتاب لکي پورو ڪيو هو، جنهن ۾ مون جنرل ضياءِ الحق جي ظالماڻي فوجي راڄ جو تفصيل لکيو آهي.

پاڪستان جي اُڀرندي حصي ۾ بهاولپور جي فوجي اڏي تان واپس موٽندي، 17 آگسٽ 1988ع تي جنرل ضياءَ الحق هوائي جهاز جي حادثي ۾ مارجي ويو. هن سان گڏ سان ٽيهه ڄڻا ٻيا به مارجي ويا، جن ۾ جوائنٽ چيفس آف اسٽاف جو چيئرمين، آرمي اسٽاف جو وائيس چيف، پاڪستاني فوجي جا ٻيا اٺ وڏا عملدار، پاڪستان ۾ آمريڪا جو سفير آرنلڊ رافيل ۽ هڪ آمريڪي برگيڊيئر جنرل پڻ شامل هئا.

اها خبر ڏاڍو آهستي پڌرو ٿي. ”اخبار جي هڪ صحافي فون تي هينئر ٻڌايو آهي تہ، هڪ مُک هوائي جهاز وڃائجي ويو آهي.“ پارٽيءَ جي گڏجاڻي هلندي منهنجي سيڪريٽري فريده مون ڏانهن نياپو موڪليو.

”ڇا مطلب آهي؟“ مون ڪانئس پڇيو. عام طرح ”مُک“ ملڪ جي اڳواڻ لاءِ واپرائبو هو.

”اهو جنرل ضياءَ جو جهاز آهي.“ فريده ائين پٽڪيو، ڄڻ اهي لفظ وڏي آواز ۾ چوندي ڪيس ڏاڍو ڏُک ٿي پهتو.

حقيقت ۾ منهنجي ذيان ۾ ئي اها ڳالهہ نہ آئي، تہ ضياءَ مري بہ سگهي ٿو. پر مون سوچيو تہ، هو ملڪ مان ڀڄي ويو آهي، ڇو تہ مونکي ياد آهي تہ، هڪ مهينو اڳ هن چيو هو تہ، جيڪڏهن ڪيس ۽ سندس گهر ڀاتين کي بچاءُ جو يقين ڏياريو وڃي، تہ هو موٽ ۾ چوندن ڪرائڻ لاءِ تيار آهي. مونکي تہ ٻنهہ ويساهہ ئي ڪونہ ٿي آيو. ڇا ضياءَ جو دؤر نيٺ ختم ٿي ويو هو.

”تون اُن صحافيءَ کي فون تي گهراءِ.“ مون پنهنجي سيڪريٽري کي چيو.

صحافي ڏڪندي پنهنجو نياپو ورجايو. ”ضياءَ جو جهاز وڃائجي ويو آهي.“ هن ٻڌايو. ”جهاز سان ريڊيائي رابطو ختم ٿي ويو آهي.“

”وڃائڻ مان تنهنجو ڇا مطلب آهي؟“ مون هن تي زور وڌو. ”ڇا جهاز ايران، هندستان يا افغانستان ڏانهن ويو آهي؟ ضياءَ پنهنجي مرضيءَ سان ويو آهي يا ڪيس اغوا ڪيو ويو آهي. ڪهڙا تفصيل مليا آهن؟“

ڊَپُ وچان هن ويچاري ڪنهن به سوال جو جواب ڪونه ٿي ڏنو، رڳو پروليون پئي پڇيون.
ٻنپهرن ٽائين هوائي جهاز اسلام آباد ڪونه موٽيو آهي. ٽي ڪلاڪ اڳ اڏامڻ کانپوءِ اُن سان ريڊيائي رابطو به ڪونه ٿيو آهي.“
ٿُرت هڪ ٻيو فون آيو. اهو اڳوٽي جنرل ۽ سرحد صوبي مان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ ماڻهو جو هو. ”مڙيئي ڪا ڳالهه ٿي آهي. فوج حرڪت ۾ اچي وئي آهي.“ هن ٻڌايو.
”فوج جي اها چُرپر اسان جي فائدي ۾ آهي يا نقصان ۾؟“ مون اهو سوچيندي ڪانئس پڇيو، ته شايد ضياءِ پڇڻ ڪان اڳ اقتدار فوج کي سونپي ويو آهي يا فوج کي حُڪم ڏنو اٿس، ته ملڪ تي قبضو ڪري. جڏهن ته پاڻ اجا تائين اتي ملڪ ۾ ئي آهي.
”اجان ڪجهه به چئي نٿو سگهجي.“ هن وراڻيو.
وري پارٽيءَ جي هڪ ٻئي ميمبر جو فون پهتو. ”هوائي جهاز ڪِري پيو آهي.“ هن ٻڌايو. ”ضياءَ مري ويو آهي ۽ جهاز ۾ وينل ٻيا جنرل به مارجي ويا آهن.“
پر اجا به آئون اها خبر مڃڻ لاءِ تيار ڪونه هيس. ڏاڍ ۽ ڏمر جي هيٺرن ورهين کان پوءِ اهو بلڪل ناممڪن ٿي لڳو، ته ضياءَ جو خاتمو ٿي ويو آهي. منهنجي ته گمان ۾ به نه هو، ته هنجو انت ايئن ٿيندو. جيتوڻيڪ اهڙو امڪان هر وقت موجود هو. اسان جي هن سموري علائقي ۾ تشدد پکڙيل آهي. هن جو پنهنجو راڄ به تشدد سان شروع ٿيو هو، جيڪو تشدد سان ڇو نه ختم ٿئي؟
پوءِ به اها خبر مڃڻ ڏکيو هو. آئون اهو سوچي پئي سگهيس، ته ضياءِ ڀڄي ويو هوندو، ڇو ته منهنجي خيال ۾ آمريت جو اهو ئي انت ٺيٺو هو. مارڪوس فلپائين مان ڀڄي نڪتو هو. ايران جو شاهه به هوائي جهاز ۾ ايران مان ڀڳو هو. هيٽي مان ڊيوويليئر به جهاز ذريعي ڀڄي ويو هو. مون سدائين اهو سمجهيو هو، ته جڏهن ضياءَ جو وقت ختم ٿيندو، تڏهن هو پڻ هوائي جهاز ۾ چڙهي ملڪ مان ٻاهر ڀڄندو...
”مون اِجهو هينئر فوج جي هڪ ڪَور ڪمانڊر سان ڳالهايو آهي.“ هڪ ٻئي فون ۾ ٻڌايو ويو. ”بهاولپور مان جيئن جهاز اڏاڻو، ته ٿوريءَ دير ۾ اهو هيٺ ڪِري تباهه ٿي ويو. ڪوبه جيئرو ڪونه بچيو آهي.“
نيٺ مون اُن خبر کي مڃيو. ساڳيءَ طرح پارٽيءَ جي ماڻهن کي به اُن تي ويساهه آيو، جيڪي 70 ڪلفٽن جي ملاقات واري ڪمري ۾ اچي گڏ ٿيا هئا. هي اُهي ئي ماڻهو هئا، جن قيد جون سزائون ڪاٽيون هيون يا جن کي ڪَوڙا لڳا هئا، جن جي خاندان وارن پنهنجا روزگار وڃايا هئا يا جن کي پنهنجي مائٽن جو دفنائڻ کان اڳ مُنهن به ڪونه ڏيکاريو ويو هو. مون پنهنجي سيڪريٽريءَ کي چيو، ته چونڊن جي فيصلي بابت ضمني مقدمي جو خلاصو وٺڻ لاءِ عدالت ۾ ويل پارٽيءَ اڳواڻن ۽ ميمبرن ۽ ايم آر ڊيءَ جي

مختلف جماعتن کي فون ڪري پوءِ آئون لنڊن ۾ پنهنجيءَ ڀيڻ کي فون ڪرڻ لاءِ مٿي ماڙيءَ تي ڪمري ۾ ويس. صنم گهر ۾ نه هئي. هن لاءِ نياپو ڇڏڻ وقت لفظ منهنجي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا هئا. مون چيو ته، "هن کي ٻڌائجو، ته جنرل ضياءَ مري ويو آهي."
مون پاڻئيو جڻ اُنهن لفظن سان مون تان ڳرو بار لهي ويو هُجي. عذاب ۽ دهشت جي يارهن ورهين کان پوءِ اسين آزاد هئاسين. هو الوپ ٿي ويو هو. ضياءَ وري ڪڏهن به اسان کي عذاب ڏئي نه سگهندو.
اهڙي ملڪ ۾، جنهن جي سوڙهين گهٽين ۽ بازارن مان ڪابه خبر ٻوڏ جي پکڙجندڙ پاڻيءَ جيان پکڙجي ٿي. اُتي عوام اڳواٽ جشن ملهائڻ شروع ڪري ڏنا هئا. لاهور ۾ ته مٺائين جا دڪان خالي ٿي ويا هئا. ڪراچيءَ ۾ پان جي دڪانن تان ماڻهن کي مفت ۾ پان ڏنا پئي ويا. 70 ڪلفٽن تي اُها خبر پهچڻ کان پوءِ اڌ ڪلاڪ اندر وڏي دروازي کان ٻاهر هزارين ماڻهو اچي مڙيا، جيڪي سياسي نعرا هڻڻ لڳا هئا. "اوهان کي جهاز ڪِرڻ جي ڪيئن خبر پئي؟" مون ڪانئن پڇيو. "اخبارن وڪڻندڙ ماڻهو رڙيون ڪريو پيا چون، ته ضياءَ مري ويو ضياءَ مري ويو." هڪڙي ماڻهو مونکي ٻڌايو. "ماڻهو پنهنجين موٽر ڪارن جا هارن پيا وڄائين ۽ ڪارن جي درين مان رڙيون ڪري پيا چون ته، ضياءَ مري ويو آهي." ٻئي هڪ ٻڌايو.
مون کي اِها ڳڻتي ٿي، ته اسان ۾ خوشيءَ ملهائڻ جو قومي سليقو به ڪونه هو. منهنجي مرضي نه رڳو اها هئي، ته اسين پنهنجو ورتاءُ ضياءَ جي ورتاءَ کان بلڪل ڌار رکون، پر مسلمان طور اسان کي موت تي خوش ٿيڻ نه گهرجي. اُن جهاز ۾ ٻيا به ڪيترائي مري ويا هئا ۽ انهن جي خاندان لاءِ اها سُرهائي وڏيک ڏک جو ڪارڻ ٿيندي. مونکي سفير رافيل جي زال نينسيءَ جو ڏاڍو ڏک ٿيو هو، جنهن جي تازو مون جيان شادي ٿي هئي. هينئر هن جو مُڙس، جنهن سان آئون ملي هيس ۽ جيڪو پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحاليءَ جي حق ۾ هو، سو هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو هو. مون سڄي ملڪ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن کي نياپو موڪليو، ته صبر کان ڪم ورتو وڃي. اسان مان ڪوبه ڪنهن حالت ۾ اهو نٿو چاهي، ته فوج کي اهڙو بهانو ڏنو وڃي، جو اها ملڪ تي قبضو ڪري مارشل لا جو اعلان ڪري.
اسان اها خبر پهرين ڇهين بجين ڌاري شام جو ٻُڌي هئي، پر ريڊيي ۽ ٽيليويزن تان اُن جي سرڪاري پڪ نه ٿي هئي. وقت گذرڻ سان مونکي مارشل لا جي لاڳو ٿيڻ جو ڊپُ ٿيڻ لڳو. سينيٽ وڏن وزيرن، جيڪي سيئي ضياءَ جا ماڻهو هئا، تن چاهيو هو ته 16 نومبر تي ٿيندڙ چونڊون رد ڪيون وڃن يا گهٽ ۾ گهٽ اهي ملتوي ڪيون وڃن. ضياءَ جي موت ۽ قومي غير يقيني جي حالتن سبب اهي اهڙي حيثيت ۾ هئا، جو فوج کي اڳتي وڌڻ لاءِ راضي ڪري ٿي سگهيا.

70 ڪلفٽن تي ڏاڍي ڇڪتاڻ هئي. اتي رات جو سيني سياسي جماعتن جي اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ وارن افواهن سبب، منهنجي مُڙس هڪدم پاڻ کي 'حفاظت ڪندڙ اڳواڻ' پڌرو ڪري مونکي حُڪم ڏنو، ته آئون ڪجهه ڏينهن گهر کان ٻاهر پير به نه ڪڍان. مون جڏهن ٻاهر وڃڻ تي زور تي ڏنو، ته هن ڏاڍي ڪاوڙ تي ڪئي. ٻئي ڏينهن لاچار تي آصف عارضي طرح اُن ڳالهه تان هٿ ڪنيو.
رات جو انين بجي اسان سُک جو ساهه ڪنيو، جڏهن پتو پيو ته غير فوجي حڪومت ناهڻ لاءِ رستو نهي پيو. ريڊيي پاڪستان تان اعلان ٿيو، ته آئين پٽاندر سينيٽ جو اڳوڻو چيئرمين غلام اسحاق خان صدر جو عهدو پيو سنڀالي. جڏهن غلام اسحاق پاڻ ٽيليويزن تي اچي اهو ٻڌايو، ته چونڊون اڳوٽي اعلان پٽاندر مقرر تاريخ تي ٿينديون، ته اسان ويتر سُک جو ساهه ڪنيو هو. اهو پهريون اهڃاڻ هو ته، فوج ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ جو ذمو ڪنيو آهي. اسحاق خان اڳوڻو ڪامورو ۽ ضياءَ جي خاص ماڻهن مان هو، سو ڪڏهن به چونڊون نه ڪرائي ها، جيڪڏهن اهو فيصلو فوج نه ڪري ها.
پوءِ به مونکي فوجي قبضي جو جيڪو ڊَپُ هو، سو اجايو ڪونه هو. ضياءَ جي موت کان هڪدم پوءِ هن جي وڏن وزيرن ۽ فوج جي ٽن اڳواڻن وچ ۾ ٽيل هنگامي گڏجاڻيءَ ۾ چيو ويو، ته فوج تي سخت زور وڌو ويو هو، ته مارشل لا جو اعلان ڪيو وڃي. لڳو ٿو ته فوج پنهنجيءَ شهرت تي ويچاريندي اهڙيءَ اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو، ته ڪو وڏا وزير پنهنجيون سياسي توپون سندن ڪُلهن تي رکي ڇوڙين. "جيڪڏهن چونڊون ٿين ٿيون ۽ بينظير کٽي تي وڃي، ته پوءِ هوءَ سيني وڏن عملدارن کي ڦاهيون ڏيندي." وڏن وزيرن فوجي عملدارن کي چتاءُ ڏنو. "هن جي پيءُ ته فوج خلاف ڪوبه قدم نه ڪنيو هو، پوءِ هوءَ چو ڪٽندي." عملدارن ڪين وراڻيو هو.
اهو سچ آهي ته ضياءَ جي موت سبب اڃرج ۾ وڪوڙيل مختلف طبقن سُک جو ساهه ڪنيو هو. ڪاريان ۽ وزير آباد جهڙن فوجي علائقن مان اسان کي فون تي ٻڌايو پئي ويو، ته عوام ڏورانهن علائقن کان پنڌ ڪري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي عهديدارن وٽ اچي، ڪين ضياءَ جي دؤر جي خاتمي تي واڌايون پيا ڏين. مونکي هاڻي پتو پيو هو، ته ضياءَ جيتوڻيڪ فوج جو اڳواڻ هو ۽ هو سدائين هٿياربند فوجن کي پنهنجي لاءِ ووٽ ڏيندڙن جو ٽَڪ ڄاڻائيندو هو، پر اهي فوج رُڳو هن جي عهدي سبب ڪيس ووٽ ڏيندڙ هئا.
پاڪستان پيپلز پارٽيءَ خلاف جيتوڻيڪ پرچارڪ ڪري ضياءِ فوجن جي وفاداريءَ کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر اسان طرفان سرچاءُ جي نياپي کي ضرور ٻُڌو ويو هو. "فوج نه ساڄي پاسي آهي، ۽ نه کاٻي پاسي. اها نه جنرل ضياءَ جي آهي، ۽ نه بينظير ڀٽو جي." مون ڪيترن ئي عوامي جلسن ۾ چيو هو. "فوج پاڪستان جي عوام جي آهي."

پر ضياءَ سمجهندو هو، تہ فوج هن جي آهي، جنهن کي هو سوگهو جهليو وينو آهي. ايئن بہ ڪونہ هو، جو هن هٿياربند فوجن ۾ ريفرنڊم ڪري ڪانئن پڇيو هو تہ: آئون جيڪي بہ ڪريان ٿو، اوهين ان جي پُٺڀرائي ڪريو ٿا؟ ڇا اوهين سياست ۾ پوڻ گهرو ٿا ۽ عوام سان مقابلي لاءِ مجبور ٿيو ٿا؟ فوج جو هينيون طبقو جنهن ڇڪتاڻ ۾ ڦاٿل هو، تنهن جي خبر مونکي رُڳو تڏهن پئي هئي، جڏهن ضياءَ جو موت ٿيو هو. هٿياربند فوجن کي حڪومت جو سياسي بازو ناهي، ضياءَ هنن جي صلاحيتن ۽ فخر کي اندران اندران ئي اندران کاٽ هنيو هو. ”ڪراچيءَ ۾ فوجين جي ڪاڏي وارن ڪمرن ۾ گهٽ ڏُک ڏيکاريو ويو هو.“ اُن رات ايم آر ڊيءَ جي هڪ ميمبر مونکي ٻڌايو. اُٿلندو چيو ويو هو تہ، بابا جي قتل کان پوءِ ڪاريان، ڪوئيٽا ۽ ٻين هنڌن تي فوجين کي ايترو تہ ڏک ٿيو هو، جو هنن ٽن ڏينهن تائين ڪاڌو بہ ڪونہ کاڌو هو.

17 آگسٽ تي جيئن رات وڌي ٿيندي وئي، تيئن ضياءَ جي جهاز ڪِرڻ جي امڪاني سببن جا وڏ ۾ وڏ افواهہ پکڙجڻ لڳا. اوائل ۾ هر هنڌ افواهہ پکڙيل هو، تہ اهو واقعو هندستاني سرحد تان ميزائيل هڻڻ سبب ٿيو هو. بهاولپور جو فوجي اڏو هندستاني سرحد کان رُڳو اَسي ميل پري هو ۽ تازو هندستان سان اٽڪٽ پڻ وڌي وئي هئي. پاڪستان تي تُهمت هنئي وئي هئي، تہ ٻين ڳالهين سان گڏ اتان پنجاب ۾ انتها پسند سِکن کي سکيا ڏئي سرحد پار موڪليو وڃي ٿو ۽ هندستان جي وزيراعظم راجيو گانڌيءَ پنهنجي 15 آگسٽ جي تقرير ۾ اعلان ڪيو هو، تہ جيڪڏهن پاڪستان نہ سُڌريو تہ، هو اسان کي سبق سيکاريندو.

مونکي ميزائيل واريءَ ڳالهہ تي يقين ڪونہ ٿي آيو، ڇو تہ مونکي سُڌ هئي تہ اسان جي سرحدي حفاظت ۽ نگرانيءَ جو سرشتو مضبوط هو. پر آئون پرڏيهي هٿ جي امڪان کي رد ڪري ڪونہ سگهيس. سوويت يونين کي پڻ ضياءَ کان پلاند ونٺو هو، ڇو تہ اُن طرفان پڻ ڌمڪي ملي هئي، تہ جيڪڏهن افغان جنگ جي اسان پُٺڀرائي جاري رکي، تہ پاڪستان کي اُن جي ڳري قيمت چُڪائڻي پوندي. سفارتي حلقن ۽ پرڏيهي اخبارن جو وري انومان هو، تہ ضياءَ جو جهاز ’خاد‘ ڪيرايو هو، جيڪا سوويت يونين جي پُٺڀرائي هيٺ ڪابل حڪومت جي جاسوس ڪاتي جو حصو هئي. ضياءَ جي مرڻ سبب سموري پاڪستاني – آمريڪي رٿا لُڙهي ويندي. هڪڙو ڪم تہ ٿي ويو هو، پر ان کانپوءِ ڇا ٿيڻ وارو هو؟ جيڪڏهن ”پرڏيهي هٿ“ وارو نظريو صحيح هو، تہ پوءِ اُن ميزائلي حملي مان ڪنهن وڏي انديشي جو امڪان هو.

اُن وقت ملڪ جي نازڪ صورتحال هئي: پارليامينٽ جو نالو نشان ڪونہ هو. وزيراعظم ڪونہ هو. صدر مري ويو هو. فوج جو مٿيون طبقو مري ويو هو. ملڪ ۾ هڪ خال هو ۽ اندرئين ۽ ٻاهرئين تخريبڪاريءَ جو امڪان گهٽو وڌي ويو هو. اُن رات ايم آر ڊيءَ جي اسان جي ساٿين اها بہ تجويز ڏني هئي، تہ اهوئي وقت آهي، جو ضياءَ

جي گروهن کي پاڻ ۾ گڏجڻ کان اڳواٽ ئي اسان کو قدم کڻون. پر مون اُن کي ڪونه مڃيو هو. اهو رڳو جمهوريت جو سوال نه، پر ملڪ جي سلامتيءَ جو سوال پڻ هو. مون پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل ٽِڪا خان ذريعي اختياريءَ وارن کي هڪ ڳجهو نياپو موڪليو، ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وطن دوست جماعت آهي ۽ ملڪ خلاف ڪنهن به سازش جي حالت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ملڪ ۾ ڪي به اهڙيون حالتون پيدا نه ڪندي، جيڪي وڌيڪ غير يقينيءَ جو سبب بڻجن.

ٽُرت ميزائيلي حملي جي نظريي جي جاءِ تي تخريبڪاريءَ جو نظريو ڏنو ويو. اوچتو سڄيءَ قوم جو ڌيان فوج ڏانهن ڇڪجي ويو. جيڪڏهن جهاز جي تباهه ٿيڻ جو سبب تخريبڪاري هو، ته پوءِ اها فوج ڪانسواءِ ٻيو ڪير ڪري ٿي سگهيو؟ اهو واقعو اهڙي فوجي اڏي وٽ ٿيو هو، جيڪو فوج جي تحويل ۾ هو فوج کان سواءِ ڪنهن کي به ڄاڻ نه هئي، ته ضياءَ بهاولپور پئي ويو. ٻن ٽن ڏينهن لاءِ ته ملڪ ۾ اُن ڳالهه جو ئي هُل هو. روايتي طرح فوجي علائقن ۾ به اُن کي خالص اندروني ڪم چيو پئي ويو.

اهي افواهه مونکي وڌيڪ خطرناڪ لڳا، ته ڇو ته منهنجي مرضي نه هئي ته، فوج هڪ ڀيرو وري تڏهن تڪرار جو نشانو بڻجي، جڏهن اها سياست مان ٻاهر پئي وئي. ٻهريون ڀيرو مون ٻانئيو هو ته، صحافين سان ڳالهائيندي موکي ڏکيائي ٿي هئي. هنن مونکي چورائڻ گهُريو ٿي، ته آئون خوش ٿي آهيان، ته منهنجو دشمن مري ويو آهي ۽ پڻ اهو ته فوج ئي اُن واقعي جي ذميدار آهي. اُن ڳالهه جي صحيح نه هئڻ تائين آئون ڪيئن ٿي اُها ڳالهه چئي سگهيس؟

ضياءَ جي موت جون اهي ڳالهيون جيئن پوءِ تيئن پروسي ۾ اچڻ جهڙيون ڪونه ٿي لڳيون: انهن ڳالهين ۾ هوائي جهاز جي پائليٽ جي ديش ڀڳتيءَ هيٺ پاڻ قربانيءَ ڏيڻ کان وني، انبن جي اُنهن ڪوکن ۾ لِڪائي رکيل نڪاءُ ڏئي ڦاٽندڙ مواد جي ڳالهه به هئي، جيڪي ضياءَ کي بهاولپور ۾ سوکڙيءَ طور ڏنا ويا هئا. پر ٻين شين جيان انبن جي ڪوکن جي به ڇڪاس ٿي هئي ۽ ضياءَ جو جهاز بهاولپور اڏائي ويندڙ پائليٽ وٽ اهڙي ڪابه ضمانت نه هئي، ته ضياءَ سندس جهاز ۾ ئي چڙهندو. ضياءَ لاءِ سدائين ٻه هوائي جهاز موجود هوندا هئا.

جهاز جي مشيني سرشتي ۾ ڪنهن فني خرابيءَ کان پڻ لنوايو نه ويو هو. جيتوڻيڪ C-130 هوائي جهاز مضبوط ۽ ڀروسي جوڳو هوائي جهاز نهيل هو. پر زمين تي مُنهن ڀَر ڪِرڻ کان اڳ ٻن منٽن کان به وڌيڪ اُن جهاز فضا ۾ اُڏامڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي هئي، تنهن بابت اکين ڏٺن شاهدن جا بيان ٻڌائن ٿا، ته اهو حادثو مشيني ناڪاميءَ سبب ٿيو هو. ”اهو ڪروڙن ۾ هڪڙو اتفاق آهي، ۽ لڳي ٿو ته اهوئي ٿيو آهي.“ هوائي فوج ۾ آصف جي هڪ دوست جهاز ڪِرڻ ڪانپوءِ ڪيس فون تي ٻڌايو. پر اهو ثابت ڪرڻ ممڪن ئي ڪونه هو. نيٺ آمريڪي ۽ پاڪستاني جاچ ڪندڙ ٽولين کي به ان

حادثي جي اصل ڪارڻ جو ڪو پتو پئجي نہ سگهيو هو. مون سميت پاڪستانين جي اڪثريت جو ويچار آهي تہ ضياءَ جو موت الله طرفان ٿيو هو.
مسلمانَ ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي الله جي قهر ۽ غضب ۾ ويساهه سيکاريو وڃي ٿو، جيڪو اوچتو ۽ اڳ چتاءُ کان پهرين نازل ٿئي ٿو. انيڪ پاڪستاني جو ويچار آهي، تہ ضياءَ جو موت الله طرفان هڪ انتقام هو. الله جي اهڙي انتقامي مثال سان منهن مقابل ٿيڻ ڏاڍو پوائتو هو.
اُهو جهاز پنجن ڪلاڪن تائين تيز باهہ ۾ سڙندو رهيو هو. اسلام جي نالي تي ضياءَ ايترو تہ ناجائز فائدو ورتو هو. جو عوام ايئن پئي چيو تہ: جڏهن هن جو انت آيو تہ الله سندس ڪو هڪ نشان بہ ڪونہ ڇڏيو. مرڻ کان پوءِ ميت کي غسل ڏيڻ ۽ آخري دعا پڙهڻ مهل اُن جو منهن مکي شريف ڏانهن ڪرڻ جهڙيون آخري اسلامي رسمون ٿي ڪونہ سگهيون هيون. شاهہ فيصل مسجد ۾ دفنايل تابوت ضياءَ جي ميت کان خالي آهي.
ضياءَ جي مرڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ پارٽيءَ جي هاءِ ڪمانڊ پنهنجي گڏيل فيصلي ۾ چيو، تہ صدر اسحاق خان جي چيل لفظن کي مڃيو وڃي ۽ انهن پٽاندر عمل ٿيڻ جي اُميد ڪجي ٿي. اسان پاڻ ۾ اتفاق ڪيو تہ، جيڪڏهن قائم مقام صدر آئيني رستو ورتو، تہ جيئن اسين پاڪستان ۾ يارهن ورهين ۾ پهريون ڀيرو چونڊون ڪرائڻ ۾ سوڀارا ٿيون، تہ پوءِ هن جي پُٺڀرائي ڪئي ويندي.
تنهنڪري جڏهن اسحاق خان نگران حڪومت ۾ ضياءَ جي ويجهن دوستن ۽ تابعدارن کي شامل ڪيو، تہ اسان کي ڏاڍو اچرج ٿيو هو. هڪ غير جانبدار ڪابينا بدران اهي ضياءَ جي بگڙيل سرشتي جا ساڳيا نمائندا هئا، جن جي ويچار ۾ منصفاڻين چونڊن جو مطلب هو، تہ وٽن طاقت نہ رهندي ۽ نہ وري اهي ٻين کي نوازي سگهندا. اسان ۽ ٻين ڪيئي سياسي جماعتن ڪين هٽائڻ جي گهر بہ ڪئي. پر ڪوبہ نتيجو ڪونہ نڪتو.
نگران حڪومت سڀ کان پهرين اهو ڪم ڪيو، جو سڄي ملڪ مان پنهنجي پسند جي ماڻهن کي ضياءَ جي تدفين ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مفت ٽڪيٽون ڏنيون ۽ سندن رهائش جو انتظام ڪيو. عجب جهڙي ڳالهہ اها تہ گهٽ ملڪن جا اڳواڻ بہ نہ آيا ۽ نہ وري گهڻا پاڪستاني. ضياءَ جي موت تي حقيقت ۾ ڪنهن بہ ماتم نہ ڪيو هو. ضياءَ جي مرڻ کان پوءِ سندس چاليهي تي چيو ويو هو، تہ رُڳو ٽي هزار ماڻهو آيا هئا.
ماڻهن ۽ خاص ڪري ٻاهرين ملڪن جي اخبارن اهو انومان پئي ڪيو، تہ ضياءَ جي موت سبب منهنجا سياسي ارادا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي عوامي پُٺڀرائي گهٽجي ويندي. ڪيترين ورهين کان ماڻهن اهو پئي سمجهيو تہ، آئون بابا جي قتل جو پلاند وٺڻ لاءِ ضياءَ جي سياسي مخالفت ڪريان ٿي. پر ڳالهہ اها نہ هئي. اوهان ساڙ ۽ ڪيني

جو ٻارڻ نٽا ٿي سگهيو. اهو اوهان کي ساڙي رک ته ڪري ڇڏيندو، پر اڳتي وڌڻ جو وجهه نه ڏيندو. منهنجو ڪم ۽ منهنجو ارادو ساڳيو ئي هو. صاف سترين ۽ غير جانبدار چونڊن ذريعي پاڪستان ۾ جمهوريت کي واپس آڻڻ.
ضياءَ جي موت کان ڪجهه هفتا پوءِ چونڊن ۾ تيزي اچڻ لڳي. آئون روزانو ڏهه ڪلاڪ گڏجاڻين ۾ رُڌل هوندي هيس. صحافين سان گڏجاڻيون، پارٽيءَ جي ماڻهن ۽ ايم آر ڊيءَ ۾ شامل پارٽين وارن سان گڏجاڻيون ۽ ساڻن بحث ته نومبر 16 تي عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جي 207 نشستن لاءِ ۽ 19 نومبر تي صوبائي چونڊن ۾ 483 نشستن لاءِ کهڙن اميدوارن کي ميدان ۾ آندو وڃي. جيڪڏهن سپريم ڪورٽ چونڊون جماعتي بنيادن تي ٿيڻ جو فيصلو ڏنو، ته پوءِ اسين گهٽ مشهور اميدوارن کي ڪٽنداسين، جن جي حيثيت پارٽيءَ جي نشان سبب مضبوط ٿي سگهندي. پر جيڪڏهن چونڊون غير جماعتي بنيادن تي ٿينديون، ته پوءِ اسان کي وڏيءَ شهرت وارن اميدوارن جي گهُرج ٿيندي.
پارٽيءَ جي عهديدارن ۽ اڳواڻن جو ڦُڙت حصو ڪراچيءَ ۾ ڪاهي پيو هو ته، جيئن اُهي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي اميدوار ٿي سگهن. شهر جي ڪنهن به هوٽل ۾ ڪوبه ڪمرو خالي ڪونه رهيو هو. قومي ٽڪيٽن لاءِ 700 ۽ صوبائي ٽڪيٽن لاءِ ارڙهن هزار ماڻهن درخواستون ڏنيون هيون. ضياءَ جي سياسي سرشتي کي ٽوڙڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنهنجا دروازا مسلم ليگ جي اڳوڻن ميمبرن لاءِ به کولي ڇڏيا. اسان جا به ڪيترائي ميمبر جيڪي 1985ع جي چونڊن وقت اسان کان ڌار ٿي ويا هئا، سي واپس اسان وٽ آيا. پارٽي مون کي چيو ته آئون لاڙڪاڻي، لاهور ۽ ڪراچيءَ مان ٽن نشستن لاءِ چونڊن ۾ حصو وٺان. مونکي ٻار ٿيڻ سبب منهنجي غير موجودگيءَ ۾ چونڊن جي مهم هلائڻ لاءِ پاڪستان واپس آيل امان کي لاڙڪاڻو ۽ سرحد جي چترال وارين ٻن نشستن تي بيهاريو ويو.
آگسٽ جي پڇاڙيءَ ڌاري، ايم آر ڊيءَ سان خاص ڪري هڪ ڊگهي گڏجاڻيءَ کانپوءِ منهنجي طبعيت خراب ٿي پئي ۽ ڊاڪٽر منهنجو الٽراسائونڊ ڪيو ٻار بابت ڄاڻ ورتي. مونکي اُن ڳالهه تي سدائين اچرج ٿيندو هو، ته ڳرڀوتي هجڻ واري عرصي ۾ مون شايد ئي ٻار کي چُرندي پاتئيو هو. اها ڳالهه جڏهن مون هڪ ساهيڙيءَ سان ڪئي ته هن چيو ته، ”ان مان ثابت ٿئي ٿو ته اهو ٻار ڇوڪرو آهي. ڇوڪرا ڪڏهن به پيٽ ۾ چُرندا ڪونهن.“ مون پنهنجي مونجهاري جو ذڪر پنهنجي ڊاڪٽر سان به ڪيو، ڇو ته مون پنهنجين ساهيڙين کان ٻُڌو هو ته، ٻار سدائين چرندا رهن ٿا. ”تون پنهنجي ڪم ۾ ايتري ته رُڌل رهين ٿين، جو جيتوڻيڪ ٻار چُري ٿو، پر توکي اُن جو پتو نٿو پوي.“ هن مونکي ٻڌايو.

پر ٽيل ٽپاس اُن جي ابتڙ ثابت ٿي ۽ جنهن مان پتو پيو تہ مون ۾ گهڻ پاڻياٺ هجڻ سبب ٻار ڏُکيائيءَ سان چريو ٿي، ڇو تہ مون گهڻو وقت گڏجاڻين ۾ ويهندي گذاريو هو. ڊاڪٽر مونکي ٻڌايو ۽ منهنجي رَتُ جو دؤرو صحيح طرح ڪونہ ٿيندو هو. تنهن سبب ٻار کي پوري خوراڪ نہ ملندي هئي. ڊاڪٽر جي حُڪم هيٺ آئون ايندڙ چار ڏينهن بستري ۾ ليٽي پئي هيس ۽ الفابيٽ پڙاندر ٻار جا نالا آصف کي پڙهي ٻڌائڻ ۾ وقت گذاريندي هيس. اُن کان پوءِ ڊاڪٽر مونکي ٻڌايو تہ، روز صبح ۽ شام آئون هڪ ڪلاڪ تائين آرام سان ليٽي پئي هجان ۽ پنهنجو ڌيان ٻار جي چُرپر سمجهڻ تي رکان. جيڪڏهن آئون ٻار جي چرپر نہ پائيان، تہ هڪدم اسپتال پهچي وڃان. مونکي هر چوٿين ڏينهن ٽپاس ڪرائڻ لاءِ اسپتال وڃڻو ٿي پيو. "پنهنجو سامان تيار رک." ڊاڪٽرن مونکي خبردار ڪندي چيو، ڇو تہ ڪنهن بہ وقت منهنجو پيٽ چيري ٻار ڄڻايو ويندو. مونکي هنن جي اها ڳٽتي ڏسي ڏاڍو اُلڪو ٿيو ۽ مون صنم معرفت هڪ ٽڪڙو نياپو امان ڏانهن اماڻيو. امان بہ ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ هئي ۽ بہ هفتا پوءِ هوءَ بہ هتي پهچي وئي.
جيڪا چڪتاڻ اڳ ۾ موجود هئي، تنهن ٻار جي حالت ۾ ويتر واڌارو ڪيو هو. هر چوٿين ڏينهن رات جو دير سان سانتيڪي وقت ۾ آئون آصف سان گڏ اسپتال ويندي هيس. اهو تڪليف ڏيندڙ ڪم جڻ منهنجو معمول ٿي ويو هو. پر اسپتال جي عملي کي ڪابہ ڳڻتي جهڙي ڳالهہ نہ پائيبي هئي ۽ آئون سِڌي گهر موٽي ايندي هيس. ٽن هفتن تائين آئون پنهنجو ڪم ڪار سدائين جيان ڪندي رهيس. مون پارليامينٽ لاءِ اميدوارن جي مختصر فهرست ناهي ۽ پنهنجي نئين گهر ۾ وڃي رهيس.
19 سيپٽمبر تي ڊاڪٽر سدائين جيان منهنجي ٽپاس ڪئي ۽ ٻڌايو تہ ٻار جي ڄم ۾ اڃا ٽي چار هفتا لڳي ويندا. ٻيءَ رات جڏهن آئون معمول پڙاندر ٽپاس لاءِ ويس، تہ منهنجي ذهن ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ نہ هئي. "توکي رات جو هتي ترسڻو پوندو." ڊاڪٽر سيٽنا ٻار جي دل جي ڌڙڪڻ ٻُڌڻ کانپوءِ مونکي چيو. "صبح جو سويل اسان کي آپريشن ڪرڻو پوندي."
مونکي ٿوري آٿت ملي، تہ اوسيئڙي جو وقت نيٺ پورو ٿيو. پر ڊاڪٽر جي اُن اوچتي فيصلي ۽ رات گهڻي گذرڻ سبب منهنجن مائٽن کي اطلاع ڏيڻ ڏُکيو ٿي پيو هو. مون سان گڏ اسپتال ۾ آيل منهنجي ساهيڙي پشي هڪدم ڪراچي جي سُڄن رستن تان ويندي امان کي هوشيار ڪيو ۽ منهنجي ٻار جو جهولو ۽ اهو تعويذ کڻي آئي، جيڪو ياسمين مونکي ڏنو هو، تہ جيئن ٻار جو ڄم سلامتيءَ سان ٿئي. پشي اهو سُڪل گل بہ کڻي آئي، جيڪو آصف جي هڪ دوست مونکي ڏنو هو، ۽ جنهن کي آپريشن روم ۾ وڃڻ کان اڳ پاڻيءَ جي پريل ٿانوَ ۾ رکڻو هو. ڪيترن مسلمانن جو عقيدو آهي، تہ اهو گل جيئن سمورو ٽِڙي پوندو، تہ ويم جا سُور گهٽجي ويندا. آصف سڄيءَ رات اسپتال ۾ پسار ڪندي گذاري. هن کي منهنجي سلامتيءَ جي ڏاڍي ڳڻتي هئي.

ٻئي ڏينهن صبح سوير ڊاڪٽر سيٽنا آيو. ”اسان کي ٽُرت آپريشن ڪرڻ گهرجي.“ هن اڇڻ سان چيو. اسپتال ٻاهر ماڻهو گڏ ٿيندا پيا وڃن. هنن کي ڪيئن خبر پئي هئي؟ منهنجي مرضي هئي ته ڪراچيءَ جي وڏيڪ مهانگي اسپتال بدران آئون لياريءَ جي ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ ويم ڪرايان ها. اتي جو ڊاڪٽر مونکي وڏيڪ پسند هو. ٻيو ته منهنجي لاءِ لياريءَ جي وڏيڪ ذاتي اهميت هئي. اتي اسان ڪيترائي ڏک ڏٺا هئا ۽ ڪيتريون ئي سُرهائيون ماڻيون هيون. بابا پنهنجي سياسي ويڙهه ۾ اتي آخري تقرير ڪئي هئي. اتي مون تي ڳوڙها آڻيندڙ گئس اڇلايو ويو هو ۽ آصف ۽ منهنجي شاديءَ جي موقعي تي اتي هڪ وڏي عوامي دعوت ٿي هئي. ضياءَ جي زماني ۾ لياريءَ جي غريب عوام سخت تڪليفون ڏٺيون هيون. اسان ڪيترو ئي گڏ جي سَنو هو. منهنجو ويچار اُهو به هو ته جيڪڏهن مونکي اُتي ٻار ڄمي ها، ته لياريءَ جي عوام جي اُن اسپتال جي ڊاڪٽرن ۽ ٻئي عملي تي ڀروسو وڌي وڃي ها ۽ اُهي پنهنجي علاج لاءِ ان اسپتال ۾ وڃن ها. پر هنن کي اها خبر ڪيئن پئي هئي ته آئون اسپتال ۾ آهيان؟ ڇا اڃا تائين منهنجو پيڇو ڪندڙ جاسوسي گاڏين اها خبر حڪومت جي مختلف ايجنسين تائين پهچائي هئي؟ نرسن ته منهنجي مُنهن مٿان هڪ چادر وڌي هئي، ته جيئن ڪير به مونکي سڃاڻي نه سگهي ۽ مون کي آپريشن ٿيئٽر ۾ ڪٽي ويو هيون. آصف جي ماءُ ۽ ڪجهه ٻين مائٽياڻين قرآن شريف جي سورة مريم جو ورد ڪيو، ته جيئن منهنجا پاسا آجا ٿين.

آصف کي پُٽ ڄمڻ جي ڏاڍي خواهش هئي. گذريل اٺن مهينن ۾ مون سان ملندڙ هر هڪ اهو ٿي چيو، ته مونکي پُٽ ڄمندو. آئون سمجهان ٿي ته اهو اُن ڪري چيو ويو هو، جو پاڪستان ۾ ماڻهو پُٽ کي نيڪ سنوڻ سمجهن ٿا. بابا کي ٽي پوٽيون هيون، پر ڪيس پوٽو اڃا تائين ڪونه ٿيو هو. منهنجو ٻار اسان جي خاندان جي ياتين ۾ ڀٽو جو پهريون ڏهٽو ٿيندو، جيڪو پاڪستان ۾ ڄائو هوندو. پوءِ به آئون پُٽن جي انهن ڳالهين کان نٽائيندي رهي هيس. ”ڇا ڇوڪرين ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟“ مون جواب ۾ چيو هو. پر انهن ڳالهين ڄند نه ڇڏي.

ڪيترائي مهينا اڳ منهنجي سئوٽ فخريءَ جي گهر قرآن خواني ڪان پوءِ مون ڀانئيو هو، ته ڪنهن منهنجي مٿان ڪا شيءَ ٻُرڪي هئي. ”ڇا آهي؟“ مون پنهنجو مُنهن اُگهندي پڇيو هو.

”مبارڪون.“ سيني عورتن رڙيون ڪندي چيو. ”توکي پهريون ٻار پُٽ ڄمندو.“ ”اوهان کي ڪيئن خبر پئي؟“ مون پڇيو.

”اسان تنهنجي مٿي پنيان لوڻ ٻُرڪيو هو.“ هنن مونکي ٻڌايو. ”تو پهرين ڇَپن کي اڳهيو، جنهن جو مطلب آهي مُڇون ۽ ڇوڪرو. جيڪڏهن تون پنهنجي اڳ يا پيشانيءَ کي ڇُهين ها ته اُن جو مطلب هجي ها ته توکي ڌيءَ ڄمندي.“

21 سيپٽمبر تي اهي سيپٽي اندازا ۽ انومان ختم ٿي ويا. ”اسان کي پٽ ڄائو آهي.“ آئون جيئن بيهوشيءَ مان ٿورو سجاڳ ٿيس، تہ مون پنهنجي مُڙس کي ڏاڍي فخر ۽ آٿت سان اُهي لفظ چوندي ٻُڌو هو. ”سچو مون جهڙو لڳي ٿو.“ آئون وري سمهي رهيس، ۽ منهنجي اک وري بندوقن جي فائرن تي کلي، جيڪي اسپتال کان ٻاهر مبارڪون ڏيڻ لاءِ ڪيا پئي ويا. ساڳئي وقت دهلن جا آواز ۽ جيئي ڀٽو جا نعرا بہ ٻُڌڻ ۾ پئي آيا. پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي ٻار جو جنم ٿيو هو، جنهن تي گهڻيون سُرهائيون ملهائيون ويون ۽ سياسي ويچار کان جنهن تي گهڻو تڪرار ٿيو هو.

اسان ٻار جي جنم تاريخ کي اُن ارادي سان لِڪائي ڇڏيو هو، تہ متان جنرل ضياءَ چونڊن ڪرائڻ جو اعلان اهڙين تاريخن تي ڪري، جڏهن آئون ٻار جي ڄمڻ جي سلسلي ۾ بستري داخل هجان. اصل تاريخ پُڇڻ لاءِ ڇيو ويو هو تہ، سرڪاري جاسوسن منهنجي طبي رڪارڊ تائين پهچڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي. پر اُهو مون پاڻ وٽ سوگهو ڪري رکيو هو. حڪومت جي جاسوسن غلط ڪَٿ ڪري ٻڌايو هو، تہ ٻار جو جنم 17 نومبر تي ٿيندو. ضياءَ ان کان چوويهہ ڪلاڪ اڳ 16 نومبر تي چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو.

پر اهو ٻار اسان سيني کان گوءِ کڻي ويو. نہ رڳو ضياءَ هڪ مهينو پري هو، پر جنهن ٻار جو جنم وچ آڪٽوبر ۾ ٿيڻو هو، تنهن الله جي مهربانيءَ سان پنج هفتا اڳ هن دنيا ۾ پير پاتو هو.اهڙيءَ ريت مونکي پورو هڪ مهيني جو مُدو ملي ويو، تہ جيئن وچ آڪٽوبر کان شروع ٿيندڙ چونڊن جي مهم هلائڻ لاءِ آئون پاڻ کي تيار ڪري سگهان.

منهنجا ڀائر ۽ آئون ڄمڻ مهل ٻُت ۾ ڪمزور هئاسين. پر الله جو شڪر تہ اهو ٻار صحتمند هو. هن جي ڄم کان پوءِ هڪدم آصف هن جي ڪَن ۾ اذان ڏني. آصف تي تہ اسان جي ٻار ڄڻ جادو ڪيو هو، تنهنڪري هو هر وقت اُن جي ڪمري ۾ هوندو هو. مونکي اها سُرهائي هئي، تہ ٻار مون جيان بيشڪ پيءُ جي پيار ۾ پَلجي وڏو ٿيندو.

واڌاين جي تارن، خطن ۽ ڪارڊن جو 70 ڪلفٽن تي مينهن وسڻ لڳو. گلن ۽ مِنائين جا سيپئي دڪان خالي ٿي ويا. ڪيترائي سؤ ڪيڪ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڳاڙهي، سائي ۽ ڪاري رنگن جي ڪوڪن ۾ اسان جي گهر پهچايا ويا. مون انهن مان گهڻا ڪيڪ ۽ گل ڪراچي جيل ۾ سياسي قيدين، اسپتال ۾ نرسن، مريضن ۽ شهيدن جي خاندانن ڏانهن موڪلي ڏنا. آصف وري اهڙيون سوکڙيون ريس ڪورس جي ويجهو، جتي پاڻ پولو راند رهندو هو، يتيمخاني ۾ ڏياري موڪليون. اخبارن وري ٻار بابت آڪاٽيون ۽ ڪارٽون ڇاپيا ۽ لکيو تہ، ”ٻار جنهن صدر کي ٻوڙي وڌو.“ مون اُهي ڪارٽون ٻاراٽي ڪتاب ۾ رکي ڇڏيا.

پرڏيهي اخبارن سميت هر ڪنهن ٻار جي تصوير وٺڻ جي خواهش ڏيکاري. پر آصف تيار نہ هو. پر جڏهن دنيا مان هر پاسي کان اهڙيون درخواستون اچڻ لڳيون، تڏهن آصف

نيٺ راضي ٿيو ۽ اسان ٻار جي تصوير ڪيرائي. پوءِ آئون جڏهن هوائي جهاز ۾ لاڙڪاڻي ويس، ته هڪ مسافر منهنجي ويجهو اچي ٻڌايو، ته ڪيس ٻار جو ٻُڌي گهڻي سُرهائي ٿي هئي پوءِ هُن پنهنجو ٻَٽون ڪڍيو، جنهن ۾ ٻار جي تصوير لڳل هئي.
جيئن ته ٻار جو جنم وقت کان اڳ ٿيو هو، تنهنڪري اسان اڃا هن جي نالي تي نه ويچاريو هو. مون وٽ ڪيترائي خط پهتا هئا، جن ۾ مشورو ڏنل هو، ته ٻار جو نالو بابا جي نالي تي رکجي. پر پاڪستان ۾ ٻار تي پيءُ جي نالي رکڻ جو حق اُن خاندان جي پُٽ کي مليل هُجي ٿو ۽ مون پاڪستان جي اُن خانداني روايت جو احترام ۽ ڪيس جاري رکڻ ٿي گهريو.
اصل ۾ مون سوچيو هو ته جيڪڏهن مونکي پُٽ ڄائو، ته آئون پنهنجي ٻار کي شاهنواز سڏينديس، پر جڏهن ڪنهن مونکي چيو ته، ”ٻئي ڀيري آئون جڏهن اينديس ته توکي شاهنواز چمندو.“ تڏهن منهنجي دل ٻُڏي وئي هئي. منهنجي ذهن ۾ منهنجي ڀاءُ جي تصوير تري آئي، جيڪو فرش تي مئل پيو هو ۽ مون پاڻيو هو ته آئون سڄيءَ ڄمار اهو نظارو وساري ڪونه سگهنديس، جڏهن ڪير منهنجي پُٽ کي اُن نالي سان سڏيندو.
ٻار لاءِ آصف وٽ ٻه نالو هو، ته سندس ماءُ ۽ امان وٽ ٻه نالا هئا. مونکي انهن نالن تي ڪوبه اعتراض نه هو. ”اسين ڪنهن ديني عالم کان نالو پڇنداسين.“ مون ڪين چيو. ”پوءِ جيڪو مبارڪ نالو مليو، سو ئي متس رکبو.“ پر ديني عالم ٻڌايو، ته اهي ٽيئي نالا نيڪ هئا ۽ سندن ساڳيءَ اهميت هئي.
پوءِ اوچتو منهنجي ذهن ۾ هڪڙو نالو آيو: بلاول. سنڌ ۾ مخدوم بلاول نالي هڪڙو بزرگ ٿي گُذريو آهي، جنهن پنهنجي زماني ۾ ظلم خلاف جنگ ڪئي هئي. آصف جي وڏن مان هڪڙي بزرگ جو نالو پڻ بلاول هو. اُهو نالو منهنجي نالي جو به پڙاڏو هو، جنهن جي معنيٰ آهي: بيمثال. ۽ هيءُ اهو ئي نالو هو، جنهن جو واسطو ماءُ سان، پيءُ سان ۽ ڌرتيءَ جي ثقافت ۽ تاريخ سان به هو. اُن نالي تي سڀيئي سُهمت ٿيا، تنهنڪري اسان ٻار جو نالو ’بلاول‘ رکيو. پنجن ڏينهن تائين صحت جي بحاليءَ لاءِ آرام ڪانپوءِ مون پنهنجو ڪم شروع ڪيو. مونکي ڪُرسيءَ تي ويهاري ڏاڪڻ تي چاڙهيو ۽ اتان لاٿو ويندو هو. پوءِ به اسان جو شڪ وڌندو ويو، ته چونڊون وقت تي جيڪر ٿين.
لاهور جي ڀرپاسي 2 ڊسمبر تي تباهي آڻيندڙ ٻوڏون ٿيون، جن سبب ڪيئي گهر ڊهي پيا ۽ ماڻهو ۽ چوپايا جانور پاڻيءَ ۾ لُڙهي ويا. عوام ۾ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ تنهن وقت ويتر وڌي ويو، جڏهن پتو پيو هو ته ضياءَ جي نگران صوبائي انتظاميا جي اختياريءَ وارن ڄاڻي ٻجهي لاهور جي شاهوڪار ۽ گهاٽ آباديءَ واري علائقي کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ چتاءُ ڪانسواءِ اُن بند کي ڊائناميٽ هڻي ٽوڙيو هو، جيڪو گِتيل آباديءَ جي بچاءُ لاءِ ٺهيل هو.

ٻوڏ جو پاڻي وڌندو ويو، جنهن سبب ٻن هفتن تائين پنجاب ۾ لاهور ۽ ٻيا شهر ۽ ڳوٺ هڪ ٻئي کان ڪٽجي ويا. نتيجي ۾ اتي جي چوڏهن ضلعن ۾ ٻه لک چوپايا لڙهي ويا ۽ پنج لک ايڪڙ مختلف فصلن واري زمين ٻڏي وئي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنجاب انهن لکن ماڻهن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو تڪڙو انتظام ڪيو، جيڪي پنهنجو سڀ ڪجهه ٻوڏن ۾ وڃائي ويٺا هئا. اختياريءَ وارن جي اهڙي لاپرواهي ۽ پاڻ ان تباهيءَ سبب سمجهيو ويو هو، ته چونڊون مهمل ٿينديون يا وري مارشل لا لڳايو ويندو. پر ضياءَ جي رکيل ماڻهن جي سياسي اميدن کي فوج اهو چئي چيپاٽي ڇڏيو، ته چونڊون مقرر تاريخن تي ٿينديون.

هڪ ڀيرو وري چونڊون تڏهن پنتي پئجي ويون، جڏهن 30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر تي جمهوري عمل روڪڻ جي ڪوشش ڪندي، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ دهشتگردن بيگناهه ماڻهن تي اوچتا رتوڇاڻ وارا حملا ڪيا. حيدرآباد ۾ ٽيهه ٻٽ ٻڌل ماڻهن، جن وٽ نوان بارودي هٿيار هئا، سڄي شهر ۾ هڪ ئي وقت مختلف پاڙن ۾ بيگناهه ماڻهن تي گولين جو مينهن وسايو. گهٽين ۾ سنڌين، مهاجرن، پناڻن ۽ پنجابين کي قتل ڪيو ويو. قاتلن کي ڪوبه ويچار ڪونه هو، ته اهي ڪنهن کي قتل پيا ڪن. نَو ڪلاڪن کان پوءِ دهشتگردي جي اها سوچيل سمجهيل ۽ اڳ رٿيل نسلي فسادن جي باهه ڪراچيءَ ۾ به پکڙجي وئي، جتي حملو ڪندڙ دهشتگرد سني پاڙن ۾ ڪاهي پيا ۽ اتي جي رهاڪن تي هنن گوليون وسايون. هنن هڪ هنڌ هڪ بس ۾ گهڙي اتي سيني مسافرن کي قتل ڪيو. ان رتوڇاڻ کان پوءِ خبر پئي، ته 240 ماڻهو مري ويا هئا ۽ 300 ماڻهو زخمي ٿيا هئا. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪرفيو لڳايو ويو، جنهن سبب اسڪول، مارڪيٽون ۽ دڪان بند ٿي ويا.

جڏهن مون اها خبر ٻڌي تڏهن آئون ناچاق هيس. اُن ڪوس پنيان ڪير هو؟ ڇو ته پاڪستان ڪيترين ئي پرڏيهي سازشن ۾ قاتل هو. تنهنڪري ان رتوڇاڻ ذريعي ملڪ ۾ افراتفري پکيڙڻ لاءِ ٻاهرئين اثر کي ڏسڻ جو اندازو ڏُکيو نه هو. پر ساڳئي وقت اندروني سببن کي پڻ رد ڪونه ڪيو ويو هو. اسان ڄاڻئيو هو ۽ اُن ڳالهه جو زبردست امڪان به موجود هو، ته نگران انتظاميا چونڊن ۾ هارائڻ کان ڊڄي ڌاڙيلن کي پئسا ڏئي ميدان ۾ آندو هو، ته جيئن اهي امن جي صورتحال کي اهڙو تباهه ڪن، جو فوج مجبور ٿي ملڪ ۾ مارشل لا جو اعلان ڪري. پر فوج ضبط ۽ تحمل جو شاندار مظاهرو ڪندي، ٻنهي شهرن ۾ گشت جاري رکيو ۽ اُن رتوڇاڻ جي پلاند ۽ افراتفريءَ کي پکيڙڻ کان روڪي ڇڏيو.

سپريم ڪورٽ 5 آڪٽوبر تي منهنجي آئيني درخواست کي منظور ڪيو، جيڪا مون ضياءَ جي اُن حڪم خلاف ڪئي هئي، ته چونڊون غير جماعتي بنياد تي ٿين. راولپنڊيءَ ۾ عدالت جو ڪمرو تڏهن ماڻهن سان ڀريل هو، جڏهن عدالت جي ٻارهن ئي ججن فتويٰ

ڏني، تہ سڀيئي سياسي جماعتون چوندن چوندن ۾ حصي وٺڻ جون اهل آهن ۽ ووٽ ڏيندڙن جي سڃاڻپ لاءِ انفرادي اميدوارن کي نہ، بلڪ سياسي جماعتن کي سياسي نشان ڏنا وڃن. عدالت جي فصلي کي نگران انتظاميا مڃيو. سڄيءَ دنيا جون اکيون اُن پاسي هيون، تنهنڪري ضياءَ جي ماڻهن لاءِ ان کانسواءِ ٻي ڪا بہ راهہ نہ هئي. سڄي ملڪ ۾ پاڻ مرادو سُرهائي جا مظاهرا ٿيڻ لڳا.

ضياءَ جي مرڻ کان پوءِ بچاءُ جي سلسلي ۾ منهنجي سوچ تنهن وقت ڊنوادول ٿيڻ لڳي هئي، جڏهن سپريم ڪورٽ جي فيصلي کان پوءِ مونکي نيون ڌمڪيون ملڻ شروع ٿيون. هڪ خط جهليو ويو هو، جيڪو ظاهريءَ طرح افغان مجاهد اڳواڻ گلبدين حڪمت يار جو لکيل هو ۽ جنهن ۾ هن پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنو هو، تہ بينظير ڀٽو کي ختم ڪيو. حڪمت يار پاڪستان جي جاسوسي اداري جي ويجهو هو ۽ هنن جي زور رکڻ تي ممڪن هو، تہ هن اهڙا حڪم ڏنا هجن. ٻئي پاسي تي سگهيو ٿي، تہ اُهو خط باغين جي مخالف انهن طاقتن لکرايو هجي، جن جي ويچار ۾ منهنجي مارائڻ سان اُهي مجاهدن جي سرگرمين کي نقصان پهچائي، اُن جو الزام حڪمت يار تي هڻن ها.

پاڪستان منجهان بہ نيون ڌمڪيون ملڻ شروع ٿيون. اسان کي رپورٽون مليون هيون، تہ پنجاب جي نگران انتظاميا، سنڌ جي نگران انتظاميا سان گڏجي منهنجي خاتمي جون رٿون ناهيون هيون. ضياءَ جي وڃڻ جو مطلب اهو ڪونہ هو، تہ جوکا ٽري ويا هئا. هاڻي جيئن تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سوڀ يقيني هئي. تنهنڪري ضياءَ جي وزيرن جي مرضي هئي، تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ آئون سندن راهہ مان نڪري وڃان.

جيئن چوندن جا ڪاغذ داخل ڪرائڻ جي تاريخ ويجهي آئي، تہ هر ڪلاڪ ۾ نوان نوان سياسي اتحاد نهڻ لڳا. رڳڙن ۽ پاڻ ۾ وڙهڻ سبب، جيڪا پاڪستاني سياست جي روايت آهي، اسان جي وڏي ۾ وڏي مخالف جماعت ضياءَ جي مسلم ليگ ۾ وڏو ڏڦيڙ پئجي ويو. 13 آگسٽ تي ضياءَ جي هوائي جهاز ڪِرڻ کان چار ڏينهن اڳ اسلام آباد ۾ مسلم ليگ جي مُک عهديدارن جي چوند لاءِ سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي ٿي، پر ووٽ ڏيڻ بدران هنن هڪ ٻئي جي بيعزتي ڪئي. هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ اقتدار ماڻڻ جي اُن جهيڙي ۾ نيٺ هڪ ٻئي تي ڪُرسيون ۽ چينيءَ جا ٿانوَ اڇلايا.

ان کان بہ هفتا پوءِ مسلم ليگ مختلف ڌڙن ۾ ورهائجي وئي: هڪڙي شاخ جا اڳواڻ ضياءَ جا مقررڪيل بہ ماڻهو هئا. هڪ سرحد صوبي جو اڳوڻو گورنر ۽ ٻيو پنجاب جو نگران وڏو وزير نواز شريف. اها شاخ ضياءَ جي پاسي هئي. ليگ جي ٻيءَ شاخ جو صدر ضياءَ جو اڳوڻو وزيراعظم، محمد خان جوڻيجو هو، جيڪو ضياءَ جي مخالف هو. اسان جي مضبوط مخالف جماعت جي اُن ورهاڱي سبب چوندن ۾ اسان کي سوڀ جي پوري پڪ ٿي هئي.

بدقسمتيءَ سان ايم آر ڊي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وچ ۾ جيڪو اتحاد هو، سو پڻ ٽُٽي ويو. اسان گڏجي ڪوشش ڪئي، تہ چونڊن ۾ ڪهڙن اميدوارن کي بيهارجي. جو تہ پتو پيو هو تہ ايم آر ڊيءَ جا ڪيترائي اهڙا اميدوار هئا، جيڪي مسلم ليگي اميدوارن کي هارائي ڪونہ سگهن ها. ٻيو تہ ايم آر ڊي چونڊن ڪانپوءِ اسان سان گڏجي حڪومت ناهڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ آزاد رهڻ جو فيصلو ڪيو هو. تنهنڪري اسين افسوس ڪندي ايم آر ڊيءَ کان ڌار ٿي وياسين. پوءِ بہ اسان ايم آر ڊيءَ کي خاطري ڏياري، تہ ايم آر ڊيءَ جي اڳواڻن جي گهرو تڪن مان اسين سندن مقابلي ۾ پنهنجا اميدوار ڪونہ بيهارينداسين. ان اصول جي هنن طرفان ڪابہ موٽ نہ ٿي.

متحد ۽ مضبوط پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي موجودگيءَ سبب سياسي چالون تيز ٿي ويون. مسلم ليگ جي ضياءَ پسند ٽولي ٻين ستن مذهبي ۽ سياسي جماعتن سان گڏجي ’اسلامي جمهوري اتحاد‘ جي نالي سان هڪڙي جهنڊي هيٺ ۽ چونڊن جي هڪڙي ئي سياسي نشان سان هڪڙو اتحاد ناهيو. ساڳئي وقت چونڊ ڪاغذن جي داخلا جي آخري تاريخ 15 آڪٽوبر کان هڪ ڏينهن اڳ جوڻيجو پنهنجيءَ مسلم ليگ سميت اسلامي جمهوري اتحاد ۾ شامل ٿي ويو. هاڻي اسان کي نون سياسي جماعتن جي ميڙ سان مقابلو ڪرڻو هو.

اسان کي اها ڪِل جهڙي ڳالهہ لڳي، تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان مقابلي لاءِ انهن جماعتن پاڻ ۾ اتحاد ضروري سمجهيو هو. روايتي طرح اهڙا اتحاد سدائين حڪومتي جماعت خلاف ناهبا آهن. اهو ڦيريون ڦيرو هو، جو حڪومت ڪندڙ جماعت مخالف ڌر خلاف اتحاد قائم ڪيو هو، تہ جيئن گهٽي ۾ گهٽا ووٽ ماڻي سگهي.

پر اهو بہ اجا ڪافي ڪونہ هو. اسان خلاف وڏيڪ ڏچي لاءِ نگران صدر هڪ طرفو ۽ غير آئيني حُڪمنامو ڪڍيو، جنهن پٽاندر چونڊن جي قانونن ۾ ڦيرگهير آندي وئي، تہ جيئن اسان جي حامين کي نااهل ڪونيو وڃي ۽ ووٽ ڏيڻ جي حق کان محروم رکيو وڃي. فرمان ۾ چيل هو تہ ووٽ ڏيڻ وقت سيني ووٽ ڏيندڙن کي پنهنجو سڃاڻپ ڪارڊ ڏيکارڻو پوندو. اڳ ڪڏهن بہ ائين ڪونہ ٿيو هو. اسان جڏهن ان تي اعتراض ڪيو، تہ انتظاميا دعويٰ ڪئي تہ ’103 سيڪڙو‘ ووٽ ڏيندڙ پاڪستانين وٽ اڳ ۾ ئي سڃاڻپ ڪارڊ آهن.

حسابي اڳڪٿين هوندي بہ اسان کي پوري ڄاڻ هئي، تہ ڳوناڻن ووٽ ڏيندڙن ۾، جيڪي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اصل قوت هئا، رُڳو پنج سيڪڙو عورتن ۽ ٽيهہ سيڪڙو مردن وٽ سڃاڻپ ڪارڊ هئا. نون ۽ ٻيهر ڪارڊ وٺندڙن لاءِ نہ رڳو درخواست فارم موجود ڪونہ هئا. پر هڪ ڳوٺ ۾ هڪ رجسٽريشن آفيسر اسان کي ٻڌايو، تہ هو روزانو گهٽي ۾ گهٽا ٽي سؤ ڪارڊ ناهي سگهندو. ان جو مطلب هو تہ چونڊن کان اڳ ٻن هفتن ۾ اٽڪل چار هزار ڪارڊ نهي سگهندا. جن مان بہ ڪيترائي بيڪار هوندا.

چونڊن جو سياسي مقصد رڪنڊڙ عملي، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ حامين جي ڪارڊن جي اهڙي طرح توثيق پئي ڪئي، جو اُهي چونڊن ۾ واپرائجي نه سگهن.
سڃاڻپ ڪارڊن لاءِ نگران انتظاميا جي اُن ضد جي اميدن کي جهَڪو ڪيو، ته چونڊون ايمانداريءَ سان ٿينديون. 1984ع جي ريفرينڊم ۾، 1985ع جي غير جماعتي چونڊن ۾ يا 1987ع جي مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ ووٽ ڏيڻ وقت سڃاڻپ ڪارڊ جي گهُرج نه هئي. ان وقت هر صوبي ۾ رجسٽرڊ ٿيل ووٽ ڏيندڙن جي فهرست کي ٺيڪ سمجهيو ويو هو. هاڻي سڃاڻپ ڪارڊن جي گهر ڪئي پئي وئي، ته جيئن چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ملندڙ گهٽي ۾ گهٽ ووٽن کي اندران ئي اندران ڪاٽ هڻي گهٽائجي. پهرين ضياءَ عوام جي فيصلي کي روڪڻ لاءِ سياسي جماعتن تي پابندي وڌي هئي. هاڻي هُن جي اصولن جو بچاءُ ڪندڙن، ووٽ ڏيندڙن کي چونڊن ۾ ووٽ ڏيڻ کان روڪي، قوم سان ٺڳي ڪئي پئي. ضياءَ جڏهن جيئرو هوندو هو، ته سياسي اميدوارن کي نااهل ڪوٺيو ويندو هو. هاڻي هن جي تابعدارن وري ووٽ ڏيندڙن کي نااهل پئي ڪيو.
هڪ ڀيرو وري اسان عدالت جا دروازا کڙڪايا. اسان پنهنجي درخواست ۾ سڃاڻپ ڪارڊن جي گهُرج جي آئيني حيثيت تي اعتراض ڪيو مون وري پنهنجو ڌيان چونڊن جي مهم هلائڻ تي ڏنو. بابا ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مهم هلائي هئي ۽ هينئر مون به اهو ئي ڪيو ۽ خيبر ميل ۾ چڙهي ڪراچيءَ کان لاهور تائين سفر ڪيو، جيئن ته اليڪشن ڪميشن اسان جو روايتي ۽ مشهور نشان تلوار اسان کي ڪونه ڏنو هو، تنهنڪري اسان چونڊن جي جنگ وڙهڻ لاءِ هڪ نئون هٿيار چونڊيو هو. اهو هٿيار هو: تير.
نگران انتظاميا چونڊن کان اڳ سيني اميدوارن تي ريڊيي يا ٽيليويزن تي پنهنجي اشتهار ڏيڻ کان روڪ وڌي هئي. تنهنڪري مون ريلوي اسٽيشنن تان، جتي ريل گاڏي بيٺي ٿي، پنهنجن حامين جا حوصلا وڌايا ته اهي ٻاهر اچن ۽ پنهنجو ووٽ ڏين. اسٽيشنن جي وچ ۾ مون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مڪاني اڳواڻن سان ملاقات ٿي ڪئي، جيڪي هڪڙي اسٽيشن تان ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي ٿي آيا ۽ ٻيءَ اسٽيشن تي لهي ٿي ويا. ”ظالمن جي دل ۾ تير، بينظير بينظير.“ عوام جا انبوهه سُرهائيءَ وچان اهي نعرا هڻندا ايندا هئا. ريل گاڏيءَ تي گلن جا هار چاڙهيندا هئا ۽ گاڏيءَ ۾ ويٺل ڪارڪنن کي کاڌو ۽ پاڻي پهچائيندا هئا. هر اسٽيشن ڪانپوءِ آئون گرم چانهه ۽ دوائون ونندي هيس، ته جيئن منهنجي گُردي جي سُور جي تڪليف گهٽ ٿئي، جيڪو اُن مهم جي شروع ٿيڻ وقت مونکي ٿيو هو. آصف ان کان اڳ ڪڏهن به مون سان گڏ سفر نه ڪيو هو، سو اُن مهم جي پهرين حصي ۾ مون سان گڏ هو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ٻيا به ڪيترائي سرگرم حمايتي اسان سان گڏ هئا، جن مان ڪجهه ريل گاڏيءَ جي ڇت تي

وينا هئا، ته ڪي وري اسان وٽ گاڏي ۾ هئا. هنن گيت ڳايا ۽ ناچ ڪيا ۽ اسان هنن جا پاڇولا پنجاب جي ساون کيتن ۾ پئي ڏٺا. ميان چنون جي اسٽيشن تي رات جو آئون پليٽ فارم تي بيٺي هيس، ته ريل گاڏي اسٽيشن تان هلڻ لڳي. ڪيترائي ماڻهو ريل جي پٽن تي ليٽي پيا ۽ ايئن آئون وري گاڏيءَ ۾ چڙهي وينيس.

هڪ هفتو پوءِ سنڌ ۾ ريل جو سفر ڪندي مونکي اُن ڏينهن هڪڙي سُٺي خبر ملي، جنهن کان هڪ ڏينهن اڳ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چاليهن کان به مٿي ميمبرن نوابشاهه ۾ آصف جي اباڻي گهر ۾ رات گذاري هئي. 8 نومبر تي لاهور هاءِ ڪورٽ سڃاڻپ ڪارڊن جي گهُرج کي رد ڪيو ۽ ايڪيهين ورهين جي ڄمار کان مٿي سيني رجسٽرڊ ٿيل پاڪستاني ووٽ ڏيندڙن جو صحيح سڃاڻپ ڪرڻ کان پوءِ ووٽ ڏيڻ جو حق قائم رکيو. عدالت واضح ڪيو، ته رڳو لاهور جي هڪ تڪ ۾ جيڪي سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهيا ويا هئا، سي اتي جي رجسٽرڊ ٿيل ووٽ ڏيندڙن جي تعداد کان به ٻيڻا هئا. ٻيو ته عورتن جي نه تصوير هئي، ۽ نه صَحي ڪيل هئي. جنهن سبب ڪُوڙن ووٽن پوڻ جو وڏو امڪان هو. انهن سچائين ۽ بيقاعدگين کي ڌيان ۾ رکندي عدالت فيصلو ڏنو، ته سڃاڻپ ڪارڊ جي گهُرج ايمانداريءَ وارين چونڊن ڪرائڻ ۾ خاطريءَ هجڻ بدران رنڊڪ ثابت ٿيندي. اُن فيصلي خلاف ضياءَ جي ماڻهن هڪدم سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي.

ايمانداريءَ سان چونڊن ڪرائڻ لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ جي اُن فيصلي کان پوءِ عوام جون اميدون وڌي ويون هيون. ”علي بابا پلي هليو ويو آهي، پر چاليهه چور اجا وينا آهن.“ 10 نومبر تي امان لاڙڪاڻي جي هڪ عوامي جلسي ۾ وڏي ميڙ کي ٻڌايو. اُن ساڳئي ڏينهن تي راولپنڊيءَ ۾ منهنجي آڌرياءُ لاءِ عوام جا ايڏا وڏا هجوم هئا، جو 1986ع ۾ پاڪستان ۾ واپسيءَ وقت جوڙيل منهنجو رڪارڊ ٽُٽي پيو هو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي جلوس ۾ جيڪي لکين ماڻهو هئا، تن سان شهر جون سڀئي گهٽيون ۽ رستا ڀريل هئا، جنهن سبب اتي اچ وڃ ۾ بنهه رخنو پئجي ويو هو. اسان کي هڪ ڪلوميٽر جو فاصلو هلڻ ۾ اٽڪل ٽي ڪلاڪ لڳي ويا هئا. ”اوهان کي ڪن ٿا. ۽ جيڪي جمهوريت جا حامي آهن.“ آئون جڏهن عوامي جلسي جي جاءِ تي پهتيس ته مون عوام کي چيو. ”اوهان کي چونڊ ڪرڻي پوندي انهن جي وچ ۾، جيڪي رجعت پسند آهن ۽ عوام تي ظلم ڪرڻ گهرن ٿا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ جيڪا ظلم جا زنجير ٽوڙڻ گهري ٿي.“ اسين اُن مهم جي پڇاڙڪن ٽورن ڏينهن ۾ پنجاب مان لنگهياسين، ته جوش ۽ ولولو هر هنڌ پڌرو ڏسڻ ۾ آيو ٿي. ايڪيتاليهه ورهيه اڳ پاڪستان نهڻ کان پوءِ هت رُڳو ٻه عام چونڊون ٿيون هيون. پهرين عام چونڊن ۾ اولهه پاڪستان جي قيادت بابا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حوالي ٿي هئي. ٻيو ڀيرو 1977ع جي عام چونڊن ۾

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ٻيهر چوندجي آئي هئي. هيءُ ٿيون ڀيرو چونڊون ٿينديون ۽ انهن ۾ سخت مقابلو ٿيندو.
ضياءَ جي مسلم ليگي اڳواڻن ته ڪلي عام اهو پئي چيو، ته 16 نومبر جي چونڊن جي نتيجي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪاميابيءَ باوجود اسان ڪين حڪومت جون واڳون نه ڏينداسين. بنياد پرست جماعت اسلامي ڊنڍورا ڏيڻ لڳي، ته عورت جي اڳواڻي غير اسلامي آهي. جيتوڻيڪ هنن ضياءَ جي 1985ع واري آئين ۾ اُن عمل کي اسلامي ڪوٺيو هو. هن ڀيري ضياءَ ليگ نئو ورهيه اڳ بابا جي عدالتي قتل ۾ جنرل ضياءَ سان سازش ڪندڙ هڪ ننڍڙي سياستدان احمد رضا قصوريءَ کي پڻ ڏاڍي ناز سان جنرل ضياءَ جي وڏي پٽ اعجاز الحق سان گڏ ميدان ۾ آندو آهي. اعجازالحق ته اخبارن ۾ اها به دعويٰ ڪئي ته، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چُونڊ مهم جي رٿا لنڊن جي هڪ يهودي اداري جوڙي آهي.
هوڏانهن سپريم ڪورٽ سڃاڻپ ڪارڊن جي گهُرج جي آئيني حيثيت تي سوچڻ ويچارڻ شروع ڪيو، جنهن سان رجسٽر ٿيل ووٽ ڏيندڙ عوام جو پنجونجاهه سيڪڙو ووٽ ڏيڻ جي حق ڪان محروم ٿيڻ جو اُلڪو هو. اُن جو نتيجو خراب پئي ڏسڻ ۾ آيو. سپريم ڪورٽ جي هڪ جج شنوائيءَ واري ڏينهن اسان جي هڪ وڪيل کي ٻڌايو. ”اسان راولپنڊيءَ ۾ اوهان جي جلسي ۾ موجود ماڻهن جا ميڙ ڏٺا آهن. پر اسين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ايڏي زبردست سوڀ جي اجازت نٿا ڏئي سگهون.“ جڏهن 12 نومبر 1988ع تي آئيني ڪارروائي پُڄاڻيءَ تي پهتي ته، سمورن پاڪستاني ووٽرن لاءِ ايندڙ چونڊن ۾ پنهنجو قومي سُڃاڻپ ڪارڊ ڏيکارڻ ضروري ڪوٺيو ويو.
آئون جيئن چئني صوبن ۾ پنهنجي مهم پُوري ڪريان ٿي، ته عوام نعرا هڻن ٿا. ”وزيراعظم بينظير،“ ”ڀٽو خاندان هيرو هيرو، باقي سڀ زيرو زيرو.“ امان کي جهولي جي جهڙپ لڳي آهي ۽ بُخار به اٿس، سا جڏهن پنهنجي مُهم پوري ڪري ٿي، ته ماڻهو ڪيس چون ٿا. اسين ٻيئي پنهنجي گهرو تڪ لاڙڪاڻي ۾ المرتضيٰ ۾ 16 نومبر تي پنهنجا ووٽ ڏيڻ لاءِ وڃون ٿيون. ووٽ ڏيڻ کان پوءِ آئون بابا جي قبر تي حاضري ڏيان ٿي، جيڪو پاڪستان جي تاريخ ۾ اڪيلو وزيراعظم هو، جنهن کي سِڌي طرح عوام چونڊيو هو.
16 نومبر تي ووٽ ڏيندڙ آباديءَ جي اڌ کان وڌيڪ ماڻهن کي ووٽ جي حق کان محروم رکندي به، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ قومي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت سان کٽي آئي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ، اسلامي جمهوري اتحاد ۾ شامل سندس مخالف جماعتن جي ڪنهن اُميدوار کان هڪڙي سيٽ به نه هارائيندي، سڄي سنڌ جون سيٽون ٻُهاري ويئي، ۽ پنجاب ۾ واضح اڪثريت ماڻيائين. چئني صوبن ۾ جنهن اڪيلي پارٽي چونڊن کٽيون سا پاڪستان پيپلز پارٽيءَ هئي، جنهن قومي اسيمبليءَ ۾ قبائلي علائقن ۽ اقليتن جي

سيٽن جي ګڏجڻ سان ڪُل 108 سيٽون ڪٽيون هيون، جڏهن ته اسلامي جمهوري اتحاد رُڳو 54 سيٽون ڪٽيون.
مرهيات ضياءَ الحق جي حڪومت ۾ شامل سمورن اڳواڻن کي چونڊن ۾ شڪست آئي هئي، جن ۾ وزيراعظم جو پُراميد اميدوار محمد خان جوڻيجو به شامل هو. اسلامي جمهوري اتحاد جي چيئرمين غلام مصطفيٰ جتوئيءَ سميت روحاني اڳواڻ پير پاڳاري کي به شڪست آئي هئي. پنجاب جي نگران گورنر نواز شريف پنهنجي چونڊ وڙهندڙ چئن سيٽن مان ٻن سيٽن تان هارايو.مون ۽ امان سنڌ، پنجاب ۽ سرحد مان وڙهندڙ پنجن ئي سيٽن تان ڪٽيو، ۽ اسان طرفان ڪنيل ووٽن جي تعداد پٽاندر پاڪستان جي تاريخ ۾ انفرادي اميدوار جي سوپ جي شرح به تمام گهڻي هئي.
19 نومبر تي به پاڪستان پيپلز پارٽي صوبائي اسيمبلين جون سيٽون ساڳيءَ طرح اڪثريت سان ڪٽيون، جن ۾ اسان جون سيٽون 184 ۽ اسلامي جمهوري اتحاد جو ڪُل 145 سيٽون هيون. هاڻي به ضياءَ جي اڳوڻن وزيرن ۽ اسيمبلي ميمبرن سڄي پاڪستان ۾ هارايو هو.
واضح طور، پاڪستان جي صدر کي، وڏيءَ اڪثريت سان ڪٽندڙ پارٽيءَ جي اڳواڻ طور مونکي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏيڻي هئي. ۽ مونکي سڄي پاڪستان ۽ دُنيا مان واڌايون ملڻ لڳيون، پر صدارتي هائوس طرفان ماٺ هئي. اُتان کي به واڌايون نه مليون ۽ اُتان صدر غلام اسحاق خان طرفان مونکي سرڪار جوڙڻ لاءِ ڪنهن فون اچڻ جي اُميد به نه هئي. پر جنرلَ منهنجي پارٽيءَ جي ميمبرن سان رابطو ڪري ڪين پارٽيءَ ڇڏڻ ۽ پاڻُ سان گڏ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا 'ڏهه ميمبر آڻي سگهڻ' جي شرط تي وزيراعظم بنائڻ جي آڇ ڏيڻ لڳا.
نڳي ۽ دوکو هاڻي وقتائتو پڌرو ٿيڻو هو. غلام اسحاق خان طرفان اهو دليل ڏيندي هت هُن کي وڏيءَ پارٽيءَ جي اڳواڻ کي سرڪار جوڙڻ لاءِ چوڻ جي گهُرج نه آهي، پر مونکي پتو هو ته، منهنجي پارٽيءَ جي اڪثريت هئي. مون اها ڳالهه تنهن وقت ثابت ڪئي، جڏهن عورت پارلياميٽرين جي آڻ سِڌي چونڊ ٿي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ويهن سيٽن مان چوڏهن سيٽون ڪٽيون. ڪنهن به جمهوري رُوپ ۾، فاتح پارٽيءَ وٽ ئي حڪومت ۽ اقتدار وڃي ٿو. پر اهو پاڪستان هو، جتي مختلف اصول هئا، ۽ مختلف طاقتن کي پنهنجو ڪردار نڀائڻو هو.
چونڊن ۾ منهنجي ڪاميابيءَ کان وٺي گُذرندڙ ڏينهن ۾ وڌندڙ آئيني گهوٽالي سان، مون عالمي برادريءَ ڏانهن خط لکيا، جنهن ۾ صورتحال جي چِٽائي ڪيل هئي. منهنجو مقصد صدر غلام اسحاق خان تي دٻاءُ وجهڻ هو. اُهو خط آمريڪي ڪانگريس جي نمائندن کي منهنجي دوست مارڪ سيگل هٿوهٿ وڃي پهچايو هو. منهنجي پارٽيءَ جي عهديدارن اُهي خطَ انگلينڊ جي پارليامينٽ ميمبرن ۽ يورپ سميت اسلام آباد ۾ ويٺل مسلمان ملڪن

جي سفيرن کي بہ پهچايا. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ چوندون ڪٽي چُڪي هئي. آئون حڪومت ۽ اقتدار کان گهٽ ڀيءَ ڳالهہ تي ڪنهن آڏو بہ جهُڪڻ ۽ آڻ مڃڻ لاءِ تيار نہ هئس. جمهوري دُنيا سُٺي موٽ ڏني. آمريڪا ۽ ٻيا ملڪ، صدر غلام اسحاق خان تي اڪثريتي پارٽيءَ طور پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي حڪومت ڏيڻ ۽ جوڙڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ لڳا. نامعقول دير ڪانپوءِ ۽ منهنجي پارلياماينٽري پارٽيءَ منجهہ ڏار نہ ڏسندي، صدر اسحاق عوام جي خواهش کي نيٺ مڃيو.

# وزيراعظم ۽ پُڄاڻي

مون 2 ڊسمبر 1988ع تي مسلمان دُنيا ۾ چونڊيل پهرين وزيراعظم عورت طور پنهنجي عهدي جو قسم کنيو. پاڪستاني جهنڊي جي سائي ۽ اڇي رنگ واري پاتل وڳي ۾، آئون صدارتي محل ۾ چمڪندڙ جهالرن هيٺان ڳاڙهن غاليچن تي هليس. اُها منهنجي چُرپر نہ، پر اُنهن سيني ماڻهن جي چُرپر هئي، جن جمهوريت لاءِ قُربانيون ڏنيون هيون. پاڪستاني عوام عملي طور عورت کي وزيراعظم چونڊڻ بابت ساڙ ۽ متڀيد وارين ڳالهين کي رد ڪيو هو. اُهو هڪ مهانَ اعزاز هو ۽ اوتري ئي مهانَ ذميداري بہ هئي. آئون پاڻئيان ٿي تہ پنهنجي عهدي جو قسم کڻڻ، جادوئي ۽ موهيندڙ گهڙي هئي. آئون مُقدر جي طاقتن کي ساريان ٿي، جن مونکي اُن عهدي تائين ۽ اُن جاءِ تي اُن گهڙيءَ پهچايو هو. مون اُنهن سيني ماڻهن کي ياد ڪيو، جيڪي منهنجي اڳيان آيا هئا، جن پوڳيو هو، جن کي ماريو ويو هو، جلاوطن ڪيو ويو هو ۽ مونکي اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو ياد آيا، جن کي جمهوريت جي سوڀ لاءِ قتل ڪيو ويو هو. مون خاص طور، پنهنجي بابا کي بہ ياد ڪيو.

مون هن سياسي ڪردار لاءِ تمنا نہ ڪئي هئي، مون اهو عهدو نہ گهُريو هو. پر مُقدر جي طاقتن ۽ تاريخ جي قوتن مونکي اڳتي ڌڪيو هو، ۽ مون پاڻُ کي رعايت ماڻيل ۽ اچرج ۾ پاتئيو هو. منهنجي چونڊ جو مسلمان دنيا تي گهڻو اثر ٿيو هو. عورت جو ڪردار سندس گهر جي چؤديواريءَ ۾ هئڻ جي تبليغ ڪندڙ مُنجهيل مُلن واريءَ اُن سوچ کي بلڪل رد ڪيو ويو هو. پاڪستان ۽ اُن سان گڏ سڄي مسلمان دُنيا باهمت نئين نظريي جي ڪنڌيءَ تي بيٺل هئي، جتي جنسي برابريءَ جو اصول سچ پئي بڻيو. ضياءَ طرفان پنهنجي هڪڙي گهاٽي دوست کي مون بابت هڪ سال اڳ چيل اها ڳالهہ سارينديٰ، 'منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي غلطي بينظير ڀُٽو کي جيئرو ڇڏڻ آهي.' مون ڏٺو تہ، منهنجي حيثيت ۽ منهنجو ڪردار منهنجي مُقدر جو حصو آهن. منهنجي چونڊ سيني عورتن کي همت ڏني ۽ اسلام جي جديد تشريح واري عڪس کي وڌايو ويجهايو ۽ پاڪستاني عوام کي بهتر زندگيءَ جي اُميد ڏني. منهنجي ڪاميابي افغانستان مان سوويت فوجن جي نڪرڻ ۽ سمورن ڪندن ۾ ڪيترين ئي آمراڻين حڪومتن جي تختي اونڌو ڪرڻ لاءِ هلايل مشهور هچل سان هڪجهڙائپ رکندڙ هئي. آئون نيٺ تائيليند، ڏکڻ ڪوريا، نائيجيريا ۽ مراڪش ملڪن جي ڪيئي اڳواڻن سان مليس، تن مونکي ٻُڌايو تہ، جيل ۾ بند هئڻ مهل ۽ بغاوتن دؤران منهنجي آتم ڪهاڻيءَ پڙهڻ سان ڪين اُتساهہ مليو هو.

پاڪستان ۾ ۽ پرڏيھ ۾ ڪيئي ماڻھن، عوامي طاقت ۽ اوچتو اُڀرڪا ڏيئي ڦاٽندڙ عوامي حرارت بابت غلط اندازا لڳايا ھئا، جنھن کي آمريت جي ڏھاڪن دؤران دٻايو ويو ھو. مون جيئن وزيراعظم جو قسم کنيو، تہ مونکي يقين ٿيو تہ ھاڻي حڪومت کنھن بہ رُڪاوٽ کانسواءِ عوامي مسئلا سُلجھائڻ تي ڌيان ڏيئي سگھي ٿي. پر مون ھڪدم سمجھيو تہ آئون غلطيءَ تي ھئس. صدر سميت اُھي ماڻھو، جن منھنجي چونڊ جي مخالفت ڪئي ھئي، سي مونکي ڪمزور ڪرڻ ڏانھن جھُڪاءُ رکندڙ ھئا.
ھڪڙي واقعي سموري سُر تال ۽ ڪردار جي جوڙجڪ ڪئي. قسم کڻڻ واريءَ تقريب ۾، صدر عھدي جو قسم نرالي انداز سان پڙھڻ لڳو، ڪيڏيءَ مھل تمام تِڪو، تہ ڪيڏيءَ مھل وري سُست، ۽ ھُو اَڌ دَمن تي بہ نہ پئي بيٺو. اھو چڻ ايئن ٿي لڳو تہ، ھُن مونکي چيڙائڻ ۽ سڄيءَ دُنيا جي عوام آڏو خوار ۽ بيعزتو ڪرڻ پئي گھُريو. ھُن جي مڪر ۽ ڪيڏ کي سمجھندي، آئون شانَ، مانَ ۽ مھانتا سان قسمنامو پڙھڻ لڳيس، تہ جيئن منھنجي ملڪ جا ماڻھو، جن منھنجي کُلھن تي انھن واعدن جي پوراءُ لاءِ ذميداري وڌي ھئي، سي منھنجو ساٿن ڪيل واعدو ٻُڌي سگھن.
جيئن مون پنھنجي عھدي جو قسم کڻي پُور ڪيو تہ، مون فوجي جنرل جا نِراس مُک ۽ ڪامورن جا ڍِنل چھرا ڏٺا، جيڪي نون ۽ پُراڻن حُڪمن وچ ۾ گھيريل ھئا. پر مون اُن وڏي ڪمري ۾ ٻيو بہ گھڻو ڪجھ ڏٺو، جنھن ۾ منھنجي ماءُ جو مُک ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن جا خوشيءَ ۾ فخر سان ٻھڪيل مُکڙا بہ ھئا. مون جيئن قسم کنيو، تہ ھڪدم جھاڙُولن واري ڪمري ھينان 'جيئي ڀُٽو، جيئي ڀُٽو' جا نعرا گوُنجڻ لڳا. مون اُن گھڙيءَ ڀانئيو تہ بابا پنھنجي حياتي اجائي قربان نہ ڪئي ھئي.
پاڪستاني عوام مون جھڙيءَ پنجٽيھن ورھين جي ناتجربيڪار عورت کي ووٽ ڏيندي ساڻس گڏ بيٺو ھو. آئون اُنھن جي محبت ۽ وفاداريءَ سبب دنيا جي سڀ کان ننڍيءَ ڄمار واريءَ چونڊيل وزيراعظم بڻجي ويس.
حڪومت جي اوائلي ڏينھن ۾ ڪنيل اُنھن اُپائن کي نسبتي سياستَ جي اپياس سان سمجھندي، جن ڪردار ۽ لاڙن کي ناھيو ۽ تبديليءَ جي ابتدا جو اشارو ڏنو ھو، مون پاڪستان ۽ دنيا ڏانھن جوھر ۽ علامت ۾ واضح اشارو موڪلڻ جو تحرڪ ورتو. منھنجي حڪومت جي 1989ع جي پھرين ھفتي ۾، آئون اُنھن ڳالھين کي عمل ۾ آڻڻ لڳيس، جن لاءِ تبليغ ڪندي رھي ھئس... مون ھڪدم پورھيت يونينن کي قانوني رُوپ ڏنو، جن تي ضياءَ جنتا بندش وڌي ھئي. مون شاگرد يونينن تان پابندي ختم ڪئي. مون غير سرڪاري تنظيمن سميت انساني حقن ۽ عورتن جي حقن لاءِ پاڙُ پٽوڙيندڙ گروھن جي آزاد سرگرميءَ تي مڙھيل شرطن ۽ پابندين کي ھٽايو. (آئون سرگرم غير سرڪاري تنظيمن ڏانھن فوجي جنتا ۽ اينٽيليجنس جي مخالفت جي سطح تي اچرج ۾ پئجي وئي ھئس. انھن کي اِھا ھورا ڪورا ھئي تہ، ڪجھ غير سرڪاري تنظيمون

’سرمايدار دُنيا‘ جون جاسوس ٿي سگھن ٿيون.) مون آزاد، کُليل سنسر کان پاڪ پرنٽ ۽ اليڪٽرونڪ ميڊيا بحال ڪيو. مون پاڪستان جي تاريخ ۾ پھريون ڀيرو رياستي ميڊيا کي آزاد ڪيو. جن تي مخالف سياسي جماعتن جي باقاعدي، لڳاتار ۽ ڪاٽ ڇاٽ توڙي روڪٽام ڪانسواءِ پُھچ ھئي.

مون پنھنجي عھدي وقت امن جو ورثو پوئتي ڇڏڻ لاءِ پنھنجو وقت سيڙائڻ جو بہ فيصلو ڪيو. ڊسمبر 1988ع ۾، جنھن مھيني ۾ آئون وزيراعظم چونڊجي آئي ھئس، مون وزيراعظم راجيو گانڌيءَ ۽ سندس سُندر زال سونيا گانڌيءَ جو اسلام آباد ۾ آڌرڀاءُ ڪيو. انٽر سروسز انٽيليجينس (آءِ. ايس. آءِ) اھو مؤقف پڪيڙڻ ۾ رُڌل ھئي تہ آئون ھندستان ڏانھن ’نرمي‘ رکان ٿي، جنھن سان اسان جو ڪشمير مامري تي تڪرار ھلندڙ ھو. پر مون انھن جي ھٺن ۾ ڪيڏڻ کان انڪار ڪيو. ۽ مونکي پنھنجو ڪم ڪرڻو پيو. مون وزيراعظم راجيو گانڌيءَ ۽ ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي علائقائي تنظيم (سارڪ) جي ٻين اڳواڻن سان پُختا سرگرم لاڳاپا جوڙڻ لاءِ پنھنجين ڪوششن تي ڌيان ڏنو.

جڏھن سارڪ اڳواڻ اسلام آباد جي ڦوھارن وارن سُندر نظارن وچ ۾ ھڪڙي ماڳ تي گڏ ٿيا، تہ مون کين ٻُڌايو تہ، ڪيئن يورپي ڪامن مارڪيٽ ۽ پوءِ يورپي يونين تحت يورپ جون اثرائتيون ۽ سوڀاريون ڪاميابيون ٿيون آھن. مون تجويز ڏني تہ، اسان کي پاڻ ۾ گڏجي سارڪ کي ثقافتي تنظيم مان ھڪڙي معاشي طاقت ۾ بدلائڻ گھُرجي. آئون سارڪ ۾ نئين چونڊيل، ڄمار ۾ ننڍي ۽ اڪيلي عورت وزيراعظم ھئس، ۽ آئون شرميلي نہ ھئس، تنھنڪري مون پنھنجي مؤقف تي وڌيڪ زور ڏنو. سمورا اڳواڻ جوشيلا ھئا. معاشي سھڪار کي مچتا ڏيندي، مون تجويز ڏني تہ، اسان جي ملڪن وچ ۾ پارليامينٽري ميمبرن ۽ ججن جھڙن چونڊيل گروھن کي مُفت ويزا جي سھولت ڏيڻ کپي. اسان جي گڏجاڻي ڏکڻ ايشيائي اوليتي محصول معاھدي جي تجويز تي ختم ٿي. (منھنجي ٻيءَ حڪومت ۾ مونکي اُن معاھدي ۾ سُڌارو آڻڻ جو اعزاز آھي.)

مون راجيو گانڌيءَ کي چيو تہ، ھُن جي ماءُ اندرا گانڌي ۽ منھنجو بابا اُن عمل تي ڏاڍا سُرھا ٿيندا. ھُنن ٻڌرتا سان 1972ع ۾ شملا معاھدي تي صحيون ڪيون ھيون، جيڪو ٻالڪپڻ ۾ منھنجي سامھون ٿيو ھو. آئون ۽ راجيوَ گانڌي سياسي جانشينيءَ ۾ ٻالڪ ھئاسين، جن جي والدين کي قتل ڪيو ويو ھو. اسان ٻئي ڇٽا نؤجوان ۽ ننڍي ڪنڌ جي ورھاڱي کان پوءِ ڄاول ٻارَ ھئاسين. تنھنڪري منھنجي ۽ آصف لاءِ راجيو ۽ سونيا سان ڳالھائڻ سولو ھو. جڏھن راجيوَ گانڌيءَ کي قتل ڪيو ويو تہ آئون ڊڄي ويس ۽ مونکي ڏاڍو ڏُک ٿيو ۽ آئون ھُن جي ڪرياڪرم جون رسمون نڀائڻ لاءِ ھندستان ويس.

سارڪ سربراھي ڪانفرنس کان پوءِ، منھنجي ۽ راجيوَ گانڌيءَ وچ ۾ نجي ۽ گڏيل مفادن بابت ڳالھيون ٿيون. مون ھُن کي ياد ڏياريو تہ ھندستان وڏو مُلڪ آھي، تنھنڪري

هُن کي پاڪستان سان سرچاءُ جي ڏس ۾ وڏيءَ دل جو مظاهرو ڪرڻ جي گهُرج آهي. مون ياد ڪيو ته ڪيئن هُن جي ماءُ اولهه پاڪستان جي 1971ع جي جنگ ۾ وڃايل علائقن تان غير مشروط طور فوجون هٽائي، شملا معاهدو ڪيو هو. شملا معاهدي جو رُوح اجا برقرار هو. ڇڪتاڻ، تاءُ ۽ چِڙ وارين سرگرمين هوندي به هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي ملڪن 1972ع کان پوءِ ڪا مڪمل جنگ نه ڪئي هئي.
ضياءَ دؤر ۾ پاڪستان جي هٿن مان سياچن گليشيئر هندستان جي هٿن ۾ هليو ويو هو. جنرل ضياءَ جيتوڻيڪ اها دعويٰ ڪندي ته 'سياچن تي ڪجهه نٿو ڦُٽي' پاڻُ تان شرمندگي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس اُن عمل سان ماڻهن ۽ خاص ڪري فوجَ کي ڏاڍو ڏُک پهتو هو. اسان جا سپاهي، جن کي اسان 'جوان' سڏيون ٿا، سي چوندا مُهم دؤران مونکي هٿن جي اڱرين سان سوُڀ جو ناهيل نشان ڏيکاريندا رهيا هئا، جنهن عمل سان اُنهنجي جنرلن جي مؤقف بجاءِ سندن سماجي پاڙن جي عڪاسي نروار پئي ٿي. مونکي پتو هو ته، سڄو پاڪستان ۽ فوجَ به، پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ ڪافي عرصي کان رهيل مامرن جو عزتدار ۽ منصفاڻو سُلجهاءُ پئي چاهيو. راجيو گانڌي راضپو ڏيکاريو ته اسان کي اعتماد بحال ڪرائڻ جي پروگرام جي گهُرج آهي. اسان ڪيترين ڪميٽيون ناهيون، ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ اعتماد جي بحاليءَ جي معاهدي تي پهرين صحيح ڪئي، جنهن معاهدي ۾ اهو ڄاڻايل هو ته، ٻئي مُلڪ هڪٻئي جي جوهري ماڳن تي حملو نه ڪندا. اسان گڏيل مفادن پٽاندر فوج ۾ ڪٽوتي ۽ ٻيهر فوجن جي مقرريءَ بابت معاهدن تي به صحيون ڪيون، ۽ اسان ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپاري پابنديون ڪٽڻ وارن معاهدن تي به صحيون ڪيون. نيٺ، گليشيئر بابت اسان ٻنهي ملڪن جي مؤقف تي ڪنهن تعصب کانسواءِ ڪارگل تان ملڪي فوجن جي واپسيءَ واري معاهدي جي موادَ تي صحيون ٿيون. (پر اسان ٻنهي ڄڻن مان اصل ۾ ڪوبه اقتدار ۾ نه رهيو، جو اصلي طور اُن دستاويز تي صحيون ڪري.) آئون ڪڏهن ڪڏهن سوچيان ٿي ته، ڏکڻ ايشيا ۽ امڪاني طور سڄي دنيا گهڻي مختلف جاءِ بڻجي وڃي ها، جيڪڏهن راجيو گانڌي جيئرو رهي ها ۽ مونکي پنهنجي حڪومت جو مُدو پُورو ڪرڻ ڏنو وڃي ها. اسان هڪٻئي کي سمجهيو هو، ۽ ٻئي گڏجي ڪم ڪري ٿي سگهياسين.
منهنجي پهرين حڪومت جي اوائل ۾، آئون پاڪستان کي ماضيءَ جيان برطانوي ڪامن ويلٿ جو ميمبر ڪرائڻ جو فيصلو ڪري چُڪي هئس. برطانوي حڪومت طرفان افغان جنگ دؤران ۽ جمهوريت جي بحاليءَ ۾ پاڪستان جي پُٺڀرائيءَ سبب منهنجي پارٽي اهو فيصلو ڪرڻ تي مجبور ٿي. آئون ۽ راجيو گانڌي ڳالهيون جاري رکڻ لاءِ 1989ع ۾ ملائيشيا جي شهر لئنگڪاويءَ ۾ ڪامن ويلٿ جي رٿيل گڏجاڻيءَ ۾ ملڻ جو پروگرام جوڙيو هو، پر هندستان ۾ وقت کان اڳ چوندن اُن عمل ۾ رنڊڪ وڌي، ۽

پوءِ راجيو گانڌيءَ کي ڏُکاري انداز ۾ قتل ڪيو ويو. هُن جي قتل کان پوءِ پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ لاڳاپا بگڙيا.
مون هندستان جي نئين وزيراعظم وي. پي. سنگهه ڏانهن هندستان سان سُٺا لاڳاپا رکڻ جي خواهش جي اظهار لاءِ هڪڙو وفد موڪليو. پر، وزيراعظم سنگهه پاڪستان تي والاريل ڪشمير ۾ بغاوت ۽ رتوڇاڻ پکيڙڻ جا نامناسب الزام هڻڻ لڳو. (جيتوڻيڪ پاڪستانين جي ڪشميرين سان همدردي هئي، پر اُن وقت اُها اُپريل بغاوت مقامي سطح جي ۽ برلن ديوار ڊهڻ واري واقع کان پوءِ سڄي دنيا ۾ تيل اُٿل پُٿل ۽ اُپار سان نهڪجندڙ هئي. تنهن وقت اهو لڳو تي ته آزاديءَ جون قوتون اڳتي پيون وڌن. جيڪڏهن خودمختياريءَ واري هلچل پولينڊ، هنگري ۽ اوڀر جرمنيءَ ۾ وڌي ويجهي پئي ته، پوءِ ڪنهن کي ڪشمير ۾ اُن اُپار تي ڇو پئي اچرج ٿيو؟)
مون هندستاني وزيراعظم کي ٻُڌايو ته، پاڪستان اُن ڏس ۾ ذميدار آهي. مون هُن کي افغان، عربن ۽ پاڪساني ويڙهاڪ گروهن طرفان 1990ع ۾ مليل آڇ واريءَ ڳالهه نه ٻُڌائي. آءِ. ايس. آءِ جي سُنن عملدارن کي ڪَتب آڻيندي. هنن مونکي ٻُڌايو ته، ’هڪ لک ويڙهاڪ مُجاهد‘ (جنهن اصطلاح سان آئون هڪ کان وڌيڪ ڀيرا متعارف ٿي چُڪي هئس) ڪشمير جي آزاديءَ واريءَ هلچل جي مدد لاءِ ڪشمير ۾ وڃڻ لاءِ تيار هئا، ۽ ڪنهن قدر وڏيءَ هندستاني فوج کي شڪست ڏيڻ تي پُراميد هئا. اهو ڄاڻندي ته قوم کان ٻاهر مختلف قومن طرفان پُنيرائي ۽ مدد ڪشميري ماڻهن جي مدد بجاءِ کين نقصان ئي پهچائيندي، مون اُن ويچار تي روڪ وڌي. مون آءِ ايس آءِ ۽ فوج کي ٻُڌايو ته اُهي ورهايل ڪشمير کي ڌار ڪندڙ ڪنٽرول لائين تي بيٺل فوجن کي هدايتون ڏين، ته ڪوبه افغان مُجاهد پاڪستاني حدن مان ڪشمير ۾ نه وڃڻ ڪپي.
مون سمورن سياسي قدين کي ڇڏڻ جي جيڪا ڪارروائي ڪئي، تنهن جا منهنجي ڪُٽنب تي ٺُرت ۽ ذاتي اثر پيا هئا. مون نه رڳو سمورن سياسي قيدين کي ڇڏڻ جو حُڪم ڏنو، پر صدر غلام اسحاق خان کي عام معافيءَ ڏيڻ جي صلاح به ڏني هئم. اُن معافيءَ ۽ ڇُوٽ ۾ منهنجي ياءُ مير مرتضيٰ ڀٽي سميت هزارين ٻيا ڪارڪن ۽ اڳواڻ به شامل هئڻ واريءَ ڳالهه کي ڄاڻندي، صدر اسحاق خان اسان جي خاندان ۾ ڏڦيڙ ۽ ڌار وجهڻ جو ٻج پوکڻ جو فيصلو ڪيو. هُن رُڳو شرطي معافي ۽ ڇُوٽ ڏيڻ جي منظوري ڏني، جنهن جو مطلب هو ته منهنجي ياءُ تي اڃا به ڪجهه خاص شرطن پٽاندر عدالتن ۾ ڪيس هلائي سگهجن ٿا. اهڙيءَ ريت سمورن عملي مقصدن لاءِ، منهنجو ياءُ مرتضيٰ ڀُٽو، نواز شريف حڪومت ۾ جيل جي ڏمڪيءَ کي مُنهن ڏيڻ کانسواءِ مُلڪ ۾ موٽي نه سگهيو. (نواز شريف تي پنجاب جو ضابطو هو، ۽ هُو فوجي اسٽيبلشمينٽ جي هٿ ۾ ڪيڏيو پئي) مون جيئن ته هر ممڪن ڪوشش ڪئي ۽ منهنجي ياءُ کي پاڪستاني پاسپورٽ به ڏنم، پر هُن جو پاڪستان موٽڻ وارو عمل اڃا به جوکي ۽ رولڙي ۾ هو.

مون مُرتضيٰ کي ٻُڌايو تہ آئون وزيراعظم مارگريٽ ٿيچر سان هُن بابت ڳالهائي چُڪي آهيان. هڪڙي وڏنڌڙ ۽ چمڪنڌڙ ڏينهن تي چيڪرس ۾ ٽڙيل ۽ مهڪيل گُلن واري باغيچي ۾ پسار ڪندي، مون مارگريٽ ٿيچر سان مرتضيٰ ڀٽو جي لنڊن ۾ رهڻ واري امڪان تي ڳالهايو. اها وزيراعظم ٿيچر جي مهرباني هئي، جنهن منهنجي وينتيءَ کي مڃيو. پوءِ بہ مرتضيٰ چُرپر ڪان لاچار هو. هُن چيو. ”آئون نٿو چاهيان تہ، فوج ۾ موجود مُلا ڪيتري عرصي تائين توکي اقتدار ۾ رهڻ ڏيندا. تنهنڪري منهنجي لاءِ وچ اوير ۾ رهڻ ۽ پنهنجي جدوجهد جاري رکڻ نيڪ ٿيندو.“ مونکي پروسو آهي تہ، جيڪڏهن مرتضيٰ ڀٽي کي منهنجي حڪومت جي اوائل ۾ پاڪستان موٽڻ جي اجازت ڏني وڃي ها، تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٻنهي ڌُڙن وچ ۾ پوءِ اُپريل اندروني ڇڪتاڻ ۽ تاءُ کان بچي سگهجي ها.
منهنجي وزيراعظم واري دؤر ۾، اسان جمهوريت جو ٻج پوکيو ۽ اُنهن جمهوري ادارن کي تاتيندي، سنڀال ڪندي ۽ اَڏيندي وڌايو ويجهايو، جيڪي اوائل ۾ ڪمزور ٻٽيل هئا، پر اُها اُميد ضرور هئي تہ، اُهي هڪڙي ڏينهن مُستقل طور آزاد ۽ منصفاڻي سياسي سرشتي ۾ اُسرندا ۽ وڌندا ويجهندا. مونکي سيڪاريو ويو هو تہ، اسلام انصاف ۾ يقين رکي ٿو، جيڪو سُڌريل سماج جي سرگرميءَ لاءِ ضروري عنصر آهي. تنهنڪري مون آزاد عدليا جي پيڙهہ وارو پٿر رکندي، قانوني سرشتي ۽ انتظامي سرشتي وچ ۾ عليحدگيءَ جو حُڪم ڏنو.
پر اسان معاشي سطح تي جيڪو ڪم ڪيو، سو حقيقت ۾ غير معمولي ۽ انقلابي هو. انگليند ۾ منهنجي جلاوطنيءَ دؤران مون ڏٺو تہ وزيراعظم ٿيچر جي پاليسين ڪيئن نئون وچيون طبقو ناهيو هو. منهنجي حڪومت ۾ پاڪستان، ڏکڻ ايشيا ۽ وچ اوير جي ملڪن ۾ پهريون مُلڪ بڻجي ويو، جنهن ۾ سرڪاري ادارن کي نجي تحويل ۾ ڏيڻ جي سرگرمي شروع ٿي هئي. اسان پنهنجن مالياتي ادارن کي بہ ضابطي ۾ آندو ۽ نوان سُنا قائدا جوڙيا. اسان معيشيت کي عدم مرڪزيت وارو بڻايو ۽ ڪاموڪري رشوت مان آزاد ڪرايو. جنهنڪري، نيٺ پنجن هزار ڊالرن کان مٿي ڪنهن بہ قرض لاءِ مالياتي وزير کان منظوري وٺڻي پوندي هئي.
اسان پاڪستان ۾ ڳوٺن کي بجليءَ ڏيڻ لاءِ فنڊ ڏنا، تنهن وقت اها ناقابل قبول حالت هئي، جو سڄي سال ۾ رڳو 260 ڳوٺن کي بجلي ڏني ويندي هئي، جڏهن تہ مُلڪ ۾ اٽڪل اَسي هزار اهڙا ڳوٺ هئا، جن ۾ بجلي نہ هئي. اسان رستا نهرائڻ ۽ پنهنجي ماڻهن کي صاف ۽ پيئڻ لائق پاڻيءَ پهچائڻ لاءِ فنڊ ڏنا. عام ماڻهو هڪڙي ٽيليفون لڳرائڻ لاءِ ويهن ورهين تائين اوسيئڙو ڪندا هئا، ۽ مونکي اچرج هوندو هو تہ ماڻهو قرضن، ٽيليفونن ۽ بجليءَ ڪانسواءِ ڪيئن ٿا ڪاروبار ڪن. مون وزارت کي اُهي مامرا سُلجهائڻ جو حُڪم ڏنو. اسان 1989ع ۾ فائبر آپٽڪ ڪيبل لنڪ متعارف ڪرايو. اسان

موبائيل فون متعارف ڪرايا. اسان پاڪستان ۾ سي. اين. اين جا پروگرام ڏيکاري، پرڏيهي دنيا لاءِ عوام جا ذهن کوليا، جيڪا تنهن وقت رڳو ٻين ملڪن جي هوٽلن ۾ هلندي هئي. مون تڏهن جيڪا ڪوشش ڪئي پئي، تنهن موجب پاڪستان کي تڪڙو جديد دؤر ۾ داخل ڪرڻو هو.

اسان جي سُڌارن ڪان لنئوايو نه ويو.عالمي بئنڪ ۽ عالمي مالياتي فنڊ جهڙن ادارن اسان جي ڪوششن کي واکاڻيو. گڏيل عرب امارتن جي صدر هز رائيل هائينيس شيخ زيد بن سلطان النهيان سخاوت ڪندي ملتان آئل ريفائينري جوڙڻ لاءِ اسان جي مدد ڪئي. اسان بلوچستان ۾ گوادر بندرگاهه، مڪران سامونڊي ڪناري سان گڏوگڏ آرسي ڊي هاءِ وي، اورماڙا نيول، پسني ۽ غازي بروٿا ڊئم، سيندڪ سون ۽ ٽامو منصوبو به جوڙيو. اسان مُلڪ ۾ سياحت لاءِ دروازا کوليا ۽ ملڪ ۾ موجود قيمتي پٿرن جي کاڻين کي نجي ملڪيت ۾ ڏنو ۽ سندن برآمد کي همٿايو.

اسان ملڪ ۾ سيڙپڪاريءَ ٿيڻ لاءِ سيڙپڪاريءَ جي تڏي تي سرگرميءَ لاءِ سهوليتون ڏنيون. اسان نجي سيڙپڪار بئنڪن، مڪمل بئنڪن ۽ انشورنس ڪمپنين کي قانوني مڃتا ڏني ۽ مونکي انتهائي گهڻو فخر آهي ته، اسان سماجي حصي ۾ سيڙپڪاريءَ کي گهڻو وڌايو، ۽ پنهنجن ماڻهن لاءِ بهترين مثال جوڙيندي، منهنجي پهرين دؤر ۾ 18000 پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول نهيا.

معاشي ترقي انتهائي شاندار ۽ نسبتي تڪڙي هئي. پاڪستان ۾ پرڏيهي ۽ نجي سيڙپڪاري وڌي. غير روايتي شين جي برآمد ۾ پنجويهه سيڪڙو واڌ ٿي. اسان آمريڪا سان پاڪستان جي ٽيڪسٽائيل معاهدي ۾ سُڌارو آندو، جنهن سان پاڪستان جي ڪپهه برآمد ۾ شاندار چال ۽ اُپار ۾ مدد ملي.

بهرحال. مونکي سيني ڪان وڌيڪ جنهن عمل تي فخر آهي، سو عورتن ۽ ڇوڪرين جي اُنهن حقن جي واڌ ويجهه ۾ ڪاميابيءَ هئي، جنهن ڪان اسان جي سماج ۾ گهڻي عرصي ڪان لنوايو ويو هو ۽ ڪين اڪثر ڪُلي عام بيعزتو ڪيو ويندو هو. مون پنهنجي ڪابينا ۾ ڪيئي عورتن کي مقرر ڪيو ۽ عورتن جي وزارت جوڙي اسان يونيورسٽين ۾ عورتن جا اپياسي پروگرام جوڙيا.اسان جيلن ۾ بند عورتن لاءِ ڪين قانوني مشوري تائين سُني پهچ ۽ نمائندگيءَ تائين رسائيءَ جي خاطري ڪئي.

اسان رُڳو عورتن کي قرض ڏيڻ واسطي عورتن جي ترقياتي بئنڪ ناهي، جتان لاءِ اهل عورتن کي به قرض ڏنا ويندا هئا. اسان خانداني منصوبا بندي، خوراڪ بابت صلاحڪاري ۽ ٻار جي نگهداشت ۾ ڄم روڪ وارين سرگرمين ۾ عورت جي سکيا ۽ مدد لاءِ ادارا جوڙيا ۽ اسان عالمي راندين ورن موقعن ۾ عورتن جي شرڪت کي قانوني حيثيت ڏني ۽ ڪين همٿايو، جن راندين وارن موقعن تي ضياءَ جي فوجي آمريت وارن ورهين ۾ بندش وڌي ويئي هئي.

اها اهڙي سماج ۾ پُختي ابتدا هئا، جتي ڪيئي ورهين کان سماج ۾ عورتن جي حيثيت کي دٻائڻ لاءِ اسلام کي غلط انداز ۾ ڪَتب آندو ويو هو.
اسان مهانَ سياسي ۽ مالياتي رنڊڪن هوندي بہ اُهي سڀ ڪاميابيون ماڻڻ ۾ سوڀارا ٿياسين. جڏهن آئون ٻهريون ڀيرو وزيراعظم جي آفيس ۾ ويس، تہ مون کان رُڳو هڪڙي ڊپٽي سيڪريٽريءَ ڪانسواءِ سمورو عملو جڻ لاتعلق بڻيل هو. مون هڪدم لنڊن هڪڙو وفد موڪليو تہ، اُهي اُتي وڃي اڀياس ڪن تہ برطانوي وزيراعظم جي 10 ڊائونگ اسٽريٽ آفيس ۾ ڪيئن ڪم ڪيو وڃي ٿو، تہ جيئن منهنجي آفيس ۾ مناسب انداز سان سرگرمي ڪئي وڃي. گڏوگڏ ڪيترن ڏينهن تائين ڪو هڪڙو فائيل بہ منهنجي آفيس ڏانهن نہ موڪليو ويو. ڪابينا سيڪريٽريءَ کي اُهي سمورا فائيل پريذيڊنسيءَ ڏانهن موڪلڻ جو حُڪم مليل هو.
منهنجي ٻهرين دؤر ۾ شايد سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ ڏُکيو مامرو پاڙيسري افغانستان جي صورتحال هئي. 1979ع ۾ سوويت يونين طرفان افغانستان ۾ فوجي والار ڪاٽپوءِ، پاڪستان مجاهدن جي مدد لاءِ اڳتي آيل آمريڪا سان گڏيل سهڪار پٽاندر ڪم ڪيو هو. آمريڪا طرفان افغانستان ۾ مداخلت جو مُک مقصد سندس سرد جنگ جي نِجي حڪمت عمليءَ واري سرگرمي هئي. آمريڪا، افغانستنا ۾ سوويت يونين جي مالياتي وسيلن کي کوکلو بنائڻ ۽ مقصد جي ناڪاميءَ واري طريقي کي پرکيو هو، تنهنڪري هُن سوويت يونين جي غلط اندازا لڳايل فوجي ڪاهہ ۽ والار کي سرد جنگ جي شطرنج واري چالَ پنهنجي فائدي لاءِڪَتب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. آمريڪي حڪومت افغانين، پاڪستاني آءِ ايس آءِ ۽ فوجَ کي متبادل طور ڪَتب آڻي، افغانستان ۾ سوويت يونين خلاف خوني ۽ ڪامياب جنگ وڙهي هئي، جنهن عمل نيٺ 1990ع ۾ سوويت رياست جي يڃ ڊاهہ ۾ پنهنجو ڪردار نڀايو.
پاڪستان جو افغانستان ۾ مفادَ وڌيڪ مُنجهيل، ڳُتيل ۽ گهڻ پاسائون مامرو هو. افغانستان جو پاڪستان سان ٻنهي مُلڪن وچ ۾ ڊيورنڊ لائين طور مشهور سرحد تي گهڻي عرصي کان تڪرار رهندو آيو آهي. گڏوگڏ پختونن جي مُک عنصرن 1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي مهل پاڪستان نهڻ جي بہ مخالفت ڪئي هئي. سردار، نواب ۽ رعايتون ماڻيل افغاني، هندستان سان گهڻو ويجهو هئا، تنهنڪري پاڪستاني عوام ۾ افغانستان بابت شڪ ۽ مونجهارا موجود هئا. افغانستان جي صدر دائود 1970ع ۾ اسان جي قبائلي علائقن ۾ بغاوت وارين سرگرمين جي پُٺڀرائي ڪئي هئي، جنهن سان اسان ڊيورنڊ لائين جي ٻنهي پاسن کان ردعمل بغاوت طور مُنهن ڏنوهو. پر ٻنهي ملڪن وچ ۾ سرحد وارو تڪرار رولڙي ۾ رهيو.
افغانستان مان فيبروري 1989ع ۾ جنيوا ۾ ڪيل ڳالهين جي شرطن پٽاندر سوويت يونين فوجن جي نيڪاليءَ سان، پاڪستان عبوري افغان سرڪار جي جوڙجڪ واريءَ

سھولت ۾ مدد ڪئي ھئي. جنرلن سفارش ڪئي تہ اسان صدر طور افغان اڳواڻ سياف تي ھٿ رکون ۽ حڪمتيار وزيراعظم ٿئي. مون اُن عمل کي نہ مڃيو. ”اسان کي توھان جي مؤقفَ ۽ منھنجي سرڪار جي مؤقف وچ ۾ سرچاءُ ڪرڻو پوندو.“ مون فوجي جنتا کي ٻُڌايو. ”آئون ڪنھن معتدل نمائندي جي صدر طور پُنيرائي چاھيان ٿي، ۽ وري توھان ڪنھن ٻئي کي پنھنجي پسند موجب وزيراعظم بڻائي سگھو ٿا.“ اسان جي شفقت سان، افغان گروھن افغان عبوري سرڪار جي اڳواڻن طور صدر مُجددي ۽ وزيراعظم سياف کي مڃيو.
مون ھن عمل کي سؤڪو نہ پاتئيو. اسان پريزيڊنسيءَ ۾ ڏگھيون گڏجاڻيون ڪيون، جتي اسان عوامي اسيمبليءَ لاءِ افغان گروھن وچ ۾ سُھمت ۽ سرچاءُ جي ڪوشش ڪئي. مختلف موقعن تي جنھن مھل ٻانگ ايندي ھئي تہ سمورا مرد ٻاھر ھليا ويندا ھئا ۽ آئون پوئتي اڪيلي رھجي ويندي ھئس. اُھي نہ چاھيندا ھئا تہ ڪا عورت ساڻن گڏ نماز پڙھي. مون اِن عمل کي اڇرج مان ڏٺو، ڇو تہ سعودي عرب ۾ مسلمانن لاءِ مُقدس ماڳ ڪعبي ۾ عورتن توڙي مردن لاءِ سيني جي گڏجي نماز پڙھڻ جو رواج آھي، ۽ گڏوگڏ مديني شھر ۾ مسجدِ نبويءَ ۾ بہ عام طور سيئي گڏجي نماز پڙھن ٿا. سعودي انٽيليجينس سربراھ شھزادو ترڪي بن فيصل ۽ ايراني پرڏيھي وزير لڳاتار ايندا رھندا ھئا. مون ھر وقت سرچاءُ لاءِ ڪوشش ڪئي، پر منھنجون انٽيليجينس ايجنسين مونکي ٻُڌائينديون ھيون تہ سعودين اُن سرچاءُ کي نہ پئي مڃيو، ڇو تہ اُن سان شيعن کي وڏيڪ حصو ڏنو ٿي ويو يا وري ايرانين اُھو نہ ٿي چاھيو، ڇو تہ اُن سان سُنين کي وڏيڪ حصو ڏنو پئي ويو. روم ۾ جلاوطن افغان بادشاھ مون کي ۽ منھنجي ساٿين کي فطري غير جانبدار شخصيت ٿي ڏسڻ ۾ آئي. پر ايرانين، بادشاھ کي پسند نہ ٿي ڪيو. مون افغان گروھن وچ ۾ ٿيندڙ ڳالھين جي سرگرميءَ ۾ گھڻو وقت سيڙايو. مون اڪثر اھو سمجھيو تہ اُھي انٽيليجنس ايجنسين ڪان مُک ڳالھيون پُڇندا ھئا، تنھنڪري اُھي ڪنھن سرچاءُ تي پُھچي نہ ٿي سگھيا. بھرحال، انٽيليجنس ايجنسين اُن ڳالھ تي زور ڏنو تہ اُن عمل سان افغاني سُھمت نٽا ٿي سگھن. تنھنڪري اسان کي مڪر سان ڪردار نڀائڻو پوندو. مونکي افغانين لاءِ ڏک ٿيو. اُھي طاقتور پرڏيھي طاقتن وچ ۾ پيڙھيل ھئا، ۽ اُھي جيڪڏھن سندن مُربين واري مؤقف يا ڪردار ڪان ٽڙيا ٿي تہ مري ڪپي ٿي سگھيا.
سوويت يونين جي پرڏيھي وزير شيوردنادزي کي پاڪستان اچڻو پيو. اسان کي ڄاڻ ڏني ويئي تہ ھُن چاھيو ٿي تہ پاڪستان ۾ سوويت يونين، افغانستان ۾ سوويت يونين واريءَ صورتحال ڪان پوءِ پيدا ٿيل حالتن سان مُنھن ڏيڻ لاءِ سياسي منصوبي تي گڏجي ڪم ڪن. اُن معاھدي ۾ اھو ڄاڻايل ھوندو تہ صدر نجيب سوويت يونين کي شرمندگيءَ ڪان بچائڻ لاءِ مناسب وقفي ڪان پوءِ پنھنجو عھدو ڇڏيندو. پاڪستان کي سندس سرحدن

تي موجود ٿيهه لک افغان پناهگيرن جي حفاظت ۽ بچاءُ جي پُرامن تبديليءَ سان نظم ضبط واري طريقي سان واپس موٽڻ ۽ سندن حياتين جي ڀيهر بحالي توڙي سُڌاري کي هٿ ۾ ونڻ جي اجازت ملندي. آئون اُن تجويز تي سوويت پرڏيهي وزير سان گڏ وڏيک جاکوڙڻ جي حمايت ۾ هئس، پر آرمي جنتا ۽ انٽيليجنس ادارن کي اُن عمل سان کو ناتو نہ هو. منهنجي انٽيليجنس سربراهه هڪ ڀيري مونکي چيو. ”ڪابل هڪ هفتي ۾ فتح ٿيندو.“ مون پاڪستان لاءِ صدر نجيب کان عبوري افغان سرڪار ڏانهن طاقت جي ڏاکيدار تبديليءَ جي موٽ ۾ ڊيورنڊ لائين جي مڃتا واري مطالبي تي زور ڏنو. پر مونکي ٻُڌايو ويو. ”اسان ڊيورنڊ لائين کي مڃڻ نٿا گهُرون. افغان عوام اسان جا مسلمان ڀائر آهن، ۽ اسان جي ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪي بہ سرحدون نہ هئڻ کپن.“

جڏهن مون پرُامن سُلجهاءَ پٽاندر ڪابل ۾ شيورڊنادزي سان طاقت جي ڏاکيدار تبديليءَ واري عمل تي زور ڏنو تہ، منهنجي اينٽيليجنس سربراهه چيو، ”وزيراعظم، ڇا توهان پنهنجن ماٺهن ۽ افغان مُجاهدن طرفان سندن ڏنل قربانين سان ڪابل ۾ فاتحاڻي انداز ۾ داخل ٿيڻ ۽ گڏجي مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي اُن حقيقي عمل کان انڪار ڪندؤ؟“ اُن جذباتي مطالبي پنهنجو ڪم ڪيو. مون سوويت والار خلاف مزاحمت مهل انيڪ حياتين ۽ عورتن توڙي ٻارڙن طرفان آڇيل ۽ نڇاور ڪيل قربانين بابت سوچيو. بيشڪ، افغان جماعتون ۽ اسان جي فوجي جنتا، ڪابل ۾ سندن ڪاميابيءَ سان فتح کي صحيح ثابت ڪرڻ جون حقدار هيون، جنهن بابت مونکي پڪ ڏني وئي هئي تہ، اُهو ڪجهہ ڏينهن ۾ ٿيندو، ۽ اهو تہ ڪابل شهر بہ ڪجهہ ڏينهن ۾ فتح ٿي ويندو.

بهرحال، ڪابل هڪدم فتح نہ ٿيو. اهو هڪ هفتي ۾ بہ فتح نہ ٿيو. اهو مهينن ۾ بہ فتح نہ ٿيو. ٽُرت ’انٽليجنس سدورن‘ مون سان ملڻ لاءِ موٽ ڪاڏي. ڇا آئون پاڪستاني سپاهين کي ڪابل واريءَ جنگ ۾ شامل رکي، افغان عبوري حڪومت ۾ شرڪت جي اجازت ڏئي سگهان ٿي؟ مون سختيءَ سان اُن تجويز کي رد ڪيو. ”مونکي اِهو ڪڏهن بہ ٻُڌائڻ نہ ڪپندو هو تہ، ڪابل جي فتح ٿيڻ ۾ هڪ هفتو لڳندو. آئون پاڪستاني فوجَ کي افغانستان ۾ ملوث ڪري نٿي سگهان. اسان جنهن گهڙيءَ ايئن ڪيو تہ، افغاني اسان جي خلاف ٿي ويندا. اِهو غير ضروري عمل آهي.“

”وزيراعظم، افغاني پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ الحاق لاءِ معاهدي تي صحين لاءِ تيار آهن. اُهي ساميااواد نظام ڊاهڻ لاءِ الحاق واري ماهدي جي حصي طور اسان کان مطالبو ڪندا. اسان جي وچ ۾ ڪابہ سرحد نہ هوندي.“

مون افغانستان سان الحاق واريءَ سوچ کي رد ڪيو. ”اُن عمل سان هندستان کي افغانستان ۾ دخل ڏيڻ جو بهانو ملي ويندو. ۽ آمريڪا، سعودي ۽ ايرانين جي حمايت کانسواءِ، اُهو عمل اسان تي وڏيون مصيبتون آڻيندو.“ مون وراڻيو.

”پر افغان عبوري حڪومت، پاڪستان سان الحاق چاهي ٿي، ۽ اُن تي سياڻي صحيون ٿي سگهن ٿيون.“ منهنجي جنرلن مونکي ٻڌايو.
”آئون اهو نٿي ڪري سگهان.“ مون وراڻيو. مون ڪين ڄاڻايو ته، پاڪستان لاءِ اُتيل ردعمل وڏو هاڃيڪار ۽ موتمار ٿيندو. اسان طرفان وسعت پسنديءَ وارو عمل سڄيءَ دنيا کي ڊيڄاريندو، ۽ اُهي اسان کي ڪمزوريءَ ڏانهن وٺي ويندا.
مُجاهدَ آمريڪي سفير جي هٿيار ۽ ناٽي سميت پناهگيرن جي انساني بنيادن تي واهر وارين عالمي امدادي ڪوششن کي هڪدم بند ڪرڻ وارين خطرناڪ چتائن تي ڊنل ۽ مُنجهيل هئا. افغان پناهگيرن جو وڏو مسئلو هو، پر افغان عبوري حڪومت ۽ فوجي اسٽيبلشمينٽ ۾ سندن فوجي ساٿاري اجا به ڪابل ڏانهن سوپاري فوجي ڪاهه واري تجويز تان هٿ ڪڻڻ ڪان لاچار هئا. گڏوگڏ فوجي بغاوت وسيلي صدر نجيب کي حڪومت تان لاهڻ جي ڪوشش باوجود، هُو ڪابل ۾ حڪومت سان چُهٽيل رهيو.
فوجي اسٽيبلشمينٽ کي افغان عبوري سرڪار جي حمايت واريءَ وابستگيءَ کي پنهنجين صفن سميت عام ماڻهن آڏو به عقل ۽ حقيقت پسنديءَ ڏانهن سمجهڻو پيو. اهو سڀ ’حڪمت عمليءَ جي وسعت‘ واريءَ سوچ جي اُپرڻ مهل ٿيو. افغان عبوري حڪومت جوڙڻ واري ويڙهه جي جوڙجڪ هرگز افغانين کي فائدو پهچائڻ لاءِ سامياواد حڪومت مان چوٽڪاري ماڻڻ جي حدبنديءَ واري دائري منجهه نه ڪئي وئي هئي.اُن جي ٻيهر جوڙجڪ پاڪستان جي پنهنجن قومي مفادن جي دائري منجهه رهندي. اُن دعويٰ سان ڪئي ويئي هئي، ته افغانستان سبب مليل حڪمت عمليءَ واريءَ وسعت جي پاڪستان کي ضرورت آهي.
بدقسمتيءَ سان پاڪستان وٽ تاريخي طور پنهنجي اهڙي حڪمت عمليءَ جي وسعت ڪڏهن به نه رهي هئي، جيئن افغانستان جي سوويت يونين ۽ اُلهندي ملڪن جي سرمايدار دنيا وچ ۾ ’غير جانبدار رنڊڪ واري ملڪ‘ طور رهي هئي. پر تاريخ کي وساريو ويو هو، ۽ ٿُرت حڪمت عمليءَ جي وسعت واري سوچ کي مشهوري ملڻ لڳي.

جنرل ضياءَ الحق 1980ع جي سموري ڏهاڪي ۾، پاڪستان تي لوهي ڏنڊي سان حڪمراني ڪئي هئي، پر هو ساڳيءَ وقت آمريڪا جي بانسري ساڻس گڏ به وڄائيندو رهيو. آمريڪا کي جيستائين پاڪستان جي سوويت يونين خلاف جهادين جي حمايت رهي (۽ گهٽو ڪري آءِ ايس آءِ جي حمايت)، تيستائين آمريڪا ضياءَ آمر تي جمهوريت آڻڻ لاءِ دٻاءُ نه وڌو. رُڳو جڏهن 1988ع ۾ افغانستان ۾ جنگ پنهنجا ڏڏا ويڙهڻ لڳي، ته آمريڪا جا جمهوريت وارا مفادَ وري ٻيهر ڪَر ڪڍي جاڳي پيا. پر اُن ڏهاڪي ۾ نه رڳو پاڪستان ۾ وڏي تباهي اچي چُڪي هئي، پر آمريڪا، مسلمان اُمه ۽ ٻي عالمي برادريءَ جي ڊگهي مُدتي حڪمت عمليءَ وارن مفادن کي به ڌڪ پهتو هو.

پاڪستان جو فوجي آمر جنرل ضياءَ جماعت اسلامي جي مذهبي اڳواڻ ۽ عالمي مسلمان پائيچاري جي مُک عالم مولانا مودوديءَ سان گھڻو ويجهو هو. جڏهن سوويت يونين افغانستان تي فوجي چڙهائي ڪئي ته، جنرل ضياءَ، جماعت اسلاميءَ ۽ اُن وسيلي مسلمان پائيچاري ڏانهن مدد لاءِ مُنهن ڪيو. هُن مولانا مودوديءَ جي مذهبي لکڻين کي آرمي تعليمي نصاب ۾ متعارف ڪرايو ۽ اُنهن مذهبي لکڻين کان فوج ۽ تعليمي ادارن کي صاف ڪيو، جيڪي معتدل هيون. اسلامي جمهوري اتحاد کي هڪدم مذهبي مرڪز جوڙي 'جُڙتو دانشور' ڀاهڻ لاءِ فنڊ ڏنا ويا، جيڪي حڪومت کي صلاح ڏيڻ لڳا ته دَرس جي نعري هيٺ پناهگير ڪئمپن ۾ ٻارن کي پرپائڻ لاءِ ڪيئن انتها پسند مدرسا جوڙڻ لاءِ فنڊ ڪتب آندا وڃن، فنڊ گڏ ڪرڻ واريون سرگرميون مڙني مسلمان ملڪن ۾ وڌايون ويون، جتي همدردي رکندڙ ماڻهو تعليم، صحت ۽ غريب توڙي ضروتمندن جي خوراڪ لاءِ چندو ڏيندا هئا. اها رقم اُنهن سياسي مدرسن ڏانهن وڃڻ لڳي، جيڪي تعليم ۽ پناهگير ڪئمپن مان آندل يتيم ٻارن کي خوراڪ ڪرائڻ جي دعويٰ ڪندا هئا، پر سچائي اها آهي ته اُنهن نفرت ۽ دهشتگرديءَ کي مذهبي هوا پئي ڏني.
عالمي فنڊَ ملڪ ۾ ڪاهي پيا، پر اُها رقم آءِ ايس آءِ مرڪز ڏانهن منتقل ڪئي ويئي. ضياءَ زور ڏنو ته، سي آءِ اي ۽ ٻين جماعتن توڙي ملڪن طرفان ڏنل فنڊ سنڌس فوجي حڪومت ڏانهن ويندا، جنهن سان مجاهدن جو نئين پئماني تي انتظام ڪيو ويندو. آمريڪا هنن جي حُڪم کي مڃيو. اُن عمل سان پاڪستاني فوجي حڪومت کي سڀ کان وڌيڪ نظرياتي انتها پسند، مذهبي بنياد پرست ۽ رت پياڪ گروهن کي پرتي، سِکيا، فنڊ ڏيڻ ۽ هٿياربند ڪرڻ لاءِ چونڊڻ جي اجازت ملي ويئي. اُها حڪومت آزاد انساني جاسوسي اداري ڪانسواءِ سي آءِ اي کي به پوئتي ڇڏي ويئي.
هي اهو فيصلو هو، جنهن جو دليل ڀٽاندر نئين ڏن مُدتي مقصدن جي شرطن ۾ دفاع ٿي سگھي ٿو. پر اُن جا ڏکھي مُدت وارا نتيجا موت ۾ سڄيءَ دنيا کي پنهنجي پَوَ ۾ وٺندا. آئون جڏهن جون 1989ع ۾ آمريڪا ويس، ته صدر بُش ۽ سنڌس گھر واريءَ طرفان منهنجي اعزاز ۾ وائيٽ هائوس ۾ ڏنل شاهاڻي مانيءَ واري موقعي تي ماڻهن ۽ خاص ڪري پريس گھڻو ڌيان ڏنو هو. آمريڪي ڪانگريس جي گڏيل ويهڪ طرفان تاڙين جي گونج سان مليل آڌرڀاءُ منهنجي (۽ منهنجي مُلڪ لاءِ به) عظيم موقعو هو. پر اُن سفر دؤران جيڪو ٻيو ڪجهه ٿيو هو، تنهن لاءِ آئون پانيان ٿي ته اهو سڀ کان وڌيڪ اهم هو. جڏهن آئون صدر جارج ايچ. ڊبليو بُش سان وائيٽ هائوس ۾ اڪيلائيءَ ۾ مليس، ته مون پنهنجي ڳڻتين بابت کيس ڄاڻُ ڏني. مون اهو ڄاڻايو ته افغانستان ۾ سوويت يونين سان انتهائي اثرائتي انداز سان جنگ جي عام جوش ۽ جذبي ۾، اسان جي مُلڪن مجاهدن جي سڀ کان وڌيڪ انتهاپسند عنصرن کي طاقتور بنائڻ جي حڪمت عمليءَ وارو جيڪو فيصلو ڪيو، سو شايد پوءِ ضابطي کان ٻاهر نڪري وڃي. مون ڏُک ۾

صدر بش کي چيو، ”محترم صدر، مونکي افسوس آهي تہ اسان اهڙو جن تخليق ڪيو آهي، جيڪو مستقبل ۾ وري اسان سيني کي پريشاني ۽ تڪليف ۾ وجهي سگهي ٿو.“
بدقسمتيءَ سان اُهو جن تخليق ٿي چُڪو هو. آمريڪي سوويت يونين کي افغانستان ۾ شڪست ڏيڻ واري جُزوقتي مقصد پوري ٿيڻ کان پوءِ افغانستان مان هليا ويا. جمهوريت شايد سُنو موقعو بڻجي ها، پر اُن جي فوجي تباهيءَ کان بچاءُ جي پائيداريءَ لاءِ عالمي امداد جي گهُرج الوپ هئي. سوويت يونين جي وڃڻ ۽ برلن ديوار ڊهڻ سان يورپ ۾ آيل ڊرامائي تبديلين سان، دنيا جو ڌيان بدلجي چڪو هو.
جيتوڻيڪ ڪجهہ ماڻهو تنهن وقت اُن ڳالهہ کان آگاهہ هئا، پر افغانستان جي سوويت يونين والار جي پُڄاڻيءَ سان، اسلام جو نالو ڪَتب آڻي اولهہ جي سرمايدار ملڪن تي حملن جو پڪو عهد ڪندڙ انتهاپسندن طرفان نئين جنگ جي شروعات جو پَڙهو ملي چڪو هو. انهن معتدل پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ مونکي مسلمان دنيا ۾ ۽ تصوراتي مسلمان دُنيا منجهہ رهندڙ ماڻهن جي مذهبي جذبن کي پڙڪائڻ تي بَڌل فتح جي سپنن لاءِ خطرو سمجهيو ٿي. سوويت يونين فوجن کي افغانستان مان زبردستي ٻاهر ڌِڪڻ ۽ نيٺ سُپرپاور ملڪ جي ٽُٽڻ جي تجربي انتها پسندن کي وڏيڪ هُشي ڏني. هنن سوچيو تہ اُهي واقعي اولهندي سرمايدار دنيا تي قبضو ڪري سگهن ٿا.
اُلهندي سرمايدار ملڪن جي اڳواڻن ۽ ايجنسين جي عملدارن منهنجي جمهوري حڪومت کان وڌيڪ جنرلن سان گڏ رهڻ کي آسودو ۽ مناسب سمجهيو. آئون شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڌيءَ هئس، جنهن کي توڙي جو اُهي سماجواد مشعل بردار اڳواڻ ۽ پاڪستان جي نيوڪليائي پروگرام جي ابي طور ياد رکن ٿا. گڏوگڏ منهنجن ڀائرن افغانستان ۾ سوويت يونين جي فوجي والار دؤران الذوالفقار تنظيم جوڙي هئي.
اُلهندي سرمايدار ملڪن جي حمايتي سمجهيو ويندڙ هڪڙي پاڪستاني جنرل مونکي چيو، ”تنهنجي فوجَ سوويت يونين کي شڪست ڏني آهي، ۽ توهان وٽان هڪڙي حُڪم تي، اسان آمريڪا کي بہ شڪست ڏيئي سگهون ٿا.“ مون پنهنجو پَؤ پنهنجي هڪڙي سفارتڪار کي ٻُڌايو. هُو تڪڙو هليو ويو ۽ وڃي آمريڪي سفير کي اُها سڄي ڳالهہ ٻُڌايائين. جنهن وري کيس چيو، ”اها ڳالهہ سچ ٿي نٿي سگهي. اُهو جنرل تہ شراب پيئي ٿو.“ مون سمجهيو تہ، شراب پيئڻ ڪنهن قدر معيار جو ماپو بڻجي ويو آهي، جنهن وسيلي اُلهندي سرمايدار مُلڪن جا ماڻهو فيصلو ڪن ٿا، تہ ڪير ڪهڙي اسلامي مؤقف ۽ ويچار تي بيٺل آهي.

منهنجي سرڪار جي پهرين هفتي ۾، جڏهن آئون لاهور ۾ لٿيس تہ، گُلن جي ڪونديءَ ۾ رکيل هڪڙو بم هٿيڪو ڪيو ويو، جنهن کي منهنجي اُتان لنگهڻ مهل ڦاٽڻو هو.

ماڻهن کي منهنجي خلاف ڪرڻ لاءِ اجاين ۽ ڪُوڙن افواهه ڦهلائڻ وسيلي رودبن تي آڻڻ جون هر ڀيري ڪوششون ڪيون ويون. هنن جي هڪڙي واهيات تُهمت اها هئي ته مون پيرس مان مٽي تي ويڙهڻ لاءِ چادر ورتي هئي، توڙي پاڪستان ۾ ماڻهو غريب هئا. پر سچ اهو آهي ته مون پنهنجو مٽو ڍَڪڻ لاءِ هڪڙي چادر ڪراچيءَ جي بازار مان ورتي هئي، ۽ آئون پاڪستاني عوام جي ٿورائتي آهيان، جن اهڙين واهيات ۽ اجائين تُهمتن کي رد ڪيو ۽ اُهي مون سان گڏ ٿي بيٺا، جو ته مون پاڪستاني سماج ۾ تبديليءَ آڻڻ واريون سرگرميون پئي ڪيون.
منهنجي چونڊجڻ جي مهيني ۾، آءِ ايس آءِ جو برگيڊيئر امتياز ۽ سندس ڊپٽي ميجر عامر منهنجن پارليامينٽرين ميمبرن سان رابطا ڪري، ڪين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ڇڏڻ لاءِ چوڻ لڳا. هنن جو وڌندڙ مؤقف اهو هو: ”ڪوبه هُن کي وزيراعظم جي عهدي تي ڏسڻ نٿو چاهي. آمريڪا کي هوءَ نٿي وڻي، فوجَ ڪيس نٿي چاهي ۽ ايسٽائين هُن جو مُڙس به تنهن وقت ڪيس ڇڏي ڀڄي ويندو، جڏهن هوءَ وزيراعظم جي عهدي تان هٽندي.“
هُنن جو افغانستان ۾ هلندڙ جهادَ سان گڏ حتمي منصوبو اُلهندي سرمايدار ملڪن جي طاقت ۽ معيار تي ضابطو آڻڻ هو، پر اُهي حڪومتي ضابطو منهنجن هٿن ۾ هئڻ مهل ظاهري طور آزاديءَ سان اُهو ڪجهه ڪري نه پيا سگهن. آءِ ايس آءِ وارن آمر ضياءَ الحق جي ’سياسي پُٽ‘ نواز شريف کي وزيراعظم بنائڻ جو واعدو ڪيو. نواز شريف کي اڳ ۾ ئي پنجاب جو وڏو وزير بڻايو ويو هو، جنهن اعلان ڪيو ته هُو منهنجي حڪومتي ضابطي کي ايئن للڪاريندو، جو آئون سڄي قوم جي نه، پر رُڳو راڄڌانيءَ جي نالي ماتر وزيراعظم رهجي وينديس.
منهنجي سياسي بنياد ۽ گڏهه سان مُنهن ڏيڻ لاءِ اينٽيليجنس رسائيءَ کي وسعت ڏيڻ خاطر، آءِ ايس آءِ جي اڳواڻ تجويز ڏني ته آئون ’تسلسل‘ جي خاطريءَ لاءِ ’اينٽيليجنس ڪَور‘ جوڙيان. مونکي ٻُڌايو ويو ته، پُراڻن رياستي عملدارن جون سموريون ترقيون آءِ ايس آءِ وسيلي جاچنا ڪان پوءِ ٿيڻ ڪپن. مون ڪين اهو ٻُڌائيندي اُن تجويز کي رد ڪيو ته، ”جنرل ضياءَ، سوويت يونين ۽ هندستان جي ٻن محاذن تي جنگ کي مُنهن ڏنو هو، تنهنڪري هُن کي ڳوٺ جي سطح تائين ڏار فوجي ڪَور جي گهُرج نه هئي، تنهنڪري آئون به ڪا نئين ڪَور ناهڻ نٿي گهُران.“ آءِ ايس آءِ اهو چوندي اصرار ڪيو ته، ”آءِ ايس آءِ جي وسعت ۽ ساڳين عملدارن جي تسلسل ڪانسواءِ، ملڪ جي نظرياتي سرحدن جي بچاءُ جو ضابطو برقرار رکڻ ڏکيو آهي.“ مونکي ’رياست منجهه رياست‘ ناهڻ کي بااختيار ۽ قانوني بنائڻ لاءِ چيو پئي ويو، جيڪي هوند پاڪستان ۾ ايندڙ عام چونڊن سميت زندگيءَ جي هر رُخ ۾ هٿُ چُراند ۽ رنڊڪ وجهن ها. مون انڪار ڪيو. بهرحال، منهنجي حڪومت ڊهڻ ڪان پوءِ، عبوري وزيراعظم غلام مصطفيٰ جتوئي آءِ ايس آءِ وارن اڳيان جهُڪي ويو، ۽ هُن سندن منصوبن کي عمل جي ڇُوٽ ڏني.

جنرلن جي سياسي مخالفت باوجود، مون فوج جي صفن ۾ عهدن کان گهٽي حمايت وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن جنرل مرزا اسلم بيگ سان آئون 23 مارچ 1989ع تي پهرئين 'مارچ پاسٽ پريڊ' تي ويس، تہ فوجين جي خاندانن منهنجي ڪار جي چوڌاري گڏ ٿي، ڪار کي آهستي ٿيڻ تي مجبور ڪندي، پلوڙ آڏرياءُ ڪيو هو. جنرل مرزا اسلم بيگ شفقت جي عام نماءُ جو هيراڪ نہ هو، تنهن ڳٽتيءَ مان پُڇيو. "ڇا پيو ٿئي؟" منهنجي مليٽري سيڪريٽري جواب ڏنو، "وزيراعظم سان ملي فوجي خاندانَ خوش ٿيا آهن." اسلم بيگ سُرهو نہ ٿيو. ۽ جيتوڻيڪ جنرلن ۽ فوج ۾ موجود ڪجهہ عملدارن وچ ۾ محاذ آرائيءَ جي ٻن ڏهاڪن باوجود، منهنجي ملڪ جي عظمت ۽ عزت سان خدمت ڪندڙ هزارين فوجين ۾ افغان جهادي پوُت واري وبا ۾ ورتل ڳٽپ جيترن عملدارن وچ ۾ تميز رکي، جن منهنجي مخالفت ڪئي هئي.

مون ڪاميابيءَ سان عورت وزيراعظم چوندجڻ سبب اسلامي ملڪن جي تنظيم طرفان پاڪستان جي معطليءَ جي سفارش وارين ڪوششن کي ناڪام بڻايو. مختلف مسلمان ملڪن جا مذهبي عالمَ منهنجي چُونڊ سبب ميدان ۾ ٽُپي پيا هئا، ۽ مختلف فتوائون ڏيڻ ۾ رُڌل هئا. اها منهنجي لاءِ بدقسمتيءَ واريءَ فتوا هئي، جو سعودي مذهبي باني عالم شيخ باز، اها فتوا ڏيڻ پسند ڪئي تہ، مسلمان قوم جي اڳواڻيءَ لاءِ ڪنهن عورت جي چونڊ غير اسلامي آهي. بهرحال، آئون خوشقسمت هئس، جو يمن، شام، مصر ۽ عراق جهڙن ملڪن جا عالمَ، جتي سيڪيولر حڪومتون هيون، مونکي بچائڻ لاءِ اڳتي آيا.

بهرحال، اُساما بن لادن اڃا 1989ع ۾ القائدا نہ جوڙي هئي، پر مون سندس نالو پهريون ڀيرو تڏهن ٻُڌو، جڏهن هُن منهنجي پهرئين حڪومت کي ڊاهڻ لاءِ عالمي امداد ڏني هئي. هُو جيتوڻيڪ فيبروري 1989ع ۾ سوويت يونين فوجن جي افغانستان مان هليو وڃڻ کان پوءِ سعودي عرب ڏي موٽي ويو هو، پر جڏهن مون مئي مهيني ۾ آءِ ايس آءِ تي پنهنجو اختيار ۽ ضابطو رکيو، تہ هنن وري ڪيس ٻيهر پاڪستان ڏانهن گهُرائي ورتو. اُساما بن لادن کي آءِ ايس آءِ (جنهن سان هُن جا ڊگهي عرصي کان ۽ ويجها لاڳاپا هئا) وارن منهنجي جمهوري حڪومت ڊاهڻ ۽ پاڪستان ۾ مذهبي نظام آڻڻ ۾ مدد لاءِ چيو. اُساما بن لادن منهنجي خلاف اسيمبليءَ ۾ عدم اعتماد تحريڪ جي ڪاميابيءَ خاطر، منهنجن پارليامينٽري حمايتن کي خريدڻ لاءِ اٽڪل هڪ ڪروڙ ڊالرن (هاڻي ٻاهٺ ڪروڙ رپيا) جي رقم ڏني هئي.

افغانستان جي سوويت يونين فوجن سان جنگ بند ٿيڻ سان، اُساما بن لادن جي اوچتي پاڪستاني سياست ۾ مداخلت کي اُهو اوائلي اشارو سمجهڻ کپي ها، تہ هُن جو ۽ ٻين جهاد جي حمايت ڪندڙن جو اصل مقصدَ، ڪنهن مسلمان مُلڪ مان رُڳو سوويت يونين فوجن کي ٻاهر ڌِڪڻ کان وڌيڪ ۽ گهڻو وسيع هو. سچ اهو آهي تہ، اِهو اصل ۾ مذهبي

انتها پسندن جي ضابطي تحت يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ ۾ ڦهليل مسلمان رياستن جو خلافت بابت بگاڙيل مؤقف هو.
ڪنهن موقعي تي آمريڪا ۽ اُلهندي جي سرمايدار ملڪن جا ويجها دوست رهندڙ مُجاهد، هاڻي پنهنجن مُربين خلاف ٿي بيٺا هئا. هنن ڪنهن قدر اهو سوچيو هو ته، اُهي آمريڪا تي قبضو ڪري سگهن ٿا، جيئن ٽيڪ ڪابل تي قبضو به غلط ثابت پئي ٿيو.
اُن دؤر ۾ مونکي هڪڙي ڄاڻ ملي ته هڪڙو سعودي جهاز انبن جي ڏهن سان گڏ پاڪستان ۾ لهي چڪو آهي. جيئن ته سعودي عرب ۾ اَنب نه پر ڪجيون ٿين ٿيون، تنهنڪري اها ڳالهه بلڪل شڪي هئي. شهري اينٽيليجنس کي پتو پيو ته، انهن ڏهن ۾ انب نه، پر ڪنهن قدر پئسا هئا. مون سعودي بادشاهه فهد کان حمايت وٺڻ تي سوچيو. جڏهن آئون ساڻس مليس، ته هُن بابا جي واڪاڻ ڪئي ۽ هُن ياد ڏياريو ته ڪيئن هُن بابا جي حياتيءَ بچائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي هئي. هُن چيو ته بابا جو قتل 'ناانصافي' هو، ۽ هُو منهنجي پيءُ جي پاءُ جهڙو هو، تنهنڪري هُن مون کي پنهنجي ڌيءُ جيان پاتئيو. سو، مون پنهنجي قانون واري وزير کي بادشاهه کان پڇڻ لاءِ سعودي عرب موڪليو ته،"ڇا هُو پنهنجي ڌيءُ کان ڪاوڙيل هو، جو پاڪستان ۾ هن جي مخالفن جي مالي امداد لاءِ سعودي ناڻو موڪليو اٿس." بادشاهه منهنجي وفد کي خاطري ڪرائي ته، ناڻي جي تبديليءَ وارو عمل سرڪار سان ڪو واسطو نٿو رکي، پر هُن اهو ڄاڻايو ته، "ڪجهه ماڻهو افغان جهاد سان گري ويا آهن." تنهنڪري سندن ذاتي ناڻو موڪليو ويو هو. بادشاهه جي صلاحڪارن مان هڪڙي جٽي اُن ناڻي جي سُڃاڻپ ڪندي چيو ته اُها رقم اُساما بن لادن جي هئي.
آئون آمريڪي سفارتي آفيس ۾ ويس ۽ ذاتي طور صدر جارج بش سان مليس. مون صدر کي ٻُڌايو ته مجاهدن جي اڳي حمايت ڪندڙ فوجي ويڙهاڪ عملدار، انتها پسندن ۽ پاڪستان ۾ ٻوڏ جيان ايندڙ پرڏيهي ناڻي جي مدد سان منهنجي حڪمت کي ڊاهڻ جون ڪوشش پيا ڪن. مون ڄاڻايو ته بادشاهه فهد جي هڪڙي صلاحڪار، اُساما بن لادن نالي سعودي واپاريءَ جي سُڃاڻپ ڪئي آهي.
اسلامي جمهوري اتحاد جي آءِ ايس آءِ ۽ بن لادن جي حمايت سان آندل عدم اعتماد واريءَ تحريڪ پهرين نومبر 1989ع تي ٻارهن ووٽن سان ناڪام ٿي. پر اُن عمل سان آءِ ايس آءِ / پرڏيهي انتهاپسندَ اتحادين سان محاذ آرائي ۽ مداخلت واري انداز جو طريقو جُڙيو، جيڪو هوند پاڪستان ۽ سڄي دنيا کي ڪيئي ڏهاڪن تائين مفلوج بڻائيندو رهندو.

منهنجي فوجي مرڪز ۾ وڃڻ مهل، فوجي سربراهه جنرل مرزا اسلم بيگ مونکي فوجي مامرن بابت ڄاڻ ڏيندو هو. هُن تجويز ڏني ته، جيڪڏهن فوج کي اهو شڪ ٿئي

ته، ڪو امڪاني حملو ٿيندو، ته پوءِ سرڪار کي ’اڳرائيءَ واري بچاءَ‘ ۾ ملوث ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ کپي. اهو اڳواٽ احتياط طور حملي جو اظهار هو.هُن چيو ته، جيڪڏهن اسلام آباد ’اڳرائي ڪندڙ بچاءَ‘ تي هليو وڃي ته پوءِ اُن سان والاريل ڪشمير جي راڄڌانيءَ سرينگر تي به قبضو ڪري سگهجي ٿو. پوءِ ’هڪ لک ويڙهاڪ مجاهدن‘ جي آڇ ٿي، جيڪي سرينگر تي قبضي لاءِ اسان جي مدد لاءِ تيار هئا. (اُساما بن لادن سعودي بادشاهه فهد کي اُها ساڳي آڇ تڏهن ڪئي هئي، جڏهن عراق 1990ع ۾ ڪويت تي فوجي ڪاهه ڪئي هئي. مون جيان بادشاهه فهد به اُن آڇ کي پسند نه ڪيو. ان عمل جي نتيجي ۾ اُساما بن لادن، سعودي بادشاهه سان کُلي عام ٽڪراءُ ۾ آيو)

جنرل اسلم بيگ مونکي ٻُڌايو، ”وزيراعظم، توهان بلڪل حُڪم ڏيو، ۽ توهان جا ماڻهو سرينگر تي وڃي قبضو ڪندا، ۽ توهان کي اسان مهانتا ۽ سوڀُ جو تاج پارائينداسين.“ مون سوچيو ته هُو سچائيءَ جي سموري سوچ وڃائي چُڪو آهي.

’افغان مُجاهد‘ جو اصطلاح پاڪستان ۾ مختلف گروهن کي پاڻ ۾ گڏائيندڙ هڪڙو ڍرو اصطلاح آهي، جنهن ۾ افغان، عرب ۽ ٻين ملڪن جا گروهه شامل آهن، جن افغان جهاد ۾ حصو ورتو هو، سي ڪشمير ۾ اُٿيل بغاوت ۾ مدد لاءِ اُتي وڃڻ لاءِ به خواهشمند هئا. مون ڪشميري بغاوت ۾ غير ڪشميري ويڙهاڪن جي ملوث ٿيڻ واري عمل کان انڪار ڪندي، اُن سوچ کي رد ڪيو.

مونکي اهو ڏسڻ ۾ آيو، ۽ کُڙڪ پيئي ته، فوجي سربراهه، سوويت يونين فوجن خلاف افغان جهاد وڙهندڙ جنرل حميد گُل ۽ ٻين جي اثر هيٺ گهڻو ويجهو ٿيندا پئي ويا. اُنهن وٽ ٻٽاڪي ۽ لباڙي سوچ هئي، تنهنڪري اُهي سوويت يونين فوجن جي شڪست کي، رُڳو جهادين جي ويڙهُو رڙين سان نه، پر آمريڪي اسٽنگر ميزائيلن، عالمي مالياتي امداد، سفارتڪاري ۽ سياستَ جي نمايان ڪردار سان ٿيڻ واريءَ سچائيءَ کي مڃڻ لاءِ تيار نه هئا. آئون اُن سوڀُ جي ٻٽاڪي ڪهاڻين تي ڀروسي لاءِ تيار نه هئس، جنهن عمل کي مون پنهنجي ملڪ لاءِ خواري ٿي سمجهيو، تنهنڪري آئون اُن خاطريءَ لاءِ محتاط هئس، ته جيئن فوجَ سمجهي ته، حڪومت هندستان سان جنگ جي حمايتي نه آهي.

چونڊيل حڪومت جي ضابطي کي مفلوج بنائڻ جي هڪڙي ٻيءَ ڪوشش ۾، جنرل اسلم بيگ ڪنهن ملڪ جي جنگ ۾ وڃڻ وارين سرگرمين ۾ تبديلين آڻڻ جي تجويز جو فيصلو ڪيو. اسان ڪابينا جي بچاءُ ڪميٽيءَ جي هنگامي گڏجاڻي ڪئي. منهنجي گهرو وزير، فوجي سربراهه کي کَڙڪي سان چيو، ”سياستدانن کي جنگ جا فيصلا ڪرڻ کپن، ڇو ته اُهي عوام جا چونڊيل نمائندا آهن.“ ڪمري ۾ ماٺار ڇانئجي ويئي. سرڪاري ملازم عام طور فوجين جون جُتيون چَٽڻ تي مجبور هئا، ۽ جنرل کُلي عام سياسي اڳواڻن کي بيعزتو ڪندا هئا. مون جنرل اسلم بيگ کي ڪچهريءَ لاءِ منهنجيءَ آفيس ۾ گهُرايو. مون ڏٺو ته هو اڃا به اُتي ڪيل تقرير تي چِڙيل هو. مون پنهنجي

تجربي پٽاندر سمجھيو تہ، ھي ڪابينا جي بچاءَ واري ڪميٽيءَ جي ميمبرن اڳيان، پنھنجي پاڻيل ڄُڙتو بيعزتيءَ جو حڪومت ڪان پلاند ضرور ونڻ جي ڪوش ڪندو. بدقسمتيءَ سان، آئون غلط نہ ھئس.

جنرلن حڪومت جي سرگرميءَ جي اھليت کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش خاطر آئيني، ادارتي ۽ سياسي ذريعن ڏانھن لاڙو رکيو. اُنھن ۾ اسان جي مٿان يزيدي تلوار جيان لٽڪيل اٺين ترميم تحت سرڪار ڊاھڻ وارو صدر جو آئيني اختيار بہ شامل ھو. اُن عمل ۾ پنجاب ۾ نواز شريف کي ڪَتب آڻڻ جي کُلي بغاوت بہ شامل ھئي. پر حڪومت ھلائڻ جي منھنجي اھليت خلاف ھڪڙي ٻي رٿا بہ گھَڙي ويئي ھئي، جيڪا وڏيڪ ذاتي ۽ پلاند سان ڀرپور ھئي.

مون تي ڪيل حملا رُڳو منھنجي ايمان، پاڪستان سان سچائيءَ يا واشنگٽن ڪان آزاديءَ تائين محدود نہ ھئا. پر منھنجي ڪردار ۽ خاندان جي ساک خلاف سوچي سمجھيل مُھم ھلائي وئي، جيڪا چوندڻ ۾ ڪٿي وڌيڪ عام ٻنجڻ ڪان گھٽو اڳ، آءِ يس آءِ منھنجي ڪردار ڪشي ۽ ساکُ جي بدناميءَ واري طريقيڪار ۽ سوچيل سمجھيل 'ذاتي تباھيءَ جي سياستَ' واريءَ سازش گھڙي، ۽ اھو مفروضو گھڙيو ويو تہ منھنجي سرڪار بدعنوان ھئي. منھنجو واپاري مُڙس اُن سازش جو مُک نشانو ھو، ھيءَ اھا حڪمت عملي ھئي، جو شايد مونکي ڪنھن مرد وزيراعظم خلاف استعمال ڪيو وڃي ھا.

ذاتي ڪردار ڪشيءَ جي سياستَ، ويڙھاڪ ۽ رُجعت پسندن لاءِ سگھارو ھٿيار ھو. اُن دؤران جيتوڻيڪ مون تي ڪا خاص ڳالھہ ثابت نہ ٿي، ۽ ڪا تُھمت بہ نہ بيٺي، پر ھڪڙي منفي سوچ پيدا ڪئي وئي ھئي. پاڪستان جي آڊيٽر جنرل جي رپورٽ باوجود، جنھن ۾ اھو پڌرو ڪيو ويو تہ، رياستي فنڊ مُبينہ طور مونکي حڪومت مان ڊِڪڻ ۽ حملي لاءِ استعمال ٿيا ھئا. مون لاڳاتار اھڙن مامرن بابت سوالن کي مُنھن ڏيڻ جو سلسلو رکيو.

عدالتي ڊيجارڻ وارن ورھين ۽ پوءِ ايندڙ پاڪستاني آمرن طرفان منھنجي ساک کي، پاڪستان ۾ توڙي پرڏيھہ ۾ نقصان پھچائڻ خاطر لڳاتار ڪُوڙ ٻٽاڪ جي پرچار باوجود، منھنجي يا منھنجي مُڙس خلاف لڳايل ڪو ھڪڙو الزام بہ عدالتن ۾ ثابت ٿي نہ سگھيو. پر جڏھن ھڪڙيءَ تُھمت رد پئي ٿي، تہ وري ٻيو الزام مڙھيو ٿي ويو. جيئن ھڪڙي عدالت مان ضمانت منظور پئي ٿي، تہ اُھا وري ٻي عدالت ۾ رد پئي ٿي. منھنجو مُڙس ۽ آئون نيٺ پنھنجي وطن ۾ جمھوريت جي بحاليءَ لاءِ ويڙھہ کي وڌيڪ وقت ڏيئي سگھڻ بجاءِ سڄي مُلڪ جي عدالتن ۾ پاڻ مٿان لڳل الزامن جي بچاءُ لاءِ، پنھنجي توانائي سيڙائڻ لڳاسين. اسان تي سياست تان ھٿ ڪڍڻ لاءِ دٻاءُ وڌو پئي ويو، يا وري اھا ڪوشش پئي ٿي عدالتي مداخلت وسيلي تباھہ ٿي وڃون، تہ جيئن قومي حڪومت جوڙڻ لاءِ جيڪا قوت وڃي باقي رھي، سا رُڳو فوجي اسٽيبلشمينٽ ھجي.

اهو رڳو منهنجي لاءِ نہ هو تہ، اينٽيليجنس عملدارن ۽ سندن انتها پسند ساٿارين تباهيءَ آڻڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. اهو جمهوريت لاءِ پاڪستان ۾ پاڙُن هڻڻ ۽ ڪامياب ٿيڻ جو موقعو بہ آهي. جمهوريت، سازشين ۽ مفاد پرست ٽولن جي غير قانوني مفادن کي روڪڻام جو وسيلو آهي، جنهنڪري اها جديد دؤر ۾ فوجي آمرن لاءِ سڀ کان وڏي ڳڻتي آهي.

پاڪستان ۾ جمهوري قوتون سدائين ڊنل رهيون آهن، تہ فوجي اسٽيبلشمينٽ آئين ۾ جاٽايل ائين ترميم کي واپرائي، سندن چونڊيل حڪومتن کي ڊاهي ڇڏيندي. 1985ع کان وٺي، محمد خان جوڻيجو، نواز شريف ۽ منهنجي هر هڪ چونڊيل حڪومت کي معياري 'بدعنواني ۽ نااهليت' وارن الزامن پٽاندر، ڪنهن مناسب مواد کانسواءِ ائين ترميم وسيلي ڊاهيو ويو آهي. منهنجي سرڪار کي 6 آگسٽ 1990ع تي ڊاهيو ويو (عراق جي ڪويت تي فوجي ڪاهہ جي بهاني پٽاندر بہ ڏينهن اڳ). آمريڪا ۾ اي بي سي نيوز جي صحافي پيٽر جيننگس ڏاڍي مناسب طور، اُن عمل کي 'آئيني پوشاڪ پاتل فوجي پُٺيرائي واريءَ بغاوت' ڪوٺيو. هڪ پيڙهيءَ ۾ ٻيو پيرو، منهنجي بابا جي حڪومت ڊاهڻ لاءِ آيل فوجي بغاوت جي رُڳو تيرهن ورهين کان پوءِ، مون ڏٺو تہ فوجَ وري هڪ پيرو ٻيهر وزيراعظم هائوس کي گهيرو ڪري ويئي هئي.

پاڪستان ۾ 1990ع ۾ ٿيل چونڊون مذاق هيون. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هزارين ڪارڪنن کي ڪنهن تُهمت کانسواءِ جيلن ۾ واڙيو ويو هو. انيڪ ڪارڪنن تي تشدد ٿيو، ڪجهہ غائب ٿيا ۽ ٻين کي وري قتل ڪيو ويو. اسان جي ڪنهن بہ ميڊيا تائين پُهچ نہ هئي. نواز شريف جي چونڊ مُهم لاءِ ڪروڙين رپيا مُلڪ ۾ ٻوڏ جيان پئي آيا. آءِ ايس آءِ طرفان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اميدوارن ۽ ڪارڪنن کي ٽوڙڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ سياسي ڪارڪنن جي هٿن ۾ لکين رپيا ڏنا پئي ويا. ڊائريڪٽر جنرل آءِ ايس آءِ اسد دراني پوءِ عدالت ۾ مڃيو تہ، 1990ع جي چونڊن ۾ منهنجي خلاف ڪَتب آڻڻ لاءِ اٽڪل ڇهہ ڪروڙ رپيا ورهايا ويا هئا. پوءِ بہ مون چئني صوبن ۾ سڄي ملڪ ۾ وڏا عوامي جلسا ڪيا، پنجاب جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ منهنجي چونڊ مُهم دوران ماڻهن جي مليل موٽ ڏاڍي سوڀاري رهي هئي چونڊن جا اندازا ڏاڍا همٿائيندڙ هئا، ۽ اندازو هو تہ اسان 1988ع ۾ کٽيل سيٽن جيتريون سيٽون يعني 92 سيٽون کٽينداسين. پڇاڙيءَ ۾، عالمي پريس اسان جي پارٽيءَ جي موٽ بابت غير رواجي تخمينا پئي لڳايا، ۽ اُميد پئي ڏيکاري تہ اسان واضح اڪثريت سان کٽينداسين. پر بيشڪ، اهو جنرلن جو منصوبو نہ هو. فوجي بغاوتن کي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ حُڪم نٽو ڏنو وڃي. 1990ع جون چونڊون اعلان ٿيڻ سان ئي ڌانڌليون شروع ٿي چُڪيون هيون- منهنجي رياستي ميڊيا تي اچڻ کان انڪار ڪيو ويو، حڪومتي ناڻو اسان خلاف ڪَتب آندو ويو، ووٽر لسٽن ۾ هيراڦيري ڪئي ويئي، مرضيءَ جا سُڃاڻپ ڪارڊ جاري ڪيا ويا. پولنگ

اسٽيشنن جي جاين ۾ تبديليون ڪيون ويون. ووٽن جي پيٽين کي اڳواٽ ڀرڻ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ووٽن جي ڳڻپ مهل منصوبو ناهيا ويا هئا. آمريڪي جاچنا ڪندڙ عملدارن چوندن کان اڳ ۾ ٽيل ڌانڌلين جي رپورٽن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو. جڏهن تہ ڪامن ويلٿ ۽ سارڪ جي نمائندن وري چوندن ۾ پوندڙ ووٽن ۽ ووٽن جي ڳڻپ تي ڌيان ڏنو. ڪنهن بہ حالت ۾، ڪنهن اداري بہ، هن ڪارروائيءَ جي منظوري يا قانوني حيثيت لاءِ مُهر نہ هنئي.
اسان 24 آڪٽوبر 1990ع تي پاڪستان ۾ چوندن جي ڌانڌليءَ جا گهڻا ڏُکارا نمونا ڏٺا. آءِ ايس آءِ، پاڪستان جي سڀ کان وڏي جماعت ۽ سڄي پاڪستان جي چئني صوبن ۾ وڏي سگهہ رکندڙ قومي جماعت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي قومي اسيمبليءَ ۾ کٽڻ لاءِ رڳو ٿورڙيون 44 سيٽون مس کٽڻ جي ’اجازت‘ ڏني. مُشاهدو ڪندڙن چوندن ۾ ٽيل ڌانڌلين تي واويلا ڪئي، ۽ انگن اکرن جا ماهر اُن نتيجي تي پهتا تہ آءِ ايس آءِ جي حمايتي پاڪستان مسلم ليگ لاءِ قومي ووٽن جي شرح جي ست ۽ تيرهن سيڪڙي وچ ۾ اٽڪل پنجهٺ لک ووٽرن سان ڌانڌلي ٿي هئي فوجي جنتا نواز شريف کي قومي اسيمبليءَ ۾ بين جماعتن سان عام حالت ۾ سرچاءُ يا معاهدي جي ڪنهن گهُرج ۽ ڪنهن رڪاوٽ کانسواءِ حڪومت جي سائي جهنڊي ڏيکاري. چوندن جي بي شرمائيءَ واري نتيجي پٽاندر پاڪستان مسلم ليگ کي قومي اسيمبلي ۾ 207 سيٽن مان 106 سيٽون ۽ ملڪ جي چئني صوبن ۾ چئني صوبن جون حڪومتون ڏنيون ويون. مونکي مخالف ڌُر جي جماعتن جو اڳواڻ چونڊيو ويو.
آئون قومي اسيمبليءَ ۾ ڏينهن پنيان ڏينهن، مهينن پنيان مهينا، نواز شريف سرڪار جي آمراڻن اُپائن کي بيني للڪاريندي رهيس. برطانيا جي مهان پارليامينٽري نموني ۾، مخالف ڌر جي اڳواڻ طور آئون سرڪاري عملدارن ۽ وزيراعظم کان بہ سوال پُڇندي ۽ ساڻن بحث ڪندي هئس. آئون اُهو اختيار استعمال ڪري منهنجي حڪومت جي سماجي، معاشي ۽ ساسي حاصلات جي تحفظ لاءِ ڪوشش ڪندي رهيس. اهو سولو مامرو نہ هو. نئين سرڪار انهن سماجي سُڌارن کي ختم ڪيو، جيڪي مون پنهنجي حڪومت ۾ شروع ڪيا هئا. سينسرشپ وري لڳائي ويئي. شاگرد يونين تي وري پابندي مڙهي وئي. مخالف ڌُر جي ميڊيا تائين پُهچ کي روڪيو ويو. نئين بجيٽ ۾ زور ڏيندي، سماجي شعبي جي فندن کي غير ترقياتي شعبن ۾ لڳايو ويو، جنهن سبب سڀ کان وڌيڪ نقصان تعليم واري شعبي جو ٿيو. اسان جي حڪومت طرفان پاڪستان ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين لاءِ شروع ڪيل ڪيئي سُڌارن کي ختم ڪيو ويو، جنهن ۾ عورتن جي صحت ۽ آباديءَ جي واڌ ويجهہ وارا مرڪز شامل هئا.
آءِ ايس آءِ پنهنجا ڇيڙائيندڙ حملا لڳاتار مون تي ڪندي رهي. هاٽي ديڄارڻ ۽ ڌمڪين واريءَ مُهم جا گهڻا رُخ هئا. انهن هوائي جهاز جي اغوا ۾ مونکي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڏانهن بہ لاڙو رکيو. اينٽيليجنس سروس جي عملدارن راولپنڊي ۾ ڀرتي ڪندڙ شعبي

وسيلي، جهاز اغوا ڪندڙن کي ياڙي تي ملازم رکيو. هُنن اُنهن ڀرتين کي، منهنجي ياءُ جي تنظيم سان منهنجو ناتو جوڙيندي. اُن سازش جو حصو هئڻ طور ’الذوالفقار‘ ميمبرن جي فرضي سُجاڻپ ڏني. ۽ اُن وسيلي اسان ٻنهي جو جهاز جي اغوا واري واقعي سان ناتو جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي.

پوءِ، 26 مارچ 1991ع ۾ سينگاپور ايئرلائين جي هڪڙي جهاز کي سنگاپور ايئرپورٽ تي اغوا ڪيو ويو، جنهن ۾ 129 مُسافر سوار هئا. اهو منصوبو غلط ٿيو، ڇو تہ آئون لاڙڪاڻي ۾ هئس، ۽ سڄي رات اُتي ترسي هئس. جڏهن جهاز اغوا ٿيو ۽ آئون لاڙڪاڻي ۾ هئس، تہ ڊپٽي ڪمشنر مون وٽ گهر آيو. هُن مون کي جاڳائڻ تي اصرار ڪيو، ڇو تہ اغوا ڪندڙن منهنجي طرفان ڪين نہ روڪڻ تائين، سڀني مسافرن کي مارڻ جي ڌمڪي ڏني هئي. اها سموري سازش گهَڙيل ۽ جُڙتو هئي، تہ جيئن اهو تاثر ڏنو وڃي تہ جهاز اغوا ڪندڙن منهنجن حُڪمن تي عمل پئي ڪيو.

اتفاق سان، منهنجن مُحافظن مونکي جاڳائڻ کان انڪار ڪيو، جنهن مهل مقامي ضلعي انتظاميا ساڻن ڪِتراڪَ پئي ڪيو، تہ اوڏيءَ مهل سنگاپور اختيارن جهاز تي جُلھ ڪئي ۽ اغوا ڪندڙن کي ماري وڌو. جڏهن سنگاپور اختيارن طرفان مُئل اغوا ڪندڙن جون تصويرون پڌريون ٿيون، تہ سندن اصل خاندان پنهنجن مُئلن جا لاش وٺڻ لاءِ اڳتي آيا. پوءِ ميڊيا کي پتو پيو تہ، اهو ڦُريل سُجاڻپ ۽ جُڙتو واقعو هو، ۽ اهو تہ الذوالفقار جو جهاز جي اغوا واري واقعي سان ڪوبہ واسطو نہ هو. اصل ۾ اُهي انٽيليجنس سروس وارا ئي هئا، جيڪي الذوالفقار ڪارڪنن جي نالن کان واقف هئا، ۽ انهن سازش جوڙڻ مهل اغوا ڪندڙن لاءِ پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽون بہ ورتيون هيون.

هڪ ورهيہ پوءِ اُهي ڪُڌي عمل تي لهي آيا. 1992ع ۾ مونکي مارڻ جي هڪڙيءَ ٻيءَ ڪوشش ڪئي وئي. آئون جنهن مهل لاڙڪاڻيءَ ۾ گهر ڏانهن موٽيس پئي، تہ هڪڙو راڪيٽ لانچر منهنجي ڪار تي اُڇلايو ويو. پر اُهو منهنجي گاڏيءَ کي لڳڻ بجاءِ مون سان گڏ ايندڙ پوليس وئن کي وڃي لڳو ۽ افسوس سان ڇهہ پوليس وارا مُئا.

منهنجي مخالف ڌر جي اڳواڻ واري اوائلي دؤر ۾، مون منهنجي سرگرميءَ واريءَ زندگيءَ جي نئين حصي جي ذميداري ڪنئي. آئون سڄيءَ دنيا ۾ خاص طور آمريڪا ۾ تقريرون ڪرڻ لڳيس. اُن عمل سان مونکي پاڪستان ۾ جمهوريت جي حالت بابت رايا جوڙيندڙن سان ڳالهائڻ جو وجهہ ملڻ لڳو، ۽ ايئن پرنٽ توڙي اليڪٽرونڪ پريس، آمريڪا ۾ ڪانگريس جي نمائندن توڙي سينيٽرن سان ملڻ، ۽ برطانيا ۽ يورپ جي پارليامينٽرين سميت پرڏيهہ ۾ رهندڙ پاڪستانين سان بہ ملڻ جو موقعو ملندو هو، تہ گڏوگڏ پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ زور ڏيڻ جي ڪوشش بہ ڪندي هئس. (آئون اڄ بہ يورپ، ايشيا ۽ اُتر توڙي ڏکڻ آمريڪا ۾ لڳاتار ليڪچر ڏيان ٿي.)

آئون پانئيان ٿي تہ قومي اسيمبليءَ ۾ ڪيل ڪم ۽ پرڏيهہ ۾ منهنجن ليڪچرن ۽ لکڻين سان پاڪستان ۾ جمهوريت جي پوئتي موٽ واري عمل ڏانهن وري ڀيهر ڌيان ڏيارڻ ۾ ڪامیابي ٿي آهي. انهن ڳالهين تي سوچيندي ويچاريندي نواز شريف قومي اسيمبليءَ ۾ پنهنجيءَ وڏي اڪثريت باوجود پاڻ کي تمام تيزيءَ سان هيڪلو پانئيو ۽ نيٺ هُو اُن فوجي اسٽيبلشمينٽ سان ٽڪراءُ ۾ آيو،جنهن ڪيس تخليق ڪيو هو. گڏوگڏ انيڪ دهشتگرد ڪارروايون مختلف ڪندن ۾ واقع ٿيڻ لڳيون.
مونکي پڪ آهي تہ، دهشتگرديءَ جي جنگ جو دؤر اصل ۾ 1990ع ۾ پاڪستان ۾ ٿيل چوندن جي نتيجي ۽ نواز شريف حڪومت جوڙجڪ سان لاڳاپيل آهي. دهشتگرديءَ وارين ڪارروائين کي جيتوڻيڪ 2001ع ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي ٿيل ٻئي حملي تائين مڪمل طور مڃيو نہ ويو هو، پر اُهو عمل اسلام ۽ اُلهندي سرمايدار مُلڪن وچ ۾ ڇيڙائيندڙ پرتشدد ڪارروائين جو وسيلو بڻجي ويو هو، جنهن کي هارورڊ جي سيموئيل هنٽنگٽن ’تهذيبن جو ٽڪراءُ‘ ڪوٺيو هو. تاريخي المياتي تباهيءَ چرپر ۾ اچي چُڪي هئي.
نواز شريف پنهنجي اوائلي انتظاميا ۾، سياسي اتحاد نالي جُڙيل اسلامي جمهوري اتحاد جي اصل خالق ۽ اڳوڻي آءِ ايس آءِ برگيڊيئر امتياز کي سرڪاري وفاقي انٽليجنس ايجنسيءَ جو اڳواڻ بڻايو هو. قومي اسيمبليءَ ۾ ۽ چئني صوبائي اسيمبلين ۾ پنهنجي لوهي جَڪڙ باوجود نواز شريف جو پنهنجي اقتدار ۽ اختيارن جي وڌيڪ مضبوطيءَ ۽ مستقبل ۾ سگهارين مخالف ڌرين جي وسيلن جي تباهيءَ جو ارادو هو. هُن برگيڊيئر امتياز کي صدر غلام اسحاق خان ۽ مون بابت ماٺ ۾ خاص طور ٻن سياسي مقصدن تي لڳايو.
نواز شريف جي پهرين پيري وزيراعظم ٿيڻ وقت صدر سان اُڀرندڙ اختلاف، غير متوقع طور دل جي دؤري ۾ فوت ٿيل جنرل آصف نواز کان پوءِ، چيف آف آرمي اسٽاف طور جانشين جي چوند تي عوامي طور هڪدم اُڀرڪا ڏيئي سامهون آيا. نواز شريف ۽ غلام اسحاق خان طرفان ٽيليويزن تي هڪٻئي خلاف بغاوت جي الزامن جي مٽاسٽا کانپوءِ، نواز شريف حڪومت کي غلام اسحاق خان گهر پيڙو ڪيو. هڪ پيرو ڀيهر آئيني بغاوت جي رواجي طاقت کي واپرائي، نواز شريف تي ’بدعنواني ۽ بدانتظامي‘ جا الزام مڙهيا ويا.
نواز شريف جي نيڪاليءَ کان پوءِ شروع ٿيل چوندبہ مهم دؤران، سلامتيءَ وارن ادارن ۾ ويڙهاڪ فوجين سان منهنجي اوائلي محاذ آرائي وري ڀيهر ميدان تي نروار ٿي. 1993ع ۾ هُنن وٽ مونکي وزيراعظم جي عهدي کان پري رکڻ لاءِ وڌيڪ سڌا ۽ واضح منصوبا هئا. آءِ ايس آءِ هاڻي مخالف ڌر کي فنڊ ڏيڻ وسيلي اقتدار کان مونکي پري رکڻ جي ڪوشش ۾ مطمئن نہ هئي. هاڻي، انهن مونکي مستقل طور منظر تان هٽائڻ

چاهيو ٿي. يعني هنن نيٽ خلافت جي سندن سَپني ۾ رنڊڪ سمجهي، مونکي هٽائڻ جو فيصلو ڪيو. اهڙيءَ ريت 1993ع ۾ سرءُ مُند ۾ منهنجي قتل جو حُڪم ڏنا ويا، ۽ چوندپل قاتل پاڪستاني هو. جنهن جا افغان جِهاد دؤران آءِ ايس آءِ سان ناتا هئا. هن جو نالو رمزي يوسف هو.

اسان هاڻي جيئن ته سڀُ ڄاڻون ٿا، ته ان کان اڳ 26 فيبروريءَ تي ساڳيءَ سال کان اڳ رمزي يوسف نيويارڪ ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي پهرين حملي ۾ حصو ورتي چڪو هو. القائدا جي پهرئين حملي جو مقصد پهرين ٽاور کان پوءِ ٻيو ٽاور ڍاهڻ هو، ته جيئن هزارين آمريڪين کي ماريو وڃي. فيبروري واري واقعي کان پوءِ يوسف رمزي آمريڪا مان ڀڄي نڪتو، ۽ پاڪستان موٽي آيو. ستن مهينن کان پوءِ ڪيس مونکي مارڻ جو حُڪم ڏنو ويو. هُڻ 1993ع جي چونڊ مُهم دؤران مونکي ٻن ڏار ڏار موقعن تي مارڻ جي ڪوشش ڪئي.

سيپٽمبر مهيني ۾، هُن ٻن ٻين ساٿين سان گڏجي ريموٽ ڪنٽرول سان ڦاٿندڙ موٽمار بم منهنجي گهر جي اڳيان گهٽيءَ ۾ لِڪائي رکيو هو. هُن منهنجي ڪار گئريج مان نڪرڻ مهل اُن بم کي ڦاڙڻ جو منصوبو جوڙيو هو. هُن جيئن بم جا اوزار لڳائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ته، گشت ڪندڙ هڪڙي پوليس گاڏي هُن کي روڪيو ۽ ڪانئس پُڇيو ته هو ڇاپيوڪري. هُن چيو ته هو پنهنجي وڃايل چاٻيءَ کي ڳولي پيو، جيڪا گهٽيءَ ۾ وڃائجي ويئي هئي. پوليس کي شڪ ڄاڳيو ۽ جنهن هُن کي هڪدم اُتان هليو وڃڻ جو چيو. ظاهري طور يوسف رمزي اُن رات کان هڪدم پوءِ هٿيارن جي صفائيءَ جي ڪوشش مهل زخمي ٿي پيو ۽ علاج لاءِ اسپتال ۾ ويو. اسپتال ۾ رکيل رجسٽرڊ مان پتو پيو ته، هُن جي آڱر غير وضاحتي طريقي سان ساڳيءَ رات ختم ٿي ويئي هئي.

پنهنجي فيصلي تي اٽل يوسف رمزي ۽ سندس گروهه پنهنجي چاچي خالد شيخ محمد ۽ سندن پُٺي ڀرينڌڙن وٽان مونکي مارڻ جي مليل واضح هدايتن کان پوءِ وري پنهنجي ڪم ۾ جُنبي ويو. جيئن هاڻي اسان کي پتو آهي ته، خلد شيخ القائدا جو چيف ايگزيڪيوٽو بڻجي ويو هو، ۽ اُن تي وال اسٽريٽ جرنل بيورو جي صحافي اڳواڻ ڊينيئل پرل جو ڪنڌ ڌڙ کان ڌار ڪرڻ واري واقعي ۾ ذاتي طور شڪ هو. (هو هاڻي آمريڪي تحويل ۾ آهي). اُنهن هڪ ٻيرو ٻيهر مونکي مارڻ جو منصوبو جوڙيو، پر هن ڀيري اها سازش پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مختلف عنصرن کي هڪٻئي خلاف آٽڻ واري ثانوي سياسي مقصد سان گڏجي، ڳوڙهي انداز سان جوڙي ويئي هئي.

القائدا ۽ اينٽيليجنس ايجنسين طرفان جوڙيل منصوبو مونکي مارڻ تي ٻَڌل هو، ۽ اهو ڏيکارڻ هو ته اُن واقعي ۾ جڻ منهنجو ياءُ ملوث هُجي. مونکي نشتر پارڪ ڪراچيءَ ۾ هڪڙي چونڊ مهم جي وڏيءَ جلسي کي خطاب لاءِ اچڻو هو. خالد شيخ القائدا جا

انيڪ اهڙا موتمار هٿيار ڏيڻ جو انتظام ڪيو، جيڪي رمزي يوسف ڪي پشاور کان جهاز وسيلي مليا هئا، جيڪي وري هڪڙي ڏينهن منهنجي قتل لاءِ ريل وسيلي ڪراچيءَ ۾ پهچڻا هئا. اها سازش تنهن وقت ناڪام ٿي، جڏهن ريل حيدرآباد شهر ۾ بيٺل رهي، ۽ اُهي هٿيار عوامي ريلي ختم ٿيڻ تائين نہ پهتا.
بدقسمتيءَ سان رمزي يوسف کي پاڪستان ۾ فيبروري 1995ع ۾ جهليو ويو، ۽ هُن کي پڪ هئي تہ ڪيس مونکي مارڻ جي ڪوشش تي گرفتار ڪيو پيو وڃي، تنهنڪري هُن پاڪستاني وفاقي انويسٽيگيٽو ايجنسيءَ (ايف آءِ اي) کي ٻُڌايو تہ، ”ڪيس مونکي پنهنجين نظرن اڳيان هٽائڻ جو حق آهي، پر هٿيارَ وقت تي نہ پهتا.“ هُن کي پوءِ منهنجن حُڪمن تي ڏوهارين جي مٽاسٽا واري معاهدي پٽاندر آمريڪا کي سونپيو ويو.

قومي اسيمبليءَ جي 1993ع وارين چونڊن ۾، اسان مرڪز ۾ حڪومت ۽ پنجاب اسيمبليءَ ۾ اُنهن اتحادين سان گڏجي سرڪار ٺاهي، جن کي نواز شريف ۽ انتهاپسند منهنجي پهرين حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪَتب آڻي چڪا هئا. منهنجي حڪومت خلاف 1990ع ۾ ٿيل پهرين فوجي بغاوت کان پوءِ بلڪل ٽن ورهين ۾، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاڪستان جي حڪمران جماعت طور وري ميدان تي موٽي آئي. آئون وري ٻيهر وزيراعظم بڻجي ويس.
پهرئين دؤر ۾ وزيراعظم طور خدمتن جي غير معمولي موقعن کي ڏسي، مون پاڪستان جي پورهيت طبقي جي عام زندگيءَ کي سُڌارڻ ۽ خطرناڪ عالمي صورتحال جي سُڌاري ۾ مدد لاءِ هر هڪ ڏينهن وڌيڪ ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.
مون جيئن ٻئي ڀيري وزيراعظم طور قسم کنيو تہ مون پاڪستان کي سامهون آيل ڪيئي للڪارن بابت سوچيو. منهنجو مُلڪ دهشتگرد رياست جي اعلان ٿيڻ واريءَ ڪنڌيءَ تي پهچي چڪو هو، ڪراچيءَ ۾ فوجي آپريشن هلندڙ هو، ۽ پاڪستان ڏيوالپڻيءَ جي ڪناري تي بہ پهتل هو. اُهي گهڻ پاسائتا قومي گهوٽالا هئا.
مون هاڻي پاڪستان کي جديد دؤر ۾ وٺي وڃڻ لاءِ امڪاني طور اثرائتين ۽ تڪڙين سرگرمين جي ڪوشش ڪئي. اوائلي مهينن ۾، منهنجي حڪومت تمام جوش ۽ جذبي وارو سماجي ائڪشن پروگرام (سيپ) جوڙيو ۽ اُن تي عمل ڪرڻ لڳي، جنهن جا مقصدَ تعليم، تعميرات، صحت، صفائي، بنيادي ڍانچي ۽ عورتن جي حقن وارن شعبن ۾ تيز گهريلو ڏيهي ترقي هئا. سوشل ائڪشن پروگرام جي مُک ڳالهہ سرڪاري- نجي ڀائيواري هئي، جنهن پٽاندر مرڪزي حڪومت کان فندن جي غير معمولي سطح واري ذميداري، عالمي ترقياتي تنظيم کان قرض ۽ وسعت ۾ آيل پاڪستاني نجي شعبي جي مدد ڪرڻي هئي.

منهنجي نئين حڪومت جي بلڪل پهرئين سال ۾، اسان پرڏيهي سيڙپڪاريءَ تحت مُلڪ ۾ويهه بلين ڊالرن جا ريڪارڊ ٽوڙ پئسا آندا، جيڪا رقم پاڪستان جي گذريل چاليهن سالن ۾ آيل سيڙپ جي ڀيٽ ۾ رُڳو هڪڙي سال ۾ آئي هئي. هن نئين پرڏيهي سيڙپڪاريءَ جي اسي سيڪڙو رقم بجليءَ جي پيدوار ۾ خرچ ٿيل هئي، جنهن جو مقصد ملڪ ۾ بجليءَ جي بنديءَ جي خاتمي واريءَ ذميداري نڀائڻ ۽ معيشيت کي تڪڙو ترقي وٺرائڻ هو.
اسان اسٽاڪ ايڪسچينج قانونن کي جديد بنايو ۽ اسٽيٽ بئنڪ پاڪستان کي ڪمپيوٽرائزڊ ڪيو. اسان سڄيءَ ايشيا ۾ بجلي پيدا ڪندڙ شعبي ۾ سيڙپڪاريءَ لاءِ گهڻ ۾ گهڻ اگهن تي ڳالهين ٻولهين مهل ملڪ مان بجليءَ جي ڪوٽ ختم ڪئي.
اسان نجڪاريءَ واري عمل سان اُهي وڏا قرض موٽائڻ ۽ وياج جي شرح گهٽائڻ لڳاسين، جن سان مُلڪ اڳيئي مُنهن ڏنو پئي. پاڪستان جي تاريخ ۾ اسان جي پهرين حڪومت هئي، جنهن نه رڳو وياج پر اصل مُوڙيءَ به موٽائي. اسان صنعت ۽ توانائيءَ وارن شعبن جي نجڪاري شروع ڪئي، ته جيئن پنهنجو بنيادي معاشي ڍانچو ترقيءَ جو اهل ٿئي ۽ جديد دنيا سان ٽڪراپيٽي ڪري. اسان ڏيهي قرض گهٽائڻ لاءِ نوس فيصلا ڪيا. اسان غير ترقياتي خرچن ۾ ٽن بلين رپين جي ڪٽوتي ڪئي، جيڪا رقم تڏهن اسان جي محصولن جو هڪ پاڱي ٿيون حصو هئي. اُهي ڄٽادار فيصلا ڪيا ويا، جنهن سان پاڪستان خوشحال ٿيڻ لڳو ۽ معاشي اؤسر ٿيڻ لڳي.
جڏهن آئون ايگزم بئنڪ جي صدر سان مليس، ته هُن مونکي ٻُڌايو ته هُو پاڪستان ۾ اسان طرفان متعارف ڪرايل ڄٽادار وڏن معاشي سُڌارن سبب منهنجي قيادت هيٺ ٿيندڙ سيڙپڪاريءَ کان خوش ٿيو آهي. برٽش ايڪسچيڪر جي چانسلر مونکي ٻُڌايو ته ڪيئن اسان محصول کي ٻيڻو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئاسين.
اسان چوڻ کان وڌيڪ ڪم ڪيو هو. منهنجي ٻيءَ حڪومت ۾ ترقيءَ جي شرح ٽيڻي ٿي ويئي هئي. زرعي ترقي ٻُڙي منجهان ست سيڪڙو ٿي ويئي هئي. سيرپڪاريءَ سان ترقي ٿي، جنهن وري موٽ ۾ روزگار پيدا ڪيو، جنهن جي پاڪستان ۾ نؤجوانن لاءِ گهڻي گهُرج هئي. اسان ڪمپيوٽر هنري سکيا کي وڌايو، ۽ سافٽ ويئر پارڪ ناهڻ لڳاسين. علائقي ۾ اسان جي پهرين حڪومت هئي، جنهن اسلام آباد ۾ نئون ڪمپيوٽر شهر ناهڻ لاءِ هڪ ڪمپنيءَ کي دعوت ڏني. (بدقسمتيءَ سان منهنجي حڪومت ڊهڻ سان، سافٽ ويئر پارڪَ واري منصوبي ۾ دير ٿي ۽ هندستان اُهو منصوبو بنگلور ۾ شروع ڪيو.) عالمي سٽي منصوبو 1997ع ۾ به رد ٿيو. پر گڏيل عرب امارتن ۾ 2000ع ۾ دبئيءَ ۾ گهر اڏڻ جي ابتدا کان پوءِ اسلام آباد حڪومت 2006ع ۾ گهر نهرائڻ جو اُهو منصوبو شروع ڪيو، جيڪو اسان يارهن ورهيه اڳ رٿيو هو.

اسان ھڪ لک عورتن جي سگھاريءَ فوج کي سکيا ڏيڻ لڳاسين، تہ جيئن آباديءَ جي پلائيءَ واري رٿابندي ۽ سندن ٻارن جي سُٺي پالنا لاءِ عورتن کي تعليم ڏني وڃي، نتيجي ۾ آباديءَ جي واڌ ۾ لاٽ ٿي، ۽ ننڍپڻ ۾ ٻارن جي موت ۾ گھٽتائي آئي.
منھنجن تجربن ۾ ھڪڙو عجيب تجربو تڏھن ٿيو، جڏھن اسان آيوڊائيزڊ لوڻ جو فيصلو ڪيو. اھو عمل ذھني حفاظتي جي بگاڙ، ڪَنڻ ۽ نڙيءَ جي غدود جي سوڄ وارن مامرن جي روڪٿام لاءِ ڪيو ويو ھو. پر مذھبي جماعتون (جن کي پاڪستان ۾ فوجَ جي ’بي ٽيم سمجھيو وڃي ٿو) ڪھاڻيون ڦھلائڻ لڳيون تہ آيوڊائيزڊ لوڻ واپرائيندڙ ڪوبہ ماڻھو سُنڍ ٿيندو. مونکي اِن ڳالھہ تي ڏاڍو ڏُک ٿيو، تہ اسان قوم طور پنھنجن ٻارن جي غذائي سگھہ کي متاثر ڪندڙ مامرن سميت ڪنھن سادي مامري کي بہ سياست جي وَر چاڙھي ڇڏيون ٿا.
منھنجي حڪومت عورتن خلاف متييد جي خاتمي واري ڪنوينشن تي صَحي ڪئي. سڄي مسلمان دنيا جي عورتن کي ھمٿائڻ لاءِ، اسان مسلمان عورتن جي اولمپڪس ۽ عالمي پارلياماني يونين پٽاندر مسلمان عورتن جي پارليامينٽري يونين جي ميزباني ڪئي. منھنجي حڪومت عورتن ۾ پروسو آڻڻ لاءِ خاص پوليس ٿاڻا جوڙيا، تہ جيئن اُتي عورتون سندن خلاف ٿيل ڪنھن بہ ڏوھہ جي رپورٽ داخل ڪن. گڏوگڏ ملڪ جي عدالتن ۾ پھريون ڀيرو عورت ججن کي مقرر ڪيو. اسان ٻارن جي تحويل ۽ خانداني مامرن سان لاڳاپيل مامرن جي ٻُڌڻيءَ لاءِ عورت ججن جي ماتحت ھلندڙ فيملي عدالتون جوڙيون.
اسان وڏي پئماني تي اسڪول نھرائڻ ۽ ڪين جديد بنائڻ واري پروگرام تي زور ڏيندي، ٽيھہ ھزار نوان سرڪاري اسڪول نھرايا، جنھن سان ٻنھي حڪومتن جي دؤرن ۾ اھو تعداد 48 ھزار پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن تائين وڃي پھتو. اُن ڳالھہ کي سمجھندي تہ پڙھيل ٻارن جي ضمانت جو بھترين طريقو اھو آھي تہ اُن جي ماءُ بہ پڙھيل ھجي، تنھنڪري اسان عورتن لاءِ خاص سھولت ڏيندڙ تعليمي پروگرام شروع ڪيا.
جڏھن منھنجي ڊاڪٽر مونکي پنھنجي ڌيءُ آصفا کي پوليو جا ڦُڙا پيارڻ جي صلاح ڏني، تہ مون ڪائنس پاڪستان ۾ پوليو جي شرح بابت پُڇيو. پتو پوڻ تي آئون ڊڄي ويس تہ پوليو سان جمندڙ پنجن ٻارن مان ھڪڙو ٻار پاڪستان جو آھي، تنھنڪري منھنجي حڪومت پاڪستان جي سمورن ٻارن کي رضاڪار بنيادن تي پوليو جا ڦُڙا پيارڻ وارو وسيع پروگرام شروع ڪيو. مون ذاتي طور اُن مھم جي اڳواڻي ڪئي.
اُن جو نتيجو پاڪستان مان پوليو جو خاتمو ھو ۽ وڏي پيماني تي ننڍپڻ ۾ ٻارن جي موت واري عمل ۾ گھٽتائي آئي. عالمي صحت تنظيم، حڪومت جي صحت واري شعبي ۾ ڪيل خدمتن جي مڃتا ۾ مونکي سونو ٻلو ڏنو. اسان پاڪستان ۾ واپار ۽ بلڪل ڀھراڙيءَ وارن اسڪولن ۾ بہ ڪمپيوٽر ڏيئي، تيزيءَ سان پاڪستان کي

ٽيڪنالاجي ڪميونيڪيشن دؤر ۾ چالُ ڏياريو. عالمي پورهيت تنظيم جي رپورٽ مطابق، پاڪستان جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏيڪ روزگار جا موقعا منهنجين حڪومتن جي دؤر ۾ پيدا ٿيا.

اسان جي ڪوشش جو مرڪزي نُقطو پاڪستان کي اُسريل عالمي معيشيت جي بلڪل مرڪز ۾ مستحڪم ڪرڻ جي خواهش هئي ۽ آئون ان ڏس ۾ پنهنجين ڪوشش جي ڪاميابيءَ تي سدائين فخر ڪنديس، جو اسان منهنجي ٻيءَ حڪومت ۾ دنيا جي ڏهين وڏي ۾ وڏي اُسرندڙ مالياتي مارڪيٽ بڻجي ويا هئاسين. منهنجي پهرئين حڪومتي دؤر ۾، آئون وچ ايشيائي جمهوري ملڪن لاءِ بئنڪاري سهولتون ۽ ايئر لائين اُڏامن جي ابتدا ڪري چُڪي هئس. هاڻي اسان انهن سان پنهنجن معاشي لاڳاپن تي وڏيڪ زور ڏنو. اُهي اُن لاءِ فڪر مند هئا ته اسان سندن لاءِ متبادل واپاري رستا کوليون.

اهو ڏيهي محاذ تي سرگرمين جو واڇوڙو هو، ۽ گڏوگڏ عالمي برادريءَ ۾ پنهنجي ساک جي ڀيهر بحاليءَ جو پروگرام به هو. آمريڪا طرفان نيوڪليئر پروگرام سبب فوجي امداد جي بندش ۽ 1992ع ۾ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ طرفان پاڪستان کي دهشتگرديءَ جي رياستي حمايت ڪندڙ طور فهرست ۾ داخل ٿيڻ سبب، پاڪستان گهڻو پوئتي چڪو هو. اُنهن تُهمتن سان پاڪستان جي ساک سڄيءَ دنيا ۾ داغدار ٿي هئي.

واشنگٽن ڏانهن 1995ع ۾ ڪيل سفر ۾، اسان صدر بل ڪلنٽن سان مثبت نجي گڏجاڻين جو سلسلو شروع ڪيو. صدر ڪلنٽن نؤجوان، ناهوڪو ۽ پنهنجيءَ يادداشت ۾ اڇرج ۾ وجهندڙ ذهين هو. هُن اُن اهميت کي سمجهيو پئي، جيڪا مون ڪيس ٻُڌائي پئي. مثال طور پاڪستان ايف 16 ويڙهاڪ جهازن لاءِ اڳيئي رقم ڏيئي چڪو هو، پر جهازن سميت رقم به روڪي وئي هئي. ڪلنٽن پوءِ اسان جي مؤقف کي بلڪل ايئن ساڳين لفظن ۾ مڃيو. هُن مڃيو ته پاڪستان کي جهاز يا وري رقم واپس ملڻ کپي، ۽ هن چيو ته هو ان ڳالهه جي آمريڪي ڪانگريس کي به تجويز ڏيندو، هن چيو، "جهاز يا وري رقم موٽائي ڏني وڃي. اها سادي ڳالهه آهي. اهوئي انصاف آهي."

منهنجي 1993ع ۾ چونڊجڻ جي هڪ سال کان پوءِ، مون ڪراچيءَ ۾ رتوڇاڻ واري اُن فوجي آپريشن کي بند ڪيو، جنهن کي مون کان اڳ واري وزيراعظم شهر ۾ امن جي بحاليءَ لاءِ ناڪاميءَ کان پوءِ شروع ڪيو هو. مون ماڻهن کي اپيل ڪئي ته اُهي دهشتگردن جي گرفتاريءَ ۾ حُڪومت جي مدد ڪن.

ماڻهن مثبت موٽ ڏني. تُرت اسان کي خاص ۽ ڳُجهي اينٽيليجنس جاڻ ملڻ لڳي ۽ اسان ڪنهن گهيري يا جاچنا جي ڪارروائيءَ ڪانسواءِ دهشتگردن کي جهلڻ ۾ اهل ٿيڻ لڳاسين. اُترين علائقن ۾، پاڪستان پيپلز پارٽي ماڻهن کي چونڊيل ڪائونسل جوڙيندي ووٽ ڏيڻ جو حق ڏنو، ته جيئن اُهي پنهنجن ترقياتي مامرن کي پاڻ سُلجهائين.

اسان قبائلي علائقن ۾ رستا ٺهرائڻ لڳاسين، ۽ قبائلي ڪائونسل جي جوڙجڪ، علائقي ۾ انساني حقن جي بحاليءَ، ترقيءَ ۽ نمائندگيءَ جي تجويزن جو اپياس ڪرڻ لڳاسين. ڪشميري بغاوت هندستاني فوجن تي جُلهون ڪندي ٻه هيناهين سطح تي هلندي رهي، پر هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ اُن ڏس ۾ تڪرار نه وڌيو. مونکي پتو هو ته، اسان کي غربت، بيمارين ۽ جهالت خلاف وڙهڻ لاءِ ڏکڻ ايشيا ۾ امن جي گهُرج هئي. ڪشمير تي اسان جي اختلافي مؤقفن پرڏيهي سيڪريٽري ڊڪشٽ سان قبرص ڪامن ويلٿ ڪانفرنس ۾ ملي چڪي هئس، ۽ اسان هندستان – پاڪستان ڳالهين لاءِ ٻن ڌار ايجنڊائن تي راضي ٿيا هئاسين. انهن ٻن نُقطن ۾ پهريون ڪشمير جو مامرو هو ۽ ٻيو نُقطو هندستان- پاڪستان جي گڏيل مامرا هئا.منهنجي حڪومت سارڪ محصول معاهدي ۾ سُڌارو آندو، جنهن تي مون پنهنجي پهرئين حڪومتي دؤر ۾ ڪم ڪيو هو. منهنجي تجارتي وزارت جو هندستان جي وسعت ۾ ايندڙ واپار تي سخت مؤقف هو.

آل پارٽي حُريت ڪانفرنس جوڙي ويئي، ته جيئن ڪشميري هڪ آواز تي پنهنجو مؤقف سامهون آڻين. مراڪش ۾ اسلامي سربراھ ڪانفرنس دؤران، هڪڙو آل پارٽي حُريت ڪانفرنس رابطا گروپ جوڙيو ويو. مون تڏن فخر پائيو، جڏهن اسلامي سربراھ ڪانفرنس جي اڳواٽڻ 1997ع ۾ رٿيل ٻي اسلامي سربراھ ڪانفرنس جي گڏجاڻي اسلام آباد ۾ ڪوٺائڻ جي تجويز مڃي.

بهرحال، انتهاپسندن پنهنجي ڪارروائين تان هٿُ نه ڪنيو هو. هنن 1994ع ۾ پاڪستان جي شاندار قومي اسيمبليءَ عمارت کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ اسڪولي ٻارن سان پريل هڪڙيءَ بس کي اغوا ڪيو. هنن مصري سفارتخاني تي بم اُڇلايا. 1995ع ۾ رمزي يوسف جي گرفتاريءَ ۽ پُڇاڳاڇا ڪانپوءِ، اسان کي اهڙن جُڙتو مدرسن جي وڏي پئماني تي ڳُجهيءَ ثقافت جو پتو پيو، جن نؤجوانن کي نفرت سان پرپور موادَ پئي پڙهايو ۽ نؤجوان دهشتگردن کي فوجي سِکيا ڏني پئي. اسان اهڙن مدرسن کي سرڪاري تحفظ، ضابطي ۽ قائدي هيٺ آندو، ۽ انهن لاءِ حساب، سائنس ۽ اَدب پڙهائڻ لازمي ڪونيو. حڪومت اُنهن مدرسن تي زور ڏنو ته، اُهي نؤجوان شاگردن کي 'هندو، عيسائي، يهودي ۽ شيعن سميت ٻئي هر ڪنهن مُرتد کي مارڻ' لاءِ مذهب جي سندن تشريح پٽاندر ذهني طور سِکيا ڏيڻ ۽ تيار ڪرڻ وارو عمل بند ڪن. جڏهن پشاور ۾ اسلامي يونيورسٽيءَ منهنجن اهڙن حُڪمن کي ٺُڏيو ته، اُن کي بند ڪيو ويو. اُن عمل سان انتهاپسند ڊِڄي ويا، جيڪي نيٺ مدرسن کي رجسٽرڊ ڪرائڻ لڳا. اسان کي پتو پيو ته، اُنهن مدرسن ۾ ڇويهه مختلف ملڪن جي 'طالبن' کي پڙهايو ٿي ويو.

جڏهن آئون ٻارڙي هئس، تنهن وقت اسلام بابت هر هڪ جي تشريح بابت مسلمانن وچ ۾ سَهپ هوندي هئي. ضياءَ جي فوجي بغاوت ۽ سوويت يونين فوجن خلاف افغان جهاد

ڪان پوءِ هڪ نئي، خطرناڪ ۽ اَسهپ سوچ جي وڌڻ ويجهڻ جو وجهہ مليو. ضياءَ طرفان پُنيرائي ڪيل خاص مڪتب، مسلمانن وچ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪي برداشت نٿو ڪري، ۽ اُهي دينياتي انفراديت وارن خيالن ڪي گهُٽڻ لاءِ طاقت واپرائين ٿا. اُهي اسلام جي اُبتڙ تبليغ ڪن ٿا تہ، عورتون پنهنجو مُڙس نٿيون چونڊي سگهن. اُن مڪتب فڪر جي مؤقف پٽاندر، جيڪڏهن عورتون پنهنجي پسند جو مُڙس چونڊين ٿيون، تہ سندن مائٽن تي اهو فرض آهي، تہ اُهي ڪين قتل ڪن. گڏوگڏ مذهبي انتهاپسندن جي اها سوچ بہ آهي تہ، انهن سيني ماڻهن کي قتل ڪيو وڃي، جيڪي اسلام جي سندن پاران ڪيل تشريح جو انڪار ڪن ٿا. انهيءَ عمل فرقيوار فسادن کي وڌايو آهي.
اسلام جي اُن انتهاپسند تشريح جون پاڙون انهن خاص مدرسن وسيلي وڌيڪ سگهاريون پيون ٿين، جيڪي رُڳو ڪنهن جي ذهني ڏيوالي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نٿا ڪن ۽ اُنهن کي افغانستان ۾ سوويت يونين فوجن جي والار دؤران ٺاهيو ويو هو. اهڙا مدرسا انهن روايتي مدرسن کان مختلف آهن، جيڪي ٻارن کي قرآن پڙهڻ سيکارين ٿا ۽ گڏوگڏ حساب، فلسفو، قانون ۽ علم نجوم بہ سيکارين ٿا. مجاهدن جا انتها پسند ۽ آءِ ايس آءِ طرفان ٺاهيل سخت مؤقف رکندڙ مدرسا نہ رڳو اولهندي وارن سرمايدار ملڪن تي حملا ڪن ٿا، پر اُهي ٻين مسلمانن کي بہ نشانو بنائين ٿا. اُساما بن لادن بہ مُلا عمر جهڙن ٻين مولوين جي اُن مڪتب فڪر سان ناتو رکي ٿو، جيڪي عالمي دهشتگرديءَ ۾ ملوث آهن. دهشتگرديءَ ۾ ملوث اهڙا عنصر، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ مسلمان دنيا ۾ اهڙين ٻين جمهوري قوتن کان ڊڄن ٿا.
پر يروشلم جو مسلمان فاتح صلاح الدين ۽ اَڻ ورهايل هندستان جي مغل شهنشاهن جي اسلام جي تاريخي ۽ سَهپ واري تشريح تي اهي ماڻهو قبضو پيا ڪن، جيڪي اُن کي پنهنجي رعيت ڀانئين ٿا، تہ جيئن مذهب جي نالي ۾ اُن کي پنهنجن مقصدن واري پوشاڪ پارائين.
اهڙا مذهبي انتهاپسند گروهہ شايد لنڊن ۾ ڊورشيسٽر هوٽل ٻاهران يا ڪنهن ٻئي هنڌ گڏ ٿيندا، ۽ منهنجي خلاف نعرا هڻندا. هڪ ڀيري جڏهن انهن انتها پسندن لنڊن ۾ رات جو نعرا هڻندي منهنجي ننڊ ڦِٽائي، تہ مون ڀانئيو تہ انگلينڊ ۾ بہ هنن جو چڱو تعداد موجود آهي. جيئن تہ انتها پسند اولهندي سرمايدار ملڪن تي حملي واري پنهنجي خواهش بلڪل نٿا لڪائين، تنهنڪري آئون پرڏيهہ ۾ سندن پهچ بابت بہ ڳڻتي ۾ ورتجي وئيس، جڏهن ٻئي ڏينهن آئون برطانوي وزيراعظم جان ميجر سان مليس، تہ مون کيس ٻُڌايو تہ شايد هُن کي انهن مسجدن کي چڪاسڻ کپي، جتي امام (جنهن افغانستان مجاهدن جي حمايت ڪئي هئي) تبليغ ڪن ٿا، جو شايد اُهي پاڪستاني لڏي آيلن ۽ برطانوي پاڪستانين جي ٻئي نسل ۾ تشدد ۽ نفرت جي تبليغ ڪندا هُجن. مونکي ياد آهي، تہ اوڏيءَ مهل هُن جون اکيون اچرج مان ڦاٽي ويون هيون. پاڪستان ۾ انتهاپسندن

جوخطرو منهنجي آڏو پڌرو هو، ڇو ته مونکي روزانو دهشتگردن ۽ انتهاپسندن سان مُنهن ڏيڻو پوندو هو. پر اهو اجا اولهندي سرمايدار ملڪن لاءِ اَڄاڻ هو. اهو تُرت تبديلي آڻيندو.

اهو انتهاپسندن لاءِ غيرعقلي نه هو، ته اُهي مونکي سندن خواهشن ۾ رڪاوٽ طور ڏسن. هنن منهنجي مخالف ڪئي، ڇو ته اُنهن پاڪستان تي مڪمل ضابطو چاهيو ٿي، ۽ ڪين اُن جي ڪُهُرج به هئي. تنهنڪري انتهاپسندن پنهنجيون توانائيون سيڙايون ۽ منهنجين پاليسين جي ڪمزوريءَ لاءِ پنهنجا وسيلا ڪتب آندا، ۽ منهنجي ٻنهي حڪومتن مان جند ڇڏائي. آئون واقعي سوچيان ٿي ته، ڪنهن قدر ڪيڏو نه اتفاق آهي. جو سڀ ڪان وڏيون دهشتگرد ڪارروايون تڏهن ٿيون، جڏهن ڪين جمهوري پاڪستاني حڪومتن سان ڪو سرچاءُ نه ڪرڻو پوندو هو، ۽ جڏهن اُهي ڪنهن چڪاس يا نظراندازيءَ ڪانسواءِ سرگرميون ڪندا هئا. انهن واقعن ۾ 1993ع ۽ 2001ع ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي ٽيل حملا، بمبئي بم ڌماڪا، هندستاني پارليامينٽ تي حملو، آفريڪا ۾ آمريڪي سفارتخاني تي حملو ۽ يمن ۾ آمريڪي سفارتخاني تي حملو شامل آهي. منهنجو ويساهه آهي ته، جيڪڏهن منهنجي حڪومت کي 1996ع ۾ ڪمزور ڪري نه ڊاهيو وڃي ها ته پوءِ طالبان، اُساما بن لادن کي افغانستان کي پنهنجو ڳڙهه بنائڻ، سمورن مسلمان ملڪن مان ڪُلي عام ڀرتيءَ ۽ نوجوان ماڻهن کي سکيا ڏيڻ ۽ 1998ع ۾ آمريڪا خلاف جنگ جي اعلان جي هرگز اجازت نه ڏين ها.

منهنجي حڪومت جي ٻئي دؤر ۾ مونکي هڪ ڀيرو وري جنرل هيڊڪوارٽر ۾ سلامتيءَ بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ گهُرايو ويو. ڊائريڪٽر مليٽري آپريشن ميجر جنرل پرويز مُشرف (جيڪو بيشڪ پوءِ چيف آف آرمي اسٽاف ٿيو ۽ اقتدار ڦٻائي صدر بڻيو) مونکي ڄاڻ ڏني.

اهو تڏهن پوائنٽو سَپنو پئي لڳو، جنهن مهل مون پهريون ڀيرو ٻُڌو ته، جيڪڏهن مون حُڪم ڏنا ته پوءِ پاڪستان ڪيئن نه سرينگر تي قبضو ڪندو. مُشرف بريفنگ جي پُڄاڻي انهن لفظن سان ڪئي ته جنگبندي واقع ٿيندي ۽ پاڪستان، هندستان جي والاريل ڪشمير جي راڄڌاني سرينگر جي ضابطي ۾ هوندو. مون هُن کان پُڇيو. "۽ پوءِ ڇا ٿيندو؟" هو منهنجي سوال تي اچرج ۾ پئجي ويو ۽ چيائين. " پوءِ اسان پاڪستان جو جهنڊو سرينگر پارليامينٽ تي لڳائينداسين."

"۽ پوءِ ڇا ٿيندو؟" مون جنرل کان پُڇيو.

"پوءِ توهان گڏيل قومن جي اداري ۾ وينڌؤ، ۽ ڪين ٻڌائيندؤ ته سرينگر هاڻي پاڪستان جي ضابطي ۾ آهي."

”وري پوءِ ڇا ٿيندو؟“ مون وري ڪانئس پُڇيو. مون ڏٺو تہ جنرل مُشرف ان چيڙائيندڙ سوال ۾ ٿوڪ لاءِ تيار نہ هو، ۽ وائڙو پئي ٿيو. هُن چيو، ”۽ ... توهان نئين جاگرافيائي سچائين ڪي سندن سامهون آڻي، هنن کي دنيا جي نقشي ۾ تبديليءَ لاءِ چوندو.“
”۽ ڇا توکي اها سُڌ آهي، تہ گڏيل قومن جي اداري ۾ مونکي ڇا چوندا؟“ مون جنرل مشرف کي سِڌو سندس اکين ۾ ڏٺو، جنهن مهل فوجي سربراهہ خاموشيءَ سان پرسان ويٺو ۽ ڪمري ۾ مانار چانئجي ويئي، ۽ اشارو ڪندي چيائين. ”اُهي اسان جي نِندا ڪندي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد منظور ڪندا، ۽ مطالبو ڪندا تہ اسان يڪ طرفا طور سرينگر مان پنهنجون فوجون واپس ڪيون. ۽ اسان کي پنهنجي ڪوشش ڪجهہ بہ پلئہ نہ پوندو، پر رُڳو بيعزتي، ويڳاڻپ ۽ خواري ئي پلئہ پوندي.“ پوءِ مون تڪڙ ۾ اُها گڏجاڻي ختم ڪئي.
انتهاپسندن طرفان منهنجي حڪومت کي ڊاهڻ جي ڪوشش جو نتيجو سيپٽمبر 1995ع ۾ بريگيڊيئر منتصر طرفان فوجي بغاوت جي ڪوشش ۾ ظاهر ٿيو. اُن گروهہ اسلام آباد ۾ ڳجهي طريقي سان هٿيار پهچايا پئي. هنن فوجي جنرل هيڊڪوارٽر تي هڪ گڏجاڻيءَ دوران قبضي ۽ سمورن جنرلن کي مارڻ جو منصوبو ٺاهيو هو. اُن عمل کان پوءِ هنن جو ارادو هو تہ، هو مونکي چون ها تہ جنرل مون سان ملڻ چاهين ٿا، پوءِ مونکي جنرل هيڊڪوارٽر ۾ وٺي وڃن ها، ۽ مونکي بہ ماري ڇڏين ها.
جڏهن جنرل هيڊڪوارٽر تي قبضي ۾ واپرائڻ لاءِ رٿيل هٿيارن کي سرحد کان اسلام آباد ڏانهن اچڻ مهل رستي ۾ روڪيو ويو، تہ گروهہ دعويٰ ڪئي تہ اُهي ڪشميري مُجاهد آهن. پر مقامي پوليس، جيڪا چونديل سرڪار سان وفادار هئي، تنهن آءِ ايس آءِ سان گڏجي جاچنا جو فيصلو ڪيو. آءِ ايس آءِ سربراهہ هنن جي گرفتاريءَ جو حُڪم ڏنو ۽ هڪڙي تحقيقاتي ٽيم جوڙي ويئي.
جنرل وحيد ڪاڪڙ تنهن وقت آرمي سربراهہ هو. هُن مون سان ملاقات لاءِ چيو. ۽ مون کيس پنهنجي وزيراعظم واري آفيس ۾ ملاقات لاءِ گهُرايو. سازش جي تفصيل پڌرائيءَ کانپوءِ هن ٻڌايو، ”وزيراعظم، توهان ڏاڍيون سياڳيون آهيو.“
آئون لکيل ’قوم ڏانهن تقرير‘ کي ڌيان سان پڙهڻ لڳيس، جنهن کي سازش ۾ شريڪ ميجر جنرل ظهيرالسلام عباسي اڳ ۾ لکي چُڪو هو. هُن جي تقرير سيني مسلمانن کي گڏجڻ جي اپيل ’اسلامي انقلاب‘ جي لفظن سان شروع ٿيل هئي. جيڪو اڳ ۾ ئي اچي چڪو هو. هُن اعلان ڪيو تہ، هاڻي اسلامي دنيا ۾ ڪي بہ سرحدون نہ هونديون، ۽ اهو تہ پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ سرحدون ختم ٿي وينديون، ڇو تہ اسان اسلام پٺاندر هڪ قوم آهيون. مون سمجهيو تہ اهو نئين ٻوليءَ ۾ سنواريل پُراڻي الحاق واري سوچ هئي. بيشڪ ويڙهاڪن جو يقين هو تہ، اُهي افغانستان وسيلي وچ ايشيائي ملڪن ۾ ويندا، ۽ پوءِ اُتان ترڪي ۽ يورپ جي ڪناري چيچنيا تائين ويندا ۽ ايئن

اسلام ڦهلبو. اهو القائدا جهڙيءَ تنظيم جو خلافت واريءَ سوچ جو نقل هو.جنرل وحيد ڪاڪڙ مونکي ٻڌايو. ”وزيراعظم، آئون هنن تي بغاوت لاءِ فوجي عدالتن ۾ مقدما هلائيندس ۽ ڪين ڦاهي ڏيندس.“ (سازشين کي جنرل مشرف جي دؤر ۾ آزاد ڪيو ويو.) آئون فوج ۾ انتهاپسندن جي داخلا بابت ڳڻتيءَ ۾ هئس، ۽ مون جنرل وحيد ڪاڪڙ کي 1995ع ۾ سندس عهدي تان ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ به پنهنجون ذميداريون جاري رکڻ لاءِ چيو. بدقسمتيءَ سان وحيد ڪاڪڙ پنهنجي چيف آف آرمي اسٽاف طور ميعاد وڌائڻ واريءَ منهنجيءَ تجويز کي نه مڃيو.
هڪڙي اڳوڻي آءِ ايس آءِ عملدار ميجر عامر تحريڪ نفاذ شريعت محمدي نالي سان ويڙهاڪ تنظيم ناهي ڇڪو هو، جيڪا سرحد صوبي ۾ سرگرم هئي. اُن تنظيم 1996ع ۾ مالاڪنڊ ۾ هٿياربند بغاوت کي هُشي ڏني هئي. مذهبي ويڙهاڪن پوليس ٿاڻن تي قبضو ڪيو ۽ منهنجي پارٽيءَ سان لاڳاپيل پارليامينٽر کي قتل ڪيو. منهنجي سرڪار هنن جي حرڪتن آڏو جهُڪڻ کان انڪار ڪيو. اسان ويڙهاڪن جي گرفتاريءَ ۽ مالاڪنڊ ۾ امن ۽ قانون جي بحاليءَ ۾ سوڀارا ٿيا هئاسين. پريس رپورٽن پٽاندر، انهن باغين جو هڪڙو مُک اڳواڻ مولانا لياقت 30 آڪٽوبر 2006ع ۾ باجوڙ واقعي ۾ مارجي ويو. جڏهن ته سندس ٻيو هٿياربند ساٿي ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿيو. جڏهن مونکي دهشتگردي دٻائڻ لاءِ طاقت واپرائڻي پئي، ته مون اهوئي ڪيو، جيڪو ڪرڻ گهُربو هو، ڇو ته مونکي ماڻهن جي حمايت هئي. ڏيهي توڙي پرڏيهي دهشتگرديءَ جي ڪارروائين ۾ گهٽتائي آئي هئي.
جنوري 1996ع ۾ آئون اڪوڙا ڊيم جي افتتاح لاءِ بلوچستان ويس. اهو منهنجو بلوچستان جي عوام سان ڪين پيئڻ جو صاف پاڻيءَ ڏيڻ جي واعدي جو پوراءُ هو. هڪڙي مُک صحافيءَ مونکي ٻڌايو ته هُن کي فوجي مرڪز ۾ گهُرايو ويو هو، جتي کيس ٻُڌايو ويو ته، ”فوج بينظير مان جند ڇڏائي پئي.“ ۽ هڪڙو فائيل مونکي ڏنائون، جنهن ۾ رکيل بدعنوانين جي ڪهاڻي تي لکڻ لاءِ چيائون.
مارچ ۾ نوڪريءَ تي موجود هڪڙي فوجي ميجر مونکي ڄاڻايو ته، منهنجي حڪومت ڊاهڻ لاءِ اينٽيليجنس طرفان ڪمزور ڪنڊڙ مڪمل پروگرام جُڙي ڇڪو آهي. هڪ مهيني کان پوءِ هڪ ٻئي فوجي عملدار مونکي ٻُڌايو ته، عملدار ڪنهن نبيري لاءِ سُپريم ڪورٽ سان رجوع پيا ڪن. آئيني گهوٽالو پيدا ڪرڻ جي موٽ ۾، صدر منهنجي حڪومت ڊاهڻ جو حوالو ڏيئي سگهي ٿو، ۽ چيف جسٽس سان ڪيس عبوري وزيراعظم بنائڻ جو واعدو ڪيو ويو هو.
منهنجي ٽيم ۽ مون ڪجهه فوجي عملدارن جي بدلين وارو معاملو آرمي چيف جنرل ڪرامت سامهون آندو، پر هُو ايئن ڪرڻ کان لاچار هو.پر اُن بجاءِ هُن منهنجي طرفان

اُن ڊائريڪٽر جنرل مليٽري آپريشنَ جنرل محمود جي شڪايت تي استعيفيٰ آڇي، جنهن لاءِ مونکي پڪ هئي ته اُن سرگرميءَ سان منهنجي خلاف مُهم پئي هلائي.
فوج ۾ اينٽيليجنس ايجنسين ۾ تبديليون 1995ع جي پڇاڙيءَ ۾ ٿي چڪيون هيون، جنهن مهل جنرل وحيد ڪاڪڙ رٽائر ٿيو هو ۽ جنرل جاويد اشرف کي آءِ ايس آءِ مان بدلي ڪيو ويو. سو عمل منهنجي ٻيءَ حڪومت لاءِ موت جو پڇاڙڪو ڌڪُ هو.
جنرل وحيد ڪاڪڙ جي رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ، ويڙهاڪ فوجين صدر کي پنهنجي پاسي ڪري ورتو ۽ منهنجي حڪومت ڊاهڻ لاءِ سازش جوڙي. آگسٽ 1996ع ۾ صدر جي هڪڙي ويجهي ماڻهوءَ مونکي ٻُڌايو ته، فوجي اينٽيليجنس ڪيس صدر ڏانهن نياپو پهچائڻ لاءِ چيو آهي. منهنجي حڪومت کي اُن ڌمڪيءَ تحت ڊاهڻ جو نياپو اهو هو ته، ”جيڪڏهن هو ائين ٿو ڪري ته پوءِ فوج، صدر ۽ وزيراعظم ٻنهي مان ڇوٽڪارو ماڻيندي.“
جيڪڏهن فوجَ سان نبيرڻ ۾ ڪين مُنهن ڏيڻ وارو آئيني اختيار صدر وٽ هئڻ بجاءِ مون وٽ هُجي ها، ته آئون قانوني حڪومت خلاف ٿيندڙ سازشن ۾ ملوث عملدارن خلاف انتظامي ڪارروائيءَ جو حُڪم ڏيان ها. پر صدر اينٽيليجنس جنرلن جي چڪر ۾ اچي ويو.
صدر اُن پروسي ۾ پاڻُ کي ڀنيلائي چُڪو هو ته فوج جي پُنيرائي سان هو ڪيئي ڏهاڪن تائين صدر جي عهدي تي رهندو. اهو به امڪان آهي ته صدر اينٽيليجنسن ادارن کان ڊڄي ويو هُجي. آءِ ايس آءِ جي اڳوڻي جنرل حميد گُل آگسٽ 1996ع ۾ آرمي سربراهه سان به ملاقات ڪئي. هُن جنرل جهانگير ڪرامت کي چيو، ”صدر وزيراعظم کي لاهڻ لاءِ تيار آهي. پر هُن کي شڪ آهي ته آرمي سربراهه وزيراعظم کي به گهڻو ويجهو آهي. جيڪڏهن اها ڳالهه نه آهي ته پوءِ، فوجي سربراهه کي وزيراعظم لاهڻ وارو مامرو صدر اڳيان رکڻ کپي.“
جنرل محمود کان صدر جي مائٽ ڏانهن ۽ جنرل حميد گُل جو آرمي سربراهه ڏانهن موڪليل ٻنهي نياپن کان پوءِ، مون اهو نتيجو ڪڍيو ته، دوکي واري راند ڪيڏي پيئي وڃي. مون ڳڻ ڳُوت ڪئي ته، صدر کي حڪومت نه ڊاهڻ جي نيجي ۾ فوج طرفان هٽائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پئي ويون. جڏهن ته موٽ ۾ فوج جي سربراهه کي به ڌمڪيون ڏنيون پئي ويون، ته هو پاڻ به جيئن ته وزيراعظم کي گهڻو ويجهو آهي، تنهنڪري صدر ڪيس به سندس عهدي تان هٽائي سگهي ٿو. آئيني طور صدر وٽ آرمي سربراهه جي تنهن وقت مقرريءَ ۽ هٽائڻ جو اختيار هو.
مليٽري اينٽيلجنس جو اڳواڻ جنرل محمود، جنرل مشرف جي فوجي بغاوت پويان مُک ڪردار هو، ۽ اهو پوءِ آءِ ايس آءِ جو سربراهه بڻيو هو. هُن کي 11 نومبر تي آمريڪا ۾

ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي ٿيل حملن ڪانپوءِ عالمي دٻاءُ تحت سندس فوجي عهدي تان رٽائر ڪيو ويو هو.
هن مُنجهيل سياسي غير يقينيءَ واريءَ حالت جي وچ ۾، هڪ ڀيرو ٻيهر الميو منهنجي خاندان تي اچي ٽُٽو. منهنجي پيءُ کي آمر ضياءالحق قتل ڪرايو هو. منهنجي ڀاءُ شاهه نواز کي فرانس ۾ زهر ڏيئي ماريو ويو، ۽ پوءِ 20 سيپٽمبر 1996ع تي منهنجو خاندان قتل جي هڪٻئي واقعي سان وڌيڪ لُڙهي ويو. منهنجو ڀاءُ مرتضيٰ ڀٽو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گهر آڏو پوليس مقابلي ۾ قتل ٿيو. آئون خاص طور وائڙي ۽ منجهيل هئس، ڇو ته اسان سياسي وڇوٽيءَ جي ڪجهه ورهين کان پوءِ تازو پاڻ ۾ سرچاءُ ڪيو هو، جنهنڪري هاڻي خاندان وري هڪٻئي جي ويجهو ٿيندو پئي ويو.
هاڻي پُٽي خاندان جا سڀيئي ڀاتي فوت ٿي چُڪا هئا. منهنجي بابا جي خاندان مان هاڻي جيڪو وڃي بچيو هو، سو امڙ نُصرت، منهنجي ڀيڻ صنم ۽ آئون هئس. اسان گهري صدمي ۾ هليا وياسين. امان مرتضيٰ جي شهادت واري واقعي کان پوءِ ڄڻ ذهني توازن وڃائي چُڪي هئي، ۽ ڪيس ويسر جي بيماري ٿي پيئي جو هوءَ ڪنهن کي سُڃاڻي به نه ٿي سگهي.
مون شڪ ڪيو ته مرتضيٰ ڀٽو جو قتل منهنجي حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ ۽ ڊاهڻ جي سازش جو حصو هو.
مرتضيٰ ڀٽي جي شهادت جي ڪجهه هفتن ڪانپوءِ، آئون گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ کي خطاب ڪرڻ لاءِ نيويارڪ ويس. مون امان کي پاڻ سان گڏ آندو هو، ڇو ته آئون هُن کي سندس اهڙيءَ حالت ۾ پوئيان ڇڏي نه پيئي سگهيس. اسان گهري صدمي ۾ ورتل خاندان هئاسين، ۽ اهو سفر ڏاڍو ڏُکيو ۽ ڏُکارو هو. منهنجي حڪومت کي ڪجهه ڏينهن ۾ ڊاهڻ جو ڦهليل افواهن، ڀاءُ جي قتل ۽ امان جي تيزيءَ سان بگڙجندڙ حالت سبب مون سڄو بار پنهنجن ڪُلهن تي ڀانئيو. پوءِ به آئون جنرل اسيمبليءَ اڳيان پهتيس ۽ پاڪستان جي عالمي مؤقف واري سخت تقرير ڪئي. جنهن ۾ پاڪستان ۽ ڪشمير ۾ جمهوريت ۽ انساني حقن جي بحاليءَ لاءِ اپيل ڪيل هئي. پر منهنجي دل تقريرن ۾ نه هئي. منهنجي دل ٽُٽي چُڪي هئي.
اسان جي نيويارڪ مان موٽڻ کان هڪدم پوءِ، مون ڏٺو ته اسان جا ٽيليفون جنرل گُل طرفان ذاتي طور مانيٽر ڪيا پيا وڃن. آئون صدارتي ساٿارين ۽ مخالف ڌُرين جي نمائندن وچ ۾ اسلام آباد ۾ واضح طور ٿيل گڏجاڻيءَ جي رپورٽ وٺڻ لاءِ ٻچاءُ واري سيڪريٽري کي فون ڪري چُڪي هئس، جيئن مون فون بند ڪيو ته، ٻچاءَ واري سيڪريٽريءَ کي جنرل گُل فون ڪيو، ۽ ڪيس ٻُڌايائين، ”ته پوءِ هاڻي وزيراعظم گڏجاڻيءَ ۾ ٿيل ڪارروائيءَ بابت ڄاڻڻ گهُري ٿي، ها، ها، ها.“

ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ، 4 نومبر 1996ع واري رات آمريڪي صدارتي چونڊن جي سياسي ڌَڪُ تحت، پاڪستاني صدر منهنجي حڪومت کي ڊاهي ڇڏيو، هڪ ڀيرو ڀيهر روايتي سازشي ائين ترميم تحت 'بدعنواني ۽ بدانتظامي' جا حوالا ڏنا ويا هئا. تڪليف ۽ گهاوَ سان گڏ بيعزتيءَ شامل ڪرڻ لاءِ هُن پوءِ منهنجي ياءُ جي قتل ۾ ملوث هئڻ واري زهريلي ۽ سازشي ڪُوڙ پٽاندر منهنجي مُڙس کي گرفتار ڪيو. (سُپريم ڪورٽ جي جج جي اڳواڻيءَ ۾ 1997ع ۾ جوڙيل عدالتي ٽربيونل منهنجي مُڙس کي اُن الزام کان آجو ڪيو هو.)

فوجي ويڙهاڪن پوءِ قومي احتساب بيورو نالي هڪڙي محاذ آرائيءَ واري تنظيم جوڙي ضياءَ جي دؤر کان وٺي پاڪستان پيپلز پارٽي سان وڙهندڙ رٽائر جنرلن کي منهنجي خاندان ۽ جماعت خلاف جُڙتو ۽ گهَڙيل مُقدمن جو ڪم ڏنو ويو. دهشت جون واڳون ڇُوٽ ڇڏيون ويون. منهنجي حڪومت جي عملدارن جي گرفتاريءَ، سندن گهرن جي ڀيج ڊاهه ۽ سندن خاندانن کي ذهني صدمو پهچائڻ لاءِ ڇاپا مار ڪارروايون شروع ڪيون ويون.

اڪثر پاڪستانين کي بيشڪ پتو هو تہ، اُهي الزام رُڳو سياسي حربي طور لڳايا ويا هئا، پر منهنجي مُڙس کي بدعنوانيءَ، اغوا ۽ قتل جي ڪوريئڙي واري ڄار جهڙن الزامن سبب انن ورهين تائين ڪنهن ثابتيءَ، شاهدي يا سندس خلاف آيل ڪنهن فصلي ڪانسواءِ جيل ۾ رکيو ويو.

مون پنهنجيءَ دِل ۾ ڄاتو ٿي، تہ هُن جو اڪيلو ڏوهه اهو هو تہ، هو منهنجو مُڙس هو.

اها يادگيري ڏاڍي ڇيڙائيندڙ آهي تہ، منهنجي حڪومت کي ڊاهڻ واريءَ ڪاروائيءَ کان پوءِ، صدر پاڪستاني فوج کي 'قومي بچاءُ ۽ سلامتي ڪائونسل' جي نالي ۾ اختيارن جي ورڇ وارن لاڳاپن کي قانوني روپ ڏيڻ وسيلي پنهنجو حصو ڏنو هو. اُن ڪائونسل ۾ صدر،وزيراعظم، ڪابينا جا وزير، جوائنٽ چيفس چيئرمين، ٽنهي هٿياربندن فوجن جا اڳواڻ شامل هئا.هن نئين ڪائونسل پاڪستاني فوج کي باضابطا پاليسيءَ جو ڪردار ڏنو، جنهن لاءِ ڪين ڪافي عرصي کان سِڪ ۽ اُڪير هئي، ۽ جنهن عمل جي مون سدائين مزاحمت ڪئي هئي.

نواز شريف گروهه ڪانسواءِ پاڪستان جي سمورين سياسي جماعتن پاڪستان جي حڪومتي ادارن تي سرگرم فوجي بغاوت جي سخت مخالفت تي ڳالهايو. نواز شريف نئين انتظامن جو 'سڪيلٽو پُٽ' بڻجي ويو هو، سو اڪيلو اهڙيءَ جماعت جو اڳواڻ هو، جنهن فوج جي ماتحت ڪائونسل کي مڃيو هو. اهو 1997ع جي چونڊن جي اُهڃاڻ ۽ اڳ ۾ لکيل نتيجو هو.

۽ اهو بلڪل پڌرو هو، تہ منهنجي ياءُ مرتضيٰ جي شهادت واري واقعي، جنهن منهنجي حڪومت کي سازش تحت ڊاهڻ جو اشارو ڏنو هو، جي ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ طالبان

ويڙهاڪن ڪابل ڏانهن اڳرائي ڪئي، ۽ افغان حڪومت جو مڪمل ضابطو پنهنجي تحويل ۾ ورتو ۽ افغانستاني عوام تي پنهنجي آمراڻي ظالم حڪومت مڙهيائون. آءِ ايس آءِ ويڙهاڪ فوجي عملدارن هڪ ڀيرو ٻيهر 'حڪمت عمليءَ جي وسعت' واري نظريي تي اصرار ڪندي، طالبان وارن منصوبن ۾ مونکي رنڊڪ سمجهي، منهنجي حڪومت ڊاهڻ کان پوءِ افغانستان ۾ پنهنجي بنياد پرست اتحادين تان سموريون پابنديون هٽائي ڇڏيون. انهن پابندين جو ڪيئي ورهين تائين تمام گهڻو انومان، اشارو مقصد ٿئي ها، جيڪو هلندو رهيو.

1996ع جي چونڊن ۾، 1990ع وارين چونڊن کان به وڌيڪ بدعنواني ۽ اڳواٽ ڌانڌلي رٿيل هئي. جڏهن سڀ ڪجهه چيو ۽ ڪيو ويو ته، پوءِ منهنجي جماعت کي قومي اسيمبليءَ ۾ 207 سيٽن مان رُڳو 18 سيٽون ۽ نواز شريف کي 137 سيٽون ڏنيون ويون. مون وري مخالف ڌر جي بينچن تان ويڙهه لاءِ سَندرو ٻَڌو.

بهر حال، جڏهن صدر طرفان پارليامينٽ کي ڊاهڻ واري بدنام اٺين ترميم واري اختيار جي خاتمي تي نواز شريف راضي ٿيو، جنهن گهڻي عرصي کان پاڪساني جمهوريت کي نقصان پهچايو هو، ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جماعت جي مفادن کان مٿانهون سوچي قانون بنائڻ تي حمايت ڪئي. نواز شريف پنهنجي ذاتي بچاءُ لاءِ ائين ڪيو هو، پر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ اٺين ترميم جي خاتمي لاءِ سُٺيءَ حڪومت طور حمايت ڪئي.

پر نواز شريف جا اڪثر مقصد سماجي ۽ سياسي ردعمل ۾ هئا. پاڪستان پوئتي پئي ويو. نواز شريف پنهنجي 'اسلاميات' بِل کي آئيني ڍَڪُ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ طالبان واري سماج کي واڪاڻ لڳو، جنهن سماج کي پوءِ پاڪستان ۾ آڻڻو هو. مخالف جماعتن هُن تي مُلا عمر جيان 'اميرالمؤمنين' بنجڻ جي ڪوشش جو الزام هنيو.

4 نومبر 1996ع تي منهنجي حڪومت ڊهڻ سان، طالبان هاڻي گهڻ پاسائين حڪومت لاءِ اُن افغان معاهدي تي صَحين کان انڪار ڪيو، جنهن تي اسان گڏيل قومن جي خاص نمائندن سان گڏجي ڪم ڪيو هو. اُن معاهدي تي 7 نومبر تي صَحيون ٿيڻيون هيون، پر حڪومت ڊهڻ سبب اُهو ائين نه ٿي سگهيو. نواز شريف جي حڪومت ۾ طالبان پنهنجو رنگ ۽ ڪردار مڙايو. هنن ايراني سفارتڪار کي قتل ڪيو. ۽ 1998ع ۾ اُساما بن لادن کي پنهنجي ڌرتيءَ تان اولهندي سرمايدار ملڪن خلاف جنگ جوٽڻ جو اعلان جي اجازت ڏني. طالبان پنهنجي پاڻ کي قومي افغان سرڪار کان گهڻ قومي حڪومت ۾ بدلائي چُڪا هئا. جنهن تحت افغاني علائقي کي ٻين ملڪن خلاف تشدد جي ڪارروائين لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي.

مون مخالف ڌُر جي اڳواڻ طور پاڪستاني پارليامينٽ مان تقرير ڪندي اسلام آباد تي زور ڏنو ته، اُهي طالبان کي ڌمڪي ڏين، ته جيڪڏهن اُهي عالمي لاڳاپن وارن اصولن

جي پاسداري ڪندا ته ساڻن لاڳاپا ٽوڙيا ويندا.مون چيو ته ’حڪمت عمليءَ جي وسعت‘ واري پاليسي پاڪستان لاءِ ’حڪمت عمليءَ وارو خطرو‘ بڻجي سگهي ٿي.
منهنجي جماعت سينيٽ ۾ پنهنجي پارليامينٽري طاقت ڪَٽب آڻي، نواز شريف ڪي مذهب جو نالو واپرائي (هينئر به اسان مذهب ڪي ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪيون ٿا.) قانونن وسيلي پاڪستان ڪي مذهبي حڪومت ۾ بدلائڻ وارو عمل ۾ رُڪاوٽ وڌي هڪ ڀيرو ٻيهر آئون پاڪستاني جمهوريت جي نياپي ڪي زنده رکڻ لاءِ وڏي پيماني تي پرڏيهه جا سفر ڪرڻ لڳيس.
اها خوشقسمتيءَ هئي، جو اپريل 1999ع ۾ مون پرڏيهه ۾ ليڪچر پئي ڏنو. منهنجي گرفتاريءَ جو حُڪم ڏنا ويا. منهنجا ٻار ۽ آئون عرب امارتن ۾ دُبئي ڏي منتقل ٿياسين، جتي اڄوڪي ڏينهن تائين آئون هينئر به جلاوطنيءَ ۾ رهان ٿي.

اهو چيو وڃي ٿو ته، ’سِچ هينان ڪابه شيءِ نئين نه آهي.‘ جڏهن اها ڳالهه پاڪستان ۾ سياست تي لاڳو ڪجي ٿي، ته اها واقعي صحيح ڏُن ڀانئجي ٿي. جارج آرويل جي ناول ’اوڏيهه سؤ چوراسي‘ جيان دوست، اتحادي ۽ دُشمن مٽجندا سَٽجندا رهن ٿا ۽ اُڇلون توڙي ٻولاٽيون ڪائيندا رهن ٿا. نواز شريف جو پاڪستاني فوج ۽ آءِ ايس آءِ سان ’مطلبي ساٿ‘ گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪيو. اُهي ظاهري طور ڪارگل علائقي ۾ ٿيل جهيڙي تي پاڻُ ۾ وڙهي پيا ۽ هڪٻئي تي غلط حڪمت عملين ۽ مُهم جوئيءَ جا الزام هڻڻ لڳا.
سچائي اها آهي ته پاڪستان ۽ هندستان ڪارگل تڪرار مهل نيوڪليائي ويڙهه تي ڳِنيرتا سان ويجهو پهتا هئا. جنهن جو نتيجو نيٺ نواز شريف خلاف فوجي بغاوت نڪتو. ڪارگل هماليا ۾ جنگي حڪمت عمليءَ واري اوچي فوجي چوڪي آهي، جنهن تان ڪشمير ماٿريءَ واري حصي تي دفاعي نظر رکي سگهجي ٿي، ۽ اُتي سياري ۾ ڪوبه ماڻهو نه رهندو هو. پاڪستان ۽ هندستان جا فوجي جَٿا هر ڀيري اونهاري ۾ پنهنجي جاءِ والاريندا هئا.هن ڀيري ڪشميري مجاهدن، هندستان جي تحويل واري چوڪيءَ تي اَڻ والار واري وقت قبضو ڪيو. اُن عمل ڪارگل تڪرار ڪي وڌايو.
جڏهن مڪمل جنگ ڇڙڻ جو خطرو ٿيو ته، نواز شريف هڪدم جنگ بند ڪرائڻ ۾ آمريڪي مدد وٺڻ لاءِ واشنگٽن ڏانهن ڀڳو.هُن ڪي صدر ڪلنٽن ڪان جيڪو ماڻُ مليو، سو عوام آڏو ڪيڙا لاهڻ جي خُواري ۽ ڪارگل مان پاڪستاني فوجن ڪي هڪدم هٽائڻ جو مطالبو هو. نواز سرڪار تڪڙ ۾ ڪنهن حڪمت عمليءَ جوڙڻ ڪانسواءِ فوجون هٽائي ڇڏيون. نتيجي ۾ جڏهن هندستاني فوجين چوٽين جو قبضو ٻيهر ورتو ته، سوين پاڪستاني سپاهي مارجي ويا. آرميءَ سان لاڳاپيل هڪڙي دوست مونکي ٻُڌايو ته، مارجي ويل فوجين جا لاش برفاني جميل پيٽين ۾ رکيا ويا. تڪرار دؤران وڏي پئماني

تي فوجين جي مارجڻ واريءَ خبر لڪائڻ لاءِ لاش وقفي سان سندن مائٽن ڏي موڪليا ويا.
وزيراعظم جي اُن دعويٰ سان الزامن واري راند شروع ٿي، تہ هُن کان مجاهدن جي ڪارروائيءَ سان لاڳاپي ۾ مشورو نہ ورتو ويو هو، ۽ وري جنرلن موٽ ۾ چيو تہ، هُن کي مڪمل ڄاڻ ڏني وئي هئي، ۽ هو اُن ڪارروائيءَ جو حمايتي هو. نوازشريف ڪارگل ڪارروائيءَ شروع ڪرائيندڙ پاڪستاني فوجين جي احتساب لاءِ دٻاءُ ۾ اچي ويو، ۽ هُن دعويٰ ڪئي تہ انهن فوجين، هُن خلاف اهو ڪم ڪيو هو. وزيراعظم ۽ فوجي سربراهہ جنرل مُشرف وچ ۾ لاڳاپا کُلي وڇوٽيءَ واري نُقطي تائين بگڙي ويا. اهو پڌرو هو تہ، اهو عمل هاڻي رتوڇاڻ جي واريءَ سطح تائين پهچي چڪو آهي، ۽ انهن منجهان ڪو هڪڙو ڄڻو باقي رهندو.
نواز شريف 12 آڪٽوبر 1999ع تي جنرل مُشرف کي اوڏيءَ مهل عهدي تائين هٽايو. جنهن مهل هو پرڏيهي دؤري تان اُڏام وسيلي پاڪستان پئي موٽيو. نواز شريف هُن جي جهاز کي ايئرپورٽ تي لهڻ جي اجازت نہ ڏني، ۽ نتيجي ۾ فوج ڪراچيءَ ۾ ايئرپورٽ جو گهيرو ڪيو، ۽ مُشرف کي بچايو، جنهن جي جهاز ۾ ٻارڻ ختم پئي ٿيو، ۽ جهاز ڪِرڻ جو خطرو هو. مُشرف هڪدم فوجي حڪمرانيءَ جو اعلان ڪيو، وزيراعظم کي گرفتار ڪيو ۽ حڪومت ۽ قومي اسيمبليءَ کي ڊاهي ڇڏيائين. هن ڀيري ڪنهن بہ آئيني پنجوڙ جو بهانو نہ هو. اِهو فوجي بغاوتن جو پُراڻو نمونو هو.
مُشرف جمهوريت جي بحاليءَ جو واعدو ڪيو، پر اهو پُورو نہ ٿيو. جنرل ضياءَ جي اسلام خاطر ريفرينڊم پٽاندر صدر ٿيڻ جو بلڪل ساڳيو انداز واپرايو، جنرل مشرف پنهنجي صدارتي عُهدي لاءِ ريفرينڊم ڪرايو.سڀيئ عالمي ۽ ڏيهي مُشاهدو ڪندڙ جيتوڻيڪ اُن ڳالهہ تي سُهمت آهن، تہ بلڪل ڪجهہ سيڪڙو مس ووٽ مليا هئا، پر مُشرف دعويٰ ڪئي تہ پاڪستاني ووٽرن جي ستر سيڪڙو شرح رهي، ۽ اٺانوي سيڪڙو ماڻهن ڪيس ووٽ ڏنو هو. اهو سمورو عمل جمهوريت بجاءِ اقتدار جي ذاتي لوڀُ هئي، پر عالمي برادري اسلامي دهشتگرديءَ جي وڌندڙ خطري تي زور ڏيئي، پنهنجيون اکيون ٻُوٽي ويهي رهي.
جُڙتو ريفرينڊم کان پوءِ ڏانڌلين واريون پارليامينٽري چونڊون ٿيون. مونکي مُشرف جي ٺياڪڙن طرفان چونڊن ۾ نہ بيهڻ جا ڪيئي نياپا مليا، پر آئون پاڪستاني عوام سان پنهنجي سچائيءَ نڀائڻ واري فيصلي تي اَٽل هئس، جيڪي مون سان گڏ بيٺل هئا، جڏهن مون رضا ڪاراڻي طور پاسيرو ٿيڻ کان انڪار ڪيو، تہ پوءِ منهنجي خلاف ڪيئي عدالتي فيصلا ڏنا ويا، جو نيٺ مونکي پارليامينٽ ۾ چونڊجڻ کان روڪيو ويو. (مشرف 2006ع ۾ ڇپيل پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ کُلي عام مڃيو آهي تہ، هُن منهنجي وزيراعظم طور امڪاني چونڊجڻ جي رستا روڪ لاءِ قانوني طريقي سان

جُزوي دٻاءُ وڌو هو) پابنديءَ جي غير قانوني عمل خلاف منهنجي چونڊ پٽيشن، 2002ع جي چونڊن جي ڪيئي ورهين کان پوءِ به پاڪساني عدالتن ۾ رولڙي ۾ پيل آهي.
عوام اُن پابنديءَ باوجود مون سان گڏ بيٺو رهيو، جنهنڪري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ چونڊن ۾ پيل ووٽن مان سڀني کان وڌيڪ ووٽ کنيا. بهرحال، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽن تي چونڊيل ڪيترائي پارليامينٽري ميمبر دٻاءُ ۽ رشوت آڏو جهُڪي ويا. لوٽا ٿيندڙن تان بدعنوانيءَ جا الزام اوچتو رات وچ ۾ واپس ورتا ويا، ڪين نيڪا ڏنا ويا، ڪابينا ۾ مُک وزارتون ڏنيون ويون. منهنجي جماعت جي طاقت گهٽجي ويئي.
آءِ ايس آءِ سربراهه چونڊيل پارليامينٽرين کي اسلام آباد ۾ آءِ ايس آءِ مرڪز ۾ اچڻ جو حُڪم ڏنو. آءِ يس آءِ سربراهه جنهن مهل مُک ڪُرسيءَ تي ويٺو هو، تنهن مهل سندس ٺاڦيل وزيراعظم ظفر الله جمالي سندس پويان رکيل ڪُرسيءَ تي ويٺل هو. پارليامينٽرين کي ظفر الله جماليءَ کي ووٽ ڏيڻ جو حُڪم ڏنو ويو، جيڪو 'چونڊيل' وزيراعظم هو.
ڪنهن سزا جي فيصلي کانسواءِ ڇهن ورهين کان جيل ۾ بانديءَ بڻيل منهنجو مُڙس اُن مطالبي کي رد ڪرڻ تي اَٽل هو، ته آئون چونڊون وڙهڻ تان پاڻمرادو هٿ کڻي وڃان. اها ڳالهه واقعي ڏاڍي شاندار هئي ۽ مونکي گهڻو فخر ٿيو. هُو مشرف جي جيلن ۾ ٻن ورهين کان وڌيڪ رهندي، ۽ هُو اٽڪل مُئل آهي، پر اسان مضبوط هئاسين، جو هُن آڻُ مڃڻ کان انڪار ڪيو هو.
پاڪستان ۾ مذهب جي نالي ۾ سياست ڪندڙ جماعتن ٽن ڏهاڪن کان ملڪ ۾ ٿيندڙ اسان جي قومي چونڊن ۾ ڪڏهن به تيرهن سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽ نه کنيا هئا. پر 2002ع جي چونڊن ۾ نيويارڪ ۽ واشنگٽن تي ٿيل دهشتگرديءَ جي حملن واري هڪ سال کانپوءِ نتيجو اهو نڪتو، جو ڪين بنياد پرست مذهبي جماعتن جي اتحاد طور سرحد ۽ بلوچستان جون صوبائي حڪومتون سونپيون ويون. اُن گروهه کي متحده مجلس عمل جو نالو ڏنو ويو، پر پاڪستان ۾ گهڻا ماڻهو اُن اتحاد کي 'مُلا مليٽري اتحاد' ڪوٺين ٿا. اُها اسلامي شوريٰ، مسلمان عالمن جي شوريٰ، پاڪستاني عالمن جي اسيملي ۽ اسلام لاءِ هلچل تي مشتمل آهي. انهن جماعتن اڳوٽين چونڊن ۾ گهٽ ووٽ کنيا هئا، پر هاڻي اوچتو هنن کي ٻن صوبن ۾ حڪومتون ۽ اچرج جي حد تائين قومي اسيمبليءَ ۾ 63 سيٽون ڏنيون ويون هيون.
آئون چونڊن کان پوءِ ايندڙ جُڙتو 'چونڊ نتيجن' کي ڏسندي، مشرف جي نڳيءَ جي ٺاهه ۾ نزاڪت جي ڪوٽ تي اچرج ۾ هئس. چونڊن ۾ بنياد پرستن مُلن جي اوچتو 'اُڀار' ۽ حمايت واري عمل وسيلي، هُن اولهندي سرمايدار مُلڪن ڏانهن چِٽو نياپو موڪليو پئي. بنيادي طور هُن عالمي برادريءَ کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي، ته هو نيوڪليائي هٿياربند پاڪستان تي بنياد پرستن جي قبضي ۾ اڪيلي رُڪاٽ هو.

پاڪستاني دانشور حُسين حقاني اُن عمل تي تنقيد ڪندي، ڳالهه جي پاڙ تائين پهچي، بلڪل صحيح لکيو هو: ”چونڊيل حڪومتن ۾ اختيارن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ اڳوڻن ڏهاڪن ۾ بنياد پرستن کي ڪَتب آڻڻ کان پوءِ، پاڪستاني جنرلَ هاڻي کين خطرو ڪونين ٿا، جنهن خلاف عالمي برادري خاص طور آمريڪا کي پاڪستاني فوجين جي مدد ڪرڻ کپي، ته جيئن اُهي ملڪ تي ضابطو برقرار رکن.“
بدقسمتيءَ سان اجا به ڪجهه ماڻهو آهن، جيڪي هڪ پيرو پيهر اُن مِڪر ۾ دوکي جا هيراڪ آهن ۽ منجهس چاهه رکن ٿا.

جڏهن 1995ع ۾ منهنجي حڪومت رمزي يوسف کي جهيلو هو، ته هُن وٽ آمريڪي تجارتي جهازن کي اغوا ڪرڻ ۽ کين هٿيار طور عمارتون ڊاهڻ لاءِ واپرائڻ جون رٿائون موجود هيون. القائدا وٽ ساڳئي ڏينهن تي پئسفڪ سمنڊ مٿان ڪيئي تجارتي جهازن کي وڏي پيماني تي دهشتگرد حملن لاءِ اغوا ڪرڻ جو منصوبو هو. عالمي دهشتگرديءَ جي هن نئين نسل واضح طور بسن يا خاص مقصد پٽاندر قتل لاءِ آپگهاتي بمن جي پراڻي اصول وارو ڪردار نه نڀايو هو. اُهي وڏي پئماني تي ماڻهو قتل ڪندڙ هئا، جن جا مقصد وڏي پئماني تي امڪاني سياسي قتل هئا.
آئون 11 سيپٽمبر 2001ع تي ڇرڪي وئي هئس ۽ منهنجو هنياءُ ڏري پيو هو، پر حقيقت ۾ صدمي ۾ نه هئس ته القائدا هن سطح جي ڪجهه واقعن جي ڪوشش ڪندي، پر آئون رُڳو ان ڳالهه تي اچرج ۾ هئس، ته اها واقعي ڪامياب وئي هئي.
اهو مذهب کي سياست ۾ وِچڙائڻ جو هاڻي بدترين مامرو هو. القائدا ۾ سندس اتحادي، آمريڪي جهازن جي اغوا جيان بلڪل اسلام جي تشريح به اغوا ڪرڻ جي ڪوشش جيان پيا ڪن. بلڪل ايئن جيئن هنن لنڊن ۽ ميڊرڊ ۾ ريلن ۾ عام معصوم ماڻهن کي بمن سان ماريو هو. سياست ۾ مذهب جي مداخلت ۽ واهپو 1980ع ۾ ڏڌوڪي فوجي آمرن استعمال ڪيو هو، ۽ هاڻي اُن کي وري القائدا ايڪيهين صديءَ ۾ استعمال ڪري ٿي.
سچائي اها آهي ته عام ماڻهن کي مارڻ واري عمل کي واضح طور قرآن شريف ۾ منع ڪونيو ويو آهي. پر سياسي انتها پسند اُن ڳالهه کان نٽا ڊڄن اها مذهبي سوچ نه، پر اُنهن مُلن واري سوچ آهي، جيڪي پنهنجن ذهنن ۾ جهيڙاڪ سياسي اقتدار جي اُڪير رکن ٿا.
نيويارڪ ۾ باهه ۾ ٻرندڙ ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي ٻن ٽاورن کي ڏسڻ مون لاءِ ڏکارو عمل ته هو پر اهو سمجهندي ته، هزارين ماڻهو پيا به موت جي خطرناڪ طريقن سان مرن پيا، هي ڏک به ان جو حصو سمجهڻ کپي. هارورڊ ۾ ۽ پوءِ آڪسفرڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي، مون آمريڪا ۽ برطانيا کي پنهنجو ٻيو وطن سمجهيو هو. 7 جولاءِ 2005ع ۾

لنڊن ۾ پڊري ٽيل هڪڙيءَ ٻي مصيبت کي ڏسندي، منهنجي دل وري بيهر پڇرڻ لڳي، ۽ سڀ کان وڏيڪ بدترين ڳالهه اها هئي ته اهو سڀ ڪجهه اسلام جي نالي ۾ ٿيو پئي، ۽ اُن جو ناتو اڪثر سِڌو منهنجي وطن پاڪستان سان جوڙيو پئي ويو. تجزيو ڪندڙ پُڇڻ لڳا، ”ڇو اِن عمل جو پاڪستان سان تعلق آهي؟ ڇو هر هڪ دهشتگرد سازش ۽ ڪارروائيءَ سان پاڪستان جو تعلق هجي ٿو؟“
پاڪستان ۽ اولهندي سرمايدار ملڪن خلاف دهشتگرد سازشن ۽ حملن وچ ۾ لاڳاپي جي اڻوٽ طريقي ۾ ڪو اتفاق نه آهي. منهنجي لاءِ اهو طريقيڪار ڏک سان لاڳاپيل آهي، جنهن خراب نتيجي بابت اولهندي جي سرمايدار ملڪن اڪثر اک ٻوٽ ڪئي آهي، جنهن پٺاندر پاڪستاني فوجي حڪومتن کي، سندن آمرن طرفان واضح طور اولهندي وارن سرمايدار ملڪن جي مقصدن جي پُٺڀرائي ڪرڻ تائين، پاڪستاني عوام جي جمهوري خواهشن کي دٻائڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي.
آمرن سان اُن ناچ نچڻ جا بيهر ڦل مليا آهن، پر هن وقت تباهي اڻ ويساهه لائق آهي.
1970ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ 1980ع جي سڄي ڏهاڪي ۾، جيستائين آمر ضياءالحق آءِ ايس آءِ کي افغانستان ۾ سي آءِ اي جو پرجهلو ٿيڻ جي اجازت ڏني هئي، تيستائين ڪيس ’دادلو ٻار‘ بڻايو ويو هو. آءِ ايس آءِ ۽ سي آءِ اي جي اتحاد، مجاهدن وٽ نه رڳو جديد هٿيار ۽ ٽيڪنالوجي پهچائي، پر اُن عمل منهنجي وطن کي پرامن قوم مان هيروئني، اسلام کي بنياد پرست ٻٽائيندڙ ۽ ڪلاشنڪوف واري پُرتشدد سماج ۾ بدلايو، ۽ سماجي شعبي جي وسيلن جا پئسا وري فوجي مقصدن لاءِ ڪَتب آڻڻ سبب پاڪستاني سماج ۾ جَڏائي جا نتيجا نڪتا، جيڪي اجا پڌرا پيا ٿين.
سرڪار جئين تعليم، صحت ۽ تعميرات توڙي سماجي خدمتن وارن شعبن مان پنهنجي ذميداريءَ تان هٿ ڪنيو، ته ماڻهو پنهنجي پُٺڀرائي ۽ مدد لاءِ ٻين هنڌن ڏانهن ڏسڻ لڳا. اُن طريقي جو واضح اشارو پاڪستان جي چئني صوبن ۾ هزارن جي تعداد ۾ سياسي مدرسن جو ڦهلاءُ هو.
اڄ به اسلام جو نالو واپرائيندڙ بنيادپرستن جو ڍانچو ٽن تنظيمن تي جُڙيل آهي: مذهبي جماعتون سندن سياسي پُٺڀرائي ڪن ٿيون. سياسي مدرسا ٻين مذهبن ۽ اسلام جي مختلف مڪتبہ فڪرن خلاف نفرت ۽ اَسهپ جو ماحول پيدا ڪن ٿا. جڏهن ته لشڪر طيبہ ۽ حرڪت الاسلام جهڙا ويڙهاڪ گروهه نوجوان ڀرتي ڪن ٿا ۽ڪين هٿياربند سکيا ڏين ٿا. ڪجهه ماڻهن لاءِ اُهي ڀرتيون ’نيڪ مقصد‘ آهي، پر ٻين لاءِ اُهو عمل روزگار جو ذريعو به آهي. (مثال طور، هڪڙي قبائلي اڳواڻ مونکي ٻُڌايو ته، ”افغانستان جو صدر حامد ڪرزئي پنهنجن سپاهين کي مهيني ۾ ستر ڊالر ڏئي ٿو، جڏهن ته طالبان پنهنجن مُجاهدن کي پگهار طور هڪ سؤ ڊالر ڏين ٿا.“)

سوويت يونين فوجن جي 1989ع ۾ نيڪاليءَ کان پوءِ افغانستان ۾ جمهوريت کان اولهندي سرمايدار ملڪن جي لاتعلقيءَ ۽ سڀ کان وڏيڪ بنياد پرست مجاهدن جي سگهاري ٿيڻ سبب، ڪجهه سياسي ۽ بنياد پرست مذهبي تحريڪون، پاڪستان ۾ پنهنجو سلسلو اڃا به جاري رکيو اچن. هنن اولهندي سرمايدار ملڪن خلاف مُقدس جنگ وڙهڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. ۽ اُهي فوجي آمرن جي دؤر ۾ وڌن ويجهن ۽ وڏيڪ سگهاريون ٿين ٿيون.

اها ڳالهه ڏاڍي ڏُکاري آهي ته، جو آئون اُن عمل کي آمريڪا طرفان آمر جنرل ضياءَ جيان فوجي آمر پرويز مشرف بابت غلط اندازن جو ورجاءُ سمجهان ٿي. ضياءَ جي پاڪستان ۾ جمهوريت خلاف فوجي بغاوت جي ٻن ڏهاڪن کان پوءِ، هڪڙي ٻئي آرمي چيف اسٽاف هڪ چونڊيل سرڪار خلاف وري فوجي بغاوت ڪئي آهي.

۽ اڳوڻي آمريت جي اڳواٽيءَ کان پوءِ، نئين پاڪستاني آمر به اولهندي سرمايدار ملڪن سان، دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ ۾ اتفاقي ۽ ڪٽيل پر حتمي منافقيءَ واريءَ حمايت پيو ڪري، انهيءَ عمل آمريڪا ۽ برطانيا کي اُن آمر جي سياسي پُنيرائيءَ سبب ڏڀارو ۽ ڪوڪلو ڪيو آهي، جنهن مهل طالبان پاڪستان جي قبائلي علائقن ۾ وري ٻيهر منظم پيا ٿين ۽ پاڙيسري افغانستان ۾ نيٽو فوجين کي قتل پيا ڪن.

هوڏانهن، ويڙهاڪ مرڪز اڃا به سلامت آهن. ڪجهه موقعن تي ويڙهاڪ اڳواٽن کي گرفتار به ڪيو ويجي ٿو، ۽ وري پوءِ جيئن عالمي ڌيان انهن تان هٽي ٿو، ته ڪين آزاد ڪيو ويجي ٿو. آئون ڀانئيان ٿي ته، فوجي آمريت لڳاتار مخالف اڳواٽن تي دٻاءُ وجهندي رهي ٿي، سياسي جماعتن ۾ ڀيج ڊاهه ڪري ٿي، پريس تي پابنديون مڙهي ٿي ۽ پاڪستان ۾ هڪ پوري نسل تائين انساني حقن جي لتاڙ ڪري ٿي.

فوجي حڪومتن جو مقصد اُن ڳالهه کي يقين بڻائڻ آهي ته، حڪومتن جوڙڻ ۾ اينٽليجنس ادارن جو ڪوبه متبادل نه آهي، جنهنڪري اُهي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مخالفت ڪن ٿا. فوجي حڪومتن جا حمايتي شايد صدر جان ايف ڪئنيڊيءَ جي 1961ع ۾ هڪڙي افتتاحي تقرير جا اُهي لفظ ورجائي سگهن ٿا:"جيڪو به ماڻهو شينهن جي پنيءَ تي سوار ٿئي ٿو، سو اندر ۾ عام طور سُرهو رهي ٿو."

منهنجي جنرل مُشرف سان پهرين ملاقات تڏهن ٿي، جڏهن تُرڪيءَ جي فوجي وفد طرفان پاڪستان ۾ اچڻ دؤران، هُن تُرڪي ٻوليءَ جي ترجمان طور پنهنجا فرض نڀايا هئا.مون هن کي پنهنجي مليٽري سيڪريٽري بڻائڻ کان لاچاري ڏيکاري هئي. اسان ابتدا ۾ هُن جي ترقيءَ کان انڪار ڪيو هو، ڇو ته هُن جا مهاجر قومي موومينٽ (هاڻي متحده قومي موومينٽ) جهڙي نسلي تنظيم، جيڪا وقت تي وڳوڙ ۽ رتوڇاڻ به ڪرائيندي رهي ٿي، تنهن سان ڳنڍيل هئڻ جا لاڳاپا ثابت ٿيل لاڳاپا هئا. مونکي ياد اچي ٿو

تہ منهنجي هُن سان ٿيل آخري گڏجاڻي وڏيڪ اهم هئي. جڏهن 1996ع ۾ هُن مون کي ڪشمير لاءِ جنگي منظر بابت ڄاڻ ڏني هئي.
جنرل مشرف جي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي رستا روڪ ۽ ٻيهر چوندن ۾ ڪٽي اچڻ کان مونکي روڪڻ جي عزم ۽ جُنون جي نتيجي ۾ ملڪ اندر سياسي ادارا ڪمزور ٿيا آهن ۽ سياسي جماعتن ۽ شهري ادارن ۾ جمهوري ڍانچي جي تباهيءَ بہ ٿي آهي. گڏوگڏ هُن جي بجيٽ جي اوليتن سبب سماجي شعبي کان فوج ڏانهن فنڊ منتقل ٿيا آهن، جنهن سبب حالت اها وڃي بيٺي آهي، جو لکين پاڪستاني غربت جي ليڪ کان بہ هيٺ زندگي گذارين پيا.
اسان کي چڱيءَ ريت پتو آهي تہ جنرل مشرف کي قتل ڪرڻ جون ڪيئي ڪوششون ٿيون آهن. پر اِها اُميد ڪجي ٿي تہ هاڻي مٿس وڏيڪ ڪو حملو نہ ٿيندو ۽ اُهي رڳو ڌمڪيون ئي رهنديون. پاڪستان ۾ جٿادار جمهوريت آڻڻ جي لاچاريءَ جا خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا.
مشرف حڪومت پاڪستاني سرحدن جي اهڙن ڪيترن علائقن ۾ پنهنجي ذميداريءَ تان هٿ کڻي چُڪي آهي، جن علائقن لاءِ اُها دعويٰ ڪري ٿي، تہ اُهي علائقا حڪومت جي ضابطي ۾ اچڻ جهڙا نہ آهن. اها ڳالهہ اچرج ۾ وجهندڙ نہ آهي تہ اُساما بن لادن کي اجا نہ جهليو ويو آهي. اهو ويچار تہ پاڪستان جي اُهي وسيع علائقا ضابطي ۾ اچڻ جهڙا نہ آهن. سو پاڻ بيوقوفاڻو ۽ امن جي بحاليءَ لاءِ فوجون موڪليون هيون. هاڻي جنرل مشرف جي حڪومت دهشتگردن کي انهن علائقن ۾ حُڪمرانيءَ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. هن جي حڪومت انهن انتهاپسندن سان 'جهٽ' ٻڌيل آهي، جيڪي معصوم عورتن، ٻارن ۽ ماڻهن خلاف سڄي يورپ، آمريڪا ۽ پاڪستان ۾ جهازن، ريلن ۽ بسن جتي سازش وسيلي حملا ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪا عورت وزيراعظم سندن اهڙي ڳانڍاپي ۾ ڏار وجهي ٿي، تہ مٿس ڪمزور ۽ نااهل هئڻ جو الزام هنيو وڃي ٿو، پر هي جنرل اهو عمل ڇُوٽ سان ڪري ٿو. عورتن طرفان وڏيون ٻرانگهون ڀري اڳتي اچڻ باوجود، مرد ۽ عورت اڳواڻن جي ڪردار جي جائزي وارو ٻٽو معيار اجا بہ واضح طور برقرار آهي.
جنرل مُشرف دهشتگرديءَ خلاف جنگ جي واضح حمايت جو ڏيکاءُ ڪري ٿو، تہ جيئن واشنگٽن ۽ لنڊن جو آشيرواد وٺي سگهي. پر هُن جون پاليسيون اولهندي سرمايدار ملڪن جي دُشمنن کي بہ طاقتور بڻائين ٿيون، ۽ ڏيهہ ۾ اَسهپ ۽ پرڏيهہ ۾ اولهندي سرمايدار ملڪن ۾ سندن خلاف جنگ جي تبليغ ڪندڙ خطرناڪ سياسي مدرسا، جن تي ضابطو آڻڻ لاءِ مون وزيراعظم طور ورهيہ لڳايا، ۽ ڪجهہ موقعن تي ڪين وائکو بہ ڪيو هو، تن ۾ وري هاڻوڪي پاڪستاني فوجي آمريت تحت واڌ ٿي آهي، ۽ اُهي ڦهلجن پيا.

آئون ڀانئيان ٿي تہ، اهي هن دنيا جا ضياءَ ۽ مُشرف آهن، جن پرڏيهين خلاف نفرت ۽ پاڪستانين ۽ اولهندي سرمايدار ملڪن ۾ وجي رهندڙ پاڪستانين خلاف اڻڱي سلوڪ واريءَ سوچ کي هوا ڏني آهي. اهو اڪثر چيو وڃي ٿو تہ، چوندن کي پنهنجي قيمت چُڪائڻي پوي ٿي. نيڪ آهي، آئون اُن ڳالهہ ۾ سُڌارو آڻيندس، تہ 'فوجي بغاوتن کي بہ پنهنجو ڏنڊُ ڀرڻو پوي ٿو.' اظهار راءِ جي جمهوريت پسند روپ کي دٻائڻ سميت وڏيڪ انتهاپسند کي هوا ڏيڻ ۽ غلط واهپي ۽ اسلام جي ناقابل حمايت جوڳي تشريح سان ٻٽيل مُرڪب جا واقعي نہ رڳو پاڪستان، پر سڄي دنيا تي اثر ٿيا آهن. تنهنڪري آئون واقعي اچرج ۾ نہ آهيان تہ دهشتگرديءَ جي سمورين ڪارروائين جو سدائين پاڪستان سان ناتو ڀانئجي ٿو. اسان چو اچرج ڪئون؟ انتهاپسنديءَ کي فوجي حڪمرانن سدائين وڌايو ويجهايو، طاقتور ڀٽايو ۽ استعمال ڪيو آهي.

جيئن تہ آئون 2007ع ۾ پاڪستان ۾ غير يقيني مستقبل ۾ موٽڻ لاءِ تيار آهيان، تنهنڪري آئون مڪمل طور اُن جوکم کي سمجهان ٿي، جيڪو نہ رڳو پاڻ واسطي ۽ پنهنجي مُلڪَ لاءِ پر دُنيا لاءِ بہ آهي. آئون ڀانئيان ٿي، تہ مونکي گرفتار ڪري سگهجي ٿو. آئون اهو بہ ڀانئيان ٿي تہ آگسٽ 1983ع ۾ منيلا ۾ بينينواڪينو جي قتل جيان، مونکي بہ هوائي اڏي تي لهڻ مهل قتل ڪري سگهجي ٿو. بهرحال، القائدا مونکي قتل ڪرڻ لاءِ ڪيئي ڀيرا ڪوشش ڪئي آهي، تہ پوءِ هاڻي آئون اهو چو سوچيان تہ اُهي منهنجي جلاوطنيءَ جي خاتمي بعد، مُلڪ ۾ اچي جمهوري چوندن وڙهڻ کان روڪڻ لاءِ مونکي قتل ڪرڻ جي ٻيهر ڪوشش نہ ڪندا؟ پر آئون اهو ئي ڪجهہ ڪريان ٿي جيڪو مونکي ڪرڻو هُجي ٿو، تنهنڪري مون پاڪستان جي عوام سان ڪيل واعدي جي پوراءُ لاءِ واپس موٽي، سندن جمهوري خواهشن پٽاندر ساڻن گڏ بيهڻ جو عزم ڪيو آهي.

آئون پاڪستان جي سڀني ٻارن لاءِ جوکم کڻان ٿي.

اهو ذاتي اقتدار لاءِ نہ آهي. اهو عمل مرد ۽ عورت جي سلامتيءَ ۽ عظمت توڙي آزاديءَ ۾ رهڻ جي حق لاءِ، سادي شائستگيءَ ۽ عزت وارو آهي. ۽ هاڻي، هن خطري، انتهاپسنديءَ ۽ دهشتگرديءَ جي نئين دؤر ۾، اجا ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ لاءِ آهي. پاڪستان ۾ جمهوريت رڳو پاڪستانين لاءِ نہ، پر اها سڄيءَ دنيا لاءِ اهم آهي. منهنجي پياري مذهب جي غلط واهپي ۽ بنياد پرستيءَ واري تشريح جي دؤر ۾، اسان کي سدائين اهو ياد رکڻ کپي، تہ جمهوري حڪومتون دهشتگرديءَ کي طاقتور نٽيون ٻڻائين. تحفظ نٽيون ڏين ۽ نہ ئي دهشتگردن کي پناهہ ڏين ٿيون. فوجي آمريت کان آجو جمهوري پاڪستان ئي عالمي دهشتگرديءَ جو زهريلو ناسُور ۽ وبا هرگز نہ ٻڻبو.

تنهنڪري آئون هاڻي هڪ ٻيءَ چونڊ مُهم جي اڳواڻيءَ لاءِ جلاوطنيءَ مان موٽڻ جي رٿا ناهيان ٿي. آئون وينتي ڪريان ٿي ته، جمهوري دنيا اهو مطالبو ڪري ته جنرل مشرف آزاد ۽شفاف چونڊن جو معيار مهيا ڪري، سمورين سياسي شخصيتن ۽ جماعتن کي آزاديءَ سان چونڊن ۾ حصي وٺڻ جي اجازت ڏئي، عالمي مُشاهدو ڪندڙن کي چونڊن جو جائزو وٺڻ، ووٽ پوڻ ۽ ووٽن جي ڳڻپ جي اجازت ڏئي، ۽ وڏيءَ ڳالهه اها ته هُو چونڊن کان پوءِ آيل چونڊ نتيجن جو پابند رهي. آئون ڄاڻان ٿي ته اها ڳالهه تصوراتي، ۽ ڪنهن قدر غير تصوراتي به پائنجي ٿي، پر بهرحال انهن گذريل ورهين ڪانپوءِ، مون اڃا پنهنجو ايمان برقرار رکيو آهي ته وقت، انصاف ۽ تاريخ جون قوتون جمهوريت جي پاسي آهن.

ڪجهه ماڻهو شايد اهو نه سمجهن، ته ڪهڙو جذبو مونکي پنهنجي حياتيءَ کي هن ايڏي وڏي خطرناڪ ۽ غير سُڌريل ۽ مُبهم موڙ تي اڳتي وٺي آيو آهي. انيڪ ماڻهن گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن، ڪيئي مُئا آهن، ۽ ڪيئي ماڻهو مونکي پنهنجي آزاديءَ جي رُهيل اُمنگ سمجهن ٿا، ۽ منهنجي لاءِ اهو اهم آهي، ته هاڻي ويڙهه بند ٿي. مونکي ڊاڪٽر مارٽن ليوٿر ڪنگ جا لفظ ياد اچن ٿا: "اسان جي حياتين جي اُن ڏينهن پُڄاڻيءَ جي ابتدا ٿيڻ لڳي ٿي،جڏهن اسان اُنهن مامرن ۽ ڳالهين تي ماٺ رهون ٿا ۽ چُپ ڪريون، جيڪي واقعي اسان سان لاڳاپيل ۽ اهم هُجن ٿيون." الله ۾ مڪمل ويساهه سان آئون پنهنجو مُقدر عوام جي هٿن ۾ ڏيان ٿي.

# تصويري البم



ذوالفقار علي ڀٽو (شهيد) جو والد ۽
محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) جو ڏاڏو
سر شاهنواز ڀٽو جنهن سنڌ ۾
پهرين سياسي پارٽيءَ جو بنياد وڌو



شهيد ڀرپور جوانيءَ وارن ڏينهن ۾



ننڍڙي بينظير، پنهنجي ماءُ بيگم
نصرت ڀٽو جي هنج ۾



محترمہ بينظير ڀٽو سندس والدہ بيگم نصرت ڀٽو ۽ صنم ڀٽو۔
جڏھن ضياءَ دور ۾ محترمہ کي پيءُ جي شاديءَ تي وقتي آزاد ڪيو ويو



شاھنواز ڀٽو (شهيد)



مير مرتضيٰ ڀٽو (شهيد)



شهيد ڀٽو ۽ بيگم نصرت ڀٽو چين جي انقلابي رهنما چو اين لاءِ سان
ساڻن گڏ ٻيئل ٻار: بينظير ڀٽو مير مرتضيٰ ڀٽو شاهنواز ڀٽو ۽ صنم ڀٽو



محترمه بينظير ڀٽو هندستان جي وزيراعظم مسز اندرا گانڌيءَ سان هٿ ملائيندي
(فوٽو: 1972ع هندستان)



آمر جنرل ضياءَ جي دور ۾ بيمار بيگم نصرت ڀٽو پنهنجي ڌيءَ صنم ڀٽو
سان گڏ علاج لاءِ لنڊن روانگي ٿيڻ کان اڳ ايئرپورٽ تي



ضياءَ جي آمراڻه دور هلندي جڏهن بيگم نصرت ڀٽو ۽ محترمه
بينظير ڀٽو (شهيد) لاهور ۾ ڪرڪيٽ ڏسڻ ويون ته ماڻهن
سندن ڀرپور آجيان ڪئي، جنهن تي مجرجي، حڪمرانن جي
چشيءَ تي پوليس عوام مٿان تشدد ڪيو. وچ ۾ پوڻ تي بيگم
نصرت ڀٽو پڻ زخمي ٿي



جڏهن آمر ضياءَ چونڊون ملتوي ڪيون ۽ محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) کي
وري گرفتار ڪيو ويو



برصغير جا ٻه جينئيس: ذوالفقار علي ڀٽو ۽ اندرا گانڌي (فوٽو: 1972ع هندستان)



محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) جلاوطنيءَ دوران واشنگٽن ۾
سينيٽر پيل سان ملاقات ڪندي



شهيد ڀٽو، پنهنجي حڪومت وارن ڏينهن ۾،
عوام ۽ اخباري نمائندن جي گهيري ۾



شهيد ڀٽو آمر ضياءَ دور ۾ مڙهيل قتل ڪيس ۾ پوليس پهري اندر
ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ لاءِ ويندي



جڏهن آمر ضياءَ جي دور ۾ محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) جي نظربنديءَ جو مدو پورو ٿيو ته پاڻ شهيد ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀرڻ لاءِ ٽرين رستي لاڙڪاڻي پهتي ۽ هر اسٽيشن تي عوام جا انبوهه سندس آجيان لاءِ هن طرح منتظر هيا.



مير مرتضيٰ ڀٽو (شهيد) ۽ شاهنواز ڀٽو (شهيد)
پنهنجي والد ذوالفقار علي ڀٽي (شهيد) جي حياتي بچائڻ لاءِ
بين الاقوامي مهم دوران لنڊن ۾ احتجاج جي اڳواڻي ڪندي



محترمہ بينظير ڀٽو (شهيد) جي جيپ تي 1987ع ۾ ٿيل حملي خلاف
احتجاج ڪندڙن تي پوليس جو تشدد



آمر ضياءَ جي دور ۾ جڏھن احتجاج ڪندڙ پ پ جي ڪارڪنن
۽ عوام مٿان سرعام ڪوڙا ھڻڻ وارو عمل عام ھيو




آمر ضياءَ جي دور ۾ 1983ع ۾ شاھديءَ جي قانون (عورت جي شاھدي مرد جي
اڌ برابر آھي) خلاف احتجاج ڪندڙ عورتن مان ھڪ تي تشدد جو منظر



قائد عوام لکين ماڻھن جي جلسن کي خطاب ڪندي



محترمہ بينظير ڀٽو (شهيد) آمر ضياء جي دور ۾ نظربندي پوري ٿيڻ شرط عوام سان رابطي لاءِ نڪتي تہ ھر ھنڌ عوام جي سمنڊ سندس آجيان ڪئي



محترمه جڏهن 1986ع جلاوطني ختم ڪري لاهور ايئرپورٽ تي لٿي ته ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لکين ماڻهن جو سمنڊ سندس آجيان لاءِ اُٿلي پيو




پنهنجي شهيد ڀاءُ شاهنواز ڀٽي جي مزار تي حاضري ڀريندي.
جنهن کي زهر ڏئي قتل ڪيو ويو



شهادت بعد جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جو مڙهه اباڻي قبرستان
ڳڙهي خدا بخش ۾ دفنائڻ لاءِ آندو ويو ته فقط چند ماڻهن کي
سندس جنازي جي نماز ۾ شرڪت جي اجازت ملي



محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) پنهنجي پيءُ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو
جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهيندي



پنهنجي ور آصف علي زرداريءَ سان گڏ شاديءَ وارن ڏهاڙن ۾
(فوٽو: 1987ع)



محترمه پنهنجي ور آصف علي زرداري سان گڏ
پنهنجي پهرينءَ حڪومت جي خاتمي کان پوءِ



آڪسفورڊ جي شاگرديءَ وارن ڏينهن ۾ پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ سان



محترمه: هڪ آرٽسٽ جي نظر ۾



پارٽي قيادت سنڀالڻ کان پوءِ سنڌ سان اڻ ارادي اڳيان وقت جو آمر ضياءُ الحق نيٺ نابود ٿي ويو



محترمه ننڍيءَ عمر ۾ پارٽي قيادت سنڀالي ته هن سنڌ جاڻيءَ پارٽيءَ لاءِ
صدين تائين مسڪين ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ جوڙي ڇڏي




محترمه پارٽي منشور جو پرچار ڪندي



محترمه اليڪشن ۾ پنهنجو ووٽ وجهندي



محترمه پنهنجي استقبال لاءِ آيل عوام کي ڀليڪار ڪندي



محترمه وزيراعظم طور قسم کڻندي



محترمه ، پنهنجي ماءُ بيگم نصرت ڀٽو سان گڏ



محترمه جي هڪ يادگار تصوير



عوام جو محبوب اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو (شهيد)



محترمه پنهنجي پيءُ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قبر تي دعا گهرندي



مشرق جي ڄائي



مارئي ملير جي



محترمه ڪنھن گھري سوچ ۾ ٻڏل



محترمه بينظر ڀٽو ھڪ مشرقي عورت جو مثالي روپ



محترمه بينظير ڀٽو (شهيد) غريب عوام جي ڏکن ڏولاڻن تي فڪرمند




محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي استقبال لاءِ آيل عوام کي ڀليڪار چوندي



محترمه جي هڪ يادگار تصوير




محترمه بينظير جڏهن ڪنوار هئي




شاديءَ واري ڏينهن پنهنجي ور آصف علي زرداريءَ سان



ماڻهن پنهنجي پسنديدي منهنجي شادي 18 ڊسمبر 1987ع تي آصف زرداريءَ سان
ڪرائي. عوامي دعوت ۾ ڪ لک ماڻهو شريڪ ٿيا. جن تي جمهوريت پاڻي خوشيون
ملهايون. پيپلز پارٽي لاءِ عوام جو اهو پيار، پنهنجائپ ۽ طرفداري آصف جي پهرين
آزمائش هئي(ڪتاب ۾ ڏنل فوٽو بابت سنڌس ئي لکيل لفظ ڪتيل)



بلاول، آصف ۽ بختاور پنهنجي امڙ جي پاسن



پيءُ جي هٿ ۾ ڌيءُ، ماءُ ڏانهن گهوريندي




محترمه بينظير ڀٽو سڄيءَ دنيا ۾ پنهنجي ليڪچرن ذريعي
پنهنجي ڏاهپ جي ڌاڪ ۽ هاڪ مڃائي



عورتن سان هٿ ملائيندي ۽ مسڪرائيندي



محترمه ، برطانوي راڻي ايلزبيٿ سان هٿ ملائيندي



محترمه بينظير ڀٽو (شهيد)، سونيا گانڌي سان هٿ ملائيندي
2001ع جڏهن سونيا انڊين پارليامينٽ جي گڏيل اپوزيشن ليڊر هئي ۽
محترمه پاڪستان جي وزيراعظم



فلسطيني اڳواڻ صدر ياسر عرفات ۽ آصف علي زرداري ڀاڪر
پائيندي، جڏهن ته سندن پر ۾ بيٺل محترمه بينظير ڀٽو مسڪرائيندي



پنهنجي وقت جون ٻه ناميارين وزيراعظم عورتون: مارگريٽ ٿيچر ۽
محترمه بينظير ڀٽو (شهيد)



محترمه بينظير ڀٽو ۽ اڳوڻو آمريڪي صدر سينيئر بش



محترمه بينظير ڀٽو ۽ اڳوڻو آمريڪي صدر بل ڪلنٽن